

عرفات کان فلسطين تائين

اينڊريو گاورس
ٽوني واڪر

سنڌيڪار
اسلم خواجه

Sindhica
سنڌيڪا

عرفات کان فلسطين تائين

اينڊريو گاورس


۽

ٽوني واڪر

سنڌيڪار

اسلم خواجه

Sindhica
سنڌيڪا



كتاب نمبر

16

كتاب جو نالو: عرفات کان فلسطين تائين
ڇاپو پهريون: سيپٽمبر 1993ع
سنڌيڪار: اسلم خواجه
ڪمپوزنگ: امتياز چانڊيو
ڇپيندڙ: آزاد ڪميونيڪيشنز ڪراچي
فون: 7737290
ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي

ملهه: 120 رپيا

'ARFAT KHA'N FALSTIN TAEIN'
Written by: Andrew Gowers & Tony Walker
Frist Edition September 1993
Transleted by: Aslam Khuwaja
Printed at Azad communications
Karachi- 74400- Ph: 7737290
Publised by: Sindhica Academy
Karachi- 74400- P.O Box No. 7363

Rs: 120

لکڻ لاءِ
سنڌيڪا اڪيڊمي
پوسٽ باڪس نمبر: 7363
ڪراچي 74400

سٿاءُ

پبلشر پاران	5
مهاڳ	7
اهم شخصيتون	12
اصطلاحن جي سمجهاڻي	14
واقعن جي تاريخوار جدول	17
تمهيد	21
حصو پهريون	
1- مسٽر فلسطين	25
2- جدوجهد	47
3- ڌاڪو ڄمائڻ	76
4- خوني تڪرار	101
5- بليڪ سيپٽمبر	124
حصو ٻيو	
6- وڇايل آدرش	155
7- گوريلو سفارتڪار	173
8- لبناني ڌٻڻ	192
9- آمريڪي چانئٺ تي	215
10- بچاءُ ڏانهن	228
حصو ٽيون	
11- اڳرائي	255
12- آزادي جي ويڙهه	282
13- هيهر اُيار	303
14- بي ميل جوڙ	317

حصو چوٿون

15- انتقاده 341
16- آزادي 364
17- غلط سواري 383
18- غرقابي 409

پڇاڙي

عظيم فريبي 438

ضميمو I

ياسرعرفات ۽ فلسطيني مزاحمت جو آئيندو 455

پبلیشر پاران

آزاد فلسطين جي لاءِ مرحليوار خودمختياريءَ جو سيپٽمبر ٩٣ وارو معاهدو قومن جي مستقبل جي حوالي سان هن صديءَ جو انقلاب روس کان پوءِ سڀ کان اهم واقعو آهي. ڪالهه تائين محمود درويش جنهن فلسطين لاءِ جهونگاريو پئي تہ:

”جاڻان ٿو تہ، آءٌ مارجي ويندس،

جاڻان ٿو تہ، هڪ هارايل ويڙهہ ۾ قسمت آزمائي ڪري رهيو آهيان.

ڄاڻان جو اها آئيندي ڪاڻ لڙائي آهي.

جاڻان ٿو تہ دنيا جي نقشي تي فلسطين جو نالو اڃان گهڻو ڏور آهي.“

اڄ آزاد فلسطين جي لاءِ پيڙهہ جو پٿر رکجي چڪو آهي ۽ انهيءَ جو سهرو جيترو فلسطيني عوام جي مٿان آهي، اوتروئي ياسر عرفات جي مٿان. هي ڪتاب ويهن سالن کان وٺي عالمي سياست جي اسٽيج تي مسلسل سگهارو ڪردار ادا ڪندڙ تاريخ جي ان طلسماتي، سڀ کان وڏيڪ مؤثر شخصيت جي فلسطيني انقلاب جي حوالي سان جيون ڪٿا آهي.

هي ڪتاب يورپ جي ٻن صحافين جي فلسطينين جي تحريڪ متعلق ١٢ سالن جي تحقيقاتي اسٽوري آهي جنهن ۾ هنن فلسطيني انقلاب جي سوين شخصيتن جا انٽرويو ڪيا آهن، پنهنجا مشاهدا بيان ڪيا آهن ۽ تحريڪ ۽ ان جي قيادت جي منظم ۽ ڪمزور پهلوئن کي نروار ڪيو آهي. ان لحاظ کان هي ڪتاب دنيا ۾ هلندڙ قومي آزاديءَ جي ٻين تحريڪن لاءِ ذهنن کي جهنجهوڙيندڙ ۽ پنهنجي پرڪارن جو جائزو وٺڻ تي آماده ڪندڙ آئيني وانگر آهي.

سنڌيڪا اڪيڊمي جي ڪوشش رهي آهي سنڌ جي ماڻهن کي علم ڄاڻ ۽ شعور جا ڪتاب پرپور ۽ وقتائتا ڪري پهچائجن. نئون عالمي نظام ڪتاب کان پوءِ هي اڪيڊمي جو بين الاقوامي سياست تي ٻيو ڪتاب آهي جيڪو اميد تہ پڙهندڙن وٽ مان ماڻيندو.

اسان ڪتاب جي مڪمل ترجمي کان علاوه هن ۾ ٽي ضميما شامل ڪيا آهن، جيڪي فسطيني جدوجهد جي متعلق موجوده حالتن تائين ڄاڻ ڏين ٿا. محترم رئوف نظاماڻي جولاءِ ٩٣ ۾ ان وقت جي صورتحال تي مضمون لکي ڏنو، جنهن لاءِ سنڌس ٿورائتا آهيون. محترم علي احمد رند جو مضمون جاڳو تان سنڌس ٿورن سان هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو آهي.

نور احمد ميمڻ

چيئرمين

سنڌيڪا اڪيڊمي

مهاڳ

١٦ جون ١٩٨٩ع تي تيونس جي پسگردائيءَ ۾ سمونڊ اڌو هوليندڙ پکين ۽ وڻن ٽڻن سان گهيريل هڪ ڪشادي گهر جو ڏيک آهي. سگهاري پٽ ۽ فلسطيني گوريلن جي پهري ۾ اسين اُهو ڪجهه ڪري رهيا آهيون، جيڪو تيونس جي ننڍاڪڙي گاديءَ واري شهر ۾ اسانجو معمول بڻيل آهي: ياسر عرفات جو اوسيئڙو. ۽ هاڻ لڳي ٿو ته اسين اُڪري پار پيا آهيون. ڪيترين ئي راتين کان ياسر عرفات جي ٽيليفون جي اڻ- ڏسائين انتظار ڪانپوءِ اسان کي تيونس ۾ پي- ايل- او جي سفير جي گهر فقط ڪجهه منٽن جي نوٽيس تي گهرايو ويو هو. فلسطين جي آزاديءَ جي تنظيم جي چيئرمين ۽ فلسطيني رياست جي صدر ياسر عرفات اسان کي مانجهاندي جي نينڊ ڏني هئي.

عرفات، هميشه جيان دير پئي ڪئي، ۽ انهيءَ دير اسان کي ٻين مهمانن جو جائزو وٺڻ جو موقعو ڏنو. اُهي پي- ايل- او ۾ متضاد سوچن جي نمائندگي ڪندڙ آهن: اِتي ابوالعباس طور سڃاتو ويندڙ پريل ٻُت وارو محمد زيدان موجود آهي، جيڪو پي- ايل- او جي ان ننڍڙي گروهه جو اڳواڻ آهي، جنهن ١٩٨٥ع ۾ يونچ سمنڊ مان 'آچيلي لائرو' ساموڊي جهاز جي اغوا سميت، شهري آبادين تي وحشياڻن حملن ذريعي چڱو خاصو نالو ڪڍيو هو. ڪمري جي ٻي ڪُنڊ ۾ لبنان ۾ عرفات جو متنازعه فوجي ڪمانڊر حاج اسماعيل موجود آهي. پي- ايل- او جي پيشيور سياستڪارن، فلسطيني سفارتڪارن-، ۽ عرفات جي اڪ- اشاري تي پنهنجو پاڻ ارپڻ وارو هيءُ ميڙ، عربي سنگيت جي سُرن ۾ ڪنهن پُرسڪون اوپيرا جو ڏيک ڏيئي رهيو آهي، جنهن جي مرڪزي ڪردار لاءِ جڻ هر ڪو اوسيئڙي ۾ هجي.

پرڏيهين ۾ به ڪا هڪجهڙائپ نظر نٿي اچي، هڪ پاسي، ١٩٨٦ع کان لبنان ۾ 'حزب الله' هٿان يرغمال ٿيل برطانوي صحافي جان ميڪارٿيءَ جي هڪ دوست جِل موريل وينڊل آهي؛ هوءَ ميڪارٿيءَ جي آزاديءَ لاءِ عرفات کان مدد حاصل ڪرڻ آئي آهي. جڏهن ته اسين، پي- ايل- او بابت ڪتاب لکڻ واري پنهنجي رٿا تي خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ آيا آهيون. عرفات جي هڪ ترجمان اسان کي هدايو ته اسانجو ڪتاب انهيءَ موضوع تي مختلف ٻولين ۾ لکجندڙ ستونجاهه ڪتابن مان هڪ هوندو.

اوچتو ٻاهر ڪارن جو گوڙ ٿئي ٿو، هڪ ٻئي پويان دروازا کلن ٿا، ننڍڙي قد ۽ پريل ٻُت وارو، خاڪي يونيفارم ۽ ساڳي رنگ جي جنگي ٽوپيءَ پاتل هڪ

شخص پهريدارن جي گهيري ۾ ڪمري اندر داخل ٿو ٿئي. عرفات پي- ايل- او جي ساٿين سان ڳراٽيون پائي، چميون ڏيندي ۽ پرڏيهي مهمانن جو گرمجوشيءَ سان آدرياءُ ڪندي پنهنجي آوت جو اعلان ٿو ڪري. "سو توهان پي- ايل- او بابت ڪتاب لکڻ ٿا چاهيو؟." هو مٿي تان ٽوپي لاهيندي ۽ پنهنجي بلڪل گنجي مٿي تي هٿ ڦيريندي، ويهڻ شرط ڳالهائڻ شروع ٿو ڪري، "ڪهڙي قسم جو ڪتاب ٿا لکو؟ گهڻا صفحا هوندس؟ توهان کي تہ انسائيڪلوپيڊيا جي ضرورت پوندي! نہ نہ، هڪ نہ پر انيڪ انسائيڪلوپيڊيائن جي ضرورت پوندي." پوءِ، هڪدم جل موريل ڏانهن چهري تي مُرڪ آڻي ڏيان ٿو ڏي، "مون پنهنجي فوجي ڪمانڊر کي چئي ڇڏيو آهي تہ هو حزب الله سان رابطو ڪري ۽ معلوم ڪري تہ سندس گهر ڇا آهي؛ معاملو جيڪڏهن رڳو ڏوڪڙن جو آهي تہ پوءِ اِها رقم آءٌ پاڻ ڏيندس." پوءِ فاتحاڻي انداز ۾ اسان ڏانهن موٽ ٿو ڪائي: "ڏٺو لبنان مان اسان جي نڪرندي ئي اِهو ڪجھ پيو ٿئي، اِهي واهيات ٽولا.:. جيستائين آءٌ اُتي هئس تہ اهي مٿي ڦريل منهنجي هٿ وس هئا. توهين پنهنجي ڪتاب ۾ اِهو ضرور لکجو!."

۽ اهو مظاهرو جاري ٿو رهي. راهن ۾ نيڻ وڇائيندڙ اسانجي ميزبان ياران ڪارايل روايتي فلسطيني طعامن واري مانجهاندي ۽ پر واري لائونج ۾ ماڪيءَ سان مٺي ڪيل چانهہ جي دور تي؛ عرفات وچ اوير جي ڳجهين ڳالهين بابت پنهنجي جاڻ جو مظاهرو ٿو ڪري. ڪيس لبنان مان هڪ رپورٽ ٿي ملي تہ حزب الله سان رابطو ڪيو ويو آهي، هو پنهنجي هڪ مددگار جي آندل گشتي فون تي ٿو ڳالهائي. هو مصر ۽ نار ۾ گهاريل پنهنجي شروعاتي زندگيءَ جون ڪٿائون ٿو ٻڌائي. ڪارين ۽ اڇين پٽين واري پنهنجي مشهور رومال کي چگي طرح مٿي تي ٻڌي، هو جل موريل ۽ سندس ساٿين سان تصوير ٿو ڪيرائي- ۽ پوءِ، اسانجي رڻا لاءِ اتساهيندڙ لفظ ڳالهائڻ ۽ رات جو تفصيلي انٽرويو ڏيڻ جو واعدو ڪري موڪلائي ٿو. ڦيٽن جا چرڙاٽ ۽ پوليس سائرن جا آواز فضا ۾ گونجن ٿا.

مختصر طور تي، هيءُ آهي ياسر عرفات: سازشي، ناٽڪي ۽ چرپاڻ، جنهن جي اندر مان ڪا ڳالهہ ڪڍڻ تقريباً اڻٿيڻي آهي. هيءُ ڪتاب، پاڻکن لاءِ پڙدي جي پويان واري چهري تائين پهچڻ ۽ ان جي اُپٽار ڪرڻ جي هڪ ڪوشش آهي تہ، معمولي چهري وارو هيءُ شخص ڪهڙي ريت دنيا جي اسٽيج تي اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي.

شروع ۾ ڪجھ اڻ- دعوائي ڳالهيون تہ هيءُ ڪتاب ڇاجي بابت ناهي: هڪ ڳالهہ طئي آهي تہ هيءُ ڪتاب، بنان ڪنهن تڪلف جي، پي- ايل- او ۽ فلسطيني قومپرستي جو ڳوڙهو اپياس ناهي. ان لاءِ يقيناً هڪ انسائيڪلوپيڊيا جيتري گنجائش گهرجي. اسان کي اميد آهي تہ اسانجي هيءَ ڪاوش وچ اوير لاءِ عام طور تي ۽ فلسطين بابت خاص طور تي پيشيور دلچسپي رکندڙن لاءِ ڪارائتي ثابت

ٿيندي. اسان تاريخي رڪارڊ تي ڀروسو ڪرڻ ۽ هر ممڪن هنڌ تي ان کي چڪاسڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڀني ڪئي آهي. پر پي- ايل- او بابت هڪ عملي ڪم جو ذمو اسين انهن تي ئي ٿا وجهون جيڪي اسان کان وڌيڪ ڄاڻون آهن.

جيتوڻيڪ هن ڪتاب ۾ انهن واقعن جو وڌيڪ تفصيل ۽ اُپٽار آهي، جن ۾ عرفات پنهنجي سر شامل رهيو آهي، پر هيءُ عمومي آتم ڪهاڻي ناهي. هن ۾ فلسطينين پاران سڏجندڙ سندن 'انقلاب' جي اوسر ۾ ياسر عرفات جي ڪردار بابت سڌي سنئين ڄاڻ آهي ۽ پنهنجي وچايل ماتريومي ٻيهر حاصل ڪرڻ لاءِ جلاوطن فلسطينين جي قومي تحريڪ جو سربستو احوال آهي. اهو تفصيل عرفات جي اوائلي زندگيءَ دوران قاهره ۾ شاگرد اڳواڻ ۽ نار ۾ روپوش سرگرم ڪان وٺي، ويهن سالن کان وڌيڪ عرصي تائين پي- ايل- او جي چيڙاڪ اڳواڻ واري حيثيت ۾، ساڻس پيش ايندڙ اهم واقعن: اسرائيل کي تسليم ڪرڻ ڏانهن وڌڻ ۽ ڊسمبر ١٩٨٨ع ۾ دهشت گردي تان هٿ ڪڻڻ، ٩١ -١٩٩٠ع دوران نار گهوٽالي ۾ صدام حسين لاءِ سندس حمايت ۽ هاٿوڪن ڏينهن ۾ سندس غيريقيني صورتحال سان لاڳاپيل آهي. مختلف اهم شخصيتن کان ورتل سوين ڪلاڪن جي انٽرويوئن مان اسان ڪوشش ڪئي آهي تہ افسانويت کان مٿيرين ڪجهہ حقيقي ۽ درست ڳالهيون هٿ ڪجن؛ سڀ کان وڌيڪ اهو تہ اسان جديد دنيا جي انتهائي غيرمعمولي ۽ سياسي طور تي بچي سگهجندڙ ڪجهہ شخصيتن مان هڪ جو پورٽريٽ چٽڻ جي پنهنجي وسان هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي.

پي- ايل- او جي تاريخدانن ۽ عرفات جي آتم ڪهاڻي لکندڙن کي جيڪا هڪ اهم ڏکيائي ضرور ڏسڻي پئي هوندي، اُها آهي عرفات جي پنهنجي سر ڳجهي فطرت. عرفات سچ پچ اسانجي تحقيق ۾ چڱي خاصي مدد ڪئي ۽ ان بابت ڪا بي راءِ ٿي نٿي سگهي، پر جيستائين اسانجو ٻين ماڻهن سان ڪيل انٽرويوئن جو تعلق آهي تہ سندس متعلق بنيادي ڄاڻ بہ ملڻ محال هئي. پي- ايل- او جا اڳواڻ سندس ڪيريئر يا سندس ذات بابت تمام ٿورڙي ڄاڻ ٿا ڏين ۽ سندس متعلق انڪشافاتي ڳالهين جي ڪنهن بہ ذريعي وٽان خاطري بہ نٿي ٿي سگهي. ايستائين جو سندس ڄمڻ واري هنڌ جي تعين کان وٺي، وچ اوڀر جي اڳواڻن سان سندس سياسي ميل تائين جهڙا نقطا پڻ عرفات جي روايتي ديومالائي ڪردار جو شڪار بڻيل آهن.

اسانجو ڪم انهيءَ تہ پويان تہ چڙهيل شخصيت کي ڪنهن حد تائين قلهورڻ هو، ان ڪري ئي اسان گذريل ويهن سالن يا ان کان وڌيڪ عرصي کان عرفات سان ڪنهن بہ ريت ٿورڙو تعلق رکندڙ ماڻهو سان ڳالهائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي. قاهره، يروشلم ۽ غزه ۾ اسان سندس ڪٽنب جي ڀاتين سان انٽرويو ڪيا. مصر ۽ نار ۾ اسان انهن فلسطينين جي ساروڻين کي ورجائڻ

جي ڪوشش ڪئي، جيڪي شروعاتي سالن ۾ قومي تحريڪ ۾ شامل هئا، شام ۽ اردن ۾ اسان پي- ايل- او اڳواڻ جي حامين ۽ مخالفن سان ڪچهريون ڪيون، تيونس ۾ اسان اٺڳڻيا ڪلاڪ عرفات جي ويجهن ساٿين جي سنگت ۾ گذاريا. اسرائيل، آمريڪا ۽ يورپ ۾ اسان انهن عملدارن جو انت وٺڻ جي ڪوشش ڪئي، جن لاءِ ياسر عرفات فقط هڪ دشمن جي حيثيت رکي ٿو. انهن مان ڪن اسان کي پنهنجا نالا ظاهر نہ ڪرڻ جي خواهش ڏيکاري، باقين جا نالا ۽ حوالا مواد ۽ حاشين ۾ شامل آهن. انهن سمورن اسانجي توقع کان وڌيڪ پنهنجي املهہ وقت جو ڳپل حصو اسانکي ڏنو، جنهن لاءِ اسين انهن جا ٿورائتا آهيون.

خاص طور تي بہ اهڙا فلسطيني آهن، جن جي سهڪار کان سواءِ هيءُ ڪتاب مڪمل ٿيڻ ناممڪن هو. اهي، جنوري ١٩٩١ع ۾ پنهنجي قتل ٿائين عرفات جو ساٿو هٿ: 'صلاح خلف' ۽ سينيئر صلاحڪار 'نبيل شعث' آهن، جن پنهنجو تمام گهڻو وقت اسانکي انهيءَ جدوجهد جي ڏاڪي بہ ڏاڪي ارتقا بابت پنهنجي نقطہءِ نظر هڏائڻ ۾ صرف ڪيو. سندن سهڪار ۽ پنهنجي نقطہءِ نظر جي بنان ڪنهن هٻڪ جي اظهار لاءِ اسين سندن ٿورائتا آهيون.

ٻيا فلسطيني جن اسان لاءِ پنهنجو قيمتي وقت سيڙايو: انهن ۾ فاروق قدومي، جارج حباش، خالد الحسن، هاني الحسن، ياسر عبدالربُّ، باسل عقيل، منيب المصري، جمال سوراني، جاويد الغصين، ابراهيم بڪر، فتحي عرفات ۽ ٻين مائٽن ۾ سندس سوٽ اُم محمد، جميل هلال، سليمان نجلّب، عبدالله حوراني، عبداللطيف ابوحجلہ، زُهيرالعلمي، محمد ملهم، فيصل الحسيني، ساري نسيبہ، حنا سنيورا، صائب عريقات، بشير برغوتي، محمد صبيح، احمد قورائي، عمادالشاخور، محمد النلطور، رفيق النتشي، اسد عبدالرحمان، ابراهيم ابو عياش، ممدوح نوفل، احمدصدقي داجاني، محمد عبدالميزار، محمد سيد موسيٰ مراغا، محمد همزه، ليليٰ شهيد، مغوب عمر، خالد فهوم، صخر ابونزار، عباس ذڪي، بهجت ابو غربيا، انتصارالوزير، احمد عبدالرحمان، سميع مسلم، بسام ابو شريف، الان هليقي، يعقوب ديواني، قيس السمرائي، ابوعلي مصطفيٰ، ابو دائود محمد عوده، عبدالله فرنجي، سعيد ڪمال، عفيف صفيہ، عبدالمجيد شومان، سليم زعنون، عوني بطاش، ذڪريا عبدالرحيم، احمد خالدي؛ پروفيسر ايدورڊ سعيد، پروفيسر وليد خالدي ۽ فوجي تاريخدان يزيد الصايغ شامل آهن.

اسرائيل مان جنرل احرون ييرئيوِ ۽ جنرل اوراهام تمير ۽ ڊيوڊ ڪِمچي اسان کي خاص هدايتون ڏيندڙن ۾ شامل آهن، جڏهن تہ يوري ايونيري، يوري ملستين، شلومو ايونيري ۽ ڊيوڊ ٿيل وقت سيڙائي، پنهنجن مشورن سان اسانجا مدد گار بڻيا. مصر ۾ تحسين بشير، عصمت، عبدل مخيض، محمد رياض، احمد بهاءُ الدين، احسان بڪر، سليم عيسيٰ، سر جيمس آرمس ۽ محمد حسنين هيڪل اسان لاءِ ڄاڻ

۽ صلاحن جا سمونڊ رهيا. ساڳي ريت اردن ۾ طاهرالمصري، مروان القاسم، زيد الرّفائي، جمال شاعر ۽ ماشور حديثہ الجازي هئا. واشنگٽن ۽ نيويارڪ ۾ سائرس وانس، رچرڊ مرفي، الفرڊ ائٿرٽن، جوئي سسڪو، ٽيلڪوٽ سيليئي، جان ايڊون مروز، نڪولس وليوٽس، رچرڊ وئيس، برائن يورقو هارٽ، جئيفري ڪيمپ، رينٽا هائوزر ۽ وليم قوانڊٽ اسانکي ڪيترين ئي املھ ڳالهين ڏسيون ۽ ساڳي ريت يورپ ۾ جنرل ويرنن والٽرس، اينڊرس بجرنر ۽ لخدر براهيمي، تيونس ۾ رابرٽ پيليٽريو ۽ اسٽيفن بي، سدائين مددگار ۽ ٻاجهارا رهيا.

هن ڪتاب جي تياريءَ ۾ اسانجي ساٿي محققن جيهان الطاهري، شاهره ادريس ۽ عفرت شولڳ جو پڻ وڏو هٿ آهي، جن اسان پاران تيونس، قاهره ۽ يروشلم ۾ محنت ڪئي. سلمان خالديءَ ڪويت ۾ اسانجي تمام گهڻي مدد ڪئي، جڏهن تہ البرٽ آغازيرين، زيد ابوامر ۽ مهدي عبدالهادي يروشلم ۽ غزه ۾ اسانجا مددگار بڻيا، ۽ خاص ٿورا اسانجي دوست ۽ فنانشل ٽائيمز جي ساٿي ليمس اينڊونيءَ جا، جنهن اسان جا ڪيترائي انٽرويو ڪيا ۽ اسانکي قيمتي مشورا پڻ ڏنا.

فطري طور تي ڪتاب ۾ ڪيل نتيجا، وضاحتون ۽ غلطيون مڪمل طور تي اسانجي ڪاتي ۾ آهن ۽ اسين انهن متعلق مڪمل ذميواري پنهنجي سر کڻون ٿا.

اسين پنهنجي ايڊيٽرن، فنانشل ٽائيمز جي سر جئيفري اوون ۽ رچرڊ ليمبرٽ ۽ 'دي ايج' جي ڪرنگٽن برنس ۽ مائيڪل سمٿ، جن ايڏي، وقت سيڙائيندڙ اسانجي رٿا تي پنهنجي شفقت جو مظاهرو ڪيو، ڊبليو ايچ- ايلن ۽ اسان جي ايڊيٽر ڪِل گبنس، جنهن پنهنجو نور نچوئي مسودي کي پڙهيو، بي- بي- سيءَ جي انٿوني جنهن ۾ سندس ٽيم، جنهن عرفات بابت پنهنجي دستاويزي پروگرام ۾ شامل مواد ۽ تصويرون اسان کي تحقيق لاءِ ڏنيون ۽ پنهنجين زالن فنولا ۽ سوزان جي ٿورن جا ٻاڻ ڪي قرضي سمجهون ٿا جن اسانجي ٻگهي غيرحاضري ۽ مختلف موڊن کي برداشت ڪيو. اسين پروفيسر البرٽ حوراني ۽ فنانشل ٽائيمز ۾ پنهنجي ساٿي رابرٽ گراهم جا پڻ ٿورائتا آهيون، جن اسانجي مسودي جي اپياس ۾ پنهنجو وقت سيڙايو ۽ پنهنجا سونهري مشورا ڏنا. اسين خاص طور تي ٿورائتا آهيون، هيمبرگ ۾ اسانجي مدد ڪرڻ ۽ قرب ونڊڻ تي والٽر ۽ ريندا هيلفر جا. آخر ۾ اسين قبرص جي ڳوٺ توڪنيءَ ۾ پنهنجن دوستن مائيڪل ۽ ارٽمس اناستاسيءَ جا پڻ ٿورائتا آهيون، ڪتاب جي پهرين ۽ نظرثاني ڪيل مسودن کي توڪنيءَ ۾ ئي لکيو ويو ۽ اِهو سندن ئي قرب هو، جنهن ڪري اسين انهيءَ منصوبي جي ڏکين گهڙين مان اُڪري پار پياسين.

اينڊريو گاورس

۽

ٽوني واڪر

توڪني (قبرص)
مئي ١٩٩١ع.

اهم شخصيتون

محمود عباس (ابو مازن): فتح جو شروعاتي ميمبر، جنهن جو پي- ايل- او ۾ اسرائيلي ڪابي ڌر وچ ۾ لاڳاپا وڌائڻ ۾ اهم ڪردار رهيو.

ياسر عبدالربُّه (ابوبشر): فلسطين جي آزاديءَ لاءِ جمهوري محاذ (D.F.L.P) جو نائب اڳواڻ، عرفات جو صلاحڪار.

بسام ابوشريف (ابوعمر): عرفات جو صلاحڪار، پي- ايف- ايل- پيءَ جو اڳوڻو ميمبر.

ياسرعرفات (ابوعمار): فلسطين جي آزاديءَ لاءِ تنظيم (P.L.O) جي ايگزيڪيٽو ڪميٽيءَ جو چيئرمين، پي- ايل- او جي سڀ کان وڏي گروپ 'فتح' جو اڳواڻ، فلسطيني رياست جو صدر.

حافظ الاسد: ١٩٧١ع کان هيل تائين شام جو صدر.

صبري البانا (ابوندال): فتح جو باغي ۽ يورپ ۾ ڪيترن ئي دهشتگرد حملن جون رٿائون جوڙيندڙ.

منهام بيگن: اسرائيلي وزيراعظم، ١٩٧٧ع کان ١٩٨٣ع تائين.

فهد بن عبدالعزيز: سعودي عرب جو بادشاهه، ١٩٨٢ع کان هيل تائين.

فيصل بن عبدالعزيز: ١٩٦٤ع کان ١٩٧٥ع تائين سعودي عرب جو بادشاهه.

سليمان فرنجي: ١٩٧٠ع کان ١٩٧٦ع تائين لبنان جو صدر.

جارج حباش (الحڪيم): ڪابي ڌر جي پي- ايف- ايل- پيءَ جو سربراهه ۽ عرفات جو پي- ايل- او ۾ روايتي مخالف.

هاني الحسن (ابوطارق): عرفات جو صلاحڪار ۽ خاص ايلچي، جرمنيءَ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ دوران 'فتح' ۾ شامل ٿيو.

خالد الحسن (ابوسعيد): هانيءَ جو وڏو ڀاءُ، فتح جو شروعاتي ميمبر، عرفات جي صدارت هيٺ پي- ايل- او جو پهريون پرڏيهي وزير ۽ اهم اعتدال پسند اڳواڻ.

نايف حواتمه (ابوالنوف): فلسطين جي آزاديءَ لاءِ مارڪسي جمهوري فرنٽ

(D.F.L.P)جو اڳواڻ، پي- ايل- او جو اهم نظرئيدان.

حسين بن طلال: ١٩٥٣ع کان اردن جو بادشاھہ، هاشمي ڪٽنب جو هاڻوڪو وارث.

صدام حسين: ١٩٧٩ع کان هيل تائين عراق جو صدر.

عبدالقادر الحسيني: اسرائيل جي قيام واري جنگ (١٩٤٨ع) دوران غيرمستقل فلسطيني فوجن جو سربراهہ.

فيصل الحسيني: عبدالقادر جو پُٽ، اسرائيلي والاريل علائقن ۾ عرفات جو اهم نمائندو.

الحاج امين الحسيني: يروشلم جو مفتي ۽ ١٩٤٠ع واري ڏهاڪي ۾ فلسطيني اڳواڻ.

ڪمال جنبلاط: لبنان جي قومي تحريڪ جو اڳواڻ ۽ عرفات جو اتحادي، ١٩٧٧ع ۾ قتل ٿـي ويو.

فاروق قدومي (ابولطف): پي- ايل- او جو پرڏيهي وزير، 'فتح' جو سخت گير موقف رکندڙ اڳواڻ.

صلاح خلف (ابواياد): فتح جو باني ميمبر ۽ انٽيليجنس چيف، بليڪ سيپٽمبر تنظيم جو سربراهہ. فتح جو اهم نظرئيدان ۽ جنوري ١٩٩١ع ۾ پنهنجي موت تائين عرفات جو ساٿو هٿ.

محمد سعيد موسيٰ مراغا (ابوموسيٰ): ١٩٨٣ع ۾ عرفات جي اڳواڻي خلاف 'فتح' جي اندروني بغاوت جو هڪ اهم اڳواڻ.

حسني مبارڪ: ١٩٨١ع کان هيل تائين مصر جو صدر.

جمال عبدالناصر: ١٩٥٣ع کان ١٩٧٠ع تائين مصر جو صدر.

محمد الناطور (ابوطيب): عرفات جي ذاتي سلامتيءَ واري فورس ١٧ جو چيف.

حسيب صبّاغ: ڪروڙپتي فلسطيني ۽ اڏاوتي ڪرت ۾ هڪ اهم نالو، عرفات جو قابل اعتماد.

انور سادات: ١٩٧٠ع کان ١٩٨١ع تائين مصر جو صدر.

علي حسن سلامه: ١٩٧٩ع ۾ پنهنجي موت تائين فورس ١٧ جو سربراهہ ۽ عرفات جو قابل اعتماد ساٿي.

اِسام سرتاوي: عرفات جو صلاحڪار، اسرائيلين سان رابطا قائم ڪرڻ جو

اهم پرچارڪ، ١٩٨٣ع ۾ ابوندال هٿان مارجي ويو.

سعد صايل (ابووليد): پي- ايل- او جو فوجي ڪمانڊر. ١٩٨٣ع ۾ هڪ مقامي ايجنٽ هٿان مارجي ويو.

نبيل شطه: فلسطيني واپاري، صلاحڪار ۽ ڳڻهي عرصي کان عرفات جو اهم ايلچي.

آئزڪ شمير: ١٩٨٣ع کان ١٩٨۴ع تائين ۽ ١٩٨٦ع کان ١٩٩٢ اسرائيلي وزيراعظم.

ايرل شيرون: ١٩٨١ع کان ١٩٨٣ع تائين اسرائيل جو بچاءُ وارو وزير. لبنان ۾ مداخلت جو منصوبي ساز.

احمد شُڪيري: ١٩٦۴ع کان ١٩٦٧ع تائين پي- ايل- او جو چيئرمين.

خليل الوزير (ابوجهاد): 'فتح' جو باني ميمبر. ١٩٨٨ع ۾ اسرائيلي قاتل اسڪواڊ هٿان قتل ٿيڻ تائين فوجي سربراهه ۽ عرفات جو اهم ساٿي.

سليم زاعنون (ابوالاديب): فتح جو شروعاتي ميمبر. عرفات جو جهونو دوست، اڄڪلهه نار ۾ فتح جو اهم ترين نمائندو.

محمد زيدار (ابوالعباس): فلسطيني لبريشن فرنٽ جو اڳواڻ ۽ پي- ايل- او جي ايگزيڪيٽو ڪميٽيءَ جو ميمبر.

اصطلاحن جي سمجهاڻي

امل (اميد): لبنان ۾ شامي حمايت وارو فوجي يونٽ.

العاصفه (طوفان): ماضيءَ ۾ انهيءَ نالي سان فتح جا فوجي آپريشن ٿيندا رهيا. اڄڪلهه ان جو ڪو به وجود ناهي.

ايگزيڪيٽو ڪميٽي: عرفات جي سربراهيءَ ۾ پي- ايل- او جي ڪابينا.

اخوان المسلمين (مسلمان ڀائيچارو): بنيادپرست سياسي تحريڪ.

انتفاده (اُڀار): ڊسمبر ١٩٧٨ع کان هيل تائين والاريل اسرائيلي علائقن ۾ فلسطيني اُڀار.

ارگن: ١٩۴٠ع واري ڏهاڪي ۾ يهودي دهشتگرد ٽولو، جنهن جو اڳواڻ منهام بيگن هو.

اولهائون سيڪٽر: فتح جو اُهو حصو جيڪو فقط اسرائيل تي حملن لاءِ

مخصوص هو. پنهنجي موت تائين خليل الوزير ان جو ڪمانڊر هو.

آڪٽوبر جنگ (يم ڪپور لڙائي): ١٩٧٣ع ۾ اسرائيل ۽ عرب رياستن وچ ۾ لڳل لڙائي، جنهن جي نتيجي ۾ اڳتي هلي اسرائيل ۽ مصر امن- ناما ممڪن بڻجي سگهيو.

بعث (نئين جيوت): پان عرب سياسي تحريڪ جنهن ١٩٦٠ع واري ڏهاڪي ۾ شام ۽ عراق جي اقتدار تي قبضو ڪيو.

بليڪ سيپٽمبر: سيپٽمبر ١٩٧٠ع ۾ اردن جي گهرو لڙائيءَ ۾ شڪست جو فلسطيني نالو.

بليڪ سيپٽمبر آرگنائيزيشن: 'فتح' جو دهشتگرد ڌڙو، ١٩٧٤ع کان بندش هيٺ.

ٺهراءُ نمبر ٢٤٢: ١٩٦٧ع ۾ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جو اُهو ٺهراءُ جيڪو هيل تائين تيل وچ اوڀر امن ڳالهين جو بنيادي نقطو بڻيل آهي. انهيءَ ٺهراءُ ۾ چيل آهي تہ: (١) هاڻوڪي ٽڪراءُ وارن علائقن مان اسرائيلي فوجن جي هڪدم واپسي (٢) سمورن دعوائن ۽ جنگي حالتن جو خاتمو ۽ علائقي جي سمورين رياستن جي خودمختياري، علائقائي سالميت ۽ سياسي آزاديءَ لاءِ احترام ۽ ان لاءِ عملي ثبوت ڏيڻ ۽ طاقت جي استعمال يا ان جي ڌمڪين کان پاسو ڪرڻ ۽ سلامتي ڀريل سرحدن ۾ امن سان رهڻ. فلسطيني مسئلي بابت اِهو فقط 'پناهگير مسئلي جي درست نبيري،' جي ڳالهہ ٿو ڪري.

حزب الله. (خدا جي پارٽي): لبنان جي بنيادپرست جماعت.

ڇهن ڏينهن واري لڙائي: جون ١٩٦٧ع ۾ اسرائيل ۽ عرب رياستن وچ ۾ لڳل لڙائي، جنهن ۾ اسرائيل ڪاهي ڪناري، غزه واري پٽي، سينائي واري اُپٻيٽ ۽ جولان جي جبلن تي قبضو ڪري ورتو.

عرب نيشنل موومينٽ: پنجاهہ واري ڏهاڪي ۾ جارج حباش ۽ ٻين ان جو بنياد وڌو، ١٩٦٧ع واري جنگ کانپوءِ ان کي فلسطين جي آزادي لاءِ عوامي محاذ (P.E.L.P) بڻايو ويو.

صيهونيت: ١٩٤٨ع ۾ اسرائيلي رياست قائم ڪندڙ يهودي قومي موومينٽ جو نظريو.

اسٽيرن گينگ: ١٩٤٠ع واري ڏهاڪي ۾ يهودي دهشتگرد گروپ، جنهن جي اڳواڻي آئزڪ شمير ڪري رهيو هو.

فلسطين جي آزاديءَ جو جمهوري محاذ (D.E.L.P): نايف حواتمہ جي اڳواڻيءَ ۾ پي- ايل- او جو مارڪسي گروپ.

فتح: فلسطين جي آزاديءَ لاءِ تحريڪ ، پي- ايل- او جو سڀ کان وڏو گروپ، جنهن جو بنياد ١٩٥٨ع ۾ عرفات ۽ سندس ساٿين وڌو. ان جو مٿاهون ادارو عرفات جي اڳواڻيءَ ۾ پولٽ بيورو يا عمومي سيڪريٽريٽ آهي ۽ ان جي ظاهري جمهوري ادارن مان سڀ کان وڏو ۽ وڌيڪ نمائنده ادارو بارهن سؤ ڄڻن تي ٻڌل فتح ڪانگريس آهي.

فدائين (پنهنجو پاڻ ارپيندڙ): فلسطيني گوريلا.

فورس ١٧: عرفات جي ذاتي سلامتي وارو ادارو.

فلسطين جي آزاديءَ جو محاذ (P.L.F): پي- ايل- او جو گروپ جيڪو ١٩٨٥ع ۾ 'اساموندي جهاز چيلي لائرو' کي اغوا ڪندڙ سمجهيو ويندو آهي.

فلسطين جي آزاديءَ لاءِ تنظيم (P.L.O): هيءُ ادارو فلسطينن جي نمائندگيءَ لاءِ ١٩٦٤ع ۾ عرب رياستن قائم ڪيو. ١٩٦٩ع ۾ 'فتح' ۽ ٻين گوريلا گروپن ان تي قبضو ڪري ورتو.

فلسطيني قومي ڪائونسل: پي- ايل- او جي پارليامينٽ.

فلسطيني قومي ماليت: پي- ايل- او جي ناڻي واري وزارت. تنظيم لاءِ رقم هٿ ڪرڻ ۽ ان جو انتظام رکڻ لاءِ ذميوار.

فلسطيني: اُهو عرب جنهن جو، يا جنهن جي ڪٽنب جو تعلق اردن نهر ۽ يونچ سمونڊ جي وچ واري علائقي سان هجي، جنهن کي اڳي فلسطين سڏيو ويندو هو. هن وقت فلسطينن جي ڪُل آباديءَ جو ڪاٿو پنجاهہ ڪان سٺ لکن تائين لڳايو ويو ٿو، جنهن مان ٽيويهہ لک عرب ملڪن ۽ اسرائيلي والاريل علائقن ۾ پناهگير طور درج ٿيل آهن.

فلسطيني قومي عهدنامو: پي- ايل- او جو پڌرنامو، تنظيم جا مول متا واضح ڪندڙ اِهو پڌرنامو، جولاءِ ١٩٦٨ع ۾ فلسطيني قومي ڪائونسل منظور ڪيو. اِهو فلسطين جي آزاديءَ لاءِ هٿياربند جدوجهد جي راهہ ٿو ڏسي ۽ اسرائيل جي وجود کي بنيادي طور تي غيرقانوني ۽ غيرحقيقي ٿو سمجهي. اولهائان ملڪ گهڻي عرصي کان پي- ايل- او تي انهيءَ ۾ تبديلي آڻڻ بابت زور ڏيئي رهيا آهن. هاڻ عرفات بہ ان کي 'مدي خارج سڏي رهيو آهي.

فلسطين جي آزاديءَ لاءِ عوامي محاذ (P.F.L.P): جارج حباش جي اڳواڻيءَ ۾ پي- ايل- او جو مارڪسي گروپ.

ڪئمپ ڊيوڊ ٺاهه: اسرائيل ۽ مصر ۾ امن جي راهه ڪولينڊڙ ٺاهه، جيڪو سيپٽمبر ١٩٧٨ع ۾ آمريڪا، اسرائيل ۽ مصر وچ ۾ ٿيو.

هگاناهه: اسرائيلي رياست قائم ٿيڻ کان اڳ فلسطين ۾ يهودين جي مستقل فوج.

مرڪزي ڪائونسل: پي- ايل- او جي 'ننڍي پارليامينٽ' فلسطيني قومي ڪائونسل ۽ ايگزيڪيٽو ڪميٽيءَ جي وچ وارو ادارو.

والاريل علائقا: اولهائون علائقو ۽ غزه واري پٽي، جن تي اسرائيل ١٩٦٧ع ۾ قبضو ڪيو.

واقعن جي تاريخوار جدول

* نومبر ١٩٤٧ع- برطانوي راڄ هيٺ فلسطين جي ٻن حصن ۾ ورهاست بابت گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ ۾ ووٽ، هڪ يهودي ۽ ٻيو عرب حصو.
* ١٩٤٨ع- برطانيا فلسطين خالي ڪيو. فلسطينين ۽ پاڙيسري عرب رياستن پاران ورهاڱي واري رٿا کي مڃڻ کان انڪار تي يهودي اڳواڻن اسرائيلي رياست قائم ڪئي ۽ عربن کي آزاديءَ واري جنگ ۾ شڪست آئي ۽ لکين فلسطيني بي وطن ٿي ويا.
* ١٩٥٠ع- اردن، جيڪو ١٩٤٨ع واري ويڙهه کان اردن نديءَ جي اولهائين ڪناري تي قابض هو، جنهن رسمي طور تي ان کي پنهنجي علائقي ۾ شامل ڪرڻ جو اعلان ڪندي، فلسطين جي باقي بچيل رهواسين کي هاشمي سلطنت جو حصو بڻايو.
* ١٩٥٢ع- مصر ۾ جمال عبدالناصر اقتدار ۾ آيو. عرفات کي قاهره ۾ فلسطيني اسٽوڊنٽس ليگ جو صدر چونڊيو ويو.
* ١٩٥٦ع- فرانس ۽ برطانيا جي مدد سان اسرائيل، مصر تي حملو ڪيو ۽ آمريڪي دٻاءُ هيٺ جنگبنديءَ کان اڳ سينائي اُپٻيٽ ۽ غزه واري پٽيءَ جي وڏي حصي تي قبضو ڪري ورتائين.
* جولاءِ- ڊسمبر ١٩٥٨ع- عرفات ۽ ٻيا فلسطيني ڪويت ۾ فتح تحريڪ قائم ڪرڻ تي سهمت ٿيا.

* جولاءِ ١٩٦٢ع- الجزائر اٺن سالن تائين بيٺڪيتي جنگ جوڙڻ کانپوءِ فرانس کان آزادي حاصل ڪئي. فتح کي الجزائر ۾ پنهنجي پهرين آفيس کولڻ جي اجازت ڏني وئي.

* جنوري- جون ١٩٦٤ع- عرب رياستون پي- ايل- او قائم ڪرڻ تي راضي ٿيون. فلسطيني قومي ڪائونسل جو پهريون اجلاس يروشلم ۾ ٿيو.

* جنوري ١٩٦٥ع- فتح اسرائيل تي هٿياربند چڙهائيون شروع ڪيون.

* جنوري- مئي ١٩٦٦ع- عرفات کي شام ۾ ٻه ڀيرا گرفتار ڪري جيل اُماڻيو ويو.

* جون ١٩٦٧ع- اسرائيل مصر، شام ۽ اردن تي حملو ڪيو ۽ اولهائين ڪناري، غزه واري پٽي، جولان جي جبلن ۽ سينائي اُپٻيٽ تي قبضو ڪري ورتو.

* مارچ ١٩٦٨ع- ڪارامه واري لڙائي ۾ اسرائيل فلسطيني گوريلن جي اردني ٺڪاڻن تي حملو ڪيو.

* فيبروري ١٩٦٩ع- عرفات کي پي- ايل- او جي ايگزيڪيٽو ڪميٽيءَ جو چيئرمين چونڊيو ويو.

* سيپٽمبر ١٩٧٠ع- شاهه حسين جي فوج اردن ۾ موجود فلسطيني گوريلن خلاف آپريشن شروع ڪري ڏنو، جيتي ويڙهه کانپوءِ عرب رياستن جي مداخلت تي فلسطينين جو قتلام بند ٿيو.

* جولاءِ ١٩٧١ع- آخري فلسطيني گوريلي ٻه اردن مان نڪري شام ۽ لبنان ۾ پناهه ورتي.

* سيپٽمبر ١٩٧٢ع- بليڪ سيپٽمبر تنظيم ميونخ اولمپڪ گيمز جي موقعي تي اسرائيلي رانديگرن کي اغوا ڪري ورتو. ايئرپورٽ تي ٽيل فائرنگ جي نتيجي ۾ نَوَ اسرائيلي مارجي ويا.

* آڪٽوبر ١٩٧٣ع- مصر ۽ شام حيرت انگيز طور تي سينائي اُپٻيٽ ۽ جولان جبلن تي قابض اسرائيلي فوجن تي حملو ڪيو.

* آڪٽوبر ١٩٧٤ع- رباط ۾ عرب اڳواڻن جي گڏجاڻيءَ ۾ پي- ايل- او کي فلسطيني عوام جو مڪمل طور تي قانوني نمائندو ليکيو ويو.

* نومبر ١٩٧٤ع- عرفات نيويارڪ ۾ ٿيندڙ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ کي خطاب ڪيو.

* اپريل ١٩٧٥ع- لبنان ۾ گهرو لڙائي شروع ٿي وئي. فلسطيني گوريلا لبناني

ڪاهيءَ ٽر وارن ۽ مسلمانن سان گڏجي ميرونائيٽ (Maronite) عيسائين خلاف جنگ ۾ ڪاهي پيا.

* آڪٽوبر ١٩٧٦ع- شام پاران ميرونائيٽ عيسائين جي حق ۾ مداخلت ڪرڻ ڪانپوءِ عرب اڳواڻ جنگبنديءَ لاءِ راضي ٿيا.

* نومبر ١٩٧٧ع- مصري صدر انور سادات يروشلم ويو ۽ امن جي آڇ بابت ڳالهيون ڪيائين.

* مارچ ١٩٧٨ع- اسرائيل ڏکڻ لبنان ۾ مداخلت ڪئي ۽ پي- ايل- او جي گوريلا ٺڪاڻن تي حملو ڪيائين.

* سيپٽمبر ١٩٧٨ع- اسرائيل، مصر ۽ آمريڪا ڪئمپ ڊيوڊ ٺاهه تي صحيحون ڪيون.

* فيبروري ١٩٧٩ع- ايراني انقلاب جي عروج وارن ڏينهن ۾ آيت الله خميني وطن واپس وريو.

* مارچ ١٩٧٩ع- مصر ۽ اسرائيل امن- ٺاهه تي صحيحون ڪيون.

* جولاءِ ١٩٨١ع- اسرائيل ۽ فلسطيني گوريلن وچ ۾ ڏاکڻين لبنان ۾ 'ڪتيوشا' لڙائي لڳي.

* جون ١٩٨٢ع- اسرائيل پي- ايل- او خلاف مڪمل تيارين سان ڀيهر چڙهائي ڪئي ۽ ان جون فوجون بيروت جي ڀرپاسي تائين پهچي ويون.

* آگسٽ ١٩٨٢ع- اناَسي ڏينهن تائين ٻوائتي ويڙهه ڪانپوءِ پي- ايل- او آمريڪا جي ٿياڪڙيءَ واري ٺاهه هيٺ بيروت مان پنهنجون فوجون ۽ ٻيو عملو ڪڍي ورتو. تيونس ۾ هيڊڪوارٽرس قائم ڪندي پنهنجن ويڙهاڪن کي ستن عرب ملڪن ۾ ورهائي ڇڏيائين.

* سيپٽمبر ١٩٨٢ع- ميرونائيٽ عيسائي هٿياربندن بيروت ۾ سوين فلسطيني پناهگيرن جو قتلام ڪيو.

* جون- نومبر ١٩٨٣ع- لبنان ۾ موجود فتح جي ڪمانڊر عرفات جي اڳواڻيءَ خلاف بغاوت ڪئي، عرفات لبناني بندرگاهه ٽريپولي موٽي آيو، جتي هڪ ڀيرو ڀيهر مصيبتن ۾ ڦاسي ويو.

* ڊسمبر ١٩٨٣ع- ٽريپوليءَ مان نڪرڻ شرط عرفات مصر جو دورو ڪري پنهنجي لاءِ مخالفتن کي اجائين تيز ڪيو.

* فيبروري ١٩٨٥ع- عمان جو دورو ڪندي عرفات، وچ اوڀر ۾ امن بابت عالمي

ڪانفرنس ۾ حصو وٺڻ لاءِ شاهه حسين سان سياسي سهڪار جي هڪ ٺاهه تي صحيح ڪئي.

* آڪٽوبر ١٩٨٥ع- اسرائيلي جهازن تيونس ۾ فلسطيني هيڊڪوارٽرس تي حملو ڪيو. فلسطيني آزاديءَ واري محاذ سان تعلق رکندڙ گوريلن پونوچ ۾ ساموينڊي جهاز 'اچيلي لائيرو' اغوا ڪري ورتو.

* فيبروري ١٩٨٦ع- عرفات - حسين ٺاهه ختم ٿي ويو.

* ڊسمبر ١٩٨٧ع- اسرائيل جي والاريل غزه واري پٽيءَ ۾ فلسطيني اُڀار 'انتفاده' شروع ٿيو ۽ اهو اولهائين ڪناري تائين پکڙجي ويو.

* اپريل ١٩٨٨ع- خليل الوزير کي اسرائيلي گوريلن تيونس ۾ قتل ڪري ڇڏيو.

* نومبر ١٩٨٨ع- فلسطيني قومي ڪائونسل آزاد فلسطيني رياست جو اعلان ڪيو ۽ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل واري ٺهراءُ نمبر: ٢٤٢ کي مڃيندي، اڻسڌي طرح اسرائيلي وجود کي پڻ تسليم ڪري ورتو.

* ڊسمبر ١٩٨٨ع- عرفات گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ کي جينيوا ۾ خطاب ڪيو ۽ اسرائيل کي مڃيندي دهشتگرديءَ تان هٿ کنيو: هوڏانهن آمريڪا ڳالهين تي راضپو ظاهر ڪيو.

* نومبر- ڊسمبر ١٩٨٩ع- سوويت يهودين جي اسرائيل ڏانهن لڏپلاڻ شروع ٿي وئي.

* مئي ١٩٩٠ع- پي- ايل- او جي گُهر تي يهودي پناهگيرن واري مسئلي تي غور ويچار لاءِ عرب ليگ جو هنگامي اجلاس بغداد ۾ گهرايو ويو.

* آگسٽ ١٩٩٠ع- عراق ڪويت خلاف اڳرائي ڪئي، صدام حسين ڪويت خالي ڪرڻ واري معاملي کي فلسطيني مسئلي جي حل سان مشروط ڪيو.

* جنوري ١٩٩١ع- صلاح خلف ۽ سندس ٻه ساٿي منحرف فلسطينين هٿان مارجي ويا.

* جنوري ١٩٩١ع- نار ۾ جنگ شروع ٿي وئي، اتحادين پاران بمباري هڪ مهينيءَ کان به وڌيڪ عرصي تائين جاري رهي.

* فيبروري ١٩٩١ع- صدر بُش جنگي حالتن جي خاتمي جو اعلان ڪيو ۽ سيڪريٽري اسٽيٽ جيمس بيڪر وچ اوڀر ۾ جٽادار امن لاءِ ڪوشش تي نڪتو.

تمهيد

ميڊرڊ، ٣٠ آڪٽوبر ١٩٩١ع– وڏين طاقتن جا سربراهہ، پنهنجن پرڏيهي وزيرن ۽ صلاحڪارن جي انبوهہ سميت گڏ ٿيا. ميڊرڊ جو شاهي محل انهيءَ سفارتي کيل لاءِ اسٽيج بڻيل هو. جارج بُش ۽ گورباچوف هڪ اهم ڪرت لاءِ پاڻ ۾ گڏيا: عربن ۽ يهودين وچ ۾ سمورين تلخ رنجشن کي هميشہ لاءِ ٿارڻ واسطي هُنن عهد ڪيو تہ هاڻ وچ اوڀر جو ڪوبہ معاملو، دنيا کي ڪنهن بہ جنگ جي ڪناري تائين ڇڪي نہ ايندو. ان سان گڏوگڏ هُنن علائقي ۾ هڪٻئي سان ٽڪرجندڙ قوتن جي عيوضين کي پڻ ميڊرڊ گهرايو. ١٩۴٨ع ۾ پنهنجي قيام کانپوءِ پهريون ڀيرو اسرائيل، ڪانفرنس ٽيبل تي پنهنجي عرب پاڙيسرين ۽ فلسطينن جي سامهون ويٺو.

شاهي هال آف ڪولمنس ۾ اسرائيل جو سخت گير وزيراعظم آئزڪ شمير بہ موجود هو. سندس سامهون مصر ۽ لبنان جا پرڏيهي وزير ويٺل هئا. ٽيبل جي ٻئي پاسي اسرائيل جو جاني دشمن شام ۽ فلسطيني نمائندن سان گڏ اردني نمائندو ويٺل هو. ٽيبل جي سري وٽان ڪانفرنس جو گڏيل سڏ ڏيندڙ صدر بش ۽ گورباچوف، ميڊرڊ ڪانفرنس جي رٿاساز جيمس بيڪر سان گڏ ويٺا هئا. پر اُتي هڪ اهم غيرحاضري ضرور هئي: ان شخص جي، جيڪو ان مسئلي جي ڏس ۾ اُتي موجود سمورين شخصيتن کان وڌيڪ اهم هو: ياسر عرفات.

ويهن سالن کان وڌيڪ عرصي تائين پي– ايل– او جون واڳون سنڀاليندڙ عرفات انهيءَ نئين تاريخ ساز واقعي کي ٻاهران ڏسي ۽ پروڙي رهيو هو. اسرائيل پاران سندس يا وري پي– ايل– او جي ڪنهن اهم اڳواڻ جي انهيءَ ڪانفرنس ۾ شرڪت تي ويٽو جي ڌمڪي بهرحال پنهنجو اثر ڏيکاريو هو. سندس ٻڪهي ۽ پيڙائتي ڪيريئر ۾ اِها پڪ سان ڏکين گهڙين مان هڪ هوندي. پنهنجي عمومي رويي جي اُبتڙ عرفات اِهو پڻ مڃيو هو تہ ميڊرڊ ڪانفرنس وسيلي ڪي مثبت نتيجا ممڪن ٿي پيا سگهن. ڇا اِها فلسطيني قيادت جي ڏيهہ نيڪاليءَ ۾ ڏٺل سپنن جي ساڀيان جي شروعات ڏانهن ڪا وک بڻجي سگهي ٿي يا ماضيءَ ۾ ڪيل غلطين کي وسارڻ جي هلڪڙي ڪوشش؟

پنهنجي غيرموجودگيءَ جي سموري بدليءَ جي باوجود بہ، عرفات ان ڳالهہ مان آئت ماٺي سگهي ٿو تہ هو ڪنهن پوت جيان ميڊرڊ ڪانفرنس تي ڇانيل رهيو. فلسطيني وفد جي سربراهہ پنهنجي شروعاتي تقرير ۾ سندس نالو کنيو، پڙدي

پوڀان سندس اثر چٽو هو. پنهنجن نمائندن کي ٽيليفون ۽ فيڪس وسيلي هدايتون ڏيڻ سان گڏوگڏ، فلسطيني نمائندگي جي تقرير لکڻ ۾ پڻ سندس هٿ هو. شاهه حسن جي مهمان طور مراکش ۾ ويهي، سيٽلائيٽ ٽيليويزن ذريعي اهو اهم تاريخي واقعو سڌوسنئون ڏسندي، جذباتي عرفات. آمريڪي انتظاميا ۽ پنهنجي مراکشي ميزبان سميت عرب دنيا جي اعتدال پسند اڳواڻن جي زور ڀرڻ تي، پنهنجي فطرت جي اُبتڙ بلڪل چپ رهيو.

فلسطينين لاءِ ميڊرڊ ڪانفرنس هڪ اَملهه ڪاج ثابت ٿي. انهيءَ کين اهڙو پليٽفارم ڏنو، جتان هو پنهنجو پيغام سموري دنيا تائين رسائي پئي سگهيا. ١٩٧٤ع دوران گڏيل قومن ۾ عرفات جي 'بندوق ۽ زيتون جي ٽاريءَ' واري مشهور تقرير کانپوءِ کين اهڙو موقعو ئي نه مليو هو. هُنن پنهنجن بيتاب سپنن ۽ خوابن ۾ به اهو نه سوچيو هو ته ڏرتيءَ ڏکاڻ کي به اهڙي ڪا حيثيت ملي سگهي ٿي!.

پر سمورن واعدن ۽ اميدن جي باوجود به ته فلسطيني پيڙا جي آجپي لاءِ پهريون قدم کڄي سگهي ٿو پر ڪجهه آواز اهڙا به آهن جيڪي خوشفهمين کي ٽڏين ٿا. اهو صحيح آهي ته اسرائيل جو فلسطيني وفد سان تاريخي مکاميلو شروع ٿيو آهي، پر بهرحال امن جي ماٿريءَ ڏي ويندڙ رستو ڪنڊائون ضرور آهي. ان نقطي جي وضاحت هيئن به ٿني ٿي ته عرفات کي سندس پي- ايل- او جي اڳواڻ جي حيثيت ۽ فلسطيني عوام جي مڪمل ۽ قانوني نمائندي هوندي به ڳالهين جي ٽيبل تي ويهارڻ جي ڪابه گارنٽي نه ڏني وئي آهي. جيئن غيرمعمولي پنجن ڏينهن جي پڄاڻيءَ تي جيمس بيکر اخباري عيوضين کي ٻڌايو ته "ڪي به ضمانتون ناهن- اهوئي ته وچ اوير آهي!."

حصو پهريون

(١)

مسٽر فلسطين

”’آءُ پناهگير آهيان‘ مون کان سڀ ڪجهه کسڻ لاءِ ئي مونکي ڏيهه نيڪالي ڏني وئي ۽ ماترڀوميءَ کان محروم ڪيو ويو.“
’ياسر عرفات‘ ’السياد‘ بيروت کي ١٩٦٩ع ۾ هڪ انٽرويو ڏيندي.

سنهڙي بُت ۽ هلڪن وارن وارو انجنيئرنگ جو شاگرد پنهنجي حُلئي تي معمول کان وڌيڪ ڌيان ٿو ڏي. قاهره جي پسگردائي هيليؤ پولس ۾ ٢٤- بيرون امپين گهٽيءَ واري پنهنجي ڪتنب جي پنجن ڪمرن جي زميني ماڙ واري فليٽ ۾ آئيني کي گهوريندي، هو پنهنجي اڇي ڊوٽل شرٽ، رعبدار ٽاءِ، وڏن ڪالرن ۽ هٿين استر واري ڪوٽ کي پسند وارين نظرن سان ڏسي ٿو. ٽيويهن سالن جي ڄمار ۾، اِهو نوجوان جيڪو ايندڙ وقت ۾ ’ياسر عرفات‘ جي نالي سان ڄاتو سڃاتو ويٺو هو، عالمي سطح تي اُڀرڻ لاءِ پنهنجا پهريان قدم کڻڻ وارو هو.

گذريل سال، فلسطيني اسٽوڊنٽس ليگ جو صدر چونڊجڻ ۾ مددگار ٿيندڙ مقصدن جي پورائي لاءِ، هُن مصري وزيراعظم محمد نجيب ۽ ان کان به وڌيڪ مصري پريس جو ڌيان ڇڪرائڻ جا سپنا ڏٺا هئا. اسرائيل هٿان جنگين جي اڻکٽ سلسلي ۾ عربن کي مليل ذلت ڀري پهرين اهم شڪست جي پنجن سالن کان پوءِ ليگ اڳواڻ، هُن ۽ سندس ساٿين، ١٩٥٢ع واري انقلاب کان پوءِ مصر تي راڄ ڪندڙ انقلابي ڪمانڊ ڪائونسل جي سربراهه جنرل نجيب کي پنهنجي رت سان لکيل هڪ عرضداشت پيش ڪئي هئي. قاهره ۾ ڪڏ ٿيندڙ هزارين فلسطيني شاگردن جو مصري قيادت کي هڪ معمولي عرض هو: ”فلسطين کي نه وسارجو.“ ۽ اِها ١٢ جنوري ١٩٥٣ع جي هئي.

رت سان لکيل انهيءَ عرضداشت ٿوس ۽ مثبت اثر ڏيکاريا. مصر جي روزاني اخبار الاهرام ايندڙ ڏينهن پنهنجي اٺين نمبر صفحي تي هڪ تصوير شايع ڪئي، جنهن ۾ عرفات کي پنهنجي اها عرضداشت، فلسطين لاءِ ٤٩ - ١٩٤٨ع واري جنگ ۾ اڳيرو ڪردار ادا ڪندڙ جنرل نجيب جي حوالي ڪندي ڏيکاريو ويو هو. شهر

جي مصروف تحرر اسڪوائر پرسان عثمانيا محل واري وزيراعظم جي آفيس ته ان ڪان به وڌيڪ اهم موقعا ڏنا هوندا پر عرفات لاءِ، ان جي باوجود به ته الاهرام سنڌس نالو 'مسٽر فرحت' ڇاپيو هو. اهو پنهنجي ٻڪهي ۽ شاندار مستقبل ڏانهن پهريون ڏاڪو هو. هن نه رڳو پنهنجي منزل ڏانهن وڌڻ شروع ڪيو پر مصري وزيراعظم کي پڻ ان ڳالهه تي راضي ڪيائين ته هو ليگ جو سرپرست بڻجي ۽ اِها تنظيم جي نيم سرڪاري حيثيت جي علامت هئي.

اِها حقيقت آهي ته ١٩٥٠ع واري ڏهاڪي جي شروعات دوران مصر ۾ عرفات جو فلسطيني شاگردن جي اڳواڻ طور اُڀرڻ، مصر جي اندروني حالتن سان ٺهڪندڙ هو، پر اِهو ڪو حادثو نه هو. جو تن ڏينهن ۾ عرب دنيا جو هنگامي خيز مرڪز، جيڪو انقلابي خيالن، سپنن ۽ ساڀيائن جي تعبير بڻيل مصر، نئين فلسطينيت جي اُسرڻ لاءِ ذرخير ماڳ ثابت ٿيو، اُتي مقصد جي حاصل ڪرڻ لاءِ حمايت وٺڻ ڪا ڏکي ڳالهه نه هئي.

فلسطيني انقلاب جا اڳواڻ، انهن مردن ۽ عورتن جا ٻار بڻجڻا هئا، جن کي اسرائيل جي آزاديءَ واري جنگ ۾ سندن اباڻن ڪکن تان لوڏيو ويو هو. ١٩٤٨ع ۽ ١٩٤٩ع واري عظيم لڏپلاڻ مهل تيرهن لک، جي ڪُل فلسطيني آباديءَ مان ساڍين ڇهن لکن کان ساڍين ستن لکن تائين جي آباديءَ کي بيدخل ٿيڻو پيو. اڌ کان وڌيڪ فلسطينين کي برطانوي راڄ واري فلسطين مان ڀاڄ ڪائي نه رڳو اردني نديءَ جي اولهائين ڪناري تي آباد ٿيڻو پيو پر خود اردن، لبنان، شام ۽ غزه واري پٽيءَ سميت هيڏانهن هوڏانهن پٽڪڻو پيو. (١)

انتهائي خراب حالت وارين پناهگير ڪئمپن، جيڪي آهستي آهستي جڳهين وارن مستقل شهرن ۾ تبديل ٿيون، جافنا، لئيڊا ۽ رمله جي نالن وارين آبادين جو روپ ورتندي، پلاند پريل نئين قومپرستيءَ جي رجحانن کي جيئرو رکيو. انهن ڪئمپن جا فلسطيني شهرن پويان نالا ئي تن ڏينهن ۾ ناموجود مزاحمت جو مبهم اظهار هئا. اوپر بابت هڪ ماهر البرٽ حوراني ڪيترن سالن کانپوءِ ان جو تجزيو ڪندي چوي ٿو ته اِهو ڏيهه نيڪاليءَ وارو صدمو ئي هو جنهن فلسطيني عرب قوم کي وجود ۾ آندو. (٢)

صلاح خلف لاءِ، جيڪو اڳتي ابواياد جي نالي سان سڃاتو ويو ۽ جيڪو پي- ايل- او جي بدنام بليڪ سيپٽمبر دهشتگرد گروهه جو ڪرتو ڌرتو بڻيو، ١٣ مئي ١٩٤٨ع وارو ڏينهن زهر وانگي ساروڻين ۾ اوتيل آهي. چوڏهن سالن واري خلف، پنهنجو پاڻ کي تل ابيب پرسان هڪ عرب ساموندي شهر جافا تي ٿيندڙ بمباريءَ کانپوءِ ٻين انيڪ شهرين سان گڏ هيڙين وسيلي ڀاڄ ڪائيندي ڏٺو. جافا تي قيامت آٿيندڙ يهودي فوج جي تيز ۽ وحشياڻي بمباريءَ سبب ڀاڄ ڪائيندڙ ڪٽنب پاڻ سان گڏ معمولي گهرو سامان ئي کڻي سگهيا هئا. خلف اجان تائين پنهنجو پاڻ کي 'جافا

جي گوديءَ ڏانهن پيڙا مان ٻوڙندڙ عورتن، پوڙهن ۽ ٻارن جي ٿڌن ۽ سندن نہ هئڻ جيتري سامان هيٺان چيپاٽجندي پائيندو آهي... اُتي ڏانهون، ڪيهون ۽ سڏڪا ڪن ٻوڙا ڪندڙ تماڪن ۾ دٻجي چڪا هئا.' (٣)

اهڙي لڏپلاڻ جا تاريخ ۾ تمام ٿورڙا مثال ٿا ملن ۽ اِها ڪنهن حد تائين قتلام جي ٻپ وکهي پڻ ٿي هئي. ١٩ اپريل تي هڪ خفيا يهودي گروپ 'ارگن' يروشلم پرسان ڊائرياسين نالي هڪ عرب ڳوٺ ۾ ٢٥٠ فلسطينن کي ڪُٺو هو. (٤) بغداد کان قاهره تائين سمورين ريڊيو اسٽيشنن انهيءَ قتلام جو مڪمل تفصيل ٻنل آباديءَ تائين پهچايو هو. ارگن جو اڳواڻ منهام بيگن جيڪو ١٩٧٧ع کان ١٩٨٣ع تائين اسرائيل جو وزيراعظم پڻ رهيو، سدائين ان واقعي جي ترديد ڪندي اِهوئي چوندو رهيو تہ 'برائيءَ مان چڱائي ئي جنم وٺندي آهي. انهيءَ عرب پروپئگنڊا خود عربن ۽ عرب لشڪر آڏو ارگن کي دهشت ڀريو ديو ڪري پيش ڪيو. جڏهن تہ انهيءَ ديومالائي ارگن وٽ اسرائيلي فوج جي مدد لاءِ فقط اڌ درجن ٻٽالين تي ٻڌل لشڪر ئي هو.' (٥)

ٻارهن سالن واري خاموش ۽ ارڏي خليل الوزير لاءِ ١٢ جولاءِ ١٩٤٨ع جو ڏينهن فيصلي ڪُن ثابت ٿيو. انهيءَ ڏينهن اسرائيلي وزيراعظم ڊيوڊ بن گوريان عربن کي اجوڪي اسرائيلي مرڪز رمله ۽ لئيڊا مان ڏيهہ نيڪاليءَ جو حڪم نامو جاري ڪيو. (٦) وزير، جيڪو اڳتي هلي غيرقانوني فلسطيني ڪارروائين لاءِ اهم نالو بڻيو، پنهنجي ماءُ، پائرن ۽ ڀينرن سان گڏ دهشت ۾ وڪوڙيل عرب ڳوٺ رمله کان رامالله ڏانهن درد ڀرئي هجوم سان گڏ روانو ٿيو. وڏي هڻ هٿان کان پوءِ انهي ڪٽنب پنهنجو پاڻ کي غزه واري پٽيءَ ۾ ٿانيڪو ٿيندي ڏٺو. غزه واري پٽي جيڪا ١٩٤٨ع ۽ ١٩٤٩ع واري ويڙهہ جي نتيجي ۾ بيگهر ٿيندڙ فلسطينن جي چوٿين حصي جي منزل ۽ يهودي رياست خلاف تشدد ڀري مزاحمت جو مرڪز بڻي.(٧)

وٺندڙ شبيهہ ۽ ڪينچلي طبعيت رکندڙ ميڊيڪل جي شاگرد جارج حباش لاءِ ١٣ جولاءِ وارو ڏينهن حقيقت هو. رمله مان عربن جي نيڪاليءَ جي ٻئي ڏينهن لئيڊا چتي بمباريءَ سبب گهاوَن سان ڀريل هو. اينڌڙ وقت ۾ پي- ايل- او جي ريڊيڪل گروپن مان هڪ جو باني حباش بيروت مان پنهنجي ميڊيڪل واري تعليم اڌ ۾ ڇڏي، هڪ اسپتال ۾ معمولي ڪم ڪرڻ لاءِ گهر موٽي آيو. هن جنگ جي تباهڪارين ۽ مرتين کي پنهنجين اکين سان ڏٺو ۽ شهر کي سندس اصلوڪي آباديءَ کان پاڪ ڪرائڻ جي خواهشمند سپاهين جي ڏاڍ ڏمر جو سڌوسنئون نشانو پڻ بڻيو. اِهو هڪ صدمي ڀريل تجربو هو "مونکي ١٩٤٨ع کان ان جي پڪ هئي." هو چوي ٿو: "جڏهن مونکي ان ريت جلاوطن ڪيو ويو ۽ اهڙو ورتاءُ ڪيو ويو تہ ان وقت ئي پڪو پهہ ڪيو هئم تہ پنهنجي سموري حياتي پنهنجي مقصدن لاءِ ارپي

چڏيندس.“ (٨)

۽ خود عرفات جو ڪهڙو حال هو؟ جڏهن خلف، وزير ۽ حباش ڏيهه نيڪاليءَ جو عذاب ڀوڳي رهيا هئا تہ هو قاهره جي هڪ هاءِ اسڪول ۾ تعليم پرائي رهيو هو. ڀوائتي تباهيءَ وارن انهن ڏينهن ۾، هو پنهنجي ان خواهش تہ هو ١٨ اپريل ١٩٤٨ع تي يروشلم ڀرسان قاسٽل واري ويڙهہ ۾ مارجي ويل فلسطيني سورمي عبدالقادر الحسينيءَ جي فلسطيني فوج جو ارڙهن سالن جي ڄمار ۾ ننڍي ۾ ننڍو آفيسر بڻجي، جي باوجود قاهره کان گهڻو پري وڃي نہ سگهيو. (٩)

جيئن سندس ساٿي شاگرد ٻڌائين ٿا تہ ١٩٤٨ع واري جنگ جي ڏينهن ۾ عرفات جي اهم سرگرمي، حسينيءَ جي معمولي هٿيارن واري هارائيندڙ فوج کي سندس ’جهادالمقدس‘ ۾ هٿيار رسائڻ لاءِ تياڪڙيءَ وارو ڪم ڪرڻ هو. سمورن ممڪن ذريعن سان عرفات ٻي مهاڀاري لڙائي جي جنگي ميدانن بن غاري، تابرڪ ۽ ايل الامين ۾ هٿيار رسائيندڙ اولهائين رڻ پٽ جي بدو قبيلي جي ماڻهن کي هٿيارن جي فراهميءَ ۾ مدد ڪئي.

محمد عبدالرئوف عرفات القدويٰ الحسيني، يونيورسٽي رڪارڊ موجب، قاهره ۾ ۴ آگسٽ ١٩٢٩ع تي ڄائو. هو واپاري عبدالرئوف القدويٰ الحسيني ۽ يروشلم جي نامياري ابو سعود ڪٽنب جي نياڻي زهوا جو ڇهون ٻار هو. القدويٰ ڪٽنب ١٩٢٧ع ۾ يروشلم کان قاهره پهتو هو ۽ شهر جي مرڪز ڀرسان سڪاڪيني علائقي جي هڪ وڏي گهر ۾ رهڻ لڳو. اهو ڪٽنب گهڻو ڏيان ڇڪرائي نہ سگهيو. سڪاڪيني قاهره جي گهڻ- قومي آباديءَ جو هڪ علائقو هو. فلسطيني، لبناني، يهودي، آمريڪي ۽ يوناني وغيره انهيءَ رهائشي علائقي جي من موهيندڙ گهرن، نامارن اسڪولن ۽ وڻن سان سٽيل گهٽين ۾ پرسڪون زندگي گذاري رهيا هئا.

پتڪڙي عرفات، ڏينهن جي پهرين روشني اجوڪي ڊوڙ اڏائيندڙ ٽريفڪ جي هجوم واري قاهره کان بلڪل مختلف شهر ۾ ڏٺي. ١٩٢٠ع واري ڏهاڪي ۾ قاهره جي آبادي لڳ ڀڳ ڏهہ لک هئي، ان جا گهر پراڻي ۽ نئين اڏاوت جو سنگم هئا. واپاري مرڪز نيل جي ڪچهہ عظيم الشان عمارتن تي فرانسيسي اڏاوتي طرز جو تمام گهڻو اثر هو. ملڪ سياسي جوش خروش جو مرڪز بڻيل هو. برطانيا کان مڪمل آزاديءَ جي گهر ڪندڙ قومي حڪومتن جي سلسلي جي پهرين حڪومت اقتدار ۾ اچي چڪي هئي. ١٩١٩ع کان ١٩٣٦ع تائين واري عرصي ۾ مصر ويهہ حڪومتون ڏسي چڪو هو ۽ ان دوران نُوس مزاحمت ذريعي برطانوي اختيار ختم ڪرڻ لاءِ مصري اڻ ڀيرا ڪالهيون ڪري چڪا هئا. انهيءَ سموري هُل هنگامي جي باوجود جنگ ۽ انقلاب اڃان ڪوهين ڏور هئا.

عبدالرئوف جي يروشلم مان روانگي ڪافي راز ڀري آهي، جتي هو ڪامياب ننڍي واپاري ۽ ان کان اڳ عثمانيا پوليس ۾ ملازم واري زندگي گذاري رهيو هو. پر

ڪجهہ ذريعن کان اهو معلوم ٿو ٿئي تہ هُن پنهنجو پاڻ ۾ ڪٽنب کي هڪ وراثتي دعويٰ لاءِ زور وجهڻ واسطي قاهره منتقل ڪيو. عرفات پاڻ ٻڌائي ٿو تہ سندس والد زمين جي هڪ حصي، جيڪو هاڻ شهر جي اوير ۾ عين الشمس يونيورسٽيءَ جي حدن ۾ ٿو اچي، جي ملڪيتي وارث ٿيڻ لاءِ ڏکهي ۽ مهانگي قانوني جنگ وڙهي. (١٠) عبدالرئوف انهيءَ زمين تي پنهنجي مصري ماءُ جيڪا الردوان قبيلي سان تعلق رکندڙ هئي، جي حوالي سان دعويٰ ڪئي. سالن تائين هلندڙ قانوني ويڙهہ سوپ ۾ تبديل تہ ٿي پر ١٩٥٢ع واري مصري انقلاب کان پوءِ جي قانونن موجب ملڪيت جي هڪ نسل کان ٻئي تائين منتقليءَ تي پابندي مڙهي وئي هئي. اها ٿڪل عرفات لاءِ انتهائي مايوس ڪُن صورتحال هئي، جنهن ويهن سالن تائين مصري ڪورٽن ۾ ڪاموراشاهيءَ سان ويڙهہ کاڌي هئي.

عرفات جي جمڻ مهل سندس پيءُ پسارڪ، گرم مصالحي ۽ واس وارين شين جي واپاريءَ طور سڪاڪينيءَ جو مشهور ماٺهو بڻجي چڪو هو. پر ١٩٢٣ع ۾ جڏهن عرفات فقط چئن سالن جو هو تہ سندس خوش طبع ۽ ويڪري چهري واري ماءُ زهوا گُردن جي خرابي سبب ست ٻار عبدالرئوف جي حوالي ڪري گذاري وئي؛ اهو بار سنڀالڻ هُن لاءِ ناممڪن هو. ان ڪري عرفات ۽ سندس معصوم ڀاءُ فتحي کي سندن مامي سليم ابن سعود ڏانهن يروشلم اُماڻيو ويو. جيڪو پراڻي شهر جي فخريا علائقي ۾ پنهنجي وڏي شاهي ۽ سهولتن ڀريل اباڻي گهر ۾ رهندو هو.

ابوسعود جو گهر يهودي آباديءَ کي ڏار ڪندڙ 'پٽ' پرسان هو. اهو گهر مڪي ۽ مديني کانپوءِ مسلمانن جي ٽين مقدس ترين جاءِ بيت المقدس جي پاڇولي ۾ هو. نسبتاً مجيءَ ماني وارثو ابوسعود ڪٽنب سورهين صديءَ کان ان علائقي ۾ رهندو پئي آيو. حادثاتي طور عرفات پنهنجي جوانيءَ جا ڏينهن عرب– يهودي ڇڪتاڻ ڏسندي گذاريا. ساڳي ريت ٣٩-١٩٣٦ع واري عرب بغاوت ۾ هُن پراڻي يروشلم جي سوڙهين گهٽين ۾ مسلمانن ۽ يهودين ۾ خوني ڇڪريون لڳندي ڏٺيون. هُن برطانوي اهلڪارن هٿان پنهنجن مائٽن جون گرفتاريون ڏٺيون. برطانوي راڄ جيئن پوءِ تيئن ظالمانو بڻجندو پئي ويو. هو فلسطين جي مستقبل بابت پنهنجي ڪٽنب ۾ ٿيندڙ هر بحث ۾ موجود رهندو هو. (١١)

جواني جي ڏينهن ۾ بہ هُن پنهنجن مائٽن کي چڱو متاثر ڪيو. 'هُن سدائين چڱو مڙس بڻجڻ ٿي چاهيو' سندس ڀڻاٽ ۽ سندس شروعاتي زندگيءَ ۾ راند جي ساٿياٽي ٻڌائي ٿي. سندس لفظن ۾ تہ هو ان 'چڱ مڙسيءَ' ۾ نماءُ پڻ ڪندو هو. (١٢) هو هڪ وسيع ۽ روايتي فلسطيني ڪٽنب جو فرد هو. سندس ناني اميره موسيٰ عرفات، هڪ اهم واپاري موسيٰ عرفات جي ڌيءَ هئي. ابوسعود ڪٽنب ۾ سندس شاديءَ کي ڪٽنبي ذريعن 'واپاري طبقي ۽ اشرافياٽي طبقي جي ايڪتا سڏيو. (١٣) پنهنجي حيثيت بابت خبردار فلسطيني سوسائٽي جي مهاڙ ۾ نہ هوندي

۽ عرفات پنهنجي ماءُ ڏانهن گهڻو لاڙو رکندو هو. ابوسعود ڪٽنب کي معمولي اشرافيا ليکيو ويندو هو.

سندس ڪٽنب بابت مشهور ڪيل هڪ ڳالهه ته سؤلائي سان پڇاڻيءَ تي رسي سگهي ٿي. عرفات جي اڪثر ڪيل دعوائن جي 'ابتڙ' يروشلم جي مفتي ۽ ان وقت جي فلسطيني جلاوطن اڳواڻ الحاج امين الحسينيءَ سان سندس ڪا به مائٽي نه هئي. يروشلم ۾ موجود سؤنياڻي زورانتي انداز ۾ چوي ٿي ته القدوي (عرفات جو ڏاڏاڻو ڪٽنب) 'غزه جا حسيني' آهن. سندن يروشلم جي الحسينين سان ڪوبه تعلق ناهي. (۱۴) سندس خيال ۾ ۱۹۴۰ع واري ڏهاڪي جي پڇاڙ ۾ قاهره ۾ جلاوطني ڪاٽيندڙ مفتيءَ سان عرفات جو تعلق پنهنجي مامي شيخ حسن ابوسعود ذريعي ٿيو. جيڪو مفتي الحاج امين کي گهڻو ويجهو هو. (۱۵)

عرفات جو يروشلم ۾ قيام سندس پيءُ جي هڪ مصري عورت سان ٻي شادي ڪان جلد پوءِ ۱۹۲۷ع ۾ پڇاڙيءَ تي پهتو. قاهره گهر واپس گهرائجڻ تي، هُن اُن شهر کي بيدليءَ سان ڇڏيو. جنهن کي اڳتي هلي هُن سياسي طور تي پنهنجي جمر وارو هنڌ سڏيو. عرفات جا ٻائر ٻيهر ان ملڪ موٽي آيا. جيڪو يورپ ۾ شروع ٿيل ٻي مهاڀاري لڙائي جي نتيجي ۾ طوفاني مصيبتن جو شڪار بڻجي چڪو هو. هُن عباسيا علائقي جي هڪ خانگي اسڪول ۾ پنهنجي تعليم جاري رکي. روز ٿيندڙ هڙتالن ۽ اندروني گهوٽالن سبب شاهه فاروق جو تخت لوڏن ۾ هو. عرفات، وچولي طبقي جي نسبتي سانيتڪي ماحول ۾ پنهنجن ڇهن ڀائرن ۽ ڀينرن ۽ سخت ضابطي واري پيءُ سان پنهنجي ٻئي ڪٽنب ۾ زندگي گهارڻ شروع ڪئي. هن فاروق ڪاليج ۾ داخلا ورتي ۽ ياسر جو تخلص شروع ڪيائين. جنهن جو مطلب آرام طلب يا بيپرواهه آهي. هو سمورن حوالن کان تمام گهڻو سرگرم هو. سندس ڏهه سال وڏي ڀيڻ انام انهن ڏينهن جو ذڪر ڪندي ٻڌائي ٿي ته "نوجوانيءَ وارن ڏينهن ۾ به عرفات هڪجيڏن کي گهٽين ۾ صف بنديون جوڙڻ ۽ مارچ پاسٽ ڪرڻ تي مجبور پيو ڪندو هو ۽ مٿي تي لوهي ٿالهيون رکيل انهن ٻارن کي قطار مان ٽڙڻ تي لٺيون وهائي ڪيندو هو. (۱٦)

روميل ۽ اتحادين وچ ۾ رڻ واري جنگ، عربن ۽ يهودين واري ڇڪتاڻ تان ڪنهن حد تائين ڌيان هٽرايو ته سهي، پر اهو عمل به ٻگهي عرصي تائين هلي نه سگهيو. جيستائين عرفات جو تعلق آهي ته هو جنگ وارا سال قاهره ۾ گذاريندي اتحادين لاءِ رسد جي اچ وڃ جاچيندو رهيو. انهيءَ عمل ڪچڙي ڄمار واري نوجوان ۾ انتقامي جذبي سان پرڀل فلسطيني سوال کي نئين سر تازو ڪري ڇڏيو.

قربانين کان ڪيباڻ واري عمل، انهن جا هٿ مضبوط ڪيا. جيڪي يهودي قومپرستي يا صيهوني تحريڪ جي جهنڊي هيٺان يهودين لاءِ فلسطين ۾ ڏار ۽ محفوظ وطن جي ڳُهر ڪري رهيا هئا. ان جو نتيجو ۱۹۴۷ع ۾ گڏيل قومن پاران

فلسطين کي يهودين ۽ عربن نالي ٻن حصن ۾ ورهائڻ واري رٿابنديءَ جي صورت ۾ ظاهر ٿيو ۽ موجود عرب رياستون، جيڪي ١٩٤٥ع کان عرب ليگ نالي تنظيم ۾ منظم هيون، فلسطين کي انهي تباهيءَ کان روڪڻ لاءِ ڪجهه به ڪري نه سگهيون. قاهره ۾ اهم فلسطينين جي گهرن ۾ مهمان طور خفيا ڳالهه ٻولهه ٻڌندي عرفات کي ڏکوئيندڙ جذبن کان سواءِ ٻيو ڪجهه به حاصل ٿي نه سگهيو.

فلسطين لاءِ ٻنهي مرحلي واري جنگ، پهرين شهري مزاحمت ۽ پوءِ کُلي جنگ عربن جي مڪمل تذليل واري پڄاڻيءَ تي پهتي. سندن ڪمزور ۽ ڇڙوڇڙ فوج ڪنهن به ريت صيهوني فوجي مشينريءَ جي بهتر حملي ۽ وار جي صلاحيت رکندڙ موٽ جي ست ساري نه سگهي. فلسطيني ميدان سندن گروهي اختلافن ڪري مڪمل طور هٿن مان نڪري چڪو هو ۽ جنگ کان پوءِ الحاج امين الحسيني جي سرواڻيءَ ۾ ڪُل فلسطيني حڪومت قائم ڪرڻ واريون ڪوششون گهڻي ڀاڱي ناڪام ٿي رهيون. فلسطين جو نالو آهستي آهستي دنيا جي نقشي تان ميسارجڻ شروع ٿي ويو.

ٻين ڪيترن ئي نوجوان فلسطينين وانگر عرفات به پهرين ته ١٩٤٩ع ۾ وچ اوڀر مان فرار ٿي ڪنهن ٻئي پاسي زندگي گهارڻ چاهي ٿي. هو خوفناڪ فلسطيني هجرت کان بنل ۽ عربن جي رويي کان سخت تنگ هو. ١٩ سالن جي ڄمار ۾ هُن ٽيڪساس جي هڪ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا لاءِ درخواست اُماڻي. "آءٌ انتهائي مايوس فلسطينين مان هڪ هئس، تنهنڪري مون به ٻين فلسطينين وانگر اهو علائقو ڇڏڻ پئي چاهيو" هو ٻڌائي ٿو: "ڪي فلسطيني پنهنجي تعليم مڪمل ڪرڻ لاءِ ڪينيڊا ويا، ڪي آمريڪا ته ڪي لاطيني آمريڪا جي ملڪن ڏانهن. مون پنهنجي تعليم لاءِ آمريڪا وڃڻ جو فيصلو ڪيو." (١٧)

عرفات پنهنجي درخواست پوريان هٿ ڏوئي لڳي نه سگهيو: ڇاڪاڻ جو خود سندس ئي لفظن ۾، "آءٌ پنهنجي چوڌاري واري ماحول ۾ مڪمل طور تي ڦيهجي ويو هئس." (١٨) ان کي سمجهڻ ڪو ڏکيو ناهي. ١٩٤٠ع واري ڏهاڪي جي پڇاڙي ۾ قاهره سياسي سرگرمين جو ڀرپور مرڪز هو. هڪ ڪمزور ۽ بدعنوان حڪومت پوين پساهن ۾ هئي. مصري ڌرتيءَ تي برطانوي فوج جي لاڳيتي موجودگي، مسلسل احتجاجن ۽ هنگامن کي هٿي پئي ڏني ۽ بي اعتبار حاڪمن جي ڏڏندڙ قطار جو آخري حاڪم شاهه فاروق انقلاب ڏانهن وڌندڙ حالتن کي روڪڻ لاءِ پنهنجي نَنهن چوٽيءَ جو زور لايو بيٺو هو. انهيءَ زوال پزير جنتا جا رڪن نيل جي ڪناري پنهنجن شاهي محلاتن جي قيمتي شين کي وڪڻي جان ڇڏرائڻ لڳا. ١٩٢٨ع ۾ ڪرشماتي شخصيت شيخ حسن البانا جي قائم ڪيل اخوان مسلمين گهڻين ۽ تعليمي ادارن ۾ پنهنجو اثر رسوخ وڌائڻ لڳي. ١٩٤٨ع ۾ حڪومت پاران انهن مسلمان ويڙهاڪن کي ڇيڀائڻ واري ڪارروائي وقت کان گهڻو دير سان

شروع ٿي هئي. فوج ۾ پنهنجون پاڙون پختيون ڪرڻ سان گڏوگڏ اخوان خود ڪميونسٽ پارٽيءَ تي بہ پنهنجا اثر وجهي چڪي هئي. هو فلسطيني ڪاز جي حمايت ۾ سمورن مصري گروپن کان اڳيرا هئا ۽ ۱۹۳۰ع ۾ يهودين جي لڏپلاڻ ۽ برطانوي راڄ خلاف فلسطيني اُڀار مهل حمايت وانگر، هو ۱۹۴۸ع واري ويڙهہ ۾ پڻ جنگ ۾ رڌل قوتن جا ساٿاري هئا.

فطري طور تي، عرفات بہ اخوانن جي سامراج دشمني ۽ اسلامي انداز ذريعي قومي بحاليءَ واري جنگجو طريقي کان متاثر ٿيڻ کان سواءِ رهي نہ سگهيو. اهو نقطو اڃان تائين بحث جوڳو آهي تہ عرفات اخوان جو ميمبر هو يا رڳو همدرد. جيتوڻيڪ هاڻي هو ان ڳالهہ تي زور ڏيو ڏي تہ هو ڪڏهن بہ ان جو ميمبر ناهي رهيو. (۱۹) پر هُن شاهہ فواد يونيورسٽي (هاڻي قاهره يونيورسٽي) جي شاگرد سنگت واري چونڊ ۽ ساڳي ريت فلسطيني اسٽوڊنٽس ليگ جي چونڊن ۾ اخوان جي حمايت تي گهڻو ڀاڙيو هو. عرفات ۱۹۴۹ع جي گرميءَ واري مُند ۾ يونيورسٽيءَ جو شاگرد انهيءَ دور ۾ ٿيو، جڏهن برطانيا خلاف ڏڪار طور مظاهرن ۽ هنگامن جو سلسلو ڏهاڙي جو معمول بڻيل هو. قانون جي حڪمراني مڪمل طور تي ختم ٿي چڪي هئي. تن ڏينهن جو هڪ عملدار ٻڌائي ٿو: "بدانتظامي، تباهي، وڳوڙ ۽ رتوڇاڻ جا ذميوار ٿوري گهڻي سگهہ رکندڙ سمورا قانوني توڙي غيرقانوني گروپ هئا." (۲۰)

۱۹۴۰ع واري ڏهاڪي جي آخر ۽ ۱۹۵۰ع واري ڏهاڪي جي شروع ۾ عرب دنيا ۾ جوش ۽ جذبي جو سبب کان وڌو ڪارڻ فلسطين ۾ ٿيندڙ سندن بيعزتي هئي؛ ۽ اهو جذباتي ماحول خود مصر جي اندروني حالتن سان ٺهڪي ٿي آيو. اهم فلسطيني تاريخدان پروفيسر وليد خالديءَ جو چوڻ آهي تہ، "عوام ۾ توهين وارو لاڙو گهر ڪري چڪو هو ۽ اُهي شاهي توڙي عوامي حاڪمن خلاف اُٿي کڙا ٿيا هئا. ان جي ابتڙ خودتنقيديءَ وارو دانشوراڻو انداز تمام گهڻو دلچسپ هو. جيڪو اوپرائين عاشقاڻي ورتاءُ سان ڀرپور هو. اسانجي شڪست ڳري سڙي ويل لاشن سان ڇهنل رهڻ سبب ٿي هئي ۽ ان شام، عراق ۽ مصر سميت هر هنڌ ريڊيڪل ڏقيرن کي جنم ڏنو. فطري طور تي، اهو فلسطين واري جنگ ۽ ان جي زوال جو ردعمل هو، جنهن عراقي ۽ مصري بادشاهت جو انت آندو ۽ جيڪو شام ۾ انقلاب جو سبب بڻيو." (۲۱)

انهيءَ اٿل پٿل واري ماحول ۾، اڄرج ۾ ورتل عرفات وچولي معيار واري يونيورسٽي جيوت کان سواءِ هيو ڪري بہ ڇا ٿي سگهيو. سندس رڪارڊ مان ظاهر ٿو ٿئي تہ هُن سول انجنيئرنگ واري فيڪلٽيءَ ۾ پنهنجي تياريءَ وارو سال ۱۹۴۹-۵۰ع ۾ ڪاميابيءَ سان مڪمل ڪيو، پر ڪيس ايندڙ سالن مان هن کي ورجائڻو پيو. هو حسابن ۾ ڇگو خاصو ڪمزور هو ۽ انهيءَ کي ٿي ڀيرا ورجائڻ

ڪان پوءِ بہ ناپاس ٿيو. عرفات جي شاگرديءَ واري دور جو بهترين دوست، فتح جو شروعاتي سرگرم ڪارڪن ۽ اڄڪلھ نار جو ڪامياب انجنيئر زُهيرالعلمي، سياست ۾ پنھنجو وقت کپائيندڙ عرفات کي ساريندي ٻڌائي ٿو: "سندس واحد سرگرمي سياست هئي، انجنيئرنگ اسڪول تہ ڪڏهن ڪڏهن ئي ايندو هو." (٢٢) ڏيان نہ مليل ۽ منظور نظر نہ ٿي سگهندڙ عرفات جي سياسي زندگي ١٩۴٩ع ۾ جوشيلي انداز ۾ شروع ٿيندي نظر ٿي اچي. هاٺوڪن ڏينهن ۾ والاريل يروشلم ۾ پي- ايل- او جو سپ کان وڏيڪ باااثر شخص فيصل الحسيني، ١٩۴٩ع جي شروعاتي ڏينهن ۾ پنھنجي والد عبدالقادر سميت ٻين فلسطيني شهيدن جو اپريل ۾ ڏهاڙو ملهائڻ واري تقريب ۾ هڪ نظم پڙهڻ جي تياريءَ لاءِ عرفات جي سندس گهر اچڻ واري ڏينهن کي چڱي ريت ياد رکيو پيو اچي. (٢٣)

اُسرندڙ سياستڪار عرفات جي شخصيت جون ٻيون جهلڪيون، تنظيم ڪاري، سهمت ظاهر ڪرڻ ۽ حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ سندس اُبهرائپ کي ظاهر ٿيون ڪن. اڄڪلهہ ڪويت ۾ ڊاڪٽري ڪندڙ حسام ابوشعبان ١٩۴٩ع ۾ هڪ سنهڙي ۽ بي صبري فلسطينيءَ سان قاهره جي مصروف گهٽي 'قصر النيل' ۾ Benque Belgeet International ٻاهران ٿيل پنھنجي ملاقات جو ذڪر هيئن ٿو ڪري: هو جلدئي پنھنجي اصل نقطي تي پهچي ويو: "تون فلسطيني آهين؟" هُن پڇيو هو. شعبان جي هائوڪار ۾ جواب ڏيڻ تي هُن ياسر عرفات جي نالي سان پنھنجي واقفيت ڪرائيندي کيس فلسطين تي بحث ڪرڻ جي نينڊ ڏني هئي. (٢۴) اڳتي هلي شعبان، عرفات جي سرواڻي ۾ فلسطيني اسٽوڊنٽس ليگ ۾ عهديدار طور ڀڻ ڪم ڪيو.

شروعاتي ڏينهن ۾، عرفات پنھنجو پاڻ کي فقط فلسطيني سياست تائين ئي محدود نہ رکيو. هڪ مصري همعصر، جيڪو عرفات کي 'انتهائي ڪمزور' ۽ 'ڪنهن قدر مائيٽي' طور ياد ٿو ڪري، جي چوڻ موجب: "شاگرد يونين لاءِ انجنيئرنگ فيڪلٽيءَ جي ٻن نمائندن مان هڪ طور سندس چونڊ اصل ۾ هڪ غلطي هئي، ڇاڪاڻ جو اِهي عهدا فقط مصرين لاءِ ئي مخصوص هئا." (٢٥) اِهو ممڪن آهي تہ عرفات، جيڪو اجان تائين پختي مصري لهجي ۾ عربي ڳالهائيندو آهي، پنھنجو پاڻ کي مقامي ثابت ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو هجي.

١٩٥٠ع ۽ ١٩٥١ع جي سموري عرصي دوران ڪئنال واري علائقي ۾ برطانوي فوجن جي موجودگيءَ خلاف بيچيني وڌندي رهي. اخوان جي حامين اُپاريل سامراج مخالفت کي اُن وقت تائين ملڪ ۾، خاص طور تي يونيورسٽي ڪئمپس ۾ اُتل پتل جو ذريعو بڻائي رکيو، جيستائين عوامي دٻاءَ جي نتيجي ۾ مصري پارليامينٽ ١٦ آڪٽوبر ١٩٥١ع تي، ١٩٣٦ع واري برطانيا- مصر ٺاهہ کي ختم ڪرڻ جو اعلان نہ ڪيو، جنهن جي بنياد تي برطانيا مصري سرزمين تي موجود

هو. اهو مصر ۾ برطانوي موجودگيءَ خلاف ڪهڻ طرفي مزاحمت جو چٽو اهڃاڻ هو.

مصري تمام گهڻا خوش هئا. هڪ اخبار انهن ڏينهن ۾ لکيو هو: ’برطانوي رت آڏو هڏل ۽ بي رحم ۽ ظالم سوار جا چهبڪ جهليندڙ بي واهو ۽ بکايل مصري گهوڙو هاڻ اَجو ٿي چڪو آهي.‘ (٢٦) چاهي سندن مرضي شامل هئي يا نہ، پر برطانيا خلاف هٿياربند مزاحمت کي انتظاميا روڪڻ کان قاصر هئي. يونيورسٽي ڪئمپس ۾ شروع ٿيل مُهم جي صدقي عرفات پنهنجي شروعاتي فوجي تربيت حاصل ڪرڻ وارو هو.

حسن دوح، جنهن کي تاريخدانن اخوانن جو اهم ڪارندو سڏيو آهي، مصري يونيورسٽين جي هزارين خواهشمند شاگردن جي فوجي سکيا لاءِ انچارج هو. عرفات انهن ٿورڙن فلسطينين مان هڪ هو، جن بندوقن ۽ ڌماڪي خيز مادن بابت ڪجھ سکڻ واري موقعي مان لاڀ پرايو. هاٿوڪن ڏينهن جو نہل بُت ۽ گمنام شخصيت وارو دوح، عرفات کي پنهنجن بهترين شاگردن مان هڪ ۽ خاص طور تي شاهہ فواد يونيورسٽي واري مرڪزي هال جي وڏي شاهي گنبذ تي هنرمنديءَ سان چڙهندڙ طور ياد ٿو ڪري. ڪو انهيءَ کي پل لطيفو سمجهي پر عرفات لاءِ اِها يروشلم جي مسجد اقصيٰ جي گنبذ تي چڙهڻ لاءِ بهترين مشق هئي. مهيني اندر عرفات پاڻ بہ تربيت ڏيندڙ بڻجي ويو، پر عرفات جي دعوائن جي اُبتڙ، دوح کيس ١٩٥١ع ۾ ڪئنال واري علائقي ۾ برطانوي موجودگي خلاف اُيار دوران سرگرم نٿو سمجهي. (٢٧)

١٩٥١ع واري گرميءَ جي مُند ۾، مصري انقلاب جيئن ئي پنهنجي عروج تي پهتو تہ هڪ مضبوط بُت ۽ ڪڏهن بہ معاف نہ ڪندڙ فلسطيني نوجوان غزه واري پٽي کان قاهره پهتو. سندس نالو صلاح خلاف هو ۽ هو غزه جي انهن هزارين پناهگير شاگردن مان هڪ هو، جن اعلي تعليم لاءِ قاهره جو رُخ ڪيو هو ۽ انهن مان ڪيترائي پي- ايل- او جا سخت موقف رکندڙ اڳواڻ بڻجڻا هئا.

هڪ پناهگير طور پنهنجن تجربن جي پيڙائن، بيعزتين ۽ تڪليفن جي انتها- ۽ دهشتگرديءَ ۾ شامل ٿيڻ جي خواهش سبب خلف، عرفات سان انهن ناتن جي شروعات ڪرڻ وارو هو جيڪي ايندڙ ٽيهن سالن کان بہ وڌيڪ عرصي تائين هلڻا هئا.

زماني جي اُٿل پٿل جي باوجود، اها ايڪتا قومي تحريڪ ۾ سندن اوسر دوران هنهي لاءِ فائديمند ثابت ٿي. اڳتي هلي خلف ان نتيجي تي پهتو تہ ”قاهره وارا سال اسان جي ذاتي ناتن جي جُڙڻ ۽ اڳتي هلي پيدا ٿيندڙ اختلافن کي ختم ڪرڻ ۾ تمام گهڻا اهم ثابت ٿيا. انهن سالن جي پنهنجائپ جو ئي نتيجو هو، جو اسان ڪڏهن بہ ڌار نہ ٿياسين.“ (٢٨)

سندن پهرين گڏجاڻيءَ جي ٺيڪ تاريخ تہ صلاح خلف کي بہ ياد ناهي پر اِهي ۱۹۵۱ع جي پڇاڙي وارا ڏينهن هئا ۽ اِهو سلسلو فلسطيني شاگردن جي هلچل جو هو. گرم مزاج واري خلف کي، عرب ليگ پاران ضرورتمند فلسطيني شاگردن لاءِ امداد ۾ ڪٽوتي ڪرڻ خلاف احتجاج تي اوڀونجاهہ ڏينهن لاءِ نظربند ڪيو ويو. شاگردن تن ڏينهن ۾ عرب ليگ جي فلسطيني معاملن واري انچارج ۽ ليگ جي اسسٽنٽ سيڪريٽري جنرل احمد شُڪيري جي آفيس جي پڻ پيچ ڊاهہ ڪئي. جيڪو ۱۹٦۴ع ۾ پي- ايل- او جو پهريون متنازع سيڪريٽري بڻيو. اِها صلاح خلف جي مصري جيلن جي ڪنهن بہ ريت آخري ياترا نہ هئي.

عرب دنيا ۾ هر هنڌ، نئين ۽ وڌيڪ ويڙهو نسل جا فلسطيني ڏيهہ نيڪاليءَ جي شروعاتي صدمي کانپوءِ چُرپر ۾ اچي رهيا هئا. بيروت ۾ جارج حباش، جنهن ۱۹۵۱ع ۾ آمريڪن يونيورسٽي ميڊيڪل اسڪول مان پنهنجي ڪلاس ۾ ذري گهٽ نمايان ترين حيثيت سان گريجوئيشن ڪئي هئي، سمونڊ آڏو هڪ ڪافي شاپ ۾ پنهنجي همعصر دانشورن جي ننڍڙي ٽولي سان قومپرست خيالن تي ڳالهين جي ڏي وٺ شروع ڪري ڏني هئي. عراق ۽ شام ۾ پنهنجو نمايان اثر قائم ڪندڙ، سوشلزم جي عربي انداز بعث ازم ۽ ٽين دنيا تي ڇائجندڙ انقلابي لهر کان متاثر حباش ۽ سندس ساٿين هڪ اهڙي قومپرست تحريڪ قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، جيڪا گڏيل عرب جدوجهد ۾ فلسطين جي دعويدار هجي.

جارج حباش ٻڌائي ٿو تہ عرب نيشنل موومينٽ قائم ڪرڻ جو فيصلو 'ڇهن ستن ساٿين' سان گڏ ۱۹۵۱ع ۾ ڪيو ويو. ايندڙ سال هو ميڊيڪل پريڪٽس لاءِ عمان روانو ٿي ويو. (۲۹) انهن ساٿين ۾ ڊاڪٽر وديع حداد پڻ شامل هو، جيڪو ۱۹٦۰ع واري ڏهاڪي جي آخر ۾ بي ترڪ خوني دهشتگرديءَ جو منصوبي ساز هو. حباش چوي ٿو "تنظيمي جوڙجڪ وارن انهن سالن ۾ هو ۽ حداد ڀائرن کان بہ وڌيڪ ويجها هئا." (۳۰)

بيروت جي انهن ڏينهن ۾ جڏهن اُهو اوير جي ڪنوار طور مشهور هو، حباش جا اُسريل پٺن عرب وارا نظريا ڪيترن ئي سالن تائين عرفات جي پنهنجي فلسطيني قومپرستيءَ واري نقطءِ نظر سان هر هر ٽڪرائبا رهيا. اڄ تائين عرفات ۽ حباش فلسطيني سياسي سرگرمين جي ٻن وسيع سيڪيولر رحجانن جي نمائندگي ڪن ٿا. هو ڪن معاملن تي سهمتي نظر ايندا آهن تہ ڪن تي وري بلڪل مخالف ڌرين جا راهي؛ جيتوڻيڪ هو ڪيترائي ڀيرا هڪٻئي سان تلخ اختلاف ڪندا پئي آيا آهن پر منجهن ڪڏهن بہ مڪمل ۽ حتمي ٽوڙ ڦوڙ نہ ٿي آهي.

مصر ۾ پرڏيهي موجودگيءَ لاءِ حالتون جيئن پوءِ تيئن خراب ٿينديون ويون. ۲٦ جنوري ۱۹۵۲ع تي 'ڪاري ڇنڇر' جي موقعي تي باهيون ڏيڻ ۽ ڦرلٽ جي بدمستيءَ وارن واقعن ۾ قاهره جي ۷۵۰ جاين کي تباهہ ڪيو ويو يا نقصان رسايو

ويو. مشهور برطانوي حمام "Truf Club" تي ٿيل حملي جي نتيجي ۾ ڏهہ برطانوي مارجي ويا. قاهره واري برطانوي سفارتخاني مصري حڪومت تي سخت چوهہ چنبنديءَ الزام لڳايو تہ 'اُن انهيءَ واقعي کان ڪنٽار ڪئي آهي، جنهن ۾ منظم اڳواٽيءَ هيٺ هڪ بدمست هجوم عمارت منجهہ ڪاهي پيو..' (٣١)

جيتوڻيڪ بحث ان تي قطعي ناهي تہ عرفات پنهنجي سر انهن تخريبي ڪارروائين ۾ شريڪ هو يا نہ، پر اِها ڳالهہ چٽي پٽي آهي تہ سندس همدرديون کهڙي پاسي هيون. "آءٌ ان کي هڪ تحريڪ، هڪ ويڙهہ ۽ منزل ڏانهن هڪ گس طور ٿو ڏسان." هو چوي ٿو "آءٌ انگريزن کي فلسطيني هاڃي جو اهم ذميوار ٿو سمجهان. اڄان تائين منهنجو ويساهہ آهي تہ مکيہ ڏوهاري برطانيا آهي. اسين سندس مينڊيٽ ۾ هئاسين پر اسانکي آزادي ڏيڻ بدران اُن اسانکي پناهگير ۽ بي وطن بڻائي ڇڏيو. ان ڪري برطانوي فوج خلاف مصري عوام سان گڏجڻ کيمون پنهنجو تاريخي فرض سمجهيو." (٣٢)

قاهره ۾ 'ڪارو ڇنڇر' بادشاهتي راڄ جي خاتمي ڏانهن پهريون قدم ليکيو ويو. ڇهہ مهينن اندر، حقيقتاً ٢٢ ۽ ٢٣ جولاءِ واري رات هڪ فوجي ڪرنل، جمال عبدالناصر بنان ڪنهن رتوڇاڻ واري بغاوت ڪانپوءِ اقتدار تي قبضو ڪري ورتو. شاهہ فاروق جو وقت ختم ٿي چڪو هو. باغين جي دپ کان، هُن اسڪندريا سامونڊي ڪناري واري خوبصورت راسالطن محل ۾ پناهہ ورتي. ٢٦ جولاءِ تي تخت کان هٿ کڻڻ واري حُڪم خلاف شاهہ فاروق ہڙڪ بہ نہ ہولي. جيئرو بچي وڃڻ واري خوشيءَ ۾ هو ٺينگ ٽپا ڏيندو پنهنجي شاهي ٻيڙي 'المهروسا' وسيلي جلاوطن ٿي ويو. عجيب اتفاق آهي جو سندس بدڪار ۽ ظالم ڏاڏو 'فديو اسماعيل' بہ ساڳي ٻيڙي وسيلي ١٨٧٩ع ۾ جلاوطن ٿيو هو.

ناصر واري انقلاب جي ڪجهہ ئي هفتن اندر، عرفات ۽ خلف، جيڪي اوستائين گهاٽا دوست بڻجي چڪا هئا، فلسطيني اسٽوڊنٽس ليگ تي پنهنجو قبضو قائم ڪري ويا، جنهن کي هو شاگرد يونين سڏيندا هئا. عرفات پنهنجي مهم دوران هڪ راءِ بنائڻ لاءِ پنهنجي محنت واري اهم سياسي هٿيار جي هڪ جهلڪ سامهون آندي. هُن اميدوارن ۾ عهدا ورهائڻ وقت توازن قائم رکيو. سندس پينل منجهہ ٽڪيٽ حاصل ڪندڙ ڇهہ آزاد، هڪ ڪميونسٽ، هڪ بعث ازم وارو ۽ هڪ اخوان شامل هئا. (٣٣) اٿٽڪ تنظيم ساز عرفات، ليگ جو چيئرمين چونڊجي ويو ۽ فلسطيني شاگردن واري برادريءَ جو ناراض نوجوان خلف، نون چڻن واري ايگزيڪيٽو ڪميٽيءَ ۾ شامل ٿي ويو. انهيءَ دور ۾ عرفات پنهنجي هڪ ٻي وصف جو پڻ نماءُ ڪرڻ شروع ڪيو، جيڪا ايندڙ سالن ۾ هُن لاءِ انتهائي مددگار ثابت ٿي، اِها هئي ننڍا ۽ ڇهرا ياد رکڻ ۽ فلسطيني شاگردن جي زندگي جي معمولي ڳالهين کي بہ پنهنجي دماغ ۾ سانديءَ رکڻ.

جيتوڻيڪ عرفات جي اڳواڻيءَ ۾ اسٽوڊنٽس ليگ کي فلسطيني مئٿالاجيءَ ۾ تمام گهڻي تاريخي اهميت ڏني ٿي وڃي پر حقيقت ۾ اِها، گهڻي ڀاڱي بنان ڪنهن نظريي جي پنهنجي مدد پاڻ واري اداري جي حيثيت سان فلسطيني شاگردن جي مالياتي ۽ ٻين روزمره جي مسئلن جي حل لاءِ پتوڙيندي رهي. پئسن جي کوٽ سدائين رهندي هئي، شاگرد، جن کي اُنهن ئورڙن پئسن مان گذارو ڪرڻو پوندو هو، جيڪي عرب ليگ ۽ گڏيل قومن جي مددي ۽ ڪم ڪار واري ايجنسي (UNWRA) وٽان ملندا هئن، سدائين مالي تنگيءَ جو شڪار رهندا هئا. جو منجهائن ڪيترا پنهنجن بدحال ۽ ڪنگال ڪٽنبن کان ڪابه مدد حاصل ڪري نه پئي سگهيا. ليگ سماجي ڪلب طور پڻ ڪم ڪيو ۽ شاگردن جي تفريحي گڏجاڻين جو پڻ بندوبست ڪيائين. فلسطيني جدوجهد جي اوائلي تصويرن ۾ شاگرد نيل درياءَ ۾ ٻيڙيون هلائي رهيا آهن يا وري قاهره جي چڙيا گهر ۾ ڪائي پِي رهيا آهن.

شاگرد سياستڪار طور، عرفات اهي گُر پڻ سکي رهيو هو، جيڪي ڪيس ايندڙ سالن ۾ ڪم اچڻا هئا. بشير برغوتي جيڪو اڄڪلهه اوبر يروشلم جي هڪ اخبار جو ايڊيٽر آهي ۽ جنهن ۱۹۵۰ع واري ڏهاڪي جي وچ ڌاري ساڻس گڏجي ڪم ڪيو هو، عرفات جي جذباتي تقريرن ۽ فلسطين بابت ڪنهن نظم جون چار سٽون پڙهڻ ڪانپوءِ اکيون آليون ڪرڻ واري ڪرت کي ياد ٿو ڪري. هو وقت سر قرآني آيتون به پڙهندو هو. (۳۴) ورجاءُ عرفات جو اهم ترين اثاثو رهيو آهي.

برغوتيءَ کي اُهو واقعو به ياد آهي، جنهن ۾ هڪ پريشان حال فلسطيني عورت هر هر يونين جي معمولي هيڊڪوارٽرس ۾ اچي پنهنجي ڌيءَ لاءِ مدد ٿي گهُري، سندس ڌيءَ ڪنهن شاگرد وفد ۾ مصر کان ٻاهر وڃي ڪنهن هنڌ ڦاسي پئي هئي. هڪ ڏينهن عرفات هيڊڪوارٽرس ۾ انهيءَ ماءُ سان ٽڪرائجي ويو ۽ هوءَ پنهنجي ڌيءَ جو ڪائنس پڇڻ لڳي. عرفات هڪدم بنان ڪنهن هٻڪ جي کيس وراڻي ڏني ته کيس هاڻي ئي اطلاع مليو آهي ته سندس ڌيءَ کي موٽڻ جي اجازت ڏني ويندي. سُٺي خبر ٻڌائيندي هُن پنهنجي کوٽ جو کيسو ڦولهڻ شروع ڪيو. ڇڻ ان مان اجازت نامو ٿو ڳولهي. کيسي ۾ ڪاغذ نه هئڻ تي معافي گهرندي اِهو گهر وساري اچڻ جو عُذر پيش ڪيائين. عورت جي هلڻ وڃڻ ڪانپوءِ اچرج ۾ ورتل برغوتيءَ عرفات کان ان متعلق پڇيو: "نه ڪو ڪاغذ پٽ هو ۽ نه وري مائيءَ جي ڌيءَ بابت ئي ڪا خبرچار هُئي. پوءِ تو کيس دوکو ڇو ڏنو؟" عرفات مرڪندي چيو: "اسان کيس هتان مايوس موٽندي نٿا ڏسي سگهون. ڇا اسان کي اِهو جڳائي ٿو؟" (۳۵)

پنهنجي شاگرد اڳواڻي وارن سالن ۾ عرفات، مشهوريءَ لاءِ معمولي حاصلاتن جو به نماءُ ڪري سگهڻ واري صلاحيت جو ڀرپور مظاهرو ڪيو. انهيءَ ايندڙ سالن ۾ فلسطيني تحريڪ جي سرواڻ طور سندس حيثيت جي مڃتا ۾ ڪو گهٽ

ڪردار ادا نہ ڪيو. سندس همعصر شاگرد اڳواڻ ۽ فلسطيني قومي ماليات (پي- ايل- او جي ناڻي واري وزارت) جو چيئرمين جاويد الغصين پرڏيهي شاگردن جي هڪ وفد جو شهر جي مرڪزي چونڪ پرسان ١٧- جواد حُسني اسٽريٽ واري ليگ جي بي ترتيب فرنيچر واري هيڊڪوارٽرس جي دوري دوران عرفات جي جفاڪشيءَ سان ڪيل تيارين جو ذڪر ٿو ڪري. پنهنجي پسند جو اثر وجهڻ لاءِ عرفات پر واري ڪُل فلسطين حڪومت جي آفيس مان ڪجهہ فرنيچر اڌارو ڪٺي آيو ۽ هيڊ بيٺل دربان کي رومانيا ۽ چيڪوسلواڪيا جي برادر تنظيمن جي فونن جا ناٽڪي اطلاع ڏيڻ لاءِ پئسا پڻ ڏنائين. انهيءَ سموري ڊرامي سبب عالمي مهمان تمام گهڻو متاثر ٿيا. (٣٦)

انهن سالن دوران عرفات هڪ اهڙي شاگرد اڳواڻ طور اُڀريو جيڪو ليگ جي تقريباً سمورين سرگرمين تي پنهنجو اثررسوخ استعمال ڪندي سائين جي حواسن تي سوار رهيو. سندس رويي جو اِهو انداز اڄان تائين قائم آهي. هو سيڪجهہ پاڻ ڪرڻ جي چاهنا ڪندڙ هو ۽ سندس ساٿي شاگرد ڪين مليل ڪم اڳ ۾ ئي عرفات پاران ڪيل ڏسندا هئا. سندس شخصيت جا ٻيا پاسا جيڪي انهن ڏينهن ۾ اُڀريا تن ۾ يڪدم ڪاوڙجڻ ۽ دير ڪرڻ جو عادي ٿيڻ شامل آهن.

صلاح خلف جي بقول "عرفات وٽ 'وقت جو ڪو تصور' ئي نہ هو. 'هو سدائين دير ڪندو هو.'" (٣٧) ڪجهہ موقعن تي اِهو هن لاءِ فائديمند پڻ ثابت ٿيندو هو پر سدائين ايئن بہ نہ هو. اڪثر ڪيس گڏجاڻيءَ ڪانپوءِ صفائي وغيره جو ڪم ڪرڻو پوندو هو. ڇاڪاڻ جو هو ئي سڀ کان آخر ۾ پهچندو هو. هڪ ڀيرو وقت تي نہ پهچڻ واري عادت کيس گرفتار ٿيڻ کان بچائي ورتو. مظاهري واري جاءِ تي دير سان پهچڻ ڪري مٿس ڪنهن ڌيان ئي نہ ڏنو. عرفات پنهنجي هڪ دوست کي سرباٽ ۾ چيو، "ڏٺئي! آهي نہ دير سان اچڻ جو فائدو!." (٣٨) عرفات جي شخصيت جو هڪ پاسو جيڪو انهن ڏينهن ۾ ظاهر ٿيو ۽ اڄان تائين قائم آهي، اهو سندس حرفتي هئڻ آهي: اهو ڪنهن اطلاع ڏيڻ بنان ڪُم ٿي ويندو. حسام ابوشعبان چواڻي: "١٩٥٣ع ۾ ليگ جي خزانچي طور کيس ڪجهہ چيڪن تي عرفات جون ترتيڪڙ ۾ صحيحون گهربل هيون، پر هو سڄي قاهره ۾ هٿ نہ آيو. اتفاقي طور هن کيس ال امين پرسان اولهائين رڻ پٽ ۾ هٿ ڪري ورتو، جتي هو غزه واري مزاحمت لاءِ اُماڻ واسطي ٻي مهاڀاري لڙائي دوران ضايع ٿيل هٿيارن مان ڪارائتا اوزار ڳولهي رهيو هو. (٣٩).

عرفات جو ٻيو روپ مصر ۾ موجود فلسطيني برادريءَ جي محتسب وانگر ڪم ڪرڻ هو ۽ سمورن حوالن سان هو ان تي پورو ٿي لٿو. خلف کي ١٩٥٢ع وارو اُهو واقعو ياد آهي جڏهن عرفات، ڪينال جي ڏاکڻين پاسي سوئيز شهر ۾ حج لاءِ ويندڙ غزه جي فلسطينين جي ٽرانسپورٽ تي ٿيل اَڻبڻت جي نبيري لاءِ

مينهن واچوڙو ڪندي اُتي پهچي ويو. سوئيز جو گورنر حج جي پانڌيئڙن جي ڪابہ مدد نہ ڪري رهيو هو، پر جڏهن عرفات تمام گهڻي رعب سان ڪيس انور سادات جو ڪارڊ ڏيکاريو، جيڪو ١٩٥٢ع واري انقلاب جو هڪ اهم اڳواڻ هو، گورنر بہ پنهنجو لهجو مٽايو.

"مونکي انور سادات هيءُ ڪارڊ ڏنو آهي ۽ اسين هنن همراهن کي بنان ڪنهن تڪليف جي مڪي اُماڻڻ چاهيون ٿا." عرفات اعلان ڪيو. گورنر هڪدم پوليس جو هڪ وڏو آفيسر سندس حوالي ڪيو تہ جيئن حج تي اُسهندڙ پهرين ممڪن سواريءَ وسيلي ڳاڙهو سمونڊ اُڪري سعودي عرب وڃي سگهن. (٤٠)

ان دوران عرفات غزه واري پٽيءَ ۾ پنهنجي دلچسپي وڌائڻ شروع ڪئي، ١٩٥٣ع ۾ سندس والد گذاري ويو ۽ جتي سندس خانداني نالي پويان القدويٰ گهٽيءَ ۾ خود سندس نالي تي پڻ ڪجهہ ملڪيت موجود هئي. مصري انقلاب کان پوءِ اُتان جو هر هر دورو ڪندڙ ۽ خاص طور تي پنهنجي پيڻ يعوصرا، جيڪا هاءِ اسڪول جي هڪ ماستر سان شاديءَ ڪري اُتي رهندي هئي، سان ملڻ لاءِ ويندڙ عرفات اُتان جي صورتحال کان مڪمل طور تي نااُميد نہ هو. زمين جي انهيءَ سوڙهي پٽيءَ ۾ فلسطيني قومپرستي وڌي رهي هئي، جيڪا اسرائيلي واٻار ڪندڙن لاءِ ڪئي قدر ڏکي ٿِي ٿي سگهي. فقط پنجيتاليهہ ڪلوميٽر ڊگهي ۽ سراسري ڇهہ ڪلوميٽر ويڪري انهيءَ پٽيءَ پناهگيرن جو وڏو انگ برداشت ڪيو هو. ١٩٤٨ع واري لڙائيءَ کانپوءِ اُتان جي آبادي ٽيڻي ٿي وئي هئي. ١٩٥٠ع واري ڏهاڪي جي وچ ڌاري اِها گهٽي ڀاڱي سمورن لاڳاپيل فلسطيني قومپرستن لاءِ بنيادي گهر ۽ مزاحمتي سرگرمين جو مرڪز هئي. اِهو ماڳ ان شخص لاءِ نهايت ڪارائتو هو، جنهن کي اڳتي پي- ايل- او جي سرواڻي ڪرڻي هئي.

انهن ڏينهن ۾ غزه کي، ڪمزور ۽ ڪنهن قدر بدعنوان مصري انتظاميا هيٺ ظاهري آزادي مليل هئي. خوشقسمتيءَ سان اِهو علائقو بہ فلسطيني مزاحمت لاءِ ١٩٥٠ع ۾ اردن جي شاهہ عبدالله پاران پنهنجي رياست ۾ شامل ڪيل اولهائين ڪناري وانگر انتهائي ڪارائتو ثابت ٿيو.

پي- ايل- او جو اهم عملدار ۽ غزه جو پراڻو شهريَ جمال سؤراني، چوي ٿو تہ باقي عرب دنيا ۾ موجود پناهگيرن جي اُبتڙ، غزه ۾ رهندڙ فلسطينين کي زور سان پڪارڻ ۽ پنهنجي فلسطيني هئڻ جو اعلان ڪرڻ جي اجازت مليل هئي. مصر جو غزه کي پنهنجي علائقي ۾ شامل ڪرڻ يا ان جي فلسطيني سڃاڻپ مٽائڻ بابت ڪو ارادو نہ هو. هو وڌيڪ چوي ٿو، "غزه جي فلسطينين ئي سڀ کان اول پنهنجو پاڻ کي فلسطين جي آزاديءَ لاءِ منظم ڪيو." (٤١)

خليل الوزير، جيڪو تن ڏينهن ۾ پنهنجي عمر جي ٻئي ڏهاڪي ۾ هو، آزاديءَ واري جدوجهد ۾ ڪاهي پيو. ١٩٥٤ع ۾ هو 'فدائي' (پنهنجي حياتي

اريپندڙ) بڇي ويو. هو مصطفيٰ حافظ نالي هڪ انٽيليجنس آفيسر جي شروعاتي شاگردن مان هڪ هو، جنهن کي ناصر غزه ۾ هڪ خفيا مزاحمتي تحريڪ منظم ڪرڻ جو ڪم سونپيو هو. حافظ جي هدايتن تي، وزير ۽ ٻيا نوجوان سرحد اُڪري اسرائيل تي حملا ڪندا رهندا هئا:

"اسان ان دوران فوجي لائين جي هُن پار ڪيترائي حملا ڪيا." وزير پنهنجي اوائلي سالن جي وارتائن بابت بي ترتيب ساروڻين ۾ لکي ٿو: "اسين نيگيو رڻ ۾ ٽينڪون تباهه ڪندڙ بارودي سرنگون وڇائڻ ۽ يهودي آباديءَ جي پاڻيءَ وارين ٽانڪين کي تباهه ڪرڻ وارا ٽولا اُماڻيندا هئاسين." (۴۲)

عرفات پنهنجي سر انهن ڪارروائين ۾ شريڪ نه هو، ۽ نه وري اوستائين وزير سان ئي ملي سگهيو هو، جيڪو ۱۹۵۵ع کان سندس گهرو ساٿي ۽ نائب بڻيو. خود وزير چواڻي: "سندن پهرين گڏجاڻي فيبروي ۱۹۵۵ع ۾ غزه تي ٿيل اسرائيلي حملي خلاف هڪ فلسطيني مظاهري دوران ٿي." اهو اسرائيلي حملو انهن گوريلا ڪارروائين جي جواب ۾ ٿيو هو، جن ۾ خود وزير پڻ شامل هو. (۴۳)

انهيءَ اسرائيلي حملي کانپوءِ فلسطيني شاگردن سنجيدگيءَ سان هٿياربند جدوجهد بابت ڳالهائڻ شروع ڪيو. "ان وقت اسان سوچيو ته اسين بي يار و مددگار آهيون ۽ ڪجهه به ڪري نه پيا سگهون." ۱۹۵۵ع ۾ ليگ جو عهديدار ٿيندڙ زُهيرالعلمي ٻڌائي ٿو. "مصري غزه ۾ موجود هئا پر هُنن اسان جو بچاءُ نه ڪيو." (۴۴) پيمانو تار ٿي چڪو هو.

جيتوڻيڪ غزه ۾ فلسطيني قومپرستي وڏي ويجهي رهي هئي پر اخوان جي بي صبري چئلينج ڪري، مصر استحڪام کان ڪوهين ڏور هو. جمال عبدالناصر ۲۶ آڪٽوبر ۱۹۵۴ع جي منجهند جو خوشقسمتيءَ سان هڪ قاتلاڻي حملي ۾ بچي ويو. اسڪندريا جي مصروف چوڪ ۾ هُن اڃان تقرير شروع ئي مس ڪئي هئي جو پستول جي گولي چُٽي ۽ سندس مٿان ٽنگيل بجلي جو بلب اُڏامي ويو. ڪاوڙ ۾ ڦونديل ناصر پنهنجن سمورن مخالفن کي گرفتار ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو، گرفتار ٿيلن ۾ عرفات به شامل هو. (۴۵) اخوان جو ميمبر نه هوندي به، ساٿاريءَ طور سندس نالو ناصر جي خفيا پوليس جي ڪيترين ئي فائيلن ۾ درج هو. عرفات پاڻ ٻڌائي ٿو ته 'ڪيس ٽن هفتن کانپوءِ' ۱۹۵۲ع وارو انقلاب آڻيندڙ اصلوڪن 'آزاد آفيسرن' مان هڪ ڪمال الدين حسين جي ذاتي مداخلت تي ڇڏيو ويو. (۴۶) پنجٽيهن سالن کانپوءِ به جنگ ۽ سياست تي زوراڻو ڳالهائي سگهندڙ حسين کي اهڙو ڪو واقعو ياد ناهي. سندس خيال ۾ ياسر عرفات سان سندس پهرين ملاقات ۱۹۸۳ع جي آخر ڌاري اترائين لبنان جي شهر ترپيولي ۾ ٿي هئي.

عرفات ۽ سندس ويجهن ساٿين لاءِ ۱۹۵۶ع، ليگ ۾ اهم سال هو ۽ اهو فقط انهن خوني واقعن سبب نه هو جيڪي سوئيز ڪئنال تي ڪنٽرول لاءِ وڏي طاقت

سان ٽڪراءُ جي صورت ۾ ظاهر ٿيا. آگسٽ ١٩٥٦ع ۾ عرفات ايگزيڪيٽو ڪميٽيءَ جي ٻن ساٿي ميمبرن زوهيرالعلمي ۽ صلاح خلف سان گڏ شاگردن جي عالمي ڪانگريس ۾ شرڪت لاءِ پراگ اُسهيو. ڪين فلسطين لاءِ مڪمل ميمبر وارو درجو مليو هو. هڪ معمولي سفارتي سوڀ هوندي بہ ان جي وڏي اهميت هئي. ڏوڪڙن جي کوٽ سبب ٿنهي اسڪندريا کان اٽليءَ تائين ساموندي جهاز ۾ سامان واري عرشي تي ۽ اڳتي هوائي جهاز وسيلي پراگ تائين سفر ڪيو. سندن واپسي بہ ساڳي ريت ٿي هئي. تن ڏينهن جي رنگ اُڏاٽل تصويرن ۾ هو اسڪندريا کان سخت ڏکي واري هيٺري وسيلي روانا ٿيندي، دستاويز پڙهي رهيا آهن.

پراگ پهچڻ تي عرفات هڪ غيرمتوقع حرڪت ڪئي. هُن پنهنجي سامان مان 'ڪفيہ' (مٿي تي ويڙهڻ وارو ڪپڙو) ڪڍيو، جيڪو اڳتي سندس سياسي ٽريڊ مارڪ بڻجي ويو ۽ اينڊرِ سالن ۾ ڪيس پي- ايل- او جي ٻين همراهن کان ڌار ڪرڻ جو موجب بڻيو. سندس تفريح اڏائيندڙ ساٿين کي اِهو پتو ئي نہ هو تہ هُن پراگ ڪانفرنس ۾ اصل لباس اوڍڻ جو ڪو فيصلو ڪيو هو. پر ڪفيہ اوڊيل عرفات جي ڪري سمورن شريڪن جو ڌيان فلسطيني وفد ڏانهن ڇڪجندو ڏسي ايندڙ سالن ۾ ساڳي قسم جي شاگرد اجتماعن ۾ سندس ساٿين بہ ان جي پوئواري ڪرڻ شروع ڪئي. (٤٧)

عرفات جو پهريون ڪفيہ اڇي رنگ جو هو. ڪيترن ئي سالن کان هو ڏاڍيءَ ڌيان سان اُٽيل اڇي ۽ ڪاري رنگ جو ڪفيہ اهڙي طرح پهريندو پيو اچي، جو اُهو 'خنجر وانگر' فلسطيني تشبيهہ سان نهڪي اچي. ڪفيہ جي ناٽڪي امڪان سان گڏوگڏ عرفات هڪ تاريخي ڳالهہ پڻ ياد رکڻ پئي چاهي. ١٩٣٦ع کان ١٩٣٩ع تائين فلسطين ۾ صيهونين ۽ برطانوي فوجن سان مزاحمت ڪندڙن پڻ ڪفيہ کي پنهنجي جنگي لباس جو حصو ڪري ٻڌو هو.

پراگ جڻ تہ اهميت ڀرين فلسطيني اڳواڻن کي اوڀرائين بلاڪ ۽ ٽين دنيا جي شاگرد سياست جي بي مثال اٿڱين سرگرمين کان واقف ڪرايو. اِهي رابطا ايندڙ سالن ۾ سندن حمايت جي تاجي پيٽي لاءِ لاپائتا ثابت ٿيڻا هئا، پر پراگ ۾ سندن همعصر شاگرد اڳواڻن سان نقطهءِ نظر جي ڏي وٺ ڪنهن بہ ريت سولي نہ هئي. ٿنهي فلسطينين مان ڪنهن کي بہ چڱيرڙي انگريزي نٿي آئي، بس رڳو جرمن ۽ فرانسيسي ئي گذاري لائق ٿي آين. جهاز ۾ منجهائن هر ڪنهن انگريزيءَ ۾ ٿورڙي تقرير سکي ورتي هئي ۽ اها هر اُن ماڻهوءَ آڏو ڪرڻ لاءِ تيار هئا جنهن وٽ ڪين ٻڌڻ لاءِ سهپ هئي. خلاف انهن ڏينهن کي ياد ڪندي هلڪي ڦلڪي انداز ۾ هڪ واقعو ٿو ٻڌائي تہ ناروي جي وفد آڏو پنهنجي تقرير دهرائڻ تي وفد ۾ شامل ڇوڪريءَ سندس ڳالهہ ڪٽيندي چيو هو، 'اِهو تہ نيڪ آهي پر هينئر اَءُ تنهنجن دوستن سان ملي آهيان، انهن بہ اِهي ساڳيا لفظ پئي ڳالهايا.' (٤٨)

ڪانگريس ڪانپوءِ ٽنهي ڪي پرپاسي وارن سوشلسٽ ملڪن جي دوري جون دعوتون مليون. علمي ماسڪو ويو ۽ خلف اوير جرمني. عرفات هين ڪيترن ئي شاگرد اڳواڻن وانگر ڪمزور ڪندڙ وائرس جو شڪار ٿي پيو ۽ اسپتال ۾ داخل ٿي پنهنجي ساٿين جو اوسيئڙو ڪندو رهيو. (۴۹) پر بيماريءَ جي باوجود عرفات اسپتال ۾ پنهنجن پاڙيسرين تي وڏو اثر ڇڏيو. تن ڏينهن ۾ جرمن شاگرد اڳواڻ، هاٿوڪي جرمن قومي شاڪر پيٽرريمڪوف وٽ اسپتال ۾ مستقبل جي پي- ايل- او اڳواڻ سان مڪاميل جو سربستو احوال موجود آهي. رئيمڪوف موجب سينٽرل اسپتال جي هڪ وارڊ ۾ ساٿس گڏ هـ هندستاني، هـ الجزائري، هڪ وينزويلائي، هڪ ماڊاگاسڪري، هڪ ڪيوبائي ۽ 'مسٽر فلسطين' داخل هئا. جڏهن مسٽر فلسطين پنهنجي پاسي واري بستري تي موجود رئيمڪوف سان ڳالهائڻ جي ست ساري سگهيو تہ پوءِ يهودين تي پرپور قوت سان حملن جي تصوراتي دنيا آباد ڪرڻ لڳو فضول حرڪتن ذريعي، رئيمڪوف پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ ۾ لکي ٿو. 'هُن يهودين (جيڪو آءٌ هئس) کي تصوراتي سمونڊ (منهنجي بستري جو ساڄو پاسو) ڏانهن ڌڪڻ شروع ڪيو. انهيءَ ڪرت دوران هن ذهني غيرحاضريءَ ۾ منهنجي بستر جي چادر تي قبضو ڪيل شهرن ۽ قبضي ڪرڻ جوڳين جاين جا نقشا چٽڻ شروع ڪيا ۽ منهنجو گائون مزاحمتي مرڪز طور استعمال ٿيڻ لڳو.'(۵۰)

مسٽر فلسطين جو، 'اهو تصوراتي يهوديءَ' جيڪو اصل ۾ رئيمڪوف هو، تي حملو ايڏو تہ زورائتو هو، جو سچ پچ سمونڊ ۾ ٻڏڻ کان بچڻ لاءِ هُن پنهنجي پاڙيسريءَ کي اوستائين ٻانهن ۾ جڪڙي رکيو، جيستائين عرفات کي وارڊ ۾ موجود ٽين دنيا جي مريضن بدران اسپتال جي عملي اچي 'آزاد' نہ ڪرايو. (۵۱) رئيمڪوف جو عرفات سان اهو آخري رابطو نہ هو. ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ ڪيس هٽ سان لڪيل قاهره مان اُماٽيل هڪ چٺي ملي، جنهن ۾ 'اولهہ جرمنيءَ واري پنهنجي دوست لاءِ گهڻي سڪ منجهان' ۽ 'مسٽر فلسطين' جي نالي سان صحيح ٿيل هئي.(۵۲)

عرفات، خلف ۽ علميءَ ان موقعي تي ناصر جي مصر واپس وريا جڏهن ويهين صدي جي اهم ترين فوجي ۽ سفارتي ناٽڪن مان هڪ کيڏجي رهيو هو. برطانوي وزيراعظم سر انٿوني ايڊن، ٢٦ جولاءِ تي ناصر پاران سوئيز ڪئنال قومي تحويل ۾ وٺڻ تي سخت توائي هو ۽ پلاند وٺڻ لاءِ ڳنڍ ڏئي ويهي رهيو. ٢٩ آڪٽوبر تي برطانيا ۽ فرانس سان هڪ فضائي ٺاهہ هيٺ اسرائيلي فوجون سينائي ۾ ڪاهي پيون. ڪين معمولي مزاحمت جو مقابلو ڪرڻو پيو ۽ هن ڏينهن اندر سوئيز ڪئنال جي اوپرائين ڪناري تائين پهچي ويون. ۵ نومبر تي برطانوي ۽ فرانسيسي ڇاپي بردار فوج ڇٽين وسيلي سوئيز ڪئنال جي مُهڙ ۾ پورٽ سعيد تي شيون، ايندڙ ڏينهن سندن مدد لاءِ برطانوي سامونڊي فوج پڻ پهچي وئي. ايندڙ ڪجهہ ڏينهن تائين هلندڙ

دوبدو لڙائي ۾ ٢٧٠٠ مصري فوجي ۽ شهري مارجي ويا ۽ زخمي ٿيا. جڏهن تہ ١٥٠ برطانوي ۽ فرانسيسي فوجي موت جو ڪاچ بڻيا. معاملي کي اجائين خراب ڪرڻ لاءِ خود ڪئنال کي Sunken جهازن وسيلي بند ڪيو ويو. (٥٣)

يونيورسٽيءَ واري دور ۾ ورتل ابتدائي فوجي تربيت ڪري، مصري فوج ۾ رزرو آفيسر لاءِ اهل، عرفات کي بم ناڪارا ڪندڙ ماهر طور فوج ۾ گهرايو ويو. هُن، سندس بقول، مصري فوج جي ڪمانڊر انچيف جنرل (اڳتي فيلڊ مارشل ٿيل) عبدالحڪيم عامر جي هيڊ ڪوارٽرس ۾ ڊيوٽي ڪئي. (٥٤) جلدئي ختم ٿي ويندڙ انهيءَ ڏڦير ۾ سندس ڪردار جو ڪو چٽو اهڃاڻ نٿو ملي.

عالمي دٻاءُ هيٺ ڇهين نومبر تي آڌي رات جو جنگ بندي عمل ۾ آئي ۽ ناصر عرب دنيا جي سورمي طور سامهون آيو. هُن اسرائيل کي ڪنگهڻ ڪانسواءِ ئي برطانوي ۽ فرانسيسي طاقتن کي منهن ڏنو. اِها اهڙي 'سوپ' هئي جيڪا عرفات ۽ سندس ساٿين فلسطيني مسئلي لاءِ بهتر سوڻ طور ورتي، پر سگهو ئي کين پتو پئجي ويو تہ ئوس حقيقتن کان پري ڪجهہ بہ ناهي. تہ ڏري اڱرائي کي چڱي ريت مُنهن ڏيڻ ڪانپوءِ ناصر اخوان ۽ انهن سمورن تي جيڪي هُن لاءِ خطرو بڻجي پئي سگهيا، زورائتو ڏنڊو ڪنيو. اخوان سان ڪنهن بہ ريت ڪو تعلق رکندڙ شاگردن توڙي عام شهرين تي ڪرڙي اک رکي وئي– هر هنڌ موجود خفيا مصري پوليس، عرفات جي سرگرمين کي ڇڪاسيندي رهي.

پنهنجي جم واري ملڪ ۾ سندس وقت پڄاڻيءَ تي پهچي چڪو هو. قاهره انهن پرجوش انقلابين لاءِ اُتساهہ وڃائي رهيو هو، جن جا نظريا نار جي 'سرخ پئن عرب ازم' سان نہ پئي ٺهڪيا. مصر ۾ فلسطيني تحريڪ لاءِ حالتون جيئن پوءِ تيئن خراب ٿينديون ويون. عرفات جي بقول: 'مصرين جا مفاد فلسطيني تحريڪ کان ڏار ٿي چڪا هئا، ۽ هو عرب ايڪتا ۽ پئن عرب ازم جو پرچار ڪري رهيا هئا. سوئيز ڪئنال لاعي ڪانپوءِ هئي پاسي گسڪڻ شروع ڪيو.' (٥٥) ان مان عرفات جو مطلب مصري صدر جي فلسطيني پئن عرب رجحان لاءِ حمايت ڪرڻ آهي، جيڪو عرفات جي آزادي حاصل ڪرڻ واري فلسطيني تحريڪ جي نظرين جي بلڪل اُبتڙ هو. ناصر جي انهيءَ نئين رجحان مان تڪڙو لاڀ پرائيندڙ جارج حباش جي عرب نيشنل مومينٽ پڻ هئي. عرفات جي بقول حباش ۽ سندس ساٿين ١٩٥٠ع واري ڏهاڪي جي وچ کان ناصر کان مادي مدد حاصل ڪرڻ شروع ڪئي.

انجنيئرنگ فيڪلٽيءَ ۾ داخل ٿيڻ کان ست سال پوءِ، محمد عبدالرئوف عرفات القدوئي الحسيني ١٩٥٦ع ۾ قاهره يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪري ورتي. سندس گريجوئيشن پروجيڪٽ، مڪاني نڪاس واري سرشتي جو اڀياس هو. انجنيئر طور سندس پهرين نوڪري مصري سيمينٽ فيڪٽريءَ ۾ هئي. ان کان پوءِ

هو قاهره جي اُتر ۾ بن ڪلاڪن جي فاصلي تي هڪ پوئتي پيل صنعتي شهر 'مهالِ ڪبريٰ' جي هڪ رٿا تي ڪم ڪرڻ لڳو. اِهو شروعاتي ڏينهن ۾ ئي ظاهر ٿي پيو هو ته عرفات جي انهيءَ نئين ڪرت ۾ دل نہ پئي لڳي. انهيءَ اُن تڻ ۾ هُن فلسطيني گريجوئيٽن جي يونين ٺاهي، ان وسيلي پنهنجين سياسي سرگرمين لاءِ فورم ٺاهڻ. سوئيز ڪئنال لڙائي ڪانپوءِ غزه واري پٽيءَ ۾ ٿيندڙ مظاهرن ۾ حصو وٺڻ. عراق ۾ بادشاهت جو تختو اونڌو ڪندڙ ١٩٥٨ع جي وچ واري بغاوت ڪانپوءِ عراق جو دورو ڪرڻ ذريعي هُن پنهنجا متبادل بنائڻ شروع ڪيا. (٥٦) پر انهن مان ڪجھ بہ سندس عملي انداز کي مطمئن ڪري نہ سگهيو. ان ڪانسواءِ مٿس سندس وڏي پيڻ انام جو ابوسعود ڪتنب سان تعلق رکندڙ هڪ سوٽ سان شادي ڪرڻ ۽ ٿانيڪو ٿي رهڻ جو بيزار ڪن دٻاءُ پڻ وڌڻ لڳو.

بيزار ۽ بي مراد عرفات، بغداد جي دوري کان هڪدم پوءِ گُهٽ هوسٽ واري مصري ماحول کي ڇڏي ڏنو. ١٩٥٦ع واري سوئيز ڪئنال گهوٽالي ڪانپوءِ پنهنجي اندر ۾ پيدا ٿيل زهر جي ترياق ۽ ان کان بہ وڌيڪ اهم، رقم حاصل ڪرڻ لاءِ، هُن ڪويت جي نسبتاً وڌيڪ آزاد ماحول ۾ رهڻ جو فيصلو ڪيو. خود عرفات جي لفظن ۾ تہ 'نار جي رياست ۾ وڃڻ جو فيصلو انڪري ڪيوسون جو اسان حقيتاً ڪم ڪرڻ ٿي چاهيو، ۽ ايمانداريءَ سان اِهو بہ چوان تہ مونکي پئسن جي گُهرج بہ هئي ۽ ان سان گڏوگڏ مصر ۾ منهنجي اردگرد وارو ماحول مايوس ڪن ۽ غيرصحتمند هو.' (٥٧)

حوالا

باب پهريون

١- Fiches du Monde Arabe، ٦ آگسٽ ١٩٧٥ع تي ڳڏيل قومن جي بحالي ۽ ڪمن متعلق ايجنسي جا انگر اکر، نمبر ٢۴٧ دهرائيندي.

٢- آبزرور ۾ مضمون، ٣ سيپٽمبر ١٩٦٧ع.

٣- ابو اِياد، My Home, My Land، نيويارڪ ١٩٨١ع، صفحو نمبر: ٣

۴- بيني مورس، The Birth of Palestinian Refugee Problem 1947- 49، ڪيمبرج، ١٩٨٧ع، صفحو نمبر: ١١٣ کان ١١٥.

٥- منهام بيگن، Revolt: Story of the Irgun، يروشلم ١٩٥١ع، صفحو نمبر: ١٦۴

٦- ڏسو نمبر: ۴ ، صفحو نمبر: ٢٠٧

٧- ڏسو نمبر: ١
٨- جارج حباش انٽرويو، دمشق، نومبر ١٩٨٩ع.
٩- ياسر عرفات انٽرويو، تيونس، جون ١٩٨٩ع.
١٠- ياسر عرفات انٽرويو، بغداد، جنوري ١٩٩٠ع.
١١- ياسر عرفات انٽرويو، تيونس، جون ١٩٨٩ع.
١٢- جون ١٩٨٩ع ۾ ليکڪ کي يروشلم ۾ ڏنل انٽرويو، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
١٣- ساڳيو.
١٤- ساڳيو.
١٥- ساڳيو.
١٦- خالدالحسن انٽرويو، ڪويت، اپريل ١٩٨٩ع.
١٧- ياسر عرفات انٽرويو، تيونس، جون ١٩٨٩ع.
١٨- ساڳيو.
١٩- ساڳيو.
٢٠- آر- ميچيل، The Society of Muslim Brothers، لنبن، صفحو: ٥٩.
٢١- وليد خالدي انٽرويو، ڪيمبرج، ميساچوسٽس، نومبر ١٩٨٩ع.
٢٢- زهيرالعلمي انٽرويو، شارجا، سيپٽمبر ١٩٨٩ع.
٢٣- فيصل الحسيني انٽرويو، يروشلم، مئي ١٩٨٩ع.
٢٤- حُسام ابوشعبان انٽرويو، ڪويت، سيپٽمبر ١٩٨٩ع.
٢٥- اپريل ١٩٨٩ع ۾ قاهره ۾ ليکڪ کي ڏنل انٽرويو، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
٢٦- ديرڪ هوپوڊ، Egypt: Politics and Society 1945- 81، لنڊن، ١٩٨٢ع، صفحو نمبر: ٣٠
٢٧- حسن دوهہ انٽرويو، قاهره، سيپٽمبر ١٩٨٩ع.
٢٨- صلاح خلف انٽرويو، تيونس، جون ١٩٨٩ع.
٢٩- جارج حباش انٽرويو، دمشق، نومبر ١٩٨٩ع.
٣٠- ساڳيو.
٣١- ڏسو نمبر: ٢٦، صفحو نمبر: ٣٢
٢٣- ياسر عرفات انٽرويو، تيونس، جون ١٩٨٩ع.
٣٣- لئوري براند، Palestinians in the Arab World: Institution Building and the Search for State، نيويارڪ، ١٩٨٨ع، صفحو: ٦٧.
٣٤- بشير برغوتي انٽرويو، يروشلم، سيپٽمبر ١٩٨٩ع.

٣٥- ساڳيو.
٣٦- جاويدالغصين انٽرويو, تيونس, سيپٽمبر ١٩٨٩ع.
٣٧- صلاح خلف انٽرويو, تيونس, مئي ١٩٨٩ع.
٣٨- ساڳيو.
٣٩- حُسام ابوشعبان انٽرويو, ڪويت, سيپٽمبر ١٩٨٩ع.
٤٠- صلاح خلف انٽرويو, تيونس, جون ١٩٨٩ع.
٤١- جمال سوراني انٽرويو, قاهره, سيپٽمبر ١٩٨٩ع.
٤٢- ڏسو خليل الوزير Bidayat (Beginnings), محدود ايڊيشن, پي- ايل- او اولهائين سيڪٽر پاران ڇپرايل.
٤٣- محمد حمزه انٽرويو, تيونس, آگسٽ ١٩٨٩ع, حمزه وزير جي آتم ڪهاڻي لکندڙ آهي.
٤٤- زهيرالعلمي انٽرويو, شارجا, سيپٽمبر ١٩٨٩ع.
٤٥- ياسر عرفات انٽرويو, تيونس, جون ١٩٨٩ع.
٤٦- ساڳيو.
٤٧- زهيرالعلمي انٽرويو, شارجا, سيپٽمبر ١٩٨٩ع.
٤٨- صلاح خلف انٽرويو, تيونس, مئي ١٩٨٩ع.
٤٩- زهيرالعلمي انٽرويو, شارجا, سيپٽمبر ١٩٨٩ع.
٥٠- پيٽر ريوحمڪورف Die Fahre die Ihr Kennt. (Ruehmkorf) هيمبرگ, ١٩٧٢ع, صفحي نمبر: ٨٦ کان ٨٧ تائين.
٥١- ساڳيو.
٥٢- ساڳيو.
٥٣- ڏسو: ٢٦ نمبر
٥٤- ياسر عرفات انٽرويو, تيونس, جون ١٩٨٩ع.
٥٥- ساڳيو.
٥٦- ساڳيو.
٥٧- ساڳيو.

(٢)

جدو جهد

’پل سامراجين ۽ صيهونين کي پتو پوي ته فلسطيني عوام اڃان تائين ويڙهه جي ميدان ۾ آهي ۽ ڪين ڪڏهن به شڪست نٿي ڏئي سگهجي.‘ العاصفه جو اعلان نامو نمبر :١.
، پهرين جنوري ١٩٦٥ع.

١٩٥٨ع جي پوئين اڌ ۾ هڪ شام جو پنج نوجوان پيشيور فلسطيني ڪويت ۾ پنهنجي هڪ هم قوم جي گهر گڏ ٿيا. رات جو ٿيل انهي ڪچهريءَ ۾ هو ڏهاڪو ڪن سال اڳ ٿيل فلسطين جي زيان تي روح پٽڪو ڪري رهيا هئا. هو تن ڏينهن جي سياسي پارٽين ۽ عرب حڪومتن مان آسرو پلڻ جي ڳالهه ڪري رهيا هئا. پنهنجي ڳالهائڻ ڪي سرباٽن ۾ بدلائيندي هُنن پنهنجو پاڻ کي عمل لاءِ منظم ڪرڻ تي ويچاريو.

موجود پنجن نوجوانن مان به، عرفات ۽ وزير اڳيئي پاڻ ۾ چڱيرڙا دوست هئا. قاهره ۽ غزه ۾ ٿيل پنهنجين آڳاٽين گڏجاڻين ۾ هو ٻن سادن نتيجن تي پهتا هئا. عرب رياستون، سندن خيال موجب، فوجي سگهه جي آڌار تي فلسطين حاصل ڪرڻ لاءِ تيار نه هيون، تنهن ڪري فلسطينين کي پنهنجي آئيندي جون واڳون پنهنجن ئي هٿن ۾ کڻڻ گهرجن. (١)

انتهائي رازداريءَ وارين حالتن ۾، هاڻ عرفات ۽ وزير پنهنجو نقطهءِ نظر ٻين سان به ونڊڻ جو فيصلو ڪيو. انقلابي تحريڪ شروع ٿي چڪي هئي، ۽ جلدئي ان کي نالو به ملڻو هو: ’فتح‘.

١٩٥٠ع واري ڏهاڪي جي آخر ڌاري ڪويت ڪنهن به طرح اهڙو ملڪ نه هو، جتي هٿياربند انقلاب آڻڻ جي اُميد ڪري سگهجي. سست وهڪ واري سمونڊ تي برطانوي نظرداري هيٺ ڪري ڪويت انهن سياسي مصيبتن کان بچيل هو، جيڪي باقي سجي وچ اوڀر تي ڇانئجي رهيون هيون. پر حالتن جو هڪجهڙو رهڻ ناممڪن هو. نار وارين رياستن کي جيئن ئي پنهنجي تيل جي دولت جو احساس ٿيو ۽ ڪين اسپتالن، رستن ۽ اسڪولن جي ضرورت پوڻ شروع ٿي ته انهن ڪيترن ئي بيروزگار پڙهيل لکيل فلسطينين کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو. عرفات ۽ شاگرديءَ واري دور

۾ سندس سياسي ساٿاري بہ سياسي ڪم ڪار لاءِ پيسا هٿ ڪرڻ واسطي اوڏانهن توجہ ڏين کان سواءِ رهي نہ سگهيا. وزير ڇهن مهينن تائين سعودي عرب ۾ ماستري ڪري، ڪويت جي هڪ سيڪنڊري اسڪول ۾ پڙهائڻ شروع ڪيو. عرفات پنهنجي ڊگريءَ کي ڪويت جي پبلڪ ورڪس کاتي جي رستا ۽ نيڪاس سرشتي ٺاهڻ واري سيڪشن ۾ جونيئر سائيٽ انجنيئر واري نوڪري حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو.

قاهره جهڙي پرپور شهر مان ڪويت ايندڙ ٢٩ سالن واري عرفات لاءِ نئون نڪاٽو ڪنهن حد تائين پريشان ڪندڙ هو. رهائشي ۽ ڪم ڪار واريون حالتون انتها درجي تائين خراب هيون. ١٩٥٠ع واري ڏهاڪي جي شروع ۾ ڪويت پهچندڙ سندس هڪ همعصر چواڻي: "جڏهن آءٌ هتي پهتس تہ رڳو ويراني ئي ويراني هئي. توهين اِهو نٿا چئي سگهو تہ اُتي ڪا جائيتي فلسطيني برادري موجود هئي. فلسطينين جو هڪ وڏو تعداد ڪويت ۾ موجود هو ۽ هو هڪ ڇت هيٺان رهڻ ڪري ئي گڏ هئا. سندن اڪثريت ڇپرن جي هئي يا وري پنهنجون زالون پوئتي ڇڏيلن جي گهرن ۾ نہ بجلي هئي نہ شيشا، نہ ڪي سرون هيون نہ سيمينٽ جو ڪم. آبهوا انتها درجي تائين خراب هئي." (٢)

عرفات ڪويت شهر کان پندرهن ميل ٻاهر، 'سلئي بيخات' ۾ ڊاڪٽرن، سرڪاري عملدارن ۽ ٻين پيشيورن لاءِ جوڙايل ڪوارٽرن ۾ رهڻ لڳو. سندس آفيس تہ هڪ عمارت ۾ هئي پر رستن جي اڏاوت واري ڪم جو مطلب اِهو هو تہ ڪيس ١٢٠ فارن هائيٽ واري گرميءَ ۾ ڪم ڪرڻو ٿي پيو. شروع ۾ تہ ڪيس تمام گهٽيون ڏکيائيون ڏسڻيون پيون، ڇاڪاڻ جو ان رٿا جو چيف انجنيئر هڪ برطانوي هو ۽ عرفات جي انگريزي پوري ساري هئي. ڪويت ۾ ڪجهہ ٻيون دلچسپيون هيون. گهٽي گهم، ايئرڪنڊيشنن جي اڻهوند، خراب ۽ مٽيءَ واري پاڻيءَ هوندي بہ اُتي رهڻ ان ڪري ممڪن هو جو سياسي ماحول نسبتاً بهتر هو. اُهي فلسطيني جيڪي شام جهڙن ملڪن مان آيا هئا، اِها تبديلي هڪدم محسوس ڪرڻ لڳا، تنهن ڪري جيستائين هو ڪويتي معاملن کان پري رهيا، ڪين سندن فطرت موجب رهڻ ڏنو ويو ۽ ڪين اظهار ۽ گڏجاڻين جي مڪمل آزاديءَ ڏني وئي. جيڪڏهن هُنن لاءِ ڪو مسئلو بہ پيدا ٿئي ٿيو تہ ڪجهہ فلسطيني اهڙن اثررسوخ وارن عهدن تي هئا جو اِهي مسئلا جلد حل ٿي پئي ويا. تن ۾ طلعت الغصين، جيڪو تن ڏينهن ۾ اهم سرڪاري عملدار هو ۽ اڳتي واشنگٽن ۾ ڪويت جو سفير بڻيو ۽ هاني القدومي، جيڪو گهرو معاملن واري وزير جي آفيس جو ڊائريڪٽر هئڻ ناطي ويزائن ۽ اسپانسرشپ ڏيارڻ ۽ ٺيڪ ڪم لاءِ ٺيڪ ماڻهن سان واقفيت ڪرائڻ جي ڏس ۾ چڱو خاصو مددگار ثابت ٿيندو رهيو، شامل هئا. سڀ کان وڌيڪ اِهو تہ نوجوان پيشيور فلسطينين کي آڇڻ لاءِ، جيڪي ڦهريون پيرو

مالي خودمختياري ماڻ لاءِ نار ڏانهن آيا هئا، پيسن جي ڪائي کوٽ نہ هئي.

آزادي، دولت ۽ سگهارا دوست: انهن ٽنهي شين ڪويت ڪي انهن سياسي سرگرمين لاءِ انتهائي زرخيز بڻايو، جيڪي ڪويت ۾ نسرڻ شروع ٿيون هيون. گهرن کان پري چڙن لاءِ ڪم ڪار کان واندو ٿي شام جو ڪچهرين ڪرڻ کان سواءِ ٻي ڪا مصروفيت ئي نہ هئي ۽ رات لڙيءَ جو ڪچهريءَ لاءِ گرماگرم موضوع سياست ۽ فلسطين کان سواءِ ڪجھ بہ نہ هوندا هئا.

هڪ اندازي موجب، تن ڏينهن ۾ ڪويت اندر اهڙا چاليھ کن گروپ هئا. (٣) انهن مان گهڻائي ٿورڙن ميمبرن واري فقط ڪچهريون ڪندڙ جي هئي، تمام ٿورڙن اڏو ڪي سنجيده مقصد هئا.

عرفات ۽ وزير، (جنهن کي اڳتي سندس 'گوريلائي نالي' ابوجهاد سان سڏاتو ويو) پنهنجي ڪرت بابت ڪنهن شڪ جو شڪار نہ هئا. هُنن فلسطينين کي متحد ڪري اسرائيل خلاف هٿياربند جدوجهد ٿي ڪرڻ چاهي. اِهو چوڻ تہ اِهو فقط خيالي پلاءُ هو، حقيقت کان اکيون ہوٽڻ ٿيندو ١٩٣٠ع واري ڏهاڪي کان فلسطيني معاشرو زوراتي ٿوڙڦوڙ جو شڪار بڻجي ويو، مختلف قبيلن جي اندروني اختلافن سبب ٿيل سماجي پيچ ڊاهہ ئي ٤٨- ١٩٤٧ع ۾ فلسطينين جي سندن ڌرتيءَ تان تڙجڻ جو وڏو سبب هئي. ڏيھہ نيڪاليءَ ۾ اِها ٿوڙڦوڙ اڃائين وڌي وئي، هاڻ اِها هڪٻئي سان ٽڪرائيندڙ نظرين ۾ بدلجي وئي سڪيولر عرب قومپرستيءَ کان ويڙهو اسلامي بنيادپرستيءَ تائين، جيڪي اُن وقت عرب دنيا تي ڇانيل هئا. عرفات ۽ وزير جو اُن نسل سان تعلق هو جيڪو ڏيھہ نيڪاليءَ ۾ اُسريو ۽ جنهن هر صورت ۾ ان مان جان ڇڏائڻ ٿي چاهي. هنن فيصلو ڪيو تہ سندن تحريڪ، سمورن فلسطينين لاءِ سندن ماضيءَ جي وابستگين کان بالاتر هوندي ۽ هُنن انهيءَ سولي سيبتي سنيهي کي 'آزاد فلسطين' طور ١٩٥٨ع ۾ وقت بہ وقت جاري ڪيل رسالي 'فلسطينونا: ندا الحيات، (اسانجو فلسطين: جيون جي پڪار) ۾ پڌرو ڪيو.

فلسطينونا اصل ۾ وزير جو ڪمال هو، جنهن صحافي ٿيڻ پئي چاهيو. پنهنجي انهيءَ شوق مان هُن لفظن جي جادوگريءَ وسيلي تنظيم کي فائدو رسائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي. انهيءَ رسالي جا شروعاتي پرچا سائيڪلو اسٽائيل مشين تي ڇپيل ۽ پوائنٽ چترن، تصويرن ۽ سولي ٻوليءَ ۾ لکيل شاعري ۽ نثر سان ڀريل هوندا هئا. ٻي نانءُ لکڻين ۾، سواءِ هڪ جي جيڪا پهرين پرچي ۾'واءِ- اي' (ياسر عرفات) واري صحيح سان ڇپي هئي، فلسطينين جي گروي هڻڻ، سندن ماترپوميءَ ڏانهن سندن موٽ جي حق جو پرچار، عرب حڪومتن جو عملي طور تي ناڪام هڻڻ ۽ فلسطينين کي متحد ٿي اسرائيلين خلاف هٿيار کڻڻ تي زور ڏنو ويندو هو.

رسالي جي ٻي لغام صفحن تي انقلابي تشدد ۽ آزاديءَ لاءِ عوامي ويڙھ جا

نعرا لکيل هوندا هئا. مختلف پرچن ۾ فرانسيسي بيئڪيتي حاڪمن خلاف الجزائر جي آزاديءَ واري جدوجهد بابت چرڪائيندڙ مضمون شامل هوندا هئا. ١٩٦٢ع ۾ انهيءَ جدوجهد جي سوڀ اُسرندڙ فلسطيني قيادت تي وڏا اثر ڇڏيا. انهن ۾ صيهوني تحريڪ ۽ ان جي بدنام يهودي روپوش ويڙهاڪ منهامر بيگن جهڙن اڳواڻن متعلق چيرقاڙ ڪندڙ مضمون پڻ شامل هوندا هئا: ايستائين جو انهيءَ شروعاتي مرحلي ۾، عرفات ۽ سندس ساٿي پنهنجي اسرائيلي دشمن کان به سکڻ جي ڪوشش ڪندا هئا.

پر ان رسالي جو مقصد فضول ۽ هاراڻن تجربن کان گهڻو وڌيڪ هو. ان جي نوجوان ايڊيٽرن جي منشا، ان وسيلي ڇڙوڇڙ فلسطيني آباديءَ کي منظم ڪرڻ ۽ ساڻن سڌسماءُ جا وسيلا قائم ڪرڻ هئي. ڪين عملي طور تي، ڏاهپ کان ڪم ونئو هو. ڇاڪاڻ جو هو حساس سياسي ميدان تي مسافري ڪري رهيا هئا. عرب رياستون تہ خاص طور تي سندن سرگرمين کي ناپسنديدگيءَ وارين نظرن سان ڏسي رهيون هيون. عرب حاڪمن جا غيرمحفوظ وارث، جيڪي ١٩٤٨ع ۾ فلسطينين جي لڏپلاڻ جا حقيقي ذميوار هئا، تن هاڻ فلسطيني ڪاز کي پنهنجي مقصد لاءِ استعمال ڪرڻ ٿي چاهيو. مقدس جهاد لاءِ پنهنجي مرضي آهر آدرش طئي ڪندڙ عرب حڪومتن پنهنجي ڪا بہ مخالفت برداشت نٿي ڪئي ۽ ان ڪري ئي هڪ خودمختيار فلسطيني تنظيم جو وجود سندن مفاد وٽان نہ هو. اسرائيل جي پاڙيسري عرب رياستن فلسطيني پناهگيرن کي پاڻ وٽ ترسائي مٿن سخت چوڪسي پئي رکي. (۴) فلسطينين کي پنهنجي لاءِ جيڪڏهن ڪجهہ ڪرڻو بہ هو تہ اُهو ڪين انتهائي ڳجهہ ڳوهہ ۾ ڪرڻو ٿي پيو.

١٩٥٩ع ۾ لبنان جي ڪيل دوري دوران عرفات ۽ وزير، پنهنجي هڪ اثررسوخ واري دوست توفيق حوريءَ کي تن ڏينهن جي اهم ترين اشاعتي مرڪز ۽ سمورن قسمن جي سياسي مرڪز بيروت مان فلسطينونا ڇپرائڻ لاءِ انتظاميا کان اجازت وٺڻ لاءِ رجوع ڪرڻ واسطي چيو. اُتان، وچ اوير ۽ ٻين علائقن ۾ رهندڙ فلسطينين کي رسالي جون پنجن کان ڏهہ هزار ڪاپيون اُماڻڻ جو بندوبست ڪيو ويو. هر پرچي تي بيروت جي پوسٽ باڪس نمبر ٦٨۴ وارو پتو هوندو هو، جنهن وسيلي پڙهندڙ رابطو ڪري پئي سگهيا. اهڙي ريت رابطن جو اهڙو سلسلو قائم ٿي ويو، جيڪو عرفات ۽ وزير لاءِ پنهنجي نقطءِ نظر سان سهمت فلسطينين کي پنهنجي گروپ ۾ شامل ڪرڻ لاءِ گهڻو مددگار ثابت ٿيو. (٥)

فلسطينونا جي شڪل صورت اختيار ڪندي ئي فتح تحريڪ بہ نڪري نروار ٿي. عرفات ۽ وزير ان لاءِ عمومي مول متا اڳ ۾ ئي جوڙي ورتا هئا. هاڻ انهن کي رسمي سياسي پروگرام ۽ تنظيمي ڍانچو ڏنئي، پنهنجن بااعتماد دوستن ۽ واقفن ۾ رازداريءَ سان هٿوهٿ ورهايو. بحث جو اهم نقطو انهيءَ نئين تنظيم جي نالي بابت

هو. "اسين پهرين تہ ان ڳالهہ تي سهمت ٿياسين تہ اسين نہ ڪا جماعت آهيون نہ وري ايسوسيئيشن، پر سمورين ڏسائن واري تحريڪ آهيون." وزير وضاحت ڪندي ٻڌائي ٿو. "۽ اها تحريڪ فلسطين جي آزاديءَ لاءِ هوندي" (٦) ڪجهہ ذريعن موجب 'فتح' نالو رياضيءَ جي نوجوان ذهين استاد عادل عبدالڪريم جي ذهن جي تخليق آهي، جيڪو ١٩٥٨ع ۾ پهرين ڪڏجاڻي دوران عرفات ۽ وزير سميت اُتي موجود هو. هُن فلسطين جي آزادي جي تحريڪ لاءِ عربي نالي 'حرڪت تحرر فلسطين' جي تجويز ڏني ۽ اُبتي پاسي کان لفظن جي پهرين اکرن کي ڳنڍي 'فتح' نالو تجويز ڪيائين. فتح لفظ کي ابتو پڙهڻ تي اهو 'حتف' (موت) بڻجي ٿو، پر هنهي لفظن مان فتح وڌيڪ استعمال ٿيندو آهي. (٧)

ان جي بنياد ڪانپوءِ، سرگرم نوجوانن تي ان جو ڍانچو تيار ڪري، ڪويت کان ٻاهر ڪم ڦهلائڻ جو ذمو هو. خلف موجب، جيڪو انهن ڏينهن ۾ پنهنجن دوستن سان شامل ٿيو هو، اها ڪوشش ١٠ آڪٽوبر ١٩٥٩ع تي ڪويت ۾ هڪ خانگي گهر اندر ٿيل هڪ اهم ڪڏجاڻي کان پوءِ تيز ڪئي وئي. اها هڪ ننڍي ڪڏجاڻي هئي، جنهن ۾ ويهن کان ٻہ گهٽ سرگرم فلسطينن شرڪت ڪئي، انهن مان ٻہ اڪثريت بيروت واري پوسٽ باڪس ذريعي رابطو ڪندڙن جي هئي، بهرحال اِها ڪڏجاڻي فتح جي هڪ تنظيم واري حيثيت ڏانهن واڌ واري ڏس ۾ حقيقي شروعات ليکي وئي. (٨) ڪارڪن اجان تائين عمل بدران بحث ۾ رُڌل هئا، پر سمورا ان نتيجي تي پهچي چڪا هئا تہ قطعي مقصد فقط هٿياربند جدوجهد وسيلي ئي حاصل ٿي سگهن ٿا.

ان مرحلي تي هُنن پنهنجون سرگرميون ڳجهيون رکيون، ان جو سبب ٻين عرب ملڪن ۾ فلسطيني سرگرمين تي پابندي ۽ عرب انٽيليجنس ادارن جي ماڻهن جو تحريڪ ۾ گهڙي اچڻ واري امڪان کي روڪڻ هو. اهوئي سبب هو جو فتح جا خفيا مرڪز مختلف هنڌن تي قائم ڪيا ويا. ان جي اڳواڻن وڌيڪ دلچسپي همت ڀريل ماڻهن جي ڀرتي ۽ تحريڪي ڪم ڪويت کان ٻاهر ڦهلائڻ ۾ ظاهر ڪئي:

"شروع ۾ اسين پنهنجي ڪم بابت ڪنهن سان ٻہ نہ ڳالهائيندا هئاسين."

خلف ٻڌائي ٿو. "اسان پنهنجي رازن کي ايترو تہ ڳجهو رکيو جو 'فتح' لفظ ميمبرن کان سواءِ ڪنهن جي ٻہ آڏو ورجايو نہ ويندو هو. فقط فتح جا ميمبر ئي تنظيمي ڍانچي ۽ سياسي پروگرام بابت اسانجا ٻہ بنيادي دستاويز ڏسي ٿي سگهيا." (٩)

نون ڀرتي ٿيندڙن کي موجود ٻن يا ٽن سيلن جي سفارش ۽ سمورين عرب پارٽين سان پنهنجا ناتا ٽوڙي ثابت ڪرڻ ڪانپوءِ ئي تنظيم ۾ شامل ڪيو ويندو هو. ڪين اعتماد جوڳو سمجهڻ لاءِ خفيا سرڪل جو هڪ ميمبر ڪانئن ٻگهي آڏي پڇا ڪندو هو ۽ ان کان پوءِ ئي ڪانئن وفاداريءَ وارو قسم کڻايو ويندو هو. جيڪو اڃان تائين اکر ٻہ اکر ساڳيو هلندو ٿو اچي:

"آءٌ خدا جو قسم ٿو کڻان،
آءٌ پنهنجي مرتبي ۽ عقيدن جو قسم ٿو کڻان،
آءٌ قسم ٿو کڻان ته پنهنجي پوري سچائيءَ سان فلسطين لاءِ ارپيل رهندس،
ته آءٌ فلسطين جي آزاديءَ لاءِ سرگرميءَ سان ڪم ڪندو رهندس،
ته آءٌ اُهو سڀ ڪجهه ڪندس، جيڪو منهنجي وس ۾ هوندو،
ته آءٌ فتح جا راز ڪنهن تي به پڌرا نه ڪندس،
ته هيءَ رضاڪاراڻو حلف آهي، ۽ خدا منهنجو گواهه آهي." (١٠)

ميمبر 'جاڙ جي گھرجائو' بنياد تي فقط ٻن يا ٽن ڄڻن تي ٻڌل سيل وسيلي ڪم ڪندا هئا. اڪثر سيل ساڳي هنڌ، ساڳي اداري ۾ ڪم ڪندڙن تي ٻڌل هوندا هئا. ڪين ٽيليفون تي رابطو ڪرڻ کان سختي سان منع ڪيل هئي ۽ اڳواڻن جا سنيها ذاتي طور تي يا جاسوسن وسيلي هٿوهٿ اُماڻيا ويندا هئا.

انهيءَ سموري ٻهروپي سرگرميءَ جا يقيناً ناٽڪي امڪان موجود هئا، جن کي عرفات ڦڙتيءَ سان استعمال ڪري پئي سگهيو. پنهنجي اصلي سڃاڻپ لڪائڻ لاءِ فتح جي اڳواڻن پنهنجن نالن ۾ عربي لفظ 'ابو' (پيءُ) شامل ڪيو ۽ اڪثر نالن ۾ مذهبي يا ويڙهو ڪردارن کي شامل ڪيو ويندو هو. عرفات پنهنجي لاءِ حضرت محمد جي ويجهي ساٿي ۽ پنهنجي افسانوي ثابت قدميءَ جي ڪري مشهور 'ابوعمار بن ياسر' جو نالو چونڊيو، وزير 'ابوجهاد' بڻجي ويو. جهاد عربيءَ ۾ مقدس ويڙهه لاءِ استعمال ٿيندو آهي.

تحريڪ جا ميمبر پنهنجي وابستگي ايتري قدر لڪائيندا هئا جو اڪثر ويجهن مائٽن کي به هڪٻئي جي ميمبرشپ متعلق ڄاڻ نه هوندي هئي. ان ڏس ۾ اِها ڳالهه ڪافي ٿيندي ته هڪ شادي شده جوڙي کي پنهنجي تنظيمي وابستگين جي ڄاڻ تڏهن پئي جڏهن زال پنهنجي مڙس کي تحريڪ ۾ پنجاهه دينار ڏيڻ لاءِ چيو.

اِها حقيقت ته فتح جو اندريون سرڪل گھٽي وقت کان هڪ ٻئي کي سڃاڻندو هو، ڪافي مددگار ثابت ٿيو. "تحريڪ جي ڪاميابيءَ جو هڪ سبب اِهو هو ته ان جو دارومدار ويجهن دوستين تي هو." ١٩٦٠ع ۾ وزير جو قاهره ۾ پرتي ڪيل هڪ شاگرد حسني زوئروب ٻڌائي ٿو، "اِهو ئي ان جي وجود جو راز هو." (١١)

عرفات ۽ وزير ته خاص طور تي ويجها هئا: ان کان هٽي ڪري ته هُنن ٻنهي، نظريي کان عمل ڏانهن وڃڻ واري ضرورت تي ساڳي ڏس ۾ ئي سوچيو هو، سندن شخصيتن هڪ ٻئي جي تڪميل لاءِ زورائتو ڪردار ادا ڪيو. عرفات بي صبرو، تيز مزاج وارو ۽ تمام گھڻو سرگرم هو، جڏهن ته وزير ٿڌي دماغ وارو، سُلجهيل ۽ غور ويچار ڪرڻ وارو هو. شروعاتي ميمبرن مان ڪيترن اهڙي ئي سگهاري ثابت

قدم وابستگي رکي. حيفا جو گهڻ- ڳالهائو فلسطيني خالد الحسن؛ جيڪو ميونسپل ڪائونسل جي سيڪريٽري جنرل طور ڪويت جو انتهائي سينيئر سول عملدار هو ۽ جيڪو اڳتي هلي عرفات جو اهم سياسي صلاحڪار بڻيو. يا بعث پارٽيءَ جو اڳوڻو ميمبر فاروق قدومي، جنهن حسن ڪانپوءِ پي- ايل- او جي پرڏيهي وزارت سنڀالي، اهڙن ميمبرن ۾ شامل آهن.

پر ان هوندي به اِها ڪا ڳجهي ڳالهه ناهي ته تمام گهٽا سرگرم ڪير هئا. خاص طور تي عرفات هر ڪم ۽ هر موقعي لاءِ حاضر هئڻ طور پنهنجن ساٿين ۾ حيثيت نُاهي رهيو هو. سندس همعصر کيس انتهائي تيز، گهڻ طرفو قاتل هوندي به فيصلي ڪُن انداز ۾ ويچاريندڙ نوجوان طور ياد ڻا ڪن. ڪتاب پڙهڻ ۽ سماجي ميل جول کان پري ڀڄندڙ، عورتن سان تعلق رکڻ کي خراب سمجهندڙ عرفات لاءِ، فلسطين کان سواءِ ڪنهن ٻي شيءِ ۾ ڪابه دلچسپي نه هئي. مقصد پويان پوڻ ۽ پنهنجي سڌي سنئين ثابت قدميءَ ۾ عرفات ۽ وزير جو ڪو ثاني نه هو. عرفات جي انهيءَ اورچائيءَ ۾ يقيناً سندس والد جي ١٩۴٠ع واري ڏهاڪي ۾ پنهنجي اباڻي ملڪيت تي ڪيل دعويٰ بابت مستقل مزاجيءَ سان ڪوششون ڪرڻ جو پڻ دخل هو.

انهيءَ دوران ڪويت ۾ فلسطينين کي مليل آزاديءَ ۽ مالي خودمختياريءَ پنهنجو پاڻ کي اَملهه ثابت ڪيو. وزير پنهنجي اسڪول جي ٻگهيون موڪلون ويجهن دوستن کان سواءِ ڪنهن کي به ٻڌائڻ بنان اٿڻڪ سفر ۾ گذاريون، ساڳي ريت عرفات به پنهنجون موڪلون پنهنجي عاليشان يادگيريءَ ۾ محفوظ ڪارائتن فلسطيني ڇهرن ۽ نالن سان رابطا ڪرڻ لاءِ، هڪ ڪانپوءِ ٻئي عرب ملڪ جو دورو ڪندي گذاريون. سفر ۽ ٻيا خرچن فتح جي اندرئين سرڪل وارن پنهنجي کيسي مان ڀريا، جن مان ڪيترن لاءِ چيو ٿو وڃي ته هو پنهنجي اڌ يا ان کان به وڌيڪ پگهار تنظيمي ڪمن تي کپائيندا هئا.

فتح لاءِ گهربل ڏوڪڙن، عرفات کي ڪويت پهچڻ جي ٻن سالن جي اندر سرڪاري نوڪريءَ سان گڏ ذاتي ڪاروبار شروع ڪرايو. ڪويت ۾ موجود ٻين ڪيترن ئي پرڏيهين وانگر، کيس به تيل سان لاڳاپيل اڏاوتن جي واڌ، سونهري موقعو ڏنو. ١٩٥٩ع ۾ ملندڙ ٺيڪن جي گهڻائي جي آڌار تي هُن پنهنجي خانگي ڪمپني قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. اُن ڏينهن کان، هُن ڪاڙهي تتي ۽ راتين جون راتيون ويٺي پير ڪم ڪيو ۽ هڪ مصري انجنيئر عبدالمعيز سان گڏجي رهائشي اڏاوتن ۾ مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ ٺيڪيداري شروع ڪئي. سندس حڪومتي رابطن معيز کي چڱو خاصو ڪم ڏيارڻ ۾ مدد ڪئي، جيڪو انهيءَ گڏيل ڪم کي سنڀاليندو هو. ڪجهه همعصر فلسطيني ٻڌائين ٿا ته عرفات پنهنجي سر هڪ ناميارِي ڪويتي واپاريءَ جي پٽن لاءِ ٺهندڙ ڇهن گهرن جي اڏاوت جي نگراني ڪئي. (١٢)

وقت گذرڻ سان گڏوگڏ عرفات پنهنجي ڪاروبار ۽ ان مان حاصل ڪيل دولت بابت مبالغي کان پڻ ڪم پئي ورتو آهي. هُن ڪيترن ئي انٽرويو ڪندڙن کي اِهو پئي ٻڌايو آهي تہ هُن ٽن ٺيڪيداري ڪمپنين سان گڏوگڏ هڪ انجنيئرنگ بابت صلاحڪاري ڪمپني پڻ قائم ڪئي هئي، اِهو تہ وٽس ٻہ شيورليٽ، هڪ ٿنڊر برڊ ۽ هڪ فاڪ ويگن ڪارون هيون ۽ اِهو تہ نيٺ جڏهن هن کي ڪويت ڇڏڻي پئي تہ هو 'ننڍڙو لکپتي' بڻجي چڪو هو ۽ چڱي موچاري بچت هئڻ سبب هُن فيصلو ڪيو تہ هو ڪڏهن بہ فلسطين جي آزاديءَ واري تحريڪ کان پگهار نہ وٺندو. "آءٌ تمام گهڻو شاهوڪار هئس... ڪروڙپتي ٿيڻ ڏانهن وڌيس پئي." هُن ۱۹۸۸ع ۾ پلي بواءِ رسالي کي ٻڌايو. (۱۳) "آءٌ ٺيڪيدار هئس. اسان روڊ رستا، پليون تيار ڪيون. وڏا وڏا اڏاوتي منصوبا تيار ڪيا." ساڳي سال ٽائيم رسالي کي ٻڌائيندي هُن چيو. "اِهو چئي سگهجي ٿو تہ مون وٽ گهڻو ڪجھ آهي. هيل تائين مون پي- ايل- او يا فتح کان ڪجھ بہ ناهي ورتو. آءٌ اڄان تائين پنهنجا پئسا پيو کپايان." (۱۴)

حقيقت ڪنهن حد تائين مختلف آهي. سندس همعصر فلسطيني ان ڳالھ سان سهمت آهن تہ وٽس تيز رفتار ڪارون ضرور رهيون پر سندن خيال ۾ هُن انهيءَ ڳڌيل ڪمپنيءَ مان ايترو ڪمايو نہ هو، جيترو هاڻ ٻڌائي ٿو ۽ اِهو بہ تہ معيز سندس حصي جي رقم عرفات جي ڪويت ڇڏڻ ڪانپوءِ ڪجھ عرصي تائين نہ موٽائي هئي. "هو تمام گهڻو شاهوڪار نہ هو." خالد الحسن، جيڪو عرفات کي ۱۹۶۰ع کان سڃاڻي، ٻڌائي ٿو: "پڪ سان هو شاهوڪار هجي ها جيڪڏهن انقلاب ۾ ڪاهي نہ پوي ها." (۱۵)

عرفات جي، معمولي ڪمن ۽ انهن ڏينهن ۾ نار جي ڪمرشل ايمپائر اڏيندڙ پراڻن فلسطيني ٺيڪيدارن سعيد خوري ۽ حسيب صباغ، جيڪي عرب دنيا ۾ اهم واپاري حيثيت وارا بڻجي چڪا هئا، ۾ ڪابہ ڀيٽ نٿي ڪري سگهجي؛ پر واپار تي انهيءَ چڙهائي عرفات کي اُهو تجربو ڏنو جيڪو ايندڙ سالن ۾ هُن لاءِ نهايت ڪارائتو ثابت ٿيو. ان خاص طور تي ڪيس دولت تي ڪنٽرول قائم ڪرڻ جو گُر سيکاريو.

عرفات جي ذاتي مالي صورتحال ڇا بہ رهي هجي، هُن ۽ سندس ساٿين ايترا ڏوڪڙ جمع ڪري ورتا هئا، جو هاڻ تنظيمي ڪم لاءِ سفر ڪو اوکو نہ هو. ان مرحلي تي اهم ڪم بااثر رابطن جو ڍانچو قائم ڪرڻ هو. نار ۽ ان کان ٻاهر عرفات ۽ وزير تعداد بدران معيار تي زور ڀريو. عرفات جو شروعاتي لاڙو، فلسطيني اشرافيا جي انهن پڙهيل لکيل نوجوانن ڏانهن هو جيڪي قاهره، بيروت ۽ دمشق جي يونيورسٽين مان تعليم پرائي استاد، ڊاڪٽر، انجنيئر ۽ سرڪاري عملدار بڻجي، تيل وارين عرب رياستن جي ڪامورائي بورجوازيءَ ۾ پنهنجو اثررسوخ قائم

ڪري رهيا هئا. معمولي تحريڪي ڪارڪردگي هدائڻ جي نتيجي ۾ ڦهلجندڙ امڪاني مايوسيءَ ڪري عرفات ۽ وزير ان جي حيثيت ۾ وسيلن بابت ڪيترين ئي مبالغي آميز ڳالهيون ڪندا هئا. اهم رابطن کي هو اڪثر هدائيندا هئا تہ وٽن هزارين ويڙهو آهن ۽ ٽئنڪن، هيليڪاپٽرن سميت ڪيترائي ڳورا هٿيار سندن هٿ- وس آهن. عرفات لاءِ نہ رڳو انهن ڏينهن ۾، پر سڄي زندگي 'اميد حقيقت جي ماءُ پئي رهي آهي.'

هڪ ٻيو شروعاتي دورو ڪندي عرفات تن ڏينهن ۾ تيزيءَ سان اُسرندڙ هڪ شهر واري ملڪ قطر پهتو، جتي بہ ڪويت جيان فلسطينين جو وڏو تعداد اسڪولن، تيل جي رٿائن ۽ وزارتن ۾ روزگار سان لڳل هو ۽ اُتي بہ کين غيرمعمولي آزادي مليل هئي. "١٩٥٦ع کان اُتي سينسر جي ڪابہ پابندي نہ هئي ۽ اسين تعليم واري وزارت جي سهڪار سان اُتي وڏا وڏا اجتماع ڪندا هئاسين. اسان کي فلسطيني مسئلي بابت شاگردن کي هدائڻ جي اجازت مليل هئي." قطر جي تعليمي وزارت واري آفيس هلائيندڙ ۽ امارت جي حڪمران ٿاني ڪٽنب سان ڳهرا ناتا رکندڙ هڪ فلسطيني سرگرم رفيق النشہ هدائي ٿو. (١٦) ڪويت ۾ موجود عرفات ۽ سندس دوستن جي متوازي قطر ۾ موجود فلسطينين بہ پنهنجو پاڻ کي ڳجهي ريت خفيا سيلن ۾ منظم ڪرڻ شروع ڪيو. انهن مان ڪيترائي قاهره يونيورسٽيءَ جا پڙهيل هئا ۽ کين عرفات جي 'مسٽر فلسطين' واري ڪرت ياد هئي، ڪجھ وزير جا غزه واري دور کان واقف هئا. ١٩٦١ع ۾ عرفات هڪ دوري دوران متن فتح ۾ شامل ٿيڻ لاءِ زور پريو. اهو هڪ اهم قدم هو، ڇاڪاڻ جو قطري گروپ جا سموري نار ۾ رابطا موجود هئا. اُتي موجود ڪيترن ئي سرگرم ڪارڪنن اڳتي فلسطيني گوريلا تحريڪ ۾ اهم حيثيت والاري. ڪويت ۽ قطر جي انهن اوائلي شريڪن جي ڳهرڻ ۾ ٿيندڙ سگريٽن جي دونهين سان ڀريل انهن ڪڏجاڻين ۾ انقلاب جون رٿائون ڏاڪي بہ ڏاڪي شڪل اختيار ڪري رهيون هيون.

هڪ ٻيو ڪارائتو سفر، اوستائين روايتي بادشاهت هيٺ پر تيل واري دولت سان مالامال ملڪ لبيا جو ڪيو ويو. لبيا ١٩٦٠ع واري ڏهاڪي جي شروعات ڌاري لڳ ڀڳ پنج هزار فلسطينين جو اَجهو بڻجي چڪو هو. عرفات ۽ وزير، هميشہ جيان بااثر رابطن کي پنهنجو ڪرڻ واري مقصد تحت، رياستي سلامتي واري فلسطيني ڊپٽي ڊائريڪٽر ابونبيل کي تحريڪ ۾ شامل ڪرڻ جا خواهشمند هئا. ابونبيل غزه جي حوالي سان وزير جو ڏورانهون مائٽ نڪري پيو: "هو مون وٽ آيا ۽ مونکي فتح ۾ شامل ٿيڻ جي نينڊ ڏنائون." هو هدائي ٿو: "مون انڪار ڪيو ڇاڪاڻ جو اَءٌ لبيا جي سلامتي واري کاتي ۾ ملازم هئس ۽ شاهي حُڪم تحت فلسطيني سياسي سرگرمين تي پابندي هئي. هو ٽي ڏينهن مونکي مطمئن ڪرڻ ۾ لڳا رهيا ۽ چوٿين ڏينهن اَءٌ ساڻن سهمت ٿي ويس. هو بادشاهہ ۽ لبيائي عملدارن

سان منهنجن ناتن ڪري مون تي شموليت لاءِ زور پري رهيا هئا. عرفات ۽ ابوجهاد بادشاهہ جي چائنڻ تائين رسڻ سبب تمام گهڻا خوش هئا." (١٧) ابونبيل جي شموليت ١٩٦٠ع جي وچ ڏاري هنن لاءِ تمام گهڻي فائديمند ثابت ٿي. ملڪ اندر تيل جي محصولن ۾ واڌ سبب شاهوڪار ۽ بااثر تيل لبيائي شهرين ڪين دل کولي چندا ڏنا.

فتح لاءِ پرتيءَ وارين سرگرمين ۾ غيرمتوقع سوپ وارو هڪ ٻيو زرخيز علائقو يورپ هو. يورپ ۾ رهندڙ فلسطينين مان لڳ ڀڳ ساڍن ٽن هزار فلسطيني شاگردن جو سگهارو جٿو اولهہ جرمنيءَ ۾ موجود هو. ١٩٥٠ع واري ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ کان انهن ريڊيڪل سرگرم شاگردن پنهنجو پاڻ کي تيزي سان چائجندڙ صنعتي جرمنيءَ جي مرڪز ۾ منظم ڪرڻ شروع ڪيو. منجهائن مرڪزي حيثيت سول انجنيئرنگ جي شاگرد ۽ اخوان جي اڳوڻي جوشيلي ڪارڪن هاني الحسن جي هئي، جنهن جو ڪيريئر خود عرفات جي متوازي هلي رهيو هو.

خالد الحسن، جيڪو اڳيئي عرفات سان ڪڏ نار واري علائقي ۾ ڪم ڪري رهيو هو، تنهن جو ننڍو ڀاءُ هاني جيڪو سال اڳ پنهنجين اسلامي سرگرمين ڪري دمشق ۾ ٽيپ ڪاٽي چڪو هو، فرينڪفرٽ جي اُلهندي، ٽيڪنيڪل يونيورسٽي آف درمسٽابٽ ۾ هُن 'ال اوديٰ' (واپسي) نالي هڪ سخت رسالو شايع ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڪجهہ هم خيال همعصرن سان رابطو قائم ڪيو. سندس گروپ، عرفات جي ڪجهہ سال اڳ قائم ڪيل جنرل يونين آف فلسطين اسٽوڊنٽس ۾ شامل ٿي ويو ۽ ١٩٦٣ع ڏاري غزه ۾ ٿيل هڪ شاگرد ڪانفرنس ۾ عرفات جهڙن خيالن تہ: 'فلسطينن کي پنهنجي آزادي واري ڏياتي خود پنهنجن ئي هٿن ۾ کڻڻ گهرجي،' جي اظهار هاني الحسن کي فتح واري قيادت جي نوٽيس تي آندو. ڪجهہ هفتن کان پوءِ هاني وزير هٿان تحريڪ ۾ شامل ٿيو.

ڪويت ۽ جرمنيءَ ۾ موجود سرگرم ڪارڪن جي انهيءَ ڳانڍاپي نہ رڳو عرفات لاءِ سگهاري حمايت مهيا ڪئي، پر فتح جي ابتدائي گوريلا ڪارروائين لاءِ رقمن جو پڻ بندوبست ڪيو ۽ ڪيترائي تربيت يافتا گوريلا ڏنا. پنهنجي عروج وارن ڏينهن ۾، يورپي گروپ جون چوويهہ جرمن ۽ ٽن آسٽريائي شهرن ۾ شاخون قائم ٿيون ۽ وٽس فرانس، اٽلي، اسپين ۽ سوئيڊن ۾ رهندڙ ڪيترن ئي فلسطينن جا نالا درج هئا. انهن مان ڪيترائي اڳتي هلي عرفات جا پروسي جوڳا ساٿي بڻيا. انهن ۾ خود هاني الحسن جيڪو اجان تائين پي- ايل- او جو پروسي جوڳو ايلچي آهي، عبدالله فرنجي، جيڪو اڳتي هلي بون ۾ تنظيم جو نمائندو بڻيو، ۽ هيل عبدالحميد، جيڪو ابوالهول جي نالي سان فتح جو سڪيورٽي چيف آهي، شامل آهن. يورپ ۾ قائم ڪيل رابطن، خاص طور تي جرمني جي سوشلسٽ انقلابين، فتح جي ١٩٧٠ع واري ڏهاڪي جي شروع ۾ عالمي دهشتگرد ڪارروائين ۾ چڱي خاصي مدد

ڪئي. (١٨)

اِهي اوائلي ڪاميابيون عمومي انداز کان آجيون هيون. عمومي طور تي تحريڪي پرتيءَ وارو ڪم سست ۽ پيڙائتو عمل هو. فلسطينين جي وسيع تر حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ ڳجهين ڪوششن دوران فتح هڪ سگهاري سياسي لهر خلاف هٺوراڙيون هٽي رهي هئي. مصر جو صدر جمال عبدالناصر پنهنجن اختيارن ۽ مقبوليت جي عروج تي هو. ناصر پاران 'عرب قوم' جي ايڪتا لاءِ ڪيل ڪوششون لکين ماڻهن لاءِ اُميد جي ڏياتي هيون ۽ خاص طور تي ١٩٥٨ع ۾ شام سان سندس ملڪ جي يونين کي ڪيترائي فلسطيني هٿيارن جي زور تي فلسطين جي آجپي ڏانهن پهريون قدم ليکي رهيا هئا. فتح جي عرب ايڪتا کان اڳ فلسطين آزاد ڪرائڻ واري پروگرام کي ان دور جا ڪيترائي جاڻو بدسوڻ سمجهي رهيا هئا. خالد الحسن جي بقول: "شروع ۾ ته اسان لاءِ تمام گهٽي ڏکي صورتحال هئي، ڇاڪاڻ جو ناصر قبوليت جي بلندين تي هو. اسان جو نقطهءِ نظر قبول ڪندڙن ۾ اڪثريت اُستادن جي هئي. ۽ جڏهن هو پنهنجي ٽن مهينن واري موڪل تي ڪنهن ٻئي عرب ملڪ ويندا هئا ته سندن واپسيءَ تي ڪم بلڪل شروع واري ڏاڪي کان ڪرڻو پوندو هو. (١٩) ١٩٦٣ع ڌاري، جڏهن فتح: جيڪا هاڻ ڪويت جي هوالي ضلعي ۾ وزير جي گهران هلائي پئي وئي: 'اڳ ۾ فلسطين وارو نقطهءِ نظر رکندڙ ڪيترن ئي ٽولن کي پاڻ سان ملائڻ ۾ سوڀاري ٿي چڪي هئي' تنهن هوندي به ان جي ميمبرشپ ڪجهه سون تائين محدود هئي، ۽ ان جي اندرين حلقي ۾ ويهن کان به گهٽ ماڻهو شامل هئا.

پر ١٩٦٠ع واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ به اهڙا واقعا ٿيا، جن انهيءَ سياسي لهر کي پوئتي ورائڻ شروع ڪيو. پهريون، مصر جي شام سان جُڙيل يونين فقط ٽن سالن ۾ پنهنجي ڏکوئيندڙ خاتمي تي رسي، اِن سان اُهي اُميدون به تيل ٿي ويون ته عرب حڪومتون پنهنجا اختلاف ختم ڪرڻ ڏانهن وڌن پيون، ۽ ناصر چالاڪيءَ سان اِها ڳالهه ڪرڻ شروع ڪئي ته وٽس 'فلسطين آزاد ڪرائڻ لاءِ ڪابه رٿا ناهي، ۽ پنهنجي ڪنٽرول واري ڪا فلسطيني ڌر قائم ڪرڻ لاءِ ڏاڪي به ڏاڪي ڪوششون شروع ڪري ڏنائين. ٻيو، جولاءِ ١٩٦٢ع ۾ الجزائر جي انقلابين ايف- ايل- اين جي سرواڻيءَ ۾ اٺن سالن تائين خوني ويڙهه وڙهڻ کانپوءِ بيٺڪيتي قوت فرانس کان آزادي حاصل ڪري ورتي. فتح پاران اُٿاريل دليل ته، گوريلا جنگ ئي مسئلي جو حل آهي ۽ فلسطينين کي اسرائيل سان ويڙهه ڪرڻ وارو ڪم خود پنهنجن هٿن ۾ کڻڻ گهرجي، يڪدم وڏيڪ اهميت جوڳو ٻڌجڻ لڳو.

نين پيشقدمين فتح جي قيادت کي موقعو ۽ چئلينج مهيا ڪري ڏنو. هڪ پاسي، هُنن اِهو ڪاٿو لڳايو ته الجزائر ۾ ايف- ايل- اين جي ڪاميابي، هُنن لاءِ هڪ

اهڙي تنظيم جو مثال بڻجي سگهي ٿي، جيڪا فقط پنهنجن ئي وسيلن سان ملڪ اندر ۽ ٻاهر جنگ جي سرواڻي ڪري. هنئي پاسي ناصر جي رٿ، ته عرب حڪومتون 'فلسطيني وجود' لاءِ ڪو لائحہ عمل جوڙين. اُهو نظريو جيڪو پهريون ڀيرو مارچ ١٩٥٩ع ۾ لبنان جي عاليشان شهر 'چٽائورا' ۾ ٿيل عرب ليگ جي پرڏيهي وزيرن واري ڪانفرنس ۾ پيش ڪيو ويو هو. اُهو سياسي خال ڀرڻ جوئي هو، جيڪو خود فتح پئي ڀرڻ چاهيو.

ان ڳالهہ کان ڪنهن حد تائين واقف ٿيندي ته هو هاڻ سڌوسنئون عرب حڪومتن آڏو آهن؛ عرفات ۽ وزير ڪويت کان ٻاهر پنهنجي تنظيمي ڪم جي ڪوشش کي تيڻو تيز بڻائي ڇڏيو. بيروت ۾، عرفات پنهنجي پراڻي دوست زهير العلميءَ سان ٻيهر رابطو قائم ڪيو، جيڪو سيپٽمبر ١٩٦٢ع ۾ امريڪن يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائڻ لاءِ آمريڪا کان لبنان واپس موٽي آيو هو. سندس وسيلي عرفات تڏهوڪي عرب ثقافتي مرڪز بيروت ۾ ڪجهہ سرواڻ سياسي شخصيتن سان ڏيٺ ويٺ پيدا ڪئي. عرفات هر وقت ساڳئي حليي ۽ وڪريل وارن سان، تن ڏينهن ۾ اڪثر علميءَ جي ريوريا هوٽل جي ڀر واري گهر ۾ ڪپڙا مٽائڻ بنان پيو نظر ايندو هو. "پراڻن ڏينهن ۾ هُن ڪڏهن به پنهنجي حُليي تي ڪو به ڌيان نہ ڏنو." عرفات جو هڪ دوست، جيڪو سياست کان اڳ ساڻس ضروري خريداريءَ لاءِ ويندو هو، ٻڌائي ٿو. (٢٠)

عرفات شام لاءِ به هڪ سڌي سنئين لائين جوڙي. ڪيترين ئي ناڪام بغاوتن ڪانپوءِ مارچ ١٩٦٣ع ۾ هڪ ڦرتيلي قيادت حڪومت تي قبضو ڪري ورتو ۽ عرفات اِهو پروڙي ورتو ته نئين حڪومت جي بااثر شخصيتن تي سرگرم حمايت لاءِ زور ڀري سگهجي ٿو. سندس اهم مارو فوج تي هو ۽ تن ڏينهن ۾ هُن شامي هوائي فوج ۾ ڪم ڪندڙ هڪ فلسطيني ڪرنل خالد حسين سان ٿورڙي عرصي ۾ واقفيت پيدا ڪري اهم ڪاميابي ماڻي. حسين ايئرفورس جي هڪ اهڙي جرنل جو ذاتي محافظ هو، جنهن مارچ واري بغاوت ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو ۽ جيڪو ڏاهپ ۽ بيرحميءَ ۾ پنهنجو نالو ڪيڍي رهيو هو. ان جنرل جو نالو حافظ الاسد هو ۽ ١٩٦٣ع ۾ ياسر عرفات سان سندس پهرين ملاقات ٻگهن ۽ ڏکن سکن ۾ هڪجهڙن ناتن جي شروعات بڻي. (٢١)

پر عرفات جي انتهائي اهم انٽري الجزائر ۾ ٿي، جڏهن ايف- ايل- اين جا قومپرست، فرانس کان ماڻيل پنهنجي آزادي ملهائي رهيا هئا. هو ۽ سندس ساٿي الجزائر جي آزاديءَ واري تحريڪ جا ٻگهي عرصي کان پرستار هئا ۽ ڪيترن ئي فلسطينين ان ويڙهہ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ڪوششون پڻ ڪيون هيون، پر فتح ۽ الجزائري انقلابين وچ ۾ تعلق قاهره ۾ پختو ٿيو. عرفات جي وڏي ڀاءُ جمال هڪ جلاوطن الجزائري آزادي جي ويڙهاڪ محمد خدر کي فلسطيني مسئلي جي ڄاڻ

ڏني. انهيءَ تعلق تحت عرفات کي الجزائر واري جشن آزاديءَ ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ فتح کي پنهنجو پهريون سفارتي مشن الجزائر ۾ قائم ڪرڻ جي نيئڊ ڏني وئي.

اِها فلسطيني گروپ لاءِ، جيڪو اجان تائين ڳجهه ڳوهه ۾ ۽ ڪنهن عرب حڪومت جي مدد بنان ڪم ڪري رهيو هو، تمام وڏي حاصلات هئي- پر هن آفيس کولڻ سان فتح کي نه رڳو وچ اوڀر جي سياست ۾ هوشياريءَ سان عمل ڪرڻ جو موقعو مليو پر الجزائر، جيڪو هاڻ دنيا ۾ هلندڙ آزاديءَ جي تحريڪن لاءِ اُتساهه ڀريو مرڪز بنجي ويو هو، عرفات ۽ سندس ساٿين کي نيون دوستيون قائم ڪرڻ جو هڪ وسيع موقعو ڏنو. جيڪي سندن 'هٿياربند جدوجهد' جي تياريءَ ۾ تمام گهڻيون ڪارائتيون ثابت ٿيون. (٢٢)

نئين فلسطيني مرڪز Bureaudela Palestine جي قيادت لاءِ (جيتوڻيڪ ان جي شروعات جمال ڪئي هئي پر فرانسيسي تي مهارت نه هئڻ ڪري ڪيس واپس موٽڻو پيو هو) خليل الوزير کي چونڊيو ويو. ١٩٦٣ع ۾ وزير فتح جو اُهو پهريون ميمبر بڻيو، جنهن پنهنجي نوڪري ڇڏي پنهنجو پاڻ کي جدوجهد لاءِ ڪُل وقتي بنايو. هُن پنهنجي ماسترياڻي زال انتصار، هڪ ننڍڙي ٻار ۽ آفيس جي ڪم ڪار ڪندڙن جي ڪٽنب سوڌو ١٥، وڪٽر هيوگو ايوينيو الجيرس ۾ مفلسي وارين حالتن ۾ پنهنجو ڏنڊو شروع ڪيو، آفيس جي مٿان هڪ بالاخاني ۾ رهندي، هن الجزائر ۾ تعليمي اسڪالرشپون ۽ ماستريءَ جون نوڪريون هٿ ڪندي اُتي فلسطينين جو تعداد وڌايو. هن فتح ۽ ان جي هٿياربند جدوجهد واري پروگرام بابت الجزائر جي اخبارن ۾ مضمون لکيا، جن مقامي دانشورن کي اڇرج ۾ وجهي ڇڏيو. هُن فتح ۽ حڪمران ايف- ايل- اين جي ناتن کي سگهارو بنائڻ لاءِ انتهائي جاکوڙ ڪئي.

شروعات ۾ ڪم ڪو گهڻو سولو نه هو، ڇاڪاڻ جو نئين حڪومت آزاديءَ ڪانپوءِ جي ڪرشماتي اڳواڻ احمد بن بيلا ۽ کيس برطرف ڪندڙ فوجي عملدار ڪرنل حواري بومدين وچ ۾ اقتدار لاءِ هڻ هٿان ڪري لوڏن ۾ هئي. هڪ مرحلي تي حڪومتي رنڊڪون ايترو نه وڌي ويون جو وزير پنهنجي شڪست قبولي واپسيءَ لاءِ تيار ٿي ويو، پر بومدين جي اقتدار ۾ ايندي ئي ڪارائتي سهڪار جو دور شروع ٿي ويو. الجزائر ٻين عرب ملڪن جي ابتڙ فتح جو سڀ کان وڌيڪ سگهارو ۽ گهڻ طرفو حمايتي بڻجي ويو ۽ اڄ تائين اِها دوستي عرفات جي ٻين اتحادين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ جٽادار آهي. (٢٣)

الجزائر ۾، فلسطين کان تقريباً ٻه هزار ميل پري، وزير ١٩٦٤ع ۾ پهريون ڀيرو تقريباً هڪ سؤ ويڙهاڪن لاءِ اونهاري واري تربيتي ڪئمپ قائم ڪري سگهيو ۽ وڌيڪ ويهن ڄڻن کي تازو ئي قائم ڪيل چرچل ملٽري اڪيڊميءَ ۾ ابتدائي گوريلا تربيت لاءِ اُماڻڻ ۾ ڪامياب ٿيو. هُن فتح لاءِ هٿيارن ۽ پئسن جي

شروعاتي سيلاءِ لاءِ راهه هموار ڪئي. سڀ ڪان وڏيڪ اهم اُهي رابطا هئا جيڪي هُن همدرد پرڏيهي حڪومتن ۾ آزاديءَ جي تحريڪن سان قائم ڪيا هئا. سفارتي محاذ تي ڪم ڪندي وزير، الجزائر ۾ چيني سفارتخاني جي هڪ جونيئر عملدار سان واقفيت پيدا ڪئي ۽ افريڪي- ايشيائي يڪجهتيءَ لاءِ چيني ڪميٽيءَ پاران عرفات ۾ پنهنجي لاءِ پيڪنگ جي دوري جي نينڊ حاصل ڪيائين. هو ڪوڙن پاسپورٽن تي ترتيبوار محمد رفعت ۽ غلال محمد جي ڪوڙن نالن تي سفر ڪندي ١٧ مارچ ١٩٦٤ع تي چين پهتا. هو چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جي هڪ اعليٰ عملدار ليائو چينگ چيءَ سان مليا، جنهن سندن مقصد لاءِ مڪمل حمايت جي خاطري ڏياري. ان ڪانپوءِ وزير، اتر ويتنام روانو ٿيو، جيڪو تن ڏينهن ۾ 'پنهنجي آزاديءَ لاءِ ويڙهه' ۾ رُڌل هو. (٢٤)

الجزائر ڪان واپسي تي، وزير ۾ سندس نائب محمد ابو ميزار جي گوريلا حڪمت عمليءَ جي عظيم شخصيت چي گويرا سان فلسطينين جي پهرين ۽ آخري ملاقات ٿي. اها ملاقات ١٩٦٤ع جي اونهاري ۾ اڳوڻي فرانسيسي حڪومت جي هيڊڪوارٽرس ۾ ٿي هئي جنهن کي انقلابين هوٽل اليٽيءَ ۾ بدلايو هو. جتي تن ڏينهن ۾ سڄي دنيا جي آزاديءَ وارين تحريڪن جي هڪ ڪانفرنس ٿي رهي هئي. "چي گويرا مونکي پنهنجي نستي بُت، ٽوپي ۾ سگار ڪري چڱي طرح ياد آهي." ابوميزار ٻڌائي ٿو: "اِهو پهريون موقعو هو جو هُن فلسطين بابت ٻڌو هو. هو اچرج ۾ وڃي ويو ته اسان اڃان تائين پنهنجو انقلاب ڇو نه شروع ڪيو هو." پر هُن خاطري ڏياري ته اسانجي شروعات ڪرڻ تي ڪيوبا ڪان جوڳي مدد حاصل ڪري سگهنداسين. (٢٥)

چي گويرا انتهائي نازڪ رڳ کي ڇيڙيو هو، هُن اٽسڌي طرح ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪيو هو. جيڪا فتح جي قائم ٿيڻ واري ڏينهن ڪان منجهس بحث هيٺ هئي. فتح کي هڪ يانچو ڏيڻ وارن سالن ۾ عرفات ۽ ٻين، عمومي انداز ۾ صيهونين ڪان فلسطين جي ٻيهر واپسيءَ لاءِ 'هٿياربند جدوجهد' شروع ڪرڻ جي ڳالهه ضرور پئي ڪئي، پر تنظيمي جوڙجڪ واري عمل دوران هو ان ڳالهه تي سهمت ٿي نه سگهيا هئا ته اِها جدوجهد ڪڏهن شروع ڪجي ۽ اِها ڪهڙو روپ اختيار ڪري ۽ هو ان لاءِ عملي طور تي فقط آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ماڻهو ئي الجزائر موڪلي سگهيا هئا. عرفات پنهنجي ليکي ان جي شروعات لاءِ چڱو خاصو بي صبرو هو. پر هو تحريڪ ۾ پنهنجي هم- رتبي ساٿين مان اڪيلي سر ئي ان جو حمايتي هو. هاڻ اِهو بحث پڇاڙيءَ جي ويجهو پهچڻ تي هو.

١٣ جنوري ١٩٦٣ع تي صدر ناصر عرب اڳواڻن جو هڪ هنگامي اجلاس قاهره ۾ سڏرايو: ان اجلاس جي اهم ايجنڊا اسرائيل پاران اردن نديءَ جي پاڻي کي پنهنجي نيشنل واٽر ڪيريئر وسيلي نيگيو رڻ پٽ ڏانهن موڙڻ واري رٿا هئي،

جنهن ڪري عرب دنيا ۾ ڪاوڙ ۽ مايوسيءَ جي لهر پکڙيل هئي. ناصر کي ٻپ هو تہ انهيءَ رٿا وسيلي اسرائيل جي وڏي تعداد ۾ نوان پناهگير برداشت ڪرڻ واري سگهہ ۾ اجائين اضافو ٿيندو ۽ ان سان فلسطيني سوال هڪ ڀيرو ٻيهر اُڀري ايندو. پر اِها رٿا ساڳي وقت عربن جي ڪمزوريءَ جي علامت پڻ بڻجي وئي. ٻي واهرو منٺ ميڙ کان سواءِ ٻيو ڪري بہ ڇا ٿي سگهيا. ڪانفرنس پنهنجي ڪمزورين کي ڍڪڻ لاءِ ناصر جي فلسطيني نمائندگيءَ لاءِ هڪ ادارو قائم ڪرڻ واري گهڻي عرصي کان تيار ڪيل رٿ تي پنهجي رضامنديءَ جو اظهار ڪيو. گڏ ٿيل اڳواڻن هڪ وچئين عمر واري فلسطيني وڪيل ۽ سفارتڪار احمد شُڪيريءَ کي اختيار ڏنو تہ هو سمورن فلسطينين لاءِ هڪ نمائنده ادارو قائم ڪرڻ جي طريقن جي سفارش ڪري. اِهو ادارو اڳتي هلي فلسطين جي آزاديءَ لاءِ تنظيم (پي- ايل- او) بڻيو.

لفظن جو رانديگر شُڪيري، سفارتي دنيا ۾ تمام گهڻو مشهور هو، ۽ هُن عرب ليگ ۾ ڪم ڪرڻ کان سواءِ گڏيل قومن ۾ شام ۽ سعودي عرب جي نمائندگي پڻ ڪئي هئي. هو ايندڙ وقت ۾، يهودين کي سمونڊ ۾ ڦٽو ڪرڻ واري ڌمڪي ڏيڻ تي اولهہ ۾ تمام گهڻو بدنام ٿيو. ١٩٦٤ع جي پهرين اڌ ۾ عرب ملڪن جي دوري دوران گهڻي عرصي کان نظرانداز ڪيل فلسطينين سان سندس ملاقات جو جوش خروش سان آدرياءُ ڪيو ويو. ڪويت، شام ۽ ٻين هنڌن تي موجود فلسطيني سندس انهيءَ تجويز تي ٽينگ ٽپا ڏيڻ لڳا تہ هو تن ڏينهن ۾ اردني قبضي هيٺ اوڀر يروشلم ۾ قومي اسيمبليءَ جي ٿيندڙ چونڊن ۾ حصو وٺي. مئي جي آخر ۾ يروشلم جي ايمبيسڊر هوٽل ۾ ڪوٺايل اسيمبلي اجلاس بہ پنهنجي سر اهم واقعو هو. سمورن علائقن ۾ ڦهليل ڪٽنبن جي هيءَ گڏجاڻي ان وقت ٿي هئي، جڏهن فلسطينين تي سفر متعلق انيڪ پابنديون هيون، ڪيترن لاءِ تہ اِهو اجتماع فلسطين ڏانهن موٽ جي جنگ ۾ هڪ نئين شروعات جو اعلان هو.

"ذاتي طور تي منهنجي لاءِ تہ يروشلم وڃڻ هڪ غيرمعمولي ڳالهہ هئي." اهم فلسطيني دانشور ۽ ليکڪ احمد صدقي الدجاني، جنهن ١٩٥٨ع ۾ لبيا ۾ پنهنجي تحريڪ جو بنياد وڌو هو، ٻڌائي ٿو. (٢٦) "اِهو قيامت جي ڏينهن وانگر هو." ان وقت جو سرگرم ڪارڪن ۽ اڄڪلهہ پي- ايل- او جو سيڪريٽري جنرل جمال الصوراني ٻڌائي ٿو. "ماٺهو ١٩٤٨ع کانپوءِ پهريون ڀيرو گڏجي رهيا هئا." (٢٧)

جڏهن تہ فتح جي ڳجهي قيادت لاءِ، پراڻي نسل جي يادگار، شُڪيريءَ جي موٽ پريشان ڪندڙ خبر هئي. پي- ايل- او جهڙو عرب حڪومتن تي ڀاڙيندڙ ۽ فرمانبردار ادارو، سندن ذهن سان مڪمل هم آهنگي رکندڙ نہ هو. سڀ کان خطرناڪ ڳالهہ عرب سپہ سالاريءَ ۾ ڪٺ پتلي فوج جو قائم ٿيڻ هو. ان ڪري فتح جي ڪيترن ئي هٿيلن ڪارڪنن جي 'انقلابي جدوجهد' کي ڇڏي وڃڻ جو

خطرو بهرحال موجود هو. "فلسطين جي آزاديءَ لاءِ فوج قائم ڪرڻ واري ڳالهہ اسان جي ماڻهن ڪي بهرحال موهي رهي هئي. عام طور تي اُهي پي- ايل- او ڏانهن گهٽو چڪجي رهيا هئا، ڇاڪاڻ جو ان جي ناصر پاران منظور ڪيل سرڪاري حيثيت هئي." هڪ ٻيو پراڻو سرگرم خالد الحسن، جنهن فتح ۾ ٿيل بحثن دوران اهم ڪردار ادا ڪيو، ٻڌائي ٿو: "پر اسين ان ڳالهہ کان گهٽو چڙڪيل هئاسين تہ پي- ايل- او، عوامي تحريڪ جو متبادل بڻجي سگهي ٿي. اسين ان ڳالهہ تي بہ پريشان هئاسين تہ اِها عرب اڳواڻن جي مُٺ ۾ هوندي." (٢٨)

فتح پنهنجي ويڙهاڪن جو هڪ وڏو تعداد، عرفات بدران ٽن ڏينهن ۾ تحريڪ جي ظاهر عوامي ميمبر وزير جي قيادت ۾ يروشلم ۾ ٿيل پهرين فلسطيني قومي ڪائونسل ۾ اُماڻيو. هو پنهنجو پاڻکي 'آزاد' سڏيندي سئريٽري هوٽل جي وراندي ۾ هر ڪنهن آڏو 'عوامي جنگ' جي تبليغ ڪري رهيا هئا ۽ هر ڪنهن ٻڌندڙ کي اِهو ٻڌائي رهيا هئا تہ وٽن ٽن کان ڇئن سون تائين ويڙهاڪن جو جٿو آهي، جيڪو اردن رستي اسرائيل تي حملو ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار آهي. (٢٩)

عرفات ۽ سندس ساٿين خود شُڪيريءَ سان راهہ ڳنڍڻ پئي چاهي. هڪ ٻئي پويان ٿيندڙ گڏجاڻين ۾، هُنن تجويز پيش ڪئي تہ پي- ايل- او اسرائيل خلاف تخريبي سرگرمين ۾ فتح جي ڳجهي مدد ڪري، اِها ١٩٤٨ع کان اڳ فلسطين ۾ يهودي ڌر جي هگاناهہ قوتن ۽ منهام بيگن جي اِرگن ۽ آئزڪ شمير جي بدنام اسٽرن گينگ جي غيرمستقل دهشتگرد ٽولن وچ ۾ قائم تعلقاتن جهڙي ساڳي صورتحال هئي. شڪيري، جيڪو نوجوان فلسطيني ويڙهاڪن جي تيز ۽ ترش ڳالهين تي مچريل هو، اهڙي ڳجهي ناهہ کي عرب حڪومتن سان پنهنجن ناتن لاءِ هاڃيڪار سمجهيو. ان نظريي کي رد ڪندي هُن فتح جي ميمبرن سان پي- ايل- او جي دائري اندر سهڪار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. سندس ۽ عرفات جي وچ ۾ تعلقات جلدئي ڦٽڻ شروع ٿيا.

اهڙي ريت فتح شروعات ڪرڻ واري سوال سان مُنهن مقابل ٿي. ان جي جواب واري طريقہءِ ڪار انتهائي متنازعہ صورتحال کي جنم ڏنو. هڪ پاسي عرفات، وزير ۽ ڪجهہ ٻيا ڪاوڙ سان پريل حمايتي هئا، جن کي 'مُهم جُو' يا 'پاڳلپڻي جو شڪار' سڏيو ٿي ويو، جيڪي ان ڳالهہ تي زور پري رهيا هئا تہ فتح کي بنا دير ڪرڻ جي فوجي ڪارروايون شروع ڪرڻ گهرجن. ٻئي پاسي، ڪويت ۾ موجود ڪجهہ عقلمند 'صحيح دماغ وارا' ساٿي هئا، جيڪي ان ڳالهہ تي زور پري رهيا هئا تہ تحريڪ کي اوستائين انتظار ڪرڻ گهرجي جيستائين فردي قوت، هٿيارن ۽ پئسن ڏوڪڙن جي گهربل حد پوري نٿي ٿئي. (٣٠)

واضح نقطہءِ نظر رکندڙ فلسطيني عبدالله دنان جي اڳواڻيءَ ۾ 'اُردني، عقل جي پرچارڪن' وٽ پنهنجي ڳالهہ لاءِ منطق هو. خوفناڪ 'انقلابي تشدد' جي

پرچار جي باوجود بہ فتح وٽ هٿيارن ۽ پئسن جي شديد کوٽ هُئي، اُن اچان تائين پنهنجي لاءِ جوڳي حمايت پڻ حاصل نہ ڪئي هئي، وٽس تمام ٿوڙا بااثر رُڪن هئا ۽ اِها فقط آڱرين تي ڳڻڻ جيترن ويڙهاڪن کي ئي ميدان ۾ لاهي پئي سگهي. ايتري معمولي قوت کي طاقتور اسرائيل جي مقابلي ۾ ميدان تي لاهڻ بيوقوفيءَ کانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ هو.

عرفات اهڙن وسوسن آڏو ڪڏهن بہ نہ جُهڪيو هو. سندس خيال ۾، وڌيڪ انتظار جو مطلب، پنهنجو پاڻ کي شُڪيريءَ جي 'سرڪاري' پي- ايل- او آڏو نيست ۽ نابود ڪرڻ ۽ چانهہ جي ڪوپ ۾ طوفان آڻيندڙ هڪ وڌيڪ فلسطيني ٽولي جو بنياد وجهڻ هوندو. هاڻ عمل جو وقت هو، نہ ڪي ڳالهين جو. اسرائيل تي حملا ڪري، پوءِ ان سان ڪهڙو بہ فرق پوي، فتح جا گوريلا گهٽ ۾ گهٽ ڪا سگهاري لهر اُڀاري پئي سگهيا. اها حقيقت بہ هئي تہ ڪجهہ عملي ڪارناما نين پرتين ۽ هٿيارن جي سپلاءِ جا دروازا کولي پئي سگهيا. اسرائيل تي حملن جي صورت ۾ سندس انتقامي ڪارروائي جي نتيجي ۾ پاڙيسري عرب رياستن کي ويڙهہ ۾ ڌڪي سگهڻ جا امڪان موجود هئا. ۽ آخرڪار عمل ۽ ردعمل جو هڪ سلسلو قائم ڪري، تحريڪ، فلسطينين جي سرواڻيءَ ۾ صيهوني دشمن خلاف هر پاسائتي ويڙهہ اُڀارڻ ۾ سوڀاري ٿي پئي سگهي. جيتوڻيڪ ان نظريي ۾ 'آزاديءَ لاءِ عوامي ويڙهہ' واري ڳالهہ نہ بہ هئي، پر عرفات ڪاڻ نظريو ۽ حڪمت عملي سدائين سرگرميءَ لاءِ اُتساهيندڙ ڪارڻ کان گهٽ اهم پئي رهيا آهن.

۱۹٦۴ع دوران عرفات پنهنجو وڌ کان وڌ وقت عمل لاءِ تيارين ۾ گذاريو. هُن شام جو دورو ڪيو، جتي مائوازم واري ملٽري انٽيليجنس چيف احمد سوئيدانيءَ جهڙا اهم شخص ضبط کان ڪم وٺندڙ ناصر جي مصري پاليسيءَ جي ٽوڙ طور اسرائيل خلاف گوريلا جنگ جا حمايتي هئا ۽ جتي فتح کي ٻہ فوجي تربيتي ڪئمپ استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي. (۳۱) هُن ايندڙ ويڙهہ لاءِ ڪاهي ڪناري ۾ گوريلا تيار ڪرڻ ۽ هٿارين جي سپلاءِ جي تياريءَ واسطي اردن جو دورو ڪيو ۽ ڳجهن اشارن وارن پيامبرن کي عرب دنيا ۾ هر هنڌ اُماڻيائين. ڪويت ۾ موجود پنهنجن ساٿين کي هُن بنا آرام ڪرڻ جي حمايتي پيدا ڪرڻ جي ڪرت سان لڳايو. قطر ۽ الجزائر مان همعصر فتح اڳواڻ گهرائي، ساڻن مستقبل جي حڪمت عملي بابت ٻڌگها بحث ڪيائين.

هُن پنهنجي رٿابنديءَ لاءِ قادر مطلق جي دعائن تي بہ ڀاڙيو. ۱۹٦۴ع ۾ ئي عرفات جي ٻڌگهي ڪيريئر جو هڪ عجيب واقعو سامهون آيو. هو ۽ وزير بيروت ۾ رهندڙ هڪ فلسطيني بزرگ کان مشورو وٺڻ ويا، انهيءَ بزرگ جو نالو فادر ابراهيم اِياد هو ۽ هو لبنان جي هڪ ڪليسائي دربار جي صدر جا اختيار ماڻي رهيو هو. ٻہ سرگرم سني مسلمانن جو هڪ عيسائيءَ کان مشورو وٺڻ تمام گهٽو

عجيب هو پر ان ۾ وڏي حرفت پڻ لڪل هئي: چاڪاڻ جو فادر اياد ١٩٣٠ع واري ڏهاڪي کان فلسطيني سياست ۾ سرگرم پئي رهيو هو ۽ هو فلسطيني عيسائين جو هڪ سگهارو آواز هو. سندس حمايت حاصل ڪرڻ سان، اُتاولي عرفات کي فلسطيني سماج جي هڪ اهم ۽ وڏي حصي جو سهڪار حاصل ٿي پئي ويو. "هنن مونکي فتح ۽ هٿياربند جدوجهد بابت ٻڌايو." گهنجيل چهري ۽ تيز دماغ وارو فادر اياد ٻڌائي ٿو: "مون ڪانئن پڇيو ته جيڪڏهن ڪين ڪا مدد گهربل هجي؟" هنن چيو هو: "نه- اسانکي فقط اوهانجي دعائن جي ضرورت آهي." ٻن ڪلاڪن تائين هلندڙ ڪچهري ڪان پوءِ، فادر اياد پنهنجن ملاقاتين کي انهن لفظن سان روانو ڪيو، جيڪي ٻڌڻ لاءِ هو وٽس ڪهي آيا هئا. هڪ اهڙو جملو جيڪو عرفات اڄ ڏينهن تائين حرف به حرف دهرائي سگهي ٿو: "خدا جي امان ۾ هجو. آءٌ سدائين توهان سان گڏ هوندس." (٣٢)

١٩٦٤ع کان فتح عرفات لاءِ تقريباً ڪُل وقتي ڪم بڻجي وئي. هو ڪيترائي مهينا رستا ڳاهڻ واري پنهنجي نوڪريءَ تان غيرحاضر رهيو ۽ بيماريءَ جي بهاني سان ڪيل انهن موڪلن لاءِ هُن هڪ همدرد فلسطيني ڊاڪٽر جو ڪوڙو ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ پيش ڪيو. سپ کان وڌيڪ اهو ته ان دوران عرفات هر وقت سفر ۾ ئي ڏٺو ويو. "مون پنهنجو پاڻ ۽ خدا سان واعدو ڪيو هو ته ١٩٦٤ع ۾ هر صورت ۾ اسانجي هٿياربند جدوجهد جي شروعات ڏسندو." (٣٣)

سندس پنهنجي سر ڪيل انهيءَ واعدي جي پورائي ۾ هڪ مسئلو اٽڪيل هو. سندس 'عقلي' مخالف اجان تائين هٿياربند جدوجهد شروع ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ کان ڪيٻائي رهيا هئا. هٿياربند جدوجهد جي مڪمل ناڪاميءَ تي پريشان ٿيڻ سان گڏوگڏ، هو اُتاولي عرفات کي کليل ميدان ڏيڻ کان به ڪيٻائي رهيا هئا. هو اڳ ۾ ئي خطرناڪ رويا اختيار ڪرڻ ۽ پنهنجي ساٿين سان جوڳا مشورا نه ڪرڻ تي تنقيد جو نشانو بڻيل هو. ڪين مڃرائڻ لاءِ، عرفات ١٩٦٤ع جي سرءُ ۾ هڪ تجويز ذريعي ڳاهه جي اڳ ڪئي. هُن تجويز پيش ڪئي ته فتح حملا شروع ته ڪري پر العاصفه (طوفان) جي نالي سان. "جيڪڏهن العاصفه سوڀاري ٿي ٿئي ته فتح کي پنهنجي سر اهو دڳ اختيار ڪرڻ گهرجي" عرفات وضاحت ڪندي چيو هو، "پر جيڪڏهن اها ناڪام ٿي ٿئي ته انجي ذميواري فتح نه پر العاصفه قبوليندي." (٣٤) 'عقلين' کي وڌيڪ خاطري ڏيارڻ لاءِ اهو به تجويز ڪيو ويو ته فوجي سرگرميون اُبهري عرفات جي سرواڻيءَ ۾ نه پر قطر ۾ رهندڙ غزه جي سخت ويڙهاڪ محمد يوسف النجار جي اڳواڻي ۾ شروع ڪيون وينديون.

دليلن جي ڏي وٺ اجان جاري هئي، ڊسمبر تائين 'عقلي' ڏر وارا فوجي آپريشن کي ناممڪن بنائڻ لاءِ ڏکيون حالتون پيدا ڪري رهيا هئا. هُن اها به گهُر ڪئي ته شروعاتي ڪارروائين جي ماليت لاءِ چڱي خاصي رقم مخصوص ڪرڻ گهرجي.

انهيءَ نقطي جو مخالف هئڻ ۽ عرفات جي ڪيل عهد جو وقت نڪرڻ ڪري، فتح جي هڪ نوجوان ميمبر سليم زعنون کي اهو جاچڻ لاءِ ته هٿياربند جدوجهد لاءِ حالتون سازگار آهن يا نه، ٢٦ ڊسمبر تي اردن اُماڻيو ويو. عمان، نابلس ۽ يروشلم جو دورو ڪرڻ کانپوءِ سليم اِها رپورٽ پيش ڪئي ته پهريون وار ڪرڻ لاءِ حالتون بلڪل پڪل آهن ۽ فتح جي مرڪزي ڪميٽيءَ رسمي طور تي اسرائيل خلاف حملا شروع ڪرڻ جي اجازت ڏني ڇڏي. (٣٥)

هيءَ اُها گهڙي هئي، جنهن جو عرفات کي انتظار هو. هُن پبلڪ ورڪس واري وزارت کي جوڳي نوٽيس ڏيڻ بنان پنهنجي نوڪري ڇڏي ڏني ۽ ڪويت کان روانو ٿي ويو. ڪاروبار مان سندس نڪرڻ به اوترو ئي اوچتو هو. ڪويت ڇڏڻ وقت سندس پائيوار ۽ گراهڪ هُن جي ويهه هزار ڪويتي دينارن جا قرضي هئا، جيڪي ڪيس ڪجهه سالن کانپوءِ ڪويت جي حڪمران ڪٽنب جي هڪ اهم فرد جي مداخلت تي ئي ملي سگهيا. هڪ گوريلا اڳواڻ طور شروع ٿيندڙ نئين زندگيءَ ۾ سندس انهيءَ پاڇي رقم تحريڪ کي تمام گهڻي مدد ڪئي. تحريڪ کي تيز رفتار ڪارون عطيو ڪندڙ عرفات دعويٰ ٿو ڪري ته فقط اعتبار جوڳي فاڪس ويگن ئي وٽس باقي وڃي بچي. (٣٦)

ان مرحلي کان گهاريل زندگي سدائين حرڪت ۾ رهي: بيروت، دمشق جي هڪ فوجي ڪئمپ، جيڪا فتح جو قائم ڪيل پهريون اڏو هئي، سندن خفيا سلطنت اردن، جتي فلسطيني سياسي سرگرمين تي پابندي هئي، عرفات جي قدمن هيٺان ڊوڙڻ لڳا. عرفات لاءِ پنهنجي ڪارڪردگي بهتر بنائڻ لاءِ اهو سونهري موقعو هو. دل ڏهڪائيندڙ رفتار سان هر پاسي گاڏي هلائيندي عرفات ڪنهن به هڪ هنڌ لاڳيتو ٻن راتين تائين نه ترسيو ۽ ڪن موقعن تي هُن 'ڊاڪٽر ابومحمد' جو ڪُوڙو نالو پڻ استعمال ڪيو. هو اڪثر چمڙاپوش ڪري هلندو هو. سليم زعنوون ڊسمبر ١٩٦٤ع ۾ ان مهل شديد حيرت جو شڪار ٿي ويو، جڏهن هُن فتح جي پنهنجي سائيءَ کي هڪ پاڪستاني سيلانيءَ جي روپ ۾ ڏٺو. پنهنجي هڪ مصريءَ دوست هٿان اِهو روپ ذري گهٽ پڌرو ٿيڻ کان اڳ عرفات يروشلم کسڪي ويو.(٣٧)

ساڳي سياري ۾ فتح جي اڳواڻن پنهنجا وسيلا ته بهتر بڻائي ورتا هئا پر حالتون ڪي گهٽيون اُتساهيندڙ نه هيون. سندن تنظيم اڃان تائين ورهايل هئي، ان سان گڏوگڏ ان مرحلي تي هٿياربند جدوجهد شروع ڪرڻ جا ڪجهه مخالف تحريڪ کان ڌار پڻ ٿي ويا. هڪ فلسطيني زهير العلميءَ جي قائم ڪيل بينڪ جي راس بيروت واري شاخ ۾ فتح جو اڪائونٽ ته هو پر عرفات ۽ علميءَ جي گڏيل صحيحن واري انهيءَ اڪائونٽ ۾ رقم تمام گهٽ هئي. اصل ۾، علمي شروعاتي گوريلا ڪارروائين لاءِ فتح جي جمع ڪيل رقم کان ڇهه ست هزار لبناني پائونڊ

وڌيڪ ڏيڻ وارو هو. (۳۸) ۽ عملي طور تي فتح وٽ، زنگ لڳل پراڻن هٿيارن سان ليس چوويهہ گوريلا هئا. (۳۹)

ڪجهہ ويڙهاڪن کي اِهو ڀپ هو تہ عرفات شايد انهيءَ قوت سان اسرائيل تي حملو ڪرڻ جي رٿا جوڙي رهيو آهي. ڊسمبر ۱۹٦۴ع ۾ پهرين حملن جي تياري دوران هڪ گوريلا يونٽ اِهو ڏٺو تہ سندس پنجن ڄڻن کي ٽن آتشي هٿيارن تي ڀاڙڻو پئي پيو، انهن ۾ بہ هڪ شڪار واري بندوق ۽ هڪ ڪٽ چڙهيل مشين گن هئي، جيڪا هڪ برسٽ ۾ فقط ٽي گوليون هلائي پئي سگهي ۽ هڪ ڪان وڌيڪ ڀيرا هلائڻ لاءِ پنهنجي ضدي مستقل مزاجيءَ جي گهرجائو هئي. انهن مان هڪ گوريلي، وريل بُت ۽ گهاٽين مڇين واري ابوعيز وٽ فالتو گوليون بس ايتريون ئي هيون، جو هن اِهي هڪ رومال ۾ ويڙهي پنهنجي کيسي ۾ رکي ڇڏيون. کيس عمل جو حڪم ملڻ تي عين، اُتي موجود ماڻهن جي بقول ٺهڪ ڏيندي چيو هو: "ابوعمار چاهي ڇا ٿو؟ هن ڪٽ- چڙهيل بندوق سان فلسطين آزاد ڪرائيندو؟" (۴۰) هڪ ٻئي گوريلي، جنهن کي هڪ هٿرادو بم سان اسرائيل جي هڪ فاسفيٽ پلانٽ اڏائڻ جو حُڪم ڏنو ويو، عرفات کي هنن لفظن ۾ چئلينج ڪيو، "ڊاڪٽر ابومحمد! تون گذريل ڇهن مهينن کان اسانکي انقلاب شروع ڪرڻ جو درس ڏئي رهيو آهين، هاڻ اسين شروعات ڪرڻ وارا آهيون پر ڇا اِهو ممڪن آهي تہ هنن ٽيڙن سان ان جي شروعات ڪري سگهجي؟." پنهنجي روايتي سورهيائپ سان عرفات کيس خاطري ڏيندي چيو "جڏهن هن بم مان فيوز ڪڍيو ويندو تہ ان سان نہ رڳو فاسفيٽ فيڪٽريءَ ۾ ڌماڪو ٿيندو پر سڄي وچ اوڀر ۾ پڻ ڌماڪو ٿيندو."(۴۱)

اهڙن معمولي هٿيارن سان شروع ڪيل 'فلسطيني انقلاب' سڀ کان وڌيڪ علامتن جو انقلاب هو. فتح ان جي شروعات ۱۹٦۵ع جي نئين سال واري ڏينهن تي ڪئي، جڏهن بيروت جي اخباري آفيسن ۾ هڪ ٽائيپ ڪيل ڪاغذ 'العاصفہ جو اعلان نمبر ۱' جي سرخيءَ سان ڦٽو ڪيو ويو. ان ۾ عقل کان گهٽ پري ٻمن جي معمولي ڌماڪن ذريعي 'فدائين' جي پهرين ڪارروائي جو احوال هو. انهيءَ اعلان نامي ۾ چيل هو: 'سرحدن تي اوسيئڙو ڪندڙ اسانجي ثابت قدم هم قومن سان' اسانجي انقلابي سرواڻن، انهيءَ يقين جي اظهار سان تہ هٿياربند انقلاب ئي فلسطين ۾ آزاديءَ ڏانهن اسان جو رستو آهي، اِهي ڪارروايون ڪيون آهن." (۴۲) فقط هڪ مسئلو سامهون آيو. انهيءَ بيان ۾ ذڪر ڪيل ڪارروائي نئين سال جي موقعي تي لبنان کان اترائين اسرائيل ۾ ڪرڻي هئي، جيڪا نہ ٿي سگهي. فتح جي پهرين 'فدائي' ڪارروائي هوائي ڳالهہ ثابت ٿي. لبناني اختياريءَ وارن انهن گروپن کي ڪارروائين لاءِ نڪرڻ کان اڳ ئي ڇاپا هڻي گرفتار ڪري ورتو. اسرائيل سان سرحدون ملندڙ تقريباً سمورن ملڪن فدائين جي اهڙين ڪارروائين جي ڪا همت

افزائي نہ ڪئي. جنوري ١٩٦٥ع جي شروعاتي ڏينهن ۾ ئي اسرائيل تي حملو ڪري موٽندڙ هڪ فلسطيني گوريلي کي اردني فوجين گولين هڻي ماري وڌو. اها ڳالهہ تمام گهڻي اهم آهي تہ فتح جو پهريون شهيد 'احمد موسيٰ' هڪ عرب جي ئي گوليءَ جو ڪاچ بڻيو.

العاصفہ جون ڪارروايون شروع ٿيڻ کان ڪجهہ ڏينهن پوءِ ئي، گوريلا انتهائي بي صبرا ٿي پيا. شام جي فوجي انٽيليجنس جي مشورن سان تيار ڪيل منصوبين تحت هُنن علامتي حملن، مثال طور اسرائيلي پاڻي جي قومي ٽينڪ جهڙين رٿائن؛ جنهن عربن کي پاڻيءَ کان محروم ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر باقي نہ ڇڏي هئي ۽ ڪجهہ اسرائيلين کي مارڻ تي زور ڏنو. اسرائيلي اختياري وارن کي، جن پنهنجو پهريون فدائي قيدي ستين جنوريءَ تي پڪڙيو هو، معمولي تعداد ۾ رڌل گوريلن سان منهن ڏيڻ ۾ ڪجهہ مسئلن کي منهن ڏيڻو پيو. ڪيترائي آپريشن مقامي ڏوهارين ۽ اسمگلرن هٿان ڪرايا ويندا هئا. انهيءَ ڪرت اسرائيلي اختياريءَ وارن کي فلسطيني بغاوت کي ڪنهن حد تائين سنجيدگي سان وٺڻ تي مجبور ڪيو. "شروعاتي دهشت گرد حملا بيوقوفيءَ پريا هئا. اِهي ڪنهن بہ ريت سياسي ۽ فوجي خطري جو ڪارڻ نہ پئي بڻيا." اسرائيلي فوجي انٽيليجنس جو تڏهوڪو سربراهہ جنرل احرون ييروِ تبصرو ٿو ڪري. (٤٣)

فتح جي شروعاتي فوجي قدمن جي جيڪڏهن اِها صورتحال هئي تہ، ان جي قيادت ١٩٦٥ع جي شروعاتي مهينن ۾ بلڪل مختلف اثر پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اولهہ بيروت واري پنهنجي فليٽ تي خليل الوزير جي ٽائيپ ڪيل ۽ ان کي اسٽينسل تي نقل ڪري عرفات هٿان فاڪس ويگن ذريعي بيروت ۽ دمشق جي سڌسماءُ وارن ادارن ۾ ورهائجندڙ اعلان نامن جو سيلاب آندو ويو. هڪجهڙن لفظن ۽ انداز وارن انهن اعلان نامن ۾ هو دعويٰ ڪندا هئا تہ العاصفہ جي گوريلا ٽولن سلامتي سان پنهنجن ٺڪاڻن تي موٽڻ کان اڳ اسرائيل جي گشتي فوج کي تمام گهڻو نقصان رسايو يا وري اهم اسرائيلي رٿائن کي تباهہ ڪرڻ ۾ ڪامياب رهيا.

عرب دنيا ۾، فتح جي حملن واري ڪرت متضاد سياسي نظرين جو هڪ نئون اضافو بڻي. رقم ۽ هٿيارن جي ڏس ۾، عرفات جي اِها اڳڪٿي تہ: هٿياربند جدوجهد شروع ٿيندي ئي انهن لاءِ عطين ۾ واڌ ايندي، درست ثابت ٿي. ١٩٦٥ع جي شروع ۾، ٽن ڪويتي باشندن ستن کان اٺ هزار ڪويتي دينارن جو عطيو ڏنو. جيڪو علميءَ کان ورتل اوڌر کان وڌيڪ هو. قطر جي حڪمران ڪٽنب جي ڪجهہ ميمبرن پڻ پئسن جي صورت ۾ سوکڙيون ڏيڻ شروع ڪيون، جيڪي گوريلن کي پنهنجي فوجي ساز و سامان ۾ واڌ آڻڻ ۾ مددگار ٿيون. هُنن کليل مارڪيٽ مان 'ريڪل' مواصلاتي اوزار ۽ رات جو ڏسي سگهڻ واري دوربين جو هڪ جوڙو خريد ڪيو. ان دوران ئي، قيادت جي توقع کان انتهائي گهڻو ڇيرڦاڙ

عطيو مليو. هڪ سعودي شاهوڪار ٻاويهه هزار ريالن جو عطيو ڏنو. ان رقم ڪان بہ وڌيڪ ان جو ڏيندڙ شيخ احمد ذڪي يمني اهم هو، جيڪو شاهہ فيصل جو پروسي جوڳو هو. اهو رابطو فتح لاءِ تمام گهڻو اهم هو. اهو سعودين لاءِ پڻ ڪارائتو هو، جن نئين فلسطيني گروپ جو اخوان پسمنظر قبول ڪري ورتو هو ۽ هو ڪنهن بہ اهڙي تحريڪ جي پنيرائي ڪرڻ لاءِ آتا هئا، جنهن جي مصر مخالفت ڪندو هجي. عرفات اڳيئي ان مقصد سان لڳل هو، جنهن وسيلي عرب دنيا ۾ دائمي ٽوڙڦوڙ ٿي سگهي.

١٩٦٥ع ۽ ١٩٦٦ع ۾ يمنيءَ فتح قيادت جون سعودي بادشاهہ سان ڳچهيون ملاقاتون ڪرايون ۽ سعودين فتح کي هٿيار ڏيڻ شروع ڪيا. هٿيارن جي فراهمي سندن انقره واري سفارتخاني جي هڪ عملدار ذريعي ٿيندي هئي، جيڪو اهي هٿيار پنهنجي سفارتي ڪار وسيلي شام رستي لبنان رسائيندو هو. (٤٤)

فتح دولت ۽ هٿيارن ۾ اڃان تائين پاڻ ڀري نہ ٿي هئي. هڪ ٻيري، گوريلا ڪارروائين لاءِ گهربل رقم عرفات، شامي نيشنل گارڊ ۾ موجود پنهنجي هڪ دوست کان ورتي. هٿيار ۽ مالي امداد ڏيندڙ عربن ۽ فتح جي انهن اڳواڻن جي ٽورن سان تحريڪ اڳتي وڌڻ لڳي، جيڪي اڃان تائين ڪويت ۽ قطر ۾ موجود هئا. هٿيارن جي پهرين سرڪاري رسد ١٩٦٦ع ۾ الجزائر کان هڪ ٽرانسپورٽ جهاز وسيلي شامي جنرل حافظ الاسد جي سهڪار سان گوريلن تائين پهتي.

ٻين عرب ملڪن جو، گوريلا تحريڪ جي ڪارروائين لاءِ ردعمل جيڪڏهن انتهائي دشمني ڀريو نہ هو تہ بہ چالاڪيءَ وارو ضرور هو. جيئن تہ ڪوبہ ديومالائي العاصفہ جي پسمنظر ۾ موجود ماڻهن جي درست سڃاڻپ نہ پئي ڪري سگهيو، تنهن ڪري هر ڪو پنهنجي سر انومان ڪيو ويٺو هو. قدامت پرست عرب رياستن جي خيال ۾ فلسطيني ويڙهو عالمي ڪميونزم جا ايجنٽ هئا، جڏهن تہ شڪيري واري پي- ايل- او ڪين فلسطين جي آزاديءَ واري تحريڪ جو دشمن سڏي رهي هئي. صدر ناصر کي عرفات ۽ سندس ساٿين تي اخوان لاءِ ڪم ڪرڻ جو شڪ هو. مصري انٽيليجنس بيروت ۽ قاهره جي اخبارن ۾ پنهنجا ايجنٽ داخل ڪرائي اعلان ڪيو تہ فتح اولهائين طاقتن ۽ صيهونيت جو تيار ڪيل پلاٽ آهي، جنهن جو مقصد اسرائيل کي پاڙيسري عرب ملڪن خلاف اڳرائي ڪرڻ جو موقعو ڏيڻ آهي. (٤٥) ۽ ناصر جي صلاحڪارن العاصفہ کي اهڙن رومان پرست نوجوان فلسطينين جو ٽولو سڏيو، جن اهو ٿي سمجهيو تہ فلسطين اندر سندن ڪيل ڪارروائين وسيلي هو اسرائيل ۾ عدم استحڪام پيدا ڪري سگهندا. (٤٦)

اهو اختلاف ظاهر ٿو ڪري تہ فتح جي اسرائيل خلاف شروعاتي ڪارروائين ڪهڙي ريت عرب ملڪن جي ايوانن ۾ خطري جون گهنٽيون وڄرائي ڇڏيون. تن ڏينهن ۾ روايتي ڏاهپ اها پئي سمجهي وئي تہ عرب ملڪ پنهنجي ايڪتا تائين

ڪوبہ قدم نہ کڻن ۽ روايتي جنگ ۾ پنهنجي بچاءُ لاءِ تيار رهن. فتح جي گوريلن جي ڪارروايُن سبب اسرائيل پاران مچرجي پاڙيسري عرب ملڪن تي حملو ڪرڻ جو خطرو بهرحال موجود هو. اِهو ئي سبب هو جو ناصر حڪومت جي عملدارن، فتح تي سرحد پار حملا بند ڪرڻ لاءِ زور ڀريو. ڪيترن ئي فلسطيني گوريلن کي مصري ڪنٽرول واري غزه پٽيءَ مان گرفتار ڪيو ويو. اردن ۽ لبنان، جن سرڪاري طور تي پابندي هوندي بہ فتح جي اسرائيل تي حملن لاءِ ٻن بنيادي ذريعن جو ڪم پئي ڏنو، پڻ ڪجھ قدر مختلف صورتحال لاءِ آتا هئا. العاصفہ جي سرگرمين بابت رپورٽن ۽ خبرن تي سينسر مڙهيو ويو. ايستائين جو انهن شروعاتي سالن ۾ فتح کي پبلسٽيءَ ذريعي آڪسيجن گهٽي ڀاڱي اسرائيلي اخبارن مان ئي ملي.

فتح منجهہ، گوريلا ڪارروائين بابت موقف اجان تائين ورهايل هو. اولهہ جرمنيءَ جي انهن شاگردن ۾، جن ١٩٦٠ع واري ڏهاڪي جي شروع ۾ جدوجهد جو جهنڊو بلند ڪيو هو ۽ جيڪي شُڪيريءَ جي سرڪاري پي- ايل- او کي ننڍڻ ۾ نهايت سرگرم هئا، اِها حقيقت آهي تہ هٿياربند جدوجهد جوش جي انتها پيدا ڪري ڇڏي هئي. درمستڊٽ ۽ فرينڪفرٽ ۾ شاگرد پناهگير فلسطيني مزدورن کان هر مهيني هزارين مارڪ چندو ڪڏ ڪندا هئا. اهي چندا وصول ڪرڻ لاءِ، وزير الجزائر جي پاسپورٽ، جعلي نالن ۽ العاصفہ جي نشان لڳل 'قانوني' مهر وارين رسيدن سميت اتان جو سفر ڪيو. (٤٧) پر ڪويت ۾ هٿياربند جدوجهد متعلق اجان تائين بحث هلي رهيو هو. خالد الحسن جهڙا فتح جا اُهي اڳواڻ جيڪي نار واري علائقي ۾ موجود هئا، انهيءَ ڳالهہ لاءِ فڪرمند هئا تہ تحريڪ تان سندن ڪنٽرول ڍرو ٿيندو پيو وڃي ۽ سندن اِهي فڪر ان مهل اجائين تيز ٿي ويا، جڏهن گروپ جي پهرين فوجي ڪمانڊر يوسف النجار سمورو معاملو 'ديوانن' جي سردار عرفات جي حوالي ڪيو. ڇهن ٻارن جي پيءُ نجار اِهو محسوس ڪيو تہ وٽس تحريڪ لاءِ نہ وقت آهي نہ وري دولت. ٻئي پاسي غيرشادي شده عرفات وٽ وقت ئي وقت هو ۽ هُن ان خصوصيت آڌار پنهنجو پاڻ کي هڪ سرگرم گوريلا اڳواڻ طور ثابت ڪرڻ لاءِ وسان نہ گهٽايو. اسرائيل تي حملن ۾ عرفات جي بي صبري شرڪت هُن لاءِ گهٽو مان پيدا ڪيو. پر سندس آمراڻي رويي اجائين نار ۾ ڪم ڪندڙ آرام ڪرسيءَ وارن انقلابين کي مچرائي وڌو. هُن گوريلن لاءِ فندن جي فراهمي ۾ رنڊڪ وجهي کين لغام ڏيڻ چاهيو پر ناڪام رهيا. ١٩٦٦ع جي شروع کان قيادت ۾ رنجشون اڀريون تہ وڏي ويون جو کلي ٽوڙ ڦوڙ نظر اچڻ لڳي- ۽ ٢ مئي تي فتح جي مرڪزي ڪميٽيءَ عرفات کي انهن ڏوهن هيٺ، جيڪي ايندڙ سالن ۾ مشهور ٿيڻا هئا، فوجي ڪمان واري عهدي تان برطرف ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. سندس ساٿين هُن تي الزام ڏريو تہ هُن غيرذميواريءَ سان رقم ورهائي، 'گڏيل فيصلا ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو'، 'غير ضروري دورا ڪيائين، ۽ خاص طور تي

فوجي سرگرمين بابت جعلي رپورٽون اُماڻيون اٿس.' (۴۸)

معاملن جي اچائين خراب ٿيڻ جي ڏس ۾، فتح جي هراول مرڪز شام ۾ پڻ گوريلا تحريڪ لاءِ مسئلا وڌي رهيا هئا. دمشق ۾ پڙدي پويان، انهن ريڊيڪلن ۾ جيڪي مڪمل طور تي گوريلا جنگ ڪي هٿي ڏيڻ جا حمايتي هئا ۽ وڌيڪ رواجي فوجي قيادت جي حامين ۾ اختلاف تيز ٿيندا ويا. ۱۹٦٦ع ۾ انهن عرفات ۽ مدد ڪندڙ شامين ۾ ٽوڙڦوڙ پيدا ڪئي. عرفات وڌيڪ ويڙهه، فدائين جي اڳواٽي ڪرڻ واري پنهنجي خواهش جي تڪميل لاءِ ڪئي. شامين وري سندس هڪ مخالف گوريلا ڪمانڊر احمد جبرئيل کي تربيت ڏيڻي ميدان ۾ لاٿو تہ جيئن فلسطينين تي پنهنجو ڪنٽرول قائم رکي سگهن.

تڪليفن جي شروعات اڳيئي ٿي چڪي هئي. ۱۹٦٦ع جي شروع ۾ عرفات کي شام ۾ گرفتار ڪيو ويو ۽ مٿس الزام هنيو ويو تہ هُن سعودي عرب کي پونچ سان ڳنڍيندڙ تيل جي آمريڪي پائيپ لائين 'ٽيپلن' کي اڏائڻ لاءِ گوريلا جٿو اُماڻيو آهي. جيتوڻيڪ ڪيس جلد آزاد ڪيو ويو پر اِهو واقعو هنهي ترين ۾ ڏار وڌائڻ جو ئي ڪارڻ بڻيو. (۴۹)

فتح جي ساٿين پاران عرفات کي معطل ڪرڻ کان هڪ فقط هفتو پوءِ ۹ مئي تي دمشق جي مرزا علائقي ۾ ان گهر ۾ جتي عرفات رهندو هو، شامين سان دليل بازي تشدد پري چڪتاڻ ۾ بدلجي وئي. عرفات جيتوڻيڪ اُتي موجود نہ هو پر ان واقعي شام ۽ فتح وچ ۾ انتهائي درجي جو گهوٽالو پيدا ڪري ڇڏيو ۽ انّ ذري گهٽ عرفات جو ڪيريئر ئي ختم ٿي ڪيو.

اِهو معاملو فتح ۾ ڪم ڪندڙ هن فلسطينين محمد حشام نالي هڪ وفادار گوريلي، جيڪو تازو ئي اسرائيل تي حملي دوران ٽنگ ڀڃائي واپس موٽيو هو ۽ شامي فوج ۾ ڪم ڪندڙ هڪ فلسطيني يوسف اعورابي وچ ۾ بحث تان شروع ٿيو هو، جنهن کي عرفات سان گڏ ڪم ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو هو. سانحي مهل دليل بازي هلندي، اکين ڏٺل شاهدن جي بقول اعورابي چئن لفظن ۾ اِها ڳالهه ڪئي تہ هو جلد ئي شامين جي حمايت سان فلسطيني فدائين جي قيادت سنڀالڻ وارو آهي. بحث ۾ چِتو ٿيڻ تي، ٻنهي جڻن پنهنجون بندوقون ڪيون ۽ هڪٻئي کي ماري وڌائون.

انهن مرتين جا حقيقي ڪارڻ اڃان تائين ظاهر ٿي نہ سگهيا آهن. ڪي چون ٿا تہ هُن هڪٻئي کي ماريو، جڏهن تہ ٻيا جنّ ۾ عرفات پڻ شامل آهي، اِها ڳالهه ٿا ڪن تہ بحث هلندي اُتي پهچندڙ شامي فوج جو فلسطيني عملدار انهيءَ خوني واقعي لاءِ ذميوار آهي. عرفات ۽ سندس ساٿي اڃان تائين اِهو ٿا سمجهن تہ اِها هڪ سوچيل سمجهيل سازش هئي. عرفات پاڻ چوي ٿو تہ "فتح ان واقعي ۾ اڳرائي ڪندڙ نہ، پر اڳرائي جو شڪار هئي." (۵۰)

اصل صورتحال ڪجھ بہ ھجي، پر شامين فتح خلاف وڌنڌڙ مونجھاري مان ھڪدم فائدو ورتو. نہ رڳو موقعي تي موجود ماڻھن کي گرفتار ڪيو ويو پر عرفات (ھيو پيرو) وزير ۽ ھڪ مددگار ابو صابريءَ کي جيڪو قتل وقت ھڪ ويجھي گھر ۾ موجود ھو، پڻ گرفتار ڪري آڌي رات جو ملٽري پوليس جي ھيڊڪوارٽرس نيو ويو. اينڌڙ ڪجھ ڏينھن تائين ڪين واري واري سان فوجي جيل ڪان دمشق جي ھڪ سؤ ڪلوميٽر جي فاصلي تي ڊائومير ھوائي اڏي تي آندو ويو، جتي اعورابيءَ جي قتل ۾ فتح جي ھٿ جي جاچ لاءِ بڪھي ۽ ڪڏھن ڪڏھن تشدد پري پڇا ڳاڇا ڪئي وئي. ان ڪان پوءِ ڪين گاديءَ واري شھر جي بدنام جيل الميزا ۾ قيد تنھائي ۾ رکيو ويو. الميزا اجڪلھ وانگر تن ڏينھن ۾ بہ وڏي تعدد ۾ سياسي قيدين جو ٺڪاڻو ھو.

عرفات تي تمام گھڻو ڏاڍ ڪيو ويو، ان جو واحد سبب اِھو نہ ھو تہ اِھا جاچ تن ڏينھن ۾ بچاءَ وارو شامي وزير جنرل حافظ الاسد ڪري رھيو ھو. عرفات جيل مان شامي قيادت کي سخت لفظن وارو ھڪ خط پڻ لکيو، جنھن ۾ ھُن الزام ھنيو تہ اختياريءَ وارا فلسطيني ھٿاربند جدوجھد کي ڪجھ شڪي مقصد ڪاڻ ضايع ڪرڻ چاھين ٿا. ان ڪانپوءِ ھُن بک ھڙتال شروع ڪئي ۽ تيرھين ڏينھن نماز پڙھندي غش ٿي ويو. (٥١)

ڪويت ۾ موجود ھين اڳواڻن تائين پنھنجن ساٿين جي حالت بابت خبر چار پچندي دير ٿي ڪانہ لڳي. اھڙا افواہ وڌيڪ چرڪائينڌڙ ھئا تہ شامي حڪومت عرفات سميت ڪيترن ئي فتح جي قيدين کي ڦاسي ڏيڻ جو سوچي رھيَ آھي.

عرفات جا بہ سخت پريشان دوست صلاح خلفؔ ۽ فاروق قدومي دمشق ڏانھن ڊوڙيا. قدومي، جيڪو شام تي راڄ ڪندڙ بعث پارٽيءَ جو اڳوڻو اھم ميمبر ھو، حڪومت سان پنھنجن تعلقاتن کي بھتريءَ لاءِ استعمال ڪرڻ چاھيو پر ڪيس ۾ خلف کي ھر ھنڌان ساڳيو جواب مليو تہ 'توھين غلط ماڻھو سان ڳالھائي رھيا آھيو. قيدي تہ سڌوسنئون حافظ الاسد جي ھٿ– وس آھن.'

نيٺ سندن پيچ ڊُڪ ڪين بچاءَ واري وزير تائين وٺي وئي؛ اِھا خلف جي بقول، "انتھائي مشڪل ۽ بي ثمر گڏجاڻي ھئي." ان ۾ ڪن بہ دوستاڻن اندازن جو استعمال نہ ڪيو ويو ۽ اسد پنھنجن ملاقاتين ڪان اِھو پڇڻ ڪان اڳ ويھڻ جو بہ نہ پڇيو تہ "توھين چاھيو ڇا ٿا؟" ڪڏھن بہ نہ گھبرائينڌڙ خلف، سندس انھيءَ بدليل انداز تي پريشان ٿيڻ بدران ساڳئي ترش لھجي ۾ پڇيو، "ڇا اِھو افواھ تہ درست آھي توھين ھُن سمورن کي ڦاسي پيا ڏيو؟" (٥٢)

بچاءَ واري وزير پاران ان مسئلي تي ڳالھائڻ لاءِ راضپو ظاھر ڪرڻ ڪان اڳ وارن ڪجھ لمحن ۾ بلڪل سرد سانت رھي، سندن ويھندي ئي اسد عرفات تي سخت چوھہ چنبڻ شروع ڪيا ۽ ڪيس مصري انٽيليجنس جو ڪارندو سڏيائين.

”اِها توهانجي بيوقوفي آهي جو ڪيس فلسطيني ٿا ڪوٺيو.“ هُن چيو. ”... هو ناهي، هو فقط مصري ايجنٽ آهي.“ تن ڏينهن ۾ مصر- شام تعلقاتن جي روشنيءَ ۾، اِهو الزام ڪنهن جي جان جوکم ۾ وجهڻ لاءِ ڪافي هو ۽ ان الزام جو اهم ترين ثبوت خود عرفات جو مصري لهجي ۾ عربي ڳالهائڻ هو. پر هڪدم پوءِ، ٻنهي فلسطينين کي اچرج ۾ وجهندي اسد معاملو ئي ختم ڪري ڇڏيو. ”ٺيڪ آهي.“ هن هڪ ٻئي معمولي.وقفي کانپوءِ چيو: ”توهان ميزا جيل مان ڪين وڃي سگهو ٿا. پر هڪ ڳالهه ياد رکجو تہ عرفات تي منهنجو ڀروسو نہ آهي ۽ نہ وري ڪڏهن ڪندس بہ.“ (٥٣)

اهو معاملو ڪنهن حد تائين فقط ٿورڙي وقت لاءِ ئي ختم ٿي سگهيو. عرفات جو شام اختياريءَ وارن سان ٽڪراءُ ايندڙ وقت ۾ بہ جاري رهيو. ايستائين جو اهو چٽي طرح نظر اچڻ لڳو تہ فتح جو سڀ کان وڏو مسئلو اسرائيل خلاف جنگ نہ پر عرب رياستن سان ناتا قائم رکڻ هو، جيڪي فلسطيني مسئلي کي پنهنجي هٿ وس ڪرڻ لاءِ آتيون هيون. اِهو معاملو عرفات جي آزاديءَ کان تقريباً هڪ مهينو پوءِ ٻيهر اُڀريو، هن ڀيري هو ڏکڻ لبنان ۾ اسرائيل تي هڪ حملي کان موٽندي گوريلن جي هڪ ٽولي سميت گرفتار ٿي پيو. ٻن مهينن جي ڀڃاڳاڇا دوران، جنهن ۾ عرفات جي بقول ڪيس تشدد جو نشانو تہ نہ بڻايو ويو پر ٻيچاريو ضرور ويو. هن زور ڀريو تہ هو شامي فوج جو نائڪ محمد علي آهي. (٥٤) نيٺ لبناني اختياري وارن ان ڳالهہ تي يقين ڪيو تہ هو ۽ سندس ساٿي شامي فوج جا سونهان آهن. عرفات جي آزاديءَ تائين ڪين سندس اصليت جو پتو پئجي نہ سگهيو. (٥٥) ايندڙ سالن ۾ عرفات جي انهيءَ وقت سر داستان گهڙي سگهڻ واري گُر ۽ هڪدم ڪوڙيون سچائيون تيار ڪري وٺڻ واري صلاحيت، سندس ديومالائي ڪردار ۾ انتهائي سرگرم خاصيت ثابت ٿي. حافظ الاسد سان ٽڪراءُ وڏيڪ تلخ ۽ مستقل بنيادن تي رهيو. تيز دماغ سان فيصلا ڪندڙ ۽ بگهي ياداشت جو مالڪ حافظ الاسد ايندڙ وقت ۾ شام جو انتهائي سگهارو صدر ۽ عرفات جو بيرحم ويري بڻيو.

عرفات لاءِ انهن اُگرن واقعن ۾ هڪ ٻيو اُتساهيندڙ سنيهو پڻ موجود هو. شروعاتي ٻالڪپڻي ۽ ديومالائي دعوائن جي اُبتڙ، هاڻ فتح وچ اوڀر جي طاقت واري توازن ۾ پنهنجي حيثيت جوڙي چڪي هئي. اسرائيل تي ان جي وڌندڙ حملن ’موٽندڙ سورمن‘ ۽ ’نوجوان پلاند‘ جهڙن ديومالائي نالا رکندڙ ٽولن جي تعداد ۾ تمام گهڻو اضافو آندو. ان کان وڌيڪ اِهو تہ انهن حملن جي نتيجي ۾ عرفات جي رٿابنديءَ موجب، اسرائيل جوابي ڪارروائي لاءِ هٿ پير هڻڻ شروع ڪيا. ١٩٦٦ع جو سڄو سال اسرائيلي هر هر شامي فوجن سان ٽڪراءُ واري صورتحال ۾ پئي رهيا ۽ اُن ١٣ نومبر تي هيل تائين جو سڀ کان وڏو حملو ڪيو. اردني اختياري واري الهندي ڪناري ۾ ’سامو‘ نالي هڪ ڳوٺ تي اسرائيل ڇتي اڳرائي ڪري

ڏني جيڪو گوريلا حملن لاءِ اهم ترين اڏو سمجهيو ويندو هو.

ٽوڙڦوڙ جي شڪار عرب رياستن هڪٻئي کان وڌيڪ رڙيون ڪري دشمن سان ويڙهه ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي. نه چاهيندي به جنگ ڏانهن ڌڪجڻ ۾، ۽ مصر، شام، اردن ۽ سرڪاري پي- ايل- او جي سربراهه شُڪيريءَ جي ملامتن ۽ وڏين دعوائن اِهو وساري ڇڏيو ته هو غيرڪارائتن هٿيارن سبب جنگ وڙهڻ جي اهل ناهن. مئي ۱۹٦۷ع جي آخري ڏينهن ۾، جڏهن 'ڇهن ڏينهن واري جنگ' سڌجندڙ ويڙهه شروع ٿيڻ تي هئي، عمان جي انٽرڪانٽينينٽل هوٽل جي هڪ ڪمري ۾ شُڪيري روايتي لهاڙ سان اِها اڳڪٿي ڪئي ته جنگ لڳڻ جي صورت ۾ عرب رياستون اسرائيل کي مڪمل طور تي تباهه ڪري ڇڏينديون. اسرائيلين بابت ڳالهائيندي هُن چيو هو "آءٌ نٿو سمجهان ته منجهائن ڪو بچي سگهندو." (٥٦) ڪيس پنهنجي ڳالهه غلط ثابت ٿيندي ڏسڻ لاءِ ڪو گهڻو اوسيئڙو نه ڪرڻو پيو.

حوالا

باب پهريو

۱- خليل الوزير Bidayat (شروعات)، محدود ايڊيشن، پي- ايل- او اولهائين سيڪٽر پاران ڇپرايل.
۲- خالدالحسن انٽرويو، ڪويت، اپريل ۱۹۸۹ع.
۳- فاروق قدومي انٽرويو، تيونس، سيپٽمبر ۱۹۸۹ع.
۴- ڏسو نمبر: ۱
٥- اسماعيل شمائوت انٽرويو، ڪويت، اپريل ۱۹۸۹ع. شمائوت Filastinuna جو چترڪار هو.
٦- ڏسو نمبر: ۱
۷- خالدالحسن ۽ امين ال آغا سان انٽرويو، ڪويت اپريل ۱۹۸۹ع.
۸- صلاح خلف انٽرويو، تيونس، جون ۱۹۸۹ع.
۹- ساڳيو.
۱۰- فتح جا اندروني قاعدا، اڻڇپيل.
۱۱- رفيق النتشه انٽرويو، تيونس، آگسٽ ۱۹۸۹ع. گڏوگڏ حُسني زوعروب انٽرويو، ڪويت، سيپٽمبر ۱۹۸۹ع. نتشه قطر گروپ جو ميمبر هو ۽ هاڻ سعودي عرب ۾ فتح جو نمائندو آهي.

١٢- فلسطيني همعصرن سان انٽرويو، ڪويت، اپريل ١٩٨٩ع، نالا درخواست تي
ڳجها رکيل.
١٣- Playboy رسالو، آگسٽ ١٩٨٨ع، صفحو نمبر: ٦٢
١٤- Time رسالو، ٧ نومبر ١٩٨٨ع، صفحو نمبر: ٢۴
١٥- خالدالحسن انٽرويو، ڪويت، اپريل ١٩٨٩ع.
١٦- رفيق النتشہ انٽرويو، تيونس، آگسٽ ١٩٨٩ع.
١٧- ابونبيل انٽرويو، تيونس، جون ١٩٨٩ع.
١٨- هاني الحسن انٽرويو، تيونس، آگسٽ ١٩٨٩ع، گڏوگڏ عبدالله فرنجيءَ کان
انٽرويو، بون، جولاءِ ١٩٨٩ع، جرمن انٽيليجنس عملدارن سان ڳالهه ٻولهه، نومبر
١٩٨٩ع.
١٩- خالدالحسن انٽرويو، ڪويت، اپريل ١٩٨٩ع.
٢٠- زهيرالعلمي انٽرويو، شارجا، سيپٽمبر ١٩٨٩ع.
٢١- ياسر عرفات انٽرويو، تيونس، ڊسمبر ١٩٨٩ع.
٢٢- محمد ابوميزار انٽرويو، پئرس، آگسٽ ١٩٨٩ع.
٢٣- محمد حمزه انٽرويو، تيونس، آگسٽ ١٩٨٩ع، گڏوگڏ انتصار الوزير کان
انٽرويو، عمان، جون ١٩٨٩ع.
٢۴- ڏسو هاشم بهبهاني، Chaina's Foreign Policy in the Arab World
لنڊن، ١٩٨١ع.
٢٥- محمد ابوميزار انٽرويو، پئرس، آگسٽ ١٩٨٩ع.
٢٦- احمد صدقي الدجاني انٽرويو، قاهره، نومبر ١٩٨٩ع.
٢٧- جمال الصوراني انٽرويو، قاهره، آڪٽوبر ١٩٨٩ع.
٢٨- خالدالحسن انٽرويو، ڪويت، اپريل ١٩٨٩ع.
٢٩- خالدالفهوم انٽرويو، دمشق، مئي ١٩٨٩ع. فهوم پي- ايل- او جي
ايگزيڪيٽو ڪميٽيءَ جو باني ميمبر هو ۽ اڳتي هلي هو فلسطيني قومي
ڪائونسل جو اسپيڪر پڻ ٿيو. هاڻ هو دمشق ۾ عرفات جو مخالف آهي.
٣٠- صلاح خلف انٽرويو، تيونس، جون ١٩٨٩ع.
٣١- ساڳيو.
٣٢- قادر ابراهيم اياد انٽرويو، عمان، نومبر ١٩٨٩ع.
٣٣- ياسر عرفات انٽرويو، تيونس، ڊسمبر ١٩٨٩ع.
٣۴- ساڳيو.
٣٥- سيلم زعنون (ابواديب) انٽرويو، ڪويت، اپريل ١٩٨٩ع، هو اڄڪلهه نار ۾
فتح جو چيف نمائندو آهي.

٣٦- ياسر عرفات انٽرويو، تيونس، جون ١٩٨٩ع.
٣٧- سيلم زعنون (ابواديب) انٽرويو، ڪويت، اپريل ١٩٨٩ع.
٣٨- زهيرالعلمي انٽرويو، شارجا، سيپٽمبر ١٩٨٩ع.
٣٩- فاروق قدومي، جان امس جي لکيل Palestinian Resistance ۾ ڇاپايل، نيويارڪ، ١٩٨٠ع، صفحو نمبر: ٥٧.
٤٠- رفيق النتشہ انٽرويو، تيونس، آگسٽ ١٩٨٩ع.
٤١- ياسر عرفات انٽرويو، تيونس، ڊسمبر ١٩٨٩ع.
٤٢- Al-Rai al- Am، ٧ جنوري ١٩٦٥ع، ڏسو نمبر: ٣٩، صفحو نمبر: ٢٩٢.
٤٣- جنرل اهرون ييرو انٽرويو، تل ابيب، نومبر ١٩٨٩ع.
٤٤- فتح جي اڳوڻي عملدار ڪان انٽرويو، درخواست تي نالو ڳجهو رکيل.
٤٥- ال انوار، بيروت، ٢ جنوري ١٩٦٥ع.
٤٦- فتحي الديب، الغمهريا، قاهره ۾ ڇاپايل، آگسٽ ١٩٦٦ع، الديب عرب سوشلسٽ يونين ۾ عرب معاملن واري ڪاتي جو سربراهہ هو.
٤٧- هاني الحسن انٽرويو، تيونس، آگسٽ ١٩٨٩ع، گڏوگڏ عبدالله فرنجيءَ ڪان انٽرويو، بون، جولاءِ ١٩٨٩ع.
٤٨- فتح جي مرڪزي ڪميٽيءَ جي ٢ مئي ١٩٦٦ع واري رپورٽ جو متن (اٿچپيل).
٤٩- ياسر عرفات انٽرويو، تيونس، ڊسمبر ١٩٨٩ع.
٥٠- ساڳيو.
٥١- ذڪريا عبدالرحيم (ابويحيٰ) انٽرويو، تيونس، ڊسمبر، ١٩٨٩ع، عبدالرحيم، جيڪو هاڻ فاروق قدوميءَ جي آفيس جو ڊائريڪٽر آهي، ١٩٦٦ع ۾ عرفات سان گڏ گرفتار ڪيو ويو هو.
٥٢- فاروق قدومي انٽرويو، تيونس، نومبر ١٩٨٩ع.
٥٣- صلاح خلف انٽرويو، تيونس، ڊسمبر ١٩٨٩ع.
٥٤- ياسر عرفات انٽرويو، تيونس، ڊسمبر ١٩٨٩ع.
٥٥- ساڳيو.
٥٦- احمد شُڪيري، ڊيوڊ هرٽس جي لکيل The Gun and the Olive Branch ۾ ڇاپايل، لنڊن، ١٩٧٧ع، صفحو نمبر: ٢٨٩.

(٣)

ڏاڪو ڄمائڻ

’نہ رڳو اسان پر سڄي دنيا ڏٺو آهي تہ فلسطيني پنهنجي مقصد ڪاڻ پنهنجي سر اُٿي پيا آهن.‘ مصر جي صدر جمال عبدالناصر جي انقلاب جي ڏهاڙي تي تقرير.
٢٣ جولاءِ ١٩٦٨ع.

٩ جون ١٩٦٧ع تي جڏهن تاريخ جي تيز ترين ۽ فيصلي ڪُن جنگي مهمن مان هڪ ڪانپوءِ معاملا صاف ٿيڻ شروع ٿيا هئا تہ فلسطينين جو هڪ ننڍو ٽولو، دمشق جي بلڪل ٻاهران هڪ فوجي ڪئمپ ۾ هڪ ريڊيو سيٽ آڏو ميڙ ڪيو بيٺو هو، ان جي ڪنٽرول تي خليل الوزير هو. فتح جي ڪُل وقتي قيادت جا ٻيا ساٿي، جيڪي جنگ شروع ٿيڻ جو ٻڌندي ئي ڪويت کان شام جي سفر تي نڪري پيا هئا. وزير جي ڊائل کي چاهي پرڻ شرط ئي ساهہ روڪيو چُپ چاپ، ٽڪ ٽڪ ٻڌندا رهيا.

عربن پاران خبرن تي مڙهيل پابنديءَ کان اڳ، اسرائيلي هوائي فوج جي تباهيءَ بابت دعوائن اِها ڳالهہ چٽي ڪري ڇڏي هئي تہ اِها جنگ عربن جي خواهشن پٽاندڙ نہ پئي هلي پر فتح جا اڳواڻ هاڻ ئي شڪست جي اهميت سمجهي سگهيا هئا. قاهره ريڊيو تان، عربن جي عظيم قومپرست سورمي ناصر جو سڏوسنئون آواز گونجي رهيو هو. هو ڪيس پهتل سخت صدمي جو ذڪر ڪندي، انتهائي غلط ڪاٿا لڳائڻ جي ذميواري قبوليندي، استعفيٰ آڇي رهيو هو. (١) ٻئي پاسي، اسرائيلي ڪئمپ ۾ ان سوچ تي جهومر لڳي پئي هئي، جنهن ان جي علائقي کي ڪجهہ ڏينهن وري جنگ ۾ ٻيٽو ڪري ڇڏيو هو ۽ يهودي رياست ۾ مضبوطيءَ جو احساس پيدا ڪري ڇڏيو هو. (٢)

شامي ڪئمپ ۾ جمع ٿيل، ننڍڙي اداس ٽولي مان ڪوبہ اسرائيلي، سوچ جي فلسطينين تي پوندڙ اثر متعلق ڪنهن معمولي شڪ جو بہ شڪار نہ هو. انهيءَ جنگ ڪانپوءِ جنهن ۾ عربن کي ڌڪيو ويو هو، جنهن متعلق ڪين اِهو ٻڌايو ويو هو تہ اِها فلسطيني حقن جي واپسيءَ ڏانهن سولي راهہ هوندي، اسرائيل کان اُهي ماڳ بہ بچائي نہ سگهي، جيڪي اڃان تائين فلسطينين وٽ هئا. اسرائيل، ذري گهٽ سموري مصري هوائي فوج تي سندن اڏام کان اڳ ئي حملو ڪري ڇڏيو هو، اُن ثمردار

غزه واري پٽي مصر کان ڦري ورتي، الهندي ڪناري تي هاڻ سندس مڪمل ڪنٽرول هو. سڀ کان پوائنتو اهو عنصر ته فلسطين جو ڪشش رکندڙ مرڪز، يروشلم جو مقدس شهر به هاڻ اسرائيلي قبضي ۾ هو.

ان جو مطلب فقط فوجي شڪست. هڪ وڏيڪ عرب علائقي جي زيان ۾ وڏيڪ فلسطينين جي بي گهر ٿيڻ کان گهڻو مٿيرو هو. انهيءَ فلسطيني ۾ ٻين عربن جي انهن سمورين اُميدن کي ڏوڙ ڪري ڇڏيو هو، جيڪي هو گڏريل هڪ ڏهاڪي کان پنهنجن اڳواڻن ۾ رکيو ويٺا هئا. اهي اُميدون ١٩٥٠ع واري ڏهاڪي جي وچ کان ناصر ۾ سندس ڪجهه همعصر اڳواڻن اهو چئي وڌايون هيون ته عرب رياستن ۾ ايڪتا کان پوءِ ئي اسرائيل خلاف ڪلي جنگ ۾ شاندار سوڀ ماڻي سگهجي ٿي. ١٩٦٧ع جي شروعاتي مهينن ۾، لهاڙون ۾ هُسيون هڪ نئين مرحلي تي پهچي ويون هيون، جڏهن مصر ۾ شام پنهنجو پاڻ کي هڪ ٻئي کان وڌيڪ فلسطيني ڪاز لاءِ وڙهندڙ پئي سڏيو. سڀ ڪجهه ڪلاڪن اندر ئي اهو شرمندگي پرائڻ واري صورت ۾ ظاهر ٿيو. اهي پيڙائون ۾ سڏڪا هر سياسي باشعور فلسطيني کي اڄ ڏينهن تائين ياد هوندا.

'١٩٦٧ع منهنجي حياتيءَ جي عظيم ترين سانحو هو.' فلسطيني واپاري صلاحڪار ۾ عرفات جو اهم صلاحڪار بڻجندڙ فلسطيني نبيل شعط ٻڌائي ٿو. 'مونکي چٽي طرح ياد آهي ته پنجين جولاءِ تي جنگ شروع ٿيڻ جي خبر مون اسڪندريا ۾ هڪ انتظامي ڪانفرنس دوران ٻڌي هئي. آءٌ پنهنجن ڪجهه ساٿين سان گڏ ريل وسيلي هڪدم قاهره موٽيس. ستن ڪلاڪن واري سفر دوران، اسان منهنجو ريڊيو چالو رکيو ۾ اسرائيل جي تباهه ٿيندڙ جهازن جو وڌندڙ تعداد ٻڌندا رهياسين. اسان جي قاهره پهچڻ تائين اسرائيل ذري گهٽ پنهنجي سموري هوائي فوج تان هٿ ڌوئي چڪو هو ۾ مون کي ان ۾ پريور ويساهه پڻ هو. قاهره پهچڻ تائين آءٌ سوچيندو رهيس ته مونکي فلسطين ڏانهن هڪدم روانگي جي هدايت ڪئي ويندي. اهو ئي فريب هو، جيڪو مصري پروپئگنڊا ذريعي ڏنو پئي ويو. پر جيئن ئي سانجهيءَ مهل اسين قاهره پهتاسين ته اُتي ڪرفيو لڳل هو. مون اهڙي صورتحال ڪڏهن به نه ڏٺي هئي. ڪاربن ستيءَ واري پنهنجي گهر ڏانهن ويندي، مون محسوس ڪيو ته معاملو ڪجهه ٺيڪ ناهي.' (٣)

فلسطينين لاءِ، جن عرب حڪومتن تي ڀاڙيو هو، مصري اختياري وارن جا ڪوڙا ۾ بي بنياد اعلان ناما ان وقت اشتعال جو سبب بڻيا جڏهن وڏي پئماني تي شڪست جو اعتراف ڪيو ويو. پر سندن ڪوڙاڻ ۾ مايوسيءَ سان گڏ، فلسطيني قومپرستيءَ جي نون لاڙن پڻ جنم ورتو. جيتوڻيڪ عوام جي زور پرڻ تي ناصر اقتدار ۾ رهڻ جو فيصلو ڪيو پر هُن وري ڪڏهن به 'ڇهن ڏينهن واري جنگ' کان اڳ واري انداز ۾ عربن جي طاقت ۾ نئين سر شاندار اُڀار جي ڳالهه نه ڪئي. احمد

شُڪيريءَ واري 'سرڪاري' پي- ايل- او شرمناڪ حد تائين ڪمزور ثابت ٿي. جيڪڏهن عرب رياستون ۽ سندن پرمٽريا حاڪم فلسطيني ڪاز جي دفاع جا اهل نہ هئا تہ فلسطينين کي هاڻ پنهنجي سر ئي ڪجهہ ڪرڻو هو.

فتح جا اڳواڻ، ڪجهہ ڏينهن پوءِ، دمشق جي پسگردائي ۾ وزير جي ڪشادي پر معمولي فرنيچر واري ڪمري ۾ ڪڏجڻ تائين شڪستن جي پيڙا پوکي رهيا هئا. ويهن جي لڳ ڀڳ فلسطينين جيڪي نار ۽ يورپ جي ڏورانهن ڏيهن مان آيا هئا، مان ڪيترائي پهريون ڀيرو هڪ ٻئي سان ملي رهيا هئا ۽ آئندي لاءِ پنهنجين ذميوارين ۽ خاص طور تي اسرائيل تي نئين سر حملا ڪرڻ بابت سوچي رهيا هئا. سمورن حوالن سان اِهو اجلاس ڳوڙهن ۽ ڏکن ڀريو هو ۽ ان ۾ وقت ۾ وقت جوابدار خود عرفات کي بڻايو پئي ويو. زبردست عملي ماڻهو عرفات ان ڳالھ تي بيٺل هو تہ جدوجهد جاري رکڻ گهرجي، سندس وڏيڪ دوربانديش ساٿي جن ۾ سندس ننڍو ڀاءُ فتحي پڻ شامل هو، ان نتيجي تي پهتا هئا تہ اِها چريائپ ٿيندي. (۴) ڇا عرفات پاران ۱۹٦۴ع ۾ پيهر 'هٿياربند جدوجهد' شروع ڪرڻ تي سندرو ٻڌڻ پڌتر ۾ قائل عربن لاءِ ڪو سهارو بڻيو؟ ڇا عرب اسرائيل ڇڪتاڻ جنهن ۾ گوريلن جي ڪيل حملن اهم ڪردار ادا ڪيو هو، قيادت ۾ موجود عرفات جي مخالفن جي انهيءَ اڳڪٿي کي درست ثابت ڪيو تہ اِها ڪين جنگ ڏانهن ڌڪيندي، جنهن لاءِ هو تيار ناهن؟

فوجي ڪارروائي ۾ جلدبازي ڪرڻ خلاف سمورن دليلن جو هڪبئي پويان سلسلو شروع ٿي ويو. ان موقعي تي عرفات مخالف ٽولي جي اڳواڻي ڪندڙ محمد مسويدا هو. جيڪو شام لاءِ فتح جو اڳواڻ، قيادت ڪرڻ لاءِ آتو ۽ شامي حمايت يافتا هو. اسلامي بنيادپرستي سان همدرديون رکندڙ مسويدا، ان بنياد تي گوريلا ڪارروائن کي پيهر شروع ڪرڻ جي مخالفت ڪئي تہ ان سان اسرائيلي اڳرائي جو خطرو پيدا ٿي پئي سگهيو ۽ ڪجهہ حاصل ڪرڻ کان سواءِ ئي تحريڪ جو انت اچي ويندو. (۵) ۳۷ سالن واري عرفات ۽ سندس ساٿين لاءِ اِهو انتهائي هاڃيڪار ڏاريندڙ حڪمن مان سڀ کان وڏيڪ پوائنٽو هو. هن چيو: 'اسرائيل خلاف عرب حڪومتن جي ناڪاره ڪارڪردگيءَ اُن ڳالھ کي هٽي ڏني آهي جيڪا هو گهڻي عرصي کان ڪندو اچي تہ فلسطينين کي پنهنجي لاءِ سڀ ڪجهہ پنهنجي سر ئي ڪرڻو پوندو. عوامي اُتساهہ جي بحاليءَ لاءِ فلسطيني انقلاب کي هر حالت ۾ جاري رهڻ گهرجي. ۱۹٦۷ع جي شڪست هڪ عظيم سوڀ جي شروعات ثابت ٿيندي.' عرفات پُراميد اڳڪٿي ڪندي چيو هو. 'اِها سوڀ اسانجي ساٿين جي ٽمندڙ رت مان ڦٽندي.' (٦)

هڪ ڀيرو پيهر، اِها دليل بازي فتح جي فوجي تنظيم العاصفہ تي ڪنٽرول لاءِ ويڙهہ ۾ بدلجڻ لڳي. عرفات وري پنهنجي ناٽڪي انداز ۾ حرفتن کان ڪم وٺڻ

شروع ڪيو. ڪمري ۾ چوڏاري ڦيرا ڏيندي ۽ گوڏن ڀر جهڪندي تڪليفن کي مڙس ماڻهو ٿي منهن ڏيڻ جو اعلان ڪيائين. ان جو نتيجو هڪ ڳڏيل ٺاهه جي صورت ۾ نڪتو: نون جڻن تي ٻڌل هڪ گڏيل عارضي قيادت ۽ ان معاملي تي وڌيڪ بحث ملتوي.

عرفات ڪنهن به ريت اهڙي بحث مباحثي جي حق ۾ نه هو. جيڪو معاملو ئي ختم ڪري ڇڏي. ڇهن ڏينهن واري جنگ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل صورتحال کي استعمال ڪرڻ بابت سوچيندي، هن عملي ڪارروائين جو نئون انداز رٿيو: جنهن ۾ اسرائيل پاران تازو قبضو ڪيل الهندي ڪناري ۽ غزه واري پٽي ۾ رهندڙ لکين فلسطينين کي مزاحمت لاءِ منظم ڪرڻو هو. سندس ساٿين جي دمشق ۾ جهيڙي ۾ رڌل هئڻ دوران هو ڏکڻ ڏانهن اردن کسڪي ويو ۽ اتان اسرائيلي سرحدون لڪ ڇپ ۾ اُڪري، ندي پار ڪري الهندي ڪناري هليو ويو. گهڻي عرصي تائين اڪيلي سر ڪم ڪندي، هن سرگرم خفيا سيل قائم ڪرڻ جو تاڃي پيٽو ٺاهيو. هُن ديوانگيءَ جي عالم ۾ ڪم ڪندي، مائوزي تنگ جي لکڻين جي عربي ترجمي جي آڌر تي، جيڪي هاڻ فلسطينين ۾ وڏي تعداد ۾ ورهائجي رهيون هيون؛ اهو تصور ڪيو ته هو 'آزاديءَ لاءِ عوامي ويڙهه' پيدا ڪري سگهي ٿو. جنهن ۾ سندس 'فدائين' گوريلا عرب عوام ۾ ايئن روپوش ٿي ويندا جيئن سمونڊ ۾ مڇيون.

ان عرصي دوران عرفات جي پنهنجي متعلق ڪيل پروپئگنڊا ڪانسواءِ به سندس شخصيت متعلق ڪيترين ئي افسانوي ڳالهيون ڪيون ٿيون وڃن. جيڪو اهڙي نازڪ مرحلي تي به پنهنجي ماتريومي موٽڻ لاءِ پُراُميد هو. سندس دعويٰ موجب هو 'والار خلاف مزاحمتي تحريڪ جي سرواڻي' لاءِ والاريل علائقن جا مستقل دورا ڪندو رهيو ۽ هُن ان ڏس ۾ الهندي ڪناري، غزه واري پٽي ۽ خود اسرائيل جي شهرن جا تفصيلي دورا ڪيا ۽ اسرائيلي اختياريءَ وارن سان ڪوئي هلي‌ءَ واري اها راند ١٩٦٨ع جي شروعات تائين هلندي رهي. (٧)

ان ۾ گهڻي حد تائين مبالغو پڻ آهي، پر جيئن اسرائيلي اختياري وارا قبولين ٿا ته والار جي شروعاتي ڏينهن ۾ سيڪورٽي جو انتظام ڪو خاص نه هو. جنهن ڪري عرفات ۽ سندس نائب ابو علي شاهين جي اُردن مان اچڻ ۽ وڃڻ ۾ ڪا خاص رڪاوٽ نه پئي رهي. هُن پنهنجو خفيا هيڊڪوارٽر جينن پرسان ڪباتيه ڳوٺ جي اترئين پاسي قائم ڪيو. اتي هو جاندار ۽ حوصلي ڀريا گوريلا ڀرتي ڪندا هئا ۽ کين شام وارين فتح ڪئمپن ۾ تربيت لاءِ اُماڻيندا هئا. جتي هُن هٿيارن جو ذخيرو ۽ حفاظتي مرڪز قائم ڪري ورتا هئا ۽ انقلابي 'سمونڊ' جي گهرج پوري ڪندڙ همدردن جو هڪ سلسلو قائم ڪري ورتو هو. يروشلم ۾ رهندڙ عرفات جي مائٽن جو چوڻ آهي ته مسجد اقصيٰ ۾ ڳجهي ريت نماز پڙهڻ به

سندس وس ۾ هو.

تن ڏينهن ۾ عرفات فلسطيني سورمي عبدالقادر الحسينيءَ جي پٽ فيصل الحسينيءَ سان پڻ ملاقات ڪئي، جيڪو عرفات کي قاهره کان سڃاڻيندو هو. فيصل، جارج حباش واري عرب نيشنل موومينٽ جو پيروڪار رهيو هو ۽ 'سرڪاري پي- ايل- او' قائم ٿيڻ کانپوءِ اُن لاءِ ڪم ڪري رهيو هو. هُن شامي آفيسرن واري اڪيڊميءَ مان فوجي تربيت حاصل ڪئي هئي. پر ١٩٦٧ع واري جنگ کانپوءِ پراڻي يروشلم کان ٻاهر واري پنهنجي اباڻي گهر موٽي اچڻ کانپوءِ هُن پنهنجون همدرديون فتح ڏانهن منتقل ڪيون هيون. 'اسان فوجي ۽ سياسي ڪم بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي هئي.' حسيني ٻڌائي ٿو. (٨) عرفات حسينيءَ جي گهر ڪڏ ٿيڻ وارن هٿيارن جي فراهمي تي راضپو ڏيکاريو ۽ حسيني الهندي ڪناري ۾ گوريلا تربيت ڏيڻ تي راضپو ظاهر ڪيو. (٩) اسرائيل جي سدائين تڪ ٻڌي نظرداري ڪرڻ واري سڪيورٽي ۾ اهڙا واعدا تمام گهٽا وڏا هئا. عرفات پاڻ ٻڌائي ٿو ته هُن ١٩٦٧ع دوران الهندي ڪناري ۾ ڪيترن ئي ماڻهن کي ڀرتي ڪيو، جن ۾ فتح جي پهرين گوريلا خاتون ۽ هڪ اهڙو شخص جيڪو اڳتي هلي رومانيا ۽ لبيا ۾ پي- ايل- او جو سفير ٿيو، شامل هئا. (١٠)

ان هوندي به، والاريل علائقن تي عرفات جا ڪيترائي لامارا ناڪام ٿي ويا. متوقع هٿياربند بغاوت عملي طور تي ٿي نه سگهي. قدامت پرست ڳوٺاڻي سماج وارا الهندي ڪناري جا رهواسي جيڪي گذريل ٻن ڏهاڪن کان اردني راڄ ۾ سياسي سرگرمين تي پابندي واري ماحول ۾ جي رهيا هئا، ان لاءِ قطعي تيار نه هئا. مقامي اڳواڻ اسرائيل کان آزادي لاءِ اردن ڏانهن واجهائي رهيا هئا ۽ اجنبي ۽ ٽوڙڦوڙ جي شڪار انقلابين سان سهڪار ڪرڻ کان ڪيٻائي رهيا هئا. والاريل علائقن جي ٻاهران ايندڙ هٿيارن ۽ پئسن جي رسد ڪڏهن به معمول کان وڌي نه سگهي.

اهڙي صورتحال به حوصلي مند عرفات کي دمشق ۾ پنهنجي ساٿين آڏو پرجوش رپورٽ پيش ڪرڻ کان روڪي نه سگهي. آگسٽ ١٩٦٧ع جي آخري ڏينهن ۾ قيادت جي هڪ ٻي گڏجاڻي لاءِ سڏايل عرفات، شام پاران فتح تي فوجي ڪارروايون بند ڪرڻ لاءِ وڌيل دٻاءُ هوندي به، چيو هو ته اولهائون ڪنارو هڪ آتشي پٽي بڻجي فتح جي دڪايل چڻنگ جو اوسيئڙو ڪري رهيو آهي. سندس انهيءَ وڌائي چڙهائي پيش ڪيل رپورٽ جي آڌار تي شام جي ڳالهه ٽڌيندي 'هٿياربند جدوجهد' ٻيهر شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. پهريون حملو ٿورڙن ئي ڏينهن ۾ والاريل علائقن ۾ ڪيو ويو.

عرفات هڪ ڀيرو ٻيهر سرحد پار ويو پر پنهنجن دوستن کي ڏيکاريل سبز باغن جي اُبتڙ هُن محسوس ڪري ورتو ته اُلهندي ڪناري ۾ تنظيم ڪاري

انتهائي ذڪيو ڪم آهي، ڇاڪاڻ جو اتان جا بيحس ۽ سُنڌ رهواسي، گوريلا سرگرمين ڏانهن غيردوستاڻو رويو رکندڙ هئا. والاريل علائقن ۾ سندس واپسيءَ کان ڪجهه ئي عرصو پوءِ، ابوعلي شعبان کي اترائين اولهه ڪناري جي شهر جينن مان گرفتار ڪري هڪ اسرائيلي جيل ۾ رکيو ويو، ۽ اهو واقعو ساڳئي علائقي ۾ سرگرم عرفات جي پوئتي هٽي فرار ٿي وڃڻ کان گهڻو عرصو پوءِ جو نه هو. سندس فرار متعلق مختلف متضاد ڳالهين مان عرفات جي بقول ته هو هڪ ٻار واري شادي شده عورت جو ٻهروپ ڌاري فرار ٿيو هو. اِهو درست هجي يا نه، پر سندس هلڪي ڏاڙهي ڪيس انهيءَ داستان گهڙڻ جو موقعو ضرور ڏي ٿي. سندس انهيءَ ڳالهه تي ڪنهن حد تائين ويساهه ان ڪري به ڪري سگهجي ٿو، جو هيل تائين هُن ڪيترائي ڀيرا خطري جي بوءِ سونگهيندڙ پنهنجي صلاحيت ڪري پنهنجي جان بچائي ورتي آهي. (١١)

والاريل علائقن ۾ اِها عرفات جي آخري موجودگي هئي. جيئن جيئن وقت گذرندو ويو ۽ والار بڪهي عرصي تائين ڦهليل نظر اچڻ لڳي ته اسرائيلي گرفت به سخت ٿيندي وئي. جيئن ئي فتح جون ڪارروايون ٻيهر شروع ٿيون ته اختياريءَ وارن، اردنين جي ڇڏي ويل فائلن جي آڌار تي سوين سياسي سرگرم ڪارڪن کي گرفتار ڪيو، ڪجهن فلسطيني سيلن کي تباهه ڪيو ۽ ان جي شڪي حمايتين جي گهرن کي ڊائناميٽ ذريعي تباهه ڪيو ويو. ڊسمبر ١٩٦٧ع ۾ اسرائيل جي بچاءُ واري وزارت اعلان ڪيو ته جون واري جنگ کان هيل تائين ٦٠ فدائين کي ماريو ۽ ٣٠٠ کي گرفتار ڪيو ويو آهي. (١٢)

اُلهندي ڪناري ۾ عرفات جي خفيا سرگرمين ۾ هڪ غيرمتوقع ڳالهه هئي: اُتي تخلصي نالن کي وڌيڪ اهميت ڏني وئي، جيڪي سندس ويجهن ساٿين کي پڻ هاڻ ئي معلوم ٿيا آهن. سندس سڃاڻپ کان پاسو ڪرڻ لاءِ، ڄڻ ۾ سندس رابطا اڃان تائين، ڪنهن حد تائين جوان گوريلا اڳواڻ کي رُکي انداز ۾ 'الختيار' (پوڙهو ماڻهو) چون ٿا. (١٣)

جيتوڻيڪ اِهو لڳي ته عجيب و غريب ٿو پر والاريل علائقن ۾ عرفات جي مستقل مزاجيءَ سان ڪم ڪجهه مثبت نتيجا ئي سامهون آندا. ١٩٦٧ع واري اونهاري ۾ جرمنيءَ مان چار سؤ فلسطيني شاگرد ۽ پورهيت پنهنجا ڏنڌاڌاڙي ڇڏي ساڻن اچي شامل ٿيا. پهرين هو الجزائر پهتا جتي هنن جسماني ۽ فوجي تربيت حاصل ڪئي ۽ ان کان پوءِ شامي اڏي 'هما' پهتا. اُلهندي ڪناري ۾ حملي لاءِ وڃڻ کان اڳ، کين هڪ هفتي جي هٿيارن تربيت ۽ مشق لاءِ فقط ست گوليون ڏنيون ويون. معمولي تربيت هئڻ ۽ ٿورڙن هٿيارن سبب منجهائن ڪيترائي گرفتار ٿيا ۽ ڪجهه مارجي پڻ ويا. (١٤)

ايڏي وڏي تعداد ۾ فلسطينين جي عمل ۾ ڪاهي پوڻ تي فتح کي ڪيترن ئي

خوشامدين کي منهن ڏيڻو پيو. انهن مان سڀ کان اڳيرو عرفات جو سدائين مخالف رهندڙ جارج حباش هو. پنهنجي سياسي زندگيءَ جي گهڻي حصي ۾ حباش، جيڪو ناصر جو پوئلڳ هو، زور ڀريندو رهيو تہ ڪو فلسطيني عمل عرب دنيا جي چاتل سچاتل اڳواڻ جي سهڪار کان سواءِ نہ ڪرڻ گهرجي. ١٩٦٧ع واري شڪست اڳوڻن سمورن نظرين کي بدلائي وڌو. جنهن کي حباش انتهائي تلخي سان عرب فوجن هٿان فلسطينن جي نئين شڪست ڪوٺيو. جنگ کانپوءِ ڊاڪٽري ڇڏي ڪاهي ڏر وارا نظريا اختيار ڪندڙ حباش پڻ هٿياربند جدوجهد جي نتيجي تي پهتو ۽ عرفات جي قوتن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ هٿ ڀير هنيائين. ١٩٦٧ع جي اونهاري ۾ دمشق جي هڪ هوٽل ۾ سندن پهرين گڏجاڻي ٿي.

’منهنجي خيال ۾ ١٩٦٧ع واري جنگ کانپوءِ اسين ان نتيجي تي پهتاسين تہ هو (فتح وارا) درست هئا. ان کانپوءِ ئي اسان محسوس ڪيو تہ هٿياربند جدوجهد لاءِ حالتون بلڪل سازگار آهن.‘ جارج حباش ٻڌائي ٿو. ’اسان جون واري صورتحال تي ڳالهايو. ان ڳالهہ تي سهمت ٿياسين تہ اسين هاڻ هڪ نئين دور ۾ داخل ٿيا آهيون ۽ اهو بہ تہ هاڻ هٿياربند جدوجهد کان سواءِ ٻيو ڪوبہ رستو ناهي- اُن وقت اسين گڏجي ڪجهہ ڪرڻ تي زور ڀري رهيا هئاسين، اسانکي خبر هئي تہ سوڀ لاءِ ايڪتا ضروري آهي.‘ (١٥)

ها، عرفات پنهنجي سر سوچيو، پر ايڪتا ڪنهن جي سرواڻيءَ ۾؟ هُن اونهاري واري مُند ۾ حباش کي جيڪي ڪجهہ بہ چيو هو، سندس ارادو ڪنهن بہ ريت گڏيل گوريلا محاذ ۾ گمنام ٿي رهڻ جو نہ هو. هُن سرواڻيءَ ۾ رهڻ پئي چاهيو. آگسٽ ۾ فتح جي ٻيهر جدوجهد شروع ڪرڻ واري فيصلي تحت ڪين اڪيلي سر ئي اڳتي وڌڻو هو.

ان ريت فلسطينن ۾ متوازي ڊوڙ جو هڪ اڻکٽ سلسلو شروع ٿي ويو. ٻين گروپن سان ايڪتا جون ڳالهيون ختم ٿي ويون ۽ ساڳي سال جي آخر ۾، حباش جي اڳواڻيءَ ۾ ڪاهي ڏر جو ڏار اتحاد قائم ڪيو ويو: فلسطين جي آزاديءَ لاءِ عوامي محاذ (P.F.L.P). ڪل جوڳين دعوائن سان ڀريل اعلان نامن جي جنگ ۾ معتبري ماڻڻ لاءِ اڻ ڳڻين گروپن اسرائيل تي حملا تيز ڪري ڏنا. فلسطيني ٽولن هڪٻئي جي مخالف عرب حڪومتن جي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ ڀڄ ڊُڪ شروع ڪري ڏني؛ ۽ انهن حڪومتن پنهنجي سر اُبريل نئين اُڀار کان ڇرڪندي نہ انهن کي واڳ وجهڻ جي ۽ نہ وري ڪين پنهنجي هٿ وس ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ نہ وري پنهنجا گوريلا جٿا قائم ڪيائون؛ جيئن شام ۽ عراق ترتيب وار العاصفہ ۽ عرب نيشنل فرنٽ جي صورت ۾ ڪيو- ۽ نہ ئي موجود گروپن ۾ رابطي لاءِ ڪا پُل ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪيائون.

اعلان نامن واري جنگ گوريلن کي اڪثر مسخرو بنائي ڇڏيندي هئي. عرفات

جي گروپ ڪيترائي ڀيرا اهڙيون دعوائون ڪيون جيڪي مڪمل طور تي افسانوي ثابت ٿيون: جڏهن بجاءِ وارو اسرائيلي وزير موشي دايان پراڻن ڪنڊرن جي هڪ ڪوٺائي جو معائنو ڪندي زخمي ٿي پيو ته فتح ان جي به ذميواري قبولي. ساڳي ريت اُن دعويٰ ڪئي ته هُن اڳوڻي چيف آف اسٽاف جنرل آئزڪ ربن جي گَئرج ۾ ڌماڪو ڪيو آهي. اِها الڳ ڳالهه آهي ته اوسٽائين جنرل وٽ گيراج هوئي نه. (١٦) جيتوڻيڪ اِهو گوريلا گروپن ۾ انهيءَ دعويٰ، ته ڪير ٿو دشمن علائقي ۾ وڌيڪ ماڻهو ماري يا تباهي پکيڙي، جي هاراڻي چٽاڀيٽيءَ کان سواءِ ڪجهه به نه هو، ته انهيءَ گهڻ طرفي آواز کي واسطيدارن تائين رسائڻ لاءِ ڪو ادارو ضروري آهي. ان ڪرت ۾ سرگرم گروپ، اسرائيلي وزيراعظم گولڊ اميئر جي ١٩٦٩ع ۾ سنڊي ٽائيمز کي ڏنل انٽرويو ۾ ڪيل دعويٰ ته فلسطيني مزاحمتي جدوجهد جو وجود ئي ناهي، جهڙي اسرائيلي پروپيگنڊا کي ڪوڙو ثابت ڪرڻ تي سندرو ٻڌل هئا. عرفات مزاحمتي تحريڪ جي اڳواڻي پنهنجي لاءِ ۽ فتح لاءِ حاصل ڪرڻ تي اک رکيو ويٺو هو. سندس ساٿ ٻلا هئا جو ٽي سال پراڻي 'سرڪاري' پي- ايل- او ۾ موجود ڪجهه اڳواڻن جي پڻ ساڳي سوچ هئي.

ڇهن ڏينهن واري جنگ کانپوءِ اِهو ظاهر ٿي پيو هو ته پي- ايل- او به عرب حڪومتن جيان عوام جي نظرن ۾ ڪري چڪي آهي، جن ١٩٦٤ع ۾ ان جي قائم ٿيڻ مهل ان جي حمايت ڪئي وئي. پنهنجن اندروني اختلافن ڪري، تنظيم پنهنجي چيئرمين احمد شُڪيريءَ جي پروپيگنڊا ڪرڻ لاءِ باقي وڃي بچي هئي، جيڪو هاڻ پنهنجي 'انقلاب' جي ڳالهه ڪري ويڙهو پرچارڪن جو جٿو قائم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هو. ڪيترن ئي فلسطينن شُڪيري ۽ انهن پراڻ- پسند ڪامورن ۽ سياستڪارن کي تڏي ڇڏيو هو، جن جي هو نمائندگي ڪري رهيو هو، جن کي فدائين تمام گهٽي ڌڪار سان 'شڪست کاڌل نسل' سڏي رهيا هئا. شُڪيريءَ جي هوائي بيانن خود سندس مالي امداد ڪندڙن ۾ پڻ ناپسنديدگي پيدا ڪري ڇڏي هئي ۽ ١٩٦٧ع جي پوئين اڌ ۾، پي- ايل- او جي ٻين اڳواڻن عرفات سان تنظيم کي وڌيڪ تباهيءَ کان بچائڻ لاءِ رابطو قائم ڪيو.

انهن مان اهم ترين پي- ايل- او جو بينڪر اڳواڻ عبدالمجيد شومان هو. وچ اوڀر جي ناميارن مالياتي ادارن مان هڪ جي ڊپٽي چيئرمين واري حيثيت سان، شومان اُيرندڙ فلسطيني پناهگير واپارين سان رابطا قائم ڪري رکيا هئا ۽ انهن کي هُن پي- ايل- او جي مالي اداري فلسطيني نيشنل فنڊ جي چيئرمين طور ڪتب آندو- ١٩٦٧ع واري شڪست کانپوءِ فلسطيني قومپرستي جي اُڀريل لهر مهل هو زوردار ۽ اثرائتي حيثيت جو مالڪ هو.

چانديءَ جهڙن وارن ۽ اڇين مُڇين وارو معتبر شومان، ساڳئي سال جي پڇاڙيءَ ۾ پي- ايل- او ۾ هيٺر جان وجهڻ لاءِ گوريلا اڳواڻ سان پنهنجي ملاقات

جو ذڪر هيئن ٿو ڪري: ’فلسطيني نيشنل فنڊ سان تعلق رکندڙ اسين ڇهن ڏينهن واري جنگ کانپوءِ عرفات سان لهه وچڙ ۾ آياسين. اسان چاهيو ٿي تہ هو شُڪيريءَ سان سهڪار ڪندي تنظيم کي بهتر بنائي. اسان حباش تي پڻ اِهو زور پرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هو شُڪيري ۽ عرفات سان گڏجي ڪم ڪري، پر عرفات ۽ شُڪيري حيقيقي طور تي ڪڏهن بہ گڏجي نہ سگهيا، هڪ هڪٻئي کان قطعي مختلف هئا. عرفات اسان کي جواب ڏنو هو: ’توهين پي- ايل- او منهنجي حوالي ڇو نٿا ڪريو، آءٌ ان کي شُڪيريءَ کان بلڪل مختلف انداز ۾ هلائيندس.‘ (١٧)

واقعن عرفات جي انهيءَ سڌ جي پوري ٿيڻ ۾ دير نہ لڳائي. ڊسمبر ١٩٦٧ع ۾ ايگزيڪيٽو ڪميٽيءَ جي ستن ڄڻن شُڪيريءَ کان استعفيٰ جي گُهر ڪئي. هُن انڪار ڪندي، پنهنجي بچاءُ جي ويڙهہ شروع ڪئي ۽ اِها اوڏي مهل ئي ختم ٿي جڏهن شومان پي- ايل- او قيادت لاءِ فنڊ روڪي ڇڏيا. جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ مايوس ٿيندڙ شُڪيريءَ پنهنجي پراڻي وفادار حمايتي صدر ناصر کي منٿ ڪئي پر ناصر مداخلت ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ ڪرسمس واري ڏينهن شُڪيريءَ بيروت ۾ رهندي، پنهنجون ساروٽيون لکڻ جو جواز پيش ڪندي استعفيٰ پيش ڪئي. (١٨) ويهن سالن کان بہ گهٽ عرصي ۾ اِهو پيو موقعو هو جڏهن ڪنهن فلسطيني اڳواڻ کي قيادت ڇڏي گهر وسائڻو پيو. فلسطيني تحريڪ لاءِ ڪيل شُڪيريءَ جي املهہ ڪاوشن جي باوجود بہ، هو تفريحي سامان ٿي لڳو، هو عمل بدران لفظن جو ڪيڏاري هو. سيڪجهہ نوجوان ۽ وڌيڪ پختي نسل جي حوالي ڪرڻ جو وقت اچي ويو هو. پي- ايل- او جي چيئرمين طور شُڪيريءَ جو جانشين ڪاهيءَ ڏر جو غيرشرائتو وڪيل يحيٰ همودا فقط نگران واري حيثيت رکندڙ هو ۽ سندس ڪم گوريلن پاران قيادت سنڀالڻ لاءِ تنظيم جو انتظام هلائڻ هو. عرفات لاءِ گهربل موقعو اچي ويو هو.

١٩٦٧ع جي سرءُ ۾، فتح ۽ ٻين گروپن سان لاڳاپيل گوريلن اردن نديءَ جي پرسان فلسطيني ڪئمپن جي جُهنڊ ۾ سرحد پار اسرائيل تي حملا ڪرڻ لاءِ اڏا قائم ڪرڻ شروع ڪري ڏنا. ساموئنڊي سطح کان گهڻو هيٺ اِهو علائقو، گرمي ۾ انتهائي گرم ۽ سياري ۾ پاري جهڙو ٿڌو ۽ ٽڪرين سان پريل جبلن ۾ گهيريل هو. انهن ڪئمپن مان ڪارامهہ نالي هنڌ تي موجود ڪئمپ فدائين ۽ اسرائيلين وچ ۾ خطرناڪ ويڙهہ جو مرڪز بڻي، هڪ اهڙي حقيقي لڙائي، جنهن فتح جي پروپئگنڊا جي زينت بڻجندي، فلسيني جدوجهد ۾ ديومالائي حيثيت حاصل ڪئي.

ڪارامهہ ١٩٦٨ع جي شروعاتي هفتن کان ئي مضبوط حيثيت ماڻي رهيو هو. فلسطيني گوريلا، جيڪي اردني سرزمين تان انتهائي اورچائپ سان حملا ڪري رهيا هئا، تن وٽ هاڻي نہ رڳو بهتر هٿيار هئا پر سٺي تربيت ورتل پڻ هئا ۽ اسرائيل لاءِ انتهائي ناقابل برداشت بڻجي رهيا هئا. ٽريڪٽرن جي قيٽن مان ٺاهيل ٽرالين

۾ پنهنجا هٿيار هيڏانهن هوڏانهن منتقل ڪندي، گوريلن جا ننڍڙا ٽولا رات جو ندي پار ڪندا هئا، بارودي سرنگهون وڇائي گرنيڊ اڇلائي، واپس موٽڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. فيبروري ١٩٦٨ع جي آخر ڌاري اسرائيل دعويٰ ڪئي ته هلندڙ سال دوران اهڙا ايڪانوي واقعا ٿي چڪا آهن. جيتوڻيڪ حملي آور گوريلن جو اسي سيڪڙو يا ته مارجي ٿي ويو يا گرفتار ٿي ٿيو، پر سندن حملن سبب، جيڪي اڪثر عام شهرين تي اڪيون هوتي ڪيا ويندا هئا، اسرائيلي حڪومت جي صبر واري حد تيزي سان ختم پئي ٿي.

اسرائيلي فوجي اڳواڻن کي اها خبر هئي ته سندن حڪومت اجان تائين انهن ڪارروائين کي ٻُنجو ڏيڻ جو سوچيو ئي ناهي. تن ڏينهن ۾ فوجي انٽيليجنس جو سربراهه جنرل اهرون ييريو ٻڌائي ٿو ته آگسٽ ١٩٦٧ع ۾ هُن اسرائيلي جنرل اسٽاف ۾ پنهنجي همر مرتبي ساٿين کي چتاءُ ڏنو هو ته گوريلا اردني سرحد جي هُن پار تيزيءَ سان سرايت پيا ڪن ۽ اسرائيل کي سموري ماٿريءَ جو گهيرو تنگ ڪرڻ گهرجي. پر اختياريءَ وارن، جيڪي اُن وقت حيرت انگيز طور تي دهشتگرد ڪارروائين جي امڪانن کان اڪيون هوتيل هئا، سستيءَ سان عملي قدم کنيا ۽ اهو گهيرو ايندڙ ٻن سالن ۾ به پورو نه ٿيو. (١٩) ساڳي وقت اسرائيلين پنهنجي حق کي فقط هلڪي قلڪي جواب تائين محدود رکيو. هُن فدائين جي ڪئمپن تي گولي باري جاري رکي ۽ ڪڏهن ڪڏهن گوريلن لاءِ حفاظتي فائرنگ ڪندڙ اردني فوجن سان به سندن ٽڪر ٿي ٿيو. انهن حملن جي مستقل ٿيڻ سان، جن ۾ ڪڏهن ڪڏهن هوائي فوج جي مدد پڻ ورتي ويندي هئي، ڪو هوتو هري ٿي سگهيو، پر اسرائيلي حملن ۾ غيرمستقل مزاجيءَ فدائين جون همتون اجائين وڌائي ٿي ڇڏيون.

١٨ مارچ ١٩٦٨ع تي فلسطينين سان هڪ وڏو ٽڪراءُ ان وقت اٿڻ بڻجي ويو جڏهن اردني سرحد ڀرسان هڪ اسرائيلي اسڪول بس فدائين جي وڇايل سرنگهه سان ٽڪرائجي وئي ۽ هڪ ٻار ۽ هڪ ڊاڪٽر مارجي ويا، جڏهن ته ٢٩ ٻار زخمي ٿي پيا. اسرائيل عمل جي ميدان ۾ ڪاهي پيو ۽ گوريلن تي وار ڪيائين- وار به انتهائي زوردار.

نديءَ جي هُن پر ڪارامهه واري پنهنجي اڏي تي موجود عرفات کي ان حملي جي امڪان جو پتو هو. هڪ سينيئر اردني انٽيليجنس آفيسر، آمريڪي سي- آءِ- اي پاران مليل اشاري جي آڌر تي، ڪيس مارچ جي مُنڍ ۾ ئي ان متعلق باخبر ڪيو هو. ١٨ مارچ تي عرفات ۽ ڪي اردن جي فوجي ڪمانڊر جنرل عامر خماش هنگامي طور تي عمان گهرايو. هڪ گڏجاڻيءَ ۾، جنهن ۾ ١٩٦٧ع واري جنگ کانپوءِ اردني سرزمين تي موجود ڏهه هزار عراقي فوج جو سربراهه پڻ موجود هو، خماش فتح جي اڳواڻن کي سخت تنبيه ڪئي: 'توهان کي اسرائيلي فوج جي پيشقدمي نظر نٿي اچي؟' هُن چيو 'ايندڙ ڪجهه ڪلاڪن ۾ هو توهان کي تباهه ڪري

چڏيندا.' (٢٠)

ڪين حملي کان بچائڻ لاءِ، خماش پهريون پيرو فلسطيني گوريلن کي نديءَ ڪناري واريون پنهنجون ڪئمپون ڇڏي ويجهن جبلن ۾ پناهه وٺڻ جي اجازت ڏني. پر عرفات بلڪل مختلف حڪمت عملي تي ويچاري رهيو هو. 'اسان جي عرب قوم مسلسل ڀاڄ ۾ پوئتي هٽڻ وارو ڏک وٺيو پئي اچي.' هُن سورهيائپ سان ڳالهائيندي چيو هو: 'نه- اسين اسرائيلي دشمن تي پٺڀرو ڪنداسين ته ڪجهه ڀاڄ نه کائڻ وارا انسان اڃان تائين موجود آهن. اسين سندن اڳيان مقابلو ڪنداسين جيئن دائود پنهنجي دشمن جو ڪيو هو.' (٢١)

اِها بيوقوفيءَ جي انتها ئي، گوريلا جنگ جي سمورن اصولن ۾ سمورين بهتر فوجي حڪمت عملين جي اُبتڙ هئي، پر عرفات لاءِ مڙس ماڻهو ٿي دوبدو مقابلو ڪرڻ، فلسطيني مزاحمت کي دنيا آڏو آڻڻ لاءِ هڪ بهترين موقعو هو.

ايندڙ صورتحال سندس سياسي زندگيءَ جي هڪ اهم ترين دليراڻي فيصلي لاءِ سازگار ثابت ٿي. عرفات ۾ خلف ٽڪرو واپس موٽيا ۾ پنهنجي سپاهين کي پنهنجي مرڪز ۾ جمع ڪيائون. اردني ڇتاءُ جو ذڪر ڪرڻ بنان، هنن گوريلن تي شهيد ٿيڻ يا اسرائيل هٿان قيدي بڻجڻ تائين پنهنجن اڏن تي ثابت قدم رهڻ لاءِ زور ڀريو. 'اسين ڪارامهه کي هيو لينن گراڊ بڻائي ڇڏينداسين.' عرفات دعويٰ ڪئي. جيتوڻيڪ هُن انهيءَ حڪمت عمليءَ سان سهمت نه ٿيندڙن کي وڃڻ جو موقعو ڏنو هو پر سندس اُستاهيندڙ جملن ڪانپوءِ فتح جو ڪو به ميمبر بيمار هوندي به موٽڻ تي تيار نه ٿيو. هئي پاسي جارج حباش جي پي- ايف- ايل- پي وارن ويڙهاڪن پرڀاسي وارن جبلن ڏانهن وڃي، اُتان اسرائيلي فوجن کي مُنهن ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. (٢٢)

مستقل پروپئگنڊا ذريعي اُپاريل تاثر جي اُبتڙ، عرفات سيڪجهه قسمت تي نه ڇڏيو. هُن علائقي جي اردني فوج واري ڪمانڊر جنرل ماشور الحديثہ الجازيءَ سان رابطو قائم ڪيو، جيڪو عمان ۾ پنهنجي اعليٰ عملدارن جي اُبتڙ گوريلن جو حمايتي هو. عرفات هوشياريءَ سان عراقي فوج کي پڻ معاملي ۾ وچڙائڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪيس اُتان ناڪامي ڏسڻي پئي.

جنگ ٢١ مارچ تي ساڍي پنجين وڳي اسرائيلي جهازن ذريعي هيڊي رنگ جي ڪيرايل پمفليٽن ۾ دهشتگردن کي هٿيار ڦٽا ڪرڻ جي مشوري ۾ ڪارامهه پوڀان جبلن ۾ ڇاتي بردار فوج لاهڻ سان شروع ٿي. سندن مقصد اڏن جو گهيرو ڪرڻ ۾ ڪارامهه ۾ اسرائيلي فوج جي داخل ٿيڻ ڪانپوءِ اوڀر ڏانهن ڀڄندڙ گوريلن کي قابو ڪرڻ هو. پر ڇاتي بردار فوج پي- ايف- ايل- پيءَ جي هڪ هٿياربند جٿي سان ٽڪر تي شديد اڇرج ۾ وڃي وئي، جنهن سندس دوبدو مقابلو ڪيو. ڪيترن هزار سپاهين واري زميني فوج ٽئنڪن جي مدد سان جيئن ئي سرحد

اُڪري آئي تہ مونجهارا اچائين وڌي ويا. ڇاتي بردار فوج اوسي پاسي وارن جبلن ۾ 'ڪلين اپ' ڪرڻ ۾ ناڪام رهي هئي ۽ اسرائيلي زميني فوج، پنهنجي جنگي رٿابنديءَ موجب اوپر ڏانهن وڌڻ شروع ٿي، ۽ سڌو حديثہ جي ڪمان واري اردني فوج جي قيامت خيز حملي جو شڪار بڻجي وئي، حديثہ جي ڪمان واري فوج، عمان ۾ موجود اختياريءَ وارن جي ويڙهہ کان پاسو ڪرڻ واري هدايت کي نظرانداز ڪري ڇڏيو هو. انهيءَ بہ طرفي ڪارروائي اسرائيلي فوج کي سجو ڏينهن توائي رکيو ۽ گوريلا اڏن کي تباهہ ڪرڻ وارو سندن اصل مقصد ڪانئن وسرائي ڇڏيو. ڪين واپسيءَ جو حڪم ملڻ تائين اسرائيلي فوج يقين نہ ايندڙ نقصان پرائي چُڪي هئي، سندن ٢٨ فوجي مارجي چڪا هئا ۽ ٦٩ زخمي ٿيا هئا ۽ ٣۴ ٽئنڪون حملي جو نشانو بڻيون هيون. گهٽ ۾ گهٽ هڪ ٽئنڪ پنهنجي سڙي مئل ڊرائيور سميت فلسطينين جي قبضي ۾ اچي چڪي هئي ۽ جنهن کي ايندڙ ڪجهہ ڏينهن ۾ فدائين پنهنجي پبلسٽيءَ لاءِ تمام گهڻو استعمال ڪيو.

گوريلا بہ اسرائيلي اڳرائي روڪڻ دوران نقصان کان بچي نہ سگهيا. هڪ گوريلي جي بيان ڪيل قصي موجب: هو پنهنجي جسم سان بم ٻڌي ٽئنڪ آڏو ليٽي پيو. سترهن گوريلن پنهنجو پاڻ کي اردن نديءَ سان لڳو لڳ ڪاهين ۾ قتو ڪري دشمن تي بمن جو وسڪارو ڪري ڏنو. هنن مان هڪ کان سواءِ سڀئي مارجي ويا. پر ايندڙ وقت ۾ سندن سورهيائپ جي اعتراف طور عرفات جي ذاتي سلامتيءَ واري اداري جو نالو 'فورس ١٧' (سترهن ڇڻن واري قوت) رکيو ويو. ڏينهن جي پڇاڙيءَ تائين، ڪرامهہ ۾ ۴٠٠ مان ٩٨ فلسطيني ويڙهو مارجي چڪا هئا ۽ سندن اڌا گهٽي ياڳي تباهہ ٿي چڪا هئا. (٢٣) بچي ويل سوين جو جشن ملهائي رهيا هئا. دشمن آڏو پير کوڙڻ ۽ ان کي جاني نقصان رسائڻ کي سو پنهنجي وڏي سوڀ سڏي رهيا هئا. عرفات لاءِ (جيڪو سدائين چوندو آهي تہ هو جنگ دوران موجود هو ۽ اسرائيلي دعويٰ ڪندا آهن تہ جنگ شروع ٿيندي ئي هو اوپر ڏانهن کسڪي ويو هو) اِها جنگ '١٩٦٧ع واري جنگ ڪانپوءِ عرب قوم جي پهرين سوڀ هئي.' (٢۴)

شعوري ڳالهہ ڪجي تہ پوءِ اِها اردني فوج ئي هئي نہ ڪي گوريلا جن اسرائيلي فوج کي وڌ ۾ وڌ نقصان پهچايو ۽ نيٺ ڪين پوئتي هٽڻ تي مجبور ڪيو. جنرل حديثہ جي لفظن ۾ 'هو (گوريلا) وڙهيا تہ سورهيائپ سان' پر اِهو اڪيلي سر سندن وس کان ٻاهر هو. جيڪڏهن اردني فوج خاموش تماشائي هجي ها تہ پوءِ سندن نشان ڳولهيو بہ نہ ملي ها. (٢٥) فتح جي تيز ۽ ڪارائتي پروپيگنڊا ۽ ان حقيقت تہ اردن ان جنگ ۾ پنهنجي حصي کي ظاهر ڪري پاڻ کان سگهاري اسرائيل سان وير پرائڻ نٿي چاهيو؛ سڄي عرب دنيا ۾ جنگ جي پڙاڏي جيان گونجندڙ ذڪر ۾ اردن جو ڪو نالو ئي نہ هو. جيڪا اسرائيل اناڙي پن ۾ شروع

ڪئي ۽ اردن هٿان انت تي پهتي. جنگ کي فدائين عربن جي ثابت قدميءَ لاءِ مثال طور ڪتب آندو. عرفات جي پبلسٽيءَ واري صلاحيت ڪارامه (شان ۽ مرتبي لاءِ عربي لفظ) کي فتح جي انقلاب واري اثرائتي علامت بڻايو.

جنگ جا نتيجا سندس سوچ کان گهڻا بهتر هئا. اسرائيل ۾ اها جنگ فوجي عملدارن جي ١٩٦٧ع کان پوءِ واري آسودگيءَ لاءِ هڪ صدمو ثابت ٿي. 'ڪارامه ڪانپوءِ ان نتيجي تي پهتاسين ته اسان ڪجهه سنجيده تحريڪ سان منهن ڏئي رهيا آهيون.' جنرل بيريو چوي ٿو. 'جيتوڻيڪ اها سندن فوجي شڪست هئي، پر اخلاقي فتح به سندن ئي ڪاتي ۾ ويئي.' (٢٦) عرب دنيا ۾ ڪارامه فدائين جي حمايت لاءِ هڪدم ڌماڪي خيز واڌ آندي. مزاحمت ۾ خاص طور تي فتح ۾ شامل ٿيندڙ رضاڪارن جو وڏو هجوم هو. جنگ کان پوءِ ٢۴ ڪلاڪن اندر ان کي پنج هزار درخواستون مليون. ايڏو وڏو تعداد سنڀالي سگهڻ فتح جي وس کان ٻاهر هو. عرب اخبارن جا صفحا فلسطيني سورهيائپ سان ڀريل هئا ۽ فقط پنهنجي گوريلائي نالي سان سڃاتو ويندڙ ابوعمار جا قصا هر ڪنهن جي زبان تي هئا.

پنهنجين ڪاروواين متعلق مشهوري حاصل ڪرڻ جي هٻڇ هوندي به، فتح پنهنجي ڍانچي، بنياد ۽ ميمبرشپ متعلق ڳجهي عرصي تائين رازداري رکندي آئي. صحافين کي تحريڪ بابت پڇيل سوالن جا اڻپورا ۽ اجايا جواب ملندا هئا. ڪاروواين جي انچارج جو نالو پڇڻ تي سيني کي بي نانءَ گڏيل قيادت جو ٻڌايو ويندو هو. ڪارامه واري ڪارنامي ڪانپوءِ، معاملا ساڳي طرح هلڻ ناممڪن هئا. اُها گهڙي پهچي وئي هئي جڏهن فتح پنهنجي روپوشي ختم ڪري دنيا آڏو هڪ اڳواڻ پيش ڪري: اهو اڳواڻ ٣٨ سالن وارو ياسر عرفات ئي هو. اهو وچ اوڀر جي تاريخ ۾ ڪو گهٽ مذاق ناهي ته اسرائيلي فوجي حملي جي غلط انداز عرفات واسطي پي- ايل- او جو چيئرمين ٿيڻ لاءِ سموريون رڪاوٽون دور ڪيون.

عرفات کي فتح جي عوامي اڳواڻ طور سڃاڻيندڙ پهريون ٻاهريون شخص مصر جي اخبار الاهرام جو خاطو احسان بڪر هو. جيڪو ڪارامه واري جنگ کان هڪدم پوءِ تقريباً هڪ هفتو گوريلن سان گڏ رهيو. 'پهرين ته هُن مونکي پنهنجا اصلي نالا نه ٻڌايا. هو سمورا پنهنجو پاڻ کي ابومهر سڏيندا هئا.' بڪر ٻڌائي ٿو. 'فقط عرفات ئي ان نالي کان بچيل هو. جنهن کي هو ابوعمار 'والد' يا 'مرفي' سڏيندا هئا. ساٿس ٻن يا ٽن گڏجاڻين کان پوءِ آءُ ان نتيجي تي پهتس ته هو ئي اڳواڻ آهي، پر منهنجي پڇڻ تي هُن وراڻيو هو ته، انقلاب لاءِ هر ڪو اڳواڻ آهي.' (٢٧)

هڪ مهيني کان به گهٽ عرصو گذرڻ تي، عرفات کي فتح جو سرڪاري 'ترجمان' مقرر ڪيو ويو. اندروني اختلافن ڪري انهيءَ نامزدگي قيادت لاءِ هڪ وڏيڪ ڪشمڪش کي جنم ڏنو. عرفات جي ١٩٦٧ع کان پوءِ واري مخالف محمود

مسويدا اسرائيل خلاف ڪارروايون، فتح جي فوجي ونگ العاصفہ جي ذمي قبوليندڙ ڪوڙا اعلان ناما جاري ڪرڻ شروع ڪيا. اِهو مسئلو فتح جي انٽيليجنس چيف خلف جي جاڻ ۾ اپريل جي وچ ڌاري دمشق ۾ ان وقت آيو، جڏهن فتح جي قيادت وارا هڪ ڪان سواءِ سندس سيئي ساٿي پري ويل هئا. انهيءَ مصيبت مان جان ڇڏائڻ لاءِ، هُن فتح جي واحد ترجمان عرفات جي جاءِ تي فقط پنهنجو پاڻ ڪي عرفات جي نالي سان بيان جاري ڪرڻ لاءِ بااختيار بڻايو ۽ ان ڏس ۾ هُن عرفات پاران سندس، پنهنجو پاڻکي 'نامزد' ڪرڻ جي 'قبوليت' جو ڪوڙو دستاويز پڻ پيش ڪيو. (٢٨)

هيءَ آهي ان جمهوري طريقي جو هڪ مثال جنهن تي فلسطيني تحريڪ اڄ سوڌو فخر ڪري ٿي. فتح جي ڪجهہ ميمبرن، جن ڪي ان نامزدگيءَ تي اعتراض هو تن آڏو عرفات ڪي خود قانون طور پيش ڪيو ويو. پر ڪيترن ئي شديد مخالفن تحريڪ ڪان عليحدگي اختيار ڪري ورتي ۽ باقي رهيلن عرفات جي جمار، سندس عملي نقطہءِ نظر ۾ سڀ ڪان وڌيڪ اِهو تہ سندس هر وقت سرگرم ڪردار جي آڌار تي ڪيس قبولي ورتو. (٢٩)

عرفات جي سرواڻ طور مقرري تبديلين جي شروعات هئي. هو سگهو ئي بين الاقوامي اسٽيج تائين پهچي ويو ۽ گوريلا جدوجهد جي شروعات ڪان سندس قائم ٿيل مرتبي کي نون متاثر ٿيندڙن لاءِ استعمال ڪيو ويو. لاتعداد عرب اخبارن ۽ رسالن جي سرورقن تي سندس گول متول چهري، مٿي تي ويڙهيل پٽاپٽي ڪپڙي، ڪارن شيشن واري چشمي ۽ انتهائي ٿڪايل چهري واريون ڇپيل تصويرون، مزاحمت جي علامت بڻجي ويون. هوشياريءَ سان گهڙيل سندس آتم ڪٿا عوام آڏو آندي وئي. ۽ جيئن ئي اِهي عجيب و غريب قعا اولهائين سڏسماءُ وارن ادارن تائين پهتا، هن پنهنجي ناٽڪي انداز ڪي اڃائين تيز ڪيو ۽ فلم پرڻ لاءِ ايندڙن ڪي آڌيءَ رات جو تمام گهٽي رازداريءَ سان عمان جي ٻاهران جبلن ۾ نيو ويندو هو. هو ساٿس ڳالهہ ٻولهہ ڪندڙن سان عمان جي ڪنهن هوٽل ۾ بہ ملي پئي سگهيو پر ويڙهاڪن سان ڀريل غارن ۾ فوٽو ڪيرائڻ جو مطلب ديومالائي قصن ڪي هٿي ڏيڻ هو. عرفات جي پبلسٽيءَ لاءِ هيچ انتهائي گهٽي هئي ۽ هن ان هٿيار ڪي چڱي طرح استعمال ڪيو. اولهائين خاطوئن ڪي هو هر پيري پنهنجي پڳل ٽٽل انگريزي ۾ تقريباً هڪ جهڙا انٽرويو ڏيندو رهندو هو. ١٩٦٨ع ۾ ٽائيم رسالي جي ٽائيٽل تي 'فدائين- وچ اوير جي نئين سگهاري قوت، واري سرخيءَ سان سندس پهريون پيرو تصوير شايع ٿي.

فتح، اڳ ۾ ئي سمورن فلسطيني گوريلا گروپن ۾ پنهنجو پاڻ ڪي وڌو ۽ وڌيڪ اڏن ۽ ساز و سامان وارو گروپ ثابت ڪري چڪي هئي. هاڻ ان جي ميمبرن لبناني ۽ اردني شهرن جي گهٽين ۾ پنهنجن هٿيارن سوڌو گشت ڪرڻ شروع ڪيو ۽

الجزائر جي انقلابي فرانز فينن ۽ مائوزي تنگ جي تعليم جي روشنيءَ ۾ فلسطيني پناهگير ڪئمپن ۾ 'آزاديءَ لاءِ عوامي جنگ' جي تعليم جو پرچار شروع ڪيائون. ٽپال جي خصوصي ٽڪلين جي عرب ملڪن ۾ وڪري ڪري پئسا جمع ٿيڻ لڳا. گوريلا اڏن تي فوجي سامان ۽ واهپي جون هيون شيون ڪڏ ٿيڻ لڳيون. ١٩٦٨ع جي آخر تائين رڳو فتح وٽ ٻه هزار هٿياربند ماڻهو، چيني شهر نانڪنگ جي فوجي اڪيڊميءَ مان تربيت ورتل آفيسرن جو هڪ جٿو ۽ ڪلاشنڪوف، اي- ڪي ٤٧ ۽ ٻين هٿيارن جي گولين جو وڏو ذخيرو موجود هو. ڪلاشنڪوف 'ڪلاشن' ويڙهه جي علامت بڻجي وئي، جنهن بابت فلسطيني گوريلن وٽ هڪ گيت پڻ سرجيل هو:

هي ڪلاشن ٿي رتُ جا واهڙ وهائي،
حيفا ۽ جافا جا ڪوئي سڏ ورنائي.
اڳتي وڌ، نه ڪر ڪو اُلڪو گوريلا!
اَنت آڻ رات جي سانت جو، گولي هلائي. (٣٠)

عرفات خاص طور تي فتح جي ٻڪهي ۽ نتيجي واري جدوجهد لاءِ ٿيندڙ تيارين تي فخرمند هو. هڪ خاص سيڪشن قائم ڪيو ويو، جنهن کي 'اشبال' (ڪلب) سڏيو ويندو هو ۽ ان ۾ ٻارن کي اٺن سالن جي ڄمار کان گوريلا جنگ جي تربيت ڏني ويندي هئي. فتح غيرفوجي ادارا قائم ڪرڻ جو سلسلو به شروع ڪيو، جنهن ۾ صحت جي ڏس ۾ فلسطيني هلال احمر ۽ هنري تربيت لاءِ ادارو (سميد: فتح جو اقتصادي محاذ) شامل هئا. ١٩٣٠ع ۽ ١٩٤٠ع جي ڏهاڪن دوران فلسطين ۾ يهودين کي ٽانيڪو ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندڙ تنظيمن واري انداز ۾، هنن آزاديءَ واري تحريڪ جا ڏيهه نيڪاليءَ ۾، فلسطيني حڪومت لاءِ ڪيترائي ادارا قائم ڪري ورتا.

عرب حڪومتن وٽ، پنهنجي عوام ۾ فدائين لاءِ وڌندڙ حمايت سبب، سندن پٺڀرائي ڪرڻ کان سواءِ ڪوبه چارو نه هو. فلسطيني تحريڪن تي ڪيترائي سال پابنديون مڙهڻ ڪانپوءِ هُنن پنهنجيون سرحدون سندن لاءِ کولي ڇڏيون. وڏي تعداد ۾ پرتي مُهم هلائڻ لاءِ هُنن فتح جي بنان تصوير واري ڪارڊ ڏيکارڻ تي سفر جي اجازت ڏئي ڇڏي. لبيا ۽ سعودي عرب جهڙن شاهوڪار ملڪن فتح جو خزانو ڀرڻ لاءِ بي انتها مالي مدد ڪرڻ شروع ڪئي. عراق ۽ شام ۾ موجود اڏن تي گوريلن جي تربيت جو معيار بهتر بڻايو ويو. شامي بندرگاهه لتاڪيا جي ڀرسان هڪ ڪئمپ ۾ هڪ ئي وقت تي ٣٥٠ گوريلن جي تربيت جو انتظام ڪيو ويو.

اِهو عرفات لاءِ ڪيترن ئي ساٿين پاران سندس خواهشن ۾ رڪاوٽون پيدا ڪرڻ جي هڪ سال اندر، حيرت انگيز حمايت جو اظهار هو، پر اِهو سڀ ڪجهه اڃان ڪافي نه هو. هن اصل ۾ انهيءَ ڪڏ ٿيندڙ دولت ۽ هٿيارن جي انبار کان به وڌيڪ اهم شيءِ حاصل ڪرڻ ٿي چاهي: عرب حڪومتن پاران فتح جي سرڪاري مڃتا؛

۽ ان جو مطلب هن لاءِ اُن دروازي جو کلڻ هو جيڪو اجان تائين بند هو، يعني مصر جي صدر ناصر سان سڌا ناتا.

۱۹٦۷ع واري ناڪاميءَ جي باوجود بہ ناصر وٽان حمايت جي هڪ لفظ جي اظهار جي تمام وڏي اهميت هئي. اجان تائين مصري صدر فتح کي شڪ جي نظر سان ڏسي رهيو هو ۽ ان لاءِ وٽس جواز انٽيليجنس جون، فتح جي اڳواڻن جي اخوان سان تعلق ۽ شام سان ناتن بابت رپورٽون هيون. ڇهن ڏينهن واري جنگ ۾ شڪست ۽ پنهنجي بااعتماد صحافي دوست حسنين هيڪل جي زور ڀرڻ تي ئي ناصر ان نتيجي تي پهتو تہ عرفات ۽ سندس متي ڦريل دوست بہ ڪارائتا ثابت ٿي سگهن ٿا: 'مون سوچيو تہ هاڻ وقت اچي ويو آهي تہ اسين پراڻن شڪن کي دور ڪريون، ڇاڪاڻ جو ۱۹٦۷ع تمام گهڻيون تبديليون آڻي چڪو هو.' هيڪل چوي ٿو: 'آءُ ان نتيجي تي پهتس تہ کين پنهنجو پاڻ کي ثابت ڪرڻ جو هڪ موقعو ضرور ملڻ گهرجي.' (۳۱). ناصر پنهنجي انٽيليجنس جي انهيءَ چتاءُ تہ: فلسطيني ڪيس قتل ڪرڻ جي وجهہ ۾ آهن؛ ان ڪري پنهنجي چوڪسيءَ تان هٿ نہ کنيو. جڏهن هُن فاروق قدومي ۽ خلف سان پهرين ملاقات ڪئي تہ مذاق واري انداز ۾ چيو هئائين تہ قدوميءَ وارو سائو بريف ڪيس ڪيس مارڻ لاءِ بمن سان ڀريل ٿي سگهي ٿو. ساڻن فتح جي مقصدن ۽ تحريڪن بابت تفصيلي ڳالهہ ٻولهہ کان پوءِ هُن اپريل ۱۹٦۸ع ۾ عرفات سان منهن مقابل ملاقات تي راضپو ظاهر ڪيو. اِهو مصلحت جو سوال هو ناصر لاءِ، جيڪو اجان تائين فلسطيني گروپ جي حاصلات بابت ٻڌتر جو شڪار هو. ان وقت جڏهن هو اسرائيل سان فيصلي ڪُن جنگ ڪرڻ ۾ گڏيل قومن جي امن لاءِ ڪوشش جي هڪ نئي وقت ڳالهہ ڪري رهيو هو، فتح جي هٿياربند جدوجهد جاري رکڻ ان ريت ڪارائتي هئي تہ اِهو اٿسڏي ريت اشارو هو تہ عربن اجان تائين هٿيار ڦٽا ناهن ڪيا.

'آءٌ ان وقت انتهائي سرهائي محسوس ڪندس جڏهن توهين مزاحمت لاءِ، سياسي طور تي پنهنجي موجودگي ۽ فوجي طور تي پنهنجين ڪارروائين وسيلي فلسطيني عوام ۽ فلسطيني خواهشن جي ڀرپور نمائندگي ڪندا.' هن عرفات کي پنهنجي رهائشگاهہ، جيڪا قاهره جي پسگردائي ۾ هيليو پولس واري عرفات جي اباڻي گهر کان ڪا گهڻو ڏور نہ هئي، ۾ ٿيل ملاقات ۾ چيو. (۳۲) هُن اشاري ۾ فتح کي عرب حڪومتن آڏو پنهنجي خودمختياري قائم رکڻ پر پاڻ ۾، اسرائيل جي قائم ٿيڻ کان اڳ يهودي دهشتگرد ٽولن جي وڏي صيهوني تحريڪ سان رابطي واري انداز ۾ ڳانداپو رکڻ جي ضرورت تي زور ڀريو. اِهو تعلقاتن جو اهڙو انداز هو جيڪو عرفات چار سال اڳ شُڪيريءَ کي آڇي چڪو هو. (۳۳). تنهن هوندي بہ ناصر اجان تائين تيز ترار گوريلا اڳواڻ کان خار کاڌل هو. سندن گفتگو جي هڪ مرحلي تي هُن عرفات کان پڇيو تہ سندس خيال ۾ انقلاب ڪڏهن ايندو؟ 'صدر

صاحب! انقلاب ڪڏهن بہ وقت جو باندي نہ هوندو آهي.' هُن جواب ڏنو هئس.(٣۴)

تعلقاتن جي اِها شروعات، فتح کي هڪ سال جي معمولي عرصي ۾ عرب سياست جي مٿاهين حيثيت تائين وٺي وئي. عرفات ٻين گوريلا اڳواڻن جي ڀيٽ ۾ ناصر تي وڌيڪ اعتماد ڪرڻ شروع ڪيو. وقت سر اهم مشورن سان گڏوگڏ ناصر پنهنجي واعدي موجب عرفات کي هٿيار ۽ تربيت ڏيڻ لاءِ پنهنجا ماڻهو پڻ ڏنا. هُن مصري اڏن ۾ جاسوسي ۽ تباهي ڦهلائڻ بابت فلسطينين کي تربيتون ڏياريون. سڀ کان وڌيڪ اِهو تہ هُن فتح کي قاهره ۾ پنهنجو نشرياتي ادارو قائم ڪرڻ جي اجازت ڏني. 'فتح جو آواز' طور سڃاتو ويندڙ ان جو شروعاتي گيت جلد ئي عرب دنيا جي ڪنڊ ڪُڇ ۾ مشهور ٿي ويو!

'فتح جو انقلاب موجود آهي

اِهو هِتي هُتي ۽ هر هنڌ موجود آهي. اِهو هڪ طوفان آهي،

طوفان جيڪو هر گهر ۽ هر ڳوٺ ۾ موجود آهي.' (٣٥)

ناصر عرفات جي پنهنجي سپر پاور اتحادي سوويت يونين سان پڻ واقفيت ڪرائي. جولاءِ ١٩٦٨ع ۾ هُن فتح جي اڳواڻ کي 'محسن امين' جي ڪوڙي نالي سان هڪ صدارتي وفد سان گڏ ماسڪو ياترا جي اجازت ڏني. عرفات جون جونيئر سوويت عملدارن سان ملاقاتون سندس خواهشن جي تڪميل نہ هيون. اُن وقت سوويت يونين فتح کي خطرناڪ مُهم جُو ڪارروايون ڪندڙن جو ٽولو سمجهندو هو ۽ ڪيس معمولي مالي امداد کان اڳ ڪريملن جي حقيقي حاڪمن سان فقط هٿ ملائڻ جو موقعو ملي سگهيو. (٣٦) پر بهرحال اِها هڪ شروعات هئي، عرفات سفارتي ڪرت سکڻ شروع ڪئي. ٻاهرين دوري کان واپسيءَ تي هُن پنهنجن نظرين متعلق معمولي اپياس جو اعتراف ڪيو. انهيءَ حقيقت نگاري نہ فقط فلسطينين ۾ پر ٻاهرين چڱن مڙسن ۾ هُن لاءِ عزت وڌائي. اِها ڪرت ايندڙ سالن ۾ ڪيس وڌيڪ بهتر انداز ۾ ڪم اچڻ واري هئي تہ سمورين شين جي ڄاڻ سمورن ماڻهن وٽ هوندي آهي.

سعودي عرب جي قدامت پرست شاهہ فيصل آڏو، جيڪو 'آزادي ٽئڪس' لاءِ سندس ملڪ ۾ ڪم ڪندڙ فلسطينين جي پگهار مان ست سيڪڙو ڪٽوتي تي راضي ٿي ويو هو، عرفات يروشلم جي مقدس عبادتگاهن کي موٽرائڻ لاءِ ويڙهہ ڪندڙ مسلمان جوڌو هو. فتح کي جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ هٿيار ڏيندڙ ڪميونسٽ چين، هن کي اهڙو سامراج دشمن سڏيندو هو، جيڪو وچ اوڀر ۾ آمريڪي بالادستيءَ خلاف جدوجهد ۾ رُڌل هو. ترقي پسند ۽ رجعت پرست عرب حڪومتن جيان هو بہ پنهنجو پاڻ کي عرب قومپرستيءَ جو علمبردار سڏيندو هو. خود فتح جي لفظن ۾ فلسطين جي آزادي عرب ايڪتا ڏانهن پهريون قدم هوندي. اِهو سنيهو، ١٩٦٧ع واري شڪست کانپوءِ اقتدار ۾ ايندڙ نون ۽ وڌيڪ همت ڀريل حاڪمن لاءِ

سوچيل سمجهيل ترڪڻ هئي. شام ۾ حافظ الاسد ۽ مصر ۾ انور سادات جهڙن حاڪمن جي موجودگيءَ ۾ فتح، عرب ايڪتا وارو نعرو سولائي لاءِ پنهنجي ڪاڻ استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. جيڪي هئي ڪنهن ملڪ سان جنگ ڪرڻ بدران پنهنجي گهر ۾ امن امان قائم ڪرڻ ۾ وڌيڪ دلچسپي رکندڙ هئا.

عرفات سياسي رنگ مٽائڻ واري پنهنجي صلاحيت تي سدائين فخر ڪندو رهيو آهي. 'منهنجي ماتر ڀوميءَ جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ۾ ساجي يا کابي ڌر ڪهڙي معنيٰ ٿي رکي؟' هُن جنوري ١٩٦٩ع ۾ لبناني اخبار 'السياد' کي هڪ انٽرويو ڏيندي چيو. 'مونکي پنهنجو ديس گهرجي، پوءِ ڀل شيطان ئي اهو حاصل ڪري ڏي. ڇا آءٌ ان حيثيت ۾ آهيان جو ڪنهن جي به شرڪت يا مدد کي ٺڪرائي سگهان؟ ڇا آءٌ اها دعويٰ ڪري ته سعودي عرب جو تعلق ساڄي ڌر سان آهي، ان جي امداد کان انڪار ڪريان ۽ ڪجهه به هجي سعودي پئسن سان ئي آءٌ ڪميونسٽ چين کان هٿيار خريد ڪندو آهيان.' (٣٧)

عرفات پنهنجي سر ته ڪنهن به نظريي ۾ دلچسپي نه وٺندڙ ٿي سگهيو ٿي پر فتح جي ٻين اڳواڻن تحريڪ لاءِ ڪو نظريو طئي ڪرڻ واري ڏس ۾ اڳتي وڌڻ شروع ڪيو. سندن مرڪزي خيال اخوان جي اڳوڻي ميمبر ۽ فتح جي اهم نظرئيدان خلاف، بيروت جي هڪ اخبار جي حدن ۾ ڪيل پريس ڪانفرنس ۾ واضح ڪيو ۽ ان کي باهرين دنيا پروسي جوڳو نه سمجهيو. هُن چيو هو: 'سچي تاريخي فلسطين تي پکڙيل هڪ اهڙي جمهوري رياست جنهن ۾ عرب ۽ يهودي هڪجهڙن شهرين طور گڏجي رهن.' (٣٨)

اهو سپنو ١٩٣٠ع ۽ ١٩٤٠ع وارن ڏهاڪن ۾ فلسطينن جي تصوراتي ڏيک ۽ عرب ليگ جي اُپاريل نعري مان ڦٽيو ويو هو (٣٩) پر ١٩٦٨ع جي عرب دنيا ان کي ماضي سان ناتا ٽوڙيندڙ تڪڙي وک طور ورتو ويو. فتح موجب، پلاند وٺڻ ۽ سمورن يهودين کي سمونڊ ۾ اڇلائڻ جهڙيون ڌمڪيون شڪيريءَ جي نسل وارن اڳواڻن جي ڪرت هيون ۽ هاڻ اُهي پنهنجي حيثيت ختم ڪري چڪا آهن. فتح جي هڪ نمائندي چواٽي، 'هُنن رڳو ماضيءَ وارو فلسطين ڏنو هو، جيڪو تيه لک يهودين کان اڳ جو هو.' (٤٠) فلسطيني هاڻ انهن يهودين سان سهڪار ڪرڻ جي ڳالهه ڪري رهيا هئا. جيڪي هڪ نئون سماج اڏڻ لاءِ صيهونيت کان جان ڇڏرائڻ جا خواهشمند هئا. 'جيستائين عربن جو تعلق آهي ته اها ڳالهه ڪافي حد تائين انقلابي هئي ته اسين فلسطين ۾ يهودين سان گڏ رهڻ لاءِ تيار آهيون.' خلاف چوي ٿو. (٤١) جيتوڻيڪ انهيءَ رٿ شروع ۾ فتح اندر ۽ ٻين مزاحمتي گروپن ۾ ڪاوڙ جي هڪ لهر بوڙائي ڇڏي پر مسلمانن، عيسائين ۽ يهودين سميت سمورن فلسطينن لاءِ آزادي ۽ جمهوري فلسطيني رياست وارو نظريو اڳتي هلي پي- ايل- او جي سرڪاري پاليسيءَ جو حصو بڻجي ويو. (٤٢)

نبيل شط جهڙا عرفات جا ساٿي، ان معاملي ۾ حقيقتاً هڪ قدم اڳتي وڌيا ۽ ان نظريي بابت اسرائيلين جي موٽ معلوم ڪيائون. ١٩٦٩ع ۽ ١٩٧٠ع ۾ عرفات جي پنيرائي سان هُن رياضيءَ جي اسرائيلي پروفيسر موشي مخوور ۽ ان کان بہ اهم حڪمران ليبر پارٽيءَ جي سيڪريٽري جنرل لووا اِليو، جيڪو پنهنجي افهام و تفهيم واري نقطءِ نظر ڪري مشهور هو، سان ملاقات ڪري ان نظريي تي ڳالهہ ٻولهہ ڪيائين. 'جيڪڏهن توهان انتقام وٺڻ جو سوچڻ ڇڏي سمورن لاءِ هڪ ملڪ چاهيو تہ پوءِ اوهان يقيناً ان بابت يهودين جي موٽ معلوم ڪرڻ چاهيندا.' نبيل وضاحت ڪندي ٻڌائي ٿو. (٤٣) اِهو تبديليءَ جو ڏس هو. ان جو اظهار فلسطيني پناهگير ڪئمپن ۾ عبراني ٻولي پڙهائڻ ۽ اسرائيل لاءِ عبراني ٻوليءَ ۾ فلسطيني ريڊيئي جي نشريات شروع ڪرڻ سان پڻ ٿئي ٿو. انهن شروعاتي ڪڏجاڻين وسيلي ١٩٧٠ع واري ڏهاڪي جي وچ کان آخر تائين پي- ايل- او جي سرگرم اڳواڻن ۽ کابي ڌر جي اسرائيلين وچ ۾ پهرين ڳجهن ۽ پوءِ کُلي عام رابطن جو سلسلو شروع ٿيو.

انهن شروعاتي قدمن مان ان ڳالهہ جا گهڻ امڪان ٿي نظر آيا، تہ سويلين يهودين تي حملا ڪندڙ فدائين جي اَچ جو، اسرائيل جي مرڪزي سياسي ڌاري تي ڪو خاص اثر پوي- پر يهودين لاءِ وڌيڪ لچڪ پريو نقطءِ نظر اختيار ڪرڻ سان بنان ڪنهن شڪ جي اولهہ ۾ بهتر عوامي تعلقاتن جي شروعات ٿي. ١٩٦٨ع ۾ فتح کي سندس الجزائري دوستن جي مدد سان صدر ڊيگال پئرس ۾ پنهنجو پهريون مرڪز قائم ڪرڻ جي اجازت ڏني. اُتي فتح جي نمائندي محمد ابوميزار، يورپي نيوليفٽ جي ميمبرن سان رابطا قائم ڪيا، جيڪي الجزائر جي ايف- ايل- اين واري جدوجهد ۾ سندس حمايتي هئا ۽ هاڻ فلسطيني ڪاز لاءِ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار هئا. انهن ۾ ناميارو تعليمي ماهر مئڪسم روڊنسن ۽ چيڪوسلواڪيا جو ريڊيڪل سياستڪار مائيڪل روڪارڊ، جيڪو اڳتي هي سوشلسٽ وزيراعظم بڻيو، سرفهرست هئا. پهرين جنوري ١٩٦٩ع تي ابوميزار وسيع عالمي قارئين سان مخاطب ٿيندي جمهوري رياست واري پروگرام بابت هڪ بيان جاري ڪيو. (٤٤) فتح کي يورپ ۾ پير کوڙڻ جي اجازت ڏيندڙ ڊيگال جي فراخدلي عرفات ڪڏهن بہ نہ وساري ۽ اڄ ڏينهن تائين هو پنهنجي ڳلي ۾، ڊيگال جي سرواٽيءَ ۾ فرانسيسي مزاحمتي قوتن جو نشان La Croix De Lorraine لٽڪائي هلندو آهي، جيڪو ڊيگال پنهنجي مرتئي کان اڳ ڪيس اُماڻيو هو ۽ سندس تيونس واري هاٽوڪي حفاظت پري رهائشگاهہ جي هڪ پٽ تي فرانسيسي اڳواڻ جو جنگ جي ڏينهن وارو هڪ قول فريم ۾ ٽنگيل آهي،

"Nous avons perdu une bataille mais nous n'avons pas perdu la guerre"

(اسان هڪ ويڙهہ هارائي آهي، جنگ ناهي هارائي)

عرفات سدائين طاقت جي پيٽ ۾ هوائي سياسي نظرين ۾ گهڻ دلچسپي رکندڙ رهيو آهي. عرب حمايت جي مليل نئين سگهه سان ليس فتح جي 'ترجمان' هاڻ سموري فلسطيني تحريڪ جي سرواڻي سنڀالڻ جي ڪوشش شروع ڪري ڏني. ناصر جي مدد سان، هُن هر ڪنهن جي توقع کان گهڻو اڳ، ان ۾ ڪاميابي ماڻي.

١٩٦٨ع دوران ست وچايل، پي- ايل- او کي گذريل سال ۾ وڌيل ويجهيل گوريلا گروپن جي ڪم آڻڻ لاءِ سنجيده ڳالهيون شروع ٿيون. انهن عرفات جي ڪجهه ساٿين کي ڪنهن حد تائين پريشان پڻ ڪيو، جن ۾ ڪيترن جو خيال هو ته جيڪڏهن فتح ان ۾ شامل ٿئي ته پوءِ اِها ڪامورا شاهيءَ جي ڏهڻ ۾ ڦاسي پوندي. سندن پهرين ڪوشش العاصفه جي سرواڻي ۾ هڪ اهڙي فوجي تنظيم قائم ڪرڻ بابت هئي، جيڪا پي- ايل- او جي متبادل طور ڪم ڪري. 'پي- ايل- او آفيس ۾ ڪارن جي تنظيم آهي.' هُن شامي اڏن ۾ ساٿن ڳالهين لاءِ آيل وچولي عمر جي ٿياڪڙن کي هڏايو. 'اسان کي آفيسن جي گُهرج ناهي، اسين ويڙهو آهيون ۽ اسان جون ڪارروايون فقط والاريل علائقن ۾ ئي هئڻ گهرجن.'(٤٥)

عرفات کي جيڪڏهن پي- ايل- او جي موجود ڍانچي تي ڪي اعتراض به هئا ته اُهي هُن دبائي رکيا. هن تنظيم کي سفارتي مرڪزن، سياسي ادارن ۽ دولت جي حوالي سان ڪارائتو سمجهيو. اصل ۾، ان سان فتح جي اثر کي سگهارو بنائڻ ۽ عرب رياستن جي حمايت حاصل ڪرڻ جهڙو هٿو فائدو ٿي پئي سگهيو. جيڪي اڃان تائين پي- ايل- او کي اولين حيثيت ڏئي رهيون هيون.

اهم ترين سوال شرطن شروطن جو هو. عرفات جي ڪجهه نون عرب دوستن ۽ فتح جي قيادت مان ڪيترن ئي کيس مشورو ڏنو ته ٻين ننڍڙن گروپن کي ٻاهر رکي، فتح کي اڪيلي سر پي- ايل- او تي قبضو ڪرڻ گهرجي. پر هڪ ڀيرو ٻيهر عرفات وٽ يڪراءِ قائم ڪرڻ بابت نُوس نقطءِ نظر هو. جيڪو ايندڙ سالن ۾ سندس خاص وطيرو بڻجڻ وارو هو. ممڪن هئڻ جي باوجود به، ٻين گروپن کي ٻاهر رکڻ جو مطلب اهڙي ئي وير کي هوا ڏيڻ هو. جهڙي ١٩٣٠ع واري ڏهاڪي ۾ فلسطينين تي حاوي هئي. ان سان هڪ اهڙي تباهي اچي پئي سگهي، جنهن لاءِ عرفات اڪثر چوندو رهيو ته هو ان کان بچاءُ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندو. وڌ ۾ وڌ گروپن کي پي- ايل- او ۾ گڏ ڪري تنظيم کي هڪ قومي محاذ واري صورت ڏيڻ جو مطلب ويٽنامي سياسي ۽ گوريلا گروپن جهڙو اتحاد قائم ڪرڻ هو، جنهن آمريڪين کي منهن ڏنو.

ان ريت گهٽي حد تائين ٿوڙ ڦوڙ ڪانپوءِ ئي گوريلا تنظيم جولاءِ ١٩٦٨ع ۾ پهريون ڀيرو پي- ايل- او جي پارلياماني اداري 'فلسطيني قومي ڪائونسل' ۾ شامل ٿي. پنهنجن نون ويڙهاڪ ميمبرن جي اثر هيٺ، ڪائونسل پي- ايل- او جي

قومي اقرارنامي ۾ اسرائيل خلاف گوريلا جنگ ڪرڻ واري نقطي کي شامل ڪندي نئين سر لکيو: 'هٿياربند جدوجهد ئي فلسطين کي آزادي ڏيارڻ جو واحد رستو آهي. ان ريت اها مڪمل حڪمت عملي آهي نہ ڪي وقتي.' (۴٦)

عرفات جي پي- ايل- او واري بلنديءَ ڏانهن اڏام ذري گهٽ پڇاڙي تي اچي پهتي هئي. جنوري ١٩٦٩ع جي شروعاتي ڏينهن ۾ هو عمان ۽ بغداد جي وچ رستي تي پنهنجي زندگيءَ جي خطرناڪ ترين حادثن مان هڪ جو شڪار ٿي ويو. عرفات سدائين تيز ڪارون ڊوڙائڻ جو ديوانو رهيو آهي، ايندڙ سالن ۾ تہ هُن ان لاءِ اسرائيلي هيلي ڪاپٽرن جي امڪاني حملن جو جواز پڻ پيش ڪرڻ شروع ڪيو. پر جنوريءَ جي هڪ جمع ڏينهن، ڪاري رنگ جي پراڻي مرسڊيز ڪار هلائيندي هو گهٽي تڪڙ ۾ هو. مينهوڳي واري رستي تي ١٣٠ ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان گاڏي هلائيندي هُن هڪ ٽرڪ کي اوورٽيڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ پنهنجو پاڻ کي سامهون کان ايندڙ هڪ ڪار جي بلڪل آڏو ڏٺو. هُن زور سان بريڪ هنيو ۽ سندس ڪار ٽرڪ هيٺان گهڙي وئي. 'ڪجهہ سيڪنڊن ڪانپوءِ مون عرفات جي ڪنجهڻ جو آواز ٻڌو ۽ مون سمجهيو تہ سندس پويان پساهہ آهن.' عرفات سان گڏ ٻن مسافرن مان هڪ گوريلا ڪمانڊر ابودائود ٻڌائي ٿو. 'هو ڪار جي فرش تي ليٽيل هو. سندس هٿ ڀڃي پيو هو ۽ ڇاتيءَ ۾ زخم هئس. ڪجهہ ڏينهن لاءِ تہ سندس ياداشت پڻ گُم ٿي وئي هئي.' (۴٧)

هڪ مهيني کان بہ گهٽ عرصي ڪانپوءِ، قاهره ۾ ٿيندڙ فلسطيني 'پارليامينٽ' جي اجلاس ۾ پنهنجي پهرين شرڪت لاءِ عرفات چڱو ڀلو ٿي چڪو هو. ٣ فيبروري ١٩٦٩ع تي نئين سر جوڙيل ۽ نئين سر ڪوٺايل فلسطيني قومي ڪائونسل، جنهن تي هاڻ فدائين جو مضبوط قبضو هو، کيس فلسطين جي آزاديءَ لاءِ تنظيم (پي- ايل- او) جو چيئرمين چونڊيو. صدر ناصر جي موجودگيءَ ۾ اهڙي گاديءَ واري شهر، جتي سندس فتح تحريڪ جا ڪارناما پوسٽرن ذريعي ساراهيا ويا هئا، عرفات کي عالي مرتبت فلسطيني اڳواڻ ليکيو ويو. فوجي ڪارروائين کي ان حد تائين وڌائڻ جو واعدو ڪندي جيستائين تحريڪ 'آزادي' لاءِ مڪمل جنگ واري حيثيت نٿي ماڻي، سمورن سياسي ناهن کي رد ڪندي ۽ قومي ڪائونسل جي سمورن بحثن ۾ جوش خروش سان حصو وٺندي هو پنهنجي مڪمل بالادستي قائم ڪرڻ واري راهہ تي وڌڻ لڳو. (۴٨)

جيڪي عرفات کي گهٽو نہ سڃاڻيندا هئا، تن کي سندس رويو عجيب ۽ ايذائيندڙ لڳو. 'هُن هر ڪنهن جي ڳالهہ ۾ ٽنگ ٿي اٽڪائي. هُن هر ان مهل دانهون ٿي ڪيون جڏهن هُن اِهو ٿي سمجهيو تہ ڪو سندس استحقاق مجروح ڪري رهيو آهي، هو اُٿو ٿي پئي ويو ۽ زور ٿي ڀريائين تہ کيس ڳالهائڻ ڏنو وڃي.' ايندڙ وقت ۾ سندس صلاحڪار دوست نبيل شعث ٻڌائي ٿو: 'شروع ۾ ان طريقي

ڪي مون ڪافي ڀاراڻو سمجهيو ۽ ان نتيجي تي پهتس تہ هو جيڪڏهن گهڻ ڳالهائي تہ بهتر ٿيندو' (۴۹). وقت گذرڻ تي ئي نبيل ۽ ٻين شريڪن تي اِهو واضح ٿيو تہ اِهو سڀ ڪجهہ عرفات جي بي انتها سرگرم انداز جو هڪ حصو هو.

اُن وقت فتح جو ڪنٽرول ذري گهٽ مڪمل نظر اچي رهيو هو. اُن فلسطيني مزدور يونين، ليکڪ ۽ فنڪارن جي گروپن، عورتن ۽ شاگردن جي تنظيمن کي فتح ڪري ورتو هو، جيڪي ڏيهہ نيڪاليءَ ۾ قائم ٿيون هيون. شُڪيريءَ جي ڪاوشن سبب ان کي ٺهيل ٺُڪيل ڍانچي واري تنظيم ملي وئي هئي. جنهن ۾ مالياتي وزارت، فوج، روزمرهہ وارا فيصلا ڪرڻ لاءِ ايگزيڪيٽو ڪميٽي ۽ هڪ غيرمستقل پارليامينٽ جهڙا ادارا شامل هئا. سڀ کان وڌيڪ اهم اِهو تہ عرفات طاقت جي سڀ کان اهم سرچشمي 'ناڻي' کي پنهنجي هٿ وس ڪري ورتو هو. پي- ايل- او کي پنهنجي ڪنٽرول ۾ وٺندي هُن عرب حڪومتن کي سندس نئين 'خودمختيار' تحريڪ لاءِ فلسطينين جي نمائندي طور حمايت ڪرڻ تي مجبور ڪري ورتو هو. سندس انهيءَ تمنا جو اظهار ڊسمبر ۱۹۶۹ع ۾ مراڪش جي گاديءَ واري شهر رباط ۾ ٿيل هڪ اجلاس ۾ اُن وقت سامهون آيو، جڏهن هُن گُهر ڪئي تہ عرب اڳواڻ فلسطيني ڪاز لاءِ چوئيتاليهہ ملين آمريڪي ڊالرن جي عظيم الاشان رقم مهيا ڪن. تاريخ لاءِ اهو اهم ناهي تہ هُنن ان ڏس ۾ ڪيتري رقم ڏني پر عرفات اُن وقت کان پي- ايل- او کي ڪنهن گهڻ قومي ڪارپوريشن جيترو امير بنائڻ واري ڪرت سان لڳل آهي ۽ ان ڏس ۾ ڪوبہ موقعو هٿان نٿو وڃائي.

بهرحال عرب حڪومتن سان اِهو ڳانڍاپو انتهائي نازڪ ناتن تي ٻڌل رهيو؛ ايستائين جو ڪاميابيون ماڻڻ وقت بہ منجهن اختلاف ڪنهن کان بہ ڳجها نہ هئا. جارج حباش جي قيادت واري ڪابي ڊر جي اهم گروپ، فتح جي بالادستي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ سيٽن جي غلط ورهاست تي قومي ڪائونسل جو بائيڪاٽ ڪيو. فلسطيني لبريشن آرميءَ جي گوريلن فدائين جي قبضي تي شديد اعتراض اُٿاريا.

فقط رسمي طور تي، پي- ايل- او لاءِ زباني جمع خرچ کان هٽي ڪري، ڪجهہ عرب رياستون ان جي نئين خودمختياريءَ جي نڙيءَ تي ننهن ڏيڻ جو سوچي رهيون هيون. لبنان ۽ خاص طور تي اردن ۾، اسرائيل تي وڌندڙ حملن ۽ اسرائيل پاران جوابي ڪارروائي ڪرڻ واري رد عمل جو امڪان جيئن پوءِ تيئن وڌندو ويو.

هڪ معمولي حيرت واري ڳالهہ هيءَ آهي تہ جڏهن عرفات کي پي- ايل- او جو چيئرمين چونڊڻ جو اعلان ڪيو ويو تہ سندس چهرو سرهائي کان جرڪڻ بدران سوچن ۾ غرق نظر اچي رهيو هو. پنهنجي هڪ ساٿي جي اهو پڇڻ تي تہ هو ڇاجي ڪري پريشان آهي، هُن هڪ لفظ ۾ ٻڌايو: 'ذميواري.'

حوالا

باب ٽيون

١- ناصر جي استعفيٰ، ٩ جون ١٩٦٧ع تي قاهره ريڊيو تان نشر ٿيل. ليقوئر ۽ روبن جي سهيڙيل The Israel- Arab Reader ۾ ڇپيل، ڇهون ڇاپو، لنڊن، ١٩٨۴ع صفحو: ١٨٩ کان ١٩۴.
٢- صلاح خلاف انٽرويو، تيونس، جون ١٩٨٩ع.
٣- نبيل شعث انٽرويو، قاهره، مارچ ١٩٨٩ع.
۴- هاني الحسن انٽرويو، تيونس آگسٽ ١٩٨٩ع، گڏوگڏ محمد ابوميزار انٽرويو، پئرس، سيپٽمبر ١٩٨٩ع، گڏوگڏ فاروق قدومي انٽرويو، تيونس، سيپٽمبر ١٩٨٩ع.
۵- هاني الحسن انٽرويو، تيونس، آگسٽ ١٩٨٩ع.
٦- ساڳيو.
٧- ياسر عرفات انٽرويو، تيونس، ڊسمبر ١٩٨٩ع.
٨- فيصل الحسيني انٽرويو، يروشلم، مئي ١٩٨٩ع.
٩- ساڳيو.
١٠- ياسر عرفات انٽرويو، تيونس، ڊسمبر ١٩٨٩ع.
١١- ساڳيو.
١٢- Fiches du Monde Arabe نمبر: ٩۵٩
١٣- ياسر عرفات، Middle East رسالي ۾ ڇپيل، مارچ ١٩٨٨ع، صفحو نمبر: ٢٢
١۴- عبدالله فرنجي انٽرويو، بون، جولاءِ ١٩٨٩ع.
١۵- جارج حباش انٽرويو، دمشق، آڪٽوبر ١٩٨٩ع.
١٦- Time رسالي ۾ رپورٽ ڇپيل، ١٣ ڊسمبر ١٩٦٨ع، صفحو نمبر: ٣۵
١٧- عبدالمجيد شومان انٽرويو، عمان، سيپٽمبر ١٩٨٩ع.
١٨- ساڳيو، گڏوگڏ ابراهيم بڪر کان انٽرويو، عمان، سيپٽمبر ١٩٨٩ع. بڪر عرفات جي دور ۾ پي- ايل- او جو پهريون ۽ آخري وائيس چيئرمين هو. هو تڏهن کان تحريڪ ڇڏي چڪو آهي.
١٩- جنرل اهرون يرو انٽرويو، تل ابيب، نومبر ١٩٨٩ع.
٢٠- ياسر عرفات انٽرويو، تيونس، ڊسمبر ١٩٨٩ع.

۲۱- ساڳيو.
۲۲- ساڳيو.
۲۳- شرڪت ڪندڙن سان انٽرويو، ڪڏوڪڏ Filastin al- Thawra، ڪڏوڪڏ ڏسو
يوري ملتسئن جي لکيل A History of the Israel. Paratroopers
تل ابيب، ۱۹۸٦ع، جلد ٽيون، صفحو: ۱۲۷٦ کان ۱۲۸۰.
۲۴- ياسر عرفات انٽرويو، تيونس، ڊسمبر ۱۹۸۹ع.
۲۵- ماشوالحديثہ الجازي، انٽرويو، عمان، جون ۱۹۸۹ع.
۲٦- جنرل اهرون ييرو انٽرويو، تل ابيب، نومبر ۱۹۸۹ع.
۲۷- احسان بڪر انٽرويو، قاهره، آڪٽوبر ۱۹۸۹ع.
۲۸- صلاح خلف انٽرويو، تيونس، جون ۱۹۸۹ع.
۲۹- محمد ابوميزار انٽرويو، پئرس، آگسٽ ۱۹۸۹ع.
۳۰- ميخائل بار زوهار ۽ ايتان هابر، The Quest for the Red Prince
نيويارڪ، ۱۹۸۳ع، صفحو: ۹۹.
۳۱- محمد حسنين هيڪل انٽرويو، قاهره، مئي ۱۹۸۹ع.
۳۲- ساڳيو.
۳۳- ساڳيو.
۳۴- تحسين بشير انٽرويو، قاهره، آڪٽوبر ۱۹۸۹ع، بشير، ناصر جو ترجمان هو.
۳۵- ايڊگر اوبيلينس، Arab Guerrilla Power 1967- 72
لنڊن، ۱۹۷۴ع، صفحو: ۵۹.
۳٦- محمد حسنين هيڪل انٽرويو، قاهره، مئي ۱۹۸۹ع.
۳۷- ياسر عرفات، السياد بيروت ۾ ۲۳ جنوري ۱۹٦۹ع تي ورجايل.
۳۸- ابواِياد، My Home, My Land
نيويارڪ، ۱۹۸۱ع، صفحو: ۱۳۹.
۳۹- زوي اِلپيلج جو Jerusalem Quarterly
نمبر ۵۰، بهار ۱۹۸۹ع ۾ ڇپيل هڪ مضمون.
۴۰- نبيل شعَث، ايلن گريش جي لکيل The PLO: The Struggle
Within ۾ ڇاپايل، لنڊن، ۱۹۸۵ع، صفحو نمبر: ۳۷
۴۱- صلاح خلف انٽرويو، تيونس، جون ۱۹۸۹ع.
۴۲- فيبروري ۱۹٦۹ع ۾ فلسطيني قومي ڪائونسل جو پروگرام، حوالو نمبر: ۴۰، صفحو: ۱۸.
۴۳- نبيل شعَث انٽرويو، قاهره، مارچ ۱۹۸۹ع.
۴۴- محمد ابوميزار انٽرويو، پئرس، سيپٽمبر ۱۹۸۹ع.
۴۵- خالد الفهوم انٽرويو، دمشق، مئي ۱۹۸۹ع، هو اُن وقت پي- ايل- او جي

ايگزيڪيٽو ڪميٽيءَ جو ميمبر هو.

٤٦- ييهو شفاعت هرڪابي، The Palestinian Covenant and its Meaning

لنڊن ۽ نيويارڪ، ١٩٧٩ع، صفحو: ٦١.

٤٧- ابوداؤد انٽرويو، تيونس، نومبر ١٩٨٩ع.

٤٨- 'الاهرام' قاهره، ٤ فيبروري ١٩٦٩ع.

٤٩- نبيل شعث انٽرويو، قاهره، ڊسمبر ١٩٨٩ع.

٥٠- خالدالحسن انٽرويو، ڪويت، اپريل ١٩٨٩ع.

(۴)

خوني تڪرار

'بندوقن جي جنگ ۾ اڳواٽي ڪو سولو ڪم ناهي.' ياسر عرفات- ٢١ جون ١٩٨١ع تي لاس اينجلس ٽائيمز تان ورتل.

آڪٽوبر ١٩٦٨ع جي وچ ڌاري، صبح ساڻ لکين فلسطيني، جن مان ڪيترائي هٿيار بند هئا، اردن جي گاديءَ واري شهر عمان ۾ ڪاهي پيا. پنهنجي گوريلا اڏن ۽ پناهگير ڪئمپن مان جٿن جي صورت ۾ نڪرندي، ٽڪرائين جبلن سان لڳو لڳ سفر ڪندي هو شهر ۾ داخل ٿيا ۽ اردني حڪومت خلاف ۽ فلسطيني مزاحمت جي حق ۾ نعرا هڻڻ لڳا. فتح جي اڳواڻن گوريلا جدوجهد جي حق ۾ انهن هجومن آڏو تقريرون ڪيون. هُنن پنهنجون بندوقون اُڀيون ڪيون ۽ هوا ڪي فائرنگ سان پَرُڻ ڪرڻ لڳا.

اِهو اجتماع، ڪيترائي ڏينهن اڳ شامي سرحد پرسان هڪ ڪار حادثي ۾ مارجي ويل فتح جي اڳواڻ عبدالفتح محمود لاءِ ٿيندڙ تعزيتي ميڙن مان هڪ هو. پر اِهو ماتمي جلوس، ڏک ۾ ورتل ياسر عرفات جي سرواڻيءَ ۾ عوامي سياسي مظاهري ۾ بدلجي ويو. اِهو پهريون موقعو هو، جڏهن فدائين عمان ۾ پنهنجي قوت جو مظاهرو ڪيو هو. پندرهن سالن کان اردن تي راڄ ڪندڙ شاهه حسين بن طلال لاءِ اِهو پريشانيءَ پريو عمل هو.

گذريل سال مارچ ۾ اسرائيل سان ڪارامهه واري ٽڪر کانپوءِ، فلسطيني شاهه حسين جي سلطنت ۾ پنهنجا ڏورا مهٽي رهيا هئا. ١٩۴٨ع ۽ ١٩٦٧ع وارين عرب- اسرائيل جنگين جي نتيجي ۾ بي گهر ٿيندڙ فلسطينين جي اڪثريت جو ٺڪاڻو اردن، گوريلا گروپن لاءِ وڏ ۾ وڏ پرتيءَ جو مرڪز ۽ اسرائيل خلاف سندن وڏ ۾ وڏ حملن لاءِ سگهارو مورچو بڻيل هو. ١٩٦٧ع واري جنگ جي نتيجي ۾ ڏونڌاڙيل حسين، سندس ملڪ ۽ فوج، ان وقت تائين پنهنجي راهه جو تعين ڪري سگهڻ واري پوزيشن ۾ نه هئا. اولهه جي حمايتي بادشاهه جي اقتدار تي گرفت سدائين ناڪام بغاوتن ۽ قاتلاڻن حملن سبب لوڏن ۾ پئي رهي. پر هاڻ فدائين پاران عمان ۾ پنهنجون ڪلاشنڪوفون کلي عام جهولائڻ ۽ اسرائيل تي سندن وڌندڙ حملن جي ردعمل وارن امڪانن ڪري فلسطيني گوريلن جي قوت سندس اختيارن لاءِ هڪ سگهارو چئلينج بڻجڻ لڳي هئي. انهيءَ ڪي پنهنجي هٿ وس ڪرڻ لاءِ ڪا

ڪارروائي ضروري هئي.

آڪٽوبر واري مظاهري کان ڪجهه ڏينهن پوءِ ئي نااتفاقي ظاهر ٿيڻ شروع ٿي. فدائين اڳواڻن شڪايت ڪئي ته اردني اختياري وارن پاران، روڊ بند ڪري گاڏين جي تلاشي وٺڻ وارو عمل اسرائيل خلاف سندن ڪارروائين ۾ رڪاوٽ بڻجي رهيو آهي. هُن پنهنجين سرگرمين تي پابنديون مڙهڻ ۽ سندن ڪارروائين تي شاهه جي فوج پاران ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪوشش تي احتجاج پڻ ڪيو.

ان جو اٿوتندڙ نتيجو تشدد جي صورت ۾ ظاهر ٿيو. ٢ نومبر ١٩٦٨ع تي فلسطينين عمان ۾ آمريڪي سفارتخاني ۾ بم ڌماڪو ڪيو. هو برطانيا پاران فلسطين ۾ يهودي وطن قائم ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ جي واعدي 'بيلفور پڌرنامي' جي ايڪونجاهين ساليانه ڏيهاڙي تي احتجاج ڪري رهيا هئا. حفاظتي فورس هجوم کي ڀڄڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو ۽ ان هنگامي کي منظم ڪندڙ ننڍڙي قوت پر وڏي نالي واري 'سوپارا سورما گوريلا گروپ' جي اڳواڻ کي گرفتار ڪري ڇڏيو. ايندڙ ڏينهن تي گرفتار ٿيل اڳواڻ شامي فوج جي اڳوڻي آفيسر طاهر دبلان جي پيروڪارن هڪ پوليس ڪار جي قبضي ۽ پوليس وارن جي هڪ جٿي کي اغوا کان پوءِ قتل ڪري پنهنجو ردعمل ظاهر ڪيو. اختياريءَ وارن جڏهن عمان ۾ هڪ ترڪيل پکڙيل فلسطيني پناهگير ڪئمپ ۾ هٿيارن جي هڪ وڏي ذخيري تي قبضو ڪيو ته دبلان گروپ ۽ اردني فوج وچ ۾ جهڙپون شروع ٿي ويون ۽ ڏهن هزارن کان به وڌيڪ ماڻهو حڪومت مخالف مظاهرن دوران گهٽين ۾ نڪري آيا. شاهه حسين گوريلن ۾ موجود 'وڳوڙين' تي اردن ۾ انقلاب آڻڻ جو الزام هڻندي، بدامنيءَ جي خاتمي لاءِ وڏو فوجي اٿالو اماڻيو. هزارين فوجي پناهگير ڪئمپن جو گهيرو ڪري انهن تي ٽن ڏينهن تائين لاڳيتو فائرنگ ڪندا رهيا. گوريلن شاهه حسين تي اسرائيلي پٺڀرائيءَ سان 'مزاحمت کي ختم ڪرڻ جي سازش' سٽڻ جو الزام هڻيو.

پي- ايل- او جي چيئرمين شپ سنڀالڻ کان ٽي مهينا اڳ، عرفات پنهنجو پاڻ کي اهڙي ڏبڻ ۾ ڦاٿل ڏٺو، جيڪا سندس وڏ ۾ وڏ وقت سيڙائي رهي هئي. هُن جوش ۽ جذباتيت واري فضا ۾، اردني پوليس ڪمانڊر سان گڏ عمان جو دورو ڪري فلسطينين تي زور ڀريو ته اهي 'سوپارا سورما گروپ' سان ڪنهن به قسم جو سهڪار نه ڪن. ويڙهه شروع ٿيندي ئي هُن شاهه حسين سان ملاقات جي پڻ درخواست ڪئي.

اِها ايندڙ ٻن سالن ۾ ٻنهي اڳواڻن جي وچ ۾ ٿيندڙ ڪيترين ئي تلخ ملاقاتن جي سلسلي جي پهرين ڳنڍجاڻي هئي. ڪجهه ڳالهين ۾ هو ٻئي ڪيترين ئي هڪجهڙاين رکندڙ هئا: ٻئي ننڍي قد جا مالڪ هئڻ سان گڏوگڏ، انتها درجي جا ناٽڪي هئا، ٻئي خونخوار مزاج رکندڙ هئا ۽ بي راه رويءَ سان ڀريل هئا. شاهه

حسين، عرفات ۽ ٻين فلسطيني اڳواڻن جي وفد سان ڏندي ڏيڻ وارو ورتاءُ رکيو ۽ ويڙهه جي سموري ذميواري مزاحمت تي وجهندي گوريلن خلاف سخت ڪارروائي جي ڌمڪي ڏنائين. وڏي مشڪل سان هُن ڪيس انهيءَ هوڏ تان لاٿو. مزاحمتي تحريڪ جي اهم ڌاري جو پوليس آفيسرن جي اغوا واري واقعي سان ڪوبه تعلق نه هو. هُن ڪيس خاطري ڏياري ته ان جا مفاد اردني اختياريءَ وارن سان بهتر ناتن ۾ آهن. (١) انهن ڳالهين جو نتيجو ١٦ نومبر تي حڪومت ۽ مزاحمت ۾ هڪ ٺاهه جي صورت ۾ ظاهر ٿيو، جنهن وسيلي فدائين تي شهرن ۾ وردي پائي گهمڻ ۽ هٿيارن جو نماءُ ڪرڻ تي پابندي مڙهي وئي ۽ ڪين اردن جي اڀرندي ڪناري ڪان اسرائيل تي حملن ڪان جهليو ويو. (٢)

اِها ظاهري طور تي ته حڪومت جي ڪاميابي هئي، جيتوڻيڪ ان ٺاهه وسيلي گهوٽالي مان جان ته ڇڏرائي وئي پر ٻنهي ڌرين ۾ تضاد جيئن جو تيئن موجود رهيا. عرفات لاءِ اهو عرب سياست جي ٻڪهي ۾ ظالماڻي سبق جو ثبوت هو ۽ سندس پنهنجي تحريڪ جي زوال جو پهريون آثار.

عرفات ۽ فتح جي ٻين ساٿين جو گهڻي عرصي ڪان اِهو خيال هو ته شام بدران اردن ئي سندن گوريلا ڪارروائين لاءِ سڀ ڪان وڌيڪ غيرجانبدار اڏو بڻجي سگهي ٿو. اسرائيل سان ان جي ٻڪهي ۽ جذب ڪري سگهندڙ سرحد، اتي همدرديءَ ڀريو رويو، سڀ سيڪڙو فلسطيني آبادي، ڇهن ڏينهن واري جنگ جي نتيجي ۾ ان جي ڪمزور ٿيل حڪومت، انهن سمورين ڳالهين جي آڌار تي عرفات اِهو ڪاٿو لڳايو ته اردن اڏامر ڪنٽولي واري سندس انقلاب، جي لهڻ (Landing) لاءِ بلڪل محفوظ ميدان، هوندو. (٣) ساڳئي وقت فدائين ان کي پنهنجي مزاحمت جو اهڙو ئي مرڪز بنائڻ واري حيثيت ۾ هئا، جهڙو ويتنامين هنوئي کي بنايو هو. فتح جي ڏنل انهيءَ خاطريءَ ڪانپوءِ ته فدائين مقامي سياست ۾ ڪابه مداخلت نه ڪندا، اختياريءَ وارن پاران اسرائيل خلاف فدائين جون ڪارروايون روڪڻ جو ڪوبه جواز نه هو. (۴) اِهو گهڻ ۾ گهڻ اصولي طور تي ٺيڪ هو پر عملي طور تي شاهه حسين پنهنجي ڌرتيءَ تي هڪ نئين فوج جي موجودگيءَ تي انتهائي ناخوش هو، پر ان جي حل لاءِ هو عملي قدم کڻڻ کان لاچار هو. ڪارامهه جنگ کان ٻه ڏينهن پوءِ، ان بادشاهه کي، جنهن فقط هڪ مهينو اڳ اِها ڌمڪي ڏني هئي ته هو گوريلن خلاف سخت ۽ پرعزم قدم کڻندو، تمام گهڻي بيدليءَ سان اِهو چوڻو پئجي ويو ته ’هاڻ اُهو وقت اچي ويو آهي جو اسان مان هر ڪنهن کي فدائين هڻڻ گهرجي.‘ (٥)

عرفات اردن کي پنهنجي گهر جيان محسوس ڪرڻ شروع ڪيو. فتح جي ٻين اڳواڻن سان گڏ عمان جي جبل حسين، علائقي جي هڪ فليٽ ۾ رهندي، هُن پنهنجي گروپ جي گوريلا اڏن جو معائنو ڪندي وقت گذارڻ شروع ڪيو. ساٿس گڏ ماڻهن جي بقول، اِها تمام گهڻ خرچ واري زندگي هئي. عرفات تمام گهڻ ننڊ ڪندو هو،

نہ سگريٽ چڪيندو هو ۽ نہ وري شراب پيئندو هو. پنهنجي چانهہ ۾ ماکي ملائڻ ۽ ڪارن فليڪس کي چانهہ ۾ ٻوڙڻ کان سواءِ هو ٻين شين جو ورلي ڪو استعمال ڪندو هو. اڪثر پنهنجن محافظن سان گڏ پچائيندو ۽ کائيندو رهندو هو. سخت جسماني ورزش کان سواءِ سندس اهم مصروفيت ڪلائينڊرڻ تي- وي ڪارٽون ڏسڻ ۽ ڪڏهن ڪڏهن پنگ پانگ راند کيڏڻ هئي. عرفات جيتوڻيڪ هاڻ پرڏيهہ جو سفر هڪ خانگي جهاز ۾ ۽ اردن اندر هڪ پِڪ اپ ٽرڪ ۾ پيو گهمندو هو، ٻين لفظن ۾ سندس معمول ڪنهن حد تائين بدلجي ويا هئا، پر هو پنهجي خواهشن کي مارڻ لاءِ پيو هڻ هٽان ڪندو هو.

١٩٦٨ع دوران فلسطيني مزاحمتي قوت اُن حد تائين وڌي وئي جو ان رياست اندر رياست وانگر عمل ڪرڻ شروع ڪيو. فتح جي فوجي ڪارروائين اردني سياسي سرگرمين ۽ فلسطيني پناهگيرن ۾ انتهائي جوش خروش پيدا ڪري ڇڏيو هو. عرفات جا پيروڪار اردني فوج ۾ داخل ٿي ويا، ڳچهہ ڳوهہ ۾ وچولي ۽ مٿئين سطح تي آفيسرن جي هڪ وڏي تعداد کي تنظيم لاءِ ڀرتي ڪيائون ۽ اردن ۾ موجود علائقي ۾ فوج جو پڻ جوڳو سهڪار حاصل ڪري ورتائون. فدائين ان ڳالهہ تي انتهائي خوش هئا تہ اُتي سندن عمل جي آزاديءَ تي گهٽ ۾ گهٽ ڪجهہ عرصي تائين ڪا پابندي نہ هئي. جيئن ڪجهہ سال پوءِ وزير ان کي ساريندي ٻڌائي ٿو: 'اسين مڪمل ادارو ۽ ننڍڙي رياست هئاسين، هر ڪو سيڪٽر ڪماندر، پنهنجو پاڻ کي خدا کان گهٽ نہ سمجهندو هو... هر ڪنهن پنهنجي جڻ ڏار رياست قائم ڪري ورتي هئي ۽ پنهنجي مرضيءَ آهر ئي سڀ ڪجهہ ٿي ڪيائين.' (٦)

پر اِهو دولاب هو. اردن ۾ عوامي بنيادن تي ايئن اُڀري اچڻ، گوريلن کي سڌوسنئون اهڙي ٽڪراءُ ڏانهن ڌڪڻ لاءِ ڪافي هو، جيڪو خود سندن تباهيءَ جو سبب بڻجي سگهيو پئي. هڪ مسئلو تيزيءَ سان اُڀريو پئي، اُهو هو فلسطيني حملن جي جواب ۾ اسرائيل جي ردعمل جو امڪان. اهڙو خطرناڪ حملو، جنهن جي امڪان ئي اردني ماٿريءَ واري سڄي علائقي ۾ جڻ راڪاس ڦيرائي ڇڏيو هو. سرحدن تان ڌڪجندڙ گوريلا ماضيءَ کان وڌيڪ پنهنجن ٺڪاڻن ۾ گُم ٿي ٿي ويا، جيڪي اولهائين اردن جي ترڪتن ۽ ٽڪرين وارن جبلن کان گاديءَ واري شهر جي پناهگير ڪئمپن ۽ اُتر وارن جهنگلن تائين پکڙيل هئا. ۽ جيئن ئي اسرائيل اها حڪمت عملي جوڙي، جنهن کي هو 'سرگرم پاڻ- بچاءُ' سڏي رهيا هئا، جنهن ۾ اردن اندر ڏور تائين هوائي ۽ زميني حملا شروع ڪيا تہ مقامي آباديءَ جي اُهنجن ۾ بہ تيزيءَ سان واڌ اچڻ لڳي.

اجان تائين وڏي ۾ وڏو مسئلو خود فدائين جو رويو هو. پنهنجو پاڻ کي قانون کان مٿيرو سمجهندي، هنن عام اردنين جي حساسيت يا سندن حڪومت لاءِ گهٽ

احترام جو مظاهرو ڪيو. ١٩٦٨ع کان ئي، خودرو گوريلا گروپن، عمان جي رهواسين کان بندوق جي زور تي چندا اوڳاڙڻ شروع ڪيا. ساڳي سال مئي ۾ ٿيل هڪ جهڙپ دوران، پندرهن هٿياربند فلسطينين پوليس هيڊ ڪوارٽرس تي حملي جي ڪوشش ڪئي، جتي سندن هڪ ساٿي گوريلي کان پڇا ڳاڇا ٿي رهي هئي. ٻنهي ڌرين ۾ ٿيل فائرنگ جي نتيجي ۾ چار پوليس وارا قتل ٿي پيا ۽ هڪ بيگناهه واٽهڙو مارجي ويو.

اِهي بي ضابطگيون اڃائين اُگرين حرڪتن جون علامتون هيون. اردن ۾ گوريلا گروپ، جهنگلي ولين وانگر وڌي رهيا هئا. هڪ مرحلي تي، حڪومت ننڍين وڏن ٻاونجاهه فلسطيني گروپن جي موجودگيءَ جي تصديق ڪئي. انهن مان ڪيترن وٽ تہ فقط آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ميمبر هئا، پر اُهي سمورا رڳو پنهنجو پاڻ يا انهن عرب رياستن آڏو جوابده هئا، جيڪي سندن مالي امداد ڪري رهيون هيون. انهن سمورن گروپن لاءِ هٿيار ۽ دولت هٿ ڪرڻ ڪو مسئلو نہ هو. (٧) ان جو نتيجو اهو نڪتو جو، فيبروري ١٩٦٩ع ۾ عرفات جي پي- ايل- او چيئرمين واري حيثيت سان چونڊ کان پوءِ بہ 'بندوقن جي جهنگ' واري تحريڪ تي سندس ڪنٽرول صفا معمولي هو. مختلف ڏسائن وارا گروپ، جن ۾ عرفات جو فتح گروپ پڻ شامل هو، اڃان تائين ناماچاري، ميمبرن جو تعداد وڌائڻ ۽ آمدنيءَ جا ذريعا پيدا ڪرڻ واري هڻ هٿان ۾ رُڌل هئا. ان ڪري چئو ائين ڪجي تہ اسرائيل خلاف ويڙهہ جي گڏيل مقصد کان سواءِ، هو اردن ۾ حڪمت عمليءَ جي تعين لاءِ ڪا هڪجهڙائي ۽ يڪراءِ پيدا نہ ڪري سگهيا.

هڪ انتها تي جارج حباش جي اڳواڻيءَ ۾ پي- ايف- ايل- پي هئي. ان اهڙي انقلاب جي ڳالهہ ٿي ڪئي، جيڪو نہ فقط فلسطين ۾ يهودين خلاف هو، پر 'رجعت پرست' عرب اڳواڻن ۽ خاص طور تي شاهہ حسين جي پاڙ پٽڻ لاءِ سرگرم هجي، جيڪو آمريڪا ۽ برطانيا جي ڪافي ويجهو هو، ۽ سندس متعلق اڳتي هلي اهو بہ ظاهر ٿيو تہ هو ١٩٥٧ع کان آمريڪي سي- آءِ- اي جو پگهاردار هو. ٻئي پاسي عرفات ۽ سندس فتح وارا ساٿي هئا، جن اصولي طور تي اردني سياست کان پري رهڻ پئي چاهيو. اردن تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش عرفات جي بقول، تحريڪ کي اهڙن انتظامي معاملن ۾ ڌڪي ڇڏيندي، جنهن لاءِ اُها قطعي طور تي تيار ناهي ۽ نہ وري وٽس ان لاءِ ڪي وسيلا آهن ۽ ان سان اندروني جهيڙن جا امڪان پڻ وڌي ويندا. فلسطينين لاءِ بهتر اِهو ٿيندو تہ هو پنهنجو بارود فقط اسرائيلي دشمنن لاءِ ئي محفوظ رکن. 'ڪنهن بہ صورتحال ۾ ڪابہ عرب رياست اسان کي پنهنجن مقصدن کان نہ تہ روڪي ٿي سگهي ۽ نہ ئي اسان کي غيراهم لڙائين ۾ ڌڪي ٿي سگهي.' ١٩٦٨ع ۾ فتح جي جاري ڪيل هڪ پڌرائي ۾ چيو ويو هو. 'اسان جون گوليون فقط دشمن کي چٽينديون، پر ساڳي وقت اسين ڪنهن

جي بہ ٽمڪي آڏو هٿيار ڦٽا نہ ڪنداسين' (٨) يا جيئن عرفات ساڳي سال ڪجھ وقت کان پوءِ چيو هو. 'هڪ وقت ۾ هڪ دشمن ئي ڪافي آهي' (٩)

عرفات ۽ سندس ڪابي ڏر وارن مخالفن وچ ۾ وڌندڙ چِٽاپيٽيءَ ڊرامائي صورت اختيار ڪئي. ڪارامھ جنگ، جنهن عرفات کي عرب دنيا ۾ چڱو مڙس بڻائي ڇڏيو هو، کان ڪجھ ئي مهينا پوءِ ١٩٦٨ع جي اونهاري ۾، پي- ايف- ايل- پيءَ اخباري سرخين ۾ اچڻ لاءِ پنهنجو روايتي طريقو استعمال ڪيو. ٢٣ جولاءِ تي پي- ايف- ايل- پيءَ جا ٽي هٿياربند جوڌا روم کان تل ابيب ويندڙ هڪ اسرائيلي جهاز El Al کي اغوا ڪري الجيرس وٺي ويا. هُنن اسرائيلي مسافرن ۽ جهاز جي عملي کي ڇڏڻ جي بدلي ۾ طور اسرائيلي جيلن ۾ موجود فلسطيني قيدين جي آزاديءَ جي گُهر ڪئي. اسرائيل بلڪل اهڙي قسم جو بيان جاري ڪيو، جهڙو اهڙن موقعن تي روايتي طور تي ڏنو ويندو آهي تہ دهشتگردن سان ڪنهن بہ قسم جون ڳالهيون نہ ڪيون وينديون. هڪ مهيني کان بہ وڌيڪ عرصو غور ويچار ڪرڻ کانپوءِ الجزائر جهاز، آخري مسافرن ۽ عملي کي آجو ڪري ڇڏيو. بہ ڏينهن پوءِ، اسرائيل بہ انهن سورهن سزا يافتا قيدين کي آزاد ڪيو جيڪي ١٩٦٧ع واري جنگ کان اڳ جيلن ۾ واڙيا ويا هئا. اِها پي- ايف- ايل- پيءَ جي بين الاقوامي سطح تي دهشتگرد ڪاررواين جي سلسلي جي پهرين ڪڙي هئي، جنهن فلسطيني مزاحمت بابت عوامي راءِ عامہ کي هڪ نئون انداز ڏنو ۽ سڌوسنئون دشمن جا هٿ مضبوط ڪيائين.

شاھہ حسين مٿن ڪارروائي ڪرڻ لاءِ شديد دٻاءُ هيٺ هو. ان لاءِ سڀ کان وڌيڪ زور سندس وفادار بدو فوجين پاران هو. جيئن جيئن انهن فوجي يونٽن جون فدائين سان جهڙپون ٿينديون هيون، تيئن تيئن انهن آفيسرن ۽ سپاهين لاءِ اهو سمجهڻ انتهائي ڏکيو ٿي پئي ويو تہ بادشاھہ سندن خلاف پنهنجا اختيار استعمال ڪرڻ کان ڪيٻائي ڇو پيو. نہ وري هو موڪلن دوران پنهنجي مايوسين کان بچي سگهندا هئا. پنهنجن ڳوٺن ۽ شهرن ۾ اِهي سپاهي اڪثر پنهنجو پاڻ کي فلسطيني هٿياربندن هٿان بيعزتو ٿيندي ۽ پنهنجا هٿيار ڦُرائيندي ڏسندا هئا. ان مان فلسطيني شايد اِهو ثابت ڪرڻ چاهيندا هجن تہ هن ڌرتيءَ تي اصل قوت هو آهن.

'فوج شهر کان ٻاهر رهندي هئي، پر سپاهي موڪلن تي ويندا هئا ۽ شهرن ۾ هٿيار کڻي هلڻ کان معذور هئا. هو انتهائي تاءُ جو شڪار هئا.' اردني شاهي درٻار جو سربراھہ زيدالرفائي ٻڌائي ٿو. 'هڪ واقعي ۾ فدائين هڪ سپاهيءَ کي ماري وڌو، سندس سِسي ڌڙ کان ڌار ڪري ان سان ڪينهوڙي وانگر ان علائقي ۾ کيڏيو ويو جتان جو هو رهاڪو هو. سپاهين کي اِهي خبرون بہ ملنديون رهيون تہ سندن ڪٽنبن تي حملا پيا ٿين. تنهن ڪري فوج ۾ شديد تاءُ هو.' (١٠)

اِهو ظاهر هو تہ موٻي ۽ وهمي شاھہ حسين، جنهن کي پنهنجي تخت وڃائڻ جو

ٻڌ هو. اردن ۾ پنهنجي آڏو فلسطيني قوت کي گهڻي عرصي تائين برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو. ١٩۴٨ع ۾ اسرائيل جي قيام کان وٺي سندس ڪٽنب دعويٰ ڪندو پئي رهيو تہ فلسطين جو باقي بچيل سڀ ڪجهہ سندن ئي آهي ۽ هُن پنهنجي ڏاڏي وانگر پنهنجين دعوائن جي ڏس ۾ اسرائيل سان ڳجها ناتا پڻ جوڙيا هئا. عرفات واري قومپرست تحريڪ جي واڌ سندس ١٩٦٧ع واري جنگ ۾ اسرائيلي قبضي هيٺ آيل علائقن جي واپسي ۽ اڪيلي هلي هاشمي راڄ جي تسلسل لاءِ شديد خطرو بڻجي رهي هئي.

اِهو ئي نقطو هو جنهن ١٩٦٩ع دوران شاهہ حسين ۽ عرفات وچ ۾ ٽوڙ ڦوڙ پيدا ڪئي. حسين اٽڪَيا ڀيرا پنهنجي حڪومت ۽ فوجي هاءِ ڪمان ۾ تبديليون آڻي، پنهنجي چائنٺ تائين پهتل مُنجهيل سياسي صورتحال مان جان ڇڏرائڻ جي ڪوشش ڪئي. پنهنجي تحريڪ کي قائم رکڻ لاءِ پتوڙيندڙ ۽ اونهاري ۾ هڪ پارسل بم ذريعي کيس مارڻ جي ڪوشش ڪانپوءِ هيسيل عرفات حڪومت سان اينگهائيندڙ ڳالهيون شروع ڪيون. بنهي ڄڻن ۾ ڪنهن فيصلي تائين نہ رسڻ واري هٺ ڌرميءَ کان سواءِ ڪابہ هم آهنگي نہ هئي. حسين پاران تحريڪ تي ڪجهہ ضابطا مڙهي پنهنجي رسمي ڪمان ۾ آڻڻ جي هدايتن آڏو عرفات روايتي ٽال مٽول کان ڪم وٺڻ شروع ڪيو. هو نہ رڳو پي- ايل- او جي ميمبر گوريلا گروپن جي ٽوڙڦوڙ واري صورتحال ۾ قاٽل هو پر پنهجي روايتي فريبڪاريءَ کان پڻ ڪم وٺي رهيو هو.

فلسطينين ۾ سگهہ تڪبر پيدا ڪيو. فدائين پنهنجي ڏار پوليس ۽ ڪورٽون هلائيندا هئا. هو اوچتو رستا بند ڪري ڇڏيندا هئا ۽ پنهنجين فوجي گاڏين ۾ عمان جي چوڌاري جابلو قطارن ۾ پيا گشت ڪندا هئا. فلسطيني جٿا پنهنجين اندروني رنجشن جا فيصلا ٻاهر گهٽين ۽ رستن ۾ پيا ڪندا هئا. آهستي آهستي قانون جي حڪمراني، بندوق جي حڪمراني آڏو جهڪندي وئي. معمولي نُڪين ۽ ڏوهن جا واقعا جيئن پوءِ تيئن وڌندا ويا. دڪاندارن کان هٿيارن جي زور تي چندو اوڳاڙيو ويندو هو. حباش جي ڪابيءَ ڌر واري پي- ايف- ايل- پيءَ کان وٺي معمولي ريڊيڪل گروپن تائين سمورا گاديءَ واري شهر جي ڀتين تي مائوسٽ نعرا لکي ويندا هئا. مسجدن جي لائوڊ اسپيڪرن تان مارڪس جي تعليم جو پرچار ڪيو ويندو هو ۽ مقامي مزدور يونين سان لهہ وچڙ ۾ اچي بدامني ڦهلائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويندي هئي. يورپي نيو ليفٽ جو هڪ ننڍڙو ٽولو، جن مان ڪن جي فوجي تربيت پڻ ورتل هئي ۽ اولهہ جرمنيءَ ۾ ڪجهہ دهشتگرد ڪارروائين ۾ پڻ شامل هئا، پناهگير ڪئمپن ۾ رهڻ لڳا. 'سمورا اختيار مزاحمت لاءِ' وارو رجحان مستقل مزاجيءَ سا موجود رهيو.

فتح ۾ عرفات جا ڪيترائي ساٿي هاڻ ان نقطهءِ نظر جا هئا تہ مزاحمت کي

اردن ۾ اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ ڪم ڪرڻ گهرجي. ابوداؤد، جيڪو عمان جي وحدت پناهگير ڪئمپ واري هڪ اڌي تان پندرهن هزار فلسطيني سپاهين جي سگهاري دستي جي ڪمان ڪري رهيو هو، فتح جي انهن ڪيترن ئي اڳواڻن مان هڪ هو، جيڪي ١٩٦٩ع دوران ان تي زور ڀري رهيا هئا. 'فيبروري ١٩٧٠ع تائين جيڪڏهن اسين چاهيون ها ته حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ اسان لاءِ ڪو ڏکيو نه هو.' هو ٻڌائي ٿو. (١١) صلاح خلف ڏڪارو ٿيندي ان صورتحال تي هيئن ٿو تبصرو ڪري: 'اسانجو مسئلو فقط اِهو هو ته اردني حڪومت وٽ فقط هڪ راءِ هئي جڏهن ته اسان وٽ گهڻ ۾ گهڻ ٻارهن.' (١٢)

تازو ئي چاليهن ورهين جو ٿيل عرفات، پنهنجي حقيقي اختيارن جي پهرين آزمائش مان لنگهي رهيو هو. هُن پنهنجن حمايتين تي متنازعہ پابنديون مڙهي پنهنجي حيثيت ٻہ گهٽائڻ نہ ٿي چاهي. هو رياستي معاملن ۾ پڻ ناتجربيڪار هو، جنهن ڪري اردني صورتحال کي پروڙي نہ سگهيو. جيئن ڪيترائي فلسطيني اڳواڻ اڄ اِهو اعتراف ڪندي ڪيهائين نٿا ته هُن اردني سرگرم ڪارڪنن سان لاڳاپا قائم ڪرڻ تي جوڳو ڌيان نہ ڏنو هو، جيڪي ڪيسن خطري کان باخبر ڪرڻ يا ياچ وقت فدائين کي محفوظ اجهو پڻ ڏئي پئي سگهيا. 'عرفات ۽ سندس ساٿين کي اردني سياست جي پيچيدگين جي ڪابہ جاڻ نہ هئي، هُن اِهو پئي سمجهيو تہ اردن جي سياسي تحريڪ ٻڌڻ سندن لاءِ ڪو سولو ڪم هوندو.' اردن جي مخالف ڌر جو اڳواڻ ڊاڪٽر جمال شاعر ٻڌائي ٿو، 'خود عرفات کي ٿانيڪن سياستڪارن کان سخت چڙ هئي، جيڪي ١٩٦٧ع کان اڳ ئي اُلهندي ڪناري ۾ چڱي خاصي عزت ماڻي چڪا هئا ۽ جيڪي موجود سرشتي جو حصو ٻڌجي ويا هئا. هو ڪين هڪ طرح سان پنهنجو رقيب سمجهندو هو. هو ٻاهرين ماڻهن کي ٻڌڻ بدران انهن جي ڳالهين تي ڪن ڌريندو هو جيڪي سندس ئي ڪلهن تي سوار ٿي اهم حيثيت تائين پهتا هئا.' (١٣)

اِها سندس هڪ لڪيل وصف هئي، جيڪا عرفات شايد انڊرگرائونڊ گوريلا اڳواڻ طور حاصل ڪئي هجي. پي- ايل- او ۾ موجود ماڻهو جيستائين پنهنجو ذهن ٻوڙائي سگهن ٿا ته هو سدائين اهڙن غرضمند صلاحڪارن جي فوج ۾ ئي گهيريل رهندو آهي، جيڪي ڪيس معروضي صورتحال کان آگاهہ ڪرڻ بدران اُهو ڪجهہ ٻڌائڻ لاءِ اڳيرا هوندا هئا جيڪي ڪجهہ هو ٻڌڻ چاهيندو هو. هُن سدائين حالتن آهر بدلجندڙ ۽ مخلص چڱو مڙس رهڻ جي پڻ ڪوشش پئي ڪئي آهي. پنهنجن ساٿين ۾ جاتي ٻجهي مخالفت وڌائڻ لاءِ هو اڪثر ترجيحن کان ڪم پيو وٺندو هو.

سڀ کان وڌيڪ عرفات جو واقعن بابت ادراڪ جو مسئلو هو. ڪيس ان ڳالهہ تي سولائي سان ويساهہ نہ پئي آيو تہ حسين فدائين کي شڪست ڏيڻ جو اهل آهي.

جيڪڏهن شاهہ پنهنجين فوجن کي ميدان ۾ لاٿو تہ، هُن تن ڏينهن ۾ سوچيو هو:
ان جي فلسطيني برگيڊ يقينا بغاوت ڪندي، ۽ جيڪڏهن مزاحمت لاءِ ڪو سنجيده خطرو پيدا ٿئي تہ پاڙيسري عرب ملڪ خاص طور تي عراقي فوجي دوپزن، جيڪا اردن ۾ پنهنجي موجودگيءَ کي سگهارو بڻائي رهي هئي، هڪدم مدد لاءِ ايندي. سندس ذهن ۾ عرب ملڪن جي امڪاني مدد جو آسرو ان ڪري بہ پختو هو جو، شاهہ حسين ۽ سندس پاڙيسري ملڪن تي راڄ ڪندڙ ريڊيڪل حڪومتن وچ ۾ شديد اٿبٽ موجود هئي.

١٩٦٩ع جي آخر ڏاري، آمريڪي سهڪار سان ٿيندڙ وچ اوڀر امن ڪاوشن سبب اردن ۾ سياسي زور شور وڌي ويو. ڊسمبر ۾ آمريڪي پرڏيهي سيڪريٽري وليم راجرس امن ٺاهہ بابت پنهنجي هڪ رٿ سامهون آندي. ان ۾ هڪ پاسي اسرائيل هو تہ ٻئي پاسي مصر ۽ اردن هئا. ان ۾ فلسطينين جي ڌار رياست واري ڳُهر جو ذڪر ئي نہ هو. جڏهن تہ ٽنهي ڌرين تي 'سندن ڌرتيءَ تان ٿيندڙ دشمني ڀرين ڪارروايون' کي ٻنجو ڏيڻ لاءِ زور ڀريل هو. (١۴) ان فدائين ۽ سندن حمايتين پاران احتجاج جو هڪ نئون سلسلو شروع ڪري ڏنو.

عرفات جي نظر ۾ انهيءَ نام نهاد راجرس پلان اِهو ڊپ پيدا ڪيو تہ ڪٿي شاهہ حسين پي- ايل- او جي قيمت تي اسرائيل سان پنهنجن وڃايل علائقن کي ٻيهر حاصل ڪرڻ لاءِ ڪو ٺاهہ نہ ڪري وجهي. ان ريت مزاحمت ۽ اردني حڪومت وچ ۾ ناتن هڪ انتهائي خراب انداز اختيار ڪيو.

اصل ڌماڪو ٻہ مهينا پوءِ ٿيو. ١٠ فيبروري ١٩٧٠ع تي شاهہ حسين اوچتو ملڪ تي پنهنجو اختيار سگهارو بڻائڻ لاءِ ٻارهن نڪاتي پروگرام پڌرو ڪيو. جنهن ۾ فدائين تي ڪيترين ئي پابنديون مڙهيون ويون هيون. آتشي هٿيارن ۽ گولي بارود جو استعمال، انهن کي کڻي هلڻ يا گڏ ڪرڻ تي پابندي مڙهي وئي. مظاهرا، پارٽيءَ جي آڌار تي سياسي سرگرميون ۽ پمفليٽ بازي غيرقانوني ٺهجي وئي. گوريلن تي پنهنجا سڃاڻپ ڪارڊ ۽ گاڏين جا ڪاغذ گڏ کڻي هلڻ کي لازمي بڻايو ويو. ڪاوڙ ۾ ڦونديل فدائين اڳواڻن انهيءَ حڪم نامي کي گهرو لڙائي ڀڙڪائڻ لاءِ ذميوار سڏيو. هُنن گهر ڪئي تہ حڪومت ان کي رد ڪري، شهرن مان فوج کي واپس گهرائي ۽ گوريلن کي عمل جي مڪمل آزادي ڏي. هُنن مظاهرا ۽ احتجج ڪيا، پر حسين جي انهيءَ قدم مزاحمت کي توائي ڪري ڇڏيو هو. عرفات تن ڏينهن ۾ اردن کان ٻاهر هو. هو سوويت اڳواڻن سان ملاقات لاءِ ماسڪو ويل هو. جيڪي هاڻ عربن ۾ پنهنجا دوست پيدا ڪرڻ لاءِ پي- ايل- او سان ناتا وڌائڻ جا خواهشمند هئا، ۽ اُتي هو ناقابل بيان سببن ڪري، وڌيڪ ترسيو ۽ اردن ۾ صورتحال جيئن پوءِ تيئن خراب ٿيندي وئي. عرفات جي ڪيريئر ۾ اِهو ڪو آخري موقعو نہ هو، جڏهن هُن پنهنجي سر اوليت کي طئي ڪيو هجي. هاڻ پنهنجي تحريڪي تجربي

جي آڏار تي عالمي سفارتڪاري سڪي ويل عرفات، اڪثر پنهنجي گهر ۾ گهوٽالي جي خاتمي لاءِ پتوڙڻ بدران سفارتي سرگرمين تي وڌيڪ ڌيان ڏيندي نظر ايندو آهي.

جيئن ئي اردني اختياريءَ وارن قانون تي عمل ڪرائڻ شروع ڪيو تہ فلسطيني گوريلن ۽ پوليس ۾ چڪريون شروع ٿي ويون. تن ڏينهن تائين هلندڙ جهڙپن ۾ ڪيترائي ماڻهو مارجي ويا ۽ ڦٽجي پيا، انهن ۾ اڪثريت فلسطينين جي هئي. دباءُ وجهڻ لاءِ، اختياريءَ وارن فلسطيني پناهگير ڪئمپن ڏانهن پاڻي ۽ بجلي جي فراهمي ڪٽي ڇڏي. مزاحمت، جيڪا عرفات جي غيرموجودگيءَ ۾ اڳي کان وڌيڪ ورهايل هئي، 'ڪڏيل قيادت، لاءِ ٿيل ڪيترين ئي ڪوششن جي باوجود سگهاري ويڙهہ واري حيثيت ۾ نہ هئي. مايوسيءَ جي حالت ۾ پي- ايل- او جي باقي اڳواڻن عراق ۽ شام کي مدد لاءِ اپيلون ڪيون، انهن ٻني حڪومتن پاران زباني دمڪيون ڏيڻ ڪانپوءِ ئي اردني حڪومت پنهنجون ڪارروايون بند ڪيون.

۱۴ فيبروريءَ تي شاهہ حسين اِهو چوندي پنهنجا متنازعہ قدم واپس ورتا تہ اِهو سڀ ڪجهہ 'غلط فهميءَ' جو نتيجو هو، ۽ اردن فلسطيني مزاحمت لاءِ مرڪز واري حيثيت ئي رهندو. هڪ هفتو پوءِ ماسڪو کان موٽندڙ عرفات، شاهہ حسين سان ملاقات ڪئي ۽ ان گهوٽالي جي رسمي خاتمي بابت ٺاهہ تي صحيحون ڪيائين. ان جي ۲۴ ڪلاڪن اندر فدائين مخالف حڪمنامو جاري ڪندڙ اردن جي گهرو معاملن واري سخت گير وزير محمد رسول الڪيلانيءَ پنهنجي عهدي تان استعفيٰ ڏئي ڇڏي. (۱۵)

فدائين، شاهہ حسين جي حڪومت تي حرفتي سوڀن جي سلسلي جي پهرين ڪڙي ماڻي ورتي هئي. ضرورت مهل پنهنجي غيرحاضريءَ سبب پنهنجي حامين جي ڏمر جو نشانو بڻجندڙ عرفات، پنهنجي وڃايل حيثيت ٻيهر ماڻڻ لاءِ حڪومت کان وڌيڪ رعايتون حاصل ڪرڻ بابت ڳالهيون شروع ڪيون. بهار جي سڄي مُند دؤران هلندڙ ڳالهين مان ظاهر ٿيڻ لڳو تہ شاهہ حسين پنهنجي طريقہءِ ڪار آهر مطالبا مڃي رهيو آهي. اپريل ۾ هُن پنهنجي ڪابينا نئين سر جوڙي ۽ ڪارامهہ جنگ دوران عرفات جو دوست بڻجندڙ ماشوالحديثہ کي فوجي سربراهہ مقرر ڪيائين- مزاحمت لاءِ اِهو چڱو سوڻ هو. حديثہ سرگرم ٿياڪڙ هو، جيڪو اڪثر عرفات کي پنهنجي فاڪس ويگن ۾ شاهہ حسين سان ملاقات لاءِ پيو وٺيو ويندو هو، تہ ٻئي پاسي شاهہ کي وڌيڪ جهيڙي جهڻي کان پاسو ڪرڻ لاءِ پيو ايلاز ڪندو هو. (۱٦)

پر اِهي ڪاميابيون مڪمل طور تي غيرجٽادار هيون، جن فدائين ۾ اِهو گهمنڊ پيدا ڪيو هو تہ هاڻ صورتحال سندن ئي ڪنٽرول ۾ آهي. فوج ۽ گوريلن ۾ جهڙپون جاري رهيون ۽ اِهو پڻ مشاهدي ۾ آيو تہ عرفات پنهنجن پيروڪارن کي ان

کان روڪڻ جي پوزيشن ۾ نہ هو ۽ نہ وري هُن ڪين روڪڻ چاهيو بہ تي- جيتوڻيڪ هُن پنهنجي سرواڻيءَ ۾ فلسطيني جٿن کي متحد ڪرڻ لاءِ قدم تہ کنيا هئا پر هو اِهو سوچي نہ پئي سگهيو تہ اِها ذميواري ڪيتري اهم ۽ هڪدم پورائي جي گُهرجائو آهي.

'اسين جيڪي قيادت ۾ هئاسين، تن ڪڏهن بہ اِهو نہ سوچيو هو تہ ٽڪراءُ اٽتر آهي.' انتهائي ذهين وڪيل ابراهيم بڪر، جيڪو ١٩٦٩ع ۾ پي- ايل- او جي پهرين ۽ آخري ڊپٽي چيئرمين طور عرفات جو ساٿي هو، ٻڌائي ٿو 'حڪومت کي اندروني ۽ ٻاهرين عرب دنيا پاران فدائين خلاف ڪابہ ڪارروائي نہ ڪرڻ لاءِ تمام گهڻو دٻاءُ هو. پر قيادت ان پسپائي کي سندس ڪمزوري سمجهيو. هو ان خوشفهميءَ جو شڪار هئا تہ حڪومت ڪين فوجي شڪست ڏيڻ جي اهل ناهي. فلسطيني قيادت سدائين اِهو سمجهندي رهي تہ اُها حڪومت جي پيٽ ۾ وڏيڪ فوجي ۽ عوامي حيثيت جي مالڪ آهي. ۽ اِهو هر لحاظ کان غلط هو.' (١٧)

اڄ ڏينهن تائين عرفات اردن ۾ ڪيل غلطين کي مڃڻ لاءِ تيار ناهي، 'فتح ۽ منهنجي ڪابہ غلطي نہ هئي.' هو ٻڌائي ٿو: 'غلطيون انهن گروپن ڪيون جن مسجدن تي مارڪسي بينر ٻڌا هئا.' (١٨) تنهن هوندي بہ حقيقت اِها آهي تہ ان صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ حڪمت عمليءَ ۾ خود سندس گروپ جي مونجهاري ان مسئلي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

'فتح کي اها خبر نہ هئي تہ ڪيس ڇا ڪرڻ گهرجي.' اردن ۾ موجود هڪ گوريلا ويڙهو ياسر عبدالربہ جيڪو اڄڪلهہ هلي ڪابي ڏر جي 'فلسطين جي آزاديءَ لاءِ جمهوري محاذ، (D.F.L.P) جو نائب سربراهہ ٿيو، چوي ٿو 'ڪين اِها بہ خبر نہ هئي تہ حڪومت سان ويڙهہ ڪرڻ گهرجي بہ يا نہ. هو اِهو بہ فيصلو نہ ڪري سگهيا هئا تہ ڪين بادشاهہ آڏو مقامي مسئلا پيش ڪري، انهن کي حل ڪرائڻ لاءِ دٻاءُ وجهڻ گهرجي يا نہ. هُن وٽ ان تي بہ ڪا هڪ راءِ نہ هئي تہ ڪين مقامي سياست ۾ حصو وٺڻ گهرجي يا نہ. اِها انتهائي خراب صورتحال هئي ڇاڪاڻ جو هو مڪمل طور تي پڌتر جو شڪار هئا. اِهو وڏيڪ بهتر آهي تہ توهين ڪا غلط چونڊ ڪريو، پوءِ ان تي مستقل مزاجيءَ ۽ ثابت قدميءَ سان بيهي رهو. ۽ اسان پنهنجي هٿ ۾ آيل راند جو سوپارو پاسو حڪومت کي ترڙيءَ تي سجائي ڏئي ڇڏيو.' (١٩)

اِها ڇڪتاڻ ان وقت انتها تي پهچي وئي جڏهن ستين جون تي اردني فوج جي هيڊڪوارٽر واري هنڌ ۽ فلسطيني پناهگيرن جي هڪ وڏي ڪئمپ واري شهر زرقا ۾ ويڙهہ ڦاٽ ڪاڻو ۽ اِها سگهوئي عمان تائين پکڙجي وئي. ٩ جون تي سرڪاري فوجن جي گاڏيءَ واري شهر ڏانهن پيش قدميءَ مهل، شاهہ حسين ان وقت ذري گهٽ موت جي مُنهن کان بچي ويو، جڏهن سندس ڪارن جي قافلي کي شهر کان ڪجهہ

ٻاهر نشانو بڻايو ويو. (٢٠) هڪ ڀيرو ٻيهر عرفات ۽ حسين پنهنجو پاڻ کي ڳالهين واري ميز تي ڏٺو پر جنگبنديءَ واري ٺاهه کي پي- ايل- او جي ريڊيڪل گروپن ٽوڙي ڇڏيو. باهه کي اجائين وڌيڪ مچائڻ لاءِ پي- ايف- ايل- پي شهر جي ٻن ڏورانهن هوٽلن ۾ اولهه جي ٦٨ رهواسين کي انيتاليهن ڪلاڪن تائين يرغمال بڻائي رکيو. حسين وڌيڪ رعايتون ڏيڻ تي مجبور ٿيو. يارهين جون تي هُن پنهنجن ٻن ويجهن مائٽن جي فوج جي اهم عهدن تان استعفيٰ جو اعلان ڪيو. انهن ۾ سندس چاچو شرف نصير بن جميل ۽ سؤٽ زيد بن شاڪر (جنهن جي پيڻ کي فلسطينين هڪ مهيني تائين هلندڙ جهڙپن دوران ماري وڌو هو، شامل هئا. شاهه حسين لاءِ اهو توهين ڀريو مقام هو. اِن نه رڳو رياستي معاملا هلائڻ واري سندس انداز جي پت وائکي ڪئي، پر سندس ڪٽنب جي انهن ٿنڀن کي جڻ ثبوتن سان خوار ڪيو. جيڪي فوج ۾ انتهائي مقبول هئا.

ايندڙ هفتن ۾، شاهه فلسطينين کي وڌيڪ خوش ڪرڻ لاءِ، سندن اڳواڻن کي جون جي آخر ۾ جڙندڙ ڪابينا لاءِ وزير نامزد ڪرڻ جي دعوت ڏني. عرفات جي بقول هُن خود پي- ايل- او کي پنهنجي سر حڪومت ٺاهڻ لاءِ پڻ چيو هو. عرفات کيس کُتو جواب ڏيندي چيو هو. 'اسين اقتدار جا بکيا ناهيون. مون ڪنهن ٻئي عرب ملڪ تي راڄ ڪرڻ بدران سدائين يروشلم پهچڻ جا ئي سپنا ڏٺا آهن.' (٢١)

جيڪڏهن عرفات جي اِها دعويٰ درست آهي ته به شاهه حسين جي اِها آچ حقيقي نٿي لڳي. فدائين هٿان به شڪستون کائيندڙ شاهه حسين پنهنجي اقتدار ۾ هڪ وڌيڪ ڏار ڪيئن ٿي برداشت ڪري سگهيو. سندس اِهو قدم اُن بين الاقوامي بيچينيءَ سبب کنيل ٿي پئي سگهيو. جيڪا اردني معاملن سبب پکڙجي رهي هئي. اسرائيل کي ان ڳڻتي کان ٻاهر رهڻ گهرجي ۽ فدائين پل اقتدار تي قبضو ڪري وٺن پر اڪثريت جو نقطهءِ نظر ان کان قطعي مختلف هو: سندن خيال موجب هاشمي تخت کي جيڪڏهن ڪو سنجيده خطرو آهي ته پوءِ اسرائيل کي مداخلت ڪرڻ گهرجي. (٢٢) جهڙي ريت اهي ڳالهيون عرفات لاءِ به سوڻ جيان هيون، ساڳي ريت شاهه حسين کي درپيش مشڪلاتن واشنگٽن جو پڻ ڌيان ڇڪرايو. آمريڪي ڪجهه وقت کان فلسطينين جي وڌندڙ قوت کان پريشان هئا. اتان جي پرڏيهي کاتي جي عملدارن کي ان جو ذاتي تجربو پڻ هو، جڏهن ساڳي سال جي شروع ۾ ماٿريءَ ۾ موجود فلسطيني گوريلن پاران امڪاني حملي جي پو کان آمريڪي عملدارن جي اردني نديءَ مٿان هڪ هيليڪاپٽر واري اڏام منسوخ ڪئي وئي هئي. آمريڪي صدر نڪسن جي قومي سلامتيءَ بابت صلاحڪار هينري ڪسنجر جي نظر ۾، جيڪو ' لاچار بادشاهه' کي ذاتي دوست سڏيندو آهي، شام ۽ عراق جي سوويت حمايتي ۽ ريڊيڪل حڪومتن جي پٺڀرائي حاصل فدائين، اردن ۾ موجود آمريڪي مفادن لاءِ انتهائي خطري جو سبب هئا. ڪسنجر

جي لفظن ۾ فدائين خلاف اونهاري ۾ جوکو قدم کڻڻ لاءِ شاهه حسين کي تيار ڪرڻ سپرپاور لاءِ هڪ آزمائشي مهم جوئي هئي. (٢٣)

انتهائي خاموشيءَ سان سوچيل سمجهيل انداز ۾ حسين خراب ترين صورتحال لاءِ تياري شروع ڪري ڏني. هُن سينيئر فوجي عملدارن جون پنهنجي ڪمان هيٺ نئين سر مقرريون ڪيون ۽ فوج جون موڪلون ملتوي ڪري ڇڏيائين. هر قسم جي وفاداريءَ جي پڪ لاءِ فوجي بيرڪن ۾ فدائين خلاف منظم پروپيگنڊا شروع ڪئي وئي ۽ خصوصي فوجي يونٽن فلسطيني گوريلن جو روپ ڌاري ڪجهه ڪارروايون پڻ ڪيون. بي ربط ڳالهيون، ١٩٧٠ع وارو سڄو اونهارو جاري رهيون، پر جڏهن حسين جي عمل جو وقت آيو ته فدائين کي به اِهو احساس ٿيڻ لڳو ته سندن غلطين سبب ڪوبه سندن مدد لاءِ تيار ناهي.

سڀ کان وڏو زيان صدر ناصر جي هڪ پاسي ٿي وڃڻ سان پهتو. هن سالن کان به وڌيڪ عرصو، هن فلسطينين جي دوست ۽ سندن پرگهور لهندڙ طور ڪم ڪيو. عرفات جي پي- ايل- او جو چيئرمين ٿيڻ ۾ مدد ڪيائين. سندس تحريڪ کي وڏيون رقمون ڏنائين، ٽين دنيا ۽ سوشلسٽ دنيا جي اهم ملڪن تي کين تسليم ڪرڻ لاءِ زور پريائين. پر هاڻ هو بيماريءَ سبب ٿڪجي پيو هو ۽ عرب اسرائيل جنگين جي سلسلي مان، جنهن ۾ سندس ملڪ سندس دور جو تقريباً سمورو عرصو رُڌل رهيو هو، ساهه کڻڻ جي وٿيءَ تان نهاري رهيو هو. ان جو نتيجو فلسطيني قيادت سان سندس ناتن ۾ ڳنڍيون اچڻ جي صورت ۾ ظاهر ٿيو. فلسطيني قيادت سياسي ناهه لاءِ هر قسم جي ڳالهين جي مخالفت ڪري رهي هئي.

٢٣ جولاءِ ١٩٧٠ع تي ناصر غيرمتوقع طور تي وچ اوڀر لاءِ نظرثاني ڪيل آمريڪي امن منصوبي کي قبول ڪري ورتو. سندس انهيءَ قدم اردن ۾ موجود مزاحمتي گروپن پاران احتجاجن جي هڪ سلسلي کي شروع ڪري ڏنو. ايستائين جو عرفات جي فتح گروپ پڻ، جيڪو ناصر سان سٺا ناتا رکڻ جو خواهشمند هو، نالو وٺي ناصر تي جُلهون ڪيون ۽ هڪ ريڊيو نشريي ۾ 'ڪو سياسي حل مڙهڻ جي ڪوشش کي گولين سان پَرِڻُ ڪرڻ' جي ڌمڪي ڏني وئي. (٢٤) سڀ کان وڌيڪ توهين پري ڳالهه اِها ته عمان جي گهٽين ۾ مظاهرو ڪندڙ فلسطينين صدر ناصر جي هڪ تصوير کي گڏهه تي گشت ڪرايو.

ڪاوڙ ۾ پرجي ويل ناصر قاهره ۾ پي- ايل- او جي ريڊيو اسٽيشن بند ڪري ڇڏي ۽ ريڊيڪل سرگرم ڪارڪنن کي ملڪ مان نڪرڻ جو حُڪم ڏنائين. عمان ۾ موجود عرفات، ان نتيجي تي پهتو ته سندس تحريڪ پنهنجي پيرن تي پاڻ ڪهاڙو هڻي چڪي هئي- ۽ آگسٽ ۾ هو هڪ اعليٰ سطحي فلسطيني وفد جي قيادت ڪندي ڀيهر ڪنهن عزت پرڻي ناهه لاءِ قاهره پهتو. اسڪندريا جي ٻاهران پنهنجي موڪلن واري رهائشگاهه ۾ فلسطيني وفد جو آدر ڀاءُ ڪرڻ وقت

بہ ناصر تمام گهڻو ڪاوڙيل هو. هُن ڪين ٻڌايو تہ هو پنهنجي احساسن کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ هڪ ڪلاڪ کان وڌ وڌ ساهہ کڻي پنهنجي چت ڏوڏي رهيو آهي. (٢٥) اِها ٻڌڻي ۽ صبر آزما گڏجاڻي هئي. ستن ڪلاڪن تائين ناصر، عرفات ۽ سندس ساٿين اُڌو پنهنجي پوزيشن واضح ڪرڻ ۽ شاهہ حسين جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ جي اُگرن نتيجن کان واقف ڪندو رهيو. 'آءٌ فوجي ماڻهو آهيان.' هُن چيو، 'مون اُڌو مزاحمت جون سورهيائپ ڀريون ڳالهيون نہ ڪريو. آءٌ حسين جي موجودگيءَ جي حق ۾ آهيان- آءٌ توهان کان توهان جا راز نٿو پڇان، پر هڪ ڳالهہ ضرور چوڻ ٿو چاهيان تہ انهيءَ هوڏ تان لهي وڃو.' (٢٦)

آگسٽ جي آخر ۾، حسين هيڙي سير ۾ لاٿي. قاهره جي ٽن ڏينهن واري دوري تان موٽي، هُن فدائين کي چتاءُ ڏنو تہ، هو 'پنهنجي مڪمل خودمختياري' لاءِ ڪو بہ چئلينج برداشت نہ ڪندو. انهيءَ ڌمڪي روبن رستن تي چڪتاڻ کي اچائين تيز ڪري ڇڏيو ۽ فوج سان ٽڪراءُ ۾ اضافي سميت شاهہ تي هڪ وڌيڪ قاتلاڻو حملو ٿيو. شاهہ حسين جي آمريڪي امن منصوبي سان سهڪار ڪرڻ خلاف فلسطينين هڪ عام هڙتال جو سڏ ڏنو پر اردن ۾ موجود سندن دشمن هاڻي چڱي ريت پروڙي ويا هئا تہ مزاحمتي تحريڪ خلاف ڏمر تي ڪجهہ عربن جا رڳو ڳوڙها ئي وهندا. سرڪاري هٿياربندن جيئن ئي پي- ايل- او جي هيڊڪوارٽرس تي حملو ڪيو تہ عرفات اوڏي مهل ئي عرب سربراهن کي هڪدم مداخلت ڪرڻ جي اپيل ڪئي. سيپٽمبر جي شروعات ۾ بغداد جو دورو ڪرڻ مهل ڪيس اردن ۾ موجود عراقي ٻورين پاران حفاظت ڪرڻ جي خاطري ڏني وئي هئي ۽ ڪيس سندن (عراقي) اسٽورن مان پنهنجي گهرج ۽ مرضيءَ آهر هٿيار کڻ جي پڻ نيئڊ ڏني وئي هئي. (٢٧) پر عرب ملڪن پاران سندس اپيل جي موٽ ۾ فقط تلوارن جون خالي مياڻون ئي ڏيکاريون ويون.

انهيءَ انتهائي ڳنڀير صورتحال ۾ مزاحمت جي ڪاهي ڌر هڪ نئون ڌماڪو ڪيو. ٦ سيپٽمبر ١٩٧٠ع تي جڏهن سندن اڳواڻ جارج حباش اتر ڪوريا ۾ جاپاني ريڊ آرمي سان ڳالهين ۾ رُڌل هو، پي- ايف- ايل- پي جي ميمبرن هوائي قزاقيءَ جو هڪ بيمثال ڪارنامو ڪري ڏيکاريو- هُنن 'سوئيز ايئرويز' جي ڊي سي- ٨ ۽ ٽي ڊبليو- اي بوئنگ ٧٠٧ جا ٻہ جهاز اغوا ڪري، ڊاوسنس فيلڊ نالي مشهور هڪ ڏورانهين رڻ پٽ واري هوائي پٽيءَ تي لاٿا. ان پٽيءَ جو نالو 'انقلاب ايئرپورٽ' رکيو ويو. ڇهن ڏينهن کان پوءِ، هڪ وڌيڪ اغوا ڪيل، بي- او- اي- سي- وي- سي- ١٠ جهاز کي بہ اڳين جهازن سان گڏ بمن سان اڏائي، مسافرن ۽ عملي کي نامعلوم ماڳ ڏانهن منتقل ڪيو ويو.

عرفات سخت ڪاوڙيل هو. جيتوڻيڪ هُن گذريل ٻن سالن کان پي- ايف- ايل- پيءَ جي اغوا وارين ڪارروائن کي ٻنجو ڏيڻ لاءِ ڪا سنجيده ڪوشش نہ

ڪئي هئي پر هُن هر ان ماڻهو آڏو، جيڪو سندس ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار هو، ان تي پنهنجي ناپسنديدگيءَ جو اظهار ٿي ڪيو. انهيءَ خطري کي سمجهندي ته هاڻوڪي ڪارروائي جي نتيجي ۾، اردن ۾ موجود انقلابي اُڀار ڪان سندس ڪنٽرول اجائين گهٽجي ويندو، هن جهازن ۾ ماڻهن جي واپسيءَ لاءِ پنهنجي سر هدايتون ڏيندي ان گهوٽالي جي خاتمي لاءِ ڪوششون ڪيون. جهاز ساڙي جڻ ته سندس اختيارن جا ويچارا ڪڍيا ويا هئا، ان جي جواب ۾ هو فقط پي- ايف- ايل- پيءَ جي- پي- ايل او جي پاليسي جوڙيندڙ اداري مرڪزي ڪميٽيءَ مان ميمبرشپ معطل ڪرائي پئي سگهيو. پر اِهو هڪ ته معمولي قدم هو ۽ ان کي تمام گهڻي دير ٿي چڪي هئي.

سوڊائي عرب ٽياڪڙن پي- ايل- او کي مشورو ڏنو ته اُها ڏهن ڏائين ڳٽي ۽ شاهه حسين سان ٿهي وڃي. مزاحمت تي پابندين جو وار ڪندڙ هڪ ٻيو ٿهي هلڻ بابت شاهه سيپٽمبر جي وچ ڌاري سامهون آيو. (٢٨) پر شاهه حسين کي ٻيا منصوبا جوڙڻ ۾ رُڌل هو. ٦ سيپٽمبر تي هڪ ريڊيو تقرير ۾ هُن مارشل لا هٽڻ جو اعلان ڪندي چيو ته هو امن امان ۽ سلامتيءَ جي بحاليءَ لاءِ هڪ فوجي حڪومت قائم ڪري رهيو آهي. چوويهن ڪلاڪن جي اندر اندر عمان جي جابلو پسگردائي ۾ فوج فدائين جو سخت گهيرو ڪيو ۽ هڪ چِتي ويڙهه شروع ٿي وئي.

ٻگهي عرصي ڪان ان جي امڪانن جي باوجود مزاحمتي تحريڪ ان لاءِ تيار نه هئي. اُن وٽ نه جنگي رٿابندي هئي ۽ نه وري پنهنجن اڳواڻن کي لڪائڻ لاءِ ڪي ٺڪاڻا. ويڙهه شروع ٿيڻ ڪان فقط ڪجهه ڪلاڪ اڳ ئي پي- ايل- او جو ڪمانڊر انچيف ٽيندڙ عرفات هڪ پاسي فوجي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ لاءِ هاڪاريندو رهيو ته ٻئي پاسي ٽيليفون وسيلي شاهه حسين سان ناهه لاءِ رابطو ڪندو رهيو. هو ٻنهي ۾ ناڪام رهيو. ڪيس اِهوئي ٻڌايو ويو ته شاهه حسين ۽ سندس سمورا صلاحڪار فجر جي نماز ۾ مصروف آهن.

پر شاهه سان جيڪڏهن سندس رابطو ٿي به وڃي ها ته اِهو واضح ناهي ته هو ساڻس ڇا ڳالهائي ها. حسين جي هڪ ويجهي صلاحڪار موجب فوجي حڪومت پنهنجا ڪجهه عيوضي عرفات ڏانهن اُماڻي ڪيس اِهو چورايو هو ته، صورتحال جي حل لاءِ ڪيس آخري موقعو ڏئي سگهجي ٿو. 'مونکي افسوس آهي.' ساڻس منسوب ڳالهه موجب عرفات ڪين وراڻيو هو، 'صورتحال منهنجن هٿن مان نڪري چڪي آهي. آءٌ هاڻ فقط شاهه حسين کي ملڪ مان نڪرڻ لاءِ چوويهه ڪلاڪ ئي ڏئي سگهان ٿو.' (٢٩) سيپٽمبر وارو اِهو ٽڪراءُ، جنهن کي 'بليڪ سيپٽمبر' جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي، هر ڪنهن جي توقع ڪان وڌيڪ رتوڇاڻ ڀريو ۽ وڌيڪ اينگهجندڙ ثابت ٿيو. مزاحمت جي مڪمل طور تي

غيرمنظم هئڻ سبب شاهہ حسين اِها پوري ڪارروائي ۴۸ ڪلاڪن اندر مڪمل ڪرڻ جو سوچيو هو، پر فقط ڪلاشنڪوف، هينڊگرنيڊ ۽ معمولي تعداد ۾ مارٽر ۽ راڪيٽ لانچرن سان ليس فلسطيني، انتهائي سورهيائپ، اُتساهہ ۽ ثابت قدميءَ سان مقابلو ڪندا رهيا ۽ سرڪاري فوج جا سوين سپاهي سندن آڏو پيش پيا. اترائين شهر اربد جي چوڌاري فدائين 'آزاد ڪرايل علائقو' قائم ڪري ان کي 'فلسطيني رياست' جو نالو ڏنو. اردني فوج پاران عمان ۾ ٽئنڪون رسائڻ، هر نظر ايندڙ مزاحمتي اڳواڻ کي گرفتار ڪرڻ، پنهنجي گولي بارود وسيلي پناهگير ڪئمپن تي حملا ڪرڻ سان اِها مارڌاڙ ڪنهن قبائلي جنگ وانگر ٿيڻ لڳي. گاديءَ واري شهر جو ڪوبہ حصو ٻہ- طرفي فائرنگ کان بچيل نہ هو. شهر جي گهٽين ۽ رستن تي پيل لاشن جو تعداد هزارن تائين وڃي پهتو، جن ۾ اڪثريت عام شهرين جي هئي.

عرفات مٿان خاص طور تي نظر رکي وئي. 'اِها انقلاب ۽ پي- ايل- او جو پتو صاف ڪرڻ جي ڪوشش هئي.' هو ٻڌائي ٿو. 'اردني فوج جي هڪ خاص ٽاسڪ فورس جو ڪم فقط مون تي نشانو چٽڻ هو.' (۳۰) فتح جي قيادت ۾ پنهنجن ٻين ڪيترن ئي ساٿين جي اُبتڙ هو پڪڙجڻ کان بچي ويو. سندس ساٿي جيڪي کيس بچائڻ لاءِ هڪ هنڌان ٻئي هنڌ منتقل ڪندا رهيا، کيس محاذ تي انتهائي سرگرم سڏين ٿا. هو هڪ پاسي وائرليس تي پنهنجي سپاهين جا حوصلا وڌائيندو رهيو تہ ٻئي پاسي پنهنجي ڪلهن تي پي- آر- بي لانچر کڻي گشت ڪندو رهيو.

پر فلسطينين خلاف وڏي وٺ پڪڙ هئي. شاهہ حسين پاران امداد جي اپيل جي جواب ۾، ڇهون آمريڪي ساموبڊي ٻيڙو اُيرندي ڀونچ سمونڊ ۾ تيار بيٺو هو ۽ اسرائيل کي پڻ سندس تخت بچائڻ لاءِ امڪاني هوائي يا زميني مداخلت لاءِ تيار ڪيو ويو هو. اهڙين سگهارين قوتن آڏو عرفات جي عرب دوستن مدد لاءِ اچڻ کان ڪيٻايو. عراق، جنهن کي اردن ۾ موجود پنهنجي فوجن کي ميدان ۾ ٽپڻ کان روڪڻ لاءِ آمريڪا سخت لهجي ۾ چتاءُ ڏنو هو، پنهنجون فوجون باهہ ۽ رت جي انهيءَ راند کان پري ڪري ورتيون. شام جي ريڊيڪل اڳواڻن، فلسطيني جهنڊي واري رنگ سان رنگيل ٽئنڪن جو هڪ سگهارو جٿو اترائين اردن ۾ اُماڻڻ جو فيصلو تہ ڪيو پر ذهين ۽ باشعور گهرو معاملن واري شامي وزير جنرل حافظ الاسد پاران اردن جي ردعمل جي صورت ۾، بچاءُ لاءِ هوائي پهريداري ڏيڻ کان انڪار ڪرڻ تي اِهو فيصلو واپس ورتو ويو.

لڙائي جي ڇهين ڏينهن ئي جنگبنديءَ لاءِ عرب ڪوششون شروع ٿي سگهيون. سخت بيمار صدر ناصر، ڊاڪٽرن پاران مڪمل آرام ڪرڻ جو مشورو ڏيڻ جي باوجود بہ ۲۲ سيپٽمبر تي نيل هلٽن هوٽل ۾ عرب اڳواڻن جو هڪ اجلاس گهرايو

تہ جيئن مزاحمت کي مڪمل تباهيءَ کان بچائي سگهجي. هُن هڪ عجيب ۽ خطرناڪ مشن شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو: مزاحمتي اڳواڻن جي جيلن مان آزادي ۽ جنگبنديءَ لاءِ ڳالهين واسطي سوڊان جي سگهاري فوجي صدر جعفر نميريءَ جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ ننڍڙو وفد عمان موڪلڻ جو فيصلو ڪيو ويو.

ايندڙ واقعا وڌيڪ هنگاماخيز ۽ سوانگ ڀريل هئا. ٽياڪڙن شاهہ حسين ۽ جيلن مان آزاد ڪيل پي- ايل- او اڳواڻن جي هڪ گروپ ۾ ٺاهہ ڪرائڻ لاءِ قدم کنيا ۽ کين قاهره وٺي آيا. پر عمان ريڊيو تان ان جو اعلان ٿيندي شرط ٺي عرفات گاديءَ واري شهر ۾ پنهنجي ڳجهي ٺڪاڻي تان ان کي ٺڏي ڇڏيو. 'مزاحمت اردن ۾ فاشي حڪومت جي خاتمي تائين جاري رهندي.' هُن اعلان ڪيو. (٣١) فدائين وٽ اسلحي جي تيزيءَ سان گهٽجندڙ مقدار ۾ اردني حملن آڏو سندن اکڙجندڙ پيرن واري صورتحال ۾، اِهو هو تہ بيوقوفاڻو فيصلو پر ان عرب اڳواڻن کي هڪ ڀيرو ٻيهر ٽياڪڙيءَ لاءِ سرگرم ٿيڻ تي مجبور ڪرائي.

پريشان حال نميري ۽ سندس ساٿي ٽياڪڙ، اردني فوج کان اڳ عرفات کي ڳولهي لهڻ جي ڪوشش لاءِ وري عمان موٽي آيا. مصري سفارتخاني مان ڳالهائيندي، نميريءَ پي- ايل- او اڳواڻ کي ساڻس گڏجڻ لاءِ هڪ ريڊيو اپيل ڪئي. جلدي عرفات، مڪي واري مقدس کوهہ جي نالي واري پي- ايل- او جي وائرليس چئنل 'زمزم ١٠٥' تان ساڻس گڏجڻ بابت پنهنجي رضامندي ظاهر ڪئي.

گولين ۽ بمن جي وسڪاري ۾، جيڪا ٽياڪڙن شاهہ حسين کي فون ڪري بند ڪرائڻ جي درخواست پڻ ڪئي هئي، عمان جي هڪ مزاحمتي قبضي واري علائقي ۾ ٻنهي اڳواڻن جي ملاقات ٿي. 'توکي اسان سان گڏ قاهره هلڻو پوندو، ڇاڪاڻ جو ناصر اسانکي توکان سواءِ موٽڻ کان بنهہ منع ڪئي آهي.' نميريءَ کيس ٻڌايو. (٣٢) هاڻ سوال اِهو هو تہ عرفات گاديءَ واري شهر مان، جتي کيس سرڪاري فوجون ڏسندي ئي گولي هڻي ڪيرَ ها، نڪري ڪيئن؟ ان جو جواب ٽياڪڙ وفد ۾ شامل ڪويت جي ولي عهد شهزادي شيخ سعدالعبدالله ڏنو. 'ان صورتحال ۾ اسين گڏ آهيون.' هُن چيو، 'يا تہ پاڻ گڏ مرنداسين يا گڏ بچنداسين.' هُن عرفات کي هڪ عرب چوغو ڏنو ۽ فلسطيني اڳواڻ کي هڪ ڪويتي عملدار جي روپ ۾ اردن کان ٻاهر نيو ويو. (٣٣) عرفات لاءِ هن ڀيري ويس مٽائي نڪرڻ حقيقتاً خطري کان خالي نہ هو.

هٿيارن ۽ پهريدارن جي ڇانوَ ۾ عرفات نيل هلٽن هوٽل پهچندي ئي عرب اڳواڻن آڏو پنهنجو ڪيس رکڻ شروع ڪيو. ٽرتڪڙ ۾ معمولي ناشتو ڪرڻ کانپوءِ هُن پنهنجون سموريون صلاحيتون شاهہ حسين پاران فلسطيني انقلاب خلاف سازشن بيان ڪرڻ ۾ لڳائي ڇڏيون. (٣٤) ڪجهہ ٻڌندڙن سندس ڳالهيون نهايت ڌيان سان ٻڌيون. لبيا جي گرم مزاج اڳواڻ ڪرنل قذافيءَ، 'چريئي' شاهہ حسين

کي قاهره جي مرڪز 'تحرر اسڪوائر' ۾ ڦاسي ڏيڻ کان گهٽ ڪا ڳالهه نه پئي ڪئي. (٣٥) اُتي شاهه حسين جي ذهني حالت ۽ ڪانفرنس ۾ ڪيس گهرائڻ يا نه گهرائڻ بابت هڪ ڊگهو بحث شروع ٿي ويو.

'ڪيس گهرائڻ جو ڪهڙو فائدو؟.' قذافيءَ چڙندي چيو: 'هو شيطان آهي. چريو آهي. پٽس به ته استنبول ۾ ڏيهه نيڪاليءَ دوران چريو ٿي پيو هو. اِها هُن جي وراثتي بيماري آهي. سندن سڄو ڪٽنب ئي چريو آهي.' (٣٦)

اُتي موجود ڪجهه اڳواڻن لاءِ اِهو سڀ ڪجهه برداشت کان ٻاهر هو. 'توکي ڪنهن عرب بادشاهه خلاف اِهو ڪجهه چوڻ جي همت ڪيئن ٿي؟.' پنهنجي معتبريءَ جي آڌار تي سعودي بادشاهه شاهه فيصل ڪاوڙجندي چيو. نيٺ ٿڪل ۽ نِهل صدر ناصر ان بحث کي ختم ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيو. 'مونکي ته ائين ٿو لڳي ته اسين سڀئي چريا آهيون.' هُن گجگوڙ ڪندي چوڻ شروع ڪيو. 'آءٌ ته اِها رٿ ٿو پيش ڪريان ته اسان کي ڪجهه ڊاڪٽر گهرائڻ گهرجن. جيڪي اِهو فيصلو ڪن ته اسان مان ڪير چريو آهي ۽ ڪير سياڻو.' (٣٧)

وقت سر شاهه حسين به فوجي لباس ۾ هڪ ٿيلهو کڻي ظاهر ٿيو. جنهن ۾ سندس چوائي اُهي رڪارڊ ٿيل ڳالهيون هيون، جن سان اِهو ثابت ٿي پئي سگهيو ته فلسطينين سندس تختو اونڌو ڪرڻ ٿي چاهيو. ڪيس قذافيءَ جي صادر ڪيل فيصلي تي ته عمل نه ڪرڻو پيو پر ڪانفرنس جي شريڪن ڪيس گرمجوشيءَ سان آڌرياءُ نه ڪيو. عرفات به هر هر مسئلا کڙا ڪري ڳالهين ۾ رڪاوٽون پيدا ڪرڻ لاءِ وسان ڪونه گهٽايو. (٣٨)

٢٧ سيپٽمبر تي سڀ کان اهم واقعو عرفات ۽ حسين جو پاڻ ۾ هٿ ملائڻ هو. هُن چوڏهن نڪاتي ٺاهه تي صحيحون ڪيون، جنهن ۾ جنگبنديءَ جي ضمانت هئي، عمان مان سمورين فوجن جي واپسيءَ ۽ اسرائيل جي حملن جي اهل علائقن ۾ گوريلن جي نئين سر تنظيم ڪاري ۽ هڪ ڪارانتي ٺاهه لاءِ هڪ وڏيڪ عرب ڪميٽي جوڙڻ جون خاطريون ڏنل هيون. اِها گهرو لڙائي جنهن ۾ هلال احمر موجب ٽي هزار جانيون ضايع ٿيون، جڏهن ته عرفات موجب ويهه هزار ماڻهو ان جو کاڄ بڻيا، ان مرحلي تي ختم ٿيندي محسوس ٿي. (٣٩) ناصر جي امن لاءِ ڪاوشن ساڳي رات هڪ ٻي خبر دنيا کي ڏڏائي. ايئرپورٽ تي مهمانن کان ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين موڪلائڻ کانپوءِ، ست وڄايل ناصر پنهنجي گهر ۾ ڊهي پيو ۽ دل جي پوندڙ دوري سندس پساهه وٺي ڇڏيا. عرفات اِها خبر ڏڏندي ئي اوچنگارن ۾ پئجي ويو. ناصر جي مرتيي سان اردن- پي- ايل- او ٺاهه جي آخري ضمانت به لُڙهي وئي- نئين مصري صدر انور سادات کي فدائين سان نه ته ايتري اُڪير هئي ۽ نه وري هُن پيدا به ڪرڻ ٿي چاهي.

ڪنهن به ڏر قاهره ۾ سونپيل ذميوارين لاءِ معمولي هٿ پير هڻڻ جو ارادو به

ظاهر ڪونہ ڪيو. فدائين، جن جو خيال هو تہ شاهہ حسين ڪين گوريلا ڪاررواين لاءِ آزادي ڏيڻ بدران ڪنهن مناسب موقعي تي اردن مان ترڻ نہ چاهي، عمان جي انهيءَ حصي ۾ جيڪو سندن قبضي هيٺ هو، جميا رهيا. آڪٽوبر ١٩٧٠ع ۾ اسرائيلي پرڏيهي وزير يگال ايلون سان پنهنجي خفيا ملاقات ۾ شاهہ حسين ڪيس خاطري ڏياري هئي تہ هو اسرائيل خلاف فدائين جي ڪارروائين کي هنجو ڏيڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندو. (٤٠) اينڊرڻ وقت ۾ پي- ايل- او ۽ شاهہ حسين جي نمائندن وچ ۾ ٿيل ڳالهين دوران هُن پنهنجو پاڻ کي پهرين ڏاڪي تي ئي بيٺل ڏٺو. آڪٽوبر جي وچ ڌاري ٿيندڙ نئين ٺاهہ ۾ بہ پراڻن تضادن کي طئي ڪرڻ کان سواءِ ئي ڪنهن نتيجي تي پهچڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي. (٤١)

اردن وارن نئين سخت گير وزيراعظم واصفي طال جي سربراهيءَ ۾ مزاحمت خلاف چار کي جيئن پوءِ تيئن سوگهو ڪرڻ شروع ڪيو. پهريون مارو اتر ۽ اولهہ ۾ فلسطيني ٺڪاڻن تي ڪيو ويو. ان کان پوءِ حڪومت، ابتدائي ٺاهہ موجب فدائين کي عمان خالي ڪرڻ لاءِ چيو. آخرڪار مزاحمت لاءِ ٺڪاڻن ۽ گاديءَ واري شهر جي اترئين علائقي ۾ هڪ اڌ بيلائي اڏا اجلن ۽ جيراش پرسان جبل ئي بچي سگهيا، جتي فقط چار هزار گوريلا غارن ۽ زمين دوز سرنگهن ۾ رهي پئي سگهيا- هو ٺڪجي پيا هئا ۽ ان اڪثريت کان ڪٽجي ويا هئا، جيڪا دمشق ۾ پناهہ وٺڻ تي مجبور ٿي هئي. انهن سمورين ڳالهين کين انتهائي مايوس ڪري ڇڏيو هو.

پنهنجن همراهن سان گڏ اجلن ۾ رهندڙ عرفات، مزاحمت لاءِ ساهہ کڻڻ جيتري وٿي حاصل ڪرڻ واسطي اردني اختياريءَ وارن سان ڳالهيون ڪندو رهيو. پر جيئن ئي ١٩٧١ع جي بهار ۾ اردني فوجون فلسطيني گوريلن جي ٺڪاڻن جي پرسان پهتيون ۽ دهشت ڦهلائڻ شروع ڪيائون تہ هو ان نتيجي تي پهتو تہ هاڻ انت ڪنهن بہ سمي ٿي سگهي ٿو. اپريل ۾ هن اُهو ملڪ ڇڏڻ جون تياريون شروع ڪري ڏنيون. جتي فقط ٻارهن مهينا اڳ سندس تحريڪ تيزيءَ سان وڌي رهي هئي. پنهنجي جابلو ٺڪاڻي تان، هُن شاهہ حسين جي حڪومت ۾ پبلڪ ورڪس واري فلسطيني وزير منيب المصريءَ کي مدد لاءِ آخري تڪڙي اپيل ڪئي، جيڪو سندس دوست پڻ هو- سعودي سفير ۽ اردني فوج جي هڪ عملدار سان گڏ مصري هڪدم سندس امڪاني مدد لاءِ روانو ٿيو. آخرڪار جڏهن هو عرفات تائين پهتا تہ هُن ڪوڙها ڳاڙيندي کين اردني ظلمن کان واقف ڪيو. هُن کيس شاهہ حسين تائين وٺي وڃڻ جو فيصلو ڪيو تہ جيئن مسئلي جي حل لاءِ هڪ وڌيڪ ڪوشش ڪجي.

عمان ڏانهن سفر ڪندي، سعودي سفير ۽ اردني عملدار جي وچ ۾ ويٺي عرفات پريشانيءَ ۾ ڪلاشنڪوف تي پنهنجون آڱريون ڦيريندو رهيو. 'هر اردني چيڪ پوسٽ تي هنن کيس مارڻ ٿي چاهيو.' مصري اُن سفر جو احوال ٻڌائيندي

چوي ٿو: 'سپاهي، فلسطينين ۽ عرفات تي صورتحال جي سموري خرابي جو الزام ڏري رهيا هئا. آءٌ سچ پچ بڇي ويو هئس پر عرفات کين مرسيءَ سان منهن ڏيندو رهيو. هُن کين اِهو جواب ڏيڻ شروع ڪيو: 'سپاهي! تون فلسطيني انقلاب جي سربراهه سان ڳالهائي رهيو آهين. جن عملن جي تون ڳالهه ٿو ڪرين اُهي ٿيا ئي نه آهن.' ۽ سپاهي خاموش ٿي پئي ويا. (۴۲)

اصل ۾ عرفات عمان واپسيءَ لاءِ آتو نه هو. جڏهن هو جبلن تان لٿا ته عرفات کين شامي سرحد واري هڪ شهر ڏانهن هلڻ لاءِ چيو، جتي عرفات چواٿي: کيس ڪو ڪم هو ۽ اُتي هين سائين کي اُماس رات ۾ اُماٿي، پاڻ به شامي سرحد اُڪري ويو. 'آءٌ ڪنهن لاوارث وانگر عمان ٿو وڃڻ چاهيان.' هُن سرحد اُڪرڻ کان اڳ مصريءَ کي چيو هو: 'مون وٽ اهڙيون رپورٽون آهن ته اُتي منهنجي جان کي خطرو آهي. آءٌ پي- ايل- او جي رياستي سربراهه طور واپس اچڻ چاهيان ٿو.'(۴۳) عرفات وري ايندڙ سٽن سالن تائين اردن نه موٽيو.

اجلن جي اوسي پاسي باقي بچيل فلسطينين مٿان ١٢ جولاءِ تي حملو شروع ڪيو ويو. اِهو حملو به سيپٽمبر جهڙو ئي پيانڪ هو. گوريلن کي سندن اڏن تان تڙيو ويو. فتح جي ڪمانڊر ابوعلي اياد سميت ڪيترن جو شاهه جي وفادار بدو فوج بيدرديءَ سان قتلام ڪيو. انهن مان نَوي جڻن کي ايترو ته خوفزده ڪيو ويو جو سندن ڪمانڊنگ آفيسر ذڪي عباس کين اردنين جي هٿ چڙهڻ بدران اسرائيل هليو وڃڻ جي اجازت ڏني جيڏي. اسرائيلين هنبوچيون هٽندي کين پنهنجي سرحد اڪرڻ ڏني. 'اِها موچاري انساني سوڪڙي هئي.' اسرائيلي فوجي انٽيليجنس جو اڳوڻو سربراهه جنرل ييريو چوي ٿو. '۽ اسرائيل- پي- ايل- او ناتن جي تاريخ ۾ انساني سوڪڙيون گهٽ ئي ڏنيون ورتيون ويون آهن.' (۴۴)

اسرائيل خلاف پنهنجن حملن لاءِ اهم ترين مرڪز وڃائڻ، اردن سان ويڙهه دوران سندس صفن ۾ ڏار پوڻ کان پوءِ فلسطيني انقلاب پنهنجن ٿمندڙ زخمن سان شام ۽ لبنان جهڙن اسرائيل جي سرحدي ملڪن کي پنهنجو ٺاڪ بڻايو. پنهنجي انهيءَ بي ڏيهه نيڪاليءَ دوران فدائين کي گذريل چئن سالن جي پنهنجن تجربن بابت سخت سوالن کي منهن ڏيڻو پيو. اصل ۾ غلطي ڪهڙي هئي؟ مزاحمتي تحريڪ جي اندرين اختلافن انهيءَ آفت ۾ ڪيترو ڪردار نڀايو؟ انهن اختلافن کي ڪيئن ختم ڪري سگهجي ٿو؟ آخري سوال انتهائي نازڪ هو، ان جو سڌوسنئون تعلق عرب حڪومتن جي نون سربراهن پاران، عرفات جي پي- ايل- او لاءِ ڪجهه ڪرڻ سان هو. پر شامي صدر حافظ الاسد جهڙا حاڪم پي- ايل- او جو ڍانچو بچائڻ کان وڌيڪ ان تي پنهنجو اثر رسوخ قائم رکڻ ۽ وڌائڻ ۾ دلچسپي رکندڙ هئا. شايد هُن لاءِ فلسطين ڪنهن انعام کان به وڌيڪ ڪارائتي سياسي علامت هو.

انهن سڀني کان وڌيڪ فدائين اڳواڻن جو اِهو سوال هو ته هاڻ هو ڪيڏانهن

وڃن؟ شڪست جي ڪوڙاڻ ۾، ڪين ملڪ بدر ڪرڻ واري حڪومت ۽ ہي دنيا ڪان پلاند وٺڻ واري سندن وات ڪا حيرت انگيز ڳالھ نہ ھئي. شاھہ حسين کي توقع موجب ڌمڪي پڻ ڏني وئي. ١٩٧١ع جي شروع ۾ ٿيل ھڪ ڪڏجاڻي دوران صلاح خلف کيس چيو ھو: 'جيڪڏھن تو فدائين جي آخري نڪاتن ڏانهن اک بہ کنئي تہ آءُ دنيا جي آخري چيڙي تائين ۽ پنهنجي ساھ جي آخري گهڙين تائين تنهنجو پيڇو ڪندس، ۽ اُھا سزا ڏيندوسانءِ جنهنجو تون حقدار آھين' ڏڪي ويل بادشاھہ رڳو يٺڪي سگهيو ھو: 'خدا نہ ڪري.' (٤٥)

حوالا

باب چوٿون

١- ابواياد، My Home, My Land، نيويارڪ، ١٩٨١ع، صفحو: ٧٥

٢- جان ڪولي، Green March, Black September، لندن، ١٩٧٣ع، صفحو: ١٠٣ ۽ ١٠٤، ڳڏوڳڏ Fiches du Monde Arabe ١١ جنوري ١٩٧٨ع، نمبر: ٨٥٠، ۽ عرفات جي نائبن سان انٽرويو.

٣- موشي شميش The Palestinian Entity, 1959- 74 لندن،، ١٩٨٨ع، صفحو: ١٣٠.

٤- ياسر عرفات انٽرويو، تيونس، ڊسمبر ١٩٨٩ع.

٥- شاھہ حسين، Le Monde ۾ ورجايل، ٢٣ مارچ ١٩٦٨ع.

٦- خليل الوزير، آگسٽ ١٩٧٢ع، ڏسو نمبر: ٣، صفحو: ١٣٣.

٧- زيدالرفائي انٽرويو، عمان، جون ١٩٨٩ع. رفائي ١٩٧٠ع واري ڏھاڪي جي وچ ۽ ھيھر ١٩٨٠ع، واري ڏھاڪي جي پڇاڙي ۾ اردني وزيراعظم ھو. ھو شاھہ حسين جو ہالڪپڻي واري دور جو دوست ھو.

٨- اسد عبدالرحمان، 'پي- ايل- او' جي تاريخ' (عربيءَ ۾) قبرص، ١٩٨٩ع، صفحو: ١٧٨.

٩- ياسر عرفات، ٽائيمر رسالي ۾ ورجايل، ١٣ ڊسمبر ١٩٦٨ع، صفحو: ٣٢.

١٠- زيدالرفائي انٽرويو، عمان، جون ١٩٨٩ع.

١١- ابوداؤد انٽرويو، تيونس، نومبر ١٩٨٩ع.

١٢- صلاح خلف انٽرويو، تيونس، آگسٽ ١٩٨٩ع.

١٣- جمال الشاعر انٽرويو، عمان، جون ١٩٨٩ع.

١٤- وليم قوانڊٽ، Decade of Decisions لاس اينجلس ۽ لنڊن، ١٩٧٧ع.
صفحو: ٩١.

١٥- Fiches du Monde Arabe، ١٨ جنوري ١٩٧٨ع، نمبر: ٨٨٥، ڳڏوڳڏ
ايڊگر اوبيلينس، Arab Guerrilla Power 1969- 74
لنڊن، ١٩٧٤ع، صفحو: off ١٢، ڳڏوڳڏ نمبر: ٣ جو صفحو: ١٣٨.

١٦- ماشور الحديٿ الجازي انٽرويو عمان، جون ١٩٨٩ع.

١٧- ابراهيم بڪر انٽرويو، عمان، سيپٽمبر ١٩٨٩ع.

١٨- ياسر عرفات، الحيات ۾ ورجايل، لنڊن، ١ جنوري ١٩٩٠ع.

١٩- ياسر عبدالرب انٽرويو، تيونس، آگسٽ ١٩٨٩ع.

٢٠- ڏسو نمبر: ٣ جو صفحو نمبر: ١٢٨ ۽ ١٢٩، ڳڏوڳڏ جيمس لنٽ، Hussein of Jordan، لنڊن، ١٩٨٨ع، صفحو: ١٢.

٢١- ياسر عرفات، الحيات ۾ ورجايل، لنڊن، ١ جنوري ١٩٩٠ع.

٢٢- جنرل اهرون ييرو انٽرويو، تل ابيب، نومبر ١٩٨٩ ع.

٢٣- هينري ڪسنجر، White House، نيويارڪ ۽ لنڊن، ١٩٧٩ع، صفحا نمبر: ٢٤١، ٢٤٤، ٣٦٢ ۽ ٥٥٨.

٢٤- ڏسو نمبر: ٣ جو صفحو: ١٠٩.

٢٥- ابراهيم بڪر انٽرويو، عمان، سيپٽمبر ١٩٨٩ع.

٢٦- احمد بهاءالدين انٽرويو، قاهره، آڪٽوبر ١٩٨٩ع، مصر جو اهم صحافي ۽ ناصر جو اعتماد جوڳو.

٢٧- زهيرالعلمي انٽرويو، شارجا، سيپٽمبر ١٩٨٩ع.

٢٨- ابراهيم بڪر انٽرويو، عمان، سيپٽمبر ١٩٨٩ع.

٢٩- زيدالرفائي انٽرويو، عمان، جون ١٩٨٩ع.

٣٠- ياسر عرفات، انٽرويو، تيونس، ڊسمبر ١٩٨٩ع.

٣١- ابوداٶد انٽرويو، تيونس، نومبر ١٩٨٩ع.

٣٢- ساڳيو.

٣٣- ياسر عرفات انٽرويو، تيونس، ڊسمبر ١٩٨٩ع.

٣٤- تحسين بشير انٽرويو، قاهره، آڪٽوبر ١٩٨٩ع. بشر، ناصر جو ترجمان هو.

٣٥- ساڳيو.

٣٦- ڏسو محمد حسنين هيڪل، The Cairo Documents، لنڊن، ١٩٧٢ع، صفحو نمبر: ١٧.

٣٧- ساڳيو.

٣٨- تحسين بشير انٽرويو، قاهره، آڪٽوبر ١٩٨٩ع، ڳڏوڳڏ انور سادات، In Search of Identity، لنڊن، ١٩٧٨ع، صفحا: ٢٠١ ۽ ٢٠٢.

٣٩- وليم قوانبڈ، فواد جابر ۽ اين هوسلي ليچ، The Politics of Palestin-
ian Nationalism، لاس اينجلس ۽ لنبن، ١٩٧٣ع صفحو: ١٢٨.
٤٠- ڏسو نمبر ٣ جو صفحو نمبر: ١٤٦.
٤١- ابراهيم بڪر انٽرويو، عمان، سيپٽمبر ١٩٨٩ع.
٤٢- منيب المصري انٽرويو، لنبن، آگسٽ ١٩٨٩ع.
٤٣- ساڳيو.
٤٤- جنرل اهرون ييرو انٽرويو، تل ابيب، نومبر ١٩٨٩ع.
٤٥- ڏسو نمبر: ١ جا صفحا نمبر: ٩٢ ۽ ٩٣.

(٥)

بليڪ سيپٽمبر

’وائيٽ هائوس ۾ بم‘ ويٽيڪن سٽيءَ ۾ بارودي سُرنگھ، مائوزي تنگ جو موت، پئرس ۾ زلزلو، انهن مان ڪابہ خبر ايترو جلدي دنيا جي ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾ نٿي پهچي سگهي، جيترو ميونخ ۾ بليڪ سيپٽمبر جي ڪيل ڪارروائيءَ جو اطلاع.‘
١٣ سيپٽمبر ١٩٧٢ع تي بيروت جي هڪ اخبار ’السياد‘ ۾ ڪيل هڪ تبصرو.

٥ سيپٽمبر ١٩٧٢ع تي صبح سوير هڪ خاموش طبع فلسطينيءَ، ميونخ جي مرڪز پرسان ارنلفسٽراسيءَ ۾ هڪ آرامده ۽ گهرو ماحول واري هوٽل ’ايدن هوٽل وولف‘ چونڊيو. شهر ۾ اهڙي ماحول کي ترتڪڙ ۾ چونڊڻ وارن لاءِ اهو هوٽل انتهائي مناسب هو. ان جي بلڪل سامهون ريلوي اسٽيشن هئي ۽ ٻاهرين درواز اڏو ايئرپورٽ ويندڙ بسن جو اڏو. هوٽل جو عملو جيڪڏهن برجستو هجي ها تہ اهو ضرور محسوس ڪري ها تہ وچ اوپر سان تعلق رکندڙ سندن مهمان، شهر ۾ ٿيندڙ بي خطر اولمپڪ راندين ۾ ڦيٽاڙو پوڻ جي خبر ٻڌندي ئي تمام گهٽي ڦڙتيءَ سان شهر چونڊڻ لاءِ سنبري ويو هو.

اهو شڪي فلسطيني، ٣٧ سالن واري صحافي سعد الدين وليءَ جي نالي ۽ ڪوڙي عراقي پاسپورٽ تي ٢٥ آگسٽ تي هوٽل ۾ رهڻ لاءِ آيو هو. پرڏيهي صحافين سان ڀريل شهر ۾ مصروف هوٽل جي عملي وٽ مٿس ڪنهن بہ قسم جي شڪ ڪرڻ جو ڪوبہ جواز نہ هو. جيڪڏهن هو سندس اُٺ ويھ تي نظر رکن ها تہ ڪين سندس سرگرمين ۾ ڪوبہ صحافتي پرڪار نہ ملي ها. هُن وڏ ۾ وڏ پنهنجي ڪمري ۾ عرب ساٿين سان سُرهاڻن ۾ ڳالهائيندي گذاريو. هُن بيروت، ٽريپولي ۽ تيونس فون پڻ ڪيا. ’ولي‘ اصل ۾ بليڪ سيپٽمبر تنظيم جو هڪ مرڪزي منصوبي ساز هو ۽ سندس مقصد ميونخ اولمپڪ ڳوٺ ۾ اسرائيلي ٽيم واري مرڪز تي حملي جي تيارين جو جائزو وٺڻ هو. (١)

سندس تڪڙي روانگيءَ جي چوويهن ڪلاڪن اندر دنيا کي فلسطيني دهشتگرديءَ جي انتها جو تجربو پسڻو پيو. پي- ايل- او جي مرڪزيءَ ڌاري جي دهشتگرد ڌر بليڪ سيپٽمبر تنظيم جو نالو، جيڪو جولاءِ ١٩٧١ع ۾ اردن مان

ٻڳهي رتوچاڻ ڪانپوءِ فلسطيني گوريلن جي نيڪاليءَ واري واقعي تي رکيو ويو هو. اڻ ڳڻين ٻولين جي اخبارن ۾ پهرين صفحن تي ڇپجڻ لڳو. 'ميونخ قتلام' واري اصطلاح اسرائيل- فلسطيني ٽڪراءُ واري تاريخ ۾ هڪ مستقل حيثيت ماڻي. اولهه جي انٽيليجنس ادارن ۽ پرڏيهي صحافين لاءِ انهيءَ نالي اڻڳڻيا سوال اُٿاريا. بليڪ سيپٽمبر ڇا هئي؟ ۽ وڌيڪ اهم اِهو ته ان جي پويان ڪير هو؟ ان متعلق تنظيم جي هڪ انتهائي سينيئر شخصيت جي کُليل ڳالهين کان اڳ دنيا ان متعلق گهڻو بيخبر هئي.

ميونخ واقعي کان ڇهه مهينا پوءِ ۲۴ مارچ ۱۹۷۳ع تي ٻڳهي قد ۽ گهاٽن ڀورن وارن واري هڪ شخص ابودائود محمد عوده کي عمان ۾ هڪ ٽيليويزن ڪئميرا اڏو آندو ويو. ڪئميرا جي آفتيءَ نگاهن ڏانهن نهاريندي عوده اُهي لفظ چيا جن دمشق ۽ بيروت ۾ سندس ڏوريون ڇڪيندڙن کي پريشان ڪرڻ کان سواءِ ڪجهه به نه ڪيو هوندو. ٽي- ويءَ تي اعتراف ڪندي هُن چيو ته بليڪ سيپٽمبر جهڙي ڪنهن به شيءِ جو وجود ناهي. هن اعلان ڪيو ته: 'فتح انهيءَ نالي سان پنهنجيون ڪارروايون ان ڪري ڪيون ته جيئن اُها انٽيليجنس ادارن جي ذمي کان بچي سگهي ۽ ان تنظيم کي هلائيندڙ ابويوسف (محمد يوسف النجار)، ابوحسن (علي حسن سلامه) ۽ ابواياد (صلاح خلف) ميونخ آپريشن جهڙا ڪيترائي ڪارناما ڪري چڪا آهن.' (۲)

ٽيليويزن جيڪا شيءِ ظاهر نه ڪئي، اُها هئي شاهه حسين جي اهلڪارن پاران عوده مٿان غيرانساني تشدد. مٿس ايترو ته تشدد ڪيو ويو جو هو اڄ ڏينهن تائين سولي طرح هلي به نٿو سگهي. سندس ٽنگن تي اڃان تائين سگريٽ جي ڏنين جا نشان آهن. عوده چوي ٿو ته هو ٽيليويزن اعتراف کان اڳي وارن واقعن کي بيان ڪرڻ کان قاصر آهي. اِهو رڪارڊ ڪيل ٽيپ سندس دعويٰ موجب 'مڪمل طور تي جعلي هو.' (۳) پر تن ڏينهن ۾ سندس انهن لفظن انهيءَ سس پس کي يقين ۾ بدلايو ته فتح ئي بليڪ سيپٽمبر پويان اصل قوت هئي. اسرائيلي هوڏ بلڪل روايتي هئي. ڪجهه هفتن اندر پي- ايل- او جي ٽن منصوبي سازن کي اسرائيلي ڇاتي بردارن قتل ڪري ڇڏيو. صلاح خلف جي قسمت زور هئي جو بچي ويو.

فتح جو سڪيورٽي ۽ انٽيليجنس چيف صلاح خلف، ڪيتري وقت تائين پي- ايل- او جو ٺڏي مزاج وارو ۽ اڳتي هلي هڪ اهم ترين معتدل آواز پڻ رهيو آهي. پر جولاءِ ۱۹۷۱ع کان جڏهن حسين جي بدو فوجن اترائين اردن ۾ پي- ايل- او جي اڏن کي تباهه ڪيو هو، هو هاشمي ڪٽنب، اسرائيل ۽ اولهه جو بي صبرو ويري ٻڻجي ويو هو. ان ڏس ۾ هو اڪيلو نه هو. پلاند جي ڪُهر، پي- ايل- او وارين سمورين ڌرين جي اڳواڻن کي زوري ويڙهه ڏانهن ڌڪي ڇڏيو هو.

'۱۹٦۹ع کان ۱۹۷۲ع تائين اسين ديوانا هئاسين.' مارڪسي جمهوري محاذ

D-F-L-P جو اڳواڻ ۽ عرفات جو هڪ اعتماد جوڳو پي- ايل- او جو ايلچي ياسر عبدالربّہ ٻڌائي ٿو، 'اسان سڄي دنيا کي بدلائڻ پئي چاهيو. اسان اسرائيل، آمريڪا ۽ ايستائين جو گهڻي حمايت نہ ڪرڻ تي سوويت يونين، شاھہ حسين، فلسطيني بورجوازي... مطلب تہ هر ڪنهن سان وڙهڻ پئي چاهيو.' (۴)

عرفات کي جيڪڏهن عملي قدم کڻڻ تي ڪا هٻڪ هئي تہ پلاند وٽڻ لاءِ خود سندس ساٿين پاران زور ڀرڻ وارو عمل ڪيس اوڏانهن ڌڪڻ لاءِ ڪافي هو. فتح جي ڪجهہ ويڙهو گوريلن پاران حباش جي پاپولر فرنٽ جهڙن انتهاپسند گروپن ۾ شموليت جي ڌمڪيءَ ڪانپوءِ، ١٩٧١ع ۾ آگسٽ جي پڇاڙي ۽ سيپٽمبر جي شروع ۾ عرفات سميت ڪيترن ئي اڳواڻن جي دمشق ۾ ٿيل گڏجاڻين ۾ حسين جي هاشمي بادشاهت ۽ ٻين نشانن کي چٽڻ لاءِ هڪ خاص يونٽ جوڙڻ جو فيصلو ڪيو ويو. انهيءَ عرفات ۽ سندس تنظيم لاءِ تہ ڳاڙهو ساڌڙ فائدا پهچايا پر اردن لاءِ ڪاوڙ ۽ ڦڪائي واري ماحول ۾ پلاند وٽڻ لاءِ ڳُهر انتهائي شديد هئي. 'اسان رڳو اِهو ئي چاهيو تہ دنيا کي ڪنهن بہ ريت ٻڌائجي تہ اسين ختم ناهيون ٿيا ۽ اِهو تہ اسان جي شموليت کان سواءِ دنيا ۾ امن نٿو قائم ڪري سگهجي.' عرفات جو هڪ ويجهو صلاحڪار ٻڌائي ٿو، '١٩٧٣ع جي شروع ڌاري عرفات (وڏين دهشتگرد ڪارروائين لاءِ) راضپو ڏيکاريو پر ان جا تفصيل ٻين همراهن طئي ڪيا. انهن معاملن تي ڪي بہ بحث مباحثا نہ ٿيندا هئا.' (۵) عرفات جي زور ڀرڻ تي، فتح جي اڳواڻن اِهو بہ طئي ڪيو تہ هر ڪارروائي ان جي دهشتگرد يونٽ پويان سڏبي. گوريلا تنظيم جا باني جيئن تہ پنهنجي فوجي شاخ کي 'العاصفہ' جو نالو ڏئي چڪا هئا، تنهن ڪري ان جي اباڻي تنظيم سان تعلق لڪائڻ لاءِ دهشتگرد ڪارروائين جو هڪ نئون محاذ ٺاهيو ويو. ان ريت بليڪ سيپٽمبر قائم ٿي وئي.

جيئن ئي ١٩٧١ع وارو سيارو ڏاکڻين لبنان ۾ 'ارقوعب' علائقي جي انهيءَ جابلو پٽيءَ تي لٿو، جيڪا اڳتي هلي 'فتح يوميءَ' جي نالي سان مشهور ٿي، تہ بليڪ سيپٽمبر جي نالي تي دهشتگرد ڪارروائين جي سلسلي جون تياريون زور شور سان جاري هيون. ان لاءِ ڀرتيون خود فتح جي ڳُتيل سيلن، حباش جي پاپولر فرنٽ ۽ شامي حمايت واري ننڍڙي گروپ صائقہ مان ڪيون ويون. عملي طور تي فتح ۽ پاپولر فرنٽ، پنهنجا اختلاف جزوي طور تي هڪ پاسي ڪري، انهن خوني دهشتگرد ڪارروائين جي رٿابندي ۽ عملي لاءِ تياريون گڏجي ڪيون، جن ڪري اولهہ ۾ ماڻهن جي اڪثريت عرفات ۽ پي- ايل- او کي تشدد پسند ۽ رتوڇاڻ چاهيندڙ سڏيو. پر ان عرب دنيا ۽ خاص طور تي اردن ۾ فلسطيني پلاند واري تڙپ جي پهرين دونهين دُکائي.

٢٨ نومبر ١٩٧١ع تي منجهند جو ڏيڍ وڳي ڌاري، هڪ قدآور اردني، اعتماد ۽ بااختيار انداز ۾ نيل جي ڪناري واري شيرٽن قاهره جون ڏاڪڻيون چڙهي رهيو

هو. پهريدارن جي سخت پهري ۾ اردن جو بااختيار وزيراعظم واصفي الطال عرب ليگ جي عملدارن سان تڙتڪڙ ۾ ڪيل مانجهاندي ڪانپوءِ پنهنجي زال ڏانهن پئي ويو. جيڪڏهن اُن وقت سندس ذهن ۾ ڀي ڪا ڳالهه هئي تہ پوءِ اُها يقيناً فتح جي هڪ معتدل اڳواڻ خالد الحسن سان بليڪ سيپٽمبر ڪانپوءِ اردن- پي- ايل- او جي بهتر ناتن لاءِ ڪيل ڳجهين ڳالهين بابت ٿي هوندي. هنهي اڳواڻن فلسطيني ويڙهاڪن کي اردن جي ڏورانهن اڏن تان پنهنجون اسرائيل دشمن ڪارروايون ٻيهر شروع ڪرڻ جي امڪانن جي اجازت ڏيڻ وارن انتظامن تي غور ڪيو هو. پر طال انهن ڳالهين جي ساڀيان تہ ڇا پر، ٻيو دور ڏسڻ لاءِ بہ جيئرو نہ رهيو. هو جيئن ئي سياحن ۽ ٻين ماڻهن سان ڀريل هوٽل جي لابيءَ ۾ پهتو تہ ڪيس هڪ بندوق بردار ٻي دنيا جو ٽڪيٽ وٺرائي ڇڏيو. طال جي قاتل، اُن شخص کي پنج گوليون هنيون جنهن کي فلسطينين جي اڪثريت اردن مان پنهنجي نيڪاليءَ جو وڏو ذميوار سمجهي رهيا هئا. قتل جي وحشياڻي انداز کي وڌيڪ چٽو ڪرڻ لاءِ اردني وزيراعظم جي قاتل، جنهن کي اڳتي هلي منصور سليمان خليفہ جي نالي سان سڃاتو ويو، هيٺ جُهڪي طال جي زخمن مان ٽمندڙ رت سان هوٽل جي ڏاڪڻ کي رنگين ڪري ڇڏيو.

طال ان صورتحال ۾ هڪ يقيني نشانو هو. ان وقت جي سيني بہ سيني هلندڙ فلسطيني ديومالائي داستان موجب هن پنهنجن هٿن سان اردن ۾ فتح جي فوجي اڳواڻ ابوعلي اياد کي تشدد ڪري ماريو هو ۽ ان ڪانپوءِ حڪم ڏنو هئائين تہ سندس لاش کي هڪ فوجي ٽينڪ پويان ٻڌي اترائن اردني ڳوٺن ۾ گهليو وڃي. اِها ڌار ڳالهہ آهي تہ ان بابت ڪي بہ غيرجانبدار ثابتيون نٿيون ملن. طال جي قتل جي ذميوار چئن واري ٽولي کي شروع ۾ تہ، 'ابوعلي اياد گروپ طور سڃاتو ويندو هو. شيرٽن هوٽل ٻاهران پوليس گاڏي ۾ سٽيل گوريلن جي آواز تي ان وقت معمولي ڌيان بہ نہ ڏنو ويو هو. 'اسين بليڪ سيپٽمبر آهيون.' هُن سوڀ جو نشان ظاهر ڪندڙ آڱريون جهولائيندي وڏي واڪي چيو هو.

طال جي موت تي فلسطيني پناهگيرن تہ جشن ملهايو پر اردن واسي ٻنهہ هيسجي ويا هئا. ٻئي پاسي پي- ايل- او جا اهم اڳواڻ سواءِ هڪ جي، مڪمل طور تي مطمئن هئا. معتدل خالد الحسن، جيڪو ١٩٦٩ع کان پي- ايل- او جي 'پرڏيهي وزير' طور ڪم ڪري رهيو هو، ان قتل کي ننديندي ان کي دهشتگردي ۽ فاشي سوچ جو عمل سڏيو، جيڪو انقلاب جو هر صورت ۾ ويري هو.' (٦) پر سندس ڪاوڙ کي پلاند لاءِ تڙپندڙ تنظيم ۾ نظرانداز ڪيو ويو. بهرحال خالدالحسن ٿورڙن ئي مهينن ۾ پنهنجي عهدي تان استعفيٰ ڏئي ڇڏي.

جيتوڻيڪ اها ڳالهہ سمجهہ ۾ اچڻ جوڳي آهي تہ عرفات اهم دهشتگرد ڪارروائين جي پسمنظر کان ضرور واقف هوندو پر ان بابت هو اڃان تائين ڪجهہ

ڳالهائڻ لاءِ تيار ناهي. ان بابت پڇيل سوالن جا هو گول مول جواب ڏيو ڏي: جڏهن ته سندس نائب ان ڏس ۾ وڌيڪ ڪارائتا ثابت ٿين. هين وانگر خلف به پي- ايل- او جي دهشت بابت معقول ڳالهه ٿو هڏائي. پنهنجين سارونڻين ۾ عجيب دليل پيش ڪندي هو چوي ٿو ته '١٩٧١ع ۾ اردن وارا پنهنجا اڏا وڃائڻ ڪانپوءِ اسرائيلي سرحد اُڪري، روايتي گوريلا جنگ کان قاصر فتح جي نوجوان ميمبرن هڪ نئي قسم جو انقلابي تشدد شروع ڪرڻ تي زور ڀريو، جنهن کي عام طور تي 'دهشتگردي' سڏيو ويندو آهي.' (٧) طال جو قتل، جنهن کي هو فلسطيني عوام لاءِ هڪ ڪاسائي ٿو سڏي، انهن عرب اڳواڻن لاءِ هڪ چتاءُ هو، جيڪي فلسطيني حق يا مفاد قربان ڪرڻ جو فقط سوچي پئي سگهيا. (٨) عرفات قاهره ۾ پي- ايل- او ريڊيو کي هڏايو هو ته ١٩٧١ع جي خاتمي کان اڳ اسان جي چئن انقلابين طال کي هميشه لاءِ خاموش ڪري ڇڏيو ۽ اسان جا انقلابي عرب دنيا جي سمورن غدارن کي سيکت ڏيندا رهندا.' (٩)

طال جو قتل خود حسين تي ڪيل قاتلاڻن حملن کان سواءِ، اردني عملدارن تي حملن جي سلسلي جي پهرين ڪڙي هو. خلاف انهيءَ خفيا ڪارستاني ۾ پنهنجو سرواڻي وارو ڪردار ڪڏهن به ڳجهو نه رکيو، جيڪا سيپٽمبر ١٩٧١ع کان پي- ايل- او قيادت (اردني) حڪومت جي زوال لاءِ ڪم ڪرڻ واسطي شروع ڪئي هئي. (١٠)

طال جي موت کان تقريباً ٻه هفتا پوءِ، بليڪ سيپٽمبر هڪ ٻيرو ٻيهر سامهون آئي ۽ هن ٻيري اُها يورپ ۾ ظاهر ٿي. ١٦ ڊسمبر تي لنڊن ۾ هڪ هٿياربند اردني سفير نصير، زيدالرفائيءَ تي هڪ آٽوميٽڪ گن سان ٽيهن کان چاليهن تائين گوليون هلايون. رفائي کي هٿ ۾ معمولي زخم آيو. جنهن کي خلف، شاهه جو هڪ چاپلوس، ۽ 'قاتل صلاحڪار' سڏيو (١١) ايندڙ وقت ۾ رفائي ۽ پي- ايل- او وچ ۾ عداوتون انهيءَ واقعي جي روشنيءَ ۾ چڱي طرح سمجهه ۾ اچي سگهن ٿيون.

پنهنجي پر ۾، اردني اختياريءَ وارن عرفات جي فتح گروپ کي، بليڪ سيپٽمبر جي پٺيرائي ڪندڙ سڏڻ ۾ دير نه ڪئي. ١٧ ڊسمبر تي عمان ريڊيو جي هڪ نشريئي ۾ الزام ڏريو ويو ته اهو دهشتگرد محاذ 'فتح جي دغاباز منصوبن کي پڙدي پويان لڪائڻ لاءِ گهڙيو ويو آهي.' (١١) پر عمان جي انهن اوکن لفظن پي- ايل- او جي انهن سخت گير همراهن تي ڪوبه اثر نه وڌو، جيڪي هاشمين سان خوني تڪرار کي پنهنجو اولين مقصد بڻائي چڪا هئا.

١٩٧١ع کان ١٩٧٣ع تائين پي- ايل- او شاهه حسين جي 'ڪٺ پتلي حڪومت' جو تختو اونڌو ڪرڻ کي پنهنجي اهم مقصد طور رکيو، ايستائين جو ان کي اسرائيل سان ٽڪر کي هڪ پاسي رکي پورو ڪرڻ جي به ڪوشش ڪئي.

بيروت ۾ قائم پي- ايل- او جي رٿابنديءَ واري اداري ’پلاننگ سينٽر‘ جنهن جي سربراهي عرفات جي هڪ اعتماد جوڳي نبيل شطہ وٽ هئي، هاشمين جي پاڙ پٽڻ لاءِ ’فلسطيني- اردني قومي آزاديءَ واري محاذ‘ لاءِ هڪ دستاويز پڻ تيار ڪري ورتو. فلسطيني پارليامينٽ ’فلسطيني قومي ڪائونسل‘ اپريل ١٩٧٢ع ۾ قاهره واري پنهنجي اجلاس دوران ان معاملي کي اوڏي مهل ’قانوني‘ هٿي ڏني، جڏهن اُن اعلان ڪيو تہ ’اردن جي آزادي‘ بہ فلسطين مان اسرائيل کي ختم ڪرڻ جيتري اهم آهي.‘ (١٣)

ان دوران قاهره ۾ هڪ غيرمعمولي عدالتي واقعو پيش آيو. ١٩ فيبروري ١٩٧٢ع تي هڪ جڙتو سماعت ڪانپوءِ هڪ ڪورٽ، پي- ايل- او پاران پيش ڪيل ضمانتن جي آڌار تي انهن چئن جوابدارن کي ضمانت تي ڇڏي ڏنو، جن ٽي مهينا اڳ طال جي قتل جو اعتراف ڪيو هو. ڪاهي ڏر جي عرب وڪيلن جوابدارن جي نمائندگي ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي کان وڌ سرگرمي ڏيکاري. ضمانت تي پنهنجي آزاديءَ کان پوءِ اهي چارئي جڻا خاموشيءَ سان مصر کان دمشق هليا ويا ۽ ٻيهر ڪڏهن بہ ڪورٽ ۾ حاضر نہ ٿيا. نہ انصاف ڪيو ويو ۽ نہ وري ان جا ڪي امڪان بہ هئا.

انهيءَ انتهائي ڳنڀير معاملي مان جان ڇڏائڻ لاءِ قاهره واري ڪورٽ کي هدايو ويو تہ ميڊيڪل ۽ هٿيارن جي ماهرن جي رپورٽن موجب ’اُهي گوليون جن سان طال جو موت ٿيو، انهن بندوقن مان ڇُٽيل نہ هيون جيڪي جوابدارن وٽان هٿ آيون. (١٤). ان ڳالهہ هڪ نئون بحث ڇيڙيو تہ طال جي قتل ۾ بليڪ سيپٽمبر ملوث بہ هئي يا اِهو ڪنهن ٽين ڌر جو ڪارنامو هو، جيڪا سڄاڻپ کان بچي وئي. اِهو ممڪن آهي تہ ماهراڻي رپورٽ جوابدارن کي بري ڪرڻ لاءِ جڙتو نموني جوڙي وئي هجي تہ جوابدارن جو ڪورٽ ۾ ٻيهر نہ اچڻ بنان ڪنهن شڪ جي عجيب ڳالهہ آهي.

١٩٧٢ع جي شروع ٿيندي ئي، دنيا جي اهم انٽيليجنس ادارن فلسطيني دهشتگرديءَ تي ويچارڻ شروع ڪيو. آمريڪي سي- آءِ- اي ماضيءَ جي ڀيٽ ۾ ان معاملي تي ڪجهہ وڌيڪ ڌيان ڏنو. ساڳيو حال يورپي ادارن خاص طور تي اولهہ جرمنيءَ جو هو. ١٩٧٠ع کان ئي جرمن انٽيليجنس اداري کي اِها پُڪ هئي تہ جرمن ريڊ آرميءَ وارن کي ڏاکڻين لبنان ۽ ڏاکڻين يمن جي ڪئمپن ۾ تربيت ڏني پئي وڃي. ’ڪيس ميونخ واقعي کان گهڻو اڳ اِهو اندازو ٿي ويو هو تہ وچ اوڀر ڇڪتاڻ يورپي سرزمين تائين پڻ پهچي سگهي ٿي.‘ جرمن جاسوسي اداري جو هڪ اهم عملدار ٻڌائي ٿو: ’بليڪ سيپٽمبر ١٩٧٠ع کان پوءِ، اسين ان نتيجي تي پهچي چڪا هئاسين تہ ڪنهن بہ وقت ڪو زوردار ڌماڪو ٿي سگهي ٿو. عرفات، ريڊ آرميءَ جي سهڪار سان سولن نشانن کي ضربڻ لاءِ پنهنجون ڪارروايون يورپ

منتقل ڪرڻ پئي چاهيون.' (١٥)

پر ميونخ ڪنهن جي وهم و گمان ۾ بہ نہ هو. اسرائيلي انٽيليجنس اهو ڪاٿو لڳايو هو تہ ڪين راتاهن ۽ هلڪين ڦلڪين ڪارروواين وارن فلسطيني حملن ڪي منهن ڏيئو پوندو. پر اسرائيل جي ٽنهي انٽيليجنس ۽ سڪيورٽي اداري وارن جي فرشتن جي خيال ۾ بہ اِها ڳالهہ نہ هئي تہ ڪو فلسطيني دنيا جي سڀ ڪان وڏيڪ احترام جوڳين اولمپڪ راندين جي رنگ ۾ ڀنگ وجهندا. '١٩٧٢ع جي شروع ڌاري اسين ان نتيجي تي پهتا هئاسين تہ هو يقيناً وڏيڪ اثرائتي ڪارروائي ڪرڻ جو ارادو رکن ٿا، پر ميونخ بابت اسان سوچيو ئي نہ هو' جنرل يبرو ٻڌائي ٿو. (١٦) اِها ڳالهہ شايد ڪافي حيرت جوڳي ٿيندي تہ اسرائيلي انٽيليجنس ادارن جا ڪجهہ اڳوڻا سربراهہ اِهو ٿا سمجهن تہ پي- ايل- او ميونخ واقعي مان گهڻو لاڀ پرايو. تنظيم، فلسطيني مسئلي بابت ايڏو چرڪائيندڙ ۽ ڀوائتو اظهار اڳي ڪڏهن بہ نہ ڪيو هو. ميونخ، پنهنجي سموري دهشت جي باوجود ١٩٦٧ع کان لوڏن ۾ آيل تحريڪ کي هڪ نئون اُتساهہ ڏنو. شايد اهڙو ڪارنامو هو ٻيهر نہ ڪري سگهن.

جرمن انٽيليجنس جي دستاويزن موجب ميونخ واقعي جي رٿابنديءَ جا ٻج بليڪ سيپٽمبر جي ڪمانڊرن جي ذهنن ۾ ١٩٧٢ع جي مُنڍ کان بيروت ۾ اُسري رهيا هئا. سال جي وچ ڌاري سينيئر عملدارن کي جاچ لهڻ لاءِ جرمني اماڻيو ويو. هُنن ڪيترن ئي متبادلن تي ويچاريو. انهن مان هڪ، اسرائيلي عملدارن کي اغوا ڪري اسرائيلي جيلن مان فلسطينين جي آزاديءَ تائين يرغمال رکڻ هو. پر رانديگرن تي حملو، پنهنجي سموري دهدهي سبب، وڏيڪ قابل قبول ليکيو ويو.

٨ جولاءِ تي جڏهن گرمي دمشق جي زندگيءَ کي انتهائي سُست بڻائي ڇڏيو هو، تہ بليڪ سيپٽمبر جي مضبوط آپريشنل سربراهہ محمد يوسف النجار، حباش جي پاپولر فرنٽ ۽ شامي حمايت يافتا پي- ايل- او جي هڪ گروپ صائقہ ۾ پنهنجن هم رتبي عملدارن سان اهم گڏجاڻين جو هڪ سلسلو شروع ڪيو. دهشتگرديءَ جي چڱن مڙسن اصولي طور تي ڪارروائي جي اجازت ڏئي ڇڏي. آگسٽ جي شروع ڌاري، بليڪ سيپٽمبر گوريلا يونٽ جا ٻہ اڳواڻ پنهنجو پاڻ کي نئين ماحول تي هيرائڻ لاءِ ميونخ پهتا، ايندڙ هفتن ۾ اٺن جڻن واري ٽيم جا باقي ميمبر بہ پهچي ويا. (١٧) منجهائن ڪوبہ سڌوسنئون هوائي سفر ڪري وفاقي جرمني نہ پهتو هو- هو بلغراد ۽ روم کان زميني سفر ڪري اُتي پهتا هئا. قومي سرحدون اُڪرڻ وقت هنن مان ڪنهن وٽ بہ ڪو هٿيار يا ڌماڪي خيز مادو نہ هو. اِهو چيو ٿو وڃي تہ هڪ شامي سفارتڪار کي هٿيار رسائڻ جو ڪم سونپيو ويو هو.

٥ سيپٽمبر تي اٺن گوريلن صبح سادي ڇئين وڳي اولمپڪ ڳوٺ تي چڙهائي کي عملي جامو پهرايو. ڪين تمام گهڻن حفاظتي اُپائن هوندي بہ ڳوٺ اندر داخل ٿيڻ ۾

ڪا ڏکيائي پيش نہ آئي. اولمپڪ ڳوٺ جي جوڙجڪ کان تمام گهڻو باخبر فلسطيني گوريلا سولائي سان اسرائيلي رانديگرن جي هيڊڪوارٽرس تائين پهچي ويا. ان ڪارروائي دوران ٽيم جي ٻن ميمبرن کي قتل ۽ نون کي اغوا ڪيو ويو- ڊرامائي ڏينهن، جنهن جي پڄاڻي انتهائي ڀيانڪ ٿيڻي هئي، شروع ٿي ويو. سڄي دنيا ٽيليويزن ڪئمرائن ذريعي اولمپڪ ڳوٺ مان سڌوسنئون ڏيکاريل تصويرن کي انتهائي ڊپ ۽ دهشت سان ڏٺو. سڄو ڏينهن، فلسطيني گوريلن جي اسرائيلي ٽيم جي هيڊڪوارٽرس واري گيلري ۾ ظاهر ٿيڻ تي عجيب و غريب افواهن ۾ گذري ويو. اٽسٺين ڳالهين دوران، گوريلن اسرائيلي جيلن ۾ قيد عرب قيدين جي آزاديءَ جي گُهر ڪئي. وزيراعظم گولڊ اميئر جي صدارت ۾ ٽيل اسرائيلي ڪابينا جي هڪ هنگاميءَ گڏجاڻي ۾ دهشتگردن سان ڪنهن بہ قسم جي ڏيتي ليتي نہ ڪرڻ وارو موقف ورجايو ويو. پر رات پوندي ئي، جيئن پوءِ ٿيڻ وڌيڪ پريشان ٿيندڙ جرمن اختياريءَ وارن رانديگرن جي بچاءُ لاءِ هڪ پيش قدمي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. پي- ايل- او جي گوريلن کي، جن گُهر ڪئي هئي تہ هو پنهنجن يرغمالين سان گڏ قاهره ڏانهن اڏام ڪرڻ چاهين ٿا. هيليڪاپٽرن ذريعي ميونخ جي پسگردائي واري 'فيور اسٽينفيلڊ بريوڪ' فوجي هوائي اڏي ڏانهن نيو ويو. ڪين ان ڳالهہ تي اعتبار ڪرڻ لاءِ ٺڳيو ويو هو تہ ڪين لفٿنسا ڪمپنيءَ جي جهاز وسيلي قاهره اماڻيو پيو وڃي، جتان هو وڌيڪ ڳالهيون جاري رکي سگهندا. پر جرمن اختياريءَ وارن جو ڪين اسرائيلي رانديگرن سميت ملڪ ڇڏڻ جي اجازت ڏيڻ جو ڪو بہ ارادو نہ هو ۽ نہ ئي اهو اسرائيلي حڪومت ٿي چاهيو. جنهن پرڏيهي ملڪن لاءِ پنهنجي جاسوسيءَ واري اداري موساد جي انتهائي رکي، گنجي ۽ سنهڙي سپاڪڙي سربراهہ جنرل زوي زامير کي صورتحال تي نظرداريءَ لاءِ جرمني اُماڻيو هو.

زامير ايندڙ وقت ۾ پنهنجن ساٿين کي ٻڌايو تہ ان ڏينهن جڏهن هو فوجي اڏي تي لفٽ ذريعي اونداهيءَ ۾ ٻڌل ڪنٽرول ٽاور تي چڙهي رهيو هو تہ وٽس رڳو 'ڪوڪلا جذبا' هئا. (۱۸) هو پي- ايل- او جي هٿيارٻندن تي گهڻ طرفي فائرنگ واري جرمن منصوبي کان گهڻو مطمئن نہ هو. پر ان وقت هو جرمن طريقيءِ ڪار تي ڪنهن تنقيد واري حيثيت ۾ بہ نہ هو. هُن جرمن حملي آورن جي تعداد ۽ سندن پوزيشنن جي جاچ حاصل ڪرڻ تائين ئي پنهنجو پاڻ کي محدود رکيو.

زامير کي انتهائي پوائٽي صورتحال جو اندازو ان مهل ٿي ويو، جڏهن دهشتگرد گوريلن جي اڳواڻن رات جو پارهين ڏاري هيليڪاپٽر مان نڪري ويجهي بيٺل جهاز جو معائنو ڪرڻ چاهيو تہ ڪين ساٿن ڪيل دوکي جو اندازو ٿي ويو. جهاز تيل ۽ ٻئي ساز و سامان کان بلڪل خالي هو. ان ۾ عملي جو ڪو بہ ماڻهو موجود نہ هو. اهو سندس محفوظ پناهگاهہ قاهره تہ ڇا پر ڪيڏانهن بہ نہ پئي

اڏاڻو. پريشانيءَ ۾ هو هيليڪاپٽرن ڏانهن واپس وريا، پر سنڌن واپس پهچڻ کان اڳ ئي هو جرمن هٿياربندن جي گولين جو ڪاڄ بڻجي ويا. ڪنٽرول ٽاور ۾ ويٺل جرمن ۽ اسرائيلي عملدارن انهيءَ منظر کي خوفائتن ذهنن ۽ پوائنٽين اکين سان ڏٺو. جرمن پوليس جي گولين سان پرُڻ ٿيل فلسطيني گوريلن پنهنجا هٿيار يرغمالين ڏانهن سنوان ڪيا. هڪڙي هيليڪاپٽر ڏانهن اڇلايل بم اُن کي پرزا پرزا ڪري ڇڏيو ۽ ٻئي کي پڻ باهه وڪوڙي وئي. آخر ۾ پندرهن ڄڻا مارجي ويا جڏهن ته ڪيترائي زخمي ٿي پيا. سمورا نَوَ يرغمالي مارجي ويا، انُن مان پنج گوريلا ۽ هڪ پوليس وارو پڻ اجل جو شڪار بڻيا.

دمشق ۽ بيروت ۾ پي- ايل- او اڳواڻن هڪ ٻئي کي ميونخ واقعي تي واڌايون ڏنيون. سنڌن معيار موجب اِها مقداري ڪاميابي هئي. پر ڪن اهو به احساس ٿيو ته ڪين ان جا نتيجا پڻ ڀوڳڻا پوندا ۽ بليڪ سيپٽمبر تنظيم جي اڳواڻن خلاف ڪو ٺوس ثبوت ملڻ ڪانپوءِ اسرائيل انڊرگرائونڊ ويڙهه جو هڪ سلسلو شروع ڪري ڏيندو. هاڻ سوال اِهو هو ته ڪنهن امڪاني ردعمل جي موجودگيءَ ۾ فلسطينين ڏانهن ڇڪيل عالمي ڌيان مهانگو سودو هو يا نه. بليڪ سيپٽمبر جي سربراهه خلف وٽ پنهنجا ڳهٽ ۾ ڳهٽ مقصد ماڻيندڙ انهيءَ ڪارروائي بابت ڪي به شڪ ناهن. پنهنجي ساروڻين ۾ هو لکي ٿو: 'عالمي راءِ عامه فلسطيني مسئلي تي ڌيان ڏيڻ تي مجبور ٿي ۽ فلسطينين انهيءَ عالمي اجتماع ۾ پنهنجي موجودگيءَ جو احساس ڏياريو جتي ڪين نظرانداز ڪيو ويو هو.' (١٩)

عرفات ۽ پي- ايل- او قيادت کي ميونخ جي موٽ لاءِ ڪو گهڻو اوسيئڙو نه ڪرڻو پيو. ٨ سيپٽمبر تي اسرائيلي جيٽ جهازن جي ٻن اسڪواڊرن لبنان ۽ شام ۾ عرب گوريلن جي اڏن تي ڀرپور حملو ڪيو. پي- ايل- او عالمي سطح تي پڻ انتهائي ڌمر جو نشانو بڻي. گڏيل قومن ۾ آمريڪي نمائندي جارج بُش اولهه پاران ڳالهائيندي 'ميونخ ۾ بيوقوفائي ۽ بنان ڇڙ ڌيارڻ جي ڪيل حملي' کي سخت لفظن ۾ ننديو. (٢٠)

عرفات پنهنجي سر ميونخ واري ڊرامي تي سڌوسنئون ڪو تبصرو ڪرڻ کان ڪيٻائي رهيو هو. پي- ايل- او ١۴ سيپٽمبر تي هڪ سرڪاري بيان وسيلي ان ڪارروائي کان لاتعلقي ظاهر ڪندي اعلان ڪيو ته اولهائين سڌسماءُ وارن ادارن جي اِها 'پروپيگنڊائي لهر عربن خلاف سڄي دنيا کي ڀڙڪائڻ واري مُهم جو هڪ حصو آهي.' (٢١) جيئن ئي پي- ايل- او جو اِهو بيان دنيا آڏو آيو ته عرفات جي پسنديده فلسطيني شاعر محمد درويش اُن عمل کي باجواز سڏيو جنهن کي ڪيترائي غلط سڏي رهيا هئا:

'مون کي پناهگير بنائيندڙن ئي مون کان بم جو روپ اختيار ڪرايو آهي.

چاڻان ٿو تہ آءٌ مارجي ويندس،
چاڻان ٿو تہ هڪ هارايل ويڙهہ ۾ قسمت آزمائي ڪري رهيو آهيان
ڇاڪاڻ جو اها آئيندي ڪاڻ لڙائي آهي.
ڄاڻان ٿو تَہ دنيا جي نقشي تي فلسطين جو نالو اڄان گهڻو ڏور آهي.
توهان ان جو نالو ئي وساري ڇڏيو آهي ۽
ان کي ڪنهن ٻئي نالي سان سڏي رهيا آهيو.
اهو سڀڪجهہ ڄاڻان ٿو.
اَن ڪري ئي اِهو توهانجي گهٽين، توهانجن گهرن ۽
توهانجي خوابگاهن تائين ڪنيو اچان.
فلسطين رڳو زمين جو ٽڪر ناهي، عدالت جا صاحبو!
فلسطين اُهي لاش ٻڌجي ويو آهي، جيڪي چرپر ڪندا تا رهن،
دنيا جي گهٽين ۾ چُرپر ڪندا تا رهن،
موت جا نوحا ڳائيندا تا رهن، ڇاڪاڻ جو نئين مسيح
پنهنجي صليب ڦٽي ڪري ڇڏي آهي...
۽ فلسطين ڪان نڪري ويو آهي.' (٢٢)

جرمني انهيءَ قتلام کي پنهنجي حيثيت لاءِ هاڃيڪار سمجهندي انهن سرگرم فلسطيني ڪارڪنن خلاف، جن وفاقي جمهوريا جرمنيءَ کي يورپ ۾ پنهنجو مضبوط ڳڙهہ ٺاهي ورتو هو، قدم کڻندي نہ رڳو هڪ سؤ پرجوش شاگردن ۽ پورهيتن کي ملڪ مان ڪڍي ڇڏيو پر هڪ خاص دهشت گردي- ٽوڙ اسڪواڊ پڻ قائم ڪيو. پر بدقسمتيءَ سان جرمني ان معاملي مان مڪمل طور تي جان ڇڏائي نہ سگهي. ٢٩ آڪٽوبر تي بليڪ سيپٽمبر جي ٻن جوانن ترڪيءَ مٿان اڏامر ڪندڙ لفٿنسا جهاز کي اغوا ڪري، ميونخ واقعي ۾ بچي ويل ٽن فلسطيني گوريلن جي آزاديءَ جي گهر ڪئي. جرمني ڪنهن ٻئي اڻٽندڙ واقعي کان بچڻ لاءِ سندن اها گهر پوري ڪري ڇڏي. جيلن مان آزاد ٿيندڙ ٽنهي گوريلن جو ليبيا ۾ سورماڻو آدرڀاءُ ڪيو ويو، بعد ۾ هو لبنان هليا ويا. جرمن ڪمزوريءَ جو ذڪر ڪندي اسرائيل الزام ڌريو تہ 'هر شرط پوري ٿيڻ تي دهشتگردن کي پنهنجو ڪُڌو ڪم جاري رکڻ لاءِ هڪ نئون اتساهہ مليو.' (٢٣)

ميونخ قتلام جي ڪجهہ ئي هفتن ۾ اسرائيلي انٽيليجنس ان جي اصلي جوابدارن جي سڃاڻپ ڪري ورتي. ان کي فتح جي شرڪت بابت ڪو شڪ نہ هو. اسرائيلين اِهو بہ پڌرو ڪيو تہ انهن ڪارروائين جو انچارج چيئرمين جي ذاتي

سلامتيءَ واري اداري 'فورس ١٧' جو سربراهه ۽ عرفات جو پسنديده نوجوان ڪرشماتي شخص علي حسن سلامه هو.

اهي نتيجا اسرائيلي انٽيليجنس ان وقت ڪڍيا، جڏهن اُن پي- ايل- او جي ڌمڪين جو پوتاميل ڪرڻ شروع ڪيو. مارچ ١٩٦٨ع، ۾ ڪارامه لڙائي ۾ اڳتي هلي دهشتگردي ۽ جهازن جي اغوا واري سلسلي دوران فتح ۾ هين گوريلا گروپن کي اهڙو بيوقوف سڏيو ويو جن جي فوجي طريقي سان ڪن مهڻ ضروري هئي. ميونخ واري واقعي ڪانپوءِ صورتحال بلڪل بدلجي چڪي هئي. اِهو اعتراف ڪيو ويو ته فلسطيني قيادت هر ڪنهن جي توقع کان وڌيڪ سياسي آهي. 'هو اسان کان وڌيڪ بهتر طور تي حڪمت عملين بابت سوچيندا هئا.' اِهو جنرل ييرو جو به ڏهاڪو پوءِ شايد حيرت انگيز ترين انومان هو. 'هو اسان جي حڪمت عملين جو جائزو وٺندا رهندا هئا. اِها الڳ ڳالهه آهي ته هو سدائين درست نتيجا نه پئي ڪڍي سگهيا، پر هُنن پلي پت ڄاتو ٿي ته ڪنهن به فوجي ڪارروائي جو مقصد سياسي ئي هوندو آهي ۽ اهڙي قسم جي ڪارروائن جي ڪاميابيءَ کي سياسي ماپن ۾ توري تڪي سگهجي ٿو.' (٢٤)

١٩٤٠ع واري ڏهاڪي ۾ صيهونين جي آزاديءَ لاءِ ويڙهاند جي بزرگن، جن مان ڪيترائي هاڻ اسرائيلي حڪومت ۾ اهم عهدن تي هئا، پنهنجي شروعاتي جدوجهد ۽ عرفات جي فلسطيني ويڙهاند ۾ هڪجهڙايون ڳولهڻ شروع ڪيون. پر ميونخ واقعي ڪانپوءِ ڪنهن به اسرائيلي ڪا رعايت ڏيڻ نه پئي چاهي. گولڊ اميئر، جنهن کي تن ڏينهن ۾ سندس هڪ ويجهي ساٿي 'پنهنجي ٻارن کي هر قسم جي مصيبت کان بچائيندڙ ماءُ' سڏيو، گوريلن خلاف کليل جنگ جي جهنڊي ڏيکاري، جن کي اسرائيلي انٽيليجنس انهيءَ واقعي جو اصل ذميوار سڏيو هو ۽ ڪين جتي به ممڪن ٿي سگهي مارڻ جي اجازت ڏني. ميونخ واقعي ڪانپوءِ هن پهريون قدم کڻندي فوجي انٽيليجنس جي رٽائرڊ ٽيندڙ چالاڪ ۽ تڏي دماغ واري جنرل ييرو کي دهشتگرديءَ کي منهن ڏيڻ بابت پنهنجو خاص صلاحڪار مقرر ڪيو- سندس اهم ترين ذميواري ١٩٧٣ع جي بهار ۾ پي- ايل- او سان انڊرگرائونڊ ويڙهه جي سڌي سنئين جنگ ۾ بدلجڻ تائين ٽنهي انٽيليجنس ۽ سڪيورٽي ادارن، موساد، شن بيٽ ۽ ملٽري انٽيليجنس جي سرگرمين ۾ ڳانڍاپو پيدا ڪرڻ هو.

'پاليسي' اڳواڻن جو شڪار ڪرڻ ۽ اهڙيون حالتون پيدا ڪرڻ جي هئي، جن ۾ هو ڪوبه عملي قدم نه کڻي سگهن. جيتوڻيڪ اِهو ڪو سولو مرحلو نه هو. پر تن ڏينهن ۾ ان ڪانسواءِ ٻيو ڪو چارو به نه هو.' جنرل ييرو ٻڌائي ٿو. 'انهن ڏينهن ۾ ان بابت چٽا بحث ٿي رهيا هئا ته ڪجهه ٻيا دفاعي طريقا به ته ٿي سگهن ٿا ۽ اسان اِهو به سمجهي ورتو هو ته اِهو شديد خطري پريو دڳ هوندو. اسان جيڪي ڪجهه ڪريون ها، ان جو ساڳئي قسم وارو جواب به ملي پئي

سگهيو.' (٢٥)

سيپٽمبر ١٩٧٢ع کان جولاءِ ١٩٧٣ع تائين واري عرصي ۾ يورپ جي گاديءَ وارن شهرن تمام گهڻا حملا ۽ جوابي حملا ڏٺا. عرفات جو ڪاٿو اِهو آهي تہ ڏهن مهينن تائين هلندڙ انهيءَ غيررسمي لڙائي ۾ سندس سٺ ماڻهو يا تہ مارجي ويا يا هميشہ لاءِ اپاهج بڻجي ويا. اسرائيلي جاني نقصان عددي لحاظ کان تہ تمام گهٽ هو پر اُهو وڃائڻو ضرور هو.

قتل و غارت لاءِ موساد جي خاص 'خدائي ڏمر وارو اسڪواڊ' قائم ڪرڻ بابت گهڻو ڪجهہ لکيو ۽ آکيو ويو آهي، پر انڊرگرائونڊ جنگ جي منصوبي سازي ۽ عملي صورت ۾ شريڪ هڪ اسرائيلي عملدار موجب 'پهرين کان موجود يونٽن کان سواءِ ڪوبہ نئون يونٽ نہ جوڙيو ويو هو. اسان وٽ جيڪي ڪجهہ هو، اُهو هُن لاءِ ڪافي هو.' هو هيبتناڪ انداز ۾ ٻڌائي ٿو. (٢٦)

بندوق بردار ۽ ڌماڪن جا اسرائيلي ماهر، پنهنجن سگهارن ۽ درست حملن وسيلي جٽي بند جنگين جي ياد تازي ڪري رهيا هئا. سندن نشانو يورپ ۾ جتي ڪٿي پکڙيل فلسطيني هئا. ميونخ واري واقعي کان تقريباً هڪ مهينو پوءِ ١٧ آڪٽوبر ١٩٧٢ع تي هڪ فلسطيني ليکڪ وئيل زوويٽر کي روم ۾ ان وقت گولين هڻي ماريو ويو، جڏهن هو سانجهيءَ مهل پنهنجي گهر پئي موٽيو. ٨ ڊسمبر تي پئرس ۾ پي- ايل- او جي نمائندي محمود همشريءَ تي سندس گهر ۾ حملو ڪيو ويو. ٦ اپريل ١٩٧٣ع تي بغداد يونيورسٽيءَ جي هڪ پروفيسر ۽ پي- ايل- او جي حمايتي باسيل ڪوبيسيءَ کي پئرس جي هڪ گهٽيءَ ۾ گولين جو نشانو بڻايو ويو.

همشري ٿڌي تي نہ پر هڪ مهيني کانپوءِ اسپتال ۾ مري ويو هو. سندس موت جي جاچ لهڻ لاءِ پئرس اُماڻيل پي- ايل- او جو هڪ انٽيليجنس آفيسر اڄ ڏينهن تائين پنهنجي ان موقف تي قائم آهي تہ کيس اسپتال ۾ قتل ڪيو ويو هو. 'اسپتال ۾ داخل ٿيڻ جي چالهين ڏينهن کانپوءِ، سڌرندڙ صحت دوران کيس ڪو گهڻو بخار ورائي ويو ۽ انٽيناليهن ڪلاڪن اندر هو ختم ٿي ويو. آءٌ اِهو ٿو سمجهان تہ اِهو ميڊيڪل قتل آهي.' هو ٻڌائي ٿو. اِهو پڇڻ تي تہ ڇا همشري ميونخ واري واقعي ۾ ملوث هو، اهو آفيسر ڪاوڙ ۾ دانهن ڪندي چوي ٿو، 'اسين سڀئي ان ۾ شامل هئاسين.' (٢٧) اهي قتل، ڪوبيسيءَ جي قتل کان تقريباً هڪ هفتو پوءِ، يورپ کان گهڻو پري، عربن ۽ يهودين وچ ۾ جهيڙي واري مرڪز ۾ پيش ايندڙ واقعي جي پيٽ ۾ انتهائي معمولي ٿا لڳن.

١٠ اپريل ١٩٧٣ع تي بيروت بلڪل شانت هو. ان جا رهواسي، پنهنجي ملڪ جي تيزي سان گهرو لڙائي ڏانهن ڌڪجڻ جو احساس رکندي بہ، سٺي ۽ پرسڪون زندگيءَ جي اظهار طور اُبرندي بونچ جي بهار ماڻي رهيا هئا- هاڻي سموند ويجهو راس بيروت جي آرامده گهرن ۾ قائم ڪيل پي- ايل- او جي هاءِ ڪمان بہ ان کان

وانجهيل نہ هئي. اردن مان نيڪاليءَ کان پوءِ گوريلا تحريڪ حيرت انگيز طور تي نئين سر جلدئي منظم ٿي وئي هئي. نسبتي طور تي گهٽ وقت سيڙائيندي ان جا سورما ماڪوڙين جي لشڪر جيان رياست اندر رياست جوڙڻ ۾ ڪافي اڳتي وڌي ويا هئا.

اپريل جي ان ڏينهن تي بليڪ سيپٽمبر جي سربراهہ صلاح خلف، فقط ضرورت مهل ئي عوامي جاين تي اچڻ واري پنهنجي ريت ٽوڙي ڇڏي. هُن سمونڊ جي ڪناري تي مڇين واري هڪ هوٽل تي سرواٽيءَ وارن پنهنجن ٽن ساٿين، بليڪ سيپٽمبر جي ڪارروائن واري سربراهہ محمد يوسف النجار، والاريل علائقن ۾ ڪارروائن جي انچارج ڪمال عدوان ۽ پي- ايل- او جي ترجمان ڪمال ناصر سان گڏ تمام گهٽي واندڪائي واري انداز ۾ مانجهاندو ڪيو. اهو سندس آخري پيرو گڏجي کاڌل کاڌو هو. ٻئي ڏينهن صبح سوير انهن ٽئن مان ٽي ڄڻا مارجي چڪا هئا. وردن گهٽيءَ ۾ پنهنجي رهائشگاهہ ۾ ڪين سمونڊ وسيلي آيل اسرائيلي گوريلن جي گولين جو کاڄ بڻجڻو پيو. سندن ڇوٽون امڪاني نشانو خود خلف هو، جيڪو اهم شڪار هوندي بہ قسمت سانگي بچي ويو. حملي مهل هو اتفاق سان پر واري هڪ عمارت ۾ ميونخ مان زنده بچي آيل ٻن فلسطيني گوريلن سان ڳالهائي رهيو هو. عرفات بہ ان مهل ساڳي علائقي ۾ موجود هو.

حملي کان هڪدم پوءِ خلف سڌو پنهنجي بهترين دوست، شاعر ۽ ليکڪ ڪمال ناصر جي اپارٽمينٽ ڏانهن ويو. 'انهيءَ ڏيک مون کي سچ پچ ڊيڄاري ڇڏيو هو.' پنهنجين ساروڻين ۾ ان جو ذڪر هو هيئن ٿو ڪري: 'اسرائيلين پاران پنهنجي حملي کان ڪجهہ گهڙيون اڳ هلايل هڪ راڪيٽ جي دونهين مان مون ڏٺو تہ منهنجي دوست جو لاش ڪنهن صليب جيان پيو هو، سندس وات جي چوڌاريءَ وارو حصو گهٽ ۾ گهٽ پندرهن گولين سان گهايل هو.' اهو مڪمل طور تي علامتي اظهار هو. پي- ايل- او جو ترجمان مذهبي طور تي عيسائي هو. (٢٨)

اهي قتل هر لحاظ لاءِ پي- ايل- او لاءِ انتهائي نقصانڪار هئا. اڳوڻو اسڪول ماستر نجار، جيڪو پي- ايل- او جو سگهارو مبلغ بڻجي ويو هو، ۽ مضبوط ۽ ڏاهو انجنيئر عدوان، پي- ايل- او جي قيادت ۾ ٻي صف جا اهم اڳواڻ هئا. سندن خاتمي پي- ايل- او ۾ جهونن اڳواڻن جو هڪ خال پيدا ڪري ڇڏيو. وڌيڪ اهو تہ اسرائيلي عدوان جي اپارٽمينٽ مان اُهي خفيا ڪاغذ ۽ دستاويز کڻي ويا هئا جن وسيلي ڪين والاريل علائقن ۾ پي- ايل- او جي لاتعداد خفيا سيلن تائين پهچڻ ۾ سولائي ٿي. 'اِها هڪ وڏي شاهي مصيبت هئي ۽ انهن دستاويزن جي آڌار تي ڪيترن ئي ماڻهن کي زوري فلسطين مان تڙيو ويو.' پي- ايل- او جي انٽيليجنس جو هڪ اهم عملدار ٻڌائي ٿو. (٢٩)

عرفات، جنهن کي بہ هفتا اڳ سندس ساٿين پنهنجي سلامتيءَ لاءِ جوڳا اُپاءَ

وٺڻ جو چتاءُ ڏنو هو. پنهنجي ذاتي سلامتيءَ لاءِ هاڻ وڌيڪ سخت قدم کنيو. علي حسن سلامہ جي سرواٽي ۾ سندس ذاتي سلامتي واري فورس ١٧ کي واڌو وسيلا مهيا ڪيا ويا ۽ هو هڪ محفوظ ماڳ کان ٻئي هنڌ منتقل ٿيندي ۽ ٻہ ڏينهن لاڳيتو هڪ جاءِ تي نہ ترسندي عجيب ڀهروپيو بڻجي ويو هو. هُن آمريڪا خلاف پنهنجي مؤقف ۾ اچائين تيزي آندي ۽ ان تي اسرائيلي حملي ۾ سگهارو ڪردار ادا ڪرڻ جو الزام هنيو. الجزائري ريڊيو جي هڪ نشريئي ۾ عربن کي هر هنڌ آمريڪي سفارتخانن تي حملن لاءِ پڙڪائيندي ١٢ اپريل ١٩٧٣ع تي عرفات الزام هنيو تہ اسرائيلي حملي ۾ آمريڪي سي- آءِ- اي مڪمل طور تي شريڪ هئي. ساڳي ڏينهن تي اسرائيلي پرڏيهي ڪاتي، آمريڪا دشمن مُهم بابت سخت چتاءُ ڏيندي چيو تہ اهڙي قسم جا الزام فلسطيني عوام جي ٻڪهي عرصي وارن مفادن کي ڇيهو ٻہ رسائي سگهن ٿا.' (٣٠)

وردن گهٽيءَ واري اپارٽمينٽ تي اسرائيلي حملو انڊرگرائونڊ جنگ جو ڪو آخري خوني ٽڪراءُ نہ هو. يورپ ۾ 'جهڙي ڪرٽي تهڙي پرٽيءَ' وانگر شروع ٿيل ڪارروايون ٢١ جولاءِ تي ناروي جي هڪ ننڍڙي شهر للي همير تائين پهچي ويون. سڄي يورپ ۾ ديوانن وانگر علي حسن سلامہ کي ڳولينڌڙ موساد جي ايجنٽن هڪ غلط ماڻهو ماري وڌو. هڪ مراڪشي هوٽل جي بيري احمد بائوچڪيءَ کي ان وقت گوليون هڻي ماريو ويو، جڏهن هو پنهنجي حاملہ نارويجئن زال سان گڏ سانجهيءَ مهل سئنيما کان گهر موٽي رهيو هو. اسرائيلي اوڏي مهل وڌيڪ پريشانيءَ جو شڪار ٿيا، جڏهن موساد جي ڇهہ رُڪني مددگار جٿيءَ کي گرفتار ڪري ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو. ان ٽولي ۾ شامل ٻہ قاتل ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا.

للي همير واقعي يورپ ۾ انڊرگرائونڊ جنگ جو خاتمو آڻي ڇڏيو. موساد اُتي پنهنجون سرگرميون ختم ڪري ڇڏيون. جنرل زامير رٽائر ٿي ويو. ٻنهي پاسان ساهي کنئي وئي، ان صورتحال کي يورپ جي دهشتگردي ٽوڙ ادارن بہ نهايت خوشيءَ سان قبول ڪيو. 'يورپي پنهنجن ملڪن جي عرب اسرائيل جنگ واري ميدان طور استعمال ٿيڻ تي ڪي هرويرو خوش بہ نہ هئا.' انهن ڪارروائين لاءِ سڌوسنئون مددگار اسرائيلي انٽيليجنس جو هڪ عملدار ٻڌائي ٿو: 'للي همير انهن ڪارروائين کي جڻ ٻُنجو ڏئي ڇڏيو هو ۽ اِها صورتحال اسان لاءِ بہ قبوليت جوڳي هئي.' (٣١)

عرفات ۽ سندس سينيئر ساٿي، ١٩٧٣ع جي شروعات کان پنهنجن متبادلن تي گهڻ- پاسائتي نظر وجهندي، ان نتيجي تي پهتا هئا تہ بين الاقوامي دهشتگرديءَ وارين ڪارروايون فقط جوابي حملا ئي پيون آڻين. تنظيم جي انهيءَ خوني انداز وارين ڪارروائين تي بحث عرفات ۽ ٻي قيادت کي پي- ايل- او جي اڄ ڏينهن تائين

سپ کان وڌيڪ متنازع ۽ وحشياڻي ڪارروائيءَ جو جلوو ڏيکاريو.

پهرين مارچ ١٩٧٣ع تي شام جو ٺيڪ ستين وڳي، هڪ فور وهيل ڊرائيو گاڏي چئن هٿياربندن سوڊو سوڊان جي ڪاهل گاديءَ واري شهر خرطوم ۾ سعودي عرب جي سفارتخاني جو ٻاهريون در ٽوڙيندي اندر ڪاهي پئي. ڪجهه لمحن اندر هٿياربند، بي روڪ ٽوڪ فائرنگ ڪري سفارتخاني جي ان عمارت ۾ گهڙي ويا، جتي وطن واپس موٽندڙ آمريڪي ايلچي 'جي ڪرٽس موري' جي مان ۾ دعوت هلي رهي هئي. نئين ايندڙ آمريڪي سفير 'ڪليو اي نوئل' سميت خرطوم ۾ موجود سمورا اهم سفارتڪار ان دعوت ۾ شريڪ هئا. هٿياربندن نوئل ۽ موري سان گڏوگڏ سعودي عرب جي سفير عبدالله الملهوڪ، سندس زال ۽ اردن ۽ بيلجيم جي سفارتڪارن کي يرغمال بڻائي ڇڏيو.

حيرت انگيز طور تي، بليڪ سيپٽمبر جي انهن گوريلن خرطوم ۾ پي- ايل- او آفيس جي ڊپٽي چيف سليم رزاق جي سرواڻيءَ ۾ اُن امير ترين عرب ملڪ جي سفارتخاني جو در ٽپيو، جنهن عرفات جي فتح گروپ کي شروعاتي ۽ تمام گهڻا چندا ڏنا هئا. گوريلن سرد مُهريءَ سان هڪ چتاءُ ڏنو ته هو پنهنجا مطالبا پورا نه ٿيڻ تي چوويهن ڪلاڪن ڪانپوءِ پنهنجن يرغمالين کي ماري ڇڏيندا . سندن مطالبا تمام گهڻا عجيب و غريب هئا. هنن اردن ۾ قيد ابو دائود سميت فتح جي ٻين باندين جي آزادي، رابرٽ ڪينيڊيءَ جي قتل ۾ ٽيپ ڪاڏل سرهان سرهان، اسرائيل ۾ نظربند سمورين عرب عورتن ۽ اولهه جرمنيءَ جي بائدر منهاف ٽولي جي گرفتار ٿيلن جي 'سندن فلسطيني ڪاز لاءِ حمايت ڪرڻ سبب' آزاديءَ جي گُهر ڪئي. (٣٢)

آمريڪا، اردن ۽ اولهه جرمنيءَ ڪاوڙ مان سندن مطالبا مڃڻ کان انڪار ڪيو، جڏهن ته مصر ۽ سوڊان پڙدي پويان گهوٽالي جي خاتمي لاءِ ڪوششون جاري رکيون. مصر وڌيڪ ڳالهين لاءِ هٿياربندن ۽ سندن يرغمالين کي قاهره آڻڻ لاءِ پنهنجو خاص جهاز اُماڻڻ جي پڻ آڇ ڪئي. پر انهن سمورين ڪوششن جو ڪوبه ڪڙتيل نه نڪتو.

٢ مارچ جمعي تي رات جو اٺين وڳي، جيئن ئي چتاءُ وارو وقت پورو ٿيو ته سفير ڪليو اي نوئل خرطوم واري آمريڪي سفارتخاني کي ڪيل ڪيترن ئي فونن مان آخري ٽيليفون ڪيو. گوريلن جي بندوقن ۾ گهيريل، نوئل، جنهن کي شروعاتي ڪارروائي دوران گوڏي ۾ چڱو خاصو ڌڪ لڳو هو، وڌيڪ ڳالهين لاءِ امڪاني طور تي ايندڙ سينيئر آمريڪي عملدار جي آمد بابت پڇيو. جڏهن کيس اِهو ٻڌايو ويو ته هو پوئين پهر ايندو ته هُن فقط اِهو چيو 'اوستائين تمام گهڻي دير ٿي چڪي هوندي.' (٣٣)

نائين وڳي کان هڪدم پوءِ ڌوڙ جي طوفان ۾ گولين جا چاليهه ٺڪاءُ ٻڌا ويا. نوئل، موري ۽ بيلجئم جي سفارتڪار گاءِ ايد کي سفارتخاني جي تهخاني واري پٽ

سان بيهاري مشين گن مان ڦوهاري جيان گوليون وسائي انتهائي بيدرديءَ سان موت جي ننڊ سمهاريو ويو. ٿوري دير کان پوءِ گوريلن جي اڳواڻ سليم رزاق، سوڊاني پرڏيهي وزارت کي فون ڪري ٻڌايو ته سندس ساٿين پنهنجن ٽن مهمانن کي ٻي دنيا اُماڻي ڇڏيو آهي.

ڪاوڙ ۾ ڀنيٺ ٿيل سوڊاني حاڪم جعفر نميريءَ، جنهن ١٩٧٠ع دوران اردن ۾ پنهنجي جان جوکم ۾ وجهي عرفات کي موت جي مُنهن مان ڪڍيو هو، فتح تي انقلابي جذبي ۾ سورهيائپ کان وانجهيل مجرماڻي ڪارروائيءَ جو الزام ڌريو. (٣۴) سعودي عرب جي شاهه فيصل ان تي ڪو تبصرو ته نه ڪيو پر بيروت ۾ موجود عرفات ۾ سندس ساٿي سندس ناراضگيءَ کان چڱي ريت واقف هئا.

جيتوڻيڪ انهيءَ واقعي عرفات ۾ ٻين وڏن اڳواڻن کي پريشان ته پئي رکيو آهي پر هيل تائين سڀ کان اهم اُڀرندڙ سوال اِهو ئي رهيو آهي ته بليڪ سيپٽمبر واري حملي پويان فتح جو هٿ هو يا نه!؟ هاڻ اِهو سوال به اُٿڻ لڳو ته پي- ايل- او جي بيروت واري سڏسماءُ مرڪز ۽ خرطوم ۾ هٿياربندن جي وچ ۾ قائم ڪيل ريڊيائي رابطي ذريعي عرفات سڌوسنئون ڪي مشورا به ڏنا هئا يا نه.

اسرائيل اڄان تائين دعويٰ ٿو ڪري ته وٽس عرفات جي آواز ۾ ڪوڊ ورڊ 'نهرالبرد' (ٿڌي ندي) رڪارڊ ٿيل آهي. اسرائيل موجب هُن اِهو ڪوڊ ورڊ يرغمالين جي مارجي وڃڻ جي تصديق ڪرڻ لاءِ اُچاريو هو. (نهرالبرد فيبروري ١٩٧٣ع ۾ اسرائيلي جهازن جي بمباريءَ جو شڪار ٿيندڙ لبنان ۾ هڪ گوريلا تربيتي ڪئمپ جو نالو هو). اڄان تائين اسرائيل توڙي آمريڪا اهڙو ڪو ٽيپ پڌرو نه ڪيو آهي. آمريڪي ڪانگريس جي ڪجهه ميمبرن ١٩٨٦ع ۾ عرفات تي قتل جو ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ اِنصاف کاتي تي اهڙا ٽيپ ظاهر ڪرڻ لاءِ دٻاءُ وڌو ته انتظاميا ڪوتاهه ڪرڻ لڳي. (٣٥)

خرطوم وارن واقعن سان تفصيلي واسطو رکندڙ آمريڪي ملٽري انٽيليجنس جي هڪ عملدار کي عرفات جي آواز ۾، خرطوم جي هٿياربندن کي هدايتون ڏيڻ واري ٽيپ متعلق ڪي شڪ آهن. 'ڳالهه اِها آهي ته اسرائيل وٽ جيڪڏهن اهڙا ڪي ٽيپ آهن ته پوءِ انهن کي ظاهر ڇو نٿو ڪيو وڃي؟ هو پڇي ٿو: 'انهن کي لڪائي رکڻ جو ڪوبه جواز ناهي. يا وري اِهو ته اِهي جعلي آهن؟ انهن ڳالهين سبب انهن جي معتبريءَ متعلق سوال ضرور ٿا پيدا ٿين. جيستائين منهنجي ڄاڻ آهي ته ڪين به اِها خبر آهي ته بيروت ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ اتحادي اداري وارا اصل صورتحال کان باخبر آهن ته اصل ۾ ٿيو ڇا هو؟ ۽ اهي اسرائيلي دعويٰ کي بلڪل بڪواس سڏيندا. اِهو ئي سبب آهي جو هو اُهي ٽيپ ظاهر ڪرڻ کان ڪيٻائين پيا.' (٣٦)

آمريڪا وٽ بليڪ سيپٽمبر هيڊڪوارٽرس ۽ هٿياربندن وچ ۾ ٿاءُ پرپل

عرصي ۾ قائم ٽيل ريڊيائي رابطي جي چڱي خاصي رڪارڊنگ موجود آهي. خرطوم واري آمريڪي سفارتخاني ۽ بيروت واري آمريڪي مشن ٻنهي هنڌان ڳالهايل تقريباً سموريون ڳالهيون ٻڌيون هيون. حقيقت ۾، قتلام کان ڪجهه ڏينهن پوءِ خرطوم واري آمريڪي سفارتخاني پنهنجي هڪ اعتماد جوڳي رپورٽ ۾ ڄاڻايو هو ته 'اهم ڳالهه اها آهي ته دهشتگرد ٻاهران ڪنٽرول پئي ڪيا ويا ۽ ڪوڊ وردن ۾ مليل هدايتن تائين هُنن نه ته سفيرن کي قتل ڪيو هو ۽ نه وري سوڊاني حڪومت اڳيان هٿيار ڦٽا ڪيا هئا.' (٣٧)

جيتوڻيڪ عرفات خرطوم وارن واقعن تي ڪاوڙ ۽ رڪائي مان ڳالهائڻ کان انڪار ٿو ڪري، پر سندس مرحوم نائب خلف ان تي ڪجهه ضرور لکي ويو آهي. پنهنجي سوانح ۾ هو چڱي طرح لکي ٿو ته 'گوريلن جو اصل نشانو آمريڪي سفارتڪار موري هو، جيڪو ١٩٧٠ع واري جنگ کان ڪجهه اڳ عمان ۾ مقرر ٿيو هو ۽ ان جي تيارين جو اهم ذميوار هو.' (٣٨)

خرطوم وارن واقعن ۾ عرفات ملوث هجي يا نه، پر انهن سندس معتدل عرب دوستن جي حمايت ۾ رخنو ضرور وڌو. قتلام کان فقط ٻه هفتا پوءِ، هُن ڪيترن ئي اعليٰ اختياري وفدن مان پهريون سوڊان اُماڻيو. ان جي قيادت ايندڙ وقت ۾ پرڏيهي معاملن بابت پي- ايل- او جو سربراهه محمد ابوميزار ڪري رهيو هو ۽ ان وفد جو مقصد نميري سان تعلقاتن کي بحال ڪرڻ هو، جيڪو اڃان تائين شديد تاءُ ۾ هو. پي- ايل- او جي اُڀرندڙ نوجوان اڳواڻ علي حسن سلامه سميت ڪيترن ئي اڳواڻن خرطوم ياترا ڪئي- سلامه کي نميريءَ جي هڪ ويجهي صلاحڪار، سوڊاني صدر جو دهشتگرد محاذ لاءِ، هڪ سولي ٻوليءَ وارو سنيهو پهچايو: جيڪڏهن ان سوڊان لاءِ مسلسل خطرو بڻجڻ جي ڪوشش ڪئي ته هو ڪين بليڪ سيپٽمبر جو سچو سال ڏئي ڇڏيندو.' سلامه ڊرامائي انداز ۾ ڪيس ورائيو هو: 'جيڪڏهن ڪوبه شخص سوڊاني حڪومت کي ڪا ڌمڪي به ڏيندو ته هو ان جي زبان ڪپي ڇڏيندو.' (٣٩)

خرطوم، امڪاني طور تي بليڪ سيپٽمبر جي انت جو ماڳ ته ٿي پئي سگهيو پر ان واقعي عرفات ۽ سندس ساٿين کي گوريلا ڪاررواين جي موٽ ۾ پنهنجا ساٿي وڃائڻ جو سبق ضرور ڏنو. ان واقعي حسب معمول دهشتگرد ڪاررواين ۾ عرفات جي سڌوسنئون ملوث هئڻ بابت ڪيترائي شڪ پيدا ڪيا. اِها ڪا اڻٽيٽي ڳالهه نه هئي جو پي- ايل- او ان ڪانپوءِ هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجي حڪمت عملين کي ڇڪاسڻ شروع ڪيو. عرفات، جيڪو پنهنجي ڪجهه ساٿين جي ابتڙ اسرائيل ۽ والاريل علائقن کان ٻاهر دهشتگرد ڪاررواين تي ڪڏهن به خوش ناهي ٿيو، خود پنهنجي فتح گروپ مان ڪيترن ئي ساٿين جي اهڙي نقطهءِ نظر سان ٽڪراءُ ۾ آيو. ١٩٧٤ع جي شروع ڌاري هو صحافين کي ٻڌائي رهيو هو ته 'اسان کي

پنهنجي ماتر پوميءَ لاءِ جدوجهد والاريل علائقن ۾ ئي ڪرڻ گهرجي نہ ڪي انهن کان ٻاهر.' (٤٠)

مٿين لڳايل الزامن جي روشنيءَ ۾ فتح جي اڳواڻن کي اِهو سمجهڻ گهرجي تہ دهشتگرد ڪارروايون سندن توقع کان گهٽو وڌيڪ هنن لاءِ نقصانڪار ثابت ٿي سگهن ٿيون. ان جو احساس ڪين ايندڙ مهينن ۾ سالن ۾ اُن وقت تمام گهٽو ٿيو هوندو، جڏهن فتح جي هڪ منحرف 'صابري البانا'، جيڪو ابوندال جي نالي سان سڃاتو ويو، بليڪ سيپٽمبر واري ڪرت کي، ١٩٧٣ع ۾ عرفات سان ڪلي عام ٽوڙ ڦوڙ کان پوءِ ڪيترن ئي نالن سان جاري رکيو. خرطوم واري واقعي خود تنظيم کي سندس ئي جوڙيل هٿيار هٿان ذري گهٽ ختم پئي ڪيو.

حوالا

باب پنجون

١- اولهہ يورپي انٽيليجنس عملدارن کان حاصل ڪيل ڄاڻ- نالا درخواست تي ڳجها رکيل.

٢- آمريڪي پرڏيهي نشرياتي انفارميشن سروس، Middle East Monitor، جلد ٣، نمبر: ٨، ١٥اپريل ١٩٧٣ع، صفحا نمبر: ٧ ۽ ٨.

٣- ابودائود انٽرويو، تيونس، آگسٽ ١٩٨٩ع.

٤- ياسر عبدالربہ انٽرويو، تيونس، آگسٽ ١٩٨٩ع.

٥- عرفات جي صلاحڪار سان انٽرويو، تيونس، نومبر ١٩٨٩ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.

٦- An-Nahar Arab Report، بيروت، ٦ڊسمبر ١٩٧١ع، ورجايل جان ڪولي جي لکيل Green March, Black September لندن، ١٩٧٣ع.

٧- ابواياد، My Home, My Land، نيويارڪ، ١٩٨١ع، نمبر: ٩٦.

٨- ساڳيو، صفحو نمبر: ٩٧.

٩- ياسر عرفات، ورجايل Journal of Palestine Studies واشنگٽن ۽ ڪويت، سيارو ١٩٧٣ع، صفحو: ١٧٤.

١٠- ڏسو نمبر ٧ جو صفحو نمبر: ٩٥.

١١- ساڳيو صفحو نمبر: ٩٨.

١٢- بي- بي- سي عالمي نشريات جو تت، عمان مقامي ريڊيو، ١٧ڊسمبر ١٩٧١ع.

١٣- ليسٽر سوبل جو سهيڙيل Palestinian Impasse: Arab Guerrillas

and International Terror نيويارڪ، ١٩٧٧ع.
١٤- ابراهيم بڪر انٽرويو، عمان، سيپٽمبر ١٩٨٩ع، بڪر ٧٠- ١٩٦٩ع دوران عرفات جي ماتحتيءَ ۾ پي- ايل- او جو ڊپٽي چيئرمين هو.
١٥- اولهه جرمن انٽيليجنس عملدار سان انٽرويو، جرمني، جولاءِ ١٩٨٩ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
١٦- جنرل اهرون ييرو انٽرويو، تل ابيب، نومبر ١٩٨٩ع.
١٧- اولمپڪ حملي جي رٿابندي ۽ تياري بابت اولهائين انٽيليجنس رپورٽ، نومبر ١٩٧٢ع (اڻ ڇپيل).
١٨- ضمير جي هڪ ساٿيءَ سان انٽرويو، تل ابيب، ڊسمبر ١٩٨٩ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
١٩- ڏسو نمبر: ٧ جا صفحا نمبر: ١١٢ ۽ ١١٣.
٢٠- ڏسو نمبر: ١٣ جو صفحو نمبر: ١٢٣.
٢١- ساڳيو، صفحو نمبر: ١٢١.
٢٢- محمود درويش، 'دنيا ڏانهن ويندڙ: دنيا لاءِ هڪ اجنبي' (نظم)، 'محمود درويش جون مڪمل لکڻيون' تان ورتل، بيروت، ١٩٧٩ع.
٢٣- ڏسو نمبر: ١٣ جو صفحو نمبر: ١٢٣.
٢٤- جنرل اهرون ييرو انٽرويو، تل ابيب، نومبر ١٩٨٩ع.
٢٥- ساڳيو.
٢٦- اسرائيلي عملدار سان انٽرويو، يروشلم، ڊسمبر ١٩٨٩ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
٢٧- پي- ايل- او انٽيليجنس عملدار سان انٽرويو، قاهره، جون ١٩٨٩ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
٢٨- ڏسو نمبر: ٧ جو حصو نمبر: ١٢٦.
٢٩- پي- ايل- او انٽيليجنس عملدار سان انٽرويو، قاهره، مئي ١٩٨٩ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
٣٠- ڏسو نمبر: ١٣ جو صفحو نمبر: ١٢٩.
٣١- اسرائيلي انٽيليجنس عملدار سان انٽرويو، يروشلم ڊسمبر ١٩٨٩ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
٣٢- ڏسو نمبر: ١٣ جو صفحو نمبر: ٧- ١٢٦.
٣٣- واشنگٽن پوسٽ، ۴ مارچ ١٩٧٣ع.
٣۴- بي- بي- سي عالمي نشريات جو تت، خرطوم ريڊيو، ٦ مارچ ١٩٧٣ع.
٣٥- واشنگٽن پوسٽ، ١٣ فيبروري ١٩٨٦ع.
٣٦- آمريڪي انٽيليجنس عملدار سان انٽرويو، واشنگٽن، نومبر ١٩٨٩ع، نالو

درخواست تي ڪچهو رکيل.

٣٧- آمريڪي پرڏيهي کاتي پاران تار نمبر: ٠٢٩٧٦٤، ٧ مارچ ١٩٧٣ع، فريڊم آف انفارميشن ايڪٽ تحت جاري ڪيل.

٣٨- ڏسو نمبر: ٧ جو صفحو نمبر: ١٠٢.

٣٩- نميريءَ جي صلاحڪار سان انٽرويو، قاهره، ڊسمبر ١٩٨٩ع، نالو درخواست تي ڪچهو رکيل.

٤٠- ياسر عرفات، اڳيون حوالو نمبر: ١٣.




محمد عبدالرئوف القدوه الحسيني
ياسر عرفات- ڪاليج ۾ داخلا کان اڳ




ياسر عرفات جو پيءُ
عبدالرؤف القدوه الحيسني.



ياسر عرفات، 1953ع ۾
قاهره ۾ فلسطيني شاگردن جي
ليگ جي ساٿي ميمبرن سان گڏ.



ڪاٻي ڪان ساڄي- عرفات، صلاح خلاف، ۽ ظهير الالامي آگسٽ 1956ع ۾، انٽرنيشنل اسٽوڊنٽس ڪانگريس جي گڏجاڻيءَ ۾ شرڪت لاءِ يورپ ويندي.



ڪاٻي ڪان ساڄي- عرفات، نامعلوم ماڻهو، صلاح خلاف ۽ ظهير الالامي پراگ ۾ ڪانفرنس ۾ شرڪت دوران




پنجاهه واري ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ يا سٺ واري ڏهاڪي جي شروعات ۾، عرفات ڪويت ۾



فتح جي اڳواڻ جي اڳواڻ جي حيثيت ۾
عرفات جي پهرين شايع ٿيل تصوير، 1968



عرفات پي ايل او اڳواڻ طور، 1969




مالي مددگار: عرفاتِ، ۽ سعودي عربيہ جو شاھ فيصل



بليڪ سيپٽمبر گھوٽالي کي حل ڪندي، ڪاٻي کان ساڄي، عرفات، سوڊان جو جعفر نميري، مصر جو
انور سادات، لبيا جو معمر قذافي




مسلمان پائر، کابي کان ساجي، ايران جو مذهبي پيشوا آيت الله روح الله خميني، عرفات، احمد خميني.






(12) پاپولر فرنٽ فارلبريشن آف فلسطين جو اڳواڻ جارج حباش
(13) فتح جو جلوس ڪاهي ڪان ساڃي، صلاح خلاف، عرفات، خليل الوزير





گوريلا اڳواڻ ياسر عرفات جي 1968ع ۾ نڪتل تصوير



سياستدان عرفات







(16 کان 19) ياسر عرفات جا انيڪ روپ

حصو بيون

(٦)

وچايل آدرش

’اِهو هڪ بڪواسي فارمولو آهي تہ ڪو توهان ڪوڙ جنگيون وڙهي چڪا. فلسطيني مسئلي جي حل طور اولهندي ڪناري ۽ غزه واري پٽيءَ ۾ فلسطيني رياست قائم ڪرڻ واري رٿ ممڪن صورتن مان سڀ کان وڏيڪ ڀوائتي آهي.‘ ياسر عرفات بليڪ سيپٽمبر ١٩٧٠ع کانپوءِ اولهندي ڪناري جي اڳواڻن سان هڪ ڳڌجاڻي بابت تبصرو ڪندي.

١٩٧٣ع جي نومبر ۾ هڪ سانتيڪي رات جي ڏهين وڳي، هڪ سرڪاري گاڏي مراڪش جي گاديءَ واري هنڌ رباط جي هڪ گهٽيءَ ۾ اچي بيٺي. ٻہ ماڻهو، هڪ سگهارو ۽ ويڪرن ڪلهن سان، ٻيو سنهڙو ۽ ننڍي قد وارو، گاڏيءَ مان لهي رستي جي ڀرسان ٺهيل هڪ ٺاهوڪڙي گهر ڏانهن هلڻ لڳا. ڪنهن عام ڏسندڙ لاءِ، هو مراڪش جي مٿئين طبقي جا اُهي فرد ٿي پئي سگهيا، جيڪي رواجي پسار لاءِ نڪتا هئا. پر اِهي ٻئي ڪي معمولي ماڻهو نہ هئا ۽ مراڪش جي هڪ سينيئر فوجي عملدار جي گهر سندن مصروفيت ڪنهن رواجي سماجي ڳڌجاڻي کان گهڻي اهم هئي، ان جو اندازو ان علائقي ۾ موجود مراڪشي فوجين جي تعداد مان ٻڻ ٿي پئي سگهيو. سگهاري بُت وارو شخص آمريڪي جنرل ورنن والٽر هو، جيڪو سي- آءِ- اي جو ڊپٽي ڊائريڪٽر ٿيڻ وارو هو. ساڻس گڏ ٻيو شخص والٽرس جو ڊگهي عرصي کان هڪ اهم رابطو ۽ مراڪش جو شاهہ حسن II هو. اجان تائين ڪافي حد تائين ڳجهي رهيل ڳالهہ موجب، والٽرس جو ان تنظيم جي ٻن نمائندن سان تعارف ٿيڻو هو، جنهن نوَ مهينا اڳ سندس دوست ۽ خرطوم ۾ آمريڪي سفير ڪليو نوئل کي قتل ڪيو هو.

والٽرس جي انتهائي ناممڪن ذميواري نڪسن انتظاميا ۽ پي- ايل- او وچ ۾ اعليٰ سطحي ۽ انتهائي خفيا رابطو قائم ڪرڻ ۽ کين هڪ سخت چتاءُ ڏيڻ هو. ’آءٌ توهان کي ڪليل لفظن ۾ ٻڌائي ڇڏيان تہ آمريڪين کي مارڻ جو اِهو سلسلو هاڻ بند ٿيڻ گهرجي، نہ تہ اهڙي صورتحال پيدا ٿيندي جنهن ۾ رت جا دريا اُٿلندا ۽ اِهو

ٿيڻ گهرجي، نہ تہ اهڙي صورتحال پيدا ٿيندي جنهن ۾ رت جا دريا اُٿلندا ۽ اهو رت رڳو آمريڪي رڳن مان نہ وهندو.' هُن انهيءَ رات ادائي ڪلاڪن تائين گول ميز جي چوڌاري فلسطينين سان پنهنجي هلڪي رعبدار آواز ۾ ڳالهائيندي چيو هو. (١)

والٽرس جي سڌي سنئين پيغام سندس مخاطب، فتح جي اهم اڳواڻ خالدالحسن ۽ سندس ساٿي ماجد ابوشرر کي توائي ڪري ڇڏيو هو، جن کي آمريڪي عملدار پاران ان قسم جي سڌي سنئين ڌمڪيءَ جي توقع نہ هئي. رباط گڏجاڻي ان کان سواءِ بہ پي- ايل- او کي سوچڻ لاءِ ڪيتروئي مواد ڏنو. جوابي حملن جي ڌمڪيءَ کان سواءِ، والٽرس کي آمريڪي پرڏيهي وزير هينري ڪسنجر اها ذميواري سونپي تہ فلسطينين جي سياسي سوچ معلوم ڪري ۽ اهو ڪاٿو لڳائي تہ آمريڪا ۽ پي- ايل- او وچ ۾ ڳالهيون شروع ڪري سگهڻ جا ڪي امڪان آهن، عرب اسرائيل ڇڪتاڻ کي ڳالهين ذريعي نبيرڻ بابت تنظيم جو موقف ڇا هو؟ اهي ڳالهيون فقط عرب قوت جي موجودگيءَ سبب هلايون وڃن يا ان جي ڪن حقيقي سببن ڪاڻ ڪجن؟ جيڪڏهن ممڪن آهي تہ پوءِ اها ڪهڙن شرطن تي اسرائيل کي تسليم ڪندي؟ ۽ ان جو آمريڪي اتحادي اردن واري هاشمي بادشاهت بابت حقيقي رويو ڇا آهي؟ بليڪ سيپٽمبر کان پوءِ مسلسل ٽن سالن تائين شاهہ حسين ۽ سندس حمايتين خلاف رتّ ٻاري ڇڏڻ کانپوءِ ڇا فلسطيني ساٿس 'جيئو ۽ جيئڻ ڏيو' واري اصول تي هلي سگهندا؟

انهن سوالن تي والٽرس ۽ خالدالحسن ٽين نومبر ۽ ايندڙ سال ستين مارچ تي مراڪش جي شاهي شهر فيض جي هڪ سرڪاري مهمان خاني ۾ ٿيندڙ ڳالهين ۾ ويچاريو. (٢) ان ۾ ڪا حيرت جوڳي ڳالهہ نہ هئي تہ اهي ٻئي گڏجاڻيون بي ثمر ثابت ٿيون. اهي سوال ڇهہ سال اڳ اردن ۾ عرفات جي چيئرمين ٿيڻ وقت بہ موجود هئا تہ عين والٽرس جي پڇاڻي وقت بہ تحريڪ اندر ڇتي بحث مباحثي جو سبب بڻيل هئا.

اهي معاملا ان وقت وڌيڪ ڇتائي سان سامهون آيا، جڏهن تحريڪ ٧١-١٩٧٠ع دوران اردن ۾ نازل ٿيندڙ آفت جو جائزو وٺڻ شروع ڪيو. ان حقيقت سان بگهو ۽ پيرائتو مڪاميل هاڻ پي- ايل- او جي اندرين ڍانچي فتح اندر پڻ نڪري نروار ٿيو هو. ان ريت مزاحمتي تحريڪ سان لاڳاپيل ڪيترائي آدرش پڻ پنهنجين اصليتن سوڌو ظاهر ٿيا، جيڪي مڪمل طور تي تصوراتي هئا.

١٩٧٠ع واري ڏهاڪي جي شروعات کان ئي عرفات ۽ سندس ساٿين اهو پروڙڻ شروع ڪيو هو تہ يهودين سان گڏ رياست قائم ڪرڻ واري سندن سپني ۾ هڪ بنيادي نقص هو: اُن جو بنياد اسرائيل جي حيثيت بابت بنيادي طور تي غلطيءَ تي ٻڌل هو. ان وقت ڪيترن ئي عرب اڳواڻن وانگر پي- ايل- او اڳواڻ جو بہ خيال هو تہ يهودي رياست ڪمزور ۽ اندروني اختلافن جو شڪار آهي ۽ اسرائيل

موچارو ڳاٿيتو اوڏانهن ڇڪبو ۽ جدوجهد ۾ شامل ٿيندو. پر ان خيال، حقيقت سان ڪوبہ ميل نٿي کاڌو. پي- ايل- او جا عهديدار فقط هڪ اسرائيلي يهوديءَ جو گوريلا جنگ ۾ شموليت جو مثال ڏئي پيا سگهن ۽ اُهو بہ اڳتي هلي اختياري وارن هٿان گرفتار ٿي جيل ۾ وڃي سُکيو ٿيو. (٣) صيهونين کي اِهو سمجهاڻ تي مجبور ڪرڻ تہ، هو پنهنجي سلامتيءَ لاءِ ملڪ ڇڏي هليا وڃن، فدائين جي حملن، باقي عرب دنيا مان ايندڙ دشمنيءَ جي ہولن سوڌو، فقط ڪين، فلسطينين ۽ سندن ڪمن ڪارين خلاف پنهنجا ذريعا استعمال ڪرڻ تي لڳايو.

اسرائيل لاءِ سڀ کان بهتر سياسي صورت اِها هئي تہ هو ڪنهن بہ ريت اِهو ثابت ڪري تہ فلسطيني مسئلي جو ڪو وجود ئي ناهي ۽ ١٩٤٨ع ۾ ان وقت فلسطين سڏجندڙ علائقي مان جيڪي فلسطيني بچي ويا هئا، اُهي هاڻ پاڙيسري عرب ملڪن ۾ ضم ٿي رهيا هئا. اسرائيل کي ختم ڪري، عرب بالادستيءَ واري بہ قومي رياست ۾ شامل ٿي وڃڻ وارو نقطءِ نظر، جيئن فلسطيني 'دهشتگرد' تجويز ڪري رهيا هئا، خواري ۽ توهين کان سواءِ ڪجھ بہ نہ هو.

اسرائيلي شڪن کي هٿي پي- ايل- او پاران ان منصوبي تي عمل لاءِ ڪيل بي تُڪي دستاويز بازيءَ مان ملي. عرفات ۽ سندس ساٿين ان نظريي کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ ڪڏهن بہ ڪا سنجيده ڪوشش نہ ڪئي. فقط يهودي عقيدو رکندڙن کي پنهنجي مرضيءَ جو يهودي نہ سمجهندي، هُنن انهن سوالن تي ڄاڻي ٻجهي ڪا واٽ نہ ورتي تہ سندن خيالي مملڪت ۾ ڪهڙن يهودين کي رهڻ جو حق هوندو يا انهن کي ڪهڙا حق مليل هوندا؟ ان جو نتيجو اِهو نڪتو جو اسرائيلين جي اڪثريت اِهو سمجهڻ لڳي تہ ان جو مقصد هڪ وڏيڪ انساني تباهي يا گهٽ ۾ گهٽ وڏي پئماني تي لڏپلاڻ ضرور آهي. هڪ اهم عرب نواز اسرائيلي يهوشفات هرڪابي، جيڪو ڪنهن وقت ۾ ملڪ جي فوجي انٽيليجنس جو سربراھ هو ۽ هاڻ اسرائيل ۽ پي- ايل- او وچ ۾ ڳالهين جو حمايتي آهي، اُن وقت اِهو لکي هڪ آواز گونجاريو تہ 'اسرائيل جي رهواسين جي هڪ وڏي حصي کي تباھ ڪرڻ کان سواءِ اسرائيل کي بطور رياست جي تباھ ڪرڻ ناممڪن آهي.' (٤)

جيڪڏهن اڄ ڪانئس اِهو ٿو پڇجي تہ ١٩٦٠ع واري ڏهاڪي جي پڇاڙ ڌاري جمهوري رياست وارو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ وٽس ڪهڙو طريقو هو تہ، عرفات عمومي ڳالهين ۾ وچڙندي اسرائيل ۾ موجود ان معمولي گروپ جو هر هر ذڪر ٿو ڪري، جيڪو يهودي رياست سان ٽڪراءُ ۾ اَيل آهي. 'هر اُهو شخص جيڪو برلن واري پٽ کي ڪرندي ڏسي ٿو ان نتيجي تي بہ پهچي سگهي ٿو تہ عوامي راءِ کان سواءِ ڪنهن بہ شيءِ جي ڪا حيثيت ناهي. اڄان تائين ڪجھ اهڙا اسرائيلي گروپ آهن جيڪي پنهنجو پاڻ کي اسرائيلي سڏرائڻ کي ڌڪارين ٿا. 'نيتورائي ڪارتا' گروپ وارن مونکي ڪيترائي ڀيرا چيو آهي تہ هو مستقبل واري فلسطيني

رياست ۾ وزارتون قبول ڪرڻ لاءِ پڻ تيار آهن. آءٌ ان کي قدر جي نگاهه سان ڏسان ٿو.' (٥) شروع کان هيل تائين فتح جو اهم اڳواڻ خالدالحسن سمجهي ٿو ته انهن ڏينهن ۾ اسين سياسي طور تي انتهائي سادا سودا هئاسين. عرفات جي سوچ تن ڏينهن ۾ ۽ ايندڙ ڪيترن ئي سالن تائين اُسرندڙ معيار جي هئي.' (٦)

جنهن ڳالهه انيڪ ڀيرا ٻاهرين دنيا کي پريشان ڪيو، اُها هئي فلسطينين پاران پنهنجي جدوجهد کي انتهائي مرحلي تائين وٺي وڃڻ لاءِ عبوري تجويزن کي ميڻ کان انڪار ڪرڻ واري هوڏ. ڇهن ڏينهن واري جنگ کان پوءِ ڪيترن ئي عرب اڳواڻن سان گڏوگڏ صدر ناصر پڻ پهرين قدم طور فلسطين جي ڪنهن حصي ۾ فلسطيني رياست قائم ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي. پر پي- ايل- او وٽان، جيڪا اڄان تائين مڪمل آزادي چاهي رهي هئي، ان بابت چڙ ڏياريندڙ ترش جواب ئي آيو. جڏهن والاريل علائقن سان تعلق رکندڙ ڪجھ دانشورن ۽ روايتي سياستڪارن ١٩٦٧ع جي آخر ڌاري اولهندي ڪناري ۽ غزه واري پٽيءَ ۾ 'ننڍڙي فلسطيني رياست' واري رٽ کي اڳتي وڌائڻ شروع ڪيو ته عرفات ۽ سندس ساٿين پنهنجن اردني ٽڪاڻن مان ان کي بغاوت سڏيندي ٺڏي ڇڏيو. هُنن والاريل علائقن ۾ سياسي مقبوليت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪو خاص سياسي ڪم نه ڪيو هو ۽ مقامي اڳواڻن پاران فلسطيني عوام جي نمائندگي ڪرڻ جي ڪابه خواهش پوري ڪرڻ لاءِ به قطعي تيار نه هئا. فتح جي ريڊيائي نشرين ۽ ٽپال ۾ ان نقطهءِ نظر جي حامين کي اسرائيل سان 'سهڪار' ڪندڙ سڏيندي ڪين سيڪت ڏيڻ جي ڌمڪي ڏني ويندي هئي. ڊسمبر ١٩٦٧ع ۾ فدائين 'فلسطيني رياست جو هڪ پمفليٽ' وسيلي ڪيس پيش ڪندڙ ڊاڪٽر حمدي التاجي الفاروقي تي راڪيٽ لانچرن سان حملو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. (٧) آڪٽوبر ١٩٧٠ع ۾ جڏهن اِهو نقطهءِ نظر هڪ ڀيرو ٻيهر سامهون آيو ته پي- ايل- او هڪ 'انقلابي ٽربيونل' قائم ڪري 'فلسطيني عوام جي نالي ۾ انقلاب جي تاجي ٻيٽي جي ٻاهران ڪم ڪندڙن خلاف' ڪارروائي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. عرفات اُلهندي ڪناري جي اڳواڻن کي ڪليل لفظن ۾ ٻڌايو ته 'ڪوبه شخص جيڪڏهن پنهنجو ڳاٽ اوچو ڪري وقت کان اڳي واري رياست جي ڳُهر ڪندو ته سندس ڪَنڌ ئي ڪپيو ويندو.' (٨) الهندي ڪناري جي انهن ماڻهن کي جن 'ننڍڙي رياست' واري تجويز جي حمايت ٿي ڪئي يا ان بابت پرچار ٿي ڪيو، وقت کان اڳ پنهنجين ڳچين کان محروم ٿيڻو پيو.

سيپٽمبر ١٩٧٠ع کان اردن ۾ شروع ٿيندڙ مار، ڪين ان ڳالهه تي سوچڻ لاءِ مجبور ڪيو ته حالتون ۽ وقت فلسطيني مزاحمت جي حق ۾ ناهن ۽ بنيادي پاليسيءَ تي نئين سر ويچارڻ جي ضرورت آهي. عجيب اتفاق آهي ته انهن ساڳين حالتن ئي، جن پي- ايل- او کي ويڳاڻپ مان ڪيڍي عالمي دهشتگرديءَ ڏانهن ڌڪيو، عرفات کي به گڏيل قومن تائين پهچڻ ۾ مدد پڻ ڪئي. جيئن ئي هُنن ١٩٧١ع ۾ دمشق ۾

رهندي پنهنجا گهاوَ پرڻ شروع ڪيا ۽ بليڪ سيپٽمبر تنظيم جي عمل واري ميدان ۾ ٽپندي ئي فتح جي اڳواڻن پنهنجي انداز مٽائڻ بابت پاڻ ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو هو. صلاح خلف موجب فلسطينين سان شاه حسين جي بدو فوجن جو رويو سندن خفيا رَوِشن تي انتهائي گهڻو اثرانداز ٿيو.

'هڪ واقعي جي يادگيري سدائين مون سان گڏ رهندي. اُهو ڪيترن ئي فدائين جو اردني فوج کان ڀڄي اسرائيل ۾ پناه گُهرڻ هو. اِها منهنجي زندگيءَ ۾ پيش آيل انتهائي ڏکي صورتحال هئي.' هو چوي ٿو: 'ان مرحلي تي اسين ان نتيجي تي پهتاسين ته اسان جو مسئلو رڳو اسرائيل نه پر عرب پڻ آهن ۽ هڪ لحاظ کان اسرائيل ايترو خراب نه هو جيترو عرب رياستون. ان کان پوءِ ئي اسين آزاد ڪرايل فلسطين جي ڪنهن به حصي تي رياست قائم ڪرڻ واري سياسي حڪمت عملي ڏانهن وڌياسين. اسان ان جو ڪلي عام اظهار ته نه ڪيو پر فتح جي ڪجھ ڳوڙهن ان متعلق خانگي فيصلو ضرور ڪري ورتو هو.' (٩)

بنيادي طور تي ان ۾ هڪ بنيادي مسئلو رڪاوٽ بڻيل هو، جيڪو عرفات ۽ سندس ساٿين کي سندن سخت گير مخالفن هر هر پئي ياد ڏياريو ته، جيڪڏهن هو مڪمل فلسطين جي آزادي واري پهرين مرحلي ۾ ڪنهن ننڍڙي رياست تي راضي ٿي ويا ته اِهو امڪاني طور تي تحريڪ جو آخري مرحلو به ٿي سگهي ٿو ۽ اِهو به ٿي سگهي ٿو ته پي- ايل- او جي قيادت ۾ هيٺين صفن ۾ شامل پناهگير هاڻ اسرائيل سڃاڻندڙ پنهنجي ڌرتيءَ ڏانهن واپس ورڻ واري پنهنجي بنيادي مقصد تان ئي هٿ کڻي وڃن. انهيءَ مونجهاري ايندڙ سالن ۾ تحريڪ جا هزارين ڪلاڪ بحث مباحثي ۾ ضايع ڪرايا.

ان وقت اڳي ۽ پوءِ جيان مسئلو فقط اِهو هو ته فلسطيني شرط طئي ڪرائڻ واري حيثيت ۾ نه هئا. شڪستن ۽ اندروني ٽوڙڦوڙ کان علاوه هو ٻاهرين دٻائن جو پڻ شڪار هئا. هڪ پاسي پي- ايل- او جو سخت ويري شاه حسين والاريل علائقن تي پنهنجي دعويٰ پڪي ڪرڻ لاءِ ١٥ مارچ ١٩٧٢ع تي اسرائيل پاران اولهندي ڪناري ۽ غزه واري پٽيءَ تان هٿ کڻڻ کان پوءِ اردني راڄ هيٺ هڪ گڏيل عرب بادشاهت قائم ڪرڻ واري منصوبي جو اعلان ڪيو. ٻئي پاسي اسرائيل پاران ساڳي سال جي بهار ۾ والاريل علائقن ۾ مڪاني چونڊن جو اعلان ڪيو ويو ۽ فلسطينين ان ۾ حصو وٺي انهن کي ڪامياب ڪيو. بيروت ۾ سمونڊ ڪناري قائم ڪيل آفيسن ۾ ٿانيڪو ٿيل پي- ايل- او قيادت لاءِ اِهو اردني- اسرائيل ڳٺجوڙ کان سواءِ ڪجھ به نه هو پر، وٽن ان جي مزاحمت ڪرڻ جي وت نه هئي. عرفات پاران چونڊن جو بائيڪاٽ ڪرڻ جو حڪم ۽ ان ۾ حصو وٺندڙن تي قاتلاڻن حملن جي ڪوشش جي باوجود چونڊون پنهنجي پروگرام موجب ٿيون ۽ ان سان پي- ايل- او جي پيٺ ۾ اردن جي اهميت وڌي. (١١) معاملن کي اڳتي

اُلجهائيندي مصر پنهنجي نئين صدر انور سادات جي سربراهيءَ ۾، ١٩٦٧ع واري جنگ کانپوءِ عرب دنيا تي مڙهيل ’جنگ بنان امن ناممڪن آهي‘ واري چڪر مان جان ڇڏائڻ جي راهه ڳوليندي، فلسطينين کي وڏيڪ حقيقت پريو نقطءِ نظر اختيار ڪرڻ لاءِ زور پري رهيو هو. ميونخ اولمپڪ واري واقعي کان فقط ٿي هفتا پوءِ ٢٨ سيپٽمبر ١٩٧٢ع تي فلسطيني فوجي ڪائونسل آڏو تقرير ڪندي سادات گوريلا تنظيم کي ماضيءَ مان جان ڇڏائڻ ۽ هڪ جلاوطن حڪومت قائم ڪرڻ جو مشورو ڏنو.

ان مشوري ٻڌندڙن کي ديڇاري ڇڏيو. اهڙي حڪومت قائم ڪرڻ جي ڪابہ ڪوشش نہ رڳو قيادت لاءِ واڌو ذميوارين جو سبب بڻجي ها پر اِها سفارتي ميڄتا لاءِ فلسطينين کي سندن علائقائي دعويٰ کي سهڻي نموني پيش ڪرڻ لاءِ چوي ها ۽ دهشتگرد ڪارروائين تان بہ هٿ کڻائي ها. (١٢)

جيئن ١٩٧٠ع ۾ عرفات پاڻ بہ چيو هو: ’اسين رڳو ڪا حڪومت قائم ڪرڻ لاءِ سرگرم ناهيون. اسان سدائين چوندا رهيا آهيون تہ اسين قومي آزاديءَ واري تحريڪ آهيون ۽ ان جو مقصد آزادي ماڻي وطن ڏانهن موٽڻ آهي. اسين اهڙو ڪوبہ نئون بار کڻڻ لاءِ تيار ناهيون، جيڪو اسانجي قومي آزاديءَ واري جدوجهد ۾ ڪا رڪاوٽ بڻجي ۽ اسان لاءِ فلسطيني حڪومت جو مطلب تمام گهڻي ’سرڪاريت‘ ۽ مشڪلاتون آهي.‘ (١٣)

عرفات جي ڪن ۾ سادات جي اِها رٽ ڪنهن تاريخي پڙلاءُ جيان گونجي رهي هئي. ڪيس چوويهہ سال اڳ فلسطينين پاران جلاوطن حڪومت قائم ڪرڻ وارو واقعو ياد اچي ويو: عرب ليگ جي پٺڀرائي سان قائم ڪيل ڪُل فلسطين حڪومت ١٩٤٨ع ۾ تازو آزاد ٿيل اسرائيل هٿان عرب فوجن کي شڪست کان پوءِ، غزه واري پٽيءَ ۾ قائم ٿيل اِها حڪومت بدنظمين جو شڪار ٿي جلدي نقشي تان ميسارجي وئي. عرفات کي واحد ڪٽڪو بہ اِهو ئي هو تہ ڪٿي اِها حڪومت بہ پراڻي حشر کي دهرائي نہ وجهي.

فلسطيني دهشتگرد ڪارروائين ذريعي حاصل ڪيل عالمي شهرت جي باوجود ١٩٧٢ع ۾ پي- ايل- او انهن مسئلن تي انتهائي بحراني صورتحال جو شڪار هئي. جيئن ساڳي اونهاري ۾ خلف خدشو ظاهر ڪيو هو تہ مزاحمت ذري گهٽ ’مڪمل تباهيءَ‘ تائين پهچي چڪي آهي. (١٤) اولهندي ڪناري تي اردن جي نئين سر دعويٰ لاءِ ڪوشش ۽ سادات جي مصر پاران عرب- اسرائيل ڇڪتاڻ ۾ هڪ نئين رٽ پيش ٿيندي، عرفات ۽ سندس تحريڪ سمجهيو پئي تہ ڪنهن نئين ڊرامائي صورتحال جي پيدا ٿيڻ تائين هو بيروت ۾ پنهنجي آرامده آفيسن ۾ ئي ٻوساٽجندا رهندا. سندن ٻڌتر واري اِها صورتحال فقط ٻارهن مهينا پوءِ شروع ٿيندڙ هڪ نئين عرب- اسرائيل جنگ ڪري ختم ٿي وئي.

فلسطيني تحريڪ ۾ نئون جوش پيدا ڪرڻ جو پهريون سڌوسنئون اهڃاڻ اپريل ١٩٧٣ع ۾ اسرائيل جي وحشياڻي حملي جي نتيجي ۾، پي- ايل- او جي ٽن اهم اڳواڻن جي بيروت ۾ قتل ڪان پوءِ ظاهر ٿيو. الهندي ڪناري ۾ لبناني ڌرتيءَ تي قتل ٿيندڙ اڳواڻن جي ماتمي جلوسن ۾ احتجاجن جو هڪ اڻٽٽ سلسلو شروع ٿي ويو. فلسطيني اخبارون قتل جي خبرن ۾ اسرائيلي اڳواڻن تي شديد تنقيد سان ڀريل هونديون هيون ۾ اسرائيلي والار هيٺ آيل ڳوٺن ۾ شهرن ۾ مظاهرو ڪندڙ پي- ايل- او سان يڪجهتيءَ جي اظهار طور ڳاڙهي، ڪاري، سائي ۾ اڇي پٽيءَ وارا فلسطيني جهنڊا جهولائي رهيا هئا. (١٥)

وڌيڪ اهم اُهو سياسي سنيهو هو، جيڪو غزه جي پٽي ۾ اولهندي ڪناري جي رهواسين بيروت ۾ ويٺل اڳواڻن ۾ عالمي برادريءَ کي اماڻڻ شروع ڪيو هو. پهرين چپ چاپ ۾ ۽ پوءِ کلي عام والاريل علائقن وارن فلسطينين جي نمائندن لبنان ۾ ٿانيڪي ٿيل قيادت کي هدائتڻ شروع ڪيو ته عرب- اسرائيل چڪتاڻ تي سندن هڪ مخصوص راءِ آهي ته اُن تي به پي- ايل- او کي غور ڪرڻ گهرجي. اولهندي ڪناري ۾ غزه واري پٽيءَ تي اسرائيلي دعوائن ڪانپوءِ اُتي هڪ نئين فلسطيني تحريڪ اُڀرڻ لڳي.

پنهنجن ڪيترن ئي جلاوطن هم وطنن جي اُبتڙ، والار هيٺ آيل فلسطينين وٽ اسرائيل بابت ڪي به عجيب و غريب آدرش نه هئا. انهن مان ڪيترائي يهودين جي فيڪٽرين ۾ اڏاوتي ڪمن ۾ جنبيل هئا. سندن روزمره جي تجربي ثابت ڪري ڇڏيو هو ته اسرائيلي رياست جو ڏاڪي به ڏاڪي فلسطيني رياست ۾ بدلجڻ فقط خواب آهي. ڪنهن حد تائين ڪجهه گنجائشون نڪري پئي سگهيون.

١٩٧٣ع جي اونهاري ۾، اولهندي ڪناري جي هر مڪتبہ فڪر سان تعلق رکندڙ سؤ کان به وڌيڪ اهم شخصيتن گڏيل قومن ڏانهن ہہ مراسلا اُماڻيا. انهن ۾ اسرائيلي والار کي ننڌڻ ۾ اولهندي ڪناري ۾ غزه واري پٽيءَ جي رهواسين لاءِ سندن پنهنجي ڌرتيءَ کي 'خودارادي‌ءَ واري حق ۾ خودمختياري' ڏيڻ جون گهرون شامل هيون. (١٦) بيروت ۾ موجود گوريلا اڳواڻن لاءِ اِهو چٽو پيغام هو ته هو والار کي ختم ڪرائڻ ۾ هڪ ننڍڙي رياست کي قائم ڪرڻ کي اوليت ڏين.

آباديءَ جي ان حصي پاران ڪيل پنهنجي سر اعلان کي، جيڪو والار خلاف خاموشي اختيار ڪرڻ تي، پي- ايل- او تي ٻڳهي عرصي کان تنقيد جو هڪ نئون اظهار هو. عرفات پنهنجي قيادت خلاف اُڀريل امڪاني خطري طور ورتو. والاريل علائقن ۾ اُڀريل انهن نين قوتن کي پي- ايل- او جي اثر ۾ آڻڻ لاءِ ڪو اُپاءُ وٺڻ ضروري هو. ساڳي وقت پي- ايل- او کي اِهو پڻ ثابت ڪرڻو هو ته ڪيس انهيءَ ڳنڀير مسئلي جو احساس آهي. 'اِهو اسان مان هر ڪنهن جو فرض آهي ته اسين پنهنجي وچ ۾ موجود ناتن کي اڃائين سگهارو ۾ پنهنجائپ ڀريو بنائڻ لاءِ گڏجي

پتوڙيون.' عرفات ان سال جي آخر ۾ والاريل علائقن جي فلسطينين ڏانهن اُماڻيل هڪ سنيهي ۾ چيو هو. 'اسين بہ توهان سان گڏ ساڳي خندق ۾ آهيون.' (١٧)

والاريل علائقن ۾ رهندڙ فلسطينين ۽ ٻاهر موجود پي- ايل- او وچ ۾ تعلقات سگهارا ڪرڻ لاءِ عرفات اولهندي ڪناري جي مقامي ڪميونسٽن پاران پنهنجو پاڻ کي نئين لائين تي منظم ڪرڻ جي منظوري ڏني. آگسٽ ١٩٧٣ع ۾ قائم ڪيل فلسطيني قومي محاذ، والار هيٺ رهندڙ فلسطينين کي اسرائيلي ڏمر خلاف پنهنجي اظهار جو هڪ بهتر ذريعو مهيا ڪري ڏنو. ساڳي ريت اُن ڪين بيروت واري جلاوطن قيادت وٽ فلسطين ڏانهن موٽ بابت بهتر متبادل ڳولڻ لاءِ پنهنجو ڪيس پيش ڪرڻ جي پڻ راهه ڏيکاري.

مزاحمت مان، اهڙن 'بغاوتي' رجحانن تي عوامي اظهار (١٨) سڀ کان اڳ عرفات يا فتح جي اندروني دائري وارن سندس ساٿين پاران سامهون نہ آيو، جيڪي گذريل ٻن سالن کان ان معاملي تي پنهنجا ويچار فقط هڪٻئي سان ئي اوري رهيا هئا، پر غيرمتوقع طور تي اهڙي لاڙي جو عام اظهار ساٿن گڏ، کاٻي ڌر جي دانشورن ۽ ويڙهاڪن جي گروپ 'فلسطين جي آزاديءَ لاءِ عوامي جمهوري محاذ' (PDFLP) پاران آيو. ان جو اڳواڻ، اردن سان تعلق رکندڙ پرجوش نوجوان مارڪسي نايق حواتمہ، ذهين ۽ حقيقت پسند فلسطيني اڳواڻ طور مڃتا حاصل ڪري چڪو هو. نايف، اسرائيلي کاٻيءَ ڌر وارن سان شروعاتي رابطا ڳنڍڻ وارن مان هڪ هئڻ سان گڏوگڏ ١٩٧٠ع واري ڏهاڪي ۾ اسرائيل تي پي- ايل- او جي انتهائي خوني حملن مان ڪيترن جو محرڪ پڻ هو.

آگسٽ ١٩٧٣ع جي پهرين اڌ ۾ هُن ۽ سندس ڪامريڊن تن ڏينهن ۾ فلسطيني تحريڪ خلاف هلندڙ هاءِ گهوڙا کي مُنهن ڏيڻ لاءِ هڪ نئين تجويز پيش ڪئي: ١٩٤٨ع واري سموري فلسطين جي آزادي حاصل ڪرڻ. هُن پنهنجي تجزئي ۾ چيو هو: اجوڪي صورتحال طاقت جي پلڙن سان ٺهڪندڙ نہ هئي. ان ڪري فلسطيني 'ممڪنات جي فن' تي ڀاڙين، ان جو مطلب اسرائيل کي ١٩٦٧ع ۾ والاريل علائقن مان ڪيڻ ۽ اولهندي ڪناري ۽ غزه واري پٽيءَ ۾ 'قومي اختياري' قائم ڪرڻ هو.

گوريلا تحريڪ ۾ اڪثريت، لبنان ۾ تہ انهن پناهگيرن جي هئي، جن جو تعلق تہ هاڻوڪي اترائين اسرائيل سان هو ۽ اولهندي ڪناري ۾ 'ننڍڙي رياست' قائم ڪرڻ سان سندن ڪوبہ مفاد لاڳاپيل نہ هو. جيڪي اڄان تائين ان بدعت سان سهمت نہ ٿيا هئا. ٻين کاٻي ڌر وارن ۽ عرب قومپرست گروپن حواتمہ کي اٺ گهربل سچ ڳالهائڻ تي نديو ۽ پي- ڊي- ايف- ايل پي اڳواڻ کي قتل جون ڌمڪيون پڻ ڏنيون. خود فتح جا پڻ ڪيترائي اڳواڻ ان نقطءِ نظر جي مخالفت ۾ اڳيان هئا. 'جيتوڻيڪ فتح ۾ ان بابت اختلاف هئا پر عرفات ۽ خلف اسان سان سهمت هئا.'

دمشق ۾ پنهنجي آفيس ۾ ٺانيڪن، اچان تائين پي- ايل- او جي اهم دانشورن مان هڪ حواتمہ ٻڌائي ٿو: 'اسانکي سمورن فلسطيني گروپن سان ڏکي نظرياتي جدوجهد ڪرڻي پئي.' (١٩)

آگسٽ ١٩٧٣ع جي وچ ڌاري، جڏهن هواتمہ جي متنازعي بيان خلاف پينيٽ هرڻ شروع ٿي مس ٿيو هو تہ مصري صدر انور سادات شهر کان ٻاهر پنهنجي موڪلن دوران صلاح خلاف ۽ فاروق قدوميءَ کي پونچ سمنڊ پرسان برج العرب ۾ ملاقات لاءِ سڏيو. پنهنجي رهائشگاه ۾ سندن آجيان ڪندي سادات کين جيڪي ڪجھ ٻڌايو، اُهو هنن لاءِ بجليءَ جي جهٽڪي کان گهٽ نہ هو. هُن چيو تہ: 'ايندڙ ٿورن مهينن ۾ نئي جنگ ٿيندي. پڪ ڇاٿو ١٩٧٣ع جي پڇاڙي کان اڳ' خلف ان جو تفصيل ٿو بيان ڪري. هُن انهيءَ کي 'پينيٽ' سڏيو ۽ چيائين تہ اها شام جي سهڪار سان شروع ڪئي ويندي. هُن اسان کي پنهنجون فوجون تيار رکڻ لاءِ چيو تہ جيئن اسين جنگ ۾ شريڪ ٿي سگهون ۽ ان کان پوءِ ٿيندڙ معاهدن وغيره ۾ پنهنجو حصو ماڻي سگهون.' (٢٠)

پنهنجي عمومي مزاج ۾ جنگ باز هئڻ واري مصري صدر اِها ڪا نئين ڳالھ نہ ڪئي هئي. هو ڪيترن ئي مهينن کان جنگ جي اڳڪٿي ڪري رهيو هو ۽ تمام ٿورڙا واسطيدار ئي سندس انهيءَ ڌمڪيءَ تي ڪنهن تياري ڪرڻ لاءِ سنجيده نظر ٿي آيا. پر هاڻ تہ، هو انهيءَ امڪاني جنگ کي هفتن جي فاصلي تي ڄاڻائي رهيو هو. 'خلاف ۽ قدومي جوش ۾ ڦونبجي ويا'. ڇاڪاڻ جو سادات کي عرب اسرائيل جهيڙو ٽاري امن ڪانفرنس جو پرچارڪ سمجهيو ويندو هو. هو ترتڪڙ ۾ بيروت واپس موٽيا، جتي عرفات کي پڻ پنهنجن ڪنن تي اعتبار نہ آيو. هُن پنهنجي سر ٩ سيپٽمبر تي سادات جي ڳالھ پنهنجن ڪنن سان ٻڌي، جڏهن هُن قاهره واري پنهنجي رهائشگاه تي فتح اڳواڻن جي هڪ وڏي وفد آڏو پنهنجي منصوبي جا وڌيڪ تفصيل پڌرا ڪيا.

اڻ- ڌري ڪانفرنس جي اجلاس کان، جنهن ۾ غيرمتوقع طور تي پي- ايل- او کي سفارتي مڃتا ملي هئي ۽ جتي عرفات ٽين دنيا جي ڪيترن ئي اهم اڳواڻن سان کلهي کلهي ۾ ملائي بيٺو هو، اُتساه ورتل فلسطينين جنگ ۽ جنگ کانپوءِ بابت سادات جي منصوبن کي راز ۾ رکڻ جو قَسم کنيو. مناسب موقعي تي عرفات کي حملي جي اصل تاريخ ٻڌائڻ جو واعدو ڪندي سادات ظاهر ڪيو تہ سندس مقصد ٻنهي سپر طاقتن ۽ اسرائيل ۽ پي- ايل- او سميت سمورين واسطيدار ڌرين جي امن ڪانفرنس لاءِ دٻاءُ وجهڻ آهي. تحريڪ اهڙي ڪانفرنس ۾ شرڪت جي نيند جو ڪهڙو جواب ڏيندي؟" هُن پڇيو هو. هيءُ اهڙو سوال هو، جنهن جو هڪدم جواب ڏيڻ عرفات ۽ سندس ساٿين جي وس ۾ نہ هو. ان لاءِ پي- ايل- او جي فيصلا ڪندڙ ادارن سان صلاح مشورو ضروري هو. پر ان گذريل سال ڏيڊ کان

فلسطينين ۾ جاري خانگي اُجلن کي هڪ سياسي موڙ ضرور آڇيو هو.

قيادت جي ڳڀل حصي اجان تائين ان ڳالھ تي مشڪل مان اعتبار ٿي ڪيو تہ سادات ان بابت سنجيده آهي. بيروت واپسيءَ تي عرفات تمام ٿورڙن اهم ساٿين کي ٻڌايو: 'مون وٽ انهيءَ سوڊائي سادات جو هڪ عجيب و غريب سنيهو آهي. مون کي اِها خاطري تہ ناهي تہ هو ان بابت سچو آهي يا نہ، پر مون اِهو ضرور محسوس ڪيو تہ هو مون کي دوکو نہ پيو ڏي. مونکي دوکو ڏيڻ جي ڪيس ڪهڙي ضرورت پئي آهي؟' (٢١) پر جڏهن هُن پي- ايل- او جي مرڪزي ڪميٽيءَ کي خاص انداز ۾ هڪ امڪاني جنگ بابت ٻڌائيندي ڪين ان سلسلي تياريون ڪرڻ لاءِ چيو تہ ڪيس چٽرن جو نشانو بڻجڻو پيو. 'هر ڪنهن ان کي مذاق ليکيو.' اُن گڏجاڻيءَ جو هڪ شريڪ ٻڌائي ٿو: 'اسان ان ڳالھ تي شرط هڻڻ شروع ڪيا تہ ايندڙ ڏهن سالن ۾ بہ جنگ نہ لڳندي.' (٢٢)

ڪين سندن غلطي جي ثابتي لاءِ ڪو گهڻو انتظار نہ ڪرڻو پيو. جڏهن ۴ آڪٽوبر تي خلف کي رات پيٽ ۾ فوري حُڪمن تحت قاهره گهرايو ويو تہ هُن جنگ جون تياريون آخري مرحلي تائين پهتل ڏٺيون. خود عرفات بہ حملو شروع ٿيڻ واري ڏينهن تي اڳيئي طئي ڪيل ڪوڊ ورڊ 'خلف جي تحريڪ تان استعفيٰ' جي مضمون واري قاهره کان هتوهٽ آيل پيغام کان اڳ ان بابت ڪا ڄاڻ حاصل ڪري نہ سگهيو هو. (٢٣) سادات جي فلسطينين کي شريڪ ڪرڻ جي سمورين خبردار ڪوششن جي باوجود، اهڙي هلي تيارين تي مايوس ٿيندي هُن خلف تي، سندس منصوبا وقت کان اڳي ظاهر ڪرڻ جو الزام هنيو. آڪٽوبر جنگ، پي- ايل- او جي گهڻي ڀاڱي قيادت جي لاعلميءَ ۾ ئي شروع ٿي هئي. (٢۴) جڏهن مصري ٽئنڪن اسرائيلي مقدس ڏينهن 'يم ڪپور' تي سوئيز ڪئنال اُڪرڻ شروع ڪيو تہ فلسطينين پنهنجو پاڻ کي مرڪزي اسٽيج کان گهڻو پري محسوس ڪيو.

اِهو ناهي تہ ڪو مزاحمت ان جنگ ۾ شريڪ نہ هئي. فلسطيني لبريشن آرمي، مصري فوج سان گڏ سوئيز ڪئنال تي ۽ اسرائيلي سرحدن جي هُن پار گولان جي جبلن ۾ وڙهي ۽ پي- ايل- او جي گوريلن اتر ۾ لبنان- اسرائيلي سرحد تي گوريلائي حملو ڪندڙ اهم محاذ کوليو. پر هڪ ڀي مڪمل عرب- اسرائيل جنگ جي صورتحال ۾ سندن سرگرمين تي تمام گهٽ ڌيان ڏنو ويو. اسرائيل جي ميدان ۾ پُٺتي پوڻ، سپر پاورن جي ذري گهٽ ٽڪراءُ، هينري ڪسنجر جي جنگبنديءَ لاءِ ڪوششن ۽ عرب رياستن پاران اولھ کي تيل جي فراهمي روڪڻ وارن واقعن، ان مسئلي کي ايترو تہ اُپاريو جو فلسطيني، جن جي ڪاز کي ان جنگ جو بنيادي نقطو بڻايو ويو هو، حيرت انگيز طور تي فراموش ڪيا ويا.

مايوس ڪُن سوچن سان، پي- ايل- او قيادت نيٺ ان نتيجي تي پهتي تہ اِها

جنگ چو لڙي وئي. پهرين ڏينهن جي لڙائيءَ جي پڄاڻيءَ تي، سادات سان گڏ لائيو روم ۾ جنگ جي حال کان باخبر رهڻ لاءِ دعوت ڏني گهرايل قدومي ۽ خلف سمجهي ويا ته اِها اسرائيل تي ڪا مڪمل چڙهائي ناهي، پر ١٩٦٧ع واري شڪست جو پلاند چڪائڻ جي هڪ معمولي ڪوشش. آمريڪا تي عرب اقتصادي دٻاءُ وجهڻ جو اظهار ۽ ڳالهين ذريعي ڪنهن نباهه تي پهچڻ لاءِ طاقت جي زور تي ميڙائڻ آهي. سادات اُهي ئي ڪرتب ڏيکاريا، جيڪي ڪين هڏايا هئائين پر اُهي هُن انڌ جي گهوڙي تي چڙهي سولي طرح هڏا ئي نه هئا. سينائي رڻ پٽ کي آزاد ڪرائڻ کان پوءِ، سندس ٽئنڪون ڪينال کان ڪجهه ڪلوميٽر اڳتي وڌيون، مصري فوج جو هڪ وڏو حصو اسرائيل کي اک ڏيکارڻ طور ظاهر ڪري ويهي رهيا. ٽن هفتن جي ويڙهاند کان پوءِ، مصر ۽ ٻيون عرب رياستون گڏيل قومن جي جنگبنديءَ واري اپيل ۽ وچ اوير ۾ انصاف ڀري ۽ ڊگهي عرصي وارو امن قائم ڪرڻ لاءِ ڳالهين تي راضي ٿيون. ان منصوبي تي عملدرآمد اسرائيل پاران مصري ٿرڊ آرميءَ تي ڪيل ڪينال جي ڪاهي ڪناري واري گهيراءُ سبب ملتوي ٿيو. جنهن معاملو سوويت مداخلت ۽ آمريڪا پاران نيوڪليائي حملي جي تيارين تائين پهچائي ڇڏيو. پر آڪٽوبر جي پڄاڻي تائين جنگ هر لحاظ کان ختم ٿي چڪي هئي.

طاقت ۾ واڌ اچڻ جي احساس ڪري ئي قيادت، اندرين مخالفت جي باوجود، عالمي دهشتگرديءَ واري مُهم ختم ڪرڻ لاءِ اُپاءُ وٺڻ شروع ڪيا. فيبروري ١٩٧٤ع ۾ دمشق ۾ ٿيل هڪ گڏجاڻي دوران عرفات ۽ فتح جي ٻين اڳواڻن چڙوچڙ ۾ متنازعه انداز کي ختم ڪرڻ جو اصولي فيصلو ڪري ورتو. صلاح خلف ان جو ذڪر هيئن ٿو ڪري: 'نراسائي، صورتحال ۾ تبديليءَ ڪري پيدا ٿي هئي. قيادت پنهنجي ڪنٽرول جي خاطري رکڻ پئي چاهي.' (٢٥) فلسطينين هڪدم دهشتگرد ڪارروايون تان هٿ نه کنيو پر ١٩٧٤ع کان پوءِ پي- ايل- او جي مرڪزي ڌاري اسرائيل ۽ والاريل علائقن کي ئي پنهنجو نشانو بڻايو. ان وقت کان هيل تائين وچ اوير کان ٻاهر ٿيندڙ ڪارروايون فتح کان سواءِ ٻين گروپن ۽ خاص طور تي تحريڪ جي منحرف ابوندال ٽولي پاران ئي ڪيل نظر اچن ٿيون.

سادات پاران ڳالهين ذريعي حل ڳولڻ واري هوڏ، پي- ايل- و قيادت کي انتهائي ڏچي ۾ وجهي ڇڏيو. هُن ٢٦ آڪٽوبر تي قدومي ۽ خلف کان هڪ ڀيرو ٻيهر پڇيو ته ڇا هو هاڻ رٿيل جينيوا امن ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ تيار آهن؟ ٻنهي فلسطينين رڳو گوٽناٽ کان ڪم ورتو ته اِها ڪهڙن بنيادن تي ٿيندي وغيره؟ ڇاڪاڻ جو گڏيل قومن جو ١٩٦٧ع وارو ٺهراءُ نمبر ٢٤٢ سندن تنظيم هر هر ان بنياد تي رد ڪندي رهي هئي ته ان ۾ فلسطينين سان قومي حق گهرندڙن بدران فقط پناهگير طور ورتاءُ ٿيل هو. پر هُن اِهو واعدو ڪيو ته هو ان ڳالهه کي بنان دير جي بيروت ۾ پي- ايل- او جي پاليسي ساز ادارن آڏو ضرور رکندا. (٢٦)

هاڻ سوال اِهو ٿي اُڀريو ته جينيوا واري اجان تائين خيالي دعوت قبول ڪجي ۽ غزه ۽ اولهندي ڪناري ۾ رياست قائم ڪرڻ لاءِ ڪم شروع ڪجي، يا ان کان انڪار ڪري شاهه حسين لاءِ امڪاني طور تي ميدان صاف ڪجي، جيڪو امن ڪانفرنس واري رٿ کي والاريل علائقن ۾ پنهنجو راڄ قائم ڪرڻ واري خواهش جي پورائي طور قبول ڪرڻ لاءِ آتو پئي نظر آيو؟ پرڏيهي 'نصيحتن' جي به ڪا کوٽ نه هئي، سادات واري دباءُ کان سواءِ سوويت يونين پڻ عرفات جي مڪمل پٺڀرائي ڪندي، وڌيڪ حقيقت پسند سياسي حڪمت عملي جوڙڻ جو ڏس ڏئي رهيو هو. ايستائين جو فتح جا پراڻا الجزائري دوست پڻ ڪانئن هڪ چٽي ۽ 'ذميوار' سوچ قائم ڪرڻ جي گهر ڪري رهيا هئا. (٢٧)

سدائين بي صبري عرفات، پنهنجي سر ڪو نتيجو ڪڍڻ کان اڳ اندروني بحث جو انتظار نه ڪيو. انفراديت پسنديءَ جو انتهائي مظاهرو ڪندي، جنهن کيس هميشه تحريڪ ۾ تنقيد جو نشانو بڻايو آهي، هُن اهڙا خفيا جواب اُماڻيا جن ۾ هُن سفارتي سطح تي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ تي راضپو ڏيکاريو هو. جيستائين عرفات جو تعلق آهي ته هُن ڪهڙ ۾ ڪهڙ جاري ڪيل بيانن جي حد تائين اها ڳالهه ٿي ڪئي ته آڪٽوبر جنگ فلسطينين لاءِ هڪ تبديليءَ پريو موڙ ثابت ٿي ۽ ان جي پيدا ڪيل موقعن مان لاڀ پرائڻ انتهائي ضروري هو: 'اسان ان بابت راهه جوڙي ۽ اڳتي وڌياسين. اهو عمل اجان تائين اسانجي لاءِ فائديمند ثابت ٿيو آهي.' هُن ١٩٧٤ع ۾ هڪ انٽرويو ڏيندي چيو: 'ان ڪري اسانکي ان جنگ مان لاڀ پرائڻ گهرجي... ان مان فيضياب ٿيندي ئي اسين اوڳتن کان بچي سگهون ٿا.' (٢٨) ان مان سندس مطلب اِهو هو ته هو پي- ايل- او کي اسرائيل ۽ عربن وچ ۾ ٿيندڙ امن ڳالهين ۾ شامل ڪرڻ چاهي ٿو ۽ هن اهڙو پيغام انهن ڳالهين جي محرڪ آمريڪا تائين رسائڻ ٿي چاهيو.

جنگ کان اڳيئي عرفات کي همٿائيندڙ اشارا نظر اچي رهيا هئا. جون ١٩٧٣ع ۾ روسي صدر برزنيف جي آمريڪي دوري دوران ٻنهي ملڪن جي پاران گڏيل طور بيان ۾ پهريون ڀيرو 'فلسطينين جي قانوني مفادن' جي ڳالهه ڪئي وئي هئي. (٢٩) عرفات ان کي هڪ سونهين طور ورتو ته سپر پاورن جو ديناتت، واشنگٽن کي وچ اوير بابت سوويت نقطءِ نظر تي وڌيڪ قائل ڪري رهيو آهي. هُن ان ڏس ۾ وڌيڪ ڄاڻ پئي حاصل ڪرڻ چاهي. ساڳي اونهاري ۾ هُن پنهنجي هڪ ويجهي ساٿيءَ کي ايران واري آمريڪي سفير رچرڊ هيلمس سان رابطو ڪرڻ لاءِ چيو ۽ ٻن بنيادي معاملن تي واشنگٽن سان پي- ايل- او جي ڳالهين جي رٿ پيش ڪئي: (١) اسرائيل قائم رهندو ۽ ٻيو متنازعي معاملو اِهو ته اردن امڪاني فلسطيني رياست جو ماڳ هوندو.' (٣٠) اِهو ايندڙ مهينن ۾ پي- ايل- او اڳواڻ پاران نڪسن انتظاميا کي مراڪش جي شاهه حسن جهڙن ٿياڪڙن ذريعي اُماڻيل پيغامن مان

پهريون هو.

۱۰ آڪٽوبر تي، عرب- اسرائيل جنگ جي چوٿين ڏينهن، هڪ وڌيڪ پيغام پهتو. هينري ڪسنجر موجب، جيڪو عرفات جي مراسلن کي دلچسپي ۽ شڪ سان پڙهي رهيو هو: ان جو بنيادي تت اِهو هو تہ پي- ايل- او جي چيئرمين کي 'نوانوي سيڪڙو يقين هو تہ اسرائيل ڪجهہ ڏينهن ۾ شامين ۽ مصرين کي شڪست ڏئي ڇڏيندو. تنهن ڪري آمريڪا کي گهرجي تہ ڇڪتاڻ جي خاتمي تائين نہ تہ ڪا مداخلت ڪري ۽ نہ وري اسرائيل جي ڪا مدد ڪري. آمريڪا ممڪن حد تائين بنان شرطن جي جلدي جنگبندي ڪرائي.' (۳۱) جيڪڏهن ڇڪتاڻ جاري رهڻ جي صورت ۾ آمريڪا اسرائيل لاءِ نئين فراهمي بند ڪري ڇڏيندو تہ پي- ايل- او آمريڪي رهائش ۽ ماڻهن خلاف ڪوبہ قدم نہ کڻندي ۽ عرفات ڳالهہ کي مقصد تائين آڻيندي چيو تہ شاهہ حسين سان بہ بہ هٿ ڪرڻ جو حق محفوظ رکندي، فلسطيني اسرائيل سان نتيجن پريون ڳالهيون ڪرڻ لاءِ تيار ٿي سگهن ٿا.

ڪسنجر هڪدم جواب تہ نہ ڏنو پر عرفات جي پيغامن کيس سنجيدگيءَ سان سوچڻ تي مجبور ضرور ڪيو. ۲۵ آڪٽوبر تي پرڏيهي وزير، مراڪش ذريعي جواب اماڻيو تہ هو پي- ايل- او عملدارن سان گڏجڻ لاءِ هڪ نمائندو موڪلڻ لاءِ تيار آهي. انهي اهم ڳجهي سفر لاءِ، هڪ هفتو پوءِ جنرل ورنن والٽرس مراڪش ياترا لاءِ پهتو. ڪسنجر جي وچ اوير بابت اهم نائبن مان هڪ خوشدل سفارتڪار الفرڊ (راءِ) اٿرٽن چوي ٿو: 'اِهو هڪ خاص ذريعو هو، پرڏيهي وزير جو هڪ بااعتماد خانگي ذريعو.' (۳۲)

والٽرس، جيڪو ان گڏجاڻي ۾ اڪيلي سر، بنان ڪنهن هٿيار جي ڪنهن حد تائين ڪنبندڙ حالت ۾ شريڪ ٿيو هو، زور ٿو ڏي تہ کيس دهشتگرديءَ خلاف سخت ڌمڪي ڏيڻ لاءِ اُماڻيو ويو هو. 'اِها گڏجاڻي انتهائي متاثر ڪُن ۽ ڊرامائي هئي.' هو ٻڌائي ٿو: 'شاهہ حسين اسان جو تعارف ڪرايو ۽ اِهو چئي هليو ويو تہ "اسين سڀ هڪ خدا کي مڃيندڙ آهيون ۽ شل هو توهان کي اِهو قتلام بند ڪرائڻ جا گس ڏيکاري." (۳۳) ڪسنجر پنهنجن ساروڻين ۾ سياسي ڳالهين ٻولهين جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تہ اُتي آمريڪيءَ بدران فلسطيني نمائندن وڌيڪ ڳالهايو هو، هو ان تي زور ٿو ڏي تہ پي- ايل- او جي عملدارن تي بنان ڪنهن رڪ رڪاءُ جي اهو واضح ڪيو ويو تہ آمريڪا شاهہ حسين جو تختو اونڌو ڪرڻ لاءِ ڪنهن بہ فلسطيني ڪوشش جي حمايت نہ ڪندو.' (۳۴)

نظر اِهو ٿو اچي تہ ڪسنجر سچائيءَ کي ڪنهن حد تائين لڪائڻ جي ڪوشش ضرور ٿو ڪري. پي- ايل- او سان پنهنجي ازلي ڌڪار جي باوجود، هو اڄ نہ مڃيندي بہ آڪٽوبر جنگ کان پوءِ وارن مهينن ۾ پي- ايل- او سان مذاڪراتي گس ڪيڻ جي ويجهو اچي پهتو هو. بيروت ۾ ڪجهہ عرصو پوءِ

آمريڪي سفير طور ڪم ڪندڙ ۽ تن ڏينهن ۾ آمريڪي پرڏيهي کاتي ۾ ڪم ڪندڙ هڪ عملدار موجب پرڏيهي وزير ڪسنجر تن ڏينهن ۾ پنهنجن ساٿين کي ٻڌايو هو ته آمريڪا ڪجھ هفتن ۾ ڳالهيون شروع ڪري سگهي ٿو: '١٩٧٣ع واري جنگ اُهي امڪان به پيدا ڪري ڏنا جن جو اڳي تصور به نه هو.' ۽ اِهو واضح ٿي ويو ته جيڪڏهن اسين مسئلو حل ڪرڻ چاهيون ٿا ته پوءِ پي- ايل- او کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي.' اڳوڻو عملدار پنهنجا ويچار بيان ٿو ڪري. 'ڪسنجر عرب رياستن وارن پنهنجن رابطن ذريعي ان ڪان باخبر ٿي چڪو هو ۽ هو پي- ايل- او سان اٿسڏين ۽ ٿياڪڙن وسيلي ٿيندڙ ڳالهين تي شديد مايوس هو.'(٣٥)

عرفات لاءِ اهي آمريڪي اظهار اُميد ڀريا هئا. سوويت يونين سان پنهنجن شاندار ناتن سبب همٿيل عرفات انهن کي وچ اوڀر گهوٽالي جي حل لاءِ سپر پاور جو پهريون حقيقي قدم ليکيو. 'جنوري ١٩٧٤ع ۾ هُن سمجهيو پئي ته هاڻ هلندڙ سال جي پڇاڙي ڪان اڳ رياست حاصل ڪرڻ ممڪن آهي.' نبيل شط ٻڌائي ٿو: 'هو تمام گهڻو پراميد ۽ بيقرار هو.' (٣٦)

پر اِهو ٿي نه سگهيو. پي- ايل- او کي پنهنجي وجود لاءِ خطرو سمجهندي اسرائيل اهڙن رابطن جي شديد مخالفت ڪئي ۽ آمريڪي ڪوشش وقت ڪان اڳي بي موت مارجي وئي. ڪسنجر پنهنجي سموري ڏاهپ ۽ چالاڪيءَ جي باوجود، نه چاهيندي به آڪٽوبر جنگ جي عرب شريڪ ملڪن، خاص طور تي مصر جي سادات پاران پوندڙ دٻاءُ هيٺ ڪنهن نه ڪنهن نا لاءِ ڪوششون جاري رکيون. عرفات ۽ سندس ساٿين کي، جيڪي ٢١ ڊسمبر ١٩٧٣ع تي ٿيندڙ جينيوا امن ڪانفرنس ۾ نه ڪوٺايا ويا هئا، بلڪل اڪيلو ڇڏيو ويو.

واشنگٽن تائين پهچڻ ۾ ناڪامي عرفات لاءِ انتهائي مايوس ڪُن هئي ۽ مراڪش ۾ وقت ڪان اڳي ٿيل ڳالهين ڪري آمريڪي حمايت حاصل ڪرڻ واري پنهنجي خواهش جي پهرين امڪانن کي سارينڌي، ٻين ڪيترن ئي عرب اڳواڻن وانگر عرفات به سمجهندو هو ته آمريڪي صدر ڳالهين واري ميز تي اسرائيل ڪان رعايتون 'ڏيارڻ' جو اختيار رکي ٿو. هاڻ ضرورت ان ڳالھ جي هئي ته فلسطيني تحريڪ کي هڪ وڌيڪ لچڪدار سياسي حڪمت عملي تي راضي ڪجي.

انهيءَ مسئلي تي مزاحمت ۽ هلندڙ ويڙھ ١٩٧٣ع جي آخر ۽ ١٩٧٤ع جي شروع ۾ آمريڪي يونيورسٽي بيروت ۾ ٿيل گڏجاڻين جي هڪ ڏکي سلسلي ڪانپوءِ ختم ٿي. هڪ ڪان پوءِ ٻيا فلسطيني نظرئيدان فلسطيني ٻڌندڙن آڏو اڪثر پنهنجا پيچيده ويچار ظاهر ڪندا رهيا. ڪاٻي ڌر مان نايف حواتمه تحريڪ جي محدود امڪانن جو رُکي انداز ۾ ذڪر ڪندي پنهنجي 'قومي اختياريءَ' واري رٽ پيش ڪري رهيو هو. فتح پاران عرفات حسب معمول پنهنجو پاڻ کي بحث ڪان پري رکيو.

ڳالهائيندڙن جي اڪثر قطار ۾ شامل ٿيندي صلاح خلف آڪٽوبر جنگ ۾ ظاهر ٿيل عرب سگهه کي استعمال ڪرڻ تي زور ڀريو. 'هڪڙو سوال اسان کي پنهنجو پاڻ کان ضرور پڇڻ گهرجي. هُن چيو: اِهو هيءَ تہ مڪمل فلسطين جي آزاديءَ کان ڪجهہ گهٽ قبول نہ ڪندي ڇا اسين پنهنجي حاصلات جو هڪ حصو ڪنهن ٽين ڌر کي ڏيڻ لاءِ تيار آهيون؟. (٣٧) صيهوني ١٩٤٠ع جي ڏهاڪي جي آخر ۾ پنهنجي دعويٰ ڪيل علائقي جو هڪ حصو قبول ڪري اسرائيل قائم ڪري ويا هئا. جڏهن تہ فلسطيني مسلسل انڪار ڪندي ڪجهہ بہ حاصل ڪري نہ سگهيا هئا. (٣٨)

پر ڪنهن بہ مقرر، اسرائيل کي تسليم ڪرڻ جي حمايت يا وڪالت نہ ڪئي. جيڪو هُن پاڻ بہ سمجهيو پئي تہ سڀ کان ڳنڀير مسئلو هو. اِهو اهڙو سوال هو جنهن کي فلسطيني تحريڪ عرفات سوڌو مُنهن ڏيڻ لاءِ تيار نہ هئي. پي- ايل- او جي انهن ڌرين جن قومي اختياريءَ جي وڪالت ٿي ڪئي، پنهنجو پاڻ کي اِهو چئي مطمئن پئي ڪيو تہ فلسطين جي ڪنهن حصي تي ڪنٽرول حاصل ڪري، هو ان کي 'اسرائيلي وجود' خلاف جنگ جاري رکڻ لاءِ استعمال ڪري سگهندا. اسرائيلي انهن علائقن کي انهن حالتن ۾ ڪيئن رضاڪاراڻي طور تي خالي ڪندا، جيڪي سندن ڪنٽرول هيٺ هئا. ان منجهيل سوال جو ڪنهن وٽ بہ ڪو جواب نہ هو.

عرفات جي پراڻي مخالف ۽ اسرائيل سان ڪنهن بہ قسم جو ناهہ ڪرڻ جي مخالف جارج حباش هر ڪنهن کي ڦيرائي گهيرائي حقيقتن آڏو آڻي بيهاريو. حباش لاءِ اسرائيل کان ڪجهہ علائقا خالي ڪرائڻ هڪ وڏي ڳوري قيمت چُڪائڻ وارو سودو هو. ان ۾ عربن پاران ان کي تسليم ڪرڻ، علائقي کي غيرفوجي خطو بنائڻ، عالمي ضمانتون ڏيڻ ۽ امن قائم ڪرڻ لاءِ سمورا نہ مڃي سگهندڙ زهر پيئڻ وارا شرط شامل هئا. هن اعلان ڪيو تہ: "اولهندي ڪناري مان اسرائيلي دستبرداري فقط ان صورت ۾ ئي ممڪن آهي، جڏهن ڪا رحجت پرست قوت ان جي سامهون گوڏا ٽيڪي ان لاءِ دان گُهري. ۽ ڇا اسرائيل اولهندي ڪناري کي خالي ڪري رکو الله توهار ڪري هليو ويندو؟ نہ، اِها اڻٿيڻي آهي." (٣٩)

بهرحال اِها فلسطينين پاران جون ١٩٧٤ع ۾ فلسطيني قومي ڪائونسل جي قاهره واري اجلاس ۾ اختيار ڪيل حڪمت عملي کان بلڪل مختلف هئي. اسرائيل کي تسليم ڪرڻ يا ان سان امن قائم ڪرڻ واري شرط کي گڏيندي ۽ سموري فلسطين ۾ هڪ جمهوري رياست قائم ڪرڻ واري حتمي مقصد تي زور ڀريندي هُن 'فلسطيني ڌرتي جي هر آزاد ڪرايل حصي تي هڪ عوامي فوجي' آزاد ۽ ويڙهاڪ اختياري قائم ڪرڻ جو سڏ ڏنو. (٤٠) ايندڙ وقت ۾ پي- ايل- او جو 'عبوري پروگرام' سڏجندڙ انهيءَ تاش جي پتن واري محل ۾ ڏار پوندي دير ئي نہ لڳي. ان بيان تي سهمت ٿيڻ کان ڪجهہ ئي هفتا پوءِ حباش پنهنجو پاڻ کي

عرفات جي سفارتي جنگ کان ڏار سڌن شروع ڪيو ۽ سيپٽمبر جي آخر ڏاري حباش جا مارڪسسٽ پي- ايل- او جي روزمره وارن ڪمن کان ڌار ٿي ويا ۽ 'وچٽرا شرط ٽڏيندڙ محاذ' جوڙي نقصان رسائيندڙ تفرقو ڪڙو ڪري ڏنائون. پي- ايل- او جي انهيءَ هوائي بيان جو اسرائيلي اڳواڻن تي ڪوبه اثر نه ٿيو. جيڪي آڪٽوبر جنگ جي صدمي جو اثر زائل ڪرڻ لاءِ وڏيڪ سگهاري يهودي رياست لاءِ اُپاءُ وٺي رهيا هئا. 'اهو بلڪل واضح هو.' اُن وقت اسرائيلي پرڏيهي وزارت جو ڊائريڪٽر شلو مواوينري چوي ٿو: 'ته اِهي سمورا حربا هئا. جن جي پهرين مرحلي تي هڪ ننڍڙي رياست قائم ڪرڻي هئي، جيڪا ايندڙ مرحلن کي حاصل ڪرڻ ۾ انتهائي ڪارائتي ثابت ٿئي ها.' (۴۱)

پي- ايل- او جي مرڪزي ڌاري لاءِ پنهنجين سمورين بي يقينين ۽ اندر ۾ گهاوَ وجهندڙ اثرن جي باوجود، جون وارو اعلان نامو وچ اوير جي اختياري سياست واري دنيا ۾ هڪ اهم قدم هو. سڀ کان وڏيڪ اهم اهو ته اُن فلسطينين جي سپنن ۽ ان جي ساپيائن ۾ ڪجھ به حاصل ڪريَ نه سگهڻ واري صورتحال ۾ وچ وارن خالن کي پريو ٿي. جٿادار ٽاھ فلسطيني تحريڪ لاءِ ايندڙ ٻين سوين جو سونهون بڻجي پئي سگهيو. جن جو مڪمل طور تي ڪاٿو لڳائڻ ناممڪن هو. ان فلسطينين ۽ سندن اسرائيلي همدردن ۾ خفيا رابطا پيدا ڪيا ۽ ان عرفات لاءِ ڪڏهن به ختم نه ٿيندڙ سفارتڪاريءَ جا دروازا پڻ کولي ڇڏيا. انهيءَ فيصلي کان فقط پنج مهينا پوءِ ۾ ڪيترن ئي ٻاهرين تجزئي نگارن ٻاران سندن تحريڪ جا تڏا ويڙهجي وڃڻ بابت تجزين کان ڪي به سال پوءِ، پي- ايل- او اڳواڻ هڪ نئين ۾ توقع جي ابتڙ عالمي مشهوريءَ جي بلندين کي ڇهي رهيو هو.

حوالا

باب ڇهون

١- جنرل ورنون والٽرس انٽرويو، جون، نومبر ١٩٨٩ع.

٢- ساڳيو.

٣- نبيل شطّ انٽرويو، قاهره، مارچ ١٩٨٩ع.

۴- ڏسو ييهو شفات هرڪابي، Fedayeen Action and Arab Strategy انٽرنيشنل انسٽيٽيوٽ فار اسٽريٽجڪ اسٽڊيز، ايڊلفي مقالو نمبر: ۵٣، لنڊن،

بسمبر ١٩٦٨ع.
٥- ياسر عرفات انٽرويو، تيونس، بسمبر ١٩٨٩ع.
٦- خالدالحسن انٽرويو، ڪويت، اپريل ١٩٨٩ع.
٧- محمد عبدالهادي انٽرويو، يروشلم، جون ١٩٨٩ع. عبدالهادي اولهندي ڪناري ۾ فلسطيني اپياس اداري، پيسيا جو ڊائريڪٽر آهي.
٨- ياسر عرفات پي- ايل- او ريڊيو تي، موشي شميش جي لکئي The Palestinian Intity 1959- 74 ۾ ورجايل، لنڊن ١٩٨٨ع، صفحو نمبر: ١٦١.
٩- صلاح خلف انٽرويو، تيونس، جون ١٩٨٩ع.
١٠- ايلن گريش، The PLO: The Struggle Within
لنڊن، ١٩٨٥ع، صفحو نمبر: ١٠٥.
١١- موشي مائوز، The Palestinian Leadership in West Bank
لنڊن ١٩٨٤ع.
١٢- واشنگٽن پوسٽ، ٢٩ سيپٽمبر ١٩٧٢ع.
١٣- ڏسو نمبر: ١٠ جو صفحو نمبر: ١١٢.
١٤- صلاح خلف، ورجايل، ايرڪ رائوليو جي لکئي 'پرڏيهي معاملا' واشنگٽن، بهار ١٩٧٥ع.
١٥- ڏسو نمبر: ١٠ جا صفحا: ٨٨- ٨٩.
١٦- ڏسو نمبر: ٨ جو صفحو نمبر: ٢٥٩.
١٧- ياسر عرفات، ورجايل Filastin -al- Thawra Journal of Palestin Studies ۾ هيهر ڇپيل، جلد II نمبر: ٣، بهار ١٩٧٣ع.
١٨- نايف حواتمہ انٽرويو، دمشق مئي ١٩٨٩ع.
١٩- ساڳيو.
٢٠- صلاح خلف انٽرويو، تيونس، آگسٽ ١٩٨٩ع.
٢١- ياسر عبدالربُ انٽرويو، تيونس، آگسٽ ١٩٨٩ع.
٢٢- ساڳيو.
٢٣- صلاح خلف انٽرويو، تيونس، آگسٽ ١٩٨٩ع.
٢٤- خلف تي لڳايل الزامن لاءِ ڏسو، سادات جا جملا، جان ايموس جي لکئي، Palestinian Resistance: Organisation of a Nationalist Movement
نيويارڪ، ١٩٨٠ع، صفحو نمبر: ٣١٤
٢٥- صلاح خلف انٽرويو، تيونس، آگسٽ ١٩٨٩ع.
٢٦- ابواياد، My Hom, My Land، نيويارڪ ١٩٨٩ع، صفحو نمبر: ١٢٩.
٢٧- محمد ابوميزار انٽرويو، پئرس، آگسٽ ١٩٨٩ع.

٢٨- ياسر عرفات، ورجايل Journal of Palestine Studies
جلد چوٿون، نمبر ٢، سيارو ٧٥-١٩٧٤ع.
٢٩- وليم قواندٽ، Decade of Decisions
لاس اينجلس ۽ لنڊن، ١٩٧٧ع، صفحو نمبر: ١٦٠.
٣٠- هينري ڪسنجر، Years of Upheaval
لنڊن ۽ نيويارڪ، ١٩٨٢ع، صفحا:
٢٧ - ٦٢٦
٣١- ساڳيو، صفحا نمبر: ٥٠٢،
٢٧ - ٦٢٦
٣٢- الفرڊ (راءِ) ايٿرٽن انٽرويو، واشنگٽن، نومبر ١٩٨٩ع.
٣٣- جنرل ورنن والٽرس انٽرويو، بون، نومبر ١٩٨٩ع.
٣٤- ڏسو نمبر ٣٠ جي صفحي نمبر: ٦٢٨ کان ٦٢٩ تائين
٣٥- ليڪڪن کي ڏنل انٽرويو، واشنگٽن، نومبر ١٩٨٩ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
٣٦- نبيل شعٿ انٽرويو قاهره، ڊسمبر ١٩٨٩ع.
٣٧- ڏسو نمبر ٢٦ جا صفحا نمبر: ٣٦- ١٣٥.
٣٨- ساڳيو.
٣٩- جارج حباش، ورجايل Journal of Palestine Studies
جلد III، نمبر: ٣، بهار ١٩٧٤ع.
٤٠- بارهين فلسطيني قومي ڪائونسل جو پروگرام، وائيس آف فلسطين جو نشر ڪيل، قاهره، ٨ جون ١٩٧٤ع، بي- بي- سي جي عالمي نشريات جي تت تان ڪنيل، ١١ جون ١٩٧٤ع.
٤١- شلومو اونيري انٽرويو، لنڊن، آڪٽوبر ١٩٨٩ع.

(۷)

گوريلو سفارتڪار

’اڄ آءٌ زيتون جي ٽاري ۽ آزاديءَ پسند ويڙهاڪ جي بندوق کڻي آيو آهيان. منهنجي هٿ مان زيتون جي ٽاري ڪرڻ نہ ڏيو. آءٌ ورجايان ٿو: منهنجي هٿ مان زيتون جي ٽاري کي ڪرڻ نہ ڏيو.‘ ياسر عرفات، ۱۳ نومبر ۱۹۷۴ع تي گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي آڏو تقرير ڪندي.

جيئن ئي پئرس کان ايندڙ رواجي اُڏام نيويارڪ جي جان ايف ڪينيڊي ايئرپورٽ پهتي، فلسطيني پروفيسر گهبرائجندي ٻين مسافرن کي جاچڻ لڳو. منجهائن ڪو سندس حساس مشن کان واقف تہ نہ هو؟ ڇا انهن مان ڪو ان ۾ رڪاوٽ وجهڻ تہ نٿو چاهي؟

اِهي سيپٽمبر ۱۹۷۴ع جا شروعاتي ڏينهن هئا ۽ نبيل شطہ ايرندي نديءَ جي ڪناري تي قائم انهن سرد آفيسن ڏانهن روانو ٿيو، جيڪي گڏيل قومن جي هيڊڪوارٽرس طور ڪم ڪري رهيون هيون. ٻہ ڏينهن اڳ کيس ’مين هٽن‘ پهچي عرفات جي عالمي اسٽيج تي پهرين حاضريءَ واري تقرير تيار ڪرڻ جو حُڪم ڏنو ويو هو. هن تيونس رستي سفر شروع ڪيو هو، جتي کيس نيويارڪ ڏانهن ’سهولت ڀريو‘ سفر ڪرڻ لاءِ تيونسي سفارتڪار وارو پاسپورٽ ڏنو ويو ۽ هن پئرس ۾ جهاز بدلايو. هاڻ، پنهنجي مصري زال سان گڏ شطہ خطرن کي جاچڻ شروع ڪيو: عرب قاتل ٽولن جي حملن يا خود سندن تحريڪ منجهان ڪنهن تشدد ڀري ڪارروائي جي ٻپ وگهي ڪانئس ڪيترن ئي وڏيڪ سينيئر ۽ ڏاهن پي- ايل- او اڳواڻن اِها ذميواري قبولڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. (۱) اِهو ٻہ تہ هيءُ شهر ’دشمن ڌرتيءَ‘ جي دل هو. اُهو شهر جتي عرفات کي هڪ قاتل ۽ دهشتگرد تنظيم جو سربراهہ ليکيو ٿي ويو ۽ جتي پي- ايل- او لاءِ ڪنهن بہ مڃتا خلاف اسرائيلي مخالفت کي هٿي ڏيڻ لاءِ هڪ سگهاري يهودي لابي موجود هئي.

فلسطينن جا بااثر دوست بہ موجود هئا. عرب رياستون جيڪي چوٿين عرب-اسرائيل جنگ جي معمولي سوڀ تي ڦونڊيل هيون ۽ تيل جي عالمي مارڪيٽ ۾ پنهنجي حيثيت کان واقف هيون، هاڻ عالمي اداري جي ميمبرن جو ٺوس ڏيان پاڻ ڏانهن ڇڪائي رهيون هيون. اڻٽڪ ڌر- بازي (Lobbying) سان گڏوگڏ، عرفات

۽ سندس پيروڪارن پاران چاپلوسين ۽ ڌمڪين جي نتيجي ۾ فلسطيني ڪاز لاءِ هڪ نئين حمايت اُڀري آئي هئي. ان جو نتيجو اِهو نڪتو جو ١٩٥٢ع کان پوءِ پهريون ڀيرو جنرل اسيمبليءَ فلسطين جي سوال تي خاص بحث ڪرڻ لاءِ نه رکيو وقت مقرر ڪيو پر ١۴ آڪٽوبر ١٩٧۴ع تي ١١٥ ملڪن جي قطعي اڪثريت؛ جنهن ۾ ٽين دنيا جي ملڪن جي گهڻائي هئي، خود پي- ايل- او کي 'فلسطيني عوام جي نمائندي' طور ان بحث ۾ شرڪت جي حمايت ۾ ووٽ ڏنو.

ايئن ٿي لڳو ته جڻ 'يم ڪپور' جنگ جي نتيجي ۾ معاملو اسرائيل جي خلاف ۽ عربن جي حق ۾ هليو ويو هو. ڪڏيل قومن ۾ اڳي ٽيل سمورين ڪوشش دوران فلسطينين جي حق ۾ وڌ ۾ وڌ ٻياسي ووٽ آيا هئا. هاڻ، سوويت يونين ۽ ان جي اتحادين کان سواءِ تيل جي گهرجائو اوله يورپي ملڪن يا ته ٺهراءُ جي حق ۾ ووٽ ڏنو يا غيرحاضر رهيا. فقط آمريڪا، بوليويا ۽ ڊومينيڪن ريپبلڪ اسرائيل سان گڏجي ان جي خلاف ووٽ ڏنو. اسرائيلي سفير يوسف تيڪوه پاران 'پي- ايل- او جي هڪ سؤ ڏوهن' واري تفصيل جا سرڪاري دستاويز ورهائڻ ته: ڪڏيل قومن جو ادارو 'اهڙن ماڻهن کي گهرائي' خود پنهنجن اصولن جي ڀڃڪڙي ڪري رهيو آهي، جن معصوم ٻارن، عورتن ۽ مردن جي قتل کي پنهنجو پيشو بڻائي ڇڏيو آهي، اهڙيون دانهون ڪرڻ واريون ڪوششون به ناڪام ٿي ويون. ساڳي ريت آمريڪي وفد جي سربراه چتاءُ ڏنو ته 'هڪ 'خطرناڪ مثال' قائم ڪيو پيو وڃي.' (٢) ياسر عرفات کي پهرين غيرسرڪاري نمائندي طور جنرل اسيمبلي آڏو تقرير ڪرڻ جي نينڊ ڏيندي، ڪڏيل قومن اهو قدم کنيو، جيڪو ان جي مخالفن موجب 'ويهين صديءَ جي عظيم پروپئگنڊائي شاهڪارن مان هڪ هو.' (٣)

عرفات لاءِ، اِها نينڊ انهيءَ سفارتي ڪوشش جو اهم ڦل هئي، جنهن جي تياري هو گذريل هڪ سال کان وڏي ڏاهپ سان ڪري رهيو هو. اسرائيل متعلق مرحليوار جدوجهد متعلق جون ١٩٧۴ع واري پي- ايل- او جي فيصلي سان ليس، وسيع عالمي ميڙتا ۽ اتساه ماڻيندڙ امن منصوبي جي حمايت ڪري فلسطينين جي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيس هڪ نئون جوش ملي ويو. عرفات لاءِ اِهو هڪ نئون ڪردار هو ۽ اهڙو نئون ڪردار جنهن ۾ هڪ پاسي چرب زباني جي ضرورت هئي ته ٻئي پاسي چالاڪيءَ سان هيٺانهين وڃڻ جي فن جي به. ان بابت ڪو اُلڪو ڪرڻ بنان ته: سندس تحريڪ ساڳي سال اونهاري ۾ مُنجهائيندڙ معمن سان ڀريل حڪمت عملي ظاهر ڪري چڪي هئي، پي- ايل- او اڳواڻ جيئن پنهنجي نون عالمي ٻڌندڙن آڏو بيان ڪيو، آزاد ڪرايل علائقن تي 'آزاد' قومي اختياريءَ لاءِ سڌ اصل ۾ اسرائيلي دستبرداريءَ کان پوءِ هڪ ننڍڙي رياست تي راضپي جو اظهار آهي. (۴) امن يا سلامتي ڀريل سرحدن کي تسليم ڪرڻ کان انڪار جو مطلب اِهو هرگز ناهي ته پي- ايل- او ڳالهين ۾ شامل ٿيڻ کي مڪمل طور تي ٺُڏي رهي آهي،

پر اُها تہ پنهنجي جواب کان اڳ جينيوا ڪانفرنس لاءِ دعوت نامي جي اوسيئڙي ۾ هئي. (٥)

عرفات پاران پي- ايل- او جي مجيل پاليسيءَ جي نئين سر اُپٽار، ڪيس پنهنجن سائين سان ٽڪراءَ ۾ آندو. انهن ۾ جارج حباش اڳيرو هو، جنهن عرفات جي نئين قلابازيءَ کي فلسطيني ٽياڪڙن وسيلي ڳجهي ريت اولهائين سامراج آمريڪا جي هنج ۾ ويهڻ سڏيو. پر عرفات لاءِ عالمي سطح تي ملندڙ اهميت جي عيوض ايتري قيمت چڪائڻ ڪا ڳوري ڳالهہ نہ هئي. سندس ڏاهپ پريو اعلان سادات لاءِ ڪنهن دل موهيندڙ سنگيت کان گهٽ نہ هو. عرفات جا سوويت دوست بہ ساڳي ريت سَرها هئا. جولاءِ ١٩٧٤ع ۾ سوويت پرڏيهي وزير آندري گروميڪو جي ڏنل دعوت تي ماسڪو ويل عرفات کي سرڪاري مجتا سان گڏوگڏ سوويت اينٽي ايئرڪرافٽ ۽ اينٽي ٽينڪ بندوقون ڏيڻ جو پڻ واعدو ڪيو ويو. (٦)

سوويت يونين سان ناتن کي عرفات سدائين سياسي بنيادن تي اهميت ڏيندو رهيو. اِهو عمل سندس ذاتي اهميت کان سواءِ هينري ڪسنجر کي پڻ معتبراڻو جواب هو، جيڪو پي- ايل- او کان سواءِ ٻين سمورين عرب رياستن کي ڳالهين ۾ شريڪ ڪري وچ اوير چڪتاڻ جي خاتمي لاءِ پنهنجي سر ڪوششون ڪري رهيو هو. سرمائيدارانہ ذهنيت واري نبيل شطہ، جنهن ڪميونسٽن سان نون ناتن تي پنهنجي اڳواڻ سان چٽو بحث ڪيو هو، بقول، چيئرمين 'پڪ سان محسوس ڪيو هو تہ سوويٽ سان اتحاد سندس پنهنجي ذاتي بچاءَ وٽان هو.' (٧)

بيروت کان ٻاهر وسيع سياسي اسٽيج سنڀالڻ کان اڳ، عرفات کي انتهائي ڏکين اندروني مسئلن کي مُنهن ڏيڻو پيو. هُن اِهو ڄاڻندي تہ فلسطينين جي دوستن ۽ محافظن جو تعين عرب حاڪمن ڪيو آهي، پنهنجي سر ڪي ضمانتون حاصل ڪرڻ پئي چاهيون. ڀرين ممڪن موقعي ۽ واضح ترين ممڪن شرطن تي، عرب رياستن کان رسمي طور تي تحريڪ جي حمايت وارو مسئلو طئي ڪرائڻو هو. اهڙي قسم جي اختياري، گهٽ ۾ گهٽ اردن جي شاهہ حسين کي خاموش ڪرائي پئي سگهي، جيڪو اڃان تائين فلسطين جو دعويدار ٿيندي ڳالهائڻ جي دعويٰ ڪري رهيو هو. اِها چڪتاڻ پري جدوجهد آڪٽوبر ١٩٧٤ع جي آخر ڌاري رباط ۾ عرب رياستن جي سربراهي اجلاس تائين اچي پهتي.

ان مهيني جي وچ ڌاري مراڪشي شاهہ حسن کي سندس انٽيليجنس ادارن کان رپورٽ ملي تہ فلسطيني ويڙهاڪ ان ڪانفرنس دوران اهم عرب اڳواڻن کي قتل ڪرڻ جي رٿا جوڙين پيا، انهن اڳواڻن ۾ اردن جو شاهہ حسين، سعودي عرب جو شاهہ فيصل، مصر جو انور سادات، سوڊان جو جعفر نميري ۽ خود ميزبان شاهہ حسن شامل هئا. مراڪش جي سيڪيورٽي ادارن جي ڦڙتيءَ سبب جيتوڻيڪ چوڏهن گوريلا گرفتار تہ ٿيا پر وٽائن ڪوبہ هٿيار نہ مليو. ان جو مطلب اِهو هو تہ

فلسطيني اهڙي حملي جي اجان بہ ڪا ڪوشش ڪري پيا سگهن.

ان ڪارروائي جا سمورا اهڃاڻ بدنام بليڪ سيپٽمبر تنظيم وارا ئي هئا. عرفات کي تڪڙي وضاحت لاءِ گهرائيندي، شاه حسن انهيءَ جي رٿابنديءَ جو الزام بليڪ سيپٽمبر جي روحاني اڳواڻ صلاح خلف تي ٿي هنيو. عرفات سموري معاملي کان بيخبر هوندي بہ گرفتار ٿيل ٻن گوريلن کان واقف هو. خلف ان ڳالھ تي زور ڏيندو رهيو تہ فتح جي قيادت جو ان سان ڪوبہ تعلق نہ هو. جيڪڏهن ڪو هو بہ تہ، ان آپريشن بابت سندس ڳالهين جي تت موجب، فقط اردن جي شاه حسين کي چٽڻ لاءِ هو، نہ ڪي ڪنهن ٻئي اڳواڻ متعلق. ان رٿا بابت ڪا ڄاڻ رکڻ يا ان جي رٿابنديءَ ۾ ڪنهن بہ ريت شامل هئڻ کان انڪار ڪندڙ خلف، ڪجھ هفتن کان پوءِ بيروت جي عرب يونيورسٽيءَ ۾ گرفتار ڪيل گوريلن جي حمايت ۾ تقرير ڪندي ان جي 'سموري نميواري' قبولي ورتي. (٨)

ناڪاميءَ جي باوجود، حملي واري رٿا پي- ايل- او قيادت جي حوالي سان پنهنجو مقصد ماڻي ورتو. پنهنجي زباني حمايت جي اُبتڙ، بادشاه عرب حاڪم پي- ايل- او کان، ان جي مصيبتون کڙيون ڪرڻ واري سياست، ان جي عرب عوام کي سڌوسنئون مخاطب ٿيڻ ۽ ان جي پريشان ڪُن 'جمهوري' انداز کان بڪهي عرصي کان چڙيل هئا. هو تمام گهٽي مهذب انداز سان گهرايل انهيءَ ڪانفرنس ۾ سندن ڪوپڙيءَ جو نشانو چٽيندڙ اصلوڪي بندوق مان جان ڇڏرائڻ واري نقطي تي ويچارڻ لاءِ گڏ ٿيا هئا. انهيءَ رٿيل تجويز کي صلاح خلف 'دهشتگرديءَ جو اظهار' ٿو سڏي. (٩)

مڪمل سربراهي اجلاس کان ڪجھ ڏينهن اڳ، عرب پرڏيهي وزير ٽن ڏينهن ۾ هلندڙ وچ اوڀر امن ڪاوشن ۾ فلسطينين جي نمائندگيءَ واري مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ رباط ۾ گڏ ٿيا. بنيادي طور تي سندن آڏو گذريل چئن سالن کان هڪ ٻئي تي اکيون ڳاڙهيون ڪندڙ ياسر عرفات ۽ شاه حسين مان ڪنهن هڪ جي چونڊ ڪرڻ وارو معاملو هو. شاه حسين اُلهندي ڪناري جي اسرائيل کان اردني اختيار ۾ منتقليءَ لاءِ آمريڪي پنيرائي وارين ڪوششن ۾ پنهنجو پاڻ کي شامل ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌڻ جي اشاري ڪاڻ چتائي رهيو هو. عرفات، فلسطينين پاران ڳالهائيندڙ واحد ترجمان طور پنهنجي حيثيت سگهاري ڪرڻ لاءِ ڏُک ڏوڙ ڪندي ساڳي انداز ۾ اردني دست اندازيءَ کي ڪنهن بہ ريت برادشت ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو.

اِها اهڙي چونڊ هئي جنهن ماضيءَ ۾ عرب رياستن کي سدائين مشڪلاتن ۾ پئي وڌو هو. ۽ جنهن مان هو ١٩٧٠ع واري فلسطيني- اردني گهرو لڙائي دوران بہ جان ڇڏائي نہ سگهيا هئا. ايستائين جو نومبر ١٩٧٣ع ۾ الجزائر ۾ ٿيل گذريل ڪانفرنس ۾ شاه حسين کان سواءِ سمورن اصولي طور تي مڃي ورتو هو تہ پي-

ايل- او ئي فلسطينين جي 'واحد قانوني نمائندگي ڪندڙ' آهي، پر حُسين جي اختلافي موقف جو احترام ڪندي اهو فيصلو ڳجهو رکيو ويو. ايندڙ مهينن ۾، سادات ان مسئلي جي حل لاءِ نمائندگيءَ کي هنهي ڌرين ۾ ورهائڻ لاءِ پتوڙيو، جنهن جي نتيجي ۾ هو پي- ايل- او جي چِتي تنقيد جو پڻ نشانو بڻيو. حقيقت اها آهي تہ قطعي طور تي خيالي دليلن جي ڏي وٺ سبب اسرائيل پاران اولهندي ڪناري کي خالي ڪرڻ کان انڪار بہ ڪين ڪا مت نہ ڏني. حسب معمول، عرب دنيا ۾ اهو معاملو اهم هئڻ سان گڏوگڏ ست پريو پڻ ٿي ويو. ان تي رڳو هن معتبرن جي معتبريءَ جو دارومدار نہ هو، پر ان جو تعلق مستقبل ۾ اردن جي هيئت ۽ اسرائيل جي اُيرندي سرحد تي امن قائم ٿيڻ جي انداز سان بہ هو. هاڻ، هينري ڪسنجر پاران پنهنجي ٿياڪڙيءَ ذريعي شاهہ حسين ۽ نئين اسرائيلي وزيراعظم آئزڪ ربن وچ ۾ تعلق وڌائڻ واري وارتا دوران انهيءَ چونڊ ۾ ڪو گهڻو وقت نہ لڳو.

نہ اردني ۽ نہ وري فلسطيني ڪنهن قسم جي ٺاهہ لاءِ تيار هئا. اردن پاران وزيراعظم زيدالرفائي، جيڪو ٽي سال اڳ بليڪ سيپٽمبر جي گوليءَ کان ذري گهٽ بچي ويو هو؛ اجلاس جي هڪ شريڪ موجب، پي- ايل- او جي ميجتا کي روڪڻ لاءِ وسان ڪين گهٽايو. (١٠) اهِا دعويٰ ڪندي تہ پي- ايل- او ان حل ۾ ڪاٽ هٽي رهي آهي، جيڪو اردن ڪيڻ تي هو، هُن 'دليل بازي ۽ ڌمڪين' حملن ۽ جوابي حملن جا طوفان کڙا ڪري ڇڏيا. (١١) فلسطينين پاران فاروق قدوميءَ بہ، جنهن کي بہ سال اڳ پي- ايل- او جو 'پرڏيهي وزير' مقرر ڪيو ويو هو، 'ڏي جواب وٺ جواب' واري ڪار لڳائي ڏني. عرفات جي دہاءُ هيٺ جنهن هر هر سخت لهجي ۾ عرب اڳواڻن سان فون تي ٺي ڳالهايو، قدوميءَ ميز تي مُڪا هنيا، واڪ آئوٽ ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون ۽ چِٽن لفظن ۾ چيائين تہ هو ان ڪانفرنس ۾ ڪنهن کي بہ پي- ايل- او جي مطالبن کان هڪ انچ بہ هٽڻ نہ ڏيندو. 'اصل ۾ مون تمام گهٽو ڳالهايو هو' قدومي پرسڪون انداز ۾ اهِا وارتا ياد ڪندي ٻڌائي ٿو: 'مون اردنين تي چِتا حملا ڪيا ۽ ڪين فلسطيني ڪاز جي پچر ڇڏڻ لاءِ چيم.'(١٢) ٻئي ڏينهن مصر جي پرڏيهي وزير جي اڪيلي سر حمايت سبب، قدوميءَ جي زوردار طريقن اثر ڏيکاريو. عرب پرڏيهي وزيرن پي- ايل- او جي تجويز بنان ڪنهن بحث مباحثي جي قبول ڪري ورتي ۽ ان کي حقيقي ڪانفرنس ڏانهن اُماڻيائون.

جڏهن عرب اڳواڻ، پنهنجن چوغن، قيمتي لائونج سوٽن ۽ فوجي يونيفارمن ۾ سٽجي ڳڏيا تہ حُسين شاهڪار ڪارڪردگيءَ جو مظاهرو ڪيو. ٽيهن صفحن واري هن ڪلاڪن تائين هلندڙ پنهنجي تقرير ۾ هُن پنهنجي راڄ جي فلسطيني ڪاز ۾ حصيداريءَ واري تاريخ کي اٿلايو، اولهندي ڪناري تي پنهنجي تاريخي دعويٰ کي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي، اسرائيل پاران پي- ايل- او سان

ڪنهن بہ قسم جي تعلق رکڻ کان انڪار واري صورتحال ۾ پنهنجي رٺا ڪي واحد سچائي پسند ۽ حقيقت پريو متبادل سڏيو. پر ان ڪوبہ اثر نہ ڏيکاريو. سندس تقرير کان پوءِ، ڪانفرنس هال ۾ چانيل بگهي سانت کي سپ کان پهرين ان اڳواڻ ٽوڙيو، جنهن جي ملڪ سپ کان پهرين فتح لاءِ پنهنجي حمايت جو اعلان ڪيو هو. الجزائري صدر حواري بومدين بنان ڪنهن تڪلف جي چوڻ شروع ڪيو: 'الجزائر پي- ايل- او کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي بہ فلسطينن پاران ڳالهائڻ جو حقدار نٿو سمجهي.' (١٣) ٻين حڪمرانن پاران بہ عرفات جي حمايت کان پوءِ، حُسين وٽ ڪاوڙجي شڪست قبول ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ چارو ڪونہ هو. ۽ هُن نہ چاهيندي بہ، اهڙي بيان تي راضپو ڏيکاريو، جيڪو ڪيس فلسطينن پاران ڳالهائڻ کان روڪڻ لاءِ ڪافي هو.

'اهو فقط مذاق هو.' مصر سان تعلق رکندڙ محمود رياض جيڪو تن ڏينهن ۾ عرب ليگ جو سيڪريٽري هو، ٻڌائي ٿو: 'اهو فيصلو ڪنهن حقيقي اپياس کان سواءِ ڪيو ويو ۽ معاملو رڳو مصرين ۽ شامين ۾ ان مقابلي تي وڃي بيٺو هو تہ منجهائن ڪير ٿو فلسطيني ڪاز جي وڌيڪ حمايت ڪري.' (١٤)

بهرحال ڪجھ بہ هجي، ٢٨ آڪٽوبر ١٩٧۴ع تي عرب دنيا مڪمل اتفاق راءِ سان پي- ايل- او کي فلسطيني عوام جي 'واحد قانوني نمائندي' طور تسليم ڪري ورتو ۽ عرفات جي تحريڪ کي اسرائيل سان ڪو ناھ نوھ ڪندڙ ڪنهن بہ عرب ڪوشش کي ويٽو ڪرڻ جو اختيار ڏنو. (١٥) پي- ايل- او اڳواڻ جي هيل تائين اهم ترين سياسي سوڀ، ڪيس ٻاهرين دنيا لاءِ انتهائي اهم ملڪن جي سڄي بلاڪ جو هڪ لحاظ کان دادلو بڻائي ڇڏيو.

'اجوڪو ڏينهن فلسطيني عوام ۽ عرب قوم جي تاريخ ۾ هڪ اهم موڙ واري حيثيت رکي ٿو.' عرفات ڪانفرنس جي آخري اجلاس ۾ خوشيءَ مان ٻهڪندي اعلان ڪيو: "آءٌ اوستائين جدوجهد جاري رکڻ جو اعلان ٿو ڪريان، جيستائين اسين ساڳي مُرڪ سان يروشلم ۾ نٿا ملون. سوڀ هاڻ سڏ- پنڌ تي آهي." (١٦) طاقت جي توازن وارين اهم قوتن آڏو عرفات جو اهو هڪ ٻيو روايتي بيان هو. پر رباط ڪانفرنس جي فيصلي ڪيترين ئي منزلون سندس هٿ- وس ڪري ڇڏيون هيون. ان اولهندي ڪناري ۽ غزه واري پٽيءَ ۾ اسرائيلي والار هيٺ رهندڙ عربن ۾ سندس مقبوليت ۾ تمام گهڻي واڌ آندي. اتان جي آباديءَ مظاهرن جي هڪ اڻٽٽ سلسلي وسيلي سندس حمايت جو اظهار ڪيو. عرفات جي ساٿين پاران ڪٽ ڇڙهيل بندوقن سان اسرائيل تي حملو شروع ڪرڻ کان ذري گهٽ ڏھ سال پوءِ، عرب رياستون کين پنهنجي برابريءَ وارو درجو ڏيڻ تي مجبور ٿي پيون هيون. اهم ڳالھ اها تہ ان سندس تنظيم لاءِ عرب سرڪاري فنڊن ۾ پڻ واڌ آندي، ڪانفرنس ۾ ڪڏ ٿيل عرب اڳواڻن تحريڪ لاءِ هر سال پنجاھ ملين آمريڪي ڊالر ڏيڻ جو

واعدو ڪيو. عرفات دنيا جي امير ترين آزاديءَ واري تحريڪ جي سربراه واري منزل ڏانهن تيزيءَ سان وڌڻ لڳو.

ان مرحلي ڪان، عرفات کي ٻاهرين دنيا ۾ سنڌس ڳالھ تي ڌيان ڏيڻ جي جڻ تہ ضمانت ملي وئي. فرانس فقط هڪ هفتو اڳ پنهنجي پرڏيهي وزير جين سئو ويگنارگنس کي بيروت ۾ ساٿس گڏجڻ لاءِ اُماڻي پي- ايل- او قيادت سان اعليٰ سطحي رابطو قائم ڪندڙ پهريون اولهائون ملڪ بڻجي ويو. هاڻ پي- ايل- او اڳواڻ پنهنجو پاڻ کي امن لاءِ هلندڙ ڪاوشن ۾ شامل ڪرائي پئي سگهيو يا گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي شرڪت کان سواءِ ٿيندڙ اهڙين ڳالهين ۾ ڦيٽاڙو ضرور وجهي پئي سگهيو. نومبر ١٩٧٤ع ۾ هُن پاڻ چيو هو: "رباط ڪانفرنس کان اڳ اسين فقط هڪ عددي انگ هئاسين پر هاڻ واقعن جي مُهڙ ۾ آهيون." (١٧)

پي- ايل- او جي اها ڪاميابي وچ اوڀر معاملن تي دلچسپي رکندڙ ننڍڙن ذريعن تي ئي اثرانداز ٿي پر اِها هر ڪنهن لاءِ هڪ نئين صورتحال هئي. خاص طور تي هينري ڪسنجر لاءِ، جيڪو هاڻ جيرالڊ فورڊ جي حڪومت ۾ پرڏيهي وزير هو. اِهو اسرائيل ۽ اردن سميت مصر سان شروع ڪيل اولهندي ڪناري جي مستقبل بابت ڳالهين کي جڻ پوئتي ڌڪڻ جي جهٽڪي کان ڪنهن بہ ريت گهٽ نہ هو. يروشلم ۾ حڪومتي عملدارن ان کي 'ڳالهين ۾ تعطل' ڪري ليکيو. (١٨) اسرائيلي اخبارن، عرفات وانگر هڪ نئين جنگ جي امڪانن جا نغارا وڄائڻ شروع ڪيا ۽ وزيراعظم ربين چٽن لفظن ۾ چيو: 'ايرندين سرحدن تي ڪوبہ اهڙو ناهي جنهن سان امن بابت ڳالهائجي.' (١٩) جهڙي ريت، تن ڏينهن ۾ اردني وزيراعظم زيدالرفائي ذڪر ٿو ڪري: 'اسانکي پڪ هئي تہ رباط نُهراءُ اولهندي ڪناري بابت امن واري طريقءِ ڪار کي ڪيترائي سال پوئتي ڌڪي رهيو هو ۽ اسان جو اهو تجزيو درست ثابت ٿيو.' (٢٠)

عرفات جُڙتو عرب اڳواڻن جي وسوسن کي چڱي ريت استعمال ڪيو. اُن وقت جڏهن انهن مان ڪجھ، خاص طور تي سادات، اسرائيل سان پيڙائتو ڳٺجوڙ ڪرڻ تي راضي هئا، ۽ منجهائن ڪنهن بہ فلسطيني ڪاز تي عوام جي حمايت ڏانهن ڌيان نئي نہ پئي ڏريو تہ اُن وقت عرفات هر ڪنهن جو ڌيان زوري پنهنجي تنظيم ڏانهن ڇڪرايو. اِها هڪ اهڙي چال هئي جنهن کي هُن اڪثر عرب حاڪمن کي پنهنجي نظر سان معاملا ڏيکارڻ لاءِ استعمال ڪيو.

رباط فيصلي تي پريشان آمريڪي، عرفات کي پندرهن ڏينهن پوءِ نيويارڪ ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ ۾ تقرير ڪرڻ واري نئين حيثيت جي نتيجي ۾ ملندڙ گهڻ پاسائتي پروپئگنڊا کي روڪڻ کان قاصر هئا. ڪيس اچڻ جي اجازت ڏيڻ کان انڪار ڪرڻ، جنهن جي سرگرم يهودي لابيءَ گُهر ڪرڻ کان ڪيهايو نہ هو ۽ جيڪو چوڏهن سال پوءِ جي پرڏيهي وزير عملي طور تي ڪري بہ ڏيکاريو،

ناممڪن بڻيل هو. يهودي دباءُ کي گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش طور آمريڪي انتظاميا عرفات جي ويزي کي گڏيل قومن واري عمارت جي پنجويهن ميلن جي دائري تائين محدود رکيو هو. ايئن ڪرڻ سان ڪيس نيو انگلينڊ جي مشهور يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچر ڏيڻ ۽ واشنگٽن ٽاڪ شو ۾ شرڪت کان محروم ڪيو ويو. پر ان ڏس ۾ جيئن پرڏيهي وزارت جي مشاهدي ۾ آيو، نه رڳو آمريڪا ۽ گڏيل قومن واري ٺاهه کي ڇيهو ٿي رسيو پر آمريڪا نئين اُپريل عرب قوت پاران عرفات کي جوڳو ڌيان ڏيڻ لاءِ پڻ دباءُ جو شڪار رهيو. عرب اڳواڻ پنهنجي پوزيشن صاف رکڻ لاءِ لبنان جي صدر سلمان فرنجيءَ کي جنرل اسيمبليءَ ۾ پنهنجي پاران عرفات جي حمايت ۾ ڳالهائڻ لاءِ موڪلڻ تي راضپو ڏيکاريو، جيڪو عام طور تي، فلسطينين جو حمايتي نه ليکيو ويندو هو پر جنهن ان موقعي تي پي- ايل- او سان پنهنجا اختلاف هڪ پاسي ڪيا هئا.

ان ريت ١٣ نومبر ١٩٧٤ع تي آمريڪي انتظاميا پنهنجو پاڻ کي ان شخص جي ميزبان ۽ محافظ طور ڏٺو، جيڪو وچ اوڀر ۾ هن آمريڪي اتحادين پويان هٿ ڌوئي پيل هو ۽ جنهن تي هو آمريڪي شهرين خلاف دهشتگرد ڪارروائين ۾ شريڪ هئڻ جو الزام هڻندا هئا. ١٩٦٠ع ۾ نڪيتيا خروشچيف ۽ فيڊل ڪاسترو جي گڏيل قومن واري هيڊڪوارٽرس جي گڏيل دوري کان پوءِ ڪڏهن به اهڙا حفاظتي اُپاءَ نه ورتا ويا هئا. انتهاپسند يهودي گروپن جي ان ڌمڪي ته هو عرفات کي شهر مان جيئرو وڃڻ نه ڏيندا ۽ جنرل اسيمبليءَ ۾ سندس تقرير واري ڏينهن تي پي- ايل- او اڳواڻ خلاف مظاهرن جي امڪانن سبب پوليس ۽ ڪجهه ادارن جي هزارين جوانن کي نيويارڪ جي روڊن تي مقرر ڪيو ويو. نيويارڪ جي ميئر ابراهام بيميءَ بعد ۾ پڌرو ڪيو ته سندس انتظاميا ڇڏڻ ڏينهن تائين عرفات جي سلامتيءَ وارن انتظامن تي ساڍا ست لک ڊالر خرچ ڪيا ۽ اِهو سڀ ڪجهه سندس چوويهن ڪلاڪن کان به گهٽ ٽائيم واري دوري لاءِ ڪيو ويو. پي- ايل- او اڳواڻ جي آمد سبب اهم بڻجي ويل شهر ۾ ٽيندڙ انهي خرچ جي خبر به هر هنڌ پهچي وئي.

عرفات پنهنجي سر به ڪو امڪان باقي نه ڇڏيو هو. سندس پنهنجو سرڪاري حفاظتي اسڪواڊ، جنهن ۾ فورس ١٧ جو ڪمانڊر علي حسن سلامه ۽ ڏاڪٽئين لبنان سان تعلق رکندڙ ڏهه سخت جانٺا گوريلا شامل هئا، جيڪي سندس حفاظت لاءِ گڏ هئا. انهيءَ سفر جي تيارين دوران ديومالائيت معمول کان وڌيڪ هئي. مصري حڪومت قاهره ۾ هڪ جهاز سندن حوالي ڪيو، جڏهن ته ٻيو دمشق ۾ هن جي لاءِ تيار بيٺل هو. نيويارڪ رواني ٿيڻ واري سٺاءُ کان ڪجهه گهڙيون اڳ سندس الجزائر روانگي جو اطلاع آيو، جتي هُن سوئيڊن جي وزيراعظم اولف پالمي سان هڪ تڪڙي ملاقات ڪرڻ پئي چاهي. آخر ۾ الجزائري حڪومت

بلڪل آخرين گهڙين تي هُن لاءِ هڪ خاص جهاز جو بندوبست ڪيو، جيڪو ڪيس نيويارڪ رسائي آيو. انهيءَ سموري هڻ هٽان جو مقصد سادو هو: عرفات جي جهاز تي وچ اوير ڪان ٻاهر نڪرڻ کان اڳ ئي ڪو حملو ڪندڙن کي منجهائڻ.(٢١)

حاظتي اُپاءَ وچ شهر مين هٽن ۾ به ڪي گهٽ نه هئا. صاف سٽري والڊرف ايسٽوريا هوٽل، جتي عرفات کي پنهنجي صلاحڪار نبيل شعٿ کي ڪاڏو چڪاسيندڙ طور استعمال ڪندي، تقرير ڪانپوءِ مانجهاندي ۾ شريڪ ٿيڻو هو، جڻ ته ڪو قلعو بنيل هو. گڏيل قومن جو هيڊڪوارٽرس، ايرندي نديءَ سان لڳو لڳ وڏي علائقي تائين پوليس جي گهيري ۾ هو ۽ عرفات جي پهچڻ کان چوويهه ڪلاڪ اڳ اهو سمورو علائقو هر ايندڙ ويندڙ ۽ غيراختيار ماڻهن لاءِ بند ڪيو ويو هو. جڏهن اسر جو پنجين وڳي سندن جهاز ڪينيڊي ايئرپورٽ جي هڪ ڏورانهين ڪُنڊ ۾ لٿو ته عرفات ۽ سندس 'پسنديده فرزند' سلام، خلاف معمول سائرن وڄائيندڙ موٽرن جي ڪاروان بدران هڪ آمريڪي فوجي هيليڪاپٽر ۾ اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ جي سڪيورٽي آفيسر ۽ هڪ ڳجهي اداري جي ايجنٽ سان گڏ چپ چاپ ۾ گڏيل قومن جي عمارت ڏانهن هليا ويا. باڪ ڦٽيءَ مهل، جڏهن هيليڪاپٽر گڏيل قومن جي ڇپر تي لٿو ته ان جي مسافرن جي انتهائي خطرناڪ جٽي ڇپر تي ٽپ ڏنو ۽ عرفات کي، جيڪو هاڻ گڏيل قومن جي سڪيورٽيءَ جي حوالي هو، رازداريءَ سان پنجين ماڙ تي نيو ويو، جتي هُن ڪيمرائن جي روشنين ۾ تقرير ڪرڻ کان اڳ، ڪجهه ڪلاڪن تائين ٽڪ پيو. ٻاهرين گهٽين ۾ هزارين مظاهرو ڪندڙن جو نعرو: 'عرفات گهر موٽي وڃ' ٻڌي، هُن سرٻاٽن ۾ پنهنجن ساٿين کي چيو "آءُ اهوئي مقصد ڪٿي ته نيويارڪ آيو آهيان." (٢٢)

ان ڏينهن پي- ايل- او جي چيئرمين جي ڪارڪردگي هر لحاظ کان اثرائتي هئي. ان جي نتيجي کي تاريخي موقعي ۽ تقرير وهائيندڙ مزاحيا پيشڪش جي وچ ۾ رکي سگهجي ٿو. سندس تقرير بيروت واري پي- ايل- او آفيس جي ماهرن ۽ عملدارن جي ڪميشن پاران ڪلاڪن جا ڪلاڪ تصحيح ڪرڻ، لکڻ ۽ وري نئين سر لکڻ واري عمل کان پوءِ مڪمل ٿي هئي. بلڪل آخري مرحلي تي، سندس صلاحڪارن اها تقرير يورپ ۽ وچ اوير جي اخبارن ڇپجڻ واري وقت کان به ڪلاڪ دير سان جاري ڪئي ته جيئن اسرائيلين کي ان جو مڪمل جواب ڏيڻ جو وقت ملي نه سگهي. خود عرفات جي آمد کي چالاڪي سان بدلايو ويو، ڪيس نئين معتبراڻي انداز لاءِ ڏاڙهي ڪوڙڻ ۽ مڇيون هلڪيون ڪرڻ تي راضي ڪيو ويو.

اڳي نهيل تصور ۽ اسرائيل کي چيڙائڻ لاءِ گڏيل قومن ۾ پي- ايل- او اڳواڻ جي دوستن ڪيس ڪنهن رياستي سربراه وانگر مان ڏيڻ کان وسان ڪين گهٽايو. گڏيل قومن جي چيمبر ۾ عرفات جي داخل ٿيڻ کان فقط ويهه منٽ اڳ سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر ڪرٽ والڊ هائيم جي نائب پويان اُپريل اچي پوش واري ڪُرسي

آئي رکي. اڇاڇاتائي ۾ ڪيل ان حرڪت تي سمورا عملدار هيڪر تہ پريشان ٿي ويا، ڇاڪاڻ جو اهڙي ڪُرسي فقط رياستي سربراهن لاءِ ئي مخصوص هئي ۽ اها جنرل اسيمبليءَ جي صدر الجزائر جي پرڏيهي وزير عبدالعزيز بئوتيفليڪا سيڪريٽري ڪي ڄاڻائڻ بنان اُتي رکرائي هئي. بحث مباحثي واري انهيءَ فورم ۾ جتي اڪثر علامتون اهميت واريون آهن، اها انتهائي لاجواب علامت هئي. ان مرحلي تي ڪيترن ئي وفدن بائيڪاٽ ۾ اسرائيل سان شريڪ ٿيڻ جي ڌمڪي ڏيڻ شروع ڪئي. والڊ هائيم جي عملدارن لاءِ اها ڪُرسي هٽرائڻ ڪنهن مصيبت کان گهٽ نہ هئي، انهن مان هڪ چواڻي، عرفات تي ان ڪُرسيءَ تي نہ ويهڻ لاءِ زور ڀرڻ 'انتهائي ڏکي ڳالهہ' هئي. (٢٣) نيٺ هُن ان جي پرسان بيٺو رهڻ تي راضپو ظاهر ڪيو. پر هن آڊيٽوريم ۾ داخل ٿيڻ کانپوءِ ان معاملي جي اهميت کي ڪن پل لاءِ بہ نہ وساريو. هيڊي ٽڪل ڇهري، ميرانجهڙي رنگ جي جيڪٽ، ڪاري چشمي ۽ معمول جيان مٿي تي هڏل پوتڙي سوڌو آڊيٽوريم ۾ داخل ٿيڻ وقت، اسيمبليءَ سندس بيٺي پير آڌرياءُ ڪيو. تيز نظر وارن شريڪن اِهو چٽي طرح محسوس ڪيو تہ هُن پنهنجو هڪ هٿ ان اوچي ڪرسيءَ تي تمام گهٽي مضبوطيءَ سان ڦهائي رکيو هو.

'اها سموري ڪرت مارڪس برادرس جي عنصرن جو ڪنهن حد تائين مرڪب هئي.' گڏيل قومن جو سينيئر عملدار برائن اُرڪو هاٽ، جنهن اينڊڙ وقت ۾ پي- ايل- او اڳواڻ سان ڪيترن ئي معاملن ۾ رابطو رکيو، ٻڌائي ٿو: 'آءٌ اهو تمام گهٽي رحمدليءَ سان پيو چوان تہ اها عرفات جي معمول وارين حرڪتن جو حصو هئي، ناٽڪي عنصرن ۽ ان جي اظهار لاءِ اُبهرائپ تہ سندس خاص وطيرو پئي رهيو آهي.' (٢٤)

گڏيل قومن جي ڊائس تي پهچڻ کانپوءِ، عرفات اِهو سوچيندي تہ فلسطيني پيڙائن کي دنيا آڏو آڻڻ جو ان کان بهتر موقعو ڪڏهن بہ نہ ملندو، هُن پنهنجي لهجي کي تمام گهٽو نرم رکيو ڇا گڏيل قومن جو ادارو صيهونين کي فلسطين جي هڪ حصي تي رياست قائم ڪرڻ جو حق ڏيڻ کان وٺي، هيل تائين جي سندس ماڻهن جي پيڙائن کان واقف ناهي؟ ڇا اسرائيل جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ، گڏيل قومن جي اداري فلسطينين جي حيثيت 'پناهگيرن' واري طئي نہ ڪئي هئي، سندن ماترڀوميءَ ڏانهن واپسيءَ جي ڳالهہ رڳو رسمي طور تي ڪرڻ کان سواءِ اُن سنجيدگيءَ سان ڪو قدم کنيو آهي؟ ۽ اڄان تائين، ڪيترن ئي اُسرندڙ ملڪن جي سامراجي قوتن کان آزادي ماڻڻ واري دور ۾ بہ، گڏيل قومن پنهنجي چارٽر ۾ خوداراديت واري حق کي ڪو جوڳو مقام ڏنو آهي؟.'

عرفات اُن ڏينهن پنهنجي تقرير کي رڪارڊ جي هڪ ڀيرو ٻيهر درستگيءَ لاءِ مليل موقعي طور ورتو. سندس تقرير ۾ عظيم آفاقيت سمايل هئي ۽ ان تقرير ۾

گهٽي ڀاڳي گڏيل قومن جي هڪ سگهاري قوت: ٽين دنيا کي سوچيل سمجهيل اپيل ٿيل هئي. عرفات فلسطين ۾ يهودي مداخلت، ۽ اسرائيلي رياست جي ڪارروائين کي بينڪيت ۽ مت ڀيد سڏيو ته جيئن آفريڪا، ايشيا ۽ لاطيني آمريڪا جون نيون آزاد ٿيل قومون سندس موقف کي سولائي سان سمجهي سگهن. فلسطين جي تاريخ جو ذڪر ڪندي ۽ پنهنجو پاڻ کي 'يروشلم جو جائو' سڏيندي، هُن فلسطيني ڪاز کي ڪيترين ئي بينڪيت دشمن آزاديءَ وارين جدوجهدن ۽ ايستائين جو خود آمريڪي آزاديءَ واري جنگ سان ڀيٽيائين: 'آءٌ باغي آهيان ۽ آزادي ماڻ منهنجو مقصد آهي.' هُن اعلان ڪيو. (٢٥)

سگهو ئي عرفات جي هٽندڙن تي ظاهر ٿيو ته هو ڪهڙي قسم جو آئيندو اَچي رهيو آهي. هو موهيندڙ ٻولي ڳالهائڻ ۾ ناڪام نه رهيو هو: هُن امن بابت ڪيترائي گفتا ڳالهايا. آزاديءَ جي ويڙهاڪ واري بندوق سان گڏ زيتون جي ٽاري جو ذڪر ڪيائين ۽ سياسي جدوجهد کي هٿياربند جدوجهد تي بالادستيءَ جي حمايت ڪيائين. عرفات صيهونيت دشمن يهودين جي ساراه به ڪئي ته تن ڏينهن ۾ اسرائيلي جيلن ۾ واڙيل 'يهودي انقلابين' کي ڳالهين جا گل اَچڻ جو اظهار به- پر خود اسرائيل لاءِ هُن وٽ فقط نسل پرستي، دهشتگردي ۽ ڏاڍائي ڪرڻ جا الزام هئا ۽ يهودي قوم جي وجود کان سراسر انڪار. فلسطينن جي حتمي مقصد لاءِ، پي- ايل- او اڳواڻ ڪنهن نُوس ڳاله ڪرڻ کان هوشياريءَ سان ڪن- ٽار ڪري ويو ۽ هڪ ڀيرو ٻيهر ڇهه سال اڳ ظاهر ڪيل پنهنجي 'سپني' جي ذڪر تي بس ڪيائين.

'آءٌ ڇو نه سپنو ۽ اُميد پسان؟' هُن شهري حقن جي آمريڪي اڳواڻ مارٽن لوٿر ڪنگ جي لفظن کي وڏي اُتساه سان ورجائيندي چيو: "ڇا انقلاب ان سپني ۽ اُميد جي ساڀيان نٿو ڏئي سگهي؟ اچو ته منهنجي سپني جي ساڀيان لاءِ گڏجي ڪم ڪريون، ته جيئن آءٌ پنهنجي ماڻهن سان گڏ پنهنجي ڏيهه نيڪاليءَ مان فلسطين موٽي سگهان... اهڙي جمهوري رياست ۾ جتي عيسائي، يهودي ۽ مسلمان انصاف، برابري، ڀائپي ۽ ترقيءَ جي اُتساه سان گڏجي رهن." (٢٦)

جيڪڏهن ان تقرير ۾ گڏريل جون ۾ پي- ايل- او ڀاران وڏي بحث کان پوءِ منظور ڪيل والاريل علائقن ۾ 'قومي اختياري' بابت ڪنهن ٺاه ڏانهن اشارو به هو ته انتهائي ڳجهو. اِهو انهن اسرائيلن لاءِ سُک جو ساه کڻڻ برابر هو، جن جو خيال هو ته ڪنهن حقيقي ٺاه لاءِ گڏيل قومن جو دٻاءُ ڪين نهوڙي نيندو. 'اِها تقرير تمام ڊگهي ۽ مُنجهيل هئي ۽ ڪوبه اِهو سمجهڻ کان قاصر هو ته سندس اصل مقصد ڇا آهي.' تن ڏينهن ۾ گڏيل قومن ۾ برطانيا جو هڪ سفارتڪار چوي ٿو: 'ان وچ اوير بابت اسان جي ماهرن جي راءِ جُڙڻ ۾ به ڏينهن لڳايا. اِها تقرير عرفات جي عالمي آڪاڙي بابت ناسمجهيءَ جو هڪ اظهار هئي." (٢٧)

حقيقت ۾، عرفات ۽ سندس ساٿين بيروت ۾ اڳيئي طئي ڪيو هو ته جنرل

اسيمبلي اُهو ادارو ناهي، جتان ئوس امن منصوبا پيش ڪجن. ان سان تنظيم انتهائي بيدرديءَ واري ٿوڙڦوڙ جو شڪار ٿي پئي سگهي. 'ان کي هڪ تاريخي تقرير طور ليکيو ويو.' نبيل شعٿ ٻڌائي ٿو. هُن خليل الوزير، فلسطيني شاعر محمود درويش ۽ هڪ وڪيل صلاح داباغ سان گڏجي اُن تقرير جي تيارين ۾ حصو ورتو هو. 'اِهو عالمي سطح تي اسان لاءِ پهريون موقعو هو، جو اسان فلسطين جو ڪيس دنيا جي رڪارڊ تي آندو. عرفات ان تي سهمت هو ته هيءُ اُهو موقعو ناهي جڏهن صلُح جي ڳالهه ڪجي.' (٢٨)

بهرحال، عرفات جي اصل مقصد جي ڳولا وارو ذمو سڌسماءُ جي پرجوش ادارن پنهنجي سر تي کنيو، جن الزام ڏريو ته هو چيله تي پستول ٻڌي گڏيل قومن جي اداري ۾ داخل ٿيو هو. هُن جڏهن ئي جنرل اسيمبليءَ ۾ پنهنجي ٻڌندڙن جي داد کي هٿ هوا ۾ جهولائي موٽ پئي ڏني ته سندس جيڪٽ پويان لڪل پستول ظاهر ٿي پيو. پر ان عرفات کي ڪوبه چيهو نه رسايو. سدائين علامتن تي زور ڏيندڙ عرفات چاتو ٿي ته سندس حمايتي زيتون جي ٽاريءَ سان گڏوگڏ بندوق پڻ ڏسڻ چاهين ٿا.

ايندڙ ڏينهن، سڌسماءُ جي آمريڪي ادارن پاران عرفات جي گڏيل قومن واري تقرير تي چٽي ردعمل سان گڏ آيو. ڪيس خاص طور تي آمريڪي چگن مڙسن جارج واشنگٽن، ابراهام لنڪن ۽ ووڊرو ولسن سان پنهنجي پيٽ تي تنقيد جو نشانو بڻايو ويو. نيويارڪ ٽائمس موجب اِها مُڏي، موقعي پرست ڪارڪردگي جنهن ۾ صيهونيت جي ڪردار کي مسخ ڪرڻ جي ڪوشش ڪيل هئي؛ نه رڳو ويهين صديءَ جي واهيات ترين بڪواسن مان هڪ هئي پر مارڪسي انقلابي نظريي جو اڻ گهڙيل پرچار هئي. هاڻ اها جنرل اسيمبليءَ جي ذميواري آهي ته اُها ان تنگ نظر تنظيم مان هوا ڪڍي.' (٢٩)

ٽين دنيا جي وفدن وٽان، موٽ بهرحال ان کان بلڪل مختلف ملي. پي- ايل- او اڳواڻ جي ان تقرير ڪانپوءِ، جنهن کي اسرائيلي وفد جي سربراهه 'رتوچاڻ ۽ حيوانيت' کي خراج سڏيو (٣٠) آفريڪي، ايشيائي، سوشلسٽ ۽ عرب ملڪن جي نمائندن سندس 'شاندار'، 'اتساهيندڙ' ۽ 'ترقي پسند' بيان، سندس سياسي بصيرت، سندس وسيع نظر برداشت ۽ بردباريءَ تي ڪيس خراج پيش ڪيو. (٣١) مصر پاران ڏنل هڪ آجياڻي ۾ آمريڪا ۽ اسرائيل کان سواءِ نيويارڪ ۾ موجود سمورن اهم سفارتڪارن عرفات کي وڏا مرحبائي لقب ڏنا. ان آجياڻي ۾ سماجي شخصيتن ۾ انتهائي اهم مسز اميلڊامارڪوس به شامل هئي. فلپائيني آمر مارڪوس جي انتهائي سهڻي زال اِهو سوچي رهي هئي ته ياسر عرفات سان گڏ سندس فوٽو، سندس پنهنجي ملڪ ۾ مسلمانن پاران حڪومت مخالف رجحانن کي جهڪو ڪري سگهي ٿو. اميلڊا ايندڙ ڏينهن سندس مان ۾ نيرن ڏني.

نيويارڪ پهچڻ کان ذري گهٽ ويهه ڪلاڪ پوءِ عرفات هڪ ٻيرو بيهر سفر لاءِ اُسهيو. هن ڀيري سندس منزل ڏاڪٽئين پاسي ڪميونسٽ ڪيوبا واري محفوظ رياست هئي. هُن سڀني ڏينهن جو ثمر سميٽڻ لاءِ، پنهنجي 'پرڏيهي وزير' فاروق قدوميءَ کي نيويارڪ ۾ ئي ڇڏيو. ڳوري بلٽ پروف جيڪٽ پائي گڏيل قومن جي عمارت ۽ والڊروف هوٽل جي وچ ۾ سفر ڪندي قدوميءَ ان ثمر کي اُتساهيندڙ محسوس ڪيو. (٣٢) ايندڙ نون ڏينهن تائين هلندڙ بحث دوران اناسي تقريرون ڪندڙن مان ايڪهٺ نمائندن اسرائيل خلاف ڳالهايو. ان مرحلي کان پوءِ ٢٢ نومبر تي جنرل اسيمبليءَ ٻن ٺهرائن جي حق ۾ وڏي اڪثريت سان ووٽ ڏنو. انهن مان هڪ فلسطينين لاءِ خوداراديت واري حق تسليم ڪرڻ ۽ ٻيو پي- ايل- او کي گڏيل قومن جي اداري ۾ مبصر جي حيثيت ڏيڻ بابت هو.

اِهو اهم ورهاست ۾ هڪ وڏو ڇال هو. هڪ ئي ڌڪ سان پي- ايل- او کي گڏيل قومن ۾ ڪنهن قائم شهري رياست جي حڪومت واري حيثيت ملي وئي، اهڙي ساڳي وجهائي تي حيثيت اتر ۽ ڏکڻ ڪوريا، سوئٽزرلينڊ ۽ ويٽيڪن کان سواءِ ڪنهن بہ غيرحڪومتي تنظيم کي حاصل نہ هئي. ان ڏينهن کان گڏيل قومن جو ادارو فلسطيني سياسي سرگرميءَ جو اهم مرڪز بڻجي ويو. پي- ايل- او جنرل اسيمبليءَ ۾ پنهنجي لاءِ ڪارائتين تحريڪن جي سلسلي جي حمايت واسطي ميمبرن جي اڪثريت سان لهه وچڙ ۾ اچڻ شروع ڪري ڏنو. انهن مان ڪن تہ عالمي اداري جي ميزبان ملڪ آمريڪا کي ناراض پڻ ڪيو، جن ۾ ١٩٧٥ع وارو متنازعہ ٺهراءُ تہ 'صيهونيت نسل پرستي آهي،' انتهائي اهم آهي. پي- ايل- او پنهنجو پاڻ کي سياسي ڏر ثابت ڪرڻ لاءِ گڏيل قومن جي ڪيترن ئي ننڍن وڏن ادارن ۾ پنهنجي حيثيت مڃرائي. ايندڙ سالن دوران فلسطيني وفدن انساني حقن، صحت ۽ آباديءَ جي مسئلن، خوراڪ ۽ شهري اڏام جي عالمي ڪانفرنسن ۾ شرڪت ڪئي. ١٩٧٥ع جي آخر ۾، پي- ايل- او کي پهريون ڀيرو گڏيل قومن جي فيصلا ڪندڙ اهم ترين اداري: سلامتي ڪائونسل ۾ هڪ بحث ۾ شرڪت جي نينڊ ڏني وئي.

حقيقت ۾ اِهي سموريون مڪمل طور تي 'ڪاغذي سوڀون' هيون ۽ فلسطيني سوال سان انهن جو ڪو سڌوسنئون تعلق نہ پئي جُڙيو. عرفات لاءِ اِهي ان ڪري بہ اهم هيون جو انهن وسيلي فلسطيني آواز دنيا تائين پهتو ٿي. عرفات ١٩٧٤ع ۾ آمريڪا جي پنهنجي پهرين ۽ آخري دوري کي ياد ڪري ٻڌائي ٿو: 'گڏيل قومن ۾ مون فلسطيني بُت ۾ روح پوندي محسوس ڪيو، جنهن کي سڄي دنيا ميسارڻ تي جنبيل هئي.' (٣٣)

پي- ايل- او اوستائين يقيناً ڏکھو پنڌ ڪري پهتي هئي. ١٩٦٠ع واري ڏهاڪي جي وچ ڌاري 'هٿياربند جدوجهد' جي خفيا ڏينهن ۽ ١٩٧٠ع واري

ڏهاڪي جي شروع ڌاري دوستن جي اٿهوند واري مايوسيءَ واري انتهائي ٻڳهي مسافري هاڻ، بيروت ۾ جيئن پوءِ تيئن وڌندڙ آفيس ۾، اها حڪومتي ڪاموراشاهيءَ جون سموريون ڳهرجون پوريون ڪري رهي هئي، ناٽي واري وزارت کان سواءِ فلسطينين جي گهرو ۽ پرڏيهي معاملن کي منهن ڏيڻ لاءِ مختلف کاتن جو هڪ مڪمل سلسلو ڪم ڪري رهيو هو. تنظيم فلسطيني پناهگيرن لاءِ اسڪول ۽ اسپتالون اڏائڻ شروع ڪيون ۽ فلسطيني شهيدن جي پونئيرن کي وظيفا ڏيڻ شروع ڪيا. ١٩٧٥ع ۾ ان جا لڳ ڀڳ چاليهن ملڪن سان سفارتي ناتا هئا ۽ ڪنهن رياستي سربراهه جيان عرفات سان ملڻ لاءِ پرڏيهي معتبرن جو هڪ اڻکٽ سلسلو هوندو هو. ٻنان ڪنهن شڪ جي اِهو هڪ مهانگو عمل هو، پر عرفات جي ڪيل ڪوشش جي نتيجي ۾ تيل جي دولت سان مالامال عرب ملڪن، خاص طور تي سعودي عرب کان 'مقصد لاءِ گهربل ڏوڪڙ' طور مليل لکين ڊالرن ۽ فلسطيني پناهگيرن کان ملندڙ چندن پي- ايل- او ۽ ان جي الحاقي ڌرين کي دنيا جي شاهوڪار ترين تحريڪ بنائي ڇڏيو.

گڏيل قومن ۾ پهچڻ کان پوءِ عرفات سفارتڪاري جي هڪ نئين دور ۾ داخل ٿي ويو. سندس مالي مدد ڪندڙن جي ڏنل جهازن ۾ هو هڪ کان ٻئي عرب ملڪ ڏانهن پيو سفر ڪندو هو. هُن ايندڙ سالن ۾ فلسطيني مسئلي لاءِ ميڄ جوڳن حلن بابت اهڙي ريت بيان جاري ڪيا، جڻ ڪو واپاري سياسي منڊيءَ ۾ پنهنجي وکر لاءِ ڪليو ڪلايو واڪ ڏيندو هجي. هڪ موقعي تي هُن اعلان ڪيو تہ شروعاتي مرحلي ۾ هو پنهنجي سر اولهندي ڪناري واري شهر 'جيريچو' ۾ فلسطيني جهنڊو ڦڙڪائڻ لاءِ تيار آهي. هڪ ٻئي موقعي تي هُن مصري پرڏيهي وزير اسماعيل فهميءَ کي هدايو تہ هِن مرحلي تي ڪيس رڳو فلسطيني جنڊو ڦڙڪائڻ لاءِ زمين گهرجي، پوءِ ڀل اِها پنجن ڪلوميٽرن کان وڌيڪ نہ هجي.' (٣٤) توري تڪي ڏسجي تہ اِهي بيان جون ١٩٧٤ع ۾ جاري ڪيل پي- ايل- او جي پاليسي وارن اعلان نامن سان ٽڪر ۾ نٿي آيا پر انهن تنظيم اندر عرفات جي مخالفن کي ڇتي تنقيد جو موقعو ڏنو، جن لاءِ عرفات اڄ تائين چوي ٿو تہ هُن 'سمجهيو نہ يا سمجهڻ جي ڪوشش نہ ڪئي.' (٣٥)

سفارتي ميدان ۾ عرفات جي حرفت گيريءَ جي انتهائي ڪاميابيءَ طور، ١٩٧٠ع واري ڏهاڪي ۾ اولهہ يورپ جي ملڪن ۾ پير ڪپائڻ سندس اهم مقصد ٻڻجي ويو. اِها سندس اهڙي صلاحيت هئي جنهن جو پي- ايل- او جا ٻيا اڳواڻ اڄان تائين ڪنجوسيءَ سان اعتراف ٿا ڪن. فتح جي قدامت پرست سياستدان خالدالحسن موجب: "ابوعمار ڪڏهن بہ پنهنجي ناپسند وارو عمل نہ ڪيو. هو انهن ماڻهن مان آهي جن کي جيڪڏهن هڪ ميل جي دائري ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ چيو وڃي تہ هو ان دائري کي ڏهن ميلن تائين ڦهلائي ڇڏيندا." (٣٦)

۱۹۷۰ع جي ڏهاڪي جي وچ ڌاري عرفات جي سڀ کان وڏي حرفت اُها هئي، جنهن کان ان وقت دنيا واقف ٿي نہ سگهي. ان جو تعلق عرفات جي حمايتين ۾ ڪاهي ڏر جي انهن اسرائيلين وچ ۾ تعلق پيدا ٿيڻ متعلق هو، جن فلسطيني ڪاز لاءِ همدرديءَ جو اظهار ٿي ڪيو ۽ ان وسيلي پي- ايل- او اڳواڻ يهودي رياست سان ڪجھ رعايتن جي ڏس ۾ وڌڻ شروع ڪيو. انهن شروعاتي ڏينهن ۾، اِهو خطرن سان ڀريل عمل هو ۽ اڳتي هلي ان عرفات جي بهترين پرڏيهي سفارتڪارن مان ڪن جي جان بہ نهوڙي.

اِهو نقطءِ نظر تہ فلسطينين کي اسرائيلين سان ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ گهرجن، پنهنجي ليکي نئون يا گمراھ ڪُن نہ هو. ۱۹٦۹ع ڌاري نبيل شعط پاران جمهوري رياست واري نظريي جي پرچار جي جواب ۾ ڪيترائي اسرائيلي ۽ هيا يهودي چڱي مثبت وراڻي ڏئي چڪا هئا. تقريباً ساڳي وقت نايف حواتمہ جي قيادت واري فلسطين جي آزاديءَ لاءِ عوامي جمهوري محاذ (P.D.F.L.P) نالي پي- ايل- او جي مارڪسي گروپ پڻ، اسرائيل جي ڪجھ انتهاپسند گروپن کي ڪجھ سنوت ڏيکاري. پر اِهي پويان رابطا، جن ۾ ڪاهي ڏر جا اُهي يهودي شامل هئا، جيڪي اسرائيل جي وجود جا سخت مخالف هئا، اهم سياسي ڌاري کان بلڪل ڪٽيل هئا، فلسطيني قيادت جي ڌيان جو جوڳو ذريعو نہ بڻيا، جيڪا اڃان تائين پنهنجي سگهاري دشمن خلاف هٿياربند جدوجهد لاءِ پنهنجا وسيلا سهيڙي رهي هئي.

آڪٽوبر جنگ تائين فلسطينين ڳالهيون شروع ڪرڻ واري سياسي متبادل تي سوچيو ئي نہ هو. ۱۹۷۳ع کانپوءِ فلسطيني رسالي ’شاؤن فلسطينيا‘ ۾ اسرائيلي ڪاهي ڏر بابت مضمون اچڻ لڳا. جن ۾ واضح طور تي چيو ويندو هو تہ سمورا اسرائيلي فلسطين جا حق ڦهائيندڙ ناهن- ۽ مارچ ۱۹۷۴ع ۾ حاتمہ اسرائيل جي سڀ کان وڏيڪ وڪرو ٿيندڙ اخبار ’يدئوت اهرونت‘ جي آمريڪي خاطو کي ڏنل هڪ انٽرويو ۾ فلسطينين ۽ اسرائيلين جي ’ترقي پسند قوتن‘ وچ ۾ ڳالهيون شروع ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڀريو. (۳۷) خود اسرائيل ۾ ان جو اثر ٻن مهينن کانپوءِ تباهيءَ ڀريو ٿيو، جڏهن حواتمہ جي گروپ اترائين اسرائيل جي ڳوٺ مالوت ۾ هڪ اسڪول تي حملو ڪري ان تي قبضو ڪري ورتو. اهو حملو جنهن ۾ ايڪويهن اسڪولي ٻارن سميت پنجويھ ڄڻا اجل جو شڪار ٿيا ۽ جيڪو اسرائيل خلاف فلسطينين جي خطرناڪ ترين حملن مان هو انهيءَ ڪارروائي راءِ عامہ تي انتهائي ناڪاري اثر وڌو. پر فلسطيني تحريڪ ۾ عمومي طور تي، ۱۹۷٦ع ۾ اسرائيل ڇڏي پي- ايل- او ۾ شامل ٿيندڙ يهودي مارڪسسٽ ايلن هيليوي موجب ’آهستي آهستي اِها سوچ وڌي رهي هئي تہ اهڙن اسرائيلين جي گهٽ ۾ گهٽ معمولي اقليت جو ئي سهي، وجود ضرور آهي جن سان ڳالهائي سگهجي.‘ (۳۸)

ڪلي عام ان تي ڪنهن اظهار کان ڪيهائيندي بہ عرفات ۽ سندس ساٿين جو

هڪ ننڍو ٽولو پنهنجي سر ان نتيجي تي پهچي چڪو هو. نومبر ١٩٧٣ع جي آخر يا ڊسمبر جي شروع ۾ ٿيل بيروت واري اجلاس ۾ فتح جي مرڪزي ڪميٽيءَ، اسرائيلي واقعن تي نظر رکندڙ هڪ خاص ڪميٽي جوڙڻ جو فيصلو ڪيو. (٣٩) ان ڪميٽيءَ ۾ عرفات جو نائب خليل الوزير ۽ ڊگهي عرصي کان فتح جو اڳواڻ محمد عباس شامل هئا. عباس، صيهونيت تي مقالو لکي ماسڪو يونيورسٽيءَ مان ڊاڪٽري جي ڊگري حاصل ڪئي هئي ۽ 'دشمن بابت ڄاڻ رکڻ، واري نقطہِ نظر جو باني هو. (٤٠) ان ڪميٽي ۾ شامل ٻن ڄڻن سعيد حمامي ۽ اسام سرتاويءَ کي اسرائيلين سان رابطا ڳنڍڻ وارو ڏکيو ڪم ڪرڻو هو. گوريلي مان سفارتڪار ٿيندڙ پرجوش نوجوان حمامي لنڊن ۾ پي- ايل- او جو نمائندو هو. جڏهن ته مضبوط سوچ واري آمريڪا مان دل جي بيمارين بابت تعليم حاصل ڪري آيل اسام جو ١٩٦٠ع واري ڏهاڪي جي آخر ۾ پنهنجو ذاتي گوريلا گروپ هو. پر هاڻ هو عرفات جي فتح گروپ ۾ شامل هو ۽ پي- ايل- او جي چيئرمين پاران ڏنل خاص ذميوارين لاءِ ڪم ڪندو هو.

١٩٧٢ع کان لنڊن ۾ مقرر ٿيندڙ حمامي، فلسطيني مسئلي تي پنهنجن ڇٽن ۽ دليلي راين سبب اُتان جي سفارتي ۽ صحافتي برادريءَ ۾ پنهنجي جاءِ ٺاهي چڪو هو. ١٩٧٣ع ۾ سنڊس نالي سان دي ٽائمس ۾ ٻہ مضمون ڇپيا، جن ۾ هُن 'عرب- اسرائيلي ڇڪتاڻ جي دل مان زهر چوسڻ لاءِ' اولهندي ڪناري ۽ غزه ۾ فلسطيني رياست قائم ڪرڻ جي ڳالھ ڪندي اسرائيلي يهودين ۽ فلسطيني عربن تي 'هڪٻئي کي انسان ليکڻ' تي زور ڀريو هو. (٤١) جيتوڻيڪ عرفات انهن مضمونن کي کلي عام پنهنجو موقف نہ سڏيو پر اصل ۾ اِهي اولھ ڏانهن پي- ايل- او اڳواڻ جا پيامي ڳيرا هئا. اسرائيل ۾ انهن مضمونن هڪدم اُن شخص جو ڌيان ڇڪرايو جيڪو ڊگهي عرصي کان فلسطينين مان ڪنهن ڳالهيون ٻولهيون ڪندڙ لاءِ نهاري رهيو هو. اهو شخص اچي مٽي وارو امن جو پانڌيئڙو ۽ سرگرم پارليامينٽيرين يوري اونيري هو. اونيري، جيڪو خود اسرائيل قائم ٿيڻ کان اڳ هڪ انڊرگرائونڊ يهودي دهشتگرد گروپ ۾ شامل هو، ٽياڪڙن وسيلي حماميءَ سان رابطو ڪرڻ ۾ ويرم نہ لڳائي. ان جي نتيجي ۾ ١٩٧٥ع کان ٻن مخالف بنياد رکندڙن ۾ خفيا ملاقاتن جو هڪ سلسلو شروع ٿي ويو. اِهي ملاقاتون اڳتي هلي ياسر عرفات جي هدايتن تي سينيئر فلسطيني عملدارن ۽ ذهني هم آهنگي رکندڙ اسرائيلين وچ ۾ نيم ڳجهين ڳالهين ۾ تبديل ٿيون.

جون ١٩٧٥ع ۾، 'اسرائيل- فلسطيني امن لاءِ اسرائيلي ڪائونسل' جوڙيندڙ اونيريءَ پنهنجي ڪم جي شروعات معمولي نقطي 'جيڪڏهن فلسطيني رياست حاصل ڪرڻ واري پنهنجي جدوجهد جي ڪنهن بہ مرحلي تي ڪا ڪاميابي ماڻڻ چاهين ٿا تہ پوءِ ڪين سندن تنظيم لاءِ اسرائيلي راءِ عامہ ۾ موجود سخت دشمنيءَ

واري روبي کي گهٽائڻ لاءِ ڪم ڪرڻو پوندو' سان ڪئي. ١٩٧٦ع جي سڄي سال دوران اسام سرتاوي ۽ ٻين سان هن جي ۽ سندس ساٿين جي ملاقاتن ۾ هو پي- ايل- او اڳواڻن تي پنهنجن پڌرنامن ۽ قدمن ۾ رڳو فلسطيني حقن جو پرچار نہ ڪرڻ تي زور ڀريندا رهيا تہ، جيئن اسرائيل ۾ بہ ڪي قدم جمائي سگهن. اهو سڄو معاملو، اونيريءَ جي بقول 'ٻنهي پاسن جي نفسياتي رڪاوٽن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش هو.' (٣٤)

اِهي رڪاوٽون بيشمار هيون. اسرائيلي وزيراعظم آئزڪ ربن، جنهن کي انهن ڳڌجاڻين جون سلسليوار رپورٽون ملنديون رهيون 'دهشتگرد' پي- ايل- او سان اڻسڌي رابطي کان پنهنجي انڪار تي ڳنڍ ڏيو ويٺو رهيو ۽ اسرائيل تي فلسطيني حملن جي اڻ روڪ سلسلي، يهودين ۾ ڪنهن وڏي اُڀار کي تاري ڇڏيو. ٻئي پاسي فلسطينين ۾ 'دشمن' سان ڳالهيون ڪرڻ وارو نقطہءِ نظر اڃان تائين وقت سيڙائيندڙ ئي هو. ڪنهن هڪ عملدار پاران افهام تفهيم ڀريئي بيان تي، ڪنهن ٻئي اڳواڻ بلڪل اُبتڙ ردعمل ظاهر ٿي ڪيو. ٻيو تہ ڇا پر خود فاروق قدوميءَ پي- ايل- او جي پرڏيهي وزير واري پنهنجي حيثيت جو فائدو وٺندي سرتاويءَ جي قدمن تي پاڻي هاري ڇڏيو. عرفات اڻ ڏريو بڻيل هو، ۽ هميشہ جيان پنهنجو پاڻ کي ٻنهي انتهائن جي وچ ۾ ظاهر ڪري رهيو هو. ان سندس مخالفن کي مٿس ٻٽو معيار رکڻ جا الزام هڻڻ جا موقعا ڏنا.

اِهو قدم اصل ۾ اسرائيلي رياست بابت دولاب تي ٻڌل هو. 'سرتاويءَ کي اهو پتو ئي نہ هو تہ جن ماڻهن سان هو رابطا ڳنڍي رهيو آهي، اُهي اسرائيل ۾ ڪيترا ڇورا ڇنا هئا.' اڄڪلهہ سوشلسٽ انٽرنيشنل ۾ پي- ايل- او جو نمائندو ايلن هيلوي ٻڌائي ٿو: 'هُن ليکي تہ اسٽيبلشمينٽ جو ڪو حصو سندس قبضي ۾ اچي ويو آهي ۽ اِهو اسرائيل ۾ اهم تبديليءَ جي شروعات بڻبو، چوڏهن سالن کانپوءِ بہ اِها تبديلي نظر تہ نہ پئي اچي.' (٣٤) جيتوڻيڪ اسرائيلين سان راهہ کولڻ جو جس عرفات کي ٿو اچي پر ان ۾ بہ سندس ذاتي اڳواٽيءَ وارو معاملو حاوي رهيو. بهرحال، اسرائيل آمريڪي سهڪار سان ٿيندڙ وچ اوڀر امن ڳالهين ۾ پي- ايل- او جي شرڪت کي هڪ شہ ڏئي چڪو هو ۽ اُن آمريڪا کان اِها ڳالهہ مڃرائي ورتي هئي تہ پي- ايل- او کي اوستائين ڳالهين ۾ شريڪ نہ ڪجي، جيستائين اُها يهودي رياست کي تسليم نٿي ڪري.'

جيتوڻيڪ 'ڳالهيون' جاري رهيون پر گهر سان لاڳاپيل مسئلن، عرفات ۽ سندس ساٿين لاءِ خطرناڪ پريشاني پيدا ڪري ڏني. لبنان، جنهن کي پي- ايل- او هاڻ پنهنجو اهم ترين ٺڪاڻو بنايو هو، ۽ تنظيم هڪ ٻي عرب ڇڪتاڻ ڏانهن ڌڪجي رهي هئي، ان جا اثر بہ پنج سال اڳ اردني گهرو لڙائي جهڙا ئي هاڃيڪار ٿي پئي سگهيا.

حوالا

باب ستون

١- نبيل شطّ انٽرويو قاهره، ڊسمبر ١٩٨٩ع.
٢- هيرس شوئنبرگ، A Mandate for Terror: The United Nations and the PLO
نيويارڪ، ١٩٨٩ع، صفحي: ١ کان ۴٠ تائين.
٣- ساڳيو.
۴- ساڳيو.
٥- ساڳيو.
٦- Fiches du Monde Arabe، ١٥نومبر ١٩٧٨ع، نمبر: ١١١٣.
٧- نبيل شطّ، انٽرويو قاهره، ڊسمبر ١٩٨٩ع.
٨- ابواياد، My Home, My Land نيويارڪ، ١٩٨١ع، صفحا نمبر: ٩-١۴۴.
٩- ساڳيو.
١٠- اسماعيل فهمي، Negotiating for Peace in the Middle East
لنڊن، ١٩٨٣ع، صفحو نمبر: ٩٨.
١١- ساڳيو.
١٢- فاروق قدومي انٽرويو تيونس، سيپٽمبر ١٩٨٩ع.
١٣- ورجايل Akhbar- al-Yom، قاهره، ٢ نومبر ١٩٧۴ع، صفحا: ٢ ۽ ۴
١۴- محمود رياض انٽرويو قاهره، مئي ١٩٨٩ع.
١٥- والٽر ليقيوئر ۽ بيري روبن (سهيڙيل)، The Israel- Arab Reader
لنڊن، ١٩٨۴ع، صفحو: ٥١٨.
١٦- ليسٽر سوبل (سهيڙيل) Palestinian Impasse: Arab Guerrillas and International Terror نيويارڪ، ١٩٧٧ع، صفحو: ٢٠۴.
١٧- ياسر عرفات، ورجايل Journal of Palestine Studies
جلد چوٿون، نمبر: ٢، سيارو ١٩٧٥ع.
١٨- ٽائيم رسالو، ١١نومبر ١٩٧۴ع، صفحو نمبر: ٣١.
١٩- ساڳيو.
٢٠- زيدالرفائي انٽرويو، عمان، جون ١٩٨٩ع.
٢١- نبيل شطّ انٽرويو، قاهره، ڊسمبر ١٩٨٩ع.

۲۲- ياسر عرفات، Journal of Palestine Studies
سيارو ۱۹۸۲ع ۾ ورجايل، عرفات پنهنجي ڏنل هڪ انٽرويو جي وضاحت ڪري رهيو هو.
۲۳- برائن ارقوهارٽ انٽرويو لنڊن، مئي ۱۹۸۹ع، ارقوهارٽ خاص سياسي معاملن بابت اڳوڻو آمريڪي انڊر سيڪريٽري جنرل هو.
۲۴- ساڳيو.
۲۵- ياسر عرفات، حوالي لاءِ ڏسو نمبر ۱۵ ، صفحي نمبر: ۵۰۴ کان ٦۱۸ تائين
۲٦- ساڳيو.
۲۷- اسٽيفن ڊي انٽرويو تيونس، آگسٽ ۱۹۸۹ع. ڊي ڪڏهن قومن لاءِ برطانوي مشن ۾ پريس اتاشي هو، بعد ۾ هو تيونس ۾ برطانوي سفير به رهيو.
۲۸- نبيل شعثّ انٽرويو قاهره، ڊسمبر ۱۹۸۹ع.
۲۹- نيويارڪ ٽائيمس، ۱۴ نومبر ۱۹۷۴ع.
۳۰- ڏسو نمبر: ۲ جو صفحو نمبر: ۴ ۽ لاڳو.
۳۱- ساڳيو.
۳۲- فاروق قدومي انٽرويو تيونس، سيپٽمبر ۱۹۸۹ع.
۳۳- ياسر عرفات انٽرويو تيونس، ڊسمبر ۱۹۸۹ع.
۳۴- ڏسو نمبر: ۱۰ ، صفحو: ۲۱۱.
۳۵- ياسر عرفات انٽرويو تيونس، ڊسمبر ۱۹۸۹ع.
۳٦- خالدالحسن انٽرويو، ڪويت، اپريل ۱۹۸۹ع.
۳۷- ايلن گريش، The PLO: The Struggle Within
لنڊن، ۱۹۸۵ع، صفحو ۱٦۱.
۳۸- ايلن هيليوي انٽرويو پئرس، آگسٽ ۱۹۸۹ع، هو سوشلسٽ انٽرنيشنل لاءِ پي- ايل- او جو نمائندو آهي.
۳۹- ساڳيو.
۴۰- ساڳيو.
۴۱- دي ٽائيمز، ۱٦ نومبر ۽ ۱۷ ڊسمبر ۱۹۷۳ع.
۴۲- يوري ايونيري انٽرويو تل ابيب، نومبر ۱۹۸۹ع.
۴۳- ساڳيو- گڏوگڏ ڏسو يوري ايونيريءَ جي لکتي My Friend, the Enemy، لنڊن ۱۹۸٦ع.
۴۴- ايلن هيليوي ان ويو پئرس، آگسٽ ۱۹۸۹ع.

(٨)
لبناني ڏيڻ

’مونکي تہ لبناني جبلن جي چوٽين تي فلسطينين جي ويڙھہ ۾ فلسطين جي آزاديءَ ۾ ڪوبہ تعلق نظر نٿو اچي.‘ شامي صدر حافظ الاسد جو ٢٠ جولاءِ ١٩٧٦ع تي دمشق ريڊيو تي اظهار.

بيروت ۾ جون مهيني جو هڪ گرم صبح هو، پر عرفات ۽ صلاح خلف جيئن ئي بعادا ڏانهن ويندڙ رستي جي آخري چيڙي تي پهتا تہ کين ڪنبٽي ورتل هئي. لبناني صدر سليمان فرنجيءَ جي جابلو چوٽيءَ واري محل تي سندن حاضري ڪا سولي مڪاميل نہ هئي. گذريل ہن مهينن کان، لبنان جيئن پوءِ تيئن گهرو لڙائي ۾ ڦاسجندو پئي ويو ۽ پنج هفتا اڳ صدر سان عرفات جي سخت لفظن واري تڪرار کان پوءِ ان ۾ ڪو شڪ باقي نہ هو تہ فرنجي ان جو الزام ڪنهن تي مڙهڻ وارو هو.

ان هوندي بہ، پنهنجي منتظرن جي موجودگيءَ لاءِ فلسطيني ذهني طور تي تيار نہ هئا. اچي مٿي واري، جابلو قبيلي جي سردار ۽ چٽي راءِ جي مالڪ ميرونائيٽ عيسائي صدر کان علاوه اُتي سعودي عرب ۽ مصر جي سفيرن ۽ مسلمان فوجي عملدارن جي موجودگيءَ ۾، مٿن الزام ڏريندي کانئن ڪيترين ئي گهرون ڪيون ويون: ”توهان جو رويو لبناني آباديءَ لاءِ برداشت جوڳو ناهي.“ رعبدار چهري ۽ لاڳيتو سگريٽ ڇڪيندڙ صدر پوائتي لهجي ۾ چوڻ شروع ڪيو: ”آءٌ اڄ اوهان کي چئي ٿو ڇڏيان– ۽ آءٌ اِهو اوهان جي مقصد سان پنهنجاپ رکندڙ عرب سفيرن آڏو ٿو چوان تہ پنهنجو پاڻ کي ڪئمپن ۾ مخصوص علائقن تائين محدود رکو.“ (١) عرفات، پنهنجي دعويٰ ۾ پنهنجي لبناني مخاطب تي بي ايمانيءَ وارو الزام هڻندي. پنهنجن جٿن تي ضابطو نہ رکي سگهڻ واري حيثيت ساريندي، انتهائي جذباتي ٿي ويو. ”آءٌ اهڙو لهجو قطعي برداشت نہ ڪندس.“ هُن بہ موٽ ۾ رڙ ڪندي، پنهنجو پير اُبو ڪيو ۽ توهين ڀرئي انداز ۾ ان جي ترِي ڏانهن اشارو ڪندي چيائين: ”هن جوتي تمام گهٽي همت پسي آهي، سائين سگورا! اِهو ١٩٦٧ع واري شڪست کان هڪدم پوءِ والاريل علائقن ۾ ويو ۽ اولهندي ڪناري وارن جبلن جون چوٽيون پڻ پيٽي آيو آهي.“ (٢)

چئن ڪلاڪن جي ڇتي هڻ هٿان کان پوءِ، جنهن مان ڪو خاص نتيجو بہ نہ

نڪتو، فرنجيءَ پنهنجن مهمانن کي انتهائي معتبراڻي انداز ۾ ٽن ڪلاڪن تائين هلندڙ مانجهاندي لاءِ زور پريو. انهن لاءِ، جيڪي انهيءَ سخت ٽڪراءُ ۾ سڌوسنئون شامل نہ هئا، ڌمڪين ۽ جوابي ڌمڪين، ڪاوڙجڻ ۽ پرچڻ وارو اهو معاملو لبناني سياست ۾ هڪ پراڻو روايتي انداز هو، پر سڌوسنئون ٽڪراءُ ۾ ايندڙن لاءِ اهو ڪو سٺو سؤڻ نہ هو. ٢٣ جون ١٩٧٥ع تي ٿيل اِها گڏجاڻي عرفات جي لبناني صدر سان ٿيل اِها آخري ملاقات هئي. انهيءَ اُن ڪرت جي پڄاڻيءَ کي ممڪن حد تائين ويجهو آندو، جيڪا گذريل سال گڏيل قومن ۾ فرنجيءَ پاران اوڻويهن ڄڻن واري عرب وفد جي قيادت ڪندي، عرفات جي حمايت ۾ ڪيل تقرير کان پوءِ ۽ فلسطينين کي عالمي طور تي سفارتي حيثيت ملڻ سان شروع ٿي هئي. هاڻ، هو فلسطينين سان ويڙهہ کائڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي هٿياربند ڪندڙ لبناني ڄڻن جي حمايت ڪري رهيو هو ۽ عرفات جي پنهنجي بچاءُ وارن دليلن تي ڪو خاص ڌيان نہ ڏئي رهيو هو.

نومبر ١٩٧۴ع ۾ گڏيل قومن جي منبر تان اظهار ڪيل فلسطيني ڪاز سان لبناني يڪجهتيءَ واري اعلان جو پڻ ان سان ڪڏ انت اچي ويو هو. فرنجي پاران لبنان کي 'سهپ واري ڌرتي هئڻ، ۽ امن ۽ ڀائيپي جي انساني آميزش' (٣) سڏڻ واريون سموريون دعوائون دڦ ٿي چڪيون هيون. انهن جي جاءِ تي اُها حقيقت نکري نروار ٿي هئي، جيڪا ڪيترن ئي سالن کان لبناني سماج کي اڌوهيءَ وانگر کائي رهي هئي ۽ هاڻ پنهنجين سمورين تباهين سوڌو پڌري پٽ هئي. تفرقو چوٽ چڙهيل هو، حڪومت بدعنوانين ۽ تقسيم در تقسيم جو شڪار هئي ۽ تشدد انتها تي رسيل هو. ڪجهہ مهينن اندر، ان فلسطينين کي پنهنجي عرب ڀائرن سان هڪ ٻئي مڪمل هٿياربند جهيڙي ۾ ڦاسائي وڌو. سندن دوستن جي سازشن ۽ خود سندن پنهنجي غلطين سبب، اهو ٧١- ١٩٧٠ع ۾ اردن مان پي- ايل- او جي نيڪال وانگر ئي پنهنجي وجود جي بقا لاءِ سنجيدو ٽڪراءُ بڻيو ۽ اهو ڪين فلسطين جي آزاديءَ واري راهہ تان ڪوهين ڏور هٽائڻ جو پڻ سبب بڻيو.

بيروت جي ڏکڻ اوڀر ۾ اڪثريتي عيسائي آباديءَ وارو علائقو عين رومند ١٩٥٠ع واري ڏهاڪي ۾ نارنگين جي فصل سبب اهم بڻجي ويو هو. ١٣ اپريل ١٩٧٥ع تي، جيئن ئي ميرونائيٽ عيسائي اڳواڻ پيري جمائيل سندس نالي پويان هڪ گهٽي ۾ هڪ نئين گرجا گهر جي افتتاحي مذهبي تقريب ۾ شرڪت لاءِ ويو پئي تہ هڪ لنگهندڙ ڪار مان سندس قافلي تي فائرنگ ڪئي وئي، جنهن ۾ سندس هڪ باڊي گارڊ ۽ جمائيل جي فلنجي مليشيا جي ٻن ميمبرن سميت چار ڄڻا مارجي ويا. جيتوڻيڪ اِهو معلوم ٿي نہ سگهيو تہ ان حملي لاءِ ڪير ذميوار آهي پر فلنجي ميمبرن پنهنجي سر ڪاٿا لڳايا. ساڳي ڏينهن ڪجهہ وقت کان پوءِ ساڳي علائقي ۾، فلسطينين جي هڪ جٿي کي سندن ويجهڙ واري پناهگير ڪئمپ ڏانهن

ڪٽي ويندڙ بس تي عيسائي هٿياربندن حملو ڪري ڏنو ۽ سمورن اٺاويهن مسافرن کي بيدرديءَ سان ڪُٺو ويو. عين رومنه واري قتلام جي چوويهن ڪلاڪن اندر فلنجي هٿياربندن ۽ فلسطيني گوريلن وچ ۾ مارٽرن ۽ مشين گن سان سڄي بيروت ۾ اُن ويڙهه جي شروعات ٿي وئي، جنهن ايندڙ ٽن ڏينهن ۾ اُها جنگي جدول جوڙي، جيڪا ارڙهن مهينن تائين قائم رهي. لبناني عيسائي دستن شهر جي اوڀر ۾ فلسطيني پناهگير ڪئمپن تي ڳورن هٿيارن سان حملا ڪيا، هٿياربند جتا شهر جي عيسائي علائقن ۾ ڪاهي پيا. دڪان ۽ گهر ڦريائون ۽ ڪاڏيون ساڙيائون. مطلب ته سمورين ڌرين ۽ فرقن جي هٿياربندن انهن عقل کان وانجهيل ڏوهاري ڪارروائين ۾ ڀرپور حصو ورتو. جڏهن ته سياستڪارن انهيءَ ٻرنديءَ تي پنهنجن اشتعال ڏياريندڙ بيانن وسيلي تيل هاريو. ۽ نيٺ ١٦ اپريل تي عرب ليگ هڪڙي جنگبندي ڪرائي. اِهو طئي هو ته اِها عارضي جنگبندي ٿورڙن ئي ڏينهن ۾ ختم ٿي ويندي.

ياسر عرفات لاءِ، جنهن بيروت جي اولهه واري اُٿل پُٿل جي شڪار فاخاني علائقي واري پنهنجي هيڊڪوارٽر مان لڙائي جي پهرين ڏينهن کان عرب اڳواڻن تي مداخلت ڪرڻ لاءِ زور ڀريو هو، لبنان ۾ گهرو لڙائي شروع ٿيڻ چڱي خاصي مصيبت هئي. ان لڙائي چار سال اڳ اردن مان نيڪاليءَ کان پوءِ اسرائيل تي حملا ڪرڻ لاءِ ڏکڻ ۾ اڏيل فوجي ڍانچي، بيروت ۾ خودمختياري، سياسي ۽ سفارتي سرگرمين لاءِ ٺاهيل بنيادن ۽ لبناني سياسي اشرافيا ۾ پنهنجي تحريڪ لاءِ حاصل ڪيل حمايت کي هڪ ڌڪ سان لوڙهي ڇڏيو. عملي طور تي، اسرائيل سان سڌيون سنئيون سرحدون ملڻ وارن ملڪن ۾ ڪين جتن جي صورت ۾ رهڻ جي اجازت ڏيڻ تي پي- ايل- او لبنان کي پنهنجي 'آخري پناهگاهه' طور پئي ڏٺو. اِهو سڀ ڪجهه هاڻ هڪ سنجيده ڌمڪيءَ جو شڪار هو. گنجائش فقط اِها ٿي نڪتي جو عرفات خفيا قوتن تي الزام ڌرڻ واري روش کي هڪ ڀيرو ٻيهر اختيار ڪندي، انهيءَ ڏقيڙ کي 'لبناني فلسطيني ناتا تباهه ڪرڻ جي سازش' سڏيو. (۴)

سچ ته اهو آهي ته ڪيس پتو هئڻ گهربو هو ته ان ڏچي جو بنياد سندس اندازي کان گهڻو گهرو هو. اِهو بنياد لبناني رعيتي راڄ ۽ فلسطيني قومي تحريڪ، ٻنهي جي وجود ۾ اچڻ کان جُڙڻ شروع ٿيو هو. جڏهن کان ٻنهي ڌرين هڪٻئي کان ڇرڪڻ ۽ ٻجهڻ شروع ڪيو هو. فلسطينين جي بنيادي اهميت کي ڇڏي ڪري به لبنان جي اقليتي ميرونائيٽ عيسائي برادري ۽ مسلمان ۽ دروز قبيلي ۾ ٽڪراءُ ملڪ جي سياسي ورهاست لاءِ ڪافي هو. پر ٻنان ڪنهن شڪ جي گهرو لڙائي جو سبب فلسطيني ئي بڻيا ۽ ان جو وڏو ڪارڻ فلسطينين جي هٿياربند موجودگي هو. ١٩۴٨ع ۾ اسرائيل جي آزاديءَ واري لڙائي جي نتيجي ۾ لبنان، اتر فلسطين جي شهرن ۽ ڳوٺن جي تقريباً هڪ لک اسي هزار پناهگيرن جو اجهو بڻيو. ۽ ١٩٦٠ع

واري ڏهاڪي ۾ فطري واڌ ۾ لڏپلاڻ جي لاڳيتي دباءُ جي نتيجي ۾، فلسطيني لبنان جي ڪُل آباديءَ جو ذري گهٽ ڏهه سيڪڙو بڻجي ويا. انهن مان سمورا ته ڪنهن به طور تي عارضي وسندين ۾ نه رهيا پر ملڪ جي ڏاکڻين ساموندي ڪناري ۾ بيروت جي ٻاهرين پسگردائي ۾ ڦهليل گنجائش کان وڌيڪ سٽيل پناهگير ڪئمپون اجان تائين سندن بي گهر هئڻ واري حيثيت جون چٽيون ثابتيون هيون. لبنان جي اُبرندڙ صنعتن لاءِ سَستن پورهيت فلسطينن تي اختياريءَ وارن ٻن ڏهاڪن تائين ڪرڙي اک رکي. ملڪ جيَ ٻنل ملٽري سڪيورٽي سروس Deuxieme Bureau، جيڪا سياسي سرگرمين تي نظرداريءَ لاءِ قائم ٿيل هئي، ۽ فوج خفيا فتح تحريڪ پاران سرحد جي هُن پار حملن جي جواب ۾ اسرائيلي اڳرائي جي امڪان کي نظر ۾ رکندي؛ نه رڳو ١٩٦٥ع ۾ هڪ گرفتار فلسطيني گوريلي کي جيل ۾ تشدد ڪري ماري وڌو پر ايندڙ سالن ۾ خود عرفات کي جيل ياترا ڪرڻي پئي.

١٩٦٠ع واري ڏهاڪي جي آخر ڌاري جڏهن عرفات نئين سجاڳ ٿيل قومي تحريڪ جون واڳون ٻاڻ سنڀاليون هيون؛ لبنان جا فلسطيني پنهنجي طور تي هڪ قوت بڻجي اُبرڻ لڳا ۽ سندن انهيءَ چرپر جو ان ملڪ تي پوندڙ اثر اثتر هو، جتي فرقيواريت ۽ سماجي ڏسائن ۾ ٽوڙڦوڙ جو عمل تيزيءَ سان ظاهر ٿي رهيو هو.

بدقسمتيءَ سان، جيئن اردن ۾ ساڳي صورتحال دوران ٿيو هو، اختياري وارا فلسطينن لاءِ عوامي (خاص طور تي مسلم) حمايت واري دباءُ ۾ اچي ڪنٽرول وڃائي ويٺا. عمان وانگر بيروت جي گهٽين ۾ به هٿياربند فدائين ظاهر ظهور هلڻ لڳا. مزاحمتي گروپن پنهنجو پاڻکي پناهگيرن ۾ شامل ڪري سندن آبادين کي هٿيارن جا ڍير بنائي ڇڏيو. سرحد پار حملن جي اٽڪڻ سلسلي جي نتيجي ۾ سخت اسرائيلي پلاند پري موٽ آئي. جيئن ئي لبناني فوج ڏکڻ گوريلا سرگرمين کي ٻنجو ڏيڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي ته ڪيس پي- ايل- او جي گوريلن پاران مزاحمت کي هر هر سهڻو ٿي پيو. ميرونائيٽ عيسائين لاءِ؛ جيڪي ١٩٤٣ع ۾ فرانس کان لبناني آزاديءَ کان وٺي هڪ اڻ لکيل ناه هيٺ ملڪي اختيار جا اهم ترين شريڪ هئا، پنهنجي اوسي پاسي نئين فوجي موجودگي ڪنهن خطري کان خالي نه هئي.

آڪٽوبر ١٩٦٩ع کان صورتحال جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ خراب ٿيڻ لڳي. لبناني فوج ڪنهن به طور فدائين جي سرگرمين کي محدود ڪرڻ وارن ڪمن جي پورائي کان قاصر هئي. ٻنهي ڌرين ۾ خوني ٽڪرائن خود حڪومتي صفحن ۾ ڏار وجهي ڇڏيا ۽ فلسطينن جي دوست ۽ محافظ صدر ناصر جي ناپسنديدگيءَ وارو اظهار سامهون آيو. ناصر حڪومت جي پرڏيهي وزير، عرفات ۽ لبناني فوج جي سربراهه جنرل ايمائل بئوستينيءَ کي قاهرا اچڻ جي نيند ڏني ته جيئن ڪنهن جوڳي حل لاءِ ڪو هٿ پير هٽي سگهجي. ان جو نتيجو ٢ نومبر تي نام نهاد قاهرا ناه تي صحيحن جي صورت ۾ ظاهر ٿيو، جنهن ۾ فلسطينن ۽ لبنانين وچ ۾ 'اعتماد،

ڪشاده دلي ۽ سهڪاري سطح تي ناتن جي اُميد ظاهر ڪيل هئي.' (٥) ان ڏس ۾، نظرياتي طور تي، پي- ايل- او کي پنهنجيون سرگرميون ڏکڻ اوڀر جي مخصوص علائقن تائين محدود ڪرڻيون هيون ۽ اُنهن کي بہ لبناني فوج سان لاڳو ڪرڻو هو ۽ لبناني معاملن ۾ مداخلت نہ ڪرڻ وارو واعدو پاڙڻو هو. موٽ ۾، فوج کي وري سرحدي علائقن ڏانهن گوريلن جي راهداريءَ لاءِ 'سهولتون' پيدا ڪرڻيون هيون. (٦)

عملي طور تي اِهو ٺاهہ اڻٿيڻيءَ واري سڌ هئي. هڪ تہ فلسطيني گوريلن لاءِ پنهنجو پاڻ کي ڏکڻ اوڀر لبنان ۾ محدود ڪرڻ ان ڪري بہ ناممڪن هو جو سندن پرتيءَ جا مرڪز بيروت ۽ ڏکڻ اولهہ واريون پناهگير ڪئمپون هيون. ٻيو تہ ان ٺاهہ تي عمل ڪرائڻ يا اُن جي نگراني واسطي ڪوبہ سرشتو نہ جوڙيو ويو هو. جڏهن ١٩٧٠ع واري ڏهاڪي ۾ عرفات ۽ لبناني حڪومت وچ ۾ ٺاهڪڙيءَ وارو ڪم ڪندڙ ۽ ٺاهہ جون ٻچڪڙيون ڏسندڙ فلسطيني پروفيسر وليد خالدي ٻڌائي ٿو: 'ان ۾ ايترا تہ جهول هئا جو ڪنهن کي بہ سمجهہ ۾ نٿي آيو تہ ان تي عمل ڪيئن ٿيندو. فلسطينين جي فوجي موجودگيءَ کي اهڙي وقت لبنان جي رڳو هڪ ڪُنڊ ۾ محدود ڪرڻ، جڏهن لکين پناهگير ساموندي ڪنارن تي ڦهليل هئا، ناقابل عمل هو.' (٧)

عرفات لاءِ، جنهن کي جيئڻ پوڄ تيئڻ خراب ٿيندڙ اردني گهوٽالو اڃان نہ وسريو هو، اِهو ڪجهہ ٺيڪ نہ هو. هُن لاءِ اهم ڳالهہ اِها هئي تہ پهريون ڀيرو هڪ عرب ملڪ پنهنجي آزاد ۽ خودمختيار ڌرتيءَ تان تنظيم جي هٿياربند جدوجهد جاري رکڻ واري حق کي تسليم ڪيو هو ۽ فلسطيني پناهگير ڪئمپن ۾ حفاظتي معاملا ڏڪاريل لبناني سيڪورٽي سروس جي حوالي ڪرڻ بدران خود پي- ايل- او وٽ هو. اڳتي فائدن کي ڳڻيندي بہ هُن پي- ايل- او جي سرگرمين کي ڪنهن حد تائين محدود ڪرڻ لاءِ ڪو خاص هٿ پير نہ هنيو. اُن جي اُبتڙ، هڪ پاسي قاهرا ٺاهہ کي ۽ ٻي پاسي لبناني حڪومت جي ڪمزورين کي استعمال ڪندي، هو رياست منجهہ رياست ٺاهڻ ڏانهن وڌڻ لڳو، جنهن عمل فلسطيني تحريڪ ۽ لبناني عيسائي انتهاپسندن ۾ ٽڪراءُ واري صورت اختيار ڪئي. 'اسان جي ۽ لبناني اختياري وارن وچ ۾ ڪو حقيقي رابطو نہ هو.' هڪ سينيئر فلسطيني فوجي ڪمانڊر ٻڌائي ٿو. 'ٺاهہ ۾ سندن مقصد اسان تي ڏاڪو جمائڻ هو، نہ ڪي اسان سان رابطو رکڻ، انڪري ٽوڙ ڦوڙ اٽر هئي.' (٨)

بهرحال، ١٩٧٠ع واري ڏهاڪي جي شروع ڌاري لبنان اُهو واحد ملڪ هو، جتي فدائين نسبتاً وڌيڪ آزاديءَ سان پنهنجون سرگرميون جاري رکي پئي سگهيا. اِهو عرب دنيا جي ويجهي ترين پارلياماني جمهوريت وارو ملڪ هو، جيڪو اردن ۽ شام وانگر فلسطينين جي حق ۾ يا مخالفت ۾ رڙيون نہ ڪري رهيو هو. شام ۾،

جتي ۷۱ -۱۹۷۰ع ۾ شاهه حسين جي ڏاڍاين کان تنگ اچي ٽن کان چئن هزار فلسطيني فدائين پناهه ورتي هئي، پنهنجو پاڻ کي سخت پابندين ۾ جڪڙيل ڏسي رهيا هئا. ملڪ جي نئون صدر حافظ الاسد، جيڪو عرفات کي گهڻي عرصي کان شڪ جي نظرن سان ڏسي رهيو هو، عرفات يا شاهه حسين بدران پنهنجو پاڻ کي فلسطيني ڪاز جو حقيقي نگهبان مڃرائڻ جو خواهشمند هو. هو پنهنجن مهمانن کي اڪثر ٻڌائيندو رهندو هو تہ فلسطين تاريخي طور تي ڏاکڻين شام جو حصو آهي. هُن پنهنجي فوج جي اجازت بنان اسرائيل خلاف ڪا فوجي ڪارروائي ڪرڻ تي پابندي مڙهي، رستا روڪي پي- ايل- او جي فوجي چرپر ۾ رڪاوٽون وڌيون، فدائين کي کلي عام هٿيارن جو نماءُ ڪرڻ کان روڪيو ۽ فلسطينن کي سمورن حيلن بهانن سان هيسائيندو رهيو. اهي قدم شامي استحڪام لاءِ تہ ڪنهن حد تائين جوڳا ٿي سگهيا پئي پر آزاديءَ واري تحريڪ لاءِ جيڪا اڃان پنهنجا پير کوڙڻ ۾ رُڌل هئي ۽ فلسطيني اڳواڻ لاءِ جنهن آڏو عمل لاءِ آزادي نئي سدائين سپ ڪجهہ رهي هئي، اِها صورتحال برداشت جوڳي نہ هئي. 'شام ۾ اسد فلسطيني تحريڪ جي سرگرمين کي منجمند ڪرڻ ٿي چاهيو، اسين ان ڪري نئي لبنان پڳا هئاسين.' ۱۹۷۳ع کان لبنان ۾ فتح جي تنظيم سنڀاليندڙ عرفات جو نائب سخر ابونزار ٻڌائي ٿو. (۹) اسد وٽ فلسطينن جو سندس ملڪ بدران سرحد جي اولهندي پاسي لبنان ۾ موجود هئڻ جو هڪ ٻيو اهم مقصد اِهو پئي ٿي سگهيو تہ هُن سندن ذريعي اُتي پنهنجو اثر رسوخ قائم ڪرڻ ٿي چاهيو. پي- ايل- او جي هڪ سينيئر عملدار موجب ان ريت هُن 'لبنان ۽ فلسطينن ٻنهي کي پنهنجي هٿ وس ڪرڻ ٿي چاهيو.' (۱۰)

ان ريت اسد جي اُتساهيندڙ هُشين تي، فلسطيني ويڙهاڪن ڏکڻ- اُيرندي لبنان جي ارقائوب جابلو ۽ بنجر علائقي ۾ وڏي پئماني تي ڪڏ ٽيڻ شروع ڪيو. سندن سرگرمين کي روڪيندڙ لبناني فوج ۽ فتح جي مقامي گوريلن جي مزاحمتي ڪوششن کي ناڪام بڻائيندي، جن ان کي پنهنجي جاگير تي اڳرائي ٿي سمجهيو، ڪنهن بہ ضابطي ۾ نہ ايندڙ پي- ايل- او جا مختلف ٽولا آهستي آهستي نوان اڏا اڏڻ لڳا ۽ ساموندي ڪناري وارين پناهگير ڪئمپن ۽ بالبيڪ شهر جي اوپر ۾ ڳورن هٿيارن جا انبار لڳائي ڇڏيائون. خود گاديءَ واري شهر ۾ بہ صورتحال مختلف نہ هئي. سخت گير ميرونائيٽ عيسائي پي- ايل- او جي موجودگيءَ کي لبنان جي خودمختياريءَ لاءِ هاڃيڪار سمجهي رهيا هئا ۽ ڪين ٻڌ هو تہ لبنان فلسطينن لاءِ ٻيو ديس نہ بڻجي پوي.

امن امان واري صورتحال لبنان ۾ اڳيئي بگڙيل هئي. ۱۹۷۰ع وارين چونڊن ڪانپوءِ صدر فرنجيءَ جي حڪومت Deuxieme Bureau کي ٽوڙي ڇڏيو هو، هاڻي ملڪ جي سمورن حصن ۾ خاص طور تي گاديءَ واري شهر ۾ ڪنهن ڦڙتيلي

سڪيورٽي سروس جي غيرموجودگيءَ جي ڪري ڦهليل انارڪيءَ ۾ فلسطينين ۽ لبنانين جي گروهن سمورا معاملا پنهنجن هٿن ۾ کڻڻ شروع ڪيا. پي- ايل- او جي ڪاهي ڏر وارن ٽولن، بيروت کي نئين انقلابي ماڳ طور استعمال ڪندي، اختياري وارن سان ٽڪر کائڻ کان نہ ڪيٻايو. اسمگلنگ ۽ ٻيا ڏُڪا ڪم چوٽ چڙهي ويا، بينڪون ڦرجڻ ۾ واڌ آئي ۽ بيروت ۾ لاڳيتو ٿيندڙ بمن جي پراسرار ڌماڪن مان اِهو انومان ٿي نڪتو تہ عرب انٽيليجنس ايجنسيون، جن وٽ ڪيترائي فلسطيني گروپ پئسي عيوض سهڪاري هئا، لبنان کي پنهنجن ڪُڌن مقصدن لاءِ استعمال ڪري رهيون هيون. هڪ پاسي تہ صدر پنهنجي سهپ ڀرئي رويي ڪري وڌندڙ ابتريءَ خلاف ڪو قدم نہ کنيو تہ ٻئي پاسي انتها تي پهتل بدعنوانين وغيره لاءِ سرڪاري همت افزائي جو الزام هرويرو فلسطينين تي بہ نٿو اچي. بس نئين ڳالهہ رڳو ايتري ٿي جو هو هاڻ انهن ريڊيڪل لبنانين جا کلي عام اتحادي بڻيل هئا، جن موجوده سرشتي کي ٻاهي پٽ ڪرڻ ٿي چاهيو.'

اهم ڇال اپريل ١٩٧٣ع ۾ اسرائيلي گوريلن جي بيروت تي راتاهي ۽ پي- ايل- او جي ٽن اڳواڻن جي قتل ڪانپوءِ آيو. شهر جي اهم ترين مرڪز ۾ اسرائيلين جي موجودگي هر ڪنهن کي ڇرڪائي ۽ مچرائي وڌو. مسلمان اڳواڻن ان حملي خلاف آواز اُٿاريندي لبناني سڪيورٽي سروس جي ڪجهہ عملدارن تي اسرائيلين سان سهڪار ڪرڻ جو الزام ڌريو. عرفات جي دوست ۽ لبنان جي سُني وزيراعظم سعيد سلام، صدر فرنجيءَ پاران فوجي ڪمانڊر کي معطل ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ تي احتجاج ڪندي پنهنجي عهدي تان استعفيٰ ڏني ۽ فلسطينين ۽ لبناني ڪاهي ڏر وارن بيروت جي پوئتي پيل علائقن ۾ عظيم الشان حڪومت مخالف مظاهرا ڪيا.

اسرائيلي حملي جي ٿورن ئي ڏينهن اندر، لبناني سڪيورٽي فورسز ۽ فلسطيني گوريلن ۾ جهڙپن جو هڪ سلسلو شروع ٿي ويو، جنهن دوران انيڪ لبناني ۽ فلسطيني انتهاپسند گرفتار ٿيا ۽ موٽ ۾ ڪاهي ڏر جي فلسطينين ٽي لبناني فوجي اغوا ڪري ورتا. اِهو تابوت ۾ آخري ڪوڪو هو. ٢ مئي تي فوج بيروت جي ڏاکڻي پسگردائيءَ وارين پناهگير ڪئمپن جو گهيرو ڪري ورتو ۽ ان افواهہ تہ انهن مان ڪن: صابره ۽ شطيلہ مان گوريلن ڀر واري بين الاقوامي هوائي اڏي تي گولا اڇلايا، اُن کان پوءِ لبناني هوائي فوج انهن ڪئمپن تي بمباري ڪري ڏني. 'فرنجي ڪاوڙ مان رڙيو پئي.' وليد خالدي جيڪو فلسطينين جي حملي وارو اطلاع اچڻ مهل بابره مجل ۾ صدر سان گڏ هو، ٻڌائي ٿو: 'ايئرپورٽ تي ڪويہ حملو نہ ٿيو هو' پر هو ان تي ڄڻيد ڏئي ويهي رهيو، ۽ چيائين 'مون هوائي فوج کي توهان جي ڪئمپن تي بمباريءَ لاءِ حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. پنجن منٽن ۾ اِهو حملو شروع ٿيندو، توهان گئلريءَ مان اِهو پنهنجي اکين سان ڏسي سگهندين.' اسين اجان ڳالهائي

رهيا هئاسين جو بيروت جي آسمان تي هوائي فوج جا ٻه جهاز ظاهر ٿيا ۽ انهن صابره ۽ شطيله تي بمن جو وسڪارو لائي ڏنو. (١١)

عربن جي ٻي ٽُڪي ٽياڪڙي وسيلي انهن ٽڪرائن کي روڪڻ ۾ ادائي هفتا لڳي ويا. سمورين ڌرين ۾ تلخيون بدستور قائم رهيون. صدر فرنجي فلسطينين کي سندس اختياريءَ لاءِ چئلينج بڻجڻ تي معاف ڪرڻ لاءِ تيار نه هو. پيري جمائيل جي سرواڻيءَ ۾ ويڙهاڪ ميرونائيٽ فلنجي تنظيم ۾ منظم ٿيل عيسائين، جن ١٩٣٠ع واري ڏهاڪي ۾ يونچ سمونڊ جي ڪيترن ئي ملڪن وانگر نوجوان فاشي ٽولا منظم ڪرڻ شروع ڪيا هئا، فلسطينين جي لبناني ڌرتيءَ تان نيڪالي واري پنهنجي موقف تي جيئن پوءِ تيئن سخت رويو اختيار ڪندا ويا. هئي پاسي عرفات ۽ سندس ساٿي، جيڪي لوڏن ۾ آيل حڪومت ۾ پنهنجا دوست وڃائي رهيا هئا، اهو محسوس ڪرڻ لڳا ته هو اُن ملڪ ۾، جنهن لاءِ هُنن سمجهيو ٿي ته اتان مڪمل آزاديءَ سان ڪارروايون ڪري سگهندا، ڳُوڙهن مسئلن ۾ ڦاسي پيا.

انهيءَ صورتحال فلسطينين لاءِ عام طور تي ۽ عرفات لاءِ خاص طور تي اردن جي پيڙائتين ساروڻين کي نئين سر جيئاريو. پنهنجي تحريڪ کي هڪ وڏيڪ هجرت کان بچائڻ جي اهميت کي ڄاڻيندي، پي- ايل- او جي چيئرمين ميرونائيٽ جي اهم اڳواڻن سميت لبناني سياست ۾ اهم حيثيت رکندڙن سان سٺا ناتا قائم ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي. جيتوڻيڪ فلسطيني انتهاپسند گروپن جا فوجي دستا لبناني فوج سان سڌي سنئين ٽڪراءُ ۾ رڌل هئا پر عرفات پي- ايل- او جي اهم قوتن کي ان ڇڪتاڻ کان هٽائي ڪين ڏاکڻين لبنان ۾ محدود ڪندي، سندن رُخ اسرائيل ڏانهن ئي رکڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي. پر سيپٽمبر ١٩٧٠ع واري اردني انداز ۾، اسرائيل جي اٽڪڻ حملن لبنانين جي سخت ردعمل جو سلسلو شروع ڪري ڏنو. اسرائيلي حملن جي نتيجي ۾ ملڪ جي ڏاکڻين سرحدي علائقن مان هزارين شيعا مسلمان ڀاڄ ڪائي بيروت جي محفوظ هنڌن ڏانهن ڀڄي آيا. عرفات، هڪ ڀيرو ٻيهر فلسطينين جي حرڪتن کي روڪڻ ۾ ناڪام رهندي، اڳي جيان وري پنهنجو پاڻ کي ڳالهين ۽ ٺاهه لاءِ پتوڙ ۾ رُڌل ڏٺو. هن ڀيري سندس سامهون فلنجي هئا.

بليڪ سيپٽمبر جي سدائين موجودگيءَ واري ڊپ سان اِهو غيرثباتي تناسبي عمل هو. اردن مان هڪڙو ئي سبق پرايل عرفات جي سمورين واسطيدارن ڌرين سان رابطي جا ذريعا کولي رکڻ وارو عمل ناڪافي هو. ان کان ڪجهه وڌيڪ جي گهرج هئي. فلسطينين کي هڪ اهڙي ڌر جي گهرج هئي، جنهن جي اردن ۾ کوٽ هئي، ڪا سگهاري ڀروسي جوڳي اتحادي ڌر. ڪرشماتي لبناني سياستڪار ڪمال جنبلاط جي روپ ۾ اهڙي ڌر هٿ وڌائڻ لاءِ تيار هئي. کاٻي ڌر ۽ مسلم جٿن جي گاڏڙ تنظيم لبناني قومي تحريڪ (LNM) جي اڳواڻ طور اُڀرندڙ جنبلاط

عالمي سطح تي هڪ غيرمعمولي ماڻهو ليکيو ٿي ويو. سنهڙي سيپڪڙي بُت ۽ وڪريل وارن سان نرم آواز ۾ ننڍاڪڙن نيڻن وارو جنبلاط نيم جاگيردار، نيم خيالي سوشلسٽ ۽ نيم جاڙيباز اميد پرست سياستدان هو. وچولي لبنان جي چائوف جبلن جي رهواسي قبيلي جي سرواڻ طور هو نہ رڳو پيدائشي طور تي اشرافيا جو حصو هو پر عام مسلمانن ۾ ڳجهي ۽ ملحد مذهبي فرقي دروز جو سربراهہ پڻ هو.

ڪتنبي طور تي، مختارا ڳوٺ واري شمشادي وڻن ۾ گهيريل پنهنجي افسانوي محل ۾ هو يوگا جون مشقون ڪندو هو، ميٽ سان وهنجندو هو ۽ هندستاني تصوف جو اڀياس ڪندو هو، جڏهن تہ سندس جديد ذهنيت رکندڙ زال اڪثر بيروت جي نائيٽ ڪلبن ۾ ويندي هئي. جنبلاط جي سياسي سرگرمين ۽ لکڻين کيس سندس اصل اختياري قوت کان وڌيڪ اثر رسوخ جو مالڪ بڻايو. انهن کيس سوويت يونين جو آرڊر آف لينن ڏياريو ۽ کيس ١٩٧٠ع واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ لبناني ريپبلڪن جو واحد اڳواڻ بڻائي ڇڏيو. ان حيثيت سان هُن فلسطيني مزاحمتي قوتن سان اتحاد لاءِ پتوڙيو. اهِا پتوڙ محلاتي سياست جي خاتمي ۽ اختيار ميرونائيٽ عيسائين ۽ سُني مسلمانن کي ڏيندڙ سرشتي کي ناس ڪري ٻين فرقن کي بہ حصيدار بڻائڻ لاءِ لبنان جي سياسي سرشتي ۾ انقلاب آڻڻ لاءِ هئي. سندس مُهم ١٩٧٥-٧٦ع واري گهرو لڙائي کي جلد آڻڻ جو سبب بڻي ۽ ان جي نتيجي ۾ پي-ايل- او پنهنجي لبناني اتحادين ۽ شامين ٻنهي آڏو انتهائي تڪليفن جي ڏهڻ ۾ ڦاسي پئي.

عرفات، جنبلاط جو احترام ١٩٦٠ع واري ڏهاڪي جي آخر ڌاري ان وقت کان ڪرڻ شروع ڪيو هو، جڏهن لبناني گهرو معاملن واري وزير جي حيثيت سان قاهره ٺاهہ تي عمل ڪرائڻ سندس ذميواري هئي. ايندڙ سالن ۾ هو ٻئي گهاٽا يار بڻجي ويا. ذاتي ڪيمياگريءَ کان هٽي ڪري، جيڪا هڪ مبصر موجب: جيڪو ٻنهي کي چڱي ريت سجاڻي، انهن جي وچ ۾ 'روميو جوليٽ' واري سڱابنديءَ جهڙي هئي، عرفات سندس جمهوري سيڪيولر سياسي نظريي کان متاثر هو، جيڪو مستقبل جي فلسطين بابت عرفات جي ڌنڌلي تصور کان گهڻو مختلف نہ هو. اصل ۾، دروز اڳواڻ آڏو پي- ايل- او جي سهڪار حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجا مقصد هئا. هُن فلسطينين جي سگهاريءَ قوت کي قومي تحريڪ جي لبنان تي ڪنٽرول حاصل ڪرڻ واريءَ جدوجهد لاءِ استعمال ڪرڻ پئي چاهيو.

'جنبلاط ڏاڍي هوشياري سان پي- ايل- او کي لبنان متعلق پاڙهڻ لڳو.' وليد خالدي ٻڌائي ٿو: 'عرفات بيوقوف تہ ناهي پر جنبلاط حقيقتاً عرفات ۽ سندس ساٿين جي ڳجهي سرڪل کي لبنان متعلق پنهنجي نقطءِ نظر جي اپٽار لاءِ ڪافي وقت سيڙايو. آءٌ سمجهان ٿو تہ جنبلاط وڏي فنڪاريءَ سان (فلسطين ۾) جمهوري سيڪيولر رياست واري ڳالهہ تي زور ڏنو ۽ اهڙو پيش منظر ٺاهيو، جيڪو نظرياتي

طور تي عرفات سان ٺھڪندڙ هو.' (١۴)

اردن مان پرايل ڪوڙن سبقن کي نظر ۾ رکندي ۽ ڪنهن عرب ملڪ جي اندرين معاملن ۾ مداخلت نہ ڪرڻ واريون ڳالهيون وساريندي، عرفات سوچي سمجهي جنبلاط سان ڳانڍاپن کي جيئن پوءِ تيئن سگهارو بنائي، پي- ايل- او کي لبناني سماج ۾ ايترو تہ گهرو شامل ڪري ورتو، جو هڪ مرحلي تي فلسطينين ۽ لبناني قومي تحريڪ جي قسمت کي هڪٻئي کان ڌار ڪرڻ ناممڪن بڻجي ويو. عرفات، اُڀرندڙ شيعا عالم امام موسيٰ صدر سان پڻ ويجها ناتا ڳنڍيا ۽ نہ رڳو سندس حامين کي فوجي تربيت ڏيڻ جي آڇ ڪيائين پر سندس نئين ٺاهيل مليشيا لاءِ 'امل' (اُميد) جو نالو پڻ رکيائين. امل جو نعرو 'هٿيار مردن جا زيور آهن.' پڻ فلسطيني تحريڪ تان ورتل هو. سخر ابونزار وٽ ان سموري وارتا جي هڪ صاف سُٿري اُپٽار آهي. هو چوي ٿو: 'اسان ان ڳالھ لاءِ ڪوشش ڪئي تہ اِهو ثابت ڪري سگهون تہ لبناني معاملن ۾ فلسطيني مداخلت نہ پيا ڪن پر اسان جا لبناني اتحادي خود پنهنجا معاملا نبيرڻ لاءِ پتوڙين پيا.' (١۵)

اِهو هڪ خطرناڪ فريق هو. لبناني فوجي تحريڪ سياسي نقطہءِ نظر رکندڙن سان گڏوگڏ مافيا اسٽائيل ٽِگن سان پڻ پريل هئي. اهڙو ڪردار رکندڙن سان سهڪار ڪندي، فلسطينين جي اِها سوچ تہ هو لبناني سماج ۾ پنهنجون پاڙون پختيون ڪندا، پنهنجي پير تي ڪهاڙو هڻڻ هو. هٿيار جهولائيندي پنهنجي پڪ اپ ٽرڪن ۾، گهٽين مان لنگهندي گوريلا اِهو وساري ويهندا هئا تہ هو خود اُتي ٻين جي اجازت سان موجود آهن. عرفات پنهنجو پاڻ کي ملڪ اندر هڪ اهم قوت سمجهڻ شروع ڪيو. هڪ اهڙي ملڪ ۾ جتي قوت ۽ اختيار ئي سڀ ڪجھ هو، هن پنهنجو پاڻ کي اهڙو بااختيار سمجهڻ شروع ڪيو، جنهن سان لبناني اڳواڻ برابريءَ جي بنياد تي معاملا نبيري پئي سگهيا.

پنهنجي نئين مرتبي جي نشي ۾ خمارجندي، هن خود پنهنجي صفن ۾ پکڙجندڙ بدعنوانين ۽ بي ضابطگين تي تمام ٿورو ڌيان ڌريو. ڪيترين ئي نين شاهوڪار عرب رياستن وانگر، دولت جي اوچتي آمد پاڻ سان گڏ عذاب پڻ کڻي آئي، جنهن پي- ايل- او کي ڦونڊيل ۽ بدبودار نوڪرشاهي ۾ بدلائي ڇڏيو. عملدار، عام فلسطينيءَ جي تصورن کان گهڻو پري، دولت جي پسمنظر ۽ پيش منظر کي جاچي رهيا هئا. هنن پنهنجي ذاتي مقصدن يا ڪاروبارن وغيره لاءِ وڏيون رقمون جاري ڪرڻ شروع ڪيون ۽ منجهائن جيڪو جيترو وڏو عملدار هو، اُن اوتري وڏي رقم ئي حاصل ڪئي. اهم اڳواڻن مان رڳو عرفات ئي هو جنهن تي پي- ايل- او جو چندو ڦٻائڻ يا ان کي ذاتي مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ جو الزام ناهي، پر هن بہ پنهنجن ساٿين ۽ ماتحتن جي گهوٻين ۽ بي ضابطگين خلاف ڪو قدم نہ کنيو. پي- ايل- او جا ڪيترائي ڪارڪن ۽ همدرد اڄ ڏکياري انداز ۾ قبولين ٿا تہ اِها اوائلي گوريلا

جدوجهد جي نظريي کان گهڻي مختلف ڪرت هئي.

عرفات وٽ ان دوران پنهنجو پاڻ کي رومانوي راز و نياز ۾ مصروف رکڻ جو پڻ وقت هو. سندس ساٿي ٻڌائين ٿا ته تن ڏينهن ۾ هو بيروت جي سامونڊي ڪناري پرسان فيشن ايبل مساج- گهر جي انتهائي سهڪاري ۽ ويجها رابطا رکندڙ فلسطيني بيواهه ندا يشرلوٽيءَ جو مستقل ملاقاتي هوندو هو. ندا جو مرحوم مڙس شاهوڪار ٺيڪيدار خالد يشرلوٽي، ١٩٧٠ع ۾ هڪ اڏجندڙ عمارت جو چاپڙ ڪرڻ سبب مرڻ تائين پي- ايل- او ۾ تمام گهڻو سرگرم هو. ندا پنهنجي خانداني ريت کي جاري رکندي، ان موقعي تي عرفات ۽ صدر فرنجيءَ وچ ۾ ٿياڪڙ جو ڪردار پڻ ادا ڪيو. هو ۽ پي- ايل- او اڳواڻ پاڻ ۾ ايڏو ته ويجهو اچي ويا جو اِهو چيو ٿو وڃي ته عرفات سندس سڱ پڻ گهريو هو. راوين موجب ندا اِهو چوندي انڪار ڪيو ته 'آءُ توهان کي هڪ اڳواڻ جي حيثيت سان چاهيان ٿي، نه کي ڪنهن معمولي ماڻهوءَ جيان.' (١٦) عرفات، جنهن جي ذاتي زندگي انتهائي ڳجهي آهي، ان معاملي کان اِهو چوندي نابري ٿو واري ته هُن 'انقلاب سان شادي ڪئي آهي.' ان معاملي بابت توريل تڪيل سوالن جي جواب ۾ هو چوي ٿو: 'تحريڪ ئي منهنجي زال، منهنجو ڪٽنب ۽ منهنجي زندگي آهي.' پر ندا سان سندس ناتن ايندڙ سالن ۾ عورتن سان سندس ويجهن ناتن جو هڪ نمونو جوڙيو. جن مان سندس شامي سيڪريٽري اُم نصير ۽ سندس آتم ڪهاڻي لکندڙ مصري رشيده مهراڻ خاص طور تي ذڪر جوڳيون آهن. ندا وانگر اِهي به مائرن جهڙيون لڳنديون هيون.

اِها وارتا ڪا گهڻو عرصو هلي نه سگهي. ندا يشرلوٽي مئي ١٩٧٣ع ۾ پنهنجي گهر آڏو نامعلوم قاتل هٿان مارجي وئي ۽ جيئن ئي ١٩٧٥ع جي بهار آئي، لبنان ۽ وسيع تر وچ اوير ۾ پيش ايندڙ واقعن سمورين ڳالهين تان هر ڪنهن جو ڌيان هٽرائي ڇڏيو. شروعاتي مرحلي ۾، اِهي چٽا اهڃاڻ نظر اچڻ لڳا ته عرب رياستن، جي ايڪتا ۾ ڏار پوڻ شروع ٿي ويا هئا، جيڪي اسرائيل سان وڙهڻ لاءِ آڪٽوبر جنگ ۾ متحد هيون ۽ پي- ايل- او پاران مچنا واري پتوڙ ۾ ساٿس گڏ هيون. شامي صدر حافظ الاسد، فلسطينن جي دشمن شاهه حسين سان پنهنجا ناتا بهتر ڪرڻ لاءِ جوڳا قدم کڻڻ لڳو. اجائين خراب صورتحال اِها هئي ته مصري صدر انور سادات، هينري ڪسنجر جي پنيرائي سان اسرائيل سان هڪ اهڙي نئين ناهه ڏانهن وڌي رهيو هو، جيڪو عرفات جي خيال موجب فلسطينن کي ملڪي رعايتن ۾ وڌيڪ حصيدار پيدا ڪرڻ جو سبب بڻجي سگهيو پئي ۽ اڳتي هلي ورهايل عرب راءِ ۾ اجائين وڌيڪ ڏار وجهي ها. خود بيروت ۾ ٿيندڙ تبديليون به گهٽ ڇرڪائيندڙ نه هيون، جتي فلنجي اڳواڻ پيري جمائيل پڙڪائيندڙ تقريرون ڪري فلسطينن تي لبناني پائيپيءَ واري رويي کي تباهه ڪرڻ جو الزام هڻندي، سندس

موجودگيءَ واري مسئلي تي ريفرنڊم ڪرائڻ جي ڳُهر ڪري رهيو هو. لبنان جي ميرونائيٽ عيسائين کي ڪجهه عرب ملڪن مان ملندڙ حمايت ڪري فلسطيني قيادت هڪ پيرو بيهر نتيجو ڪڍيو تہ اُها 'خطرناڪ عالمي سازش' جو شڪار بڻي آهي. (١٧)

اُگرو سچ اِهو آهي تہ آڪٽوبر جنگ کان ڪو هڪ سال پوءِ اهم عرب اڳواڻ پي- ايل- او جي ريڊيڪل گروهن جي ڏاڍ مڙسيءَ کان تنگ اچي ويا هئا ۽ هنئي پاسي هو پنهنجن ملڪي مسئلن ۾ ايترو تہ ڦاٿل هئا جو فلسطينين جي قسمت جو فيصلو ڪرڻ هنن لاءِ هڪ اضافيءَ ڏچو بڻيل هو. مصر جهڙا ملڪ اسرائيل سان امن قائم ڪرڻ ۽ پنهنجي ملڪ جي اقتصادي گهوٽالن کي حل ڪرڻ لاءِ پتوڙي رهيا هئا يا ايستائين جو خود سعودي عرب تيل جي وڌيل اگهن جي نتيجي ۾ آيل دولت تي هرڪجي پيو هو. اهڙي صورتحال ۾، لبنان ۾ پي- ايل- او سان ويڙهہ تمام گهٽ ڏيان ئي حاصل ڪري سگهي. عرفات جي پنهنجي پروپئگنڊا پڻ ضايع ٿيڻ لڳي. هُن پاران ان تي زور پرڻ تہ فلسطين جي آزادي عرب ايڪتا کان اڳ حاصل ٿيندي، رياستي عرب اڳواڻن اهو فيصلو ڪرڻ شروع ڪيو تہ سندن گهرو مسئلا ڪنهن وڏي عرب ڊانچي کان وڌيڪ اهم آهن.

اهڙيون پوائنٽيون حقيقتون ان ڳالهہ جي ڪنهن حد تائين وضاحت ٿيون ڪن تہ عرفات ١٩٧٥ع ۾ اپريل جي وچ ڌاري آچر ڏينهن فلسطينين سان ڀريل بس واري قتلام سان شروع ٿيندڙ ويڙهہ ۾ اهڙو رويو ڇو اختيار ڪيو. عرب دنيا ۾ پنهنجي سياسي ويڳاڻپ ۽ مخالف ڪئمپ جي انتهائي دشمنيءَ جو احساس ڪندي، هُن پنهنجو سمورو بار جنبلاط سان اتحاد ڪرڻ واري غلطيءَ تي وڌو. سندس تنظيم جي ڪاهي ڏر وارا گروپ ۽ خود سندس فتح سان تعلق رکندڙ ڪيترائي گوريلا ڪنهن نہ ڪنهن طور تي جنبلاط جي ماڻهن سان گڏجي وڙهي رهيا هئا ۽ جنبلاط پنهنجي سر بي روڪ وڌندو رهيو. ٢٦ اپريل تي لبناني قومي تحريڪ عين روهنہ واري قتلام ۾ فلنجين جي ملوث هئڻ تي ردعمل ظاهر ڪندي، پارٽيءَ کي حڪومت کان ڌار ڪرڻ جي گُهر ڪئي. جڏهن عرفات ان جي پٺڀرائي ڪئي تہ جڻ هن فوجي طور تي نہ سهي پر لبنان ۾ سياسي طور تي پنهنجي موت جي پرواني تي صحيح ڪري ڇڏي. ان عملي طور تي پي- ايل- او کي لبناني گهرو لڙائي ۾ ڌڪي ڇڏيو.

عرفات پاران هڪ لبناني پارٽيءَ جي بي تنظيم خلاف هلايل مُهم ۾ ڌر بڻجڻ وارو فيصلو فلسطينين لاءِ انتهائي نتيجي ڀريو ثابت ٿيو ۽ ان سندس ڪيترن ئي ويجهن ساٿين کي هڪدم سرسام واري ڪيفيت ۾ وجهي ڇڏيو. خاص طور تي وليد خالدي تمام گهڻو هيسجي ويو. لبنان جي فرقن ۾ ورهايل سماج ۾ رابطي جا ذريعا پيدا ڪندڙ خالديءَ تازو ئي عرفات ۽ خلاف کي اثرائتي ميرونائيٽ فرقي

جي هڪ انتهاپسند اڳواڻ 'بائولس نامن' سان متعارف ڪرائڻ جو جوکم کنيو هو. نئون قدم سندس ان سموري ڪم تي پاڻي ڦيري ڇڏيندو ۽ عيسائين پاران ڇتي رد عمل جو سبب بڻبو. جيئن خالديءَ پنهنجي گهر جي ڊرائنگ روم ۾ دانهن ڪوڪن واري ملاقات ۾ عرفات کي ٻڌايو هو. 'مونکي ياد آهي ته مون پنهنجي گهر ۾ متس رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون هيون" هو ٻڌائي ٿو: "آءٌ حقيقتاً تمام گهڻو ڪاوڙيل هئس ڇاڪاڻ جو هن بلڪل اڻنگي ڳالهه ڪئي هئي. مون کيس ٻڌايو ته فلنجين جي نيڪاليءَ واري گهر سان اسان جو بطور فلسطيني ڪوبه واسطو نه هئڻ گهرجي ۽ اهڙي قسم جي گُهر ڪين اسرائيلي هٿن ۾ ڪيڏڻ ڏانهن ڏڪيندي." (١٨)

اهي پيغمبراڻا لفظ هئا. جيستائين پي- ايل- او جي ميروناٿيٽن سان ناتن جو تعلق آهي ته انهن ۾ ڏار پئجي چڪا هئا. جيئن صدر فرنجيءَ ٢٣ جون تي پنهنجي محل ۾ ٿيل هڪ سخت گجگوڙ پري گڏجاڻي ۾ عرفات ۽ پريشان حال صلاح خلف کي ٻڌايو هو: 'اِها توهانجي وڏي غلطي آهي. فلنجي عيسائي آباديءَ جي هڪ وڏي حصي جي نمائندگي ڪن ٿا. توهانجو فيصلو سندن اثر اجائين وڃائڻ ڪان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه ڪندو.' هڪ پيرو پيهر، مفادپرستي ۽ ٿوري عرصي وارن مفادن لاءِ هيچ عرفات جي سياسي فيصلي کي داغي بڻائي ڇڏيو.

ايندڙ ڪجه مهينن ۾، جيئن ئي لڙائي ڇتي ٿيندي وئي، جنگبندين جون ڀڄڪڙيون ٿيون ۽ عرب ۽ يورپي ٿياڪڙ آيا ۽ هليا ويا. عرفات مختلف گروپن ۾ ٺاڪڙيءَ لاءِ پنهنجون ڪوششون وڌائي ڇڏيون. فلسطيني ويڙهاڪن جي چڱي موچاري تعداد جي مسلمانن پاران وڙهڻ جي باوجود به، پي- ايل- او ۽ خاص طور تي فتح ويڙهه ۾ ڪوبه حصو نه ورتو. پر اوير بيروت ۾ عيسائي ۽ اولهه بيروت واري اڪثريتي علائقي ۾ مسلم- ڇڪتاڻ پنهنجو رنگ ڏيکاريو. ميروناٿيٽ عيسائين لبنان کي فرقن جي بنياد تي ورهائڻ واري ڳالهه شروع ڪري پنهنجن مخالفن ۾ نئين سر اشتعال پکيڙيو. لبناني مسلمانن ۽ دروزن سان گڏوگڏ فلسطينين به ميروناٿيٽن جي ان گهر جي سخت مخالفت ڪئي ته صورتحال جي بحاليءَ لاءِ فوج کي گهرايو وڃي. عرفات به، فلسطينين جي اڪثريتي سوچ سان سهمت هو ته فوج اچڻ سان سڀ کان وڏيڪ نقصان پي- ايل- او جي انتهاپسند گروهن کي ٿيندو. فلسطيني قيادت جي ويڳاڻپ واري حالت سيپٽمبر ١٩٧٥ع ۾ ان وقت انتها تي پهچي وئي، جڏهن صدر سادات اسرائيل سان سينائي مان فوجون ڪيڻ واري ٻئي ٺاهه تي صحيحون ڪيون. جنهن ۾ پي- ايل- او ۽ شامي مخالفت هوندي به وچ اوير ڇڪتاڻ کي فوجي طريقن بدران پرامن طريقي سان حل ڪرڻ لاءِ جوڳا واعدا ڪيل هئا.

عرفات لاءِ مسئلا ان ڪري به وڌندا ويا جو پي- ايل- او ۽ خود فتح به اردن وانگر ٽوڙڦوڙ جون شڪار هيون. فتح اڳواڻ زور ڀريندا رهيا ته اِها ڇڪتاڻ لبنان

ڪي ورهائڻ ۾ فلسطينن ڪي اسرائيل خلاف پنهنجي جدوجهد تان هٽائڻ جي سازش آهي. پر سندن مخالفت ۾ ڪاهي ٽر جي گروپن ڪان سواءِ فتح اندر پڻ هڪ سگهارو گروپ موجود هو، جن مان ڪيترائي سينيئر فوجي ڪمانڊر پنهنجي ان منطق تي زور ڀري رهيا هئا تہ فلسطين ڪي آزاد ڪرائڻ وارو رستو لبنان جي عيسائي بندرگاه 'جُونيہ' مان لنگهي ٿو تہ ٻيا وري غريب مظلوم مسلمان ۾ شاهوڪار مراعات يافتا ميروئائيٽن خلاف 'طبقاتي جدوجهد' جي اثتر هئڻ تي زور ڀري رهيا هئا. (٢٠)

انهن ٻنهي نقطءِ نظرن جي ٽڪراءُ ۾ نہ رڳو توازن رهي پئي سگهيو پر ويجهو ايندڙ لڙائي بہ ٽري ٿي سگهي. پر ۴ جنوري ١٩٧٦ع تي ميروئائيٽ سپاهين اوڀر بيروت ۾ تال الظاتر ۾ جسرالباشا تي انهن ٻن فلسطيني پناهگير ڪئمپن جو گهيرو ڪري ڌمڪاءُ ڦهلايو، جتان ڪاهي ٽر وارا فلسطيني شهر ويندڙ رستن ڪي ڪنٽرول ڪندا هئا. پي- ايل- او قيادت لاءِ، جنهن اِها رستي روڪ هڪدم ختم ڪرڻ جي گهر ڪندي ڌمڪي ڏني هئي تہ ضرورت پوڻ تي ان ڪي طاقت وسيلي ختم ڪيو ويندو، اِهو قدم برداشت نہ ٿي سگهندڙ چٽر وارو عمل هو ۾ جڏهن ١۴ جنوري تي ميروئائيٽ دستن گاديءَ واري شهر جي اتر ۾ جابلو چوٽي واري دٻايہ پناهگير ڪئمپ تي گهيرو ڪري حملو ڪيو، جنهن ۾ خود ڪيترائي فلسطيني عيسائي رهواسي پڻ مارجي ويا هئا، عرفات ۾ سندس ساٿين اِهو نتيجو ڪڍيو تہ عمل جو وقت اچي ويو آهي. اِهو وساري تہ اِها ويڙهہ پي- ايل- او جي ناهي، هو ۾ سندن لبناني ريڊيڪل اتحادي پنهنجي پوري سگهہ سان جنگ جي ڪوري ۾ ٽپي پيا.

پي- ايل- او وراٺي ڏيڻ لاءِ بيروت جي ڏکڻ ۾ ساموندي ڪناري جي ڀر وارو ننڍڙو عيسائي شهر ڊيموئر چونڊيو. شهتوتن جي باغن ۾ ريشم جي فيڪٽريءَ وارو ڊيموئر، بيروت ڪي فلسطيني حمايت واري ڏکڻ سان ڳنڍيندڙ هاءِ وي جي اهم هنڌ تي هو. اِهو ميروئائيٽ اڳواڻ ڪيملي چامائون جو پڻ انتهائي سگهارو ڳڙهہ هو، جيڪو فلسطينن جي خاص ڏڪار جو نشانو بڻيل هو. جنوري ١٩٧٦ع جي وچ ڪان فتح جا ڪيرائي ويڙهاڪ، اردني توبخاني جي هڪ اڳوڻي آفيسر محمد سعيد موسيٰ مراغا (جيڪو پنهنجي گوريلائي نالي ابوموسيٰ سان ڄاتو سڃاتو ويو) جي اڳواڻي ۾ ڏاکڻين بندرگاه واري شهر سيدون مان ڊيموئر ڏانهن لڙڻ شروع ٿيا. ابوموسيٰ ست سال پوءِ اُن وقت وڏو نالو ڪمايو، جڏهن هُن عرفات جي اڳواڻي خلاف بغاوت ڪئي. پنهنجن ساٿين ۾ سخت ظالم ليڪجندڙ ابوموسيٰ فلسطينن ۾ ميروئائيٽن خلاف طبقاتي جدوجهد وارو نقطءِ نظر رکندڙن جو هڪ اهم ترجمان پڻ هو. ڊيموئر تي ۴٨ ڪلاڪ بمباري ڪرڻ ڪانپوءِ گڏيل فلسطيني ۾ لبناني مسلم فوجون ٢٠ جنوريءَ تي شهر ۾ ڪاهي پيون. جيئن ئي اوڀر بيروت ۾ صبح سوير ڪرجائن جا گهنڊ وڳا، شهر جي انهن رهواسين تي، جيڪي اڃان اُتي موجود هئا،

قرلٽ، تباهي ۽ قتلام جي قيامت نازل ٿي وئي. ڊيموئر مُردن جو شهر بڻجي ويو. فتح جي هڪ سينيئر انٽيليجنس آفيسر موجب ’آءٌ سدائين چوندو رهيو آهيان تہ توبخاني وارو عملو سڀ کان وڌيڪ خطرناڪ آهي، ڇاڪاڻ جو هو پنهنجي نشاني کي بلڪل ٺيڪ ٺاڪ چٽي نٿا سگهن. اُهي هڪ وڏي علائقي جي دائري ۾ فائر ڪندا آهن، ۽ جڏهن هُنن ڊيموئر تي حملو ڪيو تہ ان کي دشمن شهر ليکيندي قبضو ڪرڻ ۽ ڦرڻ کي پنهنجو مقصد بڻايو.‘ (٢١)

اهو سلسلو ايندڙ مهينن دوران هر ڪنهن پنهنجي مخالف خلاف جاري رکيو. ان سان گڏوگڏ اِهي مهينا لبنان جي آئيندي بابت ٻن بيرحم ۽ سڌڙين اڳواڻن ڪمال جنبلاط ۽ حافظ الاسد ۽ انهن جي وچ ۾ هڏتر جي شڪار ياسر عرفات ۾ هلندڙ جنگ جو پڻ داستان آهن.

فلسطينين پاران وڌندڙ دٻاءُ جي نتيجي ۾ عرفات ۽ سندس فتح وارا ساٿي اڳواڻ پنهنجون سموريون حدون اورانگهي ويا. اُها چڪتاڻ جنهن لاءِ هو اڳي زور ڏئي چئي رهيا هئا تہ اِها مڪمل طور تي لبناني معاملو آهي، هاڻ فلسطينين ۽ ميرونائيٽ لبناني ڌرين ۾ مڪمل ٽڪراءُ جو سبب بڻجي وئي ۽ ان اسرائيل خلاف جدوجهد واري پي- ايل- او جي هر پاسائتي حمايت يافتا مقصد کان ڪين گهڻو ڏور ڌڪي ڇڏيو. ان ويڙهہ ۾ لبنان جو اپرندو پاڙيسري ملڪ شام مڪمل طور تي دلچسپي وٺي رهيو هو، ان جو هڪ ڪارڻ عرفات پاران صدر اسد کي تڪڙي مدد لاءِ ڪيل اپيل بہ هو. (٢٢) شام جو اهم مقصد لبنان ۾ توازن کي برقرار رکڻ هو، جيتوڻيڪ ان ميرونائيٽ عيسائين کي سندن مخالفن جي مڪمل تباهيءَ کان روڪڻ تہ چاهيو ٿي، پر ساڳي وقت شامين لبناني ريڊيڪلن ۽ فلسطينين هتان موجود سرشتي جي تباهي بہ نٿي چاهي. ١٩ جنوريءَ تي حافظ الاسد، لبناني بڪا ماٿريءَ ۾ شامي ڪمان هيٺ فلسطين جي آزاديءَ واري فوج (PLA) جا دستا اُماڻي مزاحمت جي حق ۾ پنهنجي چٽاءُ جو اظهار ڪيو. ٻئي ڏينهن هُن پنهنجي پرڏيهي وزير عبدالحليم خدام کي هڪ اعليٰ سطحي ٽياڪڙيءَ واري ٽيم جو سربراهہ بڻائي بيروت اُماڻيو. ان ٢٢ جنوريءَ تي تي صدر سلمان فرنجيءَ پاران ’لبناني گهوٽالي جي مڪمل حل لاءِ سمورين پارٽين ۾ ٺاهہ‘ جي ضرورت وارو اعلان ڪرايو. (٢٣). شامين، فلسطينين ۽ لبنانين سان اثرائتي جنگبندي ڪرائڻ ۽ ان تي عمل ڪرائڻ جو بہ واعدو ڪيو. جيئن ئي شامي ۽ لبناني حڪومتن سياسي سڌارن واري پروگرام جي مسودي تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو، ويڙهہ بند ٿي وئي، ايئن محسوس ٿيڻ لڳو ڄڻ گهرو لڙائي ختم ٿي وئي هجي.

ان جو حقيقت سان ڪو تعلق نہ هو. سمورين ڌرين ۾ شڪ ايترو تہ پيهجي ويا هئا، جو انهن کي عارضي اُپائن وسيلي ختم ڪرڻ ناممڪن هو. ٻئي پاسي پي- ايل- او ۽ ڪمال جنبلاط جي لبناني قومي تحريڪ هاڻ اهڙي سازش ۾ ڦاسي

پيون هيون، جيڪا نئين ۽ وڏيڪ خطرناڪ ٽڪراءُ جو روپ وٺي پئي سگهي ۽ هن پيري شامي فوج بہ سڏوسنئون ان ۾ شامل هجي ها.

اسد پاران جنوري ۾ ڪيل مدد ۽ ڪيترن ئي سالن کان هٿيارن جي فراهميءَ هوندي بہ جنبلاط شامي مقصدن کان تمام گهڻو چڙ ڪيل هو. هو شامي صدر پاران لبنان تي مڙهجندڙ سياسي سڌارن تي بہ چڙيل هو، جن مسلمانن کي تہ وڏيڪ اختيار ڏنا ٿي پر ميرونائيٽ عيسائيءَ جي ملڪي صدر ٿيڻ واري سرشتي کي اجائين سگهارو ٿي ڪيو. سو جيئن ئي اسد راجوڻي فيصلي لاءِ پنهنجيون ڪوششون تيز ڪيون، شامي رٿا تي جنبلاط جي ڪاوڙ دمشق جي حاڪم کي مچرائي وڌو.

فيبروري ۽ مارچ ١٩٧٦ع ۾ لبناني فوجن ۾ ان وقت ڏار پوڻ شروع ٿيا، جڏهن مسلمان سپاهين جي گروپ پنهنجو پاڻ کي لبناني عرب فوج سڏرائيندي، رنگروٽن کي گڏ ڪري، اپرندي بڪا ماٿريءَ ۾ فوجي بيرڪن تي قبضو ڪيو. ان کانپوءِ ١١ مارچ تي بيروت ڇانوڻيءَ جي خردماغ مسلمان ڪمانڊر برگيڊيئر عزيز احداب گاديءَ واري شهر جي ريڊيو ۽ ٽي- وي اسٽيشن تي قبضو ڪيو، پنهنجي عارضي فوجي گورنر هئڻ جو اعلان ڪندي صدر فرنجيءَ کان چوويهن ڪلاڪن اندر استعفيٰ ڏيڻ جي گُهر ڪيائين.

پي- ايل- او قيادت پاران ڪيترائي ڀيرا ترديد ڪرڻ جي باوجود بہ انهن ٻنهي واقعن ۾ انجي شرڪت چٽي پئي هئي. خليل الوزير، لبناني فوج کان ڦريل هٿيار فوجي تربيت لاءِ استعمال ڪرڻ واري پنهنجي خواهش لڪائي نہ سگهيو، گڏوگڏ فوج کان ڇڳل آفيسرن کي پنهنجي صفن ۾ شامل ڪرڻ کان بہ ڪيهاياڻين ۽ پي- ايل- او بنان ڪنهن رڪ رڪاءُ جي بغاوت ڪندڙ برگيڊيئر کي محافظ ڏنا. اهو سڀ ڪجھ ڪندي فلسطيني ۽ سندن لبناني ريڊيڪل ساٿي سان ڪيڏي رهيا هئا، سندن سرگرميون نہ رڳو فرنجيءَ جي اختيار لاءِ چئلينج بڻيون پر خود اسد لاءِ پڻ مٿي جو سور هيون، جنهن هر هر ٿي چيو: 'آءٌ رڳو ڪفن ۾ ئي صدارت ڇڏيندس'. (٢٤) عرفات ۽ سندس انٽيليجنس جي سربراه صلاح خلف کي صورتحال جي وضاحت لاءِ دمشق گهرايو ويو.

١٦ مارچ واري گڏجاڻي اسد جي اينگھ وارن معيارن کان گهڻي ٻگهي ٿي ۽ ٻارهن ڪلاڪ هلندي رهي. شامي صدر مڪمل طور تي چنتو ٿيل هو، هُن عرفات ۽ خلف کي، 'ڪيس دوستيءَ جي آڙ ۾ ڌوڪو ڏيندڙ' سڏيو. (٢٥) ڳالهين دوران جڏهن اسد کي فون تي هدايو ويو تہ جنبلاط لبناني معاملن ۾ شامين جي ٽنگ اڙائڻ کي نندبو آهي تہ هو اجائين مچرجي پيو ۽ جنبلاط کي ڳالهين واسطي دمشق گهرائڻ لاءِ اسد کي راضي ڪرڻ فلسطينين لاءِ انتهائي ڏکيو ٿي پيو. گڏيل فلسطيني ۽ لبناني ريڊيڪل قوتن ۽ ساڄي ڌر جي ميرونائيٽ عيسائين ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر شروع ٿيل

لڙائي جي پس منظر ۾، ٿهڻ کان نابري واريل ٻنهي ڄڻن جي يارهن ڏينهن پوءِ ٿيل ملاقات، سندن وچ ۾ اختلافي خال کي پري نہ سگهي ۽ ان اسد کي لبناني قومي تحريڪ لاءِ هٿيارن جي رسد روڪڻ جو موقعو پيدا ڪري ڏنو.

اقليتي فرقن سان تعلق رکندڙ اسد ۽ جنبلاط وچ ۾ ذاتي تلخيءَ واري اِها رنجش خود عرب دنيا جي معيارن موجب بہ غيررواجي هئي. جنبلاط، دروز اشرافيا جو فرد، جيڪو لبنان جو صدر ٿي نہ پئي سگهيو، شام جي اترائين الاوي جابلو علائقي جي غريب هاريءَ جي پُٽ اسد جي ماٺيل عهدي تي حسد جو شڪار هو ۽ عرب اڳواڻ طور لبنان ۾ پنهنجو اثر رسوخ وڌائڻ جو خواهشمند اسد، جنبلاط کي سندس رٿائن ۾ رڪاوٽ هئڻ ڪري معاف نہ پئي ڪري سگهيو، هو جنبلاط کي 'انقلاب ۽ ترقي پسنديءَ جو ٺيڪيدار' سڏيندو رهيو.

سندن وچ ۾ قاتل عرفات عجيب ڏچي جو شڪار هو، مٿس انتهائي دٻاءُ هو تہ هو انهن ٻنهي مان ڪنهن هڪ جي چونڊ ڪري. اسد مان هٿ ڪيڻ انتها درجي جي بيوقوفي هئي، جنهن فتح کي سندس پهريون فوجي اڏو قائم ڪرڻ ۽ هٿياربند جدوجهد شروع ڪرڻ لاءِ پنهنجي ملڪ جي ڌرتي استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏني هئي. هڪ پاسي اسد پي- ايل- او کان گُهر ڪري رهيو هو تہ اُها جنبلاط کان پري ٿئي تہ ٻئي پاسي لبنان ۾ پي- ايل- او کي عمل جي ضمانت ڏيندڙ جنبلاط پڻ ساڳي قسم جي گُهر ڪري رهيو هو. خلف موجب: 'مختصر اِهو تہ فلسطيني مزاحمت پنهنجي شامي اتحادين سان بهتر ناتا رکڻ جي گهرج ۽ لبناني کاٻي ڌر کان اخلاقي سهڪار حاصل ڪرڻ جي ضرورت وچ ۾ ٽنگيل هئي.' (٢٦)

فيصلو نہ ڪري سگهندڙ عرفات ماضي وانگر گوٺناٺ کان ڪم وٺڻ شروع ڪيو. ١٦ اپريل تي اسد سان ٻي گڏجاڻي ۾ هُن نہ رڳو جنگبنديءَ واري ست نڪاتي رٿا کي مڃيو پر ڪاوڙيل جنبلاط کي پڻ اِهو هضم ڪرڻ لاءِ زور ڀريائين. پر ٨ مئي تي جڏهن لبناني پارليامينٽ شامي هدايتن پٽاندڙ فرنجيءَ جي جاءِ تي نئون صدر چونڊڻ لاءِ گڏ ٿي تہ فلسطيني دستن اسيمبلي بلڊنگ تي گوليباري ڪري پنهنجي ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو. هڪ نئين قدم طور، جنهن شامي صدر کي مچرائي وڌو هو، عرفات مصر جي سادات سان قرب وڌايو، جنهن اتاولو ٿي فلسطين لبريشن آرميءَ جا دستا لبنان اُماڻيا. ايئن لڙائي ٻيهر ڀڙڪي اُٿي، جنهن ۾ گڏيل لباني- فلسطيني فورس ميرونائيٽن جي مُلھ تي ظاهري لاپ پرائڻ شروع ڪيو. اپريل ١٩٧٦ع جي آخر ڌاري، جنبلاط انتهائي مٿاهين تي پهچڻ وارو هو، ڇاڪاڻ جو لبناني سرزمين جي ٨٢ سيڪڙي تي سندس قومي تحريڪ جو قبضو هو. (٢٧)

پنهنجي ٺياڪڙ ڪوششن جي مسلسل ذلت آميز ناڪامين ڪري، اسد پنهنجي چگمڙسي ذري گهٽ وڃائي چڪو هو. لبنان ۾ پنهنجو ڌاڪو ڄمائڻ لاءِ تہ

هو فلسطينين ۽ لبناني ريڊيڪلن جي حمايت ڪرڻ لاءِ تيار هو؛ پر سندس اهم ترين ڪوشش اِها هئي تہ موجود ميرونائيٽ بالادستيءَ وارو سرشتو تباهہ نہ ٿئي، تنهن ڪري مئي جي آخر ۾ هُن پنهنجي متنازعہ عهد جو انتهائي خطرناڪ فيصلو ڪندي، ميرونائيٽ عيسائين سان گڏجي فلسطيني- لبناني گڏيل حملي آورن کي ڪچلڻ لاءِ پنهنجي فوج لبنان اُماڻي. جون واري پهرين هفتي جي پڇاڙي ۾، ٻارهن هزار شامي فوجي، ٽينڪن سوڊو ٽن ڏار ڏار هنڌن تان لبنان ۾ پيش قدمي ڪري رهيا هئا.

پي- ايل- او ۽ جنبلاط جي ريڊيڪلن لاءِ اِها هيل تائين آيل سڀ کان وڌيڪ خطرناڪ للڪار هئي. هُن اوچتائي ڪندڙن خلاف سگهاري گڏيل فوجي ڪمان جوڙي. وچولي لبنان جي جبلن ۽ ساموندي ڪناري وارن ٽن شهرن جي پسگردائي ۾ هنن سگهاري مزاحمت ڪئي ۽ پي- ايل- او جي شامي حمايت يافتا گروپ الصاعقہ جي بيروت وارن اڏن ۽ آفيسن تي چڙهائي ڪري قبضو ڪري ورتو.

پر مجموعي طور تي، فلسطيني- لبناني اتحاد کي بالادست شامي فوج ڪمزور پاسن کان سوگهو ڪري ورتو. عرفات غيروقتائتي سفارتي دوري تي ملڪ کان ٻاهر هو. لڙائي سبب موٽي نہ سگهندي هُن الجزائر، لبيا ۽ مصر جي گاديءَ وارن شهرن مان عرب مداخلت لاءِ چرين وانگر اپيلون ڪيون؛ جيتوڻيڪ عرب پرڏيهي وزيرن سندس اپيلن جي جواب ۾ شامين تي ۹ جون واري جنگبنديءَ لاءِ زور ڀريو، پر ان جي نتيجي ۾ ٿيل ٺاهہ رڳو ايندڙ ڏاڍاين کان اڳ ساهي ثابت ٿيو.

پي- ايل- او اڳواڻن جي نظر ۾، اِها 'عالمي سازش' هئي، جنهن جو هو گذريل هڪ سال کان چتاءُ ڏئي رهيا هئا، ۽ جيڪا ثابت ٿي رهي هئي. جيڪڏهن ان لاءِ ڪنهن وڌيڪ خاطريءَ جي ضرورت بہ هئي تہ اهڙي پڪ آمريڪا ۽ ايستائين جو اسرائيل بہ شامين پاران لبنان ۾ کنيل قدم جي حمايت ۽ پٺڀرائي ڪرڻ سان ملي چڪي هئي، جن انهيءَ اوچتائي کي آمريڪي ٺاڪڙيءَ واري 'ڳاڙهي لائين' واري ٺاهہ جي صورت ۾ ڪنهن حد تائين هٽي پڻ ڏني هئي، حقيقيت اِها هئي تہ نسبتاً 'ترقي پسند' عرب حڪومت شام پاران جوڙيل رٿابنديءَ پي- ايل- او جي تلخين ۾ واڌ آندي.

عملي طور تي، عرفات کي نہ چاهيندي بہ اسد سان پنهنجي چالبازي واري اتحاد ۽ جنبلاط سان حڪمت عملي واري دوستيءَ مان هڪ جي چونڊ ڪرڻي پئجي وئي ۽ شام سان سندس تعلق چنڻ واري فيصلي جا سنجيده ۽ جوڳا اثر هئا. بيرحم شامي صدر سان پنهنجن ناتن ۾ عرفات اُن نهج تي وڃي پهتو هو، جتي ڪو عارضي ٺاهہ بہ ڪيس انهن کي ختم ڪرڻ کان روڪي نہ پئي سگهيو. ۱۹۷٦ع ۾ اسد سان ٿيل سندس چِتي بحث جا سمورا حوالا سندس ذهن ۾ گونجي رهيا هئا. 'تون اسان کان وڌيڪ فلسطينين جي نمائندگي نٿو ڪرين.' شامي صدر کيس چيو

هو: 'نه فلسطين جو ڪو وجود آهي ۽ نه وري فلسطينين جو- بس رڳو شام ئي آهي ۽ تون شامين جو اڻ ٽٽ حصو آهين ۽ فلسطين شام جو اٽوٽ حصو.' (٢٨) اسرائيلي وزيراعظم گولڊ اميئر به، جنهن جو خيال هو ته فلسطينين جو ڪو وجود ئي ناهي، اها ڳالهه ايتري اُگري انداز ۾ نه ڪئي هئي.

پندرهن سال گذرڻ کانپوءِ به پي- ايل- او اڳواڻ اهو نٿا مڃين ته لبناني گهرو لڙائي ۾ حصو وٺي هنن حڪمت عمليءَ جي ڪا خطرناڪ غلطي ڪئي هئي: 'لبناني صورتحال ته اسانجي اُتي پهچڻ کان اڳيئي ئي منجهيل هئي.' صلاح خلف، جنهن اُن وقت زور ٿي ڀريو ته جنبلاط جي مدد ڪرڻ پي- ايل- او جي اخلاقي ذميواري آهي، چوي ٿو: "حقيقيت ۾ اسين مسلمان اڪثريتي علائقي ۾ رهيل هئاسين، ان ڪري اسانکي مسلمانن سان سهڪار ڪرڻو ئي پيو. هونءَ اسان ٻين ڌرين سان پڻ سهڪار جي ڪوشش ڪئي هئي پر ان ۾ ناڪام ٿياسين." (٢٩) ڪيترائي مبصر، جن ۾ فلسطيني همدرد جيڪي عرفات جي اڏٽري حيثيت تي زور ٿا ڀرين، سي ان ڳالهه سان سهمت آهن ته فلسطيني تحريڪ جون واڳون ضرورت کان وڌيڪ هڪ شخص (ڪمال جنبلاط) جي خواهشن کي سونپيون ويون: 'جنبلاط انهن ٿورڙن ماڻهن مان هو جيڪي فلسطينين جي فيصلي جوڙيندڙ ادارن کي اغوا ڪري پئي سگهيا.' هڪ فلسطيني واپاري جيڪو لبنان ۾ عرفات جي ڪافي ويجهو هو، ٻڌائي ٿو: 'ءِ اِهو ڪو لاپائتو عمل نه هو.' (٣٠)

جون ١٩٧٦ع جي پوين ڏينهن ۾ ميرونائيٽ ويڙهاڪن هڪ پيرو ٻيهر ويڙهه جو مرڪز ڳولهي لڌو. اِهو مرڪز اوپر بيروت ۾ فلسطينين ۽ لبناني شيعا مسلمانن جون وستيون هيون. انهن مان هڪ جو نالو 'طال الظاتر' هو. جنهن فلسطيني پرچار ۾ برداشت جي انتها واري حيثيت ماٺي. ڪمزور سرن ۽ ڏاريل لوهه مان ٺهيل جهڳين واري وستي طال الظاتر جو جنوري کان گهيرو ڪيو ويو هو. ان جي اچ وڃ وارا سمورا رستا ڪاوڙيل هٿيارٻندن بند ڪري رکيا هئا ۽ ان جا رهواسي عام واهپي وارين ضروري شين کان به محروم هئا. پي- ايل- او قيادت ان ڏهڪاءُ کي ختم ڪرڻ لاءِ فوجي ۽ ٻين ذريعن وارين ڪيترين ئي ڪوششون ڪيون. هڪ مرحلي تي عرفات جي پرڏيهي دوري تي هئڻ ڪري قائم مقام انچارج خليل الوزير ڪئمپ واري زمين چاليهه لک آمريڪي ڊالرن ۾ خريد ڪرڻ لاءِ طاقتور ميرونائيٽ راهبن سان ڳالهيون پڻ هلايون. اهڙي سوديبازي هونءَ ته لبناني زندگيءَ جو هڪ معمول هئي پر هن ڪيس ۾ اِها عملي طور تي ٿي نه سگهي.

٢٢ جون تي سوين عيسائي هٿيارٻندن طال الظاتر سان گڏوگڏ نيڏڙي ڪئمپ جسرالباشا ۽ ويجهڙائي واري نبيُ جي مسلم وسنديءَ تي ڀرپور حملو ڪري ڏنو. جيئن ئي مارٽرن ۽ راڪيٽن جو وسڪارو شروع ٿيو، طال الظاتر جي رهواسين اندر گرائونڊ گندي پاڻيءَ جي نيڪال وارين نالين ۾ پناهه ورتي. شامي فوج بيروت

جي پويان جبلن کان ڪئمپن تائين واريون سپلاءِ لائنون ڪٽي ڇڏيون. ڇهن ڏينهن اندر جسرالباشا آڻ مڃي ۽ عرفات پاران شامين تي الزامن جو هڪ اڻکٽ سلسلو شروع ٿي ويو، جيڪو مختلف عرب گادي وارن شهرن مان حالتن جو ڳوڙهو جائزو وٺي رهيو هو، پر بين وسٽين مزاحمت جاري رکندي، آڻ مڃڻ کان انڪار ڪيو.

وزير انتهائي پريشان هو. ڏهڪاءُ کي طاقت وسيلي ختم ڪرڻ جو واحد طريقو اهو هو ته لبناني جبلن ۾ ڪمال جنبلاط جي قومي تحريڪ سان گڏ موجود پي- ايل- او جي دستن کي ٻيهر تعينات ڪيو وڃي. مصيبت اِها هئي ته جنبلاط جون پنهنجون ترجيحون هيون. هو ان ڳالهه تي زور ڀري رهيو هو ته فلسطيني دستا رکو جبلن ۾ پنهنجن اڏن تي ئي ڌيان ڏين. عرفات جي غيرموجودگيءَ ۾، جيڪو ٥ جولاءِ تائين بيروت نہ وريو هو، جيڪو شايد پنهنجي دوست جو خيال متراڻي وڃي ها، موجود قيادت جنبلاط جو خيال بدلائڻ ۾ بلڪل ناڪام رهي. پي- ايل- او جي انتهائي ضرورت واري گهڙيءَ ۾، سندس اهم لبناني اتحاديءَ سان ناتن جو انداز ڏيوالپڻي جو چٽو اهڃاڻ هو. عرفات ۽ جنبلاط وچ ۾ حقيقي ذاتي گرمجوشي ۽ سياسي همدردي کان علاوه اِهو ڏي وٺ جو اهڙو ميلاپ هو، جنهن ۾ لبناني حصيدار جي فرمائشن ۽ خواهشن کي ترجيحي حيثيت حاصل هئي. (٣١)

ڀرپور فوجي سگهه کان سواءِ طال الظاتر جو بچي سگهڻ ناممڪن هو. ٦ آگسٽ تي نبيٰ جي مسلم وسندي بہ ميرونائيٽ هٿيارٻندن جي قبضي ۾ اچي وئي ۽ ١٢ آگسٽ تي، ٻاونجاهہ ڏينهن جي لاڳيتي بمباريءَ کانپوءِ خود طال الظاتر پڻ عرب ليگ پاران علائقو خالي ڪرڻ متعلق ٺاقيل ٺاهہ هيٺ آڻ مڃي. ڪئمپ جا ٽيهہ هزار رهواسي سوڪ جو شڪار هئا ۽ هڪ ميرانجهڙي کوهہ جو پاڻي پيئڻ لاءِ ڪري سندن جانيون شديد خطري ۾ هيون. آڻ مڃڻ تي بہ پيڙائون ختم نہ ٿيون. جيئن ئي هٿين خالي پناهگير ڪئمپ کان ٻاهر نڪرڻ شروع ٿيا، ميرونائيٽ هٿيارٻندن پنهنجي بندوقن جا منهن کولي ڇڏيا. ڪين ڪئمپ جي سوڙهن پيچرن تي بيهاري، فلسطيني عورتن، ٻارن ۽ پوڙهن سان گڏوگڏ ويڙهہ لائق ڇيروئن کي گولين جو بک بڻايو ويو. ان سموري ڏهڪاءُ ۽ ان کان پوءِ واري خوني ڏينهن تي هڪ اندازي موجب ٽي هزار ماڻهو، جن ۾ اڪثريت عام ماڻهن جي هئي؛ موت جو کاڄ بڻيا ۽ ايترائي زخمي ٿيا.

اِها انتهائي ڳوري مصيبت هئي، جنهن جو مثال فلسطيني تحريڪ ۾ ملڻ محال آهي. قتلام جي ٻئي ڏينهن عرفات عرب اڳواڻن کي هڪدم سربراهي اجلاس گهرائڻ لاءِ چيو تہ جيئن 'ترقي پسند' عرب قومپرست شامي فوج جي انتقامي ڪارروائين تي ويچاري سگهجي. اينڊرُ ٻن ٽن هفتن ۾ آيل سندن وراڻي گهڻي حد تائين اڻ- سهڪارڪ هئي.

شامين لاءِ پي- ايل- او جي صدمي واري حالت رستو کوليو ۽ انهن ان جو لاڀ

ماڻ ۾ ويرم ئي نہ لڳائي، ان ڏس ۾ سيپٽمبر جي پڇاڙي ڌاري فلسطينين ۽ لبناني مخالف ڌر وارين قوتن کي سندن اهم جابلو نڪاڻن کان اُکيڙڻ لاءِ ڀرپور حملو شروع ڪيو ويو. اهو ويچاريندي تہ سندن خلاف ڪيترو سخت مارو آهي، پي- ايل- او قيادت ڏاهپ کان ڪم وٺندي اجان تائين للڪاريندڙ جنبلاط کان پري هٽي ڪائنس لاتعلقيءَ جو اظهار ڪيو. وري جڏهن آڪٽوبر جي وچ ڌاري شامين نئين سر فلسطينين ۽ لبنانين خلاف بيروت کان مٿيرو اونهاري واري مُند لاءِ عاليشان هنڌ ڀامدئون تي حملو ڪيو تہ عرفات عرب مدد لاءِ پنهنجي اپيل جي چِٽي پٽي وراٽي چاهي. ۱۴ آڪٽوبر تي هُن سعودي عرب جي ولي عهد شهزادي فهد سان فون تي ڳالهايو ۽ فلسطينين جي حالت کان کيس واقف ڪيائين. "آءٌ مسئلو نبيري ڏيندس" فهد چيو هو، "مون کي رڳو ڪجھ ڪلاڪ ڏيو." (۳۲)

عرفات ۽ خلاف بيروت ۾ سعودي سفير وٽ پناھ ورتي. ٻن ڏينهن اندر، عرب دنيا جا ڇھ اهم ترين اثرائتا ماڻهو، ڪويت، مصر ۽ سعودي عرب جا حاڪم ۽ ان ڇڪتاڻ ۾ سڌوسنئون ملوث، لبناني گهرو لڙائي جي انهيءَ خوني باب جي خاتمي لاءِ رياض جي وارياسي شهر ۾ گڏ ٿيا. 'ننڍو اجلاس' ٿيڻ جي موقعي تي، صدر اسد جنگبنديءَ جو اعلان ڪندي ارڙهن مهينن کان هلندڙ لڙائي بند ڪئي. ان گڏجاڻي کان پوءِ قاهره ۾ ٿيندڙ 'وڏيرڙي گڏجاڻي' ۾ عرب دنيا جي اڳواڻن لبنان ۾ نئون نظام لاڳو ڪرڻ جي اهميت کي مڃيو ۽ ان ملڪ کي ڌار ڌار اٿرن ۾ ورهائيندي شامي فوج جي اُتي مستقل موجودگيءَ کي باجواز ٺهرايو.

عرفات، جنهن کي هڪ ڀيرو ٻيهر سندس مالي سهائتا ڪندڙ عربن آخري مرحلي تي بچائي ورتو، عارضي طور تي پنهنجي ڪجھ قوت وڃائي ويٺو. اُگري حقيقت اها آهي تہ هو شام پاران ڏنل هيليڪاپٽر وسيلي لبنان مان نڪتو ۽ سعودي گاڏيءَ واري هنڌ ڏانهن هڪ شامي ايئرپورٽ تان اڏاڻو. ڇڪتاڻ ۾ پي- ايل- او کي پهتل نقصان انتهائي گهڻو هو، مارجي ويل ڪُل ٽيھ هزار فوتين مان پنج هزار فلسطيني هئا ۽ تحريڪ جا اندريان تضاد اڳي جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ تلخ ٿي سامهون آيا. صورتحال وڌيڪ خرب ان وقت ٿي جڏهن ڪجھ مهينا پوءِ پي- ايل- او جو اهم لبناني اتحادي هن دنيا ۾ نہ رهيو. ۱٦ مارچ ۱۹۷۷ع تي ڪمال جنبلاط کي سندس اباڻي گهر کان ڪجھ پريرو رستي روڪ واري هڪ شامي رڪاوٽ اڏو سندس ڪار ۾ قتل ڪيو ويو. ان قتل جو الزام ڏرڻ بابت ڪنهن کي بہ ڪو شڪ نہ هو.

اِهو عرفات لاءِ هر لحاظ کان ۱۹۷٦ع جي سرءُ کان پهچندڙ نقصان ۾ هڪ اضافو ئي هو. هُن، رياض ۾ پنهنجي قبضي واري لبناني ايراضيءَ تان پڻ هٿ ڪنيو هو، جنهن ۾ خود بيروت ۽ ڏاکڻي ليٽاني نديءَ جي وچ وارو وڏو شاهي شاندار علائقو پڻ شامل هو. پي- ايل- او چيئرمين هاڻ هڪ نئون ڪردار هٿ ڪرڻ جي

ڪوشش ڪئي. هُن رياست اندر هڪ حقيقي رياست جو سربراه بڻجڻ چاهيو. هن بيروت جي سليقي واري علائقي فاخانيءَ واري پنهنجي آفيس مان لبناني ضدين تي پي- ايل- او جا قاعدا قانون مڙهڻ شروع ڪيا. ان جو واحد مقصد ٻاهرين دنيا تي پنهنجو پاڻ کي باصلاحيت اڳواڻ ثابت ڪرڻو هو.

لبنان ۾ پي- ايل- او جي موجودگي، هر صورت ۾ بچائڻ جي ڪوشش هوندي بہ پُڄاڻيءَ جي ويجهو اچي پهتي هئي. اِهو اهڙو سگهارو اڏو هو، جنهن عرفات کي عرب حڪومتن جي بندشن جي مقابلي ۾ خودمختياري ۽ اسرائيل جي اٽڪ دشمنيءَ واري ماحول ۾ سک جو ساهه کڻڻ جي وٿي ڏني هئي. ان ڪيس اولهائن ملڪن: خاص طور تي آمريڪا سان، جنهن سان ڳالهيون شروع ڪرڻ سندس وڏي خواهش هئي، پنهنجا اختلاف ختم ڪرڻ جا نوان موقعا پڻ ڏنا.

حوالا

باب اٺون

١- صلاح خلف انٽرويو، تيونس، آگسٽ ١٩٨٩ع.

٢- وليد خالدي انٽرويو، لنڊن، آڪٽوبر ١٩٨٩ع.

٣- سليمان فرنجيءَ جي ڪڏيل قومن آڏو تقرير، Journal of Palestine Studies، جلد چوٿون، نمبر: ٢، سيارو ١٩٧٥ع ۾ ڇپيل.

٤- ڪمال صليبي، Cross roads to Civil War: Lebanon 1958- 76 لنڊن، ١٩٧٦ع، صفحو: ٩٨.

٥- وليد خالديءَ جي لکيل Conflict and Violence in Lebanon: Confrontation in the Middle East ڪيمبرج، ميساچوسٽس، ١٩٧٩ع، صفحو نمبر: ١٨٥ تان ڪنيل.

٦- محمود رياض انٽرويو، قاهره، مئي ١٩٨٩ع، رياض اُن وقت مصري پرڏيهي وزير هو ۽ بعد ۾ عرب ليگ جو سيڪريٽري جنرل بڻيو.

٧- وليد خالدي انٽرويو، ڪيمبرج، ميساچوسٽس، نومبر ١٩٨٩ع.

٨- ممدوح نوفل انٽرويو، تيونس، آگسٽ ١٩٨٩ع.

٩- صخرابونزار انٽرويو، تيونس، سيپٽمبر ١٩٨٩ع.

١٠- ياسر عبدالربہ انٽرويو، تيونس، آگسٽ ١٩٨٩ع.

١١- وليد خالدي انٽرويو، لنڊن، آڪٽوبر ١٩٨٩ع.
١٢- صلاح خلاف انٽرويو، لنڊن، آڪٽوبر ١٩٨٩ع.
١٣- ليڪڪن سان انٽرويو، لنڊن، نومبر ١٩٨٩ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
١٤- وليد خالدي انٽرويو، لنڊن، آڪٽوبر ١٩٨٩ع.
١٥- صخرابونزار انٽرويو، تيونس، سيپٽمبر ١٩٨٩ع.
١٦- پي- ايل- او جي لوڪ داستان جو هڪ مشهور ٽڪرو.
١٧- ابواياد My Home, My Land، نيويارڪ، ١٩٨١ع، صفحو نمبر: ١٧٢
١٨- وليد خالدي انٽرويو، لنڊن، آڪٽوبر ١٩٨٩ع.
١٩- ڏسو نمبر: ١٧ جو صفحو: ١٦٩.
٢٠- فتح جي سينيئر انٽيليجنس عملدار سان انٽرويو، قاهره، مئي ١٩٨٩ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
٢١- ساڳيو.
٢٢- عديد دوشيد Syria and Lebanese Crisis لنڊن، ١٩٨٠ع.
٢٣- ڏسو نمبر: ٥ جو صفحو نمبر: ٥٢.
٢٤- Fiches du Monde Arabe، ١٨ آڪٽوبر ١٩٧٨ع، نمبر: ١٠٩٣.
٢٥- ڏسو نمبر: ١٧ جو صفحو نمبر: ١٨٤.
٢٦- ساڳيو.
٢٧- Fiches du Monde Arabe، ٢١جنوري ١٩٨١ع، نمبر: ١٧٩٨.
٢٨- ڪمال جنبلاط، This is my Legacy، پئرس، ١٩٧٨ع، صفحو: ١٠٥.
٢٩- صلاح خلف انٽرويو، تيونس، آگسٽ ١٩٨٩ع.
٣٠- ليڪڪن کي ڏنل انٽرويو، لنڊن، جولاءِ ١٩٨٩ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
٣١- خليل الوزير جي هڪ نائب سان انٽرويو، مئي ١٩٨٩ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
٣٢- ڏسو نمبر: ١٧ جو صفحو نمبر: ١٩٦.

(٩)

آمريڪي چانئٽ تي

'اسرائيل جي چابي آمريڪا وٽ ئي آهي.' ياسر عرفات
ٽائيم رسالي کي انٽرويو ڏيندي. ١١ نومبر ١٩٧٤ع.

سائرس وانس هڏائي سگهندو تہ سعودي عرب جي الهندي جبلن ۾ سنگ مرمر واري ايئرپورٽ تي سندس جهاز پهچڻ مهل ڪهڙي اٿينٽي ڳالھ ٿي هئي. جتي هڪ ڏينهن اڳ خوشفهمي ڇوٽ چڙهيل هئي ۽ هاڻ باز جهڙن مهاندن واري سعودي پرڏيهي وزير جي چهري تي اداسيءَ جا پاڇا تري آيا هئا. هو آمريڪي پرڏيهي سيڪريٽريءَ کان موڪلائڻ واسطي ايئرپورٽ آيل هو. جيئن ئي اُداس شهزادو سعود الفيصل ڳالهين جي آخري دور لاءِ ڪيس وي- آءِ- پي لائونج ڏانهن وٺي آيو، وانس پنهنجو پاڻ کي اُگريون خبرون هڏڻ لاءِ تيار ڪيو. 'عرفات رابطي ۾ آهي.' جيئن ئي هو آگسٽ جي اُلا وَسائيندڙ گرميءَ ۾ ٻاهر آيا، ڪيس هڏايو ويو. "هُن چيو تہ وٽس هاڻ ڪابہ ڳالھ باقي ناهي رهي. هو موقعو وڃائي چڪو آهي." (١)

پنهنجي گهٽ ڳالهائُو انداز ۾ آمريڪي سفارتڪار شهزادي جي مايوسيءَ ۾ حصيدار بڻيو هو. چوويھ ڪلاڪ اڳ ٧ آگسٽ ١٩٧٧ع تي، انهن ٻنهي جڻن سمجهيو هو تہ اُهي وچ اوڀر سفارتڪاريءَ ۾ ڏونڌاڙ آڻڻ جي ويجهو اچي پهتا آهن. طائف واري جابلو شهر ۾ سعودي شاهي ڪٽنب جي اونهاري واري رهائشگاھ جي دوري دوران عرفات واعدو ڪيو هو تہ هو اسرائيل جي وجود واري حق کي مڃڻ لاءِ پنهنجي ساٿين تي زور ڀريندو. اهو قدم جيڪو ڀرپور عرب- اسرائيل ڳالهين جي راھ کولي پئي سگهيو ۽ صدر جمي ڪارٽر جي انتظاميا کي سندس پهرين ئي سال هڪ اهم سوڀ ڏياري پئي سگهيو. گذريل رات دمشق ۾ پي- ايل- او چيئرمين پاران پنهنجي مقصد ۾ ناڪامي، وچ اوڀر امن ڪاوشن ۾ فلسطينين کي شامل ڪرڻ جي خواهشمند آمريڪا، سعودي عرب ۽ ٻين سمورين ڌرين کي ورائي پوئين ڏاڪي تي آڻي بيهاريو.

ڇهن مهينن ۾ وچ اوڀر جي پنهنجي ٻئي دوري تي آيل وانس ڳوري دل سان اسرائيل روانو ٿيو. هُن پي- ايل- او کي واشنگٽن سان سڌوسنئون رابطو ڳنڍڻ ۾ حائل رڪاوٽون ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجي سر هر ممڪن ڪوشش ڪئي. ان ڏس ۾ ضمانتي هئڻ ڪري ڪيس يروشلم جي سخت گير قيادت جو غيردوستاڻو رويو پڻ

پوڳٽو پيو. ان هوندي بہ سندس درد جو درمان نہ ٿيو هو. (٢)

٨٥٠ سيل پري دمشق ۾ ويٺل عرفات لاءِ اِها اهڙي نامرادي هئي، جيڪا هاڻ تہ جڻ سندس قسمت بڻجي وئي هئي. آمريڪي مجتا لاءِ اتاولو عرفات، صدر ڪارٽر جي سال جي شروع ۾ قائم ٿيندڙ حڪومت کي سعودي، مصري ۽ شامي ٿياڪڙن وسيلي موهيندڙ سنيها اُماڻي رهيو هو. هاڻ سندس ساٿين سندس حڪمت عملين جا گس روڪي ڇڏيا هئا. گڏيل قومن واري علائقي جي سمورين رياستن کي وجود جو حق ڏيڻ بابت اهم نُهراءُ تي آمريڪا سان ڳالهين جي موٽ ۾ پي- ايل- او جون فرمائشون سولائي سان هضم ٿيڻ جوڳيون هيون. هڪ اهم ترين سياسي موقعو هٿن مان نڪتو پئي ويو.

ان جو بنياد اِهو هو تہ ١٩٧٧ع وارو سال معمول جي اُبتڙ اميدن ڀريا اهڃاڻ ڪٺي شروع ٿيو هو. لبنان ۾ تباهيءَ کان سعودين هٿان بچايل فلسطيني، پنهنجو پاڻ کي انتهائي طوفاني رفتار سان بحال ڪري اسرائيل خلاف ٻيهر جنگ جوٽڻ لاءِ پنهنجا دستا ملڪ جي ڏکڻ ۾ مقرر ڪري رهيا هئا. بچي نڪتل لازوال عرفات، هر ڪنهن جي توقع کان وڌيڪ سرگرمي ڏيکاري. هُن هڪ تہ عرب سياست پٽاندڙ شامي صدر حافظ الاسد سان جنگي حالت ختم ڪري امن بحال ڪيو. ٻنهي اڳواڻن هڪٻئي جي برطرفيءَ جا مطالبا ڪرڻ کان ڪجهہ ئي مهينا پوءِ گڏجي تصويرون ڇڪرايون، جيڪي دمشق جي سرڪاري وس واري سڌسماءُ جي ادارن ۾ نمايان طور شايع ٿيون. (٣)

هاڻ، وقتي طور تي وڌيڪ نقصان کان بچيل پي- ايل- او اڳواڻ پنهنجو پاڻ کي سفارتڪاري ۽ بحث مباحثي جي هڪ نئين ڪرت ۾ لڳائي ڇڏيو. صدر ڪارٽر واري حڪومت جي شروعات سان عرب رياستون وچ اوير ۾ هڪ وڌيڪ آمريڪي ٿياڪڙيءَ لاءِ پنهنجو پاڻ کي تيار ڪري رهيون هيون ۽ پي- ايل- او ٻيهر پنهنجن سياسي مقصدن بابت ويچارڻ شروع ڪيو.

مارچ جي وچ ۾، تنظيم جي پارليامينٽ فلسطيني قومي ڪائونسل جو قاهره ۾ اهم اجلاس سڏايو. ڪائونسل جو گذريل اجلاس ذري گهٽ ٽي سال اڳ ٿيو هو ۽ ان جو مسلسل غيرسرگرم هئڻ فلسطيني تحريڪ جي ابتريءَ جو اظهار هو. نمائندن گڏ ٿي انهن سالن ۾ آيل تبديلين تي ويچارڻ شروع ڪيو. اسرائيلي والاريل علائقن ۾ رهندڙ فلسطيني وڌيڪ ثابت قدم دعويدار بڻيل هئا. اولهندي ڪناري ۽ غزه واري پٽيءَ جي رهواسين ١٩٧٦ع ۾ اسرائيل پاران ڪرايل مڪاني چونڊن ۾ پي- ايل- او جي حمايتي اميدوارن کي وڏي تعداد ۾ ووٽ ڏنا ۽ هاڻ هو گهُر ڪري رهيا هئا تہ جلاوطن قيادت سياسي نباهہ جي ضرورت بابت سندن نقطہِ نظر تي ڪن ڌري. پي- ايل- او بہ پنهنجي سر لبناني تجربي جي روشنيءَ ۾ ماٺيي ۾ آيل هئي. تنظيم تي عرفات جي ڪنٽرول کي ڪو هاڃو رسائڻ بدران لبناني گهرو

لڙائي سندس ڪاهي تہ وارن مخالفن جي پيٽ ۾ سندس حيثيت اجائين سگهاري بڻائي هئي. جارج حباش جو پاپولر فرنٽ، جيڪو انهن واقعن جو سرواڻ هو، جن فلسطينين کي ٽڪراءُ ۾ ڌڪيو هو، ٽوڙڦوڙ ۽ مايوسيءَ سبب عرفات جي سياسي مقصدن جي مزاحمت نہ ڪري سگهيو.

نتيجي طور، قاهره واري ڳڌجاڻي ڪيترائي اهڙا قدم کنيا، جيڪي جون ١٩٧۴ع ۾ آخري ڀيرو ٿيل ڳڌجاڻي ۾ ناممڪن هئا. اُن کلي طرح 'ماتر ڀوميءَ' تي 'آزاد قومي رياست' قائم ڪرڻ جي ڳالهہ ٿي ڪئي. (۴) ان ريت اولهندي ڪناري ۽ غزه ۾ ننڍڙي فلسطيني رياست واري مقصد تي اجان تائين پيل اونداهو پڙدو هٽايو ويو. ان عالمي امن ڳالهين ۾ قبولڻ جوڳن شرطن تي پي- ايل- او جي شرڪت تي راضپو ٿي ظاهر ڪيو. ميڙاڪي انتهائي متنازعي بڻيل انهن خفيا رابطن تي پڻ بحث ڪيو، جيڪي گذريل سال کان عرفات جي ساٿين ۽ ڪاهي تہ جي اسرائيلين ۾ قائم ٿيا هئا. انهن ڳالهين جو مرڪزي ڪردار اسام سرتاوي شروعاتي مرحلي ۾ تہ تيز حملن جو شڪار بڻيو، پر خود عرفات پاران سندس سرگرم بچاءُ کان پوءِ فلسطيني چڱن مڙسن جي اجتماع کيس تاڙين جي گونج ۾ خراج پيش ڪيو.

ڳڌجاڻي جو آخري بيان انهن پي- ايل- او اڳواڻن لاءِ اتساهيندڙ هو، جيڪي ١٩٧٧ع جي شروع کان پيدا ٿيندڙ حالتن جي نتيجي ۾ امن ڪوششن جا حمايتي هئا. ياسر عرفات لاءِ، جيڪو هڪ ڀيرو ٻيهر، پنهنجي ساٿين جي ڏنل ڪجهہ انچن کي هڪ ميل تائين ڇڪي ويو، اِهو واعدن ۽ ڏکائين سان ڀرپور سياسي ڪرت لاءِ ڪوشش ڪرڻ جو اشارو هو، جيڪو آمريڪا ۽ ان جي سهڪاري نئين صدر جمي ڪارٽر تائين پهچڻ لاءِ ڪافي هو.

عرفات گهڻي وقت کان آمريڪا کان ڇرڪيل ۽ ساڳي وقت ويجهڙائپ پيدا ڪرڻ جو خواهشمند هو. هُن فقط اِهو ٿي چاهيو تہ سندس موقف اُتي ٻُڌو وڃي، جتي ان جي ڪا اهميت بہ هجي، يعني اُهو ملڪ جنهن جي پٺڀرائي تي اسرائيل ٻهڪي ۽ ڇهڪي رهيو هو. سوال اِهو ٿي اُٿيو تہ اِهو ٿئي ڪيئن؟

پي- ايل- او ان ڏس ۾ خرطوم ۾ آمريڪي سفير کي اغوا ڪري کيس قتل ڪرڻ واري دهشتگرديءَ کي بہ آزمايو. ان سان گڏوگڏ کليل ڌمڪيون ڏنيون، عرفات صدر نڪسن جي قومي سلامتيءَ واري صلاحڪار هينري ڪسنجر کي سياسي سنيها اماڻڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي. ايستائين جو هُن گڏيل قومن جي منبر کي پڻ آمريڪي راءِ عامہ کي اپيل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو: "آءٌ توهان کان سڌو سادو اِهو سوال ٿو ڪريان تہ فلسطين جي اصلي رهواسين آمريڪي عوام جو ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي؟" نومبر ١٩٧۴ع ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ ۾ پنهنجي تقرير دوران هُن ميار ڏيندڙ انداز ۾ پڇيو هو، "توهين آخر اسان سان دشمني ڇو ٿا

ڪريو؟." (٥)

پر ان جو ڪوبہ ڪڙتيل نہ نڪتو. عرفات جا ڪسنجر ڏانهن اظهار، جنهن ڪي هُن اڳتي غيرپسنديده انداز ۾ آمريڪي سياست جو غيرلاپائتو پارو سڏيو- جي وراڻي رڳو جنرل والٽرس ذريعي مليل ڌمڪيءَ جي صورت ۾ ظاهر ٿي. (٦) مٿس 'دهشتگرد' وارو ليبل چهڻايو ويو. آمريڪا جي اسرائيل لاءِ انتهائي حمايت پي- ايل- او ۽ ان جي عمل لاءِ خدا واسطي وير پڻ هئي. اِها رڪاوٽ ڀاهڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندڙ عرفات، پنهنجي عهد جو وڏو وقت ان تي لڳائيندو رهيو ۽ پنهنجن فلسطيني نقادن جي اٽڪل تنقيد لاءِ جواز پڻ پيدا ڪري ڏنائين.

عرفات جي واشنگٽن وارن جي دلين ۾ جاءِ پيدا ڪرڻ واري خواهش ڪڏهن ڪڏهن تہ عجيب انداز ٿي اختيار ڪيا. انهن مان هڪ لبنان ۾ جاسوسيءَ متعلق سهڪار پڻ هو، جتي پي- ايل- او اڳواڻ پنهنجي ذاتي سلامتيءَ واري سربراه ۽ ويجهي اعتماد جوڳي علي حسن سلامہ کي آمريڪي سي- آءِ- اي سان ڏيٺ ويٺ جي راه ڪولڻ جو اختيار ڏنو. سهڻين عورتن ۽ تيز ڪارن جي شوقين سلامہ سان ١٩٧٠ع واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ بيروت ۾ سي- آءِ- اي جي هڪ ايجنٽ رابرٽ ايمس ٽياڪڙن وسيلي رابطو ڪيو. اِهو بلڪل متضاد جوڙ هو. بگهي قد وارو ايمس، جنهن جون اکيون سدائين ڪارن شيشن واري چشمي ۾ لڪيل هونديون هيون، چالاڪ سلامہ سان ميل جول ۾ رڌل هو. ايندڙ وقت ۾ جڏهن سندن رابطي جي ڳالھ ڦاٽ ڪاڏو تہ ان تمام وڏي تنازعي کي جنم ڏنو. بهرحال، سلامہ جو بدنام بليڪ سيپٽمبر دهشتگرد تنظيم سان تعلق ۽ آمريڪين تي جُلهون ڪيس سي- آءِ- اي کي مسلسل جاڻ ڏيڻ کان روڪي نہ سگهيون. "سلامہ اسان جو اهم رابطو هو ۽ اهو اسان کي آمريڪا مخالف هٿياربند گروپن جي رٿائن متعلق ڪافي جاڻ ڏيندو هو." ١٩٧٦ع ۾ صدر فورڊ جي خاص رازدار طور بيروت اُماڻيل هڪ سينيئر آمريڪي سفارتڪار ٽيلڪوٽ سيلئي ٻڌائي ٿو: "انهي جاسوسيءَ سبب سفارتخانو اڪثر چالبازين کان ڪم وٺندو هو، جن ۾ سفر جي دوري وارا پروگرام بدلائڻ بہ شامل هو." (٧)

اِهي ناتا نومبر ١٩٧۴ع ۾ عرفات جي دوري دوران نيويارڪ جي ويلڊرف اسٽوريا هوٽل ۾ سلامہ ۽ سي- آءِ- اي جي هڪ اهم عملدار وچ ۾ ٿيل ملاقات ۾ اڃائين سگهارا ٿيا ۽ اِهي لبناني گهرو لڙائي ۾ انتهائي اهم بڻجي ويا، جڏهن پي- ايل- او جو اولھ بيروت جي ساموندي ڪناري واري علائقي تي قبضو هو، جتي آمريڪا ۽ ٻين اولهائن ملڪن جا سفارتخانا هئا. سلامہ آمريڪي سي- آءِ- اي کي خاص طور تي لبناني صورتحال متعلق چڱي خاصي جاڻ پهچائي، انهن مان ڪيترين ئي رپورٽون تہ لکت ۾ هيون. هڪ پيرو هُن آمريڪي سفير ڊين برائون جي زندگيءَ لاءِ خطري بابت اشارو ڏنو. انهيءَ چڱائي جي موٽ ۾ واشنگٽن ڇھ

سال پوءِ عرفات کي ذاتي طور تي ڪيس قتل بابت هڪ شامي رٿا کان خبردار ڪيو. ڪجھ اڳواٽ آمريڪي عملدارن موجب، سلامہ، رابرٽ ايمس ۽ عرفات جي پڻ هڪ خفيا ملاقات ڪرائي.

گهرو لڙائي جي عروج وارن ڏينهن ۾، هڪ اهڙو واقعو پيش آيو، جنهن ان خلاف معمول سڪيورٽي سهڪار کي پڌرو ڪري وڌو. ١٦ جون ١٩٧٦ع تي آمريڪي سفير فرانسس ميلوئي پنهنجي اقتصادي ڪائونسلر سان گڏ صدر الياس سارڪيز سان ملاقات لاءِ نڪتو. گاڏيءَ واري شهر کي ورهائيندڙ سائي پٽيءَ ويجهو ميوزيم روڊ تي، جيڪو تن ڏينهن ۾ انتهائي خطرناڪ هنڌ هو، بندوق بردارن ڪين روڪيو ۽ ٻنهي سفارتڪارن ۽ سندن ڊرائيور کي اغوا ڪري ورتو. مايوسيءَ واري حالت ۾ مدد حاصل ڪرڻ لاءِ، سفارتخاني جي عملي پي- ايل- او سان رابطو ڪيو، پر ٽيستائين دير ٿي چڪي هئي. ڪيترن ئي ڪلاڪن ڪانپوءِ، فتح جي انٽيليجنس آفيسرن سفير سميت ٽنهي ڄڻن جا گولين سان پرُڻ ٿيل لاش اولهہ بيروت ۾ سمنڊ جي ڪناري هڪ ڪچري جي ڍير تان لڌا. 'توهانکي اسان سان گهڻو اڳ رابطو ڪرڻ کپندو هو.' هڪ فلسطيني سڪيورٽي آفيسر فون تي رُکي لهجي ۾ چيو: "جيڪڏهن اسان کي جلدي خبر پوي ها تہ انهن کي قتل ٿيڻ کان بچائي وٺون ها." (٨)

ايندڙ اُن ڏينهن تائين فتح جو انٽيليجنس چيف صلاح خلف انهن قتلن جي مڪمل جاچ ڪندو رهيو. سندس همراهن سفير جي وڏي شاهي گاڏي اولهہ بيروت جي هڪ ڪباڙخاني مان هٿ ڪئي ۽ اهو انومان لڳايائون تہ اهي قتل هڪ غيرمصروف گروپ، امڪاني طور تي، عراقي ڇُرچ تي ڪيا آهن. (٩) آمريڪي عملدار انهيءَ ڪارڪردگيءَ کان ڪافي متاثر ٿيا. "مون کي سندن ڪيل نتيجي تي ڪوبہ شڪ ناهي.' بيروت ۾ هڪ اڳوڻو آمريڪي سفير ٻڌائي ٿو. "هُنن انتهائي جانفشانيءَ سان ڪم ڪيو هو." (١٠)

ان مرحلي کان پي- ايل- او بيروت ۾ آمريڪي ۽ ٻين اولهائن ملڪن جي سفارتڪارن لاءِ اهم محافظ بڻجي وئي. جيئن، آمريڪين سان فلسطينين جو رابطي ڪار ۽ پي- ايل- او جي سياسي ڪاتي جو هر دلعزيز ڊائريڪٽر عبداللطيف ابوحجلہ (ابوجعفر) ٻڌائي ٿو: "انهن قتلن کان پوءِ، ٻہ آمريڪي عملدار مون سان مليا آيا. هُنن چيو تہ نئون آمريڪي سفير مقرر ڪيو پيو وڃي ۽ جيڪڏهن ساڻس ڪو اُگرو واقعو پيش آيو تہ ان سان آمريڪي راءِ عامہ ۾ هراس پکڙبو. اسان کي خبر آهي تہ سڄو علائقو توهان جي هٿ وس آهي." هُنن چيو، "تنهنڪري توهين ئي سفير جي سلامتيءَ لاءِ ڪجھ ڪري سگهو ٿا.' (١١) جڏهن بيروت ۾ جنگ هلندي فلسطينين آمريڪي عملدارن لاءِ محافظ طور بندوق بردار ٽرڪون مهيا ڪيون ۽ جڏهن اهم آمريڪي عملدارن کان سواءِ باقي سموري سفارتي عملي کي سمنڊ

وسيلي ملڪ کان ٻاهر ڪڍڻ جو فيصلو ڪيو ويو ته علي حسن سلامه ئي حفاظتي انتظامن جو جائزو وٺندو رهيو. پي- ايل- او جي سهڪار کي خود صدر فورڊ به وڏي واڪ تسليم ڪيو ۽ عرفات هينري ڪسنجر وٽان ٽورن جو هڪ خط وصول ڪيو. جيتوڻيڪ ان ۾ تنظيم يا ان جي اڳواڻ کي نالي سان مخاطب نه ڪيو ويو هو. (١٢)

خود سلامه لاءِ، آمريڪين سان سندس رابطي جا اُگرا نتيجا نڪتا. انهن واقعن کان ذري گهٽ ٽي سال پوءِ اسرائيلي خفيا اداري موساد کيس بيروت ۾ هڪ ڪار ڌماڪي ذريعي مارائي ڇڏيو. هو ١٩٧٠ع واري ڏهاڪي جي شروع ۾ دهشتگرد گروپ بليڪ سيپٽمبر ۾ پنهنجي سرگرمين سبب اسرائيلي ڪاوڙ جو نشانو بڻيل هو. پر سي- آءِ- اي سان سندس ناتن ڪري موساد جي حسد هُن مان جان ڇڏرائڻ لاءِ اهم ڪردار ڪيو هوندو. (١٣)

١٩٧٦ع ۾ جڙيل نمونو ايندڙ ڇهن سالن تائين لبنان ۾ سفارتي جيوت جي اهم سچ بڻجي ويو. هاڻ پي- ايل- او اولهه بيروت جي خودمختيار اختياريءَ طور پنهنجا اختيار استعمال ڪرڻ شروع ڪيا ۽ گاديءَ واري شهر جي مسلم آباديءَ وارن علائقن ۾ پنهنجي حيثيت جي ثبوت طور، ان اولهائن ملڪن جي سفارتخانن ٻاهران محافظ مقرر ڪرڻ ۽ ڪين مسئلن جو اڳواٽ چتاءُ ڏيڻ شروع ڪيو. پر خاص طور تي آمريڪين لاءِ عرفات جي ماڻهن اهم جاءِ والاري هئي. ڪيترن ئي ڏينهن تي، آمريڪي سفير جي آفيس پي- ايل- او کي سندس شيڊول کان فون تي آگاهه ڪندي رهي ۽ اڪثر پي- ايل- او ئي کيس شهر يا ڏاکڻين لبنان جي فلسطيني علائقن ۾ دورن لاءِ محافظ ڏيندي هئي. تيل جي کوٽ دوران تنظيم آمريڪي سفارتخاني کي مفت تيل پڻ ڏنو. (١٤)

پنهنجي روايت کان هٽي آمريڪين جي مدد ڪندي، عرفات هرويرو ڪا دوستي نه پئي نيائي، پر هُن سادگيءَ ۾ اهوئي تصور ٽي ڪيو ته اهڙيون سرگرميون آمريڪا ۽ پي- ايل- او وچ ۾ سياسي ڳالهين ۾ حائل رڪاوٽن کي ڇانگينديون. سيپٽمبر ١٩٧٥ع ۾ مصر سان فوجون واپس وٺڻ واري ٺاهه تي اسرائيلي صحيحن جي عيوض، آمريڪي پرڏيهي وزير هينري ڪسنجر تي امڪاني طور تي ان ڳالهه لاءِ زور پريو ويو هو ته پي- ايل- او سان اوستائين ڳالهيون نه ڪيون وڃن، جيستائين اُها اسرائيل جي وجود واري حق کي تسليم ڪرڻ سميت سخت سياسي شرطن تي نٽي اچي. اسرائيلي حڪومت اِها گُهر سوچي سمجهي ئي ڪئي هئي، ڇاڪاڻ جو ڪين پڪ هئي ته فلسطيني اِها پوري ڪرڻ ۾ هر صورت ۾ ناڪام ٿيندا. ان جو نتيجو آمريڪا سان ڳالهين وارو دروازو عرفات لاءِ بند ٿيڻ هو.

ان سان ڪو فرق نٿو پوي ته هن اِها پابندي هٽائڻ لاءِ ڪهڙيون چالبازيون

سنئيون پر وقت گذرڻ سان جيئن پوءِ تيئن عرفات کي واشنگٽن سان رابطا ڳنڍڻ ۾ وڌيڪ ڏکيائيون ٿي ٿيون. رڳو آمريڪا ئي ان جو خواهشمند نہ هو. ايستائين جو ١٩٧٠ع واري ڏهاڪي جي وچ ڌاري سينيٽرن ۽ ڪانگريس جي ميمبرن جي هڪ اڪثڪ جلوس بيروت اچي عرفات جهڙي نادر شيءِ سان گڏجڻ چاهيو ۽ پي- ايل- او اڳواڻن کين مان ڏيندي زور زور سان امن لاءِ واڪا ڪيا. پر جڏهن انتظاميا سان ڪجھ طئي ڪرڻ جو مرحلو آيو ٿي تہ ڪيس ڪسنجر جي شرطن ۽ ڪانگريس ۾ اسرائيل جي حمايت ڪندڙ لابيءَ جي دٻاءُ وسيلي روڪيو ٿي ويو. عرفات هڪ انتهائي اهم مسئلي ۾ پڻ ڦاٿو ٿي، اهو هو اڻڄاڻائي. ڪيس يا سندس سرواڻ ساٿين مان ڪنهن کي بہ آمريڪي سياسي سرشتي جي طريقي ڪار بابت ڪا ڄاڻ نہ هئي. نتيجي طور هُن ٻاراڻي انداز ۾ تصور ڪيو تہ واشنگٽن ۾ اسرائيلي اثر کي رد ڪرڻ جو واحد حل عوامي دليلن وسيلي پنهنجو موقف بيان ڪرڻ بدران ڪارائتا خانگي رابطا پيدا ڪرڻ آهي. هُن سوچيو ٿي تہ جيڪڏهن هڪ ڀيرو هُن صحيح همراهن کي هٿ ڪري ورتو تہ پوءِ آمريڪا کي سندن ڳالھ سمجھ ۾ اچي ويندي ۽ پوءِ اسرائيل تي پڻ دٻاءُ وڌو ويندو. ’موجود راءِ اِها هئي تہ آمريڪا ڪنهن حد تائين عراق يا لبنان جو ڪجھ وڌسرو اظهار آهي ۽ اِهو فقط ٺيڪ ماڻهن تي ڌيان ڏيڻ يا درست رابطا قائم ڪرڻ جو سوال آهي. خود عرفات کان هيٺين سطح جا اُهي اڳواڻ، جن جي آمريڪا ۾ ڪا دلچسپي هئي، ان متعلق ڪجھ بہ نہ ڄاڻندا هئا: ۽ اڳي صورتحال سندن چڱ مڙسي جي هئي،‘ نيويارڪ ۾ فلسطيني نزاد آمريڪي پروفيسر ايڊورڊ سعيد جيڪو عرفات کي ڏکھي عرصي کان سڃاڻي ۽ کيس صلاحون ڏيندو رهيو آهي، ٻڌائي ٿو. (١٥)

ان غلط فهميءَ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ مسئلن ١٩٧٦ع ۾ هڪ عجيب ڏچو کڙو ڪري وڌو. ان سال آڪٽوبر ۾، آمريڪي صدارتي مهم جي عروج ۾، عرفات پنهنجي آمريڪانواز صلاحڪار اسامہ سرتاويءَ کي واشنگٽن ۾ پنهنجي آفيس کولڻ واري پلوڙ مشن لاءِ اُماڻيو. تيونسي سفارتي پاسپورٽ تي سفر ڪري اختيارين بابت مڪمل ڄاڻ سان گڏ پهچندڙ سرتاويءَ هڪدم پنهنجو پاڻ کي تمام وڏي سياسي راڙ ۾ ڏٺو. جڏهن هُن پرڏيهي کاتي پاران ملڪ ڇڏڻ واري حُڪم کي مڃڻ کان انڪار ڪيو تہ هينري ڪسنجر تيونس حڪومت کي آمريڪي خوراڪي رسد بند ڪرڻ جي ڌمڪي ڏئي کيس واپس گهرائڻ تي زور ڀريو. (١٦)

اِها ١٩٧٧ع جي شروع ۾ اقتدار ۾ آيل ڪارٽر انتظاميا پاران وچ اوڀر تي پنهنجي ڌيان ڏيڻ واري عمل کان متضاد صورتحال هئي. عرفات لاءِ جمي ڪارٽر جي آمد ڪنهن حد تائين اميد ڀري هئي، بس جيڪڏهن هو رڳو ڪسنجر کي پيش منظر تان هٽائي، جنهن کي پي- ايل- او اڳواڻ ١٩٦٠ع واري ڏهاڪي کان پاڻ تي ايندڙ ڪيترين ئي مصيبتن جو ڪارڻ ٿي سمجهيو ۽ ان ۾ رڳو اردن ۾ بليڪ

سيپٽمبر ١٩٧٠ع واري تباهي شامل نہ هئي پر عرفات کي پتو ئي نہ هو تہ ڪارٽر پنهنجي پيشروئن نڪسن ۽ فورڊ جي وچ اوير واري پاليسين ۾ ڪا وجهائتي تبديلي بہ ڪرڻ چاهي ٿو. جيئن پي- ايل- او جي معنيٰ خيز 'پرڏيهي وزير' فاروق قدومي فيبروريءَ جي آخر ۾ امن ڪانفرنس گهرائڻ جي آمريڪي قدمن بابت پڇيل هڪ سوال جي جواب ۾ چيو، "اسين سمجهون ٿا تہ آمريڪا رڳو ذريعي ڪجھ ڪرڻ چاهي ٿو نہ ڪي حقيقي قدم کڻي: اسين ان ڪارروائيءَ مان ڪا اُميد نٿا رکون، ڇاڪاڻ جو اها فقط آمريڪي چال آهي." (١٧)

ڪجھ ڏينهن کان پوءِ ئي، اجان فلسطيني قومي ڪائونسل جي قاهره واري اجلاس ۾ سفارش ڪيل نئين سياسي پروگرام جو ڇوهول هلندڙ هو، عرفات کي هڪ اهڙو صدارتي بيان مليو، جنهن کيس ٻيهر سوچڻ تي مجبور ڪيو. ١٦ مارچ ١٩٧٧ع تي، ميساچوسٽس ۾ ٽيل هڪ گڏجاڻي دوران جمي ڪارٽر خودرو طور تي وچ اوير بابت پنهنجي نقطءِ نظر جي وضاحت ڪئي. هلندڙ سال جي پڇاڙيءَ تي سمورين واسطيدار ڌرين کي ٻيهر جينيوا ۾ ٿيندڙ ڪانفرنس ۾ گهرائڻ بابت اُميد جو اظهار ڪندي، هُن انهيءَ ڳالهه جي حل لاءِ فلسطيني مسئلي تي ويچارڻ کي انتهائي اهم سڏيو. "ڪيترن ئي سالن کان ٻيڙائون ڀوڳيندڙ فلسطيني پناهگيرن لاءِ ديس جو بندوبست ڪبو." هُن دعويٰ ڪئي. (١٨)

عرفات اِهو تہ نہ ٿي ڄاتو تہ ڪارٽر جي پيڙا گهٽائيندڙ بيان جو ڇا ڪجي، پر جيڪڏهن اِهو آمريڪي صدر جي سوچ جي حقيقي ترجماني هو تہ، پوءِ ان جو مطلب اِهو هو تہ فلسطيني مسئلي بابت آمريڪي نقطءِ نظر ۾ ڪو وڏو انقلاب پئي آيو. ڪنهن بہ آمريڪي عملدار يا صدر هيل تائين ڇتي طرح فلسطينين جي ديس جي ڳالھ نہ ڪئي هئي، پر سدائين ان کي پناهگير مسئلو سڏي، اِهو وچ اوير جي موجود رياستن جي ڍانچي ۾ طئي ڪرڻ تي زور ڀريندا هئا. هاڻ ڪارٽر اسرائيلي ڪاوڙ کي ڀوڳڻ لاءِ سورهياڻپ جو مظاهرو ڪندي، پنهنجو پاڻ کي ان مقصد سان ڳنڍي رهيو هو، جيڪو خود فلسطينين جي حتمي مطالبي کي ڪافي ويجهو هو. عرفات پنهنجي اچرج جو اظهار هيئن ٿو ڪري: "جيڪڏهن اِهو صحيح آهي تہ پوءِ هُن مسئلي جي ان جڙ کي پڪڙي ورتو آهي، جنهن کان سواءِ نبيرو ناممڪن آهي." (١٩) خبرداريءَ سان مثبت انداز ۾ پنهنجي وراڻي موڪليندي، هُن هڪ ڀيرو ٻيهر واشنگٽن سان پيچ پائڻ جي ڪوشش ڪئي.

ڪارٽر کي احساس هو تہ پي- ايل- او کي شامل ڪرڻ کان سواءِ هو عرب اسرائيل ڳالهين واري رٿا کي سوڀارو نٿو بڻائي سگهي، تنهن ڪري هُن ۽ پرڏيهي وزير سائرس وانس عرب ۽ اسرائيلي اڳواڻن سان واشنگٽن ۽ وچ اوير ۾ جيئن ئي گڏجاڻين جو هڪ ڊگهو سلسلو شروع ڪيو، تہ ان نتيجي تي پهچڻ ۾ کين ڪا ڏکيائي نہ ٿي تہ انهن ۾ عرفات جي شرڪت انتهائي ضروري آهي. پي- ايل- او

اڳواڻ تي شايد مصري، سعودي ۽ شامي حڪومتن جو دٻاءُ هو، جن جي امن لاءِ ڪجهندڙ هر قدم ۾ انتهائي دلچسپي هئي، تہ هو اُهي جادوئي لفظ ٻولي جن سان سندس تنظيم ۽ واشنگٽن ۾ سڌوسنئون رابطو جُڙي سگهي. (٢٠) ان مرحلي ۾ اينڊرڙ ڪيترن نئي موقعن تي مسئلو ڪسنجر پاران طئي ڪيل پي- ايل- او آمريڪي ڳالهين متعلق ڏکيا شرط نئي هو. انهن ۾ خاص طور تي، فلسطينين کي گڏيل قومن جو ١٩٧٦ع وارو ٺهراءُ ٢٤٢ مڃڻ لازمي هو، جيڪو پي- ايل- او ڏمڪي ڀرئي انداز ۾ ڪيترو ئي وقت اڳ ٺڏي چڪي هئي. ان فلسطينين کي 'ٻناهگير مسئلي جي درست حل' کان سواءِ ڪجهہ بہ نٿي آڇيو ۽ پنهنجي آئيندي بابت پاڻ فيصلو ڪرڻ واري سندن مرڪزي گُهر کي مڪمل طور تي نظرانداز ٿي ڪيائين. اِها اهڙي ڪوڙي دوا هئي، جنهن کي پي- ايل- او جي ڳڙڪائڻ لائق بنائڻ لاءِ ڪارٽر کي انتهائي ڏکيائين کي منهن ڏيڻو ٿي پيو.

عرفات آمريڪي اعلانن سان گڏ شرطن تي خبردار هوندي بہ انهن تي اٽڪلي انداز ۾ وڌجي ويو. جون ۾ هُن سعودي ولي عهد شهزادي فهد وسيلي جواب اُماڻي وضاحت ڪئي، تہ فلسطيني اسرائيل کي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار آهن، پر شرط رکو اِهو آهي تہ موٽ ۾ کين پنهنجي رياست ڏني وڃي. ضد ڀري ورائي اِها آئي: 'پهرين گڏيل قومن جي ٺهراءُ کي مڃڻ بابت اشارو ڏنو وڃي، پوءِ ان تي ڪجهہ وڌيڪ ڳالهائبو.' اِهو ٢٤٢ نمبر ٺهراءُ تي پڙ ڪڍي ٻيهڻ جو معاملو هو. ان ڪري هئي ڏريون لفظن جي ٻن انتهائي ڇيڙن تي پهچي ويون، جتان فلسطيني پنهنجي اصولن تي سوديبازي ڪرڻ کان سواءِ آمريڪي گهرجون پوريون ڪري نہ پئي سگهيا. اونهارو پن ڇڻ ۾ بدلجي ويو ۽ اِهو چٽي طرح ظاهر ٿيڻ لڳو تہ هاڻ اِها مشق معتوب ٿجي چڪي هئي.

آگسٽ ۾ وانس سندس وچ اوڀر واري دوري دوران عرفات تي ڪنهن ڊنگ جي ڳالهہ ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيڻ جو الزام ڏريندي پنهنجن ٺياڪڙ قدمن جي شڪست جو اعتراف ڪيو. بيروت ۽ دمشق ۾ دليل بازي انتهائي تيز ٿي وئي ۽ پي- ايل- او اڳواڻ ايترو تہ جذباتي ٿي ويو جو، هڪ گڏجاڻي ۾ مُڪ هڻي هُن ميز تي رکيل گلاس ڀڃي ڇڏيو. (٢١) سيپٽمبر ١٩٧٧ع جي شروعات ڌاري جڏهن ڪارٽر پي- ايل- او کان ڳالهہ مڃرائڻ لاءِ آخري وار ڪيو تہ عرفات دهشت ۾ ورتل ڪنهن شخص جيان ردعمل ظاهر ڪرڻ لڳو. ڪارٽر جي ذاتي ڀيديءَ ۽ سندس زال جي ديني ڀاءُ لينڊرم بولنگ سان بيروت ۾ نائين ۽ ٻارهين سيپٽمبر جي وچ ۾ ڳالهين جي ٻڪهي سلسلي دوران، عرفات کي پنهنجن ٻن اهم عرب ٺياڪڙن مصر ۽ سعودي عرب وٽان متنازعي پيغام ملڻ جون شڪايتون ڪيون ويون. بليڪ ميل ٿيل عرفات، آمريڪي شرط نہ قبولڻ بابت ٻين عرب رياستن خاص طور تي شامي دٻاءُ هيٺ بہ هو تہ پنهنجي تنظيم جي ڏنگڙي سياست ۾ پڻ ڦاٿل هو. (٢٢)

انهن الزامن ۽ جوابي الزامن واري مفلوج ماحول ۾ پي- ايل- او سان ڳالهيون شروع ڪرڻ واري آمريڪي ڪوشش پڙڪي پڙڪي نيٺ اُجهامي وئي. ڪارٽر پنهنجن متنازعي بيانن ڪري، فلسطينين ۾ شڪ جي نظرن سان ڏٺو وڃڻ لڳو ۽ هُن اسرائيلي دٻاءُ جو شڪار ٿيندي پي- ايل- او سان رابطن وارن سمورن سرڪاري ذريعن تي پابنديون مڙهي ڇڏيون. (٢٣) پي- ايل- او جي دوست ليڪجنڊڙ عربن به ڪا مدد نٿي ڪئي، جن آمريڪين ۽ فلسطينين جي ڪيل اظهارن کي غلط معنائون پڻ ڏيڻ شروع ڪيون. ان ڏس ۾ ڪارٽر ٻه سال پوءِ پنهنجو تجربو اِهو ٻڌايو ته "هو ڪڏهن به اهڙي عرب اڳواڻ سان ملاقات نه ڪري سگهيو، جنهن اڪيلائي ۾ آزاد فلسطيني رياست بابت پنهنجي خواهش جو ڪو اظهار ڪيو هجي." (٢۴)

بهرحال حتمي مسئلو وري به فلسطيني قيادت وٽ قائل هو. اهڙي ڇتڪتائي ۽ دٻائن ۾ قائل عرفات ناه ڪرڻ جي حيثيت ۾ نه هو. ڪيس به پنهنجن ٻين سائين وانگر پڪ هو ته ڪٿي فلسطيني ڳالهين کان اڳ ئي جوڙ توڙ واري پنهنجي حيثيت کان محروم نه ٿي وڃن. تنهن ڪري اِهو معاملو بنان ڪنهن نتيجي جي پڄاڻي تي پهتو. واپاريءَ جو پُٽ هئڻ ناتي، هو ان ڳالهه تي ڳنڍ ڏئي ويهي رهيو ته هو قانونيت پرست آمريڪين کان ڪي رعايتون حاصل ڪري وٺندو، جڏهن ته حقيقت ۾ جوڙ توڙ لاءِ ڪا شيءِ هئي ئي ڪونه: اِهو ثقافتن جو ڪلاسيڪل ٽڪراءُ هو. پنهنجي ڪمزور حيثيت کي ذهن ۾ رکندي هُن نيٺ بولنگ ڪي چيو ته هو فقط ان شرط تي اڳتي وڌندو، جڏهن ڪارٽر پڻ فلسطيني رياست لاءِ ضمانت ڏيڻ جهڙي متنازعي ڪرت ڏيکاريندو.

صدر جي همراه نتيجو ڪڍيو ته پي- ايل- او اهم سياسي موقعو وڃائي چڪي آهي: "اها انتهائي اُگري صورتحال آهي، ڇاڪاڻ جو آءٌ سمجهان ٿو ته جيڪڏهن اُن خاص وقت تي اسين دريا اورانگهي وڃون ها ته پوءِ ان سان وڏو فرق پوي ها." (٢٥)

بعد ۾ عرفات ڪارٽر انتظاميا سان پنهنجي ڏي وٺ کي 'انتهائي خراب سبق' سڏيو ۽ دعوا ڪئي ته آمريڪا کيس دوکو ڏنو آهي. (٢٦) پر پنهنجن اهم لمحن بابت هو مڃي ٿو ته 'ٿي سگهي ٿو ته اسان ڪارٽر حڪومت دوران ڪو موقعو وڃايو هجي.' (٢٧) بهرحال، ان قسم جو مامرو ٻيهر وري نه ٿيو.

عرفات پنهنجو پاڻ کي آمريڪا آڏو پيش ڪرڻ جا ايترا ته لاڳيتا قدم کڻندو رهيو، جو ان حوالي سان سندس ڪجھ سائين کيس مذاق ۾ سُنڌ مائيءَ سان ڀيٽڻ شروع ڪيو. هُن ڪيترن ئي ٽياڪڙ ملڪن وسيلي آمريڪا کي پي- ايل- او جي مڃتا لاءِ سنيها اماڻيا ۽ اهل فلسطيني ٽياڪڙن وسيلي پڻ ان ڏس ۾ ڪوشش ڪئي. انهن ۾ ايڊورڊ سعيد ۽ وليد خالديءَ جهڙن عالمن ۽ دانشورن کان وٺي

شاهوڪار فلسطيني ٺيڪيدار حسيب صبّاغ شامل هئا. جنهن جا پنهنجي واپاري سرگرمين ڪري واشنگٽن ۾ سٺا رابطا هئا. اِهو ڳهٺي پاڳي مونجهاري جو نسخو بڻيو. هڪ مرحلي تي عرفات پنهنجي پسنديده ٺياڪرڻ سعودي عرب کي هدايو ته هو آمريڪي شرطن سان ٺهڪندڙ بيان ڏيڻ وارو آهي، جن جي تيل واري دولت ڪري واشنگٽن ۾ جوڳي ساک هئي. پر هو پنهنجي وت ڪان وڌيڪ ڳالهه ڪري رهيو هو، جنهن جي نتيجي ۾ هر ڌسا ڪان مايوسي ٿي ملي. بهرحال اِهو طئي آهي ته آمريڪين ان ڏس ۾ ۱۹۷۷ع جيتري سرگرمي ڪڏهن به نه ڏيکاري آهي، يا ايئن چئجي ته گهٽ ۾ گهٽ ۱۹۸۸ع تائين ته ايئن نه ٿيو آهي.

"اسان وٽ سڄي دنيا مان پيغام اچي رهيا هئا." پرڏيهي کاتي ۾ ٻگهي عرصي کان موجود هڪ عملدار ٻڌائي ٿو "مثال طور عرفات انڊونيشيا جي دوري دوران هڪ بيان ڏنو... ۽ پڪ ڄاڻو ته ان سان گڏ انڊونيشيائي حڪومت جي تار به پهچندي ته: توهين پي- ايل- او کي سمجهڻ جي ڪوشش ڇو نٿا ڪريو؟ توهين اِهو ڇو نٿا سمجهو ته جيڪڏهن اوهان معتدلن سان سهڪار نه ڪندا ته اُهي تباهه ٿي ويندا؟ اِهو ته جادو ئي ذڪر وانگر بڻجي ويو هو پر عرفات جو مسئلو اِهو هو ته سندس وس ۾ ڪجهه به نه هو." (۲۸)

عرفات سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر ۱۹۷۷ع دوران پنهنجي قيادتي ساٿين پاران پنهنجي ناهڪاري انداز ۽ هرويرو طوفان ڪرّا ڪرڻ واري رويي مان ٿورو گهڻو ضرور پرايو ته انهن حرڪتن ڪري سڄو معاملو غيرواسطيدار ڌرين ۾ ڦاسي پيو.

ٿورڻ ئي هفتن اندر پي- ايل- او اهڙي سياسي صدمي جو شڪار بڻي، جيڪو ڪيس مليل ڪجه اهم صدمن مان هڪ هو. وچ اوڀر واري سياست تي نياڳ وارا اهڃاڻ ظاهر ٿيڻ لڳا. مصر ۾، صدر انور سادات کي امن ڳالهين جي ايتري ته لوڙ ٿيڻ لڳي، جو هو پنهنجي عرب ساٿين سان گڏجي يا ڪانئن ڌار اڳتي وڌڻ لاءِ پر سورڻ لڳو ۽ اسرائيل ۾، مئي جي مهيني ۾ ٿيل عام چونڊن، اهڙي انتهاپسند نئين حڪومت کي اقتدار ۾ آندو، جنهن جي اڳواڻ، اڳوڻي يهودي دهشتگرد منهام بيگن ڪان فلسطيني ۱۹۴۰ع واري ڏهاڪي ڪان ڇرڪيل ۽ تاءُ ڪاڌل هئا.

حوالا

باب نائون

١- سائرس وانس انٽرويو، نيويارڪ، نومبر ١٩٨٩ع.
٢- ساڳيو.
٣- نيويارڪ ٽائيمز، ١٥ ڊسمبر ١٩٧٦ع.
٤- تيرهين فلسطيني قومي ڪائونسل جو پروگرام، هيليناڪوبان جي لکيل، The Palestinian Liberation Organisation
٥- ياسر عرفات جي گڏيل قومن ۾ تقرير، Journal of Palestine Studies جلد iv نمبر: ٢ ۾ ڇپيل.
٦- ياسر عرفات انٽرويو، تيونس، ڊسمبر ١٩٨٩ع.
٧- ٽيلڪوٽ سلئي انٽرويو، واشنگٽن، نومبر ١٩٨٩ع.
٨- ساڳيو.
٩- ابواياد My Home, My Land، نيويارڪ، ١٩٨١ع، ص: ٩٠- ١٨٩.
١٠- ليڪڪن کي ڏنل انٽرويو، واشنگٽن، نومبر ١٩٨٩ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
١١- عبداللطيف ابو حجله (ابوجعفر) انٽرويو، تيونس، سيپٽمبر ١٩٨٩ع.
١٢- ساڳيو.
١٣- صلاح خلف انٽرويو، تيونس، جون ١٩٨٩ع.
١٤- عبداللطيف ابوحجله (ابوجعفر) انٽرويو، تيونس، سيپٽمبر ١٩٨٩ع.
١٥-ايڊورڊ سعيد انٽرويو، نيويارڪ، نومبر ١٩٨٩ع.
١٦- يوري ايونيري، My Friend, The Enemy لنڊن، ١٩٨٦ع، ص: ٥- ١۴۴.
١٧- فاروق قدوميءَ جو الاهرام کي ڏنل انٽرويو، حوالي لاءِ نمبر: ۴ جو صفحو: ٨۴.
١٨- وليم ڪوانڊٽ، Camp David: Peacemaking and Politics واشنگٽن ١٩٨٦ع.
١٩- ياسر عرفات، ڊيوڊ هرسٽ ۽ ارديني بيسن جي لکيل Sadat، لنڊن، ١٩٨١ع، صفحو: ٢٥٧ تان کنيل.
٢٠- ڏسو نمبر: ١٨ جا صفحا نمبر: ۴٠ ۽ ٥٧.

٢١- ڏسو نمبر: ١٧ جو صفحو نمبر: ٨٩.

٢٢- ڏسو نمبر: ١٨ جا صفحا نمبر: ١٠١ ۽ ١٠٢.

٢٣- پرڏيهي ڪاتي جي اڳوڻن عملدارن سان انٽرويو، واشنگٽن، ١٩٨٩ع، نالا درخواست تي ڳجها رکيل.

٢٤- جمي ڪارٽر، نيويارڪ ٽائيمس، ١سيپٽمبر ١٩٧٩ع تان کنيل.

٢٥- سائرس وانس انٽرويو، نيويارڪ، نومبر ١٩٨٩ع.

٢٦- ياسر عرفات، نيويارڪ ٽائيمز، ٩مارچ ١٩٨٤ع تان کنيل.

٢٧- ياسر عرفات، الحيات، ١جنوري ١٩٩٠ع تان کنيل.

٢٨- ليڪڪن ڪي ڏنل انٽرويو، لنڊن، اپريل ١٩٨٩ع، نالا درخواست تي ڳجها رکيل.

(١٠)

بچاءُ ڏانهن

”جيڪڏهن توهين ڪنهن هلڻ کي به ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪندا ته اها به پنهنجو بچاءُ ڪرڻ تي لهي ايندي.“ عرفات جو ٽائيم رسالي کي انٽرويو. ١٩ اپريل ١٩٧٩ع.

٨ نومبر ١٩٧٧ع تي ياسرعرفات کي هڪدم قاهره پهچڻ لاءِ چيو ويو، جتي مصري نائب صدر حسني مبارڪ کيس پنهنجي صاحب انور سادات جا به عرض رسايا. پهريون اهو ته عرفات کي ٽريپولي وڃي، سادات ۽ لبيا جي اتاولي اڳواڻ ڪرنل قذافيءَ وچ ۾ هڪ تڪرار جي ٺاهڪڙي ڪرڻي هئي، ان ڪانپوءِ کيس مصري پارليامينٽ جي اجلاس ۾ سادات جي هڪ اهم تقرير ٻڌڻ لاءِ نينڊ ڏني وئي.

مصري فوجي جهاز ۾ لبيا ويندي ۽ اُتان موٽندي عرفات، جنهن کي اڳي ڪڏهن به مصري عوامي پارليامينٽ ۾ نه گهرايو ويو هو، سوچيندو رهيو ته سادات جيا ٿو چوڻ چاهي. سندس تجسس اوڏي مهل اجائين وڌي ويو، جڏهن قاهره موٽڻ تي کيس معلوم ٿيو ته سندس دير ڪرڻ ڪري اجلاس ۾ تاخير ڪئي وئي آهي ۽ سادات پنهنجي تقرير دوران ’پياري ۽ لاجواب‘ پي- ايل- او اڳواڻ تي ڳالهين جي گلن جي ٻرپور ورکا ڪئي. (١) ايستائين جو هو اسيمبلي ميمبرن ۽ ٻين معتبرن آڏو وچ اوڀر واري مسئلي جي حل لاءِ پنهنجي ڪيل ڪوششن جو ذڪر ڪندي چڱو خاصو جذباتي پڻ ٿي ويو پر سندسن اتاولائي جو تقرير سان ٺهڪاءُ ڪجھ گهٽ ئي نظر ٿي آيو.

پوءِ پنهنجي لکيل تقرير کان هٽي، صدر پنهنجي سر بمباري شروع ڪئي، ”آءٌ جينيوا وڃڻ جو خواهشمند آهيان، ايستائين جو دنيا جي هڻي ڇيڙي تي وڃڻ لاءِ تيار آهين.“ هن اعلان ڪيو: ”مونکي خبر آهي ته اسرائيلي وائڙا ٿي ويندا، جڏهن آءٌ چوان ٿو ته آءٌ سندس اسيمبلي ’ڪينسٽ‘ وڃي ساڻن ڳالهائڻ لاءِ تيار آهيان.“ (٢)

اِهو ظاهر هو ته بنان ڪنهن تياريءَ جي ڪيل سندس داڙ عرفات کي مچرائي وڌو، پر کيس سادات جي مقصد جو ڪوبه اولڙو صدر جي نائب يا وزيراعظم جي چهري تي نظر نه آيو. اکين ڏٺا شاهد چون ٿا ته جڏهن سادات پنهنجي تقرير ختم

ڪئي ته پي- ايل- او اڳواڻ هلڪيون تاڙيون وڄائي ان جي آجيان ڪندڙن ۾ شامل هو. جنهن عمل ڪيس پي- ايل- او ۾ پنهنجي مخالفن جي شديد تنقيد جو نشانو پڻ بڻايو. عرفات سادات جي تقرير تي جيترو ٿي سوچيو، اوتروئي مونجهارن جو شڪار ٿي ٿيو. تقرير ڪانپوءِ هُن سادات جي پرڏيهي وزير اسماعيل فهميءَ کي جهليندي دير ئي نه ڪئي، "ان جو مطلب ڇاهي؟." هُن پڇيو. "اهو سڀ ڪجهه سادات منهنجي موجودگيءَ ۾ ڇاڻي ڀڄهي چيو آهي؟ ڇا توهان مون کي ان لاءِ قاهره گهرايو هو؟." (٣) صورتحال کي سنڀالڻ لاءِ، فهميءَ ڪيس خاطري ڏياري ته صدر جي تقرير جي لفظي اُپٽار نه ونبي. جڏهن سادات مهمانن واري لائونج ۾ داخل ٿيو ته هُن پڻ وضاحت ڪندي چيو، سندس زبان ترڪي پئي هئي ۽ ان ڳالهه سان سهمت ٿيو ته سرڪاري ڪنٽرول ۾ سڏسماءَ جي ادارن تان ان تقرير کي ڇانگيو ويندو. (۴)

هاڻ عرفات اندر ئي اندر ۾ ڪامي پڄري رهيو هو. جيڪڏهن سادات حقيقتاً اسرائيل وڃڻ جو ارادو رکيو ٿي ته پوءِ ان جا نتيجا سوچ جي اڏامر ڪان گهڻو وڌيڪ هوندا ۽ اهو سمجهڻ غير اطمينان جوڳو هو ته هن اهڙي ڳالهه رڳو 'ڳالهه مان ڳالهه' طور ڪئي هئي. وڌيڪ اِهو ته عرفات جي موجودگيءَ مان سادات اِهو پڻ ثابت ڪرڻ ٿي چاهيو ته عرفات به ان سان سهمت آهي.

ڪيس ٿڌو ڪرڻ لاءِ نائب صدر حسني مبارڪ، عرفات کي پنهنجي هيليو پولس واري شاندار گهر وٺي ويو پر ان مان به ڪو ڪڙتيل نه نڪتو. ايندڙ ڏهن منٽن ۾ پي- ايل- او اڳواڻ ويجهي مصري ايئرپورٽ ڏانهن وڃي رهيو هو. "منهنجي ٻيهر مصر اچڻ کي هاڻ سال لڳندا." هُن دمشق رستي لبنان وڃڻ لاءِ جهاز تي سوار ٿيندي پنهنجي ساٿين کي ڪاوڙ وچان چيو هو. اِهي پيغمبرانا لفظ ثابت ٿيا. ايندڙ ڇهن سالن جي ڊگهي عرصي تائين عرفات ان شهر ۾ پير نه رکيو جتي جائو هو.(٥)

بيروت واپسيءَ تي عرفات هراسجي پنهنجن ساٿين آڏو شڪ جو اظهار ڪيو. اجان ڪين پڪ نه هئي ته سادات جو اُهو ئي مقصد هو جيڪي هُن چيو هو. پڪ سان، مصري اڳواڻ اهڙي ڪنهن قدم بابت، جيڪو ڪيس رات پيٽ ۾ باقي عرب دنيا کي ڪٽي ڇڏي، وسيع عرب اسرائيلي ڳالهين جي اميدن تي پاڻي ڦيرڻ ۽ سڀ کان وڌيڪ اِهو ته هڪ ڏار امن لاءِ زور ڀري فلسطيني ڪاز کي ترڪ ڪرڻ جو سنجيدگيءَ سان سوچي به نه پئي سگهيو. سادات پنهنجي خودڪلاميءَ جو مظاهرو ڪري رهيو هو يا وري رڳو اوله جي راءِ عامہ سان ڪيڏڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

پي- ايل- او اڳواڻ ڏڦيڙ تي قابو پائڻ ۾ رُڌل هئا. ١٦ نومبر ١٩٧٧ع تي سادات صدر اسد کي پنهنجي يروشلم واري رٿيل دوري جي مخالفت نه ڪرڻ تي راضي ڪرڻ لاءِ دمشق جو اڻ لاڀائتو دورو ڪيو ۽ ٿي ڏينهن پوءِ فلسطينين توائي

مان ٿي- ويءِ ذريعي صدر سادات کي تل ابيب ايئرپورٽ تي لهندي ۽ جهاز جي ڏاڪڻين کان هيٺ پنهنجي دشمن سان هٿ ملائيندي ڏٺو. ڏکاري حالت ۾ پنهنجي تنظيم جي سياسي ڪاتي جي بيروت واري آفيس ۾ موجود عرفات جا ڏک ۽ ڪاوڙ ۾ ڳوڙها ٽمڻ لڳا. (٦) ان کان وڌيڪ اپاڳو اينڌڙ ڏينهن هو، جڏهن سادات اسرائيلي پارليامينٽ ڪينسٽ ۾ پنهنجي تاريخي تقرير لاءِ يروشلم روانو ٿيو. انتهائي سگهاري عرب ملڪ جي سربراهه جو ان شهر ڏانهن وڃڻ، جنهن کي هو پنهنجي والاريل ڳاديءَ وارو شهر ڪوٺيندا هئا ۽ انتهاپسند اسرائيلي وزيراعظم منهام بيگن سان مصري صدر کي گڏ ڏسڻ فلسطينين لاءِ انتهائي مايوسي ڀري ڳالهه هئي. پر جڏهن پي- ايل- او اڳواڻن سادات جي ڪينسٽ واري تقرير ٻڌي ته سندن پٺيءَ ۾ خنجر هڻڻ واري سوچ اجائين پختي ٿي. جيتوڻيڪ ان تقرير ۾ فلسطينين جي ديس بابت اڻ سونهندڙ ذڪر نه هو پر خود پي- ايل- او جو ڪوبه حوالو نه هو.

اينڌڙ هفتن ۾ سادات فلسطينين کي ڀيهر اها خاطري ڪرائڻ ۾ رُڌل رهيو ته سندن مفاد اجان تائين سندس دل ۾ آهن، ڪين به اها خبر هئي ته ناقابل ترديد واقعو ٿي چڪو آهي، ۽ ظاهر ظهور صورتحال اها هئي ته سادات ٻين پاران ٿيندڙ تنقيد ٻڌڻ ۽ برداشت ڪرڻ لاءِ قطعي تيار نه هو. جيتوڻيڪ خود عرفات اسرائيلي ڪاهي ڏر وارن سان نينهن جا ناتا ڳنڍڻ جو اختيار ڏئي چڪو هو، پر پي- ايل- او ۾ ڪنهن دشمن سان ايئن لهه وچڙ ۾ اچڻ جو سوچيو به نه هو. سادات جي ان ڪارنامي کي فلسطيني، نيچ آڻ مڃڻ ۽ پي- ايل- او کي طوفان ۾ ننڌڪو ڇڏڻ جي ڪوشش ليکي رهيا هئا. هاڻ عرفات عرب حڪومتن ۾ توازن جي بهاني تي سلامتي ڀرئي چار تي پاڙي نه پئي سگهيو. هاڻ فلسطينين سان يڪجهتيءَ جي اظهار طور هڪٻئي جي مخالف ڌرين جون سرگرميون پڻ جهڪيون ٿيون. هاڻ پي- ايل- او پنهنجي پيرن تي بيٺل هئي، يا ائين کٽي چئجي ته اها هاڻ مهاڙ واري سرحدي رياست شام، جي رحم و ڪرم تي نه هئي، جنهن اجان تائين ساڻن رسمي ناتا پئي رکيا.

عرفات اڄ چوي ٿو ته سادات جي ڊرامائي قدم منجهس عجيب ۽ ڳاڙ احساس اُڀاريا، رڳو ان ڪري نه جو مصري صدر يروشلم جو دورو ان وقت ڪيو، جڏهن دنيا اسرائيل پاران ان کي ڳاديءَ وارو شهر بنائڻ جي فيصلي کي نه قبوليو هو. "مونکي خبر هئي ته ان دوري جو فلسطيني عوام کي ڪجهه مُلهه چڪائڻو ئي هو." (٧) اجان به وڌيڪ عملي سطح تي، سادات واري قدم جي نتيجي ۾ ان ملڪ سان ناتن بابت، جن تي هُن سدائين چٽو موقف ٿي رکيو، ڪيس انتهائي حيرانگيءَ ۾ وجهي ڇڏيو. سندس ڪيترن ئي ويجهن ساٿين پاران مصري اڳواڻ ۽ سندس حمايت ڪندڙ ڪنهن به رياست خلاف 'سڌي سنئين ۽ جوڳي ڪارروائي' واري ڳُهر جي

پوري ۾ پي- ايل- او جي خطرناڪ حد تائين اڪيلو ٿيڻ جو خطرو موجود هو. ان ڪري بہ جو ان امن قدم کي آمريڪا جي مڪمل پٺڀرائي حاصل هئي.

تحريڪ ۾ اهو نقطءِ نظر ايترو تہ سگهارو هو جو، وٽس اِن کي مڃڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ئي نہ هو. سادات جي ڪينسٽ واري تقرير کان ٽي ڏينهن پوءِ، عرفات دمشق مان صدر اسد سان گڏجي 'غدار' مصري اڳواڻ جي تختي اونڌي ڪرڻ جو سڏ ڏنو ۽ وري ۲ ڊسمبر تي، سادات مخالف اڳواڻن جي لبيائي گاديءَ واري شهر ٽريپوليءَ ۾ گهرايل تڪڙي اجلاس ۾ پي- ايل- او جي هڪ اعليٰ سطحي وفد جي سرواڻي ڪيائين.

سمورن حوالن سان، اهو طوفاني دورو هو. پي- ايل- او اڳواڻ اوڏي مهل ڪاوڙجي ايئرپورٽ ڏانهن روانو ٿيو، جڏهن من- موجي ڪرنل قذافي مٿس مصر سان سهڪار ڪرڻ جو الزام ڌريو. فلسطيني پنهنجو پاڻ ۾ ۽ ٻيا اڳواڻ وري هڪٻئي جي نڙيءَ تي چڙيون هلائيندڙ تڪرارن ۾ رُڌل هئا. سڄي عرب دنيا کي ميڙي مُٺ ڪري گڏيل محاذ ٺاهڻ انتهائي ڏکيو ڪم بڻيل هو. (۸) رڙين ۽ ڪاوڙ سان ڀريل ان گڏجاڻي کي ٺوس نتيجا تمام ٿورڙا ڪڍيا ۽ اِها مصر جي عرب بائيڪاٽ هوندي بہ عرفات کي سادات سان ڳجها رابطا رکڻ کان روڪي نہ سگهي. شام، الجزائر، لبيا ۽ ڏکڻ يمن پاران ان نام نهاد 'ثابت قدميءَ ۽ ٽڪراءُ وارو محاذ' جوڙڻ دوران روين جي ڪوڙاڻ اهو سبق ضرور سيکاريو تہ فلسطيني سادات جي قدم کي هڪ وٿي ضرور ڏين. ٽريپوليءَ واري گڏجاڻيءَ ۾ 'انتهائي غداريءَ' جو الزام ماڻيندڙ سادات، ڪاوڙجي ان ۾ شريڪ سمورن ملڪن سان هڪدم ناتا ٽوڙي ڇڏيا. ان ۾ ڪا حيرت جوڳي ڳالھ نہ هئي جو سادات ڊسمبر ۾ اهرامن پرسان مينا هائوس هوٽل ۾ اسرائيلي، مصري ۽ فلسطيني عملدارن جو اجلاس گهرايو تہ پي- ايل- او ان ۾ شرڪت کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو. اهو سادات پاران امن لاءِ ڪوششن ۾ تنظيم کي شامل ٿيڻ کان روڪڻ لاءِ جوڳو قدم هو. جيڪڏهن عرفات ڪنهن کي بہ ان اجلاس ۾ شرڪت لاءِ قاهره اُماڻڻ تي راضپو ڏيکاري ها، تہ ڪيس اسرائيلي واڪ آئوٽ لاءِ ڪجھ پروپئگنڊائي مواد ضرور ملي وڃي ها. بهرحال، ڳالهيون شروع ٿيڻ کان اڳ هوٽل جي ٻاهران چڙهيل فلسطيني جهنڊو لاٿو ويو.

۱۵ ڊسمبر ۱۹۷۷ع تي، آمريڪي صدر، جيڪو سال جي شروع ۾ پنهنجو واعدو پاڙيندڙ پئي لڳو، اهو اعلان ڪندي تہ: 'پنهنجي هڪ مڪمل منفي رويي ڪري پي- ايل- او پنهنجو پاڻ کي امن ڳالهين ۾ شموليت کان محروم ڪري ڇڏيو آهي؛ پي- ايل- او کي بلڪل اڪيلو ڇڏي ڏنو- يا جيئن سندس قومي سلامتي بابت صلاحڪار برزنسڪيءَ پئرس مئچ کي پنهنجي جڳ مشهور انٽرويو ۾ چيو 'خدا حافظ پي- ايل- او!' (۹)

انهيءَ موڪلائيءَ عرفات کي مچرائي وڌو ۽ اِها بہ سندس تحريڪ جي ٻين ڪيترن ئي دعوائن وانگر دڦ تي بندوق ثابت ٿي، پر جيئن ئي ايندڙ مهينن ۾ سادات جي قدم جا اثر گهٽيا، پي- ايل- او تي دٻاءُ ۾ گهٽائي جي ڪا ڪوٺ نہ رهي. مصر کي هڪ اتحادي طور وڃائڻ وڏو نقصان هو، جنهن ۾ عرب اسرائيلي فوجي تناسب مان سادات جي نڪري وڃڻ، پنهنجي 'آخري پناهہ گاهہ' لبنان ۾ موجود فلسطينين کي ٻپ ۾ واڙي ڇڏيو.

٧٦- ١٩٧٥ع واري گهرو لڙائي کان پوءِ، پي- ايل- او ملڪ جي ڏکڻ ۾، پنهنجي مضبوط لبناني ٺڪاڻن ۾ پنهنجو پاڻ کي منظم ڪرڻ ۾ دير ئي نہ لڳائي. ان جي گوريلن بيروت ۽ مرڪزي چائوف جبلن ۾ بہ پنهنجي جوڳي موجودگي قائم رکي. ڇڪتاڻ دوران لبناني فوج کان وڏي تعداد ۾ قريل هٿيارن جو فائدو وٺندي، عرفات پنهنجي فوج کي ٻيهر منظم ڪري، ان کي هڪ مستقل دفاعي فوج بنائڻ جي ڪوشش ڪئي. ماهرن جي ٻوين جوڙي وئي ۽ رينڪ سرشتو جوڙيو ويو. ڏاڪي بہ ڏاڪي پي- ايل- او سڄ روسي جوڙيل ٽي- ٧۴ ٽينڪن ۽ مائوزرن کان وٺي جهاز شڪن بندوقن ۽ راڪيٽ لانچرن سان مسلح ٿي وئي. (١٠)

پي- ايل- او جي ڪامورا شاهي ۽ ان جي اهميت ماٿيندڙ اقتصادي شاخ سيمد (Samed) بہ وڌڻ ويجهڻ لڳيون. هڪ مرحلي تي عرفات انهن کي ڪل وقتي ڪرت طور هلائڻ جو فيصلو ڪيو. فتح پاران اٺ سال اڳ اردن ۾ ڪارروائين دوران مارجي ويل گوريلن جي يونئيرن لاءِ روزگار جو بندوبست ڪرڻ لاءِ جوڙيل اداري طور سيمد لبنان جي اهم صنعتي آجر بڻجي وئي. لبناني ساموندي ڪناري ۽ ڳاديءَ واري شهر ۾ ڇٽيهن فيڪٽرين جي تاڃي پيٽيءَ ۾، اُن، جوتن ۽ ڪپڙن کان وٺي فرنيچر ۽ خوراڪي شين سميت اڻڳڻيون جنسون تيار ٿي ڪيون. هڪ تيز اکوٽي بينڪر احمد قورائي (ابواعليٰ) جي ڊائريڪٽريءَ ۾، سيمد عرب ملڪن ۽ آفريڪا سميت عالمي سيڙپڪاري ۽ سرگرمين جو هڪ ڪارائتو ڍانچو قائم ڪري ورتو. (١١) پر ان جو حتمي ڪنٽرول، ٻين شعبن وانگر، اڃان تائين عرفات وٽ هو، جيڪو هاڻ چيئرمين، مئنيجنگ ڊائريڪٽر، خزانچي، ڪمپني سيڪريٽري ۽ پي- ايل- او ڪارپوريشن جو پرسنل مئنيجر بڻيل هو. اها هڪ اهڙي پيچيده گهڻ- قومي تنظيم هئي، جنهن ۾ ڪوبہ سندس اَکوٽ رضامنديءَ کان سواءِ روزگار حاصل نٿي ڪري سگهيو. هو ڪاغذي ڪارروائين تي تمام گهڻو زور ڀريندو هو ۽ رات جو دير تائين ڪاغذن جي انيڪ فائلن ۾ ڳاڙهي مس واري پين سان پنهنجي ڪرت کي لڳو پيو هوندو هو. هو اڪثر گهڻ- وقتي رٿابنديءَ جي پيٽ ۾ ٿوري عرصي واري حڪمت عمليءَ تي زور پيو ڀريندو هو.

پي- ايل- او جي ناڻي تي سندس گرفت هاڻ سدائين کان وڌيڪ هئي. عرفات پي- ايل- او جي 'ناڻي واري وزارت' فلسطيني قومي ماليات ۽ خود پنهنجي فتح

جي خزاني واري بجيٽ جو ذاتي طور تي معائنو ڪرڻ شروع ڪيو. فلسطيني قومي ماليات جي مستقل گهاٽي ۾ هئڻ ڪري، ان لاءِ حقيقي اڪائونٽنگ جي ضرورت هئي ۽ عرفات فتح جو ناڻو هر سال ان ڏانهن منتقل ڪري ان جي گهوٽالن کي مُنهن ڏيندو رهيو. جيستائين خود فتح جي ناڻي جو تعلق آهي تہ هُن حسد وچان خود ان کي بہ ڳجهو رکيو. ايستائين جو هو ان متعلق پنهنجن سينيئر ساٿين کي بہ ڪا ڄاڻ نہ ڏيندو هو. خزاني جون چاٻيون سنڀاليندي، عرفات نہ رڳو ننڍڙي واپاريءَ واري روش اختيار ڪئي، پر تمام ڳوري رقم خرچ ڪري پي- ايل- او اندر ۽ ان کان ٻاهر انفرادي بدعنواني ڦهلائي، غلط روايتون جوڙيون، شڪي قدرن جو بنياد وڌو ۽ ٽين دنيا جي محتاج ملڪن کي ڪڏيل قومن ۾ هڪ ووٽ عيوض وڏيون امدادون ڪيون. پنهنجي ذاتي حوالي سان ڪنجوس عرفات، ڪنهن روايتي بااختيار عرب شخص جي انداز جون سموريون گهرجون پوريون ڪندو رهيو.

جيستائين فلسطيني قومي تحريڪ جي سندس ذاتي سرواڻيءَ جو تعلق آهي تہ عرفات جي پي- ايل- او واري انتظام جو هڪ شاندار لاپ پڻ هو. ان ڪيس ڪروڙپتي فلسطيني واپارين، ڪاروبارين ۽ ٺيڪيدارن سان لهہ وچڙ ۾ آندو، جيڪي اڄان تائين سندس اختياريءَ جو اهم ٿنڀ بڻيل آهن. عرفات انهن انتهائي شاهوڪارن بشمول اٿينس ۾ مرڪز رکندڙ اڏاوتي ڪاروباري حسيب صبّاغ، کي 'منهنجا محتاج' سڏڻ شروع ڪيو. اِهو ڪو هرويرو پنهنجائپ ڀريو لقب نہ هو. عرفات رڳو چيني ڏڪار تي نہ ٿي ڀاڙيو، پر ڪيس فلسطينن جي سمورين برادرين ۾ ڪيڏي ڪيڏي مهل غيردوستاڻو رويو رکندڙ عرب حڪومتن تائين پهچڻ لاءِ بهتر حيثيت رکندڙ ڪارندن جي ضرورت هئي.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ عرفات ٻاران نار، خاص طور تي سعودي عرب جي شاهوڪار حاڪمن کان، جيڪي ١٩٦٠ع واري ڏهاڪي کان هيل تائين فتح جا اهم رقم ڏيندڙ رهيا آهن، چندا حاصل ڪرڻ واري اٽڪ محنت ذريعي ناڻو حاصل ڪرڻ سدائين سولي ڪرت نہ رهي آهي، پر ١٩٧٠ع واري ڏهاڪي جي آخر ڌاري اهڙو مرحلو بہ آيو، جڏهن عرفات جي دل لڳيءَ ان جي ذري گهٽ پڄاڻي تي آندي.

معمر قذافيءَ سان گڏ، جنهن جو سعودي شاهي ڪٽنب سان وير ديومالائي حيثيت رکندڙ آهي، هڪ عوامي پليٽ فارم تي، عرفات لبيائي اڳواڻ ٻاران سعودين کان ملندڙ چندن بابت پڇيل هڪ سوال جي جواب ۾ پنهنجي پتلون جا خالي کيسا ڏيکاريا. ان جو هڏي شاهہ خالد ۽ ولي عهد شهزادي فهد جو رنگ ڦري ويو. چاڪاڻ جو عرفات جي ان حرڪت جو اِهو مطلب ڪڍيو ويو تہ سعودين پي- ايل- او لاءِ رقم 'روڪي' ڇڏي آهي. عرفات کي سعودي بادشاهہ جي موجودگيءَ ۾ گهرائي ڪيس ڏنل رقم جون رسيدون ڏيکاريون ويون. رسمي عليڪ سليڪ کانپوءِ، شاهہ

خالد سڏوسنئون مقصد جي ڳالھ تي آيو: "هيءَ آهي توهان کي ڏنل اسان جي رقم جو حساب ڪتاب- ڏس! اسان تي ڪابہ بقايا ناهي، پوءِ تو اهو ڪيئن چيو تہ اسين رقم نہ پيا ڏيون؟." عرفات جواب ۾ چيو "سائين منهنجا! مون تہ اهڙو ڪجھ بہ ناهي چيو" ان تي شاھ خالد وڌيڪ هلايو ۽ ٽي- وي اسڪرين تي عرفات ۽ قذافي گونگن واري ڪرت ۾ رُڌل هئا. عرفات پريشان ٿي ويو ۽ پنهنجو چهرو بادشاھ جي چوغي ۾ لڪائي معذرتي انداز ۾ چوڻ لڳو، "مونکي افسوس آهي." هُن عُذر پيش ڪيو: "پر توهان انهن دهائن تي بہ تہ ويچاريو جن جو آءٌ شڪار آهيان." (١٢)

١٩٧٠ع واري ڏهاڪي جي پڇاڙ کان، تنظيم جي محنت سان جوڙيل لبناني ڊانچي ثابت قدميءَ جو عجيب و غريب پُرفريب مثال قائم ڪيو ۽ اُن انت جي ويجهو رسي هيهر جياپو ماٺي ورتو. پيش ايندڙ واقعن جي روشنيءَ ۾، پي- ايل- او جي لبنان ۾ موجودگي جا بنياد اجان تائين لوڏن ۾ هئا. ابتدائي طور، عرفات پنهنجي قوت کان وڌيڪ شامي فوج کي نظرانداز نہ پئي ڪري سگهيو، جيڪا تڪليف ده واقعن ۾ فلسطينين کي تباھ ڪرڻ کان نہ پئي ڪيبائي سگهي، نہ ئي لبنان سگهاري رياست بڻجي سگهيو. گذريل سال ڪمال جنبلاط جي قتل کان پوءِ، فلسطيني ۽ لبناني اتحادي سرواڻ بنان ورهايل هئا ۽ سندن پراڻي دشمن ميرونائيٽ عيسائي برادري اڳي کان وڌيڪ متحد هئي ۽ اُها فلسطيني تحريڪ جي لبنان ۾ موجودگيءَ خلاف جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ سگهاري بڻجي رهي هئي.

سپ کان وڌيڪ ايذائيندڙ عمل منهام بيگن جي ويڙهاڪ قيادت ۾ اسرائيل جون ڌمڪيون هيون. عرفات، ان کان واقف هوندي تہ بيگن جي اقتدار ۾ اچڻ مقابلي جا سمورا اصول مڪمل طور تي بدلائي ڇڏيا آهن، اسرائيل جي آزاديءَ واري جنگ دوران ڊيئرياسين قتلام جي ذميوار 'دهشتگرد گروپ ارگن' جي تڏهوڪي اڳواڻ ۽ هاڻوڪي اسرائيلي وزيراعظم خلاف هڪ خاص قسم جي وٺ پڪڙ شروع ڪري ڏني. ان حڪومت اڳي جي پيٽ ۾ ڪا نئين ڳالھ نٿي ڪئي. "اسان بہ اولهندي ڪناري ۽ غزه جي پٽيءَ وارن والاريل علائقن کي قبائڻ ۽ فلسطيني رياست جي شديد مخالفت تي ئي زور پئي ڏنو." بيگن پنهنجي چونڊ مهم دوران ڪليل لفظن ۾ پي- ايل- او کي 'قومي آزاديءَ جي تحريڪ نہ پر قاتلن جي اهڙي تنظيم سڏيو هو، جنهن کي 'ختم ڪرڻ لاءِ اسرائيل ويڙھ ڪائيندو'. (١٣)

مصري فوجي ڌمڪيءَ کان آجا اسرائيلي، هاڻ پنهنجي اترائين سرحد جي هُن پار فلسطيني سرگرمين تي ڪرڙي نظر رکي، لبناني ميرونائيٽ عيسائين کي چڱي موچاري امداد ڏئي پئي سگهيا. پي- ايل- او آڏو اهو اُن وقت جو اهم مسئلو هو، جنهن سادات جي نئين 'سازش' تي توائي هوندي اسرائيل کي سڏوسنئون ڪارروائي جو موقعو پئي ڏنو.

١١ مارچ ١٩٧٨ع جي پهرين پهر ۾، هڪ نوجوان عورت جي سرواٽي ۾ فتح

جي يارهن گوريلن جو جٿو اسرائيلي ساموندي ڪناري تي ڪي پندرهن ميل ڪن اندر حيفا واري اسرائيلي بندرگاهه جي ڏکڻ ۾ تل ابيب ويندڙ مرڪزي رستي تي لٿو ۽ ٿيهن مسافرن سان ڀريل بس اغوا ڪري ورتائين. پوليس جي رستي روڪ ۽ اسرائيلي سڪيورٽي فورسز جي پيڇي ۽ ان بس جي سفر جي پڇاڙي تل ابيب جي هڪ اترائين پسگردائي ۾ خوني ٽڪراءُ تي ٿي. فائرنگ بند ٿيڻ تائين ٣٤ اسرائيلي ۽ نَوَ گوريلا مارجي چڪا هئا ۽ ٨٤ زخمي ٿي چڪا هئا. (١۴)

ان جي موٽ ايندي بہ گهڻي دير نہ لڳي. ١۴ مارچ جي رات، خطرناڪ گوليبازي کان پوءِ، اٺاويهه هزار اسرائيلي فوجي پي- ايل- او جي ٺڪاڻن خلاف سگهاري ڪارروائي ڪرڻ لاءِ لبناني سرحد اُڪري آيا. جيئن ئي واڌي دستا ساموندي ڪناري تي لٿا ۽ اسرائيلي هوائي فوج بيروت سان لڳو لڳ اتر ۾ فلسطيني ڪئمپن تي بمباري ڪئي. هڪ اسرائيلي ترجمان صورتحال جي اپٽار ۾ چيو تہ سندن مقصد 'سرحد سان لڳو لڳ دهشتگرد اڏن جو خاتمو' ۽ فلسطيني سرايت کي روڪڻ لاءِ هڪ نام نهاد 'سلامتي واري پٽي' قائم ڪرڻ آهي. هڪ هفتو پوءِ جڏهن اسرائيلين جنگبنديءَ جو اعلان ڪيو تہ اوستائين ٻہ سؤ فلسطيني ويڙهاڪ ۽ پنج سؤ لبناني ۽ فلسطيني شهري فقط ويهن اسرائيلي فوجين جي مقابلي ۾ مارجي چڪا هئا، ڪيترائي لبناني ڳوٺ تباهه ٿيا ۽ لکين پناهگير اترين علائقن کان گاديءَ واري شهر ڏانهن لڏي آيا. لبنان جي ٽوڙڦوڙ واري عمل ۾ ٽڪري واڌ اچڻ لڳي. (١٥)

ياسر عرفات لاءِ، پي- ايل- او جي ويڙهاڪن جي سورهيائپ سان مزاحمت ڪرڻ بابت پنهنجي پُراعتماد دعوائن جي باوجود، لبنان ۾ اسرائيل جي انهيءَ ڀرپور اڳرائي اهو چٽي طرح واضح ڪري ڇڏيو هو تہ فلسطيني ويڳاڙپ جو ڪيتري حد تائين شڪار آهن. هڪ ڏهاڪو اڳ ڪارامه تي اسرائيلي ڪاهه مهل، سندس فوجن دشمن کان نہ رڳو هٿيار ڦري ورتا هئا پر کين تمام گهڻو جاني ۽ مالي نقصان بہ رسايو هو. پر هن ڀيري ڪنهن بہ دوست عرب ملڪ جي فوج مدد لاءِ نہ آئي ۽ نہ وري فلسطينين جي انتهائي سگهاري دشمن خلاف مزاحمت ڪي ساراهيو ويو. لبنان ۾ چڱي موچاري تعداد ۾ هوندي بہ شامين رت ۽ باهه جي ان راند کان پاسو ڪيو. اسرائيل سان امن ڳالهين جي هڪ وڏيڪ دور جي تيارين ۾ رڌل سادات، پنهنجي ردعمل کي محدود ڪندي اڳرائي ۽ ان جي بنيادي سبب گوريلن جي حملي- ٻنهي کي هڪ جيترو ننديو. ١٩ مارچ تي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل پاران اسرائيلي فوج جي هڪدم واپسي ۽ امن قائم ڪرڻ لاءِ عالمي فورس ٺاهڻ جي ڳالهه ڪرڻ کان پوءِ ئي ويڙهه جي خاتمي لاءِ ڪو دٻاءُ وڌيو. اِهو اُن دور جو هڪ اهڃاڻي اظهار هو. اسرائيل جي نئين اڳرائي ڀرئي قدم جا عرفات جي نظر ۾ ڪي ڪارائتا اثر پڻ هئا: ١٩٦٧ع ۾ قبضي ڪيل علائقن کان پوءِ

هاٿوڪو حملو، دنيا جي هڪ چڱي موچاري حصي ۾ يهودي رياست خلاف نقطۂ نظر جُڙڻ ۾ مددگار بڻجي پئي سگهيو.

بهرحال جيئن ئي هن پنهنجي پيش منظر تي تڪڙي نظر وڌي ته اِهي نتيجا عرفات لاءِ تمام ٿورڙي آٿت ڀريا هئا. عملي طور تي، پي- ايل- او لبنان ۾ پنهنجي وجود کي بچائڻ لاءِ اهڙي دشمن آڏو بڪهي ويڙهه ۾ جُنبي وئي، جنهن جهڙو خطرناڪ ويري ڪين اڳي نه ٽڪرايو هو. اسرائيلي ڌمڪيءَ جي عملي صورت ذهن ۾ رکندي، عرفات بچاءُ جا گس ڳوليا. اهو ڪيس هر طرح سان 'نيري ٽوپي' واري گڏيل قومن جي امن قائم ڪندڙ فورس (گڏيل قومن جي لبنان ۾ عارضي فورس UNIFIL) ۾ نئي نظر آيو. ٢٨ مارچ تي اوله بيروت واري پنهنجي آفيس ۾ عرفات يونيفل جي ڪمانڊر امينيوئل ارسڪائن سان ملاقات ڪئي ۽ ڪيس هدايو ته اسرائيلي واپسيءَ جي صورت ۾ سرحد سان لڳو لڳ علائقن ۾ عداوتون ختم ڪري سگهجن ٿيون.

اِهو هڪ اهم قدم هو. پهريون ڀيرو عرفات پنهنجي سر اهڙي جنگبندي رٿي رهيو هو، جنهن ۾ خود اسرائيل پڻ ڌر هو. ان طور تي، اِهو قسم کڻندي به ته پي- ايل- او ڏاکڻين لبنان ۾ پنهنجي عمل واري آزاديءَ کي ڇيهو رسائيندڙ هر ڪوشش کي برداشت نه ڪندي، هو پنهنجو پاڻ کي اهڙي فلسطيني پوليس واري جي غيرپسنديده ڪردار ڏانهن ڌڪي رهيو هو، جنهن وٽ پنهنجي ڪمان واري فسادي فورس جون واڳون هيون. ايستائين جو اپريل ١٩٧٨ع ۾ جڏهن فتح جي منحرفن جي هڪ ٽولي سندس جنگبنديءَ واري فيصلي کي مڃڻ کان انڪار ڪيو ته هُن معمول جي اُبتڙ اڻ- قربائتو قدم کڻي، ڪين ڪچلڻ لاءِ طاقت جو استعمال ڪيو. ١٩ اپريل تي، ان بغاوت ۾ شريڪ ١٢٣ ڄڻن کي، جيڪي ويڙهو ڪمانڊر ابودائود هٿان پرتي ٿيا هئا، گرفتار ڪيو ويو. انهن مان نوي ڄڻن کي لبنان مان تڙيو ويو ۽ ٻن اهم شريڪ ڪارن کي بيروت ۾ لڪيڙهه واري ڪرت سان لڳايو ويو. (١٦) اِهو پي- ايل- او جي غيرضابطگيءَ جي بلڪل اُبتڙ قدم هو. اِها ڳالهه واضح هئي ته عرفات جنهن وقت چاهيو ٿي ڪنٽرول حاصل ڪرڻ سندس وس ۾ هو.

عرفات لاءِ، پنهنجي صفن ۾ پيل ڏار ڪي گهڻا مهانگا نه هئا. انهن وسيلي هُن يونيفل سان سهڪار ڪرڻ واري پنهنجي موقف تي ثابت قدم رهي، عالمي مڃتا حاصل ڪرڻ پئي چاهي. بيروت ۾ اڪيلو ٿي وڃڻ ڪري هُن نيون دوستيون ڳنڍڻ ٿي چاهيون ۽ گڏيل قومن جي عملدارن کي متاثر ڪرڻ جو موقعو وڃائڻ نٿي چاهيائين، جيڪي هاڻ مستقل بنيادن تي ساڻس ڏيٺ ويٺ ۾ رُڌل هئا. اهڙو هڪ موقعو اُن سال جي بهار ۾ گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر ڪرٽ والڊ هائيم جي ڏاکڻين لبنان جي دوري دوران آيو. بندرگاهه واري شهر طائر جو دورو ڪندي والڊ هائيم ۽ سندس قافلو اسرائيل جي اڇلايل ڦاٿي نه سگهندڙ بمن سان

مظاهرو ڪندڙ فلسطيني ويڙهاڪن جي جلوس ۾ ڦاسي پيو. سندن ياڳ ڀلا هئا جو جان بچين. ڪجھ ڏينهن پوءِ، والڊ هائيمر جو هڪ سينيئر عملدار برائين ارقو هارٽ عرفات سان گڏيو ۽ سندس موقف ٻڌائين: "توهين روڊ وسيلي سيڪريٽري جنرل سان گڏ طائر وڃڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا؟." پي- ايل- او اڳواڻ پڇيو. "ان منهنجي زندگيءَ جا ڏهه سال کپايا آهن. انڪاريت پسندن مونکي خوار ڪرڻ لاءِ والڊ هائيمر جي قتل لاءِ پنج جٿا اُماڻيا هئا ۽ مون کين گرفتار ڪرڻ لاءِ پنهنجا سپاهي اُماڻيا. جيڪي هيل تائين رڳو چئن کي گرفتار ڪري سگهيا آهن."(١٧)

پر عرفات جون پڙڪيون به اِها حقيقت لڪائي نه سگهيون ته ١٩٧٨ع جي وچ کان وٺي پي- ايل- او سمورن محاذن تي دفائي حيثيت ۾ هئي. لبنان ۾، ان جي سرحد پار حملن ۾ چڱي خاصي گهٽتائي اچي وئي هئي، چاڪاڻ جو اسرائيلين پنهنجون فوجون ڪيڻ جي باجود، سرحد سان لڳندڙ وڏي شاهي علائقي تان پنهنجو ڪنٽرول نه وڃايو هو ۽ فلسطينين سان ڦيٽ ڪائڻ لاءِ هڪ دوستاڻي مقامي مليشيا قائم ڪري ورتي هئائون. ڪڏهن به قبوليت جوڳي نه بڻجندڙ 'هٿيارٻند جدوجهد' هاڻ اڳي جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ بي مقصد نظر پئي آئي. عرفات جي روايتي قسم جي فوج تيار ڪرڻ وارين ڪوششن صفن ۾ گوريلن جي حاصلاتن ۾ مونجهارا ئي پکيڙيا. عام لبناني شهرين کين پنهنجي روايت موجب واقعن تي غيرعقلي ردعمل ڪندو ڏسي کين پنهنجي ڌرتيءَ تي اضافي بار ئي سمجهيو.

عرفات عرب حڪومتن سان پنهنجي تعلقاتن ۾ بهتريءَ ڏانهن وڌي نه سگهيو. سادات اُهو اهم نفسياتي ڪارنامو ته ڏيکاري نه سگهيو جنهن متعلق ڪيس اسرائيل ۾ اُميد هئي پر هو امن قائم ڪرڻ لاءِ اجان تائين اڻ لاپائتن قدمن لاءِ زور ڀري رهيو هو. عرب دنيا، جيڪا اجان تائين مصري صدر جي يروشلم واري دوري جي صدمي جو شڪار هئي، جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ اُبتريءَ جو شڪار ٿي. هميشه جيان، خود فلسطيني تحريڪ ۾، پي- ايل- او اڳواڻ اندران ئي اندران ڏُکندڙ ۽ ڪيڏي ڪيڏي مهل پڙڪي پوندڙ پرتشدد جهيڙن ۾ ڦاٿل هو. سڌسماءُ جي اولهائن ذريعن ۾ ڇپجندڙ فلسطيني رياست ۽ اسرائيل جي گڏيل طور موجود هئڻ متعلق عرفات جا بيان تنظيمي صفن ۾ ڪاوڙ جو سبب بڻجندا رهيا. مرڪزيءَ ڌاري کان ٻاهر، تنظيم کان ڇڳل صابري البانا (ابوندال) جي دهشتگرد گروپ عراقي پٺڀرائي سان شروع ڪيل قاتل مهم دوران ڪيترن ئي فلسطيني سفارتڪارن کي قتل ڪري وڌو. انهن ۾ تنظيم جا لنڊن ۽ پئرس ۾ نمائندا سعيد حمامي ۽ ايزلدين ڪالاڪ شامل هئا، جن ٻنهي اوله ۾ عرفات جي شخصيت نکارڻ لاءِ اڻٿڪ پورهيو ڪيو هو.

ان دوران، عرفات صدر سادات کي سندس غلطيءَ جي نشاندهي ڪرائڻ لاءِ

هڪ آخري ڪوشش ڪئي. جون ۱۹۷۸ع ۾ هُن سادات کي اسرائيل سان تڪڙ ڪري ڪنهن ڏار امن قائم ڪرڻ واري ڪوشش کان پاسو ڪرڻ لاءِ لکيو: "اڳواڻ طور توهان جي حيثيت اجان تائين سگهاري آهي." هُن لکيو هو، "يروشلم کي نہ وساريو. اسانجي انهن ماڻهن کي نہ وساريو جن پنهنجيون جانيون مقصد لاءِ ارپيون آهن. توهين وڏيڪ سگهارين ضمانتن لاءِ زور پري پيا سگهو." (۱۸)

اِهو خط عرفات جو مصري اڳواڻ سان آخري سڌوسنئون رابطو هو. ٽي مهينا پوءِ، سادات پنهنجو پاڻ کي آمريڪي صدر جي ڪئمپ ڊيوڊ واري آرمي مرڪز ۾ جمي ڪارٽر ۽ منهام بيگن سان ڳنڍي ڇڏيو. يارهن ڏينهن جي ڳالهين کان پوءِ، ۱۷ سيپٽمبر تي هُنن، اسرائيل ۽ مصر وچ ۾ امن ناهہ لاءِ ڳالهيون شروع ڪرڻ ۽ اسرائيلي والاريل اولهندي ڪناري ۽ غزه جي پٽيءَ ۾ فلسطيني معاملن جي انتظام لاءِ 'پنهنجي سر انتظام هلائيندڙ اختياري' قائم ڪرڻ جي ضرورت جو اعلان ڪيو. اِها آخري چوٽي هئي. فلسطينين کي انهيءَ پاڻ اختياريءَ جي مطلب متعلق ڪو شڪ نہ هو. پي- ايل- او پاران پنهنجي رياست جي گُهر جي مقابلي ۾ ان والاريل علائقن ۾ اسرائيلي ساليت کي تسليم ٿي ڪيو. عرفات ان رٿ کي بيگن پاران پيش ڪرڻ مهل 'محدود راڄ کان بہ گهٽ' سڏي ٺڏي ڇڏيو. (۱۹)

پنهنجا اختلاف دفن ڪري، مختلف گروپن ۾ ورهايل اڳواڻ، ڪئمپ ڊيوڊ ناهہ جي خطري آڏو متحد ٿي ويا. عرفات آمريڪا سان همسبتريءَ وارين پنهنجين ڪوششن کي وقتي طور تي وساري، وچ اوڀر ۾ آمريڪي مفاد تي وار ڪرڻ جي ڪلي ڌمڪي ڏني، ۽ سيپٽمبر جي آخر ڌاري، اسرائيلين سندس فتح گروپ جي ابلات جي ڏاکڻين حصي تي سمونڊ رستي راڪيٽن سان حملو ڪرڻ جي هڪ ڪوشش کي ناڪام بڻايو، جيڪڏهن اِها ڪوشش ڪامياب ٿئي ها تہ پوءِ يقيناً اِها وڏي تباهي پکيڙي ها. (۲۰)

عرب دنيا جي وسيع پيش منظر ۾ پڻ، اسرائيلي- مصري ناهہ هڪ وقتي ڏڦيڙ پيدا ڪيو، جنهن جا اظهار ۲ نومبر تي عراق جي ميزبانيءَ ۾ ٿيل هڪ سربراهي اجلاس ۾ ظاهر ٿيا. بغداد ڪانفرنس، جنهن سادات تي زور پريو تہ هو اسرائيل سان کي بہ رسمي ڳالهيون نہ ڪري، بي صورت ۾ کيس اقتصادي ۽ بين پابندين جي سزا ڏيڻ تي سهمت ظاهر ڪئي وئي هئي، عرفات کي نئين سر ڪجھ ضمانتون مهيا ڪيون. ان ڳڏجاڻيءَ ۾ ئي ظاهر ٿيو تہ ڪوبہ بيو اڳواڻ، ايستائين جو اردن جو شاھ حسين بہ، جنهن تي سادات جو ساٿ ڏيڻ لاءِ تمام گهڻو آمريڪي دٻاءُ هو، ڪئمپ ڊيوڊ ٽڪنڊي جي چوٿين ڪُنڊ بڻجڻ لاءِ تيار نہ هو. ان اجلاس پي- ايل- او لاءِ ڏوڪڙن جو مينهن وسايو. نار جي شاهوڪار رياستن ايندڙ ڏهن سالن تائين ساليانو ادائي سؤ ملين آمريڪي ڊالر عطيو ڏيڻ جو اعلان ڪيو. (۲۱)

پر اهڙا اعلان اُهو خال پرڻ ۾ گهٽي ڀاڳي ڪامياب نہ ٿيا، جيڪو سادات

جي عرب صفن مان نڪرڻ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيو هو. سربراهي اجلاس جي اپيل هٿان ڪان ئي انڪار ڪندي، مصري صدر اجائين اڳتي وڌيو ۽ مارچ ١٩٧٩ع ۾ اسرائيل سان امن ناهه تي صحيحون ڪيائين، ڏقيڙ مڪمل ٿي ويو.

پي- ايل- او اڳواڻ جيڪڏهن اجان تائين گهڻو پريشان نہ هو تہ ڪيس ستت ئي هڪ وڏو شاهي صدمو پوهڻو پيو. ٢٢ جنوري ١٩٧٩ع تي بيروت ۾، ريموٽ ڪنٽرول ذريعي استعمال ٿيندڙ هڪ بم وسيلي هڪ اسرائيلي ايجنٽ مائيءَ علي حسن سلامہ کي قتل ڪري ڇڏيو. سلامہ کي هو سدائين پنهنجو 'سڀ کان وڌيڪ وڻندڙ پُٽ' سڏيندو هو. عرفات اِها خبر دمشق ۾ هڏي، جتي فلسطيني قومي ڪائونسل جو اجلاس پي- ايل- او کي پنهنجي وس ۾ آڻڻ جي شامي ۽ عراقي ڪوشش کان پوءِ ڪوڙاڻ تي ختم ٿيو. (٢٢) ڪجھ ڏينهن پوءِ جڏهن هُن ڪارا جُبا پهريل لکين فلسطينين سان گڏ سلامہ جي جنازي ۾ شرڪت ڪئي تہ سندس جذبا پجي پُري چڪا هئا. پنهنجن اُڏمن جو اظهار ڪندي هُن آمريڪا خلاف لعنتاٽي جو طوفان ڪڙو ڪري ڏنو، جنهن تي هو سلامہ جي قتل جو سڌوسنئون الزام ڌري رهيو هو. "اِهو ٺيڪ ناهي." هن پنهنجي صلاحڪارن کي شڪايتي لهجي ۾ چيو: "آمريڪين کي ان متعلق ضرور ڄاڻ هوندي. اسرائيلي سي- آءِ- اي کان سواءِ ڪجھ بہ نہ ڪندا آهن." (٢٣)

بهرحال، هو گهڻي وقت تائين مُنڌل رهي نٿي سگهيو. جيئن ئي سلامہ جو لاش قبر ۾ دفنائجي ويو، ڪجھ پريرو واقعا تيزيءَ سان پنهنجي منطقي نتيجي ڏانهن پئي وڌيا، جن پي- ايل- او اڳواڻ کي نئين سر اُميد ڏياري ڇڏي.

٣١ جنوري ١٩٧٩ع تي سانجھ سمي عرفات اولہ بيروت واري پنهنجي گهر جي بالڪنيءَ ۾ اچي بيٺو ۽ سوياري انداز ۾ پنهنجي چيلھ سان هڏل پستول مان هوا ۾ فائر ڪيائين. سندس ويجهن همراهن لاءِ اِهو پهريون موقعو هو جو عرفات پنهنجو ذاتي هٿيار استعمال ڪيو هو. هُن اِهو فائر ڪاوڙ ۾ نہ پر شهر جي مسلم آباديءَ جي جوش ڀريل جشن جي حصي طور ڪيو هو. اُن ڏينهن، ايران جي بزرگ اڳواڻ آيت الله خمينيءَ جي چوڏهن سالن جي ڏيھ نيڪاليءَ کان پوءِ پنهنجي ماتر ڀومي واپس ورڻ تي تهران ۾ لکين پرجوش ۽ سوپارن مظاهرين آڌرڀاءُ ڪيو هو: ايراني انقلاب جنم وٺي چڪو هو.

شنهشاهہ محمد رضا پهلويءَ جي زوال ۽ آيت الله خمينيءَ جي اسلامي رعيتي راڄ جي عروج، اولهائن ۽ عرب گاديءَ وارن شهرن ۾ صدمي جي لهر دوڙائي ڇڏي هئي. پر پي- ايل- او قيادت لاءِ تهران ۾ هڪ نئين ويڙهاڪ حڪومت جو اقتدار ۾ اچڻ نئين اُميد جو اولڙو هو. اولهائين اثررسوخ واري قلعي جي نگهبان ۽ اسرائيل جي هڪ دوست کي هڪ اهڙي اڳواڻ داهي پٽ ڪيو هو، جيڪو پنهنجو پاڻ کي فلسطيني ڪاز سان ڳنڍيندو رهيو هو. اِهو بہ تہ خمينيءَ جي تحريڪ اڳيئي پي-

ايل- او سان ويجها ناتا قائم ڪري ورتا هئا.

فلسطينين جي ايراني انقلابين سان ناتن جا بنياد ١٩٧٠ع واري ڏهاڪن جي وچ ڌاري اُن وقت پيا هئا، جڏهن فتح جي انٽيليجنس چيف صلاح خلف جي هڪ ويجهي ساٿي هڪ ايراني جلاوطن محمد صلاح الحسينيءَ سان سنگت رکي، جيڪو لبنان ۾ فلسطيني تحريڪ ۾ شامل ٿي چڪو هو. حسينيءَ ذريعي، فتح جا عملدار تن ڏينهن ۾ عراقي شهر نجف ۾ ڏيهه نيڪاليءَ جا ڏينهن گهاريندڙ خمينيءَ سان متعارف ٿيا ۽ ايراني مقدس اڳواڻ ۽ پي- ايل- او قيادت ۾ سنيهن جو سلسلو شروع ٿي ويو. اڳتي هلي انهن رابطن ۽ لبناني شيعا اڳواڻ موسيٰ صدر سان واقفيت ڪري عرفات اسلامي انقلاب جي ڪيترن ئي مستقبل وارن اڳواڻن سان لهه وچڙ ۾ آيو. (٢٤)

سندس محرڪ ٻين قومي آزاديءَ وارين تحريڪن سان سٺا ناتا ڳنڍڻ واري فلسطيني ريت کان گهٽو وڌيڪ هو. جيئن فتح جو هڪ انٽيليجنس عملدار ٻڌائي ٿو. "شاهه، اسرائيل سان پنهنجي ويجهن ناتن، جمهوريت دشمني ۽ پنهنجي عوام جو اُتساهه ڪچلڻ ۽ عرب قومپرستيءَ سان سندس دشمنيءَ سبب اُهو سامراجي هٿيار هو، جنهن کي اسان ڌڪاريو ٿي." (٢٥) ان جي اُبتڙ، خمينيءَ جي تيز لهجي واري سياست ۽ مذهبي وابستگيءَ فلسطينين کي پنهنجائپ ڏني، جن ڏاڪٽئين لبنان ۽ شام وارن پنهنجن ٺڪاڻن ۾ خمينيءَ جي حمايتين کي فوجي تربيت ڏيڻ لاءِ پڻ راضپو ظاهر ڪيو هو. خليل الوزير جي نظرداريءَ ۾، ١٩٧٦ع کان سوين ايراني ويڙهاڪن کي دهشت گرديءَ جي پيانڪ طريقن جي تربيت ڏني وئي. ان تربيت ۾ پي- ايل- او پاران اسرائيلي والار وارن علائقن ۾ ٻاهرين قيادت ۾ رابطا ڪرڻ وارن طريقن تي خاص طور تي ڌيان ڏنو ويو هو.

١٩٧٨ع جي آخر ڌاري، ايراني ۽ فلسطيني اچان تائين 'سياسي هني مون' ۾ هئا، جنهن ۾ ٻنهي ڌرين ڪين ورهائيندڙ گهري ثقافتي ۽ نظرياتي ڏار کي عارضي طور تي وساري ڇڏيو. خمينيءَ کي جڏهن ساڳي سال پڻ ڇڻ جي مُند ۾ عراق مان ڪڍيو ويو تہ عرفات کيس ڏاڪٽئين لبنان ۾ پناهه ڏيڻ جي پڻ آڇ ڪئي پر آيت الله حالتن جي روشنيءَ ۾ پيرس اُسهڻ جو فيصلو ڪيو، جتي هو سٺسماءُ جي اولهائڻ ذريعن ۾ جوڳي حيثيت ماڻي چڪو هو. اِهي ناتا آيت الله خمينيءَ جي سوڀارو ٿي تهران پهچڻ مهل پنهنجي عروج تي هئا. عرفات، ڪارٽر انتظاميا کان پلاند چڪائڻ واري انداز ۾ زور زور سان 'الله واهي آمريڪا!' 'الله واهي آمريڪا!' جا نعرا هڻڻ لڳو، جنهن هڪ سال اڳ کيس مڪمل تباهيءَ ڏانهن ڌڪڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي هئي. (٢٦)

"عرفات خمينيءَ جي سوڀ کي فلسطيني انقلاب جي سوڀ ليکيو، ان جا ڪي مذهبي بنياد نہ هئا پر رڳو ان ڪري جو اِهو اهڙو فلسطينين جو حمايتي انقلاب هو

جنهن نقلاب جي مومل ماٺي ورتي هئي." منجهن اتحاد قائم ڪندڙن مان هڪ هڏائي ٿو. (٢٧) جيئن ئي لبنان جي پناهگير ڪئمپن ۾ جوش جي هڪ پرپور لهر پيدا ٿي تہ بيروت جي گهٽين ۾ آيت الله خمينيءَ جي وڏي شاهي تصوير ۽ 'اڄ ايران، سڀاڻ فلسطيني' جي نعرن واران پوسٽر پڻ ظاهر ٿيا. (٢٨) ايران جي نون اڳواڻن بہ پنهنجي اقتدار جي شروعاتي ڏينهن ۾ عرفات کي مايوس نہ ڪيو ۽ پي- ايل- او لاءِ پنهنجي حمايت جي اظهار طور اڳوڻي وزيراعظم جي آفيس، تهران ۾ تنظيم جي پهرين آفيس لاءِ ڏنائون. ١٧ فيبروري ١٩٧٩ع تي عرفات انقلاب کان پوءِ ايراني گاديءَ واري شهر جو دورو ڪندڙ پهريون پرڏيهي اڳواڻ بڻيو.

اِهو دورو بہ پنهنجي پريشاني پريل لمحن کان وانجهيل نہ هو. جيئن ئي عرفات جو جهاز تهران جي حدن ۾ پهتو تہ ايرانين آمريڪي فينٽوم جهازن جو هڪ دستو کيس ايئرپورٽ تائين آڻڻ لاءِ نلگهبانيءَ طور اُماٿيو. عرفات کي ان تي اچي ڊپ ورايو تہ اسرائيلي کيس پنهنجو مهمان بنائڻ لاءِ پهچي ويا آهن پر مجموعي طور تي ايئرپورٽ تي ٿيل سندس آڌرڀاءُ اُتساهيندڙ هو. تهران ۾ هڪ پريس ڪانفرنس دوران خوشيءَ ۾ نہ ماپجندڙ عرفات دعويٰ ڪئي تہ "مون مانواري آيت الله خمينيءَ کي ٻڌايو تہ جڏهن ايراني انقلاب جو ٻڌم تہ سچ پچ يروشلم جون پٿيون گوليءَ پنڌ تي پائيون هئم." (٢٩)

عملي نتيجا بہ گهٽ متاثر ڪندڙ نہ هئا. ايرانين اڳوڻو اسرائيلي واپاري مرڪز پي- ايل- او کي سفارتخاني لاءِ ڏنو. موٽ ۾ پي- ايل- او ٧٦ ڄڻن وارو فوجي وفد تهران اُماٿيو. جيڪو هڪ مهينو اُتي ترسيو. اُن ايرانين کي هڪ ڌار فوجي قوت جوڙڻ جو مشورو ڏنو. 'پاسدارانِ انقلاب' نالي سان ٺهندڙ ان فوج نہ رڳو مستقل فوج تي نظر رکي پر نئين سرشتي جي هٽن ۾ موت جو بي رحم هٿيار پڻ بڻي. فلسطينين اسلامي رعيتي راڄ کي شاھ جي بدنام زمانہ ڳجهي پوليس فورس ساواڪ جي جاءِ تي هڪ نئين انٽيليجنس سروس جوڙڻ ۾ پڻ مدد ڏني. انهيءَ ڪرت ڪجھ پي- ايل- او عملدارن کي سرسام ۾ مبتلا ڪري وڌو جن جو نقطہءِ نظر هو تہ ايراني انقلابي بہ اُهي ساڳيا ئي طريقا اختيار ڪري رهيا هئا جن وسيلي شاھ کين چيپاٿيو هو. (٣٠)

ايران سان اتحاد کي عرفات پنهنجي انتهائي چالاڪيءَ سان قائم رکندو آيو. ان کيس جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ پيچدار سياسي مونجهارن ۾ ڌڪيو. هُن هڪ پاسي تهران جي چٽن اولھ دشمن ملن سان دوستي ٿي ڳنڍي تہ ٻئي پاسي اولهائين ميڙتا حاصل ڪرڻ لاءِ پڻ پتوڙيائين ٿي. هڪ پيرو ٻيهر، پي- ايل- او اڳواڻ ڪيترائي رستا پنهنجي هٿ وس ڪرڻ جي چڪر ۾ هو. ايراني نقطہءِ نظر کي وٺائڻ لاءِ هُن پنهنجو پاڻ کي اسرائيل خلاف جهاد جو سورمو ظاهر ڪرڻ ٿي چاهيو. پر اولهائن گاديءَ وارن شهرن ۾، جتي هو ٻيهر پنهنجي سياسي حيثيت لاءِ سفارتي ڪاوشن

۾ رڌل هو. هُن آزاد فلسطيني رياست ۾ امن لاءِ پنهنجي خواهش تي زور ڏنو- ۽ وچ اوڀر ۾. هُن ايران سان پنهنجي اتحاد کي چالاڪيءَ سان خدا جي ٻڍ جي نالي تي، هر ان عرب اڳواڻ لاءِ استعمال ڪرڻ ٿي چاهيو، جنهن پي- ايل- او کان سواءِ ڪو سياسي جوڙتوڙ ڪرڻ گهريو ٿي.

ان ذريعي عرفات ٻنهي سنيهو اماڻڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هو، ته مارچ ١٩٧٩ع ۾ مصر ۽ اسرائيل وچ ۾ صحيحون ٿيل ٺاهه علائقي لاءِ امن نٿو آڻي سگهي ۽ فلسطيني اسرائيل پاران اولهندي ڪناري ۽ غزه ۾ پنهنجي سر اختياريءَ جي ڪاٻه محدود ڪندڙ پابندي نه قبوليندا. اپريل ۾ ٽائيم رسالي کي ڏنل هڪ انٽرويو ۾ هُن آمريڪا جي عرب 'بائيڪاٽ' واري ڳالهه ڪندي چيو هو: "هڪ سال اڳ توهين سمجهي رهيا هئا ته ڪابه طاقت توهان جي شاهه ايران کي لوڏي نٿي سگهي. پر هاڻ هو ڪٿي آهي؟." (٣١)

ٿورڙي عرصي لاءِ ٿي سهي پر انهن متنازعي چالبازين مان فائدو ضرور ٿيو. ايندڙ هڪ سال يا ان کان ڪجهه وڌيڪ عرصي تائين، عرفات اولهه يورپ ۾ ڪجهه اهڙا نوان دروازا کولڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو، جيڪي هاڻ اسرائيلي صورتحال ۽ ايراني انقلاب کان پوءِ وچ اوڀر ۾ تيل جي وڌيل اڳهن جي نئين لهر مان جان ڇڏرائڻ جا خواهشمند هئا. ڏکهي عرصي کان عرفات جي دوست آسٽريا جي چانسلر برونو ڪريسڪيءَ جولاءِ ١٩٧٩ع ۾ پي- ايل- او اڳواڻ کي سرڪاري دوري جي نيند ڏني، سيپٽمبر ۾ وري اسپين حڪومت ان جي پوئواري ڪئي. ايسٽائين جو خود واشنگٽن ۽ پي- ايل- او ۾ ڳالهين لاءِ نيون ڪوششون پڻ ٿيون. انهن جو ڪو نتيجو ته نه نڪتو پر ان دوران گڏيل قومن ۾ آمريڪي سفير اينڊي ينگ پنهنجي نرڪري وڃائي ويٺو ۽ جون ١٩٨٠ع ۾ عرفات جي فتح پاران 'صيهوني وجود کي اقتصادي، سياسي، فوجي، ثقافتي ۽ نظرياتي طور تي نيست ڪرڻ' واري طوفاني بيان (٣٢) کان ڪجهه ئي هفتا پوءِ، يورپي برادريءَ پي- ايل- او جي ڏس ۾ هڪ وڏي ٻرانگهه پري. وينس ۾ ٿيل هڪ گڏجاڻي ۾، برادريءَ جي ميمبرن ان ڳالهه تي راضپو ڏيکاريو ته تنظيم کي وچ اوڀر امن ڳالهين ۾ 'شامل' ڪرڻ ضروري آهي.

ان قسم جي طريقهءِ ڪار جو عرفات ماهر ته اڳيئي هو پر ان کي جاري رکي نه سگهيو. ايراني انقلاب کان ڪو سال کن پوءِ، آيت الله خمينيءَ سان سندس اتحاد ۾ ڏار پوڻ شروع ٿي ويو. پي- ايل- او اڳواڻ جنهن ۾ پنهنجيون اميدون رکيون هيون، هاڻ اُهو اتحاد ناڪاميءَ ڏانهن وڌڻ لڳو هو.

حقيقت ۾ فلسطيني مزاحمت ۽ ايراني انقلاب ٻاهران کان ته ڏاڍا قربائتا ٿي لڳا پر عجيب ڳالهه اِها هئي ته قدامت پرست سُني مسلمانن جي قيادت ۾ سيڪيولر تحريڪ سڏجندڙ، ريڊيڪل شيعا عالمن سان پريت جا پيچ ڳنڍي رهيا هئا. حڪمت

عمليءَ تي سندن وچ ۾ اختلاف بنيادي نوعيت جا هئا. عرفات ان جو اظهار ڪندو رهيو ته پهرين مرحلي ۾ فلسطين ۾ هڪ ننڍي رياست واري مقصد ماتڙ لاءِ جدوجهد ڪرڻ چاهي ٿو. جڏهن ته خمينيءَ جو خيال هو ته سندس انقلاب سڄي علائقي کي هڪ وڏي اسلامي نظريي واري رياست ۾ بدلائي سگهي ٿو پر اُهو نئي ٿيو جنهنجو امڪان هو: پي- ايل- او چيئرمين پنهنجو پاڻ کي آمريڪا سان ڳنڍڻ جو خواهشمند هو. جيڪو ايرانين وٽ 'وڏو شيطان' بڻيل هو. ان اختلاف منجهان رنجشون پيدا ڪرڻ شروع ڪيون.

نومبر ١٩٧٩ع جي شروع ۾، عرفات کي هڪ غيررواجي سنيهو مليو. کيس نيويارڪ ۾ سندس هڪ دوست ايڊورڊ سعيد پاران مليل پيغام اصل ۾ آمريڪي پرڏيهي وزير سائرس وانس جو اُماڻيل هو ۽ ان جي اهميت جو اندازو هڪ لفظ 'مدد' مان لڳائي سگهجي ٿو. ڪجھ ڏينهن اڳ، آمريڪا مخالف مظاهرن جي اڻکٽ سلسلي دوران نوجوان ايراني انقلابين جي هڪ ٽولي تهران ۾ آمريڪي سفارتخاني تي قبضو ڪري سفارتڪارن سميت عملي جي ٻاونجاھ ڄڻن کي يرغمال بڻائي ورتو.

ڪارٽر جيئن ئي ان گهوٽالي کي ختم ڪرڻ لاءِ مايوسيءَ ۾ هيڏانهن هوڏانهن هٿ پير هڻڻ شروع ڪيا. سندس ماتحت وانس پي- ايل- او سان تعلق قائم ڪرڻ تي واشنگٽن جي وڏل پابندي ٽوڙڻ جو فيصلو ڪيو. ڪجھ بہ هجي، تنظيم جا اُن ايران سان تمام سٺا ناتا هئا، جنهن سان آمريڪا جي ڪابہ ڏيڻ ويٺ نہ هئي. جيڪڏهن ڪير ايراني مُلن تائين ڪو سنيهو رسائي ٿي سگهيو ته اُهو فقط ياسر عرفات ئي هو. (٣٣)

کيس هڪ موقعو مليو هو. يرغمالين جي آزادي حاصل ڪرڻ سان کيس وڏي پروپيگنڊا جو موقعو ملي وڃي ها ۽ ان سان آمريڪا سان ڳالهيون ڪرڻ واري سندس خواهش بہ پوري ٿي پئي سگهي. پي- ايل- او جي ٽياڪڙ ڪوششن جي سارا ھ ٿيڻ جا سپنا ڏسندي، هُن اهڙو واعدو ڪيو، جيڪو پورو ڪرڻ سندس وس ۾ نہ هو. عرفات ٻن سينيئر عملدارن: پنهنجي خاص ايلچي هاني الحسن ۽ فوجي ڪمانڊر سعيد صايل کي تهران اماڻيو تہ جيئن اُهي ايرانين تي آمريڪي يرغمالي واپس ڪرڻ لاءِ زور ڀري سگهن. جڏهن هو خمينيءَ جي ساڄي هٿ علي اڪبر هاشمي رفسنجانيءَ سان مليا تہ ڪين سمجھ ۾ نہ ايندڙ ڪاوڙ کي مُنهن ڏيڻو پيو.

"ايراني پنهنجي اندروني معاملن ۾ مداخلت تي باھ ٿي ويا." ان سرگرميءَ ۾ شامل هڪ همراھ ٻڌائي ٿو: "هُن چيو تہ 'وڏو شيطان' واهيات راند کيڏي رهيو آهي ۽ توهين تہ فرشتا ليکيا ٿا وڃو. توهان جو ان سان ڪو تعلق نہ هئڻ گهرجي. هُن فلسطينين جي ٽياڪڙيءَ واري حيثيت کي مڪمل طور تي ٺڏي ڇڏيو. ڪين سمجھ ۾ ئي نٿي آيو تہ اسين آمريڪي انتظاميا وٽ سرخرو ٿيڻ ڇو ٿا چاهيون؟

حقيقت ۾ هُن ان سموري مامري کي آمريڪا سان ٽڪراءُ جو هڪ هٿيار بڻي ليکيو." (٣٤)

رفسنجانيءَ جي جوابي دهشت ڪان بنل، صايل ۽ حسن ايرانين کي مجاڻ جي هڪ بي ڪوشش ڪندي ڪين پهرين مرحلي ۾ عورتن ۽ ڪاري چمڙي وارن کي آزاد ڪرڻ لاءِ چيو. "اسان کي خبر هئي ته ايراني قيادت آمريڪي ڪارن تي ٿيندڙ ڏاڍ جو اڪثر ذڪر ڪندي رهي هئي. تنهن ڪري اسان اِها ڳالهه گهڙي ته ڪارا آمريڪي پاليسين جي مخالف ۽ فلسطيني ڪاز جي حمايتي هڪ تنظيم جا ميمبر آهي. ايستائين جو اسان پنهنجن دليلن جي حق ۾ جعلي شاهديون به پيش ڪيون." (٣٥)

نتيجي طور ١٩ ۽ ٢٠ نومبر تي پنجن عورتن ۽ ائن ڪارن يرغمالين کي آزاد ڪيو ويو. اِهو عرفات لاءِ وانس جو ٿورائتي هئڻ وارو خط ڪمائڻ لاءِ ڪافي ته هو، پر عرفات جي ڪنٽيل لاپ ڪان تمام گهڻو گهٽ هو. اجان گهڻو ڪجھ ڪرڻو هو. چاڪاڻ جو يرغمالي آزاد نه ٿيڻ جي صورت ۾ ١٩٨٠ع وارين چونڊن ۾ ان شخص جي هارائڻ جا وڏا امڪان هئا، جنهن فلسطينين سان همدردي ڪرڻ جو جوکم ڪنيو هو. "اِهو واضح هو ته بئي صدارتي عهد لاءِ جمي ڪارٽر پنهنجي ماءُ کي به وڪڻ لاءِ تيار هو ۽ جيڪڏهن يرغمالين وارو گهوٽالو حل نه ٿيو ته پوءِ سندس شڪست اٽل هئي." ١٩٧٩ع ۽ ١٩٨٠ع ۾ آمريڪي سفير جان گنٽربين سان بيروت ۾ سفارتخاني واري گهوٽالي تي انيڪ گڏجاڻيون ڪندڙ عرفات جو هڪ صلاحڪار ٻڌائي ٿو. (٣٦)

اڳي جي پيٽ ۾ وڏيڪ سياسي لاپ پرائڻ جي اُميد ۾ عرفات پنهنجون ڪوششون جاري رکيون. اوله بيروت ۾ ايراني پرڏيهي وزير صادق قطبزاده سان هڪ مانجهاندي تي هن ۽ سندس عملدارن نئين سر دليل ڏيڻ شروع ڪيا: "توهان ايرانين کي هاڻ ان مان جان ڇڏرائڻ گهرجي. توهان مڪمل طور تي غيرمصالحتي حيثيت تي پهچي ويا آهيو." اُتي موجود هڪ فلسطينيءَ چيو. "اِهي معصوم شهري آهن، جن جو آمريڪي پاليسين سان ڪوبه تعلق ناهي. جيڪڏهن توهين آمريڪين سان ڪا ڏيتي ليتي ڪرڻ نٿا چاهيو ته پوءِ اِهي يرغمالي اسان جي حوالي ڪريو ۽ عرفات کين گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل جي حوالي ڪندو." (٣٧) گڏجاڻي بابت فلسطيني تجزيي موجب، قطبزاده ان ۾ دلچسپي ڏيکاري پر ايران موٽڻ تي جڏهن اِهو نقطءِ نظر خمينيءَ آڏو رکيو ويو ته اِها رٿ مڪمل طور تي رد ٿي وئي.(٣٨)

حتمي طور تي، عرفات جي ٿياڪڙ ڪوشش ڪيس فائدو گهٽ ۽ نقصان وڏيڪ رسايو. خود سندس تنظيم اندر به مٿس ايراني فوجي طاقت جي جاڻ آمريڪي سي- آءِ- اي کي ڏيڻ جو الزام ڌريو ويو. آمريڪا ۾ جوڳي ميجتا حاصل

نہ ڪري سگهڻ سان گڏوگڏ، سندس ڪوشش پي- ايل- او جي نئين ايراني اتحادين سان ناتن ۾ پڻ ڏڦيڙ پڪيڙيو. خمينيءَ وڏي شيطان سان ايراني ٽڪراءُ دوران فلسطيني اڳواڻ پاران ٽياڪڙيءَ ذريعي معتبري حاصل ڪرڻ واري پيچ ڊُڪ کي ڪڏهن بہ معاف نہ ڪيو ۽ هُن تمام گهٽي رُکي انداز ۾ ترديد ڪئي تہ تيرهن ڪارن ۽ عورت يرغمالين جي آزاديءَ ۾ پي- ايل- او جو ڪو هٿ هو. ان مرحلي کان، هُن عرفات کي ٽڪار پريل انداز ۾ 'القذم' (جامڙو) سڏڻ شروع ڪيو. (٣٩)

انهن ناتن مان پي- ايل- او جي خواهش موجب ڪي ہيا فائدا بہ حاصل نہ ٿيا. انقلاب کان پوءِ ميلاپ جي شروعاتي ڏينهن ۾، ايرانين وڏي دعويٰ ڪندي فلسطينين سان لبنان ۾ هزارين رضاڪار اُماڻي اسرائيل سان ويڙهہ ڪرڻ ۾ سندن مدد ڪرڻ ۽ ايستائين جو ڪنهن نئين اسرائيلي اڳرائي کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪين زمين کان زمين تائين مار ڪندڙ ميزائيل ڏيڻ جي عملي مدد جو پڻ واعدو ڪيو هو. (٤٠) ٿورڙا رضاڪار ئي لبنان پهتا ۽ ميزائيلن وارو واعدو دُڦ تي ويو. ان اتحاد لاءِ عرفات سوچيو هو تہ ان سان سندس تحريڪ ويڳاڻپ مان نڪري ہيهر پنهنجا پير پختا ڪري وٺندي. اسلامي انقلاب کان تقريباً هڪ سال پوءِ، پيدا ٿيل حالتن ۾ اهو اتحاد رسمي اتحاد کان وڌيڪ نہ رهيو هو ۽ ١٩٨٠ع دوران خمينيءَ جي بپ جو راڪاس عرب صفن ۾ نئين سر ڏڦيڙ پيدا ڪرڻ لاءِ لامارا هڻڻ لڳو. هڪ نئين جنگ جا نغارا وڄڻ لڳا. هن ڀيري اِها جنگ اسرائيل سان نہ پر اوپر ۾ هڪ خطرناڪ نئين دشمن سان جوڙيل هئي.

٢٢ سيپٽمبر ١٩٨٠ع تي هزارين عراقي سپاهي ايراني سرحد اندر ڪاهي پيا ۽ عراقي جهازن ايراني علائقن ۾ ڏور ڏور تائين چيتي بمباري ڪئي. ان اڳرائيءَ ايندڙ مهينن دوران ٻنهي ملڪن ۾ چيڪتاڻ واري صورتحال کي چوٽ تي رسائي چڏيو ۽ عرفات جاتو ٿي تہ اِها پي- ايل- او لاءِ پڻ سخت هاجيڪار آهي. سندس ٻنهي اتحادين ۾ نہ رڳو جنگ لڳل هئي پر ٻئي ٽياڪڙيءَ جي سمورين ڪوشش جي مزاحمت ڪري رهيا هئا، هو هڪ ڀيرو ہيهر اٽڪيئي چونڊ ڪري رهيو هو، اهڙي جيڪا ان ڪري بہ سولي نہ هئي جو هڪ ٻي رياست شام، جنهن تي فلسطينين گهٽي پاڳي پاڙيو ٿي، عراق خلاف ايران جي حمايتي هئي.

هڪ ڀيرو ہيهر فلسطيني هڪ پاسي تڪرار ۾ رُڌل عرب رياستن ۽ ٻئي پاسي جيئن پوءِ تيئن انتهاپسند اسرائيل هٿان ڪچلجڻ جي خطري ۾ ڦاٿل هئا. اسرائيل والاريل علائقن ۾ پي- ايل- او جي حمايتي اُدمن کي چيپاڻ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي هئي. بيروت ۽ دمشق وچ ۾ لاڳيتو چڪر ڪاٽيندي عرفات، پنهنجي تحريڪ جي ويڳاڻپ لڪائڻ جي ڪوشش بہ نہ ڪئي. "ڪٿي آهن عرب هٿيار، عرب عوام، عرب فنڊ، عرب تيل وارا هٿيار؟" اپريل ١٩٨١ع ۾ شامي گاديءَ واري شهر ۾ ٿيل فلسطيني قومي ڪائونسل جي اجلاس ۾ هُن رڪائي مان پڇيو

هو.(۴۱)

دولت جي آمد تہ جاري هئي پر ٻين ڏسائن ۾ حالتون جيئن پوءِ تيئن خراب ٿينديون پئي ويون. وسيلا ڇڪتاڻ تي خرچ ٿيڻ لڳا ۽ واحد عرب اڳواڻ اسد، جنهن تي عرفات گهڻي ڀاڱي ڀاڙيو ٿي، سندس ترا ڪڍڻ جي چڪر ۾ هو. جيتوڻيڪ دمشق باقي دنيا ڏانهن عرفات لاءِ ڪنهن دريءَ وانگر هو، پر اُتان جي حڪومت سان سندس ڏيڻ وٺڻ اجان تائين انتهائي مايوسيءَ واري هئي، ”سلامتي واري نقطہ نظر سبب هُن بيروت کان هوائي سفر نٿي ڪيو ۽ عرفات بيروت کان دمشق ويندڙ رستي کي ڪيترائي ڀيرا ڀيٽيو.“ سندس هڪ صلاحڪار ٻڌائي ٿو: ”ان عرصي ۾ هو اسد سان انيڪ ڀيرا ڳڏيو هوندو. ڪنهن بہ مرحلي تي اسد نہ تہ پنهنجي رٿائن کان اسان کي باخبر ڪيو ۽ نہ وري ڪنهن طور پاليسي جوڙڻ ۾ اسان سان رابطو ڳنڍيائين.“ (۴۲)

۱۹۷۵ع ۽ پوءِ وري ۱۹۷۸ع وانگر پي- ايل- او جو لبناني مرڪز ئي هو جنهن اچي سندس گهر کي مسئلن جو نڪاتو بڻايو. ٻيڙائن جا شروعاتي اهڃاڻ پي- ايل- او بدران شام تي ظاهر ٿيڻ لڳا. اپريل ۱۹۷۸ع جي آخر ڌاري، لبنان ۾ ڇڪتاڻ اوڏي مهل پنهنجي انتها تي پهچي وئي، جڏهن اسرائيلين ٻہ شامي هيليڪاپٽر ڪيرائي وڌا ۽ موٽ ۾ شامين ملڪ جي اوڀرندي واري ٻڪا ماٿريءَ ۾ ڪيترائي سام- ٦ اينٽي ايئر ڪرافٽ ميزائيل لڳايا. جڏهن اسرائيل انهن کي طاقت وسيلي تباهہ ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني تہ فوجي طاقت جي نماءُ جا امڪان تمام گهڻا وڌي ويا. وائيٽ هائوس جي نئين رهواسي رونالڊ ريگن، گهوٽالي کي ختم ڪرڻ لاءِ مسئلن کي مُنهن ڏيندڙ فلپ حبيب کي سرزمين اُماڻيو.

ان کان پلي پٽ واقف هوندي تہ لبنان ۾ ظاهر ٿيندڙ نئون مسئلو پي- ايل- او کي وڏيڪ ٻيڙائن ۾ ڌڪيندو، عرفات ٽنهن سال مئي جو مهينو، گهڻي ڀاڱي نار ۽ اتر آفريڪا جا دورا ڪندي ڏقيڙ ۾ پيل عرب ڀائيچارو ٻيهر بحال ڪرڻ ۾ گذاريو. مزاحمت گذريل سال ان وقت کان اسرائيلي ڏاڍ جو شڪار بڻيل هئي، جڏهن شام لبنان کي ڦلهيار ڪرڻ جي ڪوشش ۾ حصيدار ٿيندي، بيروت جي ڏکڻ وارن ساموندي علائقن مان ترڙڪڙ ۾ پنهنجون فوجون ڪڍي ورتيون هيون، جتي فلسطيني وڏي تعداد ۾ رهندا هئا. اسرائيل شامي ميزائيلن جي ڪارڪردگي روڪڻ لاءِ فلسطيني نڪاتن تي حملن ۾ اضافو ڪيو، جنهن ڪري پي- ايل- او اندر ان جي وراثي بابت هڪ بحث شروع ٿي ويو. ۱۰ جولاءِ ۱۹۸۱ع تي جڏهن اسرائيلي هوائي فوج ڏکڻ لبنان ۾ هڪ ٻيو زوردار حملو ڪيو تہ دليل مزاحمت نہ ڪري سگهڻ جوڳا بڻجي ويا. پي- ايل- او هڪ اترائين اسرائيلي وستيءَ تي بمباري ڪري حملي جو جواب ڏنو.

ٻن هفتن تائين هلندڙ ڇڪتاڻ، پي- ايل- او پاران سوويت يونين جي ڏنل

راڪيٽن کي پنهنجي لبناني اڏن ۾ لڳائڻ سان ’ڪيتوشاس جنگ‘ ۾ بدلجي وئي. فلسطينين گيليليءَ جي ڳوٺن ۽ شهرن تي راڪيٽن ۽ بمن جو وسڪارو ڪري هزارين اسرائيلين کي جان بچائڻ لاءِ ڏکڻ ڏانهن ڀاڄ کائڻ تي مجبور ڪيو. اسرائيلي هوائي فوج اولهه بيروت جي ڳتيل علائقي فاخانيءَ تي، جتي پي- ايل- او جا هيڊڪوارٽرس هئا، بمباري ڪئي، جنهن ۾ ٻه سؤ جڻا مارجي ويا ۽ ست سؤ کن زخمي ٿيا. فلپ حبيب پنهنجو سمورو ڌيان هڪدم جنگبندي ڪرائڻ تي لڳايو.

اهو ڪو سندس رٿيل منصوبو نه هو، پر عرفات ۽ سندس ساٿين انهيءَ ڏيک کي پنهنجي بيروت واري آپريشن روم مان جوش ۽ اُتساهه سان ڏٺو. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته سندن قوت اسرائيلي حملن جي نتيجي ۾ ڳورو جاني نقصان ڀرائي رهي هئي، پر هُنن لاءِ وڌيڪ اهم اِهو هو ته سندن اڇلايل راڪيٽن اسرائيل سان ڪا گهٽ ويڙهه نه ڪئي هئي. هُنن هر لمحي يهودي رياست تي وڌيڪ بار ٿي وڌو. اهڙو ڏهاءُ هو پنهنجي غيراثرائتي ’هٿياربند جدوجهد‘ جي ٻُگهن سالن ۾ ڪڏهن به وجهي نه سگهيا هئا. سڀ کان وڌيڪ اهم ڳالهه اِها هئي ته هڪ سينيئر آمريڪي ايلچي، عرفات جي ماڻهن سان سڌوسنئون ڳالهين کان جهل ڪري، ٿيا ڪرڻ وسيلي، اسرائيل ۽ ان جي جاني دشمن پي- ايل- او ۾ ڪا اثرائتي جنگبندي ڪرائڻ لاءِ هٿ پير هڻي رهيو هو.

يونيفل ڪمانڊر جنرل وليم ڪالاهان ذريعي عرفات کان ڪيل جنگبنديءَ واري ڳُهر، ڪڏ ٿيل پي- ايل- او اڳواڻن ۾ هڪ سخت بحث شروع ڪري ڏنو. انهن مان ڪن اِها هڪدم قبولي پنهنجو پاڻ کي بيهر منظم ڪري وري ڪجهه عرصو پوءِ حملو ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي؛ جڏهن ته عرفات سميت ٻين هڪدم حڪم جي پوئواري بدران، اسرائيل تي ڪجهه وڌيڪ دٻاءُ وجهڻ کان پوءِ جنگبندي ڪرڻ جو موقف ظاهر ڪيو. (۴۳) پوئين نقطءِ نظر سوڀ ماڻي ۽ ۲۴ جولاءِ تي فلپ حبيب يروشلم ۾ اعلان ڪيو ته ’مقامي وقت موجب ڏيڍ وڳي کان، لبناني ۽ اسرائيلي علائقن تان هڪ ٻئي خلاف سمورا مخالف فوجي حملا بند ڪيا ويندا.‘ (۴۴)

جنگبندي قبوليندي، عرفات اُها حرفت ڏيکاري جنهن جو هو ايترن سالن ۾ ماهر بڻجي ويو هو. هُن انتهائي محدود فلسطيني فوجي وسيلن کي سياسي لاڀ جو ذريعو بڻايو. پر ان ئاهه اسرائيل ۾ فلسطينين وچ ۾ ڇڪتاڻ جا اصول ئي بدلائي ڇڏيا، جنهن لاءِ فلپ حبيب پي- ايل- او ۽ ان ملڪ ۽ ڪنهن حد تائين معمولي هم آهنگي پيدا ڪئي هئي، جنهن ان کي برداشت نه پئي ڪيو. اهو مجتا جو غيرمتوازي ۽ اڻ ڳُهريو اظهار هو. ”تڪراءُ جي نتيجي ۾ شروع ٿيل ڳالهين جو مطلب ڇا ٿو نڪري سگهي؟.“ ڪيني پيريل عرفات اِهو ئاهه ٿيڻ جي ٻن ڏينهن کان پوءِ هڪ آمريڪي ٽي- وي انٽرويو ۾ سوال اُٿاريو. (۴۵)

عرفات لاءِ، جنهن کي ٻين وانگر خبر هئي ته جنگبندي هڪ نازڪ معاملو آهي،

اڻ لکيل ناهه. ٽمڪي ۾ ست پريو موقعو ئي پيش ڪيو. هر قيمت تي لبنان ۾ پي- ايل- او جا اڏا بچائڻ ۾ هڪ اڳواڻ طور. جنهن پنهنجي ڏر لاءِ سوديبازي ڪرڻ پئي چاهي، مان مرتبو وڌائڻ لاءِ بيقرار هُن هڪ پيرو ٻيهر جنگبنديءَ جي پيچڪڙين کان بچڻ لاءِ، پنهنجن جوڏن جون واڳون تاڻي رکيون. ساڳي وقت، هُن پنهنجو پاڻ تي واضح ڪيو تہ عارضي امن پي- ايل- او کي ڪارائتي سياسي شروعات ڏئي سگهي ٿو. چاهي اُن سان وڏي پئماني جي ڳالهين جي شروعات ٿئي يا اِهو آمريڪي مچتا جي سونهري مقصد ماڻڻ واري رستي جو بنيادي پٿر ثابت ٿئي. اِهو سفارتي سرگرمين لاءِ نئين سر هٿ پير هڻڻ جو وقت هو.

اُنهيءَ اونهاري ۾، عرفات سعودي عرب جي ولي عهد شهزادي فهد جي اعلان ڪيل اٺ نڪاتي امن رٿا جي لکڻ ۾ اهم پر پبلسٽي نہ ٿيل ڪردار ادا ڪيو. هڪ آزاد فلسطيني رياست قائم ڪرڻ جي گهر ڪندي ۽ 'علائقي جي سمورين رياستن جي امن سان رهڻ' (۴٦) بابت اميد پريو اعلان ڪندڙ رٿا هڪ پيرو ٻيهر پي- ايل- او قيادت ۾ ڏڦيڙ پيدا ڪيو ۽ خود عرب رياستن ۾ پڻ ڪاوڙ پريل تيز دليلن کي جنم ڏنو. ان کي تڏهن واپس ورتو ويو، جڏهن شام جي مخالف صدر، عرفات تي اڳي جي پيٺ ۾ وڍيڪ شڪ ڪندي، ساڻس ڪو مشورو نہ ڪرڻ تي ڪاوڙجندي نومبر ١٩٨١ع ۾ فيض ۾ ٿيل عرب سربراهي اجلاس جو بائيڪاٽ ڪيو. آڳرين تي ڳڻڻ جيترا ماڻهو ئي ڄاڻن ٿا تہ عرب تڪرار جي جاري هوندي بہ عرفات هڪ وڏيڪ ڏاهپ پري سفارتي مشق ۾ رُڌل هو.

۱۴ آگسٽ ١٩٨١ع تي عرفات پنهنجي هڪ نوجوان آمريڪي واقف جان ايڊون مروز سان ملاقات ڪري، ڪيس ريگن انتظاميا تائين هڪ سنيهو پهچائڻ لاءِ چيو. اِهو فهد رٿا سان نهڪندڙ ست نڪاتي تجويز تي ٻڌل هو ۽ ان ۾ 'آمريڪا پي- ايل- او ناهه' بابت هڪ ممڪن ڍانچي لاءِ ڳالهيون رٿيل هيون. (۴۷) ۲۳ سالن جي جمار وارو خوش طبع ۽ ٿلهو متارو مروز، پي- ايل- او اڳواڻ جو اُن وقت واقف ٿيو، هو جڏهن هو وچ اوير جي سلامتيءَ بابت پنهجي هڪ ڪتاب لاءِ تحقيق ڪري رهيو هو. سندس آمريڪي انتظاميا، اثرائتي يهودي لابي ۽ پرڏيهي کاتي سان، جتي هو بيروت ڏانهن پنهنجي سفر کان اڳ رابطي ۾ هو، سٺا ناتا هئا. ڪيس ائين لڳو هو تہ چڻ هو اڏ کليل در کولي رهيو هجي. صدر ريگن ۽ سندس پرڏيهي وزير اليگزينڊر هيگ ۾ صلاح مشورن کان پوءِ، مروز کي پي- ايل- او چيئرمين سان ڳالهيون اڳتي وڌائڻ جو اختيار ڏنو ويو. انهن ڳالهين جو مقصد، اسرائيل جي وجود واري حق کي تسليم ڪرڻ ۽ دهشتگرديءَ تان هٿ ڪڻڻ وارن آمريڪي شرطن تي ڳالهيون شروع ڪرڻ هو. (۴۸)

اِهو مڪمل طور تي واضح ناهي تہ ريگن اهڙي قدم تي ڇو راضپو ڏيکاريو. هُن پي- ايل- او کي سدائين 'دهشتگرد' سڏي پنهنجي مخالفت جو اظهار ٿي ڪيو.

اِها الڳ ڳالھ آھي تہ اڳتي ھلي ھُن مروز ڳالھين متعلق ڪابہ ڄاڻ ھئڻ کان انڪار جي ڪوشش ڪئي. (۴۹) انھيءَ غيررواجي پريت جا اختيار ڏيندي، آمريڪي صدر جي ذھن ۾ وسيع سفارشون ھيون، انھن ۾ رڳو لبنان ۾ ٿيندڙ دھشتگرديءَ ۾ آيل تيزيءَ شامل نہ ھئي، جيڪا مصري- اسرائيلي امن قدمن کي ڇيھو رسائي پئي سگھي. ان ڳالھين جي ھڪ بگھي سلسلي کي جنم ڏنو جيڪو رڪاوٽن جي ڳوري ڇپ کي ھٽائڻ ۾ ذري گھٽ سوپارو ويو ھو.

ايندڙ نون مھينن ۾، مروز عرفات سان ڏار ڏار پنجاھ گڏجاڻين ۾ گھٽ ۾ گھٽ چار سؤ ڪلاڪ ڪپايا. ھو مختلف ھنڌن تي گڏجندا ھئا، ھڪ ڀيرو تہ ھو اسپتال جي اُن وارڊ ۾ مليا جتي عرفات جي گردن مان پٿري ڪيڻ واري آپريشن ٿي ھئي. ھُن عرب سياست جي مڪمل صورتحال ۽ پي- ايل- او تي پوندڙ دٻائن تي تفصيلي ڳالھ ٻولھ ڪئي. ھُن واشنگٽن لاءِ قابل قبول لفظن ۾ ڳالھيون شروع ڪرڻ لاءِ دستاويزن کي ڳجھي سفارتي لحاظ تحت لکڻ لاءِ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. ريگن انتظاميا، مروز ذريعي ملندڙ پيغامن کي سعودي عرب جي انتھائي محنتي 'ڳجھي ذريعي' وسيلي تصديق ڪري، عرفات کي پنھنجي صاف نيت جو يقين ڏيارڻ لاءِ ڪيترائي قدم کنيا. ھڪ مرحلي تي، سي- آءِ- اي، جيڪا ڳالھين دوران مَروز سان لاڳيتو رابطي ۾ ھئي، عرفات کي سندس مومنن جي قافلي تي حملي کان باخبر ڪري سندس جان پڻ بچائي ھئي.

مسئلو سدائين جيان، عرفات واتان اُھو اعلان ڪرائڻ جو ھو، جيڪو ڳالھين لاءِ ڪيس اھل بڻائي سگھي. ۱۹۷۷ع وانگر، ھُن اسرائيل کي تسليم ڪرڻ واري رعايت ڏيڻ کان ڪيٻايو. ھو ان تي پريشان ھو تہ نئين آمريڪي رويي کي ڪيئن منھن ڏي. "ڪيڏي ڪيڏي مھل تہ ھُن ان کي انتھائي سنجيده ٿي ورتو، جڏھن تہ اڪثر ان کي قوڪڻ جي راند کان وڌيڪ نہ پئي سمجھيائين." مروز ٻڌائي ٿو. "توھان کي ٻاھرين عرب قوتن جي تنظيم تي ٽونشي بازي چڱي طرح نظر اچي پئي سگھي. ھو مون سان سدائين ھائوڪار تہ ڪندو ھو، پر مستقبل ۾ ڪنھن مناسب موقعي لاءِ اوسيئڙو بہ ڪرائيندو ھو." (۵۰)

اِھو پراڻو، معروف تناسبي عمل ھو، فرق رڳو ايترو ھو جو پي- ايل- او اڳواڻ جن قوتن ۾ تناسب رکڻ پئي چاھيو، اُھي اڳي جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ بيچاري رھيون ھيون. تنگدستيءَ ۾ شام تي ڀاڙيندي، ھو امن لاءِ اھڙا قدم کڻڻ واري حيثيت ۾ نہ ھو جنھن کي شامي صدر پسند نہ ڪندو ھجي. جيڪڏھن ھُن اڪيلي سر ڳالھيون ڪرڻ ٿي چاھيون تہ اسرائيل سان امن ٺاھ ڪرڻ تي انتھاپسند مسلمانن ھٿان آڪٽوبر ۱۹۸۱ع ۾ سادات جي قتل وارو واقعو سندس آڏو ڦري ٿي آيو. "ڇا منھنجو بہ سادات جھڙو حشر ڏسڻ چاھيو ٿا؟." مٿس رعايتون ڏيڻ لاءِ پوندڙ دٻاءُ جي موٽ ۾ عرفات اِھو ئي جملو چوندو ھو. (۵۱)

سپ کان وڏيڪ ايذائيندڙ ڳالھ اسرائيل جي صورتحال هئي، جتي سخت گيريءَ لاءِ بدنام ايرل شيرون بچاءُ جو وزير هو. جيڪو والاريل اولهندي ڪناري ۽ غزه ۾ فلسطيني قومپرستيءَ کي چيڀاٽڻ لاءِ نوان جوڳا قدم کڻي رهيو هو. هڪ ڀيرو ٻيهر جنگ جا نغارا وڄڻ لڳا. مئي ١٩٨٢ع ڌاري جڏهن جان مروز هڪ ٻي ڪوشش لاءِ بيروت آيل هو. عرفات اجان ڳالهين جي تسلسل جو خواهشمند هو پر سندس ڏيان هر هر ڏکڻ کان ايندڙ بارودي بُوءِ ڏانهن ڇڪجي ٿي ويو. "جيڪڏهن هو اسان سان وڙهڻ چاهين ٿا تہ پوءِ کين بيروت اچڻ ڏيو. اسين تيار آهيون." هُن نوجوان آمريڪي آڏو دعويٰ ڪئي هئي. (٥٢) پر سورهيائپ ڀري اهڙي دعويٰ پاڻيءَ جا قوتا ثابت ٿي.

عرفات ۽ مروز جون جي وچ ڌاري هڪ ٻي گڏجاڻي لاءِ تاريخ طئي ڪئي. جنهن لاءِ پي- ايل- او اڳواڻ واعدو ڪيو هو تہ هو پنهنجي ورنديءَ کان واقف ڪندو. پر ظاهر نہ ٿيندڙ سببن ڪري، اليگزينڊر هيگ، مروز کي بيروت نہ وڃڻ جو حڪم ڏنو. مهيني کان بہ گهٽ عرصي اندر، لبنان ۾ اسرائيلي اڳرائي شروع ٿي وئي. انهيءَ عرفات جي اُن ڪاوڙ ڀريل الزام کي وڌيڪ هٿي ڏني تہ هو آمريڪي هٽي معيار جو شڪار بڻايو ويو. (٥٣)

حوالا

باب ڏهون

١- بيوڊ هرسٽ ۽ ارني بيسن جي لکيل، Sadat، لنڊن، ١٩٨١ع، صفحو نمبر: ٢٥٥ تان کنيل.

٢- محمود رياض، The Struggle for Peace in the Middle East لنڊن، ١٩٨١ع.

٣- اسماعيل فهمي، Negotiating for Peace in the Middle East لنڊن، ١٩٨٣ع.

٤- ياسر عرفات جو الحيات کي ڏنل انٽرويو، ١جنوري ١٩٩٠ع.

٥- محمد صحبيہ انٽرويو، قاهره، نومبر ١٩٨٩ع، صحبيہ فلسطيني قومي ڪائونسل جو سيڪريٽري جنرل آهي، ۽ قاهره ۾ رهي ٿو.

٦- عبداللطيف ابوحجلہ (ابوجعفر) انٽرويو، تيونس، آگسٽ ١٩٨٩ع.

٧- ياسر عرفات انٽرويو، تيونس، ڊسمبر ١٩٨٩ع، صلاح خلف انٽرويو، تيونس، آگسٽ ١٩٨٩ع.

٨- ابواياد، My Home, My Land، نيويارڪ، ١٩٨١ع، صفحا: ٢١٠ ۽ ٢١٢.

٩- جمي ڪارٽر، نيويارڪ ٽائيمز ١٦ڊسمبر ١٩٧٧ع تان کنيل، Fiches du Monde Arabe

٢٣ جنوري ١٩٨٠ع، نمبر: ١٤٨٦.

١٠- ممدوح نوفل انٽرويو، تيونس، آگسٽ ١٩٨٩ع، نوفل لبنان ۾ ڊي- ايف- ايل- پيءَ جو هڪ سينيئر ڪمانڊر آهي.

١١- احمد قورائي (ابوعليٰ) انٽرويو، تيونس، جون ١٩٨٩ع.

١٢- ليڪڪن سان ڪيل انٽرويو، لنڊن، جون ١٩٨٩ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.

١٣- ليڪڊ گڏيل پليٽ فارم، والٽر ليقيوئر ۽ بيري روبن جي سهيڙيل، The Israel Arab Reador

لنڊن، ١٩٨٤ع، صفحي: ٥٩١ ۽ ٥٩٣ تان کنيل.

١٤- Fiches du Monde Arabe، ١٠مئي ١٩٧٨ع، نمبر: ٩٥٢.

١٥- ساڳيو نمبر: ٩٤٥ ۽ ٩٤٦.

١٦- Middle East Reporter، بيروت، ١٢آگسٽ ١٩٧٨ع.

١٧- برائن يورقوهارٽ انٽرويو، لنڊن، مئي ١٩٨٩ع.

١٨- محمد صحبيه انٽرويو، قاهره، نومبر ١٩٨٩ع.

١٩- ياسر عرفات، نيويارڪ ٽائيمز، ٢ مئي ١٩٧٨ع تان کنيل.

٢٠- Middle East Reporter، بيروت، ٧آڪٽوبر ١٩٧٨ع.

٢١- Fiches du Monde Arabe، ١٥ نومبر ١٩٧٨ع، نمبر: ١١١٨.

٢٢- Middle East Reporter، ٢٧ جنوري ١٩٧٩ع.

٢٣- ايڊورڊ سعيد انٽرويو، نيويارڪ، نومبر ١٩٨٩ع.

٢٤- ياسر عرفات، الحيات تان کنيل، ١ جنوري ١٩٩٠ع.

٢٥- ليڪڪن سان ڪيل انٽرويو، تيونس، جون ١٩٨٩ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.

٢٦- ساڳيو.

٢٧- ساڳيو.

٢٨- هيليناڪوبان، The Palestinian Liberation Organisation ڪيمبرج، ١٩٨٤ع، صفحو نمبر: ١٠٤.

٢٩- ايئرون ڊيوڊ ملر، The PLO in The Middle East Since Camp David

سهيڙيل رابرٽ فريڊمين، بائولڊر، ڪلراڊو، ١٩٨٤ع.

٣٠- فتح جي انٽيليجنس عملدارن سان انٽرويو، تيونس، جون ١٩٨٩ع، نالو

درخواست تي ڳجهو رکيل.

٣١- ياسر عرفات، ٽائيم رسالي تان کنيل، ١٩ اپريل ١٩٧٩ع.

٣٢- ڏسو نمبر: ٢٨ جو صفحو نمبر: ١٠٧.

٣٣- سائرس وانس انٽرويو، نيويارڪ، نومبر ١٩٨٩ع، ۽ ايڊورڊ سعيد، انٽرويو، نيويارڪ، نومبر ١٩٨٩ع.

٣٤- فتح جي انٽيليجنس عملدار سان انٽرويو، تيونس، جون ١٩٨٩ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.

٣٥- ساڳيو.

٣٦- ليڪڪن سان انٽرويو، لنڊن، جولاءِ ١٩٨٩ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.

٣٧- ساڳيو.

٣٨- ساڳيو.

٣٩- عرفات جي مخالف سان انٽرويو، دمشق، مئي ١٩٨٩ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.

٤٠- فتح جي انٽيليجنس عملدار سان انٽرويو، تيونس، جون ١٩٨٩ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.

٤١- واشنگٽن پوسٽ، ٢٥ اپريل ١٩٨١ع.

٤٢- عرفات جي صلاحڪار سان انٽرويو، لنڊن، آڪٽوبر ١٩٨٩ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.

٤٣- عمادالشاخور انٽرويو، تيونس، جون ١٩٨٩ع، شاخور عرفات جو اسرائيلي معاملن بابت صلاحڪار آهي.

٤٤- ڏسو نمبر: ٢٨ جا صفحا: ١١١ ۽ ١١٢.

٤٥- واشنگٽن پوسٽ، ٢٧ جولاءِ ١٩٨١ع.

٤٦- فهد پلان، والٽر ليقيوئر ۽ بيري روبن جي سهيڙيل، The Israel Arab Reader تان کنيل، لنڊن، ١٩٨٤ع، صفحي: ٦٢٣ کان ٦٢٤ تائين.

٤٧- جان ايڊون مروز انٽرويو، نيويارڪ، نومبر ١٩٨٩ع.

٤٨- ساڳيو، ڪڏوڪڏ نڪولس ويلئوٽس انٽرويو، واشنگٽن، نومبر ١٩٨٩ع ۽ نيويارڪ ٽائيمز، ١٩ فيبروري ١٩٨٤ع. نڪولس ويلئوٽس پرڏيهي معاملن جو اڳوڻو اسسٽنٽ آهي، بعد ۾ هو مصر ۾ آمريڪي سفير بہ رهيو.

٤٩- واشنگٽن پوسٽ، ٢٠ فيبروري ١٩٨٤ع.

٥٠- جان ايڊون مروز انٽرويو، نيويارڪ، نومبر ١٩٨٩ع.

٥١- ساڳيو.

٥٢- ساڳيو.

- ساڳيو.

حصو ثيون

(١١)

اگرائي

”لبنان ڇهاڙڻ تہ سولو آهي پر هضم ڪرڻ تقريباً ناممڪن.“
بشير جمائل.
اي- بي- سي نيوز انٽرويو، ٢٧ جون ١٩٨٢ع.

ياسر عرفات حيرت انگيز طور تي پرسڪون هو. اُن شخص جيان جنهن پنهنجو پاڻ کي ڊگهي عرصي کان خراب ترين صورتحال لاءِ تيار پئي رکيو هجي، هُن سعودي عرب جي گاديءَ واري شهر رياض جي شاندار مهمان خاني واري پنهنجي عاليشان قيام گاهہ ۾ اُها ڇرڪائيندڙ خبر تمام گهڻي بردباريءَ سان ٻڌي. جيئن ئي هُن ٽيليڪس ذريعي پي- ايل- او جا ڪجها هدايت ناما جاري ڪيا ۽ خبرون رسائيندڙ ادارن کي ڪڙڪايو تہ سندس ذهن فلسطين کي پيش ايندڙ نئين مصيبت تي تڙ تڪڙ ۾ ويچارڻ لڳو. ڪن پل سوچڻ کان پوءِ هُن پنهنجن نائبن ڏانهن متوجہ ٿي اعلان ڪيو: ”اها ڪا محدود لڙائي ناهي، جيئن اسرائيلي دعويٰ ڪري رهيا آهن، پر هيءَ اُها مڪمل ويڙهاند آهي، جنهن جي آءٌ ڊگهي عرصي کان اڳڪٿي ڪري رهيو هئس“(١).

اِها ٦ جون ١٩٨٢ع جي تاريخ هئي. اُن ڏينهن صبح سوير اسرائيل پنهنجي سرحد جي هُن پار لبنان تي وڏي شاهي چڙهائي ڪري ڏني. عرفات کي ويڙهہ جي ميدان مان آيل تازين خبرن مان پتو پيو تہ اسرائيلي فوجون اُتر ۾ ڀرپور قوت سان وڌي رهيون آهن ۽ اُهي ٿورڙي ئي دير ۾ بيروت تائين پهچي سگهن ٿيون. هُن هڪدم هڪ فيصلو ڪيو: هو واپس سڌو بيروت ويندو، جتان نار جنگ جي هڪ ٽياڪڙي مشن تي هو رياض آيو هو. دمشق کي لبناني گاديءَ واري شهر سان ڳنڍيندڙ مرڪزي رستي تي اسرائيلي قبضي کان ڪ، گهر پهچڻ جي سڌ هوندي بہ هُن بيروت ڏانهن ڪنهن حد تائين سلامتي ڀري پنهنجي راهہ متاثڻ نہ پئي چاهي. عرفات سڌوسنئون بيروت هوائي اڏي ڏانهن اڏامر نہ ڪرڻ واري پنهنجي ڪجهي اصول کي ٽوڙڻ جو هڪ لمحي لاءِ بہ نہ سوچيو. لبنان جي غيرسلامت آسمانن ۾ اسرائيلي جهڙپن جو تمام وڏو خطرو موجود هو. هُن، معمول جيان، دمشق تائين هوائي سفر ڪرڻ ۽ بيروت تائين باقي سفر ڪار ذريعي جبلن ۾ گهيريل رستي وسيلي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

عرفات ٦ جون تي پنجين وڳي شام دمشق ڏانهن ٨٥٠ ميلن جي مفاصلي واري اڏامر لاءِ رياض کان روانو ٿيو. جيئن ئي هو سعودين پاران ڏنل گلف اسٽريمر جيٽ جهاز تي سوار ٿيو، هُن ڄاتو ٿي تہ هو اسرائيلي اڳرائي جو اهمر ترين نشانو آهي، پر اُن وقت ڪيس ايترو اندازو نہ هو تہ اسرائيل ڪيس ۽ پي- ايل- او جي اعليٰ قيادت کي ختمر ڪرڻ لاءِ ڪيترو اڳتي وڃي سگهي ٿو. رات جي پهرين پهر ۾ دمشق پهچڻ کان پوءِ هُن بيروت رواني ٿيڻ ۾ ڪا دير نہ لڳائي. سندس بُلٽ پروف ليموزائن گاڏي ۽ حفاظتي دستو هوائي اڏي تي ئي سندس منتظر هو.

جيئن ئي سندس قافلو اڳي جي پيٽ ۾ وڌيڪ ڦرتيءَ سان بيروت- دمشق هاءِ وي تي روانو ٿيو تہ کيس ہرندڙ صورتحال کان واقف ڪيو ويو. ڏکڻ ۾ فلسطيني مزاحمت ختمر ٿي رهي هئي ۽ اسرائيلي پيشقدمي ڪنهن بہ ريت جهڪي نہ ٿي هئي. هيئي پاسي، شروعاتي مرحلي ۾ ئي ان جا چٽا اهڃاڻ ظاهر هئا تہ اسرائيلي هن پيري گهڻو ڪجهہ سوچي آيا هئا. عرفات لاءِ اِها ڄاڻ سندس تيرهن سالن واري گوريلا تنظيمر جي قيادت ۾ سڀ کان ڏکي مشق جي شروعات هئي. پي- ايل- او جي دشمنن سان بمن ۽ حواسن واري اِها لڙائي هُن لاءِ دوبدو اچڻ وارو وقت بہ آڻي سگهي پئي.

ويڙهہ لاءِ سدائين تيار آڪڙباز بچاءُ واري اسرائيلي وزير جنرل ايرل شيرون ١٩٨٢ع جي اونهاري کان اسرائيلي پرڏيهي پاليسيءَ تي بہ ڪارائتي دسترس حاصل ڪري ورتي هئي. بيگن جي ان جي نتيجي تي سوچڻ تائين، ڪافي دير ٿي چڪي هئي تہ هو بہ ان ۾ برابر جو شريڪ هو. جنرل اليگزينڊر هيگ جي روپ ۾، آمريڪا کي بہ اُن گهوٽالي جي حل بابت بيوقوف بڻائڻ ممڪن هو، جنهن جي پهرين مرحلي ۾ اُن کو بہ سهڪار نہ ڪيو ۽ بعد ۾ هرويرو اچي ان ۾ هٿ ڳنڊيائين. مئي ١٩٨٢ع جي پوئين اڌ ۾ جڏهن جنرل شيرون هيگ سان گڏجڻ جي درخواست ڪئي تہ پرڏيهي وزير جا پيشيور صلاحڪار هراسجي ويا. کين شيرون جي سوچ جي خبر هئي ۽ کين سندن صاحب جي رٿيل رٿن لاءِ خطرن جو بہ پلي پت اندازو هو.

جولاءِ ١٩٨١ع ۾ ہيو پيرو آيل ريگن حڪومت ۾ بچاءُ واري وزير طور پنهنجي مقرريءَ کان هيگ سان اڪثر چڪتاڻ ۽ ڪاوڙ پريل بحث دوران شيرون پنهنجين خواهشن کي قطعي نہ لڪايو. سندس پورا نہ ٿي سگهندڙ مقصد، والاريل علائقن ۾ آباديءَ کي مڪمل طور تي بي چهرو بڻائڻ، لبنان جي پي- ايل- او کان مڪمل آزادي ۽ آخر ۾ مها سپنو: اردن جو فلسطين بڻجڻ هئا. اردن فلسطيني اڌمن ۽ خود فلسطينين لاءِ نوشي خانو بڻجي پئي سگهيو، ان سان اسرائيل تي دباءُ ڪنهن حد تائين گهٽجي پئي سگهيو، جنهن جي علائقا ڦهائڻ واري خواهش هاڻ ١٩٦٧ع واري جنگ کان اڳين ڏينهن جي پيٽ ۾ تمامر گهٽ هئي. هُن پنهنجي اِها مرضي لڪائڻ

جي بہ ڪا ڪوشش نہ ڪئي تہ آمريڪا اسرائيل جي اُتر وارين آبادين تي دہاءُ ختم ڪرڻ لاءِ پي- ايل- او خلاف 'محدود ڪارروائي' جي ضرورت کي سمجهي. ان سان ڪو فرق نٿي پيو تہ اِهو دہاءُ گذريل سال آمريڪي ٺاڪڙيءَ واري جنگبنديءَ بابت ٺاهہ کان پوءِ گهٽي حد تائين گهٽجي ويو هو.

هيگ سان پنهنجي شروعاتي ڳالهين ۾ ٺي، شيرون لبنان جي نئين سر جوڙجڪ ، سرگرم آمريڪي ڪردار ۽ وچ اوڀر جي هڪ وڏي ڪانٽ ڇانٽ واري حقيقت پويان پي- ايل- او جا ٽپڙ گول ٿيندو ڏسڻ جو خواهشمند هو. ٢٥ مئي تي پرڏيهي کاتي جي ستين ماڙ تي هيگ جي سادي سودي آفيس ۾ ايائن ڪلاڪن تائين بحث ڪندي شيرون اصل ۾ پي- ايل- او کي ڪچلڻ لاءِ 'سائي جهنڊي' جو ڦڙڪاءُ ٿي چاهيو. هيگ جي هڪ صلاحڪار موجب شيرون پنهنجي فرمائش جي موٽ ۾ 'ڳاڙهي جهنڊي' ڦڙڪندي ڏٺي. (٢) پر ان کان اڳ ڪڏهن بہ اسرائيل، اڳرائي جي فريبي جوازن تي ايترو کليو کلايو نہ ڳالهايو هو: "ڪنهن ڇتي اشتعال لاءِ ڪيترا يهودي مرڻ گهرجن؟" شيرون کُهري لهجي ۾ پڇيو هو. "هڪ يهودي گهرجي ؟" شيرون کُهري لهجي ۾ پڇيو هو: "هڪ يهودي؟ ٻہ يهودي؟ پنج؟ ڇهہ؟... اسان لاءِ اِها رسمي ڳالهہ هوندي." (٣) هيگ ارادي يا غيرارادي طور شيرون جي رٿن تي آمريڪي اعتراض واضح انداز ۾ بيان ڪري نہ سگهيو.

هيگ جي 'ڳاڙهي جهنڊي' تنهن وقت جي اسرائيلي صورتحال ۾ حاڪمن سان ٺهڪندڙ نہ هئي. وچ اوڀر جي مونجهارن بابت خود هيگ جي پنهنجي ڪرت کي پرڏيهي وزارت جي ساٿين ڪمزور پئي ليکيو ۽ شايد اها وٿيڪ خراب ان ڪري بہ هئي، جو سندن خيال هو تہ سندس صدارتي منصب ماڻڻ واري خواهش، پرڏيهي وزير طور سندس ذميوارين سان ٽڪراءُ ۾ ٿي آئي. "مون کي هُن لاءِ عزت آهي." وچ اوڀر جي معاملن بابت ذميوار پرڏيهي وزارت جو اسسٽنٽ سيڪريٽري نڪولاس ويليوٽس نتيجو ڪيندي ٻڌائي ٿو: "پر آءٌ سمجهان ٿو تہ صدارت لاءِ سندس لوڙ کيس لوڙهي وڌو ۽ سندس فيصلن کي تباهيءَ ڏانهن ڌڪي ڇڏيو." (٤)

اسرائيلين ان ڳڻجاڻي مان پنهنجي ليکي اهو نتيجو ڪڍيو تہ پرڏيهي وزير ڪارروائي لاءِ سندن دليلن سان سهمت ٿي ويو آهي. هيگ جا اسرائيل کي ان مشوري سان گڏ ڪمزور ڇتاءُ وارا لفظ تہ ڪارروائي ٿوري وقت لاءِ هئڻ گهرجي، سندس اختيارن کان گهٽو هيٺ جي شيءِ هئا، شيرون ۽ سندس ساٿين جي ڪَن لاءِ ڪنهن مڏر سنگيت کان گهٽ نہ هئا. اسرائيل جي قومي سلامتي واري صلاحڪار طور ڪم ڪندڙ جنرل اوراهام تمير چوي ٿو تہ شيرون ان ڳالهہ تي مطمئن هو تہ هيگ لبنان ۾ فوجي ڪارروائي بابت سندس دليل 'سمجهي' ورتا هئا ۽ اِهو ئي هُن يروشلم ۾ ڪابينا کي ٻڌايو. (٥)

١٩٨٢ع جي شروعاتي مهينن دوران، عرفات پاڻ بہ ڏکڻ کان ايندڙ خطرناڪ

طوفانن کان واقف هو. اولهہ بيروت جي ميري فاخاني علائقي واري پنهنجي هيڊڪوارٽرس ۾ ٿيل هڪ گڏجاڻي کان پوءِ پنهنجي سائين سان هڪ اجلاس ۾ عرفات اسرائيلي حملي جي ڳالهه ڪئي، جيڪو امڪاني طور تي عيسائي لبناني هٿياربند فورسز جي تحريڪ سان (سهڪاري) ٿي سگهي ٿو. سندس همراهه انهيءَ چمڻي واري مشق ۾ ڦاسي ٿي سگهيا. هو مسلسل پنهنجي سائين کي چتاءُ ڪونه ڏيندو رهيو: (٦) شيرون سيڪجهه لتاڙي بيروت رسڻ جي رٿابندي ڪري رهيو آهي.

ان عرصي دوران خود عرفات جو رويو سورهياڻپ واري ويساهہ ۽ هراس جي وچ ۾ لڏندو لمندو رهيو. گڏيل قومن جو جهونو عملدار برائن يورقوهارٽ، جيڪو لبنان واري عرصي ۾ سندس واقف ٿيو هو. فيبروري ١٩٨٢ع دوران بيروت ۾ ٿيل هڪ عجيب ڳالهه ٻولهه جو ذڪر ٿو ڪري، جنهن ۾ کيس آمريڪين ۽ بيگن کي پنهنجو پيغام رسائڻ لاءِ چيو ويو هو. بيگن ڏانهن پنهنجي پيغام ۾ هن ڪو عُذر پيش ڪرڻ کان اڳتي جي ڳالهه ڪئي: "بيگن کي هڏائي ڇڏ...!" عرفات چيو هو: "تو وانگر آءُ جنگ پسند ڪندڙ ناهيان. توکي اهو سمجهڻ گهرجي تہ آءُ جڏهن الهندي ڪناري ۽ غزه واري پٽيءَ ۾ فلسطيني رياست رٿيان ٿو تہ اها ٿي سگهي ٿو تہ توهان جي ليکي ۾ ٺي نہ اچي، پر اسان لاءِ اها تمام وڏي ڳالهہ آهي، جاڪاڻ جو اسين ان کان وڌيڪ ڪا رعايت نٿا ڏئي سگهون." (٧) بيگن لاءِ عرفات جي پيغام ۾ هڪ چڪتاڻ ڀريو ذاتي حوالو پڻ هو ..." ۽ رڳو اهو ٿو چاهيان تہ بيگن کي خبر پوي تہ مون ڪائنس گهڻو ڪجهہ سکيو آهي. مون سندس تاريخي ڪيريئر کي چڱي طرح پروڙيو آهي ۽ اُن مون کي گهڻو ڪجهہ سيکاريو آهي" (٨) آخر ۾ هُن يورقوهارٽ کي اهو واضح ڪرڻ لاءِ چيو تہ سندس ڪنهن جانشين کي ايتريون رعايتون نہ ڏنيون وينديون. سندس پيش منظر تان هٽڻ جي صورت ۾ امن ناهہ جا امڪان گهٽجي سگهن ٿا. بيگن ان سموري بقراطيءَ جو جواب جنگ شروع ٿيڻ وارن ڏينهن ۾ رڳو اهو ڏنو. "اوهہ! اچا!." (٩)

اردن جي شاهہ حسين ١٩٨٢ع جي بهار ۾ پنهنجي شريف النفس پرڏيهي وزير مروان قاسم کي عرفات ڏانهن اسرائيلي اڳرائيءَ جو چتاءُ ڏيڻ لاءِ اماڻيو. پر مروان پي- ايل- او اڳواڻ کي هڪ بلڪل مختلف موڊ ۾ ڏٺو. "اسرائيلي اوهان کي هميشہ لاءِ ختم ڪرڻ واسطي مارو ڪرڻ وارا آهن، ان ڪري هوشيار رهو. پنهنجي هٿان ڪين ڪو موقعو نہ ڏجو." مروان چتاءُ ڏنو هو. عرفات جي ورائي للڪار ڀري هئي: "آءُ اسرائيل جي لڙائي لاءِ تيارين کان گهڻو اڳاٽو واقف آهيان پر آءُ بادشاهہ کي خاطري ڏيارڻ ٿو چاهيان تہ جيڪڏهن اسرائيل اهڙو اڳڀرو قدم کنيو تہ اُن لاءِ تيار آهيون... پنهنجي ڏور مار ڪندڙ توبن وسيلي آءُ اترئين فلسطين جي اُماس راتين کي ڏينهن ۾ بدلائي ڇڏيندس." (١٠) ٻنهي اڳواڻن جاتو ٿي تہ اهي

رکيو فضول ڌمڪيون آهن: ڏکڻ لبنان ۾ لڳل پي- ايل- او جي توبخاني ۾ رکيو ويو ۱۳۰ ايم ايم بندوقون ئي هيون.

جيئن ئي گرم اونهارو اُپرندي پونچ تي ڪڙڪيو، فلسطينين ان ڳالهه جي اهڃاڻن تي تمام گهڻ ڌيان ڏنو ته اسرائيلي ويڙهه جي تيارين ۾ رڌل آهن. نه رڳو ٻنهي ڌرين ۾ هٿيارن جو وڏو فرق هو پر فلسطينين جون تياريون پڻ انتهائي معمولي هيون. فلسطيني فوجي تاريخدان يزيد صيّاغ چوي ٿو "عرفات پنهنجو پاڻ کي، اڻ ڏٺل کي ڏسي سگهڻ جي صلاحيت رکندڙ طور ثابت ڪندي، بيروت ۾ هٿيارن ۽ خوراڪ جو ذخيرو ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ وڌيڪ حفاظتي مورچا تيار ڪرڻ تي زور ڀريائين پر مڪاني ڪماندرن خاص طور تي ڏکڻ وارن جي ڪن تي جُونءِ به نه سري. انهن ڏانهن وڃي ڪين سمجهائڻ ئي ڪافي نه هو. عمل درآمد لاءِ انتهائي نظرداريءَ جي گهرج هئي." صيّاغ ٻڌائي ٿو.

اهو ڪو پهريون ڀيرو نه هو جو عرفات پنهنجو پاڻ کي الهامي خطرن کان چتاءُ ڏيندڙ اقليت ۾ ڏٺو. سندس چتائڻ کي سندس وفادار ساٿي خليل الوزير ۽ پي- ايل- او جي فوجن جي معمولي حيثيت رکندڙ فوجي ڪماندر برگيڊيئر سعيد صايل ته ڪجهه حيثيت ڏني پر قيادت ۾ ٻين همراهن انهن کي ڪجهه گهڻ سنجيدگيءَ سان ورتو. آمريڪي پنيرائي وارو جنگبنديءَ بابت ٺاهه به ته موجود هو ۽ جيڪڏهن اسرائيلي لبنان ۾ اڳرائي ڪن ٿا، جيئن هنن ۱۹۷۸ع جي ليتاني آپريشن مهل ڪئي هئي، ڇا هو اتر ڏانهن ايترو وڌندا، جو شامي فوجن سان سندن ٽڪراءُ اٽر ٿي پوي، جيڪي يقيناً ساڻن ڦيٽ ڪائڻ لاءِ تيار هجن.

مئي ۱۹۸۲ع جي آخر تائين، عرفات جا فوجي صلاحڪار ان خيال سان سهمت ٿي ويا ته لبنان ۾ اسرائيلي اڳرائي اٽر آهي پر هو بيروت تائين اسرائيلي چڙهائي بابت اڃان سوڌو ٻڌتر جو شڪار هئا ۽ اهي ئي هر روز جا ڪاٿا هوندا هئا. جي پي- ايل- او انٽيليجنس پاران عرفات کي پيش ڪيا ويندا هئا: "اهو سوال جنهن جو جواب ڏيڻ ۾ آءٌ ناڪام ٿيس ۽ اِها منهنجي غلطي ئي هئي ته هو بيروت تائين ايندا يا نه؟ مون کي پڪ هئي ته اُهي شام سان جنگ ڪرڻ جي همت نه ساريندا ۽ شامي ڪين زوردار ويڙهه کان سواءِ اوستائين پهچڻ به نه ڏيندا." عرفات جو هڪ ڏڪارو سينيئر صلاحڪار چوي ٿو. (۱۲)

عرفات وٽ آمريڪين پاران اسرائيلين کي روڪڻ جي پنهنجي يقين جا وري ڌار سبب هئا. اِهو خاص طور تي سندس آمريڪي ايلچي جان ايڊون مروز سان برابريءَ واري ميٽنگ بابت بکهين ۽ ڳجهين ڳالهين ڪري به باجواز هو. ڪيس بهتر جاڻ هئڻ ڪپندي هئي. عرفات ۽ سندس سينيئر ساٿين ۱۹۸۲ع جي شروع کان اوير بيروت ۾ ٿيندڙ تبديلين تي جوڳو ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو، جتي اسرائيلي ۽ ميرونائيٽ پنهنجو اُڪرو اتحاد سگهارو بنائڻ ۾ رُڌل هئا. جيڪو انهن ٻنهي سان گڏوگڏ آمريڪي

ڳوڙها بہ اُکھي پئي سگھيو.

۸۲ - ۱۹۸۱ع جي سياري ۾ اسرائيلي اڳرائي واري رٿا جي نُوس صورت ۾ اچڻ سان گڏوگڏ شيرون، ان انتهائي نازڪ مشن لاءِ بيگن کان اجازت حاصل ڪري ورتي. هُن تل ابيب جي اُتر ۾ سمنڊ ڪان اوپر بيروت ۾ جونيل واري عيسائي بندرگاهہ تائين هڪ ڪاري هيليڪاپٽر وسيلي رات پيٽ ۾ سفر ڪري هڪ نوجوان شخص سان ملاقات ڪئي، جنهن ۾ اسرائيل پنهنجون چڱيون خاصيون اُميدون لڳايون هيون. لبناني ڌرتيءَ تي شيرون ۽ سختگير عيسائي لبناني فوجي ڪمانڊر بشير جمائيل وچ ۾ ٿيل اها گڏجاڻي گهڻ اهميت جوڳي نہ هئي.

جڏهن اهو هيليڪاپٽر ديوليان ڪسينو جي روشنيءَ ۾ هڏل زمين پرسان لٿو تہ بشير جمايل پنهنجي عقابي مهمان جو آڌرياءُ ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيو ۽ ڪيس روايتي عرب انداز ۾ هنهي ڳلن تي چمي ڏنائين. غيردوستاڻي اسلامي سمونڊ ۾ عيسائين ۽ يهودين وچ ۾ سهڪار بابت شيرون جي سپني جي ساپيان نظر اچڻ لڳي. سندس انتهائي خاص خيالي پنهجي چوٽ تي هئي.

بيروت پويان جبلن ۾ جمائيل جي پيلاٽيل بڪفائيا واري گهر ۾ رات جي ماني تي بحث دوران شيرون پنهنجي عيسائي ميزباني ۾ ان بابت ڪنهن شڪ جي گنجائش نہ ڇڏي تہ مدد بابت سندن درخواست جي اسرائيلي موٽ رڳو لمحن جي محتاج هوندي، پر هن اهو بہ واضح ڪيو تہ اسرائيلي عمل جي ڪا حد هوندي. اسرائيلي فوج نہ تہ بيروت ۾ داخل ٿيندي ۽ نہ وري شامين جي نيڪالي چاهيندي. ساڳي وقت هُن عيسائين کي لبنان جي هيهر اڏاوت ۾ پنهنجي سهڪار جي پڻ خاطري ڏياري.

ايندڙ رات تل ابيب ڏانهن موٽندي، شيرون سيدون ۽ طائر جون بتيون، ۽ اوالي زهاراني ۽ ليٽاني ندين جا ڪُن، خاموشي سان ۽ سوچن ۾ گُم ٿي ڏسندو رهيو. هو ڇهہ مهينا پوءِ لبنان ۾ پنهنجي اڳرائي جي شروعاتي وحشياڻي ڏينهن جي اسرائيلي حڪمت عمليءَ جو اڀياس ڪري رهيو هو.

جمائيل جي مانواري مهمان شيرون جي اوپر بيروت ۾ آمد جو عرفات کي ڪجهہ ڪلاڪن اندر ئي معلوم ٿي ويو هو. اِهو لبنان جي انهن رازن مان هڪ آهي جنهن تان ايترو عرصو گذرڻ کان پوءِ بہ اڃان تائي پڙدو نہ هٽيو آهي. پي- ايل- او اڳواڻن ان ملاقات کي اسرائيل فلانجسٽن وچ ۾ شروع ٿيندڙ هڪ اهڙي سگهاري سياسي ۽ فوجي اهڃاڻ طور ڏٺو، جيڪو حقيقي هو.

پر اڃان تائين ان جو صحيح ثبوت نہ مليو هو تہ اهو خطرناڪ آپريشن پي- ايل- او جي بيروت واري انتهائي تنتي مرڪز ۾ ٿيڻو هو. هِني پاسي عرفات ۽ سندس ساٿي عربُ دنيا خاص طور تي سيپٽمبر ۱۹۸۰ع ۾ شروع ٿيل نار جنگ جي نتيجي پيدا ٿيل ڏقيڙ ۽ ابترين تي گهڻو ڌيان ڏئي رهيا هئا. پي- ايل- او هڪ

سگهارو عرب ضامن وڃائي چڪي هئي. شام ڪلي طرح دشمنيءَ تي لهي آيو هو. سينائي مان اسرائيلي دستبرداريءَ بابت حتمي ڳالهين ۾ رُڏل مصر تہ جڻ سموري مامري کان ٻي ٻاهر هو. عراق پنهنجي سموري وت ۽ ست ايران خلاف لڳائي چڪو هو. پنهنجي اُتر ۾ واهيات چڪتاڻ تي پريشان تيل نار جون رياستون پنهنجي رواجي مالي سهائتا کان وڌيڪ ڪجھ ڪرڻ جي حيثيت ۾ نہ هيون. برزنيف دور جي آخري ڏينهن واري سوويت يونين جي، فلسطيني مسئلي ۾ دلچسپي گهٽجڻ شروع ٿي وئي هئي.

مجموعي طور تي سڄي دنيا وائڙائپ جو شڪار هئي. ١٩٨٢ع جي شروعات ۾ اليگزينڊر هيگ ڏکڻ ائٽلانٽڪ ۾ فاڪلينڊ ٻيٽن تي برطانيا ۽ ارجنٽائن وچ ۾ جنگ ٽارڻ ۾ ناڪام ٿي چڪو هو. ليچ واليسا جي سرواڻيءَ ۾ ساليڊريٽي ٽريڊ يونين جي احتجاجن جي جواب ۾ پولينڊ تي مارشل لا مڙهجي چڪي هئي. ۽ خود آمريڪا ۾ هاڻ اهڙو صدر اقتدار ۾ هو، جنهن جي وچ ۾ اوڀر بابت ڄاڻ يهودي نوٽڪن کان وڌيڪ نہ هئي. جيتوڻيڪ ريگن انتظاميا جي شروعاتي مهينن دوران وچ اوڀر بابت خاص آمريڪي ايلچي فلپ حبيب، اُنهيءَ صدر کي علائقي جي صورتحال متعلق ننڍڙا ليڪچر پڻ ڏنا هئا. جيڪو فلسطيني لفظ اڳيان 'دهشتگرد' استعمال ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهندو هو. (١٣)

جنرل شيرون پنهنجي عظيم رٿا تي عمل لاءِ جيڪو پهريون ماڻهو چونڊيو، اُهو عرب ادب جو پروفيسر ۽ ساڄي ڌر جو هڪ گمنام منهام ملسن هو. پهرين نومبر ١٩٨١ع تي ملسن کي والاريل علائقن ۾ هڪ نئين انتظاميا جو سربراهہ مقرر ڪيو ويو. اها ڪا اتساهيندڙ چونڊ نہ هئي. ملسن ١٩٧٦ع وارين مڪاني چونڊن ۾ پي- ايل- او جي حمايتي اميدوارن جي مڪمل سوڀ کان پوءِ ٿي منظر عام تي اُن وقت آيو، جڏهن هُن اها ڳالهہ ڪئي تہ عرفات جي حمايتين واري سوڀ رشوت ۽ ڌمڪاءُ سبب ٿي آهي. هُن زور ڀريو تہ ان لاڙي کي لچڪيدار مقامي قيادت وسيلي ئي ختم ڪري سگهجي ٿو. اِهو چوڻ جي ضرورت ناهي تہ ملسن جو نقطہ نظر شيرون کي تمام گهڻو پسند آيو، جنهن پي- ايل- او تي هر صورت ۾ ڌمر نازل ڪرڻ ٿي چاهيو. ١٩٨٢ع جي شروع ۾ جڏهن اسرائيل نئين نظام واسطي رستي کي سنوت ۾ آڻڻ لاءِ ٽن اهم عرب شهرن مان پي-ايل- او جي حمايتي ميئرن کي برطرف ڪيو تہ والاريل علائقن ۾ تشدد شروع ٿي ويو، جنهن جي نتيجي ۾ ايڪيهہ فلسطيني مارجي ويا ۽ اٺڪيا زخمي ٿيا. پٿرن جو وسڪارو ڪندڙ نوجوانن تي گوليون هلائيندڙ فوجين جو ساٿ ڏيندڙن ۾ يهودي آبادڪار پڻ شامل هئا.

بهرحال، ملسن جي مقرريءَ ۾ اسرائيلي حڪومت جي 'پي- ايل- او کي چيپاٽڻ' واري رويي بابت هڪ اشارو هو. جيستائين عرفات جو تعلق هو تہ هُن لاءِ هڪ وڌيڪ بدسوڻ ١٤ ڊسمبر تي بيگن پاران ١٩٦٧ع واري جنگ ۾ شام کان

ڦريل جولان جبل پنهنجي ملڪ ۾ شامل ڪرڻ جو اعلان هو. پي- ايل- او سڀ کان وڌيڪ پريشان شام جي تقريباً بي هول ردعمل تي نہ هئي، ڇاڪاڻ جو پي- ايل- او قيادت ڄاتو ٿي تہ شام پنهنجي سر اسرائيل سان ڦيٽ ڪاٽڻ جي حيثيت ۾ ناهي، پر سندن اصل پريشاني بيگن پاران عالمي ڪاوڙ ۽ آمريڪي اڻ- راضپي کي نہ ڪنگهڻ تي هئي. جولان جبل کي پنهنجي سرحدن ۾ شامل ڪرڻ واري فيصلي عرفات لاءِ اهو بہ اشارو ڏنو تہ اُتي هاڻ هڪ اهڙي حڪومت اقتدار ۾ هئي، جيڪا پنهنجي مقصدن جي پوراڻي لاءِ سڀ ڪجهہ ڪري پئي سگهي. پر ان واقعي ۽ جنوريءَ ۾ شيرون جي اوپر بيروت واري دوري سميت بدلجندڙ صورتحال اولهہ بيروت ۾ سڪون سان رهندڙ پي- ايل- او قيادت لاءِ اڃان ڪو مسئلو پيدا نہ ڪيو هو.

هاڻ پي- ايل- او عملدار وضاحت ڪن ٿا تہ نہ رڳو بيروت تائين اسرائيلي چڙهائي جا امڪان هئا، پر قيادت اڳرائي جي هر روز ايندڙ ڌمڪين جي پڻ عادي ٿي وئي هئي، انهن مان هر نئين ڌمڪي پوئين کان وڌيڪ ڇٽي ۽ خطرناڪ هئي. لبنان ۽ اسرائيل جا سُڌسماءُ وارا ذريعا فوجي تيارين ۽ جنگ لاءِ اسرائيلي تيارين بابت پڙڪندڙ بيانن سان ڀريل هوندا هئا. اسرائيلي چيف آف اسٽاف ۽ اهم جنگباز جنرل ريفائيل ايٽائن، مئي جي وچ ڌاري هڪ اسرائيلي اخبار سان ڳالهائيندي اِهو قطعي طور تي نہ لڪايو تہ هو جنگ لاءِ پَرَ نہ پيو سهائي: "مون جيڪا ڪروڙين ڊالر خرچ ڪري بهترين فوجي مشينري جوڙي آهي، ان جو استعمال بہ تہ ٿيڻ گهرجي." (۱۴)

بهار جي پڇاڙڪن ڏينهن کان اسرائيلين فلسطيني ٺڪاڻن تي پنهنجي اڏامن ۾ واڌ آندي ۽ اسرائيل ۾ موجود پي- ايل- او جي انٽيليجنس اُتر ۾ جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ فوجي اجتماعن جون رپورٽون اُماڻيون. "عرفات ۽ سندس چوگرد موجود اڳواڻن جي حد تائين تہ اُسان کي تقريباً پڪ هئي تہ هو حملو ڪندا، پر ان جو چيهہ ڪٿي ڪندا، اِهو طئي ڪري نہ سگهياسين." (۱۵)

مارچ ۾ پيش آيل هڪ اُڪري واقعي پي- ايل- او هاءِ ڪمان کي ان ڳالهہ تي سوچڻ لاءِ مجبور ڪيو تہ اسرائيلي ڪٽيل انتظامن کان وڌيڪ رٿابندي ڪري رهيا آهن. هڪ اسرائيلي گوريلا جٿو بيروت جي ڏکڻ ۾ تقريباً پندرهن ڪلوميٽر جي پنڌ تي ديموئر جي ڪناري تي لٿو ۽ پي- ايل- او جي هڪ فوجي گاڏيءَ تي حملو ڪري اُن ۾ سوار چئن آفيسرن کي قتل ڪري وڌائين. پي- ايل- او جو فوجي ڪمانڊر برگيڊيئر صايل، ڄاڃ لهڻ لاءِ پنهنجي سرزمين تي پهتو ۽ نتيجو ڪڍيائين تہ اِهو حملو اسرائيلي چڙهائي جي شروعات آهي ۽ اهو تہ اسرائيل ديموئر تائين يا اڃان بہ اتر ۾ اڳيرو خالده تائين وڏي اڇڻ جي رٿابندي ڪري رهيو آهي، هو اڃان تائين ان هنڌتر ۾ هئا تہ شيرون جا جوڌا بيروت تائين هليا ايندا.

شيرون جنوريءَ ۾ جمائيل سان پنهنجي ڳالهين کان پوءِ فوجي تيارين تي وڌيڪ وقت سيڙائڻ لڳو. رٿيل فوجي آپريشن کي وسيع ڪرڻ واسطي هُن اصلي فوجي رٿائن کي هيٺ جوڙڻ جو حڪم ڏنو. هُن عيسائين سان مڪمل فوجي ۽ سياسي سهڪار جو تفصيلي خاڪو تيار ڪرڻ تي پڻ زور پريو.

جڏهن بچاءُ واري اسرائيلي وزير 'آپريشن پائنز' جي نئين نالي سان جنگ بابت پنهنجي وڌايل رٿا، ١٦ مئي تي ڪابينا آڏو پيش ڪئي ته بيگن جي حمايت جي باوجود به ڪيس ان تي عمل کان جزوي طور تي روڪيو ويو. ڪيس ان رٿا ۾ ڪٽ ڪوٽ ڪرڻ لاءِ چيو ويو، جيڪا ڪيس بيروت جي چائنٽ تائين وٺي وڃي پئي سگهي. ڪيس ڏاکڻين لبنان ۾ پي- ايل- او جي ٺڪاڻن کي تباهه ڪرڻ ۽ اسرائيل جي اترائين آباديءَ کي پي- ايل- او جي حملن کان محفوظ ڪرڻ لاءِ لبنان ۾ وڌ ۾ وڌ پنجيتاليهه ڪلوميٽر پيشقدمي ڪرڻ جو اختيار ڏنو ويو.

شيرون جي پتوڙ انهيءَ بدسوڻ کي ليکيو ئي نه ۽ هو ٢٥ مئي تي هيگ سان اُلجهاءُ پري ڳڌجاڻيءَ لاءِ واشنگٽن روانو ٿيو. مئي جي آخر ڏاري، بيگن ۽ شيرون جنگ بابت پنهنجي رٿائن تي ڳنڍ ڏئي بيهي رهيا، جتان واپسي ناممڪن هئي.

مئي جو سڄو مهينو عرفات هميشه جيان گهمڻ ڦرڻ ۾ لڳو رهيو. فلسطيني دانشور ۽ پي-' ايل- او ايگزيڪيٽو ڪميٽيءَ جو ميمبر احمد صدقي الدجاني ساڻس گڏ يارت، پاڪستان، ڪويت، قطر ۽ سعودي عرب جا دورا ڪرڻ واري ڪرت کي ياد ٿو ڪري، جتان موٽڻ کان پوءِ هو پهرين جنوريءَ تي اڳاري ڏينهن بيروت ۾ ايگزيڪيٽو ڪميٽيءَ جي تيز تند ڳڌجاڻي ۾ شريڪ ٿيا.

پي- ايل- او 'ڪابينا' پنهنجو سمورو ڌيان گهٽي ياڳي اسرائيلي جنگي تيارين تي ڏنو. ڳالهين جو گهڻو تڻو مرڪز، حيرت انگيز طور تي پي- ايل- او جي معمولي فوجي قوت تي نه ڏنو ويو، پر اسرائيلي اڳرائي کي مُنهن ڏيڻ لاءِ سفارتي قدمن تي ڏنو ويو. پي- ايل- او جي پرڏيهي وزير فاروق قدوميءَ کي دجانيءَ سان گڏ گڏيل قومن وڃڻو هو. عرفات نار جنگ لاءِ پنهنجي تياڪڙيءَ واري مُهم کي جاري رکندي سعودي عرب روانو ٿيو، ٢۴ مئي تي ايران پاران خرم شهر تي هيٺ قبضي جي نتيجي ۾ عربن لاءِ صورتحال تمام گهڻي خراب ٿيندي پئي وئي. جيڪڏهن عرفات جي ساٿين کي پنهنجي 'ڪمانڊر انچيف' پاران اهڙي چڪتاڻ پرئي لمحي تي بيروت ڇڏڻ لاءِ ڪو اعتراض هو ته به هُنن وقت سر ان جو اظهار نه ڪيو. عرفات جا اهڙا عجيب ۽ غريب لمحا سندس ويجهن ساٿين آڏو سندس زندگيءَ جو معمول بڻيل هئا. بهرحال، رياض جو دورو پي- ايل- او کي ايندڙ ڏکيائين ۾ سعودي مدد جو سبب بڻجي سگهيو.

جڏهن ته ايرل شيرون پنهنجي قومي سلامتي واري صلاحڪار جنرل اوراهام تمير سميت مددگارن جي هڪ ننڍڙي ٽيم سان گڏ جون جي شروع ۾ دوست ملڪ

رومانيا جو دورو ڪيو. ۳ جون ۱۹۸۲ع تي جڏهن بندوق جو گهوڙو چاڙهيو ويو تہ جنگ ڏانهن پيرا حقيقي طور تي ڪجهہ شروع ٿي چڪا هئا. سينٽ جيمس جي دربار لاءِ اسرائيلي سفير شلوموارگو کي هڪ قاتلاڻي حملي ۾ شديد زخمي ڪيو ويو. فتح جي منحرف صابري البانا (ابوندال) ڪجهہ اڻجاتل ڌرين جي پنيرائي سان هڪ پيرو بيهر سرگرمي ڏيکاري. ڇا عراق ان حملي پويان هو؟ ڇا بانا عراقي گادي واري شهر بغداد مان ڪارروايون نہ ڪري رهيو هو؟ عراق، شام ۽ ايران کي ڪنهن حد تائين پي- ايل- او جي حمايتي طور ڏسندي هو خوش نہ هئا. سازشون سٽيندڙن لاءِ سونهري ڏينهن اچي ويا هئا.

تمير ۽ شيرون لاءِ اهو سوال غيرواسطيدار هو تہ اها شام ۽ پي- ايل- او تي اسرائيلي ٽمر لاءِ سازش هئي. هُن بنهي ۳ جون واري پاڇيرئي ڏينهن کي ان حوالي سان ڏسڻ شروع ڪيو تہ اها اُن حملي لاءِ لاپائتي گهڙي آهي، جنهن جو اسرائيل کي اوسيئڙو هو. هاڻ معاملو رڳو ان تي اٽڪيل هو تہ حڪومت ڪڏهن ٿي ان لاءِ اجازت ڏئي. تمير رُڪائي مان ٻڌائي ٿو:"جيڪڏهن ارگو نہ هجي ها تہ ڪو ٻيو ان لاءِ جواز ٻڌجي ها." (۱٦)

سخت ڳالهائو فوجي ڪمانڊر ريفائيل ريٽائن، ان وقت ارگو تي حملي بابت اسرائيلي رويي کي وڌيڪ سخت ڪيو، جڏهن اهي دليل اچڻ شروع ٿيا تہ عرفات ۽ پي- ايل- او جي مرڪزي ڌاري کي پنهنجي منحرف جو ڪيتو نہ لوڙڻ کپي. "ابوندال هجي يا ابو شميدال! اسان کي پي- ايل- او تي وار ڪرڻ گهرجي." هُن اهڙن دليلن جو جواب ڏيندي چيو هو. (۱۷)

جنهن وقت شيرون رومانيا کان تڪڙو اسرائيل واپس وريو، اسرائيلي هوائي فوج ارگو تي حملي جي پلاند لاءِ ڏاکڻين لبنان ۽ بيروت جي پسگردائي ۾ نڪاڻن تي حملا شروع ڪري چڪي هئي، جن ۾ سٺ کان وڌيڪ ماڻهو مارجي ويا، جڏهن تہ ٻہ سؤ کان وڌيڪ زخمي ٿي پيا. پي- ايل- او قيادت لاءِ گهٽ ۾ گهٽ چئي سگهجي ٿو تہ اهو اشتعال پريو عمل هو. گذريل اونهاري ۾ اسرائيل جي اترئين سرحد جي هُن پار 'ڪنيوشاس واري جنگ' جي آمريڪي پنيرائي واري جنگبنديءَ کان وٺي پي- ايل- او جون بندوقون گهٽي پاڳي خاموش رهيون هيون. هاڻ هو وڌيڪ خاموش رهي نہ پئي سگهيا. اسرائيلي هوائي فوج جي حملي واري ساڳئي ڏينهن پي- ايل- او جي دستن اترئين اسرائيل تي راڪيٽن ۽ توبن سان بمباري ڪئي ۽ اسرائيلي ڪٺ پتلي ميجر سعيد حداد جي ڪنٽرول واري ڏاکڻين لبنان ۾ گهيرا ڪيا. (۱۸) شيرون ۽ بيگن کي جنگ جو جواز ملي ويو.

اسرائيلي ڪابينا جو پنجين جون جي رات وزيراعظم جي يروشلم جي پسگردائي 'رهويہ' واري رهائشگاه تي اجلاس ٿيو ۽ اُن شيرون جو موقف ٻڌڻ کان پوءِ اڳرائي جي منظوري ڏئي ڇڏي. بنيادي طور تي، هو ۱٦ مئي تي ڪابينا پاران

منظور ڪيل محدود اڳرائي جي حدن کي تمام گهڻو اورانگهي چڪو هو. ڪابينا جو فيصلو جامع حد تائين درست هو. جيتوڻيڪ شيرون کي لبنان ۾ مڪمل خودمختياري ته نه ڏني وئي هئي پر ڪيس چار نڪاتي فيصلي کي پنهنجي منصوبي سان ٺهڪائڻ ۾ ڪا ڏکيائي به نه ٿي.

ڪابينا جي اجلاس ختم ٿيڻ کان ذري گهٽ ٻارهن ڪلاڪ پوءِ ڇهين جون تي صبح جو يارهين وڳي، اسرائيلي فوجن لبنان جي ڏاکڻي سرحد اورانگهي. سندن مدد لاءِ هوائي ۽ سامونڊي فوج جا جٿا موجود هئا. جن ڏورانهين اتر تائين نشانن کي چٽيو. لڳ ڀڳ چاليهه هزار اسرائيلي فوجي ٽينڪن ۽ بڪتربند گاڏين تي سوار ٿي سرحد اُڪري اُتر ۾ ٽن ڏسائن ۾ وڌڻ شروع ڪيو. سندن راهون سامونڊي ڪناري سان لڳولڳ طائر ڏانهن، وچئين علائقي ۾ نباتيه ڏانهن ۽ اوڀر ۾ هسبيه ڏانهن ٿي ويون. ساڳي وقت ٿي سامونڊي فوج پي– ايل– او جي ڏاکڻي ڪمان واري هنڌ سيدون جي سامونڊي ڪناري واري شهر تي لٿي. (١٩) ٻي ڏينهن اسرائيلي پيٽا واري ڪرت، محدود جنگ جا مقصد ماٺي چڪي هئي. اُن اسرائيل جي اترئين آبادين کي ڏاکڻئين لبنان وارن سگهارن فلسطيني اڏن تان ٿيندڙ حملن کان محفوظ ڪري ورتو هو ۽ ڏکڻ ۾ فلسطيني قومي قيادت کي تقريباً مڪمل تباهيءَ جي ڪناري تي آڻي رسايو هو ۽ اُن شروعاتي مرحلي تي شامين سان سڌوسنئون ٽڪر ۾ اچڻ کان به ڪني ڪترائي ورتي هئي. پي– ايل– او مزاحمت کي 'فتح يوميءَ' مان مڪمل طور تي ترڻ ته ناممڪن هو، پر اسرائيلي اُن جي ويجهو ضرور اچي رسيا هئا.

اسرائيلي جنگي مشينريءَ کي روڪڻ لاءِ عالمي قدم اڻ ڪارائتا هئا ۽ ان ڏس ۾ جوڳو ڪردار ادا ڪري سگهندڙ واحد طاقت آمريڪا مُنڌل نظر پئي آئي. پرڏيهي کاتي ڪارروايون روڪڻ لاءِ هر هر اپيلون ڪيون ۽ پنجين جون تي هيگ اعلان ڪيو ته خاص ايلچي فلپ حبيب، جولاءِ ١٩٨١ع واري جنگبندي بحال ڪرائڻ لاءِ تڪڙو وچ اوڀر روانو ٿيندو. پر 'ورسيلز' ۾ اولهائن اڳواڻن سان گڏ هڪ سربراهي اجلاس ۾ شريڪ صدر ريگن ان اڳرائي کي پنهنجي صلاحڪارن جيان باجواز ٿي سڏيو. ساڻس گڏ موجود ٻيا حڪومتي سربراهه اوڏي مهل دنگ رهجي ويا، جڏهن هُن انهيءَ اڳرائي کي باجواز سڏيندي چيو ته اِها اترئين اسرائيل تي ڏکڻ لبنان مان ٿيندڙ مسلسل حملن ڪري ٿي آهي. اهڙي پس منظر ۾، بيگن ۽ شيرون هڪدم جنگبنديءَ لاءِ مختلف دٻائن کي ڪنگهيو ئي نه. پوءِ اُهو ستن جي گروپ وارن سربراهن پاران هجي يا گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل پاران هجي.

ٻئي ڏينهن به بُت ڪرندا رهيا. گليليءَ ڏانهن پنهنجي اهم جاگرافيائي هنڌ تي هئڻ سبب انتهائي اهم 'بيوفورٽ' به فتح ٿي ويو. طائر ۾ مزاحمت مان هوا نڪرڻ لڳي، نباتيه ۽ هسبيه تي دشمن جو قبضو ٿي ويو. سيدون جو گهيرو سخت ڪيو ويو

۽ شامين اُن چڪتاڻ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ اوڏي مهل پنهنجو پاڻ کي جوابي داءُ تي لڳائڻ جو عجيب و غريب فيصلو ڪيو. جنهن ۾ ڪنهن بہ نہ ٿي ڪٿيو. پر اسرائيل کي سٺ کان ستر هزار تائين فوجين کي جنگ ۾ ڏڪڻ ۽ لبنان کي 'بدخواهہ ڏوهاري دهشتگردن' کان پاڪ ڪرائڻ واري مقصد تان موٽائڻ ناممڪن هو. جيڪو بيگن اڪثر پي- ايل- او کي سڏيندو هو.

نائين جون تي، اسرائيلي جهازن اُيرندي لبنان جي بڪا ماٿريءَ ۾ ڪُتل سام ميزائلن جي بيٽرين تي حملو ڪيو. ساڳي ڏينهن اسرائيلين هڪ طرفي فضائي جنگ ۾ شام جا اوڻويهہ مگ جهاز ڪيرائي وڌا. پهرين هفتي جي پڇاڙي تائين، اسرائيلي فوجون ديموئر تي قبضو ڪري چڪيون هيون، اُهي دمشق- بيروت هاءِ وي کان ڪجهہ ميلن جي فاصلي تي اچي پهتيون هيون. اُهي ٧٩ جهاز ڪيرائي چڪيون هيون، جيڪو ڳاٽيتو شامي فوج جو چوٿون حصو هو. يارهين جون تي، اسرائيل هڪ طرفي جنگبنديءَ جو اعلان ڪيو، جيڪا شيرون جي لفظن ۾ 'پي- ايل- او جي دهشتگردن' تي لاڳو نہ پئي ٿي. ڪچليل، چيپاٽيل ۽ ويڙهہ لاءِ ڪا حقيقي خواهش نہ رکندڙ شامين، فرمانبرداريءَ سان ان جنگبنديءَ کي 'لبنان مان مڪمل اسرائيلي دستبرداريءَ' جي جواز طور قبولي ورتو. (٢٢) اِهي بي روح لفظ هئا. دمشق ڪي شرط طئي ڪرائڻ واري حيثيت ۾ ئي نہ هو.

هاڻ فلسطينين کي مڪمل طور تي اڪيلي سر اُها جنگ جوٽڻي هئي، جنهن کي آزمودي ڪار فلسطيني تاريخدان وليد خالدي ہي اسرائيلي فلسطيني جنگ ٿو سڏي. خالدي چوي ٿو: "اِهو چيو ٿو وڃي تہ اسرائيلي اسان سان ١٩٤٨ع ۾ وڙهيا هئا ۽ ١٩٨٢ع تائين اسان کي وساري ويٺا هئا ۽ ١٩٨٢ع ۾ هُنن هيهر اسان سان هٿ ڳنڍڻ جو فيصلو ڪيو." (٢٣) عبدالقادر حسينيءَ جي سرواٽيءَ جي غيرمنظم فلسطينين جي جديد اسرائيلي فوج جي پيشروئن: پالمچ ۽ هگانہ سان ڦيٽ کان وٺي هيل تائين ٻئي ڌريون ڪڏهن بہ آمهون سامهون نہ ٿيون هيون. هٿيارن ۾ تفاوت، گوليبازيءَ جو جديد سامان هڪ ڌر جي هٿ وس هئڻ، موت جي لامارا ڏيندڙ راڪاس ۽ ہين تباهين ڪري، اِهو ہيو موقعو پهرين کان وڌيڪ ڀوائتو هو.

بيروت ۾ بمن کان بچاءُ وارن پنهنجن ٺڪاڻن ۾، هڪ مرحلي تي پي- ايل- او قيادت زمين جي سطح کان ڏهہ ماڙ هيٺ واري هڪ ڪار پارڪنگ مان پنهنجون سرگرميون جاري رکيون. عرفات ۽ سندس ساٿي بيروت جي گهيري لاءِ تيار هوندي ڪنهن اهڙي سياسي معجزي جي اُميد ۾ هئا، جيڪو ڪين وڪوڙيل طوفان مان بچائي سگهي.

يارهين جون واري رات ۽ پي- ايل- او جي دهشتگردن خلاف جنگ ۾ عيسائين جي شامل ٿيڻ لاءِ انڪار تي خود اسرائيل اندر وڌندڙ تنقيد دوران شيرون جٺوينہ جو ہيو سفرڪيو. هن ڀيري ماحول گهڻ پنهنجائپ ڀريو هو. هو سرزمين تي ڪاٿو

لڳائڻ ويو هو تہ عيسائي پنهنجي لاءِ پيدا ٿيل موقعي مان ڪيتري تائين لاڀ پرائڻ چاهين ٿا. جواب گهڻو اُتسائيندڙ نہ هو. عيسائين ۾ سدائين غيرحقيقي اميدون رکندڙ شيرون پنهنجي سر انهيءَ مايوس ڪُن نتيجي تي پهتو تہ بَشير جمائيل ۽ سندس ڪمانڊر دهشتگردن خلاف جنگ جاري رکڻ ۾ سرگرم نہ پيا ٿيڻ چاهين. (۲۴)

ايندڙ ڏينهن، اسرائيل جنگبنديءَ جو اعلان ڪيو، پر ٻہ مهينا پوءِ جنگ جي مڪمل خاتمي تائين ٻين ڏهن جنگبندين وانگر اِها بہ عملي طور تي ڪجهہ نہ ڪري سگهي. اهي ڦرندڙ گهرندڙ جنگبنديون، گرم اونهاري وارن مهينن ۾ هلندڙ جنگ جي شڪل جو اظهار هيون. جنهن ۾ اسرائيلي وس هيٺ سمورن وسيلن ذريعي فلسطينين کي سندن مضبوط ٺڪاڻن مان ترڻ لاءِ خود اولهہ بيروت جي ڏڪندڙ وجود ڏانهن وڌي رهيا هئا.

جڏهن تيرهن جون تي ايرل شيرون، مڪمل جنگي لباس ۾، هڪ بڪتربند گاڏيءَ تي سوار ٿي جابلو صدارتي محل واريءَ شهر بابده ۾ داخل ٿيو ۽ ساڳي ريت ايندڙ ڏيهن تمرلين تي پير ڏريائين تہ پي- ايل- او جي تقدير ۽ اخلاقي حالت انتهائي ڦتل هئي. قيادت ۾ دهشت پريون سوچون هاڻ کين علائقو خالي ڪرائڻ لاءِ بهتر رستا ڳولڻ تي مجبور ڪري رهيون هيون. شامين، جيڪي شايد اڪيلي سر عرفات جي مدد لاءِ اچي پئي سگهيا، يقيناً صحيح فيصلو ڪري لڙائي کان پاسو ڪيو هو. ٻيون عرب حڪومتون اڻ- سهڪاري حيثيت ۾ هيڏانهن هوڏانهن وائڙن وانگر لوٽا هڻي رهيون هيون ۽ ڪيترين تہ وري ان ۾ ڪا دلچسپي نہ پئي ورتي. گڏيل قومن کي اپيلن، جنگبنديءَ لاءِ خالي ٺهرائن کان سواءِ ڪو هارڻ ئي نہ هاريو، جن کي اسرائيل مڪمل طور تي نظرانداز ڪري رهيو هو.

اجان تائين صفا اُگري ڳالهہ خود لبنانين ۾ پي- ايل- او جي حيثيت هئي. جون جي انهن پوائتن ڏينهن ۾، پي- ايل- او جا تمام ٿورڙا ئي دوست هئا. جڏهن تہ لبنانين جي اڪثريت لبنان ۾ فلسطيني گوريلن جي سبب پيڙائن مان مڪمل طور تي تنگ ٿي چڪي هئي. مقامي پي- ايل- او ڪمانڊر ۽ سندن فوجين جي ڏکڻ ۾ خاص طور تي گستاخ ۽ ڪڏهن ڏوهارڪ رويي، آباديءَ جي جذباتي ٻنڌڻ کي ختم ئي ڪري ڇڏيو هو. انهن جو هڪ سبب ڪجهہ سينيئر پي- ايل- او عملدارن جي زندگيءَ جو اعليٰ معيار پڻ هو.

نتيجي طور جڏهن اسرائيلي بيروت جي چائنٽ تائين پهتا ۽ شهر تي اڻڪٽ بمباري ٿي تہ عرفات ۽ سندس ساٿين تي آئُ ميڻ لاءِ دٻاءُ انتهائي وڌي ويو. ۱۴ جون وارو سنيهو چٽو پٽو هو. جڏهن لبناني صدر الياس سارڪيز وڏي نالي واري فوجي نجات جي ڪائونسل جوڙي. اصل ۾ اهو عرفات تي دٻاءُ وجهي، جلد کان جلد خود ڪيس، سندس هيڊڪوارٽرس ۽ سندس ويڙهاڪن کي بيروت مان ترڻ لاءِ

هڪ ايار هو، سوال رڳو اهو هو تہ هو پنهنجي مسئلي لاءِ ڪهڙي ريت ڳالهيون ڪري ۽ ڪهڙن شرطن تي ڪري؟

آمريڪي حيثيت جيڪڏهن مڪمل طور تي دشمني واري نہ، تہ بہ ڪا هرويرو پنهنجائپ پري بہ نہ هئي. اُن پهرين مرحلي ۾ اڳرائي روڪڻ لاءِ ڪو اُپاءُ نہ ورتو هو. ويڙهہ شروع ٿيڻ کان جلد پوءِ هيگ اعلان ڪيو هو تہ آمريڪا اسرائيل جي 'قانون سان ٺهڪندڙ پنهنجي بچاءُ واري حق' کان انڪار نہ ڪندو. (٢٥) هيگ جو رويو فلپ حبيب لاءِ مڪمل طور تي اڻ سهڪارڪ ثابت ٿيو. جيڪو پي- ايل- او جي عزت پري دستبرداريءَ لاءِ، بيروت، دمشق ۽ يروشلم جا مسلسل اڻ لاياتا چڪر ڪاٽي رهيو هو.

ٽياڪڙيءَ وارين ڪوششن ۾ وڏيڪ رڪاوٽون مواصلاتي سرشتي ۾ رنڊڪن سبب هيون. ٻاهرين دنيا سان رابطو هڪ وڏو مسئلو ۽ ڪيڏي ڪيڏي مهل جوکائتو ڪم هو. "عرفات ۽ ٻيا انتهائي دٻاءُ جو شڪار هئا ۽ هو پنهنجي خندقن مان مون سان رابطو ڪندا هئا." لنڊن ۾ فلسطيني واپاري ۽ عرفات جو صلاحڪار باسل عقيل ٻڌائي ٿو: "پر مسئلو اِهو هو تہ جڏهن بہ هُنن مون سان رابطو ٿي ڪيو تہ اسرائيلين سندس ٺوهہ لڳائي سندس پناهگاهہ تي حملو ٿي ڪيو." (٢٦)

لڙائيءَ جي شروعاتي هفتن دوران پي- ايل- او ۾ پڻ مونجهارا رهيا. قيادت ۾ ڪنهن ممڪن دستبرداريءَ واري تجويز جي گردش ڪرڻ وارين رپورٽن، ميدان ۾ جنگ جوٽيندڙ ويڙهاڪن ۾ مايوسي پکيڙي. ڪليل ۽ ڪشادي دل وارو بحث نہ ٿي سگهڻ ڪري ان جسماني زورآوريءَ جا جوهر ڏيکارڻ شروع ڪيا ۽ قيادت جي منصوبن بابت ڪا ضروري ڄاڻ نہ هئڻ سبب افواهن هنگامن کي پڻ جنم ڏنو.

ايستائين جو انهن ٻاهرين همراهن کي بہ اونداهيءَ ۾ رکيو ويو جن سندن مدد ڪرڻ ٿي چاهي. سعودي عرب جي شاهہ فهد، جنهن ڪيترائي ڀيرا عرفات کي تباهيءَ کان بچايو هو، پي- ايل- او اڳواڻ سان ڪلاڪن جا ڪلاڪ فون تي صحيح صورتحال معلوم ڪرڻ لاءِ کپايا. جيڪڏهن فلسطينين بيروت کان نڪرڻ لاءِ ڳالهيون ٿي ڪرڻ چاهيون تہ پوءِ سندس مدد انتهائي ضروري هئي. پر ڪيس ڪير بہ ڪجهہ ٻڌائڻ لاءِ تيار نہ هو. نيٺ جڏهن هو پنهنجي يورپ واري گهر ۾ پنهنجن ڪجهہ شاهوڪار فلسطيني دوستن سان گڏيو تہ پڙڪو ڪائيندي چيو هئائين: "آءٌ انتهائي مايوس ٿي چڪو آهيان. ڪو بہ مون کي اِهو نہ پيو ٻڌائي تہ ڇا پيو ٿئي ۽ قيادت سان منهنجو رابطو ناممڪن آهي. ڪانئن اِهو پڇڻ لاءِ تہ هو ڪهڙن شرطن تي بيروت ڇڏيندا، مون کي توهان جي سهڪار جي ضرورت آهي." (٢٧) نيٺ اٿينس ۾ ٿانيڪي فلسطيني واپاري حسيب صبّاغ يوناني حڪومت جو خانگي مواصلاتي سرشتو استعمال ڪري رابطو ڳنڍي ورتو.

خود پي- ايل- او فهد جي سوال جو جواب ڏيڻ لاءِ ٽوڙڦوڙ جو شڪار هئي.

عرفات جي هڪ ويجهي ساٿي هاني الحسن سان لاڳاپيل هڪ نقطءِ نظر دستبرداريءَ لاءِ مناسب شرطن تي ڳالهين ڪرڻ بابت هو. حسن ان جي موٽ ۾ ٽي شيون ٿي چاهيون: دستبرداريءَ جي عيوض سياسي لاڀ پرائڻ، ٻين لفظن ۾ ڪن امڪاني امن ڪاوشن ۾ پي- ايل- او جي حيثيت بابت آمريڪي مڃتا جو اظهار، ٻڪهي مزاحمت ذريعي پي- ايل- او جي اخلاقي سوڀ جو اعتراف ڪرڻ ۽ لبنان ۾ سويلين فلسطينين جي حفاظت لاءِ ڪنهن فارمولي هيٺ لبنان ۾ پي- ايل- او جي سياسي ۽ فوجي موجودگيءَ لاءِ گنجائش ڪيڻ شامل هيون. (٢٨)

مخالف گروپ، جنهن جو اهم ترين رڪن صلاح خلف هو، ممڪن حد تائين 'ڦيٽ ڪائڻ' لاءِ زور ڀري رهيو هو، ان کي اُميد هئي تہ اسرائيلي ۽ آمريڪي لبنان مان پي- ايل- او جي ڀانچي کي ترڻ بابت ڳالهين مان نيٺ ٿڪجي پوندا. خلف ۽ سندس حمايتي جنگ جي شروعاتي هفتن دوران ويڙهہ ۾ رُڌل سورمن جو حوصلو بلند رکڻ لاءِ پي- ايل- او جي لاچاريءَ مان دستبرداريءَ بابت ڪو اشارو ڏيڻ جي حق ۾ نہ هئا. ڪجهہ عرصو گذرڻ کان پوءِ صلاح خلف صورتحال کي هيئن ٿي بيان ڪيو: ”ڳالهيون قيادت مان ڪن لاءِ چال هيون تہ ڪن لاءِ وري حڪمت عملي.“ (٢٩)

خود عرفات روايت پٽاندڙ ٻنهي مؤقفن سان سهمت پئي ٿيو. خانگي طور تي هُن درست شرطن تي روانگيءَ لاءِ راضپو ٿي ڏيکاريو، جڏهن تہ هجوم آڏو مقابلي جي ڌمڪي پڻ ٿي ڏنائين. ١٧ جون تي جڏهن پي- ايل- او انتهائي ٻڌتر واري حالت ۾ ڦاٿل هئي، هن جنگ دوران پنهنجو سخت ترين بيان جاري ڪيو: عرب، لبناني ۽ فلسطيني عوام ۽ ويڙهہ ۾ رڌل سورمن ڏانهن اُماڻيل هڪ سنيهي ۾ هن عربن کي ٻڌ ۽ ڪانئرتا تي شديد چڙهون ڏنيون ۽ اعلان ڪيو تہ بيروت واري ويڙهہ 'عربن جو اسٽالن گراڊ' بڻائي ويندي. (٣٠)

پر عرفات پنهنجن انهن سورهيائپ ڀريل دعوائن هوندي بہ ڄاتو ٿي تہ بيروت ۾ پي- ايل- او جي سياسي ۽ فوجي موجودگيءَ جا ڏينهن پورا ٿي چڪا هئا. هو رڳو ان کي ڪجهہ دير تائين ملتوي يا هلڪو ڪري پيو سگهي، ان ڪرت جو تہ هو گذريل ڪيترن ئي سالن جي پتوڙ کان پوءِ ذري گهٽ ماهر بڻجي چڪو هو. ٢٥ جون تي آمريڪي پرڏيهي وزير هيگ جي استعفيٰ کان پوءِ جنگ روڪڻ لاءِ آمريڪا جي وڏيڪ سگهاري مزاحمت جي اُميدن جي ٻل تي، نقيڙ تي قابو پائي سگهيو، پر اِهو اُن وقت ئي ممڪن هو جڏهن هلندڙ آگسٽ ۾ بيروت تي وحشياڻا حملا ڪندڙ اسرائيلين تائين رڳن جو هٽ پهچي.

بهرحال جولاءِ جي شروع ڌاري عرفات پنهنجي سني مسلمان لبناني اتحادين جي دٻاءُ سبب پي- ايل – او- جي دستبرداريءَ تي اصولي طور تي راضي ٿي ويو. پي- ايل- او اڳواڻ ٣ جولاءِ تي لبناني وزيراعظم ستر سالن جي پوڙهي صائب

سلام جي وڏي شاهي اڇي رنگ واري گهر ۾ پنهنجي حاضريءَ مهل ڄاتو ٿي ته ڏکيو وقت سندس سر تي اچي پهتو آهي، قومي ڪائونسل ۾ لبناني معتبرن به واضح ڪري ڇڏيو هو ته پي- ايل- او لاءِ بيروت ۾ پليڪار وارو دور پنهنجي پڄاڻي تي پهچي چڪو آهي، عرب اسرائيلي ڇڪتاڻ بابت سندن جذبا ڪجهه به هجن، پي- ايل- او اڳواڻن سان سندس ذاتي سنگتون ڪهڙي به نوعيت جون رهيون هجن، هُن هاڻي پنهنجي ملڪ ۾ فوجي ناٽي جي، وڏيڪ تباهي نه ٿي چاهي. سندن خيال موجب هاڻ ويڙهه ختم ٿي چڪي هئي. پي- ايل- او هارائي چڪي هئي ۽ هاڻ ان جي لڏڻ جو وقت اچي چڪو هو.

هاني الحسن سان گڏ، عرفات اُنهن همراهن کي منهن ڏنو، جن کي هُن ١٩٧٠ع جي شروع ڏاري بيروت ۾ پنهنجو هيڊڪوارٽرس قائم ڪرڻ کان دوست طور ليکيو هو. سمورن باقي بچيل لبناني اڳواڻن مان، صائب سلام شايد فلسطينين کي سڀ کان وڌيڪ ويجهو هو. عرفات کيس رڳو دوست ئي نه پر هڪ لاڳاپيل حمايتي ٿو سڃاڻي. پر هاڻي جولاءِ جي هڪ خطرناڪ ڪاڙهي تتي واري منجهند تي روزن دوران هلندڙ بحث ۾ پي- ايل- او اڳواڻن کي هڪ اٿوڻندڙ حقيقت کي منهن ڏيڻو پيو. ايستائين جو سلام به ڪين وڃڻ لاءِ چئي رهيو هو، جنهن ١٩٧٣ع دوران بيروت ۾ ٿيل حملي دوران ٽن اهم پي- ايل- او عملدارن جي مارجي وڃڻ واري واقعي تي لبناني فوج جي مدد لاءِ نه اچڻ تي احتجاج ڪندي استعفيٰ ڏني هئي. عرفات ڄاتو ٿي ته سلام جي ڳالهه لبنان جي سمورن قبائلي سرواڻن جي دل جو آواز آهي پر ان به کيس سندس مطالبن تي راضي ٿيڻ واري راهه تي نه آندو.

جيئن ئي منجهند تپڻ لڳي، بحث ان وقت انتهائي سخت ٿي ويو جڏهن عرفات ان تي زور پريو ته ڪنهن غيرمانائتي انداز ۾ هن جو ۽ سندس جوڌن جو بيروت مان نڪرڻ جو جواز ناهي. نه هو ۽ نه وري سندس ساٿين مان ڪو اسرائيلي دٻاءَ هيٺ پنهنجا مضبوط ٺڪاڻا ڇڏڻ تي راضي هو. هُن پوئين پساهه تائين ويڙهه ڪرڻ ٿي چاهي. پنهنجي نقطءِ نظر کي هٿي ڏيڻ لاءِ پي- ايل- او اڳواڻ شامي سورمي يوسف الاعظم جي روح کي هاڏايو، جنهن ١٩٢٠ع ۾ دمشق پرسان 'ميسالون' واري لڙائي ۾ اٽڪيءَ طور فرانسيسين کي شڪست ڏني هئي. "مونکي اهڙا سورما ياد آهن." عرفات هاٿوڪن ڏينهن ۾ ان جو ذڪر هيئن ٿو ڪري: "جڏهن يوسف الاعظم فرانسيسين سان ويڙهه لاءِ روانو ٿيو، ته هُن ڄاتو ٿي ته هو هارائي به سگهي ٿو، تنهن هوندي به هُن دمشق جي بچاءَ لاءِ سينو سهايو، تنهن ڪري اهو مناسب ناهي ته ڪنهن اڳرائي جي شڪار ڪنهن عرب شهر جو بچاءُ نه ڪجي پر ان مان هٿ ڪڍي ڇڏجن." (٣١) پر پنهنجن لبناني هڏندڙن کي سورهيائپ پريا عرب داستان هڏائڻ جي باوجود، ٿاڪ منجهند جو پنهنجي ڦڙڪيون ڏيندندي به عرفات ڄاتو ٿي ته هو پنهنجو وقت گذاري چڪو آهي.

نماشام مهل، پنهنجي ساٿين سان مشورو ڪرڻ کان پوءِ عرفات هٿ سان لکيل هڪ لکت سودو سلام جي گهر پهتو. 'اسان جو ڀاءُ شفيق الوزان' جي نالي مخاطب ٿيل انهيءَ ڪاغذ جي ٽڪري تي مختصر طور تي سودن سادن لفظن ۾ ڄاڻايل هو ته فلسطيني ڪمان لبنان ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو آهي. عرفات دستبردار ته ٿيو ٿي پر ان لاءِ شرطن ۾ وقت کي هُن ڄاڻي ٻجهي شڪي پئي بڻايو. ايستائين جو هن آخري مرحلي تي به، عرفات ۽ سندس ساٿي صورتحال ۾ تبديلي يا ٻين لفظن ۾ ڪنهن معجزي جي اميد ۾ هئا.

وڃڻ لاءِ اصولي طور تي راضي ٿيندي، عرفات نتيجو ڪڍيو هو ته هُن پنهنجي سر وقت حاصل ڪري ورتو آهي ۽ ان ڪري ايندڙ هفتن دوران مٿس دٻاءُ ۾ ڪا گهٽتائي رهندي. جولاءِ جو گهٽي ڀاڱي عرصو، نيڪاليءَ جي شرطن ۽ ويڙهاڪن ۽ هيڊڪوارٽرس واري عملي جي ڏاڪي به ڏاڪي روانگيءَ جي نظرداريءَ لاءِ هڪ گهڻ فوجي فورس ٺاهڻ بابت ڳالهين ۾ گذاري، آمريڪي ايلچي فلپ حبيب لبناني سياستڪارن ۽ بيروت ۾ موجود عرب سفارتڪارن سان ڳالهين جو اڻکٽ سلسلو جاري رکيو. پي- ايل- او سان سڌي سنئين سياسي ڳالهين تي اڃان تائين پابنديءَ سبب هُن تنظيم سان ڳالهيون نه ڪيون. واشنگٽن ۾ عملدارن پنهنجو ڌيان عملي صورتن تي لڳائڻ شروع ڪيو، جن ۾ فلسطينين کي وٺي وڃڻ لاءِ ساموندي ٻيڙن جو بندوبست ڪرڻ پڻ شامل هو. صفا منجهائڻ واري اِها ڪرت به پنهنجي دلچسپ لمحن کان خالي نه هئي. آمريڪين کي معلوم ٿيو ته ڪيترا پي- ايل- او عملدار ڀاڄ مهل پنهنجون قيمتي شيون به ساڻ کڻي وڃڻ لاءِ آتا آهن. "اسان کي پي- ايل- او وٽان اهڙا سنيها ملندا رهيا ته ساموندي ٻيڙن ۾ هو مرسڊيز ۽ بي-ايم- ڊبليو گاڏيون به ڪاهي وڃڻ ٿا چاهين." وائيٽ هائوس جو هڪ عملدار جيڪو نيڪاليءَ واري ان ڪرت ۾ شامل هو، هو ٻڌائي ٿو. "پنهنجي ڪٽنبن سان گڏوگڏ پنهنجين موٽرن جا ڪاروان نيڻ لاءِ سخت پريشان هئا. اسان جي لاءِ ته کلڻ جوڳو مقام هو." (٣٢)

عرفات پنهنجي سر ائين ظاهر ڪرڻ شروع ڪيو ڄڻ هو پنهنجو ڀاڄ کي لطف اندوز ڪري رهيو هجي. هو اڪثر بين الاقوامي پريس سان ڳالهائيندو هو، جيڪا بيروت ۾ شهري مرتين ڪري تيزيءَ سان اسرائيل مخالف بڻجڻ لڳي هئي. هُن اسرائيلي صحافي ۽ امن مُهم هلائيندڙ 'يوري اونيريءَ ' کي پڻ هڪ انٽرويو ڏنو، جنهن پي- ايل- او- جي صفن سان گڏوگڏ خود اسرائيل ۾ پڻ ڏڦيڙ پيدا ڪيا. ڀاڄ تي آيل آفتن جي انتها ۾ به عرفات خوش مزاجيءَ جو مظاهرو ڪندو رهيو. گارجين جي خاطو ٻيوڊ هرسٽ جڏهن هڪ انٽرويو ۾، جيڪو چوٿين جولاءِ تي شايع ٿيو هو، ڪائنس پڇيو هو ته ڇا هُن اسرائيلي دعويٰ موجب سوويت سفارتخاني ۾ پناهه ورتي آهي ته هُن جواب ڏيندي چيو: "اڄ رات مون سان گڏ رهڻ بابت ڇا خيال

ائٿي؟ آءٌ تو کي ان جي نيند ٿو ڏيان. مون وٽ پنهنجي رهائش گاهه ۾ هڪ واڌي ڪمرو آهي. اها پروپئگنڊا منهنجي توهين آهي. آءٌ پنهنجي هيڊڪوارٽرس ۾ نئي مرڻ پسند ڪندس." (٣٣)

بهرحال، عرفات وڏيڪ ڏڦيڙن تي قابو پائڻ لاءِ پي- ايل- او جي قطعي نيڪاليءَ جي شرطن کي بهتر ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳو رهيو. فرانسيسي ۽ مصري سفارتي سرگرميون هُن لاءِ پرجهلو ثابت ٿيون، جيڪي پي- ايل- او لاءِ اهي ملڪ، نيڪاليءَ جي عيوض سياسي لاڀ پرائڻ جي ڏس ۾، ڪنهن عالمي امن ڪاوش ۾ ان جي شرڪت جي مڃتا لاءِ ڪري رهيا هئا. هُن عرب ليگ ۽ ريگن وٽان مداخلت جي آس پلي ڇڏي هئي، پر فرانسيسي ۽ مصري قدم پڻ عرب ليگ جي معمولي ڪاوشن وانگر فضول ثابت ٿيا. واشنگٽن جي هڪ دوري دوران، سعودي ۽ شامي پرڏيهي وزيرن شهزادي سعودالفيصل ۽ عبدالحليم خدام سولائي سان آمريڪي نياڪرڻ فلپ حبيب جي پي- ايل- او کي خارج ڪرڻ وارو رٿيل منصوبو قبولي ورتو. ٿورڙن ئي هفتن ۾، اسرائيلي دٻاءُ ايترو وڌي چڪو هو جو فلپ حبيب لاءِ رٿا مڃڻ کان سواءِ ڪو چارو ئي نه رهيو هو.

اسرائيل ۾ ناراضگي سان پريل هڪ تلخ بحث شروع ٿي ويو. بيگن ۽ شيرون تي جيئن پوءِ تيئن ان بابت سياسي دٻاءُ وڌندو ويو ته هو لبناني عام شهرين جي مرتين واري جنگ جو ڪهڙو جواز ٿا پيش ڪن ۽ ايڏي ساري قتل عام جو هڙ حاصل ڇا ٿيو؟ "آءٌ ان ڳالهه تي ويساهه نه ٿو آڻيان ته اِها مارڌاڙ پي- ايل -او جي ڌانچي جي تباهيءَ لاءِ هئي." مشهور اسرائيل تاريخدان يهوشئو پوريٽ چوي ٿو: "ان جو وجود هٿيارن جي موجودگي يا فراهمي تي نه پر پناهگير ڪئمپن ۾ آهي. جيستائين ڪو سياسي حل نه ڪيو ويندو، ان جي وجود جا انساني ۽ نظرياتي بنياد باقي رهندا." (٣٤) لبنان ۾ پنهنجي پٽ جي مرتيي تي پيڙايل يعقوب ڪٽرمين قيادت جي لپاڙي انداز تي ڏمرجي ٿو. "بيشرمي جي رڪائپ جي انتها آهي ته 'گاليليءَ لاءِ امن بابت اعلان توهان اُن مهل ڪيو، جڏهن اترائين سرحد جي هُن پار کان سڄي سال دوران ڪو هڪ به فائر ڪو نه ٿيو." هُن روزنامي 'هارٽز' ۾ لکيو: "دهشتگردن کي اوترا سپاهي مارڻ ۽ زخمي ڪرڻ لاءِ ڪيترا سال ۽ نسل گُهرجن ها، جيترا توهان جي جنگ جي هڪ هفتي اندر موت جو ڪاچ بڻيا"؟ (٣٥)

شيرون جي تڪڙي سوڀ ۽ هڪ آزاد ۽ نئين لبنان جي محافظ طور ' آزاد ڪرايل'بيروت ۾ اسرائيلي فوج جي آدرياءُ وارا سمورا سپنا اوڏي مهل پڃي پورا ٿي پيا، جڏهن سندس سورهيه جون جي آخر ڌاري شهر جي دروازن تائين پهتا هئا. تيز ۽ طاقت جي نشي ۾ چُور اسرائيلي پيشقدمي ڳورو ڌڪاءُ بڻجي وئي، هڪ اهڙي اينگهجندڙ ۽ گوڏا ڇني مفلوج ڪندڙ لڙائي، جنهن پهرين ڏينهن کان ئي اسرائيلي لاش اوڳاڇڻ شروع ڪيا هئا. شيرون سياسي ڏکيائين ۾ ڦاسندو ويو ۽

هُن ان کي پلي پت جاتو ٿي. جيئن ئي ڏينهن لنگهي هفتا بڻيا ۽ جولاءِ اچي پهتو، هُن آمريڪين کي چڙهڻ شروع ڪيو. پنهنجي اسرائيلي نقادن خلاف زهر اوڳاڇڻ لڳو ۽ هُن ويڙهه جي ميدان ۾ عمل جي ناڪامين تي ڳاڙهو پيلو ٿيڻ شروع ڪيو. چرياڻ شيرون لاءِ، آمريڪي سفارتڪاريءَ جي ڍري ڪرت، جنهن ڪري نه رڳو پي - ايل - او بيروت مان سنئين لڳين نڪتي پر لبنان ۾ اثرائتي عمل لاءِ ميدان پڻ هموار ٿيو. برداشت جوڳي نه هئي. اُن جو ڪجهه مُلهه چڪائڻو ئي هو.

١٨جولاءِ کان، بيگن ۽ شيرون ڪابينا وارن ساٿين سان جن ۾ ڪجهه شيرون جي لفظن ۾ 'ڳاڏي مان لهڻ جا خواهشمند هئا' (٣٦) اوندهي سانت کي ٽوڙڻ لاءِ سخت ترين ڪارروائي جي ضرورت بابت تلخيءَ ڀريو مُندو اٽڪاڻ شروع ڪيو.
پهرين آگسٽ تي، بيگن ۽ شيرون، هڪ تکي بحث کان پوءِ، هڪ سولو داءُ رٿيندي ڪاميابي ماڻي ورتي. هو جنگبنديءَ تي راضپو ڏيکاريندا پر جيڪڏهن اُن جي هڪ به ڀڃڪڙي ٿي ته پوءِ پي- ايل - او جي ٺڪاڻن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. جهڙي ريت ڪابينا ۾ هر ڪنهن جاتو ٿي ته اِهو رڳو حملي جي وٿي ڳولهڻ جو بهانو هو، اجان ڪابينا پنهنجي ڳڏجاڻي پوري نه ڪئي هئي جو، اسرائيلي هاءِ ڪمان گهوڙا ڪرڻ شروع ڪئي ته جنگبنديءَ جي ڀڃڪڙي ٿي آهي. بنا ڪنهن دير جي، اسرائيلي فوجن ڏکڻ کان حملو ڪري ڏنو ۽ پندرهن ڪلاڪن جي لڙائي دوران ايئرپورٽ تي قبضو ڪري ورتائون. اهي بئروج البراجنه، صابره ۽ شطيله پناهگير ڪئمپن جي ويجهو پهچي ويون ۽ پي- ايل- او جي هيڊڪوارٽرس واري علائقي خاقانيءَ تي انتهائي وحشياڻي بمباري ڪري ڏنائون. ان کان پوءِ ئي شيرون قتلام جو حڪم جاري ڪيو هو .

چوٿين آگسٽ تي، اسرائيل جي بچاءُ واري وزير پي- ايل- او جي مظبوط ٺڪاڻن تي سڀ کان خطرناڪ زميني، هوائي ۽ سامونڊي ڏسائن کان حملي جو حڪم ڏنو. ان سموري ڪارروائي جو اصل نشانو خود عرفات ۽ سندس سينيئر ساٿي هئا. اينڊڙ ڪجهه ڏينهن پي- ايل- او اڳواڻ لاءِ انتهائي خطرناڪ رهيا ۽ هو هڪ کان ٻي خندق ڏانهن پناهه لاءِ ڊُڪندو رهيو. عرفات جو هڪ سينيئر انٽيليجنس نائب ٻڌائي ٿو ته، "تن ڏينهن ۾ هيڊڪوارٽرس جي عملي پي- ايل- او ڪمان جي مرڪز کي هر اٺيتاليهين ڪلاڪ ۾ هڪ ڀيرو تبديل ٿي ڪيو. اسان وٽ هڪ نه پر ڇهن ٽيليڪس مشينن، ٻن انٽرنيشنل ٽيليفونن ۽ هڪ وائرليس اسٽيشن سوڌو ڪيترائي متبادل هئا." هو ٻڌائي ٿو: "جولاءِ جي وچ کان آگسٽ جي وچ تائين، جڏهن بمباري بند ٿي، اسان گهٽ ۾ گهٽ ڏهه جايون بدلايون هيون." (٣٧)

علائقي ۾ موجود پنهنجن چاڙتن جي مدد ۽ عرفات جي ٽيليفون ۽ وائرليس وارن رابطن کي جهٽيندي، اسرائيل حيرت انگيز طور تي سندن ڏس پتي کي چٽڻ ۾

خطرناڪ حد تائين ڪامياب رهيو هو. ڪيترين ئي خندقون اولهه بيروت جي واپاري مرڪز 'حمرا' واري علائقي ۾ هيون. هو پنهنجي نئين ٺڪاڻي تي اچان پهتو ئي نٿي جو اسرائيلي جهازن جو لامارو نٿي لڳو. اِها ڪوئي ۽ ٻليءَ واري خطرناڪ ۽ موتمار راند هئي، جيڪا سوين ملين ڊالرن وارين مشينن ۽ ڌرتيءَ جي گولي تي سڀ کان جديد اليڪٽرانڪ چٽيندڙ اوزارن سان ليس هوائي فوج سان جوٽيل هئي. شيرون پنهنجي پائلٽن کي پنهنجي شڪار جي ڳولا ۾ بي رحم ۽ غضبناڪ اڏامندڙ قاتل جٿو بڻائي ڇڏيو هو.

ڇهين آگسٽ تي، اسرائيلي ان وقت ڏڇي ۾ ڦاٿا جڏهن هڪ اليڪٽرانڪ ڏسائي اوزار سان ليس، هڪ ايجنٽ پاران چوڪس ڪيل ان جي پائلٽن لبنان جي مرڪزي بينڪ پرسان هڪ ستمارڙ جاءِ کي نون ايجاد ٿيل 'خلا بمن' (Vaccume Bombs) وسيلي ڊاهي پٽ ڪيو ۽ ان ۾ موجود ٻه سؤ ماڻهو مارجي ويا ۽ ٻيا زخمي ٿيا. عرفات جيڪو ان جاءِ جي هڪ حصي کي پنهنجي ڪارروائي واري مرڪز طور استعمال ڪري رهيو هو، حملي کان ڪجهه ئي گهڙيون اڳ تڙ تڪڙ ۾ اُتان نڪتو هو. پي- ايل- او اڳواڻ لاءِ تن ڏينهن جو هر پل موت سان ڳراٽي پائڻ جهڙو هو. سندس هڪ ويجهي ساٿيءَ موجب هو لاڳيتو حرڪت ۾ رهيو. ڪجهه راتيون تہ هو ساموندي ڪناري تي جيڪو بمباريءَ کان ڪنهن حد تائين محفوظ هو يا ڪار پارڪنگ جي کليل ميدانن ۾ ستو. بهرحال تڏهن بہ سندس سلامتيءَ جي مڪمل ضمانت نہ هئي. (٣٨)

عرفات جي ذاتي محافظ دستي 'فورس ١٧' جي مقرر ڪيل ڏيڊ سؤ گوريلن تي پڻ موت انيڪ پيرا لامارا هنيا جن کي خاص هدايت ڪئي وئي هئي تہ انقلاب جي اهڃاڻ عرفات کي بچائڻ لاءِ هو ڪنهن بہ قربانيءَ کان نہ ڪيٻائين.

'فورس ١٧' جو ڪمانڊر ڪرنل محمد الناطور ٻڌائي ٿو تہ ڇڪتاڻ جي شروع ۾ ئي طيءِ ڪيو ويو هو تہ فلسطيني مزاحمت جي سوڀ يا شڪست جو تعين خود عرفات جي جسماني وجود جي حالت سان ڪيو ويندو. الناطور لاءِ عرفات کي جيئرو رکڻ واري ذميواري روزانو زميني، هوائي ۽ ساموندي ڏسائن مان ٿيندڙ بمباريءَ سبب پوائتو خواب ثابت ٿي. ٻين اڳواڻن جي اُبتڙ ابوعمار (عرفات) ڪڏهن بہ هڪ هنڌ تي نہ ترسيو پر سدائين هڪ کان ٻئي هنڌ ڏانهن لڏيندو رهيو. الناطور ٻڌائي ٿو: "اِهو ئي ڪيس بچائڻ جو واحد طريقو هو." (٣٩)

١٢ آگسٽ تائين خونخوار زميني، هوائي ۽ ساموندي حملا جاري رهڻ کان پوءِ جڏهن انهن اڏاوتن تي لاڳيتو يارهن ڪلاڪ بمباري ڪئي وئي، جتي فلسطيني گوريلن ۽ سندن اڳواڻن پناهہ ورتي هئي. نيٺ صدر ريگن چيو، "بس گهڻو ٿيو!" دنيا ۾ هر هنڌ ٿيندڙ مظاهرن جي اثر ۽ آمريڪي ٽيليويزن نيٽ ورڪ نيوز تان تباهي ۽ موت جا منظر پيش ٿيڻ تي آمريڪي صدر پاران بيگن کي ڪارائتي ۽ فيصلي ڪُن

فون ڪرڻ تي مجبور ڪيو. ريگن اسرائيلي ڪارروائين کي ڪنهن ڏرتيءَ سان لچالت سڏيو. (۴۰)

هُن هڪدم بمباري بند ڪرڻ جي گهر ڪئي، ٻي صورت ۾ هُن چتاءُ ڏنو تہ هُو بيروت کان پي- ايل- او جي نيڪاليءَ بابت ڳالهين لاءِ آمريڪي ڪوشش کي ختم ڪري ڇڏيندو.

بيگن سان هڪ اهڙي ڏيٺ ويٺ ۾، جيڪا ڪنهن آمريڪي صدر ۽ اسرائيلي اڳواڻ ۾ ترش ترين ٽاڪرن مان هڪ هئي، ريگن انتهائي کُهري لهجي ۾ چيو، "منهام! اهو وحشي پڻو آهي." پولينڊ جائي بيگن جي سرد وراڻي کان اڳ هڪ ڊگهي سانت ڇانيل هئي. "صدر سائين! مون کي خبر آهي تہ وحشيپڻو ڇا ٿيندو آهي." (۴۱) ڇهہ ڪلاڪ پوءِ بمباري بند ٿي وئي.

جيئن ئي فلپ حبيب پي- ايل- او جي دستبرداريءَ جي حتمي تفصيلن لاءِ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو، بيروت جي ڏُکندڙ ڪنڊرن ۾ غيراطمينان جوڳي سانت ڇانئجي وئي. حبيب لاءِ، لبنان ۾ ڦهليل اَبتريءَ کي سلجهائڻ واري مشق انتهائي اعصاب ٽوڙ ثابت ٿي. اسرائيل پاران پنهنجي هٿ وس سموري قوت ذريعي پي- ايل- او کي تباهہ ڪرڻ لاءِ ڳنڍ ڏئي ٻيهڻ ۽ عرفات ۽ سندس همراهن جي رويي سبب حبيب اڪثر بي واهرو تماشائي پئي ٿي ويو. جيڪي پنهنجي وجود جي ويڙهہ وڙهي رهيا هئا، ٽياڪڙ واري حيثيت ۾ سندس ذميواري پي- ايل- او سان سڌيون سنئيون ڳالهيون نہ ڪري سگهڻ سبب اجان تائين ڏکي بڻجي پئي وئي. اِها ذميواري سندس رابطي ڪار صائب سلام وسيلي اينگهڻ لڳي.

اسرائيل پاران هوائي حملا بند ڪرڻ کان هڪ هفتو پوءِ پي- ايل- او جي لبنان مان نيڪاليءَ بابت حبيب جو ٻارهن نڪاتي پروگرام لبناني حڪومت ۽ اسرائيل کي پيش ڪيو ويو. پي- ايل- او جي ويڙهاڪن کي عرب دنيا جي ڇئني ڪُنڊن ۾ ٽڙ پکڙ ٿيڻو هو. خود عرفات ۽ سندس هيڊڪوارٽرس واري عملي کي سندن پاران فلسطين سڏجندڙ ڌرتيءَ کان ٻہ هزار ڪلوميٽر پري تيونس ٿانيڪو ٿيڻو هو. پي- ايل- او اڳواڻ دمشق وڃڻ واري آڇ مڪمل طور تي ٺڪرائي ڇڏي. آخري شيءِ جيڪا هن چاهي ٿي اُها حافظ الاسد جو ٿورو نہ کڻڻ هئي.

پنهنجي ڀين ڪيترن ئي سالن وانگر بيروت جي ڊگهي گهيري دوران عرفات کي ٻہ عرب مدد جي رسائي تي صدمو ۽ چڙ هئي. ٻي روح لفظن کان سواءِ ڪا ٻہ عرب رياست پي- ايل- او جي واهر لاءِ اڳتي نہ وڌي هئي. ۲۰ جولاءِ تي عيدالفطر واري سنيهي ۾ ٻارهين صديءَ دوران مقدس ڌرتيءَ تان عيسائين کي تڙيندڙ مسلمان سورمي غازي صلاح الدين جا لفظ دهرائي پڻ عرفات پنهنجي عرب ڀائرن کي سندن فرض ياد ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي: "مون کي توهان جي نمازن جي نہ پر تلوارن جي ضرورت آهي." هن اعلان ڪيو. (۴۲)

سندس لفظ تقريباً بي آواز سانت ۾ انتهائي شاندار هئا.

٢١ آگسٽ تي پنهنجن پهرين جوڌن جي بيروت کان روانگيءَ واري انتهائي جذباتي منظر کي عرفات ڳوڙهن ڳاڙڻ سان ڏٺو. ٢٥ جولاءِ کان شروع ٿيندڙ ٻڪهو ۽ خوني ڏهڪاءُ تہ ختم ٿي ويو هو، پر هُن ڄاتو ٿي تہ هڪ وڏيڪ ۽ شايد اڃان ڏکي جدوجهد شروع ٿي پئي هئي. تنظيم محفوظ رهي هئي، قيادت ڪجهہ معجزن سبب بچي ويئي هئي پر ڏهن سالن ۾ هيو پيرو ڪين غيريقيني ڏيهہ نيڪالي پوکڻي ٿي پئي.

٣٠ آگسٽ تي جڏهن عرفات وزيراعظم شفيق الوزان ۽ صائب سلام سميت لبناني معتبرن کان اِهو چئي موڪلايو تہ هُو هڪ کان پوءِ بي ڏيهہ نيڪالي پوکڻي رهيو آهي ۽ ٨٧٦ ,١٠ فلسطيني گوريلن جي، جن کي 'فلپ حبيب منصوبي' تحت بيروت مان نڪرڻو هو، اڪثريت سميت عرب ديٽرنٽ فورس جي ٢٧٠٠ شامين سان گڏ جيڪي اسرائيلي پيشقدميءَ دوران ڦاسي پيا هئا، لبناني ڌرتيءَ ڇڏڻ لاءِ آخري جهاز مان هڪ يوناني سامونڊي جهاز 'ايٽلانٽس' تي سوار ٿيو تہ پي- ايل- او جي ويڙهاڪن پنهنجي پويان عرب اسرائيلي جنگين دوران مرتين جو هڪ وڏو انگ ڇڏيو هو. لبناني سرڪاري انگن اکرن موجب، چار جون کان ٣١ آگسٽ تائين ٿيندڙ اسرائيلي بمباريءَ ۾ اوڻويهہ هزار ماڻهو موت جو ڪاڄ بڻيا هئا. وڌيڪ ٽيهہ هزار زخمي ٿيا هئا. مرتين جو تقريباً اڌ تعداد شهرين جو هو. اسرائيل جي پنهنجي مرتين جو تعداد سال جي پڇاڙي تائين چار سؤ جي لڳ ڀڳ هو. (٤٣)

جيڪڏهن مرتين بابت لبناني سرڪاري انگن کي وڌائي چڙهائي پيش ڪيل سمجهجي، پوءِ بہ پي- ايل- او کي تباهہ ڪرڻ ۽ نئون لبنان جوڙڻ بابت شيرون جو عظيم الشان منصوبو ڪنهن بہ معيار جي حوالي سان گهڻو مهانگو پيو.

پي- ايل- او لاءِ لبنان وڃائڻ ويران ڪُن تباهي هئي. ڏهن سالن کان وڌيڪ عرصي تائين گهرو لڙائي ۾ ڦاٿل هوندي بہ، ان ملڪ فلسطينين لاءِ بهرحال هڪ خودمختيار نڪاڻي جو فرض نڀايو هو. اِها واحد جاءِ هئي جتي هو آزادي سان سياسي حمايت کي منظم ڪري، عملي شڪل ۾ آڻي وڌائي ويجهائي پئي سگهيا. هاڻ، پي- ايل- او جو لبنان ۾ متاثر ڪندڙ ڍانچو ڀڄي ڀُري چڪو هو. ان جون ڪيترئون ئي فيڪٽريون تباهہ ٿي چڪيون هيون ۽ ڪارائتا دستاويز اسرائيلن يا تہ پنهنجي قبضي ۾ ڪري ڇڏيا هئا يا ساڙي ڇڏيا هئا. ان جي ويڙهاڪن جي عرب دنيا ۾ ٽڙيل پکڙيل هئڻ ڪري، اسرائيل خلاف هٿياربند جدوجهد کي جاري رکڻ لاءِ ڪوششون انتهائي ڏکيون ٿي پئي سگهيون، ۽ عرفات جي هيڊڪوارٽرن کي تيونس جهڙي ڏورانهين علائقي ۾ منتقل ڪرڻ سان سندن مقصد تي دنيا جو ڌيان ڇڪرائڻ واري ڪرت لاءِ وڌيڪ محنت گهربل هئي.

جيئن ئي بيروت تي پنهنجي آخري نظر وجهڻ لاءِ عرفات ايٽلانٽس جي ڊِڪي

تان ساموندي ڪناري ڏانهن نهاريو تہ ڪيس پوئتي رهجي ويل فلسطينين بابت فڪر اچي ورايو. ڇا ١٩٧٦ع ۾ عيسائي هٿياربندن هٿان طال الظاتر پناهگير ڪئمپ ۾ ٿيل تباهيءَ ورجائڻ جو خطرو تہ نہ ٿيندو؟ ڇا صابره، شتيلہ ۽ بئروج البراصنہ ڪئمپن ۾ رهندڙ فلسطيني پناهگير پي- ايل- او جي هٿياربند موجودگيءَ کان سواءِ سلامت رهندا؟ هو سلامتيءَ بابت آمريڪي خاطرين ڪي ڪهڙي ريت جوڳو سمجهي؟ آمريڪا، فرانس ۽ اٽليءَ جي گهڻ- قومي فورس جي موجودگيءَ سبب معمولي طور تي مطمئن عرفات وٽ مٿين سوالن مان ڪنهن جو بہ جواب نہ هو.

پنهنجي پهرين ساموندي ٽاڪ طور عرفات پاران اٿينس جي چونڊ، سندس همعصر عربن کي سوچيل سمجهيل انڪار هو. هُن انتهائي سخت دشمن اسد جي شهر دمشق نہ پئي وڃڻ چاهيو. هُن عمان وڃڻ نہ ٿي چاهيو جتي شاهہ حسين سان اختلاف اڃان تازا هئا. هُن نار ڏانهن وڃڻ مناسب نہ پئي سمجهيو، جتان جي حڪومتن جي لاپرواهہ رويي ڪيس هين پاران مدد نہ ڪرڻ تي وڏيڪ صدمو رسايو هو. هو قاهره وڃڻ لاءِ راضي نہ هو، جنهن اسرائيل سان پنهنجي ڏار امن قائم ڪرڻ کان پوءِ پرپور سفارتي ٽڏائپ جو مظاهرو ڪيو هو. هو بغداد وڃڻ جو سوچي بہ نہ پئي سگهيو جتي صدر صدام حسين اڃان تائين ابوندال کي اجهو پئي ڏنو، جنهن جي موتمار ڪارروائن اسرائيل کي اڳرائي ڪرڻ جو موقعو ڏنو هو. هُن هر صورت ۾ ٽريپولي نہ پئي وڃڻ چاهيو جتان جي قذافيءَ پي- ايل- او تي بيروت خالي ڪرڻ بدران اُتي ئي 'انجتماعي آپگهات' ڪرڻ لاءِ زور پريو هو.

عرفات جي بيروت ڇڏڻ کان هڪ هفتو اڳ، ٢٢ آگسٽ تي ٣۴ سالن جي جمار واري بشير جمائيل کي لبنان لاءِ نئون صدر چونڊيو ويو. گهٽين جو جهيڙاڪ جنگي جوڌو هاڻ لبنان تي راڄ ڪرڻ جي اُميد ۾/ اوسيئڙي ۾ بينل قومي اڳواڻ بڻجي ويو. اسرائيل ۾، جتي جنگ بابت جوابي الزامن جو طوفان ڪڙو ٿيل هو، جمائيل جي چونڊ يروشلم ۽ اوپر بيروت ۾ اڃان تائين قائم ٿي نہ سگهندڙ يهودي- عيسائي ايڪتا جي اُميد کي نئين سر جيئاري ڇڏيو. ١٢ سيپٽمبر تي، ايرل شيرون جمائيل سان آخري دعوت کائڻ لاءِ بڪفائيا اُسهيو. رات جو دير سان ٿيندڙ ڳالهين ۾ لبنان جي اندروني مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ امن نٺاهہ لاءِ ڳالهين ۾ پيش آيل ڏکيائين تي ڳالهايو ويو. هنهي ١٥ سيپٽمبر تي هڪ وڌيڪ ڪڏجاڻي لاءِ راضپو ظاهر ڪيو، جنهن ۾ پرڏيهي وزير آئزڪ شمير کي پڻ هو، پر اِها ڪڏجاڻي ٿي نہ سگهي.

١۴ سيپٽمبر تي لبنان لاءِ چونڊيل صدر بشير جمائيل اوپر بيروت ۾ پنهنجي ساڄي ڌر واري فلنجي پارٽي جي مقامي هيڊڪوارٽرس ۾ ٿيل هڪ زوردار بم ڌماڪي ۾ پنهنجي حياتي وڃائي ويٺو. اِهي امڪان ظاهر ڪيا ٿا وڃن تہ اهو بم هڪ شامي ايجنٽ رکيو هو. سندس لاش اونهي کڏ مان ڪيڻ کان پوءِ سڃاڻپ جوڳو ئي نہ رهيو هو. اسد لاءِ چيو ٿو وڃي تہ هُن لبنان جي بيهر جوڙجڪ لاءِ

لبناني اسرائيلي منصوبي کي ٽڏي تي ئي دُڦ ڪري ڇڏيو هو. لبنان ۾ اسرائيل جي غيراڻرائتي پاليسي جوڙيندڙن مان هڪ اسرائيلي پرڏيهي وزارت جو ڊائريڪٽر جنرل ڊيوڊ ڪمچي ٺوس لفظن ۾ چوي ٿو: "بشير جو قتل اسرائيل لاءِ انتهائي ڳورو صدمو هو." (۴۴)

جمائيل جي قتل نہ رڳو لبنان متعلق اسرائيلي سڌُن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو پر هڪ پيرو بيهر انهن واقعن جي ياد ڏياري جنهن کي دنيا ۾ تاريخ ۾ لفظن 'صابره ۽ شتيلہ' طور ياد ڪندي.

جمائيل جي موت تي، اسرائيلي فوجون اولهہ بيروت ۾ خاقانيءَ ۾ گھڙي آيون، جتي عرفات جا هيڊڪوارٽرس هئا. پوپ سان گڏجڻ لاءِ روم جي دوري تي ويل پي- ايل- او اڳواڻ ۱۰ سيپٽمبر تي پنهنجي عملي پاران ڏنل ان اطلاع تي ٻڌي ويو. پي- ايل- او جي اهم ڪيٿولڪ سرواڻ عفيف سفيہ ڏانهن متوجہ ٿيندي عرفات انتهائي فڪرمنديءَ مان چيو هو، "هو تہ منهنجي آفيس ۾ گھڙي آيا آهن." (۴۵)

اسرائيلي مداخلت جي خطري جو سوچي پي- ايل- او اڳواڻ جا وار ڪانڊارجي ويا. اينڊڙ ڏينهن هُن گهر ڪئي تہ ۱۳ سيپٽمبر تي بيروت مان پنهنجي واپسي مڪمل ڪندڙ گھڻ- فوجي فورس کي بيهر لاڳو ڪيو وڃي، پر سندس دانهن کي ڏاڍي دير ٿي چڪي هئي.

۱٦ سيپٽمبر جي شام کان ۱۸ سيپٽمبر جي صبح تائين بشير جمائيل جي مرتيي تي اُٿندڙ پلاندي جذبن کي رت سان ٺاريندڙ عيسائي هٿياربند صابره ۽ شتيلہ پناهگير ڪئمپن ۾ ڪاهي پيا ۽ ٻارن، عورتن ۽ مردن جو لاڳيتو ۽ بنان ڪنهن فرق جي قتلام ڪيائون. سندن ڪيترن ئي شڪارن جي تہ سڃاڻپ ئي ناممڪن هئي. فلنجي ڪاسائن کي اسرائيلين، جُهڳين وارن اُنهن شهرن ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت ڏني جيڪي سندن ڪنٽرول ۾ هئا. سندن ذميواري، شيرون جي خيال موجب اجان تائين انهن ڪئمپن ۾ لڪيل فلسطيني ويڙهاڪن کي ميدان تي سامهون آڻڻ هئي. اسرائيلي فوجين پاران ڪيل ڪئمپن جي گهيري دوران ڇتيهن ڪلاڪن کان بہ وڌيڪ موت جو راڪاس پنهنجا شڪار جهٽيندو رهيو. ان جي پڄاڻيءَ تي سوين ماڻهو مارجي چڪا هئا. فلسطيني چون ٿا تہ مارجي ويلن جو ڪُل ڳاڻيٽو پندرهن سؤ هو، لبناني هلال احمر جاڻائي ٿي تہ ۳۲۸ ماڻهو مارجي ويا ۽ ۹۱۱ گم ٿي ويا. جاچ لاءِ قائم ٿيل هڪ اسرائيلي ڪميشن موجب ان دوران ست سؤ کان اٺ سؤ تائين انساني جانيون ضايع ٿيون. (۴٦)

ڪيترن ئي مئلن کي لڪائڻ لاءِ سندن لاشن کي بلڊوزرن سان اجتماعي قبرن ۾ ڏٽيو ويو.

۱۸ سيپٽمبر تي جڏهن قتلام جا تفصيل ظاهر ٿيا تہ پهريون عالمي ردعمل

اعتبار نہ ڪرڻ وارو هو. جيڪو جلدي هراس ۾ پوءِ ڪاوڙ ۾ بدلجي ويو. خود اسرائيل ڪان وڏيڪ تيز ردعمل ڪٿان بہ نہ آيو. ان جو پرپور اظهار هارتز جي فوجي خاطو 'زيوشف' جي اُماٿيل رپورٽ هئي، جنهن ۲۰ سيپٽمبر تي اُماٿيل پنهنجي هڪ خبر ۾ ڄاڻايو تہ "بيروت جي پناهگير ڪئمپن ۾ جنگي ڏوهہ ڪيا ويا آهن. فلنجين سوين عورتن، ٻارن ۽ پوڙهن کي ڪُٺو آهي. اُتي اُهو سڀ ڪجهہ عملي طور تي ٿيو آهي جيڪو يهودين جي منظم قتلام لاءِ رٿيو ويو هو.' (۴۷)

هزارين اسرائيلين ٻاران ڳالهائيندي اڳوٽي پرڏيهي وزير بائبان جو چوڻ هو تہ معصوم ماڻهن کي ريءَ گناهہ انهن علائقن ۾ منظم قتلام ذريعي موت جي ننڊ سمهاريو ويو، جتي نظم و ضبط رکڻ لاءِ رتوچاڻ کي تارڻ جي ذميواري اسرائيلي حڪومت تي هئي. (۴۸)

هئي پاسي منهام بيگن انهيءَ سموري اُٿل پٿل بابت عجيب لاف زني ڪرڻ لڳو "هو پنهنجو پاڻ ۾ وڙهيا آهن ۽ دنيا ان ڏوهہ لاءِ يهودين کي ڦاس تي ٽنگڻ جي ڪوشش ۾ رُڌل آهي." هُن شڪايتي لهجي ۾ پنهنجي ڪابينا جي ساٿين کي چيو هو.

ڏک ۽ پنهنجو پاڻ کي ڏوهاري سمجهڻ واري پيڙا ۽ ويڳاڻپ جي شڪار عرفات لاءِ اِها سندس زندگيءَ جي انتهائي ڏکين گهڙين مان هڪ هئي. تيونس جي ڏکڻ اوير ۾ پنجويهن ڪلوميٽرن جي فاصلي تي حمام شط ۾ جوڙيل هوٽل 'سلوه' واري پنهنجي عارضي هيڊڪوارٽرس ۾ مايوسيءَ وچان هو اُهلجي پيو. ان موقعي تي ساڻس گڏ موجود سندس صلاحڪار نبيل شط موجب هُن غمگين ٿيندي پنهنجو پاڻ تي الزام هڻڻ، عربن تي الزام ڌرڻ ۽ آمريڪا کي ڏوهاري سڏڻ جو گردان شروع ڪري ڏنو. هو پنهنجو پاڻ کي دغابازيءَ جو شڪار ٿيل محسوس ڪري رهيو هو. (۴۹)

حوالا

باب ٻارهون

۱- عرفات جي نائب سان انٽرويو، لنڊن، جون ۱۹۸۹ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.

۲- نڪولس ويلئوٽس انٽرويو، واشنگٽن، نومبر ۱۹۸۹ع.

۳- ايرل شيرون، Warrior ، نيويارڪ ۱۹۸۹ع.

٤- نڪولس ويلئوتس انٽرويو، واشنگٽن، نومبر ١٩٨٩ع.
٥- جنرل اوراهام تمير انٽرويو، تل ابيب، نومبر ١٩٨٩ع.
٦- عرفات جي صلاحڪار سان انٽرويو، تيونس، سيپٽمبر ١٩٨٩ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
٧- برائن يورقوهارٽ انٽرويو، لنڊن، مئي ١٩٨٩ع.
٨- ساڳيو.
٩- ساڳيو.
١٠- مروان قاسم انٽرويو، عمان، نومبر ١٩٨٩ع.
١١- يزيد صيّاغ انٽرويو، آڪسفورڊ، آڪٽوبر ١٩٨٩ع.
١٢- ليڪڪن کي ڏنل انٽرويو، قاهره، آڪٽوبر ١٩٨٩ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
١٣- نڪولس ويلئوتس انٽرويو، واشنگٽن، نومبر ١٩٨٩ع.
١٤- Yediot Ahronoth، ١٤ مئي ١٩٨٢ع.
١٥- ليڪڪن کي ڏنل انٽرويو، قاهره، آڪٽوبر ١٩٨٩ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
١٦- جنرل اوراهام تمير انٽرويو، تل ابيب، ڊسمبر ١٩٨٥ع.
١٧- زيوي شف ۽ اِهُد ياري، Israel's Lebanon War
نيويارڪ، ١٩٨٤ع، صفحو نمبر: ٩٨.
١٨- Fiches du Monde Arabe، ١٩فيبروري ١٩٨٦ع، نمبر: ٢٥٢١
١٩- ساڳيو.
٢٠- اوراهام تمير، A Soldier in Search of Peace
لنڊن، ١٩٨٨ع، صفحو: ١٢٨.
٢١- يزيد صيّاغ انٽرويو، آڪسفورڊ، آڪٽوبر ١٩٨٩ع.
٢٢- Fiches du Monde Arabe، ١٩فيبروري ١٩٨٦ع، نمبر: ٢٥٢١.
٢٣- وليد خالدي انٽرويو، ڪيمبرج، ميسچوسٽس، ڊسمبر ١٩٨٩ع.
٢٤- ڏسو نمبر: ٣ جو صفحو: ٤٧٢.
٢٥- Journal of Palestine Studies، جلد xi، نمبر: ٤، The War in Lebanon، اونهارو/ سرءُ ١٩٨٢ع.
٢٦- باسل عقيل انٽرويو، لنڊن، آڪٽوبر ١٩٨٩ع.
٢٧- ساڳيو.
٢٨- راشدي خالدي، Under Siege: PLO Decisionmaking during the 1982 War
نيويارڪ، ١٩٨٦ع، صفحو: ١١٠.

٢٩- ساڳيو صفحو: ١١٣.
٣٠- 'وفا' رپورٽ، حوالي لاءِ ڏسو نمبر: ٢٨ جو صفحو نمبر: ١١٨، وفا پي- ايل- او جو سرڪاري خبررسان ادارو آهي.
٣١- ياسر عرفات انٽرويو، تيونس، ڊسمبر ١٩٨٩ع.
٣٢- ليڪڪن کي ڏنل انٽرويو، فيبروري ١٩٩٠ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
٣٣- گارجين، ۴ جولاءِ ١٩٨٢ع.
٣۴- ساڳيو، ٣ جولاءِ ١٩٨٢ع.
٣٥- Haaretz، ٥ جولاءِ ١٩٨٢ع.
٣٦- ڏسو نمبر: ٣ جو صفحو نمبر: ۴٨٦.
٣٧- ليڪڪن کي ڏنل انٽرويو، قاهره، آڪٽوبر ١٩٨٩ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
٣٨- ليڪڪن کي ڏنل انٽرويو، لنڊن، جولاءِ ١٩٨٩ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
٣٩- ڪرنل محمد الناطور انٽرويو، تيونس، مئي ١٩٨٩ع.
۴٠- وائيٽ هائوس جي اڳوڻي ملازم سان انٽرويو، لنڊن، فيبروري ١٩٩٠ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
۴١- ساڳيو.
۴٢- وفا رپورٽ، ڇيهر ڇپيل Journal of Palestine Studies جلد xi، نمبر: ۴، اونهارو/ سرءُ ١٩٨٢ع.
۴٣- Fiches du Monde Arabe، ٥ مارچ ١٩٨٦ع، نمبر: ٢٥۴٠.
۴۴- ڊيوڊ ڪمر جي انٽرويو، تل ابيب، ڊسمبر ١٩٨٩ع.
۴٥- عفيف صفيه انٽرويو، هيگ، جولاءِ ١٩٨٩ع. صفيه هالينڊ ۾ پي- ايل- او جو نمائندو ۽ عرفات جو اعتماد جوڳو ساٿي رهيو آهي.
۴٦- Fiches du Monde Arabe، ۴ڊسمبر ١٩٨٥ع، نمبر: ٢٥٢٧.
۴٧- Haaretz، ٢٠ سيپٽمبر ١٩٨٢ع.
۴٨- يروشلم پوسٽ، ٢۴ سيپٽمبر ١٩٨٢ع.
۴٩- نبيل شعٿ انٽرويو، قاهره، ڊسمبر ١٩٨٩ع.

(۱۲)

آزاديءَ جي ويڙهه

”عرفات صاحب! تون اڻونندڙ شخص آهين“ هڪ شامي ليفٽيننٽ ڪرنل پاران عرفات کي سندس شامر ڪان نيڪالي مهل چيل جملو، جيڪو ۲۷ جون ۱۹۸۳ع تي نيويارڪ ٽائيمس ۾ ڇپيو.

پنهنجي فوجين ۾ ابووليد طور مشهور برگيڊيئر سعيد سائل لاءِ ۲۷ سيپٽمبر ۱۹۸۲ع جو ڏينهن لبنان جي گانجي جي پوک سان مالامال بڪا ماٿريءَ ۾ پي- ايل- او جي اڏن جو دورو معمول جيان هو. آمريڪي تربيت يافتہ خاموش طبع پي- ايل- او جو آزمودي ڪار فوجي سربراهہ بڪا جي ٻن وڏن شهرن زهل ۽ بالبڪ جي وچ واري هڪ ڏنل وائنل واٽ وٺيو پئي ويو، اوچتو هڪ آٽوميٽڪ رائفل جي ٺڪاءَ سانت ٽوڙي وڌي. صايل جي ڪار گولين سان پُرٽ ٿي چڪي هئي ۽ سندس سٿر جي مٿئين حصي جي رڳ ٽٽي پئي. هو پنهنجن بيوس سائين آڏو رت ڳاڙيندو مري ويو.

حج ڪرڻ لاءِ مڪي ويل عرفات اِها خبر هڏي هراسجي ۽ سراپجي ويو. هُن ۽ خليل الوزير لاءِ، جيڪو ساٿس گڏ هو، پنهنجي فوجي ساٿيءَ جو مرتيو خاص طور تي انتهائي صدمي پريو هو. بيروت جي اسرائيلي گهيري وارن پوائنٽن ڏينهن ۾ ٽنهي گڏجي طيءِ ڪيو هو تہ جيڪڏهن هو بچي ويا تہ گڏجي حج ڪندا. (۱) پر بيروت مان پي- ايل- او جي اڻ- چاهي نيڪاليءَ کان پوءِ صايل اجان بڪا ۾ ٽانيڪن پي- ايل- او جي لڳ ڀڳ اٺ هزار ويڙهاڪن سان گڏ رهيل هو.

انتهائي اُگري ڳالهہ اِها هئي، تہ پي- ايل- او جي هڪ اندروني جاچ جي نتيجي موجب صايل کي هڪ شامي چيڪ پوائنٽ پرسان نشانو بڻايو ويو ۽ مٿس حملو ڪندڙن کي بنان ڪنهن مقابلي جي ڀاڄ ڪائڻ جو موقعو ڏنو ويو. حاضري لڳرائڻ لاءِ، هڪ سرڪاري شامي ۽ فتح ڪميشن جي جاچ واقعن جي بلڪل مختلف اُپٽار ڪئي. اُن نتيجو ڪڍيو تہ سائل کي پنهنجي ليکي ڪارروايون ڪندڙ لبناني شيعا امل مليشيا جي ميمبرن قتل ڪيو هو. پي- ايل- او ۾ عرفات سميت وڏي اڪثريت ان تي ويساهہ ٿي ڪيو. شامي پٺيرائي واري امل، شامي ڪنٽرول وارن علائقن ۾ پنهنجي سر ڪارروائي ڪرڻ جي همت بہ نہ پئي ساري

سگهي. (٢)
ان جي نتيجي کان فرار ناممڪن هو. صايل جو موت سياسي قتل هو ۽ بشير جمائيل وانگر ان لاءِ بہ شامين چرچ ڏني هئي. ٣٠ سيپٽمبر تي بين الاقوامي مشهوريءَ ۾ عرفات جي بيروت مان نڪرڻ کي دمشق ۾ ويٺل همراهہ پنهنجي دل ۾ ڏڪار سانڍي ڏٺو هو. لبناني ويڙهہ حافظ الاسد لاءِ نج اُياڳي ثابت ٿي. پي- ايل- او ڪمانڊرن پاران جنگ شروع ٿيڻ جي پنجن ڏينهن اندر هڪ اڻ کُهري جنگبنديءَ تي راضي ٿيڻ کي، هُن پنهنجي ٻارهن سالن واري حڪومتي ايامن دوران سيپٽمبر ١٩٨٢ع ۾ پنهنجو پاڻ کي انتهائي بيوس محسوس ڪيو هو. سندس هوائي فوج ڏهن سالن ۾ هيو پيرو انتهائي اڻ- ڪارائتي ثابت ٿي وئي، جا گهيري دوران بيروت ۾ ڦاٿل پنهنجي سپاهين کي ڇڏرائڻ ۾ بہ ناڪام رهي. سڀ کان وڌيڪ ڪوڙاڻ اِها تہ، هُن محسوس ٿي ڪيو تہ ڪيس ان ڳالهہ تي وسهاهہ ڪرڻ لاءِ نڳي ڪانئس جنگبنديءَ تي راضي ٿيڻ وارو انتهائي بدتر فيصلو ڪرايو تہ اسرائيلي پنجيتاليهن ڪلوميٽرن کان وڌيڪ اڳتي وڌڻ جو ارادو نٿا رکن، جنهن ماڻهو تي هُن پنهنجين تمام گهڻين پيڙائن جو الزام ٿي ڏريو، اُهو ياسر عرفات هو، جنهن بيروت مان پنهنجي نيڪاليءَ جو ذميوار شام ۽ ٻين عرب رياستن کي ٿي ٻڌايو ۽ سورماڻو آڏرياءُ ماڻڻ لاءِ اٿينس ڏانهن سمنڊ جهاڳي چڪو هو.

جوڙيوالن لاءِ پنهنجي پچ ٻڪ جي باوجود عرفات شام کان ڏار رهڻ کي باجواز ٿي سڏيو. هو ڪوڙاڻ پري شڪايت ٿو ڪري. اسرائيلي بمباريءَ جي عروج دوران حافظ الاسد سندس ٽيليفون ڪال جي وراڻي بہ نہ ڏني هئي. جنگبنديءَ لاءِ وقت کان اڳي شامي ناهہ ئي خرابيءَ لاءِ ڪافي هو، پر پي- ايل- او جي مدد لاءِ اُن پاران هڪ انچ بہ اڳتي نہ وڌڻ تہ انتهائي خراب ترين اهڃاڻ هو. نبيل شعطہ موجب، عرفات ان ڳالهہ سان سهمت هو تہ "اسد پي- ايل- او کي تباهہ ڪرڻ ٿو چاهي ۽ ان کي ايترو گهٽائڻ ٿو چاهي، جو سندس انٽيليجنس وارا اُن کي پنهنجي وس ۾ ڪري سگهن ۽ پنهنجي بي رحميءَ ڪري هو ان مقصد ماڻڻ لاءِ هر ممڪن طريقو استعمال ڪري سگهيو ٿي... اسد بابت عرفات جي سوچ انتهائي ڪاوڙ ۽ ڏک جو اظهار آهي. هو محسوس ٿو ڪري تہ هُن سٺا ناتا قائم رکڻ لاءِ پنهنجي سر هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي پر ڪيس هر هر ٺڳيو ويو آهي."(٣)

اِهو لبنان ۾ جنگ جو تڪڙو لُٽيل فصل هو ۽ پنهنجي انتهائي ڪمزور گهڙين ۾ اسد خاص طور تي خطرناڪ راند کيڏي هئي. ١٤ سيپٽمبر تي بشير جمائيل جو قتل لبنان ۾ اسرائيلي ۽ آمريڪي رٿائن جو هڪ ديومالائي جواب هو.
٢٧ سيپٽمبر تي سعيد صايل جو قتل شام جو ويڙهاند لاءِ تيار هئڻ جو هڪ وڌيڪ اظهار هو. اسد پوئتي هٽيل تہ ٿي پئي سگهيو پر مڪمل طور تي راند کان ناڪ آئوٽ ٿيل نہ هو. ويڙهہ جو اِهو طريقو فتح جي صفن ۾ شامي حمايتين لاءِ

اُتساهہ جو هڪ ذريعو هو.

عرفات لاءِ مصيبتون اٿينس ڏانهن روانگيءَ کان اڳ ئي ڪَرَ کنيو بيٺيون هيون، پر ڏهڪاءُ واري بگهي عرصي ۾ ذري گهٽ مڪمل تباهيءَ جي خطرن سندس قيادت کي تنقيد جو نشانو بڻائي ڇڏيو هو. ان جي شروعات اسرائيلي اڳرائي لاءِ انتهائي معمولي تيارين ۾ دستبرداريءَ لاءِ انتهائي قبول نہ ڪرڻ جوڳن شرطن کي مڃڻ سان ٿي. امن جي پانڊيئرن سان سندس ڏيٺ ويٺ، گوريلا تحريڪ کي اسرائيل سان ڦيٽ کائڻ واري راهہ تان گهڻو پري هٽائي ڇڏيو هو. اسرائيلي اڳرائي جي شروعاتي ڏينهن دوران ڏکڻ لبنان ۾ پي- ايل- او جي انتهائي خراب ڪارڪردگي جو ڪنهن حد تائين وڏو سبب عرفات پاران فوجي عهدن تي غيرموزون ماڻهو مقرر ڪرڻ پڻ هو. صابره ۾ شتيلہ جو الزام پڻ عرفات تي ڌريو ويو. بيروت مان نيڪاليءَ کان پوءِ ڏک ۾ ڪاوڙ واري رجحان دوران شڪايتن جو هڪ اڻکٽ سلسلو شروع ٿي ويو ۾ اِهي رڳو سوويت حمايت يافتہ کابي ڌر يا فتح جي منحرفن پاران ئي نہ پئي ٿيون، صلاح خلف سميت عرفات جا ڪيترائي ويجها ساٿي پڻ اڪثر مخالف ڌر سان سهمت ظاهر ڪري رهيا هئا.

اندروني مسئلن جو هڪ شروعاتي اظهار ٩ سيپٽمبر تي فيض ۾ ٿيل عرب ليگ جي اجلاس ۾ ٿيو، جڏهن فتح جي مرڪزي ڪميٽيءَ جي نئين مارڪسي ميمبر ۾ اڳتي هلي منحرفن جي سياسي سربراهہ بڻجندڙ نمر صالح عرب رياستن جي سربراهن پاران منظور ڪيل هڪ امن رٿا خلاف آواز اٿاريو. صالح اِهو ڄاڻيندي بہ تہ سعودي عرب جي ولي عهد شهزادي جي نالي سان سڃڄندڙ 'فهد رٿا'، جيڪا هُن گذريل سال پڌري ڪئي هئي، خود عرفات جي رضامندي ۾ ذري گهٽ گڏ لکڻ واري ڪرت ۾ سندس پراڻي سونهين، فلسطيني واپاري ۾ اڳوڻي عرب سفارتڪار باسل عقيل جي رابطي ڪاريءَ کان پوءِ جُڙي هئي، مرّسيءَ سان پنهنجو موقف رکيو.

عرفات جي مثالي خاموشيءَ تي، صالح ۾ سندس سخت گير ساٿين ان ناهہ جو اُهو فقرو ڪاوڙ مان ڪڍي ڇڏيو، جنهن ۾ چيل هو تہ "گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل علائقي جي سمورين رياستن، بشمول آزاد فلسطيني رياست جي لاءِ امن جي ضمانت ڏئي". مخالفن جو موقف هو تہ ان رومال ۾ ويڙهيل فقري ۾ نہ رڳو غزه واري پٽيءَ ۾ اولهندي ڪناري ۾ ننڍڙي فلسطيني رياست کي قبول ڪيو ويو هو پر خود اسرائيل کي پڻ تسليم ڪرڻ جو اظهار هو. (۴)

فتح جي منحرفن لاءِ، 'مڪمل فلسطين يا ڪجهہ بہ نہ' واري موقف تان عربن جي رسمي ڪناره ڪشي لعنتاٿو هئي، جيتوڻيڪ سندن شامي مددگار اڳيئي اِهو لعنتاٿو قبولي چڪا هئا. عرفات جي نظر ۾، صالح جو عظيم ترين گناهہ، غيراختياري گڏجاڻيون ڪري 'دشمن سان محبت' ڪرڻ هو. عرفات هڪدم نمر

صالح کي فتح جي مرڪزي ڪميٽيءَ تان معطل ڪري ڇڏيو. اهو هڪ اهڙو ڪمزور جواب هو، جنهن پي- ايل- او اڳواڻ جي اختياريءَ لاءِ هڪ کليو ڪلايو چئلينج پيدا ڪيو.

خالي هٿين اٿينس پهچڻ تي عرفات گرينڊ بريٽيگني هوٽل ۾ پنهنجي شاندار ڪمري ۾ ملاقاتين جي هڪ دلچسپ جوڙي سان مليو. اردن جي پرڏيهي وزير مروان قاسم ۽ اردني پارليامينٽ جي اسپيڪر احمد لاوزيءَ کي شاهه حسين عرفات ڏانهن مدد واري سنيهو ڏئي اُماڻيو هو، ۽ اُن کان وڌيڪ اهم اِهو ته هُن هڪ نئين امن ڪوشش ۾ ڀائيواريءَ جي نينڊ ڏني هئي.

مفاد پرست حسين عرفات جو سهڪار حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجو ميدان هموار ڪرڻ ۾ دير نه ڪئي. اهو واقعو ٺيڪ پهرين سيپٽمبر تي پيش آيو، جڏهن صدر ريگن پنهنجي پهرين (۽ آخري) سنجيده وچ اوڀر امن ڪاوش جو اعلان ڪندي، اولهندي ڪناري ۽ غزه واري پٽيءَ ۾ فلسطينين کي مڪمل طور تي خودمختياريءَ ڏيڻ لاءِ ڪوششن جي نئين سر شروعات ڪرڻ تي زور ڀريو. ريگن والاريل علائقن ۾ آبادڪار سرگرمين کي 'روڪڻ' جي رٽ پڻ ڏني ۽ حسين لاءِ اهم ترين اِهو هو ته هُن زور ڀريو هو ته 'آمريڪي نقطهءِ نظر موجب' اولهندي ڪناري ۽ غزه ۾ اردن جي ساٿ سان فلسطينين جي پاڻ ڀري حڪومت ئي جٽادار ۽ ڪارائتي امن جا امڪان پيدا ڪري ٿي. (٥)

اِهو وچ اوڀر بابت آمريڪي پاليسيءَ ۾ اردني حيثيت جو واضح اظهار هو. اسرائيلي مخالفت 'ريگن جي خودمختياريءَ واري رٿا' سڏجندڙ ان ڳالهه کي ڳڻيندي يقيني انداز ۾ اعلان ڪيو ته ان جي حياتي پنجن منٽن کان وڌيڪ نه آهي. (٦) بيگن ان کي مڪمل طور تي رد ڪري ڇڏيو. هو اجان تائين آگسٽ ۾ بيروت تي اسرائيلي بمباريءَ کي ريگن پاران وحشيپڻو سڏڻ تي توائي هو.

حسين پاران ذاتي عليڪ سليڪ کان پوءِ، قاسم جلد پنهنجي اصل مقصد تي آيو: "تون بيروت مان نڪري آيو آهين ۽ اسين توکي تنهنجي سلامتيءَ تي واڌايون ٿا ڏيون". هُن چيو: "اِهو يقيناً تنهنجي لاءِ انتهائي ڏکيو تجربو هو. تو ڪيترين ئي قوتن تي ڀاڙيو هو ته اُهي تنهنجي مدد لاءِ پراٿين وفادارين کان مٿاهون هوندو، جن مان توهين جان ڇڏرائي ڇڪا آهيو. اڄ، تون فلسطيني مفادن جي نمائندگيءَ جي جيڪا ڳالهه ٿو ڪرين، ان ۾ اِها پرواهه به نه ڪر ته اِهي اسان جي پاليسين سان ٺهڪن ٿا يا ان سان ٽڪراءَ ۾ ٿا اچن." (٧)

عرفات جو جواب گول مول هو. هُن کا به جامع وراڻي نه ڏني، جو هو هاڻي ويڙهه جي ميدان مان آيو هو. (٨)

پر هو پنهنجي ساٿين سان صلاح ڪرڻ کان پوءِ ريگن جي ڪاوشن ۽ هڪ نئين امن ڀائيواريءَ لاءِ حسين جي تجويزن جو جواب ڏيندو.

بنان ڪنهن دير جي، حسين عرفات کي عمان جو دورو ڪرڻ جي رسمي نينڊ ڏني، جتي ڪجھ سال اڳ ئي فلسطيني ۽ اردني، گهٽين ڳامن ۾ پوائتي ويڙھ ۾ رُڌل هئا. هاڻ ٻنهي ڌرين کي، جيئن شاهد حسين ۱۳ سيپٽمبر تي بي بي سيءَ کي ٻڌايو، اردن نديءَ جي ٻنهي ڪنارن تي هڪ وفاقي يونين جوڙڻ ۾ فلسطيني ۽ اردني گڏيل سفارتي هڪجهڙائپ پيدا ڪرڻ لاءِ ڳالهيون ڪرڻيون هيون. (۸)

حسين ان صورتحال کي ايئن ٿي ڏٺو ته اولهندي ڪناري واري فلسطيني 'ننڍڙي رياست' اڀرندي ڪناري واري هاشمي بادشاهت سان عارضي طور تي هڪ برابري واري فائيمند ڪنفيڊريشن جوڙي سگهي ٿي، جيڪا مستقل بنيادن تي ئي هڪ انتهائي پراڻي مسئلي کي نبيري سگهي ٿي. جيڪڏهن ان اڻ- ٿيڻي سپني جي ساپيان ٿي ٿئي ته پوءِ اسرائيل جي ان لاڳيتي دعويٰ جا واڄٽ وڄي ويندا ته ان جي عوام جي اڪثريت جي فلسطيني نسل هئڻ ڪري، اردن ۽ فلسطيني هڪ ڳالھ آهن. اصل ۾ شاھ چاهي ٿو ته عرفات جي پٺڀرائي سان اسرائيل، والار هيٺ علائقن جي مستقبل بابت آمريڪي آشيرواد سان شروع ٿيندڙ ڳالهين ۾ فلسطينين پاران ڳالهائي. اردن ۾ وفاداريون هاشمي تخت ۽ فلسطيني سڌن ۾ ورهايل هيون، جن تي خود عرفات بادشاهت کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ اسرائيلي ڪوششن تي پڻ توائي هو.

آڪٽوبر ۾ جڏهن عرفات عمان پهتو ته ريگن رٿا اڳيئي ختم ٿي چڪي هئي، پر اُها هڪ ئي ناٽڪ جي ٻن جهونن ڪردارن کي بهتر انداز ۾ خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ ۽ پراڻن ڦٽن کي نه کولڻ کان روڪي نه سگهي. حسين ڏينهن ۽ هفتا عرفات جي چاپلوسي ڪري کيس ريگن رٿا ۽ خاص طور تي، ۱۹٦۷ع ۾ والاريل علائقن تان اسرائيلي دستبرداري ۽ علائقي جي سمورين رياستن لاءِ 'ڪنهن به فوجي اڳرائي يا ڌمڪين کان آجي سلامتي پري ۽ تسليم ٿيل سرحد ۾ امن سان رهڻ' متعلق ٺهراءُ نمبر ۲۴۲ تي راضي ڪرڻ ۾ ڪپايا. (۱۰)

حسين پنهنجي آمريڪي اتحادين وانگر، گهڻي عرصي کان ٺهراءُ نمبر ۲۴۲ کي وچ اوپر بابت ڪنهن به قدم لاءِ بنيادي ليکي رهيو هو، ۽ عرفات کي ان تي راضي ڪرڻ لاءِ ڳالهائڻ سندس صبر جو حقيقي امتحان هو. ۱۹۸۳ع جي شروعاتي مهينن ۾ حسين خانگي طور تي، ڦونڊيل عرفات کي هوڏ تان لاهڻ ۾ پنهنجي ناڪاميءَ تي لاڳيتو مايوسيءَ جو اظهار ڪندو رهيو. هڪ سينيئر اولهائون عملدار، جيڪو تن ڏينهن ۾ سندس سوچن جو رازدار هو، ٻڌائي ٿو ته شاھ، پي- ايل- او اڳواڻ بابت 'تمام گهڻ ڳالهائو' هو. "هو ڪوڙو آهي". هُن سرد لهجي ۾ دعويٰ ٿي ڪئي: "هُن تي اعتبار نٿو ڪري سگهجي، هو جعلي اڳواڻ آهي. هو فلسطينين پاران ڳالهائڻ جي دعويٰ ڪيئن ٿو ڪري سگهي." (۱۱)

حسين، عرفات تي ريگن رٿا جي آڌار تي ٻڌل انت آيل امن فارمولا ۽ گڏيل سيپٽمبر

۾ فيض عرب سربراهي اجلاس جي ٺهرائن کي مڃڻ لاءِ مسلسل زور ڀريندو رهيو پر ان جو بہ ١٩٨٣ع وارين سندن گڏيل ڪوششن جهڙو ئي حشر ٿيو.

اپريل جي شروع ۾، حسين سان اُنن ڪلاڪن جي ويهڪ ڪان پوءِ، اِها رٿا پي- ايل- او جي ايگزيڪيٽو ڪميٽيءَ ۽ پنهنجي فتح جي گروپ جي مرڪزي ڪميٽيءَ آڏو رکڻ لاءِ عرفات عمان کان ڪويت سِڌي روانو ٿيو. ان فارمولي کي قبول ڪرڻ سان، هُن جو چوڻ هو، آمريڪا پي- ايل- او ڳالهين جي شروع ٿيڻ جا امڪان ٿي سگهن ٿا، جنهن جي نتيجي ۾ ان جو ڌياءُ پي- ايل- او بدران اسرائيلين تي هوندو. ڪيس ڪجهہ بہ هڙ حاصل نہ ٿيو. ڪويت ۾ گڏجندڙ سندس سائين اهڙي ڪا بہ ڪوشش قبولڻ کان انڪار ڪيو، جنهن ۾ پي- ايل- او کي اردن پويان رهي پنهنجو ڪردار نڀائڻو هجي. هو رڳو اِها ڳالهہ ڪري رهيا هئا تہ اردن سان ڪنفيڊريشن کان اڳ يا پوءِ خودمختيار فلسطيني رياست قائم ٿي سگهي يا نہ، يا وري ان جو ڪو امڪان ئي ناهي. ريگن جي پيش ٿيڻ ئي عرفات جي ڪجهہ سخت گير سائين کي سندس انتهائي مخالفت ۾ آڻي وڌو.

عرفات جيڪو پنهنجي سائين جي هاءِ گهوڙا جي نتيجي ۾ عمان موٽڻ کان ڪيهائي رهيو هو، حسين کي خراب خبر هڏائڻ لاءِ موٽيو ئي ڪو نہ. هُن ڪجهہ رٿيل ترميمن سميت هڪ ايلچي اوڏانهن اُماڻيو. سخت ڪاوڙيل حسين نہ رڳو انهن کي رد ڪري ڇڏيو پر ان متعلق هڪ ڌمر ڀريو بيان پڻ جاري ڪيو. اردني ڪابينا ڏهين اپريل تي گڏيل ڪوششن ۽ ريگن رٿا ۾ شرڪت کان هٿ ڪڍڻ جو اعلان ڪيو. ٽن ڏينهن ۾ عمان ۾ آمريڪي سفير رچرڊ وٽس کي ڪابينا جي اعلان واري ڏينهن وزيراعظم جي آفيس ۾ شاهہ حسين سان ملاقات لاءِ گهرايو ويو. ”مون ڪيس ايڏو ڪاوڙيل ڪڏهن بہ نہ ڏٺو هو.“ هو هڏائي ٿو: ”هو پي- ايل- او ۽ آمريڪي رياست ٻنهي تي ڪاوڙيل هو، جيڪا انهن ڏينهن ۾ ريگن رٿا کان ڪجهہ پاسيري ٿيل هئي.“ (١٢)

***

بيروت مان پنهنجي نيڪالي کان پوءِ ايندڙ هفتن ۽ مهينن ۾ عرفات اهڙي ريت ئي ورتاءُ ڪندو رهيو، جيئن اسرائيل اڳرائي کان اڳ ڪري رهيو هو. هُن ڏورانهان سفر ڪيا، عرب رياستن جي سربراهن سان صلاح مشورا ڪيا، عرب دنيا کي ڏونڌاڙيندڙ ذاتي جهيڙن کي ٿاڙڻ لاءِ عجيب و غريب ٽياڪڙيءَ جون ڪوششون ڪيائين، پنهنجي تيونس واري هيڊڪوارٽرس ۾، شڪي تعلق وارن اسرائيلي امن پانڊيئڙن سان گڏجاڻيون ڪيائين، ۽ هميشہ جيان اِهو باور ڪرائڻ جي ڪوشش ڪيائين تہ اِها پي- ايل- او جي معمول واري ڪرت آهي. پر جهڙي ريت پي- ايل- او اڳواڻ پنهنجو نالو اخباري سُرخين ۾ موجود رهڻ جا سپنا ڏسي رهيو هو، ان جي ابتڙ سندس پيرن هيٺان ڌرتي تيزيءَ سان کسڪي رهي هئي. سندس پنهنجي فتح

گروپ جي ڪجهہ ساٿين پاران سندس خواهشن جي ابتڙ دمشق ۾ رهڻ ۽ ڏينهن رات سندس تختا ڪيڻ خلاف سندس هاءِ گهوڙا تي ڪنهن ڌيان ئي نہ ٿي ڌريو. نومبر جي آخري ڏاري پي- ايل- او جي مرڪزي ڪائونسل جو اجلاس عرفات جي غيرموجودگيءَ ۾ ٿيو، جنهن ۾ پنهنجي قوت ظاهر ڪرڻ واري عمل جي ناڪاميءَ هُن لاءِ مصيبتون وڌايون. معمول جيان، سندس گوشناڻ واري رجحان صورتحال کي اجان وڌايو.

منحرفن جي قيادت چئن جڻن تي ٻڌل هئي، انهن ۾ نمر صالح ۽ فتح جي مرڪزي ڪميٽيءَ جو احمد قادري ۽ ٻہ ڪرنل محمد سعيد موسيٰ مدانمہ ۽ خالدالاملہ شامل هئا. انهن مان سعيد موسيٰ يا پنهنجن ساٿين ۾ ابو موسيٰ سڏجندڙ، ترجمان طور سامهون آيو. اردني فوج مان تربيت ورتل هڪ انتهائي پيشيور سپاهي ابوموسيٰ ۱۹۷۰ع ۾ شاهہ حسين سان ڇڪتاڻ جي اوج وارن ڏينهن ۾ فلسطيني مزاحمت ۾ شامل ٿيو هو. هو سورهيائپ سان وڙهيو هو ۽ اردن مان پنهنجي نيڪاليءَ کان پوءِ، جڏهن پي- ايل- او پنهنجي اڏن کي وڌايو ويجهايو تہ سندس مجتا طور کيس ڏاکڻين لبنان جو فوجي ڪمانڊر بڻايو ويو. بگهي عرصي کان فتح جي 'ڪاهي ڏر واري' رجحان جي ميمبر، موسيٰ پي- ايل- او اڳواڻ جي سفارتي سرگرمين تي پنهنجي تنقيد ڪڏهن بہ نہ لڪائي هئي. لبنان ۾ جنگ شروع ٿيڻ مهل سندس ڪيريئر ڪري رهيو هو. ۱۹۷۷ع ۾ سادات جي يروشلم جو دورو ڪرڻ واري اعلان تي پي- ايل- او جي موٽ تي عرفات سان شديد اختلافن کان پوءِ، سعيد موسيٰ کي سندس ڪمان کان اَجهو ڪيو ويو ۽ آپريشن ڊويزن ۾ 'لکپڙهہ وارو ڪم' ملڻ کان اڳ هُن هڪ سال بيروت جي بنديخاني ۾ گذاريو. بگهي چهري ۽ پورن وارن وارو ابوسعيد موسيٰ اج چوي ٿو، "عرفات لاءِ چئلينج ۱۹۷۴ع کان ئي هئو. سخت گير موقف رکندڙن موجب اِهو اُن وقت شروع ٿيو جڏهن پي- ايل- او اسرائيل جي مڪمل تباهيءَ واري پنهنجي موقف تان هٿ کنيو ۽ فلسطين جي هڪ حصي ۾ 'ننڍڙي رياست' کي قبولڻ جهڙيون سياسي سوديبازيون ڪرڻ شروع ڪيون." دمشق جي پسگردائي ۾ پنهنجي شاندار آفيس ۾ ويٺل ابو موسيٰ چوي ٿو: "اسين ۱۹۷۴ع کان پوءِ جوڙيل سموريون پاليسيون ٺڏيون ٿا. ڇاڪاڻ جو اُهي اسان جي جدوجهد جي بنيادن ۽ مقصدن سان ميل نٿيون کائين." (۱۳)

۲۷ جنوري ۱۹۸۳ع تي تنظيم جي صلاحڪار اداري 'فتح جي انقلابي ڪائونسل' جي عدن ۾ ٿيل هڪ تيز ۽ ترش گڏجاڻي ۾ هُن منحرفن جي نمائندگي ڪندي ساڳي قسم جو سنيهو انتهائي ڪيني پرپل لهجي ۾ رسايو. ان ۾ موجود هڪ شريڪ موجب اِها واهيات ۽ تلخ گڏجاڻي ئي هئي، جنهن منحرف مايوسيت لاءِ فقط هڪ عارضي حفاظتي بند جو ڪم ڏنو. (۱۴)

دمشق ۾ پنهنجن هين سازشي ساٿين سان گڏجي لکيل تقرير ڪندي، موسيٰ عرفات

جي سرواٽي ۾ اطاعت پسنديءَ وارين پاليسين تي چوهه چنبيا. هُن پي- ايل- او جي سفارتي حڪمت عمليءَ لاءِ پُرتشدد مخالفت جو اظهار ڪيو. هُن هٿيارٻند جدوجهد کي اولهندي ڪناري ۽ جولان جي چوٽين تي اسرائيلي والار ۽ لبنان ۾ آزاديءَ ڏانهن اڪيلي راهه سڏيندي هيهر اوڏانهن موٽڻ جي گهر ڪئي. "اردني علائقن مان اسرائيل خلاف گوريلا ڪارروايون ڪرڻ لاءِ هاشمي ڪٽنب جو تختو اونڌو ڪرڻ لاءِ هيهر ڪوششون ٿيڻ گهرجن. وچ اوڀر ۾ آمريڪي مفادن خلاف هڪ ڳجهي جنگ جو اعلان ڪيو وڃي ۽ اجان بہ گهڻو ڪجهه." (١٥)

عرفات ۽ فتح جي ٻين اڳواڻن موسيٰ جون ڳالهيون انتهائي اچرج سان ٻڌيون. عدن گڏجاڻي منحرفن جي نقطہءِ نظر کي ترڻ واري مقصد ۾ مڪمل طور تي ناڪام رهي. فيبروري جي وچ ڌاري الجيرس ۾ ٿيل فلسطيني قومي ڪائونسل جي گڏجاڻي جو بہ ساڳيو ئي نتيجو نڪتو. سايا ٿي سؤ فلسطيني وفدن واري اجتماع ممڪن حد تائين گهڻن مسئلن تي ويچاريو. تنهن ڪري پي- ايل- او جا اندروني اختلاف تہ ظاهر نہ ٿيا ۽ اِهو اجلاس ڪا وڏي تبديلي آڻي سگهندڙ فيصلي کان سواءِ ئي ختم ٿي ويو. خشڪ مزاج ماڻهن ان کي عربي لفظن 'نہ' (لا) ۽ 'ها' (نعم) جو ڪاڏڙ چوندي، 'لامُ" اجلاس سڏيو. ريگن رٿا جي هڪ بند اجلاس واري بحث ۾ عرفات اُهي ڳالهيون ڪيون جيڪي رڳو هو ئي ڪري پئي سگهيو. "اهو صحيح آهي تہ اسان کي ان جي عيوض ڪجهہ نہ پيو آڇيو وڃي پر اسان هر شيءِ لاءِ هائوڪار بہ نہ ٿا ڪري سگهون. تنهن ڪري اسين ها پر... ۽ نہ پر...! چوڻ سکي ويا آهيون..." (١٦)

نمر صالح انهن فرمانن جو رازدان بڻجي نہ سگهيو. سرواڻ منحرف کي فلسطيني فوجي ڪائونسل جي اجلاس لاءِ فتح جي جٿي مان خارج ڪيو ويو.

هڪ همراهہ جنهن الجيرس گڏجاڻي جي اهم مسئلي تي ڳالهائڻ ۾ ناڪاميءَ تي سگهارا اعتراض اُٿاريا، اُهو عرفات جو امن لاءِ ايلچي اسام سرتاوي هو. ڳالهائڻ جو حق نہ مليل، صاف سٿرو سرتاوي، اِهو اظهار ڪندي الجزائر مان روانو ٿيو تہ پي- ايل- او جي نمائنده اداري جي غيرواسطيدار شين ۾ ڦاسڻ ڪري، اِهو بهتر ٿيندو تہ ان جو ايندڙ اجلاس فيجيءَ ۾ ڪرايو وڃي. پر پنهنجي همت ڀري سفارتي جوڙ توڙ واري ڪرت سبب پي- ايل- او ۾ انتهائي متنازعي بڻيل سرتاوي کو گهڻو عرصو جيئرو رهي نہ سگهيو. ١٠ اپريل تي، اُن ڏينهن جڏهن اردن پي- ايل- او سان گڏيل ڪاوشن کي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو. ڪيس پورچوگال جي سامونڊي ڪناري واري ماڳ البوفئيرا ۾ سوشلسٽ انٽرنيشنل جي هڪ گڏجاڻي ۾ شرڪت ڪندي ابوندال جي قاتلن ماري وڌو. اُتي موجود اڳواڻن، جن ڪيس خراج پيش ڪيو تن ۾ اسرائيلي ليبر اڳواڻ شيمون پيريز پڻ شامل هو. اتر يمن جي سامونڊي سطح کان گهڻو اوچي ئوٽ گاديءَ واري شهر صنعا ۾ گوڙهن سان ڀريل

عرفات قاتلن کي نندينديءَ کين اسرائيلي 'پاڙيتو' سڏيو. اهو ڪو پهريون پيرو نہ هو جو پي- ايل- او ابوندال جي ٽولي ۾ موساد جي سرايت جو اشارو ڏنو، پر هن پيري اهو بم جي ڌماڪي وانگر هو. پي- ايل- او اڳواڻ ڪي اِها پيڙا پري جاڻ هئي تہ صابري البانا عرف ابوندال ١٩٨٢ع جي آخر ۾، هيهر شام جي حلقي ۾ داخل ٿيندي پنهنجو هيڊڪوارٽرس بغداد کان دمشق منتقل ڪري چڪو آهي ۽ اُتان ئي ابوندال جي فتح انقلابي ڪائونسل جي آڌار تي سرتاويءَ جي قتل جي ذميواري قبولڻ جو بيان جاري ڪيو ويو. پيانڪ ڳالهہ اِها تہ ان بيان ۾ دل جي سرجن ۽ امن جي پانڌيئڙي کي 'اسان جي عوام جو ويري' ظاهر ڪيو ويو. (١٧)

جيئن عرفات پنهنجي سفرن تي زور ڏيندو رهيو، لبناني ٽائيم بم لاڳيتو ٽڪ ٽڪ ڪندو رهيو. پراڻي ڦلهيار سان نئون لبنان اڏڻ جي آمريڪي ۽ اسرائيلي ڪوششن سبب سفارتي سرگرمي ۽ تشدد جي واويلا ۾ دنيا شامي ڪنٽرول واري بڪا ماٿريءَ ۾ گهرين سياسي اُٿلن پٿلن تي ڪو خاص ڌيان نہ ڏنو. مئي ١٩٨٣ع جي شروعاتي ڏينهن ۾، فتح جي آفيسرن جي هڪ جٿي سرواڻ منحرف ڪرنل سعيد موسيٰ جي قيادت ۾ شامي سرحد پرسان بڪا ۾ حمارا واري هنڌ پي- ايل- او جي يارمائوڪ برگيڊ جي هيڊڪوارٽرس تي قبضو ڪيو. فتح بغاوت شروع ٿي وئي. ان جو تڪڙو ڪارڻ اپريل جي آخر ڌاري عرفات پاران اهڙن ايڪونجاهہ وفادار آفيسرن کي، جن مان گهڻن تي اسرائيلي اڳرائي دوران ڪائرتا ڏيکارڻ جو الزام هو، وچولي ۽ اترائين لبنان ۾ مقرر ڪرڻ هو، جتي بيروت مان نڪرڻ کان پوءِ هزارين پي- ايل- او فوجين کي ٻيهر منظم ڪيو ويو هو.

پي- ايل- او جو هڪ فوجي ڪمانڊر ۽ لبنان ۾ جمهوري محاذ جو اهم اڳواڻ ممدوح نوفل بغاوت جي شروع ۾ سعيد موسيٰ کي جهيڙو ختم ڪرڻ لاءِ زور پرڻ واسطي شامي علائقي ڏانهن سفر جون سارو ٿيون ٿو ٻڌائي: "فتح کي تنهنجي گهرج آهي ۽ جيڪڏهن تون عرب حڪومتن تي پاڙيندين تہ پوءِ هارائيندين." نوفل کيس چتاءُ ڏنو هو: "جيڪڏهن تو اِها ئي روش جاري رکي تہ پوءِ رڳو دمشق ۾ شامي اثر هيٺ هڪ ننڍڙو ٽولو رڪندڙ ئي رهندين. تنهن ڪري منهنجي صلاح اِها اٿئي تہ اِها هوڏ ختم ڪر ۽ آءٌ ان متعلق عرفات سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪرڻ جو واعدو ٿو ڪريان." (١٨)

پر فتح جي فوج تي قبضو ڪري وٺڻ جي امڪانن تي هرکيل، سعيد موسيٰ بڪا ماٿريءَ ۾ عرفات جي وفادارن سان جنگ جاري رکڻ تي ڄنڊ ڏئي ويهي رهيو. ڪيترائي ڏينهن پوءِ، نوفل ٻيهر ساڻس رابطو ڪيو: "اهو جهڳڙو بند ڪر يا ڪجهہ سال پوءِ تنهنجا پُٽ اِهو پڙهندا تہ تون غدار آهين." هُن عذر پيش ڪيو. سعيد موسيٰ توريل تڪيل جواب ڏنو. "توهان ئي تہ مون کي غدار بڻائي ڇڏيو آهي." (١٩)

بڪا ۾ پيش ايندڙ واقعن کان ڇرڪيل عرفات باغين جي ڪارروائي جي چوٿين ڏينهن ۱۳ مئي تي اوڏانهن روانو ٿيو. دمشق ۾ پي- ايل- او آفيس کان هُن چئن ڏينهن ۾ اُن پاسي جا ٽي دورا ڪيا ۽ باغين لاءِ ڪيترين ئي رعايتن جو اعلان ڪيو. هُن باغي آفيسرن جي هيهر مقرري، لبنان واري اڳرائي دوران لاپرواهي ڏيکاريندڙن کي برطرف ڪرڻ ۽ نمر صالح کي فتح جي مرڪزي ڪميٽيءَ تي بحال ڪرڻ لاءِ راضپو ڏيکاريو. (۲۰)

لبنان مان پنهنجي نيڪاليءَ کان پوءِ عرفات پنهنجا اختلاف ختم ڪرڻ لاءِ ٽٽل دل ۽ مڪمل طور تي ناڪام ٿيندڙ ڪوشش سميت اسد سان گڏيو. هن پنهنجي مخالفن جي انتهائي سخت پڪارن جو پڙاڏو بڻائڻ جي به ڪوشش ڪئي. ۱۵ مئي تي هُن دمشق ۾ اعلان ڪيو، "وچ اوير جو نقشو هيهر جوڙڻ لاءِ هڪ اثرائتي ويڙهه ئي اڪيلي راهه آهي. هاڻوڪي تعطل مان نڪرڻ جو رستو طاقت جو تناسب بدلائڻ لاءِ جنگ جو ڪو فيصلو ڪرڻ آهي." (۲۱)

ايستائين جو هُن، روايتن موجب منحرفن کي خريد ڪرڻ جي به ڪوشش ڪئي. بڪا جي هڪ دوري دوران هُن ممدوح نوفل کان پڇيو ته سعيد موسيٰ چپ ڪرڻ جو ڪيترو معاوضو وٺندو. "اسين هڪ سال لاءِ سندس مرضيءَ موجب معاوضو ڏينداسين. پوءِ ڏسبو ته ساٿس ڳالهيون ڪري سگهجن ٿيون يا نه." هُن چيو هو. (۲۲)

پر ان مان ڪجهه به وريو سريو ڪين. موسيٰ ۽ ٻيا باغي پئسن جا نه پر اختيارن جا طالب هئا ۽ ڪين ٽين ڌر (شام) پنهنجي مقصد لاءِ انتهائي بي رحميءَ سان استعمال ڪري رهي هئي. جيئن نوفل ٻڌائي ٿو، "ابوموسيٰ جو مقصد شام تي پارٽيندي انقلاب تي قبضو ڪرڻ هو. هو پي- ايل- او جي سرواڻي ڪرڻ جو اهل نه هو ۽ شامين کي به اِهو پلي پت معلوم هو. هُنن انقلاب کي تباهه ڪرڻ ٿي چاهيو." (۲۳)

جون جي شروع ۾، بڪا ۾ سڌي سنئين جنگ شروع ٿي وئي. فتح جو رت نديون ڪري وهڻ لڳو ۽ ان کي سچو سال وهڻو هو. رومانيا جو دورو مختصر ڪندي، عرفات باغين لاءِ شامين ۽ لبيائين جي مدد خلاف، وسيع عرب حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ نااُميديءَ ڀري هڪ ڪوشش ۾ پهرين الجزائر ۽ پوءِ سعودي عرب پهتو. حقيقت اِها هئي ته سندس سرواڻيءَ کي طاقت جي اهڙي استعمال وسيلي للڪاريو ويو هو، جيڪا ڪجهه مناسب نه هئي. سڀ کان اُگرو سندس هٿان پي- ايل- او کي هلائڻ تي هر پاسان ايندڙ تنقيد جو حملو هو. سعيد موسيٰ، عرب هفتيوار 'الڪفه العربيءَ' کي ڏنل هڪ انٽرويو ۾ عرفات تي الزام ڌريو ته هن فلسطيني انقلاب کي اهڙي بدبودار ڪاموراشاهيءَ ۾ بدلائي ڇڏيو آهي، جيڪا ڪنهن به اُسرندڙ ملڪ جي ڪاموراشاهيءَ کان به وڌيڪ اُگري آهي. بي ٽوڪ انداز ۾

ڳالهائيندي هُن چيو: ”فطري طور تي، اِهو ادارو ويڙهه جو اهل نه هو. تنهن ڪري جڏهن (لبنان ۾) جنگ لڳي ته قيادت ڪُڙين تي زور ڏئي عام خلقت کي پوکڻ لاءِ بي واهرو ڇڏي ڏنو هو.“ (٢۴)

ٻي جون تي فتح جي باغين جي مدد ڪرڻ تي عرفات لبيا تي سخت ڄُهون ڪيون پر هُن اسد سان اڳيئي خراب ناتن ۾ وڌيڪ ڦيٽارو وجهڻ کان پاسو ڪندي مٿس ڪليل تنقيد نه ڪئي. ايئن ٿي لڳو ڄڻ وٽس سخاوت ڪرڻ جو ڪو جواز نه هو. ان مرحلي تي دشمن باغين جي پٺڀرائي کي لڪائڻ جي معمولي ڪوشش پڻ ڪري رهيو هو. جيتوڻيڪ شامي فوجي فتح جي ڪمانڊرن کي روڪي ۽ ڪين نظربند ڪري چڪا هئا ۽ ڪيترائي پيرا ته اُهي ٻڪا ۾ وفادارن جي ٺڪاڻن تي ڳورن هٿيارن سان حملن ۾ پڻ شريڪ ٿيا هئا. ”عرب مداخلت مادي حمايت لاءِ محدود نه رهي آهي.“ عرفات ڪاوڙ ۾ اعلان ڪيو: ”'پر اِها ڪارروائي لاءِ پڻ استعمال ڪئي وئي آهي.“ (٢٥)

٢٣ جون جي شام، خليل الوزير جي زال انتصار الوزير هڪ تڪڙي ملاقات لاءِ عرفات کي دمشق فون ڪيو. عرفات کي سندس آفيس ۾ هُن ٻڌايو ته شامي انٽيليجنس جي هڪ ذريعي کيس ٻڌايو آهي ته ڪي هٿياربند کيس شامي شهر هومس رستي اترائين لبنان ۾ ٽريپولي موٽندي سندس قافلي تي حملو ڪرڻ جي رٿابندي ڪري چڪا آهن. هُن ٺهڪ ڏئي چيو هو ته کيس ڪا پرواهه ناهي. انتصار ٻڌائي ٿي: ”هُن پڪ سان مون تي اعتبار نٿي ڪيو. پر ايترو ضرور چيائين بس اِهو قصو ٻيهر ورجائي. مون کيس سموري ڳالهه ٻڌائي ته چيائين ٺيڪ آهي، آءٌ واعدو ٿو ڪريان ته سفر نه ڪندس.“ (٢٦)

عرفات جا هن پيري به ڀاڳ ڀلا هئا. عرفات کان سواءِ سندس ڪارن شيشن واري بلٽ پروف ليموزائن گاڏي سميت سڄي قافلي تي دمشق جي ٻاهران حملو ڪيو ويو. مقابلي دوران مشين گنن ۽ راڪيٽن ذريعي هلندڙ گرنيڊن جي ڏي وٺ ۾ عرفات جو هڪ باڊي گارڊ مارجي ويو جڏهن ته نَو ٻيا همراهه زخمي ٿيا. اوچاڳي واري رات کان پوءِ پرهه ڦٽيءَ جو ڪاوڙ ۾ ڳاڙهي ٿيل عرفات سندس قتل جي شامي سازش کي ننديو ۽ پهريون ڀيرو شام تي فتح جي باغين جي پٺڀرائي ڪرڻ جو الزام ڌريائين.

انتصار جڏهن عرفات جي قافلي تي حملي جي خبر ملڻ تي نند مان اُٿي تڙ تڪڙ ۾ سندس آفيس پهتي ته عرفات کي جيئرو ۽ پي- ايل- او جي حمايتي ڌرين جي اڳواڻن سان صلاح مشورو ڪندي ڏسي خوشيءَ ۾ نه پئي ماپي. کيس در تي ڏسي عرفات ڏانهنس وڌيو ۽ کيس ٻانهن مان جهليائين: ”گذريل رات جيڪي مون کي ٻڌايو هُيئي، اُهو هاڻ ورجاءِ!“ هُن چلولائپ مان چيو. (٢٧)

ان کان پوءِ عرفات شامين جي اُها ڳالهه ٻڌي جيڪا هو گهٽ ۾ گهٽ ايترو جلدي

ھڻڻ جو خواھشمند ھو. صبح اٿين وڳي، ھُن شام جي چيف آف اسٽاف جنرل حڪمت شھابيءَ جي صحيح وارو ھڪ مختصر چٺاءَ وصول ڪيو، جنھن ۾ ڪيس ڇھن ڪلاڪن اندر ملڪ ڇڏڻ لاءِ چيو ويو ھو. (٢٨)
پر سندس نيڪاليءَ واري تاڪيدي حُڪم کان وڌيڪ اُگرو ملڪ مان نڪرڻ لاءِ دمشق ھوائي اڏي تي جھاز جو اوسيئڙو ڪندي ساٿس ٿيل ورتاءُ ھو. ڳوڙھا ڳاڙيندي پنھنجي ذاتي عملي جي ھڪ جٿي سان گڏ بيٺل پي- ايل- او اڳواڻ ڏانھن ھڪ جونيئر آفيسر مُنھن ڦٽائي وڌيو، ”عرفات صاحب! توکي ناپسنديده شخص قرار ڏنو ويو آھي.“ (٢٩)
بعد ۾ عرفات کي تيونس ايئر فلائيٽ جي تيونس ويندڙ جھاز تي سوار ڪرايو ويو. اُتي پھچڻ تي ھُن تلخ لھجي ۾ اعلان ڪيو تہ سندس نيڪالي ’فلسطيني انقلاب خلاف شامي ۽ لبيائي سازش جي ھڪ ڪڙي ھئي.‘ (٣٠)
شامين پاران بہ تلخيون سمورا بند ٽوڙي نڪتيون. دمشق الزام ڏريو تہ عرفات کي ’شام خلاف، ان جي قربانين ۽ ان جي اصولي موقف خلاف لاڳيتو تھمتون‘ ھڻڻ ڪري ڪڍيو ويو آھي. (٣١) پر عرفات جو گناھہ وٽ کان وڌيڪ ڳالھائڻ ھو. اسد جي نظر ۾، عرفات شامي سياست جي ڳجھي حدبنديءَ ۾ خطري واري حد اورانگھي چڪو ھو. ھُن فتح جي باغين کي روڪڻ لاءِ پنھنجي جدوجھد ۾ شامي صدر جي ننڍي ڀاءُ رفعت الاسد جو سھڪار حاصل ڪرڻ لاءِ ھٿ پير ھنيا.
انتھائي پرجوش رفعت، ٻڪھي عرصي کان پي- ايل- او جي مرڪزي ڌاري جي اھم شخصيتن کي ڪافي ويجھو ھو ۽ سندس متعلق افواھہ ھئا تہ ھنن مان ڪيترن سان گڏ ھو گڏيل واپاري ڪرتن ۾ پڻ شامل ھو. عرفات جي حالت تي قياس ڪائيندي ھن پنھنجي مدد جي آڇ ڪئي ۽ ڪلي عام ھڪ سرواڻ باغيءَ جو ’ڳاٽو ڀڃڻ‘ جي ڌمڪي پڻ ڏنائين. (٣٢)
ٻڪھي عرصي کان شامين جو قربائتو پي- ايل- او جو بزرگ خالد فھوم، عرفات جي نيڪاليءَ کان ھڪ رات اڳ دمشق جي سماجي تقريبن جي مرڪز شيرٽن ھوٽل ۾ ٿيل شاديءَ جي شاندار دعوت جو ذڪر ٿو ڪري. عرفات جي نيڪاليءَ واري حڪم تي صحيح ڪندڙ چيف آف اسٽاف جنرل شھابي سميت شام جي اھم ماڻھن جو وڏو انگ اتي موجود ھو. سموريون ڳالھيون عرفات ۽ ننڍڙي اسد وچ ۾ ڏيتي ليتيءَ بابت ھيون. شھابي ۽ سندس ساٿين وٽ بھرحال اُتاولي رفعت بابت سوچڻ لاءِ وقت ئي نہ ھو پر ھو سندن نڪ ھيٺان عرفات جي ساٿس ناتن تي چرڪايل ھئا. خود اسد جي پنھنجي ڪاوڙ سندس سينيئر ڪمانڊرن کان وڌيڪ نہ، تہ بہ اوتري ضرور ھئي ۽ انھيءَ پس منظر ڪري ئي عرفات کي ھلي پوڻ جو حڪم ڏنو ويو.
عرفات پي- ايل- او اڳواڻ طور پنھنجي اونداھي دور ۾ داخل ٿي ويو. ھو

لبنان ۾ پهل وچائي چڪو هو. جتي سندس بهترين ويڙهاڪن مان ڏهه هزار، دمشق ۾ ٿانيڪن فلسطينين جي حمايت يافته فتح جي باغين جي رحم ڪرم تي هئا. ڪنهن نه ڪنهن طور، اسرائيل سان سڌيون سنئيون سرحدون رکندڙ سمورين مُهڙ وارين رياستن سندس آڏريا ۽ ڪرڻ کان ڪيهايو پئي. اهڙي سائيڪل سوار وانگر، جنهن کي رڳو ان ڪري پيڊل هٽڻا ٿي پيا ته جيئن سندس ساهه نه ٽٽي، غيرمتحرڪ عرفات پنهنجي معزوليءَ جي خطري جو شڪار هو. هن بيوسيءَ ۾ تيونس ۾ ويهي رهڻ تي راضپو ڏيکاريو ته جيئن سندس فتح وارا ساٿي باغين سان سندس اختلاف ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري سگهن. پنهنجي انتهائي ڪاوڙ ۽ مايوسيءَ ۾ هُن اِهو نه وساريو ۽ ڪيس وسارڻ به نه گهربو هو ته جارج حباش جي پاپولر فرنٽ ۽ نايف حواتمه جي ڊيموڪريٽڪ فرنٽ جهڙن، ڏاريائپ وارو رويو رکندڙ دمشق ۾ ٿانيڪن گروهن سان واسطو رکندڙ سندس ڪو به نام نهاد ساٿي، شام مان سندس توهين پري نيڪاليءَ وقت سندس مدد لاءِ نه آيو.

انتهائي ڏکين گهڙين ۾ به عرفات کي ان ڳالهه ته سرهائي هئي ته ايترن سالن کان پوءِ به هو فلسطيني تحريڪ جي پنهنجي سرواڻيءَ ۾ آزادي حاصل ڪرڻ واري بگهي ۽ ڏکي جدوجهد ۾ اجان تائين شڪست جي ڪاهين ۾ نه ڪريو هو. هو پنهنجي بن زوال يافته پيشروئن امين الحسيني ۽ احمد شُڪيريءَ جي اِنجام کان به بنل هو. جيڪي هئي ڏيهه نيڪاليءَ جي اڪيلائپ ۾ مري ويا هئا ۽ هُن انهيءَ پيش منظر ۾ سمجهيو ٿي ته هو پاڻ به نبيل شطه جي لفظن ۾ 'هو پنهنجي عوام بابت فيصلا ڪرڻ ۽ سندن اڳواڻي کان پري ڏڪجندڙ ٿيون اڳواڻ ٿي پيو سگهي.' (٣٣)

هاڻ شام ۽ لبيا سندس سرواڻي ختم ڪرڻ وارين ڪوششن ۾ ڪنهن به ريت اڪيلا نه هئا. ١٩٨٣ع جي اونهاري کان سعودي عرب متبادلن تي راضپو ظاهر ڪرڻ شروع ڪيو هو. پي- ايل- او جي ايگزيڪيٽو ڪميٽيءَ جو ميمبر عبدالله هوراني، تن ڏينهن ۾ سعودين پاران ڪيترن ئي پي- ايل- او اڳواڻن سان سُس پُس جو ذڪر ٿو ڪري: "توهين عرفات تي زور ڇو ٿا ڀريو؟ جيڪڏهن توهين هُن مان جان ٿا ڇڏرايو ته پوءِ شام سان هڪجهڙائپ به پيدا ڪري سگهو ٿا." (٣۴)

ممڪن متبادلن ۾ پي- ايل- او جو پرڏيهي وزير فاروق قدومي، فتح جو اهم اڳواڻ خالد الحسن، فلسطيني قومي ڪائونسل جو اسپيڪر خالد فهوم، فتح جو هڪ بيو سرواڻ محمد عباس (ابوميزان) ۽ قاهره ۾ ٿانيڪو پي- ايل- او جو اڻ واڳيل احمد صدقي الدجاني شامل هئا. سڄي ساري بگهي، گرم ۽ بي مقصد اونهاري ۾ عرفات کي اهڙي طرح سوگهو ڪيو ويو هو. جڻ تيونس ۾ ادارتي ڏيهه نيڪالي پوڳي رهيو هجي. ساموندي ڪناري آڏو هوٽل سلوه ۾ هو تقريباً روز پنهنجي بيزار ڪُن سپاهين سان گڏ رات جي ماني کائڻ ايندو هو. سندس ڪيترائي جهونا ساٿي ان تي فڪرمند ٿيڻ لڳا ۽ هو پنهنجو رعب تاب وڃائي رهيو هو ۽ ڪنهن انقلابي

اڳواڻ وانگر عمل ڪرڻ بدران هو ’جوڪراڻ‘ ٿي لڳو. تقريباً انهن ئي ڏينهن ۾ عرفات گهوڙي سواري شروع ڪئي ۽ آبزروړ ۾ ڇپيل تصوير ۾ هو گهوڙي تي سوار، دُکي ۽ ڪل جوڳو نظر اچي رهيو هو.

جيڪڏهن عرفات لاءِ ڪو اُتساهه هو ته اُهو والاريل علائقن ۾ سندس حمايت هو. دمشق ڪان عرفات جي نيڪاليءَ ڪان رڳو ٻه ڏينهن پوءِ، ٢٦ جون تي، معتبر اسلامي ڪائونسل جي سربراهه شيخ سعدالدين العلميءَ يروشلم جي الاقصيٰ مسجد ۾ هڪ وڏي ميڙاڪي آڏو ڊرامائي انداز ۾ اعلان ڪيو ته: ”فلسطيني عوام خلاف ڪيل ظلمن ڪري هاڻ هر مسلمان جو فرض آهي ته هو اسد کي قتل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري.“ (٣٥)

اهڙين ڳالهين تي هوش ۾ آيل عرفات ان نتيجي تي پهتو ته وٽس لبنان موٽي پنهنجن سپاهين تي ڀاڙڻ ۽ باغين سان مهاڏو اٽڪائڻ ڪان سواءِ ڪا واٽ ناهي. سوال رڳو اهو هو ته ڪڏهن؟- ڪيس ڪنهن انتهائي نازڪ نفسياتي گهڙيءَ جو اوسيئڙو ڪرڻو هو.

جون جي آخر ڌاري تيونس ۾ ٿيل فلسطيني دانشورن ۽ واپارين جي شرڪت واري هڪ سيمينار ۾، عرفات تي جوڳو زور ڀريو ويو. بحث مباحثو گهٽي ڀاڳي اولهندي ڪناري ۽ غزه ۾ هڪ آزاد فلسطيني رياست جي اعلان واري خيال ۽ پي- ايل- او جي جاءِ تي ڏيهه نيڪاليءَ ۾ هڪ عارضي حڪومت جوڙڻ متعلق ٿي ٿيو. (٣٦)

انهيءَ سموري نظرياتي وارتا ۾، عرفات پاڻ کي قطعي طور تي غيرآرامده محسوس ڪري رهيو هو. ”انهن متضاد نظرين تي هلندڙ ان بحث جو، ڪيس پيش مسئلن سان ڪهڙو تعلق آهي؟“ هُن پنهنجو پاڻ کان پڇيو هو. ”انتهائي معمولي،“ هُن نتيجو ڪڍيو هو. اجان ٻه وڌيڪ خراب ڳالهه اِها هئي ته هُن پنهنجو پاڻ کي ان راند دوران لاڳيتو گروي محسوس ٿي ڪيو، جنهن تان هو ڪڏهوڪو ڪنٽرول وڃائي چڪو هو. هو خاص طور تي ان تي ڏکيارو هو ته پناهگيرن ۾ شاهوڪار ۽ طاقتور فلسطينين سميت سندس ڪيترائي ويجها اتحادي، جن کي هو ’محتاج‘ سڏيندو هو، دمشق ۾ سندس سخت دشمن سان ٺياڪڙن طور تي ڏيٺ ويٺ ۾ رُڌل هئا. ان سان گڏوگڏ سندس مستقل بي عملي سندس حواسن کي پڻ ٿُڪي رهي هئي.

جيڪڏهن عرفات ان لاڙي مان جان ڇڏرائي ٻه ٿي ته وقت پورو ٿي چڪو هو. بس هڪ معمولي قدم کڻڻ جي دير هئي ۽ عرفات هلي ڇُريو. اسرائيل کي ڇڏي ٻه، شام ۽ فتح جا باغي مارو ڪرڻ جي اوسيئڙي ۾ هئا. عجيب اتفاق آهي ته عرب اسٽيج تي سندس ٻيهر آمد جو موقعو ڪيس اسرائيلين اڻڄاڻائيءَ ۾ ڏئي وڌو.

٢٨ آگسٽ تي، اُبريل ڇڪتاڻ ڪان ڪيترائي مهينا پوءِ، بيروت جي گهٽين ۾ هڪ ڀا ٻي عيسائي اڪثريتي لبناني فوج ۽ گهرو سڪيورٽي فورس ۽ ٻئي پاسي

مقامي ڪاهي ڊر ۽ سنڌس مقامي پيرائي وارن شيعا امل مليشيا اتحادين ۾ سڌي سنئين جنگ لڳي پئي. امل مليشيا شهر جي ٽڙيل پکڙيل ڏاکڻي پسگردائي جي بئورج البراجنم حصي ۾ لبناني فوج سان ڦيٿ ڪاڙو. ويڙهاند جلد اولهه بيروت تائين پکڙجي وئي. اينڊڙ ائيتاليهن ڪلاڪن تائين حڪومت مخالف مليشيا فورسز کي گاديءَ واري شهر جي مسلم آباديءَ واري اڌ جي ٽڙيل پکڙيل گهٽين ۾ غلبو حاصل ٿي ويو.

عرفات لاءِ، بيروت جي گهٽين ۾ پرجوش مزاحمت ان جو اهڃاڻ هو ته سنڌس وقت ويجهو اچي رهيو هو. پر ان کان اڳ جو هو پنهنجو ڪو قدم کڻي، يروشلم کان ٿيندڙ هڪ طربيہ ڊرامائي اعلان کيس وقتي طور تي ڇرڪائي وڌو. ٢٩ آگسٽ تي ٦٩ سالن جي جمار واري منهام بيگن پنهنجي ڪابينا کي هدايو ته اٺ ويڪ عرصو ڪم نٿو ڪري سگهان. ٻه هفتا پوءِ اڳوٺو وزيراعظم پنهنجي نمبر ١، ريماچ گهٽيءَ واري ننڍڙي يروشلم اپارٽمينٽ ۾ نااُميدي يري اڪيلائپ ۾ زندگيءَ جا باقي ڏينهن گذارڻ هليو ويو. جتان عرفات جي بقول، هو ڪيترائي سال اڳ بيگن جي ارگن دهشتگردن هٿان مارجي ويل عرب ڳوٺاڻن جو ماڳ ديئرياسين چڱي ريت ڏسي سگهيو پئي. (٣٧)

لبنان ۾ ڪيل بيوقوفي، اسرائيلي مرتين ۾ روزاني واڌ، ڏوهہ جي احساس ۾ ورتل بيگن تي انتهائي اُگرا اثر وڌا هئا. مٿان وري ١٩٨٢ع جي پڇاڙڪن ڏينهن ۾ سنڌس زال جي موت ته سنڌس ڇيلهہ ڀڃي ڇڏي. سنڌس دستبرداري نئين سر اُسرندڙ عرفات لاءِ چڱو سوڻ هئي. هُن لاءِ اِها ڳالهہ انتهائي سرهائي يري هئي ته هو اُن اسرائيلي اڳواڻ جا تڏا ويڙهائڻ ۾ سوڀارو ٿي ويو هو، جنهن کيس تباهہ ڪرڻ پئي چاهيو. پر مهل بچائڻ لاءِ وٽس تمام ٿورڙو وقت هو.

سيپٽمبر جي شروعات ۾ لبنان ۾ رهيل عرفات جي وفادارن کي پهل ڪرڻ جو موقعو ملي ويو. ٣ سيپٽمبر جي آڌي رات، بيروت ۾ جنگ جي خاتمي کان هڪ اڌ ڏينهن پوءِ، آخري اسرائيلي دستو بہ بيروت کي وڪوڙيل جبلن ۾ پنهنجا مورچا خالي ڪري، ڏکڻ ۾ چڱو خاصو ڏور، اوالي نديءَ سا لڳو لڳ هڪ نئين دفاعي پٽيءَ ڏانهن هليو ويو. چائون جبلن ۾ اختيارن وارو نازڪ تناسب ڊرامائي انداز ۾ بدلجي ويو. لبنان هڪ نئين ڏڦيڙ ۾ پئي ڦاٿو. ۽ اسرائيلي دستبرداريءَ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ خال ڪمال جنبلاط جي پُٽ وليد جي سرواڻي ۾ نوجوان ۽ ڇڙواڳ دروز ويڙهاڪن جو طوفان پيدا ڪيو. ڪين عرفات جي وفادارن ۽ فتح جي باغي دستن ٻنهي جي حمايت حاصل هئي. ان کان پوءِ اينڊڙ هر ڪنهن لاءِ ڪلي صورتحال ۾، عيسائي لبناني فورسز مليشا ۽ عيسائي اڪثريتي لبناني عام فوج جي دستن کي، اسرائيلين جي آمريڪي بمبار جهازن مان ڪيل بمباريءَ جي باوجود بہ، بيروت مٿان جابلو اوچاين وارن سنڌن اهم ٽڪاڻن تان گهٽو پري ڌڪيو ويو. سيپٽمبر

جي وچ ڏاري، حملي آور بابدا ۾ صدارتي محل پرسان انتهائي سخت پهري هيٺ عيسائين جي سگهاري ڳڙهه سوق الغرب تائين اچي رسيا هئا. ڪجهه پي- ايل- او ڪمانڊرن جو خيال هو ته اِها پيش قدمي کين اُن بيروت ڏانهن واپس وڃي وڃي سگهي ٿي، جتان ٻارهن مهينا اڳ کين تڙيو ويو هو. (۳۸)

فتح جي وفادارن ۽ پاپولر ۽ ڊيموڪريٽڪ فرنٽ جي ويڙهاڪن، جيڪي هاڻ عرفات جا 'حلفي مخالف' سڏبا هئا، چائوف جنگ جي موقعي کي شامين پاران کين بڪا ۾ محدود ڪرڻ واري پابندي ٽوڙڻ لاءِ ڪارائتو سمجهيو. ان اعلان جي امڪان کان ڇرڪندي ته هو پنهنجي لاءِ خودمختيار اڏا قائم ڪري سگهن ٿا، شامين ۱۵ سيپٽمبر تي هڪ اٿوٿنڊڙ قدم کنيو. هُن دروز عمان کي سوق الغرب ڏهڪاءُ کان فلسطيني گوريلن جي دستبرداريءَ واسطي زور پرڻ لاءِ چيو. ان جا به فائدا هئا: ان سان اهم عيسائي مضبوط ڳڙهن تان ڪجهه بار جهڪو ٿي پئي سگهيو ۽ فلسطيني بڪا ۾ هيهر شامين آڏو جهڪڻ لاءِ مجبور ٿي پئي سگهيا. پر اٺڄاٺائي جي شڪار شامين ۽ ايستائين جو اسرائيلين کي به پتو نه لڳو ته چالباز عرفات اڳيئي قدم کڻڻ جو طيءِ ڪري چڪو آهي.

هوراني جهڙن پي- ايل- او اڳواڻن ۾، ۱۶ سيپٽمبر تي اترائين لبنان جي شهر ٽريپوليءَ ۾ هيهر جان پئجي وئي. سندس وقت واري چوڻ تقريباً بهترين هئي ۽ ٻاهرين دنيا کي پنهنجي موجودگيءَ جو احساس ڏيارڻ ۾ هُن دير ئي نه لڳائي. باداوي ۽ نهرالبيرد جي ڏهڪاءُ وارين پناهگير ڪئمپن ڏانهن سڌوسنئون ويندي، هُن دمشق ۾ پنهنجي مخالفن کي للڪاريندي چيو ته پي- ايل- او هڪ اهڙي اوچي انقلاب جو نالو آهي، جنهن کي ڪو به پنهنجي وس ۾ آڻي يا محدود ڪري نٿو سگهي... (۳۹) ٽوررڻن ئي ڏينهن ۾ عرفات جي رٿابندي، جيڪا تيونس جي سست ڏينهن ۾ جوڙي وئي هئي، دمشق ۽ ان جي باغي فتح ڪارڪنن سان ٻه ٻه هٿ ڪرڻ وارا پنهنجا مقصد ماڻڻ جا اهڃاڻ ظاهر ڪرڻ لڳي.

سيپٽمبر جي آخري هفتي ۾، جوڳي شامي دٻاءُ هيٺ فتح جا وفادار ويڙهاڪ اُتر مان بڪا کان ٽريپوليءَ تائين هٽ ڪٽي ويا، جتي عرفات اُن ويڙهه جي تياري ڪري رهيو هو، جنهن لاءِ گهٽن جو خيال هو ته اِها سندس آخري ويڙهه ٿي پئي سگهي. آڪٽوبر جو سڄو مهينو، شامي پنيرائيءَ وارن فتح جي باغين پنهنجو ڏهڪاءُ جاري رکيو، ۽ باداوي ۽ نهرالبيرد، ايستائين جو خود ٽريپوليءَ ڏانهن وڌندا رهيا. پڙ کان ڪجهه پريرا اسرائيلي جنگي ٻيڙا بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ گشت ڪندي، عرفات جي اعتماد واري ڇانوٽي ڏانهن هٿيارن ۽ ٻئي سامان جي رسد روڪيندا رهيا. اهو فتح جي باغين لاءِ گهٽ ڏچو نه هو ته هُن جنهن يهودي رياست کي تباهه ڪرڻ ٿي چاهيو، اُهي اسرائيلي ساموندي فوج سان گڏ هڪجهڙائپ پريل مقصدن ۾ ڳنڍيل هئا.

جيئن ئي آڪٽوبر نومبر ۾ بدليو، عرفات پنهنجو پاڻ کي هڪ سال اندر ٻيو ڀيرو ڏهڪاءُ هيٺ ڏٺو. هن ڀيري هو شامين، منحرف فلسطينين، لبناني مليشا ۽ اسرائيلين جي گهيري ۾ هو. ايستائين جو دشمن، لبيائي اڳوڻ ڪرنل قذافيءَ پاران اُماڻيل چاڊ جي سپاهين واري دستي کي پڻ سوگهو ڪري ورتو هو. ان دستي متعلق اِهو فضول خيال اچي اُڀريو هو تہ اِن جو مقصد تل ابيب تي حملو ڪرڻ آهي. دشمنيءَ واري انهيءَ فضا ۾، عرفات جي واحد مقامي اتحادي، هڪ اسلامي بنياد پرست پارٽي هئي، جنهن وات- ٽڪاءُ ڪان ڪجھ مٿيرو سندس مدد ٿي ڪئي. خالد الحسن سميت ٻين ويجهن حمايتين جي ان تنقيد جو شڪار ٿيندي تہ ڪيس 'بنا ڪنهن گڏيل فيصلي جي ٽريپولي وڃڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي'، عرفات اِهو محسوس ٿي ڪيو تہ وٽس ڪو ٻيو چارو ئي نہ هو. سندس مقصد پنهنجي دشمن جي ڪرت ۽ باغين کي شامين جي گهڻ- طرفي مدد کي سينی تي ظاهر ڪرڻ هو. هُن فيصلو ڪري ورتو هو تہ جيڪڏهن ضروري ٿيو تہ پنهنجي سياسي وجود لاءِ ويڙهہ ۾ هو ٽريپوليءَ کي آخري مورچي طور استعمال ڪندو. "ٽريپوليءَ ۾ اسان سازشين کي مجبور ڪيو تہ هو پنهنجا سمورا ڪارڊ ظاهر ڪن." هو ٻڌائي ٿو: "اسان اِهو ٿڏي چڏيو هو تہ اِهو مسئلو رڳو هڪ اندروني فلسطيني چڪتاڻ جو آهي." (۴٠)

جيئن ئي فلسطينيءَ هٿان فلسطينيءَ خلاف چڪتاڻ نومبر ۾ داخل ٿي، عرفات ۽ سندس ساٿي بي رحميءَ سان پهرين نهرالبيرد ڪئمپ ۽ پوءِ البداوي ڪئمپ کا پوئتي ڌڪيا ويا. البداويءَ کان ٻڌتر پري دستبرداري کان اڳ، عرفات شام تي ڪوڙاڻ وچان پي- ايل- او کي پنهنجي 'ڪٺ پتلي' بنائڻ جي ڪوشش جو الزام ڏريو. "هو آزاد فلسطيني فيصلي جي خاتمي لاءِ، پي- ايل- او جو انت ٿا چاهين." هُن چيو: "هو اهڙي پي- ايل- او چاهين ٿا جيڪا سندن هٿن ۾ ڪٺ پتلي هجي. پر مون کين ٻڌايو تہ آءٌ رڳو خدا ۽ پنهنجي ماڻهن آڏو ئي جهڪندس. آءٌ پنهجي عوام سان گڏ جيئندس ۽ مرندس پر پنهنجي قوم واسين جي عزت، آزادي يا حقن تي ڪا بہ سوديبازي نہ ڪندس." (۴۱)

عرفات الزام ڏريو تہ شامين پناهگير ڪئمپن جي چوڌاري پنجويهہ هزار ماڻهو، ١٧ ٽينڪون ۽ ١٨٠ بڪتربند گاڏيون گڏ ڪيون آهن. نومبر جي ڏينهن ۾ ٽريپولي ۽ ان جي پسگردائي ۾ اهڙي صورتحال هئي، جو اسپتالن ۾، مارجي ويلن جا لاش رکڻ لاءِ ڪا وٿي نہ هئي ۽ اسلامڪ اسپتال جي هڪ ڊاڪٽر موجب فقط شديد زخمين جو علاج ئي تن ڏينهن ۾ ڪيو ويندو هو: "اسان وٽ ڪا بہ گنجائش ناهي ۽ مون کي سمجھ ۾ نٿي آيو تہ ان صورتحال کي ڪيئن مُنهن ڏيو." هُن چيو: "دوائون ڪونهن، رت ناهي، بجلي لاءِ، جنريٽرن لاءِ ٻارڻ ناهي ۽ ڪو عملو بہ ناهي." (۴۲)

اِهي پي- ايل- او اڳواڻ لاءِ سچ پچ انتهائي مصيبت واريون گهڙيون هيون، ۽ سندس بهترين چار هزار ويڙهاڪ هڪ ميل ڪن جي دائري ۾ انتهائي خطرناڪ بمباريءَ ۾ ڦاٿل هئا. اِهو واضح هو ته ونس ذلت آميز آڻ مڃڻ يا گهيري ۾ ڦاٿل پنهنجي فوج جي مڪمل خاتمي مان ڪنهن هڪ جي چونڊ ڪرڻي هئي.

پر هڪ ڀيرو ٻيهر ڀاڳ، يا ائين ڪٿي چئجي ته عرفات جي عجيب ۽ غريب خوش قسمتيءَ ڪم ڏيکاريو. جڏهن ١٧ نومبر تي جيئن ئي سندس فوجن کي البداويءَ جي آخري سگهاري ڳڙهه تان ٻه ڌڪيو ويو ته اوستائين پُرسڪون عرب دنيا ۾ حفاظتي گهنڊ وڄڻ لڳا. سڀ کان وڌيڪ بي اطميناني سعودي عرب ۾ ظاهر ٿي، جتي شاهي حاڪمن کي فلسطيني تحريڪ جي مڪمل خاتمي يا گهٽ ۾ گهٽ غيرمستحڪم حيثيت ۾ هليو وڃڻ جو ٻڀ محسوس ٿيو. ولي عهد شهزادي عبدالله بن عبدالعزيز ٢١ نومبر تي ڪويت جي دوري دوران بغاوت کي 'عرفات جي قانوني قيادت خلاف فوجي بغاوت سڏيو.' (٣٢)

اِها ڪارائتي مداخلت هئي ۽ ان جلدي پنهنجا نتيجا ڏيکارڻ شروع ڪيا.

'گهٽو ٿيو' وارو فيصلو ڪندڙ سعودين، لبنان ۾ عرفات جي آخري موجودگيءَ تي وار ڪندڙ شام تي اِهو قتلام جلد بند ڪرڻ لاءِ زور ڀرڻ ۾ دير نه لڳائي. سعودي عرب جي پرڏيهي وزير شهزادي سعود الفيصل کي ٽريپوليءَ مان عرفات جي منظم دستبرداريءَ لاءِ شرط طيءِ ڪرڻ واسطي دمشق اُماڻيو ويو پر، عجيب ڳالهه اها هئي ته انهن سمورين ڳالهين ۾ جهونو ٻگهڙ حافظ الاسد موجود نه هو. ڇاتيءَ ۾ سور ۽ ڪمزوريءَ ڪري شامي اڳواڻ کي ١٢ نومبر تي ڳجهه ڳوهه ۾ اسپتال داخل ڪيو ويو هو، جڏهن ته عرفات جي سگهارن ٽڪاڻن تي خطرناڪ حملا جاري هئا. روز جي ٻڌڻي ڪرت ۽ گهٽ ورزش پنهنجو ڪم ڏيکاريو هو. سندس ڊاڪٽرن کيس مڪمل آرام جي صلاح ڏني. انهيءَ انتهائي نازڪ موقعي تي اسد جو بستري داخل ٿيڻ ڪنهن به ريت عرفات جي اُڃهامندڙ ڪيريئر ۾ غيرمعمولي اُتساهه کان گهٽ نه هو.

چئن ڏينهن جي بحث کان پوءِ، ٢٥ نومبر تي ٽريپوليءَ مان فتح جي وفادارن جي دستبرداريءَ بابت شامي- سعودي ٺاهه جو اعلان ڪيو ويو. عرفات کي لبنان مان ته مڪمل طور تي تڙيو ويو هو، پر ڪانئس انقلاب جي سرواٽي ڦُرڻ واري شامي سپني جي ساپيان نه ٿي هئي. ڪڏيل ٺاهه هڪدم قبوليو ويو. مصيبتن ۾ ڦاٿل عرفات وٽ ان کان سواءِ ٻيو ڪو چارو نه هو، نه وري باغين وٽ ئي ان کان سواءِ ڪا راهه هئي. سعيد موسيٰ ۽ سندس همراهن اُهو ڪجهه ڪيو جيڪو دمشق ۾ موجود سندن 'وڏي ڀاءُ' کين چيو هو. عارضي جنگبنديءَ واري ڏينهن تي، عرفات پروپيگنڊا جو هڪ طوفان اُڀاريو. هُن اعلان ڪيو ته فتح پاران ٽريپوليءَ ۾ گرفتار ڪيل ڇهن اسرائيلي جنگي قيدين کي اسرائيلي جيلن ۾ قيد ٤٥٠٠ فلسطيني ۽

لبناني قيدين جي عيوض آزاد ڪيو ويو آهي. انهن اخبارن جي پهرين صفحن تي عرفات جي مُرڪندڙ چهري جون تصويرون شايع ٿيون، جن ڪجهه ڏينهن اڳ ئي سندس سياسي مرثيي جا نوحا لکيا هئا. "اسرائيل هٿان اڳيئي هيسايل، عرفات کي شامين مڪمل طور تي ختم ڪري ڇڏيو آهي." نيويارڪ ٽائيمس تبصرو ڪندي لکيو هو: "اِها آهي اهڙي تحريڪ جي پڄاڻي، جيڪا ڪنهن به ريت سياسي سوچ ماڻي نه سگهي." (۴۴)

ٽريپوليءَ مان عرفات جي نيڪاليءَ لاءِ ٽن هفتن تائين هلندڙ ڳالهيون انتهائي ڊرامائي رخ اختيار ڪنديون رهيون، ۽ پي- ايل- او اڳواڻ پنهنجي لاءِ هڪ وڏيڪ تاريخي صدمي کان بچڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندو رهيو. عرفات جو زور رڳو، پي- ايل- او جي ويڙهاڪن جي گڏيل قومن جي جهنڊي هيٺ نيڪاليءَ واري عمل دوران اسرائيلي ڪارروائين خلاف ضمانتون حاصل ڪرڻ نه هو. ايرل شيرون هڪ ڀيرو چئي چڪو هو ته "عرفات کي ٽريپوليءَ مان جيئرو نڪرڻ نه ڏيو!" (۴۵)

اسرائيلي جنگي بيڙن پڻ پنهنجو دباءُ جاري رکيو، ۽ ڊسمبر جي پهرين هفتي ۾ ٽريپوليءَ جي پسگردائي ۾ پي- ايل- او جي گوريلا ٺڪاڻن تي سندن حملن روانگيءَ ۾ اجان به گهڻي دير ڪرائي. اها سموري وارتا بهرحال عرفات لاءِ مناسب هئي، جنهن هرويرو تڪڙ ۾ لبنان ڇڏڻ نه پئي چاهيو. اسرائيلين پنهنجي سر عرفات کي ان سموري مامري مان ڪو لاڀ حاصل ڪرڻ کان روڪڻ واري پنهنجي خواهش کي نه لڪايو. اسرائيل نه پئي چاهيو ته عرفات جي اها نيڪالي به هڪ سال اڳ بيروت واري 'سوپاري' نيڪاليءَ وانگر هجي، "اسين نٿا چاهيون ته عرفات ڪنهن سورمي وانگر روانو ٿئي. هو ائين وجي جيئن ڪتو پڇ لڪائي ڀڄندو آهي." هڪ اسرائيلي عملدار چيو هو. (۴٦)

بهرحال، ٢٠ ڊسمبر تي گڏيل قومن جا جهنڊا ڦڙڪائيندي پنجن يوناني جهازن جو هڪ جٿو فتح جي وفادارن کي عرب دنيا ۾ ٽڙيل پکڙيل ڪئمپن تائين پهچائڻ لاءِ ٽريپوليءَ جي بندرگاهه تي پهتو. پر عرفات جي نيڪاليءَ جو رستو اوستائين صاف نه ٿيو هو، جيستائين آمريڪا اسرائيل تي پي- ايل- او ٺڪاڻن تي حملا بند ڪرڻ لاءِ زور نه ڀريو. لبنان مان عرفات جي ٻي لَتِ پهرين کان گهڻ ڊرامائي پر وڏيڪ ڪوڙي هئي. هو لبنان ۾ پنهنجو آخري ٺڪاڻو به خالي ڪري رهيو هو. سندس تحريڪ تمام گهڻي بري انداز ۾ ڀڃي ڀُري چڪي هئي. سندس اَڏو هڪ انتهائي غيرواضح آئيندو ۽ ڀيانڪ سياسي فراموشيءِ وارا مسئلا هئا. جيئن ئي هو اڇي رنگ جي رينج روور جيپ ۾ بندرگاهه پهتو ته هُن صورتحال کي سٺي انداز ۾ مُنهن ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي "جدوجهد ختم نه ٿي آهي." هُن اعلان ڪيو: "اسين اِها اوستائين جاري رکنداسين، جيستائين پنهنجي فلسطيني رياست جي گاديءَ واري

شهر يروشلم تائين نٿا پهچون." (۴۷)

اظهار ٿيل ڪمزورين ۽ ابترين جي موجودگيءَ ۾ اهڙين دعوائن جو ڪو عملي اظهار ڏسڻ ۾ نٿي آيو، جن ۾ پي- ايل- او مڪمل طور تي قائل هئي.

جيئن ئي سندس Odysseus Elytis نالي جهاز فرانسيسي ساموندي فوج جي پهري ۾ سمنڊ جهاڳڻ لاءِ تيار ٿيو ته عرفات مٿئين ڊِڪي تي ظاهر ٿيو ۽ پي- ايل- او ۽ لبناني ويڙهاڪن آٽوميٽڪ رائفلن جي فائرن جي گونج ۾ ڪانئس موڪلايو. عرفات جا سائي چون ٿا ته ڪيس تيونس وڃڻو هو پر جلد خبر پئي ته اها ته رڳو هڪ چال هئي. چالباز عرفات پنهنجي ڪف ۾ تُرپ جو اصل پتو لِڪائي رکيو هو.

حوالا

باب ٻارهون

١- ياسر عرفات انٽرويو، بغداد، جنوري ١٩٩٠ع.

٢- ڏسو يزيد صَيّاغ جو لکيل انٽرنيشنل افيئرس، لنڊن، جلد ٦٥، نمبر: ٢، بهار ١٩٨٩ع، ۾ The Struggle Within, Struggle without: The Transformation of PLO Politics Since 1982.

٣- نبيل شعَّث انٽرويو، قاهره، ڊسمبر ١٩٨٩ع.

۴- والٽرس ليقيوئر ۽ بيري روبن جو سهيڙيل، The Israel Arab Reader، لنڊن، ١٩٨۴ع، صفحو: ٦٦۴.

٥- ساڳيو، صفحو نمبر: ٦٥٦ ۽ ٦٦٣.

٦- ساڳيو.

٧- مروان قاسم انٽرويو، عمان، نومبر ١٩٨٩ع.

٨- ساڳيو.

٩- اميلي ساهليه The PLO after the Lebanon War بائولڊر، ڪولوريڊو ١٩٨٦ع.

١٠- ڏسو نمبر: ۴ جو صفحو: ٣٦٥.

١١- ليڪڪن کي ڏنل انٽرويو، واشنگٽن، نومبر ١٩٨٩ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.

١٢- رچرڊ ويٽس انٽرويو، واشنگٽن، نومبر ١٩٨٩ع.

١٣- ڪرنل سعيد موسيٰ انٽرويو، دمشق، مئي ١٩٨٩ع.

١۴- نبيل شعَّث انٽرويو، قاهره، ڊسمبر ١٩٨٩ع.

١٥- ايرڪ رائوليو جو لکيل The PLO after Lebanon فارين افيئرس، واشنگٽن، سرءُ ١٩٨٣ع، صفحو نمبر: ١۴٣.

١٦- ساڳيو، صفحو: ١٥٠.

١٧- انٽرنيشنل هيرالڊ ٽريبون، ١١ اپريل ١٩٨٣ع.
١٨- ممدوح نوفل انٽرويو، تيونس، نومبر ١٩٨٩ع.
١٩- ساڳيو.
٢٠- يزيد صيّاغ انٽرويو، آڪسفورڊ، آڪٽوبر ١٩٨٩ع.
٢١- وفا جي دمشق ڪان رپورٽ، ١٥ مئي ١٩٨٣ع.
٢٢- ممدوح نوفل انٽرويو، تيونس، نومبر ١٩٨٩ع.
٢٣- ساڳيو.
٢٤- انٽرنيشنل هيرالڊ ٽريبون، ٥ جون ١٩٨٣ع.
٢٥- ساڳيو، ٢١ جون ١٩٨٣ع.
٢٦- انتصار الوزير انٽرويو، عمان، جون ١٩٨٩ع.
٢٧- ساڳيو.
٢٨- واشنگٽن پوسٽ، ٢٥ جون ١٩٨٣ع.
٢٩- نيويارڪ ٽائيمز، ٢٧ جون ١٩٨٣ع.
٣٠- انٽرنيشنل هيرالڊ ٽريبون، ٢٥ جون ١٩٨٣ع.
٣١- ساڳيو، شامي خبررسان اداري سنا جي حوالي سان.
٣٢- خالد الفهوم انٽرويو، دمشق، مئي ١٩٨٩ع.
٣٣- نبيل شعٿ انٽرويو، قاهره، ڊسمبر ١٩٨٩ع.
٣٤- عبدالله الحوراني انٽرويو، تيونس، جون ١٩٨٩ع.
٣٥- ذسو نمبر: ٩ جو صفحو: ١٦٥.
٣٦- ساڳيو صفحو: ١٤٨.
٣٧- ياسر عرفات انٽرويو، تيونس ڊسمبر ١٩٨٩ع.
٣٨- يزيد صيّاغ، Quest for a Homeland: Palestinian Military History 1949- 88
(ڇپيل عنوان، اڻ ڇپيل).
٣٩- ساڳيو.
٤٠- ياسر عرفات انٽرويو، تيونس ڊسمبر ١٩٨٩ع.
٤١- ايسوسيئيٽيڊ پريس، ٥ نومبر ١٩٨٣ع.
٤٢- ساڳيو.
٤٣- ڪويتي خبررسان اداري ڪونا، ٢١نومبر ١٩٨٣ع، نمبر: ٩ جي صفحي: ١٧١ تان کنيل.
٤٤- نيويارڪ ٽائيمز، انٽرنيشنل هيرالڊ ٽريبون ۾ اداريو، ١٨ نومبر ١٩٨٣ع.
٤٥- ايسوسيئيٽيڊ پريس، ٨ ڊسمبر ١٩٨٣ع.
٤٦- ايسوسيئيٽيڊ پريس، ١٥ ڊسمبر ١٩٨٣ع.
٤٧- ياسر عرفات، واشنگٽن پوسٽ، ٢٥ڊسمبر ١٩٨٣ع تان کنيل.

(١٢)

ٻيھر اُڀار

"اسان کي اِهو سمجهڻ گهرجي تہ هيءَ وقت رڳو فلسطيني مسئلي تي ڪنهن نـهراءُ لاءِ وڙهڻ جو نہ پر ان کي اُجهامڻ کان بچائڻ جو آهي." نبيل شط، السياسہ ١٥ اپريل ١٩٨٥ع.

جيئن ئي عرفات لبنان کان سفر تي اُسهيو، هُن للڪار ڀريو اعلان ڪيو تہ "هُو جدوجهد جي هڪ مورچي کان ٻئي ڏانهن پيو وڃي." (١)

حقيقت ۾، هو پنهنجي جنم ڀومي ڏانهن ئي ويو. ٽريپوليءَ مان پنهنجي روانگيءَ کان ائيتاليهہ ڪلاڪ اڳ، عرفات مصر جي صدر سادات جي جانشين حُسني مبارڪ کي خاموشيءَ ۾ هدايو هو تہ هو سوئيز ڪئنال مان پنهنجي لنگهڻ دوران سائس گڏجڻ تي سرهائي محسوس ڪندو. پنهنجي رٿا جي مخالفت کان باخبر هوندي مصر، جنهن سان عرب رياستن ڇهہ سال اڳ سادات جي اسرائيلي دوري جي ردعمل طور پنهنجي ڏيتي ليتي ختم ڪري ڇڏي هئي، جي دوري بابت هُن پنهنجي انهيءَ راز کي پنهنجي انتهائي بااعتماد ساٿي خليل الوزير سان بہ نہ سليو، جيڪو ٽريپوليءَ ۾ ويڙهہ جي پڄاڻي تائين سائس گڏ هو. "آءٌ قاهره ويس" هو اڄ هدائي ٿو: "دنيا کي اِهو پيغام ڏيڻ لاءِ تہ جيڪڏهن هو سمجهن ٿا تہ هو اسان مان جان ڇڏرائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا تہ پوءِ غلطي تي هئا... ان سان گڏوگڏ مون محسوس ٿي ڪيو تہ ڪو اهڙو قدم کڻجي جنهن سان ڪو وڏو اُڀار پيدا ٿئي ۽ قاهره وڃي مون اِهو ڪري ڏيکاريو." (٢)

عرفات پنهنجي تحريڪ جي وڏيڪ ٽڪرن ٿيڻ جو جوکم ان ڪري بہ کڻي رهيو هو جو، ڪيس پنهنجي اڪيلائپ وارين گهڙين ۾ نوان ساٿي ۽ حمايتي ٿي کپيا. اِهو ان اهميت جو بہ اهڃاڻ هو جيڪا هو مصر کي عرب دنيا جي سرواڻ حيثيت طور ڏيندو هو. ڇا مصر جي صدر جمال عبدالناصر جي ڪري ئي هُن پي- ايل- او کي پهريون ڀيرو پنهنجي هٿ وس نہ ڪيو هو؟ ڇا ناصر، پنهنجي آخري قدم طور، تحريڪ کي اردني گهرو ويڙهہ ۾ مڪمل تباهي کان نہ بچائي ورتو هو؟ ڇا سندس جانشين سادات، عرفات جي فلسطينين جي نمائندي طور مڃتا ۾ مدد نہ ڪئي هئي؟ ۽ هاڻ نئين سر شروعات جو وقت هو. جيڪڏهن هو اُڀار آڻي سگهي ٿو تہ پوءِ پنهنجي نقادن جي نئين سر مخالفت جو جوکم بہ کڻي سگهي ٿو.

پورٽ سعيد تي جهاز جي لنگرانداز ٿيڻ تي عرفات هڪ جهوني وفادار ۽ قاهره جي رهواسي محمد صبيح، جيڪو فلسطيني قومي ڪائونسل جو سيڪريٽري جنرل پڻ هو. اهو ڪو اُتساهيندڙ آدرياءُ نہ هو پر ڇهن سالن جي مايوس ڪُن غيرحاضري ڪان پوءِ مصر پهچڻ تي عرفات جي دل جو ڌڙڪو بهرحال تمام گهڻو تيز ٿيل هو. اهو تمام گهڻو ٿڪل ۽ پيڙا پريل هو. صبيح اُن ڏينهن جو ذڪر ٿو ڪري: "پر هو مصري قيادت سان ذاتي رابطن جي بحاليءَ تي اورچائپ سان سوچي رهيو هو." (۳)

جيئن ئي عرفات سوئيز ڪئنال ڪان اسماعيليہ ڏانهن روانو ٿيو، جتي سندس رسمي آدرياءُ ٿيڻو هو، ڪيس صبيح ۽ نبيل شعث ضروري جاڻ ڏني، اهي ٻئي ٽريپوليءَ واري معاملي دوران مصري عملدارن سان گهري رابطي ۾ هئا. شامي پٺيرائي واري ڏمر ڪان هراسيل تنظيم جي قيادت ۽ پي- ايل- او جي مرڪزي ڌاري ڪي، مصر هيھر پنهنجن پيرن تي بيهڻ ۾ مدد ڪري پئي سگهيو.

اسماعيليہ ۾ اهم مصري عملدارن عرفات جي آجيان ڪئي، تنهن بعد هو هڪ فوجي هيليڪاپٽر ذريعي ڪو سؤ ڪن ڪلوميٽر پري هيليو پولس ۾ صدر مبارڪ جي انتظامي هيڊڪوارٽرس ڏانهن روانو ٿيو. اهو هر لحاظ ڪان عرفات لاءِ گهر موٽڻ وانگر هو. عرفات انهن گهٽين مٿان اڏاٿو هو جتي هُن زندگيءَ جو وڏو حصو گذاريو هو ۽ اُتي سندس گهر وارن جي اجان تائين ملڪيت موجود هئي. گذريل پندرهن مهينن ۾ ٻہ ڀيرا اسرائيلي ۽ عرب دشمنن هٿان ٻي گهر ٿيل عرفات، پنهنجي سَرهائي لڪائي نہ سگهيو.

قاهره ڏانهن موٽ خبرداريءَ سان ڪٿيل هئي. ملندڙ جلندڙ عرفات، ڪڏهن ٻہ ڪنهن علحدگيءَ ڪي حتمي بنائڻ جي حق ۾ نہ هوندو هو. پنهنجي وسيع رابطن سان لهہ وچڙ ڪي ڪليل رکڻ واري سندس خواهش سندس ساٿين ۾ ڪيترائي لطيفا ٻہ جوڙي ورتا هئا. انهن مان هڪ اهو تہ "عرفات حج ڪرڻ لاءِ مڪي ويو. شيطان کي پٿر هڻڻ لاءِ جڏهن منيٰ پهتو تہ شيطان کي ست ئي پٿر نہ هنيائين. ڪنهن ان جو سبب پڇيو تہ وراڻيائين: آءٌ نٿو سمجهان تہ اسان کي پنهنجا دروازا ڪنهن لاءِ مڪمل طور تي بند ڪرڻ گهرجن." (۴)

ان ڏس ۾، اسرائيل مان سادات جي ناتہ تي مصر ۽ پي- ايل- او وچ ۾ ڪليل تلخي جي عروج تي ٻہ، عرفات محمد صبيح جهڙن پنهنجن بااعتماد ساٿين وسيلي ڳجها رابطا قائم رکيا. جڏهن سادات قتل ٿيو تہ هُن ڏاهپ ڪندي، سندس جانشين کي عهدو سنڀالڻ تي واڌاين جو فون پڻ ڪيو. مبارڪ، پنهنجي پاران لبنان ۾ اسرائيلي اڳرائي تي پي- ايل- او لاءِ پنهنجي حمايت ظاهر ڪئي ۽ بيروت جي گهيري دوران سندس فرانس سان گڏجي امن ڳالهين ۾ پي- ايل- او کي شامل ڪرڻ لاءِ ڪنيل قدمن اسرائيل کي مچرائي وڌو هو. هاڻ عرفات جو آدرياءُ ڪندي

هُن عرب دنيا کان ڪجهه حاصل ڪرڻ پئي چاهيو. ساڳي وقت هُن مصر اندر پڻ ان تنقيد کي هنجو ڏيڻ پئي چاهيو تہ سندس حڪومت فلسطينين لاءِ ڪجهہ نہ پئي ڪري.

جيئن ئي عرفات جو هيليڪاپٽر 'ڪوبا محل' جي ميدان تي لٿو، جتي ١٩٥٢ع واري بادشاهت مخالف انقلاب کان اڳ بادشاهہ پنهنجون درٻارون لڳائيندا هئا، مصري صدر سندس آڏرياءُ لاءِ اڳتي وڌيو. جيئن ئي ٽي وي ڪئميرا چالو ٿيا، مبارڪ عرفات کي پنهنجائپ مان ڀاڪر پاتيون ۽ پنهنجي ذاتي لائبرريءَ ۾ هن ڪلاڪن تائين هلندڙ اڪيلائپ وارين ڳالهين لاءِ وٺي ويو. انهيءَ دوري جي نتيجي ۾ اُڀرندڙ مسئلن کان ڪا بہ ڌر اڻواقف نہ هئي. عرفات جي ترجمان احمد عبدالرحمان، سينيئر مصري عملدارن سان رسمي ڳالهين ۾ خيال ظاهر ڪيو تہ اِها گڏجاڻي پي- ايل- او اندر وڏا مسئلا پيدا ڪري سگهي ٿي، "تون ٿو سمجهين تہ رڳو توهان لاءِ مسئلا پيدا ٿيندا." مصرين مان هڪ يڪدم چيو هو، "اسان لاءِ بہ اسرائيل سان مسئلا پيدا ٿيندا."

اسرائيلين، قاهره ۾ پنهنجي نون ڳوليل دوستن ۽ پهرين جوڙ جي پنهنجي دشمن وچ ۾ قرب وڌڻ تي پريشانيءَ جو اظهار ڪندي، عرفات- مبارڪ ڳالهين کي وچ اوڀر ۾ امن جي راهہ لاءِ هڪ وڏو صدمو سڏيو. (٦)

بهرحال اِها گڏجاڻي هنهي اڳواڻن جي سهپ واري اظهار لاءِ هڪ اهم اُهڃاڻ هئي. عرفات لاءِ اِها اهم تناسب ۾ عوامي ناتن لاءِ وڏي اچل هئي. هُن ڳالهين کان پوءِ ڊرامائي اعلان ڪيو تہ هُن مصري صدر کي پاڻ سان گڏ يروشلم جي مسجد اقصيٰ ۾ نماز پڙهڻ جي نيند ڏني آهي. بهرحال هُن اهو ظاهر نہ ڪيو تہ هُن پنهنجي خواهش کي ڪيئن ۽ ڪڏهن عمل ۾ آڻڻ جو رٿيو آهي. مبارڪ اخباري عيوضين کي فقط ايترو چيو تہ عرفات جي دوري اِهو واضح ڪيو آهي تہ 'مصر کي پلان کان اَڄو ڪيو ويو آهي، ۽ اِهو هر لحاظ کان مناسب آهي.' (٧)

فلسطيني تحريڪ ۾ انهن لفظن عرفات تي تنقيد جا اُلا اڀائين تيز ڪيا. هو جيئن ئي Odysseus Elytis ڏانهن واپس موٽيو، احتجاج جو هڪ طوفان ڪڙو ٿي ويو. دمشق مان، ڪيترن ئي گروپن خطرناڪ بيان جاري ڪندي عرفات جي 'غداراڻي' رويي کي ننديو ۽ سندس برطرفيءَ جي گُهر ڪئي. ايستائين جو عرفات جي ويجهن دوستن کي بہ سندس نئين چال پسند نہ آئي، ان خليل الوزير کي ذري گهٽ مڇرائي وڌو. باٿر فلسطيني اڳواڻن مان هڪ خليل الوزير اُهو ڪجهہ چيو، جيڪو هو انتهائي مايوسيءَ جي گهڙين ۾ اڪثر چوندو هو: "تو اسان سان هيءُ ڪيئن ڪيو ياءُ؟" (٨)

وزير جهڙن همراهن آڏو، عرفات پنهنجو پاڻ کي بيوسيءَ مان ڪنبندي محسوس ٿي ڪيو. هُن ساٿن مصري ٿاڪ بابت ڪا صلاح نہ ڪئي هئي ۽

ڳاڙهي سمنڊ ۾ جهاز جي سفر دوران پڻ هُن ڪو رابطو نہ رکيو هو. ايستائين جو سنڌس جهاز ذري گهٽ واٽ وڃائي ويٺو ۽ ان جي ڪپتان کي عرفات جي منزل اتر يمن جو بندرگاهہ 'هوديدا' ڳولهڻ ۾ انتهائي ڏکيائي پيش آئي. ڳاڙهي سمنڊ جي اُيرندي ڪناري ڏانهن سنڌو وڃڻ بدران يوناني جهاز هيٺانهين پاٽي ۾ هلڻ لڳو ۽ ان جا ايئرڪنڊيشنڊ بند ٿي ويا ۽ اُهو غلطيءَ مان اولهندي پاسي سوڊان جي بندرگاهہ ڏانهن وڌڻ لڳو. ڪجهہ ڪلاڪن تائين وڏي پريشاني رهي. اِهو جهاز خود پي- ايل- او جي صورتحال سان ٺهڪي ٿي آيو، جيڪا هيسيل ۽ بي مقصد بڻجي آزاديءَ جي جنگ ۾ اهڙي ڪپتان جي سرواڻيءَ ۾ رُڌل هئي، جنهن جي صلاحيتن بابت وڏا سوال اٿيل هئا.

پر سنڌس ساٿين ڇا بہ سوچيو هجي، عرفات پنهنجي هلت نہ مٽائي. جهاز تي، سنڌس قاهره واري دوري تي ڇتي تنقيد دوران بہ هُن پنهنجي مُرڪ نہ وڃائي. ايستائين جو ٿورڙو عرصو اڳ پنهنجي ڏيهہ نيڪاليءَ تي راضپي ۾ بہ هُن مشهوريءَ جي آڪسيجن ڪان نہ ڪيهايو هو. اهم ڳالهہ اِها تہ قاهره واري سنڌس دوري، جيئن پوءِ تيئن اهميت والاريندڙ اسرائيلي والار هيٺ اولهندي ڪناري ۽ غزه پٽيءَ جي اڳواڻن ۾ هُن لاءِ وڏي حمايت پيدا ڪئي. عرفات جي سخت پورهئي دوران، هو نئي يڪراءِ ٿي ساٿس گڏ بيٺل هئا. هو پنهنجي حقن جي مڃتا لاءِ هڪ سگهاري قوت بڻجي رهيا هئا. اِهو پي- ايل- او اڳواڻ لاءِ ڏقيڙ ۾ ڦاٿل پنهنجي تنظيم ۽ خود سنڌس معتبريءَ کي سنڌن اثر وسيلي بيهر بحال ڪرائڻ جو موقعو هو.

Odysseus جي دِڪي تي هڪ خاطو سان ڳالهائيندي عرفات اعلان ڪيو تہ تنظيم هاڻ پنهنجو وڌ ۾ وڌ ڌيان اولهندي ڪناري ۽ غزه واري پٽيءَ تي ڏيندي ۽ اردن جي شاهہ حسين سان سنڌس گڏيل امن ڪاوشن بابت ڪو جوڳو اُپاءُ وٺندي. (٩)

اتر يمن جي گاديءَ واري شهر صنعا ۾ عرفات پنهنجي مايوس فوجن جي اجتماع لاءِ ڪجهہ وقت ترسيو ۽ ان کان پوءِ تيونس ڏانهن روانو ٿيو، جتي فتح جي سينيئر ساٿين جي سرد آجيان سنڌس منتظر هئي. کيس ان تي نہ تہ اچرج هو نہ ڪا پريشاني. عرفات جي خيال موجب پنهنجي خطرناڪ ويڳاڻپ مان نڪرڻ جو پي- ايل- او وٽ واحد رستو ڪي جوکم کڻڻ جو هو. ١٩٨۴ع جي پهرين هفتي دوران تيونس ۾ ٿيل فتح جي ڏهہ رڪني مرڪزي ڪميٽيءَ نماڻائي مان اعلان ڪيو تہ عرفات جو قاهره وارو دورو گڏيل قيادت جي اصولن ۾ هڪ ڏار آهي، ۽ خود سنڌس سرگرمين کي محدود ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ڪجهہ بہ هجي، اِهو مصر بابت پي- ايل- او جي سرڪاري پاليسيءَ خلاف قدم کڻڻ جي موٽ ۾ اُنتهائي ڪمزور قدم هو. عرفات جي مايوس ساٿين کي پلي پت جاڻ هئي تہ هو

اڳي وانگر سندن ڪجهه ڳالهين سان سهمت ٿيڻ واري پوزيشن ۾ نه رهيو آهي.

ان ڪڏجاڻي ۾ ڪيل اهم ترين فيصلو اردن بابت هو. عرفات ۽ شاهه حسين وچ ۾ گذريل سال ٿيل ڳالهين ۾ ڏڦيڙ پوڻ کان پوءِ پاڻ ۾ ڳالهه ٻولهه بند هئي. هاڻ مرڪزي ڪميٽيءَ پي- ايل- او اڳواڻ کي سندس مرضيءَ موجب پنهنجن پراين بچائي رکيل ساٿين سان ٻيهر رابطا قائم ڪرڻ جي اجازت ڏني. ان ۾ به ڪيئي شرط مڙهيا ويا هئا. ڪميٽي پهرين سيپٽمبر ١٩٨٢ع واري ريگن رٿا کي ٿڏي ڇڏيو هو، جنهن ۾ هُن اردن سان ڪنفيڊرل ڍانچي ۾ هڪ خودمختيار آزاد فلسطيني ماتريوميءَ جي ڳالهه ڪئي هئي، ڪڏجاڻي ان تي به زور ڀريو هو ته والاريل علائقن ۾ آزاد فلسطيني رياست قائم ڪرڻ لاءِ اردن سان ڪو ناهه شرطن بنا هئڻ گهرجي. پر اهڙين تنبيهن عرفات لاءِ ڪا خاص اهميت نه ڇڏي رکي. اهم ڳالهه اِها هئي ته فتح جي اعليٰ قيادت ڪيس اردن ۾ فلسطينين جي نئين سر ميلاپ لاءِ اختيار ڏنا هئا. جيڪي وچ اوڀر امن ڪاوشن ۾ ڪنهن به ريت سندن شرڪت لاءِ انتهائي ضروري هئا. اولهه جو حمايتي حسين، عرفات لاءِ آمريڪا کان ملندڙ معتبري، ايستائين جو امڪاني طور تي ميتا لاءِ ٽڪيٽ بڻجي پئي سگهيو.

عرفات لاءِ پنهنجي چاهت جي اظهار واسطي مليل ان ٻئي موقعي جي نزاڪت کي سمجهندي، شاهه حسين ١٦ جنوريءَ تي ڏهن سالن جي تعطل کان پوءِ پنهنجي پارليامينٽ جو اجلاس سڏرايو ۽ ان جي افتتاحي اجلاس ۾ تقرير ڪندي هُن پي- ايل- او تي وچ اوڀر امن ڳالهين بابت ڪنهن 'سياسي فارمولي' تي راضي ٿيڻ لاءِ زور ڀريو. هُن پنهنجي خواهش پٽاندڙ فارمولي بابت ڪو شڪ باقي نه ڇڏيو. اردن جي لهاڙي ڳاديءَ واري شهر ۾، عرفات جي نئين سر آمد اثر نظر اچي رهي هئي.

پر اردن سان پيل ڏارن کي ڀرڻ کان اڳ، عرفات جي انتهائي دٻاءُ ڀري ذميواري، ست ڇڏايل پي- ايل- او کي ٻيهر بحال ڪرڻ هئي. 'آزادي جي جنگ' ۾ پنهنجي بنيادن تائين ڏونڌاڙيل تنظيم، پيش ڪيل للڪارن سبب ايتري خراب صورتحال ۾ اڳي ڪڏهن به نظر نه آئي هئي. عرفات اِهو پڻ ڄاتو ٿي ته خود ڪيس اڳواڻ طور مڃرائڻ لاءِ غيرمعمولي ڪرت جي ضرورت هوندي. ان ڏس ۾ هُن ٽريپوليءَ مان نيڪاليءَ واري ڏينهن کان فلسطيني 'پارليامينٽ' فلسطيني قومي ڪائونسل جو اجلاس گهرائڻ لاءِ ڪم پئي ڪيو. پر عمان ۾ اهڙي ڪڏجاڻي لاءِ پنهنجي ساٿين سرتن کي آڻڻ ۽ راضي ڪرڻ ۾ ڪيس سڄو سارو سال لڳي ويو.

ساڳي سال جنوريءَ ۾، مايوس خليل الوزير عرفات تي زور ڀريو ته لبيا ۽ شام پاران متبادل قيادت پيدا ڪرڻ وارين ڪاوشن کي منهن ڏيڻ لاءِ پي- ايل- او جي صفن کي متحد ڪرڻ لاءِ مڪمل ڪوشش جي اجازت ڏي. عرفات جي هُل هنگامي واري سفارتڪاريءَ کي مناسب نه سمجهندڙ وزير مٿس زور ڀريو ته تنظيم

جيستائين پنهنجو گهر نہ سدّاريندي، اُها موجود للڪارن ڪي منهن بہ ڏئي نہ سگهندي. ان وسيلي انهيءَ شامي ڪوڙ ڪي بہ بچڙو ڪرڻو هو تہ عرفات فلسطينين جي حمايت وڃائي چڪو آهي. منطقي ڳالهہ هئي تہ ان ريت دمشق ۾ ٿانيڪن ٻن ڪاوڙيل گروپن: فلسطينين جي آزادي لاءِ عوامي ۽ جمهوري محاذن (PELP & DFLP) سان سرچاءُ جي ڪوشش ڪجي.

ناراضگين تي قابو پائڻ لاءِ ٿيندڙ اهي ڪوششون، جن ۾ الجزائر ۽ ڏکڻ يمن ٿياڪڙ هئا، چرڪائيندڙ تيزيءَ سان اڳتي وڌيون. جولاءِ جي شروع ۾، رمضان جي پڇاڙي واري پنهنجي سنيهي ۾، عرفات اِهو اعلان ڪرڻ جي لائق ٿي ويو تہ هو انهن ٻنهي تنظيمن جي اڳواڻن جارج حباش ۽ نايف حواتمہ سان ڳالهين جا شرط طيءِ ڪرڻ لاءِ راضي آهي. (١١)
سرچاءُ بهرحال فلسطيني تحريڪ لاءِ مڪمل طور تي سرهائيون نہ پئي آنديون، فتح جي باغين ان ۾ شريڪ ٿيڻ نہ پئي چاهيو ۽ نہ وري سندن آقا لبيا ۽ شام ان تي راضي هئا.

١٢ جولاءِ تي 'عدن- الجيرس ٺاهن' نالي سان اعلان ڪيل معاهدن ۾ نازڪ سهمتيءَ جو خاص خيال رکيو ويو. ان ۾ پي- ايل- او جي شريڪ گروپن جي مستقبل ۾ ڪرت بابت تفصيلي اُپٽار ٿيل هئي ۽ ان ۾ اردن ۽ مصر سان ناتن جهڙن تڪراري مسئلن تي عرفات کي تنظيمي نقطءِ نظر جو تابع بنائڻ لاءِ ڪيترائي فقرا شامل هئا. (١٢) گهٽ ۾ گهٽ نظرياتي طور تي ايئن هو. عملي طور تي، ڪي گهٽا مهينا نہ گذريا هئا جو عرفات ان ٺاهہ تي پنهنجي مطلب جا پٽا ڪشڻ لڳو.

عدن- الجيرس ٺاهہ هڪ ٻئي ڏس ۾ پڻ اهم هئا: والاريل علائقن تي خاص طور تي ڌيان ڏيندڙ فقري نمبر ١، اسرائيلي والار سان ٽڪراءُ ۾ وڌ کان وڌ ممڪن ذريعا لڳائڻ جي ضرورت تي زور ٿي ڏنو ۽ ان ۾ چيو ويو هو تہ 'والاريل علائقن ۾ اسرائيلي والار خلاف' ان جي تباهي پري دهشتگرديءَ پريل قدمن ۽ زمينون ڦٻائڻ جي بي روڪ ڪوشش، والاريل علائقن تي پنهنجو قبضو سگهارو ڪرڻ لاءِ وسيتون ٺاهڻ ۽ اصل آباديءَ کي بي دخل ڪرڻ وارن عملن خلاف اسان جي عوام جي جدوجهد جي هر قسم جي مدد ڪبي. (١٣)
اردن ۽ لبنان واري عرصي ۾ قيادت، والار هيٺ رهندڙ فلسطينين جي مسئلي تي جوڳو ڌيان ڏئي نہ سگهي هئي. طاقت جي نشي ۾ چُور ۽ ٻن گهرو لڙاين ۾ شرڪت سبب عرفات ۽ همعصر گروپ اڳواڻن والاريل علائقن ۾ هيٺين سطح تائين حمايت حاصل ڪرڻ ۽ اسرائيلي راڄ خلاف سورماٽي مزاحمت لاءِ ڪو خاص ڪم نہ ڪيو هو، پر جڏهن پي- ايل- او لبنان ۾ انتهائي دہاءُ جو شڪار بڻي ۽ هٿياربند جدوجهد بي مقصد ۽ بي وقعت محسوس ٿيڻ لڳي تہ والاريل علائقن پنهنجو پاڻ کي

جنگ جو ست پريو ميدان ثابت ڪرڻ شروع ڪيو.

پي- ايل- او جي ڪا بہ ڏر اُن محاذ تي عرفات جي فتح جيتري سوڀاري نہ ٿي هئي. تنظيم جي سڀ کان وڏي گروپ طور ونس والاريل علائقن ۾ سيڙائڻ لاءِ ذريعا بہ چڱا خاصا هئا ۽ خليل الوزير جي روپ ۾ سندس مستقل مزاج آرگنائيزر سون تي سهاڳو هو. ١٩٨١ع کان پوءِ، پي- ايل- او جي اولهندي سيڪٽر، جنهن ۾ اولهندو ڪنارو ۽ غزه واري پٽي بہ شامل هئي، جي ڪمانڊر وزير، پنهجو وڌ ۾ وڌ وقت والاريل علائقن تي لڳايو. سندس مقصد، خود سندس ئي لفظن ۾، "بانبڙا پائڻ کان قبر ۾ دفن ٿيڻ لاءِ ويندڙ اسرائيلين خلاف هڪ متبادل اختياري قائم ڪرڻ هو." (١۴)

عرفات جي منظوريءَ سان هُن رابطن جو هڪ وسيع ڍانچو قائم ڪيو. هُن اولهندي ڪناري ۽ غزه واري پٽيءَ ۾ هزارين فردن جي ذاتي حاثيتي حاصل ڪئي ۽ اسرائيلي جيلن ۾ باندي فلسطينين سان رابطي ۾ رهيو. ہيو تہ ڇا پر هن پاڻ جيلن وچ ۾ رابطي جو هڪ سرشتو پڻ جوڙي ورتو. ١٩٨٢ع ۾ لبنان کان پي- ايل- او جي نيڪال کان پوءِ، هُن خاموشيءَ سان عمان ۾ هڪ گهر ڪرائي تي ورتو هو، جتان هو اردن نديءَ جي هُن پار پنهنجي ڪارندن سان روزانو رابطو رکندو هو. سندس رهبريءَ ۾، اسرائيلي راڄ هيٺ فلسطيني سماج ۾ قائم ٿيل ڪيترن ئي ادارن ۾ فتح گهڙي وئي. ان جو شاگرد تنظيمن، يونينن، صحافين ۽ عورتن جي گروپن ۾ چڱو خاصو اثر پيدا ٿي ويو هو.

عرفات ڊگهي عرصي کان والاريل علائقن ۾ يهودي آبادين کي انتهائي خطرو سمجهي رهيو هو. هُن ڀلي ڀت اِهو ڄاتو ٿي تہ آمريڪي پٺڀرائي ڪري بينڪيتي علائقو جوڙي، ان تي ڪنٽرول آڻڻ واري اسرائيلي حق کي ڪو لهر لوڏو نہ هو. ڇا ١٩٨۴ع جي بهار ۾، والاريل علائقن جي هڪ خلاصي اسرائيلي جي ايپاس تيونس ۾ رهندڙ قيادت جي ڊپ کي ثابت نہ ڪيو هو؟ لبرل آمريڪي ادارن جي مالي سهائتا سان تيار ڪيل رپورٽ، ان نتيجي تي پهتي هئي تہ اسرائيلي آبادڪاريءَ واري سرگرمي اُتي وڃي پهتي آهي، جتان موٽڻ محال آهي ۽ اِهو تہ اسرائيل جي علائقا حاصل ڪرڻ واري ڪرت ختم ٿيڻ جوڳي نہ هئي. (١٥)

ٽريپوليءَ مان پنهنجي نيڪاليءَ کان پوءِ وارن مهينن ۾، عرفات هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجي دائمي ڊڪ ڊوڙ ۾ لڳي ويو. تيونس جي زندگي ايتري تہ سست هئي جو هُن لاءِ ڪجهہ ڏينهن لاڳيتو اُتي گذارڻ محال هو، ۽ ساڳي ريت فلسطيني سرچاءَ واري ٽڪائيندڙ ڪرت جي ڏُهڻ ۾ ڦاسڻ قبول نہ ڪيو. اِهو معاملو سندس ساٿين ۽ مددگارن تي ڇڏيل هو، ۽ عرفات عالمي سفارتڪاريءَ ۾ جنبي ويو. سال جي وچ ڌاري هُن مصر جي اسلامي سربراهي ڪانفرنس ۾ واپسيءَ لاءِ مدد ڪئي. هُن هڪ ڀيرو ٻيهر نار جنگ لاءِ پنهنجي تياڪڙي جي آڄ ڪئي، اِها ڳالهہ آهي تہ

هو ايران ۾ پنهنجائپ وارو رويو گهڻو اڳ وڃائي چڪو هو. انهيءَ سرگرميءَ جي حقيقت ۾ ڪا وقعت هئي يا نه پر عرفات رڳو وقت ڪڍڻ ٿي چاهيو. هو شاهه حسين سان پنهنجي امن ڳالهين کي هيهر شروع ڪرڻ لاءِ موزون وقت جو انتظار ۽ اسرائيل جي صورتحال تي ڪرڙي نظر رکيو پئي آيو. جتي چونڊن کان اڳ ٽيندڙ هڪ جائزي موجب جولاءِ جي چونڊن ۾ شمعون پيريز جي سرواڻي واري ليبر پارٽي کٽي سگهي.

پي- ايل- او اڳواڻ کي ان بابت ڪو شڪ نه هو ته چونڊون انهن امن ڳالهين لاءِ ڪا رڪاوٽ پيدا ڪنديون، جن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ هو آتو هو. ڪنهن حد تائين فراخدل پيريز جي قيادت ۾ ليبر سوپ مان چڱي اُميد رکي پيئي سگهجي، سخت گير آئزڪ شمير جي سرواڻيءَ ۾ ليڪڊ جي فتح جو مطلب تعطل جاري رهڻ هو. تعطل پرين چونڊن کان پوءِ حڪومت جوڙڻ تي ڪيترن ئي هفتن جي اٿل پٿل کان پوءِ پيريز ۽ شمير نه چاهيندي به 'قومي ايڪتا واري حڪومت' ۾ ٻين ڌرين سان گڏيا. اها امن قائم ڪرڻ لاءِ هڪ وڏيڪ اُجال چاهيندڙ ٻن عرب اڳواڻن لاءِ مشڪل سان هضم ٿيندڙ صورتحال هئي. ١٩٨۴ع جي سرءُ کان عرفات ۽ حسين، چڱائي لاءِ يا اُگرائپ لاءِ، قرب جون ڪچهريون ڪري رهيا هئا، جن اڳتي هلي ميل ميلاپ ۽ نيٺ علحدگي جي شڪل اختيار ڪئي.

عرفات لاءِ اجان تائين اهم سوال اهو ته هو پنهنجي تحريڪ کي پاڻ سان گڏ ڪهڙي ريت اَڏي تائين آڻي؟ ان ڪري ئي هُن پي- ايل- او جي 'پارليامينٽ' جو اجلاس سڏرائڻ ٿي چاهيو. بس ڪيس رڳو ان اجلاس لاءِ جاءِ ۽ ڪورم پورو ڪرڻ جو مسئلو آڏو هو. ڪيترائي همراهه عرفات جي منهندار صلاحيت کي وڏائيندڙ ان اجلاس جي راهه ۾ رڪاوٽون وجهي رهيا هئا، پر انهن مان ڪو به سندس پراڻي ويري حافظ الاسد کان وڌيڪ سرگرم نه هو. جيڪڏهن هو عرفات کي خود سندس صفن ۾ ڏار وجهي به عهدي تان هٽائي نه سگهيو ته پوءِ هُن وٽ ڪجهه ٻيا طريقا به هئا. سيپٽمبر ١٩٨۴ع ۾، اسد صدر شازلي بن جديد کي عرفات جي رٿيل اجلاس جي ميزبانيءَ کان روڪڻ واسطي الجزائر ڏانهن سفر ڪرڻ لاءِ پنهنجو مضبوط ڳڙهه دمشق ڇڏڻ جو غيررواجي قدم کنيو. شازلي بن جديد ساڻس سهمت ڏيکاري.

ان مرحلي کان، عرب دنيا ۾ پي- ايل- او اجلاس لاءِ جاءِ جي تعين بابت چوٻول هلڻ لڳو. دمشق ۾ ٽانيڪن گروپن جي شرڪت کان سواءِ ٣٨۴ ميمبرن واري اداري جي ٢/٣ ميمبرن جي ڪورم پوري ڪرڻ واري عرفات جي صلاحيت سندس قيادت جي اهليت جو ماپو بڻجڻ لڳي. مذاق ۾، عرفات پنهنجي ٻڌندڙن کي اهو چوڻ شروع ڪيو ته سِمورن هنڌان نامُراد ٿيڻ کان پوءِ هو يونچ سمنڊ ۾ 'جهاز جي ڊِڪي' تي به اجلاس گهرائيندو. جيئن عرفات به ڄاتو ٿي، اِهو ضروري نه هو.

هُو، گهڻي عرصي کان اردن جي گاديءَ واري شهر عمان ۾ فلسطيني قومي ڪائونسل جو اجلاس گهرائڻ جو فيصلو ڪري چڪو هو.

عمان ۾ هڪ عوامي اجتماع جي صدارت ڪرڻ جي صورت ۾ ڪيس والاريل علائقن ۾ ويهه لک فلسطيني ۽ خود اسرائيلي پڻ ڏسي پئي سگهيا. اِهو ڪيس سندس نئين حمايتي مرڪز مان وڌيڪ لاپ ڏياري پئي سگهيو. اجلاس لاءِ جاءِ نه ڏيڻ وارا جڻ ته پاڻ عرفات جي مرضيءَ موجب سندس هٿن ۾ ڪيڏي رهيا هئا.

ان ريت همه وقت فنڪار عرفات لاءِ، سندس جوڳن ڪردارن مان هڪ لاءِ اسٽيج تيار ٿي ويو. هو هڪ ٻئي ناميار عرب ڪلاڪار حسين بن طلال جي حمايت حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو هو. ١٢ نومبر تي عدن کان پنهنجي نشريات ۾، 'فلسطين جو آواز' ريڊيو اعلان ڪيو ته "قيادت واضح طور تي حتمي ۽ اُتساهيندڙ اعلان ڪيو آهي ته ٢٢ نومبر فلسطيني قومي ڪائونسل جي اجلاس جي حتمي تاريخ هوندي ۽ ڪائونسل جو سترهون اجلاس عمان ۾ ٿيندو." (١٦) ان ڪنهن ميلي جي اعلان وارو ڪم ڏيکاريو.

٢٢ نومبر جي سانجهيءَ مهل، عمان جي ٽڪرائين جبلن تي راندين جي هڪ ڪامپليڪس ۾ شاهه حسين چوڏهن سالن جي وقفي کان پوءِ اردني ڌرتيءَ تي ٿيندڙ پي- ايل- او جي پهرين وڏي پيماني واري اجلاس جو باضابطا افتتاح ڪيو. ان وڏي هُل هنگامي واري افتتاحي اجلاس لاءِ تمام ٿورڙن صحافين ۽ سفارتڪارن کي نيندڊ ڏني وئي هئي. پنهنجين نشستن تي ويٺلن ۾ اُنهن انقلابين جو تمام ٿورڙو ڳاٽيٽو هو، جيڪي بليڪ سيپٽمبر کان پوءِ شاهه حسين جو رت پيئڻ جا خواهشمند هئا ۽ انهن سميت سمورا هڪ پيرو بيهر عمان ۾ هئا، ۽ هڪ اهڙي شخص جي تقرير ٻڌي رهيا هئا، جنهن کي ٻين سميت خود عرفات به 'ڪاسائي' ڪري ڪوٺيو هو. اُتي بليڪ سيپٽمبر دهشتگرد تنظيم جو روح روان خلف به موجود هو، جنهن پاڻ مڃيو هو ته هُن شاهه حسين کي جهنم اُماڻڻ جون هڪ کان وڌيڪ ڪوششون ڪيون هيون. اُتي آيلن جي حفاظت لاءِ، راندين واري ڪامپليڪس جي حفاظت جي ذميواري حسين جي انهن بدو جوڌن جي هئي، جيڪي ٿورڙا سال اڳ ئي، عمان ۾ پي- ايل- او جي گوريلن کي ڏسندي ئي ڪين گولين سان پَرُڻ ڪري رهيا هئا.

ٿيهن منٽن تائين پنهنجي پرسوز تقرير ۾ هڪ پيرو به جذباتي ٿيڻ بنا حسين پي- ايل- او تي 'ماٺار' مان جان ڇڏرائڻ تي زور ڀريو. وڌيڪ واضح انداز ۾، هُن فلسطينين تي سلامتي ڪائونسل جي ٺهراءُ نمبر ٢٤٢ کي جوڳي ۽ امن ڀرئي حل جي بنياد طور قبولڻ لاءِ زور ڀريو. (١٧)

شاهه تي درپيش سڀ کان ڏکين مسئلن جو ذڪر ڪرڻ ۾ ناڪاميءَ جو الزام نٿو ٿري سگهجي.

حسين لاءِ ٺهراءُ نمبر ٢٤٢ کي مڃڻ، ان جي ١٩٦٧ع واري جنگ کان اڳ جي سرحدن ۾ اسرائيلي وجود جي حق جي حمايت سميت، عرب- اسرائيلي ڇڪتاڻ جي حل لاءِ نہ رڳو ضروري شرط هو پر آهي بہ. پر سنڌس ھٿنڌڙن جي اڪثريت لاءِ اهو ٺهراءُ 'باالفور اعلان نامي' سائيڪيس- پيڪٽ ٺاهہ گڏيل قومن جو ١٩٤٧ع واري ورهاڱي واري رٿا ۽ ڪئمپ ڊيوڊ ٺاهڻ سميت فلسطينين جي حقن خلاف گهري سازش هو. حسين جي تقرير اُن وقت تہ ڪو هُل هنگامو پيدا نہ ڪيو، پر ان جي اهميت اوڏي مهل سامهون آئي، جڏهن جوش سان اجتماع آڏو ڪي چٽاءَ آيا ۽ سنجيده ڳالهين تي بحث شروع ٿيو.

عرفات آڏو خود سنڌس ڪرت هئي ۽ ڪيس اِها پرپور انداز ۾ ڏيکارڻي هئي. سنڌس آڏو عمان ۾ موجود ھٿنڌڙ، دمشق ۾ سنڌس دشمن ۽ سڀ کان وڏيڪ اهم پي- ايل- او جي نين ڪارروائين لاءِ اهم حيثيت رکندڙ والاريل علائقن جو عوام هو. "اسين پنهنجي فلسطين کان رڳو ڪجهہ ميل ئي پري آهيون." هُن جذبات مان اعلان ڪيو. (١٨)

انگي حساب سان تہ اِها ڳالهہ صحيح هئي پر پي- ايل- او جي اسرائيل سان گڏ ڳالهين جي هڪ ميز تي ويهڻ يا علائقي جي هڪ انچ تي بہ قبضو ڪرڻ اڃان گهڻو پري جي ڳالهہ هئي. ماضيءَ وانگر، هن پيري بہ تصوراتي ڪيل عملي صورتحال تي ڇانيل هو.

ڪا ڳالهہ ناهي: عرفات آڏو خود پنهنجا توريل تڪيل مقصد هئا. هن نين امن ڳالهين لاءِ تياريون ڪرڻ ٿي چاهيون، جنهن جو تڪڙو مقصد فلسطيني حقن بابت آمريڪي مڃتا ماڻڻ ۽ پي- ايل- او کي فلسطينين جي ترجمان واري حيثيت ۾ سرٽيفڪيٽ ڏيارڻ هو. هن پاڙيسري والاريل علائقن ۾ پي- ايل- او جي رابطن تي پڙدو وجهڻ لاءِ حسين ۽ اردن سان عملي سهڪار جو ڏيک ڏيڻ ٿي چاهيو. سڀ کان وڌيڪ اهو تہ هن دمشق کان سنڌس سرواٽي جي پڄاڻي لاءِ ايندڙ لاڳيتي گُهر کي بي اثر بنائڻ ۽ خود سنڌس صفن مان سنڌس بااختيار قيادتي انداز تي ٿيندڙ تنقيد کي ختم ڪرڻ ٿي چاهيو. ان لاءِ هُن انتهائي عجيب و غريب ڊرامائي طريقن جي چونڊ ڪئي هئي.

ساٿين سان صلاح مشورو نہ ڪرڻ تي آخري اجلاس ۾ ٿيل مٿس سخت لفظن واري تنقيد جي جواب ۾ هُن ناٽڪي انداز سان پنهنجي استعفيٰ پيش ڪئي. اِهو ڪو پهريون ڀيرو نہ هو جو هن پنهنجي راهہ ڌار ٺاهڻ جي ڌمڪي ڏني هئي، پر هاٺوڪي ڀيري هُن انهيءَ ڊرامي ۾ هڪ ڏيک وڌائي پنهنجي ساٿين کي 'گڏهہ بدلائڻ' (١٩) لاءِ چيو. گڏهہ عربن لاءِ انتهائي ناهڪاري مطلب رکي ٿو جيڪو وٽن انتهائي بيوقوف ۽ نڪمو مشهور آهي. اِهو عرفات پاران جڻ خود- تنقيديءَ جو اظهار هو. ناٽڪ ۾ وڌيڪ جان وجهڻ لاءِ هُن پنهنجي استعفيٰ سڄي رات ۽ ايندڙ

سڄو ڏينهن پنهنجي بينچ تي رکي ڇڏي. جڏهن اجلاس ٻيهر شروع ٿيو تہ عرفات خاموشيءَ سان ويٺلن جي ٽين قطار ۾ ويهي رهيو ۽ ڪارين ۽ اڇين پٽين وارو پوتڙو مٿي تي ٻڌي، ساٿين سان گپ شپ ڪندو رهيو. اُتان ڪيس ڪو بہ هٽائي نہ پئي سگهيو ۽ نہ ئي ڪنهن کي ان جو حق بہ حاصل هو. شاگرديءَ جي دور واري سندس جهوني دوست ۽ ڪائونسل جي ڊپٽي اسپيڪر سليم زعنون مٿس استعفيٰ واپس وٺڻ لاءِ زور پرڻ واسطي اجلاس جي رسمي ايجنڊا ملتوي ڪري ڇڏي. "تون رڳو پنهنجي لاءِ ناهين." زعنون جذباتي لهجي ۾ اعلان ڪيو. "تون فلسطيني عوام جي نالي ٿيل آهين." (٢٠)

اُن لمحي پناهگير ڪئمپن جي ڪجهہ جهونن همراهن جو ٿولو روايتي عرب ميڙ واري انداز ۾ ظاهر ٿيو. هُن عرفات کي گهليندي ۽ ڇڪيندي تقرير واري ڊائيس تي آندو. ان موقعي تي تقرير ڪندي هُن چيو تہ هو پنهنجي استعفيٰ فقط ان ڪري ٿو واپس وٺي جو شام ۾ فتح جي باغين جي 'سازش' رڳو سندس خلاف نہ پر خود پي- ايل- او خلاف پڻ آهي. "رڳو توهين ئي مون کي عهدي تي رهڻ يا ان کي خالي ڪرڻ لاءِ چئي سگهو ٿا." هُن اعلان ڪيو. "ڪنهن بہ عرب حڪومت کي اهڙو ڪو بہ حق ناهي." (٢١) هُن پرڏيهہ ۾ موجود دشمن جي ڌمڪيءَ بابت تمام گهڻي تلخيءَ سان ڳالهايو. ڇا هُن گذريل ڪجهہ ڏينهن دوران عمان ۾ ٿيل بمن جا ڌماڪا نہ ٻڌا هئا؟ ڇا ڪانفرنس جي مرڪز تي حملو ڪرڻ لاءِ هڪ لبيائي سخوئي بمبار جهاز شامي ڪنٽرول واري اُپرندي لبنان ۾ تيار نہ بيٺو هو؟

پنهنجي عالمي شهرت يافتہ خاڪي ورديءَ ۾ پنهنجي پائرن آڏو بيٺل، بندرو عرفات مسئلي جي جذباتي پهلو تي آيو: "توهين، فلسطيني قومي ڪائونسل جا ميمبر جيڪي فلسطيني عوام جا قانوني حقدار آهيو." هُن اعلان ڪيو: "توهين ئي اهو فيصلو ڪرڻ جا اهل آهيو. توهين ئي چئي ٿا سگهو تہ ابوعمار وڃي يا ابوعمار ترسي." (٢٢)

اها يقيناً 'ابوعمار ترسي! ابوعمار ترسي!' وارا نعرا لڳرائڻ جي چرچ هئي. معتبراڻي انداز ۾ عرفات سندن چاپلوسيءَ آڏو سيس نوايو. "منهنجو ڪو گهر ناهي." هُن چيو. "آءٌ انقلاب جو سپاهي آهيان. آءٌ حڪم نہ مڃڻ جو سوچي بہ نٿو سگهان." (٢٣)

ان ڪٿا سندس ڪيترن ئي پراڻن ساٿين جي چهرن تي مُرڪ آندي، جيڪي سندس حرڪتن مان تنگ هوندي بہ ساڻس گڏجي ڪم ڪرڻ تي مجبور هئا. عرفات پنهنجي ليکي ٻيهر فلسطينين جو اڳواڻ بڻجي چڪو هو.

عرفات لاءِ انهيءَ حمايت دمشق کي چيڙائي وڌو. شامين جون نہ رڳو اجلاس روڪرائڻ واريون ڪوششون ناڪام ٿي ويون هيون، پر اُهي والاريل علائقن ۾ فلسطينين لاءِ اردني ٽي- ويءَ ذريعي روزانو پيش ٿيندڙ پروگرام جي جواب ۾ پڻ

ڪارائتو پروگرام نشر ڪري نہ سگهيا. اِها ڳالهہ خاص طور تي وڏيڪ ايذائيندڙ هئي تہ خود شام ۾ رهندڙ تقريباً ادائي لک فلسطيني روز شام جو اردني ٽي- ويءَ جو اُهو پروگرام ڏسندا هئا. جيڪڏهن، ١٩٨٤ع وارو فلسطيني قومي ڪائونسل جو اجلاس، جنهن جو دمشق ۾ ٿانيڪن سمورن گروپن بائيڪاٽ ڪيو هو، عرفات جي فلسطيني تحريڪ جي قيادت خلاف هڪ وڏيڪ ڪوشش هئي تہ ان جي ٻاهرين ڪرت 'نشرياتي لهرن جي ويڙهہ' هئي ۽ فتح ڪي ان متعلق ڪو بہ شڪ نہ هو. حالتن ڪي پنهنجي فائدي لاءِ استعمال ڪرڻ جي فن ۾ عرفات جو ڪو جوڙ نہ هو.

جڏهن شام باغين جي جتي پاران 'غدار عرفات' مان جان ڇڏرائڻ واري ڪرت ڪي اڳتي وڌائيندو رهيو، پي- ايل- او جي اعليٰ قيادت سڄي علائقي ۾ فلسطينين سان واسطو رکندڙ ماڻهن تائين رسندي، وڏ ۾ وڏ مثبت ۽ ڪليل بحثن ۾ رُڌل رهي. والاريل علائقن ۾ ان جو ردعمل يروشلم جي ڊيئشيهہ پناهگير ڪئمپ جي هڪ نوجوان جي جملي مان ملي ٿو: "مون ان (فلسطيني) جمهوريت ڪي ٽيليويزن ذريعي پروڙيو آهي." هُن اخباري خاطوئن ڪي ٻڌايو. (٢۴) اسرائيلي روزنامي هارٽيز جي هڪ خاطو جو چوڻ هو تہ "ٻهريون ٻيرو ماٺهو پي- ايل- او ڪي پنهنجي لاءِ عمل ۾ رُڌل ڏسڻ جا اهل بڻيا. هو نہ رڳو اردني ٽي- وي ذريعي عمان ۾ ٽيندڙ فلسطيني قومي ڪائونسل جو اجلاس ڏسي پئي سگهيا پر شامي ٽي- وي ذريعي دمشق ۾ موجود عرفات مخالفن جو موقف ٻڌي پئي سگهيا. انهيءَ چٽاپيٽيءَ ۾ عرفات جي مقبوليت وڌيڪ هئي. ماٺهن ڪائونسل جي ڏاهپ ڀرين بحثن ۽ تقريرن ڪي ٻڌي دمشق مان ايندڙ ڳجگوڙ ٽي ڪنائي ۽ اِهو ٽي مشاهدو ڪيائون تہ هو ڪيئن نہ عرفات جي پٺيءَ ۾ وار ڪرڻ لاءِ آتا آهن. (٢٥) هئي پاسي اسرائيلي پرڏيهي وزير آئزڪ شمير تلخيءَ مان اِهو انومان ڪيو تہ ان ڪارڪردگيءَ 'دهشتگرد تنظيم پي- ايل- او جو آواز' اجائين ويجهو آٽي ڇڏيو آهي. (٢٦)

عرفات پنهنجي سر سڄي هفتي جي سوچ ويچار ڪي هڪ للڪار جي صورت ۾ آڏو آندو. ڪڏجاٽي جي نتيجن ڪان سعودي عرب جي شاهہ فهد کي باخبر ڪرڻ لاءِ سعودي عرب اُسهڻ ڪان اڳ هڪ پريس ڪانفرنس ۾ هُن شام ۽ فلسطيني باغين تي چٽي تنقيد ڪئي: "اسين ان موقف تي قائم آهيون تہ اِهو فاشزم اسان ڪي پنهنجي جمهوري قدرن تان هٽائي نٿو سگهي." هُن اعلان ڪيو: "اسين بندوقن جي انهيءَ جهنگ ۾ پنهنجي نظرياتي قدرن جو بچاءُ ڪنداسين." (٢٧)

سال ختم ٿيڻ ڪان اڳ، عرفات ۽ سندس اهلڪارن ڪي هڪ ٻيرو ٻيهر اِهو ياد ڪرٿو پيو تہ 'بندوقن جي جهنگ' وٽ اجان تائين هراس پکيڙڻ ۽ ڏڪيڙ وجهڻ جي طاقت موجود آهي. ٢٩ ڊسمبر تي، اولهندي ڪناري ۾ هيبرون جي معطل ڪيل

اڳوڻي ميئر ۽ پي- ايل- او جي ايگزيڪيٽو ڪميٽيءَ جي هڪ نئين ميمبر فهد ڪواسمہ کي عمان ۾ گولين جو نشانو بڻايو ويو. خليل الوزير هڪدم الزام هنيو تہ اِهو قتل شامي چرچ تي ڪيو ويو آهي. اِهو عرفات جي انهن دشمنن پاران تڪڙو پلاند هو، جيڪي سندس 'بيهر چوند' تي توائي هئا.

پر عمان گڏجاڻي پنهنجن مقصدن ۾ گهڻي ڀاڳي سوڀاري ٿي هئي. جيئن خود عرفات پڻ ڏٺو ٿي تہ هاڻ شاهہ حسين سان گڏيل امن ڪاوش لاءِ رستو کليل هو، جنهن وسيلي، آمريڪا سان سڌين سنئين ۽ کلي عام ڳالهين وارو سندس هڪ اهم مقصد پڻ پورو ٿي پئي سگهيو. هڪ نئين امن فارمولي تي راضپي لاءِ سندس ڪوشش چڱي خاصي قرّتي ڏيکاري، ڇاڪاڻ جو شاهہ فهد فيبروري ١٩٨٥ع جي ٻئي هفتي ۾ واشنگٽن جي دوري لاءِ اُسهيو هو. عرفات ۽ شاهہ حسين، ٻئي معصوماڻي انداز ۾ ان تي سهمت هئا تہ سعودي بادشاهہ ئي اُهو مناسب ماڻهو آهي، جيڪو سندس امن رٿا کي آمريڪين تائين سٺي انداز ۾ رسائي سگهي ٿو.

فهد هڪ نئين امن قدم لاءِ پي- ايل- او- اردني ڪوشش کان واقف هو. ڪيس ٻنهي ڌرين ڏار ڏار ان متعلق باخبر بڻي رکيو. هو ٻنهي ڌرين پاران اهڙن پنهنجائپ ڀريل لفظن لاءِ بہ شڪ مان اُتاولو هو، جيڪي فلسطيني راءِ عامہ، اردنين ۽ آمريڪين لاءِ قبول ڪرڻ جوڳا ٿي پئي سگهيا. سندس بيچيني درست ثابت ٿي، پر اِنهيءَ سندس صدر ريگن سان دوستاڻي ماحول ۾ ڳالهين واري ڏينهن تي، عرفات ۽ حسين سيني لاءِ قبولڻ جوڳي فارمولي ۾ چرپائپ سان ڳهاءُ ڪري وڌو.

حوالا

باب تيرهون

١- Middle East Reporter، ٢۴بسمبر ١٩٨٣ع.
٢- ياسر عرفات انٽرويو، تيونس، ڊسمبر ١٩٨٩ع.
٣- محمد صُحبيہ انٽرويو، قاهره، نومبر ١٩٨٩ع.
۴- پي- ايل- او ۾ وڏي پيماني تي ڦهليل لطيفو.
٥- احمد عبدالرحمان انٽرويو، تيونس، جون ١٩٨٩ع.
٦- نيويارڪ ٽائيمز، ٢٣ ڊسمبر ١٩٨٣ع.
٧- واشنگٽن پوسٽ، ٢٣ ڊسمبر ١٩٨٣ع.
٨- ياسر عرفات انٽرويو، تيونس، ڊسمبر ١٩٨٩ع.

٩- واشنگٽن پوسٽ، ٢٧ ڊسمبر ١٩٨٣ع.
١٠- نيويارڪ ٽائيمز، ١٧ جنوري ١٩٨٣ع.
١١- فلسطيني خبررسان اداري وفا جو ١ جولاءِ ١٩٨۴ع، تي ورجايل.
١٢- ڏاهر Democratic front for the Liberation of Palestine Bulletin
نمبر ٨۴/٨٥، جولاءِ ١٩٨۴ع ۾ ڇپيا.
١٣- ساڳيو.
١۴- محمد حمزه انٽرويو، تيونس، آگسٽ ١٩٨٩ع، حمزه وزير جي آتم ڪهاڻي لکندڙ آهي.
١٥- West Bank Data Base Project:
اسرائيلي پاليسين جو سروي، آمريڪن انٽر پرائز انسٽيٽيوٽ، واشنگٽن ١٩٨۴ع.
١٦- آمريڪي پرڏيهي براڊڪاسٽنگ انفارميشن سروس پاران رڪارڊ ڪيل پي- ايل- او ريڊيو، ١۴ نومبر ١٩٨٣ع.
١٧- Middle East Reporter، ١ ڊسمبر ١٩٨۴ع.
١٨- ساڳيو.
١٩- گارجين، ٢٩ نومبر ١٩٨۴ع.
٢٠- ساڳيو.
٢١- ڊيلي ٽيليگراف، ٢٩ نومبر ١٩٨۴ع.
٢٢- ساڳيو.
٢٣- ساڳيو.
٢۴- واشنگٽن پوسٽ، ٢٨ نومبر ١٩٨۴ع.
٢٥- نيويارڪ ٽائيمز، ٣٠ نومبر ١٩٨۴ع.
٢٦- واشنگٽن پوسٽ، ٢٨ نومبر ١٩٨۴ع.
٢٧- نيويارڪ ٽائيمز، ٣٠ نومبر ١٩٨۴ع.

(۱۴)

بي ميل جوڙ

”هن ٻڪهين ڪوشش ڪان پوءِ، آءٌ ۾ اردن جي شاهي راڄ واري حڪومت اعلان ٿا ڪريون تہ اسين پي- ايل- او جي قيادت سان اوستائين سياسي بنيادن تي سهڪار نہ ٿا ڪري سگهون جيستائين سندن لفظ پنهنجي ضمانت، وابستگي، ساک ۾ مستقل مزاجيءَ جو اظهار نٿا بڻجن.“

شاهہ حسين جو قوم کي خطاب، ۱۹ فيبروري ۱۹۸۶ع.

اهو چڪمندڙ سج وارو سياري جو لڙيل صبح هو. ياسر عرفات پنهنجي بلٽ پروف ليموزائن گاڏيءَ جي وڏي حفاظتي اُپائن واري الندويٰ محل ۾ داخل ٿيو تہ ڳاڙهين پٽين واري ڪفيہ اوڍيل بدو پهريدارن کيس ڦڙتيءَ سان سيلوٽ ڪيو.

ان رستي تان عرفات موڊِي اردني بادشاهہ سان پنهنجن ٻڪهن ۾ تلخ ناتن دوران ايترا تہ پيرا لنگهيو هو، جو ان جو کيس انگ ئي ياد نہ رهيو هو. محل ڏانهن سندس ڪيترائي چڪر رڳو رسمي ميل جول جو حصو هئا، پر هن پيري بنا ڪنهن شڪ جي، هو هڪ خاص ڪم سانگي اوڏانهن پئي ويو. حسين ان ڏينهن تي پنهنجي سفارشن واري هڪ نئين امن قدم تي شاهہ جون اُميدون رکيو ويٺو هو. عرفات پڻ سهمتيءَ تي پهچڻ لاءِ بيقرار هو. اِهو يارهين فيبروري ۱۹۸۵ع جو اهڙو ڏينهن هو جيڪو پي- ايل- او جي تاريخ ۾ انتهائي متنازعي حيثيت والارڻ وارو هو.

حسين عرفات جو روايتي عرب طريقي سان آدرياءُ ڪيو. پنهنجي صلاحڪارن سان گڏ بحث جو دور هلائڻ کان اڳ هنهي هڪ ٻئي لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو. ڳالهيون خوش مزاجيءَ واري مانجهاندي تي پڻ هلنديون رهيون، جنهن دوران حسين ۽ عرفات، پنهنجي صلاحڪارن سان گڏ هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ويٺا هئا. سمورين حرڪتن ۾ ڦڙتي چٽي طرح بکي پئي. اِهو شاهہ فهد جي واشنگٽن واري دوري جو ڏينهن هو. هو ٻئي هن مهينن کان بہ وڌيڪ هلندڙ پنهنجين ڳالهين کان پوءِ ريگن کي ڪجهہ اُماڻ جا خواهشمند هئا. هنن چاتو ٿي تہ شروعات جي پيٽ ۾ هاڻ هو پنهنجي مقصد جي گهڻو ويجهو هئا.

بحث، پراڻي مصيبتن پرئي مسئلي ٺهراءُ نمبر ۲۴۲ ۾ هڪ آزاد فلسطيني رياست بابت هو. اردني، آمريڪي گُهرن کي مان ڏيندي ٺهراءُ نمبر ۲۴۲ جي مڃتا

تي زور پري رهيا هئا تہ پي- ايل- او- مزاحمت تي پڻ فلسطيني پنهنجي اهم گهر تي زور پريندي، ’آزاد رياست‘ ۽ ’حق خوداراديت‘ جي لفظن تي زور ڏيڻ وارا هئا تہ اردني ان کان انڪار ڪرڻ وارا- تن ڏينهن جي اردني پرڌيهي وزير طاهر المصريءَ موجب، اِها لفظن جي اهڙي غيرشاناٿتي ۽ محنت طلب راند هئي، جنهن ۾ مفادن جو پاسو ڳرو هو. ”اسين سدائين اهڙن لفظن جي چونڊ ۾ رڌل رهياسين جن تي پي- ايل- او بہ راضي ٿئي ۽ اِهي آمريڪا جي معيار تي بہ پورا لهن.“ هو ٻڌائي ٿو، ”پي- ايل- او کي اِها پريشاني لڳل هئي تہ اهڙي مسودي تي شامي، سوويت يونين ۽ تنظيم ۾ سندن مخالف ڪهڙو ردعمل ظاهر ڪندا.“ (١)

هئي ڏريون اردني شاهي راڄ ۽ اولهندي ڪناري ۽ غزه واري پٽيءَ ۾ هڪ نظرياتي فلسطيني حڪومت وچ ۾ ڪنفيڊريشن جي شرطن بابت پڻ ڏقيڙ جو شڪار هيون.

فيبروريءَ جي اُن ڏينهن جي پڇاڙي تائين، ٽن مرحلن واري مانجهاندي دوران عرفات ۽ حسين ۾ چالاڪين جي ڏي وٺ ٿيندي رهي، پر ڳالهين دوران هڪ مرحلي تي حسين کي مينو مليو ۽ هُن ان تي عربيءَ ۾ ڪجهہ رنڊا روڙيا. اِهو مينو هُن ميز جي هئي پاسي ويٺل عرفات ڏانهن وڌايو، جنهن تڙ تڪڙ ۾ ان کي پڙهي چيو، ”اِهو لاجواب آهي.“ ان ريت، هو بلڪل آخري گهڙين ۾ اهڙي ٺاهہ تي پهتا، جيڪو هر ڪنهن لاءِ قبولڻ جوڳو هو. ڪين بيقرار ٿيڻ جي ڪا ضرورت نہ هئي. ساڳي ڏينهن جڏهن دير سان شاهہ فهد واشنگٽن ۾ صدر ريگن سان گڏيو تہ ان ٺاهہ جون ذڪر بہ نہ ڪيائين. فلسطينين ۽ اردنين جي انتهائي اتاولائي تي جيئن سعودي ڪيترائي ڀيرا وضاحت ڪري چڪا هئا تہ ”فهد پنهنجو پاڻ کي آمريڪي صدر آڏو هڪ ڀيرو ٻيهر خراب صورتحال ۾ وجهڻ لاءِ تيار نہ هو.“ چالاڪاڻ جو ان دستاويز تي رڳو عرفات جي صحيح ٿيل هئي ۽ ان بابت پي- ايل- او جي ايگزيڪيٽو ڪميٽيءَ جي پٺڀرائي جو ڪو امڪان نہ هو. هو اڳي بہ پي- ايل- او اڳواڻ ڪري ڏچي ۾ ڦاسجي چڪو هو. (٢)

عمان ۾، ان بابت مونجهارو گهٽو وڌي ويو تہ حسين ۽ عرفات اصل ۾ ڇا تي سهمت ٿيا آهن ۽ اِها صورتحال ڪيترن ئي ڏينهن تائين جاري رهي، جيستائين مانجهاندي واري مينو تي حسين جي ڏنگين ونگين ۾ لڪيل لکٽيءَ کي ڇپجڻ لائق دستاويز جي صورت ۾ آندو ويو. جڏهن عرفات جي ساٿين آڏو وضاحتون ڪيون ويون تہ هو چرڪجي پيا. سندن توائي ٿيڻ جو سبب اِهو هو تہ اُن ۾ فلسطيني اردني ڪنفيڊريشن جي دائري ۾ يا ان کان ٻاهر ’هڪ آزاد فلسطيني رياست‘ جو ڪو جوڳو حوالو نہ هو. ان جي اُبتڙ انهيءَ معاملي کي لهاڙ ۾ اينگهايو ويو هو. حسين جي قانوني دستاويز لکندڙ طور صلاحيت، سندس سخنور صلاحيت سان ميل کائيندڙ نہ هئي. پنج نڪاتي ٺاهہ جو اهم حصو مينو پويان لڪيل لکٽيءَ جو لهاڙ پريو فقرو نمبر ٢ هو: ”فلسطيني خوداراديت وارو پنهنجو اٽر حق اوڏي مهل

استعمال ڪندا، جڏهن فلسطيني ۽ اردني، فلسطين ۽ اردن جي عرب رياست واري رٿيل ڪنفيڊريشن قائم ڪرڻ جي حيثيت ۾ هوندا." (٣) ماضيءَ ۾ ڪيترن ئي پيرن وانگر هن پيري بہ، ان تي راضي ٿيڻ کي، ذومعنيٰ ڳالهہ ڪندڙ عرفات پي- ايل- او جي پاليسيءَ جي اُپٽار کي پنهنجي مقصدن سان ٺهڪندڙ بنائڻ ٿي چاهيو.

تيونس ۾ پنهنجن ساٿين سان ڪيترين ئي نشستن کان پوءِ، جن ۾ هُنن انهيءَ جي مخالفت ڪئي هئي، ڪاوڙيل عرفات، صلاح خلف ۽ فتح جي سينيئر اڳواڻ محمود عباس (ابوميزان) کي مارچ دوران ان ۾ ترميمن لاءِ شاهہ سان ڳالهائڻ واسطي عمان اُماڻيو. هڪ ڳجهي لکت تي راضپو ڏيکاريو ويو، جنهن هڪ وسيع ڪنفيڊريشن ۾ 'اردن ۽ فلسطين جي ٻن رياستن' وچ ۾ هڪ واضح تفاوت ٿي رکيو.

بهرحال، پي- ايل- او ۾ عمان ٺاهہ تي تنقيد، ان جا شرط پڌرا ٿيندي ئي وڌڻ لڳي. اجان ان دستاويز جي مس ئي نہ سُڪي هئي جو پي- ايل- او جي سياسي ڪاتي يا پرڏيهي وزارت جي اهم ڊائريڪٽر عبداللطيف ابوحجلہ جيڪو پنهنجي قلمي نالي ابوجعفر سان سڃاتو ويندو آهي، پي- ايل- او جي سفارتي مرڪزن کي ان خلاف ڪم ڪرڻ لاءِ سنيها اُماڻي رهيو هو. ڪاوڙ ۾ ڦونڊيل عرفات پنجن ڪلاڪن تائين هلندڙ چڪتاڻ ڀرئي بحث ۾ مٿس چڱي خاصي تنقيد ڪئي، "آءٌ توتي سرڪاري طور تي الزام نٿو ڏريان، توکي ان ٺاهہ خلاف پي- ايل- او اندر تہ ڳالهائڻ جو حق آهي، پر آءٌ توکي ان تي پنهنجو موقف ٻاهر رکڻ جو جوابدار ٿو سمجهان." (۴)

اجان تائين وڏيڪ نقصانڪار، عمان ۽ تيونس ۾ انهيءَ ٺاهہ جي اصل مطلب بابت هلندڙ متضاد عوامي اظهار هئا. سڌسماءُ واري اردني وزير طاهر حڪمت ٢٣ فيبروريءَ تي انتهائي رُکي انداز ۾ چيو تہ پي- ايل- او ٺهراءُ نمبر ٢۴٢ کي قبولي ورتو آهي. بهرحال پي- ايل- او جي ايگزيڪيٽو ڪميٽيءَ ساڳي هفتي گڏيل قومن جي ٺهراءُ لاءِ پنهنجي مخالفت جو اعلان ڪيو.

سندن گڏيل قدم جو اهو اياڳو جنم، عرفات ۽ حسين کي مارڪيٽ ۾ آڻڻ کان روڪي نہ سگهيو. عرفات چين ويندڙ هڪ وفد جي قيادت ڪئي. آمريڪين کي راضي ڪرڻ لاءِ، جن جو ان متعلق ردعمل اجان تائين سردمهريءَ وارو هو، حسين واشنگٽن جو دورو ڪيو. طاهر المصريءَ پي- ايل- او جي عملدارن سان گڏجي حمايت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش طور عرب دنيا جو دورو ڪيو. پر عرب دنيا عرفات- حسين بابت جلدي پنهنجو ناهڪاري فيصلو جوڙي ورتو، ۽ مصري مشڪل سان پنهنجو پاڻ کي مايوسيءَ کان بچائي سگهيو. الجزائر ۾ ٿيل وارتا ان ڏس ۾ اهم آهي، جتي حڪومت ڪيس سڪون سان ٻڌو تہ سهي پر سندس مشن کي نہ

ڪا پبلسٽي ڏنائون ۽ نه وري ڪيس همٿايائون. پي- ايل- او قيادت پڻ ان ۾ سڌو سيڌو شريڪ نه هئي. الجزائر ۾، پي- ايل- او جي سينيئر فوجي ڪمانڊر جي وضاحت نه ڪيل غيرحاضريءَ تي مصريءَ نه رڳو اچرج ۾ وٺجي ويو پر ڪيس ڪنهن حد تائين ڪاوڙ پڻ آئي. وزير جا الجزائرين سان تمام گهاٽا ناتا هئا ۽ ڪيس اُتي ڳالهين ۾ شريڪ ٿيڻو هو. سندس ڏس پتي بابت مصريءَ جي سوالن جا پي- ايل- او عملدارن گول مول جواب ٿي ڏنا. جلدي اِهو واضح ٿي ويو ته ڪهڙي ڳالهه سندن ارادو بدلايو هو.

لبنان ۾ پنهنجي زميني اڏن کان محروم ٿيل، وزير ۽ ٻي پي- ايل- او قيادت اجان تائين اسرائيل تي پنهنجا حملا جاري رکڻ لاءِ هٿ پير هڻي رهي هئي. هاڻوڪي صورتحال ۾، هُنن اِهو نتيجو ڪڍيو ته وٽن سمنڊ وسيلي ڪارروايون ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪا چارو ناهي. سو ان ريت، اپريل ١٩٨٥ع جي ٻئي هفتي جي پڇاڙيءَ ۾، وزير الجيرس جي ٻاهران هڪ نيول اڏي تي بيٺل پي- ايل- او جي ملڪيت واري سامونڊي جهاز 'اتاوارئس' (Attavarius) جي ٽمڪي تي فتح جي نيول دستن کي حتمي بريفنگ ڏني. اِهو ساڳيو ئي ڏينهن هو جڏهن مصري الجزائرين کي عمان ٿاهه تي راضي ڪرڻ لاءِ منٿ ميڙ ڪري رهيو هو.

پي- ايل- او جي انهيءَ انتهائي سورماڻي مشن جو مقصد ڇا هو؟ گوريلن کي، جن الجزائر ۾ انتهائي ڪارائتي تربيت حاصل ڪئي هئي، تل ابيب ۾ اسرائيل جي انتهائي حفاظتي رٿائن مان هڪ: اسرائيلي فوج جي جنرل اسٽاف هيڊڪوارٽرس تي حملو ڪري، ماڻهن کي يرغمالي بنائڻو هو ۽ ان جي موٽ ۾ اسرائيلي جيلن ۾ باندي فتح جي قيدين جي آزاديءَ لاءِ گُهر ڪرڻي هئي.

پي- ايل- او جي اعليٰ قيادت آڏو ان مشن جي نمائشي ڪاميابي جا ڪي خاص سبب هئا. وٽن انهيءَ مشن جو هڪ اهم ڪارج اِهو به هو ته ان سان خود فتح اندر ۽ ڪاوڙيل ريڊيڪل اتحادين جي اِها تنقيد پڻ ختم ٿي پئي سگهي، جيڪي مٿن هٿياربند جدوجهد تان هٿ ڪڻڻ جو الزام ڏري رهيا هئا. پر نقادن کي چُپ ڪرائڻ لاءِ ايڏي وڏي عمل وارو سپنو خود پنهنجي ليکي به فضول هو.

٢٠ ۽ ٢١ اپريل واري رات، اتاوارئس اسرائيلي سامونڊي فوج جي هڪ جهاز سان گولين جي ڏي وٺ کان پوءِ ٽماڪي سان ڦاٽي پيو. ان تي سوار اٺيتاليهن ڄڻن مان فقط اٺ جيئرا بچي سگهيا، ڪين باندي بڻايو ويو. اسرائيلين هٿان جهاز کان جهاز تائين مار ڪندڙ ميزائلن جي حملي دوران اتاوارئس به ٽڪر ٿي ويو. وزير ڪجهه عرصي کان پوءِ سعودي اخبار 'الشرق الوسط' کي ٻڌايو ته انهيءَ مشن اُن نقطءِ نظر کي رد ڪري ڇڏيو ته پي- ايل- او هاڻ خاموش ٿي پئي، "اصل ۾ سياسي سرگرمي فوجي ڪارروائين جي جاري رهڻ ۾ ڪا رڪاوٽ نٿي وجهي." هن اعلان ڪيو. (٥)

اوڏي مهل تہ وزير يا عرفات کي ان جو احساس نہ ٿيو هوندو، پر اتاوارئس جي ناڪام مشن پونچ جي حدن ۾ ان جي آسپاس انتهائي خوني دهشتگرد سالن مان هڪ جي شروعات ڪري ڇڏي، اهڙو سال جيڪو آمريڪي راءِ عامہ ۾ پي- ايل- او لاءِ انتهائي ناهڪاري روين جو شاهد بڻيو.

بهرحال، رت جي انهيءَ لار کان اڳيئي عمان ناهہ پنهنجي منطقي انت ڏانهن پئي وڌيو. اپريل ۾، عرفات کي اردن مان هڪ اڻوڻندڙ خبر ملي تہ حسين پنهنجي وزيراعظم کي برطرف ڪري هڪ اهڙي شخص کي سندس جانشين بڻايو آهي، جنهن جو ذاتي ڪردار پي- ايل- او سان دشمنيءَ ۾ داغي هو. شايد اِهو سمجهندي تہ عرفات سان سندس گڏيل ڪرت پنهنجي انت تي پهچي چڪي آهي، حسين پنهنجي بالڪپڻ جي دوست زيدالرفائي کي هيهر اڳتي آڻي وزيراعظم مقرر ڪيو.

روايت پسند احمد اوبيديت کي هٽائڻ جو واضح سبب اِهو هو تہ هُن عمان ناهہ تي ڪنهن اُتساهہ جو اظهار نہ ڪيو هو ۽ ان سبب آمريڪي حمايت متاثر پئي ٿئي. هڪ ٻيو سبب خود شاهہ حسين جي 'حقيقي سياست' جي حوالي سان سمجهہ ۾ آيو ٿي. عرب دنيا ۾ سفارتڪاريءَ واري ٽڪائيندڙ ناٽڪ واري هُن پنهنجي اترائين پاڙيسري شام سان قتل ناتن کي بهتر بنائڻ جو فيصلو ورتو هو. رفائي، جنهن جا شامين سان پراڻا ناتا هئا، ان ڪم لاءِ بهتر ماڻهو هو. جيڪڏهن اردنين جو شامين سان سرچاءُ عرفات جي پي- ايل- او جي عيوض ٿيو ٿي تہ بہ سودو مهانگو نہ هو.

اسد هميشہ جيان عرفات جو ڳهڻ ڪاٽو لڳائي رهيو هو ۽ ريڊيڪل فلسطيني گروپن ۾ عمان ناهہ لاءِ مخالفت جڻ تہ ڪيس بارود ڏياري ڇڏيو هو. مارچ جي آخري ڏاري دمشق عرفات مخالف ڇهن گروپن جي جوڙيل نئين فلسطيني اداري 'قومي نجات واري فلسطيني محاذ' لاءِ دائي وارو ڪم ڏنو. جارج حباش، جيڪو ١٩٨٣ع جي فتح واري بغاوت دوران گهڻي ڀاڱي لاتعلق رهيو هو، جي پاپولر فرنٽ جي ان ۾ شموليت نئين گروپ کي ساک جي باک ڏني. پر شام جا، پنهنجي انتهائي تابعدار فلسطيني ڏر سان ناتا مئي جي آخر ۽ جون جي شروع ڏاري اوڏي مهل شديد ڏڦيڙ جو شڪار ٿي ويا، جڏهن لبنان ۾ 'ڪئمپن واري جنگ' شروع ٿي. هڪ بيزار ڪندڙ عمل دوران، شامي پنيرائي واري شيعا امل مليشيا، لبناني فوج جي شيعا دستن جي مدد سان صابره، شتيلہ ۽ برُوج البراجنہ وارين ميرانجهڙين فلسطيني ڪئمپن جو گهيرو ڪري ورتو. صابره ۽ شتيلہ واري قتلام کان ٽي سال پوءِ انهن جُهڳين وارين اباڳين وستين جا رهواسي هڪ ڀيرو هيهر ڀرپور حملي جو شڪار بڻيا. هن ڀيري حملي آور ڳورا هٿيار ۽ ٽينڪون استعمال ڪري رهيا هئا.

تڪڙو نشانو عرفات جا ويڙهاڪ هئا، جيڪي ١٩٨٢ع ۾ اسرائيلين هٿان

پنهنجي نيڪاليءَ کان پوءِ بيهر لبنان ۾ گهڙي آيا هئا. پر اسد لاءِ عرفات کي جهڪائڻ جو هڪ وڏيڪ موقعو هو. عورتن ۽ ٻارن سميت سوين ان گهيري دوران موت جي ننڊ سمهاريا ويا.

اسد لاءِ عرفات جي ڪوڙاڻ سموريون حدون اورانگهي ويئي. "لبنان ۾ فلسطيني موجودگي خلاف، اها سازش فلسطيني بندوقن تي قبضي لاءِ آهي." هن جون جي شروع ڏاري ڪويتي اخبار البقس کي ٻڌايو: "هو بيروت ۽ ڏاڪٽئين لبنان مان فلسطينين کي تڙڻ ٿا چاهين." (٦) ڏکهي عرصي واري ڪٽ ۾، انهيءَ حملي شامي مفادن جي پورائي کان وڌيڪ فلسطيني صفن ۾ ايڪتا قائم ڪرڻ جو ڪم ڪيو.

بيروت جهڙن دهشت ناڪ ڏيکن تي عرب دنيا تمام گهٽ ڏيان ڏنو. عرب اڳواڻ جون پنهنجون مصروفيتون هيون. مثال طور، حسين اڃان تائين آمريڪي انتظاميه کي امن لاءِ ڪنيل نئين قدم تي راضي ڪرڻ ۾ رڌل هو. پر اُتان ڪيس گهٽ اُتساهيندڙ موٽ ملي. مئي ۾ آمريڪي پرڏيهي وزير جارج شلز وچ اوڀر جو دورو ڪري پي- ايل- او کان سواءِ، 'محفوظ' فلسطينين کي هڪ اردني ٽيم سان گڏ اسرائيل سان ڳالهيون ڪرڻ لاءِ ڳولهڻ جي ڪوشش پڻ ڪري چڪو هو. پر ان جي سموري ڪرت جو نتيجو گڏهه جي پڇ ۾ سُئي ڏنبڻ واري ٻاراڻي راند کان وڌيڪ نه نڪتو.

پيڪنگ ۾، عرفات شلز جي ٻيجان سفارتڪاريءَ لاءِ پنهنجي هڪ پسنديده تشبيهه استعمال ڪئي: "علائقي جي حقيقتن ۽ سچائين کي نظرانداز ڪندي هو اڃان تائين سچ کي پنهنجي هٿ- ترڻ ۾ لڪائڻ چاهين ٿا." هُن اعلان ڪيو. (٧)

حسين جي واشنگٽن واري دوري اوڏي مهل معمولي واويلا مچائي، جڏهن ٢٩ مئي تي هُن وائيٽ هائوس جي 'گلاب باغيچي' ۾ هڪ پريس ڪانفرنس دوران اعلان ڪيو ته پي- ايل- او هڪ عالمي ڪانفرنس جي چٽيءَ هيٺان ۽ "سلامتي ڪائونسل جي ٺهرائن ٢٤٢ ۽ ٣٨٨ سميت گڏيل قومن جي جائز ٺهرائن جي بنياد تي امن ڳالهين تي راضپو ظاهر ڪيو آهي." (٨)

آمريڪا جي سفارتي ٻوليءَ ۾، حسين جو بيان 'گلاب باغيچي' وارو بيان سڏجڻ لڳو، جو جڻ ان جاءِ جي تازگيءَ سندس ٺڪل لفظن ۾ نئون روح ڦوڪيو هجي. تيونس ۾، عرفات جا ساٿي حيران ٿيڻ کان وڌيڪ هراسيل هئا ته حسين سندن پاران اهڙو بيان ڪيئن ڏنو، جنهن ۾ پي- ايل- او پاران ٢٤٢ ۽ ٣٨٨ ٺهرائن کي مڃڻ جو ذڪر ڪيل هو. پر ڪن پل لاءِ ۽ اڻ ٿيٽي طور، هُن پنهنجو ردعمل محفوظ رکيو.

آمريڪي سفارتڪاريءَ کي حسين جي دوري ۽ ساڳي وقت اسرائيلي ليبر اڳواڻ شمعون پيريز جي اسرائيل کي ١٩٨٢ع کان پوءِ عالمي ادارن مان لاتعلقي ختم

ڪرڻ واري خواهش لاءِ ڪنيل قدمن سبب ڪنهن حد تائين هٿي ملي. پر سگهاري آمريڪي پٺڀرائي کان سواءِ سرءُ کان اهو واضح ٿيڻ لڳو ته انهيءَ سفارتي هڻ هٺان مان ڪو معمولي ڪڙ تيل ني نڪرندو.

١٩٨٥ع واري سڄي سال دوران وچ اوڀر سفارتڪاريءَ ڏانهن آمريڪي بانبڙن جو هڪ اظهار، پرڏيهي کاتي جي وچ اوڀر بابت اهم ترين عملدار رچرڊ مرفيءَ جو سيپٽمبر ۾ علائقي جو دورو هو. اهو دورو اردن ۽ اسرائيل وچ ۾ سڌين ڳالهين ڏانهن هڪ قدم طور گڏيل اردني فلسطيني وفد سان ڳالهيون ڪرڻ لاءِ ڪيو ويو هو. شلز جي همراهه پنهنجي 'سڌين ڳالهين' واري رٽ تي وچ اوڀر ۾ سرد آڌرڀاءُ ماڻيو. عرب ڄاڻ جو تجربيڪار ماهر ايترو ته اچرج ۾ وڌجي ويو جو عمان ۾ سندس اوسيئڙو ڪندڙ والاريل علائقن جي فلسطيني نمائندن سان ملاقات واري پروگرام تان ني هٿ ڪڍي ويو. هڪ ڀيو موقعو هٿن مان نڪري ويو.

عرفات ۽ حسين، ڪافي عرصي کان اهڙا اهڃاڻ پروڙي ورتا هئا ته سندن گڏيل قدم لاءِ معمولي عرب حمايت ني موجود آهي. سرءُ دوران ڪاسابلانڪا ۾ ٿيندڙ هڪ هنگامي عرب سربراهي اجلاس، جنهن جو شام ۽ لبيا سميت ڪيترن ني بائيڪاٽ ڪيو هو، شعوري طور تي عمان ٺاهه کي بحث هيٺ نه آندو.

ان مايوس ڪندڙ صورتحال ۾ برطانيا جي وزيراعظم مارگريٽ ٿيچر ڪو حوصلو ڏياريو. سيپٽمبر ١٩٨٥ع جي ٽئين هفتي ۾ اردن جي پنهنجي دوري دوران، هُن حسين کي چيو ته هو آمريڪين پاران هڪ وڌيڪ سرگرم ڪردار نڀائڻ لاءِ رونالڊ ريگن سان پنهنجي خاص ناتن کي استعمال ڪري. هُن اِها به آڇ ڪئي ته هو لنڊن ۾ پي- ايل- او جي اهڙن فلسطينين سان، جن جا هٿ دهشتگرديءَ واري رت ۾ ٻڏل نه هوندا، برطانوي پرڏيهي وزير سر جيفري هائو جي ملاقات لاءِ پڻ اُپاءُ وٺي. ان جو مقصد پي- ايل- او جي 'نرم گوئي' کي همٿائڻ ۽ عرفات جي ڳالهين واري ميز تي جاءِ حاصل ڪرڻ واري مطالبي کي اهميت ڏيڻ هو. ان جي عيوض، ٿيچر جي اعلان موجب، پي- ايل- او جي نمائندن کي اسرائيل کي تسليم ڪرڻ ۽ دهشتگرديءَ تان هٿ ڪڻڻ واري ٺاهه تي صحيحون ڪرڻيون پونديون. عمان جي پاڻ وٽائڻ ۽ ٿيچر جي حسين سان وڌندڙ دوستيءَ واري فضا ۾ اِهو معمولي ٿي لڳو.

وزيراعظم زيدالرفائي ۽ عمان ۾ برطانوي سفير ۽ ٿيچر جي اڳوڻي مددگار جان ڪولس کي هدايت ڪئي وئي ته قبوليت جوڳن لفظن ۾ دستاويز تيار ڪن. عرفات جي پي- ايل- او لاءِ ناپسنديدگي وارو رويو رکندڙ رفائي جي انهيءَ اهم ذميواريءَ ۾ شموليت ڪو دوراانديش قدم نه هو، نه رڳو پيش ايندڙ واقعن ثابت ڪيو، پر ٿيچر جي لنڊن موٽڻ ۽ وچ اوڀر بابت سندس نئين قدم تي برطانوي سڌسماءُ وارن ادارن جي واڌاين کان اڳيئي، هڪ اهڙو واقعو پيش آيو، جنهن امن لاءِ مورين ڪوشش تي ذري گهٽ پاڻي ڦيري ڇڏيو.

خليل الوزير ۽ سندس اولهندي سيڪٽر جا ڪمانڊر، عرفات جا ذاتي نگهباني ڪندڙ 'فورس ١٧' وارا همراهه، ١٩٨٥ع جي مهينن دوران اسرائيل پاران پي- ايل- او جي يونچ سمنڊ ۾ اچ وڃ جو پتو لڳائڻ واري ڪارڪردگيءَ تي توائي هئا. اپريل ۾ اتاوارئس مشن جي ناڪامي رڳو هڪ مثال هئي، پر ساڳي وقت ان سان خود اسرائيل خلاف رٿيل اولهائين سيڪٽر جي ڪارروايئن ۽ لبنان ۾ هٿيارن ۽ ماڻهن جي داخلا لاءِ هن ڳڌيل تنظيمن جي قدمن جو پڻ رستو روڪيو ويو هو. اها سرگرمي ڏاکڻين لبنان ۽ بيروت ۾ فلسطيني پناهگير ڪئمپن خلاف ڏمر کي مُنهن ڏيڻ لاءِ تڙ تڪڙ ۾ ڪيل هئي. لبنان ۾ گوريلن جي مضبوط ٺڪاڻن لاءِ ڪو سهارو هاڻ انتهائي اهم هو.

شام سان فتح جي ناتن جي خاتمي، سمنڊ ذريعي ڳانڍاپي کي بنيادي ضرورت بڻائي ڇڏيو هو. جنهن وٽ لبنان وڃڻ لاءِ واحد ڪارائتي واٽ ئي اها هئي، ان ڏس ۾، لبناني ڪناري کان اڌ ڏينهن جي مسافريءَ تي قبرص وارو هيٺ انتهائي اهم هو. اها اهڙي جاءِ پڻ هئي جتي لاتعداد اولهائين، اوڀرائين بلاڪ، عرب ۽ اسرائيلي انٽيليجنس ايجنسين جا ڪن ۽ اکيون سمنڊ ۽ فضا ذريعي سموري اچ وڃ تي ڪتل هيون. اونداهن چوواٽن ۾ ڀڏل قبرص، سيپٽمبر جي آخري هفتي ۾ ڪارائتن نتيجن وارو وحشياڻو قتلام ڏٺو.

٢٥ سيپٽمبر تي، ملڻ جُلڻ واري يهودي 'يم ڪپور ڏينهن' عرفات جي 'فورس ١٧' جي ٽن بندوقچين، ٻه عرب ۽ هڪ يورن وارن وارو برطانوي، قبرص جي ڏاکڻين ساحل تي هڪ تفريحي شهر لارناڪا ۾ ماڻهن جي پيهه واري ساموڊي ڪناري تي بيٺل هڪ اسرائيلي ايجنٽ هئا، جيڪي يونچ سمنڊ ۾ اچ وڃ تي نظر رکي رهيا هئا، پر اسرائيل ڪاوڙجي ان الزام جي ترديد ڪئي ۽ پلاند وٺڻ جي ڌمڪي ڏني.

پي- ايل- او جو سرڪاري ترجمان احمد عبدالرحمان پهرين آڪٽوبر تي صبح ڏهين وڳي، تيونس جي ساموڊي ڪناري پرسان پنهنجي پرسڪون گهر ۾ ڏاڙهي ڪوڙي رهيو هو، جو سندس فون جي گهنٽي وڳي. فون تي عرفات هو، جيڪو شهر ۾ پنهنجي هڪ نامعلوم هنڌ واري محفوظ جاءِ تان ڳالهائي رهيو هو. هو چرچا ڳُهڻا ڪرڻ جي موڊ ۾ هو. عبدالرحمان ان مداخلت تي ٿورڙو توائي هو. گذريل رات دير سان تيونس ۾ پي- ايل- او جي سفير حڪيم بلاويءَ جي سمنڊ آڏو پروقار رهائشگاهه ۾ ماني کائي هنهي کي موڪلائيندي ڪو گهڻو وقت نه گذريو هو. هاڻ، عرفات پنهنجي اجوڪي معمول ۾ ڦيرگهير ڪرڻ ٿي چاهي، جنهن ۾ يارهين وڳي لنبن ۾ عرب مخالف ڌر جي شخصيتن سان ملاقات پڻ شامل هئي. هر لحاظ کان اهو ڏينهن پي- ايل- او اڳواڻ لاءِ تيونس گاديءَ واري شهر کان ٻاهر مڪمل فرصت وارو هو. پر جيئن ئي هن همراهه فون تي پنهنجي ڳالهه اُڪلائي

رهيا هئا، هُنن شهر ۾ زوردار ڌماڪن جا آواز ٻڌا. فون ڦٽا ڪيائون ۽ پنهنجي گاڏين ڏانهن ڀوڙيا.

عرفات جڏهن پنهنجي انتظامي هيڊڪوارٽرس واري هنڌ پهتو ته هڪدم چرڪائيندڙ ڏيک ڏٺائين. خود سندس آفيس سميت پي- ايل- او جي استعمال هيٺ ٽن عمارتن کي، پنهنجي پڇڻ تي 'بيوبتارا' (اٺ تارا) چٽيل جهازن مٽيءَ جو ڍير بڻائي ڇڏيو هو. اٺ ڄڻا فلسطيني ۽ تيونسي اجل جا شڪار ۽ زخمي ٿيا هئا. ان حملي ۾ مرتين جو حتمي ڳاڻيٽو ٿيهتر تائين وڃي پهتو. (٩)

هاڻ ته تل ابيب کان ٻه هزار ڪلوميٽر پري تيونس ۾ عرفات ۽ سندس همراهن لاءِ اسرائيلي ڌمڪاءُ جي ڀڳهن هٿن کان محفوظ نه هو. ۽ اهو حملو ان وقت ٿيو هو جڏهن فلسطينين ۽ سندن تيونسي ميزبانن وچ ۾ ناتا سردمهريءَ جو شڪار ٿيڻ لڳا هئا.

واشنگٽن ۾ رونالڊ ريگن بي حسيءَ واري لهجي ۾ اسرائيلي 'انٽيليجنس صلاحيت' کي ساراهيو. ان تبصري پي- ايل- او ۽ پاران آمريڪا تي تنقيد جا بند ٽوڙي وڌا. جنهن ان ڪارروائي کي خود عرفات کي قتل ڪرڻ جي سازش ٿي سڏيو. مصر جي صدر مبارڪ، جيڪو تازو واشنگٽن جو دورو ڪري قاهره پهتو هو، ان بمباريءَ کي 'خطرناڪ' ڌوهارڪ ڪارروائي (١٠) سڏيو. جنهن امن ڪوششن کي پوئتي ڌڪي ڇڏيو هو. سلامتي ڪائونسل انهيءَ حملي کي چوڏهن ميمبرن جي اڪثريت سان ننديو، رڳو آمريڪا ان اجلاس مان غيرحاضر رهيو هو.

اِهو بعد ۾ ظاهر ٿيو ته پي- ايل- او هيڊڪوارٽرس تي خطرناڪ بم وسائڻ لاءِ ڇهه ايف- ١٥ جهاز يونچ سمنڊ لتاڙي آيا هئا، انهن ۾ واٽ تي به پيرا تيل ڀريو ويو هو. "اسرائيل امن ڪاوشن تي بم وسايا آهن." اسرائيلي بمباريءَ سبب ٿيل ڪڏن ما هڪ ڏانهن اشارو ڪندي ڏوهڏاڙيل عرفات اعلان ڪيو. (١١)

ديومالائي ڪهاڻيون گهڙڻ جو موقعو ڪڏهن به هٿان نه وڃائيندڙ عرفات، جيڪو بمباريءَ کان فقط هڪ رات اڳ مراڪش کان تيونس واپس پهتو هو، ظاهر ڪيو ته هو موت کان رڳو ان ڪري بچي ويو، جو هو حملي وقت ڏڙام سان زمين تي ڪرندڙ پنهنجي هيڊڪوارٽرس کان پري هو. پي- ايل- او اڳواڻ بچي ويو- ۽ ان جو سبب به سندس 'خطرو سونگهڻ' واري حس کي سڏيو ويو.

اسرائيلي حملي خلاف عرب دنيا ۾ ڪيترن ئي ڏينهن تائين احتجاج ٿيندو رهيو. دنيا فلسطيني جدوجهد جي هڪ ٻڳهي رت- هاڻي تاريخ جو هڪ پيانڪ باب ڏسڻ واري هئي. پهرين آڪٽوبر تي، تيونس تي اسرائيلي حملي واري ساڳي ڏينهن اٽليءَ جو ٢٣,٦٢٩ ٽن وزني تفريحي سامونڊي جهاز اچيلي لائرو، جنوئا واري بندرگاهه کان يونچ سمنڊ جي چڪر لاءِ روانو ٿيو. ان جي رٿيل بندرگاهن ۾ مصري اسڪندريا ۽ اسرائيلي اشدوڊ شامل هئا. آمريڪي يهودين جي هڪ ٽولي

سميت ڪيترين ئي قومين جا ماڻهو ان تي سوار هئا. ان تي عرفات جي فتح سان ويجها ناتا رکندڙ فلسطين جي آزادي واري محاذ (PLF) جا چار بي ٻيا نوجوان بہ سوار هئا. سندن آپگهاتي مشن جيئن اڳتي هلي ظاهر ٿيو، رات جي اونداهيءَ ۾ اشدود جي ڪناري تي لهڻ ۽ تيل جو ذخيرو ڪيل ٽينڪن کي اڏائڻ هو. ڪين مسافرن کي پڻ يرغمالي بنائڻ جون هدايتون ڪيل هيون تہ جيئن اسرائيلي جيلن ۾ باندي فلسطينين لاءِ سوديبازي ڪري سگهجي. اچيلي لائرو جي اسڪندريا کان سوئيز ڪئنال جي مُهڙ واري پورٽ سعيد پرسان پهچڻ جي وچ واري وقت ۾ هڪ پوائنٽو واقعو پيش آيو.

ستين آڪٽوبر تي جڏهن اچيلي لائرو مصري سمنڊ ڇڏي رهيو هو، پي- ايل- ايف جا چارئي هٿياربند، پنهنجا هٿيار لهرائيندي ڪاڌي واري هال ۾ ظاهر ٿيا. ان کان پوءِ هُنن سڙهہ تباهہ ڪندي ڪپتان گيرا ربوبي روزا کي اُتر ڏانهن جهاز ڪاهي شام هلڻ لاءِ چيو. اهو سمورو معاملو اعتبار ۾ اچڻ جوڳو نہ هو. چار هٿياربند، جن بہ ڏهاڪا زندگي ئي مشڪل سان ماٺي هوندي، پونچ سمنڊ تي سفر ڪندي وڏي شاهي جهاز جي ۴۲۷ مسافرن ۽ عملي جي اسي ڄڻن کي يرغمالي بڻايو بيٺا هئا. دنيا جون متيون مُنجهيل هيون، اِهو وڏي پئماني تي هڪ ڏاڙو هو. تيونس ۾، پي- ايل- او اڳواڻ حيراني ۽ ٻپ وچان صورتحال جو جائزو وٺي رهيا هئا، جو سمنڊ جي وچ سير ۾ بيٺل جهاز متعلق افواهہ ڦهليل هئا تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ مسافر مارجي چڪو آهي.

ان ڳالهہ جي پکڙجڻ جي ڪجهہ ڪلاڪن اندر، پي- ايل- ايف جي اڳواڻ ۽ پي- ايل- او جي ايگزيڪيٽو ڪميٽيءَ جي ميمبر ابوالسلام جي نالي سان مشهور، محمد زيدان کي ان ڏچي مان جان ڇڏرائڻ لاءِ مصر اُماڻيو ويو. ٻگهي قد، سخت هڏين ۽ گرم دماغ فلسطيني محمد زيدان پنهنجن همراهن کي تباهيءَ جي ڏهڻ ۾ وڌيڪ ڦاسڻ کان روڪڻ ۾ دير ئي نہ لڳائي. مصر مان سندن باحفاظت نڪرڻ لاءِ ڳالهيون هلندي هُن کين هڪدم پورٽ سعيد پرسان واپس ورڻ جي هدايت ڪئي. عالمي راءِ عامہ کي ٿڏيو ويو. مصر کي سنوت نہ ڏني وئي. خود عرفات تي انتهائي دٻاءُ هو، جيڪو اُن وقت اولهہ اتر آفريڪا ۾ سينيگال جي دوري تي هو. اٺين آڪٽوبر تي هُن ڊاڪار ۾ مصر، فرانس ۽ اٽليءَ جي سفيرن سان ملاقات ڪئي.

عرفات جو ترجمان احمد عبدالرحمان ٻڌائي ٿو تہ ٿورڙي ئي وقت ۾ مونجهاري ۽ پريشانيءَ وارين فرانسيسي، اٽالين، عربي ۽ انگريزي ٻولين ۾ هلندڙ انهن ڳالهين ۾ پي- ايل- او اڳواڻ گهوٽالي کي ختم ڪرڻ لاءِ، هائيجيڪرن جي ذميواري قبولڻ ۽ کين تنبيهہ ڪرڻ جي خاطري ڏياري. ان مرحلي تي، رحمان زور ٿو ڀري تہ ڪيس يا عرفات کي هڪ مسافر جي مارجي وڃڻ جي ڄاڻ نہ هئي. (١٢)

اِها اهڙي صورتحال هئي جيڪا عرفات فلسطيني تحريڪ جي اڳواڻي ڪندي

گذريل ڪيترن ئي سالن کان پوڳيندو رهيو هو ۽ هُن اهڙي قسم جي هر دهشت انگيز واقعي کي ٿوري گهڻي فرق سان منهن پئي ڏنو. هن پيري بہ اڳي کان ڪو اطلاع هئڻ کان اٽڪاٽائي ظاهر ڪندي هُن انهيءَ واقعي کي نندڻ کان پڻ انڪار ڪيو.

نائين آڪٽوبر تي جڏهن اچيلي لائرو پورٽ سعيد پرسان ڪليل سمنڊ ۾ پهتو. آمريڪي عملدار جهاز تي ويا تہ اٽوٽندڙ حقيقت ظاهر ٿي پئي. وهيل چيئر تي هلندڙ ٦٩ سالن واري آمريڪي يهودي ليون ڪلينگوفر کي بي رحميءَ سان قتل ڪري سندس لاش شامي سرحد اندر سمنڊ ۾ اڇلايو ويو هو. آمريڪي سفير نڪولس ويلوٽسن جڏهن پنهنجي ساٿين کان جهاز جي وارتا ٻڌي تہ هُن هائيجيڪرن تي ڪيس هلائڻ جي گُهر ڪئي، جيڪي کسڪي ويا هئا. "پرڏيهي وزارت کي چئو تہ هُن ڪتي جي پٽن تي ڪيس هلايو وڃي." هُن فون تي دانهن ڪئي هئي. (١٣)

ٻيوٽي ڪندڙ سفير جي اهڙي پيانڪ احتجاج تي چرڪندي مصر چئني هائيجيڪرن ۽ خود زيدان کي ترت مُلڪ مان ڪيڻ جو بندوبست ڪيو. ان مرحلي تي مصر نٽي چاهيو تہ جڏهن ڪيس ٻيهر عرب برادريءَ ۾ شامل ڪيو وڃي تہ مٿس فلسطيني ديوانن تي ڪيس هلائڻ جو ڪارنهن وارو ٽڪو هجي.

پر ان دوران ڪيترين ئي رڪاوٽون اُڀريون. هڪ ڪهاڻي اِها آهي تہ تيونس ان مصري جهاز کي لهڻ جي اجازت ڏيندي دير ڪئي، جنهن ۾ چارئي هائيجيڪر سوار هئا. ٻي ڳالهہ اِها ٿي هُلي تہ اردن ان جهاز کي پنهنجين سرحدن تان لنگهي پناهہ وٺڻ لاءِ عراق وڃڻ جي اجازت ڏيڻ کان انڪار ڪيو. بهرحال ڪهڙا بہ سبب رهيا هجن، انهيءَ دير آمريڪا کي ٻيباڪ سفارتي سرگرمين لاءِ اُها وٿي حاصل ڪري ڏني، جنهن سان وائيٽ هائوس ۾ سرهائي ۽ مصر ۾ ٻائيتال مچٽو هو.

نائين آڪٽوبر تي دير سان جيئن ئي مصري هوائي ڪمپنيءَ جو بوئنگ ٧٣٧ قاهره جي ٻاهران المزهہ فوجي هوائي اڏي کان اڏاڻو، پائليٽ ۽ ٻيو عملو بي سبب خوشيءَ ۾ ڦونڊجي ويا. سڀ ڏينهن جي ٻڳهي ۽ ٿڪائيندڙ انتظار کان پوءِ پونچ اُڪرڻ واري ٽن ڪلاڪن جي سفر دوران ڪين ڪو مسئلو پيش نہ آيو پر صدر ريگن ڪجهہ ٻيو سوچيو ويٺو هو. ڪنهن آمريڪي صدر پاران هيل تائين ڪنيل عجيب قدمن مان هڪ طور، هُن حڪم جاري ڪيو تہ هڪ دوست ملڪ جي سويلين جهاز کي زوري لاٿو وڃي ۽ ان اندر سمورن ماڻهن کي سوگهو ڪيو وڃي. پونچ سمنڊ ۾ چهين آمريڪي ساموئدي ٻيڙي جي 'يو- ايس- ايس' سارا ٽوگا تان ايف١۴ جهاز اڏاڻا. آمريڪي باز واري اک (Hawk Eye) ريدار هوائي جهاز جي سرواڻيءَ ۾ انهن، بي واهرو مصري بوئنگ جهاز کي ڪريٽيءَ جي ڏکڻ ۾ اونداهيءَ اندر اولهہ ڏانهن ويندي گهيرو ڪري ورتو.

پنهنجي سرچ لائٽن جي روشنيءَ ۾ مسافر بردار جهاز جو گهيرو ڪندي

آمريڪي بمبار جهازن مصري پائليٽ کي سسليءَ ۾ سگولينا جي هوائي مرڪز تي لهڻ لاءِ مجبور ڪيو ۽ اُتي اٽليءَ جي هڪ سڪيورٽي فورس ڪارابينريءَ چئني هائيجيڪرن ۽ زيدان کي حراست ۾ ورتو. وائيٽ هائوس ۾، صدر ريگن هنبوچيون هڻڻ کان رهي نه سگهيو. ڪنهن هار جي راند کٽڻ مهل خوش ٿيڻ وانگر آمريڪي صدر اعلان ڪيو "هو ڀجي ته سگهن ٿا، پر لڪي نٿا سگهن." (۱۴)

ڪجھ آمريڪين جي خوشي اوڏي مهل ٽوڙ ٿي وئي، جڏهن واشنگٽن انتظاميا اِهو ڪاٿو لڳايو ته سندس انهيءَ ڪارروائي ان جي اهم عرب اتحاديءَ جي ڪيتري مٽي پليد ڪرائي آهي ۽ ڪيس ڪيترو ناراض ڪيو آهي. ڪاوڙ ۾ ڀريل صدر مبارڪ آمريڪا تي، 'فضائي ڌاڙي' جو الزام ڌريو. (۱۵) ۽ آمريڪي زيدان کي پنهنجي حراست ۾ آڻڻ جي ڪوشش ۾ مڪمل طور تي ناڪام رهيا. واشنگٽن جي زور ڀرڻ جي باوجود، اٽليءَ وارن ڪيس چپ چپات ۾ يوگوسلاويا کسڪي وڃڻ جي اجازت ڏني.

اچيلي لائرو مامري کان ڪجھ ئي ڏينهن پوءِ عرفات جي امن واري حڪمت عمليءَ لاءِ هڪ ٻيو صدمو پيدا ٿيو. پي- ايل- او جي 'ڪابينا' ايگزيڪيٽو ڪميٽيءَ جا ٻه ميمبر، ۱۲ ۽ ۱۳ آڪٽوبر تي جيفري هائو سان وڏي پبلسٽي ماٿيل گڏجاڻي لاءِ پهتا، پر جڏهن اولهندي ڪناري جي شهر هل هئول جي لاٿل ميئر محمد ملهم کي اُهو بيان ڏيکاريو ويو جنهن تي ڪانئس صحيح وٺڻ جي اُميد ڪئي پئي وئي، سندس مٿو ڦرڻ لڳو. صاف سٿري انگريزي ڳالهائيندڙ ملهم کي ان نتيجي تي پهچڻ ۾ ڪي گهڙيون ئي لڳيون ته، هُن جيڪڏهن لنڊن واري انهيءَ دستاويز تي پنهنجو نالو لکيو ته پي- ايل- او جي سمورن دوزخن جا منهن هُن لاءِ کلي ويندا، ڪيس ان متعلق ٻه ڪو شڪ نه هو ته خود سندس حياتي ٻه خطري ۾ هوندي، پريشاني وچان، هُن عرفات سان رابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جيڪو تن ڏينهن ۾ سوڊان جي دوري تي اُسهيل هو. هن لاءِ هڪ وڏي مصيبت سوڊاني گاديءَ واري شهر خرطوم سان رابطو ڳنڍڻ هو، جنهن جو ٽيليفون وارو سرشتو سڄي آفريڪا ۾ خراب ترين سرشتن مان هڪ هو.

نيٺ ملهم عرفات سان رابطو ڪري ورتو ۽ عرفات کيس چٽن لفظن ۾ چيو ته هو ڪنهن ٻه صورت ۾ 'لنڊن اعلان نامي' تي صحيح نه ڪري. حادثاتي طور، اِهو ٻهريون ڀيرو هو جو عرفات کي ان جا تفصيل ٻڌايا ويا هئا ۽ هُن ٻه اعلان نامي جو متن ٻڌڻ کان پوءِ ملهم کان ڪو گهٽ ردعمل نه ڏيکاريو هو. ان ۾ نه رڳو ٺهراءُ نمبر ۲۴۲ جو واضح حوالو هو پر ان ۾ آزاد فلسطيني رياست جي ذڪر کان پڻ پلاند بچايو ويو.

پنهنجي ساٿين بشپ خورمي ۽ اردني پرڏيهي وزير طاهر المصريءَ سان گڏ ملهم آچر ڏينهن پرڏيهي کاتي جي سينيئر عملدار اسٽيفن ايگرٽن سان ڊارچسٽر ۾

ملاقات ڪئي. مُلهم ريڊيڪل تبديليون ٿي چاهيون، پر ايگرٽن زور ٿي ڏنو تہ انهن لفظن ۾ ڪا ڦيرگهير نہ ڪئي ويندي. "هيءُ بيان هوندو، يا وري ڪجهہ بہ نہ هوندو." هن چيو. (١٦)

اِها بي حاصل پڇاڻي هئي. لنڊن جي ٻاهران پنهنجي ذاتي رهائشگاهہ مان، اِها ڪرت ڏسندڙ شاهہ حسين ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو هو. هُن ڪيترن ئي ٽي- وي انٽرويوئن ۾ پي- ايل- او تي پنهنجي انتهائي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو. هُن لنڊن واري ناڪاميءَ جو ذميوار پنهنجو پاڻ کي ٿي سمجهيو. هُن پنهنجي دوست مارگريٽ ٿيچر کي ايذايو هو. اُگري ڳالهہ اِها هئي تہ خود سندس سڄي محنت ضايع ٿي وئي هئي. اچيلي لائرو واري معاملي کان ڪجهہ ئي ڏينهن پوءِ پيدا ٿيندڙ اِها صورتحال تقريباً حتمي ڏڦيڙ هئي. طاهر المصريءَ موجب "ڏينهن جي پڇاڙي تي عرفات اعتبار جوڳو نہ رهيو هو ۽ اِها سندن (عرفات- حسين) ناتن ۾ ٽوڙڦوڙ جي شروعات هئي". (١٧)

بهرحال، لنڊن ناڪاميءَ لاءِ هڪ ٻي وضاحت پڻ ٿي پئي سگهي، ۽ اُها شاهہ جي وزيراعظم لاءِ هر طرفي حمايت نہ هئي. انهيءَ ڇڪتاڻ پري دستاويز جي خالق زيدالرفائي، اجان تائين واضح نہ ٿي سگهندڙ سببن ڪري، اِهو رڳو غيرسياسي بشپ خورميءَ کي ئي ڏيکاريو. هُن ان بابت عمان ۾ خليل الوزير جهڙن عرفات جي نائبن يا پي- ايل- او جي سينيئر عملدارن کان ڪا راءِ نہ ورتي. عرفات جي ويجهن همراهن کان ان جو متن لڪائي رفائي ان ڳالهہ جو پورو بندوبست ڪري ڇڏيو هو تہ ان متعلق يقيني طور تي مونجهارا ڦهلجن. سندس ڪردار ايندڙ وقت ۾ عرفات ۽ شاهي محل ۾ ناتا بهتر ڪرڻ جي ڏس ۾ ڪو خاص ڪم نہ ڪيو.

عرفات سان پنهنجن مسئلن سبب داغي حسين بهرحال نون اتحادن ۾ رُڌل هو. آڪٽوبر جي وچ ڌاري، عرفات سان پنهنجن معاملن سبب ذري گهٽ زمين ۾ کُتل حسين اسرائيلي وزيراعظم شمعون پيريز سان ڳجهيون ڳالهيون ڪرڻ لاءِ پئرس جو پنڌ ڪيو. اِها ايندڙ سالن دوران پنهنجي همراهن ۾ ٿيل ڳجهين گڏجاڻين مان شروعاتي هئي. انهن ڳالهين ٽڪرا نتيجا ڪڍيا، اُن جو نتيجو اسرائيلي- اردن رابطن جي جولان جي صورت ۾ ظاهر ٿيو. جنهن ۾ هئي ڏريون والاريل علائقن ۾ 'مفادن جي هڪجهڙائپ' قائم ڪرڻ جي ويجهو پهچي ويون.

١٠ نومبر تي، اردني پريس شاهہ جو پنهنجي وزيراعظم نالي هڪ غيرمعمولي خط شايع ڪيو. حسين جي پنهنجي نوٽنڪي انداز جي باوجود بہ، اِهو انتهائي نازڪ دستاويز هو. اُن ۾ هن شام سان ڏيتي ليتي دوران اردن جون انتهائي ڏکوئيندڙ غلطيون مڃيون هيون. گهٽ ۾ گهٽ اُها مدد جيڪا هُن صدر اسد جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ لاءِ انڊرگرائونڊ اخوان جي پرتشدد جدوجهد کي ڏني هئي. حسين جا نوان قدم، دمشق سان سرچاءُ جو ملهہ هئا. شاهہ، عرفات سان

پنهنجي ياريءَ کي ختم سمجهندي، پنهنجي ٽيل نقصان جو پورائو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هُن اِهو ڪاٿو پڻ لڳايو تہ جيڪڏهن وچ اوڀر امن قدم جو ڪو پيش منظر پيش ٿيو تہ پوءِ شام کي لاڳيتو نظرانداز ڪرڻ ممڪن نہ هوندو. عرفات لاءِ، جنهن تيونس تي بمباريءَ کان پوءِ بغداد ۾ پناهہ ورتي هئي، حسين جو اعلان نئاڳو اظهار هو. اردني بادشاهہ جي اسد ڏانهن قرب جا قدم کڻڻ تي، پي- ايل- او اڳواڻ کي پنهنجي عرب دوستن جي غيرمستقل مزاجي ياد اچي وئي.

صورتحال جي وڌيڪ خرابي اِها تہ اچيلي لائرو واري مامري تي عرفات مصر سان پڻ ڏچي جو شڪار هو. واشنگٽن تي ڪاوڙ سان گڏوگڏ قاهره جي پي- ايل- او قيادت تي پڻ ناراضگي هئي تہ اُها پنهنجي ڪارڪنن تي ڪو ضابطو نہ پئي رکي. اقتصادي طور تي پوئتي پيل مصر اِهو ئي چاهيو تہ هو ڪنهن بہ اهڙي ڪارروائي ۾ شامل نہ ليکيو وڃي جنهن سان سياحن يا امدادي رقم جي آمد ۾ ڪا رڪاوٽ پوي. نومبر جي پهرين هفتي جي پڄاڻيءَ تي، مصرين عرفات تي زور پريو تہ هو صدر مبارڪ جي موجودگيءَ ۾ اهڙو بيان پڙهي، جنهن ۾ 'هٿين خالي سويلين ماڻهن تي ڪنهن بہ قسم جي، حملي کان نہ رڳو لاتعلقي ظاهر ڪري پر ان کي ننديو بہ.' (١٨)

اِهو مڪمل طور تي بي مقصد بيان هو. چاڪاڻ جو پي- ايل- او گهڻي عرصي کان اسرائيل کان ٻاهر ۽ والاريل علائقن ۾ ڪارروايون ڪرڻ تان هٿ کڻي چڪي هئي، پر ان آمريڪين کي ڏيکارڻ لاءِ مصرين کي ڪاغذ جو هڪ ٽڪر ضرور ئي ڏنو.

پن- چڻ سياري لاءِ واٽ صاف ڪئي، حسين ۽ عرفات سهڪار لاءِ ڪوششون ڪندا رهيا پر ٻنهي ۾ هاڻ پنهنجاپ جيئن پوءِ تيئن ختم ٿيندي پئي وئي. شاهہ لاڳيتو عرفات واتان ٺهراءُ نمبر ٢۴٢ کي مڃڻ جون ڪوششون ڪندو رهيو پر پنهنجي وڌندڙ هوڏ ۾، پي- ايل- او اڳواڻ 'ها' نٿي ڪئي ۽ حسين وري 'نہ' نٿي ڪئي. معاملو جنوري جي آخر ۾ اوڏي مهل چوٽ چڙهي ويو، جڏهن ٻنهي همراهن گڏيل اطمينان جوڳي امن فارمولي تي رسڻ لاءِ آخري ڪوشش جي خواهش ظاهر ڪئي. اولهندي ڪناري جا سرڪرده فلسطيني، ٽڙيل پکڙيل آباديءَ مان فلسطيني دانشور ۽ عرفات جا مددگار ڪارائتين ڳالهين لاءِ ڪيترائي ڏينهن عمان ۾ ترسيا.

چڱائي واري اظهار طور، آمريڪي پرڏيهي کاتي جو سنجيده ڳالهائتو عملدار واٽ ڪليو ويرس پڻ مدد لاءِ موجود هو. اُميدون اُڀريون ۽ ٻڏيون، پر آهستي آهستي اهو چٽو ٿيڻ لڳو تہ هنرمنديءَ سان جوڙيل فارمولو پڻ پي- ايل- او کان ٺهراءُ نمبر ٢۴٢ ميراٿ ۾ آيل رڪاوٽون نٿو هٽرائي سگهي، جيتوڻيڪ ڳالهين دوران واسطيدار ڌريون ڪيترائي ڀيرا ان جي ويجهو ضرور پهتيون.

بهرحال ان ۾ گهڻو وقت ضايع ٿي چڪو هو. پنهنجي محل مان اِها ڪرت

ڏسندي، حسين اردني- پي- ايل- او ناتن جي مصيبتن پري صورتحال مان جان ڇڏرائڻ جو فيصلو ڪري چڪو هو. سندس تيز موڊ ۾ انٽيليجنس رپورٽن ئي مدد نہ ڪئي هئي، جيڪي ڪيس عمان ۾ عرفات جي خانگي گفتگو بابت ملي رهيون هيون. اردني، عرفات پاران ٺهراءُ نمبر ٢۴٢ کي مڃڻ- نہ مڃڻ واري هڏتر تي پڻ جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ ناراض ٿي رهيا هئا. "اسين تہ اهو سوچڻ لڳا هئاسين تہ عرفات کي هر حالت ۾ ڪنهن نفسياتي ماهر سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ گهرجي." شاهہ جو هڪ ويجهو مددگار ٻڌائي ٿو. (١٩)

٢٩ جنوري تي ٿيل ڇڪتاڻ پري ڳڏجاڻي ۾ معاملو حتمي طور تي تلخين پري انتها تائين وڃي پهتو. اِها ڳڏجاڻي خود حسين جي صدارت ۾ وزيراعظم جي آفيس ۾ ٿي. عرفات حسين کي ٻڌايو تہ ٺهراءُ نمبر ٢۴٢ کي اوستائين قبول نہ ڪندو، جيستائين آمريڪا فلسطينين جي خوداراديت واري حق جي لکت ۾ ضمانت نٿو ڏئي. اُجهاٽل ڇهري واري حسين جواب ڏنو:"هو وڌيڪ ڪجهہ نٿا ڪري سگهن ۽ اسين وڌيڪ ڪجهہ ڪُهري بہ نٿا سگهون." (٢٠)

ان کان پوءِ عرفات چيو تہ فلسطيني قيادت سان مشورو ڪرڻ ٿو چاهي ۽ شاهہ کي سندس صلاحڪارن سان گڏ اڪيلو ڇڏيو ويو. ڪاوڙجي باهہ ٿيل حسين پنهنجي سينيئر درٻارين کي چيو 'خلاصه' (ختم). (٢١)

عرفات نئين سر فارمولي جي اَڇ ڪرڻ ۽ رعايتون ماڻڻ لاءِ وڌيڪ هڪ هفتو عمان ۾ رهيو پر ڳالهہ هاڻ ڳري ٿي چڪي هئي.

ڪاوڙ ۽ مايوسيءَ وچان، حسين پنهنجي صلاحڪار عدنان ابوعوده کي هدايت ڪئي تہ هو عرفات سان ڳالهين جي ناڪاميءَ وارن سببن تي هڪ بگهي تقرير جو دستاويز تيار ڪري. رڪارڊ جي درستگيءَ لاءِ، هُن پي- ايل- او اڳواڻ سان پنهنجي امن ڳالهين جي ٻن ناڪامين جا سمورا سبب ۽ ان متعلق رويا آڏو آڻڻ ٿي چاهيا. ايئن ٿي لڳو تہ ڄڻ هُن هڪ اُڪري ساروٽي مان پنهنجي جان ڇڏرائڻ ٿي چاهي.

١٩ فيبروريءَ تي حسين ٽن ڪلاڪن تائين ٿي- ويءَ تان تقرير ڪندي پي- ايل- او سان پنهنجي پيڙائتن ناتن جو ذڪر انتهائي تلخيءَ سان ڪيو. هُو پنهنجي ذاتي لغت جا ذري ڪهڻ سمورا لفظ ڳالهائي ويو ۽ رڳو عرفات کي ڪوڙو سڏڻ جي ڪسر باقي ڇڏيائين. "ٻن بگهين ڪوشش کان پوءِ، آءٌ ۽ اردن جي هاشمي راڄ واري حڪومت اعلان ٿا ڪريون تہ اسين پي- ايل- او قيادت سان سياسي طور تي سهڪار ڪرڻ کان اوستائين قاصر آهيون، جيستائين سندن لفظ وابستگي، ساک ۽ مستقل مزاجيءَ جي ضمانت بڻجن." هُن معتبراڻي انداز ۾ اعلان ڪيو. (٢٢)

پنهنجي تقرير جي ايندڙ هفتن ۾، حسين پي- ايل- او قيادت تي پنهنجون جُلهون جاري رکيون. خانگي طور تي هو عرفات جي ٻچاپڙائپ تي اُرون ڪندو

رهيو. ماڻهن ۾، هُن اسرائيلي والاريل علائقن ۾ اردني حمايت واري متبادل قيادت جو شوشو هيهر ڇڏيو. تيونس ۾ موجود عرفات ۽ سندس سائين تي تنقيد ۾ هُن سمورا پئمانا وساري ڇڏيا هئا. فيبروريءَ جي آخر ۾، هُن ڪويت جي هڪ ڪنزرويٽو اخبار 'السياسه' جي ايڊيٽر کي هدايو تہ پي- ايل- او پنهنجي ساک وڃائي چڪي آهي ۽ والاريل علائقن ۾ ۽ ان کان ٻاهر فلسطينين کي پنهنجي نئين قيادت چونڊڻي پوندي يا هاٿوڪي سياسي نمائندگيءَ تي پاڙڻو پوندو. (٢٣)

اردني گهرو لڙائي کان وٺي ناتن ۾ اهڙي گهٽتائي ڪڏهن نہ ٿي هئي ۽ اهي ڪيترن ئي مهينن تائين سڌري نہ سگهيا. جو شاهہ ۽ سندس وزيراعظم زيدالرفائي والاريل علائقن ۾ ۽ ٻاهر عرفات جي حيثيت ڪمزور ڪرڻ جي اوستائين ڪوشش ڪندا رهيا جيستائين ڪين مڪمل طور تي ناڪامي نہ ٿي.

مارچ جي شروع ۾، اولهندي ڪناري جي شهر نابلس جي تازو مقرر ٿيل ميئر ظافر المصريءَ کي ڏينهن ڏٺي جو، پنهنجي آفيس ويندي جارج حباش جي دمشق ۾ ٿانيڪي پاپولر فرنٽ جي هڪ ميمبر گولي هڻي ڪڍي. پي- ايل- او جي ريڊيڪلن جي نظر ۾ مصريءَ جو ڏوهہ رڳو اهو هو تہ هُن والاريل علائقن ۾ اسرائيلي شهري انتظاميا هيٺ ڪم ڪرڻ تي راضپو ڏيکاريو هو. ٻين لفظن ۾ هُن ڪيس اسرائيلين ۽ اردنين ٻنهي جو پنو ٿي سمجهيو. هو غلط هئا، حقيقت ۾ هو هڪ مشهور ماڻهو، نابلس جي هڪ اهم ڪٽنب جو فرد ۽ فتح جو کلي عام حمايتي هو. والاريل علائقن ۾ ۽ ان کان ٻاهر پي- ايل- او جي نئين قيادت لاءِ حسين جو سڏ سندس موت جو ڪارڻ بہ ٿي پئي سگهيو. متوقع طور تي، فتح جي ميمبرن مصريءَ جي جنازي کي ياسر عرفات ۽ پي- ايل- او لاءِ حمايت جي هڪ عوامي مظاهري ۽ حسين جي شخصيت ۽ سندس ڪارڪردگيءَ خلاف اظهار جو ذريعو بڻايو. اِهو اهڙو پيغام هو جيڪو حسين ۽ سندس وزيراعظم هنبوچين دوران وساري ڇڏيو هو.

عرفات شاهہ پاران ١٩ فيبروريءَ تي گند ڦهلورڻ تي تمام گهٽي محتاط رعمل جو اظهار ڪيو. حسين پاران عمان ڇاهہ تي آخري صلوات پڙهڻ کان پوءِ بہ، پي- ايل- او اڳواڻ اجان تائين ان مان هٽ ڪيڻ بدران پنهنجو پاڻ کي ان جو پابند سڏڻ تي زور پري رهيو هو. پر بهاني بازي گهٽو هلي نہ سگهي. حسين هاڻ پي- ايل- او سان سفارتي ۽ سياسي جنگ تي لهي آيو هو. هڪ پيرو عمل لاءِ ميدان ۾ لٿل ضدي شاهہ حسين کي انهيءَ هوڏ تان لاهڻ ڪو سولو ڪم نہ هو.

رفائي جي هُشين تي هو جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ چڪتاڻ ۾ ڦاسندو ويو: هُن عمان ۾ پي- ايل- او جي حمايتي صحافين خلاف وٺ پڪڙ جي اجازت ڏني، عرفات جي متبادل طور پي- ايل- او جي هڪ اڳوڻي اهلڪار عطاءُ الله کي هروڀرو ٽيڪر ڏيڻ جي ڪوشش ڪيائين، والاريل علائقن ۾ حمايت 'خريدڻ' جي ناڪام ۽ اڻ ڪارائتي ڪوشش ڪندي اولهندي ڪناري ۾ اقتصادي ترقي جي

هڪ رٿا شروع ڪيائين. 'فلسطيني قومي ناٽي' جي هيڊڪوارٽرس سميت پي- ايل- او جي پنجويهن آفيسن کي بند ڪرڻ ۽ خليل الوزير سميت ڪيترن ئي پي- ايل- او عملدارن کي ملڪ مان نڪرڻ جو حڪم پڻ ڏنائين.

مئي کان، شاهي راڄ ۾ ماحول انتهائي ڇڪتاڻ ڀريو هو. جمهوري روين جي اٿهوند تي اندروني تنقيد واري هاءِ گهوڙا اُتر ۾ يارمئوڪ يونيورسٽيءَ ۾ ٽيل هنگامن جو روپ اختيار ڪيو، جن ۾ ڪيترائي شاگرد مارجي ويا. عالمي پريس اِهو نتيجو ڪڍيو تہ هاشمي بادشاهت واري راڄ ۾ ڪا شيءِ ڳري سڙي رهي آهي.

پنهنجي عالمي حيثيت بابت سدائين حساس حسين، جولاءِ جي وچ ڌاري الندوئ محل جي باغيچي ۾ ڪجهہ چونڊ پرڏيهي صحافين کي مانجهاندي تي گهرائي پنهنجو پاڻ تي ٽيندڙ تنقيد جو ڪنهن حد تائين جواب ڏيڻ ۽ پي- ايل- او جون آفيسون بند ڪرڻ جي سببن جي وضاحت جاڻ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. سگار ڇڪيندڙ زيدالرفائي سميت پنهنجي اهم صلاحڪارن جي گهيري ۾ حسين هڪ ڪلاڪ کان وڌيڪ وقت تمام گهڻي صبر سان سوالن جا جواب ڏيندو رهيو. هُن الزام ڏريو تہ پارليامينٽ جي هڪ ضمني چونڊ ۾ پي- ايل- او مخالف ڌر جي هڪ اميدوار کي مالي مدد ڏئي اردن جي اندرين معاملن ۾ مداخلت ڪئي آهي. هُن ان کي يارمئوڪ ۾ شاگردن جي اُيار ۾ پڻ ملوث سڏيو. پر سندس تنقيد ۾ رڳو ڏوهن جي چارج شيٽ نہ هئي. هُن پاڻ کي پنهنجي اهم ترين دشمن عرفات سان هڪ مذاقي حوالي ۾ پڻ ڳنڍيو. اِهو پڇڻ تي تہ ڇا هو مستقبل ۾ عرفات سان پنهنجي ڪنهن ڀائيواري جي اُميد رکي ٿو، هُن ڪلندي چيو، "عجيب و غريب ڳالهيون رڳو مون سان ئي ٿينديون ڇا!؟." (٢۴)

ان مرحلي تي عرفات ۽ سندس سينيئر ساٿين آڏو ڏار پيل پي- ايل- او واري مرڪز کي سڌارڻ کان سواءِ ٻيو ڪو منصوبو نہ هو. خليل الوزير لبناني هفتيوار 'الائوسبو العربي' کي ٻڌايو تہ پي- ايل- او 'سرچاءُ ڪميٽيون' جوڙيون آهن ۽ اِهي الجزائر ۽ سوويت يونين جي ٿياڪڙيءَ سان اندرين اختلافن کي ختم ڪرڻ ۾ مدد ڏينديون. (٢٥)

عرفات عرب سياسي منڊيءَ ۾ اِهو سوچي ٻيهر لٿو تہ وقت پاڻ ئي ڦٽن تي پها رکندو، واقعي ان کي ثابت پڻ ڪيو. جيئن پي- ايل- او جي انتهائي خشڪ مزاج اڳواڻن مان هڪ خالد الحسن ١٩٨۴ع جي آخر ڌاري هڪ ريڊيو انٽرويو ۾ چيو، "آءٌ نٿو سمجهان تہ ڪو عرب تاريخ ڪنهن حتمي علحدگيءَ جو مشاهدو ڪيو هجي. اسان جي عرب تاريخ اختلافن ۽ سرچائن سان ڀريل آهي. جڏهن اسين اختلاف ڪري ٽڪجي پوندا آهيون تہ پوءِ سهمت ٿي ويندا آهيون. جڏهن وري سهمتيءَ مان ٽڪجي پوندا آهيون تہ پوءِ اختلاف رکندا آهيون. اهڙي ريت اِهو سلسلو هلندو رهندو آهي. هر اختلاف يا پرچاءُ کان پوءِ اسين اهڙي دور مان گذرندا

آهيون، جيڪو هر شيءِ کي بدلايو ڇڏي... اِها عرب فطرت آهي." (٢٦)

٢٠ اپريل ١٩٨٧ع تي عرفات فلسطيني 'پارليامينٽ' فلسطيني قومي ڪائونسل جو ارڙهون اجلاس پونچ سمنڊ جي ڪناري تي الجيرس کان ڪي ٽيهه ڪلوميٽر اولهه ۾ هڪ سنگ مرمري مرڪز ۾ سڏرايو.

اِهو فطرت موجب 'پرچاءُ' وارو دور هو. هڪ ڀيرو ٻيهر، عرفات پنهنجي سرواٽي جا ڪرشما ڏيکارڻ واري حيثيت ۾ هو. ان اجلاس جو هڪ اهم مقصد سندس ڪجهه ويرين سان انتهائي پنهنجائپ واري رويي جي اظهار جو نماءُ ڪرڻ هو. جارج حباش جو عوامي محاذ ۽ نايف حواتمه جو جمهوري محاذ ٻيهر موٽي آيا هئا. عرفات انهيءَ ميلاپ جو مُلهه عمان ناهه کي هميشه هميشه لاءِ دفن ڪرڻ جي صورت ۾ چڪايو هو. اِها ڪا ڳوري قيمت نه هئي. عرفات جي هڏتر ۽ حسين جي بي صبريءَ، ان ۾ گهٽي عرصي کان تعطل ئي پيدا ڪري رکيو هو.

مشڪل سان ياد رهندڙ الجيرس اجلاس اُن وقت هڪ انتهائي تڪراري لمحو آڻي وڌو، جڏهن مصر، اسرائيل سان پنهنجي امن ناهه تي تنقيد خلاف ڪاوڙ ڀريو ردعمل ظاهر ڪيو. عرفات اهڙي تنقيد کان بچڻ لاءِ گهٽو پتوڙيو پر ڪيس پوئتي ڌڪيو ويو. مبارڪ، سفارتي سرگرميون ڪندڙ ادارن کان سواءِ پنهنجي ملڪ ۾ موجود پي- ايل- او جون سموريون آفيسون بند ڪرڻ جو حُڪم جاري ڪري ڇڏيو.

هڪ وڏيڪ عرب حڪومت سان اُلجهڻ وارن ڏينهن ۾ عرفات پنهنجي معمولي نقصان جي عيوض پي- ايل- او کي ٻيهر متحد ڪرڻ ۾ سوپارو ٿي ويو. هو دمشق ۾ موجود فتح جي باغين کي اجان تائين ويڳاٿو ڪرڻ واري ڪارڪردگيءَ تي پڻ مطمئن هو. ڪاوڙ ۾ ڦونڊجي، شامين عوامي ۽ جمهوري محاذن جي وفدن کي الجزائر ڏانهن اُسهڻ کان روڪڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي پر اجتماع ۾ خلل وجهڻ ۾ کين ناڪامي ئي ملي. ١٩٨٥ع کان شامي پٺيرائي واري شيعا امل مليشا پاران لبنان ۾ فلسطيني پناهگير ڪئمپن تي حملن ۽ ذري گهٽ ٻن سالن کان اڪثريتي گهيرن ان ايڪتا ريج ڏنو. اجلاس ۾ شريڪ هڪ نمائندي جي لفظن ۾: "اسان جي شهيدن جي ٿمندڙ رت اسان جي ڏارن کي ڀري ڇڏيو." (٢٧)

هڪ ڀيرو ٻيهر وچ اوير جي سياست قربائتو انداز اختيار ڪيو. جيڪڏهن عرفات پنهنجي تنظيم جي نئين ايڪتا کي قائم رکڻ ٿي چاهيو ته پوءِ ڪيس سوچي سمجهي قدم کڻڻا هئا. هاڻ مُهم جُو سفارتي سرگرميون ڏيکارڻ جو دور نه هو، ۽ اِهو به ته هاڻ اهڙا موقعا موجود به نه هئا.

اسرائيل جي ٻن اهم ڌرين: ليبر ۽ ليڪڊ- مخالف ڌسائن ۽ هڪ ٻئي کي ناس ڪرڻ جو ڪم جاري رکيو. ليبر اڳواڻ شمعون پيريز، شاهه حسين سان پنهنجي قرب تي زور ڏيندو رهيو. الجيرس ۾ فلسطينين جي ڪڏجاٽي واري ساڳي مهيني ۾،

ٻنهي هڪ وڏيڪ ڳجهي ملاقات ڪئي. هن پيري لنڊن ۾ گڏجندي هُن ’لنڊن دستاويز‘ سڏجندڙ ناهه تي صحيح ڪئي، جنهن ۾ اسرائيلي ۽ گڏيل اردن- فلسطيني وفد سميت سندس عرب دشمنن وچ ۾ سڌين سنئين ڳالهين لاءِ يڪ طور تي هڪ عالمي امن ڪانفرنس ڪوٺائڻ جي ڳالهه ڪيل هئي. (٢٨)

مُنهن ڦٽايل ليڪبي اڳواڻ آئزڪ شمير، والاريل علائقن کي پنهنجي رياست ۾ شامل ڪرڻ واري نقطهءِ نظر تي ڳنڍ ڏيندي، پنهنجي گڏيل حڪومت جي ساٿي واري رٿا کي ’سرڪش ۽ ڏوهاري نقطهءِ نظر‘ سڏيو ۽ ڪابينا ۾ ان جي ’وضاحت‘ ڪرڻ جي گهر ڪئي. (٢٩)

عرفات کي فڪر رهيو حسين پاران کيس اڪيلائپ ۾ ڌڪڻ وارين ڪوشش جا نه هئا. اِها مُهم نومبر ١٩٨٧ع ۾ عمان ۾ سڏرايل عرب سربراهي اجلاس کان ڪڏهن به نظر نه آئي هئي. اِهو اهڙو موقعو هو، جنهن لاءِ عرفات اِهو ٿي سمجهيو ته شاهه حسين ۽ سندس صلاحڪار کيس خوار ڪرڻ لاءِ جاٺي ٻجهي پيدا ڪيو هو.

عراق خلاف ايراني خطري کي مُنهن ڏيڻ لاءِ عرب صفن ۾ ايڪتا پيدا ڪرڻ لاءِ سڏ ڏيندڙ ان گڏجاٽي کان اڳ ئي خطرناڪ اظهار ملڻ شروع ٿي ويا هئا. حسين جو هڪ ويجهو صلاحڪار سربراهي اجلاس جي تيارين دوران عمان ۾ پي- ايل- او جي حمايتين کي ٻڌائي رهيو هو ته: ”اسين توهان جي دوست (عرفات) لاءِ پريشانيون پيدا ڪنداسين“. (٣٠) ۽ ٿيو به ائين.

جڏهن عرفات اُتي پهتو ته حسين، جنهن آيل سمورن بادشاهن، اميرن ۽ صدرن جو پنهنجي سر آڌرڀاءُ ڪيو هو، سندس آڌرڀاءُ لاءِ ايئرپورٽ تي موجود نه هو. پنهنجي بدران هُن اردني حڪومت ۾ پي- ايل- او جي پهرئين جوڙ واري ويري ۽ والاريل علائقن ۾ عرفات جي حيثيت کي چيهو رسائڻ لاءِ سٽون سٽيندڙ زيدالرفائي کي اُماڻيو. اِها سوچيل سمجهيل بيعزتي هئي ۽ جوڳو مان چاهيندڙ عرفات احتجاج ۾ حسين جي ڏنل هڪ دعوت جو بائيڪاٽ ڪيو. سڏائين شان مان چاهيندڙ، بنان رياست جو اڳواڻ، اجلاس جي سفارشن دوران مڪمل طور تي لاتعلق رهيو. اِهو رويو ان ڪري به بهتر نه ٿيو جو فلسطيني مسئلي کي اجلاس ۾ مڪمل طور تي نظرانداز ڪيو ويو هو. عرب اڳواڻ نار واري صورتحال تي وڏيڪ پريشان هئا.

عرفات وڏ ۾ وڏ وقت ريجنسي هوٽل جي پنهنجي ڪمري ۾ حسين ۽ شام جي حافظ الاسد جي بي ايمانيءَ تي چوهه چنبڻ ۾ گذاريو. عرفات جي ٻرندڙ جبلن جهڙن روين کان واقف سندس عملي کي ڪو اهڙو لمحو ياد ناهي، جڏهن هو ان کان وڌيڪ ڪاوڙيل رهيو هجي. هُن ڪنهن حد تائين درست طور تي، اِهو ٿي سمجهيو ته حسين ۽ اسد سندس تنظيم کي تباهه ڪرڻ ٿا چاهين. اِهو معاملو ان وقت چوٽ

چڙهي ويو جڏهن شام ۽ اردن کي پي- ايل- او سان گڏ فلسطيني سوال تي ٺهراءُ لکڻ جي ذميواري ڏني وئي، جنهن ۾ رٿيل عالمي ڪانفرنس ۾ پي- ايل- او جي شرڪت جو ڪو چٽو پٽو حوالو خارج ڪيو ويو هو. نيٺ، گهڻي دير ۽ چڱي خاصي تيز ڳالهاءُ کان پوءِ پي- ايل- او جي اعتراضن ڪري ٺهراءُ ۾ ڪا ڦيرگهير ڪئي وئي. اعلان ۾، بشمول فلسطين جي آزاديءَ واري تنظيم (PLO) جي برابريءَ واري حيثيت ۾ شرڪت' جا لفظ شامل ڪيا ويا. (٣١) پر اِها ڪهاڻي جي پڇاڙي نہ هئي.

عرفات جو بگڙيل موڊ، پنهنجي هوٽل واري ڪمري مان اجلاس کان پوءِ واري پريس ڪانفرنس ۾ حسين جي ڪارڪردگيءَ ڏسڻ تي بہ ٺيڪ نہ ٿيو. هڪ مرحلي تي ڪانئس پڇيو ويو تہ ڇا ڪنهن عالمي امن ڪانفرنس ۾ پي- ايل- او کي شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني ويندي؟ ناٽڪي بادشاهہ ڇپن تي عجيب مُرڪ سينگاريندي چيو: "ٿي سگهي ٿو". (٣٢)

ان جو ماخذ واضح هو، شاهہ پي- ايل- او تي گهڻ ڌيان نہ ڀئي ڏئي سگهيو. پر عرفات اوڏي مهل دنگ رهجي ويو، جڏهن کيس پتو پيو تہ اجلاس جي حتمي اعلان نامي جي انگريزي ايڊيشن ۾ اُهو اهم جملو ناهي، جنهن جي تت کي هُن پي- ايل- او اڳواڻ طور پنهنجي ڪيريئر ۾ سڀ کان اهم ٿي سمجهيو. اِهو اڃ ڏينهن تائين واضح ٿي نہ سگهيو آهي تہ حادثاتي طور تي يا ڄاڻي ٻجهي ڪيل ڪنهن حرفت سبب انگريزي مسودي ۾ پي- ايل- او جي ذڪر دوران 'فلسطيني عوام جي واحد ۽ قانوني نمائندي' وارا لفظ شامل نہ هئا. عرفات ان کي يقيناً ڀيانڪ ترين تصور ڪيو هو. عرفات جو خيال هو تہ حسين اِهو هٺ وٺي پاڻ ڪرايو آهي، جنهن تي هو تيرهن سال اڳ رباط سربراهي اجلاس ۾ عرفات جي پي- ايل- او کي فلسطينين جي نمائندگي ڏيڻ واري سموري ذميواري سونپي، سندس راهہ بند ڪرڻ تي عرب سربراهن خلاف اڪثر پنهنجي ڪاوڙ جو اظهار ڪندو رهيو هو.

اهڙي ماڻهو لاءِ، جيڪو سدائين مرڪزي حيثيت ۾ رهيو هجي، اِهو بهرحال تلخ تجربو هو، جيڪو جلد ختم بہ ٿي ويو. اولهندي ڪناري ۽ غزه واري پٽيءَ ۾ سياسي طور تي سجاڳ ۽ ٿي- وي ڏسندڙ فلسطينين جي اڪثريت ۾ پي- ايل- او کي خوار ڪرڻ واري شعوري يا لاشعوري اردني ڪوشش مڪمل طور تي ناڪام وئي. جيئن ئي شاهہ حسين پنهنجن مهمانن کان موڪلايو، والاريل علائقن جي جهُڳين وارين بي ترتيب وستين ۾ حسين ۽ اسد پاران پي- ايل- او خلاف سازشون ڪرڻ تي ڪاوڙ وڌڻ لڳي. شاهہ کي عرفات جي قيمت تي پنهنجي ڪئي ڪمائي تي پاڻي ڦرڻ جو افسوس ضرور ٿيو هوندو.

حوالا

باب چوڏهون

١- طاهر المصري انٽرويو، عمان، ڊسمبر ١٩٨٩ع.
٢- ساڳيو.
٣- نيويارڪ ٽائيمز، ٢٤ فيبروري ١٩٨٤ع.
٤- عبداللطيف ابو حجلہ (ابوجعفر) انٽرويو، تيونس، آگسٽ ١٩٨٩ع.
٥- 'الشرق الوسط' ٢٦ اپريل ١٩٨٥ع.
٦- 'القباس' ٦ جون ١٩٨٥ع.
٧- واشنگٽن پوسٽ، ١٣ مئي ١٩٨٥ع.
٨- نيويارڪ ٽائيمز، ٣٠ مئي ١٩٨٥ع.
٩- احمد عبدالرحمان انٽرويو، تيونس، سيپٽمبر ١٩٨٩ع.
١٠- نيويارڪ ٽائيمس، ٢ آڪٽوبر ١٩٨٥ع.
١١- نيوز ويڪ رسالو ١٤ آڪٽوبر ١٩٨٥ع.
١٢- احمد عبدالرحمان انٽرويو، تيونس، جون ١٩٨٩ع.
١٣- ساڳيو.
١٤- مصري عملدارن سان انٽرويو، قاهره، آڪٽوبر ١٩٨٥ع.
١٥- فنانشل ٽائيمز، ١٣ آڪٽوبر ١٩٨٥ع.
١٦- طاهر المصري انٽرويو، عمان، ڊسمبر ١٩٨٩ع.
١٧- ساڳيو.
١٨- نيويارڪ ٽائيمز، ٨ نومبر ١٩٨٥ع.
١٩- ليکڪ کي ڏنل انٽرويو، عمان، سيپٽمبر ١٩٨٩ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
٢٠- ساڳيو.
٢١- ساڳيو.
٢٢- فنانشل ٽائيمز، ٢٠ فيبروري ١٩٨٦ع.
٢٣- Middle East Reporter، ٣ مارچ ١٩٨٦ع.
٢٤- ليکڪ جو پريس ڪانفرنس تي نوٽ، ١٥ جولاءِ ١٩٨٦ع.
٢٥- Middle East Reporter، ٣ مارچ ١٩٨٦ع.
٢٦- آمريڪي پرڏيهي براڊڪاسٽ انفارميشن سروس، ١١ ڊسمبر ١٩٨٤ع.
٢٧- Middle East International، ١مئي ١٩٨٧ع.

٢٨- وليم قوانٽ جو سهيڙيل The Middle East Ten Year After Camp David
واشنگٽن، ١٩٨٨ع، ضميمي جو صفحو: ٤٧٥.
٢٩- نيويارڪ ٽائيمز، ١٣ مئي ١٩٨٧ع.
٣٠- اردني صحافيءَ سان انٽرويو، عمان، سيپٽمبر ١٩٨٩ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
٣١- طاهر المصري انٽرويو، عمان، نومبر ١٩٨٩ع.
٣٢- پريس ڪانفرنس تي ليکڪ جو نوٽ.

حصو چوتون

(۱۵)

انتفاده

”پنهنجن هٿن ۾ پٿر سنڀاليندي
هو دنيا کي للڪارين ٿا،
۽ اسان ڏي ڪنهن چڱي خبر جيان اچن ٿا.
هو پريت ۽ ڪاوڙ مان گجن ٿا ۽
ڍير ٿيو وڃن.“

(نزار قبانيءَ جو نظم – ڊسمبر ۱۹۸۷ع)

جڏهن ۴۵ سالن جي ڄمار واري اسرائيلي واپاري شلومو ساڪل، جي ڇهين ڊسمبر ۱۹۸۷ع تي غزه جي غيراهم فلسطين چونڪ ۾ نڙي ڪپي وئي ته ان واقعي جو عالمي پريس ۾ ڪو ذڪر نه ٿيو. عربن ۽ يهودين وچ ۾ تشدد ڪا وڏي خبر نه هو. ساڪل جو مرتيو اُن اٽڪٽ ويڙهه ۾ رڳو هڪ انگي اضافو ئي هو. ٿورڙي ئي عرصي ۾ انهن واقعن جو هڪ اهڙو سلسلو شروع ڪري ڏنو، جنهن وڏي پيماني تي حيثيت ماٺي.

ساڪل جي قتل کان ٻه ڏينهن پوءِ، غزه واري پٽيءَ جي اترائين پاسي ايريز سڪيورٽي چيڪ پوسٽ پرسان هڪ اسرائيلي ٽرڪ هئي پاسي کان ايندڙ گاڏين جي گس ۾ ٽوڪجي آيو. ان حادثي ۾، جيڪو ڪيترن ئي هراسيل فلسطيني اکين ڏٺل شاهدن موجب ڄاڻي ٻجهي ۽ غفلت ۾ ٿيو، چار فلسطيني مزدور مارجي ويا ۽ ست زخمي ٿي پيا. مارجي ويلن مان ٽن جو تعلق جباليه پناهگير ڪئمپ سان هو، جنهن جا پنجاهه هزار رهواسي، گهيري ۾ ورتل غزه واري پٽيءَ ۾ سڀ کان وڌيڪ ويڙهو هئا. جهنگ جي باهه وانگر اِها ڳالهه هُلي وئي ته اسرائيلي ڊرائيور اصل ۾ ساڪل جي قتل جو پلاند ورتو آهي.

نتيجي طور، جباليه جي ڏهه هزار رهواسين جنازن جي جلوسن کي اسرائيلي فوجي آپيشاهيءَ خلاف مظاهرن ۾ بدلائي ڇڏيو. هُنن جهڳين واري شهر جون سموريون گهٽيون بند ڪري ڇڏيون ۽ قومپرستاڻا نعرا هڻندي، سايَن، ڳاڙهين، اڇين ۽ ڪارين پٽين وارا فلسطيني جهنڊا جهولائڻ لڳا. رات جو دير سان هُنن پنهنجي ڪاوڙ کي پلاند جي گهُر ۾ بدلايو. ’انتفاده‘ يا ڌوڻڌاڙ طور مشهور ٿيندڙ صورتحال لاءِ حالتون تيار ٿي ويون. ايتري عرصي کان ورجاءُ جي نتيجي ۾ هاڻ اولهه جي

ٻولين ۾ هڪ عربي لفظ جو اضافو ٿي چڪو آهي.

نائين ڊسمبر تي رات ائين وڳي کان ڪجھ پوءِ، هڪ اسرائيلي فوجي گشتي ٽيم معمول جي گشت تي جباليہ ڪئمپ ۾ داخل ٿي، پر سندس ٽيل آڏرياءُ مڪمل طور تي غيرمعمولي هو. گذريل رات جي واقعن تي مچريل، جباليہ ڪئمپ جي نوجوانن فوجي جيپ تي پٿرن جو وسڪارو لائي ڏنو. اسرائيلين ڪُڙين تي زور ڏنو. اهو طريقو ايندڙ هفتن ۽ مهينن ۾ روز جو معمول بڻجي ويو. جڏهن هو پنهنجي گاڏيءَ ڏانهن موٽيا تہ اُها ڪاوڙيل نوجوانن جي گهيري ۾ هئي. اوچتو اٿاتال ڏس کان، هڪ پيٽرول بم ڦٽو ڪيو ويو. ٻپ وچان فوجين هجوم تي فائرنگ ڪري ڏني، جنهن جي نتيجي ۾ ١٥ سالن جي ڄمار وارو هڪ نوجوان حاتم سسي ويجھي کان دل تي لڳل گوليءَ جي گھاوَ وگهي مارجي ويو. اِهو مرتيو انتفاده جي سوين ڪاڇن مان پهريون هو. ايندڙ ڏينهن کان، غزه پٽيءَ جو وڏو حصو فسادن جي لپيٽ ۾ هو. هڪ ٻي وڏي پناهگير ڪئمپ ۾ پڻ هنگامو شروع ٿي ويو. سڙندڙ ٽائرن جو ڪارو دونهون فضا ۾ ڦهليل هو. ڪفيہ سان چهرا ڍڪيل نوجوانن، پنهنجن هٿن ۾ جهليل پٿرن ۽ ڦتاڪن جي وسڪارن سان رستا بند ڪري ڇڏيا. جباليہ ۾ هنگامو جاري رهيو. مرتين جي ڪاٺيتي ۾ واڌ ايندي ئي هزارين ماڻهن غزه ۾ شفا اسپتال آڏو زوردار مظاهرا ڪيا. اِها بيچيني جهنگ جي باهہ وانگر، اولهندي ڪناري، يروشلم جي پسگردائي، نابلس ۽ ٻين اٽڪلين جاين تائين پکڙجي وئي. هڪ خودرو بغاوت شروع ٿي وئي. فلسطيني ڪاوڙ اُڀرڪا ڏئي نڪري رهي هئي ۽ ڏور بغداد ۽ تيونس ۾ ٽانيڪي پي- ايل- او قيادت سميت ڪنهن کي بہ اندازو نہ هو تہ اِها ڪهڙو رُخ وٺندي؟ 'ويڙهہ جي ميدان' تان وائر سروس ۽ شروعاتي انٽيليجنس رپورٽن جو اپياس ڪندي، خود عرفات بہ پنهنجن ٻين سائين وانگر ان جو اندازو ۽ مطلب سمجھڻ کان قاصر هو. ڇا اِها ڪنهن وڏي ڪرت جي شروعات آهي يا معمولي کان ڪجھ وڌيڪ پاڻي جي جوش وانگر ڪو اُڀار؟ هُن والاريل علائقن ۾ مزاحمت جي روح روان خليل الوزير سان مشورو ڪيو. "ڇا ان جي ڪا رٿابندي هئي؟"، "نہ بلڪل نہ." وزير ڪيس ٻڌايو. جيتوڻيڪ هو اِها ڳالھ ڪرڻ کان رهي نہ سگھيو تہ پي- ايل- او جي ڳجھي تنظيم اڳي جي پيٽ ۾ وڌيڪ سگھہ مان بغاوت جي سرواٽي ڪرڻ جي حيثيت ۾ ضرور آهي. (١)

عرفات، جيڪو پنهنجي ٻالڪپڻي ۾ ١٩٣٦ع دؤران يهودي لڏپلاڻ ۽ برطانوي راڄ خلاف فلسطين ۾ پهرين 'انتفاده' دوران ڪيترن ئي اُڀارن جو اکين ڏٺو شاهد هو، پنهنجي سائين کان وڌيڪ بهتر انداز ۾ انهن چٽلينجن کي سمجھي پئي سگھيو. سندس پهريون خيال ان ڏانهن ويو تہ ٻاهر موجود قيادت انهيءَ مڪمل پئماني جي اُڀار کي پنهنجي ڪنٽرول ۾ رکي بہ سگھي ٿي يا نہ؟ ڇا ١٩٣٠ع واري ڏهاڪي جي آخر ۾ امين الحسينيءَ جي ڏيهہ نيڪاليءَ واري قومي قيادت اهڙي مامري ۾

ناڪام نہ ٿي هئي؟ ڇا مقامي ڪمانڊرن جنگي سورمن وارو ورتاءُ ڏيکارڻ نہ شروع ڪيو هو ۽ بغاوت جون سموريون توانائيون تشدد جي بيوقوفيءَ پرين طريقن تي نہ لڳايون ويون هيون؟ اُيار دوران ڇا عربن پنهنجي هٿن سان عربن کي نہ ڪُٺو هو؟ ڇا ١٩٣٠ع واري ڏهاڪي جي ناڪامين ١٩٤٨ع جي آفت نازل ڪرڻ ۾ هٿ نہ ونڊايو هو؟ عرفات هاٿوڪن هنگامن تي جيترو سوچيو ٿي تہ اِهي ۽ اهڙيون اڻگڻيون ڳالهيون سندس دماغ ۾ ڦي آيون. بهرحال هو ان نتيجي تي پڻ پهتو تہ هن پيري ڪجهہ وڌيڪ اُتساهيندڙ ماحول هو. چاهيندي بہ ٻاهرين قيادت کي ميدان تان هٽائڻ ڏکيو هو. عرفات هر صورت ۾ جوکم کڻڻ جي موڊ ۾ هو. وٽس وڃائڻ لاءِ هيو ئي ڇا؟

هو اجان تائين عمان سربراهي اجلاس جي موقعي تي شاهہ حسين هٿان پنهنجي توهين تي سڙيو ڪامي رهيو هو ۽ شامي صدر حافظ الاسد سان حسين جي سرچاءُ تي تاءُ ۾ هو. هُن اِهو اندازو لڳائي ورتو هو تہ سندس همعصر عرب اڳواڻ پنهنجي ڪيترن ئي مسئلن ۾ ڦاسي فلسطيني مسئلي کان بيزار ٿي چڪا هئا ۽ سوويت، جن کي هُن سدائين ڏکي ويل جو ساٿي پئي سمجهيو، هاڻ اسرائيل ڏانهن قربانتا پير کڻي رهيا هئا. ٿڙيل پکڙيل عوام جي انتهائي سرگرم اڳواڻ لاءِ سڀ کان وڌيڪ مايوسي پري ڳالهہ اِها هئي تہ هو سندس سياسي مقصد کي اڳتي وڌائڻ واري ڪرت جو ڇيڙو وڃائي چڪو هو. ٨٨- ١٩٨٧ع واري سياري جي شروعات ۾ عرفات ذري گهٽ پڇاڙي تي رسي چڪو هو. ٩ ۽ ١٠ ڊسمبر وارا هنگاما نئين راهہ جي آڇ بہ تہ ڪري پيا سگهن؟ ان موقعي کي هر حال ۾ پنهنجي هٿ وس ڪرڻ گهرجي.

١٠ ڊسمبر جي رات، بغداد مان نشر ٿيندڙ پي- ايل- او ريڊيئي عرفات جي آواز ۾ پنهنجي عوام کي 'اُيار' لاءِ سڏ ڏنو. (٢) ان شروعاتي مرحلي تي سندس پاران اُيار جو لفظ استعمال ڪرڻ انتهائي ڪارائتو ثابت ٿيو. جيتوڻيڪ اڳتي پيش ايندڙ ڪيترن ئي واقعن تي هو خوش نہ ٿيو هوندو، پر عرفات اسرائيلي راڄ خلاف هڪ وڏي پئماني جي بغاوت لاءِ جڻ سائي جهنڊي ڏيکاري هئي. ڪيس هڪ نئون مقصد ملي ويو هو ۽ هُن ان کي مڪمل طور تي استعمال ڪرڻ جي خواهش ڏيکاريندي ظاهر ڪيو تہ ان اُيار کي پي- ايل- او اُياريو آهي ۽ واقعا مڪمل طور تي سندس وس ۾ آهن.

پر تيونس ۾ پنهنجن جهونن ساٿين وانگر عرفات بہ ان عوامي بغاوت جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ صورتحال بابت فڪرمند هو. اِها والاريل علائقن ۾ مڪمل طور تي ڪيئن پکڙبي؟ باغين پويان اصل قوت ڪهڙي آهي؟ ڪيس ماضيءَ جا اُهي سمورا واقعا ياد هئا جيڪي ڪجهہ ڏينهن اندر ئي مانار ۾ بدلجي ٿي ويا. سياستڪاريءَ جي سمورن ماهرن پنهنجا تجربا محفوظ رکيا. هڪ سگهاري

پوتاميل ۾ صلاح خلف چوي ٿو: "ڪو بہ ان پنهنجي جي سگهہ ۽ اُتساهہ پري 'انتفاده' جو سوچي بہ نہ پئي سگهيو. والاريل علائقن سان سپ ڪان وڌيڪ رابطي ۾ ابوجهاد (خليل الوزير) هو، هُن بہ ان جو نہ سوچيو هو... جڏهن انتفاده شروع ٿي تہ پهرين تہ اسين بجي وياسين. اسان کي ١٩٣٦ع وارو اُبار ياد هو، جيڪو ڇهن مهينن اندر ختم ٿي ويو. شروع ۾ اسان نٿي سمجهيو تہ اِها انتفاده ڪا ڇهن مهينن کان وڌيڪ هلندي." (٣)

محتاط تجزيا ڪرڻ ۾ رکو پي- ايل- او اڪيلي نہ هئي. بچاءَ واري اسرائيلي وزير آئزڪ ربن، جيڪو ١٠ ڊسمبر تي آمريڪا روانو ٿيو هو، ڪلي عام چيو تہ اِهو مسئلو ٿورڙن ڏينهن ۾ ختم ٿي ويندو. تن ڏينهن ۾ برازيل جو دورو ڪندڙ ليبر پارٽي جي اڳواڻ ۽ اسرائيلي پرڏيهي وزير شمعون پيريز سان ربن جي فون تي ٿيل هڪ ڳالهہ ٻولهہ جو پڻ اِهو ئي تت هو: "فوج جلد حالتن تي ڪنٽرول ڪري وٺندي." (۴) پيريز ۽ سندس صلاحڪارن کي ان جي پڪ نہ هئي. اسرائيلي پرڏيهي وزارت جي تيز ڊائريڪٽر جنرل اوراهام تمير، پيريز کي هدايو تہ "اها ڪنهن وڏي شيءِ جي شروعات آهي." (٥)

جيئن ئي چڪتاڻ جا ڏينهن هفتن ۾ بدليا، اسرائيلي ردعمل، رت سان اُچ اجهائيندڙ سخت قسم جي ڏمر کان وٺي- جنرل شيرون هر ان کي جنهن ڪيس هڏو ٿي، اِهو ئي ٿي چيو تہ هو انتفاده کي ٿورڙن ڏينهن ۾ ختم ڪري سگهي ٿو. امن چاهيندڙ اسرائيلي ڳيرن جي هاءِ گهوڙا تائين ظاهر ٿيڻ لڳو. والاريل علائقن ۾ اسرائيلي فورسز جو انچارج آفيسر جنرل امرام مترنا چيو تہ ڪيس ۽ سندس همراهن کي پنهنجي ڪرت ايتري تہ ناپسند هئي جو "صبح جو اٿڻ مهل مون کي ڪا شيءِ نہ وڻندي هئي." (٦)

ڊسمبر ۽ جنوريءَ دوران ٿي- ويءَ تان ڪفيہ ويڙهيل نوجوانن ۽ هيلمٽن ۾ ڍڪيل اسرائيلي فوجين وچ ۾ جهڙپن جا منظر پيش ٿيڻ دوران، ربن ۽ سندس فوجي ڪمانڊرن انهيءَ اُبار کي ختم ڪرڻ لاءِ مايوسيءَ وچان هڪ فارمولو پيش ڪيو. ڪرفيو، وڏي پيماني تي گرفتاريون، ڏيهہ نيڪاليون ۽ جيئري گولين جي استعمال سان گڏوگڏ 'فولادي هٿ' استعمال ڪرڻ جي ڌمڪي ڪو گهٽو اثر نہ ڏيکاريو. ويڙهہ جاري رهي. ١٩ جنوري تي اعلان ڪيل ربن جي اٿوٿندڙ 'طاقت، اختيار ۽ مارڪٽ واري پاليسي خود اسرائيل جي انتهائي آمريڪانواز حمايتين وٽان بہ لعنتاتا آندا.' تن ڏينهن جي لبرل اخبار 'يروشلم پوسٽ' وزيراعظم جي 'تڪراري ۽ ظالماڻي ٻولي' تي سخت چوهہ چنديا.

عرفات ۽ تيونسي قيادت ان تي بحث ڪندي رهي تہ خودرو اُبار ۾ ڪيئن شامل ٿجي، جڏهن تہ اسرائيلي ۽ فلسطيني ٻنهي هڪ ٻئي جي اُبتڙ ترتيبوار ان مان جان ڇڏرائڻ ۽ ان کي وڌائڻ جون رٿائون جوڙيندا رهيا. ٻنهي ڌرين مان ڪا

ٻه اِها دعويٰ نه پئي ڪري سگهي ته اُن انهيءَ جي ڪا اڳڪٿي ڪئي هئي. بس رڳو هڪ سماجي ماهر، يروشلم جي هڪ اڳوڻي ڊپٽي ميئر ۽ اسرائيل جي سزا لاءِ پنهنجي سر اعلان ڪندڙ ڊاڪٽر بينونستيءَ کي رعايت ڏئي سگهجي ٿي، جنهن ١٩٨٧ع دوران والاريل علائقن بابت ڪيل پنهنجي هڪ اڀياس ۾ ڄاڻايو هو ته اُتي چڪتاڻ، رتوڇاڻ جا واقعا جيئن پوءِ تيئن وڌي رهيا آهن ۽ اُتان جي عوام ۾ مايوسي پکڙيل آهي. (٧) حقيقت ۾، ١٩٨٧ع جي آخري مهينن دوران چڪتاڻ جي وڌڻ جو اِهو انداز هو، جو آڪٽوبر جي وچ ڌاري وزيراعظم آئزڪ شمير کي اسرائيلي فوجي ريڊيئي تان اِها خاطري ڏيارڻي پئي ته حالتون ڪنٽرول ۾ آهن. جڏهن ته حقيقي صورتحال ان جي بلڪل اُبتڙ هئي.

پر ڏونڌاڙ جا شڪار، يروشلم ۾ ويٺل ڏاها، آڪٽوبر دوران غزه پٽيءَ ۾ پيدا ٿيندڙ حالتن تي تمام گهٽو ڇرڪيل هئا. اسرائيلي شنبيت سڪيورٽيءَ جا سيڪڙاٽ غزه شهر ۾ تمام گهڻن هٿيارن سان ليس فلسطينين جي هڪ ٽولي سان هڪ خطرناڪ تيز رفتار ڪار- ڊوڙ ڪان پوءِ گولين جي ڏي وٺ ۾ رُڌل ڏٺا ويا، جنگ جو ڏيک ڏيندڙ انهيءَ ڪارروائي ۾ چار فلسطيني ۽ هڪ شنبيت ايجنٽ مارجي ويا. مارجي ويل فلسطينين مان گهٽ ۾ گهٽ ٻه اسلامي جهاد تنظيم جا ميمبر هئا، جيڪا تن ڏينهن ۾ غزه جي ڪئمپن ۽ خود غزه شهر جي پراڻي علائقي ۾ مضبوط ٿي رهي هئي. اسلامي لاڙي جي اهڙي مضبوطيءَ جا ڏيک سڄي دنيا ۾ نظر اچي رهيا هئا. گهيري ۾ ورتل، گِتيل آبادي ۽ بي واهرو غزه واري پٽي نئين ۽ جنگجو اسلام جي تيزيءَ سان پکڙجڻ لاءِ ڪارائتو علائقو هئي.

١١ آڪٽوبر تي جڏهن غزه ۾ ڪيترن ئي مارجي ويلن جي دفنائڻ ڪان پوءِ هنگامو شروع ٿيو ته اسرائيلي فوجين مظاهرو ڪندڙن تي گوليون وسائي ڪيترا ئي ماڻهو ڦٽي وڌا. ٿورڙن ئي هفتن ۾ اسرائيلين کي انتها درجي جو صدمو پهچو پيو، جڏهن هڪ اڪيلو فلسطيني نوجوان اسرائيل جي اترئين سرحد جا سمورا حفاظتي بندڻ ٽوڙي ڪاهي پيو. سندس 'ڪارروائي ڪري پڄي وڃڻ' واري ڪرت اسرائيل سان 'هٿن ۾ پٿر کڻي' مهاڏو اٽڪائيندڙ نوجوانن ۾ جڻ نئون اُتساهه پيدا ڪيو. اِهو واقعو ٢٦ نومبر تي پيش آيو، جڏهن دمشق ۾ ٺانيڪو فلسطين جي آزاديءَ لاءِ عوامي محاذ جي جنرل ڪمان (PFLP- GC) سان تعلق رکندڙ هڪ فلسطيني گوريلو اسرائيلي سرحد اُڪري، ذري گهٽ هڪ ڏهاڪي جي خطرناڪ ترين رتوڇاڻ ڀري دهشتگرد ڪارروائي ڪري ويو. هڪ اي- ڪي ٤٧ رائفل، پستول ۽ بمن سان ليس، ان گوريلي لبنان سان ملندڙ سرحدن تي اسرائيل جي ڏور اُتر ۾ 'ڪريات شيمونا' پرسان گبور فوجي ڪئمپ تي حملو ڪري ڇهه فوجي ماري وڌا ۽ ست زخمي ڪيا.

انتهائي عذاب ۾ ڦاٿل اسرائيلي فوج جي چيف آف اسٽاف ڊين شيمرون اُهو

سوال اُٿاريو. جنهن جو ڪيترن ئي اسرائيلي شهرين جواب ٿي چاهيو: ”اِهو ٿيو ڪيئن؟“ هُن فوجي ريڊيو تي چيو: ”هڪ دهشتگرد ڇهن فوجين کي ماري وجهي ۽ ستن کي زخمي ڪري ڇڏي؟ اسين اهڙن واقعن هوندي جيئرا رهي نٿا سگهون“ (٨)

عرب دنيا، ان جي اُبتڙ ان تي انتهائي سَرهائي جو اظهار ڪيو. اسرائيل جو نہ فتح ٿي سگهندڙ ڀوت هاڻ ختم ٿي چڪو هو. شامي ريڊيئي ان وقت عرب عوام جون دليون کٽي ورتيون، جڏهن اُن اعلان ڪيو، ”اِها ڪارروائي والار خلاف وڌندڙ مزاحمت جي هڪ نئين ۽ اهم مرحلي جي نمائندگي ٿي ڪري... اِها ثابت ٿي ڪري تہ عرب مزاحمت پنهنجي مرضيءَ موجب دشمن کي اهم ترين صدمو رسائڻ جي اهليت رکي ٿي.“ (٩)

١٩٨٨ع جي نئين سال کان، جڏهن اِهو واضح ٿيڻ لڳو تہ انتفاده وقتي هنگامن کان گهٽي مٿيري آهي، تہ ان جي سببن جي ڇاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ پهرين ٿڌي دماغ واري تڪ شروع ٿي وئي. سولي سيبتي ڳالهہ هئي تہ غزه ۽ اولهندي ڪناري جا سترهن لک رهواسي، ويهن سالن کان جيئڻ ٻوءِ تيئن وڌيڪ اُگري ٿيندڙ والار کان تنگ اچي چڪا هئا ۽ باقي عرب دنيا سان پنهنجن اختلافن ڪري هنن هاڻ معاملا پنهنجي هٿن ۾ کنيا هئا.

ڪيترن عرب دانشورن لاءِ انهن هنگامن جا ڪافي گهرا اهڃاڻ ۽ سبب هئا: اِهي عربن پاران پنهنجن حاڪمن ۽ سياستڪارن سان سهمت هئڻ خلاف مايوسي ۽ ڌڪار جو اظهار هئا. جڳ مشهور شامي شاعر نزار قباني، پنهنجي نظم 'پٿر کنيل ٻار' ۾ جيڪا صورتحال پيش ڪئي آهي، ان کان بهتر اظهار جو مثال ملڻ مشڪل آهي. اهو نظم والاريل علائقن ۾ عمل ڪرڻ کان ڇرڪيل تيونس ۾ پي-ايل- او قيادت لاءِ هڪ سنيهو هو:

غيرواسطيدارن وانگر اسين هوٽلن ۾ ويهون ٿا
ڪو پنهنجي واپار لاءِ هٽ پير ٿو هٽي،
ڪو وڌيڪ ڪروڙ ناهڻ لاءِ ٿو پتوڙي
۽ ڪو چوٿين زال ماڻڻ لاءِ
اُرهن کي سيبتا سان ٿو جرڪائي،
ڪو ڪنهن اعليٰ مقصد لاءِ لنڊن ٿو اُسهي
ڪو بکن ۾ ٿو ٻهڪي
ڪو نائيٽ ڪلبن ۾ پلاند ٿو پسي
ڪو تخت ڪيرائڻ لاءِ ڀاڙيتو فوج
۽ ولي عهد ٿو پيدا ڪري.

*

او نڳيءَ جا نسل!
هٺي درجي جا اڻ سڌريل انسانو!
وساري ڇڏيل نسل جا نشانؤ!
اسين توهان کي لوڙهي ويندا سين،
تاريخ جو جيڪر سست وهڪرو ٿو وهي
تہ ڇا ٿيو،
جو هار بُت ڊاهي رهيا آهن (١٠)

١٩٨٨ع جي شروعاتي مهينن ۾ جڏهن والاريل علائقن ۾ طوفان جي خاتمي جو اهڃاڻ نہ پئي نظر آيو، وچولي اسرائيل ۾ رمليھ جيل جي هڪ ڪوليءَ واسيءَ پنهنجي سر ويچارڻ شروع ڪيو. ٻاهر رهندڙ عرفات ۽ پي- ايل- او قيادت وانگر، هُن بہ ڇڪتاڻ مان سياسي لاڀ پرائڻ جي امڪان تي غور ٿي ڪيو. ١٩٤٨ع واري جنگ ۾ مارجي ويل عرب سورمي عبدالقادر الحسينيءَ جي پٽ فيصل الحسينيءَ کي اسرائيلين ١٢ سيپٽمبر ١٩٨٧ع تي گرفتار ڪيو هو. هڪ مهيني تائين کيس بہ، فلسطينين کي مختلف جيلن ڏانهن اُماڻڻ کان اڳ واري يروشلم جي روسي ڪمپائونڊ ۾ رکيو ويو، تنهن کان پوءِ کيس رمليھ اُماڻيو ويو هو.

والاريل علائقن ۾ عرفات جو اهم ترين ڪارندو سمجهيو ويندڙ حسيني، پهرين تہ اخبارن ۾ انهيءَ اُڀار جي خبرن کي پڙهي حيران ٿي ويو. اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ هُن پنهنجو پاڻ کان پڇيو. سڄي زندگي سرگرم رهندڙ حسينيءَ، ١٩٨٤ع ۾ سوچ ويچار جو هڪ مقامي ادارو 'عرب اپياس سوسائٽي' جوڙيو هو ۽ تڏهن کان والاريل علائقن ۾ اسرائيلي راڄ سان قيٽ ڪاٽڻ جي نون طريقن لاءِ هٿ پير هڻي رهيو هو. هُن پنهنجي ڏينهن ڏٺي جي سپنن ۾ بہ فلسطينين جي اهڙي اُڀار بابت نہ سوچيو هو. هو لاڳيتو ٻڌتر ۾ رهيو، تہ جيئن ١٩٨٧ع جي آخر ڌاري سندس ڪٽنب جي ڀاتين هڪ ملاقات ۾ کيس صورتحال جا تفصيل ڏنا. (١١) پوءِ کيس گهڻو عرصو قيد تنهائي ۾ رکيو ويو، جتي تازين خبرن کان محروم هو، پر کيس ان ڳالھ مان ڪنهن حد تائين اطمينان حاصل هو تہ انتفاده سندس ڪجھ خيالن جو عملي روپ پئي ڌاري، جيڪي هو پنهنجي ويجهن اعتماد جوڳن ساٿين سان سليندو رهيو هو. "اهو اسان آڏو واضح هو تہ فلسطينين کي مانيٽي مزاحمت قبول نہ هوندي" هو چوي ٿو: "تنهن ڪري اسان اهنسا ڀري تيز ترار پاليسي جوڙي." (١٢)

جيئن ئي انتفاده هڪ عوامي شرڪت واري اُڀار جو روپ ڌارڻ لڳي، عرفات ۽ تيونس ۾ ٿانيڪي قيادت انهن واقعن کان پنهنجو پاڻ کي ڌار ڪري نہ سگهي. اپريل ١٩٨٧ع ۾ فلسطيني قومي ڪائونسل جي الجيرس اجلاس ۾ پي- ايل- او جي والاريل علائقن لاءِ رابطي ڪميٽيءَ جا ١٩٨٧ع جي آخر ۽ ١٩٨٨ع جي شروع ۾ بغداد ۽ تيونس ۾ هڪ ٻئي پويان اجلاس ٿيا. ڪميٽي ميمبر ۽ سرگرم

ڪميونسٽ سليمان نجب موجب، "انهن جو مقصد مخصوص هدايتون ڏيڻ کان سواءِ انتفاده جي مڪمل حمايت حاصل ڪرڻ هو. اسان اِها راءِ جوڙي تہ جيڪي ويڙهہ جي ميدان ۾ آهن، اُهي پنهنجي سر ئي ضروري قدمن کان واقف هوندا." (١٣)

انهيءَ آزمائشي لاڙي جا تيونس ۾ گهرا ڏڦيڙ پريا اثر پيا ۽ اِها سوچ وڌڻ لڳي تہ والاريل علائقن جا سرگرم نوجوان متبادل قيادت تيار ڪري رهيا آهن. اِهو عرفات کي وڪوڙيل اهم ترين ٻپ هو. اِها اهڙي ڪرت هئي جيڪا نہ تہ ڪانئس برداشت ٿئي ها ۽ نہ وري هو ڪري ٻہ ها.

١٩٨٨ع جي شروع ۾ يڪراءِ ٿيل پي- ايل- او جي اهم گروپن جي اُپار لاءِ گڏيل قيادت واسطي ڪوشش ڪرڻ واري فيصلي کان وڌيڪ ڪنهن بہ شيءِ تيونس ۾ سمورن جي روح کي نہ ڇُهيو. بدحواسيءَ ۾ تيونس وارن ان کي قبولي ورتو. "پي- ايل- او- هاءِ ڪمان ۾ ڪيترائي ان فيصلي تي خوش نہ هئا." گهڻي ياڱي پنهنجي گوريلائي نالي ابوليليٰ طور سڃاتو ويندڙ دمشق ۾ ٽيانيڪو مارڪسي جمهوري محاذ جو اعليٰ سطحي ميمبر قيس السامرائي ٻڌائي ٿو: "هُنن ان کي هڪ مخالف اداري طور تي ڏٺو، پر جلد ان پنهنجي ڪارائتي حيثيت مڃرائي ورتي، سگهو ئي ان عوامي تحريڪ جي روزمره واري حڪمت عملي جوڙڻ جي سموري نميواري سنڀالي ورتي." (١٤)

گهڻي ياڱي فتح، عوامي ۽ جمهوري محاذن ۽ ڪميونسٽن تي ٻڌل گڏيل قومي قيادت جو ڪم بهرحال ڪو هرو ڀرو سولو نہ هو. فتح تي چڱو موچارو اثر رکندڙ سيڪيولرن کي اسلامي گروپن جي وڌندڙ قوت سبب چرڪ ٿي پيا، جن هر هر آزادانہ طور تي هڙتالن جا سڏ ڏني پي- ايل- او جي سياسي حڪمت عمليءَ ۾ ڏڦيڙ ٿي پيدا ڪيا. سال جي وچ ڌاري جنگجو 'حماس' جو ظهور، جنهن جي لفظي معنيٰ 'ولوڙ يا جوش' هئي ۽ اِهو 'اسلامي مزاحمت جي تحريڪ' جو ننڍو لفظ مرڪزيءَ ڌاري لاءِ چئلينج بڻجي رهيو هو.

ٻاهران جاچيندي، عرفات اندر رهندڙ پنهنجي همراهن سان سدائين سهمت نہ پئي ٿيو. مثال طور هو ١٩٨٨ع جي شروع ۾ عرب ميونسپل ڪائونسل تان استعفيٰ ڏيڻ واري فيصلي جو مخالف تہ هو پر ساٿين جي موقف ڪري ان کي مڃي ورتائين. پي- ايل- او اڳواڻ کي ڳڻتي هئي تہ اقتصادي دٻاءُ اپار کي نهوڙي سگهي ٿو. عرفات جي هڪ سينيئر ساٿي خالد الحسن لبناني اخبار 'السياد' کي جنوري جي شروع ۾ ٻڌايو تہ هنگاما سماجي بغاوت جو رُخ اختيار ڪندا، ڇاڪاڻ جو اقتصادي ڌڪيائون ضرور آڏو ايندين." (١٥)

پرڏيهہ نيڪاليءَ ۾ رهندڙ حسن ۽ ٻيا شڪي مزاج پنهنجي پيش منظرن ۾ ڪافي حد تائين غلط ثابت ٿيا. جلد ئي اهو واضح ٿي ويو تہ والاريل علائقن جو عوام اڳي جي ڀيٽ ۾، اسرائيلي راڄ لاءِ پنهنجي مخالفت ۽ وڌيڪ قربانيون پيش

ڪرڻ لاءِ وڏيڪ ثابت قدم هو. مختصر اِهو تہ. پٽر اڇلائيندڙن ۽ سندن ڳجهي قيادت اُهو ڪجهہ ڪري ڏيکاريو جيڪو ويهن سالن جي والار دوران نہ ٿيو هو. جيڪڏهن والار هيٺ رهندڙ فلسطينين معاملا پنهنجي هٿن ۾ ڪنيا هئا، تہ هو ٻاهر موجود پي- ايل- او ڪان پڻ عمل جي گهر ڪري رهيا هئا. ضرورت ميدان ۾ اَڇجندڙ قربانين ڪي ڪنهن سياسي مقصد سان ڳنڍي عالمي همدرديون حاصل ڪرڻ جي هئي.

ٻين جي پيٺ ۾، عرفات جلد منطقي نتيجا ڪڍي ورتا. جنوريءَ جي شروع ڏاري واشنگٽن پوسٽ جي جوناٿن رينڊل کي ڏنل هڪ انٽرويو ۾ هُن ان ڳالهہ جا چٽا اشارا ڏنا تہ سندس سوچ ڪهڙي ڏسا ۾ وڃي رهي آهي. هُن چيو. ”پي- ايل- او کي هڪ جلاوطن حڪومت قائم ڪرڻ گهرجي. هتي اهو ضابطو جنهن وسيلي هڪ عزت ڀريو ادارو والار هيٺ رهندڙ عوام لاءِ سمورين ذميوارين قبولي.“ هُن وڌيڪ چيو: ”ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ اهڙو قدم ڪنهن نئين اهم پليٽ فارم سان لاڳاپيل هوندو.“ انٽرويو ڪندڙ جي سوالن جا منجهيل جواب ڏيندي هُن ١٩٦٧ع ڪان اڳ وارين سرحدن ۾ اسرائيل کي رسمي طور تي تسليم ڪرڻ کي قطعي طور تي رد نہ ڪيو. (١٦) سندس بيقراريءَ ڏورانهين تيونس ۾ ٿانيڪن پي- ايل- او اڳواڻن ۾ هڪ زوردار بحث ڇيڙي ڇڏيو. ”تمام ٿورڙن ماڻهن جو خيال هو تہ اِهي رڳو ڪجهہ ڏينهن جا مظاهرا نہ پر هڪ نئون دور هو.“ اڄڪلهہ عرفات جو هڪ اهم ترين صلاحڪار ۽ جمهوري محاذ جو هڪ اڳواڻ ياسر عبدالربہ ٻڌائي ٿو: ”اسين شروع ۾ ئي ان نتيجي تي پهتاسين تہ ان تحريڪ کي هڪ عوامي اُڀار ڏانهن ڏڪي سگهجي ٿو، ۽ اِهو فلسطيني مسئلي جي حل لاءِ نين ڪوششن ڏانهن وڌي سگهي ٿو. ان سوال تي مٿئين انتهائي ننڍڙي دائري ۾ بحث ۽ دليل جاري هئا. ڪجهہ ماڻهن جو چوڻ هو تہ سياسي بيان ڏيڻ سان خود انتفاده تان ڌيان هٽي سگهي ٿو. ڪيترائي ٻڏتر جو شڪار هئا، ڪين ان بابت پڪ نہ هئي تہ ڪا ڪنهن سياسي قدم جي ضرورت بہ پوندي. ان جي اُبتڙ ٻين ٿي چيو تہ اِها سياسي هٿيار کي اُڀار سان جوڙيندي؟“. (١٧)

سوال هو تہ ڪيئن؟ هڪ نئين قدم کي سامهون آٿي، عرفات اُهي ٿڪائيندڙ تنازعا نئين سر ٿي ڦلهوريا، جن جي پي- ايل- او ١٩٧٠ع واري ڏهاڪي جي شروعات ڪان شڪار هئي، سڀ ڪان وڌيڪ اِهو تہ ان کي غزه ۽ اولهندي ڪناري ۾ فلسطيني ننڍڙي رياست ۾ اسرائيلين سان گڏجي رهڻ بابت پي- ايل- او ڪان راضپي جو هڪ واضح بيان پڻ حاصل ڪرڻو هو. اهو قطعي واضح نہ هو تہ هن ڀيري اُن ڪرت ۾ سوپارو ٿي ويندو جنهن ۾ ماضي دوران ڪيترائي ڀيرا ناڪام ٿي چڪو هو. جنوري ١٩٨٨ع جي آخر ڏاري، عرفات جي همٿائڻ تي عبدالربہ هڪ ڀيرو ٻيهر عارضي حڪومت جو بي رنگ خيال پيش ڪيو. ان جو

نتيجو عرفات جي پنهنجي فتح ۽ تحريڪ جي وڏيڪ توائي ڏرين مان چڪتاڻ جو طوفان ڪڙو ٿيڻ جي صورت ۾ ظاهر ٿيو. "موٽ مڪمل طور ناڪاري هئي، ايستائين جو ڇهه مهينا پوءِ هڪ عارضي حڪومت جوڙڻ جي ڳُهر ڪندڙن پڻ ان تي جلُهون ڪيون." عبدالرب هڏائي ٿو. (١٨)

پر معاملو اتي ختم نه ٿيو. عرفات وقت سر معتبراڻي انداز ۾، هڪ آزمائشي فوڪٽو اڏايو ۽ ڪلي عام پنهنجي پوزيشن ظاهر نه ڪندي، هو ان گهڙيءَ جو اوسيڙو ڪندو رهيو، جتان ان بحث کي اڳتي ڏکي سگهجي.

پنهنجي ٻاهرين سائين جيان، والاريل علائقن وارا روايتي اڳواڻ، نام نهاد فلسطيني معتبر پڻ مايوسيءَ وچان سياسي انداز ڏيندڙ ڪو فارمولو ڳولڻ ۽ گهٽين جي جوڏن جي سرگرمين کي هنجو ڏيڻ لاءِ هٿ پير هٽي رهيا هئا. ١۴ جنوريءَ تي ان ٽولي جي يروشلم واري نيشنل پيلس هوٽل ۾ ٿيل اجلاس هنگامي آرائي ختم ڪرڻ ۽ اسرائيل سان ڳالهين لاءِ اصول جوڙڻ جي اُميد جو اظهار ڪيو. اجلاس چوڏهن نڪاتي پروگرام پڌرو ڪيو: "فلسطيني قومي حقن جي ميجتا کان سواءِ حقيقي امن ماڻي نٿو سگهجي" جن ۾ خودارادیت وارو حق ۽ فلسطيني قومي ڌرتيءَ تي هڪ آزاد فلسطيني رياست جو قائم ٿيڻ شامل هئا. ان دستاويز چتاءُ ڏني ڏنو ته، "جيڪڏهن انهن حقن کي نه مڃيو ويو ته اسرائيلي والار جو تسلسل وڌيڪ هنگامي آرائي ۽ رتوڇاڻ کي جنم ڏيندو ۽ ان سان ڏڪار ۾ واڌ ٿي ايندي." (١٩)

اِها اپيل اسرائيل جي انهن ٻوڙن ڪن جي ور چڙهي وئي، جيڪي ١٩٨٨ع جو سڄو سال نومبر ۾ ٿيندڙ عام چونڊن جي تيارين ۽ هر حالت ۾ اُپار کي مُنهن ڏيڻ لاءِ اندروني ۽ ٻاهرين دٻاءُ جا شڪار رهيا. اسرائيل کي انتفاده جي شروعاتي ڏينهن ۾ انتهائي ڏکيائين کي مُنهن ڏيڻو ٿي پيو ۽ روايتي طور تي اُن انهيءَ جا الزام غيرواسطيدارن تي ڏرڻ شروع ڪيا. عملدارن اسرائيل مخالف ۽ ايستائين جو سيمتزم مخالف خاطوئن کي ڏوهاري لکڻ شروع ڪيو. جلدي اسرائيلي سخت مزاج فوج غزه ۽ اولهندي ڪناري جي وسيع علائقي کي اخباري عيوضين ۽ خاص طور تي ڪئميرائن لاءِ بند ڪري ڇڏيو. اسرائيلي پروپيگنڊا بازن لاءِ، ٽيليوين جي اڻ-چيندڙ اک وسيلي بيان ٿيندڙ ڪهاڻي کي رد ڪرڻ ناممڪن هو ۽ ٽي- وي ذريعي آمريڪي راءِ عامه تي خراب اثر پئجي رهيو هو. "اها اسرائيلي سوچ ته دنيا سندس مخالف آهي، ٽي- ويءَ جي بي انتها هاءِ گهوڙا سبب پڻ جُڙي هئي" Anti Defamation League of B'ani B'rith جي يروشلم آفيس جو ڊائريڪٽر هيري وال جنوريءَ ۾ شڪايتي لهجي ۾ چوڻ لڳو هو. (٢٠) اسرائيل لاءِ انتفاده جي شروعاتي مهينن ۾ خبرون جيئن پوءِ تيئن خراب صورتحال ڳهڙي رهيون هيون.

ٻه واقعا خاص طور تي صدمي پريا ظاهر ٿيا. هڪ ۾ اسرائيلي فوجين ٥

فيبروريءَ تي اولهندي ڪناري جي هڪ وڏي عرب شهر نابلس پرسان سالم ڳوٺ ۾ چئن نوجوان فلسطينين کي جيئرو دفن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هنئي واقعي ۾، فيبروريءَ جي آخر ڌاري، آمريڪي سي- بي- ايس نيٽ ورڪ خود نابلس ۾ هن عرب نوجوانن تي چئن فوجين کي تشدد ڪندي ڏيکاريو. اِهو تشدد عام ماڻهو تہ ڇا پر والاريل علائقن ۾ انتهائي پيانڪ تشدد جو مشاهدو ڪندڙن لاءِ بہ برداشت جوڳو نہ هو. اسرائيل ان جي ذميوارن کي نوڪرين مان تہ ڪڍي ڇڏيو پر شڪي دنيا لاءِ ان ڳالھ تي اعتبار ڪرڻ مشڪل هو تہ اهڙن واقعن کي هنجو بہ ايندو.

جنهن ڳالھ اسرائيلين، ايستائين جو فلسطينين کي بہ ڇرڪائي وڌو، اُها هئي هر شخص ۽ ڳوٺ ۾ مزاحمت جي انتهائي قوّتي سان پنهنجو پاڻ کي عوامي تحريڪ ۽ عوامي ڪميٽين ۾ منظم ڪرڻ. جن هزارين سرگرم ڪارڪنن جي گرفتاري ۽ ڪجھ اڳواڻن جي ڏيھ نيڪاليءَ جي باوجود بہ اُبار کي جيئاري رکيو. انهي سرگرميءَ جي انتها تي فتح جي حمايت يافتہ الصبيحہ يا نوجوان تحريڪ هئي، جيڪا يونيورسٽين ۾ پنهنجي حيثيت مڃرائي چڪي هئي. ان جي ڪيترن اڳواڻن اسرائيلي جيلن ۾ پنهنجي سياسي تعليم ماڻي هئي. فلسطيني نوجوانن جو اِهو نسل بنديخاني جي تجربن کي 'انقلابي اسڪول' جو اپياس ٿو سڏي: "اِهو لاجواب تجربو هو. جيلن ۾ اسان جي تنظيم اسان کي ٻاهر منظم ٿيڻ ۾ مدد ڏني." ١٩٧٧ع ۾ قائم ٿيندڙ نوجوان تحريڪ جي سرگرم بانين مان هڪ ٻڌائي ٿو. (٢١)

آهستي آهستي ئي سهي، پر ١٩٧٤ع ۾ فلسطيني قومي ڪائونسل جي اولهندي ڪناري ۽ غزه ۾ هڪ 'قومي اختياري' قائم ڪرڻ واري ڳالھ ڪان پوءِ والاريل علائقا ايندڙ عرب- اسرائيلي ڇڪتاڻ جي ميدان طور سامهون اچي رهيا هئا. سچو فلسطين آزاد ڪرائڻ واري سپني جي ساپيان نہ ملڻ تي پي- ايل- او پهرين ڀيجهي طور تي ۽ اڳتي هلي ڪلي عام والاريل علائقن ۾ ممڪن لاپ ماڻڻ لاءِ اُپاءُ وٺي رهي هئي. فتح، جمهوريءَ عوامي محاذن، ڪميونسٽ ۽ وڌندڙ قوت اسلامي گروپن سميت سموريون ٽريون ادارا جوڙڻ ۾ رُڌل هيون، ۽ ان دوران ڪڏهن ڪڏهن پاڻ ۾ ڇڪريون پڻ ڪائي رهيون هيون.

پر ١٩٨٢ع دوران لبنان ۾ پي- ايل- او کي آيل خوني شڪست ڪان پوءِ ئي ان جي اڳواڻن ۽ خاص طور تي پي- ايل- او جي فوجي سربراهہ خليل الوزير حقيقي طور تي اولهندي ڪناري ۽ غزه تي ڌيان ڏنو. "والاريل علائقن ۾ ڪنهن عوامي تنظيم جي امڪانن جو پي- ايل- او وارن کي تمام دير سان احساس ٿيو." والاريل علائقن مان هڪ سرگرم ڪارڪن جو چوڻ آهي: "وٽن لبنان ۾ پنهنجو تاجي پيٽو ۽ پنهنجا ويڙهاڪ هئا. اُتي ڪين قوت حاصل هئي، هو عرب سياسي راند

جو حصو بڻيل هئا." (٢٢)

لبنان کان پوءِ، وزير والاريل علائقن ۾ پنهنجا هٿ ڦهائڻ لاءِ تيزيءَ سان وڌيو ۽ ان کان گهڻو اڳ هُن عمان ۾ پنهنجي اڏي تان غزه پٽي ۽ اولهندي ڪناري جي غيرحاضر راز طور پنهنجو پاڻ کي ظاهر ڪرڻ شروع ڪيو. وزير جي زبان مان نڪتل لفظ والاريل علائقن جي چار سؤ شهرن، ڳوٺن ۽ وستين ۾ قانون جي حيثيت رکندڙ هو. جيتوڻيڪ اردن جو بہ ان ۾ ڪنهن حد تائين هٿ هو. پر ١٩٨٣ع کان ١٩٨٥ع تائين عمان مان پنهنجي نيڪاليءَ تائين، اولهندي ڪناري جي ڪنهن عرب شهر ۾ ڪو ڪلرڪ مقرر ڪرڻ جهڙا معمولي معاملا بہ وزير ڏانهن اُماڻيا ويندا هئا. نوجوان سرگرمن جو هڪ پختو دستو اڀري وڌيو. انهن ۾ عرفات جي حمايتين جي اڪثريت هئي ۽ اُنهن ئي انتفاده جي شروعاتي ڏينهن ۾ ان جي سرواڻي ڪئي.

والاريل علائقن ۾ پي- ايل- او جي چوٽ چڙهيل سرگرمين جو هڪ اهم سبب اولهندي ڪناري ۽ غزه پٽيءَ ۾ يونيورسٽيون کولڻ پڻ هو. بيرزئٽ ڪاليج کي ١٩٧٦ع ۾ يونيورسٽي بڻايو ويو، جڏهن تہ اننجح، بيگيهم ۽ غزه يونيورسٽيون ١٩٧٧ع ۾ قائم ڪيون ويون. "اتفاقي طور تي، يونيورسٽيون کولي، اسرائيلين ان قومپرست جذبي کي هٿي ڏني، جنهن کي خود هنن ڪچلڻ ٿي چاهيو. سندن خيال هو تہ فلسطينن کي پيشيور تعليم ڏيڻ، ڪين فلسطيني قومپرستي کي وسارڻ لاءِ ڪافي هوندو. سندن خيال هو تہ هو اسان کي 'آمريڪيائي' ڪري وٺندا ۽ بيرزئٽ هڪ وڏو بسڪو بڻجي ويندو. اسان اڏو ڳجهي طور تي ڪم ڪرڻ يا هڪ کليل عوامي تنظيم بڻجي سامهون اچڻ وارا متبادل هئا ۽ اسان پوئين ڳالهہ جي چونڊ ڪئي. اسرائيلي چاليهہ هزار ماڻهن کي گرفتار نہ پئي ڪري سگهيا." هڪ شاگرد اڳواڻ ٻڌائي ٿو. (٢٣)

"١٩٨١ع جي بهار ۾، اسان بيرزئٽ ۾ شاگردن جي هڪ گڏجاڻي ڪئي ۽ اُن ۾ 'سماجي ڪمن لاءِ فلسطيني نوجوانن جي تنظيم' قائم ڪئي سون. ان جا مقصد سماجي هئا: انهن ۾ گهٽين ۽ ڪئمپن جي صفائي، بلدياتي ڪائونسلرن ۽ سندن عملي جي مدد، طبي ڏينهن، لوڪ ڪهاڻي ڏينهن، رضاڪار ڏينهن جهڙا تهوار ملهائڻ، غريبن ۽ شهيدن جي ڪٽنبن جي مالي سهائتا ڪرڻ شامل هئا. اسان فيصلو ڪيو تہ شروعاتي مرحلي تي اسان کي پنسي جي گهرج نہ پر خودمختياريءَ سان ڪم ڪرڻ جو موقعو ملڻ آهي.

"اسان جا نالا پڌرا ڪيا ويا ۽ فتح جا حمايتي بہ ان يڪ هيٺان آيا. جيتوڻيڪ ان کلي طور تي فتح جي هڪ تنظيم هئڻ جي دعويٰ نہ ڪئي هئي، پر جيئن تہ اِها ڪا ڳجهي تنظيم نہ هئي، ان ڪري تنظيم ماڻهن جو ٻپ ختم ڪري ڇڏيو. اسان همراهن کي ڪئمپن ۽ ڳوٺن ۾ ڪارڪنن جي ڀرتيءَ لاءِ اُماڻڻ ۽

پنهنجي سرگرمين کي سڌسماءُ جي ذريعي مشهوري ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. ڪجھ مهينن اندر نئي اسان وٽ ٨٩ ڪميٽيون ٺهي ويون، سمورن ڏار ڏار يونٽن جا صدر يروشلم پرسان عرب شهر البريھ ۾ گڏ ٿيندا هئا. اسان جو مقصد فلسطيني قومي تحريڪ لاءِ هر سطح تي هڪ ڍانچو ڏيڻ هو." (٢٤)

جڏهن جون ١٩٨٢ع ۾ ايرل شيرون لبنان ۾ پنهنجا ٽينڪ اُماڻيا، اولهندي ڪناري ۽ غزه ۾ نئين سر سياسي سجاڳي وڌندڙ هئي. صابره ۽ شتيلا وارن قتلامن، ١٩٨٢ع ۾ فتح جي لبنان مان نيڪالي ۽ والاريل علائقن ۾ انهيءَ جاڳرتا ته والار جي خاتمي بابت ڪو پيش منظر اوستائين سامهون نه ايندو، جيستائين اتان جا رهواسي پنهنجا معاملا پنهنجن هٿن ۾ نٿا ڪٺن. اِهي سبب هئا جن انهيءَ جاڳرتا کي وڌايو ويجهايو.

فيصل الحسينيءَ لاءِ، 'اهنسا پريا مظاهرا' ڪرڻ وارو نقطءِ نظر سيپٽمبر ١٩٨٢ع ۾ صابره شتيلا جي پهرين هارهي جي موقعي تي حقيقت بڻجڻ لڳو، جڏهن هُن يروشلم ۾ هڪ احتجاج منظم ڪيو. سندس خيال موجب هڪ سؤ کان گهٽ ماڻهن کي متوجه ڪري سگهندڙ اِهو پرامن مظاهرو ناڪام هو: "پر جهڙي ڏايمڙسيءَ سان اسرائيلي پوليس اسان تي حملو ڪيو، مون اِهو سوچڻ شروع ڪيو ته شايد! اِهو نئي صحيح رستو آهي، جڏهن مون اِهو ڏٺو ته هڪ آفيسر منهنجي نون سالن جي ڌيءَ کي مارڪٽ ڪرڻ شروع ڪئي. اِها عجيب ڳالھ هئي، هُن اهڙي تحريڪ جا بنياد پهرين مرحلي تي نئي کپڻ ٿي چاهيا." (٢٥)

حسينيءَ والاريل علائقن ۾ پنهنجو پاڻ کي اختياريءَ واري شخصيت بنائڻ واري ڪرت جاري رکي. فلسطيني راڄ جو وارث، عبدالقادر جو پُٽ، آهستي آهستي هڪ فطري اڳواڻ طور اُبرڻ لڳو. اِهو اهڙو خلا هو جيڪو بگهي عرصي کان پريل نه هو. قاهره ۾ پنهنجي ٻالڪپڻي ۾ عرفات سان سندس ناتن کيں پنهنجن همعصرن کان مٿاهون بڻائي ڇڏيو. سندس روپ ۾ خطري- پسندي سبب اسرائيلين هرهر کيس نظربند ٿي ڪيو. تيونس واسين جي مالي سهائتا نه هوندي به حسينيءَ جي 'عرب اڀياس سوسائٽي' کيس عمل لاءِ پليٽفارم مهيا ڪري ڏنو. وڌيڪ اهم اِهو ته هو 'گهٽين جي جوڌن' ۽ انهن معتبرن وچ ۾، جيڪي اوڀر يروشلم جي صاف سٿري آمريڪين ڪالوني هوٽل ۾، سفارتڪارن، صحافين ۽ آمريڪا ۽ يورپ مان حقيقتون معلوم ڪرڻ لاءِ ايندڙ وفدن لاءِ ڳانڍاپي جي پُل بڻجي ويو. ١٩٨٦ع جي پڇاڙي ڌاري هُن پنهنجي وڌندڙ اختياريءَ جو اوڏي مهل مظاهرو ڪيو جڏهن، هُن جارج بُش سان ملڻ لاءِ معتبر فلسطينين جي وفد جي مخالفت ڪئي. تڏهوڪي نائب صدر ۽ صدر ٿيڻ جي خواهشمند، چونڊن کان اڳ اسرائيلي اڳواڻن سان مُرڪندي تصوير ڇپرائي آمريڪي يهودين جي هڏل ووٽن کي حاصل ڪرڻ پئي چاهيو.

حسيني عرب اوڀر يروشلم جي مرڪزي شاهراهه صلاح الدين اسٽريٽ تي

ظاهر ٿيو ۽ آمريڪين پاران فلسطينين لاءِ ڪا گنجائش نہ ڪڍڻ تي احتجاج ڪندي، بُش جو بائيڪاٽ ڪرڻ ۽ هڙتال لاءِ اپيل ڪئي. نتيجي طور هڪ ناهہ ٿيو ۽ اوپر يروشلم اخبار جي ايڊيٽر حنا سينوره آمريڪا جي ٿيندڙ صدر کي فلسطينين جي پيڙائن بابت هڪ خط ڏنو. هڪ فلسطيني مبصر جي لفظن ۾، اهو واقعو ناميارن ترجمانن سينوره ۽ بيٿلهيم جي ميئر الياس فريئج لاءِ 'آخري واڪاڻ' ثابت ٿي پئي سگهيو. (٢٦) گهٽين جي قوت پنهنجو پاڻ کي ميراڻ شروع ڪري ڏنو هو.

ان واقعي تي تيونس وارا بہ لاتعلق رهي نہ سگهيا، پر ايستائين جو انتهائي باخبر مبصر بہ مشڪل سان انهيءَ ننڍڙي جدوجهد کي انتقاده ۾ رُڌل فلسطينين جو بااختيار آواز سمجهي سگهيا. خود عرفات سمجهي ٿو تہ پي- ايل- او ۽ شامي پٺيرائيءَ واري امل مليشيا وچ ۾ ٨٦-١٩٨٥ع واري بڪهي ۽ رتوڇاڻ پري 'ڪئمپن جي جنگ' تي غزه ۽ اولهندي ڪناري جو ردعمل صورتحال بدلائڻ ۾ هڪ اهم عنصر هو. جو ١٩٨٥ع جي وچ ڌاري جنگ جي پهرين مرحلي تي ڪاوڙ پريل مظاهرن والاريل علائقن اندر رهندڙ نوجوان ويڙهاڪن ۽ ٻاهر رهندڙ سندن پائرن ۽ پينرن ۾ هڪ گهرو تعلق جوڙي ورتو. (٢٧)

١٩٨٧ع جي سڄي سال دوران، والاريل علائقن ۾ رويا سخت ٿيندا رهيا. خاص طور تي آمريڪين بابت مايوسيون وڌڻ لڳيون. جڏهن آمريڪي پرڏيهي وزير جارج شُلز آڪٽوبر جي ٽئين هفتي ۾، وچ اوپر جو دورو ڪيو تہ 'گهٽين' واري دٻاءُ فلسطيني معتبرن کي ساڻس ملاقات ڪرڻ کان روڪي ورتو. پمفليٽن ۽ پوسٽرن ذريعي امن لاءِ قدمن مان آمريڪي ڪوشش مان مسلسل پي- ايل- او کي ٻاهر رکڻ تي پنهنجي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ويو هو. شاهہ حسين کي فلسطينين جو نمائندو لکڻ واري جهوني آمريڪي خواب حقيقتن سان ميل نٿي کاڌو ۽ جڏهن ڏڪارو شلز يروشلم جي هلٽن هوٽل جي ارڙهين ماڙ تي مايوسيءَ مان ڪجهہ ڳوهہ ۾ صلاح مشوري لاءِ گهرايل ائن فلسطينين جو اوسيٽرو ڪري رهيو هو، تہ سندس صلاحڪار بہ مٿئين نتيجي تي پهتا. وچ اوپر بابت شلز جي سينيئر صلاحڪار رچرڊ مرفيءَ اڪتي هلي ان مشن کي، 'شروعات بدران پڄاڻي' ۽ 'بيرل جو پويون تر' سڏيو. مرفي چوي ٿو: "ارادو سال جي پڄاڻي تي ريگن- گورباچوف اجلاس جي جانوري ۾ ڌرين: اردن، اسرائيل ۽ مصر کي گڏڻ هو. اهو تمام گهٽو محدود خيال هو، ايترو محدود جو اسرائيلين ان تي اڌوري هائوڪار ڪئي ۽ اردن انڪار ۾ موٽ ڏني. اِها هڪ دور جي پڄاڻي هئي. اسان ان تي پنجن سالن جو وڏو شاهي عرصو کپايو. ان دوران انيڪ سفر ڪيا ويا، پر ان مان حاصل ڪجهہ بہ نہ ٿيو. ڇهہ هفتا پوءِ انتفاده شروع ٿي وئي." (٢٨)

واشنگٽن ۾، جتي وچ واري پنهنجي اتحاديءَ تي هلڪي ڦلڪي تنقيد وڌڻ لڳي

هئي، والاريل علائقن ۾ پيش ايندڙ صورتحال چتاوڻيءَ جو اظهار ڪيو. ٽيليويزن پنهنجي ڪارائتي حيثيت ثابت ڪري رهيو هو ۽ لبرل آمريڪي يهودين پنهنجو پاڻ کي عمل جي ڳُهر ڪندڙن کان پري ڪرڻ شروع ڪيو. جنوري جي آخر ڌاري جارج شلز پڪي دل سان ڇهن مهينن کان بہ گهٽ عرصي ۾ هيڏ پيرو وچ اوڀر وڃڻ جون تياريون شروع ڪيون، پر حالتن جو واءُ سواءُ وڻڻ لاءِ هُن پهرين رچرڊ مرفيءَ کي اوڏانهن اُماڻيو. ان معاملي کي رُکي انداز سان ڏسندي، عربن اسرائيلين تان دٻاءُ گهٽائڻ جي ڪوشش ليکيو.

سندن هڏتر واري اعتماد کي اوڏي مهل مشڪل سان ئي ڪا هٽي ملي، جڏهن فيبروري جي آخر ڌاري جارج شلز پنهنجي پيشرو هينري ڪسنجر جي ڦتايل ڪرت کي جاري رکڻ لاءِ وچ اوڀر روانو ٿيو. آمريڪي يهودي اڳواڻن سان فيبروريءَ جي شروع ۾ ناشتي تي ٿيل هڪ گڏجاڻيءَ تي اڳوڻي پرڏيهي سيڪريٽريءَ چيو، "فلسطينين جي اُپار کي 'ظالماڻي تيزيءَ' سان ڪچلڻ گهرجي.(٢٩) ۽ والاريل علائقن ۾ ٽي- وي ڪئميرائن تي پابندي هڻڻ گهرجي." سندس تبصري تي هڏل چئن صفحن واري ميمو موجب، ڪسنجر زور ڀريو تہ: "هنگامن کي هڪدم هنجو ڏنو وڃي ۽ پهرين مرحلي ۾ ڏکڻ آفريڪا وانگر ٽيليويزن ڪئميرائن کي ٻاهر ڦٽو ڪيو وڃي. يقيناً ان تي تنقيد ٿيندي... پر اِها جلد ختم ٿي ويندي. جدت پسنديءَ سان ڪجهہ وڃائڻ ڪو اعزاز جوڳو عمل ناهي." (٣٠) تڪليف ۾ ورتل ڪسنجر جو خيال هو تہ ميمو جا راز پڌرا ڪرڻ "زهر کائي مرڻ لاءِ ڪافي آهي." (٣١)

شلز امن ڀرئي حل لاءِ جون تائين هلندڙ بي مقصد ۽ بگهي سلسلي جي پهرين مرحلي تي اسرائيل پهتو. اِها ريگن انتظاميا پاران وچ اوڀر ۾ پنهنجي متضاد رڪارڊ کي درست ڪرڻ جي آخري نامراد ڪوشش هئي. شمير اڳيئي اسرائيل جي ساڄي ڌر واري ليڪڊ بلاڪ جي هڪ نوجوان 'شهزادي' اهود اولمرٽ کي آمريڪي انتظاميا ڏانهن اِهو ٻڌائڻ لاءِ واشنگٽن اُماڻي چڪو هو تہ اسرائيل 'امن ڀري ڌرتي' بابت ڳالهين ۾ ڌُر نہ ٻڌبو. هڪ اهڙي ٿلهي متاري جيوَ وانگر جيڪو پنهنجي رت جي گرمي وڃائي چڪو هجي، شلز يروشلم، عمان، دمشق ۽ قاهره جو دورو ڪري هڪجهڙايون ڳولڻ جي ناڪام ڪوشش وارا دورا ڪيا. رڳو آمريڪا تي ڀاڙيندڙ مصر ۾ ئي ڪيس ڪو حقيقي اُتساهہ مليو. يروشلم ۾، هڪ ساڳي ورتاءُ پنهنجو پاڻ کي دهرايو. شلز کي فلسطيني معتبرن وٽان ڇهن مهينن اندر هيو پيرو رڪاوٽ پوڳٽي پئي، جن مان ڪي پنهنجو پاڻ کي شديد ناراضگيءَ واري لهجي ۾ 'مِڪي مائوس قيادت' سڏي رهيا هئا. (٣٢)

عرفات، جيڪو تن ڏينهن ۾ اورچائپ سان انتفاده مان هوا نڪرڻ کان اڳ ان کي سياسي فائدن لاءِ استعمال ڪرڻ واسطي هٿ پير هڻي رهيو هو، پهرين تہ شلز ۽

پي- ايل- او جي حمايتي معتبرن وچ ۾ ڳالهين جي اجازت ڏيڻ تي راضي ٿي ويو، پر جڏهن ڪيس والاريل علائقن ۾ ان جي مخالفت جي ڄاڻ ملي ته هُن هڪدم پنهنجو خيال بدلائي ڇڏيو. 'بغاوت ۾ رڌل فلسطيني عوام اُها آمريڪي- اسرائيلي سازش ٿڏي ڇڏي آهي، جنهن ۾ ڪجهه عرب پڻ شريڪ هئا.' ڳجهي قيادت جو هڪ پمفليٽ ۾ چوڻ هو. "هو اُيار ڪي ناس ڪرڻ جي ننڍڙڪي ڪوشش ۾ اِها سازش اسان جي عوام تي مڙهي رهيا آهن." (٣٣) تيونس ۾ ٿانيڪي قيادت کي پيغام مليو ويو. اُن هڪدم ترديد ڪئي ته ڪو اُها والاريل علائقن ۾ شلز سان ٿاڪڙي تي راضپي لاءِ رٿي رهي آهي. 'ڳهٽين' جي سرگرمين ۽ تيونس وچ ۾ اختيارن جي ناتن تي سخت هڻ هٿان دوران، ڪنهن پاڙيسري ملڪ ، امڪاني طور تي مصر ۾، والاريل علائقن جي اندرين ۽ ان کان ٻاهرين گڏيل فلسطيني وفد جي گڏجاڻي لاءِ رٿ پيش ڪئي. ان ڳالهه جو ڪو به امڪان نه هو ته چرڪيل شلز پي- ايل- او جي اجازت يافته وفد سان اهڙين حالتن ۾ گڏبو ۽ اهڙي ريت سندس ۽ فلسطيني نمائندن وچ ۾ سڌين سنئين ڳالهين جي رٿ دفن ٿي وئي.

شلز فيبروريءَ جي پڇاڙيءَ ۾ هڪ هلڪي ٿڏي ڏينهن تي فلسطيني معتبرن سان پنهنجي گڏجاڻي بابت بيان جاري ڪرڻ لاءِ عرب اوڀر يروشلم جي مرڪز ۾ آمريڪين ڪالوني هوٽل ڏانهن لڙيو. اُتي هُن، اڳي جي پيٽ ۾ معمولي اڳيرو قدم کڻندي، فلسطينين جي 'سياسي ۽ اقتصادي حقن' جي احترام ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي. پر ان ۾ خودارادي واري حق جو ڪو به ذڪر نه هو. سندس ڪارڪردگيءَ جو مشاهدو ڪندڙ 'اصلي' فلسطينين مان فقط هوٽل جا فلسطيني ملازم ئي هئا. اوڀر يروشلم اخبار جو ايڊيٽر حناسينوره جيڪو شلز سان گڏجندڙ وفد جي لسٽ ۾ شامل هو، چوي ٿو: "آمريڪا پاران فلسطينين جي بنيادي حقن کي مڃڻ کان انڪار سبب اسين پهرين ڏاڪي تي ئي بيٺا رهياسين." (٣٤)

شلز ان کان پوءِ وچ اوڀر جي پنهنجي ٻئي دوري کان اڳ شاهه حسين سان ملاقات لاءِ لنڊن اُسهيو. پر چوٿين مارچ تي جڏهن هُن هڪ عالمي ڪانفرنس جي پٺڀرائي ۾ فلسطيني خودمختياريءَ تي ڳالهين جو سلسلو شروع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته سندس ڪاوش اڳيئي پساهه ڏئي چڪي هئي. (٣٥) اسرائيلي هوڏ ۽ حسين سميت سمورن عربن جي شڪن ان ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

شلز جي اڻ واسطيدار ناڪامين کي چڱي ريت ڄاڻندي، اسرائيلي اڳواڻن پي- ايل- او خلاف جنگي ڪرت جهڙو معاملو تيار ڪري ڏنو. مارچ جي شروع ڌاري، اسرائيل جي فوجي ۽ انٽيليجنس سربراهن ۽ نام نهاد 'وزيراعظم جي ڪلب' آئزڪ شمير، شمعون پيريز ۽ آئزڪ ربين اُيار جي 'روح روان' خليل الوزير کي قتل ڪرڻ جو اصولي فيصلو ڪري ورتو. ان جو سبب هُنن اِهو ٿي ڄاڻايو ته مصيبتن جي خاتمي ۾ فوجي ناڪاميءَ تي ڦهليل نااُميديءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ فوجي

ڪارروائي ضروري هئي. هن پنهنجو پاڻ کان سوال ٿي پڇيو ته، "سندن مقصدن سان ڪهڙي ڳالهه ٺهڪي؟" وٽن هڪ ئي جواب هو: "پي- ايل- او جي اهم اڳواڻن مان هڪ جو قتل."

وزير منطقي هدف هو. ڇا هُن والاريل علائقن ۾ مزاحمت کي منظم نه ڪيو هو؟ اولهندي ڪناري ۽ غزه پٽيءَ ۾ پي- ايل- او جي خوني ڪارروائين جو اصل بڻ بنياد هو نه هو؟ ڇا هُن اسرائيلي سرحدن جي هِن پار فلسطيني گوريلا اُماڻي دهشتگرد ڪارروايون نه ڪرايون هيون؟ ۽ سڀ کان اُگرو اِهو ته ڇا هو يورپ ۽ قبرص رستي والاريل علائقن ۾ فون ۽ فيڪس وسيلي سڌوسنئون هدايتون نه ڏئي رهيو هو؟ وزير هڪ يوائنٽي ڌمڪي هو ۽ جيترو جلد سندس انت اچي بهتر هو.

ستين مارچ تي، فتح جي ٽن گوريلن نيگيو رڻ پٽ ۾ هڪ بس تي قبضو ڪيو. اِهو علائقو اسرائيل جي ديمونا نيوڪليائي فيڪلٽي کان گهڻو پري نه هو. سندن مقصد ديمونا تي حملو ڪرڻ هو پر ان ۾ ڪامياب ٿي نه سگهيا. هو سڪيورٽي فورسز سان ٿيل چڪريءَ ۾ مارجي ويا، ان ڪارروائي ۾ ٽي اسرائيلي به اجل جو شڪار ٿيا. وزير انهيءَ اوچتي مشن جو اختيار ڏنو هو ۽ هُن پنهنجي هٿ اکرن ۾ فتح جي فوجي ونگ العاصفه جي نالي سان بيان جاري ڪري سندن قربانين کي ساراهيو. اسرائيل جي 'وزيراعظم ڪلب' ان کي قتل واري رٿا کي عمل ۾ آڻڻ جو سگهارو جواز ليکيو.

اسرائيل کو چانس نه کنيو. اِها ذميواري پوري ڪرڻ لاءِ ڪيترن ئي ادارن مان اٺڳڻين ماڻهن کي تيار ڪيو ويو. هٿيارن سان سٽيل بيڙين کي يونچ سمنڊ جي هُن پار تيونس ۾ معتبراڻي 'متڪل' گوريلن کي نيڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو. جڏهن ته بمبار جهازن جو وڏو تعداد پڻ سندن حفاظت تي لڳل هو. ذري گهٽ پندرهن سال اڳ ١٩ اپريل ١٩٧٣ع تي بيروت ۾ پي- ايل- او جي ٽن اهم اڳواڻن جي قتل کان وٺي اسرائيل پنهنجي ڪنهن اهم دشمن کي ختم ڪرڻ لاءِ ايترا وسيلا نه لڳايا هئا. اسرائيلي چيف آف اسٽاف ڊين شومرون جي هدايتن تي، ڏيان سان ڪيل انهن تيارين مان ظاهر پئي ٿيو ته يهودي رياست پي- ايل- او جي فوجي ڪمانڊر کي منظر تان هٽائڻ لاءِ ڪيترو آتي هئي.

١٦ اپريل جي شروعاتي گهڙين ۾ جڏهن خليل الوزير تيونس جي پسگردائي سدي بائو سعيد ۾ پنهنجي گهر موٽيو ته موساد جي ايجنٽن جي مدد حاصل اسرائيلي گورلن جو هڪ دستو اونداهه ۾ هُن لاءِ گهات هنيو ويٺو هو. رات جو ڏيڍ وڳي کان هڪدم پوءِ، هُن پيشقدمي شروع ڪئي، هُن نه رڳو گهر جو دروازو ڀڳو پر هڪ ڊرائيور ۽ ٻن پهريدارن کي قتل پڻ ڪيائون. ڪين گهر جي پوئين پاسي جي بيهڪ جي مڪمل جاڻ هئي. وزير ڪم ۾ رُڌل هو. اتفاقي طور تي هو اُيار جي ڳجهي قيادت کي هڪ سنيهو اُماڻڻ ۾ مصروف هو. هو اِهو مڪمل ڪري نه

سگهيو. ڊاڪٽين تي ٿيندڙ گوڙ کان پريشان ٿيندي، هُن پنهنجو پستول کڻيو ۽ پنهنجي زال انتصار سان گڏ پنهنجي خوابگاهہ جي در کان ٻاهر نڪتو. ورانڊي ۾ اچڻ کان پوءِ، ڪيس ڊاڪٽين تي ظاهر ٿيندڙ شڪلين تي پنهنجي پستول مان فقط بوڇاڙ ڪرڻ جو ئي وقت ملي سگهيو. هنئي فائر ڪرڻ کان اڳ هو هن دنيا ۾ ئي نہ رهيو. تربيت يافتہ، اسرائيلي گوريلا قاتلن سڪون سان مٿس گولين جو مينهن وسائي ڇڏيو. گوليون ايترو تہ مسلسل وسايون ويون جو سندس پستول جهليل هٿ ڪرائي کان ڌار ٿي ويو. گولين سان ٻرُڻ ٿيل سندس جسم تي مٿي کان پيرن تائين سٺ گوليون لڳل هيون. سندس هراسيل زال اِهو سمورو ڏيک پنهنجي اکين سان ڏسندي رهي. اِهو سڀ ڪجهہ ڪن پل ۾ مڪمل ٿي ويو. پنهنجي وحشيپڻي جي اظهار طور، هڪ قاتل خوابگاهہ ۾ داخل ٿيو ۽ بستري تي مشين گن جو برسٺ هلائي وزير جي ڪير پياڪ پُٽ ندال کي ماري وڌائين. مٿئين ماڙ جي هڪ دريءَ مان انتصار الوزير ٻن درجن همراهن کي اونداهيءَ ۾ ڀڄندي ڏٺو. ڪيس ان متعلق ڪو شڪ نہ هو تہ اُهي اسرائيلي هئا. (٣٦)

اِها خبر ٻڌندي، صدمي ۾ بيحال عرفات، نار جي دوري تان هڪدم تيونس واپس وريو. وزير جو زيان نہ پرجي سگهندڙ نقصان هو. هو ۽ عرفات گذريل ٽيهن سالن کان بهترين دوست ۽ ويهن سالن کان تحريڪي ساٿي هئا. هو پي- ايل- او ۽ فتح جو اهم ٿنڀ هو. سندس سياڻي پري ۽ پرُسڪون طبيعت، اُتاولي عرفات لاءِ تمام گهڻي ڪارائتي هئي ۽ هُن ڪيترائي ڀيرا عرفات کي سندس غلط ڪاٿن جي ڏهڻ ۾ ڪرڻ کان بچايو هو. هنئي پاڻ ۾ ايترا تہ ويجها هئا جو عرفات اِج بہ چوي ٿو "اسين ٻہ جسم هڪ روح هئاسين". (٣٧)

ڏک جي پهرين اظهار ۾، عرفات پلاند جي ڳالهہ ڪئي، "جيڪي اِهو ٿا سمجهن تہ ابوجهاد جو قتل فلسطيني اُڀار ۾ ڏار وجهندو، اُهي بيوقوفن جي جنت ۾ ٿا رهن." هُن اعلان ڪيو: "سندس مرتيو انهيءَ سورماڻي بغاوت کي نئون جنم ڏيندو. ابوجهاد جي وهندڙ رت مان انقلاب جا ديپ جرڪندا." (٣٨) رت وهيو تہ سهي پر اِهو اسرائيلين جو نہ هو. قتل واري ڏينهن والاريل علائقن ۾ ٿيل هنگامن جي نتيجي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻارهن فلسطيني مارجي ويا. اِهو انتفاده دوران هڪ ڏينهن ۾ مارجي ويلن جو سڀ کان وڌيڪ ڳاڻيٽو آهي. مارجي ويلن مان سٺن جو تعلق غزه واري پٽيءَ سان هو، جنهن تي ڏهاڪا اڳ وزير جي شروعاتي مزاحمتي ڪارروائين لاءِ ميدان تيار ڪيو هو.

جارج شلز ۽ سندس ايلچين عرفات جي ساڄي هٿ واري حيثيت رکندڙ اڳواڻ جي قتل کي وچ اوڀر جي ماحول ۾ بهتريءَ لاءِ هاڃيڪار تہ سمجهيو ٿي پر هُن هڪ عالمي امن ڪانفرنس بابت پنهنجي رٿ تان ڪڏهن بہ هٿ نہ ڪنيو، جنهن لاءِ هو مئي ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر وچ اوڀر ويٺو هو. هو اسرائيلي وزيراعظم شمير کي

هوڏ تان لاهڻ ۾ ناڪاميءَ تي جون جي شروع ۾ اسرائيل کان روانو ٿيو. ڪاوڙ ۾ ڦونبديل شلز اهڙو بيان جاري ڪيو جيڪو هُن لاءِ غيررواجي هو. "اولهندي ڪناري ۽ غزه پٽيءَ ۾ لاڳيتو والار ۽ فلسطيني حقن جي مڃتا کان انڪار هڪ ڪوس- ڪهر ڏانهن ويندڙ گهٽي آهي." هُن اعلان ڪيو: "اهو سوچڻ ته ان کي جاري رکي سگهجي ٿو، فريب کان سواءِ ڪجهه به ناهي." (٣٩)

جيئن ئي جارج شلز وچ اوڀر وارو اسٽيج ويڙهيو، عرب اڳواڻ ڇهن مهينن کان هلندڙ ڇڪتاڻ پرئي فلسطيني اُبار تي غور ڪرڻ لاءِ الجيرس جي هڪ بي ترتيب هوٽل ۾ گڏيا. ان جو مرڪزي ڪيڏاري اُهو شخص هو، جنهن کي ان ۾ شريڪ ڪيترن ئي اڳواڻن گذريل نومبر ۾ عمان واري پنهنجي اجلاس ۾ نظرانداز ڪرڻ لاءِ وسان نه گهٽايو هو. محنتي ياسرعرفات هڪ پيرو بيهر مرڪزي حيثيت ۾ هو ۽ والاريل علائقن ۾ هلندڙ جدوجهد جي عرب مڃتا ۽ پي- ايل- او لاءِ عرب رقم جي نئين آمد لاءِ زور پري رهيو هو. هو سربراهي اجلاس لاءِ ڪيترن ئي مهينن کان پتوڙي رهيو هو، فلسطيني نوجوانن جي خودرو طور تي پنهنجي گهرن آڏو دشمن تي پٿرن جو وسڪارو ڪرڻ واري ڪرت تي ردعمل ظاهر ڪرڻ ۾ مونجهاري جو شڪار ٿيندي، عرب اڳواڻن وٽان ملندڙ شروعاتي موٽ، ڪا اُتساهه پري نه هئي. هاڻ، هو ان کي گهڻي دير تائين روڪي نه پئي سگهيا ۽ عرفات ان موقعي کي پنهنجي سياسي حيثيت جي بحالي لاءِ استعمال ڪرڻ بابت اٽل هو.

ڪيس مايوسي نه ٿي. جيتوڻيڪ ڪيترن ئي اڳواڻن پي- ايل- او ۽ عرفات کي راهه تان هٽائڻ لاءِ سرگرمي پڻ ڏيکاري هوندي پر هُنن اسرائيلي راڄ خلاف 'سورماڻي' اُبار کي خراج پيش ڪرڻ لاءِ نه رڳو پنهنجا اختلاف دفن ڪيا پر پي- ايل- او کي پنهنجا وڌيڪ عطيا ڏيڻ (جيڪو عمل ۾ نه آيو) ۽ فلسطيني مقصد جي بچاءُ ۾ پنهنجون سفارتي ڪوششون ڪرڻ جو واعدو پڻ ڪيو. ايستائين جو شاهه حسين، جيڪو گذريل سالن کان پنهنجو پاڻ کي فلسطينين جو نمائندو ثابت ڪرڻ ۾ رُڌل هو سو پڻ پنهنجي پراڻي حريف سان اختلاف ختم ڪرڻ لاءِ تيار پئي نظر آيو. پنهنجي بگهي ۽ فنڪاراڻي تقرير ۾ هُن شڪايت ڪئي ته اردني اميدن کي سدائين غلط سمجهيو ويو آهي ۽ اهو واعدو ڪيائين ته جيڪڏهن عرب رياستون چاهين ته پوءِ هو فلسطينين جي نمائندگي ڪرڻ تان پڻ هٽ ڪٽي سگهي ٿو. سندس انهيءَ عوامي گفتار پويان خود سندس اردني راڄ ۾ ڪنهن انتفاده جي ڦهلجڻ جو ڊپ ۽ تلخي موجود هئي. هو ان ڳالهه کان به بنل هو ته والاريل علائقن جا فلسطيني ساڻس به اوترو ئي ڌڪار ٿا ڪن، جيترو اسرائيلين کان ۽ سندس مايوسي اوڏي مهل پنهنجي انتها تي پهچي وئي، جڏهن عرب اڳواڻن والاريل علائقن لاءِ پنهنجي رٿيل امداد کي ورهائڻ جي ذميواري پي- ايل- او کي ڏني.

ڪڏهن به هڪ ڏسا ۾ اڳتي نه وڌندڙ عرفات، پنهنجي روايتي انداز ۾

فلسطيني تحريڪ کي وڏيڪ ڪارائتين پاليسين ڏانهن نيڻ ٿي چاهيو. ان لاءِ چونڊيل مقصد صحافين ۾ ورهايل هڪ گمنام مضمون هو، جيڪو ان وقت ورهايو ويو جڏهن عرفات ڪانفرنس روم ۾ پنهنجي ڪرت ۾ رُڌل هو. ان ۾ هڪ اسرائيلي- فلسطيني امن ٺاهه لاءِ پي- ايل- او جي نقطءِ نظر جي اُپٽار ڪيل هئي ۽ ان عرفات لاءِ هڪ وڏيڪ آزمائش پيدا ڪئي.

جنهن به ان کي ڏٺو ٿي اُهو ان جي غيررواجي لهجي تي ششدر ٿيو پئي: "اسين سمجهون ٿا ته سمورن ماڻهن کي پنهنجا معاملا پنهنجي سر هلائڻ جو حق آهي، يهودين ۽ فلسطينن کي نه رڳو پنهنجي پاڙيسرين کان غيرجنگي رويي جي اُميد رکڻ گهرجي پر منجهن سياسي ۽ اقتصادي سهڪار پڻ هئڻ گهرجي، جنهن کان سواءِ ڪا به رياست سلامتي پرئي ماحول ۾ رهي نٿي سگهي." انهيءَ مسودي ۾ لکيل هو: "فلسطيني پنهنجي لاءِ پائيدار امن ۽ سلامتي چاهين ٿا، ساڳيو حال اسرائيلين جو هئڻ گهرجي، ڇاڪاڻ جو ڪو به ڪنهن ٻئي جي ڪنڌرن تي پنهنجو مستقبل نٿو اڏي سگهي." (۴۰)

ان مضمون جي نزول واري مامري ۾ سڀ کان وڏيڪ ڇرڪائيندڙ ڳالهه اِها هئي ته ان جي ليکڪ طور پنهنجو پاڻ کي ظاهر ڪندڙ ڪو ٻيو نه پر عرفات جو هڪ ويجهو ساٿي ۽ سخت گير فلسطين جي آزاديءَ لاءِ عوامي محاذ (PFLP) جو اڳوڻو مرڪزي ترجمان صباح ابوشريف هو. ابوشريف معصوم 'انقلابي' ليکيو ويندو هو ۽ ڪيترن ئي سالن کان فلسطيني تحريڪ ۾ دلچسپي رکندڙ صحافين جو ڄاتل سڃاتل هو. ۱۹۷۰ع واري ڏهاڪي ۾ پي- ايف- ايل- پي جي دهشتگرد سرگرمين ۾ ڀرپور نموني شريڪ ابوشريف ۱۹۷۲ع ۾ گهائجي پيو. ڇي گويرا جي تصوير واري هڪ ڪتاب ۾ رکيل اسرائيلي پارسل بم جي ڌماڪي ۾ هو پنهنجي هڪ ڪن ۽ ڪيترين ئي آڱرين کان محروم ٿي ويو هو. پر ۱۹۸۷ع کان، جڏهن ڪيس پارٽي لائين نه مڃڻ تي پي- ايف- ايل- پي جي مرڪزي ڪميٽيءَ مان خارج ڪيو ويو ته هو پنهنجا رنگ عرفات جي آڪاڙي ۾ ڏيکارڻ لڳو. هاڻ سندس نالو اهڙي مضمون تي لکيل هو جنهن جي ٻولي ٻن ڏهاڪن کان به وڏيڪ عرصي دوران پي- ايل- او جي لهجن ۾ سڀ کان وڌيڪ دلڪش هئي.

ابوشريف دعويٰ ٿو ڪري ته اِها لکڻي خود سندس پورهيو هئي: "مون ان قسم جو مضمون لکڻ بابت مارچ ۱۹۸۸ع ۾ سوچڻ شروع ڪيو هو." هو ٻڌائي ٿو: "ان جي پويان خيال اِهو هو ته اسان جي انتفاده پويان ڪو اهڙو سياسي پروگرام هجي، جيڪو عالمي سطح تي قبولڻ جوڳو، حقيقتن ڀريو ۽ حاصل ڪرڻ جوڳو ليکيو وڃي. مون سوچيو ته ڪو اهڙو مضمون يا رٿ هجي، جنهن ۾ سڌي طرح ان جي وضاحت ٿيل هجي ته اسين گذريل ڪيتري عرصي کان وسيع ۽ عمومي شرطن تي ڇا جي ڳالهه ڪري رهيا آهيون. مون دنيا کي اِهو ٻڌائڻ ٿي چاهيو ته

فلسطين سڏجندڙ هڪ جمهوري رياست لاءِ سالن کان جدوجهد ۾ رُڌل فلسطينين اهو سمجهي ورتو آهي تہ واحد حقيقي حل ٻن رياستن جي وجود ۾ ئي آهي." (۴۱)

پر ابوشريف تي هٽ رکندڙ خود عرفات هو، جيڪو معمول جيان ڪلي عام هڪڙو ۽ لڪ چُپ ۾ ٻيو موقف رکي رهيو هو. ضرورت مهل ترديد ڪرڻ لاءِ سوچي، هُن ان جي ڇپجڻ کان اڳ هڪ جملو پڙهڻ کان پڻ انڪار ڪيو. "ڪيس خبر هئي تہ منهنجي ذهن ۾ ڇا آهي، ۽ ڪيس اهو بہ پتو هو تہ مون اهو ڇاتو ٿي تہ سندس سوچ ڪهڙي قسم جي آهي. پر هُن اِهو پڙهيو ڪڏهن بہ نہ." ابوشريف ٻڌائي ٿو. (۴۲) اِهو انهيءَ اونگهہ ۾ اڪ- چنبي جو اظهار هو، جيڪو عرفات سدائين ڪندو رهيو هو.

ان موقعي تي انهيءَ ڪرت خود پي- ايل- او اندر ۽ ان کان ٻاهرين دنيا ۾ هڪ وڏي سياسي لهر اُڀاري ڇڏي. 'ابوشريف دستاويز' خاص طور تي واشنگٽن انتظاميا جو ڌيان ڇڪرايو، جيڪا جارج شلز جي پوئين امن مشن جي ناڪاميءَ کان پوءِ عرب اسرائيل ڇڪتاڻ بابت ڪي نوان رويا اختيار ڪرڻ جي رٿابندي ۾ رُڌل هئي. شلز جو هڪ اڳوٽو مددگار چوي ٿو: "اسان اِهو ٻڌو ۽ ان تي سوچيو، او خدا! هو تہ اسرائيلي سلامتيءَ لاءِ حساس ٻڌل هئا. هاڻ ان راهہ وسيلي ئي ڪو ڪڙ تيل ڪڍي سگهجي ٿو. اِهو اهڙو لهجو هو جنهن ۾ جڻ اهڙي ٻولي استعمال ٿيل هئي تہ اعتبار ڪريو! اسين توهان جي اسرائيلي مفادن کي سمجهون ٿا. اسان جي بہ ساڳي سوچ آهي. انهن اڳي ڪڏهن بہ اهڙي حساسيت جو مظاهرو نہ ڪيو هو جيترو ان هڪڙي دستاويز ذريعي ڪيو هئائون." (۴۳)

آمريڪي يهودي برادريءَ جو هڪ بااثر حصو پڻ جوش ۾ ڦونڊجي ويو. آمريڪي سڏسماءُ جي ادارن ۾ ابوشريف جي مضمون جي ٻيهر ڇپجڻ کانپوءِ، ڪيس شاندار سياسي رابطا رکندڙ نيويارڪ جي هڪ وڪيل جو ان متعلق دلچسپي ڀريو خط مليو. ان مائيءَ جو نالو 'ريتامائوزر' هو ۽ ڪيس اُن سال جي آخر ڌاري پي- ايل- او سان ڳالهيون ڪرڻ واسطي آمريڪي ڪوشش ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪرڻو هو.

ان جي ابتڙ، پي- ايل- او ۾ ڪيترائي همراهہ ڪاوڙيل هئا. "اُن متعلق ڪيترائي سوال هئا." ابوشريف تن ڏينهن کي ياد ٿو ڪري، "ان متعلق حمايت ۽ تنقيد جا ڪيترائي پهلو هئا، تنقيد ٻولي متعلق، تنقيد ان جي وقت متعلق ۽ تنقيد ان جي تت بابت هئي." (۴۴) سڀ کان سگهارو اظهار- خود فتح اندران، جنهن جا ڪيترائي ميمبر ان تي ڪاوڙيل هئا تہ عرفات جي تازي تڪڙي ڳالهہ کي اڳتي وڌائڻ وارو مرڪزي ڌاري کان ٻاهر وارو هو، ناهڪاري هو.

الزام مٿان الزام جو سلسلو جاري هو جو، ٻہ مهينا پوءِ، پي- ايل- او کي عمان کان هڪ غيرمتوقع اشارو مليو. شاهہ حسين کي عرب سربراهي اجلاس پاران

والاريل علائقن ۾ نون مليل عطين جي ورهاست واري ذميواري پي- ايل- او کي سونپڻ وارو فيصلو اجان نہ وسريو هو. الجيرس کان موٽندي پنهنجي صلاحڪارن سان جهاز ۾ مشورو ڪندي، هو هڪ ٺڪاري پوتاميل تي پهتو: ”فلسطينين کي آءٌ نئو گهرجان.“ هُن ٺڪ وچان چيو هو. اردن موٽڻ کان جلد پوءِ، هو لنبن واري پنهنجي شاندار گهر ڏانهن پيڙا سانيئندي روانو ٿيو. سندس ذهن ۾ اهڙو فيصلو جُڙي رهيو هو، جيڪو وچ اوڀر چڪتاڻ جا بنيادي اصول بدلائي پئي سگهيو.

حوالا

باب پندرهون

١- عرفات جي صلاحڪار سان انٽرويو، تيونس، سيپٽمبر ١٩٨٩ع. نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
٢- Middle East Reporter، ممعصر وچ اوڀر پس منظر، نمبر ٢۴۴، ڊسمبر ١٩٨٧ع.
٣- صلاح خلف انٽرويو، تيونس، جون ١٩٨٩ع.
۴- اوراهام تمير انٽرويو، تل ابيب، ڊسمبر ١٩٨٩ع.
٥- ساڳيو.
٦- واشنگٽن پوسٽ، ٢٨ جنوري ١٩٨٨ع.
٧- ميرون بينوينستي، The West Bank Data Base Project يروشلم، ١٩٨٧ع.
٨- واشنگٽن پوسٽ، ٢٧ نومبر ١٩٨٧ع.
٩- نيويارڪ ٽائيمز، ٢٧ نومبر ١٩٨٧ع.
١٠- زاچيري لاڪمين ۽ جوئيل بينن جو سهيڙيل، Intifada، واشنگٽن، ١٩٨٩ع، صفحو نمبر: ١٠٠.
١١- فيصل الحسيني انٽرويو، يروشلم، مئي ١٩٨٩ع.
١٢- ساڳيو.
١٣- سليمان نجاب انٽرويو، تيونس، جون ١٩٨٩ع.
١۴- قيس السامرائي (ابوليليٰ) انٽرويو، دمشق، جون ١٩٨٩ع.
١٥- السياد، ٨ جنوري ١٩٨٨ع.
١٦- واشنگٽن پوسٽ، ۴ جنوري ١٩٨٨ع.
١٧- ياسر عبدالربہ انٽرويو، تيونس، آگسٽ ١٩٨٩ع.
١٨- ساڳيو.
١٩- ڏسو وليم ڪوانڊٽ جو سهيڙيل The Middle East Ten Years After

واشنگٽن, ١٩٨٩ع, صفحو: ٤٨٥.

٢٠- واشنگٽن پوسٽ, ٣٠ جنوري ١٩٨٨ع.

٢١- ليڪڪن ڪي ڏنل انٽرويو, يروشلم جون ١٩٨٩ع, نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.

٢٢- ساڳيو.

٢٣- ساڳيو.

٢٤- ساڳيو.

٢٥- فيصل الحسيني انٽرويو, يروشلم, مئي ١٩٨٩ع.

٢٦- دائود قطب انٽرويو, يروشلم, آڪٽوبر ١٩٨٩ع, قطب فلسطيني صحافي آهي.

٢٧- ياسر عرفات انٽرويو, تيونس, جون ١٩٨٩ع.

٢٨- رچرڊ مرفي انٽرويو, لنڊن, اپريل ١٩٨٩ع.

٢٩- واشنگٽن پوسٽ, ٢٨ فيبروري ١٩٨٨ع.

٣٠- ساڳيو.

٣١- واشنگٽن پوسٽ, ٦ مارچ ١٩٨٨ع.

٣٢- اندر موجود فلسطيني سان انٽرويو, يروشلم, نومبر ١٩٨٩ع نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.

٣٣- واشنگٽن پوسٽ, ٢٦ فيبروري ١٩٨٨ع.

٣٤- ساڳيو.

٣٥- ڏسو 'شلز وارو قدم, ٤ مارچ ١٩٨٨ع' نمبر: ١٩ جو ضميمو ڪي, صفحو: ٤٨٨.

٣٦- انتصار الوزير انٽرويو, عمان, جون ١٩٨٩ع.

٣٧- ياسر عرفات انٽرويو, بغداد, جنوري ١٩٩٠ع.

٣٨- فنانشل ٽائيمز, ١٩ اپريل ١٩٨٨ع.

٣٩- واشنگٽن پوسٽ, ٦ جون ١٩٨٨ع.

٤٠- جون ١٩٨٨ع واري الجيرس اجلاس جي موقعي تي ورهايل پي- ايل- او جو پمفليٽ.

٤١- بسام ابوشريف انٽرويو, تيونس, آگسٽ ١٩٨٩ع.

٤٢- ساڳيو.

٤٣- ليڪڪن ڪي ڏنل انٽرويو, لنڊن, اپريل١٩٨٩ع, نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.

٤٤- بسام ابوشريف انٽرويو تيونس, آگسٽ ١٩٨٩ع.

٤٥- حسين جي نائب سان انٽرويو, عمان, ڊسمبر ١٩٨٩ع, نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.

(١٦)

آزادي

"فلسطيني رياست فلسطينين جي رياست آهي، پوءِ پل هو
ڪٿي بہ هجن... اهِا انصاف تي ٻڌل مستقل امن جي
خاطريءَ لاءِ سمورين رياستن ۽ ماڻهن سان ڳنڍ هوندي."
ياسر عرفات، آزاد فلسطيني رياست جو اعلان ڪندي،
الجيرس، ١٥ نومبر ١٩٨٨ع.

٣١ جولاءِ ١٩٨٨ع جي سنجها ٽاڻي، اردن جي شهرين پنهنجن ٽيليوزنن تي هڪ ڏٺل وائٺل غمگين چهرو ڏٺو. "ٻاجهاري ۽ پالينڊڙ خدا جي نالي سان..." اهڙي موقعن لاءِ محفوظ رکيل پنهنجي جهيڻي آواز ۾ شاهہ حسين ڳالهائڻ شروع ڪيو. هن پيري سندس روش ۾ اداسي ڇانيل هئي. ظاهر هو تہ پنهنجي پيڙا جا سبب بيان ڪرڻ وارو حسين نہ- ويءَ تي پنهنجي هڪ خواب جي پڄاڻي جو اعلان ڪرڻ آيو هو: اِهو تہ هو هڪ ڏينهن لاءِ ٿي سهي اولهندي ڪناري جي فلسطينين کي پنهنجي راڄ ۾ شامل ڪري. ايڪيهن سالن کان، جڏهن کان اسرائيلين ڇهن ڏينهن واري جنگ ۾ اُردن نديءَ، جي هُن پار سندس سلطنت جي اڌ حصي تي قبضو ڪيو هو، ڪيس اِهو ويساهہ پئي رهيو تہ هڪ نہ هڪ ڏينهن هو اِهو ٻيهر حاصل ڪري وٺندو. عرب دنيا مان اينڊڙ اُنهن اٿڳڻين بيانن هوندي بہ تہ اُردن نہ پر پي-ايل- او اولهندي ڪناري جي فلسطينين جي نمائندگي ٿي ڪري، هُن اسرائيلي راڄ هيٺ عربن سان ويجها ناتا برقرار رکيا هئا. هاڻ، پنهنجي ڏاڏي شاهہ عبدالله جي وڏي شاهي تصوير آڏو ويٺي، جنهن ١٩٥٠ع ۾ اولهندي ڪناري کي پنهنجي راڄ ۾ شامل ڪيو هو، هو پنهنجي ڄدامجد جي نشاني وڃائڻ جي تياري ڪري رهيو هو.

"جيئن تہ عام خيال اِهو آهي تہ والاريل فلسطيني ڌرتيءَ جي آزادي جي جدوجهد ٻنهي ڪنارن وچ ۾ انتظامي ۽ قانوني ڳانڊاپي جي خاتمي ۾ آهي، اسان کي پنهنجو فرض پورو ڪرڻو آهي ۽ اُهو ڪجهہ ڪرڻو آهي جيڪو اسان لاءِ فائديمند هجي." هُن ٿڪل لهجي ۾ چيو: "اردن فلسطين ناهي ۽ آزاد فلسطيني رياست خدا جي مرضيءَ سان، آزادي ملڻ کان پوءِ ئي والاريل علائقن ۾ قائم ٿيندي." (١)

حسين جو قدم جان ڇڏرائڻ ۽ تلخيءَ جو ڀرپور اظهار هو. انتقاده جي روپ ۾

پنهنجو آواز ڳوليندڙ فلسطيني قومپرستيءَ ڪري اڪيلي تنگ آيل هُن. فلسطينين کي ڪيس ٺڏڻ جي سزا ڏيڻ پئي چاهي ۽ اِهو ظاهر ڪرڻ ٿي چاهيائين تہ سندس غيرموجودگيءَ ۾ هو پنهنجي مقصد ماڻڻ لاءِ اڳتي نٺا وڌي سگهن. ان دوران هُن آمريڪي پذيرائيءَ وارن وچ اوڀر امن قدمن ۾ سستي تي ڪنهن حد تائين ڇوهہ ڇنديا. جن ۾ ان نقطهءِ نظر تي ڪو چٽو موقف نہ پئي اختيار ڪيو ويو تہ اسرائيلي دستبرداريءَ کان پوءِ اولهندي ڪناري وارن سان ويجهو تعلق رکندو. جيڪڏهن آمريڪي انتظاميا ان نتيجي تي پهتي تہ ان جي وچ اوڀر بابت اڳوڻي پاليسي ڏيوالپڻي جو شڪار آهي تہ حسين جي اعلان آخري جهٽڪي جو اظهار ڪيو.

واحد شخص جيڪو حسين جي اعلان مان ڪجهہ پرائي يا وڃائي سگهيو پئي اُهو ياسر عرفات هو. گذريل ويهن سالن کان هو پي- ايل- او چيئرمين هئڻ ناتي اولهندي ڪناري جي فلسطينين جي نمائندگيءَ جي دعويٰ ڪري رهيو هو پر اردن سندس راهہ ۾ رڪاوٽ بڻيل هو. هاڻ پي- ايل- او ۽ والار هيٺ فلسطيني هڪ ٻئي جي آمهون سامهون هئا. سگهو يا دير سان، هو تنظيم کان پنهنجي حالت ٺيڪ ڪرڻ لاءِ سندس رٿابندي معلوم ڪرڻ وارا هئا.

عرفات بغداد ۾ پي- ايل- او جي مرڪزي ڪائونسل جي گڏجاڻي لاءِ تيارين ۾ رُڌل هو جو، ڪيس رائٽر وسيلي آيل خبر مان حسين جي فيصلي جي سڌ پئي. "انهيءَ اهوجهہ بادشاهہ سان لڳي ٿو تہ ڪي مسئلا ٿي پيا آهن." هُن سخت پهري واري پنهنجي مهمانخاني ۾ مانجهاندي تي اُکڙيل انداز ۾ چيو: "ٺيڪ! هاڻ اسين اڳتي وڌنداسين ۽ اولهندو ڪنارو حاصل ڪنداسين." اِهو چئي هُن ڏڪار پرئي انداز ۾ ہوٽ ڦٽايو. (٢)

ان هوندي بہ، اردني قدم جا ڪي چڱا آثار نظر نہ پئي آيا. حسين اِهو اعلان ڪرڻ کان اڳ ۾ عرفات سان مشورو ڪرڻ ڪي اهميت جوڳو نہ سمجهيو ۽ ظاهر اِهو پئي ٿيو تہ حسين پي- ايل- او خلاف پنهنجي ڪرت تي بيٺل هو. عرفات جي لطيفي شرط طيءِ ڪرڻ ۾ رولڙو وڌو. اردن جي اُبتڙ، جنهن گذريل سالن ۾ اسرائيل سان سٺا ناتا جوڙي ورتا هئا، پي- ايل- او ڪنهن بہ طور تي والاريل علائقن ۾ ذميواري سنڀالڻ جي حيثيت ۾ نہ هئي. ايستائين جو صورتحال عرفات کان ڪا تکي وک کڻڻ جي گُهر ڪري رهي هئي، پر ان جي نتيجي ۾ بہ خطرناڪ سياسي خلا پيدا ٿي پئي سگهيو.

جيئن صلاح خلف ٻڌائي ٿو، "اسان کي اِها خبر هئي تہ شاهہ پنهنجو فيصلو اسان جي مقصد کي هٿي ڏيڻ لاءِ نہ ڪيو آهي. منهنجو ذاتي خيال آهي تہ شاهہ اِهو ڪاٿو لڳائي رهيو هو تہ پي- ايل- او پهل ڪرڻ جي اهل ناهي. سندس (شاهہ حسين) آڏو جهڪڻو پوندو." (٣) جيڪڏهن حسين غلط ڪاٿو لڳايو بہ هو تہ چا

ٿيو؟ عرفات ۽ سندس ساٿين وٽ شڪ دور ڪرڻ ۽ نئين سفارتي اڳرائي لاءِ ڪهڙا بنياد هئا؟ هن پيري، تناسب مان اردن جي غيرحاضري سبب، دنيا ڪي مٽس ڏيان ڏيڻو ئي ٿي پيو. "آمريڪين ۽ اسرائيلين جي اردني چوندا متعلق اهم دليل ختم ٿي ويو هو." خلاف چوي ٿو: "اهو پي- ايل- او سان ڏيتي ليتي ڪرڻ جي حوالي سان سندن ٽڪراءُ ۾ آيو. " (۴) عرفات ان متعلق جيترو وڌيڪ سوچيو ٿي ان جو پيش منظر اوترو ئي وشال ٿي ٿيو.

ڪيترن ئي ڏينهن جي چڪتاڻ پرئي بحث ڪان پوءِ، بغداد گڏجاڻي ان فيصلي تي پهتي تہ شاهہ جي فيصلي اهڙو موقعو مهيا ڪري ڏنو آهي، جنهن ڪي پي- ايل- او وڃائي نہ پئي سگهي. ان متعلق وراثي ڏيڻ لاءِ هڪ خاص ڪميٽي جوڙي وئي ۽ ان انهيءَ ڳالهہ تي راضپو ڏيکاريو تہ تنظيم جا اهم فيصلا ڪندڙ اداري فلسطيني قومي ڪائونسل جو تڪڙو اجلاس ڪجهہ هفتن اندر ئي گهرايو وڃي. پي- ايل- او قيادت انهيءَ دہاءُ ڪي محسوس ڪرڻ ۾ ڪا غلطي نہ ڪئي. والاريل علائقن مان، رياست لاءِ جدوجهد ڪي سگهارو روپ ڏيڻ لاءِ، اولهندي ڪناري ۽ غزه لاءِ آزاديءَ جو اعلان ڪرڻ بابت سگهارا آواز اُٿي رهيا هئا. ان تي سگهارو موقف رکندڙن مان هڪ فيصل الحسيني هو. جڏهن اسرائيلي اختياريءَ وارن آگسٽ جي شروع ۾ حسينيءَ ڪي هيهر گرفتار ڪيو تہ ڪين سندس فائيلن ۾ ان بابت هڪ اعلان نامو پڻ مليو. وزيراعظم شمير ان ڪي 'هڪ ديوانگي پريو خيال سڏيو، جنهن جي عملي صورت جو ڪو امڪان بہ نہ هو.' (۵)

اِها ديوانگي هئي يا نہ، پر آزاديءَ جو اعلان ڪرڻ وارو خيال عرفات ۽ سندس ساٿين لاءِ تاريخي اهميت وارو هو. اِهو ڪنهن اهڙي رسمي مجتا ڏانهن وڌڻ جو سبب ٿي سگهيو پئي، جنهن ڪي فلسطينين جي گذريل نسل چاليهہ سال ڪن اڳ رد ڪري ڇڏيو هو. (گڏيل قومن پاران فلسطين ڪي هڪ يهودي، هڪ عرب- ٻن حصن ۾ ورهائڻ جي رٿ). اِهو قدم عملي طور تي، گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ جي ان ٺهراءُ نمبر ۱۸۱ جي مڃڻ ڏانهن وڌي پئي سگهيو، جنهن اسرائيلي رياست لاءِ جم- سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو هو.

اِهو اهڙو وچهائتو نقطءِ نظر هو، جنهن لاءِ عرفات آگسٽ ۾ حمايت حاصل ڪرڻ شروع ڪئي. عالمي قانون جي فلسطيني ماهرن جا ذهن ڪم ڪي جُنبي ويا ۽ عرفات جي پسنديده ۽ فلسطيني قومي شاعر محمود درويش ڪي ان جي لفظن جي سٽاءُ لاءِ ذميواري سونپي وئي. پي- ايل- او جي ڪيترين ئي ڏرين جا اڳواڻ تيونس ۾ ٻين هنڌن تي گڏجڻ لڳا ۽ اسڪاچ جي ڍُڪن ۽ سگريٽ جي ڪشن تي گرمجوشيءَ وارا بحث ٿيڻ لڳا.

عرفات پنهنجي سر بہ آزاد فلسطيني رياست واسطي راءِ جي سهمتي حاصل ڪرڻ لاءِ عرب ۽ ٻين ملڪن جي گادي وارن شهرن ڏانهن هزارين ميل هوائي سفر

ڪيا ۽ پنهنجي صلاحڪارن سان مختلف اينرپورٽن تي صلاح مشورا ڪرڻ جا سمورا خرچ پڪا فلسطيني ڪروڙ پتي حسيب صبّاغ جي ذمي ڪيا ويا. اِهو خود سياسي اُٿت رکندڙ فنڪار عرفات لاءِ بہ هڪ غيررواجي ڪم هو. هو ان لاءِ بہ پتوڙي رهيو هو تہ پي- ايل- او هڪ اهڙو نئون ۽ حقيقت پسند سياسي پروگرام جوڙي، جيڪو ان جي ويهن سالن وارين ڪمزورين ۽ خامين کي ڏوئي ڇڏي. ايئن ڪٿي چئجي تہ هو ڪٿيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جو ١٩٦٧ع وارو ٺهراءُ نمبر ٢٤٢ قبولڻ جو خواهشمند هو، جنهن اسرائيل کي امن ۽ سلامتي سان جيئرو رهڻ جو حق ڏني ڏنو.

اهڙو ڪو فيصلو، جيئن عرفات ان کي پروڙيو هو، پي- ايل- او لاءِ اوڏي مهل وڏيڪ ميچتا آڻي سگهيو ٿي، جڏهن عالمي ماحول علائقائي ڏڦيڙ ختم ڪرائڻ لاءِ سازگار هو. جيئن اُن سال جي اونهاري ۾ نار جنگ بند ڪرائڻ واري تجربي مان ثابت بہ ٿي چڪو هو. وڏين طاقتن وچ ۾ سڏرندڙ ناتن ڪري، سندس پندرهن سال پراڻي خواهش پڻ پوري ٿي پئي سگهي، يعني آمريڪا سان ڳالهيون. جيتوڻيڪ عرفات جا ساٿي ان جو اندازو ڪري نہ سگهيا، پر هو هڪ پيرو بيهر واشنگٽن سان اڪ- ٽيڪ ۾ اشارا ڪري رهيو هو ۽ موٽ ۾ پي- ايل- او سان ڳالهيون ڪرڻ لاءِ آمريڪي گهري دلچسپيءَ جا اهڃاڻ وصول ڪري رهيو هو.

انهيءَ انتهائي حساس ۽ ڳجهي مقصد لاءِ عرفات جو ايلچي واشنگٽن ۾ ٿانيڪو فلسطيني محمد ربيع هو. آگسٽ جي شروع ڌاري، ربيع کي هڪ اڳوڻي آمريڪي عملدار وليم ڪوانبٽ جي آفيس ۾ ڏٺو ويو، جنهن جا پرڏيهي ڪاتي جي عرب دنيا لاءِ ماهرن تي وڏا اثر هئا. سندس سنيهو چٽو پٽو هو: پي- ايل- او ٺهراءُ نمبر ٢٤٢ کي مڃڻ لاءِ تيار هئي ۽ ان جي موٽ ۾ ڳالهيون شروع ڪرڻ ۽ فلسطينين جي 'سياسي حقن' جي ميچتا بابت آمريڪي ناهہ چاهي ٿي. ٻنهي همراهن گڏجي هڪ بيان تيار ڪيو، جيڪو ڪوانبٽ پرڏيهي ڪاتي ڪٺي ويو. جيڪڏهن اِهو پي- ايل- او جي پاليسي بڻجي ٿو تہ پوءِ انتظاميا جي موٽ ڇا هوندي؟ ان صورتحال ۾ جڏهن پرڏيهي وزير جارج شلز عرفات کان چڱي ريت واقف بہ هو، موٽ انتهائي مثبت هئي. ڪوانبٽ کي هدايو ويو تہ جيڪڏهن پي- ايل- او بگهي عرصي کان مقرر ٿيل آمريڪي شرط مڃي ٿي تہ چوويهن ڪلاڪن ۾ ڳالهيون شروع ڪري سگهجن ٿيون. (٦)

حقيقت اِها هئي تہ شاهہ حسين پاران اولهندي ڪناري تان لاتعلقي آمريڪا لاءِ غلط قدم پئي ثابت ٿي، هُن جيڪڏهن وچ اوڀر ۾ امن قائم ڪندڙ طور ڪو مان مرتبو حاصل ڪرڻ چاهيو ٿي تہ ان کي ڪنهن نئين رويي سان اڳتي اچڻو پوندو. ان مرحلي تي، پي- ايل- او سان خود ٺياڪرڻ وسيلي ڳالهيون ڪرڻ بہ جوکم جو ڪم هو. اِها سموري وارتا حساس آمريڪي سياسي شرطن کان گهڻو ڏور جي

شيءِ هئي. اِها پهچ کان گهڻو پري، انتهائي گهڻي ۾ سڀ کان وڌيڪ اِهو ته انڪار جوڳي هئي. قسمت سانگي شلز ۽ عرفات لاءِ، سندن سفارتي سرگرمين لاءِ ڪين ضروري 'ڀڪ' ڏيڻ لاءِ ٽيئي ڌريون به موجود هيون. انهن ۾ اهم ترين، ڏاهو سوئيڊش سياستڪار اسٽين اينڊرسن هو. بگهي قد ۽ هر وقت هڻ ڪي متاثر ڪري سگهڻ جي صلاحيت رکندڙ اينڊرسن، سوئيڊن جي سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽي جو اهم اڳواڻ ۽ ملڪ جي مقتول وزيراعظم اولف پالمي جو جهونو اعتماد جوڳو ساٿي هو. ١٩٨٦ع کان پرڏيهي وزير طور، ڪيس پالمي کان عالمي امن قائم ڪرڻ لاءِ پتوڙ ورثي ۾ ملي هئي ۽ هو پنهنجي ملڪ جي وچ اوڀر ۾ روايتي بگهي عرصي واري ٿياڪڙيءَ واري ريت کي پڻ اڳتي وڌائڻ لاءِ آتو هو. جنهن دوران ١٩٤٠ع واري ڏهاڪي جي پڇاڙي ڌاري، ڪُڏيل قومن جو خاص ايلچي سوئيڊن جو شهري ڪائونٽ فالڪ برنيڊوٽ يهودي دهشتگردن هٿان قتل ٿي ويو هو. مارچ ١٩٨٨ع ۾ علائقي جي دوري دوران جيڪي ڪجهه سندس مشاهدي ۾ آيو، تنهن تي هُن پنهنجو سمورو ڌيان عرب- اسرائيلي ڇڪتاڻ تي لڳايو. ڇا سوئيڊن جي معتبراڻي حيثيت اسرائيل ۽ فلسطينين وچ ۾ ڳالهين ۾ پيل رڪاوٽون هٽائڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿي؟

ڪهڻ ۾ ڪهڻ هڪ پاسان حالتون اُتساهيندڙ نظر نه پئي آيون. وچ اوڀر جي پنهنجي دوري دوران اينڊرسن ان نتيجي تي پهتو ته اسرائيلين کي سندن شرطن تي آڻي نٿو سگهجي: "هو پنهنجي سر امن لاءِ ڪو قدم کڻڻ جا اهل نه هئا." (٧) پر اسرائيلي ليبر اڳواڻ ۽ پرڏيهي وزير ڪيس خانگي طور تي هدايو ته "جيڪڏهن تون پي- ايل- او کان دهشتگرديءَ تان هٿ کڻڻ ۽ اسرائيل جي مڃتا بابت اعلان ڪرائين ٿو ته پوءِ اسان به ڪين مانُ ڏيندس." (٨)

انهيءَ تبصري بابت غيريقيني اينڊرسن ان کي عمل ۾ پرکڻ چاهيو ۽ وچ اوڀر مان موٽڻ کان هڪ اڌ هفتو پوءِ هُن ان معاملي تي واشنگٽن جي دوري دوران جارج شلز سان ڳالهايو. پرڏيهي کاتي جي دعوتي روم ۾ مانجهاندي دوران اينڊرسن ۽ شلز بالڪنيءَ ۾ پندرهن منٽن تائين پنهنجي منهن ڳالهايو ۽ اُتي اينڊرسن پنهنجي ڳالهه اڳتي وڌائي، "ڇا سوئيڊن جميل برف ڳارڻ واري ڏس ۾ پهرين مرحلي طور اهم آمريڪي يهودين ۽ پي- ايل- او وچ ۾ ڪڏجاڻي ڪرائڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هو؟" شلز جو ردعمل مخصوص هڏتر پريو هو. اينڊرسن جي مددگارن موجب هُن رڳ جي نه ته حمايت ڪئي ۽ نه وري مخالفت (٩)، پر اِهو به اينڊرسن لاءِ ڪافي هو. ايندڙ هفتن ۾ هُن عرفات جي اهڙن صلاحڪارن ۽ اهل آمريڪي يهودين سان مستقل رابطا قائم ڪيا، جيڪي سندس قدم کي ڪا ساک به ڏياري سگهن ۽ ڪنهن دباءُ تي پڇي نه وڃن ۽ جيڪي اسرائيلين لاءِ به ڪا حيثيت رکندا هجن. ماسڪو جي هڪ دوري دوران، هُن پنهنجي رٿا جا سوويٽن کي 'انتهائي عمومي

شرط' هڏايا. آخري شيءِ جيڪا هُن چاهي ٿي اُها هئي ڪريملن ۾ پي- ايل- او جي اتحادين وٽان ڪارائتي ڪردار جي اُميد. (١٠)

ان ڪان اڳ جو ڪا نئين شيءِ ٿئي، بهرحال پي- ايل- او وٽان ان قدم لاءِ پذيرائي ملڻ ضروري هئي. عرفات تحريڪ کي بنا ناراض ڪرڻ جي ڪنهن امڙي نرم بيان تي ڪيئن ٿو راضي ڪري، جنهن تي ماضيءَ ۾ ڪيترائي تڪرار ٿي چڪا هئا، جنهن ۾ ان کي نہ مڃيندڙ خاص طور تي سندس پراڻي حريف ۽ بيمار انقلابي جارج حباش پاران واڪ آئوٽ پڻ ٿي چڪو هو؟

عرفات مارڪسي اڳواڻ کي ريجهائڻ لاءِ ان سرءُ جو حد کان وڌيڪ وقت کپايو. گڏيل بحث ۾ شامل سمورن ماهرين همراهن کي عرفات هڪ هئي پويان حباش ڏانهن اُماڻيو ۽ ساڻس هارن جيان ورتاءُ ڪرڻ بابت خاص هدايتون جاري ڪيائين. "هُن حباش تي سندس لاءِ پاڻ وٽ عزت ظاهر ڪرڻ ٿي چاهي، ۽ اِها پڪ ڏيارڻ ٿي چاهيائين تہ هو بہ ان ڪرت ۾ پوري طرح شامل آهي." ان سرگرميءَ ۾ شامل همراهن مان هڪ اهم مصري صحافي احمد بهاءُالدين هڏائي ٿو: "عرفات مون کي هڏايو تہ هو نٿو چاهي تہ حباش پنهنجو پاڻ کي ٻاهر محسوس ڪري. اِهو اڳواڻ حفاظتي تدبيرون ڪرڻ جو سوال هو." (١١)

جيئن ئي بحث اڳتي وڌيو، دونهين ڀريل ڪمرن ۾ موجود ڪيترائي مبصر ان ڳالھ کان اڻڄاڻ رهيا تہ ڪو عرفات ڏکيائين ۾ ڦاسجي چڪو آهي. رٿيل فلسطيني قومي ڪائونسل جو اجلاس هر هر ملتوي ڪيو ويو ۽ پي- ايل- او قيادت پاران هر ڏس ۾ متضاد بيان جاري ٿيندا رهيا. عرفات پنهنجي پراڻي ڪرت تہ 'سياست صحيح وقت جو فن آهي' تي عمل ڪندي، عقلمنديءَ سان اڳتي وڌندو رهيو. سندس سائين جي اڻڄاڻائيءَ ۾، ڪيس شلز وٽان اِها خاطري ملي تہ آمريڪا، پي- ايل- او پاران امن جي ڪنهن ڪاوش جي جواب ۾ مثبت موٽ ڏئي سگهي ٿو ۽ اِهو تہ هو پنهنجو جواب آمريڪي صدارتي چونڊن کان پوءِ ڏيندا. هئي پاسي، عرفات پنهنجن جٽن کي مطمئن ڪرڻ لاءِ ڪنهن درست لمحي جي اچڻ جو اوسيئڙو ڪري رهيو هو ۽ ان ۾ دير هو پنهنجي مخالفن کي ٿڪائڻ لاءِ پڻ ڪري رهيو هو.

نومبر ۾ اُهو وقت بہ اچي پڳو. اسرائيل سان گڏوگڏ آمريڪا ۾ بہ چونڊون خيرن سان ٿي ويون. فلسطيني 'پارليامينٽ' بہ الجزائري ساحل تي سنگ مرمر واري ڪانفرنس هال ۾ سخت پهري هيٺ گڏجڻ جون تياريون ڪري رهي هئي. مهيني جي شروعات ۾ هڪ رات جو دير سان، پي- ايل- او جي ڏرين جا اڳواڻ تيونس جي پسگردائي ۾ ايجنڊا کي حتمي شڪل ڏيڻ لاءِ گڏيا. معاملن جي اهميت جي لحاظ کان اِهو هڪ انتهائي سنجيده اجلاس هو. "اَٺ گڏريل ايڪيهن سالن کان سمورن قسمن جي تنظيمي گڏجاڻين ۽ بحثن ۾ حصو وٺندو پيو اچان." صلاح خلف چيو: "پر پهريون ڀيرو، بحث مباحثي دوران اُڪري مبالغي آرائي واري ٻولي اختيار

نہ ڪئي وئي. اهو پهريون پيرو هو جو سمورين ڏرين وچ ۾ سنجيده ۽ ذميوار قسم جو بحث ٿيو." (١٢)

گڏجاڻي نئين سياسي پروگرام جي حامين ۽ مخالفن ۾ ڪا هڪجهڙائپ تہ پيدا نہ ڪئي پر اُن هڪ اهڙو فيصلو ضرور ڪيو، جيڪو پنهنجي طور ڪو گهٽ اهم نہ هو. شريڪن ان ڳالھ تي راضپو ڏيکاريو تہ قومي ڪائونسل جي ايندڙ اجلاس ۾ ان جي حمايتين ۽ مخالفن کي پنهنجو نقطہِ نظر بيان ڪرڻ جي پوري اجازت هوندي، پر ڪنهن کي بہ ويٽو ڪرڻ جو اختيار نہ هوندو ۽ نہ وري ڪو واڪ آئوٽ ڪندو. انتفاده، جنهن جي نانءَ تي اِهو اجلاس ٿي رهيو هو، پي- ايل- او جي ڏرين ۾ ايڪتا پيدا ڪري ڇڏي هئي. خلف جي لفظن ۾ "انتفاده جو شان ظاهر ٿي پيو هو." (١٣)

ڏهہ ڏينهن پوءِ، ٣٨٠ فلسطيني معتبر الجيرس جي اولھ ۾ ٽيھ ڪلوميٽر پري ڪلب ڊس پنس ڪانفرنس مرڪز ۾ گڏيا. اِهو اهڙي گڏجاڻي لاءِ درست ماڳ هو. فلسطين کان گهڻو ڏور، الجزائر ١٩٦٠ع واري ڏهاڪي جي شروع ۾ عرفات جي فتح جي فتح تحريڪ لاءِ اُتساهہ مهيا ڪيو ۽ ان جو اوائلي ۽ سگهارو حمايتي بڻيو هو. گذريل مهيني اگهن ۾ واڌ خلاف ٿيل هنگامن کي چيپاڻڻ کان پوءِ الجزائري گاديءَ واري شهر ۾ صورتحال ڇڪتاڻ ڀري هئي ۽ اُتي تمام گهڻا سخت حفاظتي اُپاءَ ورتل هئا. انهن سمورين ڏکيائين هوندي بہ، الجيرس فلسطيني قومي ڪائونسل جي اهم ترين اجلاسن مان هڪ جي ميزباني ڪري رهيو هو.

هال ٻاهران ڪُتل جهاز شڪن بيٽرين ۽ ڪليل سمنڊن ۾ روسي جهازن جي پهريداريءَ ۾ وفد ڳاڙهين، ساين، اڇين ۽ ڪارين پٽين وارن فلسطيني جهنڊن سان سينگاريل گول ڪانفرنس هال ۾ داخل ٿيڻ لڳا. معتبرن، سرگرمن ۽ تيز ترار انقلابين جو اِهو ميڙ فلسطيني تحريڪ جو بنياد هو، جنهن جي عرفات بنا ڪنهن ملڪ جي ماڻهن واري پارليامينٽ طور سرواڻي ڪري رهيو هو. اِهو هڪ اهڙو غيرمعمولي ڳالهاءَ- مرڪز هو، جنهن ۾ فلسطيني ڊاڪٽر، آمريڪي يونيورسٽيءَ جا پروفيسر، ٽريڊ يونيني دهشتگرد، سوشلسٽ انقلابي، افلاطوني سرمائيدار، عيسائي دانشور، مسلمان بنياد پرستن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ويٺا هئا. اِهو هڪ گهمندڙ ڦرندڙ اسٽيج هو، عرفات جي سوانگ ڀرين صلاحيتن جو ان کان سواءِ ڪو ٻيو ميل نہ هو.

هن ڀيري رڳو هڪڙي ڳالھ مختلف هئي. تبديلي شروع کان ئي چٽي پٽي هئي. 'پلانڊ' ۽ 'سوپ تائين انقلاب' وارن پراڻن نعرن جي جاءِ هاڻ انتفاده جي حمايت وارن نعرن والاري هئي. جڏهن 'عظيم ويڙهو ياسر عرفات' اسٽيج تي اچي ويٺو، هُن پنهنجي تقرير جو رُخ هال ۾ ويٺلن بدران انتهائي سوياڻتي انتفاده ۾ رُڌل عوام، ۽ آمريڪا جي چونڊجي آيل صدر جارج بش ڏانهن رکيو: "آءٌ صدر بُش

ڪي نئين پاليسي لاڳو ڪرڻ جي اپيل نہ ڪريان، اِها اسرائيل کي ويڳاڻپ ڏانهن ڌڪڻ واري بہ نہ هجي." هُن چيو "اسين اٺنيٽين جي گهر نہ پيا ڪريون." (١۴)

نہ رڳو لهجو پر هدف بہ طيءِ ڪيو ويو. عرفات جي نئين سياسي پليٽ فارم تي پختي ارادي، رد ڪندڙن کي پسپا ڪري ڇڏيو. گذريل ٽن ڏينهن کان مُندا انتڪائيندڙ بحث واري ڪرت دوران، حباش پنهنجو پاڻ کي عرفات هٿان اُن سرگرميءَ ۾ بيوس پاتو، جنهن جو هو گذريل ويهن سالن ۾ پي- ايل- او جي اندروني لڙائين دوران ماهر ٿي ويو هو. متنازعي اعلان جو متن ورهائڻ بدران هُن ان کي ڏاڍيان پڙهڻ تي زور ڏنو. جيتوڻيڪ ورهائڻ سان سندس انهن حمايتي همراهن کي ڇڱو خاصو فائدو ٿئي ها جيڪي اڳيئي ان جي متن کان واقف هئا. هُن پڙدي پويان رهي انتهائي محنت سان ڪم ڪيو. پوائنٽ آف آرڊرن تي ڳالهائيندي ان ڳالھ جي خاطري ٿي ڪيائين تہ سندس مخالفن کي فائدو رسائيندڙ ڪا ڪمزوري نہ رهجي وڃي آهي. بحث جي پڄاڻي تي هُن پنهنجي نائب صلاح خلف کي ڇڏيو، جيڪو دليلن کي بهتر انداز ۾ ميڙائڻ جو انتهائي ماهر هو. خلف هڪ سنئي موڙ ماڻي ۽ جيئن ئي هُن پنهنجي جاءِ والاري، اچرج ۾ ورتل حباش رڳو ايترو چئي سگهيو: "اهو سڀ ڪجھ ڇا آهي؟ تون غداريءَ جي ڳالھ پيو ڪرين ۽ هي سڀ ان تي تاڙيون پيا وڄائين؟" (١٥)

١٥ نومبر ١٩٨٨ع جي شروعاتي ڪلاڪن ۾، ڪانفرنس سينٽر ۾ بيسڪن جي وڃت ۽ گونج ۾ فلسطيني جهنڊو ڦڙڪايو ويو ۽ ياسر عرفات هوليءَ جي ڪارڪردگيءَ سان ٺمٺار اعلان نامو پڙهڻ شروع ڪيو: "فلسطيني قومي ڪائونسل، الله ۽ فلسطيني عرب عوام جي نالي تي، اسان جي پنهنجي فلسطيني ڌرتيءَ تي، فلسطيني رياست جو اعلان ٿي ڪري، جنهن جو گاديءَ وارو ماڳ مقدس يروشلم هوندو." هُن دعويٰ ڪئي، "هاڻ ٿال مٿول ۽ انڪار تي آخري پڙدو وڌو ويو آهي." (١٦)

بيان جي پوئين اڌ ۾ اٺچاٺايل مسئلا هئا، جيتوڻيڪ عرفات والاريل علائقن ۾ سورماڻي اُپار ڪري فلسطيني ڪاز جون نيون راهون ٿي ڏسيون، ٿي سگهي ٿو تہ هو پي- ايل- او جي پنهنجي حيثيت بابت پتوڙي رهيو هجي. سالن تائين، توقع کان وڌيڪ ماڻ جي اُميد ۾، تحريڪ سدائين اُهي مقصد ٿي طيءِ ڪيا، جيڪي حاصل ڪرڻ واري ڏس ۾ غيرحقيقي هئا. هاڻ، آزاديءَ جي اعلان سان گڏ هڪ نئون سياسي بيان جاري ڪندي، اُن اڳي جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ چٽي طرح اعلان ڪيو تہ ان جو مقصد اسرائيل سان گڏ امن سان رهندي پنهنجي رياست حاصل ڪرڻ آهي.

پي- ايل- او جو نئون پروگرام جهولن کان وانجهيل نہ هو. اسرائيلين ۽ ٻين نقادن انهن کي ظاهر ڪرڻ کان ڪيهايو، ان جا جملا اڪثر ڪري اٺچٽا ۽ ڦيرين

گهرين وارا هئا. ان جو سبب اِهو بہ هو تہ هنن چا ڪيو آهي. يهودي قومپرست تحريڪ جي ورهاڱي ڪي قبولڻ ۽ آزاديءَ جي اعلان ڪان چار ڏهاڪا پوءِ فلسطينين ساڳي راهہ اختيار ڪئي هئي ۽ پنهنجي دعويٰ واري فلسطين جي چوٿين حصي ۾ رياست قائم ڪرڻ تي راضي ٿي ويا هئا. (١٧)

هلڪي ڦلڪي انداز ۾ ايئن چئجي تہ اِهو اعلان هڪ سر ڪيل معاملو هو. ڪانفرنس هال ۾ موجود سمورن کي بہ خبر هئي تہ هُنن جنهن سپاجهڙي رياست جي ڳُهر ڪئي آهي، ان جو ڪاغذن کان سواءِ ڪٿي بہ وجود ناهي. ڪيترن ئي اِهو ٿي سمجهيو تہ پنهنجي ڳُهر کي اولهندي ڪناري ۽ غزه جي خودمختياري تائين محدود ڪري هُنن پيدائشي حق تان هٿ کڻڻ واري ڪاڳر تي صحيح ڪئي هئي.

اسرائيلي والاريل علائقن ۾ خوشين کي چيپاٽيو ويو. چوويهن ڪلاڪن تائين فلسطينين کي سندن گهرن تائين محدود ڪندڙ ڪرفيو هو. پنهنجي شروعاتي مرحلي ۾ نئي رياست ماڻڻ واري رٿا اسرائيلي راڄ جي حقيقي وجود لاءِ معمولي امڪان پيدا ٿي ڪيو.

عرفات انهن ويچارن تي جيڪڏهن پريشان بہ هو تہ بہ هُن ان جو اظهار نہ ڪيو. پنهنجي تنظيم جي موهيندڙ پروگرام سان ليس، هُن ان وسيلي ١٩٧۴ع کان پوءِ پهريون ڀيرو گڏيل قومن آڏو تقرير ڪرڻ جو موقعو ۽ عالمي عزت حاصل ڪرڻ ٿي چاهي.

٦ ڊسمبر ١٩٨٨ع تي عرفات ۽ سندس ايلچين جو هڪ وفد اسٽاڪ هوم ايئرپورٽ تي پنهنجي ذاتي جهاز مان لٿو. بنا ڪنهن دير جي کين هيليڪاپٽر وسيلي سوئيڊن جي بادشاهہ جي اوڻويهين صديءَ واري شاندار رهائشگاهہ هاگا محل نيو ويو. زمين تي برف جا تہ جميل هئا ۽ عرفات ۽ سندس ساٿي پنهنجن سنهڙن سوٽي ڪپڙن ۾ ٺار کان بچڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيا هئا. پر موسم متعلق اڻجاڻائي سان گڏوگڏ، هو سوئيڊش حڪومت سان ڳالهين دوران سندس موقف بدلڻ لاءِ بہ مڪمل طور تي تيار نہ هئا.

آزاديءَ جي اعلان کان ٽي هفتا پوءِ بہ سموريون شيون عرفات جي هٿ وس نہ هيون. اِهو درست آهي تہ دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن سندس علامتي فلسطيني رياست لاءِ رسمي سفارتي مڃتا جو اعلان ڪيو هو ۽ اولهہ يورپ جي ملڪن پي- ايل- او جي نئين سياسي پروگرام جي آجيان ڪئي هئي، پر واشنگٽن، جنهن سان مخاطب ٿيڻ لاءِ هو اُتاولو هو، اجان تائين ڪا گرمجوشي نہ ڏيکاري هئي. جيتوڻيڪ وائيٽ هائوس يُٽڪي ۾ الجيريا اعلان نامي جي 'مثبت عنصرن' کي ساراهيو هو پر ريگن ۽ نئون چونڊجي آيل صدر جارج بش بنهي ان ڳالهہ سان سهمت هئا تہ اِهو پي- ايل- او سان آمريڪي ڳالهين بابت شرطن سان مڪمل ميل نٿو کائي، وڌيڪ ايذائڻ لاءِ، جارج شلز عرفات کي گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ ۾ تقرير ڪرڻ لاءِ

اچڻ واسطي نيويارڪ جو ويزا ڏيڻ کان ٺپ جواب ڏني ڇڏيو. سڄي دنيا کان اينڊرُ لعنتاڻي دوران شلز چيو تہ عرفات 'دهشتگرديءَ جو شريڪ' هو ۽ هو آمريڪي قومي سلامتيءَ لاءِ هڪ خطرو آهي." (١٨) اهو پرڏيهي وزير پاران دهشتگرديءَ خلاف پنهنجي واضح موقف جي اظهار سان گڏوگڏ عرفات کي ناپسند ڪرڻ جو اظهار پڻ لڳي ٿو.

پر اِهو سڀ ڪجهہ ڪنهن بہ ريت زيان نہ هو. جيڪڏهن پي- ايل- او جي نئين ڳالهہ کان آمريڪا متاثر نہ ٿيو هو ۽ اسرائيل ان ۾ ڪا نئين ڳالهہ نہ پئي ڏٺي تہ هِنئي پاسي ڪيترائي هيا ملڪ ممڪن ترين وسيع پليٽ فارم تي عرفات کي امن چاهيندڙ طور پيش ڪرڻ جو موقعو نہ وڃائڻ لاءِ پتوڙي رهيا هئا. گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ شلز جي قدم تي ڪاوڙجندي، ١٣ ڊسمبر تي پنهنجو اجلاس ائٽلانٽڪ جي هُن پار جينيوا ۾ گهرايو. تہ جيئن پي- ايل- او اڳواڻ کي ٻُڌي سگهجي. انهيءَ لڏپلاڻ جو ڪو مثال نٿو ملي، جنهن تي هڪ اندازي موجب ٦٤٥,٠٠٠ آمريڪي ڊالر خرچ آيو. ۽ ان اِهو ثابت ڪيو تہ عرفات گڏيل قومن جي پنهنجي گذريل نماءُ کان پوءِ انتهائي خامين ۽ ڪمزورين جي باوجود هڪ ڀيرو ٻيهر عالمي ڌيان جو مرڪز بڻجي ويو هو.

انهيءَ سموري ڪرت دوران، عرفات جو اسٽاڪ هوم جي اُن گاديءَ واري شهر جو دورو، جيڪو گهڻي عرصي کان فلسطيني ڪاز سان دوستاڻو رويو رکندڙ هو، معمول جو سفارتي پڙاءُ نہ هو. هُن اُتي بااثر آمريڪي يهودين جي هڪ گروپ سان ملاقات ڪري پي- ايل- او جي 'بردباري' لاءِ آفرين ٿي حاصل ڪرڻ چاهي. جيتوڻيڪ عرفات اڳيئي آمريڪي يهودين سان ملاقاتون ڪري چڪو هو. جيئن هو امن چاهيندڙ اسرائيلين سان گڏجي چڪو هو. پر هيءُ گروپ ساڻس اڳي ملاقات ڪندڙ ٻين سمورن گروپن کان مختلف هو. ان ۾ ريپبلڪن کان ويٺي ماهر 'ريٽا هائوزر' هڪ شاهوڪار لبرل اسٽينلي شنبائم ۽ هڪ پروفيسر ۽ ڏڦيڙ مان بچي ويل منهاهم روزنسافٽ شامل هئا. ان وفد جي هڪ ساک هئي ۽ ان جا سمورا ميمبر پي- ايل- او ۽ آمريڪا وچ ۾ سرڪاري ڳالهين جا خواهشمند هئا.

فقط پندرهن ڏينهن اڳ، اسٽاڪ هوم ۾ ئي انتهائي ڳجهي طور تي، هائوزر ۽ شنبائم عرفات جي جهوني پاليسي جوڙيندڙ صلاحڪار خالدالحسن سان ڳالهيون ڪيون ۽ هڪ چٽي بحث کان پوءِ ڪائنس پي- ايل- او جي امن پليٽ فارم متعلق وضاحت ڀريو بيان جاري ڪرايائونس. هاڻ، واشنگٽن ۾ ان جي سفارتخاني ذريعي هڪ چرڪائيندڙ پيغام 'وڏو همراهہ ٿو اچي' ذريعي کين ٻيهر سوئيڊن موٽڻ لاءِ چيو ويو. هو پاڻ عرفات پاران اهڙن اظهارن کان پوءِ ساڳيءَ ڳالهہ جا حامي هئا. اِهو ڪيس الجيرس اعلان نامي کان بہ اڳتي، واشنگٽن جي گهڻو اڳي طيءِ ڪيل ٻن اهم شرطن، اسرائيل جي چٽي مڃتا ۽ دهشتگرديءَ کان رسمي لاتعلقي

ڏانهن ڏڪي پئي سگهيو. "الجيرس اعلان نامي ۾ مسئلو رکيو اهو هو تہ اهو قانوني دستاويز طور تيار ٿيل نہ هو." هائوزر ٻڌائي ٿي: "اهو ورجايل، غيرمستقل مزاج ۽ بي ترتيب هو، اهو حقيقتاً انتهائي مونجهاري ڀريو دستاويز هو." (١٩)

جيڏي مهل ٻئي ڌريون هاڳا محل ۾ ڳالهين لاءِ ويٺيون تہ عرفات خوش مزاجيءَ واري موڊ ۾ هو. هن ۽ هائوزر، جنهن جي نيويارڪ واري قانوني مشن، وچ اوڀر خاص طور تي لبنان ۾ تمام گهڻي سرگرمي هئي، جلدي اهو ڄاڻي ورتو تہ سندن ڪيترائي گڏيل دوست آهن. جيئن ئي چڪ چڪان اکٽي وڃڻ لڳي، عرفات جيڪا شيءِ ڄاڻي نہ سگهيو اُها هئي هڪ وڏيڪ انتهائي سنجيده ۽ انتهائي ڳجهي سفارتي راند جي شروعات- سندس ميزبانن لاءِ جڻ تہ ڪف ۾ هڪ انتهائي اٿنيٽي ڳالهہ لڪل هئي، اُها هئي آمريڪي انتظاميا جي بلندين تائين اُڇلايل انگرو- پنهنجي منطقي انداز جي ڀرپور ڪاوشن سان اسٽين اينڊريسن آمريڪين تي الجيرس گڏجاڻي کان وٺي ڪم ڪري رهيو هو ۽ پي- ايل- او جي پاليسيءَ ۾ تازين تڪڙين تبديلين کان آمريڪا کي واقف رکندو پئي آيو. هڪ هفتو اڳ، هن شلز کي عرفات جي تڪڙي اچڻ بابت لکيو ۽ شلز کان تمام گهڻي فضيلت سان پڇيو تہ آيا هو پي- ايل- او اڳواڻ کي ڪجهہ چوڻ تہ نٿو چاهي.

اُن جا نتيجا وسيع سوئيڊني اميدن تي پاڻي ڦيرڻ جوڳا نڪتا. تقريباً ساڳي وقت شلز عرفات کي گڏيل قومن ڏانهن اچڻ ۽ ويزا ڏيڻ کان انڪار ڪرڻ جو فيصلو ڪري رهيو هو. هن سوئيڊن حڪومت کي هڪ انتهائي اعتماد جوڳو خط لکيو، جنهن ۾ پي- ايل- او سان آمريڪي ڳالهين کي اوستائين خارج از امڪان سڏيو، جيستائين اُها واضح طور تي اسرائيل قبول نٿي ڪري ۽ دهشتگرديءَ تان هٿ نٿي کڻي. اهو خط ايترو تہ حساسيت ڀريو هو جو شلز ان جو تت پنهنجي ويجهي عملي جي ڪيترن همراهن کان لڪايو ۽ سوئيڊنين کي پڻ اهو واشنگٽن کان هٿو هٿ پهچايو ويو. (٢٠) "ڪا ڳالهہ ناهي!" جو اهو اهم جدولي خاڪي لاءِ هڪ اُڇال جو سوڻ ٿي بڻيو. اصل ۾ شلز اهو ڪجهہ لکي جڻ تہ عرفات جي رهنمائي ٿي ڪئي تہ ڪيس واشنگٽن جي ميڄا حاصل ڪرڻ لاءِ ڇا ڳالهائڻ گهرجي ۽ اُتان ڪيس موٽ ۾ ڇا ملندو. ايئن چئجي تہ پرڏيهي وزير جو اڌ دماغ عرفات کي دهشتگرد سڏي رهيو هو تہ باقي اڌ وچ اوڀر جي معاملن مان پي- ايل- او کي خارج ڪرڻ کي غلط سڏي رهيو هو.

جڏهن عرفات کي لڪ چپ ۾ شلز جو اهو خط ڏيکاريو ويو تہ هو دنگ رهجي ويو. اُتي آمريڪي پرڏيهي وزير جي ذاتي ڪاغذن تي واشنگٽن کان آيل هيل تائين جي سمورين لڪئين مان وڏ ۾ وڏ رسمي ۽ واضح ڏسٽي ملي هئي. اهو اهڙو موقعو هو جنهن جو ڪيس ڏگهي وقت کان انتظار هو ۽ هن هڪدم ان جو جواب تيار ڪرڻ جي تياري شروع ڪري ڏني. سندس اکين آڏو سياسي انعام ٽيڪاءُ ڏئي رهيو هو.

هيو ته ڇا پر عرفات آمريڪي يهودين سان وڌيڪ ڳنڍجاڻين کي نئي ختم ڪرڻ تي راضي ٿي ويو. "جيڪڏهن آءٌ واشنگٽن سان سڌو سنئون ڳالهائي سگهان ٿو ته پوءِ اهڙي ٿين ڌرين جي ڪهڙي اهميت؟" هُن ان جو سبب ٿي ڄاڻايو. "اهو اهڙو بيوقوفاڻو ۽ بي رحم ردعمل هو جنهن تان سوئيڊني ڪيس هٽائي به نه پئي سگهيا." (٢١)

٦ ڊسمبر جي سڄي شام ۾، آمريڪي لفظن ۾ ترميمن متعلق فيڪس ائٽلانٽڪ جي هِن هُن پار ايندا ويندا رهيا. پي- ايل- او جون ڪيترين نئي تجويزون اوڏي مهل مڃيون ويون. هاڻ اسٽيج تيار ٿي چڪو هو، جنهن لاءِ سوئيڊنين کي اُميد هئي ته ايندڙ ڏينهن عرفات اسٽاڪ هوم ۾ ڊرامائي اعلان ڪري سگهي ٿو ۽ ايستائين جو وڌيڪ ڊرامائي آمريڪي جواب پڻ اچي سگهي ٿو. پر هو عرفات جي ديومالائي ڪرت کي نظرانداز ڪري رهيا هئا. هاڻ جو هو پنهنجي اڻ- ٿيڻي مقصد ماڻڻ جي ويجهو اچي پهتو ته ڪيس اوچتو هڪ ٻپ ورائي ويو. هُن لاءِ پنهنجي سر اهڙو فيصلو ڪرڻ تمام وڏي ڳالهه هئي. پي- ايل- او ٻڪهي عرصي کان اسرائيل جي مڃتا کي پنهنجي سوديبازيءَ لاءِ رکيو پئي آئي ۽ ان کي استعمال ڪرڻ لاءِ ڪيس پي- ايل- او جي ايگزيڪيٽو ڪميٽيءَ جي هين ميمبرن جي اجازت جي پڻ گُهرج هئي. اها حاصل ڪرڻ لاءِ، هُن سڄي رات دنيا جي مختلف ڪُنڊن ڏانهن فونون ڪندي گذاري. سوئيڊني، جيڪي ته رڳو فون جو بل ڏئي رهيا هئا پر ڳالهيون پڻ ٻڌي رهيا هئا، سندس گفتگو کي مفادن کان ڪنهن به ريت وانجهيل نه ڏٺائون.

سوپ جي ڪناري تي پهچي به عرفات چرڪيل هو. شايد اسٽاڪ هوم ان اعلان لاءِ مناسب شهر نه هو. شايد آمريڪي هن لاءِ ڪا ڪڏ ڪوٺي رهيا هئا. ڪيس ٻپ هو ته هو جيڪي ڪجهه چوي اُهو ساڳي ڏينهن نيويارڪ ۾ ٿيندڙ ريگن- گورباچوف سربراهي ڪانفرنس جي خبر هيٺان متان دٻجي وڃي. بهتر اِهو ٿيندو ته هو پنهنجو پاڻ کي آمريڪي هڪن ۾ اڇلائڻ کان اڳ بهتر وقت ۽ سلامتي ڀرئي ۽ وسيع اسٽيج جو انتظار ڪري. سوئيڊنين جي مايوسيءَ کي آڏو رکندي، هُن ڪين ٻڌايو ته هو ايگزيڪيٽو ڪميٽيءَ سان هڪ صلاح مشوري کان پوءِ پنهنجو حتمي جواب ڏيندو. آمريڪي يهودين جي رٿيل گهڻ اهم بيان تي صحيح ڪري هو هيهر تيونس اسهيو. (٢٢)

اٺل پٺل وارن پنجن ڏينهن تائين مڪمل سانت ڇانيل هئي. ان کان پوءِ جواب آيو. جيڪو ١٢ ڊسمبر تي عرفات جو اعتماد جوڳو نائب ۽ فلسطيني شاعر محمود درويش اسٽاڪ هوم ڪٽي ويو. هُن ٻڌايو. "ها، ايگزيڪيٽو ڪميٽيءَ آمريڪي شرط مڃي ورتا آهن ۽ عرفات انهيءَ جو ايندڙ ڏينهن جينيوا ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ آڏو پنهنجي تقرير ۾ اعلان ڪري سگهي ٿو." بوتل تان ڍڪ لهي چڪو

هو.

چوويهن ڪلاڪن کان پوءِ، ياسرعرفات گڏيل قومن جي سٽيل ڪانفرنس هال ۾ داخل ٿيو ۽ اسٽيج وجي والاريائين. چوڏهن سال اڳ گڏيل قومن ۾ پنهنجي گذريل آمد کان پوءِ هو ڪڏهن به ايڏي وڏي سفارتي آنڌ مانڌ جي سامهون نه آيو هو. سڄي دنيا کان آيل وزيرن ۽ خاص ايلچين کيس بيٺي پير پليڪار ڪئي. ٽيليويزن ڪئمرائن جا اٽڪيا فوڪس ۽ صحافين جا قلم سندس زبان مان نڪتل لفظ نوٽ ڪري رهيا هئا. سوئزرليند وارن جينيوا ڍنڍ جي برفاني ڪناري واري هڪ شاندار اڏيل عمارت Palais des Nations کي پنهنجي گهيري ۾ ورتو هو ۽ اُتي به حفاظتي اُپاءَ ١۴ سال اڳ نيويارڪ جيترا ئي سخت هئا. ۽ هڪ ڀيرو ٻيهر، پي- ايل- او اڳواڻ ان عمارت ۾ پنهنجو ڪيس پيش ڪري رهيو هو. جنهن سندس ماٺهن جي اڻ سونهائيندڙ پيڙائن ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو هو. اِها ليگ آف نيشنس جي اڳوڻي هيڊڪوارٽرس واري عمارت هئي، جنهن انگريزن کي ١٩٢٢ع ۾ فلسطين تي راڄ ڪرڻ جو اختيار ڏنو هو.

هن ڀيري فرق رڳو اِهو هو ته عرفات ڊانس جي هُن پار بيٺل هو. سندس مٿي ۽ ڏاڙهي ۾ هاڻ اڇا پنجي ويا هئا. هڪ پوري نه ٽينڊڙ جيڪٽ ۽ ويڪري پاجامي سان گڏ کيس سائي رنگ جو جاري وارو فوجي لباس ۽ فلسطين جي نقشي وانگر مٿي تي ڪفيه ويڙهيل هو. جيئن ئي هُن عربي ۾ تيار ٿيل مسودو پڙهڻ لاءِ ڪاغذ. جو ٿهو ڪڍيو، اِهو واضح هو ته هن وٽ ڳالهائڻ لاءِ نيون ڳالهيون ۽ ذهن ۾ نوان مقصد هئا.

”آءٌ توهان وٽ پنهنجي عوام پاران آيو آهيان، ته جيئن اسين انصاف تي ٻڌل امن، حقيقي امن لاءِ پنهنجو هٿ وڌايون.“ هُن اعلان ڪيو. ”آءٌ اسرائيلي اڳواڻن کي ٿو چوان ته اُهي هت گڏيل قومن جي ضمانت هيٺ اچن... اچو، اسين گڏجي امن قائم ڪريون. اچو ته ٻپ ۽ فرق کي ڦٽو ڪريون. جنگ جي اُنهن ڪڪرن کي ٻوڙائي ڪيون جيڪي گذريل چاليهن سالن کان اسان تي مڙهيل آهن.“ (٢٣)

لفظ اثرائتا هئا، لهجو متاثر ڪندڙ هو. پر ويٺلن مان هڪ همراهه عرفات جي تقرير کي بي سڪونيءَ سان ٿي ٻڌو: اِها ان ڪرت جي تڪميل ٿي ٻٽي، جيڪا اسٽين اينڊرسن وڏي محنت سان عرفات ۽ آمريڪين وچ ۾ ٿياڪڙيءَ وسيلي جوڙي هئي. پر اُهو جادوئي جملو ڪٿي هو جنهن جو پي- ايل- او اڳواڻ واعدو ڪيو هو؟ اسرائيل جي مڃتا ۽ دهشتگرديءَ کان لاتعلقي جو چٽو اعلان ڪٿي هو؟

اينڊرسن جي چرڪ ۾ عرفات جو گهڻ ۾ گهڻ هڪ اهڙو صلاحڪار حصيدار ٿيو، جيڪو گمنام رهڻ ٿو چاهي. (٢۴) تقرير کان ذري گهٽ اٺيتاليهه ڪلاڪ اڳ، تيونس ۾ تيز برسات واري ڏينهن هُن تقرير ۾ اهڙا لفظ شامل ڪرڻ

۾ تہ پي- ايل- او اڳواڻ جي مدد ڪئي هئي، جيڪي آمريڪا سان ڳالهين جا بند دروازا کولين ها پر بلڪل آخري مرحلي تي، اڳواڻ سُر نہ ڏيندڙ عرفات پنهنجي تقرير ۾ تبديليون ڪيون.

چار هزار ميل پري واشنگٽن ڊي- سيءَ ۾ پرڏيهي کاتي جي ستين ماڙ تي هڪ خانگي ڪمري ۾ سينيئر آمريڪي عملدارن جو هڪ گروپ ٽيليويزن آڏو ويٺل هو. جارج شلز ۽ سندس اهم نائبن انهيءَ ڪارڪردگيءَ تي ڪا حيرت ظاهر نہ ڪئي، جيڪا هو سڌوسنئون ڏسي رهيا هئا. هو اهڙي ڪرت اڳي ڪيترائي ڀيرا ڏسي چڪا هئا. اتي موجود همراهن مان هڪ ان ڳالهہ تي هڪ ڊالر جو شرط لڳايو تہ عرفات پنهنجي ستن کي هيٺ مٿي ڪندو. هُن شرط کٽي ورتي. هڪ ڀيرو، آمريڪي انتظاميا جي نظرن ۾، عرفات سفارتي جمود ٽوڙڻ لاءِ وڏيو تہ سهي پر هو آخري رڪاوٽ اورانگهي نہ سگهيو. تقرير جي 'دلچسپ ۽ مثبت ڳالهين' کي ساراهيندي، پرڏيهي کاتي هڪدم اِهو نتيجو ڪڍيو تہ اها پي- ايل- او سان آمريڪي ڳالهين جا شرط پورا نٿي ڪري. عرفات لاءِ اُڪري ڳالهہ اِها هئي تہ چونڊجي آيل صدر بُش پڻ ساڳي انداز ۾ پنهنجي سر هڪ بيان جاري ڪيو هو. مصر جي صدر حسني مبارڪ جهڙن پي- ايل- او جي عرب اتحادين، صورتحال کي بهتر بنائڻ لاءِ صدر ريگن کي مسلسل فون ڪيا، تہ جيئن واشنگٽن پوئتي نہ هٽي. گذريل ہن مهينن کان جاري ايذائيندڙ ڳالهيون بنا ڪنهن مقصد جي ختم ٿي ويون.

جينيوا ڍنڍ جي من موهيندڙ نظاري واري انٽرڪانٽيننٽل هوٽل جي مٿاهين ماڙ تي پنهنجي ڪمري ۾ آرام ڪندي، عرفات ڪاوڙ ۽ مايوسيءَ بدران غيريقيني انداز ۾ اِهي خبرون ٻڌيون. يقيناً هُن اهو ئي ڪيو هو جنهن جي ڪانئس اميد ڪئي وئي هئي، هو ڪاوڙجي پيو. شايد هُن اِهي لفظ واشنگٽن پاران ڪيل گُهر واري انداز ۾ نہ ڳالهايا هئا، پر امن پريون خواهشون اڄان موجود هيون: ان تقرير ۾ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي ٺهراءَ نمبر ٢۴٢ هيٺ اسرائيل سميت 'ڪارائتي فيصلي' لاءِ هڪ عالمي امن ڪانفرنس لاءِ زور ڀريل هو. آمريڪا هڪ ڀيرو ٻيهر ڪيس جو جهڪائڻ جي چڪر ۾ هو؟

پر هو رڳو پنهنجو پاڻ کي ئي ڏوهہ ڏئي پئي سگهيو. تقرير ۾ تبديلي ڪندي، هُن آخري ڪانچو ڪرڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي ۽ ڳالهہ کي پنهنجي انداز ۾ ٿي ڪيائين. قانونيت پسند آمريڪين سندس واتان ستن لفظن ۾ پراڻي ڪرت کان هٽڻ جي ڳالهہ ٿي ٻڌڻ چاهي. 'چالباز سياستڪار هئڻ طور' هُن شايد سوچيو هو تہ 'هو ان ريت معاملو دڳ رسائيندو.' عرفات جي هڪ ڏکويل صلاحڪار چيو: "نيڪ آهي، پر هو ان ۾ ناڪام رهيو. سولي سبتي ڳالهہ اِها تہ هو آمريڪي سرشتي جي انداز کي سمجهي نہ سگهيو- جو پرڏيهي کاتي جي

قانوني ماهرن جون ٽيمون هيون، جيڪي سندس تقرير جي اڌ دم، ڪي بہ چڪاسي رهيون هيون." (٢٥)

جينٽ ۾ ڪيل بيوقوفيءَ جا نتيجا اچڻ شروع ٿيا. عرفات جي هوٽل واري ڪمري جو ماحول بدلجڻ لڳو ۽ سندس صلاحڪار 'ڇا ڪرڻ گهرجي؟' بابت هڪ تيز بحث ۾ جُنبي ويا. پي- ايل- او جي پرڏيهي وزير فاروق قدوميءَ، جيڪو عرفات پاران ڪي رعايتون اچڻ واري روش تي ناخوش هو، اِهو سمجهيو تہ اِهو معاملو هاڻ پڇاڙي تي پهتو. "اسان اُهو سڀ ڪجهہ ڪري ورتو آهي، جيڪو ڪري پئي سگهياسين ۽ هاڻ ڪنهن پريس ڪانفرنس ڪرڻ جي بہ گنجائش ناهي." هُن چيو. (٢٦)

"ڇوين ڇا پيو؟" واپاري حسيب صبّاغ، جنهن پڙدي پويان رهي عرفات جي جينيوا واري سفر لاءِ انتهائي محنت ڪئي هئي، رڙ ڪندي چيو. "اسان ڪڏيل قومن جي جنرل ڪائونسل کي ڪجهہ بہ نہ ماڻڻ لاءِ ائٽلانٽڪ جي هِن پار آندو هو؟ اِهو موقعو هرويرو وڃائي ڇڏجي؟ ۽ اسين ٻاهر انتظار ڪندڙ سوين صحافين کي ڪهڙو جواب ڏيون!؟."

"ڪين چئو تہ ٺري وڃن." قدوميءَ جو کهرو جواب آيو هو. (٢٧)

ان قسم جي گفتگو دوران ڪئلينڊر تي ٻي تاريخ ظاهر ٿي وئي. ان سموري مامري دوران، عرفات خاموشيءَ سان ڪاڏي هڪ ترپءَ تي رکي، پنهنجي غيراحساساتي چهري سوڌو ويٺو رهيو. آهستي آهستي، سندس سفر جا ساٿي ڪاوڙ ۾ ڦونڊجي پنهنجي بسترن ڏانهن هليا ويا.

معاملو چڱو خاصو اڪتي نڪري چڪو هو. مامرو پي- ايل- او اڳواڻ جي ٻن ساٿين صبّاغ ۽ سندس جوڙيدار واپاري باسل عقيل جي ٻيهر ڪوشش ڪرڻ واري ثابت قدميءَ جو گهرجائو هو. هنن صبح سوير ئي اُن تقرير ۾ ڪا ڦيرگهير ڪرڻ جو سوچيو هو تہ جيئن ڏينهن جي خاتمي تي عرفات پنهنجي پريس ڪانفرنس جو نئون تت پڙهي سگهي، جنهن ۾ آمريڪي منظوري ڏنل ٻوليءَ ۾ اسرائيل کي مڃڻ ۽ دهشتگرديءَ تان هٿ کڻڻ جي ڳالهہ چٽن لفظن ۾ هجي. شايد آمريڪين تي زور پريو ويو هو تہ هو سندس واتان ٻي ڪوشش ۾ ادا ٿيندڙ درست لفظن تي ڪن ترين. انٽرڪانٽينينٽل ڏانهن ٻيهر موٽندي هُن عرفات کي جاڳندي ڏٺو ۽ سبب جاڻائيندي مسودو سندس اڳيان رکيائون. هڪ ٻيو جهٽڪو سهي، هو راضي ٿي ويو.

ان کان پوءِ ديوانگي ۽ ڪمزورين ڀريل ڪارستانين وارو ڏينهن شروع ٿي ويو. پي- ايل- او اڳواڻ جي پريس ڪانفرنس منجهند کان ملتوي ڪري شام ستين وڳي رکي وئي، جنهن دوران سندس نائب اسرائيل جي رسمي مڃتا لاءِ فارمولي کي هر هر لکندا ۽ ٻاهيندا رهيا. ساڳي وقت، صبّاغ عمل ۾ ڪاهي پيو. پي- ايل- او سان

رسمي تعلق نہ رکندي بہ هو، ان جي امداد ڪندڙ فلسطينين مان اهم ترين هو. هڪ شاهوڪار واپاري طور واشنگٽن ۾ بہ سندس سٺا رابطا هئا. هُن شلز سان گڏ اُن وقت ڪم ڪيو هو جڏهن شلز بيچيل انجنيئرنگ جي بورڊ ۾ هو. تنهن ڪري جيئن ئي واشنگٽن ۾ ڏينهن ٿيو، هُن آمريڪي پرڏيهي کاتي جي اسسٽنٽ سيڪريٽري ۽ پنهنجي پراڻي دوست رچرڊ مرفيءَ کي فون ڪيو. جڏهن تہ ڪمري ۾ ويٺل عرفات تجويز ڪيل نئون بيان پڙهي رهيو هو. مرفيءَ چيو تہ هو پنهنجي صاحب شلز، صدر ريگن ۽ چونڊجي آيل صدر بُش سان مشورو ڪندو ۽ پوءِ ئي واشنگٽن جي موٽ بابت ڪجھ ٻڌائي سگهي ٿو. ڪجھ ڪلاڪن اندر، ڪجھ معمولي ترميمن سان بيان منظور ڪيو ويو. اسٽين اينڊرسن، جيڪو پڻ صورتحال جي بهتريءَ لاءِ واشنگٽن سان رابطي ۾ هو، تصديق ڪئي تہ ڏيتي ليتي هڪ ڀيرو ٻيهر اڪتي وڃڻ لڳي هئي. عرفات جي ٽٽل ڦٽل انگريزيءَ تي پريشان سندس صلاحڪارن ڪيس هر هر ان جي ريهرسل ٿي ڪرائي. هڪ ڀيرو ٻيهر هنن، لفظن ۾ راند ڪيڏڻ کان پاسو ڪيو. هن ڀيري هو ڪجھ وڃائڻ جو نقصان سهي نہ پئي سگهيا.

اهڙن عجيب پيچرن تان لنگهندي تاريخ جڙي. ۱۴ ڊسمبر ۱۹۸۸ع تي رات جو ساڍي اٺين وڳي، ياسر عرفات هڪ ڀيرو ٻيهر Palais de Nations جي روشنيءَ سان جرڪندڙ عمارت ۾ عالمي پريس کي مُنهن ڏيڻ لاءِ داخل ٿيو. پنهنجو سوانگ رچائيندي، هُن ڪاغذ جو هڪ ٽڪر ڪڍيو ۽ ٻيگل ٽٽل انگريزيءَ ۾ تيار ڪيل هڪ بيان پڙهڻ شروع ڪيائين. هُن سپاٽ لهجي ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو. "الجيرس ۽ جينيوا وچ ۾، اسان پنهنجي پوزيشن آئيني وانگر صاف رکي آهي." (۲۸) پر سندس پرسان بيٺل پنهنجن نائبن جي سُس پُس تي، هن ان کي اجائين وڌيڪ واضح ڪيو. هُن 'وچ اوڀر تڪرار ۾ سمورين ڌرين کي امن ۽ سلامتيءَ سان موجود رهڻ واري حق' کي تسليم ڪيو. (۲۹) ٻيهر زور ڀرڻ تي هُن ڳالھ اڳتي وڌائي: " آءٌ رڪارڊ جي درستگيءَ لاءِ ورجايان ٿو تہ اسين دهشتگرديءَ جي سمورن طريقن کان مڪمل ۽ اڻ- تڪراري لاتعلقيءَ جو اعلان ٿا ڪريون." (۳۰) سندس گُهٽيل آواز جو اِهو حال هو جو Terrorism (دهشتگردي) لفظ Tourism (سياحت) ھڻڻ ۾ آيو.

آخر ۾ هُن واشنگٽن ۾ پنهنجي ڏسڻ ۾ نہ ايندڙ ھڏندڙن کي وڌيڪ رعايتن جي اُميد نہ رکڻ جو چتاءُ ڏنو. "اهو ئي گنج آهي، اِهو ئي ڪوڙ آهي، اِهو ئي گهٽو آهي." هُن ٺڪ ۽ ڏمڪيءَ جي گاڏڙ انداز ۾ دعويٰ ڪئي هئي، "توهين چاهيو ٿا چا ٿا؟ چا توهين بُت تان آخري ڪپڙا بہ لاهڻ ٿا چاهيو؟ اهو نٿو ٿي سگهي."

ڪجھ منٽن اندر، ائٽلانٽڪ جي هُن پار فون ذريعي اُماڻيل پيغام کي واشنگٽن ۾ پرڏيهي کاتي جي ڪامورن چڱي طرح چيريو ڦاڙيو. هڪ مختصر بحث کان پوءِ، جارج بُش هٽ وارو فون ڪنيو، "اسين سهمت آهيون تہ هو سؤلن پيرن تي

اچي ويو آهي." هُن وائيٽ هائوس کي ٻڌايو. ٻن ڏينهن کان پوءِ ڪيترائي فلسطيني جينيوا ۾ پنهنجي هوٽلن ۾ ٽي- وي اسٽيشن آڏو ويٺي رهيا ۽ آمريڪي پرڏيهي وزير کي اهو اعلان ڪندي ٻڌائون ته آمريڪا پي- ايل- او جي نمائندن سان ڪارائتي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ واسطي تيار آهي. اِهو پي- ايل- او اڳواڻ لاءِ ڊرامائي لمحو هو. ٻڌڻ ۽ اٺڇتي هيرڦير وارا سال هاڻ پڄاڻي تي پهچي چڪا هئا. عرفات پي- ايل- او جو آخري ڪارڊ کيڏي چڪو هو.

جيڏي مهل اها خبر برفباريءَ ۾ ورتل جينيوا پهتي ته عرفات هوائن جي دوش تي هو. پنهنجي روايتي تناسبي انداز جو مظاهرو ڪرڻ لاءِ هو اجان تائين سرد جنگ واري شهر اوڀر برلن وڃي رهيو هو.

آئرن ڪرٽين اُڪرڻ لاءِ پنهنجي مختصر اڏام دوران عرفات انهيءَ تاريخي قدم جي پنهنجي قسمت تي پوندڙ اثرن تي ويچارڻ شروع ڪيو. پنهنجي تحريڪ کي اسرائيل سان گڏجي امن ڀرئي ماحول ۾ رهڻ لاءِ راضي ڪري ۽ اُن مقصد جو جينيوا ۾ اعلان ڪندي، هُن سڄي دنيا کان فلسطينن جي سرواڻ طور مڃتا حاصل ڪري ورتي هئي. هاڻ ڪيس اڳي جي ڀيٽ ۾ ان ڳالهه جو وڌيڪ احساس هو ته وچ اوڀر تڪرار جي ڪنهن به حل ۾ هاڻ پي- ايل- او کي نظرانداز نه ڪيو ويندو.

پر هڪ مسئلو اجان به هو. جيستائين اسرائيل جو تعلق هو، ته عرفات جنهن آزاد فلسطيني رياست جو اعلان ڪيو هو، ٻين آڏو رڳو بناوٽي هئي. وٽس ان جي ڪا به خاطري نه هئي ته جدوجهد کي سياسي طريقن سان هلائڻ وارو سندس فيصلو ڪيس پنهنجي مقصد جي ساڀيان به ڏياري سگهي ٿو يا نه! جيئن هُن الجيرس ۾ ان جو واعدو ڪيو هو ته جيڪڏهن سفارتي ڪرت ڪم نه ڏيکاريو ته پوءِ فلسطيني هڪ ڀيرو ٻيهر ٻيو ڪجهه سوچي سگهن ٿا. ڪنهن کي خبر ته هڪ يا ٻن سالن وانگر، هو پنهنجي نئين ڪرت ۾ ناڪام ٿئي، جيئن سندس مخالف اڳڪٿيون ڪري رهيا آهن: 'ڇا هو اِهو تسليم ڪري ته جيئن ته سفارتڪاري ناڪام ٿي چڪي آهي، تنهن ڪري تشدد سميت جدوجهد جي ٻين طريقن کي هڪ ڀيرو ٻيهر سرگرم ڪرڻ جي ضرورت جي ڳالهه ڪندو؟'

حوالا

باب سورهون

١- شاهي محل، عمان پاران ٣١جولاءِ ١٩٨٨ع تي جاري ڪيل متن.
٢- اسٽاڪ هوم، جولاءِ ١٩٨٩ع تي مانجهاندي تي موجود سوئيڊش سفارتڪار
ڪان انٽرويو، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
٣- صلاح خلف انٽرويو، تيونس، جون ١٩٨٩ع.
٤- ساڳيو.
٥- نيويارڪ ٽائيمز، ١٥ آگسٽ ١٩٨٨ع.
٦- وليم قوانڊٽ انٽرويو، يروشلم، جون ١٩٨٩ع.
٧- سوئيڊش پرڏيهي وزارت جي عملدار سان انٽرويو، اسٽاڪ هوم، جولاءِ
١٩٨٩ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
٨- ساڳيو.
٩- ساڳيو.
١٠- ساڳيو.
١١- احمد بهاءالدين انٽرويو، قاهره، آڪٽوبر ١٩٨٩ع.
١٢- صلاح خلف انٽرويو، تيونس، جون ١٩٨٩ع.
١٣- ساڳيو.
١٤- پي- ايل- او پاران ١٥ نومبر ١٩٨٨ع تي ورهايل تقرير جو متن.
١٥- صلاح خلف انٽرويو، تيونس، آگسٽ ١٩٨٩ع.
١٦- پي- ايل- او پاران ١٥ آڪٽوبر ١٩٨٨ع تي ورهايل اعلان نامي جو تت.
١٧- اعلان نامو ڏسو زاچيري لاڪمين ۽ جوئيل بينن جي سهيڙيل Intifada،
بوسٽن، ١٩٨٩ع، صفحي نمبر: ٣٩٥ کان ٣٩٩ تائين.
١٨- نيويارڪ ٽائيمز، ٢٨ نومبر ١٩٨٨ع.
١٩- ريٽا هائوزر انٽرويو، لنڊن، اپريل ١٩٨٩ع.
٢٠- سوئيڊش عملدار سان انٽرويو، اسٽاڪ هوم جولاءِ ١٩٨٩ع، نالو درخواست
تي ڳجهو رکيل.
٢١- ساڳيو.
٢٢- عرفات جي نائب سان انٽرويو، تيونس، آگسٽ ١٩٨٩ع، نالو درخواست تي
ڳجهو رکيل.
٢٣- نيويارڪ ٽائيمز، ١٤ ڊسمبر ١٩٨٨ع.

٢۴- ليکڪن سان انٽرويو، لنڊن، آڪٽوبر ١٩٨٩ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.

٢٥- ساڳيو.

٢٦- ساڳيو.

٢٧- ساڳيو.

٢٨- نيويارڪ ٽائيمز

٢٩- ساڳيو.

٣٠- ساڳيو.

(۱۷)
غلط سواري

"جڏهن مون وٽ بہ متبادل هوندا آهن تہ آءٌ ننڊ ڪري نہ سگهندو آهيان. ڇاڪاڻ جو آءٌ نيون متبادل پڻ چاهيندو آهيان." ياسر عرفات سان لاڳاپيل چوٽي.

اسرائيل جي پونچ سمنڊ واري ڪناري تي شاندار صبح هو ۽ ڪنارا، اُس ۾ وهنجندڙن سان سٿيل هئا. تل ابيب جي ڏکڻ ۾ ارڙهن ميل پري نظانيم جي مشهور ساحلي ڪلب هوٽل تي، ٽن هزار ماڻهن جا آواز فضائن ۾ گونجي رهيا هئا. ايئن هو هر سال ڪندا هئا. اسرائيلي 'شائوٽ' ملهائي رهيا هئا، هو ڏهن هدايتن جي نازل ٿيڻ ۽ اونهاري جي شروع ٿيڻ جي موڪل گهاري رهيا هئا. اِها ۳۰ مئي ۱۹۹۰ع جي تاريخ هئي. اوچتو خوشين جي ٻهڪار ڪي هڪ عجيب آواز ڇڻ ٽوڙي وڌو. وچولي پنڌ کان مشين گن جي گولين جا ٺڪاءَ ٻڌڻ ۾ آيا ۽ لوهہ جا ذرڙا شعلن سان گڏ اڏامڻ لڳا ۽ جيئن ئي آواز ويجهو ٿيڪ ويجهو آيو، هڪ اسپيڊ بوٽ ڏسڻ ۾ آئي، جنهن جي پويان اسرائيلي هوائي فوج جا هيليڪاپٽر لڳل هئا. ٻيڙيءَ تي يارهن جٿا سوار هئا ۽ وٽن چڱا خاصا هٿيار پڻ هئا. وڏي پاڻي کي اورانگهيندي، هڪ مرحلي تي اِها ساحلي ڪلب جي بہ سؤ والن جي فاصلي تي پهچي وئي، ان کان پوءِ ڏکڻ ڏانهن قيامت خيز گولين جو وسڪارو لائي ڏنائين. جيئن ئي پوليس جا گهگهو وڳا، موڪل گذاريندڙ پاڻيءَ کان پڇي پري ٿيا ۽ ڪناري تي پهرو لڳايو ويو.(۱)

اِهو ياسر عرفات جي پي- ايل- او جي هڪ ڌر: فلسطين جي آزاديءَ واري محاذ (PLF) پاران اسرائيل تي گوريلا حملي جي هڪ ڪوشش جو ذڪ هو. جيئن ئي اسرائيلي اختياريءَ وارن ان جو جائزو ورتو، اِهو گذريل ڪيترن سالن دوران يهودي رياست تي فلسطينين جي انتهائي خطرناڪ ۽ منظم حملن مان هڪ هو. ٽي ڏينهن اڳ هڪ لبيائي مرچنٽ جهاز بن غازي بندرگاهہ تان لبيا جي ناهيل ڇهن فائبر گلاس اسپيڊ بوٽن، جن جي سگهہ ۲۲ هارس پاور انجڻ هئي ۽ جن تي ۲۳ ايم- ايم جون مشين گنون ۽ ڪتيوشا راڪيٽ لڳل هئا، سميت سورهن يا ان کان وڌيڪ گوريلن جي جٿي سان روانو ٿيو هو. انهن گوريلن مان ڪن کي ٻن سالن تائين لبيا ۾ تربيت ڏني وئي هئي. جهاز ننڍڙين ٻيڙين کي پونچ سمنڊ ۾

اسرائيلي ساحل کان ڪي ۱۲۰ ميل پري لانچ ۾ اونداهيءَ ۾ اِهي تل ابيب جي آباديءَ واري مرڪز ڏانهن روانيون ٿيون. پي- ايل- ايف اڳواڻ محمد زيدان (ابوالعباس)، جيڪو ۱۹۸۵ع ۾ اچيلي لائنر سامونڊي جهاز اغوا ڪرڻ واري واقعي ۾ شهرت ماڻي چڪو هو، موجب 'آپريشن يروشلم' جو مقصد 'خالص' فوجي نشاني، سينيئر فوجي آفيسرن جي خانگي غسل خاني تي حملو ڪرڻ هو. اسرائيلين موجب، اُن جو مقصد تل ابيب کان پرپرو هوٽل ايريا ۾ اڻ- چٽيل قتلام ڪرڻ هو. (۲)

اسرائيلين جا پاڳ پلا هئا جو ان رٿا تي مڪمل عمل نہ ٿيو. ٽي فلسطيني هيڙيون اسرائيل ايندي پڇي پُري پيون، چوٿين هيڙي ۾ سوراخ ٿي پيو، جنهن ۾ تيل رکيل هو. جن ٻن پنهنجو سفر پورو ڪيو، انهن مان هڪ کي گاديءَ واري شهر جي اُتر ۾ اسرائيلي سامونڊي فوج جي گشتي ٽيم پڪڙي ورتو ۽ ان جي عملي کي سمنڊ ۾ ٽپو ڏيڻ جو حڪم ڏئي گرفتار ڪيو ويو. آخري هيڙي نظانيم ڏانهن وڌي، جتي ان جي عملي جا ست جڻا پيش پيا ۽ باقي چار واريءَ جي ميدان ۾ گولين جي ڏي وٺ دوران مارجي ويا. اسرائيلين کي ڪو چيهو نہ رسيو. (۳)

ان حملي، سياسي طور تي ڪي واضح نقصان ضرور رسايا. سڀ کان وڏيڪ نقصان ياسر عرفات جو ٿيو، جنهن اِها خبر عراقي گاديءَ واري شهر بغداد ۾ عرب اڳواڻن جي سربراهي اجلاس دوران ناراضگيءَ وچان ٻڌي هئي. پي- ايل- او اڳواڻ لاءِ، اِهو حملو انتهائي غلط وقت تي ٿيو هو. ڪيترن ئي مهينن کان هو ان اُميد کي جياريو پئي آيو جيڪا هُن ڊسمبر ۱۹۸۸ع ۾ آمريڪا سان پنهنجي تنظيم جي ڳالهين وسيلي جوڙي هئي. ڪيترن ئي مهينن کان هو پنهنجي ساٿين تي زور ڀري رهيو هو تہ فلسطيني حقن جي ماڻيل مڃتا کي بچائڻ لاءِ ضروري آهي تہ پي- ايل- او جي امن قدمن کي مستقل رکيو وڃي. هاڻ، جڏهن وچ اوڀر جو ماحول اڳي جي ڀيٽ ۾ انتهائي بهتر ٿيڻ لڳو هو، ان قدم پي- ايل- او لاءِ اولهہ وارن جي دلين ۾ جاءِ پيدا ڪرڻ واري عمل کي ذري گهٽ چيپاٽي ڇڏيو هو. ڪاڏڙ سوچن جي شڪار عرفات اِهو ڄاتو ٿي تہ ان حملي بابت آمريڪي حڪومت جي سوالن کان سندس فرار ناممڪن هوندو، اهڙا سوال، جن جا اطمينان جوڳا جواب ڏيڻ هُن لاءِ ناممڪن نہ تہ بہ مشڪل عمل ضرور هوندا. اسرائيلي، جيڪي شروع ڏينهن کان پي- ايل- او- آمريڪي ڳالهين ۾ رڪاوٽون وجهي رهيا هئا، اڳيئي ان حملي جو ذميوار عرفات کي سڏي چڪا هئا ۽ اِهو چيائون تہ ان سان هميشہ لاءِ ثابت ٿي ويو آهي تہ پي- ايل- او عرفات جي دعويٰ جي اُبتڙ دهشتگرديءَ تان اجان هٿ نہ کنيو آهي. (۴) آمريڪي گُهر ڪري رهيا هئا تہ اسرائيلي دعويٰ کي رد ڪرڻ لاءِ ان واقعي کي ننديو ۽ ان جي ذميوارن کي سزا ڏي.

ان ۾ مسئلو اِهو هو تہ 'ذميوارن' ۾ ڪجهہ سڳهارا دوست پڻ شامل هئا، اهڙا

اتحادي جن کي ڇڏڻ جي منجهس سهپ نہ هئي، انهن ۾ هڪ همراهہ اهڙو بہ شامل هو، جنهن سان عرفات جا پاڳ ڳنڍيل ۽ پيچ پاتل هئا: اُهو هو ابوالعباس گروپ جو اهم پنيرائي ڪندڙ عراقي صدر صدام حسين. عرفات اهو سوچڻ شروع ڪيو تہ رعايتون ڏيڻ وارو اهو ميلاپ يقيناً پنهنجو مُلهہ چڪائيندو. (٥)

سپر پاور آمريڪا سان ڳالهين واري، 'برف پگهرائڻ' جي ارڙهين مهيني عرفات هڪ ڀرپور واقعاتي ۽ خطرناڪ طور تي راز فاش ڪندڙ سفر تي اُسهيو. ان ڪري اُنهن فضول فلسطيني اُميدن کي اُڀارڻ شروع ڪيو تہ هڪ ڏهاڪي کان بہ وڌيڪ عرصي تائين پي- ايل- او کان پاسو بچائڻ کان پوءِ نيٺ آمريڪا پاران ڳالهين لاءِ راضپي جو مطلب اهو آهي تہ هُن خود سندن طيءِ ڪيل فلسطيني حقن کي مڃي ورتو آهي. ان اهي هوائي توقعات پيدا ڪيون تہ واشنگٽن اسرائيل کي امن ڳالهين لاءِ راضي ڪرڻ تي پنهنجو اثر رسوخ استعمال ڪندو. ۽ ان جو نتيجو: يهودي رياست پاران ان کي مڃڻ کان پڙ ڪڍي بيهڻ ۽ پناهگيرن جي آيل نئين هجوم کي آڏرياءُ ڪرڻ جي صورت ۾ ظاهر ٿيو. مايوس ڪُن صورتحال ۾ آمريڪي، فلسطينين کي ماترپوميءَ لاءِ هڻ هٿان واري آخري سپني جي ساپيان ڏيڻ لاءِ هٿ پير هڻڻ لڳا.

مسئلي جو هڪ حصو ڳالهين بابت ٻنهي ڌرين جي بلڪل مختلف ڏسائن وارين سڌن جو هو. جيستائين عرفات جو تعلق هو تہ آمريڪا سان ڳالهيون بذات خود فلسطيني مسئلي جي حل ڏانهن مُنو پنڌ طيءِ ڪرڻ جي برابر هيون. هو سدائين پنهنجو پاڻ سان سليندو رهيو هو، جيئن ١٩٧۴ع ۾ هُن ان جو اظهار پڻ ڪيو تہ "آمريڪا وٽ اسرائيل جي چاٻي آهي." (٦) جيئن هُن ڏٺو ٿي، پي- ايل- او لاءِ آمريڪي 'مڃتا' جو سڌوسنئون مطلب اسرائيل تي پڻ ايئن ڪرڻ لاءِ دٻاءُ وجهڻ آهي ۽ ان ۾ ناڪاميءَ جي صورت ۾ آمريڪا کي هر ڪنهن متعلق پنهنجا رويا بدلائڻا پوندا. آمريڪين لاءِ، پي- ايل- او سان ڳالهين تي راضپو ڏيکارڻ ڪو هرويرو معاملن جو چيهہ نہ هو. تن ڏينهن جو پرڏيهي وزير جارج شلز پنهنجي موقف تي بلڪل واضح هو: "'ڪارائتيون ڳالهيون' ڪرڻ جو مطلب نہ تہ تنظيم کي تسليم ڪرڻ آهي نہ وري فلسطيني رياست کي. پر اهو قدم تہ رڳو امن ڪاوشن جي سست ٿي ويل گاڏيءَ جي ڦيٿن کي تيل ڏيندو." (٧) ڳالهين کي مخصوص دائري اندر محدود ڪيو ويو ۽ ان ۾ رڳو هڪ سفارتي ذريعو استعمال ڪيو ويو هو. اهي ڳالهيون تيونس ۾ آمريڪي سفير رابرٽ پيليٽريو ۽ پي- ايل- او جي هڪ وچولي درجي جي مذاڪراتي ٽيم ۾ ٿي رهيون هيون. ان سان گڏوگڏ، پي- ايل- او تي عرفات جي نون واعدن جي روح ۽ مقصدن جي پورائي لاءِ دٻاءُ وڌايو پئي ويو، ان ۾ وڌ کان وڌ زور دهشتگرديءَ کان لاتعلقي جي اظهار لاءِ هو.

شروع ۾، عرفات پنهنجي نون مذاڪراتي سائين کي خوش ڪرڻ لاءِ آتو ٿي

ڏنو. هُن آمريڪي انتظاميا کي ٢٣ ڊسمبر ١٩٨٨ع تي اسڪاٽليند ۾ پان- ايم جمبو جهاز تي دهشتگرد حملي متعلق جاچ ۾ مدد ڪرڻ جي آڇ ڪئي، ان حملي جو الزام پي- ايل- او کان ڌار ٿيل دمشق ۾ ٿانيڪو پي- ايف- ايل- پي- جي- سي تي هنيو پئي ويو. (٨) پر جيئن ئي ايندڙ مهيني ڳالهيون ڪرٽيج جي ڪنڊرن پرسان تيونسي حڪومت جي هڪ مهمانخاني ۾ اڳتي وڌڻ لڳيون، اهو ئي سوال بحث هيٺ رهيو تہ دهشتگرديءَ جي وضاحت ڪيئن ڪجي؟ پي- ايل- او جي ٽن ڄڻن واري ٽيم سان پنهنجي رسمي ملاقات ۾، پيليٽريو پنهنجو وٽ کان وڌ وقت فلسطينين پاران سرحد جي هُن پار اسرائيل تي حملا بند ڪرڻ لاءِ زور ڀرڻ ۾ لڳايو. عرفات جي مايوسي وڌندي پئي وئي، ڇاڪاڻ جو هُن سمجهيو ٿي تہ پي- ايل- او فلسطيني ڌرتيءَ جي اسرائيلي والار خلاف 'مزاحمت جو قانوني حق' رکي ٿي، جيتوڻيڪ سندس فتح جي فورسز تہ ڪجهہ هفتا اڳ اسرائيلي سرحدن اندر ڪارروايون ڪرڻ جو سلسلو بند ڪري ڇڏيو هو پر پي- ايل- او جي ٻين وڏيڪ جنگجو ڌرين کي ان تي راضي ڪرڻ ناممڪن هو.

جيتوڻيڪ آمريڪا جي نئين صدر جارج بُش جي خواهش هئي تہ وچ اوڀر ڇڪتاڻ جي حل ڏانهن اڳتي وڌجي، پر عرفات سان سندن ڏکهي ڪرت آمريڪين کي اهو ضرور سيکاريو هو تہ هو من ۾ ڪينو سانڍي شڪ ڀريون ڳالهيون ڪندا ئي رهن ۽ واشنگٽن جي رهيل ڪسر اسرائيلي پوري ڪري رهيا هئا، جيڪي پي- ايل- او سان ڳالهيون شروع ٿيڻ مهل ڇرڪجي پيا هئا، ۽ انهن کي ختم ڪرائڻ لاءِ هٿ پير هڻي رهيا هئا. اسرائيل کي امن چاهيندڙ پي- ايل- او جي ڪردار تي حملي جي شروعات ڪرڻ ۾ ئي هڪ هفتو لڳي ويو. فيبروريءَ ۾ حڪومتي ذريعن دعويٰ ڪئي تہ عرفات جي فتح گروپ والاريل علائقن ۾ ڳجهي طور تي هڪ 'عوامي فوج' قائم ڪئي آهي، جنهن جو ڪم اسرائيلين سان گڏوگڏ اسرائيلي اختياري وارن سان سهڪار ڪندڙ فلسطينين کي قتل ڪرڻ هو. (٩) اهڙين موقعن تي، پي- ايل- او اڳواڻ اسرائيل خلاف رتوڇاڻ جي ڌمڪين يا پنهنجي ماڻهن کي اهو ٻڌائيندي تہ تنظيم جي 'ٻن رياستن' واري امن رٿا اصل ۾ سڄو فلسطين حاصل ڪرڻ واري رستي جو هڪ ٽاڪ آهي، خود دشمن کي پنهنجي خلاف پروپيگنڊا جون بندوقون تاڻڻ جو موقعو ڏئي رهيا هئا. عرفات ماضيءَ وانگر هاڻ پنهنجي لباڙي ساٿين کي لغام ڏيڻ جي يا تہ حيثيت ۾ نہ هو يا وري اهو چاهيائين نہ پئي. وقت گذرڻ سان گڏوگڏ، اسرائيلي آمريڪي ڪانگريس ۾ پنهنجي حمايتين ٿائين پنهنجو موقف، جيئن پوءِ تيئن وڌ پهچائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ۽ آمريڪي انتظاميا تي ان لاءِ زور ڀريو ويو تہ اُها پي- ايل- او جي بيانن کي جاچڻ لاءِ هڪ ڪميٽي جوڙي. شروعاتي مرحلي تي ئي ڦندو سوڙهو ڪيو ويو.

ان ريت پي- ايل- او جي نئين راهہ ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ ڏانهن وڌڻ شروع ٿي.

ڪڏوڪڏ معتبر مهمانن جي آمد جو هڪ سلسلو شروع ٿي ويو. پهريون پيرو برطانوي فارين آفيس جو جونيئر وزير وليم ويلڊگريو تيونس ۾ عرفات سان ڪڏيو ۽ يورپي حڪومتون سندس ذاتي ايلچين جو آدرياءُ ڪرڻ لڳيون. گذريل سال نومبر ۾ آزاد رياست واري پي- ايل- او جي اعلان جي آڌ ۾ عرفات دنيا جي گولي تي عرب، سوشلسٽ ۽ غير جانبدار ملڪن ۾ نئين سر نالو ڏنل فلسطيني 'سفارتخانن' ٻاهران فلسطيني جهنڊا ڦڙڪائڻ لڳو. تنظيم ڪڏيل قومن جي ادارن، خاص طور تي غيرسياسي عالمي صحت تنظيم (WHO) ۽ يونيسڪو ۾، آمريڪا ۽ ٻين اولهائن ملڪن جي مخالفت جي باوجود مڪمل ميمبرشپ حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي، ۽ پروٽوڪول لاءِ انتهائي حساس عرفات ٻه پنهنجي لاءِ مناسب حيثيت جي گھُر ڪرڻ لڳو.

٢ اپريل تي تيونس ۾ پي- ايل- او هيڊڪوارٽرس اعلان ڪيو تہ تحريڪ کيس يڪراءِ طور تي اجهان تائين حاصل نہ ٿيل رياست فلسطين جو صدر چونڊيو آهي. سندس ترجمان ڄاڻايو تہ عام چونڊون ٿيڻ تائين هو صدر رهندو. ان قدم لاءِ طيءِ ڪيل وقت خود سندس ساٿين کي بہ ڇرڪائي وڌو. سندس 'ترقي' وارو نقطو گھڻ ۾ گهڻ ڇهن مهينن کان بحث هيٺ هو، پر جيڪي ان تي سهمت هئا، تن جو خيال هو تہ هو ان معاملي کي رياست لاءِ عارضي حڪومت جي جوڙجڪ تائين ملتوي ڪندو. ڇا سندن اڳواڻ هاڻ اڳي کان ڪجھ وڌيڪ وڏي ڳالھ ٿي ويو هو؟(١٠) ان جي وضاحت اِها هئي تہ عرفات ڪجھ اهم ترين اولهائن اڳواڻن سان پنهنجي ملاقاتن جو سلسلو شروع ڪرڻ وارو هو ۽ هُن برابريءَ جي بنياد تي هنن سان ملڻ پئي چاهيو. جيتوڻيڪ فرانس، اٽلي ۽ جپان جي حڪومتن سندس رياست کي تسليم نہ ڪيو هو پر اُهي کيس صدارتي مانُ ڏئي پئي سگهيون.

مئي ١٩٨٩ع ۾ سندس پئرس وارو دورو انتهائي اهم هو. عاليشان هوٽل ڪريلون ۾ پنهنجي انتهائي پهري واري ڪمري مان هُن de la concorde ۾ مظاهرو ڪندڙ يهودين کي احتجاج ڪندي ڏٺو. کيس صدر متران پليڪار ڪئي، هن حڪومتي وزيرن کان گلدستا ورتا. چونڊ فرانسيسي ڏاهن آڏو تقرير ڪيائين (سندس هڪ نائب پاران لکيل تقرير وساري اچڻ ڪري کيس زباني ڳالهائڻو پيو) ثقافتي وزير جيڪ لينگ خود سندس درخواست تي آدي رات جو 'لائووري' جو دورو ڪرايو. جتي هُن دالان گهمي ڏٺا ۽ وزير جي مدد سان چترن جو جائزو ورتائين. "عملي کي بسترن ۾ بارن مان واپس گهرايو ويو. لائووري کي اڳي ڪڏهن ڪنهن جي لاءِ بہ بي وقت نہ کوليو ويو هو." عرفات جو هڪ اعتماد جوڳو. جيڪو اُتي موجود هو ٻڌائي ٿو. "شهرت جو تصور ڪريو: دهشتگرد، ڪلچر ٻلچر ڏانهن راغب پئي ٿيا." (١١)

اِها اهڙي ڪرت هئي جنهن کي جاري رکڻ انتهائي ڏکيو هو. عرفات اجهان تائين

پنهنجي اولهائن مدمقابلن جي دباءُ جو شڪار هو. جن چاهيو ٿي ته هو اسرائيل کي اجان وڌيڪ رعايتون ڏي، مثال طور هنن چاهيو ٿي ته پي- ايل- او هٿياربند جدوجهد وسيلي سڄي فلسطين کي آزاد ڪرائڻ ۽ اسرائيل جي قيام کي 'بنيادي طور تي غلط ۽ فضول' سڏڻ واري عهدنامي کي رسمي طور تي ختم ڪري. سندس جواب هميشه جيان لفظن جي هير ڦير وارو هو. جڏهن پئرس ۾ هُن فرانسيسي پرڏيهي رونالڊ ڊيموس واتان به اِها ڳالهه ٻڌي ته هڪ فرانسيسي قانوني اصطلاح Caduc استعمال ڪيائين، جنهن جي تقريباً معنيٰ 'چُڪ' يا 'جاءِ والارڻ' ٿئي ٿي. (۱۲) جڏهن هڪ عرب صحافيءَ کانئس پڇيو ته هُن فرانسيسي اصطلاح ڇو ڪتب آندو؟ ته هُن چيو ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته فرانسيسي عالمي ٻولي آهي جيڪا 'Persona non grata' (اڻ- وڻندڙ ماڻهو) جهڙن قانوني اصطلاحن جو خزانو پنهنجي اندر رکي ٿي. (۱۳) ان بيان اولهه ۾ سندس ٿورڙي واکاڻ ڪرائي، جڏهن ته پي- ايل- او ۾ هڪ معمولي طوفان کڙو ٿي ويو، پر اِهو هر ڪنهن ڄاتو ٿي ته تنظيم جي بنيادي پڌرنامي ۾ ڦيرگهير لاءِ سمورن معتبر فلسطينين جو اجتماع ضروري هو ۽ اِهو ايئن هو جيئن عرفات جو يروشلم وارو دورو.

علامتي طور تي اهميت جوڳا هوندي به، عرفات جا سمورا سياسي لاڀ انهيءَ حقيقت کي لڪائي نه سگهيا ته عرفات پنهنجي سر طيءِ ڪيل مقصد ڏانهن تمام ٿورڙو ئي اڳتي وڌي سگهيو. اِهو مقصد هو ڪڏيل قومن جي نگرانيءَ ۾، عالمي وچ اوير امن ڪانفرنس، جنهن ۾ اسرائيل، پي- ايل- او ۽ عرب رياستن کي گڏ ڪيو وڃي ۽ اسرائيل تي والاريل علائقا خالي ڪرڻ لاءِ دٻاءُ وڌو وڃي، اسرائيل جي گڏيل حڪومت آڏو بلڪل متضاد نقطهءِ نظر هو، جنهن ۾ سخت گير وزيراعظم آئزڪ شمير ۽ سندس لڪيد پارٽيءَ جو وڌيڪ اثر هو. عالمي ڪانفرنس جي به عرفات جي پي- ايل- او سان ڳالهين وانگر مخالفت ڪندي، گڏيل حڪومت جون حصيدار پارٽيون هڪ مختلف قسم جي 'امن ڪاوش' شروع ڪرڻ ۽ والاريل علائقا خالي ڪرڻ بابت ٻاهريون دٻاءُ ختم ڪرڻ لاءِ خيال پچائي رهيون هيون. ليبر پارٽيءَ سان تعلق رکندڙ بچاءُ واري وزير آئزڪ ربن جي سرجيل ۽ اپريل ۾ واشنگٽن جو هڪ سرڪاري دورو ڪندڙ ربن ذريعي اعلان ڪرايل ان رٿا جو مقصد اسرائيل سان ڳالهين لاءِ وفد چونڊڻ جو حق ڏيڻ هو. والاريل علائقن جي حتمي حيثيت کي اجان تائين اڻ- طيءِ ٿيل رکندي، شروعاتي مقصد فلسطيني خود- حڪومتيءَ لاءِ پنجن سالن تائين جي وچئين عرصي لاءِ هڪ محدود طريقو طيءِ ڪرڻ هو. جمهوري تت سان پريل انهيءَ رٿا ۾ بُش انتظاميا کي اپيل ڪرڻ جو پورو پورو بندوبست ڪيل هو. پر پي- ايل- او لاءِ ڪنهن به ڪردار جي گنجائش نه ڪيندي ۽ تنظيم جا متبادل هٿ ڪرڻ جو سوچي، والاريل علائقن جي فلسطينين کي بنا ڪنهن 'ٻپ ٻاءَ' جي ووٽ ڏيڻ جو حق ڏنو ويو هو. ان تي عرفات

پاران شڪ جو اظهار ڪرڻ لازمي امر هو.

اِها ئي تجويز هئي جيڪا بُش ۽ سندس پرڏيهي وزير جيمس بيڪر چوندي ۽ پي- ايل- او سان 'سوديبازي' لاءِ استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. سندن چوڻ هو تہ ورهايل اسرائيلي حڪومت پاران شروعاتي مرحلي تي ان ڪان وڌيڪ واڪ نٿو اچي سگهي. پر اِها انهن اسرائيلي- فلسطيني ڳالهين جو بنياد بڻجي پئي سگهي، جنهن کي بيڪر جي هڪ صلاحڪار 'هزار ڏاڪن جو سفر' سڏيو هو.(١۴)

سو ان ريت، شمير، بچاءُ واري وزير رابن ۽ عرفات وچ ۾ اڻ- سڌي ملهہ شروع ٿي وئي، جنهن ۾ واشنگٽن نہ رڳو ريفري هو پر پڙ کان ٻاهر وينل فلسطيني ۽ اسرائيلي حمايتين کي پڻ ٿڏو ڪري مقابلي کان ٻاهر رکڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هو. ان لاءِ ميدان انتهائي ماٺ ميٺ ۾ تيار ڪيو ويو. شمير ۽ پي- ايل- او ان تي ناراضپي جا رويا ظاهر ڪندي بہ ڪنهن قسم جو اظهار نہ ڪيو، جو هنن پنهنجو پاڻ تي ان ۾ تعطل جو الزام لڳرائڻ بہ نٿي چاهيو. هنهي مان هر ڪنهن پنهنجي بنيادي ذميواري هئي کي سياسي پنجوڙ ۾ ڦاسائڻ پئي سمجهي. اِهو دليل پيش ٿيڻ لڳو تہ والاريل علائقن جا فلسطيني عرفات تي چوندن کان انڪار نہ ڪرڻ لاءِ زور ڀري رهيا هئا. سندن چوڻ هو تہ ان تي راضپو ظاهر ڪري شمير کي ان رٿا تي عمل ڪرڻ لاءِ زور ڀري سگهجي ٿو، جنهن تي هو پاڻ بہ راضي ناهي. جيڪڏهن توهين چوندن کي رد ڪندا، جيئن شمير توقع ڪري رهيو آهي تہ پوءِ توهان کي سياست بدران 'دهشتگردي' استعمال ڪرڻ جو ڏوهاري ليکيو ويندو. (١٥)

شروعاتي ڪجهہ مهينن تائين ايئن ٿي لڳو تہ جڻ عرفات پوائنٽن تان کٽي پيو. کيس بُش انتظاميا پاران والاريل علائقن ۾ اسرائيلي حڪومت جي ڪجهہ پاليسين تي تنقيد ۽ انهن اهڃاڻن مان وڏو اتساهہ مليو تہ خود اسرائيلي حڪومت ۾ بہ ڪي ڏڦيڙ آهن. آمريڪين سان ڳالهين دوران، سندس نمائندا اظهار نہ ڪندي بہ شڪي رهيا، اسرائيلي نقطءِ نظر کان جان ڇڏرائڻ لاءِ آمريڪا کان حمايت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا: "چوندن جي مخالفت ڪير ٿو ڪري سگهي؟" هُن وضاحت ڪئي، "پر اِهي مڪمل رٿا جي الف کان ي تائين جو حصو هئڻ گهرجن."(١٦)

مئي ۾ شمير حڪومت پاران رٿا بابت ناهہ تي پهچڻ کان پوءِ، پي- ايل- او ضمانتون گهريون تہ اِهو سرشتو فلسطيني رياست جي قيام ڏانهن وٺندو. اُن سوال اُٿاريو تہ انهن چوندن ۾ اوڀر يروشلم جي فلسطينين کي حصي وٺڻ جي اجازت ملندي (اِهو متنازعہ معاملو هو. ڇاڪاڻ جو اسرائيل شهر جو اڀرندو حصو پنهنجي رياست ۾ شامل ڪري ورتو هو). اُن انهيءَ ڳالهہ جي بہ ضمانت گهري تہ اسرائيلين سان چوندن کان اڳ وارين ڳالهين ۾ پي- ايل- او کي اسرائيلي والاريل علائقن سان

ڪڏوڪڏ. ٻاهرين علائقن مان پڻ ترجمان طور نمائندگي ڏني ويندي، ان پنهنجي اڻ ٽيٽي تجويز ڪي پڻ هر هر ورجايو تہ اسرائيل چوندن ڪان اڳ والاريل علائقا خالي ڪري، جيئن ڏکڻ آفريڪا نميبيا ۾ ڪيو ويو هو. پر ان، اسرائيلي حڪومت جي ڪجهہ ڪارندن جي توقع جي اُبتڙ، انهيءَ نقطہءِ نظر کي مڪمل طور تي رد نہ ڪيو. جيئن اڳتي هلي ظاهر ٿيو تہ عرفات کي ان رٿا بابت ربن جو هڪ ذاتي سنيهو اسرائيلي پارليامينٽ ڪنيسيٽ جي عرب ميمبر عبدالوهاب داروشا ذريعي مليو هو. (١٧)

ان پيري پي- ايل- او تمام گهڻي خبرداري ۽ محنت سان تيار ڪيل پنهنجن دليلن سان اڳتي وڌڻ لڳي. عرفات جو رويو ايترو تہ سمجهہ پريو هو جو اسرائيلي لڪڊ ۾ سنجيده چتاءُ پريا الارم وڄڻ لڳا. ذاتي خواهشن ۽ نظرياتي اصولن جي حوالي سان نظر رکندي، مختلف همراهن، جن ۾ اهم ترين ١٩٨٢ع واري لبناني مداخلت جو نظرئيدان ايرل شيرون هو بہ، شمير لاءِ مڪمل للڪار پيدا ڪري ڏني. سندن چوڻ هو تہ وزيراعظم بنا سوچڻ سمجهڻ جي عمل ڪري رهيو آهي، ياسر عرفات سان فضول ڳالهيون ڪري رهيو آهي. هنن دعويٰ ٿي ڪئي تہ سندس چوندن واري رٿا ان ناهوڪي چماٽ ڏانهن پهريون قدم هوندي، جيڪا فلسطيني رياست قائم ڪرڻ جو سبب بڻي. ان سلسلي کي بند ٿيڻ کپندو هو.

شيرون ۽ سندس حمايتين شمير تي چوندن لاءِ اهڙا شرط مڙهڻ تي زور پريندي، جن ڪري اُهي پاڻ مرادو مري کپي وڃن. سندس هٺ سوگها ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. سندن مهم پنجين جولاءِ جي شام تل ابيب ۾ لڪڊ جي مرڪزي ڪميٽيءَ جي هڪ گرماگرم اجلاس دوران پنهنجي انتها تي پهتي ۽ شمير سندن گُهرن کي مجموعي طور تي مڃي ورتو. هُن چيو تہ چوندون اوستائين نہ ٿينديون جيستائين انتفاده ختم نہ ٿي ٿئي، اوپر يروشلم جا عرب ان کان ٻاهر هوندا، والاريل علائقن ۾ يهودي آبادڪاري جاري رهندي، ۽ ان سموري سلسلي جي هئي چيڙي تي ڪنهن فلسطيني رياست جو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي. (١٨)

اِهو ڳالهين کي اڳتي وڌائڻ وارين آمريڪي ڳالهين لاءِ تمام وڏو صدمو هو. پر ان جي ذري گهٽ يارهن ڪلاڪن اندر صورتحال کي اڃائين خراب ڪندڙ هڪ واقعو پيش آيو. هڪ فلسطيني انتهاپسند، تل ابيب- يروشلم هاءِ وي تي هڪ پوائتي بس ڪارروائي ڪئي. يروشلم جي اولهہ ۾ ٩ ميلن جي پنڌ تي بس ۾ هڪ ڏاڙهي وارو عرب الله اڪبر جو نعرو هڻي اُٿي ڪڙو ٿيو، اسٽيئرنگ تي قبضو ڪيائين ۽ گاڏيءَ کي نالي ۾ ڪيرائي وڌائين. ان واقعي ۾ ١۴ اسرائيلي مارجي ويا ۽ ستاويهہ زخمي ٿيا. (١٩)

سياسي ڏچي ۽ پرتشدد ڪارروائي ۾ ظاهر ظهور ڪو ڳانڍاپو نہ هو. شايد اتفاق هو جو انهن ٻنهي ۾ تمام ٿورڙو وقفو هو. بهرحال انهن جو واضح مقصد

عرفات جي سياسي ڪاوشن کي تباهہ ڪرڻ کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ هو.

عرفات تي پي- ايل- او جي اندران ۽ ٻاهران دٻاءُ هاڻ جيئن پوءِ تيئن وڌڻ لڳو. انتفاده جي ويهين مهيني ۾ داخل ٿيڻ تي بہ ان متعلق ڪا تجويز نہ پئي آئي تہ والاريل علائقن جي رهواسين جي قربانين جو ثمر ڇا هوندو. وڌيڪ اِهو تہ عرفات مالي امداد لاءِ عرب رياستن تي زور ڀرڻ ۾ انتهائي ڏکيائون محسوس ڪري رهيو هو. گذريل سال الجيرس ۾ پنهنجي سربراهي اجلاس دوران عرب اڳواڻن ان ڳالهہ تي راضپو ڏيکاريو هو تہ هو انتفاده لاءِ هر مهيني چار ڪروڙ ڇهہ لک ڊالر ڏيندا پر رڳو عراق کان سواءِ ڪو بہ ملڪ مستقل ان سلسلي کي جاري رکي نہ سگهيو. مالي صورتحال ايتري تہ خراب ٿي پئي، جو عرفات کي ١٩٨٩ع دوران تنظيم ۾ انتهائي سادگي وارو پروگرام شروع ڪرڻو پيو. ايندڙ مهينن ۾ پنهنجي متبادلن تي غور ڪرڻ وقت اها ئي تجويز هئي جيڪا عرفات جي ذهن ۾ پچي رهي هئي. (٢٠)

مختصر اِهو تہ گذريل سياري ۾ سندن اميدون چوٽ چڙهيل هيون، پر هاڻي سمورا فلسطيني ڏسي رهيا هئا تہ عرفات رعايتن پويان رعايتون آڇي رهيو هو. اسرائيل پنهنجون پاڙون پختيون ڪري رهيو هو ۽ آمريڪي انتظاميا، انهن لبرل عرب رياستن سان گڏ بيهي هئي، جيڪي پي- ايل- او جي قدم جون حمايتي هيون. وڌيڪ اِهو تہ آمريڪين جو خيال هو تہ عرفات سازشون سٽي خود پنهنجي لاءِ ڏکيائون پيدا ڪري رهيو هو. هُنن ڪيترائي ڀيرا فلسطيني ڪيس جي اُپٽار لاءِ آمريڪا جي دورن جي خواهشمند پي- ايل- او عملدارن کي، آمريڪي ويزا ڏيڻ کان انڪار ڪيو. هو هر هر ڳالهين کي وسيع ڪرڻ يا گهٽ- موضوعاتي ڪرڻ جي درخواست ۽ واشنگٽن ۾ پي- ايل- او آفيس ٻيهر کولڻ جي درخواست کي ٺڪرائيندا رهيا، هو اسرائيل مخالف ڌرين کي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل ۾ ويٽو ڪندا رهيا ۽ هو سدائين پي- ايل- او جي معمولي ڌمڪي ڀريل بيانن تي بہ چوهہ چنبيندا رهيا. انهن مان ڪيترين ئي ڳالهين معمولي نوعيت جون هيون، پر عرفات لاءِ جنهن آڌو سفارتي سرگرمين جي وڏي حيثيت هئي، اِهي سنجيده ڏچا هئا. ”اسان کي خط ملندا رهيا تہ اسان جي هڪ ٻيٽي نمائندي کي، ڄجيبوٽي جي هڪ بار ۾ اسرائيل بابت ڌمڪي آميز ڳالهيون ڪندي ٻڌو ويو آهي.“ نبيل شعط چوي ٿو. ”اِهو سمورو ڊرامو اسان لاءِ انتهائي توهين آميز هو. ان پي- ايل- او ۾ تمام گهڻي ڪاوڙ پيدا ڪري ڇڏي.“ (٢١)

تحريڪ اندر اُڀار ان مهل وڌيڪ چٽي طرح ظاهر ٿيو، جڏهن عرفات جي اهم اختياري مرڪز فتح جي ١,٢٩٠ ميمبرن جي آگسٽ ١٩٨٩ع جي شروع ڌاري تيونس ۾ بند ڪمري واري ڪانگريس ٿي. فتح جون صفون جوڙيندڙ گوريلن ۽ ٻين جو ٩ سالن جي عرصي ۾ اِهو پهريون اجلاس هو ۽ ان جو سنيهو چٽو پٽو نہ هو. اِن ۾ عرفات جي قيادت واري انداز تي شڪايتن جا انبار هئا: جن ۾ سندس

اترائين سرحد جي هُن پار فتح جي 'هٿياربند جدوجهد' کي معطل ڪرڻ جهڙيون ناراضگيون شامل هيون. اهِا آخري ڳالهه يمن جي ڏورانهن هنڌن تي پنهنجي ڪئمپن ۾ ٿانيڪن فوجي عملدارن لاءِ هضم ڪرڻ ڏاڍي ڏکي هئي. حتمي نُهراءُ 'اسان جي والاريل فلسطيني ڌرتي جي اسرائيلي والار جي خاتمي لاءِ... هٿياربند جدوجهد جاري رکڻ جي ڳالهه ٿي ڪئي.' اهو ان ڳالهه ڏانهن اشارو هو تہ پي- ايل- او امن ڪاوشن ۾ جوڳي ڪاميابي نہ ماڻڻ جي صورت ۾ ٻيهر هٿيار کڻي سگهي ٿي. ان گڏجاڻي مختلف سببن ڪري فتح جي ڪجهہ اهم عهدن لاءِ عرفات جي نامزد ڪيل همراهن کي رد ڪري ڇڏيو. اهم ترين چونڊ پي- ايل- او جي 'پرڏيهي وزير' فاروق قدوميءَ جي هئي، جيڪو پنهنجي ثابت قدم نقطءِ نظر لاءِ مشهور هو. (٢٢)

اسرائيلي ۽ فلسطيني ٻنهي ڌرين پاران جيئن پوءِ تيئن سخت موقف اختيار ڪرڻ ۽ عرفات پاران هر هر اهِا ڳالهہ ڪرڻ تہ هو والاريل علائقن ۾ مڪمل طور تي سول نافرماني جي تحريڪ هلائڻ يا ايستائين جو آتشي هٿيار استعمال ڪرڻ جي تجويز تي ويچاري رهيو آهي، آمريڪي امن ڪاوشن لاءِ وقت هٿن مان نڪتو پئي ويو. پرڏيهي وزير بيڪر اينڊرِ مهيني ۾ تحريڪ برقرار رکڻ لاءِ پتوڙيندو رهيو. قابل قبول اسرائيلي- فلسطيني ڳالهين جي جوڙجڪ لاءِ مصري صدر حسني مبارڪ کي پڻ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ چيائين. پر ڪنهن بہ دلي طور تي اِهو چاهيو نٿي، انهيءَ سموري هڻ هٿان جو نتيجو بس روايتي ڳالهين ۾ نڪتو. مبارڪ ڏهہ نڪاتي ۽ بيڪر پنج نڪاتي رٿون پيش ڪيون. اِهي تجويزون مصري، اسرائيلي ۽ آمريڪي حڪومتي نمائندن جي گڏجاڻين ۾ 'قابل قبول' فلسطيني ڳالهيون ڪندڙن جي چونڊ ڪرڻ متعلق هيون. پر ڪا بہ تجويز بنيادي اختلاف يعني شمير جي پي- ايل- او سان ڪنهن بہ قسم جي ڏيتي ليتي نہ ڪرڻ ۽ عرفات جي اهِا فرمائش تہ ان سموري سلسلي ۾ پي- ايل- او اڳواڻ ان جو اظهار ڪندي ڪڏهن بہ نٿو ٿڪجي تہ اِهو شايد تاريخ ۾ پهريون ڀيرو هو، جو ڳالهين ۾ شريڪ هڪ ڌُر ٻي ڌر جي چونڊن لاءِ زور ڀري رهي هئي. بيڪر رڳو اِهو ٿي ڪري سگهيو تہ هو اسرائيلين کي پنهنجي تياڪڙي هميشہ لاءِ ختم ڪرڻ جي ڌمڪي ڏي.

ڊسمبر ڌاري عرفات جي هوڏ پنهنجي انتها تي پهچي وئي. هو پي- ايل- او جو ڪردار مڃڻ ڪرڻ بابت اسرائيل کي خوش ڪرڻ وارن آمريڪي قدمن تي چڙي پيو هو. ڪيس گذريل مهيني آمريڪي صدر بش ڏانهن 'اسرائيل لاءِ وڌيڪ سخت رويو اختيار' ڪرڻ جي گُهر بابت سڌي سنئين پيغام جو ڪو جواب نہ مليو هو. (٢٣) وڌيڪ اِهو تہ، هو مصري ڪردار تي پڻ چڙيل هو، جنهن جا سفارتڪار، تنظيم سان آمريڪي لهہ وچڙ جو واحد ذريعو هئڻ ڪري آمريڪي- پي- ايل- او ڳالهين جون راهون طيءِ ڪري رهيا هئا ۽ هو مٿس آمريڪي رٿا قبول ڪرڻ لاءِ دٻاءُ وجهي رهيا هئا، جنهن کي هُن اُگرو ٿي محسوس ڪيو. سندس سوچڻ کي هڪ

گمنام عرب پرڏيهي وزير جي واشنگٽن پوسٽ جي خاطو ڪيريل مرفيءَ کي ڏنل هڪ تبصري ۾ سموئي سگهجي ٿو: ’اِهو سلسلو ڪو گهڻو نٿو هلي سگهي.‘ پهرين هنن چيو: ’اسرائيل کي تسليم ڪريو ته پوءِ توهان سان ڳالهائينداسين.‘ هاڻ ٿا چون: ’پنهنجو پاڻ کي لڪايو ته اسين توهان سان ڳالهيون ڪريون.‘ ايندڙ مرحلي تي چوندا: ’مهرباني ڪري پنهنجو پاڻ کي قتل ڪريو ته پوءِ اسين توهان سان ڳالهايون.‘ (۲۴)

اِها واٽ ڪوٺي ڪرڻ واري صورتحال هئي، دنيا جي سڄي پيش منظر ۾ ٿيندڙ واقعن سبب انهن امن ڳالهين جو تحرڪ برقرار رکڻ تي پتوڙ پڻ گهٽجڻ لڳي. عربن جو روايتي اتحادي، سوويت يونين زوال واري صورتحال جو شڪار هو ۽ وچ اوڀر هاڻ ماسڪو جي ڌيان کان گهڻو ڏور ٿي ويو هو. ڪميونسٽ اوڀر يورپ ۾ پي- ايل- او جا ڀيا دوست، چيڪوسلواڪيا جو هوزاڪ، اوڀر جرمنيءَ جو هونيڪر ۽ رومانيا جو چائوشسڪو جمهوري انقلابن آڏو واريءَ جي دڙن وانگر ڀڄڻ لڳا. فلسطينين لاءِ خراب ترين ڳالهه اِها هئي ته يهودي پناهگيرن جي هجوم کي سوويت يونين ڇڏڻ جي اجازت ڏني وئي ۽ آمريڪي اميگريشن جي سخت قانونن سبب، انهن مان هزارن جي منزل اسرائيل بنجڻ لڳي. جيئن ئي عرفات اِهو نئون ڊرامو تيار ٿيندي ڏٺو ته سندس تازي حڪمت عملي ناڪام ٿي چڪي آهي ۽ نون دوستن سان گڏجي متبادل ڳولهڻ جو وقت اچي ويو آهي. صدر صدام حسين پنهنجي رٿا تي عمل ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيو. ۲۳ فيبروري ۱۹۹۰ع تي عراقي اڳواڻ چئن عرب رياستن عراق، اردن، يمن ۽ مصر تي ٻڌل عرب سهڪاري ڪائونسل جي پهرين سالگرهه واري سربراهي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ عمان پهتو. پنهنجي دوست شاهه حسين وٽان گرمجوشيءَ سان آدرڀاءُ ملڻ کان پوءِ هو شهر ۾ معمول جي عرب تقريبن لاءِ روانو ٿيو. بهرحال صدام لاءِ اِهو موقعو خاص اهميت جوڳو هو، ان موقعي تي هُن اهڙي تقرير ڪرڻ جو منصوبو ٺاهيو هو، جيڪا عرب دنيا ۽ ان کان ٻاهر جوش ۽ خطري جو ٿرٿلو مچائي ڏي.

ايندڙ ڏينهن جڏهن ٻيا اڳواڻ عمان جي راندين واري مرڪز ۾ گڏ ٿيا ته جيئن شاهه حسين تبصرو ڪيو: ”حضرت محمد جي معراج واري رات ۽ سڳوري ڏڻ جي جي موقعي تي ٻين اڳواڻن صدام کي هيبتناڪ ۽ سوچن ۾ غرق ڏٺو. هن کليو کلايو اظهار ڪيو، هُن چيو دنيا ڊرامائي طور تي بدلجي رهي آهي ۽ عربن لاءِ رستا کوکي ڪري رهي آهي. سوويت يونين جي زوال آمريڪا کي عالمي سياست ۾ هڪ سگهاري حيثيت ڏياري ڇڏي آهي ۽ عرب آمريڪي ۽ اسرائيلي طاقت آڏو بيوس بڻجي ويا آهن. “ان جي نتيجي ۾ آمريڪي پاليسين تي صيهوني اثر اڳي جي ڀيٽ ۾ وڌي ويو آهي.“ هن وڌيڪ چيو، ”عربن کي ان ڳالهه تي ويچارڻ گهرجي ته اسرائيل، ايندڙ پنجن سالن ۾ ڪي وڌيڪ بيوقوفيون ڪري سگهي ٿو. اهو

آمريڪا جي سڌي سنئين يا فريبي پنيرائي سبب ٿي سگهي ٿو." (٢٥) صدام نار ۾ آمريڪي جنگي بيڙن جي موجودگيءَ تي پڻ ڳالهايو پر ڪانئس اِهو وسري ويو تہ انهن بيڙن سبب ئي هو بہ سال اڳ ايرانين هٿان هڪ پوائنٽي شڪست کان بچي ويو هو. هُن آمريڪا پاران 'سوويت يهودين جي فلسطيني ڌرتيءَ ڏانهن لڏپلاڻ کي همٿائڻ ۽ 'صيهوني رياست کي جيئڻ پوءِ تيئن وڌيڪ هٿيار ڏيڻ' واري پاليسيءَ کي ننديو. هُن عربن کي هڪ چرڪائيندڙ سڏ اِهو ڏنو تہ هو هاڻ اڻ- للڪارجندڙ سپرپاور سان مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ متحد ٿين، "عرب صفن ۾ انهن ڪانئرن لاءِ ڪا گنجائش ناهي، جيڪي چون ٿا تہ واحد سپرپاور طور آمريڪا فيصلي ڪُن حيثيت رکندڙ آهي ۽ هين وٽ اُن آڏو جهڪڻ کان سواءِ ڪا واٽ ناهي." هن چيو. (٢٦)

سندس هڏندڙن مان هڪ، مصر جي صدر حسني مبارڪ سندس ڳالهہ ناراضگيءَ وچان هڏي. واشنگٽن جي ويجهي اعتماد جوڳي ۽ هر سال بن بلين ڊالرن کان وڌيڪ جي آمريڪي امداد حاصل ڪندڙ طور، هُن صدام جي تقرير کي پاڻ تي ذاتي حملي کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ ٿي سمجهيو. پر اِها تقرير ڪانفرنس چيمبر ۾ موجود همراهن لاءِ نہ پر وسيع هڏندڙن لاءِ هئي. اردني ٽي- ويءَ تان سڌوسنئون نشر ٿيڻ ڪري اِها خود اردن ۾ موجود ۽ والاريل علائقن جي لکين فلسطينين هڏي، ۽ ان منجهن بجليءَ جي شاڪ وارو اثر ڏيکاريو. ڪنهن عرب رياست جي انتهائي سگهاري ۽ وڏي فوج رکندڙ طور ۽ اٺن سالن تائين ايران سان کيل جنگ جي نتيجي ۾ تجربو پرايل صدام، عرب دنيا جي سرواڻي ڪرڻ لاءِ پهريون ڀيرو کليو کلايو اظهار ڪيو هو ۽ ان لاءِ هُن پنهنجو پاڻ کي فلسطيني ڪاز جي نگران طور پيش ڪرڻ جي ترڪيب هٿ ڪئي هئي. انهيءَ ترڪيب وسيلي کيس ٽڙيل پکڙيل فلسطيني آباديءَ مان حمايت ملڻ يقيني هئي. ان جو اردن جي شاهہ حسين واري رويي سان بہ تعلق هو. جنهن جي ملڪ ۾ ڪنهن بئي عرب رياست کان وڌيڪ فلسطيني پناهگير هئا، ۽ جيڪو پنهنجو اوپاري لهواري رويي پٺاندڙ هاڻ ساڳي قسم جون ويڙهاڪ تقريرون ڪري رهيو هو. "ان تقرير هر فلسطينيءَ جو ڌيان ڇڪرايو." عرفات جو صلاحڪار نبيل شعٿ ٻڌائي ٿو: "اسرائيل ۽ آمريڪا کي مخاطب ٿيندي هُن اهڙا لفظ استعمال ڪيا جيڪي گهڻي عرصي کان عرب دنيا ۾ متروڪ بڻجي ويا هئا." (٢٧)

عرفات بہ ساڳي ريت ان ڳالهہ ڏانهن متوجہ ٿيو. صدام فلسطيني شڪايتن کي آڏو ڪٽي آيو هو. ان کان بہ وڌيڪ اِهو تہ هُن عربن کي صورتحال کي مُنهن ڏيڻ لاءِ عمل جي هڪ راهہ ڏيکاري هئي. هُن سمجهيو ٿي تہ صدام آمريڪا کي پي- ايل- او سان سنجيده ڳالهين لاءِ مجبور ڪري سگهي ٿو. ان ريت عرفات جي حياتيءَ جي هڪ خطرناڪ راز و نياز واري سنگت شروع ٿي وئي. هڪ اهڙي شخص سان

ظاهر ظهور اتحاد ٿيو، جيڪو اڳتي اولهائن ملڪن ۽ اڌ عرب دنيا سان ٽڪراءَ واري راهه تي گامزن هو. اهڙي شخص سان اتحاد جنهن جا پي- ايل- او جي مقصدن سان ميل ڪائيندڙ رويا هئا. اهي ناتا فلسطيني تحريڪ کي تباهيءَ واري راهه تي وٺي وڃي رهيا هئا ۽ علائقي کي اهڙي تڪراري ٽڪراءُ ڏانهن نيئي رهيا هئا، جهن بابت عربن ڪڏهن خوابن ۾ به نه سوچيو هوندو.

پي- ايل- او اڳواڻ صدام کي سدائين پنهنجي لاءِ بهتر شرطن تي آڻي نه سگهيو هو. اها حقيقت آهي ته بليڪ سيپٽمبر گهرو لڙائي دوران اردن ۾ لاڳو عراقي فوج پاران فلسطينين جي واهر نه ڪرڻ تي ١٩٧٠ع واري ڏهاڪي جي پوئين اڌ ۾، عراق جي ويڙهاڪ حڪمران بعث پارٽي فلسطينين جي هڪ ڌار ٿيل گروپ فتح انقلابي ڪائونسل جي اڳواڻ صابري البانه (ابوندال) جي قيادت ۾ عرفات جي سرواڻي ختم ڪرڻ لاءِ هٿ پير هڻندي رهي. ابوندال بغداد ۾ فتح جو اهم نمائندو هو. صدام ئي هو جنهن ١٩٧۴ع ۾ البانه جي عرفات کان علحدگيءَ کي هٿي ڏني ۽ اِهي عراقي ئي هئا، جن ڪيس مدد ڏني چيئرمين جي ڪيترن ئي ويجهن اعتماد جوڳن نرم گو اڳواڻن کي ايندڙ سالن ۾ قتل ڪرايو هو. ٻنهي گروپن (فتح ۽ فتح انقلابي ڪائونسل) جي اڳواڻن وچ ۾ دشمنيءَ جي اِها حالت هئي جو فتح جي هڪ ڪورٽ ١٩٧٥ع ۾ بانه کي غيرحاضريءَ ۾ موت جي سزا ٻڌائي.

پي- ايل- او- عراق ناتن ۾ رڪاوٽون اوڏي مهل هٽڻ شروع ٿيون، جڏهن ايران- عراق جنگ جي دہاءُ جي نتيجي ۾ عراق ١٩٨٠ع واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ عرب سياست جي مرڪزي ڌاري ڏانهن موٽ ڪائڻ شروع ڪئي. ١٩٨٢ع ۾ بيروت مان نيڪال کان پوءِ بغداد پي- ايل- او لاءِ اهم اڏو بڻجي ويو هو ۽ آڪٽوبر ١٩٨٥ع ۾ تيونس واري پنهنجي سياسي هيڊڪوارٽرس تي اسرائيلي حملي کان پوءِ عرفات هفتن جا هفتا عراقي گاديءَ واري شهر ۾ گذارڻ لڳو. خاص طور تي اپريل ١٩٨٨ع ۾ پنهنجي نائب خليل الوزير جي قتل کان پوءِ جيئن ئي غيرسلامتيءَ وارين سندس سوچون وڌيون ته عرفات وڌ ۾ وڌ صدام جي بي رحم سڪيورٽي فورسز تي ڀاڙڻ شروع ڪيو. عراقين چئيڪارن وانگر سندس بغداد واري رهائشگاهه ٻاهران اينٽي ايئر ڪرافٽ گنون کوڙيون ۽ انهن ڏينهن ۾ جڏهن عرب رياستون فلسطينين کي ڪا مالي مدد نه ڏئي رهيون هيون، عراقين کين پنهنجا جيٽ هوائي جهاز استعمال ڪرڻ جي مڪمل آزادي ڏني. ”خليل جي قتل کان پوءِ عرفات پنهنجي ذات لاءِ خطرو محسوس ڪري رهيو هو ۽ هُن بغداد واري پنهنجي آفيس کي ئي سلامتيءَ ڀريو هنڌ ٿي سمجهيو.“ سندس هڪ مددگار ٻڌائي ٿو: ”١٩٨٩ع کان عراقين پنهنجا ٽي جهاز ۽ انهن جو عملو عرفات جي اشاري ۽ سڏ لاءِ مخصوص ڪيا. رڳو لبيا ئي اهڙو ٻيو ملڪ هو، جنهن ان قسم جي سهولت ٿي ڏني. ٻيا سربراهه رڳو واسطيدار دورن لاءِ ڪيس آڻڻ ۽ ڇڏڻ واسطي جهاز ڏيندا

هئا." (٢٨)

عراقين رڳو انتفاده ۾ ئي نہ پر ٻين طريقن سان بہ مدد ڪئي. فلسطيني اُڀار جي انتهائي شروعاتي ڏينهن ۾، پي- ايل- او کي بغداد وٽان پنجاهہ ملين ڊالرن جي وڏي رقم ملي. "اِها پي- ايل- او کي ڪنهن هڪ مالي سهائتا ڪندڙ وٽان ملندڙ سڀ کان وڏي رقم هئي." عرفات جي هڪ ويجهي اعتماد جوڳي ساٿي اڳتي هلي ٻڌايو: "اُن وقت امداد ڪندڙ عراق اڪيلو ملڪ هو. عرفات کي ٨٩- ١٩٨٨ع ۾ انتفاده کي جاري رکڻ لاءِ انتهائي ڏکيائين جو مقابلو ڪرڻو پئي پيو. قذافيءَ هڪ مهينو رقم ٿي ڏني تہ ٿي مهينا پي- ايل- او سان ڪاوڙيو ٿي ويٺو. پر عراق مڪمل طور تي مستقل مزاجيءَ سان شروع ڏينهن کان انتفاده لاءِ هر مهيني چاليهہ لک ڊالر ڏئي رهيو هو." (٢٩). ١٩٨٩ع ۾، صدام هڪ وڌيڪ وک کڻي، هُن اعلان ڪيو تہ انتفاده ۾ شهيد ٿيندڙن جي ڪٽنبن کي عراقي فوج جي شهيد سپاهيءَ جيتري پينشن ڏني ويندي. اهم ڳالهہ اِها هئي تہ هُن عرفات کي اُن مهل ان جيتري گهربل سياسي پٺڀرائي ڏني، جڏهن هو امن ڳالهين جاري رکڻ لاءِ پتوڙي رهيو هو. عرفات جي رعايتن تي لبيا ۽ شام جي تنقيد دوران هڪ مرحلي تي عراقي اڳواڻ عرفات کي چيو: "تو تي خدا جي ٻاجهہ هجي، پنهنجي امن ڪاوشن سان اڳتي وڌندو رهہ." (٣٠)

اِهو فريب ڀريو ميلاپ هو، خاص طور تي ان لحاظ کان جڏهن ٻيون عرب رياستون ان کان الڳ ٿلڳ هيون. ١٩٩٠ع جي شروع ڌاري، عرفات عرب دنيا جي اهم ڏرين وٽان ملندڙ مالي امداد ۽ سياسي حمايت کان محروم ٿيڻ لڳو هو. هڪ پاسي هو مصري دٻاءَ جو شڪار هو تہ ڪيس امن ڪاوشن بابت آمريڪي رٿون هڪدم مڃڻ گهرجن. اِهو دٻاءُ فيبروريءَ جي شروع ڌاري، مصري شهر اسماعيليہ ڀرسان اسرائيلي سياحن واري بس تي بمن جي حملي کان پوءِ انتهائي وڌي ويو، جنهن ۾ ڏهہ ڄڻا مارجي ويا. ٻئي پاسي، نار جي روايتي شاهي عرب حاڪمن، جيڪي گذريل پنجويهن سالن کان سندس مالي سهائتا ڪندڙ هئا، پي- ايل- او ۽ فتح لاءِ پنهنجي رقمن کي انتهائي حد تائين گهٽائي ڇڏيو هو.

انتفاده لاءِ رقمون گڏ ڪندي عرفات ڪويتين کان پڻ واقف هو. جيڪي والاريل علائقن ۾ پنهنجو اثررسوخ قائم ڪرڻ لاءِ پي- ايل- او کان سواءِ ٻيا ذريعا ڪتب آڻي رهيا هئا. هڪ مقامي عطيا گڏ ڪندڙ ڪميٽي، جنهن ٿي ڪروڙ ڊالر گڏ ڪيا، جي اطلاعن موجب پنهنجي امداد جو وڏو حصو اردني چيمبر آف ڪامرس جي هڪ ميمبر کي اولهندي ڪناري ۾ ورهائڻ لاءِ ڏنو. سعودي عرب ۽ ڪويت کان ايندڙ ٻيون رقمون سڌوسنئون اسلامي بنيادپرست گروپ حماس ڏانهن وينديون رهيون، جيڪو پي- ايل- او جي مرڪزي گروپن جي مقابلي ۾ والاريل علائقن خاص طور تي غزه ۾ پنهنجو اثررسوخ قائم ڪري رهيو هو. نار جا شيخ

پنهنجي ملڪي دٻاءُ سبب حماس جي امداد ڪرڻ تي مجبور هئا ته عرفات پي- ايل- او کي ڪمزور ڪرڻ ۽ حماس کي سگهارو بنائڻ واري سازش جي بوءِ سنگهي ورتي. هُن نار جي حڪمرانن تي هلڪي قلڪي تنقيد ڪرڻ شروع ڪئي، خرچن جي پيٽ ۾ سندن معمولي امداد، آمريڪا سان غيرمعمولي سهڪار ڪرڻ ۽ افغان مزاحمت جي حمايت ڪرڻ تي سندن خلاف پنڌي هارڻ شروع ڪيائين.

”عرب حڪومتن افغانستان ۾ هڪ سال اندر ايتري رقم خرچ ڪئي آهي، جيتري هنن پنجويهن سالن ۾ به پي- ايل- او کي نه ڏني آهي.“ هُن فيبروريءَ ۾ ڏنل هڪ اخباري انٽرويو ۾ دعويٰ ڪئي، ”ڇا عربن جو انتفاده ڏانهن لاتعلقي وارو رويو شرم جو مقام ناهي؟“ مذاق واري انداز ۾ هُن رڙ ڏني ته عربيءَ ۾ ’القدس‘ سڏجندڙ يروشلم جو نالو افضا لهجي ۾ ’قدس آباد‘ رکيو وڃي ته جيئن عرب ان جي آزاديءَ لاءِ به ڪجهه ڪن.“ (٣١)

انهيءَ پس منظر ۾، اها ڪا حيرت جوڳي ڳالهه نه هئي جو عرفات ١٩٩٠ع جي بهار ۾ پنهنجو پاڻ کي بغداد جي ٻڪن ۾ اُڇليو. وچ اوير تي لمندڙ طوفاني ڪڪر ان نوعيت جا هئا جو ان ۾ ڪنهن تڪرڙي اجهي جي گهرج هئي. آمريڪي پنيرائي واري امن ڪاوش پنهنجي موت پاڻ مري چڪي هئي ۽ ان تي ڪفن ١٣ مارچ تي اُن مهل وڌو ويو، جڏهن اسرائيلي حڪومت فلسطيني چونڊن تي يڪ راءِ ٿيڻ ۾ ناڪام ٿيندي ٿٽي پئي. ان جي جاءِ وڌيڪ سخت ساجي ڌر وارن والاري، شمير جي قيادت واري نئين حڪومت رعايتون ڏيڻ کي پسنديدگيءَ سان نه ٿي ڏٺو. گذريل اٺاويهن مهينن کان انقلاب جي اهم انجڻ انتفاده، جيڪا هيل تائين ٢٠٠ کان وڌيڪ عربن جون جانيون ڳهي چڪي هئي، فلسطينن جي اندروني جهيڙن جي نذر ٿيڻ لڳي.

سوويت يونين کان پناهگيرن جي اسرائيل ڏانهن لڏپلاڻ جو اڻ- روڪ سلسلو جاري هو. ١٩٩٠ع جي شروعاتي مهينن ۾، جيئن ئي سوويت يهودين ماسڪو جي نون اميگريشن قانونن مان فائدو پرائڻ شروع ڪيو ته هنن سان سٽيل ڪيترائي جهاز روز تل ابيب جي بن گوريان ايئرپورٽ تي لهڻ لڳا. رڳو ١٩٩٠ع ۾ اسرائيل پنهنجي مختلف يورپي مرڪزن ذريعي هڪ لک يهودين جي اچڻ جي اُميد ڪري رهيو هو. ١٩٩٥ع تائين اهو ڳاڻيٽو پنجن لکن تائين پهچڻ جو ڪاٿو لڳايو پئي ويو. عرفات ۽ ٻين فلسطينن لاءِ، واعدي ڪيل ڌرتيءَ ڏانهن اها نئين لڏپلاڻ ڪنهن آسماني آفت جهڙي صورت اختيار ڪري رهي هئي. ان يهودي رياست کي نئون رت چاڙهيو هو ۽ ان ڪيس پيش انهيءَ خطري کي به ٿارڻ شروع ڪيو ته ايندڙ ڪجهه ڏهاڪن اندر فلسطيني پنهنجي جمر رفتار ۾ انتهائي تيز هئڻ ڪري ’فلسطين‘ ۾ يهودين کان وڌي ويندا . ان ڪري يونچ سمنڊ ۽ اردن نديءَ جي وچ واري ننڍڙي زمين تي دٻاءُ وڌڻ فطري هو ۽ ان صورتحال ۾ انهن اسرائيلي اڳواڻن جي موقف کي

وڌيڪ هٿي ملڻ جا امڪان هئا. جن پنهنجي رياستي ايراضي وڌائڻ لاءِ دليل ٿي ڏنا ۽ اولهندي ڪناري ۽ غزه کي طاقت جي زور تي فلسطينين کان حاصل ڪرڻ جي ڳالهہ ٿي ڪيائون. مختصر اِهو تہ، ان فلسطينين لاءِ انهن تباهہ ڪُن يادن کي ٻيهر دهرائي ڇڏيو جيڪي ١٩٤٨ع ۾ اسرائيل جي آزادي واري جنگ ۽ ١٩٦٧ع ۾ ڇهن ڏينهن واري جنگ سان لاڳاپيل هيون. اسرائيل آمريڪا جي خاموش رضامنديءَ سان پنهنجن ڪجهہ نون شهرين کي والاريل علائقن ۾ ورسائڻ لڳو. عرفات کي اچي چرڪ پيا تہ اِهو سلسلو ڪٿي فلسطيني ماتريوميءَ جي معمولي امڪانن کي بہ نہ نهوڙي وجهي. علائقي جا ڪجهہ بااثر تبصري نگار هڪ ٻي وچ اوپر جنگ جا امڪان ظاهر ڪرڻ لڳا. بهرحال انهن مان ڪو بہ ان ڳالهہ جي اڳڪٿي ڪرڻ واري حيثيت ۾ نہ هو تہ اِها ڪيترو جلد يا ڪهڙي انداز واري هوندي.

عرفات انهن خطرناڪ واقعن لاءِ محسوس ڪيو تہ اِهي هڪدم عمل جا گهرجائو آهن. اسرائيل ڏانهن يهودين جي اچڻ کي روڪڻ جي هڪ مُڏي ڪوشش ڪندي، هن اهم پي- ايل- او عملدارن کي سوويت يونين ۽ اهڙن يورپي ملڪن جي گاديءَ وارن هنڌن ڏانهن اُماڻيو جن کي پناهگير وچئين ٿاڪ طور استعمال ڪري رهيا هئا.

اپريل ۾ هُن پاڻ بہ عرب دنيا جو هڪ طوفاني دورو ڪيو. سندس مقصد هڪ گڏيل عرب موقف لاءِ هڪ تڪڙو سربراهي اجلاس گهرائڻ هو، ۽ اِهو اجلاس صدام جي بغداد ۾ گهرائڻ جي رٿ هئي، جيڪو اڳيئي مسئلي تي ٽڪراءُ جو آدرياءُ ڪرڻ لاءِ آتو هو.

صدام وٽ اهڙي اجلاس جي ميزباني لاءِ پنهنجا سبب ۽ جواز هئا. اعليٰ مقصدن ۽ مايوسيءَ جي گاڏڙ ساڏڙ انداز ۾ هُن اڳتي وڌڻ ٿي چاهيو، اهڙي صورتحال جتي سندس فيبروري واري تقرير جي جواب ۾ هڪ پاسي اسرائيل وٽان ڌمڪيون ٿي مليون تہ ٻئي پاسي ملڪي سطح تي اقتصادي دٻاءُ ٿي وڌيو ۽ هُن ان سموري صورتحال کي پنهنجي خلاف اولهائن ملڪن جي سازش ٿي سڏيو، خاص طور تي آمريڪا ۽ برطانيا جِي، جن عراق وٽ موجود موتمار هٿيار ختم ڪرڻ تي زور پريو. مارچ ۾ صدام حڪومت هڪ برطانوي صحافي فرزاد بزوفت کي اسرائيل لاءِ جاسوسي ڪرڻ جي ثابت نہ ٿيل ڏوهہ جي الزام ۾ ڦاسي ڏني، پنهنجي اولهائن ويرين کي هڪ موقعو هٿ- ترڙءَ تي سينگاري ڏنو. ٢ اپريل تي بغداد ريڊيو تان نشر ٿيندڙ پنهنجي هڪ تقرير ۾ هُن ٩ سال اڳ عراقي نيوڪليائي پلانٽ تي ڪيل حملي جهڙي غلطي نہ ورجائڻ بابت چٽي پٽي ڌمڪي ڏيندي چيو: "خدا جو قسم! جيڪڏهن اسرائيل عراق خلاف ڪا ڪارروائي ڪئي تہ موت ۾ اڌ اسرائيل کي اڳ- چنيءَ ۾ ڍير ڪري ڇڏيندا سين." (٣٢) سربراهي

اجلاس جو مطلب اِهو هو تہ باقي عرب دنيا ان ڏڦيڙ ۾ سندس اتحادي هوندي ۽ اِهو ١٩٦٠ع واري ڏهاڪي ۾ جمال عبدالناصر وانگر سندس حيثيت بڻائي ڇڏي ها. اڪيلو عرفات ئي ان تي راضي خوشي ڪم ڪرڻ لڳو ۽ هُن مصر جي حسني مبارڪ جهڙن سربراهن کي اهڙي اجلاس تي راضي ڪرڻ لاءِ اڻٿڪ دورا ڪرڻ شروع ڪيا.

ان مرحلي تي پي- ايل- او اڳواڻ اِها ديومالا قائم رکڻ ٿي چاهي تہ هو اڃان تائين عرب سياست ۾ مرڪزي حيثيت وارو آهي. هُن پنهنجن نائبن کي هدايتون ڏنيون تہ مصر ۽ عراق سان هڪ ئي وقت اتحاد ڪيئن پنهنجن امن ڪاوشن لاءِ آمريڪا تي زور ڀرڻ ۾ مددگار بڻبو ۽ ساڳي وقت اِهو بہ اظهار هوندو تہ پي- ايل- او وٽ هيا متبادل بہ آهن. اهو ان عجيب و غريب پاڻ پنڪائڻ جو اظهار هو، جنهن جي لنڊن ۾ پي- ايل- او جي نمائندي عفيف صفيہ اڳتي هلي هيئن وضاحت ڪئي: "اسان قاهره ۽ عراق ۾ هڪ جيتري وِٿي رکڻ جي سڌ ڪئي تہ جيئن عراقي فوجي طاقت کي پنهنجي سوديبازيءَ لاءِ استعمال ڪري سگهون." (٣٣) عرفات جو هڪ ٻيو صلاحڪار بہ ان راءِ سان سهمت ٿيندي چوي ٿو: "اِها سوچ حاوي هئي تہ عراق عرب دنيا جو اُهو فوجي طاقت رکندڙ ملڪ آهي جيڪو نامرديءَ ڀريل عرب دنيا ۾ هڪ للڪار بڻجي ڳالهين ذريعي ڪو نباهہ ڪرائڻ ۾ مددگار بڻجي سگهي ٿو."(٣٤)

حقيقت ۾، عرفات صدام جي پنجوڙ ۾ ان کان گهڻو وڌيڪ ڦاسي چڪو هو جنهن جو هُن مڃيو ٿي. اپريل جي آخر ۾، پي- ايل- او جي ايگزيڪيٽو ڪميٽيءَ جو اجلاس بغداد ۾ گهرايو ويو ۽ اُن 'عالمي مرتبت سورمي صدام حسين' جي حمايت ۾ بيان جاري ڪيو. (٣٥) ڪجهہ ڏينهن پوءِ اِهي اطلاع آيا تہ عرفات يمن ۽ اردن ۾ موجود ٽن هزار گوريلا ويڙهاڪن کي مئي جي وچ ڌاري عراق ۾ پنهنجون صفون جوڙڻ جو حڪم ڏنو. هڪ پي- ايل- او ترجمان موجب سندن مقصد تربيت حاصل ڪرڻ ۽ 'ڪنهن امڪاني اسرائيلي حملي خلاف عراق جو بچاءُ' ڪرڻ هو.(٣٦) اِها پي- ايل- او کي عراق سان وچڙائڻ جي هڪ وڌيڪ ڪوشش هئي ۽ اهو صدام جو هوشياري سان کنيل هڪ وڌيڪ قدم هو، جنهن هُن لاءِ وسيع فلسطيني حلقي ۾ حمايت پيدا ڪري ڏني. جيئن ٻڌهي عرصي کان عرفات جو هڪ صلاحڪار اظهار ٿو ڪري: "اِهو بہ طرفو رستو هو، عرفات کي صدام جي گهرج هئي ۽ صدام کي عرفات جي." (٣٧) بهرحال، سموري فلسطيني تحريڪ عرفات جي انهيءَ تبديليءَ تي خوش بہ نہ هئي. ڪجهہ سينيئر پي- ايل- او عملدارن بغداد سان پنهنجن ويجهو ٿيندڙ ناتن تي ڀوڻ بہ ڦٽايو. ڪين اُتان جو ماحول گُهٽ ٻوسٽ ڀريو، اعلان ناما غلطين ڀريا ۽ هوٽلون غيرآرامده لڳيون. ساڳي ريت والاريل علائقن جي ماڻهن جا جذبا بہ گاڏڙ ساڏڙ هئا. صدام جي آمراتي ورتاءُ تي شڪ ٿيندي،

هُن اسرائيلي ڪارروائي جي ٻپ کان عراقي گاديءَ واري شهر جو دورو ڪرڻ کان ڪيبايو. پي- ايل- او ۾ ڪيترائي ان ڳالھ تي ويچاري رهيا هئا تہ عراقي اڳواڻ پنهنجي سهائتا عيوض، موٽ ۾ ڪانئن ڇا گهرندو. عرفات اهڙن شڪن کي ميسارڻ ۾ ڪا هيڪ محسوس نہ ڪئي. ”هو اهو چوڻ وارو هو تہ اسان کي عمل متعلق عراقين وٽان ڪا هدايت جاري نہ ٿيندي.“ هڪ پي- ايل- او عملدار اڳتي هلي اُهي ڏينهن ياد ڪندي ٻڌائي ٿو: ”هو اِهو ڏسي نہ پئي سگهيو تہ ان جو ڪهڙو مُلھ چڪائڻو پوندو يا عراقي ان جي عيوض ڇا گهرندا.“ (٣٨)

٢٠ مئي ١٩٩٠ع تي صبح سوير، غزه جي شهرن رفاهہ ۽ خان يونس جا تقريباً پنجاهہ فلسطيني تل ابيب جي ڏکڻ ۾ هڪ پسگردائي رشون ليزيون ۾ ٻن مرڪزي رستن جي مُهڙ تي گڏ ٿيا. هو معمولي اڏاوتي مزدور هئا. هو پنهنجي ڪم تي وڃڻ لاءِ گاڏيءَ جو اوسيئڙو ڪري رهيا هئا، جو فوجي ورديءَ ۾ چمڪندڙ بندوق تاڻي هڪ اسرائيلي ظاهر ٿيو. ڪا گهٽي ٻيگھ ڪرڻ بنا، هُن عربن کي ٽي قطارون ٺاهڻ جو حڪم ڏنو. ان کان پوءِ هڪ معمولي وقفي بعد، هُن مٿن فائرنگ ڪرڻ شروع ڪئي. ننڍڙي هجوم تي هُن بنا ڪنهن فرق جي لاڳيتو گولين جو مينهن وسايو. ٻيهر گولين ڀرڻ لاءِ ڪن پل ترسي وري فائر ڪيائين ۽ بعد ۾ فرار ٿي ويو. ان دوران ٧ فلسطيني مارجي ويا ۽ ١١ ڦٽيا. (٣٩)

عرب دنيا، جيڪا اڳيئي سوويت يونين مان پناهگيرن جي اچڻ تي ڪاوڙيل هئي، انهيءَ واقعي انتها جي حد تائين ڀڙڪائي وڌو جيڪو اهڙي شخص ڪيو، جنهن کي اسرائيلي حڪومت ’بدحواس‘ سڏيو. والاريل علائقن ۾ انتفاده شروع ٿيڻ کان پوءِ جا بدترين هنگاما شروع ٿي ويا. ١٩٨٨ع وانگر هڪ ڀيرو ٻيهر آمريڪا پاران عرفات کي نيويارڪ جو ويزو ڏيڻ کان انڪار ڪرڻ تي جينيوا ۾ گهرايل گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي اجلاس ۾ تقرير ڪندي هُن فلسطينين جي حفاظت لاءِ جوڳا اُپاءَ وٺڻ جي گهر ڪئي. اڻ- چٽيءَ طور تي آمريڪين ان ڳالھ جو اشارو ڏنو تہ اُهي والاريل علائقن ۾ حقيقتون پروڙڻ لاءِ گڏيل قومن جي اهم ٽيم اُماڻڻ جي حمايت ڪرڻ لاءِ راضي ٿي سگهن ٿا. سو ان ريت پي- ايل- او پاران ان مسئلي تي هڪ مڪمل نُهراءُ جي اچان ضرورت نہ هئڻ جي ڳالھ محسوس ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ان ڳالھ تي ڪنهن حد تائين ٻڏتر جو شڪار ٿيل تہ: آمريڪين وٽ هڪ کان وڌيڪ متبادل آهن. عرفات ٻيهر تيونس لاءِ روانو ٿيو. نبيل شطہ اڳتي ٻڌائڻ وارو هو: ”عرفات تمام گهڻو مشتعل ٿيل هو. هُن پنهنجو پاڻ کي شڪست کاڌل ٿي پاتئيو. هُن پنهنجو پاڻ کي دوکو کاڌل ٿي محسوس ڪيو. هُن پنهنجو پاڻ کي کاٽ لڳل ٿي سمجهيو. هُن اصل ۾ پنهنجو پاڻ کي آمريڪين جي پيٽ ۾ رسي جي ڇيڙي تي ٿي محسوس ڪيو.“ (٤٠) اِها اولھ کي متوجہ ڪرڻ لاءِ عرفات جي آخري سفارتي ڪرت ٻڌجي هئي.

اهو عرب اڳواڻن جي بغداد ۾ گڏجڻ لاءِ هڪ انتهائي اهم جواز پڻ بڻجي ويو. اسرائيل ۾ بليڪ سنبڊي ۽ ان کان پوءِ گڏيل قومن وارن واقعن صدام حسين جي انهن دليلن لاءِ هارڻ جو ڪم ڏنو ته جيئن ته اسرائيل فلسطينين کي چيپاٽڻ تي سندرو ٻڌيو بيٺو آهي ۽ آمريڪي حڪومت تي به ان کي بند ڪرائڻ لاءِ ايماندار هئڻ جو اعتبار نٿو ڪري سگهجي، ان ڪري عرب رياستن لاءِ بهتر ٿيندو ته اُهي پنهنجي بچاءُ لاءِ تيار ٿين. جيئن ئي اڳواڻ ٢٨ مئي تي بغداد جي الرشد هوٽل جي سامهون رستي جي هُن پار، شيشي ۽ سنگ مرمر واري ڪانفرنس هال ۾ 'اميد ۽ ضرورت وارو سربراهي اجلاس' سڏجندڙ ڪانفرنس لاءِ گڏيا ته ڪين احساس ٿيو ته هو عرب دنيا جي روح لاءِ ويڙهاند ۾ شرڪت ڪرڻ وارا آهن، ان ۾ ٽڪراءَ ۽ سرچاءَ جي حامين ۾ هڪ سخت جنگ شروع ٿي وئي. اِهو چيو ٿي ويو ته ١٩٦٧ع واري جنگ کان اڳي وانگر حالتون هڪ ڀيرو ٻيهر ٽڪراءُ چاهيندڙن جي حق ۾ پچي رهيون هيون. عرفات، جنهن کي صدام اِهو موقعو مڪمل طور تي پنهنجي لاءِ استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏني هئي، سلائيڊ پروجيڪٽر ۽ نقشن جي مدد سان 'نيل کان يوفراٽس تائين عظيم اسرائيل' ناهڻ واري صيهوني منصوبي جي اُپٽار ڪئي. (٤١) ۽ صدام پنهنجي سر سوڀارو بڻجي اڀٽي آيو (لفظ صدام جي معنيٰ ٽڪرائيندڙ آهي) ڪيترن ئي مبصرن آڏو هو عرب دنيا جو گهڻ- پاسائتو اڳواڻ ۽ مظلومن جي ساٿي طور اُڀريو. پي- ايل- او سان پنهنجي ساٿ جو نئون اظهار هُن ادائي ڪروڙ ڊالرن جي امداد سان ڪيو.

جيڪا ڳالهه ٻاهريان مبصر سمجهي نه سگهيا، اُها اِها هئي ته صدام خانگي طور تي پنهنجي مقصد واري ايجنڊا به اجلاس ۾ شامل ڪرائي، ۽ اُها به اُن وقت جڏهن سائنس ٽڪراءُ ۾ ايندڙ ڪجهه همراهه اُتي ڪانفرنس هال ۾ ئي موجود هئا. فقط سربراهن واري بند دروازي پوبان ٿيل هڪ ويهڪ ۾ صدام آمريڪا جي حمايتي رياستن پاران تيل جي وڌيڪ پيداوار تي تلخ لهجي ۾ شڪايت ڪئي. سندس چوڻ هو ته ان جي نتيجي ۾ تيل جا اگهه ڪِري رهيا هئا ۽ عراق جي روزيءَ جي واحد ذريعي تي لت ٿي آئي. ڪويت جي امير ۽ گڏيل عرب امارتن جي صدر ڏانهن گهوريندي، هُن دعويٰ ڪئي، "توهان منهنجي ملڪ خلاف ظاهر ظهور اقتصادي جنگ جوٽي ڏني آهي." (٤٢) جيئن ٻيون عرب رياستون ايندڙ ڪجهه هفتن ۾ واقف ٿيون، اهو صدام جو اصلوڪي جنگ لاءِ پهريون وار هو، جنهن ۾ پنهنجي پاڙيسرين کي ٻيجارڻ جي مُهم هلائڻ ۽ تيل جا اگهه وڌائي ڏيوالپٽي جي حد تائين پهتل پنهنجي معيشت کي سهارو ڏيڻ جي ڪوشش شامل هئي. اِها اهڙي مُهم هئي جنهن ۾ 'جدوجهد ۾ رڌل فلسطيني عوام' جي نمائندي طور پي- ايل- او جي حمايت يقيني هئي.

سربراهي اجلاس جي حتمي اعلان نامي جي اجان مس ئي نه سُڪي هئي جو

صدام بنا ڪنهن غلطي جي هڪ وڏيڪ سنيهو ٣٠ مئي تي فلسطين جي آزادي واري محاذ (PLF) جي گوريلن وسيلي تل ابيب جي ساحلن تي هڪ اسپيڊ بوٽ ذريعي حملي جي صورت ۾ اُماڻيو. ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ ناهي تہ عراقي اڳواڻ ان حملي جي پٺڀرائي ڪئي هئي. پي- ايل- ايف جو اڳواڻ ابوالعباس ڊگهي عرصي کان بغداد ۾ ٺانيڪو هو ۽ اڪثر صدام جي سنگت ۾ ڏٺو ويندو هو. وڌيڪ اهو تہ ان حملي ۽ ان جي نتيجن اولهہ جي حمايتي عرب سربراهن ۾ ٽرٽلو مچائڻ ۽ سڄي وچ اوڀر ۾ پرتشدد غيريقينيءَ وارو ماحول پيدا ڪرڻ واري صدام جي مها رٿابنديءَ لاءِ ماحول سازگار ڪيو. عرفات لاءِ اهو پهريون واضح اهڃاڻ هو تہ عراق سان سندس اتحاد ڪو مُلهہ بہ چڪائيندو. پي- ايل- او جي هڪ اندرين همراهہ کي اڳتي هلي چوڻو هو: "ان ڪيس هڪ ناممڪن پوزيشن تي آڻي بيهاريو. عرفات محسوس ٿي ڪيو تہ ابوالعباس وارو حادثو صدام، سربراهي اجلاس واري ڌمڪي کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ سوچي سمجهي ڪرايو آهي. ان جو مقصد ڪيس ڪنهن تڪليف ۾ وجهڻ نہ پر ٻين عرب سربراهن تي اهو واضح ڪرڻ هو تہ آزاديءَ جي راهہ تي سرچاءُ وسيلي نہ پر هٿيارن وسيلي ئي وڌي سگهجي ٿو. مصرين کي پورو پورو ويساهہ هو تہ اهو خود سندن ۽ سندن افهام تفهيم واري پاليسيءَ تي حملو هو." (٤٣) عرفات جو هڪ ٻيو اعتماد جوڳو تلخيءَ ڀرئي لهجي ۾ اينءَ چوڻ وارو هو: "اهو حملو پي- ايل- او- آمريڪي ڳالهين کي ختم ڪرائڻ ۽ فلسطينين ۾ تلخيون ۽ مايوسيون پيدا ڪرڻ لاءِ ڪرايو ويو هو. ان جي نتيجي ۾ ڪين آمريڪا ۽ ان جي اتحادين سان سندس (صدام) ويڙهہ ۾ ساٿس گڏجڻ کان سواءِ ڪا واٽ نہ بچي هئي." (٤٤)

مقصد ڪٿي ڇا بہ هجي، بهرحال اهو تمام گهڻو ڪارائتو رهيو. عرفات واشنگٽن جي تمام سخت دٻاءُ جو شڪار ٿيو تہ ان حملي جي مذمت ڪري ۽ ابوالعباس خلاف ضابطي جي ڪارروائي ڪري، ٻي صورت ۾ آمريڪا پي- ايل- او ڳالهيون ختم ٿي سگهن ٿيون. پر ڪڏهن قومن جي تازي بحث ۾ آمريڪي ورتاءُ تي سندس نہ لٽل ڪاوڙ، جنهن ۾ والاريل علائقن ۾ حقيقتون ڳولڻ واري مشن اُماڻڻ واري رٿ تي آمريڪي ويٽو ۽ صدام سان سندس ويجهن ناتن جو مطلب اهو ئي هو تہ هو نہ تہ ان کي پوري ڪرڻ جي موڊ ۾ هو، نہ ئي اها پوري ڪرڻ سندس وس ۾ هئي. هُن محسوس ٿي ڪيو تہ ابوالعباس خلاف ڪارروائي عراقين سان گڏوگڏ سندس ڪجهہ فلسطينين کي بہ ڇيرائي وجهندي ۽ اها بہ اهڙي وقت تي جڏهن هو ان تي سوچي رهيو هو تہ ڇا آمريڪا سان ڳالهيون وڌيڪ عرصو هلي بہ سگهن ٿيون يا نہ. اهڃاڻن اهو ظاهر ڪيو تہ، هو ان فيصلي بابت ڪو معمولي صحيح هو. حملي کان ترت پوءِ فتح جي ٻن سينيئر همراهن صلاح خلف ۽ محمود عباس رٿ ڏني تہ ان بابت هڪ سرڪاري جاچ ڪرائي وڃي پر صدام ان جي

موٽ ابوالعباس کي عراق ۾ 'خصوصي عزت ڀريل مهمان' سڏي ڏني ۽ عرفات ان جي خلاف نہ ڳالهائي سگهيو. بهرحال، هُن ايندڙ ٽي هفتا لفظن جي ويڙهہ ۾ کپايا ۽ ٢٠ جون تي ڪاوڙ ۾ ٻاهہ ٿيل صدر بُش ڳالهيون معطل ڪرڻ جو اعلان ڪيو. عملي طور تي، آمريڪا ۽ ان جي عرب اتحادين معاملو عرفات آڏو ڪيو هو، جنهن جي وراثت اِهو چتاءُ هئي تہ وچ اوڀر جنگ ڏانهن وڌي رهيو آهي ۽ هو اڳي جي پيٽ ۾ صدام جي جهوليءَ ۾ وڃي ڪريو. هُن ڪلي عام اِهو چوڻ شروع ڪيو تہ اولهندي ڪناري ۾ مظاهرا ڪندڙ فلسطينين جي هٿن ۾ ڪنيل پٿر هاڻ عراقي ميزائلن ۾ بدلجي رهيا آهن. (٤٥)

عرب دنيا ۾ وڌندڙ تاءُ جولاءِ جي وچ ڌاري تيونس ۾ ٿيل عرب پرڏيهي وزيرن جي اجلاس ۾ پڻ ڀرپور انداز ۾ ظاهر ٿيو. نرم گو مصر ان ۾ شرڪت جي ضرورت ئي محسوس نہ ڪئي ۽ عرفات عراقي پرڏيهي وزير طارق عزيز سان گڏجي مصري صدر حسني مبارڪ تي تنقيد ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيو. ان دوران عرفات عرب دنيا جي روايتي جهيڙن ڪي هڪ ڀيرو ٻيهر ڦلهوريو، جن مان هڪ موجب انقلاب کان اڳي جي هڪ مصري وزيراعظم مصطفيٰ نهاس پاشا پاران فلسطينين کي مقدس پٽ يهودين جي حوالي ڪرڻ واري ڏنل مشوري جو جذباتي انداز ۾ ذڪر ڪيو. (٤٦) قاهره ان جي موٽ تلخ ذاتي حملن ۽ خود مبارڪ پاران الزام ڌرڻ جي صورت ۾ ڏني. هُن چيو: "مصر، پي- ايل- او آمريڪا ڳالهين کي خود عرفات جي درخواست تي جاري رکڻ لاءِ انتهائي محنت ڪئي. پر ان جو انعام فلسطينين پاران اُگرا لفظ ڳالهائڻ يا مڪمل خاموشيءَ جي صورت ۾ مليو، جڏهن تہ هُنن (مصرين) سندن مدد ڪرڻ ٿي چاهي." (٤٧) اُهي عرب ڪيڏاري جن آمريڪي امن ڪاوشن لاءِ سهڪار ڪرڻ ٿي چاهيو، هاڻ هٿ ڪڍي رهيا هئا. ٽڪرائجڻ جي خواهشمند صدام لاءِ پنهنجي مها رٿا تي عمل ڪرڻ جو اسٽيج تيار ٿي ويو.

١٧ جولاءِ جي صبح طارق عزيز عرب ليگ جي سيڪريٽري جنرل شاذلي قبلي جي آفيس پهتو ۽ هڪ ڪاغذ سندس حوالي ڪيائين. اِهو صدام حسين پاران آيل هڪ ميمورينڊم هو ۽ ان ذريعي ڪويت خلاف جنگ ڪي اٽڪل سڏيو ويو هو. خط ۾ ڪويت ۽ گڏيل عرب امارتن تي الزام ڌريو ويو هو تہ اُهي اوپيڪ جي پنهنجي لاءِ طيءِ ڪيل ڪوٽا کان وڌيڪ تيل جا اٿاٿا چورائڻ لاءِ سرحدن جي ڇڪڙي ڪرڻ ۽ عراقي سرزمين تي فوجي اڏاوتن ذريعي حملي جي تياريءَ ڀيون ڪن ۽ گُهر ڪيل هئي تہ ايران سان سندس جنگ دوران عرب رياستن پاران واعدو ڪيل ڪروڙين ڊالر جي رقم عراق جي حوالي ڪن. (٤٨) پنهنجي سڌي سنئين انداز ۾، صدام بيجاري رقم جي گُهر ڪئي. ساڳي وقت هو گهڻي عرصي کان تڪراري بڻيل عراقي- ڪويتي سرحدي مسئلي ۽ ٻن ڪويتي ٻيٽن بوبيان ۽ وربل جي حيثيت جي تعين واري معاملي کي اُٿاري رهيو هو. هو ماضيءَ ۾ پنهنجي ننڍڙي

پاڙيسريءَ کي هڙپ ڪرڻ واري ڪوشش کي ورجائڻ جي ڌمڪي ڏئي رهيو هو. اِها ئي چڪتاڻ هئي جنهن ۾ صدام گذريل ڪيترن ئي مهينن کان تياريون ڪري رهيو هو ۽ جنهن لاءِ هو فلسطينين جي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ آتو هو. ڪويت تي پنهنجي مرضي ٺاڦي، صدام اِهو نتيجو ٿي ڪڍيو ته هو سڄي نار ۾ اثرائتي حيثيت ۾ هوندو، پنهنجي پاڙيسرين کان وڏيڪ رقمون اوڳاڙي سگهندو ۽ نيٺ آمريڪا ۽ اسرائيل سان جنگ لاءِ عرب دنيا جي سرواڻي ڪندو.

قلبي معاملو ٺارڻ لاءِ هڪدم ڪويت روانو ٿيو. ڪانئس پوءِ مبارڪ سميت ٻيا ٺاڪڙ به سرگرم ٿيا. مصري صدر، صدام حسين کان اِهو واعدو حاصل ڪيو ته هو طاقت جو استعمال نه ڪندو ۽ هُن عراقي اڳواڻ ۽ ڪويت جي امير شيخ جابر الصباح وچ ۾ سعودي بندرگاهه جدي ۾ ڳالهيون شروع ڪرڻ بابت سهمت پيدا ڪئي. پر عراقي روميلا واري آئل فيلڊ مان ڪويتين پاران چورايل تيل جي معاوضي طور ۲۴ ڪروڙ ڊالر جلد ڏيڻ لاءِ دباءُ وڌائڻ سان گڏوگڏ ڪويتي سرحدن تي فوجي لاڳو ڪرڻ شروع ڪيا. شگون گهٽ ۾ گهٽ موچارا نه پئي ڏنا.(۴۹)

ياسر عرفات رات جي لڙڻ وانگر اچي ڪڙڪيو. عراق ۽ ڪويت وچ ۾ لفظن واري ويڙهاند تيز ٿيڻ تي، هُو جيئن پوءِ تيئن پنهنجو پاڻ کي وڌيڪ وڳاڻو ۽ مايوس محسوس ڪرڻ لڳو ۽ پنهنجي واحد اتحادي بغداد ۽ تيونس واري پنهنجي سياسي هيڊڪوارٽرس وچ ۾ ڦيرا ڏين لڳو. مئي واري سربراهي اجلاس به سندس ڪو مسئلو حل نه ڪيو هو. عراق ۽ سعودي عرب کان سواءِ ڪو به عرب ملڪ انتفاده لاءِ ڪا رقم نه ڏئي رهيو هو ۽ ايستائين جو، ڪو به اِهو اظهار ڪرڻ لاءِ تيار نه هو ته 'وچ اوڀر امن ڪاوش' ۾ اجان ڪا جان باقي آهي. عرفات جي اُها معمولي اُميد ته ڪو ڳالهين کي جاري رکرائڻ لاءِ ڪجهه ڪري، جولاءِ جي وچ ڌاري تيونس ۾ هڪ مانجهاندي تي يورپي برادريءَ جي ٽن پرڏيهي وزيرن جي گڏجاڻي ۾ اُجهامي وئي، جن کاڌي سان سٽيل ميز تي فضول ڪچهري ٿي ڪئي ۽ ان ڳالهه جو اظهار ڪيائون ته جيستائين آمريڪي نٽا چاهين ٿيو ڪو به آمريڪا– پي– ايل– او ڳالهين لاءِ ڪجهه به نٿو ڪري سگهي.

عرفات کي خود پنهنجي سفارتي ڪرت ۾ ڪيترائي جهول نظر اچڻ لڳا. بهرحال، عراق– ڪويت چڪتاڻ هُن لاءِ سڌي سنئين تجربي جو هڪ مثال هئي. ۱۹۶۱ع ۾ عراقين پاران ڪويت کي ڦبائڻ لاءِ آزادي کان پوءِ وارين ڪوششن دوران هو ڪويت ۾ ئي رهندو هو. ۽ ۱۹۷۲ع ۾ هُن عراقين جي هڪ لاماري کي ٺارڻ لاءِ تمام گهڻي جاکوڙ ڪئي هئي. صلاحڪارن موجب، هُن پي– ايل– او ايگزيڪيٽو ڪميٽيءَ جي ميمبر محمود عباس (ابوميزان) کي بوبيان ٻيٽ ۾ عراقي حملي جو مشاهدو ڪرڻ لاءِ ٽي ڏينهن ۽ راتيون ترسڻ لاءِ اُماڻيو. (۵۰) خميس ۲۶ جولاءِ ۱۹۹۰ع تي، عرفات ڪويت لاءِ پنهنجي سفير عوني بطاش کي عراقي گادي

واري شهر ۾ هڪ تڪڙي گڏجاڻي لاءِ گهرايو. هُن صدام کان سندس اصل تمنائن معلوم ڪرڻ کان پوءِ ڪويتين کان انهن بابت ڪا لچڪ پيدا ڪرائڻ جو ارادو ڪيو. مجيل حقيقت اِها آهي ته اُميد جو ڪو ڪرڻو نظر نه ٿي آيو. ڪويت ڇڏڻ کان اڳ جمعي ڏينهن بطاش ڪويتي ولي عهد ۽ وزيراعظم شيخ سعدالعبدالله الصباح کان معلوم ڪيو ته هو عرفات لاءِ ڪو پيغام ته ڏيڻ نٿو چاهي؟ "توکي اسان جي پوزيشن جي خبر آهي." ايترو معمولي جواب ئي مليو هو. (٥١)

ڇنڇر ڏينهن عراق کان مليل پنهنجي جيٽ هوائي جهاز وسيلي ڏکڻ ۾ ڪويت ڏانهن سفر ڪندي، عرفات ڇڪتاڻ جي جذباتي فضا کان واقف هو. اُن ڏينهن تي صدام سان ٽن ڪلاڪن واري ڳالهه ٻولهه ڪيس اُن نتيجي تي رسائي ڇڏيو هو ته عراقي اڳواڻ پنهنجي ڳالهه کي عملي طور تي ثابت ڪرڻ لاءِ تيار بيٺو آهي ۽ جيڪڏهن ڪويتين سندس منشا پوري نه ڪئي ته ان ڳالهه جو وڏو خطرو موجود آهي ته هو ڇڪتاڻ کي طاقت وسيلي وسيع ڪري ڇڏي. ٻئي پاسي، عرفات چاتو ٿي ته هو پاڻ به ڪويت جو ڪيترن ئي حوالن سان قرضي آهي. اُهو ملڪ جتي تي ڏهاڪا اڳ، هُن ۽ سندس ساٿين فلسطيني انقلاب شروع ڪرڻ لاءِ اوائلي ڪارائتا قدم کنيا هئا، اُهو ملڪ جنهن جي ولي عهد شهزادي ١٩٧٠ع واري اردني گهرو لڙائي ۾ عملي طور تي سندس زندگي بچائي هئي. هُن پنهنجي مشن کي سعد ۽ سندس سوٽ امير شيخ جابر سان ڳالهيون ڪري ڪويت کي مصيبتن کان بچائڻ وارو ٿي سمجهيو.

"آءٌ هن ملڪ ۾ پنهنجي جوانيءَ جي ڏينهن ۾ آيو هئس." هُن آچر جي صبح ڪويتي امير کي، ڪويتي سامونڊي ڪناري پرسان سندس شاندار دسمان محل ۾ ٻڌايو: "مون هتي انجنيئر طور ڪم ڪيو. مون کي هتان جي عوام سان پيار آهي. مون کي توهان جي ملڪ سان پيار آهي. مون توهان جي ماڻهن جو لوڻ چکيو آهي ۽ سندن ماني کاڌي اٿم. پنهنجي پوري ايمانداريءَ سان آءٌ اوهان کي اِهو ٿو چوان ته صدام حسين سان پنهنجي مسئلن کي حل ڪريو." "آءٌ بغداد کان پيو اچان ۽ تمام گهڻو ٻنل آهيان. تنهن ڪري ڏيتي ليتيءَ تي قدو درگذر ڪريو." عرفات پنهنجي ڳالهه کي جاري رکيو، "کيس روميلا واري تيل جو مُلهه ڏئي ڇڏيو، ۽ وربل ۽ بوبيان نوانوي سالن جي مقاطعي تي کيس ڏيو. تباهيءَ کان بچڻ جو اِهو ئي رستو آهي."

"تنهنجو مطلب آهي ته هو پنهنجون فوجون استعمال ڪندو؟" شيخ جابر حيرانگيءَ مان پڇيو. "مون کي خبر ناهي پر ان ڳالهه جو ڪٿڪو ضرور اٿم." فلسطيني مهمان جواب ڏنو. جابر زور ڏيندي چيو: "پر مبارڪ ته اسان کي ٻڌايو هو ته صدام طاقت جو استعمال نه ڪندو." "ٿي سگهي ٿو ته مبارڪ صدام کي سمجهڻ ۾ غلطي ڪئي هجي."

پر امير جي ڳالهه ٻولهه ۾ دلچسپي باقي نه رهي هئي. هُن عرفات کي اڻ-

ڏريو ٺياڪڙ ننڍي ليکيو ۽ هو تہ جڻ عراقي گهرون مجرائڻ لاءِ چار وڃائي رهيو هو.
ڪيس ان ڳالهہ جي خاطري ڏياري تہ عراق سان جدي ۾ معاملا نبيرڻ جي ڪوشش
ڪئي ويندي، شيخ جابر هڪدم موضوع بدلائي عرفات کان پڇيو تہ هو سوويت
يهودين جي اسرائيل ڏانهن لڏپلاڻ بابت ڇا ڪري رهيو آهي. امير جي حاضري
پرڻ کان پوءِ بہ عرفات جي زبان تي چڙهيو: "مهرباني ڪري ڪو حل ڳوليو. مون
کي ڊپ آهي تہ ڪجهہ ٿي نہ پوي." (٥٢) پنهنجي پراڻي دوست شيخ سعد سان ٿيل
ڪڏجائين ۾ بہ عرفات جو ياڳ ڪم نہ ڪري رهيو هو. ڪويتي اپرنڊز طوفان کان
گهٽو لاپرواهہ ٿي لڳا ۽ عرفات خالي هٿن ۽ پريل دل سان پنهنجي جهاز تي چڙهي
تيونس روانو ٿيو. "آءٌ ڪويت موٽندس." هُن دعويٰ ڪئي، شايد اِهو ٿي
سمجهيائين تہ سندس ٺياڪڙيءَ جي اڃان ڪا گنجائش هئي. (٥٣) پر حقيقت ان
کان قطعي مختلف هئي.

حوالا

باب سترهون

١- واشنگٽن پوسٽ، ٣١ مئي ١٩٩٠ع.
٢- السياسہ، ڪويت، ۴ جون ١٩٩٠ع، Mideast Mirror، ٦جون ١٩٩٠ع.
٣- واشنگٽن پوسٽ، ٣١ مئي ١٩٩٠ع.
۴- ساڳيو.
٥- عرفات جي نائب سان انٽرويو، لنڊن، فيبروري ١٩٩١ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
٦- ٽائيم رسالو، ١١ نومبر ١٩٧۴ع.
٧- نيويارڪ ٽائيمز، ١٥ ڊسمبر ١٩٨٨ع.
٨- واشنگٽن پوسٽ، ٣ جنوري ١٩٨٩ع.
٩- واشنگٽن پوسٽ، ٢ فيبروري ١٩٨٩ع.
١٠- پي- ايل- او عملدارن سان انٽرويو، تيونس، اپريل ١٩٨٩ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
١١- ليليٰ شهيد انٽرويو، پئرس، ٢٩ مئي ١٩٨٩ع.
١٢- عرفات فرانسيسي ٽيليويزن تي، بي- بي- سي عالمي نشريات، ۴ مئي ١٩٨٩ع.
١٣- ريڊيو مونٽي ڪارلو، بي- بي- سي عالمي نشريات، ٥ مئي ١٩٨٩ع.

١۴- بينس روس انٽرويو، واشنگٽن، نومبر ١٩٨٩ع.
١٥- ڈسو دائوډ قطب جو مضمون واشنگٽن پوسٽ، ١٦ اپريل ١٩٨٩ع.
١٦- واشنگٽن پوسٽ، ١٨مئي ١٩٨٩ع.
١٧- پي- ايل- او عملدار سان انٽرويو، تيونس، جون ١٩٨٩ع، نالا درخواست تي ڳجها رکيل.
١٨- فنانشل ٽائيمز، ٧ جولاءِ ١٩٨٩ع.
١٩- ساڳيو.
٢٠- باسل عقيل انٽرويو، لنڊن، اپريل ١٩٩١ع.
٢١- نبيل شطّ انٽرويو، لنڊن، فيبروري ١٩٩١ع.
٢٢- فتح جي عملدارن کان فتح جي ڪڏجاتي جا ورتل تفصيل، تيونس، آگسٽ ١٩٨٩ع.
٢٣- واشنگٽن پوسٽ، ٢٣ نومبر ١٩٨٩ع.
٢۴- واشنگٽن پوسٽ، ۴ ڊسمبر ١٩٨٩ع.
٢٥- بي- بي- سي، عالمي نشريات، ٢٦ فيبروري ١٩٩٠ع.
٢٦- ساڳيو.
٢٧- نبيل شطّ انٽرويو، قاهره، اپريل ١٩٩١ع.
٢٨- عرفات جي صلاحڪار سان انٽرويو، لنڊن، فيبروري، ١٩٩١ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
٢٩- باسل عقيل انٽرويو، لنڊن، اپريل ١٩٨٩ع.
٣٠- محمد ملهم انٽرويو عمان، مارچ ١٩٩١ع.
٣١- Mideast Mirror، تان ڪنيل، ١٢ فيبروري ١٩٩٠ع.
٣٢- Mideast Mirror، ١٢ اپريل ١٩٩٠ع.
٣٣- عفيف صفيه انٽرويو، لنڊن، اپريل ١٩٩١ع.
٣۴- عرفات جي صلاحڪار سان انٽرويو، فيبروري ١٩٩١ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
٣٥- بي- بي- سي عالمي نشريات، ٢٣ اپريل ١٩٩٠ع.
٣٦- Middle East Reporter، ١٢ مئي ١٩٩٠ع.
٣٧- عرفات جي صلاحڪار سان انٽرويو، لنڊن، اپريل ١٩٩١ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
٣٨- پي- ايل- او عملدار سان انٽرويو، عمان، مارچ ١٩٩١ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
٣٩- واشنگٽن پوسٽ، ٢١ مئي ١٩٩٠ع.
۴٠- نبيل شطّ انٽرويو، قاهره، اپريل ١٩٩١ع.

٤١- بي- بي- سي عالمي نشريات، ٣٠ مئي ١٩٩٠ع.
٤٢- سربراهي اجلاس بابت عراقي تفصيل، پيري سيلينگر جي Secret Dossier لنبن، ١٩٩١ع، صفحو: ٢١ تان كنيل.
٤٣- پي- ايل- او عملدار سان انٽرويو، عمان، مارچ ١٩٩١ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
٤٤- عرفات جي صلاحڪار سان انٽرويو، لنبن، اپريل ١٩٩١ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
٤٥- بي- بي- سي عالمي نشريات، ١٢ جون ١٩٩٠ع.
٤٦- Mideast Mirror، ٢٣ جولاءِ ١٩٩٠ع.
٤٧- ساڳيو.
٤٨- فنانشل ٽائيمز، ١٩ جولاءِ ١٩٩٠ع.
٤٩- فنانشل ٽائيمز، ٢٥- ٢٦ جولاءِ ١٩٩٠ع.
٥٠- نبيل شعٿ انٽرويو، لنبن، فيبروري ١٩٩١ع.
٥١- عوني بطاش انٽرويو، عمان، مارچ ١٩٩١ع.
٥٢- جمال الصوراني كان ورتل انٽرويو ۾ گفتگو جو حاصل ڪيل تت، قاهره، اپريل ١٩٩١ع.
٥٣- عوني بطاش انٽرويو، عمان، مارچ ١٩٩١ع.

(١٨)

غرقابي

"عراق ۽ فلسطين ساڳي مقصد جي نمائندگي ڪن ٿا. اسين هر مرحلي تي گڏ هونداسين ۽ عظيم ويڙهہ کانپوءِ، خدا جي ٻاجھہ سان اسين يروشلم ۾ گڏجي نماز پڙهنداسين."
عرفات ٧ جنوري ١٩٩١ع تي بغداد ۾ هڪ ميڙ آڏو تقرير ڪندي.

٢ آگسٽ تي اجان باڪ ٿي نہ ڦُٽي هئي جو ڪويت ۾ ڊگهي عرصي کان پي- ايل- او جو سفير عوني بطاش پنهنجي آرامده گهر ۾ ٽيليفون جي لاڳيتو وڄندڙ گهنٽي تي ننڊ مان سجاڳ ٿيو. فون هڪ دوست انتهائي ڇرڪائيندڙ خبر ٻڌائڻ لاءِ ڪيو هو. عراق ٻہ ڪلاڪ اڳ پنهنجي ننڍڙي پاڙيسري ملڪ ڪويت خلاف معمولي مزاحمت ڇيڀاٽيندي رات جو ٻين وڳي اڳرائي ڪري ڏني هئي. هزارين عراقي فوجي، جن ۾ صدام جي ريپبلڪن گارڊن جي گهڻائي هئي، ٽينڪن ۽ بڪتربند گاڏين تي سوار ٿي سرحد لتاڙي آيا هئا ۽ هاڻ خود ڪويت سٽيءَ جي مرڪز ڏانهن پيشقدمي ڪري رهيا هئا.

جيئن ئي بطاش ڏونڌاڙجي ننڊ مان اُٿيو ۽ ڪويت ريڊيو چالو ڪيائين تہ ڪيس احساس ٿيو تہ سندس انتهائي تڪڙو فرض تيونس رابطو ڪرڻ آهي. ڪجھہ وقت ۾ هُن ٽيليفون لائين تي هڪ جاڳل سجاڳل آواز ٻڌو. عرب دنيا جي ٻئي ڇيڙي تي اجان رات جا ٻہ ٿيا هئا ۽ عرفات پنهنجي سفير واتان ان ڪارروائي جي ايترو جلدي ٿي وڃڻ واري ڄاڻ تي اچرج ۾ وٺجي ويو. هُن گذريل رات، پنهنجي ساٿين سان گڏ هڪ محفوظ ٺڪاڻي تي گذاري هئي ۽ جيتوڻيڪ ڳالھہ ٻولھہ گهٽي پاڳي ڪويتي ولي عهد شهزادي ۽ صدام جي جدي ۾ ملاقات ڪرائڻ واري ڪوشش ۾ عرفات جي ناڪامي متعلق ٿي هئي، پر پي- ايل- او هيڊڪوارٽرس ۾ ڪنهن بہ واقعن جي ايتري جلد پيش اچڻ جي اُميد نہ ڪئي هئي. بطاش واتان بنا ساهيءَ جي ٻڌايل رپورٽ تہ عراق ڪويت تي چڙهائي ڪري ڏني آهي ۽ ان جون فوجون شهر جي مرڪز ڏانهن وڌن پيون، عرفات پهرين ڌڪ ۾ ان تي اعتبار ئي نہ ڪيو. ڪيس رڳو ايترو ڪنڪو هو تہ عراقي صدر وڌ ۾ وڌ متنازعي روميلا آئل فيلڊ جي چوڌاري سرحدي علائقي تي قبضو ڪندو ۽ شايد بوبيان ۽ وربل ٻيٽن تي قبضو

ڪري. پر ڪيس ان ڳالھ جو ذرو بہ امڪان نہ هو تہ بغداد وارو سندس اتحادي ايڏو لامارو هٿندو. بتاش عرفات ڪي ان ڳالھ تي مشڪل سان ئي يقين ڏياري سگهيو تہ عراقي سچي ڪويت تي ڪاهي آيا آهن ۽ عملي طور تي هو سندس گهر جي گهٽي تائين پهچي چڪا هئا. سندن ستن منٽن جي ڳالھ ٻولھ دوران هڪ مرحلي تي هُن فون جو رسيور ريڊيو ڪويت جي نشريات تي رکيو تہ جيئن عرفات پنهنجي ڪَن سان ڪويت خلاف اڳرائي جي خبر ٻڌي سگهي. انهيءَ عرفات کي ايترو تہ پريشان ڪيو جو، بتاش موجب هو خدا کي ٻاڏائڻ لڳو: "ڪجھ بہ نٿو ڪري سگهجي، بس خدا ئي ڪو ڪرشمو ڏيکاري!." (١)

عرفات اُن رات ننڊ ڪري نہ سگهيو. اتاولي انداز ۾، هو ڪويت ۾ موجود بتاش سان لاڳيتو رابطو رکي، پنهنجي ساٿين سان صلاح مشورا ڪندو رهيو. صبح ساڻ پنهنجي بسترن مان اٿاريلن ۾ صلاح خلاف بہ شامل هو. ٻنهي گڏجي ان تي ويچاريو تہ عراق جي زمين قبائڻ واري هيچ پي- ايل- او کي ڪٿي رسائيندي. لاڳيتو سگريٽ ڇڪيندڙ خلاف، سندس چهرو ايترو صبح سوير بہ سگريٽ جي دونهين ۾ غرق هو، پنهنجي باس کان وڌيڪ خطري کي محسوس ڪري رهيو هو. پي- ايل- او جي نمبر: ٢ سرواڻ کي ڪويت ۾ رهندڙ چئن لکن کان وڌيڪ فلسطينين جو فڪر هو، جيڪي نار ۾ سڀ کان وڏي ۽ انتهائي اهم فلسطيني برادري هئا، انهن ۾ خود سندس زال ۽ ٻار بہ شامل هئا. ڪيس ٻپ هو تہ اِهو گهوٽالو فلسطيني مسئلي تان عرب دنيا جو ڌيان اجائين وڌيڪ هٽرائيندو چو تہ هو ان جي اُڪرن نتيجن بابت ڪنهن شڪ ۾ قائل نہ هو. ۽ شايد سڀ کان وڌيڪ اهو تہ هُن پنهنجي تجزياتي ذهن وسيلي ڪاٿو لڳائي ورتو هو تہ صدام حسين جي جوا، پي- ايل- او کي سندس اهم ترين خواهشن مان هڪ سان ٽڪراءُ ۾ آڻي وجهندي. مختصر اِهو تہ ڪيس اڳيئي پروڙ پئجي ويا هئا، تنهن ڪري هو ڪڏهن بہ بغداد بابت عرفات جي جوش خروش ۾ ڀاڱي ڀائيوار نہ ٿيو هو. خلف عراقي گاديءَ واري شهر ڏانهن ورلي ويندو هو. ڪيس اُتان جو ماحول انتهائي گُهٽ ٻوسٽ وارو لڳندو هو ۽ هو ان ڳالھ سان سهمت نہ ٿيندڙن ۾ اهم ترين شخص هو تہ صدام پنهنجي آدرشن سان عرب دنيا جي نئين باک ڏانهن سرواڻي ڪندو جيڪا فلسطيني سپنن جي ساپيان هوندي. (٢)

ٻئي پاسي عرفات ان کي ڪجھ مختلف انداز سان ٿي ڏٺو. سندس پهريون ردعمل اِهو هو تہ سندس وٺندڙ مشغولي، يعني: پريشانيءَ ۾ ورتل عرب ڪٽنب جي ڀاتين ۾ ٺاهڪڙيءَ جو وقت اچي ويو هو. ماضيءَ ۾ ايران- عراق ڇڪتاڻ وانگر هُن هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجو پاڻ کي باھ جي شعلن ۾ سفر ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ڏٺو. جيڪڏهن هو مداخلت کان اڳ جي پنهنجي ٺاهڪڙيءَ واري ڪرت بحال ڪري سگهيو تہ اِهو سچي عرب دنيا تي سندس ٿورو هوندو. بنا رياست جي اڳواڻ ۽

مڪمل طور تي ٻين ملڪن تي ڀاڙيندڙ هوندي بہ اِها سنڌس وڏي شاهي پيشقدمي هجي ها. ان سان ڪو فرق نٿي پيو تہ هو هڪ يا ٻي ٽڙ هٽان خطرن جي ور چڙهي وڃي. ٽياڪڙ هڻڻ جي پنهنجي سر دعويٰ ڪندي ذري ڳهڻ ڦونديل عرفات هڪ تاريخي غلطي ڪرڻ وارو هو. اهڙي غلطي جيڪا ڪيس سنڌس مالي سهائتا ڪندڙ نار ۾ مصر سان ناتن جي پڇاڙي تائين رسائڻ واري هئي ۾ جي دادلي هڻڻ ڪري اولهہ ۾ اڪيلي صدام متعلق ڪي چڱا رويا نہ هئا. پر مداخلت کان پوءِ شروعاتي ڪلاڪن ۾ هُن ڪي خطرن جو احساس نہ پئي ٿيو ۽ هُن بهرحال پنهنجو پاڻ ڪي صدام جي ٻڪن ۾ ڦٽو ڪري پنهنجي سرگرميءَ جو دائرو انتهائي محدود ڪري ڇڏيو هو. جيئن ٻڳهي عرصي کان سنڌس صلاحڪار، فلسطيني واپاري باسيل عقيل وضاحت ڪئي ڪري: "عرفات، آمريڪا سان پنهنجي ڪرت مان انتهائي مايوس ٿيندي صدام جي صورت ۾ اُميد جو ڪرڻو ڏسي، پنهنجو پاڻ کي نوبنو ڪري هڪ نئين انداز ۾ آمريڪين کي منهن ڏيڻ ٿي چاهيو." (٣)

ٻي آگسٽ تي مداخلت وارو سڄو ڏينهن، عرفات خلف ۽ فلسطيني سرواڻي وارا ٻيا همراهہ، ٽيان سان ڪويت ۽ وسيع تر عرب دنيا ۾ نئين صورتحال جو جائزو وٺندا رهيا. عرفات لاڳيتو فون ڪڙڪائيندو رهيو: عرب سربراهن کي، پناهگير اهم فلسطيني شخصيتن کي، سڄي دنيا ۾ پکڙيل پنهنجي ايگزيڪيٽو ڪميٽيءَ جي ميمبرن، خاص طور تي پي- ايل- او جي 'پرڏيهي وزير' فاروق قدوميءَ کي، جيڪو قاهره ۾ عرب ليگ جي هڪ اجلاس جي صدارت ڪري رهيو هو. هن پيري اهڙي ڪڏاڻي جي صدارت لاءِ پي- ايل- او جو وارو هو. جيڪو سوال عرفات پنهنجو پاڻ ۾ ساٿين کان پڇي رهيو هو، اُهو صدام کي روميلا آئل فيلڊ ۾ وربل ۽ بوبيان ٻيٽن کانسواءِ باقي ڪويت تان قبضو ڇڏڻ لاءِ شرطن جي طيءِ ڪرڻ متعلق هو. پي- ايل- او اڳواڻ لاءِ شروعاتي مرحلي ۾ اِهو معاملو هرويرو اصولي نہ هو. ان ڪرت ۾ هو اڪيلو بہ نہ هو، اردن جو شاهہ حسين پڻ صدام جي ٻڪن ۾ ڪريل هو. ڪيس پنهنجو پاڻ کي ان شخص کان پري ڪرڻ ناممڪن لڳو، جنهن کي مداخلت سڏڻ وارو هو. اِهو اصطلاح سنڌس ٽياڪڙيءَ واري ڪرت کي انتهائي ڇيهو رسائيندڙ ثابت ٿيڻو هو. (۴)

ٻهرين ڏينهن تي، جڏهن عرفات پنهنجي ٽياڪڙ سرگرمين کي شروع ڪيو، واقعا طوفاني تيزيءَ سان پيش اچي رهيا هئا. سوويت، آمريڪي گڏيل غيرمتوقع بيان سميت سڄي دنيا مان ڪاوڙ ڀري ننڌا جي پس منظر ۾، عراق جي انقلابي ڪمان ڪائونسل اعلان ڪيو تہ عراقي فوجون ڪويت ۾ اُتان جي مخالف ڌر نام نهاد 'آزاد ڪويت جي عبوري حڪومت' جي درخواست تي وڃون آهن. (۵) اِهو پنهنجو شرم پرچائڻ وارو اظهار هو. ايندڙ ڏينهن ۾، ڪا بہ ڪويتي مخالف ڌر پنهنجي ننڍڙي پاڙيسري ملڪ تي پنهنجا چنبا کوڙڻ واري عراق جي ننگي اڪرائي

جي حق ۾ ڳالهائيندي ظاهر نہ ٿي. ڪويت جو امير شيخ جابر احمد الصباح ۽ سندس سؤٽ ولي عهد شهزادو سعد، اڳرائي ڪندڙ عراقين جي موجودگيءَ ۾ اوڏي مهل سعودي عرب ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿيا، جڏهن عراقين نار واري ساموڊي ڪناري اَڏو امير جي دسمان محل جو گهيرو ڪري ورتو هو. دسمان واري ويڙهہ ۾ شيخ جابر جو سڀ کان ننڍو ڀاءُ شيخ فهد مارجي ويو. ڪويتي تن ڏينهن ۾ پي- ايل- او جي رويي بابت تلخ اظهار ڪندي اُنهن ڏينهن جو ذڪر ڪن ٿا، جڏهن فهد فلسطيني فدائين سان گڏ ڏکڻ لبنان ۾ سرگرم هو.

جيئن ئي عرفات پنهنجي سفر تي اُسهڻ لاءِ تياريون ڪيون، تہ جيئن مداخلت کان اڳ ڪويت ۽ عراق وچ ۾ هلندڙ پنهنجي ڪرت جاري رکي سگهي، اهم عرب شخصيتون بہ ان سرگرميءَ سان جُنبي ويون، جنهن ڪري عرفات جون ڪاوشون معمولي محسوس ٿيڻ لڳيون. شامي صدر حافظ الاسد، مداخلت واري ڏينهن سعودي عرب جي شاهہ فهد ۽ مصري صدر حسني مبارڪ سان فون تي ڳالهائيندي عراقي اڳرائي کي ننديڻ لاءِ ايڪيهن عرب سربراهن جو تکڙو اجلاس گهرائڻ جي رٿ ڏني. صدر بُش پنهنجي ڦرتي ڏيکاريندي، هندي سمنڊ ۾ موجود هوائي جهاز بردار يو- ايس- ايس جي ساموڊي ٻيڙي انڊيپينڊنس کي پنهنجي اڏي تان نار واري علائقي ڏانهن اُسهڻ جو حڪم ڏنو: "اسين ڪنهن بہ ڳالهہ کي امڪان کان ٻاهر يا ممڪن نٿا سڏيون." هڪ آمريڪي عملدار هيبتناڪ انداز ۾ اُن وقت صورتحال تي تبصرو ڪيو، جڏهن پينٽاگون نار کان پنهنجي لاءِ ايندڙ تيل جي فراهمي ۾ ڪنهن بہ آيل رڪاوٽ کي ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجي جنگي رٿائن تان دز ڇنڊڻ شروع ڪئي هئي. (٦)

قاهره ۾ ڦهر جي اونهاري جي وچ ڏاري، عرب پرڏيهي وزير نيل جي ڪناري تي سميراميس انٽرڪانٽيننٽل هوٽل جي ڪانفرنس روم ۾ هڪ هنگامي اجلاس لاءِ گڏيا. ٻن ڏينهن جي تيز ڏي وٺ کانپوءِ، عرب ليگ ڪائونسل ڇهن جي مقابلي سورهن ووٽن جي اڪثريت سان مداخلت کي نديو ۽ عرب سربراهي اجلاس سڏرائڻ جي سفارش ڪئي. مخالفت ڪندڙن ۾ اُردن ۽ پي- ايل- او شامل هئا. اجلاس جي صدارت ڪندڙ فاروق قدومي شريڪ ٿيلن تي ڪنٽرول ۾ انتهائي ڏکائيون محسوس ڪري رهيو هو ۽ هو ٻنهي ڌرين پاران ڇتي تنقيد جو نشانو بڻيو. مصرين پي- ايل- او عملدار تي الزام ڌريو تہ هو نُهراءُ تي راءِ شماري جاتي ٻجهي روڪي رهيو آهي، جڏهن تہ عراقين جي نمائندگي ڪندڙ ڪاوڙ ۾ ڦونڊيل ٻيٽي وزيراعظم سعدون حماديءَ مٿس الزام هنيو تہ هو عراق خلاف 'سازش' ۾ شريڪ آهي، جنهن جي جواب ۾ فاروق قدوميءَ ٻين عرب پرڏيهي وزيرن جا ڪن ڪڙڪائيندڙ وراڻي ڏني: "تون ڏسين بہ پيو تہ آءٌ عراق جي ڪيتري حمايت ڪري رهيو آهيان، پوءِ بہ تون مون تي ئي پيو الزام ڌرين." (٨) اِهو حالتن سان ڪنهن بہ

ريت مناسب جملو نہ هو ۽ ان پي- ايل- او جي اڻ ٽري هڻڻ واري دعويٰ جا وڏيڪ وکا پڌرا ڪيا.

عرفات پنهنجي سر بہ ٣ آگسٽ تي ڪنهن 'عرب حل' جي ڳولا ۾ تيونس کان هڪ بي مقصد سفر تي اُسهيو. بغداد کان مستقل بنيادن تي مليل جيٽ هوائي جهاز ۾ سفر ڪندي هو لبيا ويو، جتي هُن هوائي خيالن پريل امن رٿائن جي سلسلي جي پهرين قسط تيار ڪئي. بنيادي طور تي، اِها عراقي دستبرداريءَ عيوض سرحدي رعايتن ۽ ڪويت کان رقم ڏيارڻ بابت هئي، اِها مداخلت کان ڪجھ ڏينهن اڳ ڪويت جي امير سان ٿيل سنڌس ملاقات ۾ زور پريل تجويزن جو ورجاءُ هئي. عرفات پنهنجي 'امن رٿا' ڪٽي، جنهن ڪي لبيائي جي خبرون رسائيندڙ ايجنسي 'JANA' 'پرڏيهي مداخلت روڪڻ واري مقصد سان سهيڙيل سڏيو هو' ۴ آگسٽ چنڇر ڏينهن مصر روانو ٿيو، جتان ايندڙ ڏينهن هو بغداد روانو ٿيو. پي- ايل- او اڳواڻ پنهنجي 'يچ ڍُڪ واري سفارتڪاري' جو مزو چکڻ وارو هو، جنهن دوران کيس ڪيترن ئي عربن صدام جو ايلچي ٿي سمجهيو. جڏهن ٦ آگسٽ سومر ڏينهن هو اسڪندريا پرسان مصري اڳواڻ جي اونهاري واري رهائشگاهہ ۾ مبارڪ سان ملاقات لاءِ پهتو تہ پي- ايل- او تي اڳرائي جي مذمت ۽ عراق کان دستبرداريءَ جي گُهر ڪرڻ ۾ ناڪامي تي تنقيد عرب دنيا ۾ ڪنهن وائرس جيان پکڙجي چڪي هئي. تنظيم پنهنجي پاران رڳو اِهو ڪري سگهي جو اُن ايگزيڪيٽو ڪميٽيءَ پاران هڪ ڏنڊلو بيان جاري ڪري، عرب اڳواڻن کي ڏقيڙ ختم ڪرڻ لاءِ زور پريو.(٩)

اڳرائي کانپوءِ پنهنجي يچ ڍُڪ ۾ عرفات مسلسل شاهہ حسين سان رابطي ۾ رهيو، جيڪو خود پي- ايل- او اڳواڻ جيترو ئي 'عرب حل' جي ڳولا ۾ رُڌل هو، ان حل کي عرب رياستون عراقي فائدي وارو سڏي رد ڪري رهيون هيون. شاهہ حسين دعويٰ ڪئي تہ هُن صدام کي ٥ آگسٽ آچر ڏينهن جدي ۾ هڪ ننڍي سربراهي اجلاس جي موقعي تي شاهہ فهد ۽ ٻين سربراهن سان ملاقات تي راضي ڪري ورتو هو، پر عرب ليگ جي قاهره واري اجلاس ۾ عراق کي ننڌڻ واري عمل سچو ڪم ڦٽائي ڇڏيو. غمگين شاهہ حسين وڏندڙ تلخيءَ سان شڪايت درج ڪرائڻ وارو هو تہ سنڌس ٿياڪڙ ڪوششن کي مبارڪ ۽ فهد عرب ليگ ڪائونسل واري ٺهراءُ منظور ڪرڻ جي اجازت ڏئي تارپيڊو ڪري ڇڏيو. (١٠) شاهہ حسين جي ذهني ڏيواليٽي جو هڪ اندازو اڳرائي کان ڪجھ ڏينهن پوءِ اردني پارليامينٽ جي اجلاس ۾ ڪيل ان درخواست مان لڳائي سگهجي ٿو، جنهن ۾ هُن پنهنجو پاڻ کي هلندڙ صدمي جي شروع ڏاري عثمانيا خلافت خلاف بغاوت جي سرواڻي ڪندڙ مڪي واري شريف حسين هاشميءَ جي نالي پويان 'شريف' حسين سڏڻ جي ڳالهہ ڪئي. سعودين ١٩٢۴ع ۾ هاشمين کان حڪومت کسي سعود ڪٽنب جو بنياد

وجهندڙ ابن سعود جي اقتدار ۾ اچڻ کانپوءِ اهڙي دعويٰ ڪڏهن نہ ٿي هئي. شاهہ جي ان ڪوشش کي هُن پنهنجي توهين ٿي ليکيو. سعودي پريس ۾ شاهہ حسين خلاف پنڊي ٻڌي هرڻ ۽ رياض ۽ عمان وچ ۾ ناتا خراب ٿيڻ جو هڪ سبب اِهو بہ هو.

عرفات کي بہ پنهنجي عرب حل لاءِ حسين جي پيٽ ۾ ڪا وڌيڪ ڪاميابي نہ پئي ملي. ٦ آگسٽ سومر تي جڏهن هو جدي پهتو تہ سعودي شاهي ڪٽنب جي هڪ معمولي ميمبر سندس آدرياءُ ڪيو ۽ ٿيڻ اِهو لڳو تہ انهن عرب رياستن ۾ جتي صدام جي اڳرائي لاءِ مخالفت هئي، سندس محتا گهٽجڻ لڳي هئي. وڌيڪ واضح اهڃاڻ اِهو مليو تہ پي- ايل- او چيئرمين کي شاهہ فهد سان ملاقات ڪرڻ لاءِ سندس محل ۾ اڳاري ڏينهن ڇهہ ڪلاڪ انتظار ڪرڻو پيو ۽ ڪيس مشڪل سان اڌ ڪلاڪ ملاقات جو وقت ڏنو ويو. شاهہ فهد ۽ سندس ڪارندن جي عرفات جي امن ڪاوشن ۾ ڪا دلچسپي نہ هئي ۽ سعودي پنهنجو وڌيڪ وقت، پرڏيهي فوجون لاڳو ڪرڻ تي خيالن جي ڏي وٺ لاءِ آيل بچاءُ واري آمريڪي وزير ڊڪ چينيءَ سان ڳالهيون ڪرڻ ۾ لڳائي رهيا هئا: "اسان جو خيال آهي تہ عرفات اسان جي پچر ڇڏي، پنهنجي لاءِ ڪا جاڪوڙ ڪري تہ بهتر. هو پنهنجون سموريون صلاحيتون فلسطيني مسئلي جي حل لاءِ ڪتب آڻي تہ ڪو نتيجو نڪري پوندو." هڪ سعودي عملدار جي تلخ سفارش هئي. (١١)

هڪ ڀيرو ٻيهر بغداد وڃي صدام سان پاڪر پائيندي تصوير ڇڪرائڻ تي راضي عرفات جي انهيءَ روپ، اولهائين ٿي- ويءَ تان پيش ٿيڻ تي سندس خلاف شڪن کي جڻ ريج ڏنو. پي- ايل- او پروپيگنڊا اجان تائين پرڏيهي اڳرائي روڪڻ بابت ٿي رهي هئي، جڏهن تہ گهوٽالي جي اصل سبب، ڪويت ۾ عراقي اڳرائي جو سڌوسنئون ذڪر نہ پئي ڪيو ويو. "آمريڪا جو مقصد عرب نار ۾ تيل پيدا ڪندڙ ملڪن تي پنهنجو ڏاڪو قائم رکڻ آهي." الجيرس کان نشر ٿيندڙ 'فلسطين جو آواز' ريڊيو الزام ڏريو: "ڪويت ۾ عراقي آمد آمريڪا ۽ علائقي ۾ ان جي پاليسيءَ لاءِ هڪ للڪار پيدا ڪئي آهي." (١٢)

جيتوڻيڪ ڦوهہ اونهاري ۾ قاهره ترسڻ جهڙو هنڌ نہ هوندو آهي پر ٨ آگسٽ تي جڏهن حسني مبارڪ، عرب اڳواڻن کي پنهنجي ملڪ ۾ سربراهي اجلاس ڪرڻ جي آڇ ڪئي تہ سواءِ صدام حسين جي ڪو بہ اهم اڳواڻ غيرحاضر نہ ٿيو. "اِهو اهڙو سربراهي اجلاس نہ هئڻ گهرجي جنهن ۾ اسين هڪ ٻئي تي الزام ڏريون يا ويهي ڳوڙها ڳاڙيون." مبارڪ هڪ قومي نشريئي ۾ اعلان ڪيو: "اِهو سربراهي اجلاس مسئلي کي عرب ڍانچي ۾ حل ڪرڻ لاءِ هجي، جيڪو عرب قوم لاءِ وڌيڪ عزت ڀريو رستو آهي." (١٣) جيڪڏهن عرفات اِهي لفظ ٻڌا هوندا تہ وٽس انهن لفظن تہ ڌيان نہ ڏرڻ جو ڪو جواز نہ هو. ٩ ۽ ١٠ آگسٽ تي ٿيندڙ

اهو اجلاس سخت دماغ عرفات لاءِ نقصانڪار پريو ثابت ٿيو ۽ جنهن جو مُلهه ڪيس ايندڙ هفتن ۽ مهينن ۾ چڪائڻو هو.

جڏهن پي- ايل- او اڳواڻ سربراهي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ، ساين پنهنجي واري عراقي جهاز ۾ قاهره پهتو ته شگون ڪي موچارا نه هئا. مبارڪ مُرڪڻ بنا سندس آجيان ڪئي. عرفات پاران عراقي جهاز جو استعمال ڪو ساراهه جوڳو عمل نه ليکيو ويو ۽ ان اهو ظاهر ٿي ڪيو ته هو عراقي ڪئمپ وٽ يرغمالي بڻيل آهي. پي- ايل- او اڳواڻ ڪاڙهي غاليچي تان لنگهي ڊائس تي پهچي، فلسطيني قومي ترانو هڏڻ واري سرگرمي دوران پنهنجي چهري تي پرسڪون ظاهر ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي، پر مبارڪ جي سردمهريءَ واري رويي مٿس اهو ظاهر ڪري ڇڏيو هو ته هو پنهنجي عرب ڀائرن سان هڪ وڏي ڏچي جو شڪار ٿي چڪو آهي. اجائين خراب صورتحال ته اڃا اچڻي هئي.

ٿامٽي هنيل چهري وارو عرفات ٿي ١٠ آگسٽ تي سڀ کان دير سان قاهره جي لفرسٽيءَ ۾ سربراهي اجلاس واري ڪانفرنس هال پهتو. اهو علائقو عرفات جي جواني گذاريل علائقي کان ڪو گهڻو پري نه هو. سندس موڊ اوڏي مهل به ٺيڪ نه هو. جڏهن هُن مصري اخبار جي ايڊيٽر محفوظ الانصاريءَ جي صلاح خلف سان ٿيندڙ ڳالهين جو ٺوهه لڳايو. ١٩٩٠ع جي پهرين اڌ ۾ تيونس ۽ قاهره وچ ۾ خراب ٿيندڙ ناتن ڪري گذريل ڪيترن ئي مهينن کان خود عرفات ۽ پي- ايل- او مصري پريس جي شديد تنقيد جو نشانو بڻيل هئا. انصاري ڏانهن گهوريندي، هُن خلف کان رڪائي سان پڇيو: "تون اُن ماڻهو سان ڪڏ ڇو بيٺو آهين، جنهن اسان جي توهين ڪئي آهي؟" ۽ پوءِ مبارڪ کي پرسان ڏسندي عرفات اهو جملو چيو جنهن مٿس عربي پريس جي تنقيد جا در کولي ڇڏيا: "جناب عالي! توهان جي ملڪ ۾ منهنجي توهين ڪئي وئي آهي... ۽ جن منهنجي توهين ڪئي، اُهي قاهره جي دل ۾ موجود آهن." (١۴) اِها عرفات جي وڏيڪ آتش فشان ڪارڪردگين مان هڪ جي شروعات هئي.

قاهره سربراهي اجلاس انتهائي تُرش رهيو، جنهن ۾ ٻيڻي وزيراعظم طه ياسين رمضان جي قيادت ۾ عراقي وفد ۽ ڪويت وچ ۾ تکن لفظن جي ڏي وٺ ٿي. هڪ بند سيشن دوران عراق جي سگار ڇڪيندڙ پرڏيهي وزير طارق عزيز پنهنجي ڪويتي هم پلهه شيخ صباح ڏانهن سگار اڇلائيندي، کُهري لهجي ۾ چيو: "اسان تنهنجي آفيس مان سمورا ڪاغذ ڪٽي ورتا آهن ۽ عراق خلاف سازش تي تنهنجون صحيحون ڳولي لڌيون آهن." (١٥) شيخ صباح اِهو سهي نه سگهيو ۽ ڪيرو ٿي پيو. ڪويتي وفد ۾ شامل ڪابينائي معاملن لاءِ وزير ۽ ڊاڪٽريءَ جو پيشو ڪندڙ ڊاڪٽر عبدالرحمان الاوادي تڪڙو سندس سار سنڀال ۾ جُنبي ويو.

مرڪزي ڌاري کان پريرو عرفات انهيءَ گهٽ درجي واري سوانگ کي ڏسڻ جي

موڊ ۾ نہ هو. هو نہ رڳو پنهنجي موقف تي قائم هو پر پنجن عرب سربراهن کي تڪڙو بغداد اُماڻڻ لاءِ پڻ پتوڙي رهيو هو. هو پاڻ بہ اُن معتبر ٽولي ۾ شامل ٿيڻو هو، جنهن ۾ مصر جو مبارڪ، اردن جو حسين، الجزائر جو بن جديد ۽ يمن جو علي عبدالله صالح شامل ٿيڻا هئا. عراقي اڳواڻ اُن ڏينهن کي عرب اڳواڻن تي زوردار حملي لاءِ چونڊيو ۽ 'عرب عوام' کي سندن خلاف اُٿي کڙي ٿيڻ جو سڏ ڏنائين: "او عربؤ! او مسلمانو! سڄي دنيا جا ايمان وارؤ! اڄ وقت آهي مڪي جي بچاءَ لاءِ اُٿي کڙي ٿيڻ جو، جيڪو آمريڪي ۽ صيهوني هٿياربند لتاڙي رهيا آهن." صدام زور ڀريندي چيو: "ڏاڍ، بدعنوانين، دغابازين ۽ پُٺ ۾ وار ڪرڻ وارن خلاف بغاوت ڪريو... تيل جي انهن شاهن خلاف بغاوت ڪريو، جن عورتن عيوض تيل وڪڻي ڇڏيو آهي." (١٦)

عرفات واري تجويز جي عملي صورت جو جيڪڏهن ڪو امڪان هو بہ تہ اُهو لڙهي ويو، پر پي- ايل- او اڳواڻ اجان تائين زور ڀريندي، پوائنٽ آف آرڊر اُٿاريندي، سربراهي اجلاس جي چيئرمين واري حيثيت سان مبارڪ جي رولنگن کي چئلينج ڪندي، مصري صدر لاءِ آزار ڪڙو ڪري ڏنو. جيئن عرفات جو هڪ سينيئر صلاحڪار ان صورتحال تي تبصرو ٿو ڪري: "مبارڪ يقيناً 'آرڊر' لفظ جو مطلب سمجهيو ٿي پر ان ڳالهہ جو ڪو اهڃاڻ نہ هو تہ هُن 'پوائنٽ آف آرڊر' لفظ جي معنيٰ کي پسند ٿي ڪيو." (١٧)

عرفات ۽ پي- ايل- او لاءِ، قاهره اجلاس هڪ مصيبت هو ۽ هن عرب ڌرين وچ ۾ رابطي وارو، عزت ڀريو ڪردار حاصل ڪرڻ، جيئن الجزائر لاءِ چيو ٿي ويو تہ اهو ملڪ ان جي اهل هو، وارو معمولي امڪان بہ دُڦ ٿي چڪو هو. عرفات جي هڪ ويجهي ساٿيءَ جي لفظن ۾: "وفد اُماڻڻ واري معاملي تي هو جذباتي هو. هُن سمجهيو ٿي تہ اِهو واحد رستو آهي جنهن وسيلي صورتحال جي مڪمل تباهيءَ کان بچي سگهجي ٿو. هو ان تي ايترو تہ ڳنڍ ڏئي بيٺو جو اِهو بہ نٿي ڏٺائين تہ ڪو بہ سندس ان ڳالهہ جي حمايت نہ پيو ڪري. پڇاڙڪي تجزئي ۾ هو هين لاءِ تڪليفن جو سبب پئي ليکيو ويو." (١٨) عرفات آخري گهڙي تائين احتجاج ڪندو رهيو ۽ ايستائين جو سربراهي اجلاس جي ٺهراءَ جي قانوني حيثيت کي چئلينج ڪرڻ کان بہ نہ ڪيٻايائين، جيڪو موجود ويهن رياستن مان ٻارهن جي معمولي اڪثريت سان منظور ڪيو ويو هو، عراق ۽ لبيا سان گڏ شروعاتي طور تي پي- ايل- او بہ ان جي خلاف ووٽ ڏنو. (١٩) مڪمل طور تي مونجهارن جي شڪار، تيونس ۾ پي- ايل- او هيڊڪوارٽرس کي پي- ايل- او جي پوزيشن واضح ڪرڻ ۾ ڪيترائي ڏينهن لڳي ويا. تنظيم سربراهي اجلاس جي ٺهراءَ خلاف ووٽ نہ ڏنو هو، جنهن سعودي عرب ۾ پرڏيهي فوجن جي آمد کي قانوني شڪل ٿي ڏني، پر اردن وانگر ان کي اختلاف ٿي رکيا. پي- ايل- او جي ووٽ ڏيڻ واري

مونجهاري جي وضاحت ڪندي تيونس ۾ هڪ ترجمان ڄاڻايو تہ ووٽ 'بيان نہ ٿي سگهندڙ غيرمنظم' انداز ۾ ورتا ويا. (٢٠) انهيءَ اَبتريءَ جي ذميوارن ۾ خود عرفات بہ تہ شامل هو.

موٽ ڪاڌل عرفات اڳتي هلي نبيل شعث کي ٻڌايو تہ هُن صدام پاران مبارڪ، فهد ۽ ٻين تي اڻ روڪ حملي جي موجودگيءَ ۾ وفد اُماڻڻ واري رٿ ڏني غلطي ڪئي هئي. "آءٌ پاڻ بہ عزت ڀريو شخص آهيان." هُن اعلان ڪيو. "جيڪڏهن مون کي تقرير جو پتو هجي ها تہ ڪڏهن بہ اِها رٿ نہ پيش ڪريان ها." عرفات ان نتيجي تي پڻ پهتو تہ قاهره واري سنڌس مايوسيءَ جو هڪ حصو ان سوچ ڪري بہ هو تہ گهوٽالي ۾ پرڏيهي مداخلت کي روڪڻ جي ڪوشش ۾، هو ان ماڻهو وانگر هو، جيڪو 'ڪنهن ٻار کي لنگهندڙ ٽرڪ هيٺان اچڻ کان بچائڻ تہ چاهيندو هجي پر اُن لاءِ ڪري ڪجهہ بہ نہ سگهي.' (٢١) بهرحال حالتون ڪهڙيون بہ رهيون هجن، اِها سنڌس انتهائي مايوس ڪُن ڪارڪردگي هئي ۽ ان عرفات ۽ پي- ايل- او تي سڄي عرب دنيا مان تنقيد جي 'کلي عام اظهار' کي آڏو آندو، جنهن جي مصري ستسماءُ وارا ذريعا سرواڻي ڪري رهيا هئا. سربراهي اجلاس کان ڪجهہ ڏينهن پوءِ مصر جي اهم ترين اخبار 'الاهرام' ۾ ڇپيل هڪ ڪارٽون ۾ پي- ايل- او چيئرمين کي ٻن جسمن واري پکيءَ طور ڏيکاريو ويو هو، جنهن جا ٻئي ٻت ٻن مختلف ڏسائن ۾ پرڙا هٽي رهيا هئا. هڪ هيٺان 'والاريل ڪويت' ۽ ٻئي هيٺان 'والاريل يروشلم' لکيل هو. ٻنهي کي هڪ هڪ پليڪارڊ ڪنيل هو. هڪ تي 'طاقت وسيلي والار جي آجيان' ۽ ٻئي تي 'طاقت وسيلي والار جي مذمت' لکيل هو. الاهرام لاءِ چئي سگهجي ٿو تہ اِها نڙيءَ تائين اچي پهتي هئي. (٢٢)

عرفات مايوسيءَ وچان پنهنجو جنم- شهر ڇڏيو. سنڌس موڊ هن ڀيري بہ نومبر ١٩٧٧ع ۾ سادات جي ان اعلان کان پوءِ قاهره ڇڏڻ جهڙو ئي خراب ٿيل هو. تہ هو يروشلم وڃڻ لاءِ تيار آهي، کي هُن پي- ايل- او جي پنهنجي وڏندڙ وڳاڙپ جي جيئن پوءِ تيئن واضح ٿيندڙ ڏسائن ڪر پروڙڻ شروع ڪيو. ١٩٧٧ع وانگر ڪيس هڪ ڀيرو ٻيهر مصري ڳاديءَ واري شهر موٽڻ لاءِ ڳچ وقت لڳو هو. عرفات پنهنجي هڪ انتهائي اعتماد جوڳي پُل ڊاهي ڇڏي هئي. مصر سنڌس نافرمانيءَ کي جلد معاف ڪرڻ وارو نہ هو. پر جيئن ئي عرفات تيونس ۾ پي- ايل- او قيادت جي وسيع اجلاس لاءِ روانو ٿيو، جنهن ۾ ايگزيڪيٽو ڪميٽي ۽ فتح جي مرڪزي ڪميٽيءَ جا ميمبر شريڪ ٿيا هئا، بغداد کان ٿيل هڪ اعلان ڪيس نئين راهہ ڏيکاري وڏي. سلامتي ڪائونسل پاران والار جي مذمت جي هر روز طوفانن مان ئي جواز پيدا ڪندي، صدام ١٢ آگسٽ تي اعلان ڪيو تہ "سموري علائقي ۾ والار جا معاملا يا اهڙا معاملا جن کي والار ليکيو ٿو وڃي، سلامتي ڪائونسل جي سامهون آندل ساڳين بنيادن ۽ اصولن موجب حل ڪيا وڃن." (٢٣)

ان ريت صدام ڪويت واري مامري کي نبيرڻ جي ڏس ۾ 'هڪدم ۽ بنا شرطن جي' فلسطين، شام ۽ لبنان مان اسرائيلي والار، لبنان مان شامي ۽ عراق- ايران جنگ جي والار ختم ڪرڻ تي زور ڏنو. هُن اهو به چيو ته دستبرداريءَ واري ان پروگرام تي عمل جي شروعات پهرين والاريل علائقا خالي ڪرڻ واري اصول تي ڪئي وڃي ۽ انهن سمورن ٺهرائن (گڏيل قومن جي) تي عمل لاءِ جوڳا اُپاءَ ورتا وڃن، جيڪي آخري (ڪويت تي عراقي والار بابت) ٺهراءَ کان اڳ منظور ڪيا ويا آهن." (٢۴) ۽ اهڙي ريت نار جنگ جي ہوليءَ ۾ 'ڳنڍيل' لفظ جي شروعات ٿي، ان سان ئي اِهو نقطءِ نظر سامهون آيو ته فلسطين ۽ ڪويت جا معاملا هڪ ئي ڏڪ ۾ حل ڪري سگهجن ٿا. پي- ايل- او اڳواڻن کي انهيءَ ڳالهه سبب اها اُميد جاڳڻ لڳي ته اِها ڪين مڪمل طور تي ورهائجي ويل عرب دنيا ۾ ويڳاڻپ کان بچڻ جو عزت ڀريو رستو مهيا ڪري ڏيندي. اِهو فريب هو، ايستائين جو ڪجهه عرب رياستن پڻ ان کي معاملي تان ڌيان هٽائڻ واسطي صدام جي هڪ چونبدي ڪوشش ٿي سمجهيو.

عرفات جا ڪجهه اهم صلاحڪار خاص طور تي 'ڳانڍاپي' واري معاملي کي پيش منظر ۾ رکڻ، سندس ناڪاميءَ کي جوڳو نقصان ٿا سمجهن ۽ ساڳي وقت ان معاملي ۾ عراق سان گهڻو ويجهو پوڻ کي پڻ هاڃيڪار ٿا سمجهن، جنهن ۾ هو رڳو فلسطيني 'اسٽريٽ' ئي حاصل ڪري سگهيو. "عرفات چڱو خاصو ذهين آهي." باسل اڳتي هلي چيو: "پر ڇا هو چاليهه سال پراڻي مسئلي ۽ هڪ مهينو پراڻي معاملي ۾ تعلق تي ٺڳجي نه ويو هو؟ نومبر ١٩٩٠ع ۾ جنگ کان اڳ ڳالهين ہولهين دوران مون کيس چيو هو: 'توکي صدام سان ايترو ويجهو نه ٿيڻ گهرجي.' هُن ان جي جواب ۾ رڳو ايترو چيو هو: 'اِها منهنجي ماڻهن جي خواهش آهي.' تنهن تي مون (باسل) چيو هو: "جڏهن تو نومبر ١٩٨٨ع ۾ قومي ڪائونسل آڏو ٺهراءُ نمبر ٢۴٢ قبول ڪرڻ وارو معاملو آندو هو، تڏهن تنهنجي ماڻهن جي اڪثريت توسان سهمت نه هئي. ڇا تو ڪين سهمت ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي هئي. هڪ موقعي تي تون پنهنجي ماڻهن جي مرضيءَ جو ان ڪري خيال نٿو رکين، جو ان سان ضروري مفادن کي ڇيهو ٿو رسي ۽ ٻئي موقعي تي تون چوين ٿو ته اِها منهنجي ماڻهن جي مرضي آهي. اِهو تضاد آخر ڇو؟" (٢٥)

جڏهن ١۴ آگسٽ جي رات فلسطيني قيادت تيونس ۾ شهر جي راندين واري اسٽيڊيم ڀرسان گڏجاڻين لاءِ پنهنجي روايتي جاءِ، هڪ وڏي شاهي گهر ۾ گڏي ته رويو ناراضگي ۽ سرڪشي وارو هو. قيادت جو خيال هو ته نار گهوٽالي تي تنظيم جي پوزيشن جو انتهائي اڻ- سمجهه اظهار ڪيو ويو هو، ۽ تنظيم خلاف 'سازش' بابت حسب روايت تمام گهڻيون پڙڪيليون ڳالهيون ڪيون ويون. عرفات پنهنجي سر آيل مصيبت جو ڪاٿو لڳائڻ وارو هو. نبيل شعط موجب "عرفات تمام گهڻي

اڪيلائپ محسوس ڪري رهيو هو. ڪيس ڪنيل جوڪم جا خطرناڪ نتيجا نظر اچڻ لڳا هئا. هو عراقي جُوا بابت حقيقتاً تمام گهڻو پريشان ٿيڻ لڳو هو. ڪيس محسوس پئي ٿيو تہ اِها سڀ ڪجهہ تباهہ ڪري سگهي ٿي. هُن هر ممڪن انداز ۾ صدام حسين کي ڪويت جي لاڳيتي والار جي خطرن کان باخبر ڪيو هو. صدام تمام گهڻو پراعتماد نظر اچي رهيو هو. هُن چيو ٿي تہ ڪويت تان دستبرداري فلسطين تان دستبرداريءَ سان ڳنڍ ٿيندي. صدام ڪيس خاطري ڏياري هئي تہ هو، 'ڳانڍاپي' بابت انتهائي سنجيده آهي. پر عرفات تن ڏينهن ۾ تمام گهڻي شڪ ۽ بيقراريءَ جو شڪار هو. هن موقعي تي سڄي ڪاز ۽ عرب دنيا جي جهنم ٻڄڻ تي پريشان هو. ڪيس ان جي نتيجن بابت تمام گهڻا ڊپ ۽ چرڪ هئا." (٢٦)

ان موقعي تي عرفات پنهنجي ويجهن همراهن کي عراقي اڳواڻ سان آگسٽ جي پهرين هفتي ۾ ٿيل پنهنجي ڳالهہ ٻولهہ جا تفصيل پڻ ٻڌايا، جنهن ۾ صدام، ڪويت جي والار سبب پيدا ٿيندڙ خطرن پريا چتاءُ ٻڌڻ کان بيزار ٿيندي، پي- ايل- او چيئرمين تي ڪيس قيامت جي ڏينهن جو ڊپ ڏيارڻ جو الزام ڏريو. صدام پنهنجي ڳالهہ کي اثرائتو بنائڻ لاءِ عرفات کي لبنان واري گهيري دوران شهادت بابت خود سندس تيارين جو حوالو ڏياريو: "ابوعمار! ڇا آءٌ تو وانگر جنت جي تازي هوا سونگهڻ جو حق نٿو رکان؟ ڇا مون کي اُهو حق حاصل ناهي جنهن جي تو پنهنجي لاءِ ڳالهہ ٿي ڪئي؟ جڏهن تہ اِهو ٿي پوي، آءٌ للڪارن کان نٿو ٻڄان." (٢٧)

جيئن ئي آگسٽ جي وچئين ڏينهن دوران فلسطيني قيادت ۾ بحث مباحثو اڳتي وڌڻ لڳو ۽ اڪثريت رات جو دير تائين جاري رهندو هو، اِهو واضح ٿيڻ لڳو تہ خود قيادت پڻ ان ڳالهہ تي ڏڦيڙ جو شڪار آهي تہ عرب دنيا جي انهيءَ نئين صورتحال کي ڪيئن پروڙي ۽ ان تي ڪهڙو موقف رکي. هيل عبدالحامد، صخر ابونزار ۽ عباس ذڪي جهڙا پي- ايل- او جا اهم رڪن هئا، جيڪي ڪويت تي عراقي قبضي جي حق ۾ تہ نہ هئا پر ان کي علائقي جي جامد حالت لاءِ هڪ للڪار ٿي سمجهيائون. اُتي موجود هڪ همراهہ جي لفظن ۾ اها صورتحال 'هڪ بيٺل پاڻيءَ جي تلاءُ ۾ خطرناڪ طوفان' هئي. (٢٨) ان ٽولي ۾ پي- ايل- او جو 'پرڏيهي وزير' فاروق قدومي بہ شامل هو، جيڪو تبديلين تي ايترو هرڪجي چڪو هو، جو ڪيس سندس هڪ ساٿي موجب 'يروشلم جا منارا' ٿي نظر آيا. (٢٩)

ٻيو لاڙو، جنهن جي نمائندگي صلاح خلف ۽ ٻگهي عرصي کان ايگزيڪيٽو ڪميٽيءَ جي ميمبر محمود عباس ٿي ڪئي، ڪويتي مُهم تي انتهائي ناراضگي ۽ خانگي طور تي شديد تنقيد وارو هو. بهرحال، هُنن پنهنجي تنقيد کلي عام نہ ٿي ڪئي، ان جو هڪ سبب هو: والاريل علائقن ۽ ٽڙيل پکڙيل پناهگير آباديءَ جي فلسطينين ۾ صدام لاءِ انتهائي حمايت. ٻيو خود عرفات جو بغداد ڏانهن ايڏو لڙڻ هو، جو تنظيم وارن کي هر صورت ۾ حالتن سان نباهہ ٿي ڪرڻو پيو. تيونس ۾

موجود پي- ايل- او اڳواڻن ۾ هڪ انتهائي اهم ۽ جدا آواز ماضيءَ جي اڪثر موقعن وانگر پي- ايل- او اڳواڻن ۽ ڪويت ۾ فتح جي باني خالدالحسن جو هو. جيڪو ڪيترائي سال ڪويت ۾ رهيو هو، ۽ هاڻ پنهنجي ڏار راهه تي وڃڻ لڳو. تنظيم جي هٺي معيار، بنا ڪنهن رک رکاءُ جي والار جي مذمت ڪرڻ ۾ ناڪاميءَ تي احتجاج ڪندي ڏکيارو ٿي، هو مراڪش روانو ٿي ويو. تيونس ۾ آگسٽ جي انهن وچين ڏينهن ۾ عرفات کي پنهنجي سينيئر ساٿين سان بحث ڪرڻ ۾ تمام گهڻيون ڏکيائيون پيش اچي رهيون هيون. پي- ايل- او جي پوزيشن واضح نه ڪرڻ تي تنقيد جو نشانو بڻجڻ کان پوءِ هُن استعفيٰ ڏيڻ جي آڇ ڪئي. اِها چال ماضيءَ ۾ هُن هر ان پيري چَلي هئي، جڏهن تنظيم اندر مٿس ڪا تنقيد ٿي هئي.

۱۴ کان ۱۸ آگسٽ تائين ٿيندڙ قيادتي گڏجاڻي مان پي- ايل- او جو هڪ نئون 'امن منصوبو' سامهون آيو، جنهن جو وڏو حصو نبيل شط عرفات جي مشوري سان تيار ڪيو هو. ان ۱۵ جنوري تي سلامتي ڪائونسل جي پوري ٿيندڙ ڊيڊ لائين تائين پي- ايل- او جون سفارتي سرگرميون جاري رکڻ لاءِ بنياد مهيا ڪيو. ان جا اهم نقطا نار مان آمريڪي نيڪاليءَ جي عيوض ڪويت مان مرحليوار عراقي فوجن جي واپسي جا هئا، ته جيئن ڪويتي گهوٽالو ختم ڪرڻ لاءِ ڪنهن 'عرب حل' تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪري سگهجي. جيتوڻيڪ ان رٿا مان هڙ حاصل ڪجهه به نه ٿيو ۽ تيزي سان جنگ ڏانهن وڌندڙ علائقي ۾ فلسطينين جي ڳالهه تي ڪنهن جي به ڌيان نه ڏرڻ جي باوجود به اِها ان اڳوڻي رٿ کان وڌيڪ اصولي هئي، جنهن ۾ عرفات ڪويت کان عراق جي جٿادار واپسيءَ جي عيوض ڏوڪڙن ۽ زمين بابت عراقي گهرون پوريون ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي هئي.

جيئن ئي عرفات پنهنجو نئون امن منصوبو انهن ٿورڙن هڏندڙن آڏو پيش ڪيو، جن سندس ڳالهه ٻڌڻ تي راضپو ڏيکاريو ٿي، عرب دنيا ۾ سندس اچ وڃ تي تمام گهڻيون پابنديون مڙهيل هيون، نار، مصر ۽ شام ۾ ڪيس اٿوڻندڙ شخص ڪوٺيو ويو هو. سندس تنظيم لاءِ نار مان جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ خراب خبرون اچي رهيون هيون. گهوٽالي تي عرفات جي موقف سبب، ڪويتي اڳواڻن ڪويت ۾ رهندڙ ۴ لک فلسطينين تي والار ڪندڙ جو ساٿ ڏيڻ جو الزام ڏريندي، ڪارروائي لاءِ پنهنجي مالي سهائتا معطل ڪري ڇڏي هئي. عرفات نار جي حاڪمن سان انتهائي ڏچي جو شڪار ٿي ويو. جيڪي سندس تنظيم لاءِ سدائين اهم سهائتا ڪندڙ رهيا هئا، جن پي- ايل- او ۽ خود فتح جي خزانن لاءِ ڪروڙين ڊالر ڏنا هئا. عرب شيخن خاص طور تي سعودي حاڪمن جو رويو انتهائي خراب هو. ايستائين جو سعودي عرب پنهنجي فضائي حدن ۾ سندس جهاز جي داخلا تي پابندي وجهي ڇڏي هئي. سندس پنهنجي نقطهءِ نظر کان خراب ترين ڳالهه اِها هئي ته مٿس جيڪا ذاتي تنقيد ٿي رهي هئي، اُها ڪنهن عرب اڳواڻ تي هيل تائين ٿيل سمورين تنقيدن کان

وڌيڪ اُگري هئي.

ان تنقيد جو ناهڪاري پاسو رڳو ان ۾ شامل اُگرا لفظ نہ هئا پر ان جي معتبري هو. بحرين ۾ سعودي عرب جي سفير هڪ اڳوٽي معتبر وزير ۽ ڪڏهن ڪڏهن شاعري ڪندڙ غازي القوسائبيءَ عرفات کي اهڙو 'واهيات مسخرو' سڏيو، جنهن پنهنجي دوستن کي ڌوڪو ڏنو هو ۽ پنهنجي عوام لاءِ پيڙائون پيدا ڪري رهيو هو. "اِهو واهيات مسخرو، هاڻ فلسطيني عوام جي اونداهين راتين ۾ روشن واحد ڏياٽي، نار سان سندن ناتن، کي اُجهائڻ پويان هٿ ڌوئي اچي پيو آهي." قوسائبيءَ ان فلسطيني بيان تہ ڪويتي عملدار ڪويت ۾ فلسطينين جي لجا لٽ ۽ قتلام ۾ شامل آهن، جي جواب ۾ چيو، "ان مسخري کي پوڙهن ۽ بيڪار مخبرن جي مرڪز ڏانهن اُماڻڻ ۾ آخر دير ڇو پئي ڪئي وڃي؟" (٣٠) اِهو انتهائي خطرناڪ حملو هو ۽ جيئن عرفات پاڻ بہ محسوس ٿي ڪيو تہ اِهو سعودين جي لنڊن مان نڪرندڙ اخبار الشرق الوسڪ ۾ ڇپيل فلسطين لاءِ سپريم عرب ڪميٽيءَ نالي تنظيم پاران فلسطيني قيادت ۾ تبديلي آڻڻ جو سڏ ڏيڻ کان بہ ڏينهن پوءِ ٿيو هو. (٣١) گهڻن فلسطينين جو خيال هو تہ اسرائيل جي قيام کانپوءِ ختم ٿي چڪي هئي. ان جي اهڙي موقعي تي بيهر سامهون اچڻ کي، جڏهن نار ۾ مٿس حملا چوٽ چڙهيل هئا، عرفات شعوري طور تي ڪيس خوار ڪرڻ جي ڪوشش سمجهيو.

نار ۾ رهندڙ تقريباً ١٠ لک فلسطينين لاءِ، جيڪي پي- ايل- او لاءِ اهم پرجهلو هئا، گهوٽالو ڪنهن آفت وانگر اچي ڪڙڪيو. ابوظهبيءَ ۾ هڪ فلسطيني صحافي احمد قلاش، لنڊن مان نڪرندڙ فلسطيني روزنامي 'القدس العربي' جي هڪ رپورٽ ۾ ان صورتحال کي هنن لفظن ۾ پيش ڪيو: "افق تي ڪارا ڪڪر ڇانئجي رهيا آهن. اِهي هر فلسطينيءَ لاءِ، پوءِ پل هو ڪٿي بہ هجي ۽ ڪنهن سان بہ گڏ هجي، پيڙائون پاڻ سان گڏ آڻي رهيا آهن." (٣٢) فلسطينين جي اِها عذاب ڀري حالت ڪويت کان سواءِ هئي، جتي وڏي شاهي فلسطيني برادري گهوٽالي سبب عملي طور تي تباهيءَ جي ڪناري سان اچي لڳي هئي.

نئين پي- ايل- او امن منصوبي جي سامهون ايندي ئي سگهہ مليل اُتاولي عرفات، پنهنجي امن قائم ڪرڻ وارين ڪوششن کي هيٺو ڪيو ۽ بغداد، عمان، ٽريپولي، تيونس ۽ رباط وچ ۾ پيچ ٻُڪ شروع ڪري ڏنائين. پر ان مان هڙ حاصل ڪجهہ بہ نہ ٿيو. عرب دنيا ۾ ڏار ايترا تہ اونها ۽ موڪرا هئا جو ڪو بہ گهوٽالو ختم ڪرڻ لاءِ سهڪار تي راضي نہ پئي ٿيو. جڏهن ٻگهي عرصي کان عرب ليگ جي سيڪريٽري جنرل، شاذلي قليبيءَ جي ٣ سيپٽمبر تي قاهره ۾ عرب ملڪن جي پرڏيهي وزيرن جي اجلاس کان ڪجهہ ڏينهن پوءِ ڏنل استعفيٰ مصر ۽ ٻين جي سرواڻي ۾ عراق مخالف اڪثريت ۾ پيل ڏارن جي اونهائيءَ جو هڪ پرپور

اهڃاڻ هئي. انهيءَ اجلاس جو پي- ايل- او بين الن غيرحاضر ميمبرن واري صورتحال ۾ بائيڪاٽ ڪيو هو. (٣٣)

سيپٽمبر جي وچ ڌاري، عرفات لبنان ۾ پيش ايندڙ واقعن ڪري ڪجهه عرصي تائين نار گهوٽالي کان لاتعلق رهيو. سندس فتح گروپ جي گوريلن ٽن ڏينهن جي خطرناڪ ويڙهاند کان پوءِ سيدون شهر پرسان عين الهلوه پناهگير ڪئمپ مان ابوندال جي قيادت واري باغي فتح انقلابي ڪائونسل (FRC) جي گوريلن کي ٻاهر ڌڪي ڇڏيو. عرفات جي فوجين جي ان سوڀ، سڄي لبنان ۾ فتح جي اثرن کي سگهارو ڪيو هو. گذريل ڪيترن ئي مهينن دوران پي- ايل- او اڳواڻ لاءِ اهو خوشيءَ جو پهريون موقعو هو. ان واقعي گهٽ ۾ گهٽ ان رجحان کي اڳڀرو آندو ته وسيع وچ اوڀر گهوٽالي ۾ لبنان اڃان تائين مختلف فلسطيني گروپن جي ويڙهه جو ميدان بڻيل آهي ۽ عرفات پنهنجي فتح واري مرڪز لاءِ اُتي موجود خطرن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهي. (٣۴)

پي- ايل- او اڳواڻ کي يقيناً پنهنجي هن 'پراڻن ساٿين' عوامي محاذ جي جارج حباش ۽ جمهوري محاذ جي نايف حواتمه جي نئين چال پڻ ضرور ڪُڪِي هوندي، جيڪي ١٩٧٠ع واري بليڪ سيپٽمبر ويڙهاند دوران شاهه حسين جي ظلمن کان بچي وڃڻ بعد سالن کان پوءِ عمان موٽي رهيا هئا. انهن هنهي جو هاشمي بادشاهه پنهنجي جابلو چوٽيءَ واري محل ۾ آڌرڀاءُ ڪيو. جن اِها ڌمڪي ڏني هئي ته هو دنيا جي گولي تان شاهه حسين جي وجود کي ميسارڻ لاءِ پنهنجون سموريون صلاحيتون ڪتب آڻيندا. نار گهوٽالو عجيب رنگ ڏيکاري رهيو هو.

عرفات سعودين ۽ مصرين سان پنهنجي خراب ٿيل ناتن جي بحاليءَ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي، پر ان ۾ کيس ڪاميابي نه ٿي. هو سعودي پرڏيهي وزير شهزادي سعود الفيصل سان آڪٽوبر جي وچ ڌاري رباط ۾ گڏيو (٣٥) ۽ کيس شاهه فهد کي سرچاءُ متعلق سنيهو رسائڻ لاءِ چيائين. هُن پنهنجي اعتماد جوڳي نائب نبيل شعٿ کي پڻ شهزادي سعود سان ملڻ لاءِ اُماڻيو ته جيئن هو مسئلن جي نبيري بابت ممڪن رستن تي ساڻس ڳالهائي. سعودين اِها موٽ ڏني ته "عرفات وڏيڪ چٽي طرح اڳرائي کي نندي ۽ ڪويتي ۽ سعودي موقف بابت وڌيڪ همدرداڻو رويو رکي." پر شعٿ سعودي عملدارن آڏو وضاحت ڪئي ته عرفات ڪنهن به صورت ۾ آمريڪي اڳرائي لاءِ 'عُذر' پيش نه ڪندو. (٣٦) پي- ايل- او عملدار کي مصر ۾ صدر مبارڪ جي خاص صلاحڪار ڊاڪٽر اُسامه الباز وٽان به ڪا چڱي موٽ نه ملي. شعٿ جي بقول، باز تمام گهڻي تنقيد ڪري رهيو هو ۽ عرفات کي مصري پوزيشن سان سهمت ٿيڻ لاءِ زور پري رهيو هو. شعٿ وراڻي ڏني: "توهين جنگ واري ڌُر آهيو ۽ اسين امن واري" باز چيو، " نه- اسين اُها ڌر آهيون جيڪا امن حاصل ڪرڻ لاءِ جنگ جي ڌمڪي ڏئي رهي آهي." (٣٧)

جيئن ئي جنگ جا خدشا عرب دنيا تي لامارا هڻڻ لڳا ۽ آمريڪا جيئن پوءِ تيئن نار ۾ پنهنجون وڏيڪ فوجون لاڳو ڪندو ويو. ۽ نيٺ وچ اوپر کي ڏونڌاڙيندڙ واقعن مان هڪ واقعو پيش آيو. انتهائي ڇڪتاڻ ۽ تاءُ وارين حالتن ۾، ٨ آڪٽوبر تي يروشلم جي Temple Mount تي اسرائيلي سرحدي پوليس هٿان ارڙهن فلسطينين جو قتلام، علائقي جي حل نہ ٿيندڙ مسئلي جي نئين اظهار، نفرتن ۽ تلخين جي اظهار طور آڏو آيو.

فلسطينين موجب اهو واقعو ان وقت پيش آيو جڏهن اهو افواهہ پکڙيو تہ جوشيلا يهودي پنهنجي ان دعويٰ تي زور ڀرڻ لاءِ تہ مڪي ۽ مديني وچ ۾ حرم شريف پرسان بہ هزار سال پراڻي پنهنجي عبادتگاهہ جي اڏاوت لاءِ پيشقدمي ڪري رهيا آهن، انهيءَ وکوڙ اسرائيلي پوليس وارن کي ڀيجاري وڌو ۽ انهن ويجهي کان فائر ڪري فلسطيني ماري وڌا. اسرائيلي موقف موجب فلسطيني مظاهرو ڪندڙن پٿرن، سرن ۽ هٿرادو بمن سان انهن هزارين ڏيهي ۽ پرڏيهي يهودين تي حملو ڪري ڏنو، جيڪي يهودين جي هڪ انتهائي مقدس ڏڻ Tabernacles ملهائڻ لاءِ 'ٻاڏائڻ' واري اولهائين پٽ وٽ گڏ ٿيا هئا. انتهائي مچرجڻ کان پوءِ پوليس مداخلت ڪئي هئي.

معاملي جي حقيقت ڇا بہ هئي، ان واقعي ٿورڙي وقت لاءِ نار گهوٽالي تان سيني‌ءَ جو ڌيان هٽائي ڇڏيو ۽ خاص طور تي آمريڪا لاءِ ڪي ڏکيائيون پڻ پيدا ڪيون، جيڪو اڳيئي پي- ايل- او ۽ عراق پاران ڪويتي مسئلي ۽ فلسطين جي نبيري ۾ ڳانڍاپي واري رجحان تي ڪنهن حد تائين دفاعي صورت ۾ هو. وچ اوپر سياست جي ڏکي ۽ ظالم دنيا ۾ ٽيمپل مائونٽ وارو قتلام خود عرفات جي پيڙائن ۽ ويڳاڻپ گهٽائڻ جو سبب بڻيو. اهو واقعو، يروشلم جي هڪ فلسطيني صحافيءَ جي سخت ٻوليءَ ۾ "پي- ايل- او لاءِ جنت مان لٿل 'من و سلويٰ' ثابت ٿيو." (٣٨)

سلامتي ڪائونسل جو هنگامي اجلاس گهرائي اسرائيل جي مذمت ۽ حقيقتون ڳوليندڙ هڪ اعليٰ سطحي مشن، هڪدم والاريل علائقن ڏانهن اماڻڻ تي زور ڀريندي، پي- ايل- او پنهنجي 'مني پارليامينٽ' مرڪزي ڪائونسل جو هنگامي اجلاس تيونس ۾ گهرايو تہ جيئن ١٩٦٧ع واري جنگ کان پوءِ يروشلم ۾ ٿيل خطرناڪ ترين واقعي تي بحث ڪري سگهجي. پنهنجي افتتاحي اجلاس ۾ عرفات آمريڪا تي تمام گهڻا چوهہ چنبيا ۽ دعويٰ ڪئي تہ اهو اسرائيل کي والاريل علائقن ۾ 'اگرا ڏوهہ ڪرڻ' لاءِ ڍڪ مهيا ڪري رهيو آهي. (٣٩) صدام يروشلم مان ايندڙ اطلاع کي پنهنجي لاءِ سٺو سوڻ سمجهندي چتاءُ ڏنو تہ اسرائيل 'تباهي جي ڪناري' تائين پهچي چڪو آهي. ان موقعي کي هن اهو اعلان ڪرڻ لاءِ مناسب سمجهيو تہ عراق اهڙو طاقتور نئون ميزائل حاصل ڪري ورتو آهي، جيڪو اسرائيل تي اُن وقت ڇوڙيو ويندو، جڏهن ان جي 'تباهہ ٿيڻ جو وقت' ايندو. (٤٠)

چئن ڏينهن جي بحث ۽ هڻ هٿان ڪان پوءِ، سلامتي ڪائونسل نيٺ يڪراءِ طور تي هڪ ٺهراءُ منظور ڪيو، جنهن ۾ اسرائيلي پوليس جي 'ڏاڍ' جي مذمت ٿيل هئي ۽ گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل کي هدايت ڪئي وئي هئي تہ هو پنهنجي هڪ نمائندي کي اسرائيلي والاريل علائقن ڏانهن اُماڻي، جيڪو آڪٽوبر جي آخر تائين هڪ جامع رپورٽ تيار ڪري. اِهو مشن پي- ايل- او جي کُهر کان تمام گهٽي هيٺين سطح جو هو. (۴۱) اِهو پهريون ڀيرو هو جو آمريڪا يهودي رياست کي ننديندڙ ٺهراءُ جي پٺڀرائي ڪئي هئي پر عراقي پرڏيهي وزير طارق عزيز ان قدم جي مذمت ڪندي چيو تہ ان گڏيل قومن کي لڄايو آهي: "انهيءَ اُن عرب سوچ کي وڌيڪ هٿي ڏني آهي تہ آمريڪا ۽ ان جي اولهائين جوڙيوالن وٽ عرب رت جي، اُن عرب تيل کان گهٽ اهميت آهي جنهن تي هو ڪنٽرول رکڻ چاهين ٿا." هُن عمان جو هڪ دورو ڪندي اعلان ڪيو، جيڪو عرب دنيا جي سمورين گاديءَ وارين جاين ۾ صدام جو انتهائي اهم حمايتي مرڪز هو. (۴۲) يروشلم قتلام ۽ ان جا نتيجا خود جنگ جي شروعات کان اڳ نار صورتحال تان ڏيان هٽرائڻ جي آخري سنجيده ڪوشش هئا. جيئن ئي آڪٽوبر نومبر لاءِ جاءِ خالي ڪئي، جنگ جا نغارا وڌيڪ مستقل مزاجيءَ سان وڄڻ لڳا.

اجان تائين پنهنجي امن رٿائن تي زور ڀريندڙ عرفات کي، مراڪش جي شاهہ حسين پاران نومبر جي وچ ڌاري نار گهوٽالي جي حل لاءِ 'آخري ڪوشش' ڪرڻ واسطي عرب سربراهي اجلاس گهرائڻ واري رٿ ڪجهہ اُتساهہ ڏياريو. هي حاصلات لاءِ پي- ايل- او اڳواڻ سربراهي اجلاس جي حمايت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ اردن ۾ شاهہ حسين ۽ بغداد وچ ۾ ڳالهين لاءِ پنڌ پيڻڻ شروع ڪيا. پر وسيع تر عرب دنيا ۾ سربراهي اجلاس واري رٿ تي ڪا سگهاري موٽ نہ ملي. سگهاري سعودي، مصري ۽ شامي ٽڪنڊي جو چوڻ هو تہ عرب سربراهي اجلاس ايستائين فضول هوندو، جيستائين صدام ڪويت مان نڪرڻ تي راضي نٿو ٿئي. مصري صدر مبارڪ جو خيال هو تہ اهڙي گڏجاڻي رڳو 'هُل هنگامي واري مئچ' ئي هوندي.

اِهو سمورو عرصو، آمريڪا نار واري علائقي ۾ پنهنجون زميني فوجون، جنگي هوائي جهاز ۽ سامونڊي ٻيڙا گڏ ڪندو رهيو. اِها ٻي مهاياري لڙائي کان پوءِ سڀ کان وڏي فوجي تياري هئي ۽ سلامتي ڪائونسل پڻ عراق کان ڪويت خالي ڪرائڻ واسطي فوجي طاقت استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ واري هئي. ان ڏس ۾ ۲۹ نومبر تي هڪ ٺهراءُ ٻن جي مقابلي ۾ ٻارهن جي اڪثريت سان منظور ٿيو، جنهن ۾ يمن ۽ ڪيوبا مخالفت ۾ ووٽ ڏنو، جڏهن تہ چين غيرحاضر رهيو. عراق لاءِ ۱۵ جنوري جي ڊيڊ لائين مقرر ڪئي وئي. ساڳي وقت صدر بُش نار ڏانهن وڌيڪ هڪ لک فوجي اُماڻڻ جو حڪم ڏنو، جنهن جو مطلب اِهو هو تہ عراق کي ڪويت

مان ڪيڻ جي سمورين سفارتي سرگرمين جي ناڪام ٿيڻ جي صورت ۾ آمريڪا جنگ جوٽڻ وارو رستو اختيار ڪندو. گڏيل قومن جي 'جنگي نُهراءُ' منظور ٿيڻ جي ٻئي ڏينهن صدر بُش عراقي پرڏيهي وزير جيمز بيڪر کي بغداد اُماڻڻ جي آڇ ڪئي. عراق بُش جي آڇ ته قبولي پر زور ڀريو ته ڳالهين جو دائرو وسيع ڪري فلسطين سميت وچ اوڀر جي ٻين معاملن کي پڻ ان ۾ شامل ڪيو وڃي. بيڊ لائين، چتائن ۽ ڌمڪين جي موجودگيءَ ۾ بيڪر- عزيز 'آخري هام' جنگي شاهراهه تي هڪ وڏيڪ چٽي پٽي نشاني ثابت ٿي.

ڊسمبر جي پهرين هفتي ۾، عرفات بغداد واري 'چار رڪني' گڏجاڻي ۾ وڏيڪ ڦونڊجي ويو. صدام جي صدارت ۾ ٿيندڙ ان گڏجاڻي جا ٻيا شريڪ شاهه حسين ۽ يمني نائب صدر سالم البد هئا. عراقي اڳواڻ ان موقعي کي ٦ ڊسمبر تي سمورا پرڏيهي يرغمالي آزاد ڪرڻ جي اعلان لاءِ استعمال ڪيو. عرفات يرغمالين جي آزاديءَ بابت ڪي ڀينگ ڀريون دعوائون ڪرڻ وارو هو، پر سچ اِهو هو ته بغداد انتظاميا اهو قدم اِهو سوچي کنيو هو ته ان سان پرڏيهي ملڪن جي ڪاوڙ کي رڳو ٻارڻ ئي ملي رهيو هو. عراق پاران ڪجهه مخصوص يرغمالي آزاد ڪري اولهائن جوڙيوالن ۾ ڏار وجهڻ واري ڪوشش جتاءُ ڪري نه سگهي.

جيئن ئي جنگ جا ڏينهن ڪتائڻ واري ڦٽپ تيز ٿي، عرفات پنهنجي بي ثمر امن ڪاوشن کي جاري رکندي، ڊسمبر جي ٽئين هفتي ۾ آفريڪا جو پڻ دورو ڪيو. نار گهوٽالو انتهائي شديد ٿيڻ واري صورتحال دوران هُن يوگنڊا جي صدر موسيويني، تنزانيا جي صدر موينيي ۽ زمباوي جي صدر رابرٽ موگابي سان گڏجاڻيون ڪيون. (۴۳) عرب دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ پنهنجي لاءِ بند ٿيل دروازن ۽ يورپ ۾ ڪا ساک نه هئڻ دوران آفريڪا جي دوري کيس هم پلي 'رياستي سربراهن' سان ياڪر پائيندي تصويرن ڇڪرائڻ جو موقعو فراهم ڪيو. هُن جيئن پوءِ تيئن گهيرجندڙ صدام حسين سان بـ جوڳو رابطو قائم رکيو، جيڪو بغداد مان باقي سڄي دنيا کي روز ڌمڪيون ڏيندو رهندو هو. ١ جنوري تي فتح پاران اسرائيل خلاف پهرين حملي جي چوويهين ساليانيءَ ڏڻ جي موقعي تي عرفات ڏانهن اُماڻيل هڪ سنيهي ۾ صدام اعلان ڪيو، "اسين حق تي آهيون. اچو ته ان جي حفاظت ڪريون. ڪافرن ۽ سندن ايجنٽن سان، جيڪي پل ڪير بـ هجن ۽ ڪٿي بـ هجن، جهاد ڪريون." (۴۴)

جيتوڻيڪ نئين سال جي شروعاتي ڏينهن ۾ عرفات جنگ ٽارڻ لاءِ پنهنجون ڪاوشون جاري رکندو آيو. پي- ايل-او قيادت ۾ فالرن جا ڪتڪا وڌي رهيا هئا. مثال طور: نبيل شعٿ سمجهيو ٿي ته عراق ۽ آمريڪا 'ٽڪراءُ واري راهه' تي هلي رهيا آهن ۽ جنگ هاڻ هر صورت ۾ اٽڪر بڻجي وئي آهي. (۴۵) پر عرفات 'سمورين شاهدين جي اُبتڙ' ان تي زور ڏيندو رهيو ته جنگ نـ لڳندي، گهڻ ۾ گهڻ اخباري

عيوضين کي تہ اهو ئي ٿي ھڏايائين. اهڙن اعلانن، جنوري جي شروعاتي ڏينهن ۾ عراقي گاديءَ واري شهر تي چانيل غيرحقيقي رجحانن ۾ ڪا ڦيرگهير نہ آندي. اهم الجزائري سفارتڪار ۽ پي- ايل- او جي دوست لخدار براهيميءَ جهڙن ڪيترن ئي بااثر عربن عرفات تي 'صدام جي رويي جو پرچار ڪرڻ' جو الزام ٿي هنيو. لخدار چيو: "صدام اهڙي دنيا ۾ رهي ٿو جتي سندس پنهنجي پروپئگنڊا ئي حقيقت جي سند آهي. مثان وري عرفات کيس اهڙيون ڦوڪون ٿي ڏنيون تہ جنگ نہ لڳندي." (۴٦)

عرفات ۽ سندس ساٿين جون اُميدون ٩ جنوريءَ تي جينيوا ۾ بيڪر- عزيز ملاقات سبب پڻ چوٽ چڙهيل هيون. سندن خيال هو تہ ان وسيلي سر تي آيل آفت ٽاري سگهجي ٿي. ان ۾ پي- ايل- او لاءِ پڻ نمبر ٺاهڻ جو موقعو هو جيڪڏهن اُها آخري وقت واري 'ڪاوش' ۾ ڪا مدد ڪري وجهي. تنهن ڪري عرفات پنهنجي 'پرڏيهي وزير' فاروق قدوميءَ کي طارق عزيز جي مدد لاءِ جينيوا اُماٿيو. پي- ايل- او اڳواڻ کي اجان تائين اُجهامندڙ اُميد هئي تہ فلسطين، ڪويت مسئلي جي حل ۾ ڪو 'ڳانڍاپو' پيدا ڪري سگهجي ٿو.

پر جينيوا ۾ فلسطينين کي هڪ ٻيرو ٻيهر مايوسيءَ جو منهن ڏسڻو پيو. اِهو ڏينهون ڏينهن وڌيڪ واضح ٿي رهيو هو تہ صدام، ڏچي کي هر صورت ۾ سمورين حدن جي هُن پار تائين وٺي وڃڻ لاءِ تيار هو. عرفات جي زور ڀرڻ تي قدوميءَ عزيز- بيڪر ڳالهين جي ناڪاميءَ (۴٧) کان پوءِ رٿيو ويو تہ عراقي پرڏيهي وزير ناممڪنات مان رستو ڪڍڻ لاءِ يورپي برادريءَ جي پنهنجن ٻارهن هم پلي وزيرن سان تيونس يا الجيرس ۾ گڏجاڻي ڪري. پي- ايل- او هيڊڪوارٽرس ۾ پيدا ٿيل اِها اُميد تہ: اهڙي ملاقات ڪرائي سگهجي ٿي، اوڏي مهل پنهنجي موت پاڻ مري وئي جڏهن عراقي پرڏيهي وزير يورپي برادريءَ جي پرڏيهي وزيرن سان ١٥ جنوريءَ کان اڳ ملڻ کان انڪار ڪندي ڊيڊ لائين جي پڄاڻي کان ٻہ ڏينهن پوءِ ١٧ جنوري تي ملڻ لاءِ چيو. انهيءَ ڪرت ۾ شامل عرفات جي هڪ صلاحڪار چيو: "اسان محسوس ٿي ڪيو تہ اِها وڏي شاهي آفت هوندي. ڊيڊ لائين جا ويچارا ڪڍڻ هرويرو تباهيءَ کي دعوت ڏيڻ جي برابر آهي. ان صورتحال تي ياسر عرفات تمام گهڻو هراسيل هو." (۴٨)

جيئن ئي گهڙيال جا ڪانٽا ١٥ جنوريءَ واري ڊيڊ لائين ڏانهن وڌڻ لڳا، عرفات تقريباً مستقل طور تي وچي بغداد ۾ رهيو، صدام سان لاڳيتو خيالن جي ڏي وٺ ڪندو رهيو ۽ پنهنجي انتهائي نگراني واري رهائشگاهہ ۾ صحافين سان ملندو رهيو ۽ نڪاراگوا جي اڳوڻي صدر ڊينئل اورٽيگو جهڙن اياڻن ماڻهن سان صلاح مشورا ڪري، هو آخري وقت واري پنهنجي امن ڪاوش جي ڪاميابيءَ جا سپنا ڏسڻ لڳو. هو گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل جيويئر پيريز ڊي ڪوئيار جي بغداد اچڻ

مهل بہ اُتي موجود هو، جنهن تيرهن جنوري آچر ڏينهن تي، گهٽي ياڱي پير سهائڻ کان پوءِ، پنهنجو پاڻ کي صدام سان بي مقصد ڳالهيون ڪندي ڏٺو، جنهن دوران ڪيس ان آخري وقت تي بہ پنهنجي ميزبانن کي ڪنهن پريشانيءَ ۾ ورتل نہ ڏٺو. حيرت انگيز طور تي پيريز ڊي ڪوئيار ڪا بہ نئين ڳالهہ نہ ڪئي ۽ صدام بہ ڪويت سان پنهنجن اختلافن جا بنياد ٻڌائيندو رهيو: " جڏهن جنگ جا امڪان موجود هجن، اوڏي مهل دستبرداريءَ جو لفظ استعمال ڪرڻ جو مطلب پنهنجي دشمن کي فتح لاءِ نفسياتي جواز پيدا ڪري ڏيڻ ناهي تہ ٻيو ڇاهي!" صدام پيريز ڊي ڪوئيار کي ٻڌايو. (۴۹) گڏيل قومن جي جهاز ۾ بغداد ڇڏيندي سيڪريٽري جنرل پنهنجي عملي کي ٻڌايو تہ صدام کي ٽياڪڙ جي نہ پر 'نفسياتي ماهر' جي ڳهرج آهي. (۵۰)

عرفات کي بہ ۱۴ جنوريءَ جي صبح تي صدام گذريل شام پيريز ڊي ڪوئيار سان پنهنجي ڳالهين کان واقف ڪيو. عراقي اڳواڻ دعويٰ ڪئي تہ هُن دستبرداريءَ متعلق اشارو ڏنو آهي، جيتوڻيڪ گڏيل قومن جي اهم ترين عملدار سان سندس ڳالهين جي تت ۾ ان متعلق ڪا بہ ڳالهہ نہ هئي. ساڳي ريت عرفات پنهنجي ويجهن ساٿين کي ٻڌائيندو رهيو تہ صدام جنگ کان اڳ ساڻس آخري ملاقات ۾ ڪيس ٻڌايو تہ "۱۷– ۱۸ جنوريءَ تائين انتظار ڪريو، بيڪر بغداد ايندو ۽ بُش هوڏ تان لهي ويندو ۽ جنگ نہ لڳندي." (۵۱) پر اِها عراقي اڳواڻ جي سوچيل سمجهيل چال هئي. ڪيس ان جي پڪ هئي تہ ۱۵ جنوريءَ واري ڊيڊ لائين کان پوءِ بہ آمريڪي صدر 'واڌو مرحلن' ڏانهن وڌندو تہ جيئن جنگ کي ٽاري ڳالهيون شروع ڪري سگهجن. هڪ سينيئر پي– ايل– او عملدار، انهن کان جيڪي آخري وقت جي ڳالهين ۾ شريڪ هئا، پڇيو تہ ڇا "صدام آمريڪين پاران ڳالهيون شروع ٿيڻ جي اُميد ۾ جاڻي ٻُجهي پيريز ڊي ڪوئيار ۽ يورپي امن مشن کي تباهہ ڪيو؟ هُن سمجهيو ٿي تہ اُهي ئي (آمريڪي) جنادار ڳالهين جا شريڪ ٿي سگهن ٿا." (۵۲) پيريز ڊي ڪوئيار مشن جي ناڪامي ۽ جلد جنگ ٿيڻ، پي– ايل– او ۽ اڻ ڳڻين امن ڪاوشن مان آخري کي نهوڙي وڌو. عرفات آخري وقت تي فرانسيسي صدر فرانڪوس متران پاران دستبرداريءَ لاءِ صدام جو راضپو حاصل ڪرڻ واسطي دوري مهل تمام گهڻيون اُميدون سانديون، ان مشن ۾ عرفات پنهنجي ڪردار جي بہ گنجائش ٿي پروڙي. سڄي دنيا آڏو امن قائم ڪرائيندڙ جي روپ ۾ ايندي، پي– ايل– او اڳواڻ وٽ اِهو متبادل هو تہ هو متران سان گڏجي اليسي محل جي ڏاڪڻين تي ظاهر ٿي اعلان ڪري تہ صدام پاران هو عرفات جي هڪ صلاحڪار جي لفظن ۾ 'امن لاءِ هڪ عظيم شروعات' تي پهچي ويا آهن... (۵۳)

عرفات جيڪو سڄو هفتو صحافين کي اِهو ٻڌائيندو رهيو تہ 'جنگ نہ لڳندي، نہ لڳندي، نہ لڳندي' (۵۴)، ۱۴ جنوريءَ تي صدام سان پنهنجي ملاقات کان

هڪدم پوءِ، جڏهن جنگي ڪڪر عراق تي مڪمل طور تي ڇانيل هئا، شاهه حسين سان ڳالهين واسطي روانو ٿيو. عرفات ڪيترائي ڀيرا بغداد واري پنهنجي رهائشگاهه تي اخباري عيوضين کي هلڪي ڦلڪي انداز ۾ اهو ٻڌايو هو ته ١٥ جنوريءَ جي رڳو اِها اهميت آهي ته اِهو ڏينهن مصر جي مرحوم صدر جمال عبدالناصر جو ٽيهترهون جنم ڏڻ آهي. جلدي پيش ايندڙ واقعن جي روشنيءَ ۾ ان مشاهدي جا وڪا پڌرا ٿيڻا هئا.

تيونس ۾ ١۴ جنوريءَ تي رات جا ٻارهن ٿيڻ ۾ ڪي گهڙيون باقي هيون ۽ صلاح خلف پي- ايل- او جي حلقن ۾ ابوالهول سڏجندڙ، تنظيم جي اندروني سڪيورٽي جي سربراهه پنهنجي دوست هيل عبدالحامد جي گهر ۾ هيٺين ماڙ واري مهمان خاني ۾ سادو کاڌو کائي بس ڪيو هو. ان موقعي تي خلف جو هڪ انتهائي اعتماد جوڳو نائب فخري العُماري پڻ موجود هو. فطري طور تي ڳالهين ١٥ جنوريءَ واري ڊيڊ لائين ختم ٿيڻ کان ڪجهه ڪلاڪ اڳ، امن ڪاوشن ۽ جنگ جي امڪانن بابت ئي ٿينديون رهيون. عبدالحامد جي گهر جي مٿئين ماڙ تي سندس زال ناديه ۽ ڌيءَ ننڊ پيل هيون. سمورو ماحول پرسڪون هو ۽ خلف پنهنجي ميزبان جي هڪ نوجوان پهريدار حمزه ابوزيد جي ڪلاشنڪوف کڻي ڪمري ۾ داخل ٿيڻ جو به معمولي نوٽيس ورتو. غيرحاضر دماغيءَ ۾ عبدالحامد پنهنجي پهريدار کي باقي بچيل کاڌو جائيتو ڪرڻ ۾ سندس مدد ڪرڻ لاءِ چيو، پر اُن مهل ئي ابوزيد هُن ٽنهي ڏانهن وڌيو ۽ پنهنجي آٽوميٽڪ بندوق جو برسٽ هلايائين. سندس بنيادي نشانو خود صلاح خلف هو، جيڪو ڇاتيءَ ۽ دماغ ۾ گوليون لڳڻ سبب اڪ- ڇنيي ۾ مري ويو. ان کان پوءِ قاتل العماري کي پورو ڪيو، تنهن کان پوءِ هُن پنهنجي بندوق عبدالحامد ڏانهن سڌي ڪئي، جيڪو ڪيس ان ڪوس کان روڪڻ لاءِ پتوڙي رهيو هو. عبدالحامد اسپتال ۾ پساهه ڏنا. (٥٥)

پي- ايل- او لاءِ ٥٧ سالن واري صلاح خلف جو ان وقت قتل، جڏهن تنظيم عرب دنيا جي اڪثريت سان پنهنجي انتهائي معمولي نوعيت واري دور مان گذري رهي هئي ۽ اُن شام تي قتل، جيڪا ڀيانڪ جنگ جي شروعاتي شام بڻجڻ واري هئي، انتهائي مايوس ڪُن واقعو هو. ذري گهٽ ٽي سال اڳ اسرائيلي قاتلن هٿان تيونس ۾ ئي پي- ايل- او جي فوجي ڪمانڊر خليل الوزير جي قتل وانگر خلف جو قتل ان ڳالهه جو ڇتاءُ هو ته تنظيم ڪهڙي ريت اندروني ۽ ٻاهرين خطرن جو شڪار آهي. پي- ايل- او ۽ خاص طور تي عرفات لاءِ سندس زيان ڀرجڻ جهڙو نه هو. هو ٻئي گذريل ٽيهن سالن کان گڏ هئا، پهرين قاهره ۾ شاگرد سياستڪار طور ۽ اڳتي هلي فتح جي باني ڪارن طور، ۽ ڪيترين ئي ڇڳين مٺين حالتن ۾ ساٿ نه ڇڏيندڙ ساٿين طور ۽ آخر ۾ پي- ايل- او جي اهم ترين اڳواٽن طور سندن اڻ ٽٽ ساٿ رهيو هو. صلاح جي سختي، سندس بي رحماڻي رويي سان گڏوگڏ، ڏاهپ ۽

مزاح واري حس ڪيس عملي طور تي تنظيم جو روح روان بڻائي ڇڏيو هو. ۽ سڀ ڪان وڌيڪ شايد اهو تہ پوين سالن ۾، ۽ خاص طور تي وزير جي مرتيي ڪان پوءِ، هو عرفات سان اڪيون اکين ۾ ملائي ڳالهائي پئي سگهيو. هو آڳرين تي ڳڻڻ جيترن انهن پي- ايل- او عملدارن مان هڪ هو، جن پنهنجي اڳواڻ جي ڏاڍ مڙسين تي احتجاج ڪرڻ جي همت ساري ٿي. هاڻ، هو ڏورانهين پار وڃي چڪو هو. ۽ سندس مرتيي سان عرفات انهن مان اڪيلو رهجي ويو هو، جيڪي پي- ايل- او جي تاريخي قيادت سڏبا هئا.

١٥ جنوريءَ تي گڏيل قومن جي بيڊ لائين واري ڏينهن عرفات جڏهن بغداد ۾ بستري مان نڪتو تہ ڪيس اها ئي ڏکاري خبر ٻڌائي وئي، هُن تيونس موٽڻ ۾ دير ئي نہ لڳائي. ماضيءَ وانگر عرفات پنهنجو پاڻ کي هڪ پيرو هيهر مارجي ويل ساٿيءَ جي پوئيرن سان عذرخواهي ڪرڻ واري سفر لاءِ اُسهندي ڏٺو. جيئن ئي سندس عراقي جهاز تيونس لاءِ صدام ايئرپورٽ بغداد کان اڏاڻو، اهي سوال گردش ڪري رهيا هئا تہ صلاح خلف کي قتل ڪرڻ جو حُڪم ڪنهن ڏنو؟ جلد ئي اندازو لڳايو ويو تہ قاتل حمزه ابوزيد ابوندال جي دهشتگرد گروپ فتح انقلابي ڪائونسل جو ميمبر آهي، جنهن گذريل ڪجهہ سالن ۾ پي- ايل- او جو تمام گهڻو رت وهايو هو. رڳو اِها ڳالهہ تڪڙي معلوم ٿي نہ سگهي تہ هن پيري باغي گروپ ڪنهن جي چرچ تي اِهو ڪوس ڪيو هو. پر اهم پي- ايل- او عملدارن جي ذهنن ۾ هڪ چيندڙ خيال واسو ڪري ويو هو، تہ ڇا ابوندال ڪيترن ئي سالن کان پوءِ هيهر بغداد ۾ پناهہ لاءِ نہ موٽي آيو هو؟ ڇا اِهو ممڪن نہ هو تہ خود صدام حسين ان قتل جو حڪم ڏنو هجي، تہ جيئن پي- ايل- او کي ڇتاءُ ڏيندي آمريڪين سان سندس پوائنٽي ٽڪراءُ دوران ڪين پاڻ گڏ سان رهڻ تي آماده ڪري سگهجي؟

اِها ڪا لڪيل ڇپيل حقيقت نہ هئي تہ صلاح خلف بغداد ڏانهن گهڻ اُتساهہ رکندڙ اڳواڻن مان هڪ هو، نہ رڳو ايترو پر هُن ڪيترين ئي گڏجاڻين ۾ صدام تي ڪويت خالي ڪرڻ لاءِ سخت لهجي ۾ زور پڻ پريو هو. اهڙي ئي هڪ موقعي تي صدام عرفات سان ملاقات مهل خلف جي موجودگيءَ ۾ اِهو ڇئي انڪار ڪيو تہ هو (خلف) اٿونندڙ گواهہ آهي. عرفات جي زور پرڻ تہ "ملاقات دوران سندس نائب موجود هوندو" کان پوءِ صدام تہ راضي ٿيو پر خلف ان کان نابري واري ۽ يڪدم بغداد کان هليو ويو. نالا ظاهر ٿيڻ تي راضي نہ ٿيندي عرفات جا ڪجهہ سينيئر صلاحڪار ان ۾ صدام جي ملوث هئڻ بابت انتهائي شڪ رکن ٿا. "ان ڳالهہ تي ويساهہ ڪرڻ لاءِ سگهارا سبب موجود آهن تہ صدام حسين ئي ابواياد جي قتل پويان محرڪ هو. هو (خلف) ان وقت بہ تمام گهڻو واضح موقف رکندڙ هو، جڏهن صدام ڪنهن کي بہ پنهنجي نقطہءِ نظر جي مخالفت ڪرڻ جي اجازت نہ ٿي ڏني." اهڙو ئي هڪ صلاحڪار چوي ٿو. (٥٦)

حقيقت اِها آهي تہ ڪويت جي عراقي والار تي عرفات جي ٻنهين معنائون رکندڙ اعلانن جي اُبتڙ خلف ڪلئي عام تنقيد پيو ڪندو هو. ١٧ آگسٽ تي هُن لنبن مان نڪرندڙ 'مڊايسٽ مرر' کي ٻڌايو: "اسان جو نقطہء نظر شروع کان اِهو رهيو آهي تہ اصولي موقف کي ڪڏهن بہ پٺتي نہ رکيو وڃي، موقف هي آهي تہ ڪنهن کي بہ پرڏيهي عرب رياست جي اندروني معاملن ۾ مداخلت ڪرڻ جِي يا طاقت وسيلي ٻين جي ڌرتي والارڻ، ڪنهن بہ صورت ۾ قبولڻ جوڳو عمل ناهي." (٥٧) خلف صدام جي 'ڳانڍاپي' واري رٽ تي بہ ڪو پرجوش نہ هو، جنهن متعلق عرفات دعويٰ ٿي ڪئي تہ اِها هُن ئي عراقي اڳواڻ جي مغز ۾ وڌي هئي. هڪ فرانسيسي صحافيءَ کي ڏنل انٽرويو ۾، جيڪو سندس موت کان پوءِ ڇپيو، خلف چٽن لفظن ۾ اُهي ڳالهيون ڪيون هيون، جيڪي عراقين کي ڪنهن بہ صورت ۾ نہ وڻيون هونديون: "هڪ فلسطينيءَ جي حيثيت ۾ منهنجي لاءِ اِهو انتهائي ڏکيو آهي تہ آءٌ علائقي جي مسئلن بابت صدام جي ڳانڍاپي واري ڳالهہ کي رد ڪريان، پر ساڳي وقت آءٌ اهو بہ نٿو چاهيان تہ منهنجو ڪاز عرب علائقي جي تباهي سان ڳنڍيل هجي." (٥٨)

جيئن ئي ١٥ جنوريءَ جي منجهند جو عرفات تيونس مان عذرخواهيءَ لاءِ نڪتو تہ اِهو واضح هو تہ سندس تنظيم تي نازل ٿيندڙ هاٺوڪي آفت جا انتهائي سنجيده نتيجا نڪرتا هئا. تيونس جي پسگردائي ۾ القدس (يروشلم) پرائمري اسڪول ۾ فوتيءَ جي گهر ياتين ۽ دوستن جي هڪ گڏجاڻي ۾ شرڪت ڪندي، هُن پنهنجو پاڻ کي پي- ايل- او جي هڪ ساٿيءَ جي ٻڪن ۾ اڇلايو ۽ زور زور سان سڏڪا پرڻ لڳو. (٥٩). ساڳي رات پي- ايل- او جي سرواڻ گروپ جي گڏجاڻي ۾ خلف ۽ ٻين جي ياد ۾ ٿيل تقريرن دوران ڪا اهڙي اک نہ هئي جيڪا خشڪ هجي. بزرگ خالدالحسن اِها ڳالهہ ڪري اوچنگارن ۾ پئجي ويو تہ سندس ڪٽنب جي خواهش موجب، خلف جو مڙهہ فلسطين ۾ دفن ڪرڻ لاءِ اردن نيو وڃي. عرفات اُتي ڪفن دفن واسطي پنهنجي سر بہ اردني عملدارن سان رابطي ۾ رهيو. لخدار براهيمي جنگ کان هڪ ڏينهن اڳ ١٦ جنوريءَ تي پي- ايل- او اڳواڻ سان پنهنجي ڳالهہ ٻولهہ جو ذڪر ٿو ڪري، جنهن ۾ هُن کانئس پڇيو هو تہ هو اهڙي خطرناڪ موقعي تي اردن ڇو ٿو وڃڻ چاهي؟ عرفات جواب ڏنو هو: "ڇاڪاڻ جو اسان جا گهٽي ياڳي هم- قوم اردن ۽ والاريل علائقن ۾ آهن." براهيمي کيس ياد ڏياريو تہ جنگ شروع ٿيڻ واري آهي. عرفات جواب ڏنو: "ڏهن لکن سالن ۾ بہ نہ لڳندي." (٦٠) آخر ۾ فيصلو ڪيو ويو تہ سڪيورٽيءَ جي سببن ڪري کيس تيونس ۾ ئي دفن ڪجي. خلف کي ١٧ جنوريءَ تي، عراق تي آمريڪي ۽ جوڙيوالن جي بمباري شروع ٿيڻ کان ڪجهہ ڪلاڪ پوءِ، تيونس جي پسگردائيءَ ۾ 'حمان- لف' قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. ان ۾ پنج سؤ ماڻهو شريڪ ٿيا ۽

عرفات پنهنجي ساٿيءَ جي مان ۾ ڪيتري دير خاموش ويٺو رهيو. براهيمي ان منظر جو نقشو هيئن ٺو چٽي: ”اهو انتهائي ڏکوئيندڙ ۽ ذهن کي منجهائيندڙ لمحو هو جنهن ۾ هڪ اهڙي اهم شخص جو ڪردار ختم ٿي ويو هو. اُتي تيونسي سڪيورٽي فورس جو هڪ وڏو انگ موجود هو، جاڪاڻ جو اختياري وارن کي فلسطيني مظاهرن جو ڊپ ... سوچيو. ابواياد ان کان ڪجهه وڌيڪ جو حقدار هو.“ (٦١)

بغداد ۾ آڌي رات لڙي چڪي هئي ۽ جرڪندڙ گهيري ويران هيون. ١٧جنوري جي رات جو ٻه لڳي پنجٽيهه منٽ (گرين واچ وقت موجب ١٦ جنوري رات جا ١٠ لڳي پنجٽيهه منٽ) ٿيا هئا. ڪويت کان عراقي دستبرداريءَ لاءِ طيءِ ڪيل ڊيڊ لائين کي ختم ٿيندي اڄان اوڻويهه ڪلاڪ به نه ٿيا هئا. سڄو ڏينهن ماحول چڪتاڻ پريو رهيو هو، پر عراقي گاڏيءَ واري شهر ۾ ڪنهن به قسم جي ٿرٿلي جو اهڃاڻ نظر نٿي آيو. الراشد هوٽل ۾ پرڏيهي صحافي تيار ويٺا هئا. وائيٽ هائوس، آمريڪي سڏسماءُ وارن ذريعن ڏانهن بدحواسيءَ مان چتاءُ اُماٽي رهيو هو ته عراق خلاف حملو اٿڻ آهي. جڏهن فضائي آفت ڪڙڪي ته اِها تين، ظالم ۽ تباهي مچائيندڙ هئي. ڪجهه ڪلاڪن اندر عراقي هوائي فوج اپاهج ٿي وئي، ان جو فضائي سنيال لاءِ ڏنل سوويت اليڪٽرانڪ سسٽم تباهه ٿي ويو ۽ ان جا فوجي ادارا لاڳيتو بمباريءَ جو نشانو بڻجي رهيا هئا. نار ۾ موجود ساموندي جهازن مان ڪروز ميزائلن سميت جديد ٽيڪنالاجي استعمال ڪندي، جوڙيوالن عراق جي جنگي مشينريءَ کي تباهه ڪرڻ واري پنهنجي بنيادي رٿابنديءَ تي عمل ڪرڻ شروع ڪيو. وائيٽ هائوس مان ’فوجي جنگ‘ شروع ٿيڻ جو اعلان ڪرڻ واري تقرير ۾ صدر بُش ڄاڻايو ته جوڙيوال ’صدام جي فوجي طاقت کي چٽي‘ رهيا آهن. (٦٢)

ڏور تيونس ۾ ڏکڻ جي سٽايل عرفات، جنگ شروع ٿيڻ جي خبر خلف جي جنازي جي تيارين دوران ٻڌي. گذريل چوويهن ڪلاڪن ۾ هو آخرڪار ان نتيجي تي پهتو هو ته جنگ اٽل هئي، ۽ آخري وقت واري ڪامياب امن ڪاوش جا امڪان ختم ٿي ويا هئا، جنهن ۾ پي- ايل- او جوڳو ڪردار ادا ڪري پئي سگهي خلف جي موت کيس ڏونڌاڙي وڌو هو ۽ سندس ڪيترائي فريب وٽڙي پيا هئا، جيتوڻيڪ ايندڙ ڏينهن ۽ هفتن ۾ هُن اِهو ڪاٿو ٿي لڳايو ته عراق وٽ جوڙيوالن جي جارحاڻي حملي جي موٽ ڏيڻ لاءِ ڀرپور سگهه آهي. جنگ شروع ٿيڻ تي ان امڪان جي خطري سبب ته، علائقي ۾ انتهائي تاءُ ۽ غيراستحڪام وارو دور شروع ٿيڻ وارو آهي، هُن قيادت جي ٻين ساٿين کي ترت پکڙ ٿيڻ جو مشورو ڏنو. سندس هڪ ويجهي ساٿيءَ موجب کيس ڊپ هو ته ”اسرائيلي، جنگ کي استعمال ڪندي قتلام جو هڪ نئون سلسلو شروع ڪري ڏيندا.“ (٦٣)

عرفات جا ڊپ بي بنياد ثابت ٿيا پر ٽڪراءُ جي شروعاتي مرحلي ۾ اسرائيل اوڏي مهل مچرجي پيو هو، جڏهن صدام حسين تل ابيب تي ميزائل وسائڻ واري

ڌمڪيءَ جو عملي ثبوت ڏنو. پر انهن ميزائلن گهٽي ياڳي معمولي نقصان ڪيو ۽ انهن ۾ تمام ٿورڙيون جانيون ضايع ٿيون. وڏيڪ نقصان اُن احتياط پريل ڪرت کي پهتو. جيڪا گذريل ڪيترن سالن کان خود عرفات پي- ايل- او ۽ لبرل اسرائيلين وچ ۾ اعتماد پيدا ڪرڻ لاءِ قائم ڪئي هئي. تنظيم جي عراق لاءِ حمايت ۽ اسڪڊ ميزائلن جي حملن جي اَجيان طور، والاريل علائقن ۾ پنهنجي گهرن جي ڇتين تان عراقي جهندا 'جهولائيندڙ فلسطينين' جو مشاهدو ڪندي 'اسرائيل جي امن چاهيندڙن' وري ڪڏهن بہ پي- ايل- او تي اعتماد نہ ڪيو. فلسطيني ڏر ان بابت وري اهو موقف ٿي رکيو تہ اسرائيلي اختياريءَ وارن حفاظتي اُپائن جي ڏس ۾ والاريل علائقن سان بہ اکيائي وارو رويو رکيو. "هنن اسان کي هيو تہ ڇا پر گئس ماسڪ بہ نہ ڏنا." فلسطيني تعليمي ماهر صايب راڪتہ ڪاوڙ مان تبصرو ٿو ڪري. "اسين هنن مان سچي ساري رياست جي اميد ڪيئن ٿا رکي سگهون؟"(٦٤)

جيئن ئي جوڙيوالن جي، عراق جا فوجي ٺڪاڻا تباهہ ڪرڻ لاءِ فضائي جنگ ڏينهون ڏينهن تيز ٿيندي وئي، عرفات مرڪزي ڌاري کان ڪٽيل پڪار بڻجي ويو. هر اولهائن اڳواڻن تي زور پرڻ شروع ڪيو. تہ 'جنگ بند ڪرائڻ لاءِ اُپاءُ وٺن، جنهن جا سچي علائقي ۾ ڦهلجڻ جا امڪان هئا'(٦٥) تہ ساڳي وقت عراق پاران حملي کي مُنهن ڏئي سگهڻ واري صلاحيت جي خام خياليءَ وارين اڳڪٿين جي ڏُم لائي ڏنائين. هوائي جنگ جي شروع ٿيڻ کان بہ هفتا پوءِ ريڊيو مونٽي ڪارلو کي ڏنل هڪ انٽرويو ۾ هُن عراق کي هڪ اهڙي جبل سان ڀيٽ ڏني، جنهن کي 'هوائن سان پٽي نہ ٿو سگهجي' ۽ اعلان ڪيائين: "جيڪڏهن اسين بيروت ۾ ٽي مهينا (اسرائيلين خلاف) منهن ڏئي سگهون ٿا تہ عراق، ان جو عوام ۽ فوجون ٽي سال مزاحمت ڪري سگهن ٿا." (٦٦) هُن ڪلئي عام ڇتاءُ ڏيڻ شروع ڪيا. جيئن جنگ شروع ٿيڻ کان اڳ خانگي طور تي ڏنائين ٿي تہ اسرائيل جي امڪاني طور تي اردن ذريعي اولهائين عراق تي حملي ڪري، جنگ ۾ شامل ٿيڻ جا خطرا موجود آهن.

جنوريءَ جي پڇاڙي ۽ فيبروريءَ جي انهن شروعاتي ڏينهن ۾ عرفات، بغداد پاران اهو پچڻ تہ 'فلسطينين پاران اِهو چوڻ کان پوءِ تہ هو بہ عراقين سان گڏ ساڳي خندق ۾ هوندا' وارا لفظ عمل جي ميدان ۾ چو نٽا ثابت ڪن، واري دباءُ کي مُنهن ڏيڻ ۾ انتهائي ڏکيائي محسوس ڪري رهيو هو. عرفات جي هڪ ويجهي مددگار چيو: "صدام سان انهن ڏينهن ۾ ڇڪتاڻ وڌڻ لڳي، ڇاڪاڻ جو پي- ايل- او اڳواڻ دهشتگرديءَ جي اجازت نہ پئي ڏئي سگهيو ۽ جنگ دوران فلسطين جي آزاديءَ واري فوج (PLA) جي دستن کي عراق جي حمايت ۾ ميدان ۾ آڻڻ کان بہ انڪار ڪيائين. (٦٧) جنوريءَ جي آخر ۾ ٿيل هڪ واقعي ان دعويٰ لاءِ ساک ٿي

ڏني ته عرفات، بغداد واري دباءُ جي مزاحمت ڪرڻ جو حمايتي هو، ۽ جيڪڏهن پي- ايل- او جنگ ۾ فوجي لحاظ کان حصو ورتو ها ته ان جي نقشي ۾ معمولي تبديلي ضرور هجي ها. اسرائيل جي اترئين سيڪيورٽي زون تي لبنان واري پي- ايل- او جي ٺڪاڻي تان ڪتيوشا ميزائل حملي کان پوءِ ڏينهن پوءِ، ۽ اسرائيل جي ان الزام جي جواب ۾ ته تنظيم عراقي چرچ تي نئون محاذ کولي رهي آهي، تيونس ۾ پي- ايل- او هيڊڪوارٽرس ترديد ڪئي ته عرفات اهڙي ڪنهن قدم جي اجازت نه ڏني آهي ۽ چيائين ته لبنان ۾ پي- ايل- او فوج جي ڪمان آفيسر ڪرنل زيد واهبيءَ کي تنبيهه ڪئي وئي آهي. (٦٨)

جڏهن ١٣ فيبروريءَ تي عراقي دعويٰ موجب سندس سويلين بچاءُ- مرڪز تي آمريڪي بمباريءَ جي موقعي تي عرفات بغداد موٽيو، جنگ دوران عراقي گاديءَ واري شهر جو سندس اهو پهريون ۽ آخري دورو هو، ته مڪمل تباهي آڻيندڙ جنگ کي روڪرائڻ لاءِ نئين سر سوويت ڪاوشون ٿي رهيون هيون، جن دوران خاص ايلچي يوگيني پريماڪوف ١٢ فيبروريءَ تي صدام سان ملاقات ڪئي. ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اخبار پراودا جي وچ اوير لاءِ اڳوٽي خاطو، نامياري پريماڪوف، عراقي اڳواڻ کان سوويت امن ڪاوشن سان سهڪار ڪرڻ متعلق خاطري حاصل ڪري ورتي. (٦٩) ٿي ڏينهن پوءِ پرڏيهي وزير طارق عزيز جي ماسڪو واري دوري جي موقعي تي صدام سلامتي ڪائونسل جي ٺهراءُ نمبر ٦٦٠ موجب ڪويت خالي ڪرڻ تي راضپو ڏيکاريو، پر انهيءَ نيڪالي کي وچ اوير جي ٻين مسئلن سان ڳنڍيو، جن ۾ فلسطيني سوال پڻ شامل هو. صدر بُش اِن آڇ کي 'ظالم مذاق' سڏيندي هڪدم رد ڪري ڇڏيو ۽ عراق کي 'گوڏن ڀر جهڪائڻ' واريون اتحادي سرگرميون جاري رهيون. اِهو آخري پيرو هو جو عراقين ڪويت مان هٽ ڪيڻ کي 'ڳانڍاپي' واري معاملي سان جوڙيو. شڪست کاڌل عرفات چيو ته عراقي آڇ 'ڪنهن مثبت موٽ' جي حقدار هئي. (٧٠)

جيتوڻيڪ سوويت پنهنجي امن ڪوشش تي زور ڀريندا رهيا پر اتحادين جي لاڳيتو ٿيندڙ بمباريءَ جي ٺڪاڻن ۾ ماسڪو جون ڪوششون لازمي طور تي دُڦ ٿيئون ئي هيون. ان دوران پرڏيهي وزير طارق عزيز ٢٣ فيبروريءَ تي اعلان ڪيو ته عراق سلامتي ڪائونسل جي ٺهراءُ نمبر ٦٦٠ کي مان ڏيندي ڪويت مان پنهنجين فوجن کي هڪدم بنا شرط جي ڪيڻ جو فيصلو ڪيو آهي، ان فيصلي تي پهچندي تمام گهڻي دير ٿي چڪي هئي. اُن ڏينهن اتحادين جي بيد لائين ختم ٿي ۽ بُش، پنهنجي اهم نار جنگ- اتحادين سان مشوري کان پوءِ، گهڻي عرصي کان امڪاني زميني جنگ شروع ڪرڻ جو حڪم ڏنو، جنهن چوويهن ڪلاڪن اندر عراق جي ڪويت وارين سرحدن ۾، ۽ ان جي چوڌاري وڏي هامر واري دفاعي لائين کي مڪمل طور تي تباهه ڪري ڇڏيو. ٢٦ فيبروريءَ تائين صدام لاءِ گنج ٿي ويو ۽

اعلان ڪيائين تہ عراقي فوجون دستبردار ٿيڻ شروع ٿي ويون آهن ۽ رياست (ڪويت) ڪڍهن بہ عراق جو حصو نہ هئي. (٧١) پر اِها نئين عراقي آچ اتحادين لاءِ جوڳي نہ هئي ۽ هُنن، ان ڪان اڳ جو دنيا انهيءَ قتلام تي دانهي، وڏيڪ ٻن ڏينهن تائين پنهنجي ڪارروائي جاري رکي. ان عرصي دوران ڪويت ڪان بصري ڏانهن ياڄ ڪائيندڙ هزارين بيگناهہ عراقين کي اترئين رستي تي روشني ۾ ماريو ويو. ان منظر کي هڪ آمريڪي پائليٽ معنيٰ خيز انداز ۾ 'ڪڪڙين جو شڪار' سڏيو.

٢٨ فيبروريءَ تي ڪارروايون روڪڻ جو اعلان ڪندي فتحياب صدر بُش چيو تہ هو بيڪر کي وچ اوير اُماڻي رهيو آهي تہ جيئن روايتي جٽادار امن بحال ڪرڻ جي شروعات ڪجي. "هاڻ جنگ اسان لاءِ ماضيءَ جو قصو بڻجي وئي آهي." بش اعلان ڪيو، "اسان جي آڏو هڪ سگهاري تاريخي امن حاصل ڪرڻ جي ذميواري آهي." (٢) عرفات جي پيٽ ۾ شايد اهي لفظ ٻڌي ڪو ساهہ پيو هجي، جيڪو حملي جي ڪجهہ ئي ڪلاڪن اندر پنهنجي اڳڪٽين جي اُبتڙ عراقي فوج جي تباهيءَ تي دنگ رهجي ويو هو، پر هن پڪ سان اهو بہ ڄاتو ٿي تہ خود هن لاءِ ۽ پي- ايل- او لاءِ هاڻ اڳيان وڏيڪ اوکي راهہ هئي: ان ۾ رڳو نار ۽ مصر جي اڳواڻن سان ناتن جي بحاليءَ وارو معاملو نہ هو. هُن، عملي طور تي نہ سهي، پر لفظي طور تي هڪ وڏي غلطي ڪئي هئي. ان جو مُلهہ تہ چڪائڻو ئي هو، پر سندس ويجهي صلاحڪار نبيل شعثٰ موجب: "ياسر عرفات جا احساس مڪمل طور ندامت پريا نہ هئا. اِها ذري گهٽ يوناني سانحي واري صورتحال هئي. هُن عذابن واري صورتحال ٽارڻ لاءِ پنهنجي سر هر ممڪن ڪوشش ڪئي. سندس ناڪاميءَ جو اهم سبب سندس پويان واري وڏي شاهي قوت جي موجودگي هئي. هو يقيناً ان الزام جو ڪجهہ حصو صدام حسين تي ڌري سگهي ٿو. هن اِهو بہ محسوس ڪيو تہ آمريڪين جي ان بابت ثابت قدمي پڻ هئي تہ هو پنهنجي مرضيءَ آهر سڀ ڪجهہ ڪري پئي سگهيا ۽ ڪين روڪڻ وارو ڪو بہ نہ هو.

حوالا

باب ارڙهون

١- عوني بطاش انٽرويو، عمان، مارچ ١٩٩١ع.
٢- خلاف جي اعتماد جوڳي ڪان انٽرويو، عمان، مارچ ١٩٩١ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
٣- باسل عقيل انٽرويو، لنڊن، اپريل ١٩٩١ع.
٤- Mideast Mirror، لنڊن، ٦آگسٽ ١٩٩٠ع.
٥- Middle East Reporter، ١٤آگسٽ ١٩٩٠ع.
٦- ساڳيو.
٧- ساڳيو.
٨- پي- ايل- او عملدار سان انٽرويو، عمان، مارچ ١٩٩١ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
٩- ايسوسيئيٽيڊ پريس، ٧ آگسٽ ١٩٩٠ع.
١٠- Mideast Mirror، ٦ آگسٽ ١٩٩٠ع.
١١- ايسوسيئيٽيڊ پريس، ٧آگسٽ ١٩٩٠ع.
١٢- بي- بي- سي جي عالمي نشريات ١٠ آگسٽ ١٩٩٠ع.
١٣- بي- بي- سي جي عالمي نشريات ١٠ آگسٽ ١٩٩٠ع.
١٤- 'اخبار اليوم' قاهره، ٩ مارچ ١٩٩١ع.
١٥- پي- ايل- او عملدار سان انٽرويو، قاهره، اپريل ١٩٩٠ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
١٦- Middle East Reporter، ١١ آگسٽ ١٩٩٠ع.
١٧- عرفات جي صلاحڪار سان انٽرويو، قاهره، اپريل ١٩٩١ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
١٨- عرفات جي نائب سان انٽرويو، عمان، مارچ ١٩٩١ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
١٩- Middle East Reporter ١١آگسٽ ١٩٩٠ع.
٢٠- فنانشل ٽائيمز، ٢١ آگسٽ ١٩٩٠ع.
٢١- نبيل شعٿ انٽرويو، قاهره، اپريل ١٩٩١ع.
٢٢- فنانشل ٽائيمز، ٢١ آگسٽ ١٩٩٠ع.
٢٣- Middle East Reporter، ١٨ آگسٽ ١٩٩٠ع.

٢۴- ساڳيو.
٢٥- باسل عقيل انٽرويو، لنڊن، اپريل ١٩٩١ع.
٢٦- نبيل شطّ انٽرويو، قاهره، اپريل ١٩٩١ع.
٢٧- عرفات جي ساٿي سان انٽرويو، عمان، مارچ ١٩٩١ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
٢٨- پي- ايل- او عملدار سان انٽرويو، نالو روڪيل، عمان، مارچ ١٩٩١ع.
٢٩- ساڳيو.
٣٠- Mideast Mirror، ٢١سيپٽمبر ١٩٩٠ع.
٣١- رائٽرس، ١٣ سيپٽمبر ١٩٩٠ع.
٣٢- Mideast Mirror، ٢١ سيپٽمبر ١٩٩٠ع.
٣٣- Middle East Reporter، ٦آڪٽوبر ١٩٩٠ع.
٣۴- Mideast Mirror، ١١سيپٽمبر ١٩٩٠ع.
٣٥- بي- بي- سي عالمي نشريات، ١٨ آڪٽوبر ١٩٩٠ع.
٣٦- نبيل شطّ انٽرويو، قاهره، اپريل ١٩٩١ع.
٣٧- ساڳيو.
٣٨- فنانشل ٽائيمز، ٢٠ آڪٽوبر ١٩٩٠ع.
٣٩- ايسوسيئيٽيڊ پريس، ١١آڪٽوبر ١٩٩٠ع.
۴٠- رائٽرس، ٩ آڪٽوبر ١٩٩٠ع.
۴١- Middle East Reporter، ١٧ آڪٽوبر ١٩٩٠ع.
۴٢- رائٽرس، ١٣ آڪٽوبر ١٩٩٠ع.
۴٣- ايسوسيئيٽيڊ پريس، ١٩دسمبر ١٩٩٠ع.
۴۴- ايسوسيئيٽيڊ پريس، ١جنوري ١٩٩١ع.
۴٥- نبيل شطّ انٽرويو، قاهره، اپريل ١٩٩١ع.
۴٦- لخدار براهيمي انٽرويو، لنڊن، فيبروري ١٩٩١ع.
۴٧- Middle East Reporter، ١٢ جنوري ١٩٩١ع.
۴٨- عرفات جي صلاحڪار سان انٽرويو، لنڊن، اپريل ١٩٩١ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
۴٩- ٽرانسڪرپٽ لاءِ ڏسو Independent، ١۴ جنوري ١٩٩١ع.
٥٠- اولهائين عملدار سان انٽرويو، عمان، جنوري ١٩٩١ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
٥١- عرفات جي نائب ڪان انٽرويو، عمان، مارچ ١٩٩١ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
٥٢- پي- ايل- او عملدار سان انٽرويو، قاهره، اپريل ١٩٩١ع، نالو درخواست تي

ڳجهو رکيل.
٥٣- عرفات جي صلاحڪار سان انٽرويو، لنڊن، اپريل ١٩٩١ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
٥٤- رائٽرس، ١٣ جنوري ١٩٩١ع.
٥٥- پي- ايل- او عملدار سان انٽرويو، عمان، مارچ ١٩٩١ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل، ڳڏوگڏ ڏسو Vanity Fair، اپريل ١٩٩١ع.
٥٦- عرفات جي صلاحڪار سان انٽرويو، لنڊن، اپريل ١٩٩١ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
٥٧- Mideast Mirror، ١٧آگسٽ ١٩٩٠ع.
٥٨- The Middle East، رسالو، فيبروري ١٩٩١ع.
٥٩- ايسوسيئيٽيڊ پريس،
١٥ جنوري ١٩٩١ع.
٦٠- لخدار براهيمي انٽرويو، لنڊن، فيبروري ١٩٩١ع.
٦١- ساڳيو.
٦٢- Middle East International
٢٥ جنوري ١٩٩١ع.
٦٣- پي- ايل- او عملدار سان انٽرويو، عمان، مارچ ١٩٩١ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
٦٤- فنانشل ٽائيمز، ٢٦ جنوري ١٩٩١ع.
٦٥- وفا رپورٽ، الجزائر، ٢٤ جنوري ١٩٩١ع.
٦٦- بي- بي- سي عالمي نشريات، ١ فيبروري ١٩٩١ع.
٦٧- عرفات جي نائب سان انٽرويو، قاهره، اپريل ١٩٩١ع، نالو درخواست تي ڳجهو رکيل.
٦٨- International Herald Tribune
٣١ جنوري ١٩٩١ع.
٦٩- 'TIME' رسالو، ٤ مارچ ۽ ١١ مارچ ١٩٩١ع.
٧٠- ايسوسيئيٽيڊ پريس، ١٦فيبروري ١٩٩١ع.
٧١- Middle East Reporter، ٢مارچ ١٩٩١ع.
٧٢- ساڳيو.
٧٣- نبيل شعٿ انٽرويو، قاهره، اپريل ١٩٩١ع.

پڇاڙي

عظيم فريبي

"اسين پنهنجي جدوجهد جي لاڀ کي ويجهو اچي رسيا آهيون."
فلسطيني رياست جي صدر ۽ فلسطين جي آزاديءَ لاءِ تنظيم (PLO) جي چيئرمين ياسرعرفات جو اڪثر موقعن تي چيل جملو.

١٩٩١ع جي بهار ۾، وچ اوڀر تي ڇانيل تباهہ ڪُن جنگ جو جائزو وٺڻ دوران ياسر عرفات محسوس ڪيو تہ تاريخ ۽ وقت سندس ذهن ۾ تمام گهڻو واسو ڪري چڪا آهن. رڳو عراق ئي اتحادين جي زوردار ڪارروائين جي نتيجي ۾ تباهيءَ جي ڪناري تائين نہ اچي پهتو آهي، پر گذريل ٻن ڏهاڪن جي سندس هٿان ڪان پوءِ ٺاهيل وکر جي بہ تباهي ٿي وئي هئي، عرب رياستن کان حمايت حاصل ڪرڻ واسطي خبرداريءَ سان ٺاهيل پي- ايل- او جو تاڃي پيٽو، اولهہ ۽ ڪنهن حد تائين اسرائيلي راءِ عامہ ۾ احتياط ڀري ساک، اسرائيل جي موجودگيءَ ۾ ئي هڪ فلسطيني ماتريومي حاصل ڪرڻ لاءِ انتهائي جاکوڙ ڀريل ڪاوشون ۽ عرب ڏوڪڙن جي آمد، جنهن گذريل ڪيترن سالن کان تنظيم جي سرگرمين ۽ سندس ذاتي اختياريءَ کي قائم پئي رکيو، لڙهي چڪا هئا. نار چڪتاڻ وارن ڏينهن ۾ صدام حسين سان اتحاد سبب، اولهائن ۽ عرب دنيا جي ڪجهہ حلقن ۽ ايستائين جو اسرائيلي والاريل علائقن جي فلسطينين ۾ عرفات جي قيادت متعلق سوال پيدا ٿي رهيا هئا.

هو ڄمار جي ان مرحلي تي اچي رسيو هو جتي اڪثر ماڻهو رٽائرمينٽ ماڻيندا آهن. پر عرفات آڏو مٿس ان تنظيم جي ٻيهر تنظيم سازيءَ جي ذميواري آهي، جنهن لاءِ هُن پنهنجي سموري حياتي ارپي ڇڏي هئي. اِهو ئي پيش منظر هو جنهن کيس مستقبل بابت اُتساهيندڙ دعوائون ڪرڻ ۽ نئين سر بي صبريءَ سان جاکوڙ ڪرڻ ڏانهن ڏڪيو. جيستائين سندس ويجهن ساٿين کي ياد ٿو پوي تہ عرفات کي انهيءَ وڏي ٻپ اچي ورايو هو تہ فلسطين لاءِ سندس اڻٿڪ جدوجهد هاڻ سندس هٿن مان نڪري رهي هئي ۽ هو بہ پنهنجي ٻن پيشروئن امين الحسيني ۽ احمد شڪيريءَ وانگر ٿي ويندو، جن کي ناڪاميءَ تي سندن ئي پيروڪارن

اڪيلي سر ڏيهه نيڪالي يوڳڻ ڏانهن ڏڪي ڇڏيو هو. فلسطيني- آمريڪي تعليمي ماهر، فلسطيني قومي ڪائونسل جو ميمبر ۽ ڪڏهن ڪڏهن تحريڪ جو نقاد ايڊورڊ سعيد انهن ڏينهن جو ذڪر ڪري ٿو، جڏهن عرفات ١٩٨٥ع ۾ اهڙي بدِ جو تنهن وقت ساٿس ذڪر ڪيو هو، جڏهن پي- ايل- او جي ڪجهه حلقن مان شاهه حسين سان سندس گڏيل امن ڪاوشن جي مخالفت اُٿي رهي هئي. ”ايڊورڊ! رڳو هڪ شيءِ آءٌ نٿو چاهيان، اُها آهي امين الحسيني ٿيڻ- هو سدائين حق تي رهيو پر سندس پڄاڻي بي مقصد هئي. آءٌ ايئن بڻجڻ نٿو چاهيان.“ (١) غزه جي اهڙي واپاريءَ هئڻ ناتي، جنهن پنهنجو الهه تلهه پنهنجي انا جي ور چاڙهي ڇڏيو هو، اهو بہ پنهنجو پاڻ کي اوستائين مصالحت جي اجازت نٿي ڏئي سگهيو، جيستائين پاڻي بلڪل ئي مٿان لنگهي وڃي- ۽ فلسطين هٿن مان نڪري وڃي.

اجان تائين ڪجهه ڏسائن ۾، عرفات اُن وقت پنهنجي ۽ پنهنجي ماڻهن جي ماضيءَ واري حوالي سان قرضي لڳي ٿو، جڏهن صدر بُش جي اعلان ڪيل ’نئين عالمي نظام‘ جو وچ اوڀر جي پراڻن تڪرارن تي آهستي آهستي ان جو اثر پئجي رهيو آهي. يقيني طور تي، آمريڪا پاران اسرائيل ۽ ان جي عرب ويرين کي، جن ۾ پي- ايل- او کي ڏار رکي، اردني- فلسطيني گڏيل وفد بہ شامل هو، آڪٽوبر ١٩٩١ع جي آخر ڏاري ميڊرڊ ۾ وچ اوڀر امن ڪانفرنس لاءِ گڏ ڪرڻ ئي پنهنجي سر هڪ انتهائي وڏو ڪرشمو هو. هيل تائين وڌيڪ اهم ڳالهه مخالف ڌرين پاران گهڻ- طرفين ڳالهين لاءِ گڏجڻ جي تڪڙي رفتار آهي، جيتوڻيڪ هي لڪڻ تائين اهو چوڻ ناممڪن آهي تہ انهن جو نتيجو ڇا نڪرندو. پر عرفات لاءِ ذاتي طور تي، انهن ڳالهين جي اڳتي واڌ وارو اطمينان اهو پروڙي گهٽجي ويندو تہ اسرائيل جي زور ڀرڻ تي هو پاڻ ان ڪانفرنس کان ٻاهر ڌڪيل ئي رهندو. پري کان بيهي تماشو ڏسڻ وارو عمل سندس پنهنجي تاريخي حيثيت سان ميل نٿو کائي. ”اسان جو عوام سورهيائپ ڀريو آهي.“ نار جنگ دوران هُن هڪ عرب انٽرويو ڪندڙ کي ٻڌايو: ”اهي گذريل پنجن نسلن کان جدوجهد ڪري رهيا آهن. آءٌ تاريخ ۾ حيثيت جو ڳولهائو آهيان.“

تاريخ جو اهو ئي احساس جنهن، عرفات جي پنهنجي وجود جي حوالي سان سوچ جوڙي، جيئن هو پاڻ بہ چوي ٿو، ان کيس دنيا جي ٿورڙن بچيل آزاديءَ جي تحريڪن جي اڳواڻن مان هڪ ٻڌايو ۽ جنهن ڪانئس صدام حسين سان اتحاد ڪرڻ جي ’شعوري چونڊ‘ ڪرائي. يقيني طور تي سندس پنهنجي فلسطيني حلقن مان ڏهاءُ هڪ عنصر هو، پر وڌيڪ بنيادي طور تي، هُن سوال اُٿاريو تہ ڪو سامراج دشمن انقلابي ڪيئن ٿو عرب ڌرتيءَ تي اولهائين فوجي موجودگي برداشت ڪري سگهي؟ ”اسين اِها تاريخ ايندڙ نسلن لاءِ لکي رهيا آهيون. جنگ جي نتيجن سان ڪو فرق نٿو پوي. پي- ايل- او اسرائيل ۽ سندس حمايتين سان گڏ هڪ

خندق ۾ پناهہ نٿي وٺي سگهي."

عرفات جي هاڻوڪين مصيبتن تي نظر وجهندي اهو نٿو چئي سگهجي، تہ هُن وٽ فلسطيني تحريڪ جي ونجهہ سنڀالڻ وارن سالن بابت ڏيکارڻ لاءِ ڪجهہ بہ ناهي. ڪويت ۾ فتح جي بنياد ڪان ٿي ڏهاڪا پوءِ، ۽ پي- ايل- او تي ڪنٽرول حاصل ڪرڻ کان پنجويهہ سال پوءِ، هو اهڙي تحريڪ جي صدارت ڪري رهيو آهي، جيڪا ٿوري گهڻي فرق سان هڪ ساڳي مقصد: اولهندي ڪناري ۽ غزه ۾ هڪ 'ننڍڙي رياست' لاءِ پتوڙي رهي آهي. پي- ايل- او جي 'ڏڦيڙو گروپن' پاران سندن سياسي حڪمت عملي مڃڻ لاءِ سازشن، ڌمڪائڻ ۽ خوني ڪارروائن جي باوجود بہ هو رڳو ان ڪري بچندو پئي آيو آهي، جو ڪو بہ سگهارو متبادل ڪنهن کي نظر نٿي اچي. هُن بي رحم عرب حاڪمن جي مداخلت کان پي- ايل- او کي بچائڻ لاءِ سخت ويڙهاند ڪئي آهي. هن هين سمورن ملڪن جي ماٿهن جي پيٽ ۾، (جنهن جو تازو مثال ڪُرد آهن) پنهنجي مقصد جو وڏيڪ پرچار ڪيو آهي، ان جي نتيجي ۾ هر ڪنهن لاءِ اهو تقريباً ناممڪن آهي تہ وچ اوڀر جي پرامن حل وارين ڪاوشن ۾ پي- ايل- او کي نظرانداز ڪري سگهي.

وڌيڪ ذڪر جوڳي ڳالهہ اها تہ هو ذري گهٽ ٽن انتهائي ڀيانڪ ڪار حادثن، اسرائيلين هٿان ڪيترن ئي خوني حملن، ڌمڪائڻ، جنگين ۽ عرب رياستن پاران کيس ختم ڪرڻ يا گهٽ ۾ گهٽ پڙ تان ڌڪڻ جي انيڪ ڪوشش جي سٽ سهي بچي ويو آهي. جسماني طور تي بچي وڃڻ واري معجزي عرفات کان انقلابي اڳواڻ ۽ فلسطيني قومپرستيءَ جي اهڃاڻ طور سفر جاري رکرايو. هو پنهنجي هر هڏندڙ کي هڏائي ٿو تہ انيڪ موقعن تي، مثال طور ١٩٧٠ع واري اردني گهرو لڙائي، ١٩٧٦ع ۾ لبناني، ١٩٧٧ع ۾ ڪئمپ ڊيوڊ ناهہ مهل، ١٩٨٢ع ۾ بيروت جي گهيري وقت، ١٩٨٣ع ۾ ٽريپوليءَ ۾، ١٩٨٧ع ۾ انتفاده شروع ٿيڻ کان اڳ ٻاهرين دنيا منجهانئس جان ڇڏرائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي. هر موقعي تي هُن مڙس ماڻهو ٿي منهن ڏنو ۽ نئين حملي لاءِ تياري ڪيائين. جيتوڻيڪ هو ان ڳالهہ جو ذڪر ڪرڻ وڌيڪ پسند ٿو ڪري تہ انهن سمورن بچي وڃڻ وارن واقعن جو تعلق خطرو سونگهيندڙ سندس نڪ سان آهي، پر ان جو تعلق سندس ڀاڳ، محنتي انداز ۽ سندس پنهنجي جسماني اُتساهہ سان پڻ آهي.

عرفات پي- ايل- او کي هڪ عجيب ۽ بلڪل نئون ڍانچو ڏنو، جنهن ۾ اربين ڊالرن جي سيڙپ ڪاريءَ وارو ترقي ڪندڙ واپاري ڍانچو، سماجي ادارا، سرگرم سياسي ادارا، مختلف ڏسائن واري فوجي انتظاميہ ۽ هڪ وڏو سفارتي تاجي پيٽو شامل هئا. پي- ايل- او کي هڪ ڪُل وقتي ڪرت بنائڻ ۾ مسئلا اُن وقت وڌيڪ ڳچي پئجي ويا، جڏهن ڪويت گهوٽالي دوران نار واري امداد رڪجي وئي. اصولي طور تي انهن سمورين سرگرمين کي روان دوان رکڻ لاءِ تنظيم کي هر سال سادا

ستاويهه ڪروڙ آمريڪي ڊالر گهربل آهن. ڪيترن ئي سالن کان ان جو ٽيون حصو سڄي وچ اوڀر ۾ ٽڙيل پکڙيل پي- ايل- او جي ڇوڏهن هزارن جي فوج تي خرچ ٿيندو رهيو. جنهن ۾ ننڍڙي 'هوائي فوج' ۽ 'ساموندي فوج' پڻ شامل آهي. ان کان پوءِ وڏيڪ خرچ اسپتالن، تعليم ۽ عرب- اسرائيل چڪتاڻ دوران ٿيندڙ فلسطيني 'شهيدن' جي پونئيرن کي ملندڙ پينشن سميت سماجي خدمتن تي ٿيا. (٥) تقريباً ٽي ڪروڙ ڊالر پي- ايل- او جي آفيسن جي سرشتي کي جاري رکڻ لاءِ گهربل آهن. جن ۾ نوي کان وڏيڪ ملڪن ۾ مڪمل سفارتي مشن آهن. جيڪي اسرائيل کان تعداد ۾ گهڻا آهن. فلسطيني ان ڳالهه جو ذڪر ڪرڻ ڪڏهن بہ نہ وساريندا آهن.

آزاد فلسطيني رياست قائم ٿيڻ ڏانهن حقيقي قدم ١٩٩١ع تائين بہ نہ کڄي سگهيو آهي. جيتوڻيڪ عرفات دعويٰ ٿو ڪري تہ ميڊرڊ ڳالهيون خودارادي واري حق ڏانهن پهريون قدم آهن. دنيا ۾ وڏي پيماني تي ايندڙ تبديلين، سرد جنگ جي خاتمي، اوڀر يورپ ۾ ڪميونزم جي زوال ۽ ٻين علائقائي ڏڦيڙن جي حل ٿي وڃڻ جي باوجود بہ عرفات اڃان تائين عرب اتحادن جي ڌڙن ۽ اسرائيلي والار هيٺ فلسطينين جي بهتريءَ لاءِ آمريڪي خواهشن جو سياسي طور تي محتاج بڻيل آهي. ايستائين جو جيڪڏهن ميڊرڊ امن ڪانفرنس جي نتيجي ۾ هلندڙ ڳالهيون اولهندي ڪناري ۽ غزه ۾ خوداختياريءَ ڏانهن وڃن ٿيون تہ بہ اهو تمام گهڻو ڏکيو هوندو تہ اُتي موجود فلسطيني آباديءَ کي، ڏيهہ نيڪالي ۾ گهاريندڙ عرفات ۽ سندس ساٿين لاءِ ڪا گنجائش پيدا ڪرڻ جي اجازت ڏني ويندي.

پي- ايل- او جا انتهائي خرچائو ۽ بي قابو ادارا هلائڻ لاءِ عرفات خاص طور سدائين پنهنجي شاهوڪار دوستن تي ڀاڙيندو رهيو. جيڪي ويجهڙائي ۾ تمام گهڻا گهٽجي ويا آهن. تنظيم جو فلسطيني پناهگير آباديءَ ۾ عطيا گڏ ڪرڻ جو ناجي پيٽو گهڻو پراڻو هو. نار ۾ موجود فلسطيني پنهنجي ڪُل آمدنيءَ جو پنج کان ست سيڪڙو فلسطيني ڪاز لاءِ ڏيندا رهيا پر اهو انگ ڪنهن هڪ سال ۾ وڌ ۾ وڌ چئن ڪروڙ ڊالرن تائين پهتو ٿي. وڏا فلسطيني واپاري پڻ ان ڏس ۾ سهڪاري رهيا. جن سان عرفات سدائين تمام گهڻو ويجهو رهيو. ان کان علاوه عرفات ويهہ ڪروڙ ڊالرن جي ايڪوئٽي، بانڊن ۽ ٻين شين ۾ سيڙپ وسيلي خود پنهنجي فتح جي خزاني کي مالا مال ڪيو. جنهن جي مدد سان هو اڪثر پي- ايل- او جي خزاني 'فلسطيني قومي پونجي' (PNF) کي ڏيواليٽي جو شڪار ٿيڻ کان بچائيندو رهيو. پر شروع کان، عطين جو اهم ذريعو عرفات جا عرب سهائتا ڪندڙ رهيا. انهن سمورن مان اهم، سعودي عرب پي- ايل- او کي ساليانو سايا اٺ ڪروڙ ڊالر ڏيندو رهيو ۽ اهو ڪڏهن بہ ظاهر نہ ڪيو ويو تہ اُن فتح کي ڏار ڪيتري امداد ڏني، اها بہ يقيني طور تي ججهي هوندي. گڏيل عرب امارتن ۾

ڪويت جو نمبر ان کان پوءِ ٿي آيو. جڏهن تہ عراق ۽ لبيا پڇڙيءَ مڻ ٿي ڏني. شاگرديءَ واري دور کان عرفات جي دوست ۽ هاڻ فلسطيني قومي پونجيءَ جي چيئرمين جاويد الغصين موجب جڏهن مڙني طرفن کان مدد ڪئي ويئي تڏهن بہ PNF هر سال تقريباً چار ڪروڙ ڊالرن جي کوٽ ۾ ٿي رهي. (٦)

١٩٩١ع ۾ مسئلو اهو آهي تہ پي- ايل- او کي ڪو بہ هن وقت مستقل بنياد تي رقمون نہ پيو ڏئي. جڏهن تہ اُها نار جنگ جي نتيجي ۾ انتهائي ڏکيائين جو شڪار بڻيل آهي. ١٩٩٠ع ۾ عرفات جي صدام سان سنگت تي ڪاوڙجندي ڪويت، سعودي عرب ۽ ٻين سمورين قدامت پرست عرب رياستن پي- ايل- او جي مالي سهائتا بند ڪري ڇڏي. عراق، جيڪو ١٩٨٨ع کان پي- ايل- او جو اهم ترين سهائتا ڪندڙ هو، هاڻ ناٽي جي ساڳي وهڪ کي جاري رکڻ جي حيثيت ۾ نہ رهيو آهي، نہ وري ايندڙ ڪيترن سالن تائين ان حالت ۾ ايندو. خود عرفات ئي اِها ڪٽ ٿو لڳائي تہ گهوٽالي جي نتيجي ۾ پي- ايل- او رڳو سعودي عرب، ڪويت ۽ عراق کان ملندڙ تقريباً ٻارهن ڪروڙ ڊالر ساليانی امداد کان محروم ٿي وئي آهي. آمدني ۾ کوٽ ۽ ڪويتي بينڪن ۾ رکيل ناٽي جي ضبطي سبب فلسطيني تحريڪ گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ ارب ڊالرن کان محروم ٿي چڪي آهي.

جيتوڻيڪ ان مان ڪجهہ ناٽو اچڻ تہ شروع ٿيو آهي پر اِهو ان حد کان تمام گهٽو گهٽ آهي، جيڪا حد نار وارين رياستن جي مالي سهائتا وقت هئي. سعودي اثر هيٺ ڪم ڪندڙ 'نار سهڪاري ڪائونسل' جي سيڪريٽري جنرل عبدالله بشره موجب ڪويت ڏانهن اردن جي شاهہ حسين ۽ عرفات جي رويي سبب جنگ کان پوءِ 'ڪا بہ ڳالهہ نہ تہ وساري ويندي نہ ڪنهن کي معاف ڪيو ويندو.' "توهان ان ملڪ کان رقم حاصل ڪرڻ جو ڪيئن ٿا سوچي سگهو، جنهن پُٺ ۾ خنجر هنيو؟ اِن ڏوهہ جي ڪا معافي نہ ڏني ويندي. اِهو ڪو عشق نہ هو جنهن ۾ عاشق ۽ معشوق پاڻ ۾ اٽڪي پيا هجن. اِهو ايڏو وڏو ڏوهہ آهي جنهن جي معافي محال آهي. عرفات سڳوري عملن جو هڪ لاپرواهہ سلسلو شروع ڪري ڏنو هو ۽ هاڻ ان جا نتيجا تہ ڪيس ڀوڳڻا ئي پوندا." (٨) عرفات، جنهن اِهو پلي پت ڇاتو ٿي تہ سندس پيشروئن حسيني ۽ شڪيريءَ جو فلسطيني قيادت جي سرواٽي تان تختو ان ڪري اونڌو ٿيو جو وٽن پئسن جي تنگي هئي، ٻيو ڪو چارو نہ ڏسندي هُن پي- ايل- او جا خرچ گهٽائڻ جو حُڪم جاري ڪيو.

نتيجا اتي ڇيهہ نٿا ڪن. عراقي والار ۽ ان کان پوءِ واري عرصي ۾ ڪويت کان وڏي پيماني تي فلسطينين لڏپلاڻ ڪئي. صورتحال اتي پهتي جو اڳ ڪويت ۾ چار لک فلسطيني رهندا هئا، هاڻ رڳو ڏيڍ لک ئي باقي وڃي بچيا آهن. باقي بچيل بہ جڻ ٿياس تي ٽنگيل آهن، جو ڪويتي، والار ڪندڙن سان سهڪار ڪرڻ جو الزام ڏريندي فلسطينين کان پلاند وٺڻ جي ڳالهہ ڪندا رهندا آهن. ڪيترن کي

سعودي عرب ۽ ٻين نار جي رياستن مان تڙيو ويو آهي ۽ خود عرفات کي اڌ درجن عرب ملڪن ۾ اڻوڻندڙ شخص قرار ڏنو ويو آهي.

عرفات لاءِ لاڳيتو تحرڪ ئي سدائين اهميت جوڳو رهيو آهي. جڏهن ته امين الحسينيءَ مقصد جي اهميت بابت عظيم الشان دعوائن کي ئي چيهه تي سمجهيو، سندس جانشين پنهنجي انجنيئرنگ واري ڪرت وانگر اشتڪ سفر ڪري ڏاڪي به ڏاڪي تڙيل پکڙيل ۽ ڏونڌ تحريڪ جا بنياد سگهارا ڪندو رهيو. ڪنهن ڏرتيءَ کان محروم اڳواڻ هوندي به هُن وچ اوير ۽ ڏورانهن علائقن جا دورا اِهو چئي ڪيا ته وٽس ان کان سواءِ ڪو چارو ناهي. پي- ايل- او ۾ مٽس ان ڏس ۾ تنقيد پڻ ٿي ته سندس اِهي سرگرميون، جيڪي اڪثر ناڪام رهيون، جن ۾ افغانستان ۽ هند- چين جهڙن ڏورانهن علائقن ۾ ٿياڪڙيون ۽ اڪثر پرڏيهي گاديءَ وارن شهرن جي غيرپيداواري دورن واريون هيون، ضروري به هيون يا هرويرو سندس پنهنجي ذاتي خود نماءُ جو اظهار هيون.

لاڳيتو سفر ڪرڻ پي- ايل- او اڳواڻ جي پنهنجي اشتڪ زندگيءَ جو اظهار ۽ جوانيءَ جي ڏينهن کان سندس مضبوط حواسن جو ثبوت رهيو آهي. لنڊن ۾ پي- ايل- او جو پڙهيل ڳڙهيل ڪيٿولڪ نمائندو عفيف صفيه عرفات کي انقلاب جي 'انجڻ' ٿو سڏي. (٩) اِها معقول تشبيهه آهي، سوال اِهو ٿو پيدا ٿئي ته اُن وقت ڇا ٿيندو، جڏهن انجڻ جي ٻاڦ ختم ٿي ويندي؟

عرفات جي چالاڪ فطرت، سندس انفراديت پسندي ۽ انتهائي سرگرم سرواڻڪ انداز، سندس ڳجهين عادتن، انهيءَ فوجي- سياسي ڪامپليڪس جون ڏسائون طيءِ ڪيون آهن، جنهن تي سندس انتهائي سخت ڪنٽرول آهي. فتح جو آذموديڪار سياستڪار خالدالحسن، جنهن جا تکا تبصرا اڪثر سندس ساٿين کي ڪاوڙائيندا رهيا، عرفات جي سرواڻي هيٺ پي- ايل- او کي 'اُجان تائين اڏامندڙ ڪنولي واري جدوجهد' سڏي ٿو. (١٠)

ان مشاهدي ۾ ڪنهن حد تائين سچ آهي، ۽ ٻئي پاسي پي- ايل- او اندر اڻ- وراڻڪ ۽ سرپرستاڻو ورتاءُ رکندڙ ڪامورا شاهيءَ ۾ سڌارا آڻڻ جي ضرورت بابت لاڳيتو بحث هلندو ٿو رهي. سوال رڳو اِهو آهي ته شروعات ڪٿان ڪجي؟ وڌيڪ چٽي ڳالهه اِها ته ڇا عرفات پنهنجي تن- تنها ڪنٽرول کي ڪڏهن هٿان وڃائڻ چاهيندو؟ هُن ڪڏهن به ڪنهن کي تحريڪ ۾ پنهنجي اختيارن ۾ حصيدار بڻجڻ جي اجازت ناهي ڏني، پوءِ پل اُهو سندس ويجهو ساٿي ۽ دوست مرحوم خليل الوزير ئي ڇو نه هجي. وزير ۽ فتح جي هڪ ٻئي 'جهوني ٻڙ' صلاح خلف جي مرتين تمام وڏا خال پيدا ڪيا آهن. عرفات سندن ٿڌي دماغ وارن تجزين تي گهڻ ئي ڌيان ڏيندو هو. ڪيترن ئي ٻين عربن اڳواڻن وانگر، معاملن کي وڌيڪ ڦٽائيندي، پنهنجي اختيارن لاءِ نفسياتي دٻاءُ محسوس ڪندي، هُن اُهي سمورا

مشورا ڏنا، جن جي قبوليت جا ڪي امڪان موجود هئا. اِن جو نتيجو اِهو نڪري پيو سگهي ته مستقبل ۾ عرفات سان ڪا اڻٽر صورتحال پيش اچڻ جي صورت ۾ ڪو به تحريڪ جو نه ته ڪنٽرول سنڀالي سگهندو ۽ نه وري ان کي متحد رکڻ جو ست ساري سگهندو.

عرفات يقيني طور تي ان مسئلي کان واقف آهي پر هو سڌارن تي راضي نظر نه پيو اچي. ان بدران هو رڳو انهن حالتن جو ذڪر ٿو ڪري جن جي موجودگيءَ ۾ ڪيس ڪم ڪرڻو پيو آهي. "هو حقيقت کي ان جي حيثيت ۾ ئي منهن ڏئي سگهي ٿو." هو چوي ٿو، "نه رڳو فلسطيني حقيقت پر پنهنجي سمورين پيچيدگين سان عرب حقيقت- اسين دنيا جي قومپرست تحريڪن مان واحد تحريڪ آهيون، جيڪي ساڳي وقت رياست ۽ تحريڪ طور ڪم ڪري رهيا آهيون، رياست جيڪا اڃان حاصل ڪرڻي آهي، جنهن جا اڌو اڌ ماڻهو والار هيٺ رهن ٿا. باقي اڌ ڏيهه نيڪاليءَ ۾، ۽ انهن مان به هر برادري مختلف حالتن ۾ رهي ٿي. ان ڪري اسان جو مقصد ڏکيو آهي. ڇا دنيا ۾ اهڙي ڪا تحريڪ آهي جنهن کي زيتون جي تيل، نارنگي ۽ ڀاڄين جو وڪرو ڪرڻو پيو هجي؟ بهرحال اسان اِهو به ڪيو آهي. اسان کي لبنان ۾ پناهگير ڪئمپن ڏانهن اٿو اُماٽڻو پوي ٿو. اسان کي انتقاده جون سمورين گهرجون پوريون ڪرڻيون ٿيون پون." (١١)

اوسيئڙي واري فلسطيني رياست جي عارضي گاديءَ واري شهر تيونس ۾ پراڻيون عادتون هرويرو ختم به نه ٿيون آهن. جابلو سلسلن تي رنگ روغن ٿيل عاليشان گهرن ۾ رهندڙ پي- ايل- او جا وڏ- پيٽا ڪامورا پنهنجو گهڻي ڀاڱي وقت پنهنجي اڳواڻ جي سڏ جو اوسيئڙو ڪندي گذارين ٿا. سندن معمولن ۾ سگريٽ پويان سگريٽ ڇڪڻ ۽ تيز مٺي ڪافي جا پريل ڪپ خالي ڪرڻ شامل آهن. انڊرگرائونڊ سرگرمين جي نتيجي ۾ راتين جو ڪم ڪرڻ وارين عرفات جي عادتن اُن تنظيم تي تمام گهڻا اثر ڇڏيا آهن، جيڪا اڃان تائين سندس خواهشن موجب هلي رهي آهي ۽ ان جو نتيجو نوجوان ۽ ڦڙتيلي ڏاهپ جي پري ڌڪجڻ جي صورت ۾ نڪري ٿو. اِهو ڏيهه نيڪاليءَ ۾ رهندڙ انهن ماڻهن لاءِ انتهائي ڳورو معاملو آهي، جيڪي ڪنهن شيءِ جي ٿيڻ جي اميد اوسئائين لڳايو ويٺا آهن جيستائين سندن اُميدون 'پڄاڻي' تائين نه ٿيون پهچن.

عرفات پاڻ به ڪيترائي ڀيرا ڏيهه نيڪاليءَ ۾ عارضي حڪومت قائم ڪرڻ واري خيال کي آڏو آندو، ان جو مقصد فلسطيني سياسي گهر ۽ هڪ وڏيڪ سگهاري تنظيمي ڍانچي کي سهارو ڏيڻ ئي هو. پر سندس تجويزون خود سندس فتح جي ڪجهه اهم بااثر شخصيتن ۽ دمشق ۾ ٿانيڪن گروپن، خاص طور تي حباش جي عوامي محاذ هٿان رد ٿيون. ڪين اِهو ئي ٻپ هو ته ان سان 'هٿياربند جدوجهد' واري نظريي تان ڌيان هٽي ويندو، جنهن جا هو ماهر آهن.

عارضي حڪومت لاءِ سڀ کان وڌيڪ ڏيهاءَ والاريل علائقن مان آيو ۽ اهو نار جنگ جي خاتمي کان پوءِ انتهائي وڌي ويو آهي. ساڳي وقت اولهندي ڪناري جي بااثر شخصيتن وٽان اِها ڳُهر به پئي اچي ته فلسطيني قومي ڪائونسل جون مڪمل سطح تي چونڊون ڪرايون وڃن ۽ فلسطيني 'پارليامينٽ' جون اڌواڌ سيٽون اسرائيلي راڄ ۾ رهندڙن لاءِ مخصوص ڪيون وڃن. هي آهي اُهو نقطءِ نظر جنهن تي عرفات، جيڪو پي- ايل- او جي جمهوري هئڻ تي فخر ٿو ڪري، ڪنهن حد تائين هوڙ ڦٽايو. گوريلا اڳواڻ طور پنهنجي شروعاتي عهد کان وٺي، ڪيس والاريل علائقن مان پناهگير طور رهندڙن جي سرواٽي لاءِ ممڪنه خطرو اُڀرڻ جو فڪر ورايل پئي رهيو آهي.

ٻاهرين دنيا اڳو ٽيونس وارن جي ويڳاٽ ٽوڙڦوڙ جو مظهر آهي. پي- ايل- او ۾ بحث مباحث جي آڙ ۾ رات ڏينهن سازشون سٽجنديون ٽيون رهن. مانار کي ميسارڻ لاءِ نيون اٽڪ سفارتي ڪرتون شروع ڪيون ٽيون وڃن. اِهي سموريون پي- ايل- او لاءِ فائديمند به ثابت نه ٿينديون آهن. پي- ايل- او کي ممڪن حد کان وڌ عالمي تنظيمن ۾ شامل ڪرڻ واريون عرفات جون ڪوششون، جن جو مقصد پنهنجي رياست واري دعويٰ کي هٿي ڏيڻ آهي، اڪثر بدحواسي پريون ۽ غيرپيداواري ثابت ٿين ٿيون. انهن سمورين ڪوششن دوران، اندرين نقادن موجب، عرفات جو، مستقل سياسي حڪمت عملي تيار ڪرڻ بدران جُز- وقتي موقعن کي استعمال ڪرڻ تي زور رهيو، جنهن جي نتيجي ۾ 'ٻه- رياستي حل' تي ٻڌل پي- ايل- او جي امن لاءِ شرط بابت اسرائيلي راءِ عامه جي قبوليندڙن ۽ فلسطينين لاءِ آمريڪي حمايت حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو آهي.

آمريڪي مڃتا حاصل ڪرڻ لاءِ، هُن جينيوا ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ اڳو اسرائيل کي ڏاڪي به ڏاڪي قبول ڪرڻ ۽ دهشتگرديءَ تان هٿ ڪڍڻ جي ڳالهه ڪئي. اجان تائين ڪيترائي اسرائيلي پنهنجي اڳواڻن ۾ انهن ٻڀ پريل خدشن سبب شڪ رکن ٿا ته پي- ايل- او اجان تائين اسرائيل جي وجود جو حق تسليم نه ڪيو آهي ۽ ان جو بنيادي مقصد يهودي رياست کي تباهه ڪرڻ ئي آهي. اسرائيلي پرڏيهي وزارت جو اڳوڻو سربراهه شلومو اوئيري اِهو واضح ٿو ڪري ته "عرفات جو سڀ کان وڏو مسئلو اِهو آهي ته هُن ڪڏهن به اسرائيلين کي مخاطب ٿيڻ جي ڪوشش ناهي ڪئي. هُن سدائين اِهو تاثر پئي ڏنو آهي ته هُن جيڪڏهن اولهه ۽ خاص طور تي آمريڪا کي اپيل ڪئي ته نامراد نه رهندو ۽ اسرائيل سندس کيسي ۾ هوندو." (١٢)

اِهو معاملي کي ڪجهه وڌيڪ سخت انداز ۾ رکڻ جوڳو آهي. عرفات اسرائيلين کي ائين مخاطب نه ڪيو هوندو، جيئن سندس دوست نيلسن منڊيلا ڏکڻ آفريڪا جي گورن کي ڪيو آهي، پر اسرائيلي 'وجودي سلامتيءَ وارن ٻپن' کي

تارڻ جو معاملو رکو ڪوشش سان لاڳاپيل ناهي. هُن اندروني تنقيد کي منهن ڏيندي به يهودي امن پانديئڙن سان انيڪ ڪڏجاتيون ڪيون آهن. هُن ڪيترائي ڀيرا اهڙن معاملن تي نئين سر نظرثاني ڪرڻ جي آچ ڪئي آهي، جيڪي اسرائيلين کي وڏ ۾ وڏ خطرناڪ لڳن ٿا، جيئن 'موٽڻ' وارو معاملو. جنهن جو اظهار ۱۹۴۸ع کان گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ بار بار فلسطينين جي اسرائيل ۾ سندن پراڻن گهرن ڏانهن موٽ جي ڳالهه ڪندي ڪيو آهي. ۱۹۹۰ع جي شروعات ۾ هُن نيويارڪ ۾ ٽانيڪو 'وچ اوير ۾ امن لاءِ عالمي مرڪز' پاران يروشلم ۾ سڏرايل ڪانفرنس ڏانهن ڇهن صفحن وارو هڪ خط لکيو. جنهن ۾ پهريون ڀيرو پي- ايل- او جي ڪنهن اڳواڻ ان ڳالهه جو اشارو ڏنو ته انتهائي اختلافي مسئلن تي ڳالهيون ڪري سگهجن ٿيون. "مختلف ڍين ۾ ڦاسجندي اسرائيلي حڪومت چوي ٿي ته ان کي فلسطينين جي موٽڻ جي حق کان ڊپ آهي. "مون کي اِهو چوڻ ڏيو ته ان مسئلي جو حل گڏيل مجتا ۽ ڳالهين جي شروعات ۾ موجود آهي!" هُن لکيو. "موٽڻ وارو حق مقدس آهي. تنهن هوندي به اسين ان جي عملي صورت لاءِ شرط طيءِ ڪرڻ بابت ڳالهين لاءِ تيار آهيون." (۱۳)

بهرحال اِهو بيان اميد موجب، اسرائيلي وزيراعظم آئزڪ شمير، ايستائين جو ڪنهن مثبت ڳالهه جو بهانو ڪرڻ کان سواءِ ئي ٽڏي ڇڏيو. "اسان اِهو خط ناهي پڙهيو ۽ ان جو ڪو ارادو به نٿا رکون." شمير جي سڏسماءُ بابت صلاحڪار اوي پيزنر چيو. "عرفات جي ڪنهن به ڳالهه سان اسان جي دلچسپي ناهي. اسين نٿا سمجهون ته هو ڪڏهن ڪو بدلجي سگهي ٿو." (۱۴)

ان سان گڏوگڏ عرفات جي سرچاءُ وارين ڪوشش کي اڪثر پي- ايل- او اندران تنقيدن ۽ ڪڏهن ڪڏهن اسرائيل خلاف دهشتگرد ڪارروائن ذريعي ناس ڪيو ويو. پي- ايل- او اڳواڻ کي اڪثر ڪري فلسطيني تشدد جي مذمت لاءِ ڪي مناسب لفظ ئي نه ملي سگهندا آهن. گذريل ڪجهه سالن دوران ڪيترن ئي موقعن تي عرفات اهڙن واقعن کي ننڌڻ بدران انهن جي سببن جي اُپٽار ڪري اولهائن ۽ اسرائيلي حلقن ۾ پنهنجو مان گهٽايو آهي. ان جو هڪ مثال فيبروري ۱۹۹۰ع ۾ سامهون آيو، جڏهن مصر ۾ اسرائيلي سياحن جي هڪ بس تي امڪاني طور تي پي- ايل- او کان ٻاهر فلسطيني انتهاپسندن حملو ڪري ڏهه ماڻهو ماري وڌا. "اسين سويلين تي حملي کي ننديون ٿا، پوءِ اِهي فلسطيني هجن يا يهودي، آمريڪي هجن يا يورپي" عرفات پنهنجي ڳالهه اڳتي وڌائي ته "اسرائيلي دهشتگرديءَ' جو تسلسل ردعملن جو سبب بڻيو، جنهن جي دائري جي ڪو به اڳڪٿي نٿو ڪري سگهي." (۱۵) ساڳي صورتحال ۳۰ مئي ۱۹۹۰ع کانپوءِ سامهون آئي جڏهن عرفات فلسطيني آزاديءَ واري محاذ (PLF) جي ساموندي ڪناري واري حملي کي ننڌڻ کان انڪار ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ آمريڪا پي- ايل- او سان پنهنجي ڳالهين

جو تسلسل ٽوڙي ڇڏيو. ان موقعي تي صلاح خلف اهڙن واقعن کي ننڍڻ بابت فلسطيني اڳواڻن کي درپيش ڏکيائين جي معمولي اپٽار ڪئي، ”جڏهن اسان جي ماڻهن کي رڍن ٻڪرين وانگر ڪُٺو ٿو وڃي، تہ پوءِ اسان کي فرشتو بڻجڻ جا مشورا ڏيڻ سونهي نٿو. اسان جي گهاون جو مشاهدو ڪرڻ کان پوءِ بہ هو اسان کي ئي چون ٿا اهڙيون ڪارروايون ڇو ٿا ڪريو؟“ (١٦)

عرفات ۽ سندس سينيئر ساٿين جو 'ٻٽي ٻوليءَ' ۾ ڳالهائڻ وارو لاڙو سندن فلسطيني مخاطب آباديءَ جي تاثيل رويي جي حوالي سان واضح ٿئي ٿو، پر ان ڪري اسرائيل جي پروپئگنڊا مشينريءَ کي اِهو ظاهر ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو وڃي تہ پي- ايل- او اڳواڻ چون هڪ ڳالهہ ٿا تہ ڪن وري ٻي ٿا. اسرائيل ڪنهن بہ اهم پي- ايل- او اڳواڻ جي بيان ۾ ڪو جهول اولهہ ۾ سندن حيثيت گهٽائڻ لاءِ استعمال ڪرڻ جو موقعو هٿان نٿو وڃائي. اسرائيل سڀ کان وڌيڪ ڌيان اولهندي ڪناري ۽ غزه ۾ 'ننڍي رياست' واري معاملي تي ڏئي ٿو، جنهن بابت ان جو چوڻ آهي تہ فلسطيني 'لوڌ' جي ٻهرين ڪڙي هوندي ۽ پي- ايل- او اڳواڻ بہ اڪثر اسرائيلي پروپئگنڊا مشينريءَ کي اِهو ثابت ڪرڻ لاءِ بيوقوفاڻا بيان جاري ڪري هٿ وٺي موقعا ڏيندا رهيا آهن.

انهن سمورين پريشانين جي باوجود، عرفات آڏو سڀ کان وڏو مسئلو ساک جو آهي، هو خاص طور تي چاهي ٿو تہ آمريڪا ۾ ڪيس جوڳو مان ڏنو وڃي، پر صدام جي حمايت ڪيس انتهائي شديد نقصان رسايو آهي. ٽي- ويٰ ڏسڻ جي شوقين اولهہ جي رهواسين لاءِ سندس شخصيت متاثر ڪندڙ ناهي، هر هر تبديليون ڪرڻ ۽ چڱي انگريزي نہ ڄاڻڻ سبب هو انهن لاءِ ڪو خاص قبوليت جوڳو ناهي. سندس هڪ مسئلو ماضيءَ ۾ پي- ايل- او جي عالمي دهشتگرديءَ ۾ شرڪت جي انتهائي ڏڪيڙي معاملي کي عوامي سطح تي منهن ڏيڻ لاءِ تيار نہ هئڻ، يا ان جي صلاحيت نہ هئڻ پڻ آهي. بليڪ سيپٽمبر جي 'بانيڪار' صلاح خلف جهڙا، ١٩٧٠ع واري ڏهاڪي دوران دهشتگرديءَ ۾ واضح طور تي ملوث پي- ايل- او جي سينيئر قيادت جا ميمبر، ان معاملي تي ڳالهائڻ لاءِ ڪنهن حد تائين سولو پاسو هٿ ڪريو وٺن، هو رڳو اِها وضاحت ٿا ڪن تہ اِهي واقعا اُنهن فلسطيني ويڙهاڪن جي نسل جي مايوسيءَ جو اظهار هئا، جن جي مقصد سان ٻاهرين دنيا اختلاف ٿي رکيو، پر عرفات ايئن نٿو ڪري. اُهي ٻاهريان جيڪي انهن واقعن خاص طور تي ميونخ اولمپڪ ۾ اسرائيلي رانديگرن جي قتلام يا خرطوم ۾ آمريڪي سفارتڪارن جي ڪوس بابت ڪيس ڪا ڄاڻ هئڻ يا ان جي ذميواري قبولڻ بابت زور ٿا ڏين تہ کين سندس پسنديده انداز يعني جواب جي اڌ کي سوال بڻائي آڏو انهن کي منهن ڏيڻو ٿو پوي. ”ڇا اِها پڇا ڳاڇا آهي؟ آءٌ ان پڇا ڳاڇا کان انڪار ٿو ڪريان“ سنڊي ٽائيمز جي هيري ڪولون جي بي- بي- سيءَ لاءِ ورتل انٽرويو ۾

ڪيس چيڙهيندي ۽ اکيون ڦوٽاريندي عرفات چيو هو، ”تون پي- ايل- او جي چيئرمين، فلسطيني رياست جي صدر سان مخاطب آهين، پنهنجي آڏي پچا ڳاڇا بابت محتاط رهه“ (١٧)

حقيقت اها آهي ته عرفات اڃان تائين هئي پاسا وڙهي رهيو آهي، هو پنهنجي ماڻهن کي اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي ته هن زيتون جي ٽاري کي حيثيت ڏيڻ لاءِ بندوق اڇلائي ناهي. سندس منطق، ١٩٦٨ع کان ڪنهن به قسم جي ترميم نه ڪيل انتهائي متنازعي فلسطيني قومي عهدنامي جي متن مان پڻ ملي ٿو، جنهن ۾ ’فلسطين کي آزاد ڪرائڻ جو واحد رستو هٿياربند جدوجهد‘ کي ڄاڻايو ويو آهي. ان ڳالهه جا تمام ٿورڙا امڪان آهن ته اسرائيل ان عهدنامي جي موجودگيءَ ۾ پي- ايل- او سان ڳڻجي ويهي، جڏهن ته اولهائيون حڪومتون ڊگهي عرصي کان ان کي ختم ڪرڻ لاءِ زور پري رهيون آهن. ان ڳالهه کان باخبر هوندي ته تنظيم جي اڪثريت اهڙي وڏي قدم لاءِ ساڻس سهمت ناهي، اولهه کي لاڳيتو راڳ ڏيندو رهي ٿو ته اهو دستاويز غيرواسطيدار آهي، ان ڪري ان کي ختم ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. پر سندس هيا ساٿي اڳواڻ ان سان پنهنجي جذباتي وابستگيءَ جو اظهار ڪن ٿا. جيستائين سندس تعلق آهي، جيتوڻيڪ ڪيس پنهنجي عمل واري حڪمت عمليءَ جو متبادل نظر نٿو اچي، پر هو ان نتيجي تي پهچي چڪو آهي ته زيتون جي ٽاري به ڪي خاص نتيجا نه پئي آڻي.

ٻاهرين دنيا وانگر پنهنجي انتهائي ويجهن ساٿين لاءِ به عرفات گهٽڻ موقعن جي حوالي سان چريائپ جي حد تائين چڪرباز شخصيت بڻيل آهي. هُن وسيع ۽ سدائين ڪاوڙ ۾ پريل پي- ايل- او ۾ پنهنجي همراهن کي بزرگ ٻڌجي، پاءُ ٻڌجي، سونهون ٻڌجي ۽ ڪڏهن ڪڏهن دل گُهريو دوست ٻڌجي پنهنجي هٿ وس پئي رکيو آهي. اندروني بحثن مباحثن ۾ هو اڪثر سرواڻي ڪرڻ ۾ ناڪام رهندو آهي ۽ اهڙن موقعن تي، سر تي اچڻ کان اڳ ئي خطري جي بوءِ سونگهي وٺندو آهي. پنهنجي ماتحتن تي جوشيلي انداز ذريعي پيڙائون ۽ مصيبتون مڙهڻ جو انتهائي ماهر آهي. سندس ساٿين جو چوڻ آهي ته انهيءَ ورتاءُ جو مقصد بحث دوران پنهنجو نقطهءِ نظر مڃرائڻ يا ٻين جي ڳالهين کي رد ڪرڻ کان سواءِ ڪجهه به نه هوندو آهي. اڃان جو عرفات اڳتي وڌي رهيو آهي ۽ فلسطيني تحريڪ ۾ هڪ قومي علامت طور ڪردار نڀائي رهيو آهي، ته ان جو ڪارڻ ’بزرگ همراهه‘ جون غلطيون معاف ڪرڻ وارو لاڙو پڻ آهي. سندس ساٿي رومال ۾ ويڙهي سندس اٽڪ پٽوڙ، نين ڳالهين لاءِ سندس لوڙ ۽ مختلف مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ سندس سرگرمين جو ذڪر ڪن ٿا. ان ڪري ئي سندس پراڻا ساٿي کيس ’ڳالا ڳالا همراهه‘ سڏين ٿا. ڳالا ڳالا هڪ لوڪ مصري جادوگر/ مسخري جو ڪرتب ڏيکارڻ مهل تڪيو ڪلام هوندو هو.

سندس سياسي مدمقابل بہ هاڻ سندس خيالي اڏامر، نون سياسي جوارين جي اٿڪٽ ڳولا برداشت ڪرڻ لڳا آهن، جنهن جو هڙ حاصل ڪجهہ بہ نہ ٿو ٿئي، ان مڪتبءِ فڪر جو هڪ سگهارو آواز جارج حباش آهي، جنهن ١٩٨٩ع جي پڇاڙي ڌاري هڪ انٽرويو ۾ عرفات جي 'ايمانداري ۽ وابستگي' کي ساراهيندي چيو: "مون کي تمام گهڻي افسوس سان ٿو چوڻو پوي تہ هو گهڻي عرصي کان فريبن ۽ غيرحقيقي تخمينن ۾ پيو گهاري. هو چوي ٿو تہ فلسطيني رياست تمام گهڻي ويجهي آهي، بس رڳو گولي پنڌ تي. چاهيان تہ آءٌ بہ اهو ئي ٿو پر معروضي حالتن جي تجزئي مان آءٌ ان نتيجي تي پهتو آهيان تہ فلسطيني رياست طاقت جي توازن ۾ حقيقي تبديليءَ سان ئي وجود ۾ اچي سگهي ٿي. هن سالن جي انتفاده کان پوءِ اسرائيل ڇا ٿو چوي؟ بس رڳو ناهڪار ئي اٿس. ساڳي ڳالهہ آمريڪي انتظاميا تي پڻ لاڳو ٿي ٿئي. تنهن ڪري سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ اسرائيلي قيادت ۽ آمريڪي انتظاميا جون پوزيشنون ڪهڙي ريت بدلائي سگهجن ٿيون؟ ان جو رستو سياسي جوڙتوڙ وارو نہ پر اسرائيل کي اهو باور ڪرائڻ آهي تہ هو تباهيءَ ڏانهن پيو وڃي ۽ اهو سلسلو اوستائين هلندو جيستائين فلسطيني حقن کي نہ ٿو مڃيو وڃي. ان کان سواءِ ٻي ڪا بہ واٽ ناهي." (١٨)

جيڪڏهن ١٩٩٠ع واري ڏهاڪي جي شروعاتي سالن ۾ صورتحال جيئن جو تيئن رهي ٿي تہ پوءِ حباش ۽ عرفات ٻئي غلطي تي آهن، جيتوڻيڪ حباش جو نقطهءِ نظر عرفات جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ حقيقت پسند ليکي سگهجي ٿو. عرفات ۽ سندس ساٿين دنيا ۾ هر پاسي ايندڙ تبديلين ۽ خاص طور تي وڏين طاقتن ۾ ڳالهيون شروع ٿيڻ تي وڏيون اُميدون لڳايون، تہ اِها صورتحال وچ اوڀر ۾ ڇڪتاڻ ختم ڪري فلسطينين جي خوداراديت واري حق ڏانهن وڌندي. "هي دور ايڏو تہ پرجوش تبديلين سان ڀريل آهي جو فلسطيني عوام ۽ سندن نمائندگي ڪندڙ پي- ايل- او وچ اوڀر ۾ امن لاءِ نوان پيش منظر ڏسڻ شروع ڪيا." آمريڪي ٽہ- ماهي 'فارن افيئرس' ۾ ١٩٩٠ع جي بهار واري پرچي ۾ صلاح خلف لکيو. "سوويت يونين، اوڀر يورپ، ڏکڻ آفريڪا ۽ ٻين مختلف علائقن جي نُوس ڀانچن ۽ اظهارن کي پنهنجي وڪوڙ ۾ وٺندڙ تبديليءَ جي وير کان فلسطيني پنهنجو پاڻ کي ڌار ڪري نٿا سگهن. انهيءَ تبديليءَ خوداراديت واري حق، آزادي ۽ بنيادي انساني حقن جو مان مٿاهون ڪيو آهي ۽ فلسطيني جدوجهد بہ اهڙي عالمي ماحول ۾ جتي اهڙن حقن کي عالمي سطح تي جوڳو مان ڏنو پيو وڃي، ڌار رهي نٿي سگهي.

ان ڏس ۾، پي- ايل- او فلسطين جي ڏرتيءَ تي هڪ سؤ سال پراڻي ڏڦيڙ جي حل لاءِ 'ٻہ- رياستي حل' آڇي ٿي، پي- ايل- او جو اسرائيل کي تسليم ڪرڻ وارو فيصلو ۽ رڳو اڳاٽي ميراث تي آزاد فلسطيني رياست لاءِ گُهر ماضي جي قائم ڪيل رڪاوٽن ۽ ڇڪتاڻ کي ختم ڪرڻ ڪشاده دلي ۽ وسيع نظريءَ جو نہ،

اظهار آهي. پي- ايل- او سمجهي ٿي ته ان جي امن ڪاوشن ئي اُنهيءَ 'برلن پٽ' کي ڈاهيو آهي، جيڪا ٻنهي آبادين (فلسطينين ۽ يهودين) جي وچ ۾ هراس ۽ شڪن جي بنياد تي قائم هئي." (١٩)

ان بابت ڪو ڇنو اهڃاڻ ناهي ته ظاهر ٿيندڙ شيون عمل ۾ ڪيئن ايندين، يا گهٽ ۾ گهٽ شروعات ڪيئن ٿئي. سرد جنگ جي پڄاڻي شروعاتي مرحلي ۾ ته فلسطينين لاءِ ڪارائتي پئي لڳي. سوويت يونين، جنهن اڳي اسرائيل کي آمريڪي امداد جي مقابلي ۾ فلسطينين جي حمايت ڪئي، هاڻ اهو نه رهيو آهي. اوڀر يورپ جون آمريتي رياستون جيڪي پوين سالن ۾ اهم اتحادي هيون، زوال جو شڪار ٿي چڪيون آهن. عرفات، جيڪو نڪولائي چائوشسڪو جي ڀوائتي زوال کان اڳ رومانيا جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي آخري ڪانگريس ۾ عزت ڀريو مهمان هو، تنهن کي اِهو واضح طور تي نظر اچڻ لڳو آهي ته سندس روايتي سياسي تناسب واري ڪرت جاري رهي سگهڻ جوڳي ناهي. هُن اِهو به پروڙي ورتو آهي ته عرب دنيا اندر ۽ ان کان ٻاهر سندس بااثر حمايتي زوالجي چڪا آهن. ڪيس اسرائيلي قوت جو وڌيڪ ڪاٿو ٿيو آهي ۽ هاڻ وچ اوڀر ۾ سگهاري حيثيت رکندڙ واحد سپرپاور آمريڪا جي نظر ڪرم جي ڪيس وڌيڪ ضرورت آهي.

پر ١٩٩١ع جي سرءُ ۾ فلسطينين لاءِ اُميدن جا ڪرڻا پسڻ ممڪن بڻجي سگهيو ۽ اِهي اميدون به آمريڪي ٽورن سان ئي اُسريون. اِهو آمريڪي پرڏيهي وزير جيمس بيڪر ئي هو، جنهن نار جنگ ۾ آمريڪي فتح کان پوءِ عقابي رويو رکندڙ اسرائيل ۽ پاڙيسري عربن کي ميڊرڊ ۾ ڳالهين جي ميز تائين آندو ۽ اِهي فلسطيني ئي هئا، جيئن بيڪر کين اِهو ياد ڪرائڻ کان ڪڏهن به نه ٿو ڪُسي، جن کي انهن ڳالهين مان وڌ ۾ وڌ فائدو ۽ انهن جي ناڪاميءَ مان وڌ ۾ نقصان ٿيڻو هو. يقيني طور تي ڳالهيون عرفات جي مرضيءَ موجب نه هيون، پر بهرحال اِهي شروع ٿيون. انهن سان رات پيٽ ۾ ڪو ناهه به سامهون نه پيو اچي، والاريل علائقن ۾ يهودي آبادڪاري اڃان تائين جاري آهي، اردني ندي ۽ سمنڊ وچ ۾ ايراضيءَ کي اسرائيلي راڄ ۾ شامل ڪرڻ جون ڪوششون جاري آهن ۽ ڪجهه انتهاپسند اسرائيلين جو باقي بچيل عرب رهواسين کي عرب ملڪن ڏانهن اُماڻڻ جي تمڪين جو سلسلو جاري آهي. بهرحال اِهو خيال فلسطينين جي ذهن ۾ سدائين رهندو پئي آيو آهي ته ١٩٤٨ع ۾ شروع ٿيندڙ قومي حادثي جو آخري باب هو پنهنجي اکين سان ڏسن.

اپريل ١٩٨٩ع ۾ فتح جي اهم ٿياڪڙ خالد الحسن عرفات واري نسل جي فلسطيني اڳواڻن جي نفسياتي ماهري جو ذڪر ڪندي، هاٺوڪي اسرائيل مان لڏيندڙن ۾ شامل مردن ۽ عورتن جي شديد ڊپ ۽ اٿورين خواهشن کي سبب ڄاڻايو: "توهين حترو وڌيڪ جهڪندا، اوله اوترو ئي اوهان کي گهٽ مانُ ڏيندو." هُن

چيو، "اولهه ايمانداريءَ جو قدر نٿو ڪري، اهو طاقت جو حمايتي آهي. رعايتون اچڻ هڪ شعوري غلطي آهي. اسين گهڻو ڪجهه ڏئي چڪا آهيون. مون ڪيس (عرفات کي) هدايو تہ جيڪڏهن تون پنهنجي ٻُت تان ڪپڙا لاهي اسرائيلين کي ڏيندين تہ هو تنهنجي ڪا عزت نہ ڪندا. هيئو توکي وڌيڪ نقصان رسائيندا."

'ٻگهي عرصي واري صورتحال ۾' حسن پنهنجي ڳالهه جاري ٿو رکي، "مستقبل اسان جو آهي، پر اسين پنهنجين زندگين ۾ ڪجهه ڏسڻ ٿا چاهيون. اها انساني فطرت آهي. پر ٻگهي عرصي ۾ جيڪڏهن ڪجهه نٿو ٿئي تہ پوءِ ان جو حل هڪ وڏي ڪوس جي صورت ۾ نڪرندو، جنهن ۾ يهودي ۽ عرب ڪويت وانگر موت جا ڪاج ٻڌندا. اسين اهو نٿا چاهيون، ڇاڪاڻ جو اسان جي تاريخ صاف سٿري آهي. اسين ان کي داغي ڪرڻ نٿا چاهيون. تنهن ڪري اسان اُهو قبولي ورتو جيڪو قبولي سگهياسين پئي، پر اسين اجان اوسيئڙو ڪري پيا سگهون. ۽ نيٺ اسرائيل ۾ ڏار پوندا، ڇاڪاڻ جو تاريخ ۾ ڪو اهڙو مثال ناهي جنهن ۾ ڪو هڪ ملڪ مڪمل طور تي ٻاهرين دنيا تي ياڙيندو هجي. حقيقي سرچاءُ واري صورتحال ۾، آمريڪين کي اسرائيلي فوجين جي گهرج نہ هوندي.

"اسرائيلي وجود جي حق وارو سوال اٿاڻائي ۽ بيوقوفي پريو آهي. ڪنهن کي بہ اسان جي ڌرتيءَ تي رياست قائم ڪرڻ جو حق ناهي. ڪنهن کي بہ نہ. جن رياستن جو وجود آهي، تن جو آهي. پر هڪ فلسطينيءَ طور آءٌ اهو نٿو چئي سگهان تہ اسرائيل کي منهنجي ڌرتيءَ تي وجود جو حق آهي. رڳو اسي سالن تائين اها فلسطين ۽ هاڻ اردن سڏجندڙ علائقي ۾ شامل هئي، پوءِ اڳتي هلي ٽوڙ ڦوڙ ٿي. چاليهه سال پوءِ اها بہ ختم ٿي وئي. اهو ئي پس منظر آهي جنهن ۾ هو پنهنجي تاريخي حقن جو ذڪر ٿا ڪن. جيڪڏهن توهين ان بابت ڳالهائڻ چاهيو ٿا تہ پوءِ رومين متعلق ڇا خيال آهي جيڪي اٺ سؤ سال فلسطين ۾ رهيا؟ يا عرب اٺ سؤ سال اسپين ۾ راڄ ڪندا رهيا؟ عثمانيا جي اسان جي ملڪ تي اٺ سؤ سالن جي راڄ متعلق ڇا خيال اٿوَ؟ يا برطانيا بابت ڇا ٿا چئو جنهن مصر، عراق ۽ فلسطين تي راڄ ڪيو؟ تنهن ڪري 'اسرائيل جو وجود واري حق' جو اصطلاح ئي بيوقوفي آهي.

"آءٌ اسرائيل جي وجود کي تسليم ڪرڻ بابت پڇاڻي کي سمجهان ٿو. اسين ان مجبوريءَ کي تسليم ڪريون ٿا ڇاڪاڻ تہ في الحال ان کي ٽڏو هٽڻ جي حيثيت ۾ ناهيون. جيڪڏهن ڪو فلسطيني توهان کي اهو ٿو چوي تہ اسرائيل کي وجود جو حق حاصل آهي تہ پوءِ هو وڏو ڪوڙو آهي يا بيوقوف. ڇاڪاڻ جو اسين جيڪڏهن اسرائيل کي شڪست ڏئي سگهياسين تہ پوءِ ڏينداسين. هيءَ اسان جي ڌرتي آهي. توهين مون کي اهو نٿا چئي سگهو تہ منهنجو تعلق حيفا سان ناهي. اها وجودي حقيقت آهي ۽ ماضيءَ کي ڪو بہ بدلائي نٿو سگهي. توهين مستقبل جي

طريقءِ ڪار کي ضرور بدلائي سگهو ٿا.

"جيستائين موٽڻ جو تعلق آهي ته هينئر اسان کي موٽڻ جو حق ناهي، ۽ يهودين کي جن جو هن ڌرتيءَ سان ڪو به ناتو ناهي، جرمني، روس، آفريڪا مان هيڏانهن اچڻ جو حق آهي. ٿي سگهي ٿو ته پنجاهه يا سئ سيڪڙو فلسطيني واپس نه به موٽن، پر هو اهو ٿا سمجهن ته موٽڻ بابت فيصلو ڪرڻ جو اختيار سندن وس ۾ هجي.

"اسين گڏيل قومن جي ٺهراءُ نمبر ١٩٤ هيٺ اسرائيلي شهرين طور حيفا ۽ جافا موٽڻ جي حق جي ڳالهه ٿا ڪريون. اسانکي اسرائيلي شهرين طور موٽڻ يا معاوضي مان ڪنهن هڪ جي چونڊ ڪرڻ جو حق ڏنو وڃي. اسين چاهيون ٿا ته اهو ٿئي نه پيو پر اسين پنهنجي حق تان هٿ کڻڻ لاءِ تيار ناهيون. اِهو قانوني حق کان گهڻو مٿاهون بنيادي فطري حق آهي. ڏسو، توهين بطور انسان ڪنهن نه ڪنهن سان لاڳاپيل آهيو. توهين حقن بنا، فرض بنا، سڃاڻپ بنا، پنهنجي وجود بنا رهي نٿا سگهو. توهين ڪا نه ڪا حيثيت رکندا هوندا نه ته بي صورت ۾ جانور آهيو. تنهن ڪري تعلق هئڻ به اوترو ضروري آهي جيترو ماڻهو جو انسان هئڻ.

"قوميت ڇا آهي؟ آءٌ اِهو ٿو چوان ته فلسطين منهنجو ديس آهي ۽ آءٌ فلسطين سان برطانيا کان وڌيڪ پيار ڇو ٿو ڪريان؟ ان جو سبب سونهن ناهي، سوئٽزرلينڊ ۽ مراڪش فلسطين کان وڌيڪ سهڻا آهن. ديس جو مطلب اُهو هنڌ آهي جتي اوهين پنهنجي تعلق جو عملي مظاهرو ڪري سگهو، جتي توهان جون ريتون رسمون ۽ تاريخ توهان جو ثمر هجي. اسين ته بنا ڪنهن فيصلي ڪرڻ جي ڪجهه هفتن ۾ 'بي رياست' بڻجي وياسين. اسان واپس وڃڻ چاهيو پر هُنن طاقت وسيلي اسان کي روڪيو. ڇاڪاڻ جو اسين سڃاڻپ، هستي، شهريت، حقن ۽ فرضن، پنهنجي قدرن کانسواءِ رهڻ نٿا چاهيون، تنهن ڪري اسان طاقت ذريعي موٽڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. طاقت جنهن کي اسين جدوجهد جي معنيٰ ٿا ڏيون، اُهو رستو آهي، جنهن ۾، فلسفياڻي طور تي، اسين پنهنجي تعلق جو عملي ثبوت ڏيون ٿا. جيڪڏهن 'ڊيسڪريٽ' چوي ٿو ته آءٌ سوچيان ٿو تنهن ڪري موجود آهيان، فلسطيني چوي ٿو، "آءٌ جدوجهد ۾ رُڌل آهيان تنهن ڪري موجود آهيان." (٢٠)

سو اِهو آهي عرفات وارو نسل، جيڪو پنهنجي ساروڻين ۽ سپنن سان ڇُهتيل آهي. عرفات جي عظيم سگهه، انهن سالن دوران ڪجهه اهڙين تلخين سان منهن مهاڏي ٿي آهي، جو پنهنجي ماڻهن کي فلسطين هاڻ باقي 'گوليءَ پنڌ تي' وارو راڳ ٻڌائي، هُن هڪ وڌيڪ سياسي حرفت کي ميدان ۾ لاٿو آهي. اهڙن ئي 'مهان فريبن' سبب هو سمورن ماڻهن جي ٿورڙي گهٽي فرق سان نمائندگي ڪندڙ تنظيم جي سرواڻي ڪرڻ ۾ سوڀارو رهيو آهي. جيئن ايڊورڊ سعيد چوي ٿو: "جيڪڏهن توهين اِهو ٿا سمجهو ته سڀ کان پهرين اوليت برادريءَ کي متحد رکڻ ۽ ان کي لڳاءُ،

ايڪتا ۾ قومي قيادت ڏيڻ آهي، تہ پوءِ آءٌ مجموعي طور تي چئي سگهان ٿو تہ هُن شاندار ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي. جيڪڏهن هئي پاسي اڱواڻ جو ڪردار آدرشي بڻجڻ، ۾ ماڻهن کي اعتماد ۾ وٺڻ ۾ وقت سر شين جي ڄاڻ ڏيڻ آهي تہ پوءِ اِهو نٿو ڪري سگهي، هُن ڪڏهن بہ اِهو ناهي ڪيو." (٢١)

فلسطيني دانشور ۾ عرفات جو وفادار ليلىٰ شهيد سمجهي ٿي تہ عرفات جي 'وڏي حاصلات' قومي مرضيءَ کي اظهار ۾ دڳ سان لائڻ آهي. "توهين اڻ ڳڻين عورتن جي، پنهنجا بار ڪاز لاءِ وڙهندي مارجي وڃڻ لاءِ ڇڏڻ واري فيصلي کي ڪيئن ٿا ڏسو؟ اِهو عرفات يا ڪنهن هئي لاءِ ناهي، پر ان جو بنيادي سبب ڪاز آهي، جيڪو هُن سيني کان وڌيڪ متاهون آهي." (٢٢)

هڪ جٽادار امن جي قيام ڏانهن جوڳي قدم کان سواءِ عرفات کي سياسي طور تي ختم نٿو ڪري سگهجي. 'جدوجهد جي آخري حصي' وارو مرحلو شايد سندس زندگيءَ ۾ نہ اچي سگهي. جيڪڏهن اسرائيلي ۾ فلسطيني امن ڳالهين جي نتيجي ۾ فلسطيني خودمختيار راڄ جهڙي ڪنهن فيصلي تي پهچن ٿا تہ اِهو مشڪل هوندو، تہ پناهگيريت ۾ موجود عرفات ۾ سندس ساٿين لاءِ ان ۾ ڪا گنجائش ڪڍي سگهجي. سندس سرڪشِ ۾ بي روڪ تحرڪ واري سندس حياتيءَ جي باوجود، ٻاهٺ ورهن جي ڄمار ۾ عرفات پنهنجي ذات جي خول ۾ ويڙهيل سيڙهيل نظر ٿو اچي، اِها عادت رکندڙ جي اَڏو دنيا تيزيءَ سان بدلجي رهي آهي. سندس ناٽڪي انداز تمام گهڻين تيارين پريا هوندا آهن. ڳالهين ۾ وڌيڪ ڊرامائي تبديلين جي اٿهوند ۾ هو ڪنهن حد تائين جمود واري ڪيفيت ۾ نظر ٿو اچي...

حوالا

پڇاڙي

١- ايڊورڊ سعيد انٽرويو، نيويارڪ، نومبر ١٩٨٩ع.
٢- Mideast Mirror، ١١ فيبروري ١٩٩١ع.
٣- New York Times، ١٦ مارچ ١٩٩١ع.
٤- Mideast Mirror،
١١ فيبروري ١٩٩١ع.
٥- ڏسو وليد خالديءَ جي لکڻي At a Critical Juncture: the United States & Palestinian People، واشنگٽن ڊي- سي، ١٩٨٩ع، صفحي: ٢٣ کان ٢٨ تائين.
٦- جاويد الغصين، ليڪڪن سان ٽيليفون انٽرويو، فيبروري ١٩٩٠ع.
٧- New York Times، ١٦ مارچ ١٩٩١ع.
٨- Washington Post، ١ اپريل ١٩٩١ع.
٩- عفيف صفيه انٽرويو، دي هيگ، جون ١٩٨٩ع.
١٠- Wall Street Journal، ١٩ڊسمبر ١٩٨٨ع.
١١- القباس سان انٽرويو، Mideast Mirror، ١٠ مئي ١٩٩٠ع تي ڇپيل.
١٢- شلومو ايونيري انٽرويو، لنڊن، فيبروري ١٩٩٠ع.
١٣- عرفات جو خط، Mideast Mirror مان کنيل، ٢٦ فيبروري ١٩٩٠ع.
١۴- Mideast Mirror، ٢٦ فيبروري ١٩٩٠ع.
١٥- Mideast Mirror، ١٢ فيبروري ١٩٩٠ع.
١٦- Mideast Mirror، ١ جون ١٩٩٠ع.
١٧- عرفات انٽرويو بي- بي- سي ٽيليويزن، ٥ جون ١٩٩٠ع.
١٨- جارج حباش انٽرويو، دمشق، نومبر ١٩٨٩ع.
١٩- صلاح خلف، Foreign Policy واشنگٽن ڊي- سي، بهار ١٩٩٠ع.
٢٠- خالدالحسن انٽرويو، ڪويت، اپريل ١٩٨٩ع.
٢١- ايڊورڊ سعيد انٽرويو، نيويارڪ، نومبر ١٩٨٩ع.
٢٢- ليليٰ شهيد انٽرويو، پئرس، آگسٽ ١٩٨٩ع.

ضميمو

ياسرعرفات ۽ فلسطيني مزاحمت جو آئيندو

رئوف نظاماڻي

سرد جنگ جي خاتمي دُنيا کي نين حقيقتن جي سامهون ڪيو آهي. اِهي حقيقتون دُنيا جي مختلف حصن ۾ متوقع ۽ غيرمتوقع طور نروار ٿي رهيون آهن. انهن حقيقتن مان هڪ دُنيا جي آزادي پسند تحريڪن ۽ سندن اڳواڻن جي شخصيتن ۾ پيدا ٿيل بُحران پڻ آهي. اُنهن کي هاڻي طاقت جي نئين عالمي توازن ۾ پنهنجو پاڻ کي ٺهڪائڻو آهي. سندن لاءِ اهو مسئلو انهي ڪري به ڏکيو آهي ته اهو توازن هِن وقت اُنهن قوتن جي هٿ وس آهي، جن آزادي جي تحريڪن کي چيپاڻڻ ۾ وسان ڪين گهٽايو آهي. اِها حقيقت پنهنجي جاءِ تي موجود آهي ته سرد جنگ جتي سوويت يونين جي وکرجڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو، اُتي آمريڪا پڻ معاشي لحاظ کان گهڻو متاثر ٿيو، پر سرد جنگ جي خاتمي آمريڪا جي سياسي اثر ۾ ڪنهن ذڪر جوڳي گهٽتائي کان سواءِ ڪيس معاشي لحاظ کان مضبوط ٿيڻ ۾ مدد ڏني آهي. تازن انگن اکرن موجب صنعتي ترقي ڪيل مُلڪن ۾ آمريڪا جپان کان پوءِ هن وقت ٻئي نمبر تي آهي، جڏهن ته جرمني جيڪو گذريل سال پهرين نمبر هو، هاڻي اوپر جرمنيءَ سان اتحاد جي ڪارڻ ڏڪجي وڃي پنجين نمبر تي بيٺو آهي. اهڙي ريت جيڪي آمريڪا جي معاشي زوال جي اڳڪٿي ڪن ٿا، اُنهن کي شايد هڪ ڀيرو وري مايوسي ٿئي.

هِن وقت دُنيا ۾ جيڪي مسئلا حل طلب آهن، اُنهن ۾ فلسطين جو مسئلو پڻ شامل آهي. اِنهي مسئلي جو حل اولهه ۽ خاص طور تي آمريڪا لاءِ اِنهي ڪري به ترجيح رکندڙ آهي ته جيئن علائقي ۾ اسرائيلي مٿيرائپ کي هڪ جائز ۽ قانوني شڪل ڏيئي سگهجي. پر اِنهي نبيري ۾ حتي الامڪان طور تي اُنهن ئي شرطن کي خاطر ۾ آندو ويندو جن کي اسرائيل قبول ڪندو ۽ جيڪي اُن جي مفاد وٽان هوندا. ان جو هڪ سبب اهو به آهي ته ڳالهه ٻولهه ۾ فلسطينن جي حيثيت ايڏي مضبوط ڪانهي، جيڏي فرانس خلاف الجزائر ۽ آمريڪا خلاف ويتنام جي هُئي يا هاڻي ڏکڻ آفريڪا جي نسل پرستن خلاف اي- اين- سي جي آهي. اِنهي ڪري فلسطيني عوام جي آدرشن ۽ حقيقتن ۾ هِڪ واضح وٿي موجود رهي آهي. پي- ايل- او کي نه رڳو فلسطينن جي واحد نمائنده تنظيم قرار ڏنو ويو پر اُن کي

تسليم ڪرڻ وارن مُلڪن جو تعداد هڪ مرحلي تي اسرائيل کي تسليم ڪندڙ مُلڪن کان به وڌيڪ هو: پوءِ به اُن کي امن ڳالهين کان ٻاهر رکيو ويو. ڇاڪاڻ ته اسرائيل ائين چاهيو ٿي ۽ پي- ايل- او کي مجبور ٿي اهڙن ماڻهن کي آشيرواد ڏيڻي پئي، جن کي اِهو حق نه هو ته اُهي پنهنجو پاڻ کي پي- ايل- او سان لاڳاپيل سڏرائي سگهن. ساڳي طرح اسرائيل سميت پوري فلسطين ۾ هڪ جمهوري ۽ سيڪيولر رياست جو خواب ڏيکاريندڙ فلسطيني نمائندن کي رڳو اِهو اختيار آهي ته اُهي والاريل علائقن جي محدود خودمختياري يا وڌ ۾ وڌ اردن سان ڪنفيڊريشن وغيره متعلق ڳالهائي سگهن ٿا.

اِنهي سڄي صُورتحال خوابن کي پيچي پورا پورا ڪري ڇڏيو آهي. نه رڳو اِهو ته شخصيتن جو ڪرشمو ختم ٿي ويو آهي پر اُنهن پڻ هاڻي اِهو مڃڻ شروع ڪيو آهي ته اُهي بجاءِ ڪا آسماني مخلوق هُئڻ جي هِن زمين تي ئي رهندڙ فاني انسان آهن. ياسرعرفات جيڪو فلسطينن جي جدوجهد جو ڄڻ ٻيو نالو آهي، تنهن کي هِن وقت ئي اِها ضرورت محسوس ٿي ته هو شادي ڪري پنهنجو گهر وسائي.

ٽين دُنيا جي انقلابي تحريڪن جيان ياسرعرفات جي شخصيت ڄڻ پُوري تحريڪ تي حاوي رهي آهي. عرفات جو پنهنجو ڪردار نهايت ئي سرگرم رهيو آهي ۽ خاص طور تي عرب دُنيا جي جهڳڙن ۾ هُن پنهنجي اڻ وابستگي کي گهڻي پاڳي برقرار رکيو آهي. اِها اڻ وابستگي جيتوڻيڪ ابهام جو شڪار رهي آهي پر اُن سان عرفات جي شخصيت کي گهڻو نقصان نه پهتو هو ۽ گهڻي پاڳي اِهو ڏيکاءُ ملندو هو ته هُو هڪ توازن برقرار رکڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. نار واري جنگ ۾ عراق جي حامين ۽ مخالف عرب مُلڪن جي وچ ۾ تضاد ۽ ٽڪراءُ نهايت واضح هُئا. اِنهي صُورتحال ۾ ابهام ۽ توازن جي گنجائش گهٽ هُئي ۽ ڪنهن هڪ يا ٻئي پاسي ٿيڻ جا امڪان وڌيڪ هُئا. ياسرعرفات ۽ پي- ايل- او جي پاليسي اِها هُئي ته ڪويت تي عراقي حملي جي مخالفت سان گڏوگڏ سعودي عرب وغيره ۾ آمريڪي فوجن جي اچڻ کي پڻ ننديو وڃي. پر ڏهين آگسٽ ١٩٩٠ع تي قاهره ۾ ٿيل عرب ليگ جي اجلاس ۾ حُسني مبارڪ پاران بجاءِ باقاعده ووٽنگ ڪرائڻ جي رڳو حمايت ۾ ووٽ گُهريا ويا. پي- ايل- او پاران اِنهي ٺهراءُ جي حمايت نه ڪئي وئي، جنهن کي پي- ايل- او پاران ٺهراءُ جي مخالفت ۽ عراقي اڳرائي جي حمايت ڪري ليکيو ويو. جڏهن ته پي- ايل- او پاران اِنهي جي وضاحت هِن ريت ڪئي وڃي ٿي ته جيڪڏهن مُبارڪ پاران ووٽنگ ڪرائي وڃي ها ته پي- ايل- او ٺهراءُ جي مخالفت ۾ ووٽ ڏيڻ جي بجاءِ غيرحاضر رهڻ کي ترجيح ڏئي ها. ٢٩- آگسٽ تي جينوا ۾ ٿيل غيرسرڪاري تنظيمن جي ڪانفرنس ۾ ساڳي ڳاله ياسرعرفات پنهنجي تقرير ۾ ڪئي ۽ اِنهي کي پي- ايل- او جي تنظيمي ڪاميٽي جي ١٢- سيپٽمبر ١٩٩٠ع واري بيان ۾ پڻ ورجايو ويو: پر اُن وقت تضاد ايترا ته تيز هُئا جو

وچ ۾ ويهڻ جي گنجائش ئي نہ هُئي. عراق خلاف آمريڪي اڳرائي جي نتيجي ۾ عرب مُلڪن جي عوام ۾، خاص طور تي والاريل علائقن جي فلسطينين ۾ جيڪو آمريڪا مخالف اُڀار پيدا ٿيو هو، اُن پي- ايل- او کي ڏکي عراق سان گڏ وڃي بيهاريو. اِنهي مرحلي تي عرفات جي شخصيت متنازع بڻجي ويئي ۽ پي- ايل- او سڌوسنئون جڻ آمريڪا جي حامي عرب مُلڪن سان ٽڪراءُ ۾ اچي بيٺي. انهن مُلڪن مان پي- ايل- او کي جيڪي فنڊ وغيره ملندا هُئا، اُهي بند ٿي ويا. جنگ کان پوءِ ياسرعرفات پاران انهن ناتن سُڌارڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي ۽ سندس پاران پنهنجن نمائندن کي مختلف مُلڪن ڏانهن اُماڻيو ويو پر اُن ۾ ڪيس ڪا خاص ڪاميابي نہ ٿي سگهي ۽ انهن مُلڪن پاران عرفات کي صدام جو ساٿي ڪري ٿي ليکيو ويو.

اِنهي پاليسيءَ جي ڪري فلسطينين کي معاشي ۽ سياسي لحاظ کان گهڻيون تڪليفون ڏسڻيون پيون. سيپٽمبر ١٩٩٠ع ۾ فلسطيني ٽريڊ يونين جي جنرل فيڊريشن اندازو لڳايو تہ چاونجاهہ هزار فلسطينين کي نار جي مُلڪن مان ڪمن تان جواب ڏنو ويو هو ۽ يا وري سندن ڪم جي معاهدن کي وڌايو نہ ويو هو. جڏهن تہ نار واري جنگ جي نتيجي ۾ اٽڪل ٽي کان چار لک فلسطيني اردن لڏي آيا هُئا. انهن وٽ جيتوڻيڪ اردن جو پاسپورٽ هو پر اُهي مشڪل سان ئي ڪڏهن اڳ اردن آيا هوندا ۽ سندن سيڪجهہ اُنهن ئي مُلڪن ۾ هو. فلسطينين جي انهن مُلڪن ڏانهن موٽي وڃڻ جا امڪان هاڻي نہ هُئڻ برابر آهن. ڇاڪاڻ تہ اُتان جي حڪمرانن پاران اڳ ئي ڪين ناپسنديده قرار ڏنو ويو آهي. فيبروري ١٩٩٢ع ۾ ڪويت جي ڪابينا جي سربراهہ فلسطينين کي غدار قرار ڏنو. ڇاڪاڻ تہ سندس چواڻي تہ اُنهن عراق جو ساٿ ڏنو هو. حالانڪ ڏنو وڃي تہ انهن ساٿ ڏيڻ وارن فلسطينين جو تعداد نهايت ٿورو هو، جڏهن تہ گهڻائي غيرسرگرم هُئي ۽ ايستائين جو ڪجهہ فلسطيني عراق مخالف مزاحمتي جٿن ۾ پڻ شامل هُئا.

نار واري جنگ جا خاص طور تي عرب عوام لاءِ نتيجا گهڻا مايوس ڪُن هُئا. صدام مان جيڪي اميدون لڳايون ويون هُيون، اُهي سڀ غلط ثابت ٿيون. اِنهيءَ سان فلسطيني مزاحمت کي جنهن هٿي ملڻ جو امڪان هو، اُهو بہ پورو ٿي نہ سگهيو. ماڻهن ۾ پي- ايل- او جي ليڊرشپ خلاف هڪ بددلي پيدا ٿيڻ شروع ٿي. انهن جذبن ۽ احساسن کي نار وارن مُلڪن ۽ ايران وغيره وڌيڪ هٿي ڏني. ان جو مقصد خاص طور تي عرفات کي سندس عراق جي ساٿ ڏيڻ جي سيڪت ڏيڻي هئي. والاريل علائقن ۾ حماس ۽ الجهاد وغيره جهڙين تنظيمن کي اُڀاريو ويو. عرفات جو چوڻ آهي تہ نار وارن مُلڪن، ايران ۽ اسرائيل انهن تنظيمن جي اثر وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هُو حماس کي ڏکڻ آفريڪا جي پارٽي انڪٿا سان گڏ بيهاري ٿو. جيڪا هميشہ نسل پرست سرڪار سان گڏ رهندي آئي آهي. اها

حقيقت آهي تہ ايستائين جو انتفاده جي شروع ٿيڻ تائين هماس جو والاريل علائقن ۾ اثر نہ هئڻ برابر هو ۽ هاڻي سندس اثر الفتح کان جيڪڏهن وڌيڪ نہ تہ گهٽ بہ ناهي. ڇا انهي لاءِ جيئن ياسرعرفات چئي ٿو تہ نار وارن ملڪن، ايران ۽ اسرائيل جي پٺيرائي ئي سبڪجھ آهي يا پي- ايل- او ۽ ياسرعرفات جون غلط پاليسيون بہ انهيءَ لاءِ جوابدار آهن. اها ڳالھ انهي ڪري بہ اهم آهي تہ فلسطيني مزاحمت جو سيڪيولر پاسو، جيڪو اجا تائين نهايت مضبوط رهندو آيو آهي، انهي سان متاثر ٿي سگهي ٿو. الجهاد اتحڪل تيرنهن سال اڳ قائم ٿي هئي ۽ هن وقت اُن جا پنج مختلف گروپ ڪم ڪري رهيا آهن جڏهن تہ هماس جو تعلق اخوان المسلمين سان هڏايو وڃي ٿو. انهن جي هڪ اڳواڻ جي دعويٰ آهي تہ ڪين هيستائين ايران کان ٿي ڪروڙ ڊالرن جي امداد ملي چُڪي آهي، پر هين مُلڪن مان تہ خود پي- ايل- او کي بہ امداد ملندي رهي آهي. اصل ڳالھ اها آهي تہ اهي تنظيمون عوام ۾ ڪيترو اثر رسوخ رکن ٿيون. جيئن مٿي اسان ٻڌايو آهي تہ وقت گذرڻ سان گڏوگڏ انهن تنظيمن جو ماڻهن ۾ اثر وڌي رهيو آهي.

اهڙي ريت عرفات لاءِ ڇڻ ٻنو چئلينج پيدا ٿي پيو آهي: هڪ پاسي پي- ايل- او ۾ موجود سندس ڪابي ڌر وارا مخالف آهن ۽ ٻئي پاسي پي- ايل- او کان ٻاهر سندس ساڄي ڌر وارا مخالف آهن. اها ڳالھ وڌندڙ طور تي سامهون اچي رهي آهي تہ اهي تنظيمون والاريل علائقن ۾ پنهنجي وڌندڙ اثر کي بين الاقوامي طور تي بہ ظاهر ڪرڻ ۽ پي- ايل- او کان پيش رفت کسڻ جي ڪوشش ڪن پيون. عرفات پاران انهن جي دٻاءُ کي قبول بہ ڪيو وڃي ٿو ۽ اُن کان انڪار بہ ڪيو وڃي ٿو. پرامن ڳالهيون جيئن جيئن اينگهنديون پيون وڃن ۽ اُنهن مان ڪو نتيجو نڪرندو نظر نہ ٿو اچي، تيئن تيئن پي- ايل- او ۽ اُن جي اڳواڻ جي حيثيت ڪمزور ٿيندي پئي وڃي. ڏينهون ڏينهن اسرائيل جو مؤقف سخت ٿيندو ۽ پي- ايل- او جي بيوسي وڌندي پئي وڃي. اهو سوال هن وقت عام طور تي اُٿاريو پيو وڃي تہ ڇا ڳالھ ٻولھ ۾ ڪجھ حاصل ڪرڻ کان پوءِ هر شيءِ تان هٿ کڻڻ جائز آهي؟ مارچ ١٩٩٢ع ۾ ١٧٩ ممتاز فلسطينين، جن ۾ فلسطين جي قومي ڪائونسل جا ١١٧ ميمبر بہ شامل هئا، پي- ايل- او جي چيئرمين ياسرعرفات ۽ تنظيم جي ٻين اڳواڻن کي امن ڳالهين متعلق پنهنجي تشويش کان آگاھ ڪيو. اُنهن اسرائيل کي تيزيءَ سان عرب زمين قبائڻ، آباديءَ کي بيدخل ڪرڻ ۽ قومي اڳواڻن کي والاريل علائقن مان مُلڪ بدر ڪرڻ جو ذوهي قرار ڏنو. آمريڪا ۽ اسرائيل پاران فلسطينين تي لاڳو پابندين جو مقصد ”ڳالھ ٻولھ جي انهي عمل کي خودانتظامي ڏيئي ۽ فلسطينين جي مستقل غلاميءَ لاءِ حالتن کي پيدا ڪري، فلسطينين جي مقصد ۽ عوام جي قومي حقن ٻنهي کي ختم ڪرڻ آهي.“

اهو دُرست آهي تہ فلسطينين جو هڪ وڏو تعداد ڳالهين جي حق ۾ بہ آهي ۽

منجهانئن ڪن جو تہ اِهو بہ خيال آهي تہ اُنهن ١٩٧٨ع ۾ ڪئمپ ڊيوڊ کي رد ڪري هِڪ موقعو هٿان وڃائي ڇڏيو هو ۽ هاڻي اِنهي موقعي کي هٿان وڃڻ نہ ڏيڻ گهرجي، پر اهڙا فلسطيني ڳالهہ ٻولهہ کي آزاد فلسطيني رياست قائم ڪرڻ جو ذريعو سمجهن ٿا. جڏهن تہ آمريڪا ۽ اسرائيل اِنهي متعلق مختلف خيال رکن ٿا ۽ سندن مقصد رڳو فلسطينين کي هِڪ محدود انتظامي خودمختياري ڏيڻ آهي. اسرائيل جي اڳوڻي حڪمران جماعت لڪوئڊ ۽ هاڻوڪي حڪمران جماعت ليبر، آزاد فلسطيني رياست جي ڪنهن بہ امڪان کي ماڳهين رد ڪن ٿيون. اِنهي مؤقف ۾ اسرائيل جي وڌنڌڙ هٺ ڌرمي جي ڪري پي- ايف- ايل- پي ۽ ڊي- ايف- ايل- پي جهڙيون پي- ايل- او جون رُڪن جماعتون بہ ڳالهہ ٻولهہ جي موجوده بيهڪ کي رد ڪن ٿيون. اسرائيل پاران ڊسمبر ١٩٩٢ع ۾ جڏهن ٤١٣ فلسطينين کي مُلڪ بدر ڪيو ويو تہ اِهو امڪان پيدا ٿي پيو هو تہ امن ڳالهيون وڌيڪ جاري نہ رهي سگهنديون. جاڪاڻ تہ پي- ايل- او اِهو مؤقف اختيار ڪيو هو تہ جيستائين اسرائيل انهن ترڙيل فلسطينين کي پنهنجن گهرن ڏانهن موٽڻ جي اجازت نٿو ڏئي، تيستائين امن ڳالهيون معطل رهنديون. پر اسرائيل جڏهين سلامتي ڪائونسل جي ٺهراءُ کي مڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ آمريڪا پاران اُن جي پٺيرائي ڪئي وئي ۽ معاملو اينگهجي ويو تہ ياسرعرفات کي اِنهي خدشي اچي ورايو تہ جيڪڏهن هو پنهنجي اڳ اختيار ڪيل مؤقف تي قائم رهيو تہ اِهو مُمڪن آهي تہ وقت سندس هٿن مان نڪري وڃي ۽ تحريڪ تي سخت مؤقف رکندڙ حاوي ٿي وڃن. اِنهي ڪري سندس پاران وري ڳالهيون شروع ڪرڻ تي رضامندي ڏيکاري وئي. اِنهي سان پي- ايل- او جي اڳواڻ جي ڪمزوري جو پتو پيو ٿي ۽ اِها خبر پئي ٿي تہ هو سخت مؤقف رکندڙن کان بچڻ لاءِ تيزي سان آمريڪا ۽ اسرائيل ڏانهن ٻوڙ پائڻ چاهي ٿو تہ جيئن پنهنجي مقام کي ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ قائم رکي. عرفات تازو پنهنجي هِڪ انٽرويو ۾ چيو تہ "جيڪڏهن امن ڳالهيون ناڪام ٿين ٿيون تہ پوءِ اسان کي اِنهي علائقي ۾ مڪمل مونجهاري ۽ بلقانيت جي توقع رکڻ گهرجي." سندس چواڻي تہ اِهو آخري موقعو آهي پر هُو ساڳي وقت اِنهي ڳالهہ کي پڻ مڃي ٿو تہ "اڃا تائين ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيو آهي." عرفات کي اسرائيلي وزيراعظم کان اِها بہ شڪايت آهي تہ هنُ سندس اِنهي ذاتي اپيل جو ڪوبہ جواب نہ ڏنو آهي تہ 'بهادرن واري امن' جي نالي لاءِ همّت پيدا ڪرڻ گهرجي. اِهو ٻيگال جو استعمال ڪيل اصطلاح آهي ۽ عرفات جو چوڻ آهي تہ "اسرائيل ۾ ڪو ٻيگال ناهي ۽ نہ ئي اُتي ڪو ڊي ڪلرڪ (ڏکڻ آفريڪي صدر) آهي."

هِن وقت فلسطيني مزاحمت جو مرڪز فلسطين کان ٻاهر نہ پر فلسطين جي اندر ۽ خاص طور تي والاريل علائقن ۾ منتقل ٿي ويو آهي. اِها هِڪ فطري ڳالهہ هُئي ۽ خاص طور تي ڊسمبر ١٩٨٧ع ۾ انتقاده جي شروعات اِنهي عمل کي تيز

ڪري ڇڏيو ٿو. انهن علائقن ۾ هلندڙ جدوجهد ئي مستقبل ۾ فلسطيني قيادت جي ڪردار ۽ اُن جي نوعيت جو فيصلو ڪندي. نار واري جنگ انهن علائقن کي معاشي ۽ سياسي لحاظ کان شديد طور متاثر ڪيو آهي. شروعات ۾ صدام جي اسرائيل ۽ آمريڪا مخالفت جي فلسطينين پاران پرجوش آجيان ڪئي ويئي هئي ۽ شايد اِهو بہ هڪ سبب هو جو عرفات پاڻ کي مڪمل طور صدام سان هڪ ڪري ڇڏيو. پر اِنهي جنگ جي ڪري هڪ تہ اُنهن رقمن جو اچڻ بند ٿي ويو، جيڪي نار ۾ رهندڙ فلسطيني پنهنجن مٽن مائٽن ڏانهن موڪليندا هُئا ۽ ٻيو تہ اسرائيل پاران والاريل علائقن جي ماڻهن جي اسرائيل ۾ ڪم ڪرڻ تي مختلف پابنديون مڙهيون ويون ۽ هاڻي تازو سندن اسرائيل ۾ داخل ٿيڻ تي مڪمل پابندي وڌي ويئي آهي. اولهندي ڪناري ۽ غزّه جي پٽي جا اٽڪل هڪ لک کان وڌيڪ ماڻهو روزانہ روزگار لاءِ اسرائيل ويندا هُئا. جڏهن تہ غزه جي اڌ ۽ اولهندي ڪناري جي ٽيه سيڪڙو آمدني اِنهي ذريعي مان ايندي هُئي. اِهي ماڻهو اسرائيل جي ڪُل افرادي قوت جو اٽڪل ڇهہ سيڪڙو آهن. انهن پابندين ۽ اسرائيل جي روزاني جي وڌندڙ تشدد ۽ هڻ ڏرمي عام ماڻهوءَ کي اجا وڌيڪ انتهائن ڏانهن ڌڪي ڇڏيو آهي. تازو نيوز ويڪ جي شايع ڪيل ڪجهہ اهم انگن اکرن مان خبر پئي ٿي تہ ٨- ڊسمبر ١٩٨٧ع تي انتفاده جي شروع ٿيڻ کان وٺي هيستائين يارنهن سؤ فلسطيني ۽ هڪ سؤ سٺ اسرائيلي ماريا ويا آهن. انهن فلسطينين مان ٻہ سؤ ٽيٽيهہ سورنهن سالن کان گهٽ عُمر وارا ٻار آهن، جيڪي حفاظتي فوجن جي گولين جو بک بڻجي ويا. جڏهن تہ ٽيهہ اهڙا ٻار آهن جن جي عُمر تيرنهن سالن کان بہ گهٽ هُئي.

عرفات بنيادي طور تي فلسطين جي جلاوطن مزاحمتي تحريڪ جو اڳواڻ آهي. انهي ۾ ڪو شڪ ناهي تہ ڪيس والاريل علائقن ۾ چڱي خاصي مقبوليت حاصل رهي آهي، پر سندس سرگرمين جو محور گهڻو ڪري فلسطين کان ٻاهر رهيو آهي. اِنهي ڪريٰ ٽين دُنيا جي گهڻن مُلڪن ۾ مزاحمتي تحريڪن وانگر سندس هڪ ديومالائي اڳواڻ واري حيثيت رهي آهي، پر جڏهن اِها ديومالائي شخصيت حالتن سان ٺهڪندي نہ آهي يا حقيقيت سا ٽڪراءُ ۾ ايندي آهي تہ متنازعہ بڻجي ويندي آهي ۽ سندس حيثيت گهٽجي ويندي آهي. انهيءَ جو تازو مثال نيلسن منڊيلا آهي، جنهن کي هن وقت اي- اين- سي ۾ وڌي مخالفت کي مُنهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي.

عرفات جي حيثيت منڊيلا جي ڀيٽ ۾ بہ ڪمزور ٿيندي پئي وڃي. ڇاڪاڻ تہ ڏکڻ آفريڪا جي نسل پرست سرڪار منڊيلا کي جيڪي رعايتون ڏيڻ تي آماده آهي، اسرائيلي اڳواڻ اُنهن متعلق ڳالهائڻ لاءِ بہ تيار نہ آهن. اسرائيل جنهن طريقي سان موجوده ڳالهہ ٻولهہ کي هلائڻ چاهي ٿو ۽ فلسطيني اڳواڻ اُن کي ڏينهون ڏينهن جيڪي رعايتون ڏيئي رهيا آهن، اُنهن کي ڏسندي اِهو چئي سگهجي ٿو تہ آزاد فلسطيني رياست جي قيام جو خواب ڏينهون ڏينهن ڏور ٿيندو پيو وڃي.

ڳالهه ٻولهه جي ايجنڊا تي اسرائيل، يروشلم جي سوال کي رکڻ لاءِ بلڪل ئي تيار ناهي. جڏهن تہ اِهو سوال چڻ سڄي مسئلي جي جان آهي. يروشلم فلسطينين جي مجوزه رياست جي گاديءَ جو هنڌ آهي، پر ١٩٦٧ع ۾ اُيرندي يروشلم کي فتح ڪري ۽ پوءِ پاڻ سان ملائڻ کان پوءِ اسرائيل پاران شهر ۾ ڪيل تبديليون مسئلي جي گنڀيرتا جي نشاندهي ڪن ٿيون. ١٩٦٧ع کان اڳ اولهندي يروشلم ۾ يهودين ۽ اُيرندي يروشلم ۾ عربن جي گهڻائي هُئي، پر شهر جي ٻنهي حصن کي گڏڻ کان پوءِ اسرائيل پاران اُيرندي حصي ۾ يهودي وستين جو جيڪو جار وڇايو ويو، اُن آبادي جي توازن کي بلڪل ئي تبديل ڪري ڇڏيو آهي. تازو يروشلم جي ميئر جو اهو بيان ڇپيو آهي تہ اُيرندي يروشلم ۾ يهودين جي آبادي عربن کان وڌي وئي آهي. سڄي شهر جي گڏيل آباديءَ تي نظر وجهبي تہ اِها خبر پوندي تہ هن وقت شهر جي ڪُل آباديءَ جو ٻاهتر سيڪڙو يهودي ۽ رڳو اٺاويهہ سيڪڙو عرب آهن.

اِنهي صُورتحال کي ڏسندي اِهو چئي سگهجي ٿو تہ عرفات ڏينهون ڏينهن وڌيڪ اڪيلو ٿيندو پيو وڃي. خاص طور تي اِنهي ڪري بہ تہ جن عرب مُلڪن تي سندس دارومدار هو اُهي هاڻي آمريڪا ۽ ايسٽائين تہ اسرائيل سان پنهنجن ناتن کي سُڌارڻ جي هر مُمڪن ڪوشش ڪري رهيا آهن. ڪويت وغيره جي ڳالهہ تہ سمجهہ ۾ اچي ٿي تہ اُنهن اسرائيل سان ڏيتي ليتي ڪندڙ ڪمپنين کي بليڪ لسٽ مان ڇو ڪڍيو آهي، پر هن وقت لبيا جو معمّر قذافي نہ رڳو آمريڪي صدر ڪلنٽن جي تعريفن جا ڍُڪ پيو ڀري پر سندس پاران ساڳي وقت اسرائيل کي اڻ سڌي طريقي سان اِها آڇ ڪئي پئي وڃي تہ لبيا کي غزه ۽ اولهندي ڪناري ۾ سيڙپ جي اجازت ڏني وڃي. في الحال اسرائيل اِنهي آڇ کي اِهو چئي رد ڪري ڇڏيو آهي تہ اسرائيل وڪري لاءِ ناهي. ساڳي طرح شام گولان جي ٽڪرين جي عيوض اسرائيل سان ڏيتي ليتي ڪرڻ لاءِ تيار آهي.

وچ اوڀر جي سڄي انتظام کي پنهنجي هٿ وس ڪرڻ لاءِ آمريڪا جي هن وقت حتي الامڪان اِها ڪوشش هوندي تہ فلسطين جي مسئلي کي پنهنجي مرضي ۽ مفادن موجب طئي ڪيو وڃي. عالمي سياست جي تناظر ۾ ڏٺو وڃي تہ هن وقت آمريڪا جو اسلامي بنيادپرستيءَ سان هڪ تضاد ئي ٿو. اِنهي ڪري سندس اِها ڪوشش هوندي تہ فلسطين جي مسئلي کي حل ڪندي حماس، الجهاد ۽ ٻين بنيادپرستن کي ڪي رعايتون نہ ڏنيون وڃن. اِن جو متبادل اِهو ئي ٿي سگهي ٿو تہ عرفات جي منظر تان هٽڻ کان اڳ ساڻس معاملا طئي ڪيا وڃن. پر آمريڪي پاليسي عرفات کي ٻڌتر ۾ وجهي ڇڏيو آهي. فلسطينين کي هن وقت جيڪي ڪُجهہ آڇيو پيو وڃي اُهو قبولڻ چڻ عرفات پاران پنهنجي موت جي پرواني تي صحيح ڪرڻ آهي، جڏهن تہ ائين نہ ڪرڻ سان بہ سندس مقبوليت جو گراف هيٺ ڪرندو ئي ويندو ۽ مذهبي بنيادپرست وڌيڪ مضبوط ٿيندا. تازو اِها ڳالهہ سامهون آئي تہ

تيونس ۾ پي- ايل- او اڳواڻن جي هڪ اجلاس ۾ عرفات بدعُنواني جي الزامن ڪان پوءِ اڳواڻيءَ تان استعفيٰ ڏيئي اجلاس مان ڪاوڙجي نڪري ويو. هڪ انٽرويو ۾ جڏهن ڪانئس انهي متعلق پُڇيو ويو ته هُن انهي ڪي رد ڪندي چيو ته "اسان وٽ جمهوريت آهي، آئون چاهيندس ته هُو مُنهنجي استعفيٰ کي منظور ڪن."

هن وقت فلسطين جو مسئلو ڪافي مُنجهيل آهي. جيڪڏهن آزاد فلسطيني رياست جي قيام کي هڪ پاسي رکي رڳو اردن سان ڪنفيڊريشن واري پاسي تي ئي سوچيو وڃي ته به اِهو ويجهي مستقبل ۾ ممڪن ڪونه ٿو لڳي. اسرائيل، والاريل علائقن تي پنهنجو تاريخي ۽ مذهبي حق سمجهي ٿو ۽ اُنهن کي ڪنهن به صُورت ۾ پنهنجي تسلط هيٺ رکڻ چاهي ٿو. انهي ۾ کيس آمريڪا جي پُوري پٺڀرائي حاصل آهي. فلسطينين سان مسئلو اِهو آهي ته اسرائيل جي غلامي قبولڻ سندن وجود ۽ سڄي جدوجهد جي نفي آهي پر ساڳي وقت هُو انهي حيثيت ۾ به ناهن جو پنهنجن شرطن يا برابريءَ جي سطح تي پنهنجي رياست ۽ امن حاصل ڪري سگهن. انهي صُورتحال ۾ انهي ڳالھ جو امڪان وڌيڪ آهي ته انتفاده جيڪا ڊسمبر ۱۹۸۷ع ڪان جاري آهي، مستقل جاري رهي. انهن حالتن ۾ پي- ايل- او جي اڳواڻي واري ڪردار جي گهٽجڻ جا امڪان وڌيڪ آهن. جاڪاڻ ته اسرائيل سندن شرطن کي مڃڻ لاءِ تيار ناهي ۽ هُو جيڪڏهن اسرائيل جي شرطن تي ٺاھ ڪن ٿا ته فلسطينين جي گهڻائي ۽ خاص طور تي نوجوان اهڙي ٺاھ کي قبولڻ لاءِ تيار نہ ٿيندا ۽ نتيجي ۾ پي- ايل- او جي مقبوليت کي ڌڪ لڳندو. ساڳي طرح والاريل علائقن ۾ حالتون ڏينهون ڏينهن خراب ٿي رهيون آهن ۽ پي- ايل- او انهي متعلق ڪو واضح مؤقف ۽ اڳواڻي سامهون نہ آڻي سگهي آهي. ٺاھ نہ ٿيڻ ۽ حالتن جي جيئن جو تيئن رهڻ جي صورت ۾ پي- ايل- او ڪان ٻاهر ۽ خاص طور تي مذهبي بنيادپرست تنظيمن، جيڪي اسرائيل خلاف سخت مؤقف رکن ٿيون، جي اثر ۾ اچا وڌيڪ واڌاري اچڻ جا امڪان واضح آهن.

اِهو تاريخ ۽ انساني تهذيب جو اڻ مٽ قانون آهي ته جيڪي تنظيمون ۽ شخصيتون حالتن سان ٺهڪي نہ سگهنديون آهن اُهي تاريخ جي ورقن ۾ گم ٿي وينديون آهن. اِهو ڪنهن جي پسند ناپسند يا افسوس ۽ خوشيءَ جو معاملو ناهي ۽ هر ڪنهن کي اِنهي امتحان مان گذرڻو پوندو آهي. حالتن کي ڏسندي اِهو امڪان ڏيکاري سگهجي ٿو ته ڪٿي ياسرعرفات ۽ ايسٽائين ته پي- ايل- او به اهڙو هڪ ٻيو مثال نہ بڻجي وڃن.

ياسرعرفات ۽ فلسطيني مزاحمت جو آئيندو

رئوف نظاماڻي

سرد جنگ جي خاتمي دُنيا کي نين حقيقتن سان دوچار ڪيو آهي. اِهي حقيقتون دُنيا جي مختلف حصن ۾ متوقع ۽ غيرمتوقع طور نروار ٿي رهيون آهن. انهن حقيقتن مان هڪ دُنيا جي آزادي پسند تحريڪن ۽ سندن اڳواڻن جي شخصيتن ۾ پيدا ٿيل بُحران پڻ آهي. اُنهن کي هاڻي طاقت جي نئين عالمي توازن ۾ پنهنجو پاڻ کي ٺهڪائڻو آهي. سندن لاءِ اِهو مسئلو اِنهي ڪري بہ ڏکيو آهي تہ اِهو توازن هن وقت اُنهن قوتن جي هٿ وس آهي، جن آزادي جي تحريڪن کي چيڀاٽڻ ۾ وسان ڪين گهٽايو آهي. اِها حقيقت پنهنجي جاءِ تي موجود آهي تہ سرد جنگ جتي سوويت يونين جي ٽڪرجڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو، اُتي آمريڪا پڻ معاشي لحاظ کان گهڻو متاثر ٿيو پر سرد جنگ جي خاتمي آمريڪا جي سياسي اثر ۾ ڪنهن ذڪر جوڳي گهٽتائي کان سواءِ ڪيس معاشي لحاظ کان مضبوط ٿيڻ ۾ مدد ڏني آهي. تازن انگن اکرن موجب صنعتي ترقي ڪيل مُلڪن ۾ آمريڪا جپان کان پوءِ هن وقت ٻئي نمبر تي آهي، جڏهن تہ جرمني جيڪو گذريل سال ٻيون نمبر هو، هاڻي اوڀر جرمنيءَ سان اتحاد جي ڪارڻ ڏکجي وڃي پنجين نمبر تي بيٺو آهي. اهڙي ريت جيڪي آمريڪا جي معاشي زوال جي اڳڪٿي ڪن ٿا، اُنهن کي شايد هڪ ڀيرو وري مايوسي ٿئي.

هن وقت دُنيا ۾ جيڪي مسئلا حل طلب آهن، اُنهن ۾ فلسطين جو مسئلو پڻ شامل آهي. اِنهي مسئلي جو حل اولهہ ۽ خاص طور تي آمريڪا لاءِ اِنهي ڪري بہ ترجيح رکندڙ آهي تہ جيئن علائقي ۾ اسرائيلي مٿيرائپ کي هڪ جائز ۽ قانوني شڪل ڏيئي سگهجي. پر اِنهي نبيري ۾ حتي الامڪان طور تي اُنهن ئي شرطن کي خاطر ۾ آندو ويندو جن کي اسرائيل قبول ڪندو ۽ جيڪي اُن جي مفاد وٽان هوندا. ان جو هڪ سبب اِهو بہ آهي تہ ڳالهہ ٻولهہ ۾ فلسطينين جي حيثيت ايڏي مضبوط ڪانهي جيڏي فرانس خلاف الجزائر ۽ آمريڪا خلاف ويتنام جي هُئي يا هاڻي ڏکڻ آفريڪا جي نسل پرستن خلاف اي- اين- سي جي آهي. اِنهي ڪري فلسطيني عوام جي آدرشن ۽ حقيقتن ۾ هِڪ واضح وٿي موجود رهي آهي. پي-

ايل- او کي نہ رڳو فلسطينين جي واحد نمائنده تنظيم قرار ڏنو ويو پر اُن کي تسليم ڪرڻ وارن مُلڪن جو تعداد هڪ مرحلي تي اسرائيل کي تسليم ڪندڙ مُلڪن کان بہ وڌيڪ هو؛ پوءِ بہ اُن کي امن ڳالهين کان ٻاهر رکيو ويو. جاڪاڻ تہ اسرائيل ائين چاهيو ٿي ۽ پي- ايل- او کي مجبور ٿي اهڙن ماڻهن کي آشيرواد ڏيڻي پئي، جن کي اهو حق نہ هو تہ اُهي پنهنجو پاڻ کي پي- ايل- او سا لاڳاپيل سڏرائي سگهن. ساڳي طرح اسرائيل سميت پوري فلسطين ۾ هڪ جمهوري ۽ سيڪيولر رياست جو خواب ڏيکاريندڙ فلسطيني نمائندن کي رڳو اهو اختيار آهي تہ اُهي والاريل علائقن جي محدود خودمختياري يا وڌ ۾ وڌ اردن سان ڪنفيڊريشن وغيره متعلق ڳالهائي سگهن ٿا.

اِنهي سڄي صُورتحال خوابن کي پيچي پورا پورا ڪري ڇڏيو آهي. نہ رڳو اهو تہ شخصيتن جو ڪرشمو ختم ٿي ويو آهي پر اُنهن پڻ هاڻي اهو محسوس ڪيو آهي تہ اُهي بجاءِ ڪا آسماني مخلوق هُئڻ جي هِن زمين تي ئي رهندڙ فاني انسان آهن. ياسرعرفات جيڪو فلسطينين جي جدوجهد جو جڻ ٻيو نالو آهي، تنهن کي هِن وقت ئي اِها ضرورت محسوس ٿي تہ هُو شادي ڪري پنهنجو گهر وسائي.

ٽين دُنيا جي انقلابي تحريڪن جيان ياسرعرفات جي شخصيت جڻ پُوري تحريڪ تي حاوي رهي آهي. عرفات جو پنهنجو ڪردار نهايت ئي سرگرم رهيو آهي ۽ خاص طور تي عرب دُنيا جي جهڳڙن ۾ هُن پنهنجي اڻ وابستگي کي گهڻي ڀاڳي برقرار رکيو آهي. اِها اڻ وابستگي جيتوڻيڪ ابهام جو شڪار رهي آهي پر اُن سان عرفات جي شخصيت کي گهڻو نقصان نہ پهتو هو ۽ گهڻي ڀاڳي اهو ڏيکاءُ ملندو هو تہ هُو هڪ توازن برقرار رکڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. نار واري جنگ ۾ عراق جي حامين ۽ مخالف عرب مُلڪن جي وچ ۾ تضاد ۽ ٽڪراءُ نهايت واضح هُئا. اِنهي صُورتحال ۾ ابهام ۽ توازن جي گنجائش گهٽ هُئي ۽ ڪنهن هڪ يا ٻئي پاسي ٿيڻ جا امڪان وڌيڪ هُئا. ياسرعرفات ۽ پي- ايل- او جي پاليسي اِها هُئي تہ ڪويت تي عراقي حملي جي مخالفت سان گڏوگڏ سعودي عرب وغيره ۾ آمريڪي فوجن جي اچڻ کي پڻ ننديو وڃي. پر ڏهين آگسٽ 1990ع تي قاهره ۾ ٿيل عرب ليگ جي اجلاس ۾ حُسني مبارڪ پاران بجاءِ باقاعده ووٽنگ ڪرائڻ جي رڳو حمايت ۾ ووٽ گُهريا ويا. پي- ايل- او پاران اِنهي ٺهراءُ جي حمايت نہ ڪئي ويئي، جنهن کي پي- ايل- او پاران ٺهراءُ جي مخالفت ۽ عراقي اگرائي جي حمايت ڪري ليکيو ويو. جڏهن تہ پي- ايل- او پاران اِنهي جي وضاحت هِن ريت ڪئي وڃي ٿي تہ جيڪڏهن مُبارڪ پاران ووٽنگ ڪرائي وڃي ها تہ پي- ايل- او ٺهراءُ جي مخالفت ۾ ووٽ ڏيڻ جي بجاءِ غيرحاضر رهڻ کي ترجيح ڏئي ها. 29- آگسٽ تي جنيوا ۾ ٿيل غيرسرڪاري تنظيمن جي ڪانفرنس ۾ ساڳي ڳالھ ياسرعرفات پنهنجي تقرير ۾ ڪئي ۽ اِنهي کي پي- ايل- او جي تنظيمي ڪاميٽي جي 12-

سيپٽمبر 1990ع واري بيان ۾ پڻ ورجايو ويو. پر اُن وقت تضاد ايترا تہ تيز هُئا جو وچ ۾ بيهڻ جي گنجائش ئي نہ هُئي. عراق خلاف آمريڪي اڳرائي جي نتيجي ۾ عرب مُلڪن جي عوام، ۽ خاص طور تي والاريل علائقن جي فلسطينين ۾ جيڪو آمريڪا مخالف اُڀار پيدا ٿيو هو، اُن پي- ايل- او کي ڌڪي عراق سان گڏ وڃي بيهاريو. اِنهي مرحلي تي عرفات جي شخصيت متنازعہ بڻجي ويئي ۽ پي- ايل- او سڌوسنئون جڻ آمريڪا جي حامي عرب مُلڪن سان ٽڪراءُ ۾ اچي بيٺي. انهن مُلڪن مان پي- ايل- او کي جيڪي فنڊ وغيره ملندا هُئا، اُهي بند ٿي ويا. جنگ کان پوءِ ياسرعرفات پاران انهن ناتن سُڌارڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي ۽ سندس پاران پنهنجن نمائندن کي مختلف مُلڪن ڏانهن اُماڻيو ويو پر اُن ۾ کيس ڪا خاص ڪاميابي نہ ٿي سگهي ۽ انهن مُلڪن پاران عرفات کي صدام جو ساٿي ڪري ٿي ليکيو ويو.

اِنهي پاليسيءَ جي ڪري فلسطينين کي معاشي ۽ سياسي لحاظ کان گهڻيون تڪليفون ڏسڻيون پيون. سيپٽمبر 1990ع ۾ فلسطيني ٽريڊ يونين جي جنرل فيڊريشن اندازو لڳايو تہ ڇاونجاهہ هزار فلسطينين کي نار جي مُلڪن مان ڪمن تان جواب ڏنو ويو هو ۽ يا وري سندن ڪم جي معاهدن کي وڌايو نہ ويو هو. جڏهن تہ نار واري جنگ جي نتيجي ۾ اٽڪل ٽي کان چار لک فلسطيني اردن لڏي آيا هُئا. انهن وٽ جيتوڻيڪ اردن جو پاسپورٽ هو پر اُهي مشڪل سان ئي ڪڏهن اڳ اردن آيا هوندا ۽ سندن سيڪجهہ اُنهن ئي مُلڪن ۾ هو. فلسطينين جي انهن مُلڪن ڏانهن موٽي وڃڻ جا امڪان هاڻي نہ هُئڻ برابر آهن. ڇاڪاڻ تہ اُتان جي حڪمرانن پاران اڳ ئي کين ناپسنديده قرار ڏنو ويو آهي. فيبروري 1992ع ۾ ڪويت جي ڪابينا جي سربراهہ فلسطينين کي غدار قرار ڏنو. ڇاڪاڻ تہ سندس چواڻي تہ اُنهن عراق جو ساٿ ڏنو هو. حالانڪہ ڏنو وڃي تہ انهن ساٿ ڏيڻ وارن فلسطينين جو تعداد نهايت ٿورو هو، جڏهن تہ گهڻائي غيرسرگرم هُئي ۽ ايستائين جو ڪجهہ فلسطيني عراق مخالف مزاحمتي جٿن ۾ پڻ شامل هُئا.

نار واري جنگ جا خاص طور تي عرب عوام لاءِ نتيجا گهڻا مايوس ڪُن هُئا. صدام مان جيڪي اميدون لڳايون ويون هيون، اُهي سڀ غلط ثابت ٿيون. اِنهيءَ سان فلسطيني مزاحمت کي جنهن هٿي ملڻ جو امڪان هو، اُهو بہ پورو ٿي نہ سگهيو. ماڻهن ۾ پي- ايل- او جي ليڊرشپ خلاف هڪ بددلي پيدا ٿيڻ شروع ٿي. انهن جذبن ۽ احساسن کي نار وارن مُلڪن ۽ ايران وغيره وڌيڪ هٿي ڏني. ان جو مقصد خاص طور تي عرفات کي سندس عراق جي ساٿ ڏيڻ جي سيکت ڏيڻي هُئي. والاريل علائقن ۾ حماس ۽ الجهاد وغيره جهڙين تنظيمن کي اُڀاريو ويو. عرفات جو چوڻ آهي تہ نار وارن مُلڪن، ايران ۽ اسرائيل انهن تنظيمن جي اثر وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هُو حماس کي ڏکڻ آفريڪا جي پارٽي انڪٿا سان گڏ

بيهاري ٿو جيڪا هميشہ نسل پرست سرڪار سان گڏ رهندي آئي آهي. اِها حقيقت آهي تہ ايستائين جو انتفاده جي شروع ٿيڻ تائين هماَس جو والاريل علائقن ۾ اثر نہ هُئڻ برابر هو ۽ هاتي سندس اثر الفتح کان جيڪڏهن وڌيڪ نہ تہ گهٽ بہ ناهي. ڇا اِنهي لاءِ جيئن ياسرعرفات چئي ٿو تہ نار وارن مُلڪن، ايران ۽ اسرائيل جي پٺڀرائي ئي سبڪجھ آهي يا پي- ايل- او ۽ ياسرعرفات جون غلط پاليسيون بہ اِنهيءَ لاءِ جوابدار آهن. اِها ڳالھ اِنهي ڪري بہ اِهم آهي تہ فلسطيني مزاحمت جو سيڪيولر پاسو، جيڪو اجا تائين نهايت مضبوط رهندو آيو آهي، اِنهي سان متاثر ٿي سگهي ٿو. الجهاد اٽڪل ٽيرنهن سال اڳ قائم ٿي هُئي ۽ هِن وقت اُن جا پنج مختلف گروپ ڪم ڪري رهيا آهن، جڏهن تہ هماَس جو تعلق اخوان المسلمين سان ٻُڌايو وڃي ٿو. انهن جي هِڪ اڳواڻ جي دعويٰ آهي تہ ڪين هيستائين ايران کان ٽي ڪروڙ ڊالرن جي امداد ملي چُڪي آهي، پر ٻين مُلڪن مان تہ خود پي- ايل- او کي بہ امداد ملندي رهي آهي. اصل ڳالھ اها آهي تہ اِهي تنظيمون عوام ۾ ڪيترو اثر رسوخ رکن ٿيون. جيئن مٿي اسان ٻُڌايو آهي تہ وقت گذرڻ سان گڏوگڏ انهن تنظيمن جو ماڻهن ۾ اثر وڌي رهيو آهي.

اهڙي ريت عرفات لاءِ جڻ ٻٽو چئلينج پيدا ٿي پيو آهي. هڪ پاسي پي- ايل- او ۾ موجود سندس ڪابي ڌر وارا مخالف آهن ۽ ٻئي پاسي پي- ايل- او کان ٻاهر سندس ساڄي ڌُر وارا مخالف آهن. اها ڳالھ وڌنڌڙ طور تي سامهون اچي رهي آهي تہ اهي تنظيمون والاريل علائقن ۾ پنهنجي وڌنڌڙ اثر کي بين الاقوامي طور تي بہ ظاهر ڪرڻ ۽ پي- ايل- او کان پيش رفت کسڻ جي ڪوشش ڪن پيون. عرفات پاران انهن جي دٻاءُ کي قبول بہ ڪيو وڃي ٿو ۽ اُن کان انڪار بہ ڪيو وڃي ٿو. پرامن ڳالهيون جيئن جيئن اينگهنديون پيون وڃن ۽ اُنهن مان ڪو نتيجو نڪرندو نظر نہ ٿو اچي، تيئن تيئن پي- ايل- او ۽ اُن جي اڳواڻ جي حيثيت ڪمزور ٿيندي پئي وڃي. ڏينهون ڏينهن اسرائيل جو مؤقف سخت ٿيندو ۽ پي- ايل- او جي بيوسي وڌندي پئي وڃي. اِهو سوال هِن وقت عام طور تي اُٿاريو پيو وڃي تہ ڇا ڳالھ ٻولھ ۾ ڪُجھ حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ هر شيءِ تان هٿ کڻڻ جائز آهي؟ مارچ 1992ع ۾ 179 ممتاز فلسطينين، جن ۾ فلسطين جي قومي ڪائونسل جا 117 ميمبر بہ شامل هُئا، پي- ايل- او جي چيئرمين ياسرعرفات ۽ تنظيم جي ٻين اڳواڻن کي امن ڳالهين متعلق پنهنجي تشويش کان آگاھ ڪيو. اُنهن اسرائيل کي تيزيءَ سان عرب زمين قبائڻ، آباديءَ کي بيدخل ڪرڻ ۽ قومي اڳواڻن کي والاريل علائقن مان مُلڪ بدر ڪرڻ جو ڏوهي قرار ڏنو. آمريڪا ۽ اسرائيل پاران فلسطينين تي لاڳو پابندين جو مقصد ”ڳالھ ٻولھ جي اِنهي عمل کي خود انتظامي ڏيئي ۽ فلسطينين جي مستقل غلاميءَ لاءِ حالتن کي پيدا ڪري، فلسطينين جي مقصد ۽ عوام جي قومي حقن ٻنهي کي ختم ڪرڻ آهي.“

اهو دُرست آهي تہ فلسطينين جو هڪ وڏو تعداد ڳالهين جي حق ۾ بہ آهي ۽ منجهانئن ڪن جو تہ اِهو بہ خيال آهي تہ اُنهن 1978ع ۾ ڪئمپ ڊيوڊ کي رد ڪري هڪ موقعو هٿان وڃائي ڇڏيو هو ۽ هاڻي اِنهي موقعي کي هٿان وڃڻ نہ ڏيڻ گهرجي، پر اهڙا فلسطيني ڳالھ ٻولھ کي آزاد فلسطيني رياست قائم ڪرڻ جو ذريعو سمجهن ٿا. جڏهن تہ آمريڪا ۽ اسرائيل انهي متعلق مختلف خيال رکن ٿا ۽ سندن مقصد رڳو فلسطينين کي هڪ محدود انتظامي خودمختياري ڏيڻ آهي. اسرائيل جي اڳوڻي حڪمران جماعت لڪوڊ ۽ هاڻوڪي حڪمران جماعت ليبر، آزاد فلسطيني رياست جي ڪنهن بہ امڪان کي ماڳهين رد ڪن ٿيون. انهي مؤقف ۽ اسرائيل جي وڌندڙ هٺ ڌرمي جي ڪري پي- ايف- ايل- پي ۽ ڊي- ايف- ايل- پي جهڙيون پي- ايل- او جون رُڪن جماعتون بہ ڳالھ ٻولھ جي موجوده بيهڪ کي رد ڪن ٿيون. اسرائيل پاران ڊسمبر 1992ع ۾ جڏهن 413 فلسطينين کي مُلڪ بدر ڪيو ويو تہ اِهو امڪان پيدا ٿي پيو هو تہ امن ڳالهيون وڌيڪ جاري نہ رهي سگهنديون. ڇاڪاڻ تہ پي- ايل- او اهو مؤقف اختيار ڪيو هو تہ جيستائين اسرائيل انهن تڙيل فلسطينين کي پنهنجن گهرن ڏانهن موٽڻ جي اجازت نہ ٿو ڏئي، تيستائين امن ڳالهيون معطل رهنديون. پر اسرائيل جڏهن سلامتي ڪائونسل جي ٺهراءُ کي مڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ آمريڪا پاران اُن جي پٺڀرائي ڪئي وئي ۽ معاملو اينگهجي ويو تہ ياسرعرفات کي اِنهي خدشي اچي ورايو تہ جيڪڏهن هُو پنهنجي اڳ اختيار ڪيل مؤقف تي قائم رهيو تہ اِهو مُمڪن آهي تہ وقت سندس هٿن مان نڪري وڃي ۽ تحريڪ تي سخت مؤقف رکندڙ حاوي ٿي وڃن. انهي ڪري سندس پاران وري ڳالهيون شروع ڪرڻ تي رضامندي ڏيکاري وئي. انهي سا پي- ايل- او جي اڳواڻ جي ڪمزوري جو پتو پيو ٿي ۽ اِها خبر پئي ٿي تہ هُو سخت مؤقف رکندڙن کان بچڻ لاءِ تيزي سان آمريڪا ۽ اسرائيل ڏانهن ڊوڙ پائڻ چاهي ٿو تہ جيئن پنهنجي مقام کي ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ قائم رکي. عرفات تازو پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ چيو تہ "جيڪڏهين امن ڳالهيون ناڪام ٿين ٿيون تہ پوءِ اسان کي اِنهي علائقي ۾ مڪمل مونجهاري ۽ بلقانيت جي توقع رکڻ گهُرجي." سندس چواڻي تہ اِهو آخري موقعو آهي پر هُو ساڳي وقت اِنهي ڳالھ کي پڻ مڃي ٿو تہ "اجا تائين ڪجھ بہ حاصل نہ ٿيو آهي." عرفات کي اسرائيلي وزيراعظم کان اِها بہ شڪايت آهي تہ هنُ سندس اِنهي ذاتي اپيل جو ڪوبہ جواب نہ ڏنو آهي تہ 'بهادرن واري امن' جي ٺاھ لاءِ همّت پيدا ڪرڻ گهُرجي. اِهو بيگال جو استعمال ڪيل اصطلاح آهي ۽ عرفات جو چوڻ آهي تہ "اسرائيل ۾ ڪو بيگال ناهي ۽ نہ ئي اُتي ڪو ڊي ڪلرڪ (ڏکڻ آفريڪي صدر) آهي."

هِن وقت فلسطيني مزاحمت جو مرڪز فلسطين کان ٻاهر نہ پر فلسطين جي اندر ۽ خاص طور تي والاريل علائقن ۾ منتقل ٿي ويو آهي. اِها هِڪ فطري ڳالھ

هُئي ۽ خاص طور تي ڊسمبر 1987ع ۾ انتفاده جي شروعات اِنهي عمل کي تيز ڪري ڇڏيو هو. انهن علائقن ۾ هلندڙ جدوجهد ئي مستقبل ۾ فلسطيني قيادت جي ڪردار ۽ اُن جي نوعيت جو فيصلو ڪندي. نار واري جنگ انهن علائقن کي معاشي ۽ سياسي لحاظ کان شديد طور متاثر ڪيو آهي. شروعات ۾ صدام جي اسرائيل ۽ آمريڪا مخالفت جي فلسطينين پاران پرجوش آجيان ڪئي ويئي هئي ۽ شايد اِهو به هڪ سبب هو جو عرفات پاڻ کي مڪمل طور صدام سان هڪ ڪري ڇڏيو، پر اِنهي جنگ جي ڪري هڪ تہ اُنهن رقمن جو اچڻ بند ٿي ويو، جيڪي نار ۾ رهندڙ فلسطيني پنهنجن مٽن مائٽن ڏانهن موڪليندا هُئا ۽ ٻيو تہ اسرائيل پاران والاريل علائقن جي ماڻهن جي اسرائيل ۾ ڪم ڪرڻ تي مختلف پابنديون مڙهيون ويون ۽ هاڻي تازو سنڌن اسرائيل ۾ داخل ٿيڻ تي مڪمل پابندي وڌي ويئي آهي. اولهندي ڪناري ۽ غزّه جي پٽي جا اٽڪل هڪ لک کان وڌيڪ ماڻهو روزانہ روزگار لاءِ اسرائيل ويندا هُئا. جڏهن تہ غزه جي اڌ ۽ اولهندي ڪناري جي ٽيهہ سيڪڙو آمدني اِنهي ذريعي مان ايندي هُئي. اِهي ماڻهو اسرائيل جي ڪُل افرادي قوت جو اٽڪل ڇهہ سيڪڙو آهن. انهن پابندين ۽ اسرائيل جي روزاني جي وڌندڙ تشدد ۽ هڻ ڌرمي عام ماڻهوءَ کي اڃا وڌيڪ انتهائن ڏانهن ڌڪي ڇڏيو آهي. تازو نيوز ويڪ جي شايع ڪيل ڪجھ اهم انگن اکرن مان خبر پئي ٿي تہ 8- ڊسمبر 1987ع تي انتفاده جي شروع ٿيڻ کان وٺي هيستائين يارنهن سؤ فلسطيني ۽ هڪ سؤ سٺ اسرائيلي ماريا ويا آهن. انهن فلسطينين مان بہ سؤ ٽيٽيهہ سورنهن سالن کان گهٽ عُمر وارا ٻار آهن، جيڪي حفاظتي فوجن جي گولين جو بک بڻجي ويا. جڏهن تہ ٽيهہ اهڙا ٻار آهن جن جي عُمر تيرنهن سالن کان بہ گهٽ هُئي.

عرفات بنيادي طور تي فلسطين جي جلاوطن مزاحمتي تحريڪ جو اڳواڻ آهي. انهي ۾ ڪو شڪ ناهي تہ ڪيس والاريل علائقن ۾ چڱي خاصي مقبوليت حاصل رهي آهي، پر سنڌس سرگرمين جو محور گهڻو ڪري فلسطين کان ٻاهر رهيو آهي. اِنهي ڪري ٽين دُنيا جي گهڻن مُلڪن ۾ مزاحمتي تحريڪن وانگر سنڌس هڪ ديومالائي اڳواڻ واري حيثيت رهي آهي، پر جڏهن اِها ديومالائي شخصيت حالتن سان ٺهڪندي نہ آهي يا حقيقيت سا ٽڪراءُ ۾ ايندي آهي تہ متنازعہ بڻجي ويندي آهي ۽ سنڌس حيثيت گهٽجي ويندي آهي. انهيءَ جو تازو مثال نيلسن منڊيلا آهي، جنهن کي هن وقت اي- اين- سي ۾ وڌي مخالفت کي مُنهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي.

عرفات جي حيثيت منڊيلا جي ڀيٽ ۾ بہ ڪمزور ٿيندي پئي وڃي. ڇاڪاڻ تہ ڏکڻ آفريڪا جي نسل پرست سرڪار منڊيلا کي جيڪي رعايتون ڏيڻ تي آماده آهي، اسرائيلي اڳواڻ اُنهن متعلق ڳالهائڻ لاءِ بہ تيار نہ آهن. اسرائيل جنهن طريقي سان موجوده ڳالهہ ٻولهہ کي هلائڻ چاهي ٿو ۽ فلسطيني اڳواڻ اُن کي ڏينهون ڏينهن جيڪي رعايتون ڏيئي رهيا آهن، اُنهن کي ڏسندي اِهو چئي سگهجي ٿو تہ آزاد

فلسطيني رياست جي قيام جو خواب ڏينهون ڏينهن ڏور ٿيندو پيو وڃي.

ڳالهه ٻولهه جي ايجنڊا تي اسرائيل يروشلم جي سوال کي رکڻ لاءِ بلڪل ئي تيار ناهي. جڏهن تہ اهو سوال جڻ سڄي مسئلي جي جان آهي. يروشلم فلسطينين جي مجوزه رياست جي گاديءَ جو هنڌ آهي، پر 1967ع ۾ اُڀرندي يروشلم کي فتح ڪري ۽ پوءِ پاڻ سان ملائڻ کان پوءِ اسرائيل پاران شهر ۾ ڪيل تبديليون مسئلي جي گنڀيرتا جي نشاندهي ڪن ٿيون. 1967ع کان اڳ اولهندي يروشلم ۾ يهودين ۽ اُڀرندي يروشلم ۾ عربن جي گهڻائي هئي، پر شهر جي ٻنهي حصن کي گڏڻ کان پوءِ اسرائيل پاران اُڀرندي حصي ۾ يهودي وسندين جو جيڪو جار وڇايو ويو، اُن آبادي جي توازن کي بلڪل ئي تبديل ڪري ڇڏيو آهي. تازو يروشلم جي ميئر جو اهو بيان ڇپيو آهي تہ اُڀرندي يروشلم ۾ يهودين جي آبادي عربن کان وڌي ويئي آهي. سڄي شهر جي گڏيل آباديءَ تي نظر وجهبي تہ اها خبر پوندي تہ هن وقت شهر جي ڪُل آباديءَ جو ٻاهتر سيڪڙو يهودي ۽ رڳو اٺاويهه سيڪڙو عرب آهن.

انهي صُورتحال کي ڏسندي اهو چئي سگهجي ٿو تہ عرفات ڏينهون ڏينهن وڌيڪ اڪيلو ٿيندو پيو وڃي. خاص طور تي انهي ڪري بہ تہ جن عرب مُلڪن تي سندس دارومدار هو اُهي هاڻي آمريڪا ۽ ايستائين تہ اسرائيل سان پنهنجن ناتن کي سڌارڻ جي هر مُمڪن ڪوشش ڪري رهيا آهن. ڪويت وغيره جي ڳالهه تہ سمجھ ۾ اچي ٿي تہ اُنهن اسرائيل سان ڏيتي ليتي ڪندڙ ڪمپنين کي بليڪ لسٽ مان ڇو ڪڍيو آهي، پر هن وقت لبيا جو معمّر قذافي نہ رڳو آمريڪي صدر ڪلنٽن جي تعريفن جا ڍُڪ پيو ڀري پر سندس پاران ساڳي وقت اسرائيل کي اڻ سڌي طريقي سان اها آڇ ڪئي پئي وڃي تہ لبيا کي غزه ۽ اولهندي ڪناري ۾ سيڙپ جي اجازت ڏني وڃي. في الحال اسرائيل انهي آڇ کي اهو چئي رد ڪري ڇڏيو آهي تہ اسرائيل وڪري لاءِ ناهي. ساڳي طرح شام گولان جي ٽڪرين جي عيوض اسرائيل سان ڏيتي ليتي ڪرڻ لاءِ تيار آهي.

وچ اوڀر جي سڄي انتظام کي پنهنجي هٿ وس ڪرڻ لاءِ آمريڪا جي هن وقت حتي الامڪان اها ڪوشش هوندي تہ فلسطين جي مسئلي کي پنهنجي مرضي ۽ مفادن موجب طئي ڪيو وڃي. عالمي سياست جي تناظر ۾ ڏٺو وڃي تہ هن وقت آمريڪا جو اسلامي بنيادپرستيءَ سان هڪ تضاد ٿيل ٿو. انهي ڪري سندس اها ڪوشش هوندي تہ فلسطين جي مسئلي کي حل ڪندي حماس، الجهاد ۽ ٻين بنيادپرستن کي ڪي رعايتون نہ ڏنيون وڃن. اِن جو متبادل اهو ئي ٿي سگهي ٿو تہ عرفات جي منظر تان هٽڻ کان اڳ ساڻس معاملا طئي ڪيا وڃن. پر آمريڪي پاليسي عرفات کي هڪ مونجهاري ۾ وجهي ڇڏيو آهي. فلسطينين کي هن وقت جيڪي ڪُجھ آڇيو پيو وڃي اُهو قبولڻ جڻ عرفات پاران پنهنجي موت جي پرواني تي صحيح ڪرڻ آهي، جڏهن تہ ائين نہ ڪرڻ سان بہ سندس مقبوليت جو گراف

هيٺ ڪرندو ئي ويندو ۽ مذهبي بنيادپرست وڌيڪ مضبوط ٿيندا. تازو اِها ڳالھ سامهون آئي تہ تيونس ۾ پي- ايل- او جي اڳواڻن جي هڪ اجلاس ۾ عرفات بدعُنواني جي الزامن کان پوءِ اڳواڻيءَ تان استعفيٰ ڏيڻي اجلاس مان ڪاوڙجي نڪري ويو. هڪ انٽرويو ۾ جڏهن ڪانئس اِنهي متعلق پُڇيو ويو تہ هُن اِنهي کي رد ڪندي چيو تہ "اسان وٽ جمهوريت آهي، آئون چاهيندس تہ هُو مُنهنجي استعفيٰ کي منظور ڪن."

هِن وقت فلسطين جو مسئلو ڪافي مُنجهيل آهي. جيڪڏهن آزاد فلسطيني رياست جي قيام کي هِڪ پاسي رکي رُڳو اردن سان ڪنفيڊريشن واري پاسي تي ئي سوچيو وڃي تہ بہ اِهو ويجهي مستقبل ۾ ممڪن ڪونہ ٿو لڳي. اسرائيل والاريل علائقن تي پنهنجو تاريخي ۽ مذهبي حق سمجهي ٿو ۽ اُنهن کي ڪنهن بہ صُورت ۾ پنهنجي تسلط هيٺ رکڻ چاهي ٿو. اِنهي ۾ کيس آمريڪا جي پُوري پٺڀرائي حاصل آهي. فلسطينين سان مسئلو اِهو آهي تہ اسرائيل جي غلاميءَ قبولڻ سندن وُجود ۽ سڄي جدوجهد جي نفي آهي پر ساڳي وقت هُو اِنهي حيثيت ۾ بہ ناهن جو پنهنجن شرطن يا برابريءَ جي سطح تي پنهنجي رياست ۽ امن حاصل ڪري سگهن. انهي صُورتحال ۾ اِنهي ڳالھ جو امڪان وڌيڪ آهي تہ انتفاده جيڪا ڊسمبر 1987ع کان جاري آهي مستقل جاري رهي. انهن حالتن ۾ پي- ايل- او جي اڳواڻي واري ڪردار جي گهٽجڻ جا امڪان وڌيڪ آهن. ڇاڪاڻ تہ اسرائيل سندن شرطن کي مڃڻ لاءِ تيار ناهي ۽ هُو جيڪڏهن اسرائيل جي شرطن تي ناھ ڪن ٿا تہ فلسطينين جي گهڻائي ۽ خاص طور تي نوجوان اهڙي ناھ کي قبولڻ لاءِ تيار نہ ٿيندا ۽ نتيجي ۾ پي- ايل- او جي مقبوليت کي ڌڪ لڳندو. ساڳي طرح والاريل علائقن ۾ حالتون ڏينهون ڏينهن خراب ٿي رهيون آهن ۽ پي- ايل- او انهي متعلق ڪو واضح مؤقف ۽ اڳواڻي سامهون نہ آڻي سگهي آهي. ناھ نہ ٿيڻ ۽ حالتن جي جيئن جو تيئن رهڻ جي صورت ۾ پي- ايل- او کان ٻاهر ۽ خاص طور تي مذهبي بنيادپرست تنظيمن، جيڪي اسرائيل خلاف سخت مؤقف رکن ٿيون، جي اثر ۾ اچا ُوڌيڪ واڌاري اچڻ جا امڪان واضح آهن.

اِهو تاريخ ۽ انساني تهذيب جو اڻ مٽ قانون آهي تہ جيڪي تنظيمون ۽ شخصيتون حالتن سان نہ هڪي نہ سگهنديون آهن اُهي تاريخ جي ورقن ۾ گم ٿي وينديون آهن. اِهو ڪنهن جي پسند ناپسند يا افسوس ۽ خوشيءَ جو معاملو ناهي ۽ هر ڪنهن کي اِنهي امتحان مان گذرڻو پوندو آهي. حالتن کي ڏسندي اِهو امڪان ڏيکاري سگهجي ٿو تہ ڪٿي ياسرعرفات ۽ ايستائين تہ پي- ايل- او بہ اهڙو هِڪ بيو مثال نہ بڻجي وڃن.

فلسطين- اسرائيل تاهه مونجهارا ۽ حقيقي صورتحال

علي احمد رند

١٣- سيپٽمبر تي نئين ورلڊ آرڊر جي نئين چونديل واڳ ڌڻي بل ڪلنٽن جي ساڄي ۽ کاٻي ٻن شخصيتن هٿ ملايو، هڪ شخصيت ابوعمار جي هئي، جنهن فلسطين سان شادي ڪرڻ جي دعويٰ ڪندي پوئين سال لبنان جي ڇوڪري سهاتاويل سان شادي ڪئي هئي ۽ جڏهن ڪيس ١٩٧٤ع ۾ نيويارڪ ۾ گڏيل قومن جي جنرل ڪائونسل کي خطاب ڪرڻ جي دعوت ملي هئي ته هن تقرير ڪندي چيو هئو، "منهنجي هڪ هٿ ۾ زيتون جي ٽاري آهي، ٻي هٿ ۾ پستول، منهنجي هٿ مان زيتون جي ٽاري نه ڪرڻ ڏني وڃي." ٻي شخصيت ١٩٦٧ع جي جنگ ۾ اسرائيلي فوج جي ڪمان ڪندڙ رابن هئو، جنهن لکين فلسطيني جلاوطن ڪيا ۽ الهندو ڪنارو، غزا جي پٽي، گولان جبل ۽ صحراءِ سينا تي قبضو ڪيو هئو.

دنيا ڀر جا مظلوم ماڻهو فلسطينين جي آزادي لاءِ نيڪ تمنائون رکندڙ ماڻهو، جبر ۽ ڏاڍ کان نفرت ڪندڙ ماڻهو ان نئين تماشي، سياسي ڪيڏ کي حيرت ۽ ڏک مان ڏسي رهيا هئا، ڪين سمجهه ۾ نه پيو اچي ته ياسرعرفات جي نئين ڪردار کي قبول ڪن يا نه.

ڪالهه جو دهشتگرد ۽ غندو اڄ اولهه جي ميڊيا جو اکين جو تارو بڻجي ويو آهي. ٽائيم رسالي کان وٺي واشنگٽن پوسٽ تائين سڀ ڪيس امن جو پيغمبر ڪوٺن ٿا، ڪيس امن جو نوبل انعام ملڻ لاءِ سفارش ڪن ٿا ۽ ياسرعرفات ١٠- سيپٽمبر تي اسرائيلي وزيراعظم کي لکيل خط ۾ هر قسم جي تشدد جي استعمال جي مذمت ڪرڻ جو اعلان ڪري ٿو.

هي دور نظرياتي ياڄ جو دور آهي، نظرياتي ذڪر سبب ماڻهو پنهنجي ڪاز تان هٿ کڻي رهيا آهن. ايئن ٿو لڳي جڻ فلسطيني قيادت به ان ياڄ جي لشڪر جو حصو آهي. جنهن تڪڙ ۽ ابهرائي ۾ فلسطين جي معاملن کي نبيريو ويو آهي، ان مان ان راءِ کان علاوه ڪا راءِ قائم ڪرڻ مون کي نه ٿي سُجهي. اسرائيل جيڪا ويڙهه گهڻين ۾ پٽرن سان وڙهندڙ فلسطيني هارن کان نه کٽي سگهيو، سا ڊپلوميسي جي ميز تي کٽي ويو آهي.

اسرائيل جو قيام گڏيل قومن جي قرارداد رستي ٿيو، قرارداد موجب فلسطين کي يهودين ۽ عربن وچ ۾ ورهايو ويو هئو. اسرائيل جي قيام جو اعلان صيهونيت پسند دهشتگرد بن گوريان ١٩٤٨ع ۾ ڪيو ۽ اسرائيل جي قيام کان وٺي فلسطينين لاءِ پنهنجي

زمين تنگ ڪئي وئي، مختلف جنگيون لڳيون، ان ۾ اسرائيل عرب فلسطينين کي مليل علائقن تي بہ قبضو ڪري ورتو. اڄ جو فلسطيني پيدائشي جلاوطن فلسطيني آهي، جنهن کي پوڙهن، فلسطينين جي نخلستان، خوبصورت شامن ۽ قهوي جي شرڪتن ۾ راتين جي ڪچهرين بابت ٻڌايو آهي. فلسطين، شاعرن جي عشق جو عنوان ٿي ويو، اديبن لبنان ۾ رهندي، شام ۾ رهندي يا دنيا جي ڪنهن بہ ڪنڊ ۾ رهندي پنهنجي فلسطين کي ئي پنهنجو موضوع بڻايو آهي، فلسطين جي ياد شاعرن کي هٿيار کڻڻ لاءِ مجبور ڪيو. اڄ جڏهن سياسي مصلحت ۾ فلسطين وطن تي سوديبازي ٿي آهي تہ پي- ايل- او جي ايگزيڪيٽو ڪميٽي جي ميمبر محمود درويش امن ناهہ کي فلسطيني ڪاز سان غداري ڪوٺيندي، وطن واپس ورڻ جي خواب تان هٿ کڻڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي.

پي- ايل- او جو بنياد ١٩٦۴ع ۾ پيو ۽ جدوجهد لاءِ نيشنل چارٽر جوڙيو ويو. جنهن ۾ ١٩٦٨ع ۾ ترميم ڪئي وئي. نئين چارٽر موجب هٿياربند جدوجهد رستي فلسطين جي آزادي کي پي- ايل- او جو نصب العين قرار ڏنو ويو.

پي- ايل- او مختلف فلسطيني پارٽين جو گڏيل محاذ آهي. ياسرعرفات، الفتح پارٽي جو اڳواڻ آهي، کيس ١٩٦٩ع ۾ پي- ايل- او جو اڳواڻ چونڊيو ويو. پي- ايل- او جي هٿياربند شعبي جو نالو فلسطين لبريشن آرمي آهي، جنهن جي گوريلا ڪارروائين تي مختلف فلمون ناهيون ويون آهن ۽ سندن وطن پرست جدوجهد دنيا جي حريت پسند عوام جي اتساهہ جو ذريعو رهي آهي. ١٩٨٨ع جي نومبر مهيني ۾ پي- ايل- او جي نيشنل ڪائونسل جو اجلاس الجزائر ۾ ٿيو. جنهن ۾ جلاوطن فلسطيني رياست جي قيام جو اعلان ڪيو ويو. اجلاس ۾ سلامتي ڪائونسل جي قرارداد نمبر ٢۴٢- تسليم ڪرڻ جو اعلان ڪندي اسرائيلي رياست جي قائم رهڻ جي حق کي تسليم ڪندي، والاريل علائقن ۾ فلسطيني رياست جي قيام لاءِ جدوجهد جاري رکڻ جو اعلان ڪيو ويو.

آگسٽ ٩٠ع ۾ عراق پاران ڪويت تي حملي ۽ قبضي بعد پيدا ٿيل جهڳڙي ۾ عرفات، صدام جي پرجهلي ۽ عراق جي کلي حمايت جو اعلان ڪيو. صدام پنهنجي مهم جوئي ۾ ناڪام ٿيو ۽ پاڻ سان گڏ ياسرعرفات کي لوڙهي ڇڏيائين. عرب شيخن پي- ايل- او جي امداد بند ڪري ڇڏي. پي- ايل- او لاءِ سفارت خانا ۽ مشن هلائڻ مشڪل ٿي ويا، ورڪرن کي پگهارون ملڻ بند ٿيون ۽ ان ڳالهہ جا امڪان پيدا ٿي پيا تہ جيڪڏهن وڌيڪ عرصي لاءِ اهو مالي بحران برقرار رهيو تہ پي- ايل- او جي مرڪزي قيادت لاءِ هلڻ ڦرڻ مشڪل ٿي ويندو. آمريڪا عراق کي سيڪت ڏني، شام ۽ پي- ايل- او کي اسرائيل سان ناهہ ڪرڻ لاءِ آماده ڪرڻ شروع ڪيو. آمريڪا جي پرڏيهي جيمز بيڪر جون محنتون ساب ٿيون ۽ ١٩٩١ع ۾ اسپين جي شهر ميڊرڊ ۾ اسرائيل ۽ عربن وچ ۾ ڳالهيون شروع ٿيون، تڏهن اسرائيل تي حڪومت لڪوڊ پارٽي جي هئي، سندن رويو موجوده لبرل پارٽي جي نسبتاً وڌيڪ شائونسٽ هئو. اسرائيلي وزيراعظم اسحاق شمير پي- ايل- او سان سڌو ڳالهائڻ کان انڪار ڪيو. جنهن سبب فلسطيني نمائندا اردن جي وفد سان گڏ ڳالهين ۾ شريڪ ٿيا هئا. امن ڳالهين جا مختلف دور مختلف ملڪن ۾ ٿيندا رهيا ۽ ان دوران اسرائيل جي عام چونڊن ۾ ليبر پارٽي کٽي آئي جنهن امن لاءِ زمين جي نعري هيٺ چونڊون کٽيون هيون. ليبر پارٽي جي وزيراعظم رابن پي- ايل- او سان سڌو ڳالهائڻ کي مناسب

سمجهندي، ناروي جي شهر اوسلو ۾ پي- ايل- او سان خفيہ ڳالهيون شروع ڪيون، موجوده معاهدو انهن ڳالهين جو نتيجو آهي، جنهن تي ١٣- سيپٽمبر تي واشنگٽن ۾ اسرائيلي پرڏيهي وزير شمعون پيريز ۽ فلسطيني نمائندي ابومازن (جنهن جو اصل نالو محمد عباس آهي) صحيح ڪئي، معاهدي جو نالو:

Declaration of Principle on interin self govemment' arrengment.

معاهدي کي ٿورن لفظن ۾ ائين سمجهجي تہ 'غزا ۽ جيريڪو پهريان' جي عنوان ۽ پاليسي هيٺ ڏاهہ ٿيو آهي، ڏاهہ موجب غزا ۽ الهندي ڪناري جي شهر جيريڪو کي محدود خودمختياري ڏني ويندي. فلسطيني حڪومت کي پوليس رکڻ جي اجازت هوندي، هي پوليس فلسطين لبريشن آرمي جي يونٽن مان نهندي، جنهن جي تربيت مصر ۽ اردن ۾ ٿي رهي آهي. ثقافت، واپار ۽ انصاف جا ادارا بہ فلسطيني حڪومت وٽ هوندا پر سلامتي جو ذميوار اسرائيل هوندو، جنهن جي فوج سرحدي علائقن جي نگهباني ڪندي.

ايندڙ نون مهينن اندر ڪائونسل جي چونڊ ٿيندي. ڪائونسل حڪومت هلائڻ جو اختيار رکندي، چونڊن ۾ الهندي ڪناري ۽ يروشلم جا فلسطيني حصو وٺڻ جو حق رکن ٿا. اسرائيلي فوج ڳالهين شروع ٿيڻ کان پوءِ چار مهينن اندر خودمختياري ڏنل علائقن مان نڪري ويندي (سرحدون ان جي باوجود اسرائيلي فوج جي حوالي رهنديون).

پنجن سالن اندر ڳالهين رستي بہين والاريل علائقن بابت فيصلو ڪيو ويندو، ڳالهين ۾ اهو پڻ طئي ڪيو ويندو تہ آيا فلسطين آزاد رياست جي حيثيت ۾ قائم ٿيندو، اردن سان ڪنفيڊريشن ڪندو يا خودمختيار رهندو، پر آزاد رياست طور وجود ۾ نہ ايندو. اسرائيلي آبادڪارن جو تحفظ اسرائيلي فوج ڪندي، پيدا ٿيل اختلافي معاملا هڪ 'گڏيل ڪميٽي' حل ڪندي، جنهن ۾ فلسطيني ۽ يهودي نمائندا هوندا. اقتصادي تعاون جي ڪميٽي جوڙي ويندي جيڪا فلسطين ۽ اسرائيل وچ ۾ پيدا ٿيل ناتن کي مضبوط بنائڻ لاءِ واپار جي ميدان ۾ سهڪار پيدا ڪرڻ لاءِ ڪم ڪندي.

معاهدي تي فلسطيني پرڏيهي وزير فاروق قدومي کان وٺي ابوندال تائين ڇوهہ ڇنڊيا ويا آهن. تلهي ليکي ڏاهہ بعد هيٺيان مونجهارا پيدا ٿيا آهن:

معاهدي ۾ يروشلم جي واپسي لاءِ ڪو بہ ذڪر ڪونهي، جڏهن تہ يروشلم جي آزادي فلسطيني آزاد پسند عوام لاءِ تمام اهم آهي، البتہ اسرائيلي وزيراعظم واشنگٽن ۾ ڳالهائيندي چيو هئو تہ يروشلم تي ڪا بہ سوديبازي نہ ٿيندي، ڇاڪاڻ تہ يهودين لاءِ يروشلم مقدس حيثيت رکي ٿو.

معاهدي ۾ ١٩٦٧ع جي جنگ کان پوءِ آباد ٿيندڙ لکين يهودين بابت ڪجهہ بہ نہ چيو ويو آهي، ۽ ان ڳالهہ جا امڪان آهن تہ آبادڪار يهودي، جيڪي جديد هٿيارن سان مسلح آهن، فلسطينين لاءِ مسئلا پيدا ڪن. معاهدي ۾ فلسطين مان تڙي ڪيل جلاوطن فلسطينين بابت ڪو بہ چٽو لائحہ عمل نہ جوڙيو ويو آهي.

ان ڳالهہ جا امڪان آهن تہ ١٩٦٧ع جي جنگ ۾ تڙي ڪيل فلسطينين کي واپس ورڻ جي اجازت ملي (جيڪا پڻ اسرائيل جي رضامندي سان مشروط آهي) باقي ١٩٤٨ع جي جنگ ۾ جلاوطن ٿيل فلسطيني نہ موٽي سگهندا.

اهو بہ واضح ڪونهي تہ جيڪڏهن يهودي آبادڪار ڪو ڏوهہ ڪن تہ ڪين پڪڙڻ ۽ سزا ڏيڻ جو اختيار ڪنهن کي هوندو ۽ اسرائيلي فوجن تي جيڪڏهن ڪو حملو ٿئي تہ ان جي سزا جو اختيار خودمختيار فلسطيني حڪومت کي هوندو يا اسرائيل کي.

معاهدي ۾ ايترن سارن غيرواضح معاملن کي وقت گذرڻ سان سمجهڻ ۾ سهولت ٿيندي. معاهدي کي اڪثر فلسطيني شڪ جي نظر سان ڏسن ٿا. ١٦- سيپٽمبر تي شام ۾ فلسطين جي ڏهن پارٽين جو گڏيل اجلاس ٿيو آهي، جنهن ۾ معاهدي کي فلسطيني مقصد سان غداري ڪوٺي، تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪيو ويو آهي. والاريل علائقن ۾ فلسطيني، معاهدي مخالف مظاهرا ڪري رهيا آهن. مختصراً هيٺين پارٽين، گروپن ۽ شخصيتن معاهدي جي مخالفت ڪئي آهي:

١- مارڪسسٽ ڊيموڪريٽڪ فرنٽ فار دي لبريشن آف فلسطين.

٢- ابوعباس جي اڳواڻي ۾ ڪم ڪندڙ فلسطين لبريشن فرنٽ.

٣- احمد جبريل جي اڳواڻي ۾ ڪم ڪندڙ پاپولر فرنٽ فار دي لبريشن آف فلسطين جي جنرل ڪمانڊ گروپ.

احمد جبريل ياسرعرفات کي غداري جي سزا ڏيڻ جو پڻ اعلان ڪيو آهي.

۴- ابوموسيٰ جي اڳواڻي ۾ فتح کان ٽٽل گروپ فتح انتفاده (Fateh uprising). هي گروپ ياسرعرفات جي فتح پارٽي کي لبنان مان تڙي ڪڍڻ جو ذميوار آهي.

٥- جارج حباش جي اڳواڻيءَ ۾ ڪم ڪندڙ فلسطيني، آزاد رياست لاءِ سڀ کان مضبوط ۽ منظم گروپ، پاپولر فرنٽ فار دي لبريشن آف فلسطين.

٦- فتح انقلابي ڪائونسل جنهن جو اڳواڻ ابوندال آهي.

٧- ڊيموڪريٽڪ فرنٽ فار دي لبريشن آف فلسطين حماس، جيڪا غزه جي پٽي ۾ سڀ کان منظم پارٽي آهي.

٨- اسلامي جهاد گروپ.

ان کان علاوه فلسطين نيشنل ڪائونسل جا ميمبر، پي- ايل- او جي ايگزيڪيٽو ڪميٽي جا ميمبر ۽ ٻيا سينيئر ليڊر شامل آهن. هي مضمون لکڻ تائين غزا جي پٽيءَ ۾ فلسطيني عوام معاهدي خلاف احتجاج ۾ مصروف آهن. روزانہ احتجاج ٿين ٿا ۽ مغربي ميڊيا کين انتهاپسند ڪوٺي، امن جو دشمن هجڻ جي لقب سان نوازي رهي آهي.

اسرائيلي آبادڪارن پنهنجي حڪومت خلاف مظاهرا ڪيا آهن ۽ ڌمڪي ڏني آهي تہ جيڪڏهن کين والاريل علائقن مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ هو هٿياربند ويڙهہ شروع ڪندا. هڪ اندازي موجب پنجٽيهہ هزار مسلح اسرائيلي والاريل علائقن ۾ موجود آهن، جن مان اڪثر فوجي تربيت ورتل آهن.

فلسطيني عوام ۽ اسرائيلي آبادڪارن جي ايڏي مخالفت هوندي هن معاملي کي ايڏو تڪڙو ڇو نبيريو ويو؟ اها ڪهڙي مجبوري آهي/ هئي جنهن پي- ايل- او ۽ اسرائيلي اڳواڻن کي ناروي جي هڪ شهر ۾ خفيہ ڳالهيون ڪرڻ تي مجبور ڪيو؟ هن معاهدي ۾ فلسطيني عوام کي اعتماد ۾ ڇو نہ ورتو ويو آهي؟ جڏهن تہ ڳالهين لاءِ مقرر ڪيل فلسطيني اڳواڻ حيدر شعافي هن معاهدي کي تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي ۽ ٻيا اڳواڻ کُليو يا لڪل معاهدي بابت شڪ ۽ گمان ظاهر ڪري رهيا آهن. آءٌ سمجهان ٿو

تہ هيٺين سببن ڪري اسرائيلي ۽ فلسطيني اڳواڻ معاهدي ڪرڻ لاءِ مجبور ٿيا آهن:
١- عالمي صورتحال ۾ تبديلي
٢- داخلي دٻاءُ
عالمي صورتحال ۾ واضح تبديلي تڏهن پيدا ٿي، جڏهن آمريڪا جي اڳواڻيءَ ۾ اتحادين عراق کي ڪويت مان ڀڄائي ڪڍيو ۽ ياسر عرفات پاران عراق جي حمايت جي ڏوهہ ۾ پي- ايل- او جا فنڊ بند ڪيا ويا.
گورباچوف کان اڳ وارو سوويت يونين قومي آزادي جي تحريڪن جو سرپرست رهيو آهي، گورباچوف جي اچڻ بعد ان پاليسي ۾ تبديلي آندي وئي (هاڻ تہ نہ گورباچوف رهيو، نہ سوويت يونين). هڪ سپر پاور پاران اخلاقي ۽ مالي مدد بند ٿيڻ سبب پي- ايل- او جي قيادت کي هڪ بهترين دوست ۽ ساٿي کان محروم ٿيڻو پيو.
قومي آزادي لاءِ وڙهندڙن تحريڪن لاءِ اها بدقسمت گهڙي هوندي آهي، جڏهن هو سالن پراڻي حمايت ۽ مدد کان محروم ٿي وڃن ۽ عرب ملڪن پاران مالي امداد بند ٿيڻ ۽ سوويت يونين جي سگهاري ڪردار ادا ڪرڻ واري حيثيت کان دستبرداري سبب پي- ايل- او کي ڳالهين لاءِ دروازا کولڻا پيا.
ٻئي طرف اسرائيل مٿان اولهہ جي ملڪن جو دٻاءُ وڌيو. عراق سان جنگ دوران آمريڪا کي عرب عوام جي نفرت ۽ ڪاوڙ کي ويجهائي مان ڏسڻ جو موقعو مليو. ٻيو تہ خود اسرائيل جي ساڳي جاگرافيائي اهميت رهي ڪا نہ هئي، جو وڌيڪ سندس نخرا برداشت ڪري سگهجن. آمريڪا سمجهي ورتو هئو تہ جيستائين فلسطيني مامرو حل نہ ٿيندو، عرب عوام جي دلين ۾ آمريڪا جي ڪنهن بہ نيڪي لاءِ خواهش جي جاءِ پيدا نہ ٿيندي.
داخلي محاذ تي پي- ايل- او کي حماس ۽ اسلامي جهاد جي وڌندڙ طاقت جي دٻاءُ ۾ ڪم ڪرڻو پئي پيو. انتفاده جي شروع ٿيڻ جي ٿوري عرصي اندر حماس وجود ۾ آئي، جنهن غزا جي پٽيءَ ۾ تمام وڏي حمايت ماڻي آهي، ۽ ان ڳالهہ جا امڪان هئا تہ جيڪڏهن پي- ايل- او فلسطين جي سوال تي جلد ڪنهن نتيجي تي نہ ٿي پهچي تہ حماس جي وڌندڙ طاقت اڏو سندس حيثيت گهٽ ٿي ويندي. پي- ايل- او ۾ گروپ بندي عروج تي پهچي وئي هئي. شام جا حمايت يافتہ گروپ ياسرعرفات لاءِ پي- ايل- او اندر قيادت جي سوال تي مسئلا پيدا ڪري رهيا هئا.
اسرائيل لاءِ غزه جي پٽي (جيڪا ڪراچي جي علائقي لياري جهڙي آهي، جت غربت ۽ افلاس وڌيل هجڻ سبب نوجوان گهڻو ميريل آهن) کي سنڀالڻ مشڪل ٿي پيو هئو. حماس ۽ پي- ايل- او جا حمايتي انتفاده جي شروع کان مسلسل اسرائيلي فوجين ۽ آبادڪارن کي ويڙهہ جو نشانو بڻائيندا پئي آيا. حماس جي وڌندڙ طاقت کان اسرائيل خوفزده هئو. حماس پي- ايل- او جي سيڪيولر طاقت کان وڌ خطرناڪ سمجهي پئي وئي. سندس انتهاپسندي سبب اسرائيلي حڪومت اهو سمجهي ورتو تہ جيڪڏهن اڄ پي- ايل- او سان ڳالهيون نہ ڪيون ويون تہ سڀاڻي حماس سان ڳالهائڻو پوندو. حماس جو اتحادي ايوان پڻ حماس جي شڪل ۾ اسرائيل اندر ڄڻ تہ عملي طرح موجود هئو.
اسرائيلي عوام اندر تمام وڏو حلقو اهڙن ماڻهن جو پيدا ٿيو. جيڪي فلسطيني

معاملي ۾ ڳالهين ڪرڻ کي بهتر سمجهن پيا ۽ پي- ايل- او سان امن ڪرڻ جا حامي هئا. ليبرپارٽي چوندون ئي 'امن لاءِ ڌرتي' جي نعري سان کٽيون (مطلب ته فلسطين کي زمين ڏئي ناهه ڪجي) ليبر پارٽي سان اتحاد ۾ اسرائيلي ڪميونسٽ ۽ سوشلسٽ آهن، جن جو حڪومت ۾ اثر رسوخ آهي ۽ سندن مطالبو رهيو آهي ته پي- ايل- او سان ناهه ڪري فلسطيني علائقا کين واپس ڏنا وڃن.

اهڙي طرح ناهه ڪرڻ بعد اسرائيل کي ان ڳالهه جو فڪر ڪونهي ته حماس جي بنياد پرستن کي پي- ايل- او جي حڪومت ڪيئن منهن ڏيندي، نه ئي غزه جي ذڪر جهڙي علائقي ۾ فوج رکڻي پوندي ۽ عرب ملڪن جي پاران اقتصادي ۽ سياسي بائيڪاٽ کي منهن ڏيڻو پوندو.

معاهدي نوان شڪ ۽ انديشا پيدا ڪيا آهن. آبادڪار ان جي سوال ۽ مسئلي کي اڻ نبيريل ڇڏڻ، جلاوطن فلسطينين بابت عزم پريو ناهه نه ڪرڻ، يروشلم جي تڪرار اڻ نبيريل ڇڏڻ سميت تمام گهڻا معاملا غيرواضح آهن. والاريل علائقن ۾ جن علائقن کي محدود خودمختياري ملي آهي، تن کان سواءِ جيڪي علائقا آهن تن بابت آئنده پنجن سالن تائين ڳالهيون ڪري فيصلو ڪرڻ جو معاهدو ٿيو. ڳالهين بابت ڪوبه طريقه ڪار واضح ناهي، ان ڳالهه جي ضمانت ڪانهي ته اسرائيل اهي علائقا يقيني طور خالي ڪندو يا نه. فلسطين کي فوج ناهڻ جي اختيار نه هجڻ سبب سلامتي جو دارومدار اسرائيل تي آهي، شينهن ۽ ٻڪري هڪ گهاٽ تي پاڻي پيئندا ۽ ڪيستائين؟ ان جي ڪابه خبر ناهي. اڳوڻي يوگوسلاويا جيان جيڪڏهن خانه جنگي ٿئي ٿي ته بوسنيا وانگر فلسطين جو حشر ته نه ٿيندو. سربن جيان هٿ وري اسرائيلي مسلح آهن. جن خانه جنگي شروع ڪرڻ جي ڌمڪي پڻ ڏني آهي. ياسرعرفات جي الفتح گروپ کان علاوه ٻين فلسطينين پاران جيڪڏهن مزاحمت ڪئي وئي ته يقيناً فلسطينين وچ ۾ خانه جنگي شروع ٿيڻ جا امڪان آهن. معاهدي جي پرپور مخالفت سبب ان ڳالهه جي امڪان کي رد نه ٿو ڪري سگهجي.

انومان، انديشا ڪوڙ آهن. هڪ طرف کين فلسطيني وطن واپس وڃڻ تي مبارڪباد ڏيڻ تي دل گهري ٿي، ٻئي طرف مونجهارن پيدا ٿيڻ ۽ آزاد فلسطيني رياست جي حق تان دستبردار ٿيڻ جي شڪ سبب مبارڪباد جي جاءِ تي ياسرعرفات لاءِ ميار آهي. ياسرعرفات جي نيت تي شڪ ناهي پر بهرحال هي ناهه ڪو باوقار ناهه ڪونهي. ليليٰ خالد جي خواب جي تعبير ڪونهي، محمود درويش جي نظم جو عنوان ناهي. هن ناهه کي سميع القاسم جي باغيانه شاعري جو آدرش نه ٿو ڪوٺي سگهجي.

ايندڙ سال ئي ٻڌائيندا ته فلسطيني آزاد رياست جو ڇا ٿو ٿئي، في الحال اسان دعا ٿا گهرون ته لبنان جي شتيلا ۽ صابره ڪيمپن جي قتل عام مان بچي ويل فلسطينين کي پنهنجي گهر واپس وڃڻ جي اجازت ملي وڃي.

هه

اسان نئين عالمي نظام جو حصو بڻجڻ چاهيون ٿا

فلسطينن جي آزادي ۽ يهودي رياست جي خاتمي لاءِ ٣٠ سالن کان جنگ ڪندڙ فلسطيني تنظيم پي- ايل- او ۽ اسرائيل وچ ۾ ٺاهه ٿيڻ کان پوءِ سڄي دنيا جي عوام ۾ ان ٺاهه ۽ هنهي ڌرين جي مستقبل بابت ڪيترائي سوال اڀريا آهن، جن جي اڄ ڏينهن تائين چنڊڇاڻ نه ٿي سگهي. هتي اسان انهن سڀني سوالن جا جواب پي- ايل- او جي چيئرمين ياسرعرفات کان ئي ڏياري رهيا آهن جيڪي هن آمريڪي هفتيوار رسالي ٽائيم کي ڏنل انٽرويو ۾ ڏنا آهن.

سوال: توهان اسرائيل سان آخرڪار امن ٺاهه تي صحيحون ڪيون آهن؟ هاڻي ڇا ٿيندو؟

جواب: هاڻي اسان کي سخت ڏکيائين ۽ لاهين چاڙهين جو منهن ڏسڻو پوندو. اسان هڙتيءَ کان شروعات ڪنداسين. غزا جي پٽي جو ارڪو ترڪو تباهه ٿي چڪو آهي. هن وقت اسان کي نه صرف پنهنجن ساٿين ۽ ڀائرن جي مدد جي گهرج آهي پر اهڙن ماڻهن جي ساٿ جي به جيڪي خطي ۾ حقيقي امن امان ڏسڻ چاهين ٿا. جيتري قدر امن جي ڳالهه آهي ته اها به نه صرف فلسطينن پر هڪ اسرائيلي، آمريڪي، روسي، ۽ هڪ عرب جي پڻ ضرورت آهي. دنيا جي هر طاقت جا هتي مفاد آهن، ڇاڪاڻ ته هي خطو تيل واري نعمت سان مالامال آهي. هن وقت مان تمام گهڻو پرامید آهيان.

سوال: فلسطيني عوام جي ردعمل کي توهان ڪيئن ٿا ڏسو؟

جواب: اسرائيل سان ٺاهه کان پوءِ جتي ڪٿي خوشي آهي، جڏهن ته ڪجهه ڌرين پاران امن سرچاءَ تي سخت ڇتر پڻ ڪئي وئي آهي پر پوءِ به اڪثريت فلسطيني رياست جي حق ۾ آهي. ڪجهه ماڻهو فڪرمند پڻ آهن پر اها ڪا وڏي ڳالهه ناهي.

سوال: ڇا ٺاهه جي مخالفت ڪندڙ گروپن سان توهان جي اٿڻ ويهڻ جاري نه رهندي، جيئن حماس گروپ وغيره آهي؟

جواب: نه، مان نه ٿو سمجهان ته ڪو ائين ٿيندو، ڇاڪاڻ ته خطي ۽ خطي کان ٻاهر ان ٺاهه جي پليڪار ٿي رهي آهي.

سوال: مخالفن سان توهان ڪيئن منهن ڏئي رهيا آهيو؟

جواب: اسان ساڻن ڳالهيون شروع ڪري رهيا آهيون. حماس وارن ڳالهين بابت منهنجي اپيل جي سٺي موٽ ڏني آهي ۽ مان حماس جي بانيڪار شيخ احمد ياسين جي آزاديءَ لاءِ پڻ زور ڀري رهيو آهيان.

سوال: توهان جي اهڙي ڳالهه ڪان پوءِ ڇا اسرائيل ۽ ٻين عرب ملڪن وچ ۾ ڳالهه جا نوان رستا کلي پوندا؟

جواب: اسان جي ڳالهه ڪان پوءِ عمان سنئون سڌو اسرائيل سان ڳالهه ڪيو آهي. مون کي اميد آهي تہ لبنان ۽ شام بہ ساڳئي گس تي هلندا.

سوال: نار جنگ ۾ پي- ايل- او پاران صدر صدام حسين جي حمايت ڪرڻ تي ڪيترين ئي عرب رياستون توهان سان ناراض ٿي ويون هيون. ڇا هينئر ڪان سرچاءَ جي هير کهلي آهي؟

جواب: اسان هڪ نئين باب جي شروعات ڪرڻ چاهيون ٿا ۽ اسان کي انهن سيني جي مدد جي گهرج آهي. مان اسرائيلي سان ڳالهه بابت ٻين سان گڏ سعودي عرب جي شاهه فهد ۽ عمان جي سلطان قابوس کي آگاهي ڏني آهي ۽ هنن حمايت پڻ ڪئي آهي.

سوال: ڇا توهان نيون ذميواريون سنڀالڻ لاءِ تيار آهيو؟

جواب: گهبرائڻ جي ڪابہ ڳالهه ناهي، ڇاڪاڻ تہ فلسطينين ڪيترن ئي عرب رياستن کي جوڙڻ ۾ اثرائتو ڪردار ادا ڪيو آهي.

سوال: ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي تہ پي- ايل- او پاران ٻين فلسطيني اڳواڻن سان سهڪار وڃي سامرو انتهائي ڏکيو بڻجي ويندو. توهان جو ڇا خيال آهي؟

جواب: ڪين اسان جي لاڳاپن بابت ڪابہ پروڙ ناهي. پي- ايل- او فلسطيني عوام جي سڃاڻ آهي ۽ ان جا ڪيترائي ڪيډر آهن، ميڊرڊ ۾ ٿيل ڳالهين لاءِ فلسطيني وفد جي شرڪت بابت مون حڪم جاري ڪيو هو پر ان کي، ان وقت ڳجهو رکيو ويو هو. پر پوءِ بہ هن وقت اسان کي پنهنجن ادارن جي ٻيهر جوڙجڪ جي گهرج آهي تہ جيئن ڏکي ڪان ڏکي ذميواري سنڀالڻ واري چئلينج کي منهن ڏئي سگهجي.

سوال: فلسطيني ۽ اسرائيلي ورهين ڪان هڪ ٻئي جا دشمن رهيا آهن. توهان پاڻ بہ ڪيترائي سال اسرائيل سان جنگ ڪئي آهي. هينئر ڪهڙي تبديلي آئي آهي؟

جواب: ڪيترن ئي ورهين ڪان مان اسرائيلين کي امن لاءِ مٿو هڻي رهيو آهيان. امن لاءِ مضبوط مڙسن جي گهرج هوندي آهي، سي هينئر ياسرعرفات ۽ رابن آهن. جنگ شروع ڪرڻ هر هڪ ماڻهو لاءِ ڏاڍي سولي ڳالهه هوندي آهي پر امن قائم ڪرڻ هڪ ڏکي ڳالهه آهي. هينئر نئين عالمي نظام جو دور آهي

اسان ٻـ هڪ عرب قوم ۽ فلسطينين جي حيثيت ۾ ان نظام جو هڪ حصو بڻجڻ چاهيون ٿا.

ان کان اڳ ۾ قاهره جي اخبار الحيات کي پهرين خاص انٽرويو ۾ ياسرعرفات چيو تـ "ايگزيڪيٽو ڪاميٽي جا ميمبر جيڪي اسرائيل ۽ فلسطينين جي وچ ۾ ٺيل ٺاه جي مخالفت ڪري رهيا آهن، اهي ٺاه جي روح کي سمجهن ئي نٿا" هن چيو تـ "همعصر تاريخ ۾ پهريون ڀيرو آزاد فلسطين پنهنجي جهنڊي هيٺ آزادي ماڻيندو." هن چيو تـ "اها امن ڀري بهادري آهي ۽ وڏيڪ بهادري ان ٺاه تي عمل ڪرڻو هوندو" هن وڌيڪ چيو تـ فلسطينين ۽ اسرائيلين جي وچ ۾ ٺيل ٺاه تي عرب دنيا سرهائي جو اظهار ڪيو آهي صرف شام جي حڪومت کي ڪجھ Reservations آهن. ياسرعرفات چيو تـ "شام کي اهو حق آهي تـ هو Reser-vations رکن پر ساڳي وقت کين اهو قبول ڪرڻو پوندو تـ ٺاه ۾ ناڪاري پاسن کان وڌيڪ هاڪاري پاسا آهن." ياسرعرفات چيو تـ اسرائيل ۽ فلسطينين جي وچ ۾ ٿيندڙ ڳجهين ڳالهين کان آمريڪا ۽ روس ۽ ٻين ڪجھ "عرب دوستن کي علم هو." عرفات چيو تـ "اسان آمريڪا جي صدر بل ڪلنٽن جا ٿورائتا آهيون جنهن جي خاموشي سان ادا ڪيل ڪردار سبب موجوده ٺاه تي سگهيو. هاڻ اسان کيس گذارش ڪنداسين تـ هو اسان جي سياسي، اخلاقي ۽ معاشي مدد ڪري."

هن ان تنقيد کي ٺڪرائي ڇڏيو آهي جنهن تحت مٿس اها تنقيد ڪئي پئي وڃي تـ هن ٺاه ۾ انتهائي حساس معاملن، والاريل علائقن ۾ عرب آبادڪارن بابت ڪوبہ فيصلو نـ ڪيو ويو آهي. هن چيو تـ صورتحال جيئن جو تيئن جاري رهي تـ ڪو ٺاه ٿي ويندو. هن فلسطين جي انقلابي اڳواڻ احمد جبريل جنهن کيس قتل ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني هئي، جي ٽالي چيو تـ کيس اهو نـ وسارڻ گهرجي تـ ماضي ۾ هن لاءِ عرفات ڇا نـ ڪيو. ياسر چيو تـ احمد جبريل کي ياد رکڻ گهرجي تـ موت کيس ڪيترا ڀيرا موت جي منهن مان ڪڍيو. ڇا مان کيس نـ بچايان ها؟ هن چيو تـ مون پنهنجن مخالفن کي چيو آهي تـ هو اچن ۽ اچي فلسطين جي تعمير ۽ ترقي لاءِ سندس هٿ ونڊائين. هوڏانهن پي- ايل- او جي ايگزيڪيٽو ڪاميٽي اسرائيل ۽ فلسطين جي وچ ۾ ٺيل ٺاه کي جديد دنيا ۾ فلسطينين جي حقن جي تحفظ جو سودو سڏيو. (خليج ٽائمز جي ٿورن سان)

سنڌيڪا جا اينڊڙ ڪتاب

زنده تاريخ جا زنده خط

ڪليم لاشاري

خطن جي سوانحي اهميت تي شاهڪار ڪتاب، جنهن ۾ انگريزي، اردو ۽ سنڌي ۾ شايع ٿيل خطن جو ڀرپور مطالعو پيش ڪيو ويو آهي. حسن ۽ عشق، قيد ۽ بند، سياست، نظريي ۽ شخصيتن جي نجي زندگي جي نفيس پهلوئن تي خطن جي دل لڀائيندڙ دنيا مان واضح ٿي ايرندڙ سوانح حيات، جنهن ۾ ونسنٽ فان گو، هينري جيمز، پشڪن، ڪافڪا، ابوالڪلام آزاد، غالب، شبلي نعماني، علامه آءِ آءِ قاضي، جي- ايم- سيد، پير علي محمد راشدي، شيخ اياز، طارق اشرف ۽ ٻين شخصيتن جي زندگي جون نه وسرندڙ يادگيريون شامل آهن.

ڇاتين جي سائنسي ڇاڻ

علي مرتضيٰ ڌاريجو

ارڙه ڇا آهن ۽ ڇا لاءِ؟ سماج ۽ ارڙه، ارڙه ۽ سيڪس، ٿڻن تي پالنا ڪرائڻ، ارهن جون عام تڪليفون، ارهن جي ڪينسر ۽ اهڙن ٻين موضوعن تي جڳ مشهور ڪتاب The Breast جو ترجمو، جنهن ۾ سنڌيڪار مقامي حالتن جي حوالي سان سهنجي ۽ سريلي ٻوليءَ ۾ ارهن جي اسٽوري مڪمل ڪئي آهي.

سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا

اشتياق انصاري

ڪوٽن ۽ قلعن جي تاريخي هيٺت، حيدرآباد، عمرڪوٽ، رتوڪوٽ، دهليل ڪوٽ، ڪيرٿر جي ڪوٽ ۽ قلعن تي سالن جي محنت سان تيار ٿيل ڪتاب، جنهن ۾ انهن ڪوٽن جي بنيادن کان وٺي ڪنڊر بڻجڻ تائين تاريخي حوالن سان تفصيل ڏنل آهن.

مذهب جو فلسفو

مولانا عبيدالله سنڌي

مولانا عبيدالله سنڌي وٽ سڀيئي مذهب بنيادي طور تي انساني وحدت جا پرچارڪ رهيا آهن. وحدت الوجود، انسان دوستي، انسانيت جي بنيادي اخلاقن، تصوف، نظريه تمدن، اسلامي فڪر ۾ قومي ۽ ملڪي لاڙن جي موضوعن تي مشتمل مقالن جو بهترين انتخاب.

سنڌيڪار: رحيم داد راهي

گروميڪو جون يادگيريون

روس جي مسلسل ٢٥ سال خارجه معاملن جي اهم عهدي تي فائز شخص جون يادگيريون، جنهن ۾ ويهين صديءَ جي عالمي سياست جي لاهن چاڙهن، روس ۽ ٻي سوشلسٽ دنيا جي انقلابن، قومي آزادي جي تحريڪن، مغربي ۽ مشرقي دنيا جي تضادن، سرد جنگ، ٽين دنيا ۽ وچ اوير جي متعلق وڏين طاقتن جي رويـن ۽ ٻين انيڪ موضوعن تي ڀرپور ڇاڻ، عالمي سياست جي رمزن ۽ ڊپلوميسيءَ تي ڀرپور دستاويز.

آئون خُدا جو قسم ٿو کڻان
آئون پنهنجي مرتبي
۽ عقيدن جو قسم ٿو کڻان
آئون قسم ٿو کڻان
ته پنهنجي پوري سچائيءَ سان
فلسطين لاءِ ارپيل رهندس
ته آئون فلسطين جي آزاديءَ لاءِ
سرگرميءَ سان ڪم ڪندو رهندس
ته آئون اهو سڀ ڪجهه ڪندس
جيڪو منهنجي وس ۾ هوندو
آئون فتح جا راز ڪنهن تي به پڌرا نه ڪندس
هي رضاڪاراڻو قسم آهي
۽ خُدا منهنجو گواهه آهي

Sindhica
سنڌيڪا